# مشكاة المصابيح

للعلامة محمد بن عبدالله الخطيب التبريزي رحمه الله

ترجمته باللغة السندية

ترجمه

الشيخ امام الدين جونيجو

## جلد پهريون

العناية

تحت إشراف المركز الإسلامي للبحوث العلمية ،

كراتشي باكستان

# پيش لفظ

علم حديث جي شائقين لاءِ اها ڳالهه انتهائي مسرت ۽ خوشيءَ جهڙي آهي، جو گلستان حديث جي هڪ گلابي گل يعني مشڪوٰة المصابيح جو سنڌي ترجمو ٽن جلدن ۾ مڪمل ٿي عوام الناس جي هٿن تائين پهتو آهي. انهيءَ عظيم نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ اسان وٽ الفاظ نه آهن، جن سان اسان ﷲ رب العالمين جي اڻ ڳڻيل احسانن جو حق ادا ڪري سگهون.

اشاعت حديث جو هي ڪارنامو پنهنجي وقت جي مجاهد ۽ حاتم طائي حاجي صاحبڏنو ڏيپلائي ميمڻ جي ترغيب ڏيارڻ سان سندس ساٿي ۽ نامور عالم دين استاذي المڪرم مولانا محمد عمر جوڻيجو رحمة الله جن شروع ڪيو. پاڻ مشڪوٰة جي ابتدا کان ”ڪتاب الدعوات“ جي آخر تائين ترجمو ڪيو. انهيءَ کان پوءِ سعادت مولانا امام الدين جوڻيجو جي نصيب ۾ آئي، جنهن موصوف ”ڪتاب المناسڪ“ کان پڇاڙي تائين پاڻ ملهايو.

فرمان نبويﷺ مطابق انسان جي مري وڃڻ کان پوءِ ان لاءِ صدقه جاريه جا ٽي قسم آهن، جن مان هڪ نيڪ ۽ صالح اولاد آهي. والدين جي نيڪ تربيت سبب هو جيڪا به چڱائي ڪري ٿو ته والدين کي از خود ثواب ملندو رهندو. حاجي صاحبڏني پنهنجي اولاد کي جيڪو نيڪيءَ ۽ خدمت حديث جو جذبو ڏنو اهو مدت مديد جي گذرڻ باوجود ساڳيءَ گرم جوشيءَ سان روان دوان آهي. ﷲ تعاليٰ جزاءِ خير ڏئي سندن لائق فرزند حاجي عبدالرحيم صاحب کي جنهن جي شوق، جذبي ۽ بي حد اصرار سبب سالها سال جي محنت کان پوءِ اڄ الحمدلِله مشڪوٰة جو مڪمل ترجمو اسان جي مادري زبان ۾ شايع ٿي رهيو آهي. موصوف سدائين تاڪيد ڪندو رهيو ته پٽ! زندگي جي خبر نه آهي. ته ڪيتري آهي، تنهن ڪري توهان سستي ڇڏي ڪمپوزنگ ۽ پروف ريڊنگ مڪمل ڪري وٺو ته جيئن اسان ڇپائي جو انتظام ڪريون. ائين ڪجهه مخلصدستن جي تعاون سان مشڪوٰة شريف سنڌي ترمي سان پهريون ۽ ٻيو جلد ڇپئي مفت تقسيم ڪيو ۽ مسجدن، مدرسن ۽ ڪتب خانن کي بطور خاصڏنو ويو. ساڳي ريت ٽيون جلد به يارنهن سو ڪاپيون مفت ۽ في سبيل ﷲ تقسيم لاءِ ڇپائي رهيا آهين. انهيءَ کان علاوه ٽنهي جلد جو مڪمل سيٽ ڇپائي مارڪيٽ ۾ مناسب قيمت تي آڻڻ جي حقير ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اميد ته اسان جو پڙهيل لکيل طبقو انهيءَ مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪندو. هي سيٽ هر گهر جي ضرورت آهي تنهن ڪري گهرجي سربراهه جي ذميواري آهي ته قرآن پاڪ جي سنڌي ترجمي سان گڏ حديث پاڪ جهڙي قيمتي زيور سان پنهنجا گهر سينگارين ۽ آباد ڪن ۽ اسان جي گهرن ۾ قرآن ۽ حديث جي تلاوت ۽ تعليم جو روزانه باقاعده اهتمام ٿيڻ کپي. جنهن سان اسان جي دنيا و آخرت جي ڪاميابي مشروط آهي. هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۾ محترم سعيد احمد پنهور ۽ سندن لائق فرزند سليم احمد، خليل احمد، يوسف احمد جون محنتون ۽ ڪاوشون قابل تعريف آهن. شال ﷲ تعاليٰ سندن رزق ۾ برڪت عطا فرمائي. ان کان علاوه جن به دوستن، احبابن ۽ مخلص هن ڪم ۾ جيڪو به مالي ۽ اخلاقي تعاون ڪيو آهي انهيءَ لاءِ رب العالمين جي بارگاهه ۾ دعاگو آهيون ته ﷲ تعاليٰ سندن محنت قبول فرمائي ۽ سندن جان، مال ۽ اولاد جي حفاظت فرمائي ۽ خدمت دين ۾ اڃان به وڌائي، آمين.

25_ اپريل 2008ع

والسلام

**عبدالغفار جوڻيجو.**
گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي حيدرآباد

## سوانح مصنف مشڪوٰة المصابيح ۽ مصابيح السنة
## مولانا صهيب حيات سمون

( جلد پهريون )

# جامعه بحرالعلوم السلفيه ميرپورخاص

حديث پاڪ جو جڳ مشهور ڪتاب مشڪوٰة المصابيح جيڪو صدين کان ديني مدارس جي نصاب ۾ شامل ۽ علم حديث جي ابتدائي ڪتابن ۾ شمار ٿئي ٿو. اهو هڪ ٻئي ڪتاب مصابيح السنة کان ورتل آهي بلڪ ڪجهه واڌاري سان ساڳيو ئي ڪتاب آهي، تنهن ڪري پهرين مصابيح السنة جي مصنف جا حالات زندگي معلوم ڪرڻ ضروري آهي.

مصنف مصابيح السنة : امام بغوي جو نسب نامون هن ريت آهي: ابو محمد رڪن الدين محي السنةالحسين بن مسعود بن الفراءُ البغوي.

**لقب محي السنة جو سبب:** طاش ڪبريٰ زاده (وفات 968ھ) لکي ٿو ته امام بغوي جڏهن پنهنجو مشهور ڪتاب "شرح السنة" لکيائين ته خواب ڏٺائين ته رسول اللهﷺ جن کيس فرمائين پيا ته: "احييت سنتي بشرح احاديثي" (مفتاح السعادة ج2 ص 91 بحواله مصابيح السنة) يعني تو منهنجين حديثن جي تشريح ڪندي منهنجي سنت کي جياري ڇڏيو آهي.

انهيءَ کان پوءِ محي السنة (سنت کي جيارينڌڙ) سندن لقب مشهور ٿي ويو.

**لقب الفراءُ جو سبب:** الفراءُ جو فرءَ مادو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چمڙي جو ڪوٽ، جيئن ته امام صاحب جو ڪوٽ ٺاهي وڪڻڻ خانداني ڌنڌو هو تنهن ڪري اها نسبت به مشهور ٿي.

**البغوي:** امام صاحب جي نسبت البغوي (ب ۽ غ جي زبر سان) آهي. معروف ماهر علم الانساب امام سمعاني پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو:

"البغوي هيءَ هڪ شهر ڏانهن نسبت آهي، جيڪو خراسان ۾ مرو ۽ هرات جي وچ آهي يعني موجوده ايران ۽ افغان سرحد لڳ. جنهن شهر کي بغ ۽ بغشور چئجي ٿو ۽ هي وڏن عالمن ۽ فاضلن جو مرڪز رهيو آهي.. " (الانساب ج 2 ص254 بحواله مصابيح)

**پيدائش نندپڻ ۽ طلب علم لاءِ سفر:** تقويم البلدان جي ماهر ياقوت الحموي مطابق امام صاحب جي پيدائش جمادي الاول 433ھ ۾ ٿي.

ابتدائي علم پنهنجي شهر جي عالمن کان حاصل ڪيائين پوءِ ستاويهن (27) سالن جي عمر ۾ پاڻ هجرت ڪري مرو الروذ وسايائين ۽ پنهنجي دور جي خراسان ۾ وڏن وڏن عالمن کان علم پرايائين ۽ علم جي طلب ۾ وڏا ڏک ڏٺائين.

**فقهي و علمي مرتبو:** پاڻ پنهنجي دؤر ۾ خراسان ۾ اهل السنة جا امام هئا ۽ فقه شافعي جا پيرو ڪار هئا پر خود اجتهاد جي درجي تي پڻ فائز هئا. پاڻ وڏا عابد ۽ زاهد هجڻ سان گڏ تفسير، فقه ۽ حديث جا امام ۽ مرجع الخلائق هئا. مشهور مؤرخ تاج الدين سبڪي لکي ٿو: ﴿وكان اماما ورعا زاهدا فقيها محدثا مفسرا بين العلم والعمل سالكا سبيل السلف له في الفقه اليدالباسطه (طبقات الشافيه الكبريٰ﴾ (ج 2 ص214 بحواله مصابيح)

نيز طاش ڪبريٰ زاده پنهنجي ڪتاب ۾ رقمطراز ڪيو آهي: وكان متورعا ثبتا حجة صحيح العقيدة في الدين (مفتاح السعادة ج 2 ص 127 بحواله مصابيح)

**اساتذه:** پاڻ پنهنجي دؤر جي وڏن فقيهن، مفسرن ۽ محدثن کان علم حاصل ڪيائون، مثلاً احمد بن عبدالملڪ ابو صالح نيسابوري ان وقت پوري خراسان جو محدث هو جنهن جي وفات 470هه ۾ ٿي آهي ۽ ٻيا وڏا وڏا عالم سندن استاد هئا.

**تلامذه:** جيئن تہ پاڻ وڏي علم و فضل جا صاحب ۽ علم حديث جا محدث هئا. تنهن ڪري سندن شاگردن جو حلقو بہ تمام وسيع آهي.

**تصانيف** : سندن مشهور و معروف تصنيف ۾ تفسير معالم التنزيل شرح السنة، مصابيح السنة، الجمع بين الصحيحين اربعون حديثا، ارشاد الانوار في شمائل النبي المختار ۽ فقه ۾ ٻيون بہ انيڪ تصنيفون ڇڏيائين.

**وفات** : هن عالم آفتاب و محدث ۽ مفسر وقت جي امام ۽ سنت جي شيدائي اسي 80_ سالن کان ڪجهہ وڌيڪ عمر ۾ شوال 512هه ۾ مرو ۾ وفات ڪئي.

(2) **مصنف مشكوٰة المصابيح:** خادم حديث ولي الدين ابو عبدالله محمد بن عبدالله الخطيب التبريزي جن اٺين صدي هجري جي مشهور محدثن مان آهن. سندن حالات زندگي ڪتي بہ تفصيل سان ذڪر ٿيل نہ آهن. ڪيترائي عالم مؤرخ ۽ شارح سندن تعريف ڪندي نظر اچن ٿا. مثلاً علامہ طيبي شارح مشكوٰة چوي ٿو:

"بقية الاولياء قطب الصلحاء"

ملا علي قاري سندن ذڪر هنن علمي لقبن سان ڪندي لکي ٿو:

"مولانا حبر العلامة و بحر الفهامة مظهرالحقائق و موضح الدقائق الشيخ التقي النقي"

سندن علمي مقام لاءِ هي تصنيف مشكوٰة المصابيح وڏو دليل آهي.

جهڙي طرح سندن ولادت کان اسين لاعلم آهيون. اهڙي طرح سندن وفات جي بہ ڪنهن تصريح نہ ڪئي آهي. باقي يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ 737هه کان ڪافي پوءِ فوت ٿيا آهن، ڇوءِ تہ انهيءَ سال سندن هي شاهڪار ڪتاب مشكوٰة مڪمل ٿيو آهي. ان کان علاوه الاڪمال في اسماءِ الرجال بہ سندن مشهور تصنيف آهي.

**هڪ وضاحت:** مشكوٰة جي مصنف خطيب تبريزي جو اصل اعتماد جيئن تہ امام بغوي جي ڪتاب مصابيح السنة تي آهي، تنهن ڪري انهيءَ کان آگاهي لازمي آهي.

امام بغوي پنهنجي ڪتاب مصابيح السنة کي هن طرح ترتيب ڏنو جو پهرين فصل ۾ بخاري ۽ مسلم جون حديثون آڻي انهن جو نالو رکيائين "صحاح". پوءِ ٻئي فصل ۾ سنن اربعه جون حديثون آڻي. انهن جو نالو رکيائين "حسان".

تنبيه: امام بغوي "حسان" جي هي هڪ نئين اصطلاح قائم ڪئي آهي. ڪو بہ اهو دوکو نہ کائي تہ ٻئي فصل ۾ حسن حديثون آهن. بلڪ انهيءَ ۾ صحيح، حسن، ضعيف، بلڪ منڪر بہ موجود آهن.

هاڻي مشكوٰة جي مصنف امام خطيب تبريزي "صحاح" کي الفصل الاول جو نالو ڏنائي. اهڙي طرح "حسان" کي الفصل الثاني جو نالو ڏنائين ۽ مزيد اضافو هي ڪيائين جو انهيءَ باب متعلق جيڪي حديثون امام بغوي ذڪر نہ ڪيون آهن تن کي الفصل الثالث تحت ذڪر ڪيائين. ان ريت 1511 حديثن جو واڌارو ڪندي اصل ترتيب ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڪيائين.

**مشڪوٰة المصابيح جي معنيٰ:** مشڪوٰة ديوار جي انهيءَ گهٽ ۾ سوراخ کي چئبو آهي جيڪو دريءَ طور استعمال نہ ٿئي، بلڪ ڏيئو ۾ چمني رکڻ لاءِ ڪتب اچي ۾ مصابيح جمع آهي، مصباح جي، يعني ڏيئو، يعني ڏيئن رکڻ جو هنڌ يا جارو، ان طرح هي ڪتاب اهو ڏيئو آهي جنهن کي دل جي گهٽ يا سوراخ ۾ رکي جيئن دل جي عمارت روشن ٿئي. انهيءَ جي روشن ٿيڻ سان معاشري جي روشنائي آهي. اهوئي سبب آهي جو امام خطيب تبريزيءَ جو هي ڪتاب صدين کان داخل نصاب ۾ هر گهر جي زينت آهي.

﴿والدين کي گهرجي تہ پنهنجي هر نياڻيءَ کي هي حديث جو تحفو ڏاج طور ڏيڻ هرگز نہ وسارين ههڙو پلو ڏاج بيو آهي ئي ڪونہ.﴾

عبدالغفار جوڻيجو
لڪچرار گورنمينٽ ڪالج آف ٽيڪنالاجي
وحدت ڪالوني، حيدرآباد

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# مولوي محمد عمر جوٽيجو رحمة الله عليه

## حياتي ۽ ڪارناما

برک عالم ۽ نامور علمي شخصيت علامہ محمد عمر جوٽيجو صاحب جي پيدائش ٿرپارڪر ضلعي جي ڏيپلي شهر کان ٻہ ميل اتر طرف راڻي ويرو نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ 1906ع ڌاري ٿي، سندس والد جو نالو محمد هو، اڃان ننڍائي هئا تہ پيءُ جي شفقت کان محروم ٿي ويا. پوءِ هن يتيم ٻار جي پرورش سندس ڏاڏي ابراهيم ۽ مامي شير خان ڪئي.

سندن ننڍپڻ ٻڪريون، رڍون ۽ اٺ چارڻ ۽ ٻنين پوکڻ ۾ گذريو، جهنگ ۾ مال چاريندي جتي بہ نماز جو وقت ٿيو تہ ڪنهن مٿاهين هنڌ يا پٽ تي ٻانگ ڏيئي نماز پڙهندو هو. هر جوءِ ۾ ڪنڊن جي والار سان نماز جي جاءِ مقرر ڪيل هوندي هئي. اللّٰه تعاليٰ جيڪو تيز ۽ تکو ذهن کين عطا ڪيو هو، ان تي عقل دنگ رهجيو وڃي. هڪ دفعو حافظ عمر ميمڻ، جنهن جا اٺ بہ چاريندو هو، اهو ٻارن کي پڙهائي رهيو هو تہ پاڻ اچرج مان پڇڻ لڳو: ”سائين! هي اکر توهان سان ڳالهائين ٿا؟“ چيائين تہ: ”هائو پٽ! جيڪڏهن تون پڙهندين تہ تو سان بہ ڳالهائيندا.“

علم جي شوق ۾ مال ڇڏي حافظ اوپايو ميمڻ ۽ حافظ عمر ميمڻ وٽ قرآن پڙهڻ شروع ڪيائين 1912ع ۾ پرائمري اسڪول ڏيپلو ۾ داخل ٿيو. ذهين هجڻ ڪري پهريون ڪتاب ٽن مهينن ۾ پورو ڪيائين ۽ استاد کي چوڻ لڳو تہ منهنجو امتحان وٺو. جنهن چيو تہ پٽ! امتحان تہ ڇهن مهينن کان پوءِ ٿيندو. وڌيڪ وقت وڃائڻ اجايو سمجهي اسڪول ۾ پڙهڻ ڇڏي ڏنائين. انهيءَ زماني ۾ مولوي احمد ميمڻ هڪ اللّٰه لوڪ بزرگ ۽ وڏي تقويٰ جو صاحب هو. ڏيپلي ۾ رهندو هو. انهيءَ نيڪ صفت انسان وٽ قرآن شريف ۽ پوءِ فارسي پڙهڻ لڳو. 1920ع ۾ انگريزن خلاف جيڪا تحريڪ هلي، انجو مولوي احمد سرگرم ڪارڪن هو ۽ انهيءَ تحريڪ دوران جيل هليو ويو.

عمر کي علم جي طلب آرام ڪرڻ نہ ڏنو. سندن مائٽ پير پاڳاري جا مريد هئا ۽ مائٽن بہ مرضي ڏسي پير ڳوٺ واري مدرسي ۾ پڙهڻ جي موڪل ڏني ۽ ڪن فقيرن سان گڏ پڙهڻ لاءِ روانو ٿيو. قدرت کي شايد سندن سينو توحيد ۽ سنت جي نور سان سينگارڻو هو، پاڻ رستي مان موٽي آيا. ڳوٺ کان بہ دفعا بدين جو رخ ڪيائين. پر سندن چاچو گل محمد رستي مان پيرا کڻي، يتيم ڀائٽي کي مارڪُٽ ڪري واپس وٺي آيو. ٽيون دفعو مائٽن کان لڪي پيرين پيادو سجاول پهتو ۽ مدرسه هاشميه ۾ علم حاصل ڪرڻ لڳو. سندن ماءُ ۽ چاچو سجاول وٽس آيا ۽ ڳوٺ هلڻ لاءِ زور پريائون ۽ شاديءَ جي لالچ ڏنائون. ليڪن پاڻ صاف انڪار ڪري ڇڏيائين. انهيءَ دور ۾ آبادي گهٽ هئي ۽ زمينون غير آباد هيون. رستا سڃا ۽ ويران، بگهڙ ۽ ٻيا جانور عام هئا، جيڪي ماڻهن تي حملو ڪندا هئا. ڪيس ماڻهو چوندا هئا تہ اڪيلو اچين ۽ وڃين پيو، بگهڙن کان بہ ڪونہ ٿو ڊڄين؟ چوندو هو تہ هن رستي ۾ ۽ خدا جي راهہ ۾ مري وڃان ٻيو ڇا کپي؟ رات جنهن بہ ڳوٺ ۾ پئي تہ مسجد ۾ قيام ڪندو هو. سجاول کان علاوه رپ، ٺوها ۽ ڪڍڻ ۾ بہ ڪجهہ وقت تعليم ورتي اٿن.

مدرسه هاشميه جو باني ۽ مهتمم هڪ خدا ترس ۽ نيڪو ڪار شخص سيد عبدالرحيم شاهہ هو. ساليانو امتحان مولانا محمد صادق کڏي وارو ۽ مولانا دين محمد وفائي (وفات1369هہ) جهڙا نالي وارا عالم سگهڙا وٺندا هئا. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو شاگرد ۽ سائين پروفيسر احمد علي انصاري (سابق پرنسپل اسلاميه ڊگري ڪاليج هالا) جو والد مولانا محمد اڪرم انصاري هالائي تڏهوڪي زماني ۾ مدرسه هاشميه جو صدر مدرس هوندو هو.

ذڪر هليو پئي سائين مولوي محمد عمر جوٽيجو مرحوم جي استادن جو، پاڻ سجاول ۾ هالائي صاحب کان علاوه قرآن شريف جو ترجمو مولوي فتح علي وٽ، فقه جو علم محمد عثمان کٽيءَ وٽ ۽ دوره حديث مولوي علي محمد درس وٽ پڙهائين. پاڻ ست سال مدرسه هاشميه ۾ ڏينهن رات جي محنت سان پڙهيا. 1927ع ۾ دستار بندي حاصل ڪيائون. جن عالمن کين پڳ ٻڌائي، انهن ۾ مولانا حاجي احمد ملاح (وفات 1398هہ) مولوي غلام علي، مولوي محمد عمر ۽ ٻيا ناري جا علماءَ بہ شريڪ هئا. ساڻن گڏ جن دستاربندي ڪئي، انهن ۾ مولوي خير محمد لنڊ بلوچ، مولوي عبدالرحيم هنگورجو جنائي، مولوي محمد سالم جوٽيجو ۽ مولوي پير غلام علي ميرپور ساڪري وارو شامل هئا.

مولوي محمد عمر جوٽيجو سجاول مان پڳ ٻڌڻ بعد ماتليءَ لڳ ڳوٺ ملهڻ ۾ ڪجهہ وقت پڙهائڻ شروع ڪيو. ان کان پوءِ مولانا حاجي احمد ملاح جي مدرسه مظهر العلوم بدين ۾ مدرس مقرر ٿيو ۽ 20_روپيہ ماهوار کين پگهار ملندو هو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ سيٺ طالب صديقاڻي جي ساڻن ملاقات ٿي، جنهن زور ڀريو تہ اسان کي عالم جي ضرورت آهي، مدرسو بہ کوليون ٿا. توهان مهرباني ڪري اچو جو زور ڀريو تہ توهان جو ڳوٺ بہ ڏيپلي لڳ آهي. مولوي صاحب هڪ مهيني جي مهلت گهري، جيئن بدين جو مدرسو ٻئي جي حوالي ڪري سگهي، سيٺ طالب بہ ڏيپلي وارن سان ڳالهائي پڪ ڪري بدين واپار سانگي آيو ۽ مولوي صاحب کي وٺي ويو. اها ڳالهہ 1930ع جي آهي. ٻيءَ روايت مطابق کين مولوي احمد ميمڻ (سنڌن استاد) جي ڳُهرمطابق حديث، منطق ۽ فلسفي جو ڪيس مطالعو ڪرائڻ لاءِ ڏيپلي ۾ گهرايو ويو. پگهار 20_ روپيہ حاجي صاحبڏنہ ڏيندو هو.

حاجي صاحبڏني کي مدرسي سان خاص انسيت هئي، جنهن ڪري بہ ڪمرا مدرسي لاءِ ٺهرايائين، جن ۾ مولوي صاحب ديني تعليم ڏيندو رهيو. انهن جي رهائش مدرسي وارن ٻن ڪمرن ۾ هئي. ماني شهر مان فقر ڪري کائيندا هئا. جيڪڏهن طالبن کي شهر مان فقر نہ مليو تہ حاجي صاحب ڏنو پنهنجي گهر وارن جي پڪل ماني بہ کٽي ڪتابين کي ڏئي ڇڏيندو هو عيد براد ڪپڙن جو جوڙو بہ ڏنو ويندو هو.

حاجي صاحبڏنو عالياڻي (وفات : 1957ع) جو ذڪر نہ ڪرڻ سراسر نا انصافي ٿيندي. هن شخص جو واسطو ميمڻ قوم سان هو. نهايت سخي، خدا ترس ۽ دين جو سچو خادم هو. خوف خدا ايترو جو بد عمل ۽ نالي جي مسلمانن کي ڏسي روئي پوندو هو تہ افسوس! خدا جي هيتري ساري خلق ۽ پاڪ پيغمبرﷺ جي هيءَ نادان امت پنهنجن گناهن سبب جهنم ۾ ويندي. مون کي تہ اهڙن انسان جو فڪر آهي، مسڪينن کي کاڌو کارائڻ فرض ۽ نہ کارائڻ پاڻ لاءِ وڏو گناهہ سمجهندو هو. انسانيت کي تڙپندو ۽ ڏکي ڏسي سندس ڏيل ڏکي ۽ لڳ کاندارجي ويندا

هئا. مولوي محمد عمر ۽ حاجي صاحب ڏنو تبليغ تي گڏجي ويندا هئا. هڪ دفعو ائين ئي تبليغ تان واپس اچي رهيا هئا ته هڪ پوڙهي جهور عورت پيادل وڃي رهي هئي. مولوي صاحب کي چيائين ته: ”جيڪڏهن تنهنجي ۽ منهنجي ماءُ هجي ته اسين پيادل ويندي ڏسي سگهون؟“ خير ڳالهيون ڪندي شهر اچي پهتا ۽ فجر نماز تي مولوي صاحب آيو ته پنهنجي ساٿيءَ کي نه ڏنائين. دل ۾ چيائين ته ﷲ پلو ڪري حاجي صاحبڏني جو، شايد واٽ ويندڙ عورت جو فڪر ٿي پيس. ٻئيءَ نماز تي جڏهن حاجي صاحبڏنو مليس ته فجر نماز تي نه اچڻ جو سبب پڇيائين. جواب ڏنائي ته اها عوررت اڪيلي ۽ پيرين پيادي پئي وئي، ان لاءِ پاڙي تي اٺ هٿ ڪري ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون به ڪنيم ۽ ڳوٺهي انهيءَ کي هٿ ڪيم ۽ اٺ تي رواني ڪري پوءِ موتي آيس . ﷲ! ﷲ! ههڙي همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان ٿر جي پٽن ۽ ريگستانن ۾ وري ڏسڻ ۾ نه آيو.

حاجي صاحبڏنو نماز جو زبردست پابند هو صرف هڪڙي نماز جي ضايع ٿيڻ جي افسوس ۾ انهيءَ زماني جي روينيو ڪلارڪيءَ کي لت هڻي، نوڪريءَ کي خيرباد چئي واپار ڪرڻ لڳو. ﷲ تعاليٰ وڏي برڪت وڌي ۽ جلدي ريزڪي دڪاندار ٿيو. ٻئي طرف مولوي محمد عمر جوٽيجو کي اها ڳالهه پسند نه هوندي هئي ته ڪنهن جي اڳيان هٿ ڦهلائي، ان ڪري مدرسي لاءِ سرڪار کان گرانٽ منظور ڪرايائين، پرائمري اسڪول ۾ هڪ ڪلاڪ قرآن ماستري به ڪيائون جنهن جا ڪين انهيءَ زماني ۾ 10 روپيا ماهوار ملندا هئا. بعد ۾ هاءِ اسڪول ۾ عربيءَ جا استاد به مقرر ٿيا، ان ڪري روزگار ۽ گذر سفر سولائيءَ سان ٿيندو هو. چوندا هئا ته خيرات وننڌڙ عالم حق چئي نه سگهندو، تنهن ڪري عالم کي پنهنجو روزگار هئڻ گهرجي. عربي ٽيچريءَ جو گهڻو حصو ته ڏيپلي جي هاءِ اسڪول ۾ رهيا، پر اهلحديث ۽ احناف جي چڪتاڻ ۽ توحيد سنت جي پرچار سبب 1920ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾ ڇهه مهينا ننگر پارڪر جي لاءِ ڪين بدلي ڪيو ويو. سندن فرزند حاجي احمد علي ٻڌايو ته بابا کي جڏهن ننگر بدلي ڪيو ويو ته رستي ۾ پنهنجي ديرينه دوست مولوي گل محمد هنگورجو (وفات: 1387هه) وٽ اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ ڏيپيار ۾ وڃي ترسيو. موصوف مولانا پڇمي، ملاح ۽ مولوي محمد صادق ڪڏي واري وانگر دارالعلوم ديوبند جو فارغ عالم هو، وڏو توڪلي ۽ پرهيز گار شخص هو. نماز ۾ سورة فاتحہ پڙهندي ايترو ته روئندو هو جو سورت پوري ڪرڻ مشڪل ٿي ويندي هيس ۽ بيحال ٿي پوندو هو. مولوي صاحب ڪيس حقيقت حال ٻڌائي تڏهن مولوي گل محمد اٺ آنا بابا کي ڏيڻ چاهيا ته هي ونو.بابا انڪار ڪيو ته نه، توهان پاڻ وٽ رکو، مولوي صاحب وراڻيو ته: ” منهنجي نظر ۾ اڄ توهان کان وڌيڪ انهن جو ڪو حقدار ناهي، جو ميمڻن توکي بدلي ڪرايو آهي، دين جي مخالفت سبب ۽ تون وري دنيا جي پويان ننگر جا جبل جهاڳڻ پيو وڃين.“ بابا وراڻيو ته: ”توهان بلڪل حق ۽ سچ چئو ٿا، برابر اها منهنجي ڪمزوري آهي. پر ڳالهه هيءَ آهي ته انهيءَ پگهار مان منهنجي ٻچن جو داڻو پاڻي ۽ دال روٽي آرام سان ٿي ويندي آهي رب سائين مون کي سوال ڪرڻ کان بچايو آهي ۽ نٿو چاهيان ته ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيان.“ ننگر کان پوءِ ڪجهه وقت ڊورو نارو هاءِ اسڪول ۾ به نوڪري ڪئي اٿن. نوڪريءَ جا آخري سال ڏيپلو هاءِ اسڪول ۾ رهيا ۽ اتان ئي 1972ع ۾ رٽائر ڪيائون. پڇاڙيءَ تائين پينشن کڻندا رهيا.

ڏيپلو ۾ مدرسه جو باني حاجي صاحبڏنو هو. جنهن کان بعد 1958ع ڌاري هڪ پلاري ۽ سگهڙي عورت ، جيڪا صحابيات جي نقش قدم تي هلڻ واري هئي، يعني امان مريم منواڻي (وفات 1979ع)هيءَ نيڪ بخت هئي ته عورت ذات، پر گوءِ گهڻن مردن کان کٽي ويئي. دين جي محبت ۽ سچي جذبي سان سرشار هئي. انهيءَ سچائي ۽ اورچائي اهو ڏينهن به آندو جو پنهنجا ذاتي زيور وڪرو ڪري مدرسه دارالحديث و القرآن جو بنياد وڌائين. سندس ديني پاءُ مولوي محمد عمر جوڻيجو تا وفات صدر مدرس رهيا، انهيءَ مدرسي لاءِ ناقابل فراموش خدمتون مولانا عبدالخالق نهڙي، سائين محمد احمد سمون، سائين حافظ محمد کٽي، سائين مولوي عبدالغني پسايو ۽ مرحوم عبدالرحيم لوڌو جون به آهن. امان مريم جي وفات کان بعد سندس لائق فرزند ادا مشتاق احمد منواڻيﷺ انهيءَ اداري جي متولي طور پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون. افسوس جو پاڻ اڻ مندائتي وڇوڙي سبب 29_ فيبروري 2008ع تي جدائيءَ جو داغ ڏئي هميشہ لاءِ اسان کان موڪلائي ويا. پاڻ روڊ حادثي جو شڪار ٿيا. جنهن ۾ ساڻن گڏ سندن اهليہ ۽ سالي به وڃي پنهنجي خالقِ حقيقي سان مليون شال ﷲ تعاليٰ کين غريقِ رحمت ڪري ۽ سندن بشري لغزشون معاف فرمائي، اڄ به اهو مدرسو قائم آهي. شال ﷲ تعاليٰ انهيءَ کي تادير قائم رکي ۽ انهن نيڪو ڪار هستي لاءِ نجات جو ذريعو ۽ صدقہ جاري جو سبب بنائي. آمين!

مولوي صاحب جنهن زماني ۾ ڏيپلو اچي وسايو، ان زماني ۾ سنڌ مان قرآن حديث جي تعليم ناپيد هئي. شرڪ ۽ بدعت جو دور دوره هو، بي علمي ۽ جهالت جا ڪڪر ڇانيل ۽ ملڪ شرڪ ۽ ڪفر جي ور چڙهيل هو. انسانيت تقليد جي طوقن ۽ پيري مريدي جي انڌيرن ۾ غرق هئي. اهل توحيد جو نالو ۽ نشان نہ هئڻ جي برابر هو. اهڙين حالتن ۾ ﷲ تعاليٰ جي رحمت جوش ۾ آئي ۽ توحيد جي للڪار جو پڙاڏو ٿر جي بيابان ۽ صحرائن کان گونجندي سنڌ واسين تائين پهتو، نتيجي ۾ شرڪ ۽ ڪفر جي ڪارنهن هيٺ آيل سينا صاف ۽ اجاگر ٿي، توحيد ۽ سنت جي نور سان منور ٿيا. جهڙي نموني عرب جي سرزمين تي محمد بن عبدالوهاب نجدي ۽ سندس رفقاءَ توحيد ۽ سنت جي جهنڊي کي ڦرڪايو، اهڙيءَ طرح ٿر ۽ سنڌ تائين توحيد واري جهنڊي کي بلند ڪرڻ جو سهرو داعي توحيد مولانا عبدالرحيم پچمي، حافظ قرآن مولانا محمد عمر جوڻيجو، مولانا حاجي احمد ملاح، مولوي گل محمد هنگورجو، مولوي علي محمد جوڻيجو، حاجي صاحبڏنو، امان مريم ۽ سيد بديع الدين شاهہ راشديﷺ جي حصي ۾ اچي ٿو.

مولوي صاحب پنهنجي ساري حياتي توحيد ۽ سنت جي پرچار ۽ دين جي دعوت ۽ تبليغ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ڏيپلي جا ماڻهو بت پرست، قبرن جا پوڄاري مقامن تي جاتون ۽ ميلا لڳائيندا هئا. پاڻ ۽ سندن ساٿي حاجي صاحبڏني تعلقي ڏيپلي جا دورا ڪري اهي ميلا وغيره بند ڪرايا. اهڙيءَ طرح مٺي تعلقي ۾ به سندن تبليغ وڏو ڪم ڪيو ۽ ڪافي ڳوٺن ۾ ديني شعور ۽ انقلاب آيو ۽ انهيءَ جي ترجماني ڪندي مولوي گل محمد چوي ٿو:

مهراڻي جا ماڻهو شرارت ۾ شيطان
عمر جي علم ڪيو انهن ۾ ايمان

ڪفر جا اهي نشان مٽائڻ ۾ سندن حڪمت عملي ۽ مصلحت ۽ امن پسندي ڪارائتي ثابت ٿي. پاڻ انهيءَ وقت جي با اثر شخصيت جي ڀرپور تائيد ۽ حمايت حاصل ڪئي. شال ﷲ

تعاليٰ انهن کي غريق رحميت ڪري. انهن ۾ ارباب حاجي الجهڙيو (وفات 1988ع) ارباب تاج محمد (هي صاحب بہ نهايت پاڪباز رهڻ وارو ۽ تهجد گذار شخص هو) ۽ مير صاحب خان ڪڏاري وارو شامل آهن. تہ ۾ توحيد جي دعوت جيئن ئي زور ورتو ان جي مخالفت ۾ مشرڪن ۽ بدعتين وڏو طوفان ڪڙو ڪيو. مولوي علي محمد ڏونجهائيؒ تہ بلڪل پنهنجي استاد پچمي صاحب جي نقش قدم تي دعوت جو ڪم ڪيو. حق ۽ سچ چوڻ تہ ڪير هن شخص کان اچي سکي. جرات ۽ بهادري ۽ ديني غيرت ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. ڪافي عرصو مٺي هاءِ اسڪول ۾ عربي ٽيچر بہ ٿي رهيو. اتي بہ توحيد جي دعوت مقصدِ اول رهيس، جنهن ڪري ڪافي شاگردن سندن اثر ورتو ۽ انهن اڳتي هلي مسلڪ اهلحديث جي وڏي پيماني تي پرچار ڪئي. مولوي محمد عمر جوٽيجو سندن خدمات جو ذڪر ڪندي چوندو هو تہ: " مولوي صاحب جي علم کان تہ آئون واقف هئس، پر جڏهن کان پچميءَ جو پاڇو پيس تہ رچي لال ٿيو ۽ مڙني کان گوءِ ڪٽي ويو."

اهو دور اهل حق جي لاءِ آزمائش جو دؤر هو. طرح طرح جي لقبن سان ڪين نوازيو ويو. ڪڏهن وهابي، ڪڏهن نجدي تہ ڪڏهن بي دين سڏيو ويو. ڪنهن مسجد ۾ نماز پڙهيائون تہ ان کي ڌوتو ويو. نفرت ۽ ڌڪار جي روش بہ انتها تي پهتل هئي. نالي جا مسلمان پنهنجن ٿانون ۾ ڪاڌو ڪارائڻ پسند نہ ڪندا هئا، ڪنهن هندو کان بہ ايتري نفرت نہ ڪئي ويندي هئي، جيتري هنن توحيد ۽ سنت جي شيدائين کان هوندي هئي. تاريخ انهيءَ ڪشمڪش کي فيصلہ ڪن موڙ تي آندو. جو مولوي علي محمد جي بدعتين کي للڪارڻ سبب مخالف مجبور ٿي. مناظري جو مطالبو ڪرڻ لڳا تہ جيڪڏهن توهان حق ۽ سچ تي آهيو تہ پنهنجا عالم گهرايو ۽ اسين بہ پنهنجا عالم ٿا گهرايون، پوءِ ڏسون تہ ڪير ٿو کٽي؟ نيٺ مناظري جو چيلنج منظور ڪيو ويو ۽ اهل توحيد ۽ اهل بدعت جي درميان ڳوٺ ڏونجهہ ۾15-16 ڊسمبر 1943ع مطابق 16-17 ذوالحج 1362ھ تي هڪ مناظرو ٿيو. انهيءَ مناظري جو مقامي طرح سڄو انتظام مولوي علي محمد رحمه الله ڪيو هو. جنهن ۾ توحيد جو پرچم پچمي عبدالرحيم، مولانا محمد عمر جوٽيجو، عبدالعزيز عرب ۽ ٻين عالمن جي هٿ ۾ هو ۽ مخالفن جي سرواٽي پير غلام مجدد شڪارپوري ۽ ٻيا ملان مولوي ڪري رهيا هئا. انگريز سرڪار جا بالا آفيسر ڪليڪٽر تائين امن امان کي قائم ڪرڻ لاءِ موجود هئا. چند مسئلن تي فريقين جون تقريرون ٿيون. هڪ ٻئي جي دلائل کي توريو ۽ پرکيو ويو. آخر فتح حق جي ٿي. پچمي ۽ عرب بہ تقريرون ڪيون. مولوي محمد عمر بيشمار قرآني آيتون پيش ڪري مخالفن کي لاجواب ڪري ڇڏيو، جن مولوي صاحب جون تقريرون ٻڌيون هيون، اهي سندن علمي قابليت ڏسي دنگ رهجي ويا. بيشڪ مولوي صاحب مناظري جو شهسوار هو.

انهيءَ مناظري سنا اثر ڇڏيا ۽ ماڻهن جا ذهن کلي پيا تہ اسان گمراهيءَ ۾ هئاسون. پر هي قرآن حديث جي ڳالهہ ڪن ۽ حق چون ٿا. حاجي صاحبڏنو ميمڻ انهيءَ مناظري ۾ خود شريڪ ٿيو ۽ سڄي ڪارروائي قلمبند ڪيائين، جيڪا بعد ۾ ”مناظره ڏونجهہ“ جي نالي سان شايع ٿي. انهيءَ مناظري ۾ مولوي گل محمد شريڪ نہ ٿي سگهيو هو، پر جڏهن ان جي تحرير وٽس پهتي تہ سائين مولوي صاحب کي خراج تحسين پيش ڪندي چيائين:

پڙهيم ڪالهہ ڪاپي مناظري سنڌي، راڻي ويرو ويو جنهن ۾ وڪ وڌي،
ٿيو جنهن ۾ پيدا جوڻيجو جوان، بهادر اڪابر عمر جا نشان،
چيا عالمن قول سيني سنا، جوڻيجي جا گفتا موضوع تي چٽا،
يارهن آيتون پيش ڪيائين پير ڪي، هٿايائين بدعت جي وير ڪي.

مولوي صاحب پنهنجي زندگي دين لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. تنهن ڪري هڪ طرف تبليغ جو سلسلو جاري رهيو، تہ ٻئي طرف ديني تعليم بہ ڏيندا رهيا، جنهن ڪري ڪافي شاگرد تيار ٿيا، جن بہ پنهنجو فرض نڀايو. جتي ضرورت مناظري جي ٿي تہ اهو ميدان بہ خالي نہ ڇڏيائون. انهيءَ طريقي سان انهيءَ دؤر ۾ سنڌي زبان ۾ ديني لٽريچر ۽ ديني ڪتاب نہ هئڻ جي برابر هئا. پاڻ اها ضرورت محسوس ڪندي حديث جي مشهور ڪتاب مشڪوٰة المصابيح جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ تشريح لکڻ شروع ڪيائون. سنت جي شيدائي حاجي صاحبڏني جي دولت، پاڪ پيغمبرﷺ جي حديثن ڪي ڇپائڻ لاءِ هر وقت وقف هئي. انهيءَ ڪري 1953ع ۾ مشڪوٰة جا ابتدائي بہ جلد شايع ٿيا. اڄ اڌ صديءَ جي تيز و تند تبديلين ۽ زماني جي لاهن چاڙهن ڪان پوءِ وري بہ ان ڪتاب جي ٻيهر ڇپائي جي سعادت حاجي صاحبڏني جي لائق فرزند ۽ دين جو درد رکندڙ هستي حاجي عبدالرحيم عالياڻي ۽ مولوي صاحب رحمه الله جي اولاد جي حصي ۾ آئي آهي، دين جي عالم ۽ سنت جي خادم ڏيپلي ۾ زندگي گذ گذاري، اڄ انهن جو اولاد حيدرآباد ۾ هڪ ٻئي جو پاڙيسري ۽ جامع مسجد خالد بن وليد اهلحديث قاسم آباد جي وڏي جذبي سان سنڀال ڪن پيا. شال الله تعاليٰ اها خدمت قبول فرمائي.

مولوي صاحب ڏيپلو جي جامع مسجد جا بنا ڪنهن معاوضي جي 40 سال پيش امام ٿي رهيا. سنڌن دوست ۽ تعليم کاتي جو آفيسر ۽ سنڌ جو نالي واور اديب محمد اسماعيل عرساڻي پنهنجي ڪتاب " سکر سيئي ڏينهن" ۾ سنڌن ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"مولوي محمد عمر جوڻيجي سان خاص دوستي ٿي ويئي. هو هڪ باعمل عالم هو ۽ ساڳئي وقت پنهنجي علم تي ڪوبہ غرور نہ هيس. ڏاڍو نهنو ۽ همہ صفت موصوف ڏسڻ ۾ آيم. جامع مسجد جو پيش امام بہ هو. جمعي جي ڏينهن خطبو بہ پاڻ ڏيندو هو ۽ پنهنجي ٺري تلفظ ۾ اهڙي تہ تقرير دلپذير ڪندو هو. جنهن ڪان مان ڏاڍو متاثر ٿيندو هئس."

جنهن جامع مسجد ڪي مولوي صاحب پنهنجي زندگيءَ جا چاليهہ سال ڏيئي، ان جي منبر ۽ محراب ڪي زينت بخشيائون انهيءَ جي مصلي ڪان قرآن وسنت جي پرچار سبب ڪين زبردستي الڳ ڪيو ويو ۽ نہ چاهيندي بہ انهيءَ ڪي الوداع چيائون. جنهن ڪري اهلحديث جماعت مجبور ٿي جدا مسجد ٺهرائي، جنهن ۾ مولوي صاحب تاحيات امامت ۽ خطابت جي منصب تي جلوه گر رهيا. مولوي صاحب ڪي قرآن سان وڏي محبت هئي، انهيءَ ڪري 1938ع ۾ نون مهينن جي قليل وقت ۾ حفظ مڪمل ڪيائون. قرآن شريف جو دور هر هفتي ۾ پورو ڪندا هئا. رمضان جي مهيني ۾ تراويح نماز ۾ ختم ڪرڻ زندگيءَ جو معمول رهيو.

انهيءَ دوران حنفي جماعت مٽياريءَ مان مولوي عبدالخالق ميمڻ ڪي گهرائي سنڌن جاءِ تي جامع مسجد جو پيش امام مقرر ڪيو. جنهن صاحب "تحفةالحديث" نالي ڪتاب شايع ڪيو، جنهن ۾ سائين بديع الدين شاه راشديؒ ۽ مولوي محمد عمر جوڻيجوؒ جي فاتحہ خلف

الامام، رفع اليدين، تراويح ۽ وتر بابت ڏنل دليل کي رد ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي ۽ بنهي بزرگن کي نازيبا لفظن سان ياد ڪيو ويو. ميمڻ صاحب جي ڪمزور دليلن جي حيثيت ڪوريئڙي جي ڄار کان وڌيڪ نہ هئي. تحفة الحديث جو مختصر جواب علامہ راشدي مرحوم 25 شعبان 1395ھ مطابق 3-سيپٽمبر 1975ع تي " تقرير لاجواب" سان ڏنو. جيڪا بعد ۾ شايع ٿي ۽ تفصيلي جواب راشدي صاحب جن " تمييز الطيب من الخبيث بجواب رساله تحفة الحديث" جي نالي سان لکيو ۽ اهو بعد ۾ شايع ٿيو.

مولوي صاحب کي ﷲ تعاليٰ خوابن جي تعبير ۾ وڏي ڄاڻ ڏني هئي. شهر ۽ ٻئي پاسي کان ماڻهو اچي وٽس تعبير پڇندا هئا. ان کان علاوه برسات ڄاڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هوائن، ڪڪرن موسم جي ڄاڻ ايتري وسيع هئن جو برسات ڏسي پري پري تائين ٻڌائيندا هئا تہ فلاڻي هنڌ تي وسي پئي ۽ فلاڻي هنڌ تي ڦرو بہ مينهن جو ڪونهي. اهو علم پنهنجي مامي شير خان کان سکيا هئا.

مولوي صاحب جي شاگردن ۾ مولوي محمد هاشم نهڙي، مولوي نصير الدين نهڙي ۽ سندن فرزند مولوي عبدالله نهڙي، مولوي عنايت الله هنگورجو، مولوي جان محمد نهڙي، سندن فرزند عبدالرحمٰن نهڙي، مولوي علي محمد جوڻيجو، مولوي محمد حيات ڪورم، مولوي عبدالرحيم عرف دريا خان راهمون، مولانا عبداللطيف ساند، عبدالمجيد ساند، مولوي محمد رمضان لنجو، مولانا عبدالعزيز راڄڙ، مولوي قادر بخش لنڊ، سائين حافظ محمد ڪٽي، سائين مولوي عبدالغني پسايو، مولوي صاحب جو فرزند ڊاڪٽر فاضل الدين جوڻيجو، مولوي عبدالرحيم لوڌو، مولوي عبدالخالق نهڙي، مولا بخش محمدي، حافظ عبدالمجيد هنگورجو، الهرڪيو ٻجير، تونجھ جا جوڻيجا ڦانٽ فارم جا سما، پيلوڙي جا سمان، پانيلي جا لنڊ ۽ سينهري ڪوهي جا نهڙي ۽ ٻيا انيڪ شاگرد شمار ٿين ٿا.

ﷲ تعاليٰ کين ٻہ دفعا حج جي سعادت نصيب ڪئي، پهريون دفعو حرمين جي زيارت جو شرف کين 1939ع ۾ عطا ٿيو، ٻيو دفعو پاڻ 1973ع ۾ پنهنجي وڏي گهر واري ۽ فرزند حاجي غلام محمد سان گڏجي ويا هئا. پهرين حج ۾ ساڻن گڏ ڏيپلي مان چار ٻيا رفيق بہ هئا. حج تان واپسيءَ تي شهر کان پنج اٺ ميل ٻاهر اچي سندن شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ويو.

مولوي صاحب جون ٻہ شاديون هيون. پهرين شادي 1930ع ۾ مبين جوڻيجي جي نياڻي سان ٿي، جنهن مان حاجي غلام محمد، حاجي احمد علي، محمد اسحاق، محمود، حاجي علي محمد ۽ ڊاڪٽر افضل ۽ چار نياڻيون پيدا ٿيون. ٻي شادي مبين جي ڀاءُ صاحبڏني جي نياڻيءَ سان ڪيائون، جنهن مان ٽي پٽ هر هڪ: فضل الاهي، ڊاڪٽر فاضل الدين، زيد ۽ ٻہ نياڻيون آهن. پنهنجي وڏي فرزند جو نالو پنهنجي پيءُ جي نالي پنيان محمد رکيائون. جيڪو 1932ع ۾ ڳوٺ سڙھ جي ڪڪائين گهر ۾ پيدا ٿيو ۽ اسڪول ۾ سندس نالو غلام محمد لکيو ويو. 63 سالن جي ڄمار ۾ 20 آگسٽ 1996 تي وفات ڪيائين.

مولوي محمد عمر جوڻيجو جي شڪل ۽ لباس جي جهلڪ قد مناسب، جسم پريل، رنگ گورو. چهرو گول ۽ خوبصورت چپن تي مرڪ، وڏن ۽ سهڻين اکين تي عينڪ پاتل. ڏند سهڻا ۽ ڪليل، مٿي تي اڪثر پٽڪو، ڪڍهن رومال يا ٽوپي، بافتو يا ڪاڏي جي شلوار قميص، گرميءَ

جي موسم ۾ پهراڻ پاتل، سرديءَ ۾ سوئيٽر پاتل ۽ گرم ڪٽو ويڙهيل، پير ۾ چمڙي جي جتي ۽ هٿ ۾ لٺ.

مولوي صاحب جي شخصيت ۽ مزاج جي عڪاسي ڪندي صاحبِ علم و قلم ۽ اسان جو اديب دوست پروفيسر مولا بخش محمدي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو:

"پاڻ سڄي ڄمار ڪنهن سان ٻاڙو نہ ڳالهايائون. هر وقت سندس مک تي مرڪ سجايل نظر ايندي هئي. متوڪل اهڙو جو مدرسه هاشميه سجاول ۾ تعليم لاءِ وڃڻ وقت سندس هڙ موڙي صرف هڪ رپيو هئي. خوش مزاج، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، مجلس جو مور، ذهين ۽ زيرڪ، دردمند دل جو ڌڻي زماني جو پارکو، انسان ذات کي محبت جو سبق سيکاريندڙ، فرات جو ٿورو وقت ننڊ ڪري باقي وقت تهجد ۾ رب اڳيان روئي گذاريندڙ، روزانو هڪ منزل قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندڙ، ههڙا مرد مانجهي وري ڪٿي ٿا هن سنسار ۾ اچن؟ روزانو رات جي پڇاڙيءَ واري حصي ۾ گهر کان مسجد تائين اڌ ميل وارو مفاصلو، هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ٻئي هٿ ۾ ٻتي ڪٽي هلندو هو. ان پنڌ دوران جنهن دردمندي ۽ دلسوزيءَ سان وڏي آواز ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪندا ويندا هئا، ان جي اظهار لاءِ الفاظ اڻ ڪافي آهن."

مولوي صاحب جي صحت تمام سٺي رهي، ڪنهن وڏي بيماري ۾ مبتلا نہ رهيا. ٿوري ڏڍ جي شڪايت رهندي هين. حياتيءَ جا آخري ڏهہ ڏينهن بيمار رهيا. ابتدا هلڪي بخار سان ٿي، پوءِ جگر جي سائي وڪوڙي وئي،جيڪا موت جو سبب بني. ڏيپلي ۾ بيمار ٿيا، جتان ڪين حيدرآباد سندن وڏي فرزند حاجي غلام محمد جوٽيجو جي رهائش گاهہ "دارالدين" تي علاج لاءِ آندو ويو. وڏا وڏا ماهر ڊاڪٽر علاج لاءِ ايندا رهيا.

چوي ٿو راقم الحروف تہ جيئن ئي مون کي سندن بيماريءَ جي خبر پئي تہ آئون ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ محمد زمان 24 ڊسمبر شام پنهنجي محسن، مربي ۽ مشفق استاد کي ڏسڻ لاءِ آياسين انهيءَ ڏينهن طبيعت ڪافي سڌرندڙ هئي، پنهنجي ٻنهي شاگردن ڏانهن شفقت ۽ محبت واري نگاه سان ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پٽن کي چيائين تہ "علم وارا آهن، انهن جو خيال ڪجو، هنن کي بسترا ۽ ڪٽون سٺي نموني ڏيو" اسان ٻنهي ڀائرن لاءِ ٻہ سؤ روپيہ خرچي ڏنائين. ٻئي ڏينهن بہ طبيعت بظاهر ڪافي بهتر ڏسڻ ۾ آئي، ليڪن ڪمزوريءَ سبب ڳالهائڻ جو ست نہ رهيو هئن.

بيماري ۽ شفا تہ ڌڻي جي وس آهي، باقي سندن اولاد، پٽ ۽ ڏيٽرون مٿن پر گهور ٿي رهيا هئا. هر وقت، هڪيا تڪيا حاضر، خدمت ۽ فرمانبرداريءَ جو حق ادا ڪيائيون. ليڪن اجل مهلت نہ ڏني ۽ طبابت امر الاهي اڳيان عاجز رهي ۽ پاڻ، پٽ ۽ پوٽا، ڏيٽرون ۽ ڏهٽا ۽ وڏو خاندان، عزيز و اقارب ۽ شاگردن جو وڏو تعداد پويان غمخوار ڇڏي 28 ڊسمبر اربع شام 1983ع تي " دارالدين" جي اڱڻ تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪندي هميشہ لاءِ ابدي آرامي ٿيا. لاڏاڻي کان چند گهڙيون اڳ هي بيت جهونگاريندا رهيا:

نہ خبر نہ خواب نڪو اوني آيو
هئا جي هٿ ڪنهن نہ ڏنو جواب
همين حساب ڪوهہ جاٽا کهڙو ٿيو.

سندن وفات جي خبر سنڌ ۾ ٽڙ ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي. سندن جسد خاڪي کي 29 ڊسمبر تي حيدرآباد کان 12 بجي منجهند جو ڏيپلي ۾ آندو ويو. ماڻهن جا هشام ۽ انبوهه گڏ ٿي چڪا هئا. سارو شهر ۽ پري پري کان عزيز قريب احباب ۽ دوست پنهنجي سائين، استاد، مربي ۽ مهربان جي آخري ديدار لاءِ جمع ٿيا هئا. جنازي نماز سندن تلميذ رشيد حافظ محمد ڪٽي پڙهائي، ڏيپلي جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو جنازو هو. حافظ قرآن ۽ تهجد گذار عالم جي جدائي سبب ڏيپلو پنهنجون رونقون ۽ بهارون وڃائي چڪو هو.

ڪيڏو شهر ڪلاچ جو مادر مون ڏنو!
هاڻي ائين ڦٽو جيئن لڳي باهه پنيور کي.

مولوي محمد عمر رحمه الله سرزمين سنڌ جو جيد عالم، تفسير، حديث فقهه، معقولات ۽ منقولات جو جتي ماهر هو، اتي سنڌي لوڪ ادب تي ايترو ته سندس دسترس هو جو هُن جي رهاڻ هيرن جو کاڻ هوندي هئي.

”قيافه شناسي“ ۽ ”علم الانساب“ ۾ مون پوري حياتي لائق احترام استاد محترم مولوي محمد هاشم نهڙيو ۽ مولوي محمد عمر جوڻيجو جهڙو پارکو ۽ ڄاڻو ڪوبه نه ڏٺو .

مولوي محمد عمر اسان ٽڙ واسين کي ڇا ڏنو؟ ان کي توري تڪي پوءِ اسان کي سندس شخصيت بابت راءِ ڏيڻ کپي. هن مثالي ماڻهوءَ جتي انيڪ جاهلن ۽ نادانن جي سينن کي علم جي جوت سان منور ڪيو، اُتي پنهنجي اولاد کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪري ثابت ڪيو ته علم جو دروازو هر هڪ لاءِ هڪ جيترو لاپائيتو آهي. تدريس ۽ تعليم ۾ هن جو پورو ٽڙ هڪ لحاظ سان شاگرد آهي. اسڪول ۾ لسان العربي سان گڏ مدرسه ۾ به آخري گهڙين تائين خصوصاً نياڻين جي دامن کي علم جي املهه سرمايه سان پُر ڪيائون. هُن جي خوش الحاني، زبان جي ميناج، تقرير جي خوشي بياني، لب ولهجه جي رواني، بي عيب ۽ با محاوره زبان و بيان، روز مره جا مثال، پهاڪن سان جتي سنڌ سونهاري جي سينڌ سينگاري ويا، اتي هن قلم ۽ قرطاس جي ڏٽي سنڌ واسين لاءِ ”مشڪوٰة المصابيح“ جهڙي مقبول عام ڪتاب جو ترجمو ۽ تفهيم سلوڙي سنڌي ۾ سنڌ واسين کي ڏئي ويا. ههڙي مرد مانجهيءَ لاءِ آئون الفاظن جي پيٽا ڏيندي شايد انصاف ڪري ڪونه سگهندس. ان لاءِ پنهنجي الفاظ علامه اقبال جي هنن دعائيه الفاظن سان ختم ڪندس:

زندگانی تھی تیری مہتاب سے تابندہ تر
خوب تر تھا صبح کے تارے سے بھی تیرا سفر
مثل ایوان سحر مرقد فروزاں ہو تیرا
نور سے معمور یہ خاکی شبستان ہو تیرا

# حديث جي تاريخ

مولانا سيد سليمان ندوي

## حديثون ڪيئن جمع ٿيون

رسول الله ﷺ سال 11ھ ۾ وفات ڪئي ۽ پهرين صدي جي پوئين ڏهي تائين يعني سال 93 هجري تائين رسول الله ﷺ جا سنگتي يا صحابي موجود رهندا آيا ٿي ۽ هو مختلف شهرن ۽ پرڳڻن ۾ پکڙيل هئا جن وٽان هزارين ماڻهو اچي رسول الله ﷺ جا حالات ۽ واقعات ۽ سندن قول ۽ فعل دريات ڪندا هئا. پهرين صدي جي پوئين وقت ۾ جن صحابي سڀني کان پوءِ وفات ڪئي تن جا نالا ۽ وفات جو ورهه جنهن شهر ۾ وفات ڪيائون سي هيٺ لکيا وڃن ٿا.

| نالو | شهر | سال وفات |
|---|---|---|
| ابوامامه باهلي رضي الله عنه | شام | 86ھ |
| عبدالله بن حارث رضي الله عنه | مصر | 86ھ |
| عبدالله بن ابي اوفيٰ رضي الله عنه | ڪوفه | 87ھ |
| سائب بن يزيد رضي الله عنه | مدينه | 91ھ |
| انس بن مالڪ رضي الله عنه | بصره | 93ھ |

انس بن مالڪ رضي الله عنه جنهن سڀني کان پوءِ وفات ڪئي سو رسول الله ﷺ جو خادم هو برابر ڏهه ورهه لڳو لڳ خدمت ۾ رهيو هو.

صحابين جي زماني کان پوءِ سندن شاگردن جو زمانو شروع ٿئي ٿو جن کي تابعي چيو ويندو آهي ۽ تابعي پهرين صدي هجري ۾ پيدا ٿي چڪا هئا. مگر نبي ﷺ جن جي زيارت نصيب نه ٿي هين يا وري ننڍا ٻارڙا هئا جو نبي ﷺ جن جي صحبت مان فيض پرائي نه سگهيا، جيئن ته عبدالرحمٰن بن حارث تابعي جو سال 3 هجري ۾ ڄائو، نبي ﷺ جن جي وفات وقت هو اٺن يا نون سالن جي ڄمار جو هو جنهن ڪري پاڻ سڳورن جي صحبت کان پوري طرح فائدو حاصل نه ڪري سگهيو. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترا تابعين سڳورا آهن.

صحابين کان پوءِ ڪيترا تابعي ساري اسلامي دنيا ۾ پکڙجي ويا جن جو ڪم پوءِ اهو هو ته رسول الله ﷺ جي قولن ۽ فعلن ۽ سندن حالات جي ماڻهن ۾ پوري طرح پروپيگنڊا ۽ اشاعت ڪندا رهن ۽ رسول الله ﷺ جي حڪمن موجب ماڻهن جا فيصلا ڪن ۽ فتوائون ڏين. انهن تابعين جو دنيا ۾ ڪيترو عدد هو. ان جو اندازو هيٺين واقعي مان ڪري سگهبو جو فقط مديني جي شهر ۾ جن تابعين سڳورن وڏن وڏن صحابين کي ڏٺو هو ۽ کانئن مسائل سکيا هئا تن جو تعداد 139 هو. ٻين جن عام صحابين کي ڏٺو هو ۽ کانئن ڪجهه ٻڌو هو. سي 129_هئا پر انهن تابعي جن ڪنهن صحابي کي ڏٺو هو ۽ کانئن ٿورو ڪجهه ٻڌو به هو سي 87 هئا. يعني ته فقط مديني جي هڪڙي شهر ۾ ڪل تابعي 355 هئا. ان تي مڪي معظمه ۽ ڪوفي، بصري، طائف دمشق، يمن ۽ مصر جي تابعي سڳورن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو جن مٿين شهرن ۾ رهاڪو صحابين کان ٻڌو سٽيو هوندو ۽ سندن شاگرديءَ جو شرف حاصل ٿيو هوندن.

# صحابين ۾ حديثن ياد ڪرڻ جو شوق

صحابين سڳورن کي جو پيغمبر اسلام ﷺ سان عشق ۽ محبت هئي. ان جو ئي هي اثر هو جو پنهنجي محبوب جي هر هڪ قول ۽ هر هڪ فعل کي نهايت ڪوشش سان ياد رکندا هئا. ۽ سندن وفات ڪان پوءِ رات ڏينهن سندن اهو پئي شغل رهندو آيو جو نبيﷺ جن جي قولن ۽ فعلن جي پوري طرح اشاعت ۽ تبليغ ڪندا رهيا. صحابين جي شاگردن يعني تابعين وري ايڏو اهتمام رکيو هو جو هر هڪ صحابيءَ کان جيڪي ٻڌائون تنهن جو شمار ڪيو ويو ۽ هيٺ انهن صحابين جا نالا ۽ سندن روايتن جو اندازو ڏيکاريو وڃي ٿو، جن جون روايتون سڀني کان وڌيڪ آهن:

| نالو | حديثن جو تعداد | سال وفات |
|---|---|---|
| ابو هريره رضي الله عنه | 5374 | 59هجري |
| عبدالله بن عباس رضي الله عنه | 2660 | 68هجري |
| عائشه صديقه رضي الله عنها | 2210 | 50 هجري |
| جابر بن عبدالله رضي الله عنه | 1560 | 78هجري |
| عبدالله بن عمر رضي الله عنه | 1630 | 73 هجري |
| انس بن مالڪ رضي الله عنه | 1286 | 93هجري |
| ابو سعيدخدري رضي الله عنه | 1170 | 74 هجري |

صحابي سڳورن کي رسول الله ﷺ جو حڪم هو ته 1-بلغوا عني يعني مون وٽان جيڪو ٻڌو يا ڏسو سو ٻين تائين پهچايو.2-فليبغ الشاهد الغائب يعني منهنجي حاضري جا ماڻهو منهنجيون ڳالهيون انهن کي پهچائين جي مون وٽ موجود نه آهن. انهن حڪم پٽاندر صحابي سڳورن نبي ﷺ جن وٽان جيڪي ٻڌو يا وٽن جيڪي ڏٺو سو پنهنجن دوستن مائٽن ۽ اولاد ملاقاتين کي ٻڌائيندا رهيا. اهو ئي سندن زندگيءَ جو وڏو ڪم اهوئي سندن پيارو ۽ سڀ کان مقدم ڌنڌو هو. صحابين ڪان پوءِ جيڪا تابعين جي نوجوان ٽولي پيدا ٿي تن صحابين کان سڪيل سموري معلومات جي پوري پڪائي سان انجي حفاظت لاءِ ڪمر ٻڌي ۽ هر هڪ لفظ کي ياد ڪري ڇڏيائون.

# رسول الله ﷺ جن تي ڪوڙ هڻڻ جي منع

نبيﷺ جن جيئن پنهنجن قولن ۽ فعلن جو ٻين تائين پهچائڻ جو تاڪيد ڪيو هو تيئن هي به حڪم ڏنو هيائون ته جيڪو ماڻهو مون تي ڄاڻي واڻي ڪوڙ هڻندو (يعني ته رسول الله ﷺ جن هيئن فرمايو آهي) ته ان جو نڪاڻو جهنم آهي. انهيءَ حڪم جو سبب هو جو وڏا وڏا صحابي نبيﷺ جن کان روايت ڪندي ڏاڍو ڪنبندا ۽ ڊڄندا هئا. عبدالله بن مسعود رضي الله عنه هڪ ڀيري نبيﷺجن کان هڪ ڳالهه نقل ڪندي ڊنو جو سندن چهري جو رنگ بدلجي ويو. پوءِ چيائين ته نبي ﷺ جن ائين فرمايو آهي يا ان جهڙو ئي فرمايو هوندائون. يعني ته ابن مسعود رضي الله عنه نبي ﷺ جن ڏانهن جيڪي الفاظ منسوب ڪري رهيو هو، تن کان ايترو ڊنو ٿي ته متان

کو لفظ گھٽ وڌ هجي. پوءِ اگرچ واقعي جي معنيٰ بلڪل سچي هئي، تڏهن بہ سندس حالت دگر گون ٿي وئي، هي اثر هو انهيءَ چتاءُ جو، جو پاڻ ﷺ فرمايو هئائون تہ: ﴿من كذ علي متعمدا فليتبوا مقعده من النار﴾ (بخاري مسلم)

# نبي ﷺ جن جا زماني ۾ حديثون لکيو ويندیون هيون يا ياد ڪبيون هيون.

(1) صحابين ۾ عمر ۽ ٻين ڪن جو خيال هو تہ قرآن کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ شيءِ کي قلمبند نہ ڪيو وڃي ڇو تہ نبي ﷺ جن فرمايو هو تہ لا تكتبوا عني غير القرآن يعني تہ قرآن کان سواءِ مون کان ٻي ڪا بہ شيءِ نہ لکو. اهو حڪم هن ڪري ڏنو ويو هو تہ قرآن ۽ غير قرآن يعني نبي ﷺ جن جا قول قرآن سان گڏجي نہ پون. پوءِ جڏهن قرآن شريف چڱي طرح مسلمانن کي ياد ٿي ويو تڏهن نبوي زماني ۾ حديثون ۽ ڪجھ واقعات لکڻ ۾ آيا، مگر متين حڪم جي موجودگيءَ جي ڪري پڇاڙيءَ تائين گھڻا صحابي ان کان پرهيز ڪندا رهيا.

(2) عربن جو يادگيرو قدرتي طرح ڏاڍو قوي هو هنن کي سوين قصيدا ۽ شعر زباني ياد هوندا هئا. هنن پنهنجي ياد گيري جي قوت کي اسلام کان پوءِ حديثن جي ياد ڪرڻ ۾ لڳايو ۽ رسول الله ﷺ جن جي هڪ هڪ واقعي ۽ سندن هڪ هڪ قول کي ائين ياد ڪندا هئا جيئن قرآن شريف ياد ڪيو وڃي ٿو. هنن جو خيال هو تہ جا شيءِ ياد ڪئي ويندي آهي، تنهن جي لکڻ جي ڪٿي ڪا نہ رهندي آهي انهيءَ ڪري بہ هو حديثن کي گھڻو ڪري نہ لکندا هئا.

(3)عرب ڪنهن بہ واقعي کي لکڻ کان وڌيڪ ياد ڪرڻ ڀلو سمجھندا هئا. بلڪ لکت جي مدد سان ڪنهن ڳالھ کي پنهنجي ذهن ۾ رکڻ کي عيب ڄاڻندا هئا ۽ اها وٽن هڪ وڏي ڪمزوري سمجھي ويندي هئي. مگر ان سان گڏ جيڪڏهن اوهان هيٺئين مضمون کي غور سان پڙهندا تہ اوهان کي صاف ڏسڻ ۾ ايندو تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ بعض حديثون ۽ واقعات قلمبند ٿيا آهن ۽ ان کان پوءِ اهو سلسلو وڌندو رهيو آهي: 1_فتح مڪي وقت پاڻ جيڪو خطبو فرمايو هئائون يمن جي هڪ صحابي جي عرض ڪرڻ تي کيس لکرائي ڏنائون (صحيح بخاري) 2_ ابو هريره رضي الله عنه فرمايو آهي تہ عبدالله بن عمر بن عاص رضي الله عنه کان سواءِ حديثن جو سرمايو مون کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن وٽ ڪونہ آهي ڇو تہ هو لکندو هو مان لکندو نہ هيس (بخاري كتاب العلم) 3_ عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنه چيو تہ نبي ﷺ جن هڪ ڀيري پنهنجي وات مبارڪ ڏي اشارو ڪري فرمايو تہ ان مان جيڪي نڪري سو لکندو وڃ ڇو تہ ان مان حق ئي نڪري ٿو (ابودائود جلد_2) جناب عبدالله بن عمر نبي ﷺ جن جي حديثن جي مجموعي جو نالو صادقه رکيو هو. فرمائيندو هو تہ منهنجي ڇمار جون جيڪي مرادون آهن تن مان وڏي کان وڏي مراد صادقه آهي جو مان ان کي رسول الله ﷺ کان ٻڌي لکيو آهي. (طبقات ابن سعد_ دارمي) 4_نبي ﷺ جن هڪ ڀيري مديني جي مسلمانن جي آدمشماري ڪرائي ۽ سمورن جا نالا قلمبند ڪيا ويا پوءِ ڳڻپ مان معلوم ٿيو تہ ڪل 15_سؤ انصاري هئا ( بخاري باب الجهاد) 5_زڪوات جا مسئلا ۽ جدا جدا شين تي زڪوات جا حڪم نبي ﷺ جن پورن ٻن صفحن تي لکي مختلف اميرن ۽ زڪوات

اڳاڙيندڙن ڏي موڪليا هئا ۽ اهي لکيل حڪم ابوبڪر صديقه رضي الله عنه ۽ جناب ابوبڪر بن عمرو بن حزم ۽ ٻين ڪيترن صحابين وٽ موجود هئا. (دارقطني ڪتاب الزڪواة) 6_ علي رضي الله عنه وٽ هڪ لکيل رسالو هو جو گهڻو ڪري ترارجي مياڻ ۾ پيو هوندو هوس. جنهن ۾ پيغمبر ﷺ جن جون ڪيتريون حديثون لکيل هيون. علي رضي الله عنه ماڻهن جي عرض ڪرڻ تي ڪين ڏيکاريندو هو (بخاري) 7_حديبية جي جاءِ تي جو نبي ﷺ جن ۽ قريشي ڪافرن جي وچ ۾ صلح نامو ٿيو سو پڻ علي رضي الله عنه جي دستخط سان لکيل هو جنهن جو هڪ نقل قريشن وٽ هو ۽ هڪ نقل نبي ﷺ پاڻ وٽ رکيو هو. (طبقات ابن سعد) 8_جناب عبدالله بن الحڪم کي نبي ﷺ جن هڪ هدايت نامو لکي ڏنو جنهن ۾ مئل جانورن جي حرام هجڻ بابت هدايتون ڏنل هيون. 9_جناب وائل بن حجر جڏهن نبي ﷺ جن جي خدمت مان پنهنجي وطن حضر موت موٽڻ لڳو ته رسول الله ﷺ هن کي هڪ حڪم لکي ڏنو جنهن ۾ نماز، روزي، وياج، شراب ۽ ٻين ڳالهين بابت حڪم هو (طبراني) 10_هڪ ڀيري عمر بن خطاب رضي الله عنه هڪ عام جلسي ۾ پڇيو ته ڪنهن کي پتو آهي ته مڙس جي ديت مان زال کي پيغمبر ﷺ جن ڇا ڏياريندا هئا؟ ان تي ضحاڪ بن سفيان اٿي چيو ته هائون کي سُڌ آهي. ان بابت نبي ﷺ جن مون کي لکيل حڪم موڪليو هو. (دارقطني) 11_جناب عمر بن عبدالعزيز اموي پنهنجي خلافت واري زماني (سنه 99 کان سنه 101هه) ۾ زڪواتن جي حڪم بابت ڳولا ڪرائيندي مديني وارن ڏانهن قاصد موڪليو ته ان باري ۾ لکيل حڪم عمرو بن حزم صحابي جي اولاد وٽان ملي ويو ( دارقطني) 12_ نبي ﷺ جن هڪ ڀيري يمن جي مسلمانن ڏي هينيان مسئلا لکرائي موڪليا. قرآن کي پاڪائي جي حالت ۾ هٿ لاٿو وجي. ڪو به ٻانهو ڳنهڻ کان اڳ آجو نٿو ڪري سگهجي نڪاح کان اڳ ۾ طلاق نٿي پوي (دارمي) 13_مروان بن حڪم خطبو ڏيندي چيو ته مڪو ئي حرم آهي تنهن تي رافع بن خديج صحابي دانهن ڪري چيس ته مدينو به حرم آهي، ۽ اهو مون وٽ لکيل موجود آهي چوين ته پڙهي ٻڌايانءِ. (مسند امام احمد بن حنبل)

# صحابي جي زماني ۾ حديثن جو گڏ ٿيڻ

مٿي سڀ اهڙا مثال ڏيکاريا ويا آهن جن مان ظاهر آهي ته رسول الله ﷺ بعض حڪم ۽ مسئلا مختلف ماڻهن کان لکائيندا هئا يا لکرائي ٻاهري مسلمانن ڏي موڪليندا هئا. هيٺ اهڙيون شاهديون به پيش ڪجن ٿيون جن مان ثابت ٿيندو ته وڏن وڏن صحابين نبي ﷺ جن جي حڪمن ۽ طريقن، قولن ۽ فعلن کي ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪرايو. 1_ علي رضي الله عنه جي دستخط سان سندس فيصلن جو هڪ ڪتاب جناب ابن عباس رضي الله عنهما وٽ آندو ويو (مسلم) 2_ عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جي روايتن جو هڪ مجموعو طائف جا ماڻهو ڪانئس وٺي ويا ته وجي ٻين کي پڙهي ٻڌائيندا. ( ترمذي) 3_سعيد بن جبير جناب ابن عباس رضي الله عنهما جي روايت کي لکندو هو. (دارمي) 4_عبدالله بن عمرو بن عاص جو ڪتاب صادقه جنهن جو مٿي بيان ٿي آيو، سندس خاندان ۾ رهندو آيو جنهن مان ڏسي هو روايت ڪندو هو (تهذيب 5_ جابر رضي الله عنه صحابي جي روايتن جو هڪ ڪتاب گڏ ڪيو ويو هو جنهن کي تابعي ٻڌندا ۽ ياد ڪندا هئا. 6_جناب ابو هريره رضي الله عنه جو سڀ کان وڏو حديثن جو حافظ هو تنهن جي سيني روايتن

كي همام بن منبه گڏ ڪيو جنهن کي ”صحيف همام“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو ۽ امام احمد بن حنبلؓ انهيءَ ڪتاب تان پنهنجي ڪتاب ۾ روايتون آنديون آهن.
7_جناب شمير بن نهيڪ ابوهريره ؓ جي روايت کي گڏ ڪري ڪيس ٻڌايو ۽ ان کان پوءِ روايت ڪرڻ جي اجازت ورتي (ترمذي) ابو هريرهؓ هڪ ڀيري ڪنهن ماڻهو جي سوال جو جواب ڏيندي ڪجهه لکيل ڏيکاري چيو ته هي منهنجي روايتن جا ورق آهن راوي چيو ته اکر ابوهريره جا نه هئا بلڪ ڪنهن ٻئي ماڻهو کان لکايا هوندائين (فتح الباري) 9_ انسؓ پنهنجي اولاد کي چوندو هو ته پٽڙو! علم کي لکي ڇڏيو. يا سندس شاگرد سامهون ويهي سندس روايتون لکندو ويندو هو. (دارمي) 10_سلميٰ نالي هڪ سگهوري مائي چيو ته مان عبدالله بن عباسؓ کي ڏٺو هو ته هو پنهنجي غلام ابورافع کان نبيﷺ جا ڪارناما لکرائيندا هئا. 11_براءَ بن عازب صحابي جي چوڌ طرف ماڻهو ويهي سندس روايتون لکندا هئا. 12_عبدالله بن مسعودؓ جي پٽ عبدالرحمٰن هڪ ڪتاب ڏيکاريندي قسم کڻي چيو ته هي خود منهنجي ئي پيءُ عبدالله بن مسعود ؓ جو لکيل آهي (جامع)

## تابعين جي زماني ۾ حديثن جو گڏ ٿيڻ

صحابه جي حياتيءَ ۾ ئي تابعين سگهورن سموريون روايتون ۽ واقعا ۽ احوال هڪ هڪ کان پڇي در در ڦري گڏ ڪيا، محمد بن شهاب زهري، هشام بن عروه، قيس بن ابي هازم، عطاءَ بن ابي رياح، سعيد بن جبير، ابوالزناد ۽ ٻيا سوين تابعي هئا جن هڪ هڪ ڪنڊ مان حديثون ڏاڍو ڏاڍو ڪري چوندي جمع ڪيون. امام زهري سال 50ه ۾ ڄائو ۽ 124ه ۾ وفات ڪيائين. هو مديني جي قريشي خاندان مان هو. انصارين جي گهر ۾ وڃي مردن ۽ زالن ۽ پرده نشين عورتن کان نبيﷺ جن جا احوال کوٽي کوٽي جاچيندو هو. زهري پنهنجي وقت ۾ هزارن ماڻهن تائين اهي حديثون پهچايون. هن جا بي شمار شاگرد هئا. رات ڏينهن سندس شغل ئي اهو هوندو هو جو پيغمبرﷺ جن جي قولن ۽ فعلن جو درس ڏيندو رهندو هو. تابعين مان گهڻن جي زندگي فقط حديث جي درس تبليغ ۾ گذرندي هئي. باقي دنيا جي ٻين ڌنڌن کان بلڪل غافل هئا.

## حديثن جي بابت غلط فهمي

عام طرح ٿوري معلومات وارن کي هڪ غلط فهمي ويٺل هوندي آهي ته حديثن جو لکڻ ۽ گڏ ٿيڻ ٻه سؤ سال نبيﷺ جن کان پوءِ شروع ٿيو. مگر اوهان مٿين تحقيق کي غور سان ڏسندا ته اهو خيال بلڪل غلط نظر ايندو. بلڪ حديثن جو جمع ٿيڻ تابعين بلڪ صحابن جي زماني ۾ شروع ٿيو جو خود نبيﷺ جن جو زمانو هو.

حقيقت ۾ حديثن جي جمع ٿيڻ جا ٽي زمانا آهن: 1_ هر هڪ ماڻهو فقط پنهنجي معلومات لاءِ پيغمبر جن جا قول ۽ فعل گڏ ڪندو هو. 2_ ڪنهن خاص شهر جي ماڻهن جي لاءِ گڏ ڪيون ويون. 3_ اهڙو زمانو آيو جو ساري اسلامي دنيا جي معلومات لاءِ هنن کي گڏ ڪيو ويو جو اسان جي سامهون ڪتابن جي صورت ۾ آهن. پهريون زمانو پهرين سؤ سال هجري تائين هو. ٻيو 150 تائين ۽ ٽيون 150 کان وٺي ٽين صدي هجري جي پڇاڙي تائين. پهريون صحابين

جو دؤر هو. ٻيو تابعين جو، ٽيون امام بخاري، امام مسلم، امام ترمذي، امام احمد بن حنبل وغيره جو هو. پهرين دؤر جو خزانو ٻئي دؤر جي ڪتابن ۾ محفوظ ٿيو ۽ ٻئي دؤر جو سرمايو ٽئين دؤر ۾ سامايو ويو جو هزارن ورقن ۾ اڄ تائين موجود آهي. جن تي زبردست تنقيدون ۽ ريويو ٿي چڪا آهن. ان کان وڌيڪ ڪنهن ٻه قوم وٽ پنهنجي پيغمبرﷺ جي قولن ۽ فعلن جو صحيح خزانو موجود نه هوندو.

(سيد سليمان ندوي جي خطبات مدارس جو اختصار)

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

# تقديم

سڀ ساراهه ﷲ کي جڳائي ۽ اسين سندس ساراهه ڪريون ٿا ۽ ان کان مدد گهرون ٿا ۽ ڪانئس بخشش گهرون ٿا ۽ اسان پنهنجي نفس جي براين ۽ بڇڙن ڪمن کان پناهه گهرون ٿا. جنهن کي ﷲ تعاليٰ هدايت عطا ڪري، ان کي ڪو گمراهه ڪرڻ وارو ناهي ۽ جنهن کي ﷲ گمراهه ڪري ان کي ڪو هدايت عطا ڪرڻ وارو ناهي، ۽ آءٌ شاهدي ٿو ڏيان ته ﷲ کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ناهي. اهڙي شاهدي جيڪا ڇوٽڪاري ۽ نجات جو وسيلو بڻجي ۽ درجن بلند ڪرڻ لاءِ ضامن بڻجي ۽ شاهدي ٿو ڏيان ته محمدﷺ ﷲ جو ٻانهو ۽ رسول آهي. ان کي ان وقت (دنيا ۾) موڪليائين، جڏهن ايمان جي واٽن جا نشان ڊهي چڪا هئا ۽ ان جا سوجهرا اجهامي ويا هئا ۽ سندس ٽنب ڪمزور ٿي ويا هئا ۽ ان جون جايون نامعلوم ٿي ويون هيون. پوءِ ﷺ جن دين جا ڍنل نشان مضبوط ڪيا ۽ جيڪو (دوزخ) جي ڪناري تي پهچي چڪو هو، تنهن کي توحيد جي ڪلمي جي مدد سان تندرستي عطا ڪيائين ۽ هدايت جي واٽ ان شخص لاءِ واضح ڪيائين، جيڪو ان تي هلڻ گهري ۽ نيڪ بختيءَ جا خزانا ان لاءِ ظاهر ڪري ڇڏيائين، جيڪو ان جو مالڪ ٿيڻ گهري. اما بعد واضح هجي ته رسول الله ﷺ جن جي رستي کي پڪڙڻ ۽ ﷲ پاڪ جي ڏوريءَ کي وٺڻ' سندس چٽيءَ ۽ پڌري بيان کان سواءِ ممڪن ناهي. ۽ ”مصابيح“ نالي ڪتاب جيڪو امام محي السنة قاطع بدعت ابو محمد الحسين بن مسعود الفراء البغوي. ﷲ سندس درجا بلند فرمائي. تحرير فرمايو آهي' اهو حديث جي باري ۾ جوڙيل ڪتابن ۾ نهايت جامع ڪتاب آهي، جنهن ۾ متفرق ۽ منتشر حديثون گڏ ڪيون ويو آهن ۽ جڏهن مصنف رَحِمهُ ﷲ ان ڪتاب ۾ اختصار کان ڪم ورتو ۽ حديث جون سندون حذف ڪيائين ته ڪن پارکو عالمن انهيءَ بابت اعتراض وارد ڪيا ته حديثن جون سندون ڇو حذف ڪيون اٿس؟ جيتوڻيڪ هن جو حديث کي نقل ڪرڻ ۽ سندس معتبر عالمن مان هجڻ اسناد وانگر آهي' مگر تڏهن به جنهن شيءِ ۾ پورا نشان ۽ پار پتا هجن، اها بي نشان شيءِ وانگر ناهي. پوءِ ﷲ پاڪ کان توفيق جو استخاره گهريم ۽ جنهن حديث کي انهيءَ بي نشان لکيو هو ان کي نشان سان لکيم. چنانچه سموريون حديثون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اهڙيءَ طرح آندم، جيئن پرهيزگار معتبر، راسخ في العلم امامن بيان ڪيون آهن. جهڙوڪ: ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري، ابوالحسين مسلم بن حجاج قشيري، ابو عبدالله مالڪ بن انس اصبحي، ابو عبدالله بن ادريس شافعي،ابو عبدالله احمد بن محمد بن حنبل شيباني، ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي، ابو دائود سليمان بن اشعث سجستاني، ابو عبدالرحمان احمد بن شعيب نسائي، ابو عبدالله محمد بن يزيد بن ماجه قزويني، ابو محمد عبدالله بن عبدالرحمان دارمي، ابو الحسن علي بن عمر دارقطني، ابوبڪر احمد بن حسين بيهقي، ابو الحسن رزين معاويه العبدري ۽ ٽورا ڪي ٻيا. رحمهمﷲ تعاليٰ. ۽ جڏهن مون حديثن جي نسبت انهن امامن ڏانهن ڪئي، تڏهن سمجهڻ گهرجي ته مون انهن حديثن جي سند نبي ڪريمﷺ جن تائين پهچائي ڇڏي آهي، ڇاڪاڻ ته اهي اڳي ئي سند جي ڪم کان واندا ٿي چڪا آهن ۽ اسان کي انهيءَ تڪليف وٺڻ کان

بي پرواھ ڪري ڇڏيو اٿن. ڪتابن ۾ بابن جي بيان ۾ جيئن مصابيح واري لکيو آهي، تيئن مون بہ لکيو آهي، انهيءَ باري ۾ آئون ان جي نقش قدم تي هليو آهيان. هر باب گهڻو ڪري ٽن فصلن وارو آهي، پهرئين فصل ۾ مون اهي حديثون آنديون آهن، جيڪي امام بخاري ۽ مسلم يا انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪڙي روايت ڪئي آهي. اگرچ انهن حديثن ۾ ساڻن ٻيا بہ ڪي امام شريڪ آهن تڏهن بہ مون فقط انهن امامن جو نالو سند لاءِ ڄاڻڻ ڪافي سمجهيو ۽ ٻين امامن جا نالا نہ لکيا آهن ڇو تہ اهي ٻئي امام روايت جي باري ۾ ٻين امامن کان وڏي درجي وارا آهن.

ٻئي فصل ۾ اهي حديثون ڄاڻايون اٿم جيڪي بخاري مسلم کان سواءِ ٻين امامن مان ڪنهن هڪ يا گهڻن روايت ڪيون آهن.

ٽئين فصل ۾ اهي حديثون آهن. جيڪي باب جي معنيٰ سان لاڳاپو رکندڙ آهن، مٿي شرطن کي بہ ڌيان ۾ رکيو ويو آهي. اگرچ اهي حديثون فقط اصحابن ۽ تابعين کان روايت ٿيل آهن، پوءِ جيڪڏهن ڪا حديث ڪنهن باب ۾ گم ٿيل ڏسو تہ ائين سمجهو تہ تڪرار سبب مون هڪ هنڌ اها ڪيرائي ڇڏي آهي ۽ جيڪڏهن ڏسو تہ پڇاڙيءَ ۾ حديث جو ڪجھ ڀاڱو ڇڏيل آهي يا ڪجھ ڀاڱو اڳين کان بہ وڌيڪ گڏيل آهي تہ سمجهو تہ ڪنهن ضرورت سبب ائين ڪيو اٿم. جيڪڏهن فصلن ۾ هي اختلاف ڏسو جو پهرئين فصل ۾ امام بخاري ۽ امام مسلم کان سواءِ ٻين امامن جون روايتون آندل آهن، ٻئي فصل ۾ بخاري ۽ مسلم جون روايت ڪيل حديثون داخل آهن تہ ان لاءِ سمجهو تہ حميديءَ جي ”جمع بين الصحيحين“ ۽ ”جامع الاصول“ ٻنهي صحيح ڪتابن جو تتبع ۽ انهن جي متن تي ڀروسو ڪيو اٿم ۽ مصابيح جي برخلاف امامن جي نالن ۾ ڇنڊائي ڪئي اٿم. جيڪڏهن حديث جي لفظن ۾ ڪجھ اختلاف يا ڪا ڦير گهير ڏسو تہ پوءِ اهو حديث جي مختلف سندن ۽ طريقن جي ڪري ٿيو هوندو يا شايد انهيءَ روايت تي آءٌ واقف نہ ٿيو هوندس، جيڪا مصابيح واري آندي آهي ۽ ڪن ٿورن هنڌن تي اوهان ڪي ڏسڻ ۾ ايندو جو مون ڇيو هوندو تہ اها روايت مون اصول جي ڪتابن ۾ نہ ڏٺي آهي يا بنيادي ڪتابن ۾ مون ان جي ابتڙ حديث لڌي آهي. اوهان کي ڪا اهڙي لکت نظر اچي تہ ان کي مصابيح جي مصنف رح جي بجاءِ منهنجي سمجھ جي گهٽتائي ڏانهن منسوب ڪجوءِ ﷲ سندس درجا ٻنهي جهانن ۾ بلند ڪري؛ پاڻ اهڙي ڪوتاهيءَ کان آجو ۽ بري آهي۔ ﷲ تعاليٰ انهيءَ شخص تي بہ رحم ڪري جنهن کي اهڙي ڪا غلطي نظر اچي، پوءِ اسان کي آگاهہ ۽ سڌي رستي ڏاهن رهنمائي ڪري۔ مون پنهنجي سر، پنهنجي وت ۽ طاقت مطابق جاچ جوچ ۽ تحقيق ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪئي آهي ۽ جهڙيءَ طرح اهو اختلاف لڌو اٿم، ان کي نقل ڪيو اٿم۔ مصابيح جي مصنف رحمه الله حديث جي غريب يا ضعيف وغيره هجڻ ڏانهن جيڪو اشارو ڪيو آهي، گهڻو ڪري مون ان جو سبب ڄاڻايو آهي. ليڪن جن حديثن بابت اصل جي ڪتابن ۾ ڪا وضاحت نٿي ملي، تہ مون بہ ان کي ڇڏي ڏيڻ ۾ سندس پيروي ڪئي آهي، مگر ڪن هنڌن تي ڪنهن مطلب لاءِ اهڙو بيان بہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪي ڪي جايون خالي بہ ڇڏي ڏنيون اٿم جو مون کي روايت بيان ڪندڙ امام جو پتو پئجي وڃي تہ ان جاءِ تي روايت ڪندڙ جو نالو لکي ڇڏجانءِ۔ ﷲ توکي ان جو چڱو اجورو عطا فرمائي۔

ڪتاب جو مون نالو ”مشڪوٰة المصابيح“ رکيو آهي. آخر ۾ ﷲ تعاليٰ کان ئي توفيق، عنايت، هدايت حفاظت ۽ مقصد جي تڪميل لاءِ آساني طلب ڪجي ٿي. شال ﷲ پاڪ ان ڪتاب کي سيني مسلمانن جي حياتيءَ ۾ موت کان بعد اچڻ واري زندگيءَ لاءِ نفعي ۽ خير جو باعث بڻائي. ﷲ ئي اسان لاءِ ڪافي آهي؛ نيڪي ڪرڻ ۽ برائيءَ کان بچڻ جي سگهه ﷲ عزيز حڪيم کان سواءِ ڪنهن وٽ ناهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

1- عن عمر بن الخطاب رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إنما الأعمال بالنيات وإنما لكل امرئ ما نوى فمن كانت هجرته إلى الله ورسوله فهجرته إلى الله ورسوله ومن كانت هجرته إلى دنيا يصيبها أو امرأة يتزوجها فهجرته إلى ما هاجر إليه.

**عمر بن الخطاب ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اعمال جو دارو مدار نيتن تي آهي. پوءِ جنهن جي هجرت ﷲ تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ ڏانهن هوندي تہ انجي هجرت ﷲ ۽ ان جي رسول ﷺ ڏانهن آهي ۽ جنهن جي هجرت دنيا جي حصول لاءِ يا ڪنهن عورت سان شادي ڪرڻ خاطر هوندي تہ ان جي هجرت ان لاءِ هوندي، جنهن لاءِ هجرت ڪيائين.**[1]

# ڪِتَابُ االاِيمَانِ

## فصل پهريون:

2- عن عمر بن الخطاب رضي الله عنه قال : بينا نحن عند رسول الله صلى الله عليه وسلم ذات يوم إذ طلع علينا رجل شديد بياض الثياب شديد سواد الشعر لا يرى عليه أثر السفر ولا يعرفه منا أحد حتى جلس إلى النبي صلى الله عليه وسلم فأسند ركبتيه إلى ركبتيه ووضع كفيه على فخذية وقال : يا محمد أخبرني عن الإسلام قال : الإسلام : أن تشهد أن لا إله إلا الله وأن محمدا رسول الله وتقيم الصلاة وتؤتي الزكاة وتصوم رمضان وتحج البيت إن استطعت إليه سبيلا . قال : صدقت . فعجبنا له يسأله ويصدقه . قال : فأخبرني عن الإيمان . قال : أن تؤمن بالله وملائكته وكتبه ورسله واليوم الآخر وتؤمن بالقدر خيره وشره . قال صدقت . قال : فأخبرني عن الإحسان . قال : أن تعبد الله كأنك تراه فإن لم تكن تراه فإنه يراك . قال : فأخبرني عن الساعة . قال : ما المسؤول

---

[1]- مصنف هيءَ حديث هن لاءِ آندهي آهي تہ علم جي طالب کي گهرجي تہ دين جي علم پڙهڻ وقت نيت خالص يعني صاف رکي. هن حديث جي پلائي ۽ فضيلت ۾ سڀ عالم ۽ محدث متفق آهن. هن حديث کي نصف العلم (اڌ علم) چيو ويو آهي. نيت جي هيءَ معنيٰ آهي تہ دل ۾ ڪنهن ڪم جو ارادو يا قصد ڪري؛ پر زبان سان چوڻ شرط نہ آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو زبان سان چوي ۽ دل ۾ ڪيس ڪوبہ ارادو نہ هجي تہ اهڙي زباني چوڻ کي ڪوبہ وزن نہ آهي. نواب قطب الدين مرحوم هن حديث جي شرح ۾ ”نيت“ جي لفظ تي گهڻو بحث لکيو آهي ۽ ثابت ڪيو اٿس تہ ”نيت“ زبان سان چوڻ بدعت آهي. شيخ عبدالحق محدث دهلوي شرح ۾ هن طرح لکيو آهي: قرآن مجيد ۾ آهي تہ ﴿قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ اللهَ بِدِيْنِكُمْ وَاللهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاللهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ﴾ (ترجمو) چا توهان ﷲ کي پنهنجي دين جي خبر ٿا ڏيو؟ حالانڪ اهو تہ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي اهو ڄاڻي ٿو ۽ ﷲ هر شيءِ ڄاڻي ٿو.

هن آيت جي سياق مان ظاهر آهي تہ دين جا ڪم زبان سان ادا ڪرڻ ضروري نہ آهن. نيت تہ دل جي ارادي ۽ قصد کي ئي چئبو آهي. از ان سواءِ ڪنهن بہ حديث شريف ۾ زباني نيت آيل ڪانهي. تنهن ڪري زبان سان نيت ڪرڻ بدعت ۾ شمار ڪيل آهي.

عنها بأعلم من السائل . قال : فأخبرني عن أماراتها . قال : أن تلد الأمة ربتها وأن ترى الحفاة العراة العالة رعاء الشاء يتطاولون في البنيان . قال : ثم انطلق فلبثت مليا ثم قال لي : يا عمر أتدري من السائل قلت : الله ورسوله أعلم . قال : فإنه جبريل أتاكم يعلمكم دينكم.

**(2) عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن اسين رسول اللهﷺ وٽ ويٺا هئاسون تہ ايتري ۾ هڪ ماڻهو اچي ظاهر ٿيو ان جا ڪپڙا تمام اڇا هئا ۽ وار تمام گهاٽا ڪارا هئا ان تي مسافري جي تڪليف جو ڪوبہ نشان ڪونہ هو. اسان مان ڪنهن هڪ بہ ان کي نہ سڃاتو تان جو اهو ماڻهو نبي ڪريمﷺ جي گوڏن سان پنهنجي گوڏا ملائي ۽ پنهنجا هٿ پنهنجي گوڏن تي رکي (ادب سان) اچي وينو ۽ چيائين تہ اي محمدﷺ مون کي اسلام بابت خبر ڏي. ﷺ جن فرمايو تہ اسلام هن کي چئبو آهي تہ تون هيءَ شاهدي ڏين تہ تحقيق الله کان سواءِ ڪوبہ بندگي جو لائق ناهي ۽ محمدﷺ، الله جو رسول آهي ۽ تون نماز قائم ڪرين ۽ زڪواة ڏين ۽ روزا رکين ۽ جيڪڏهن توکي خرچ جي توفيق هجي تہ حج ڪرين. ان شخص چيو تہ تو سچ چيو. انهيءَ ڳالھ تي اسان کي عجب لڳو تہ هو پڇي بہ ٿو ۽ تصديق بہ ٿو ڪري وري ان شخص چيو تہ ايمان بابت مون کي خبر ڏي. ﷺ جن فرمايو تہ تون الله تي ۽ ان جي ملائڪن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ رسولن تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻين ۽ تقدير چڱي ۽ بري تي ايمان آڻين. چيائين تہ تو سچ چيو وري ان چيو تہ مون کي احسان جي خبر ڏي پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ تون الله جي عبادت اهڙي خيال سان ڪرين جو ڄڻ تہ ان کي ڏسين ٿو ۽ جيڪڏهن تون ان کي نٿو ڏسين تہ پوءِ بيشڪ اهو توکي ڏسي ٿو. وري ان شخص چيو تہ قيامت بابت مون کي خبر ڏي ﷺ جن فرمايو تہ ان بابت جنهن کان تون پڇين ٿو انهي کي سائل کان وڌيڪ خبر ناهي. وري ان چيو تہ ان جي نشانين بابت مون کي خبر ڏي. ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ٻانهيءَ جو ڄڻيل پٽ ان لاءِ ان جي مالڪ وانگر ٿي پوندو ۽ جڏهن تون پيرين اگهاڙن ۽ بدن اگهاڙن ۽ ٻڪرين جي ڌنارن کي ڏسين تہ اڏاوتن بنسبت پاڻ ۾ فخر ڪري رهيا آهن. عمر رضي الله عنه چوي ٿو تہ پوءِ اهو شخص هليو ويو ۽ پوءِ آءٌ ڪجھ دير ويٺو رهيس. ﷺ جن چيو تہ اي عمر! توکي خبر آهي تہ سائل ڪير هو؟ مون چيو تہ الله تعاليٰ ۽ ان جو رسولﷺ ان کي وڌيڪ ڄاڻن ٿا. ﷺ جن فرمايو تہ اهو جبرئيل عليه السلام هو جو اوهان وٽ اوهان کي دين سيکارڻ آيو هو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

3- ورواه أبو هريرة مع اختلاف وفيه : وإذا رأيت الحفاة العراة الصم البكم ملوك الأرض في خمس لا يعلمهن إلا الله . ثم قرأ : ﴿ إِنَّ ٱللَّهَ عِندَهُۥ عِلۡمُ ٱلسَّاعَةِ وَيُنَزِّلُ ٱلۡغَيۡثَ ...س ﴾ لقمان: ٣٤.

**(3) ابو هريره رضي الله عنه پڻ انهيءَ حديث کي روايت ڪيو آهي، جنهن جي لفظن ۾ ڪجھ ڦيرڦار آهي ان ۾ هي بہ آهي تہ جڏهن تون پيرن اگهاڙن ۽ بدن اگهاڙن ٻوڙن گونگن کي زمين جو بادشاه ٿيندي ڏسندين( قيامت جي اچڻ جو علم انهن) پنجن شين مان آهي جن کي الله کان سواءِ ڪونہ ٿو ڄاڻي. پوءِ پاڻ هيءَ آيت پڙهيائون ﴿ان الله عندهٗ علم الساعة و يُنئزل الغيث ........ الأية ﴾ (متفق عليه)**

4-وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : بني الإسلام على خمس : شهادة أن لا إله إلا الله وأن محمدا عبده ورسوله وإقام الصلاة وإيتاء الزكاة والحج وصوم رمضان .

**(۴) ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اسلام جي پيڙهہ پنجن شين تي آهي، (1)هيءَ شاهدي ڏي تہ تحقيق ﷲ کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪونهي ۽ تحقيق محمدﷺ ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي ۽، (2)نماز پڙهڻ، (3)زڪواة ڏيڻ، (4)۽ حج (رمضان جا روزا رکڻ (متفق عليه)**

5- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم الإيمان بضع وسبعون شعبة فأفضلها : قول لا إله إلا الله وأدناها : إماطة الأذى عن الطريق والحياة شعبة من الإيمان.

**(5) ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ ايمان جون ستر(70) ۽ ڪجهہ مٿي شاخون آهن جن سڀني ۾ پلي شاخ لااِله الا الله جو چوڻ آهي تہ سڀني کان گهٽ شاخ رستي تان تڪليف واريون شيون پاسي ڪرڻ آهي ۽ حياءُ بہ ايمان جي هڪ شاخ آهي.([1]) (هن حديث کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي)**

---

[1]_ (1) بضع عربي ۾ 3_ کان 9_ جي عدد لاءِ ڳالهائبو آهي. هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ايمان جا جزا آهن. جنهن شيءِ جا گهڻا جزا هوندا تہ اها ضرور گهٽجندي ۽ وڌي بہ. انهيءَ ڪري اهل سنت يعني اهل حديث، امام مالڪ، امام شافعي، امام احمد امام اوزاعيءَ جو مذهب هيءُ آهي تہ ايمان گهٽجي ۽ وڌي ٿو.
امام حنيفه جو مذهب آهي تہ ايمان گهٽي وڌي ڪونہ ٿو. ايمان جي زيادتي لاءِ دليل قرآن شريف جون هيٺ ڏيکاريل آيتون ۽ ٻيون صحيح حديثون آهن؛مثلا:_

1_ قال ﷲ تعاليٰ: ﴿لِيَزۡدَادُوۡۤا اِيۡمَانًا مَّعَ اِيۡمَانِهِمۡ﴾ (الفتح)
_"تاڪ انهن جو ايمان تي ايمان وڌي"

2_﴿وَزِدۡنَاهُمۡ هُدًي﴾ (الڪهف)
_ انهن کي ايمان ۾ اسان زياده ڪيو".

3_ ﴿وَيَزِيۡدُ اللهُ الَّذِيۡنَ اهۡتَدَوۡا هُدًي﴾(مريم)
_"ﷲ هدايت (ايمان) وارن کي هدايت ۾ وڌائي ٿو".

4_﴿وَالَّذِيۡنَ اهۡتَدَوۡا زَادَهُمۡ هُدًي﴾ (محمد)
_"۽ جن هدايت اختيار ڪئي ﷲ انهن کي هدايت ۾ وڌاي. يعني ايمان ۾ وڌايو."

5_ ﴿يَزۡدَادَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِيۡمَانًا﴾ (مريم)
_"يعني ايمان وارن جو ايمان وڌايائين".

6_ ﴿اَيُّكُمۡ زَادَتۡهُ هٰذِهٖۤ اِيۡمَانًا فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا فَزَادَتۡهُمۡ اِيۡمَانًا﴾ (التوبه)
_"اوهان مان ڪهڙي جو هن سورت ايمان وڌايو پر جن ايمان آندو آهي تن جو ايمان وڌايو اٿس"

7_﴿ فَاخۡشَوۡهُمۡ فَزَادَهُمۡ اِيۡمَانًا﴾ (آل عمران)
_ پوءِ انهن کان ڊڄو، تنهن تي مؤمنن جو ايمان (هيڪاري) زياده ٿيو."

8_ ﴿وَمَا زَادَهُمۡ اِلَّاۤ اِيۡمَانًا وَّتَسۡلِيۡمًا﴾ (الاحزاب)
_"يعني ڪافرن جي لشڪر کي ڏسي مؤمنن جو ايمان ۽ اسلام زياده ٿيو."

6- وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم المسلم من سلم المسلمون من لسانه ويده والمهاجر من هجر ما نهى الله عنه هذا لفظ البخاري ولمسلم قال : إن رجلا سأل النبي صلى الله عليه وسلم : أي المسلمين خير ؟ قال : من سلم المسلمون من لسانه ويده.

**(6) عبدالله بن عمروﷺ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته سچو[1] مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ كان مسلمان[2] سلامت رهن[3] ۽ مهاجر اهو آهي جو الله تعاليٰ جي منع ڪيل ڪمن کان پاڻ کي روڪي[4] اهي لفظ بخاري آندا آهن ۽ مسلم جا لفظ هي آهن ته تحقيق هڪڙي شخص نبي ڪريم ﷺ کان پڇيو ته مسلمانن مان ڪهڙو شخص ڀلو آهي؟ فرمايائون ته جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا سڀ مسلمان سلامت رهن.**

7- وعن أنس رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لا يؤمن أحدكم حتى أكون أحب إليه من والده وولده والناس أجمعين .

---

جيڪي ماڻهو قرآن شريف جي آيت ۽ صحيح حديث جي برخلاف هن ڳالھ جا قائل آهن ته ايمان ۾ زيادتي ۽ گهٽتائي نٿي ٿئي، ڇاڪاڻ ته ايمان صرف تصديق قلبي ۽ يقين کي چئجي ٿو، شايد انهن ماڻهن غور نه ڪيو آهي ته تصديق ۽ يقين ٻئي صفتون نفساني آهن. نفساني صفتن ۾ زيادتي ۽ نقصان ۽ ڪمي بيشي ضرور ٿيندي آهي. جيئن رنج ۽ راحب، عداوت ۽ محبت ۾ به زيادتي ۽ گهٽتائي ٿئي ٿي؛ تيئن دليلن ۾ به غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته يقين ۾ به ڪمي بيشي ٿيندي آهي.

ابوبڪرﷺ ۽ هڪ عام امتيءَ جو ايمان هڪجهڙو ٿي سگهي ٿو ڇا؟ نبين ۽ امتين جو ايمان به هڪجهڙو ٿي سگهي ٿو ڇا؟ هرگز نه، ايمان جي گهٽ وڌ ٿيڻ بابت حديثون به تمام گهڻيون آهن، انهن جي پڙهڻ مان هيءُ معلوم ٿئي ٿو ته ايمان گهٽجي گهٽجي آهر جي ذري جيترو وڃي بچي ٿو. هڪ حديث جا الفاظ هن طرح آهن:

﴿وليس وراء ذالک حبة من خردل من الايمان﴾

(ترجمو) يعني جنهن ماڻهوءَ برائيءَ کي هٿ سان نه روڪيو ۽ نڪي زبان سان منع ڪيائين ۽ نڪي دل ۾ برائيءَ کي بد ڀانيائين ته اهڙي ماڻهوءَ جي دل ۾ آهر جي برابر به ايمان نه آهي.

[1] _هن حديث جو مطلب هي آهي ته صفتن سان گڏ اسلام جا ارڪان به منجهس موجود هجن ته پوءِ اهو ڪامل مسلمان چئبو.

[2] _هن حڪم ۾ مسلمان عورتون ۽ ذمي ڪافر مرد، خواه انهن جون عورتون به شامل آهن ۽ سندن تعظيم، ادب ۽ انهن جي سلامتيءَ جو به خيال ڪيو ويندو.

[3] _زبان سان بڇڙو لفظ نه ڳالهائجي، نڪي ڪنهن جي گلا غيبت ڪجي ۽ هٿ سان نه مارجي، نه چوري ڪجي ۽ نه نا حق ايذاءُ ڏنو وڃي.

[4] _هن حديث ۾ مهاجرين اولين کي چيو ويو ته اهي فقط هجرت تي ڀروسو ڪري نه ويهي رهن، بلڪ گڏوگڏ سمورن منع ڪيل ڪمن کان به هجرت ڪرڻ گهرجي: يعني انهن کي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

(7) انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ اوهان مان ڪوبہ تيستائين ايمان وارو ٿي نہ سگهندو جيستائين آئون ڪيس سندس پيءُ ۽ سندس پٽ ۽ ٻين سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نہ هجان([1]) هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.

8- وعن أنس رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم ثلاث من كن فيه وجد بهن حلاوة الإيمان : من كان الله ورسوله أحب إليه مما سواهما ومن أحب عبدا لا يحبه إلا لله ومن يكره أن يعود في الكفر بعد أن أنقذه الله منه كما يكره أن يلقى في النار.

(8 انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلي الله عليه وسلم تہ جنهن ماڻهو ۾ هي ٽي ڳڻ هوندا تنهن ايمان جي چاشني چکي. پهرين جنهن کي الله ۽ سندس رسول صلي الله عليه وسلم ٻين سڀني کان وڌيڪ پيارا هجن. ٻيو اهو ماڻهو جو ڪنهن بہ ٻئي ماڻهو سان دوستي فقط خدا ڪارڻ رکندو هجي. ٽيون جنهن ماڻهوءَ کي الله تعاليٰ ڪفر کان ڪڍيو سو وري ڪفر ۾ موٽڻ کي اهڙو نا پسند سمجهي جهڙو ڪو ٻيو ماڻهو ڪيس باهہ ۾ اڇلائي.([2]) هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.

9- وعن العباس بن عبد المطلب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ذاق طعم الإيمان من رضي بالله ربا وبالإسلام دينا وبمحمد رسولا.

(9) عباس بن عبدالمطلب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ ايمان جي چاشني انهيءَ ماڻهوءَ چکي جو الله جي رب هجڻ تي ۽ اسلام جي دين هجڻ تي ۽ محمد صلي الله عليه وسلم جي رسول هجڻ تي راضي رهيو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

10- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : والذي نفس محمد بيده لا يسمع بي أحدق من هذه الأمة يهودي ولا نصراني ثم يموت ولم يؤمن بالذي أرسلت به إلا كان من أصحاب النار.

(10) ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ انهيءَ خدا جل شانہ جو قسم آهي جنهن جي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي([3]) تہ هن وقت جي سڀني ماڻهن يهودين خواه نصارن مان جيڪو منهنجي اچڻ

---

[1] _ڪنهن بہ خلاف شريعت واري ڪم تي ماڻهو کي سندس اولاد مجبور نہ ڪري، ان وقت انهن کي ڪوبہ وزن نہ ڏنو ويندو. اولاد جي ناراضپي کي نہ ڏنو ويندو، بلڪ الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جي اطاعت کي هر صورت ۾ مقدم رکيو ويندو.

[2] _ هن حديث ۾ حلاوت جو لفظ آيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چاشني، ان جو مطلب هي آهي تہ عبادت ۽ ديني تڪليفون ڪاٽڻ ۾ الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جي رضامنديءَ لاءِ لذت ۽ مزو پيدا ٿئي ۽ دنيا جي مفادن ۽ لذتن جي مقابلي ۾ الله تعاليٰ سان محبت رکڻ جو مفهوم هيءُ آهي تہ ان جي حڪمن جي پيروي ڪئي وڃي ۽ ان جي مخالفت کي ترڪ ڪيو وڃي ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان محبت جو بہ اهوئي مقصد آهي تہ سندن پيروي ڪئي وڃي قاضي عياض فرمائي ٿو تہ هن حديث ۽ عباس رضي الله عنه جي ايندڙ حديث جو مطلب هڪ ٿي آهي.

[3] _"يد الله" الله تعاليٰ جي هڪ صفت آهي، جنهن جي ڪيفيت معلوم ناهي، مٿس ايمان آڻڻ تمثيل ۽ تڪييف ۽ تاويل کان سواءِ واجب آهي، "يد" کان مراد قدرت وٺڻ: اها هڪ تاويل آهي. حالانڪ سلف صالحين، يعني اصحابين تابعين ۽ تبع تابعين جو هي اعتماد آهي تہ شريعت ۾ جا ڳالهہ الله تعاليٰ لاءِ وارد آهي ان کي تاويل کان سواءِ مڃڻ گهرجي. عارف بالله شيخ عبدالقادر جيلاني غنية الطالبين ۾ فرمائي ٿو تہ لہ يدان، يعني الله جا ٻہ هٿ آهن ۽ ٻي جڳهہ فرمائي ٿو تہ "هي صفة الزمة له" يعني اها خدا پاڪ جي لازمي صفت آهي ۽ استويٰ بہ لازمي صفت آهي.

جو ٻڌندو سو مون تي نازل ٿيل حڪمن تي ايمان نہ آڻيندو ۽ انهيءَ حالت ۾ مري ويندو اهو يقيناً دوزخي ٿيندو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

11- وعن أبي موسى الأشعري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ثلاثة لهم أجران : رجل من أهل الكتاب آمن بنبيه وآمن بمحمد والعبد المملوك إذا أدى حق الله وحق مواليه ورجل كانت عنده أمة يطؤها فأدبها فأحسن تأديبها وعلمها فأحسن تعليمها ثم أعتقها فتزوجها فله أجران.

(11) **ابو موسيٰ اشعريؓ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ ٽن قسمن جي ماڻهن کي ٻہ ثواب ملندا ([1]) هڪ اهل ڪتاب وارن مان جنهن پنهنجي نبيءؑ تي ايمان آندو ۽ ان کان پوءِ محمد ﷺ تي ايمان آندائين ٻيو ڪوٻہ ٻانهو جو الله تعاليٰ جو حق ادا ڪري ۽ پنهنجي سردارن جو ٻہ. ٽيون اهو جنهن وٽ هڪ ٻانهي هجي ان سان هو صحبت ڪري پوءِ ان کي سهڻو ادب سيکاري ۽ ان کي شريعت جي تعليم ٻہ ڏئي پوءِ ان کي آجو ڪري ان سان نڪاح ڪري، اهڙن ماڻهن کي ٻہ ثواب ملندا.**

12- وعن ابن عمر رضي الله عنهما قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : أمرت أن أقاتل الناس حتى يشهدوا أن لا إله إلا الله وأن محمدا رسول الله ويقيموا الصلاة ويؤتوا الزكاة فإذا فعلوا ذلك عصموا مني دماءهم وأموالهم إلا بحق الإسلام وحسابهم على الله . إلا أن مسلما لم يذكر إلا بحق الإسلام.

(12) **ابن عمرؓ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول خدا ﷺ تہ مون کي (خدا تعاليٰ جي طرفان) حڪم ڪيو ويو آهي تہ آءٌ ماڻهن سان تيسين جنگ ڪندو رهان جيستائين هيءَ شاهدي ڏين تہ([2]) الله کان سواءِ ٻيو ڪوٻہ عبادت جو لائق ناهي ۽ محمد ﷺ الله جو رسول آهي ۽ نماز پڙهن ۽ زڪواة ڏين پوءِ جڏهن اهي ڪم ڪيائون تڏهن مون کان پنهنجي جان ۽ مال بچايائون مگر ٻيا اسلامي حق([3]) (ڪانئن ورتا ويندا) ۽ انهن جو حساب الله تي آهي هيءَ روايت بخاري ۽ مسلم ڪئي آهي مگر مسلم ﴿اِلابِحَقّ الاِسلاَمِ﴾ وارا لفظ نہ آندا آهن.**

13- وعن أنس أنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من صلى صلاتنا واستقبل قبلتنا وأكل ذبيحتنا فذلك المسلم الذي له ذمة الله وذمة رسوله فلا تخفروا الله في ذمته.

---

استويٰ: اهو جو سندس شان لائق آهي. علي قاري حنفي ٿو چوي تہ امام ابو حنيفہ فرمائي ٿو تہ "يد" جو قدرت سان تاويل ڪرڻ سبب ماڻهو الله تعاليٰ جي صفتن کان انڪاري ٿي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري هر ماڻهوءَ کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي صفتن تي ايمان آڻي ۽ تاويل نہ ڪري.امام ابو حنيفه فرمائي ٿو تہ اسين قائل آهيون تہ الله پاڪ کي ٻہ هٿ آهن، پر مخلوق جهڙا نہ آهن، انهن جي ڪيفيت ڪيس ئي معلوم آهي.

[1]_پهرينءَ ٻئي جي ٻن ثوابن جا سبب ظاهر آهن ۽ ٽئي کي ٻہ ثواب هن ڪري ٿا ملن جو هڪ تہ ٻانهيءَ کي آزاد ڪيائين، ٻيو تہ ساڻس نڪاح ڪيائين.

[2]_شاهديءَ مان مراد هيءَ آهي تہ ڪلمي جو اقرارڪري يا ڪلمي جي حڪم کي مڃي ۽ جزيو ڏيڻ قبول ڪري يا صلح يا امن چاهي تہ ان کي ٻہ نہ ماريو.

[3]_ حقوق الاسلام مثلاً ڪو ڪنهن کي ماري، يا زنا ڪري تہ پوءِ ان تي شرعي حڪم موجب قصاص ۽ حد لازم ٿيندي، يا ڪنهن ماڻهوءَ جو مال غصب ڪري تہ ڪانئس ورتو ويندو، اهي اسلام جا حق آهن.

(13) انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلي الله عليه وسلم تہ جنهن ماڻهو اسان جي نماز جو نمونہ نماز پڙهي ۽ اسان جي قبلہ جي سامهون منهن ڪيو ۽ اسان جو ذبح ڪيل کاڌائين تہ پوءِ اهو مسلمان اهڙو آهي جنهن کي خدا ۽ رسول صلي الله عليه وسلم جي امن جو ذمو آهي([1])_ پوءِ الله جي ذمي ۽ امن کي هلڪو نہ ڄاڻو ([2]) هن کي بخاريءَ روايت ڪيو آهي.

14- وعن أبي هريرة قال : أتى أعرابي النبي صلى الله عليه وسلم فقال : دلني على عمل إذا عملته دخلت الجنة . قال : تعبد الله ولا تشرك به شيئا وتقيم الصلاة المكتوبة وتؤدي الزكاة المفروضة وتصوم رمضان . قال : والذي نفسي بيده لا أزيد على هذا شيئا ولا أنقص منه . فلما ولى قال النبي صلى الله عليه وسلم : من سره أن ينظر إلى رجل من أهل الجنة فلينظر إلى هذا.

(14) ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪڙو ٻهراڙي جو ماڻهو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن وٽ آيو ۽ چيائين تہ اهڙي ڪنهن عمل جو مون کي ڏس ڏيو جنهن جي ڪرڻ سببان بهشت ۾ داخل ٿيان. صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ الله جي عبادت ڪر ۽ ان سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪر ۽ فرضي نماز پڙهہ ۽ فرضي زڪواة ادا ڪر ۽ رمضان مهيني جا روزا رک. ([3]) هي ٻڌي اعرابي چيو تہ جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي ان جو قسم آهي تہ انهن حڪمن کان ڪجهہ بہ زياده يا گهٽ نہ ڪندس. پوءِ جڏهن موٽيو تڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ جنهن ماڻهن کي وڻندو هجي تہ ڪنهن بهشتي شخص کي ڏسي تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ هن شخص کي ڏسي. هي روايت بخاري ۽ مسلم بيان ڪئي.

15- وعن سفيان بن عبد الله الثقفي قال : قلت : يا رسول الله قل لي في الإسلام قولا لا أسأل عنه أحدا بعدك وفي رواية : غيرك قال : قل : آمنت بالله ثم استقم .

(15) سفيان بن عبدالله ثقفي کان روايت آهي تہ مون چيو تہ اي الله جا رسول صلي الله عليه وسلم مون کي اسلام بابت ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌاءِ جنهن بابت توهان کان بعد ڪنهن کان بہ پڇڻ جي ضرورت نہ ٿئيم. ٻي روايت ۾ ﴿اَحَدًا بَعدَکَ﴾ جي بجاءِ ﴿غَيرُکَ﴾ آهي. پاڻ صلي الله عليه وسلم فرمايائون تہ "چئو تہ مون الله تي ايمان آندو پوءِ انهيءَ تي قائم رهہ" ([4])
هي حديث مسلم روايت ڪئي آهي.

---

[1]_"ذمي" مان مراد عهد ۽ امان آهي.

[2]_ يعني اهڙي ماڻهوءَ کي نہ ستايو، چو تہ اوهان جي ستائڻ ڪري الله جو انجام تني پوندو، جنهن جو وبال اوهان تي ئي پوندو.

[3]_هن حديث شريف ۾ شهادتين يعني ﴿اَشهَدُ اَنّ لَااِلٰهَ اِلّاَاللهُ وَاَشهَدُ اَنّ مُحَمَّدًا عَبدُهُوَرَسُولُهُ﴾ جو ذڪر آيل ناهي چو تہ اها ڳالهہ مشهور آهي تنهن ڪري انهن لفظن ۾ انهن تي اعتقاد بہ ايمان جو جزو سمجهڻ گهرجي.

[4]_قاضي عياض ٿو چوي تہ هيءَ حديث حضور صلي الله عليه وسلم جن جي فصيح ڪلامن مان هڪ جامع ڪلام آهي ۽ آيت جي موافق آهي:﴿اِنّ الَّذِينَ قَالُوَا رَبُّنَا اللهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوَا﴾ يعني جن ماڻهن چيو تہ اسان جو رب الله آهي پوءِ ان تي ڄمي رهيا ۽ شر ۾ نہ ڦاٿا ۽ الله جي اطاعت کي موت تائين لازم ڪري ورتائون.

16- وعن طلحة بن عبيد الله قال : جاء رجل إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم من أهل نجد ثائر الرأس نسمع دوي صوته ولا نفقه ما يقول حتى دنا من رسول الله صلى الله عليه وسلم فإذا هو يسأل عن الإسلام فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : خمس صلوات في اليوم والليلة . فقال : هل علي غيرهن ؟ فقال : لا إلا أن تطوع . قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : وصيام شهر رمضان . قال : هل علي غيره ؟ قال : لا إلا أن تطوع . قال : وذكر له رسول الله صلى الله عليه وسلم الزكاة فقال : هل علي غيرها ؟ فقال :لا إلا أن تطوع . قال : فأدبر الرجل وهو يقول : والله لا أزيد على هذا ولا أنقص منه . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم :أفلح الرجل إن صدق.

**(16) طلح بن عبيدالله ﷺ كان روايت آهي تہ نجد ([1]) وارن مان هڪ ماڻهو (جنهن جي مٿي جا وار جهنڊولا هئا) رسول اللهﷺ وٽ آيو. اسان انهيءَ جي آواز جو پڙڪاٽ ٻڌو ٿي پر سمجهي نٿي سگهياسون تہ ڇا ٿو چوي تانجو جڏهن ويجهو آيو تہ معلوم ٿيو تہ هو اسلام بابت پڇي رهيو آهي ([2]) نبي ڪريم ﷺ جن جواب ۾ فرمايو تہ رات ڏينهن ۾ پنج نمازون (فرض) آهن تنهن تي ان ماڻهوءَ پڇيو تہ انهن پنجن نمازن کان سواءِ مون تي ٻي بہ ڪا فرض نماز آهي؟ محمدﷺ جن فرمايو تہ نہ مگر جيڪڏهن ڪي نفل پڙهين (تہ ڀلي پڙهہ). وري ﷺ جن فرمايو تہ رمضان جا روزا بہ آهن ان چيو تہ انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪي روزا مون تي آهن؟ پاڻﷺ فرمايائون تہ نہ مگر ڪي نفلي روزا رکين تہ ڀلي رک. راوي چيو تہ رسول اللهﷺ ان کي زڪواة جو بيان بہ ٻڌايو تنهن تي ان چيو تہ زڪواة کان سواءِ ٻيو ڪو صدقو مون تي فرض آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ نہ مگر نفلي خيرات ڏين تہ ڀلي ڏي. طلحہ چيو تہ پوءِ اهو ماڻهو پوئتي موٽيو ۽ چوندو پئي ويو تہ قسم خدا جو آهي تہ انهن کان وڌيڪ يا گهٽ نہ ڪندس([3]) اهو ٻڌي ﷺ جن فرمايو تہ جيڪڏهن هن سچ چيو تہ ڪامياب ٿيو.**

---

[1] _ ”نجد“ هڪ هنڌ جو نالو آهي. مولوي دين محمد وفائي مترجم تجريد البخاري لکيو آهي تہ نجد لغت ۾ مدينه جي مٿين پاڳي کي ٿا چون.

[2] _ يعني اسلام جا احڪام ۽ فرض معلوم ڪيائين. هن حديث مان هي بہ معلوم ٿيو تہ پنجن نمازن کان وڌيڪ ٻي ڪا نماز فرض ناهي، مگر نفل آهي، يا مستحب. وتر جي نماز ۽ عيد جي نماز ۽ سج گرهڻ جي نماز اهي سڀ سنتون آهن جيڪي ماڻهو انهن نمازن کي يا انهن مان ڪنهن بہ نماز کي واجب چوندا ، انهن تي هيءَ حديث حجت آهي. اهي ماڻهو بحث طور شايد ائين چون تہ انهيءَ وقت تائين وتر ۽ عيد نماز واجب نہ هئي مگر اهو فقط هڪ احتمال ۽ خيال آهي انهيءَ سان حديث جو حڪم رد نہ ٿيندو. واللہ اعلم

[3] _يعني جنهن ماڻهو بيان ڪيل ڳالهين ۾ نڪي وڌاءُ ڪيو ۽ نڪي گهٽتائي ڪئي سو آخرت ۾ ڪامياب ٿيندو. جيڪڏهن زياده ڪيائين تہ بهتر آهي. هتي هي سوال پيدا ٿي سگهي ٿو تہ دين جا رڪن ۽ ٻيا عمل پڻ آهن پوءِ هي شخص ڪيئن ٿو چوي تہ آءٌ انهن کان زياده نہ ڪندو؟ انهيءَ جو جواب هي آهي تہ بخاري جي روايت ۾ آيل آهي تہ انهيءَ شخص کي رسول الله ﷺ جن شريعت جون ڳالهيون سمجهايون پوءِ اهو چوندي ويو تہ اللہ جو قسم آهي تہ مون تي جيتري قدر خدا تعاليٰ جو فرض آهي ان ۾ ڪمي بيشي نہ ڪندس. فرضن ۾ دين جا ٻيا ضروري رڪن ۽ عمل اچي وڃن ٿا نفلن ۽ سنتن جو ادا ڪرڻ نجات لاءِ ضروري ڪونہ آهي، ائين برابر آهي تہ سنتن جو هميشہ لاءِ ڇڏي ڏيڻ برابر برو ڪم آهي ۽ اهڙي شخص جي گواهي بہ قبول ڪرڻي ناهي مگر تڏهن بہ

17-وعن ابن عباس رضي الله عنهما قال : إن وفد عبد القيس لما أتوا النبي صلى الله عليه وسلم : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من القوم ؟ أو : من الوفد ؟ قالوا : ربيعة . قال : مرحبا بالقوم أو : بالوفد غير خزايا ولا ندامى. قالوا : يا رسول الله إنا لا نستطيع أن نأتيك إلا في الشهر الحرام وبيننا وبينك هذا الحي من كفار مضر فمرنا بأمر فصل نخبر به من وراءنا وندخل به الجنة وسألوه عن الأشربة . فأمرهم بأربع ونهاهم عن أربع : أمرهم بالإيمان بالله وحده قال : أتدرون ما الإيمان بالله وحده ؟ قالوا : الله ورسوله أعلم . قال : شهادة أن لا إله إلا الله وأن محمدا رسول الله وإقام الصلاة وإيتاء الزكاة وصيام رمضان وأن تعطوا من المغنم الخمس ونهاهم عن أربع : عن الحنتم والدباء والنقير والمزفت وقال : احفظوهن وأخبروا بهن من وراءكم.

**(17) ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ جڏهن قبيلہ عبدالقيس جو وفد نبي ڪريمﷺ جن وٽ آيو تڏهن پاڻﷺ فرمايائون تہ هي ڪهڙي قوم آهي يا فرمايائون ڪهڙو وفد آهي؟ انهن چيو تہ ربيعه (قبيلہ جا آهيون) تڏهن پاڻﷺ فرمايائون تہ ڀلي آئي قوم يا ڀلي آيو وفد، جو نہ ذليل ٿيو آهي ۽ نہ شرمندو.[1] انهن چيو تہ يا رسول الله ﷺ ادب وارن مهينن کان سواءِ اسين اوهان ڏانهن اچي نٿا سگهون.[2] ڇو تہ اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ مضر[3] پاڙي جا ڪافر آهن تنهن ڪري**

---

اهڙو گنهگار نہ ٿيندو جو نجات کان محروم رهي. هن حديث حجهہ جو بيان ڪونہ آهي ۽ ڪن روايتن ۾ روزي جو بہ بيان ڪونہ آهي. ائين برابر آهي تہ سنتن جو هميشہ لاءِ ڇڏي ڏيڻ برابر برو ڪم آهي ۽ اهڙي شخص جي گواهي بہ قبول ڪرڻي ناهي مگر تڏهن بہ اهڙو گنهگار نہ ٿيندو جو نجات کان محروم رهي. هن حديث ۾ حج جو بيان ڪونہ آهي ۽ ڪن روايتن ۾ روزي جو بہ بيان ڪونہ آهي. ان لاءِ قاضي عياض چوي ٿو تہ اهو راوين جو قصور آهي جنهن ڪي جيئن ياد هو انهن ائين بيان ڪيو آهي. معتبر راوي جي زيادتي قابل قبول ۽ حجت هوندي آهي.

[1]_هي وفد لڙائي کان سواءِ از خود مسلمان ٿي آيو. جيڪڏهن لڙائي کان پوءِ مسلمان ٿئي ها تہ ضرور قيد ڪيا وڃن ها ۽ غلام بنايا وڃن ها ۽ سندن مال غنيمت ۾ اچن ها. اهي ڳالهيون قابل شرم و حيا ۽ ذلت جوڳيون آهن، جن کان هي قبيلو بچي ويو.

[2]_ادب وارا مهينا ذوالقعدہ ذوالحج ، محرم ۽ رجب آهن. عرب جاهليت ۾ بہ انهن جو ادب ڪندا هئا ۽ انهن ۾ لڙائي نہ ڪندا هئا.

[3]_. هتي چئن ڳالهين کان وڌيڪ هڪ ٻي ڳالهہ يعني مال غنيمت مان پنجون حصو ڏيڻ بہ ڪين ٻڌايو ويو آهي، ڇو تہ هي ماڻهو مجاهد هئا. غنيمت جو پنجون حصو قرآن ڪريم جي حڪم موجب رسول الله ﷺ ۽ ذي القربىٰ وغيره لاءِ ڏيڻو هو. جڏهن شراب حرام ٿيو، تڏهن شراب جي برتنن کان پڻ منع ڪئي. ويئي ليڪن جڏهن انهيءَ ڳالهہ کي گهڻو عرصو گذري ويو ۽ ماڻهن شراب جي عادت وساري ڇڏي تڏهن انهن برتنن جي ممانعت جو حڪم بہ منسوخ ٿيو. عبدالقيس جي وفد جو مديني منوره ۾ رسول اللهﷺ جن وٽ اچڻ جو مقصد هي هو تہ هڪ دفعي منذر نالي هڪ شخص پنهنجي ملڪ مان چادرون ۽ کجورن وڪري لاءِ مديني منوره ۾ آنديون. هڪ ڏينهن منذر رستي ۾ وينو هو تہ اتان رسول الله ﷺ جن اچي لنگهيا. تڏهن ان کان پڇيائون تہ تنهنجو ۽ تنهنجي قوم جو ڪهڙو حال آهي؟ ۽ پڻ انهيءَ قوم جي وڏن وڏن ماڻهن جو نالو وٺي انهن جا حال پڇيائون. منذر اهو معجزو ڏسي مسلمان ٿيو ۽ سورة فاتحہ ۽ اِقرَا سکي هڪ خط عبدالقيس جي نالي محمدﷺ جن کان کڻي حجر ڏانهن روانو ٿيو. اتي خط رکي، نماز پڙهڻ لڳو. سندس زال جيڪا اشج عمري جي ڌيءُ هئي. ان پنهنجي مڙس کي قرآن ۽ نماز پڙهندي ڏسي پنهنجي پيءُ اشج کي (جنهن جو امراءُ نالي منذر هو) ٻڌايو تہ منهنجي مڙس منذر جو مديني کان واپسيءَ کان پوءِ هيءُ حال آهي جو هٿ پير ۽ منهن ڌوئيندو آهي ۽ پوءِ هڪ طرف منهن ڪري ڪڏهن پنهنجي

اسان کي کو فيصلہ جھڙو (مکمل) حکم ٻڌاءِ جنھن جي خبر اسان پنھنجي پوين کي ڏيون ۽ ان تي عمل کرڻ سان بھشت ۾ داخل ٿيون ۽ انھن پيئڻ جي ٿانؤن بابت پڇيو. پوءِ رسول خداﷺ چئن شين جو انھن کي حکم ڏنو ۽ چئن کان منع کئي ھک ﷲ پاک تي ايمان آڻڻ جو حکم کيو. پڇيائين تہ اوھان کي سڌ آھي تہ ھک ﷲ تي ايمان کيئن ٿيندو آھي؟ انھن چيو تہ ﷲ ۽ ان جو رسولﷺ وڌيک ڄاڻن ٿا. پاڻﷺ فرمايائون تہ ھيءَ شاھدي ڏيڻ تہ ﷲ کان سواءِ ٻيو کو معبود ناھي ۽ محمدﷺ ﷲ جو رسول آھي ۽ نماز پڙھڻ ۽ زکواة ڏيڻ ۽ رمضان جا روزا رکڻ ۽ پڻ غنيمت[1] جي مال مان پنجون حصو ڏنو وڃي ۽ چئن (ٿانون) ۾ پيئڻ کان منع فرمايائين ختم يعني پٽر مان کوريل ٿانو نقير يعني کاٺ جو پيالو مزفت يعني ڏامر ۾ پچايل ٿانو ۽ ٻڌايائون تہ انھن حکمن کي ياد کري وڃي ۽ پنھنجن پوين کي وڃي ٻڌايو. ھي حديث بخاري ۽ مسلم روايت کئي آھي.

18- وعن عبادة بن الصامت قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم وحوله عصابة من أصحابه : بايعوني على أن لا تشركوا بالله شيئا ولا تسرقوا ولا تزنوا ولا تقتلوا أولادكم ولا تأتوا ببهتان تفترونه بين أيديكم وأرجلكم ولا تعصوا في معروف فمن وفى منكم فأجره على الله ومن أصاب من ذلك شيئا فعوقب به في الدنيا فهو كفارة له ومن أصاب من ذلك شيئا ثم ستره الله عليه في الدنيا فهو إلى الله : إن شاء عفا عنه وإن شاء عاقبه فبايعناه على ذلك.

(18) عباده بن صامت ﷺ کان روايت آھي تہ رسول الله ﷺ اصحابن جي جماعت کي خطاب کري فرمايو جيکي سندس چؤطرف ويٺل ھئا تہ ھينئين ڳالھين تي منھنجي بيعت کريو جيئن تہ کنھن شيءِ کي ﷲ سان شريک کندؤ ۽ چوري نہ کندؤ ۽ زنا نہ کندؤ ۽ نہ پنھنجي اولاد کي قتل کندؤ ۽ نکي کو ھٿ ٺوکيو بھتان ناھي (ٻين تي) مڙھيندؤ ۽ نہ نيک کمن ۾ نافرماني کندؤ. پوءِ جنھن ماڻھو اوھان مان انھن انجامن کي پورو کيو ان جو ثواب ﷲ تي آھي ۽ جيکو ماڻھو انھن (برائين مان) کنھن ۾ گرفتار[2] ٿيو ۽ دنيا ۾ سزا[3] ملي ويس تہ اھا ان جي لاءِ کفارو يعني بدلو آھي ۽ آخرت ۾ ٻيو عذاب کونہ ٿيندس) ۽ جيکو اوھان مان انھن ۾ پيو ۽

---

جھکائيندو آھي ۽ کڏھن وري زمين تي کري پوندو آھي. منذر جڏھن پنھنجي سھري سان مليو تہ انھيءَ کانئس ان ڳالھ بابت حقيقت معلوم کئي. منذر مديني منوره ۾ نبي اکرم ﷺ کان معلوم کيل سڀ ڳالھيون ان کي ٻڌايون ۽ رسول الله ﷺ جن کان مليل خط بہ ان کي ڏنائين، جيکو ھن قبيلي جي سمورن ماڻھن کي پڙھي ٻڌايو، جنھن تي اھي سڀ مسلمان ٿيا. پوءِ منذر ۽ اشج کي ڳوٺ وارن جي وفد جو اڳواڻ بنائي مديني منوره ڏانھن رسول الله ﷺ جن سان ملڻ لاءِ موکليو. اجان رستي ۾ ھو تہ اڳواٽ حضورﷺ جن صحابہ کرام کي خبر ڏني تہ حجر مان وفد عبدالقيس اچي رھيو آھي. ھنن ۾ اشج اھڙو آھي جو نہ شک کرڻ وارو آھي ۽ نہ ڦرڻ وارو (نووي).

[1] _مضر ھک قبيلي جو نالو آھي.

[2] _يعني جيکڏھن کو گناھ کري وينو تہ توبہ کان سواءِ معاف نہ ٿيندس.

[3] _يعني جنھن سان گناھ جي عيوض شرک جي حد لاڳو ٿي وئي يا کا بيماري ٿيس تہ اھو بہ کيل گناھ جو کفارو آھي.

**خدا تعاليٰ ان کي دنيا ۾ ڪٺي ڍڪيو تہ پوءِ اهو خدا جي حوالي آهي[1] جيڪڏهن گهري ان کي معاف ڪري. وڏيس تہ عذاب ڪري[2] پوءِ اسان انهن ڳالهين تي بيعت ڪئي (بخاري ۽ مسلم)**

19- وعن أبي سعيد الخدري قال: خرج رسول الله صلى الله عليه وسلم في أضحى أو فطر إلى المصلى فمر على النساء فقال يا معشر النساء تصدقن فإني أريتكن أكثر أهل النار فقلن: وبم يا رسول الله قال: تكثرن اللعن وتكفرن العشير ما رأيت من ناقصات عقل ودين أذهب للب الرجل الحازم من إحداكن قلن: وما نقصان ديننا وعقلنا يا رسول الله قال أليس شهادة المرأة مثل نصف شهادة الرجل قلن بلى قال فذلك من نقصان عقلها أليس إذا حاضت لم تصل ولم تصم قلن بلى قال فذلك من نقصان دينها.

(19) **ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي رسول الله ﷺ عيد الضحيٰ يا عيد الفطر جي ڏينهن عيدگاه کان نڪتو پوءِ ڪن زالن وٽان اچي لنگهيو[3] پوءِ انهن کي چيائين تہ اي جماعت زالن جي! اوهين خيرات ڪريو ڇو تہ تحقيق مون کي ڏيکاريو ويو آهي تہ دوزخ ۾ اوهان جو انداز گهڻو هو[4] انهن چيو تہ يا رسول الله ﷺ ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ ﷺ جن فرمايو تہ اوهين لعنت ملامت گهڻي قدر ڪنديون آهيو ۽ پنهنجي مڙس جي بي شڪري ڪنديون آهيو. اوهين زالون عقل ۽ دين ۾ گهٽ درجي واريون آهيو مگر مون توهان کان هوشيار مردن جي عقل وڃائڻ ۾ وڌيڪ ڪنهن کي نہ ڏٺو اٿم. انهيءَ تي زالن چيو اسان جي دين ۽ عقل ۾ ڪهڙا نقصان آهن يا رسول الله ﷺ فرمايائون تہ اوهان جي شاهدي ( قرآن موجب) مرد جي شاهدي جي اڌ حصي برابر نہ آهي ڇا؟ چيائون تہ هائو! ﷺ جن فرمايو تہ اهو اوهان جي عقل جو نقصان آهي، دين[5] جي نقصان بابت ٻڌايائون تہ اوهان حيض واري وقت ۾ نماز ادا ڪري نہ ٿيون سگهو. نڪي روزو رکي ٿيون سگهو. ائين نہ آهي ڇا چيائون تہ هائو ﷺ جن فرمايو تہ اهو اوهان جي دين جي نقصان جو سبب آهي.[6] هي حديث بخاري ۽ مسلم روايت ڪئي آهي.**

---

[1]_يعني دنيا ۾ ظاهر نہ ٿيو جنهن ڪري حد نہ لڳس.

[2]_اهل السنت و الجماعت جو هي مذهب آهي تہ اهڙي گنهگار کي الله بخشي يا عذاب ڪري اها ڳالهہ سندس مرضي تي ڇڏيل آهي باقي معتزلي ٿا چون تہ گنهگار کي عذاب واجب آهي انجي بخشش نہ ٿيندي. پر هيءَ حديث انهن تي حجت آهي.

[3]_عورتن کي هن سبب ڪري خاص طرح وعظ فرمايائون جو اهي پري وينل هيون جنهن ڪري انهن خطبي جو آواز شايد پوري طرح نہ سمجهيو هوندو.

[4]_هن مان معلوم ٿيو تہ دوزخ ۾ عورتون گهڻيون هونديون ۽ مرد گهٽ هوندا.

[5]_ عورتن جو عقل ۽ دين ۾ ناقص هجڻ سندن فطرت تي آهي، ان ۾ انهن جو ذاتي قصور ناهي، پر تڏهن بہ انهن ۾ قدرتي نقصان موجب سندن درجو مرد کان خدا تعاليٰ گهٽ ٺهرايو آهي.

[6]_هن حديث مان گهڻا فائدا معلوم ٿين ٿا. هڪ خيرات ۽ چڱا ڪم ۽ ٻيو استغفار گهڻو ڪرڻ گهرجي ڇو تہ چڱن ڪمن ڪرڻ سان گناهہ معاف ٿي وڃن ٿا. اهڙا حڪم قرآن شريف ۾ آيل آهن ٿيون تہ مرد جي ناشڪري ۽ احسان فراموشي بہ وڏو گناهہ آهي ڇو تہ ان جي سببان دوزخ جي سزا ملندي يا خدا وارن گناهن سببان ملندي آهي چوٿون تہ لعنت ڪرڻ بہ هڪ گناہ آهي مگر ڪبيرو گناهہ نہ آهي جيئن تہ حضور ﷺ جن عورتن کي فرمايو تہ توهين گهڻي لعنت ٿيون ڪريو يعني معلوم ٿيو تہ گهڻي لعنت ڪرڻ بہ گناهہ آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ مسلمان تي لعنت ڪرڻ ان کي خون ڪرڻ جي برابر آهي. لعنت هڪ قسم جي پِٽ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”

20- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال الله كذبني ابن آدم ولم يكن له ذلك وشتمني ولم يكن له ذلك أما تكذيبه إياي أن يقول إني لن أعيده كما بدأته وأما شتمه إياي أن يقول اتخذ الله ولدا وأنا الصمد الذي لم ألد ولم أولد ولم يكن لي كفؤا أحد﴿ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ ﴿٣﴾ وَلَمْ يَكُن لَّهُۥ كُفُوًا أَحَدٌ ﴿٤﴾ ﴾ الإخلاص، كفؤا وكفيئا وكفاء واحد.

**(20) ابو هريرهﷺ کان روايت آهي ته فرمايو رسول اللهﷺ ته ﷲ پاڪ فرمائي ٿو ته مون کي آدم جي اولاد ڪوڙو بنايو آهي پر ان کي ائين ڪرڻ لائق ڪونه هو ۽ مون کي برو چيو اٿس پر ان کي برو چوڻ لائق نه هو. ان جو مون کي ڪوڙو چوڻ هي آهي جو چوي ٿو ته ﷲ مونکي مرڻ کان پوءِ جيئن پهريائين جيئرو ڪيو هئائين تيئن ٻيهر جيئرو نه ڪندو حالانڪ پهرين پيدا ڪرڻ پوئين پيدا ڪرڻ کان مون کي سولو ڪونه هو[1] انجو برو چوڻ مونکي هي آهي ته خدا پاڪ پنهنجا اولاد نهرايا آهن حالانڪ آءٌ اڪيلو بي پرواهه آهيان. نه منهنجو ڪو پُٽ آهي نه آءٌ ڪنهن جو پُٽ آهيان ۽ منهنجو ڪو شريڪ ڪونهي.**

21- وفي رواية عن ابن عباس : وأما شتمه إياي فقوله : لي ولد وسبحاني أن اتخذ صاحبة أو ولدا. (21)

**ابن عباسﷺ جي روايت ۾ آهي ته مون کي ان جو برو چوڻ هي آهي ته هو چوندو آهي ته مون کي به اولاد آهي مگر آءٌ پاڪ آهيان ([2]) عورت ۽ اولاد جي مون کي گهر ڪانهي انهي کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

22- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : قال الله تعالى : يؤذيني ابن آدم يسب الدهر وأنا الدهر بيدي الأمر أقلب الليل والنهار.

---

شل خدا تعاليٰ جي رحم کان پري رهين.“ پنجون ناشڪري ۽ احسان فراموشيءَ کي به ڪفر چيو ويو آهي، مگر هي ڪفر شرعي ڪونهي، پر لغوي آهي. ڇهون ته ايمان به گهٽ وڌ ٿئي ٿو چو ته عورتن جو دين مردن جي دين جي مقابلي ۾ گهٽ شمار ڪيو ويو آهي. ستون ته امام ۽ حاڪم کي ديني ڪمن ۾ نصيحت ڪرڻ خاص طرح ضروري آهي. انون ته شاگرد کي استاد کان ۽ رعيت کي حاڪم کان سوال ڪرڻ درست آهي، جيڪڏهن ڪين ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي.

سوال: جيڪڏهن ڪو ماڻهو پڇي ته حائض عورت عذر واري آهي ان کي سندن نماز جو ثواب پورو ملڻ گهرجي؛ جيئن بيمار ۽ مسافر کي بيماريءَ ۽ سفر جي حالت ۾ پڙهيل رڪعتن ۽ نفل جو ثواب ۽ اجر ملڻ حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته ان اصول موجب حيض واري عورت کي معاف ٿيل نماز جو ثواب ڇو نه ملندؤ؟

جواب: انهيءَ جو سبب اهو آهي ته بيمار يا مسافر ماڻهو نماز جي نيت ڪري سگهن ٿا مگر حيض واري عورت نماز ۽ نيت ٻنهي کي ترڪ ڪري ٿي ۽ ثواب جو دارو مدار نيت تي ٻڌل آهي. جڏهن ته نيت ئي نه ڪندي ته ثواب ڪٿان ۽ ڪيئن ملندؤ؟

[1] _يعني جڏهن آئون پهرئين دفعي پيدا ڪندڙ آهيان ته ٻئي دفعي پيدا ڪرڻ ۾ مون کي ڪا مشڪلات نه ٿيندي.

[2] _جيئن نصاريٰ عيسيٰؑ کي، يهودي عزير کي ﷲ تعاليٰ جو فرزند ۽ عرب جا مشرڪ ملائڪن کي خدا تعاليٰ جون ڌيئرون ڪونين ٿا.

(22) **ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ الله پاڪ فرمائي (1) تہ مون کي آدم جي اولاد ڏک پهچايو آهي چو تہ هو زماني کي بڇڙو چوي(2) تہ مگر آئون پاڻ زمانو آهيان منهنجي هٿ ۾ حڪم آهي ۽ رات ڏينهن کي ڦرائيندو آهيان. هي حديث بخاري ۽ مسلم روايت ڪئي آهي.**

23- وعن أبي موسى الأشعري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ما أحد أصبر على أذى يسمعه من الله يدعون له الولد ثم يعافيهم ويرزقهم.

(23) **ابو موسيٰ اشعري ؓ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول خدا ﷺ تہ ايذاءُ پهچڻ بعد صبر ڪرڻ ۾ الله تعاليٰ کان وڌيڪ ڪوبہ نہ آهي چو تہ ماڻهو ان جي نالي اولاد پيا سڏيندا آهن. جا ڳالهہ ٻڌي پيو تڏهن بہ انهن کي تندرستي ۽ رزق پيو ڏئي. هن حديث کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

24- وعن معاذ رضي الله عنه قال: كنت ردف النبي صلى الله عليه وسلم على حمار يقال له عفير فقال: يا معاذ هل تدري حق الله على عباده وما حق العباد على الله ؟ قلت: الله ورسوله أعلم قال: فإن حق الله على العباد أن يعبدوه ولا يشركوا به شيئا وحق العباد على الله أن لا يعذب من لا يشرك به شيئا فقلت: يا رسول الله أفلا أبشر به الناس قال: لا تبشرهم فيتكلوا.

(24) **معاذ ؓ کان روايت آهي تہ آءٌ رسول الله ﷺ جن جي پويان هڪ گڏهہ تي گڏ سوار هوس منهنجي ۽ رسول الله ﷺ جن جي وچ ۾ هني جي ڪاٺي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ (مفاصلو نہ هو تہ پوءِ ﷺ جن فرمايو اي معاذ! توکي خبر آهي تہ الله تعاليٰ جو پنهنجن ٻانهن تي ڪهڙو حق آهي ۽ ٻانهن جو خدا تعاليٰ تي ڪهڙو حق آهي؟ مون چيو تہ الله ۽ ان جو رسول ﷺ وڌيڪ ڄاڻن ٿا پاڻ ﷺ فرمايائون تہ الله جو حق ٻانهن تي هي آهي تہ اهي ان جي عبادت ڪن ۽ ڪنهن بہ شيءِ کي ان سان شريڪ نہ ڪن ۽ ٻانهن جو حق (3) الله تي هي آهي تہ جڏهن ٻانهان ان سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ نہ ڪن (4) تہ هو انهن کي عذاب نہ ڪري(1) هن تي مون چيو تہ يا رسول الله ﷺ**

---

[1] _هي حديث قدسي آهي حديث قدسي اها آهي جنهن ۾ ﷺ جن الله پاڪ جو نالو وٺي فرمائين ٿا تہ خدا تعاليٰ هيئن ٿو فرمائي يا فرمائين تہ آئون خدا کان روايت ڪريان ٿو. قرآن شريف ۽ حديث قدسي ۾ هيءُ فرق آهي تہ حديث قدسي ۾ الهام يا خواب جي ذريعي يا فرشتن جي ٻڌايل لفظن کي ٻين لفظن ۾ ادا ڪيو وڃي جن جي معنيٰ اصل لفظن سان برابر هجي. قرآن شريف خاص جبرئيلؑ جي وسيلي ﷺ جن تي معين لفظن سان نازل ڪيل کي چئبو آهي قرآن پاڪ سڄو متواتر آهي ۽ حديث قدسي متواتر ناهي.

[2] _ جيئن عام ماڻهو مصيبت جي وقت "زماني جي گردش" کي بہ برو بڇڙو ڳالهائيندا آهن جيڪي ماڻهو زماني کي برو چون ٿا سي دهريا آهن جيڪي زماني کي صانع يعني پيدا ڪندڙ سمجهي چون ٿا، حالانڪ انهن کي تصرف ۽ ڪوبہ اختيار ڪونهي. تصرف ڪندڙ الله پاڪ آهي. پوءِ جيڪو زماني کي ڳالهائي ٿو سو جڻ خدا پاڪ کي ٿو ڳالهائي.

[3] _ٻانهن جا حق الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان پاڻ مقرر فرمايا آهن نہ تہ ٻانهي کي ڪهڙي حجت آهي جو خدا کان پنهنجو حق ڇڪي.

[4] _يعني بت پرستي، قبر پرستي ۽ غير الله کان مدد گهرڻ وغيره انهيءَ قسم جا ڪم نہ ڪن.

آءُ ماڻهن کي انهيءَ جي خوشخبري ٻڌايان. فرمايائون تہ خوشخبري نہ ڏي. چو تہ پوءِ هو توکل تي بيهي رهندا. هن حديث کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.

25- وعن أنس بن مالك أن النبي صلى الله عليه وسلم ومعاذ رديفه على الرحل قال : يا معاذ بن جبل قال: لبيك يا رسول الله وسعديك قال: يا معاذ قال: لبيك يا رسول الله وسعديك ثلاثا قال: ما من أحد يشهد أن لا إله إلا الله وأن محمدا رسول الله صدقا من قلبه إلا حرمه الله على النار قال: يا رسول الله أفلا أخبر به الناس فيستبشروا قال: إذا يتكلوا وأخبر بها معاذ عند موته تأثما.

(25) انس ﷛ کان روايت آهي تہ تحقيق رسول الله ﷺ سان معاذ پٺ تي وهٽ تي گڏ سوار هو ان وقت ﷺ جن فرمايو تہ اي معاذ ان چيو تہ حاضر آهيان يا رسول الله ﷺ ۽ خدمت ۾ حاضر آهيان. وري فرمايائون اي معاذ! چيائين حاضر آهيان يا رسول الله ﷺ ۽ خدمت ۾ حاضر آهيان يا رسول الله ﷺ ۽ خدمت ۾ حاضر آهيان. اهڙي طرح ٽي دفعہ سڏڻ[2] بعد فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪوبہ سچي دل[3] سان هيءَ شاهد ڏئي تہ ﷲ کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي ۽ محمد ﷺ ﷲ جو رسول آهي تہ خدا تعاليٰ ان تي دوزخ جي باهہ حرام ڪندو. معاذ چيو تہ يا رسول الله ﷺ آءُ اها خبر ماڻهن کي ٻڌايان تہ اهي بہ خوش ٿين؟ پاڻ ﷺ فرمايائون تہ نہ چو تہ ان وقت توکل ڪري ويهي رهندا. (مبادا نيڪ عمل ڪرڻ ڇڏي ڏي) اها خبر معاز وفات واري وقت کان ٿورو اڳ ظاهر ڪئي[4] هن خيال کان تہ متان حديث لڪائڻ جو گناهہ مٿس پوي. هي حديث بخاري ۽ مسلم روايت ڪئي آهي.

26- وعن أبي ذر رضي الله عنه قال أتيت النبي صلى الله عليه وسلم وعليه ثوب أبيض وهو نائم ثم أتيته وقد استيقظ فقال : ما من عبد قال لا إله إلا الله ثم مات على ذلك إلا دخل الجنة قلت: وإن زنى وإن سرق قال:

---

[1] _هن حديث جو مطلب آهي تہ موحد ماڻهو ڀيا ڪيترا بہ گناهہ ڪندو تہ انشاءﷲ انهن جي سزا کان امن ۾ رهندو، يا سزا ڪاٽي دوزخ کان ٻاهر نڪرندو؛ يعني جيئن ڪفار ۽ مشرڪين گناهن جي سببان دائما دوزخ ۾ رهندا، تيئن موحد هميشہ جهنم ۾ نہ رهندا پنهنجي گاهن جي مقرر سزا پوگي آخر ڇٽندا.

[2] _ ﷺ جن معاذ کي ٽي دفعہ سڏ ڪرڻ بعد اها حديث ٻڌائي؛ جنهن جو مطلب هي هو تہ هو پوري خيال ۽ توجهہ سان ٻڌي.

[3] _هن مان مراد آهي تہ ڪلمون تہ چوي پر ان سان گڏ ڪلمي جي تعليم جو بہ خيال رکي. خالي ڪلمي پڙهڻ سان دوزخ حرام نٿو ٿي سگهي. يا هي مراد سمجهجي تہ ڪلمو پڙهندڙ ماڻهو ڪافرن وانگر هميشہ دوزخ ۾ نہ رهندو ۽ آخر ڇٽندو.

[4] _هن مان سوال ٿو نڪري تہ جڏهن ﷺ جن معاذ﷛ کي حديث ظاهر ڪرڻ کان منع ڪئي هئي، تڏهن هن پنهنجي اخير عمر ۾ چو حديث کي ظاهر ڪيو؟

جواب هي آهي تہ جنهن وقت ﷺ جن اها حديث معاذ﷛ سان بيان ڪئي هئي ۽ لڪائڻ بنسبت فرمايو هئائون ان وقت اڪثر ماڻهو نو مسلم هئا. تنهن ڪري هي خيال رکڻ ضروري هو تہ ماڻهو انهيءَ ڳالهہ تي فقط پروسو ڪري ويهي نہ رهن ۽ عمل ڪرڻ ڇڏي نہ ڏين. پر پوءِ جڏهن گهڻن ورهن گذرڻ بعد معاذ پنهنجي پڇاڙيءَ واري عمر ۾ ڏٺو تہ هاڻي عمل تي سڀ ماڻهو مستقيم ۽ مستحڪم ٿي ويا آهن، تڏهن ڪين اها حديث بہ ٻڌائي ڇڏيائين هن مطلب تي تہ اها حديث مٿس ٻار نہ ٿئي.

وإن زنى وإن سرق قلت :وإن زنى وإن سرق قال: وإن زنى وإن سرق قلت وإن زنى وإن سرق قال: وإن زنى وإن سرق على رغم أنف أبي ذر وكان أبو ذر إذا حدث بهذا قال: وإن رغم أنف أبي ذر.

(26) **ابو ذر ﷛ کان روايت آهي تہ (هڪ دفعي) آءٌ نبي ڪريم ﷺ جن وٽ ويس پاڻ ﷺ ان وقت ننڊ ۾ ستل هئا ۽ مٿن اڇو ڪپڙو (اوڍيل) هو پوءِ آءٌ موٽي ويس ۽ وري آيس ان وقت جاڳي چڪا هئا پوءِ پاڻ ﷺ فرمايائون تہ جيڪو ماڻهو چوي تہ ﷲ کانءِ سواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ناهي پوءِ انهيءَ حالت ۾ مري وڃي تہ اهو بهشت ۾ داخل ٿيندو. مون عرض ڪيو تہ جيڪڏهن زنا ۽ چوري ڪري تہ بہ[1] وري مون چيو تہ جيڪڏهن زنا ۽ چوري ڪري تہ بہ، وري مون چيو تہ جيڪڏهن زنا ۽ چوري ڪري تہ بہ، وري مون چيو تہ جيڪڏهن زنا ۽ چوري ڪري تہ بہ[2] پاڻ ﷺ فرمايائون تہ زنا ۽ چوري ڪري تہ بہ بهشت ۾ داخل ٿيندو. پلي ابوذر جي نڪ تي مٽي پوي ان کان پوءِ ابوذر جڏهن اها حديث بيان ڪندو هو تڏهن پڇاڙي ۾ پاڻ بہ نبي ڪريم ﷺ جن جا خوش طبعي ۾ بڌل لفظ چوندو هو. (بخاري مسلم)**

27- وعن عبادة بن الصامت رضي الله عنه عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : من شهد أن لا إله إلا الله وحده لا شريك له وأن محمدا عبده ورسوله وأن عيسى عبد الله ورسوله وابن أمته وكلمته ألقاها إلى مريم وروح منه والجنة والنار حق أدخله الله الجنة على ما كان من العمل.

(27) **عباده بن صامت ﷛ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ جيڪو ماڻهو هي شاهدي ڏئي تہ ﷲ کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ناهي هو اڪيلو آهي ان جو ڪوبہ شريڪ ناهي ۽ تحقيق محمد ﷺ ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي ۽ تحقيق عيسىٰ ؑ، ﷲ جو ٻانهو ۽ رسول آهي ۽ ان جي ٻانهي [3] جو پٽ آهي ۽ ان جي ڪلمي [4] يعني ڪُن سان پيدا ٿيل آهي.۽ ان ڪي مريم**

---

[1]_ هن حديث جو هي مطلب آهي تہ ﷲ تعالىٰ زنا، چوري ۽ ٻين ڪبيرن گناهن جي سزا پاڻ ڏيڻ بعد ڪيس بهشت ۾ داخل ڪري يا اهي ڪبرا گناهہ معاف ڪري ڇڏي، اها ڳالهہ سندس مرضي تي ڇڏيل آهي.

[2]_ هيءَ ڳالهہ ابو ذر ﷛ بار بار پئي پڇي تہ ڪبيرا گناهہ ڪيئن بخش ٿيندا؟ ۽ آخر ﷺ جن فرمايو تہ "رغم انف ابي ذر" اهي لفظ عربي زبان ۾ هڪ اصطلاح ۽ محاورو آهي. جيئن تہ ابو ذر ﷛ کي وڏن گنان کان نفرت هئي ۽ گنهگارن کي ﷲ جي رحمت کان دور سمجهندو هو، انهي ڪري بار بار پڇيائين تي ۽ اها بہ دراصل ان جي ايمان جي نشاني آهي.

[3]_ٻانهيءَ مان مراد بيبي مريم سڳوري آهي.

[4]_ عيسىٰ ؑ کي ڪلمة ﷲ ان ڪري چيو ويو آهي جو فقط لفظ ڪُن سان پيدا ٿيو آهي. عيسىٰ ؑ کي روح ﷲ ان ڪري سڏيو ويو آهي جو مئلن کي خدا پاڪ جي حڪم سان جيئرو ڪندو هو. پڻ ﷲ جو روح ڪيس هن ڪري بہ چيو ويو آهي جو پيءُ کان سواءِ پيدا ٿيو يا سندس شان بزرگي وڌائڻ لاءِ ائين چيو ويو آهي; جيئن " بيت ﷲ" _ " ناقة ﷲ" اهي لفظ شان وڌائڻ لاءِ چئبا آهن. هيءَ حديث عقائد ۾ جامع ۽ ڪارامد آهي، جنهن ۾ سيني ڪافر امتن جو رد آهي. هن وقت جا ملحد چوندا آهن تہ عيسىٰ ؑ پيءُ کان سواءِ ڪيئن پيدا ٿيو؟ ان جو جواب هيءُ آهي تہ جيئن آدم ؑ پيءُ ۽ ماءُ کان سواءِ پيدا ٿيو آهي; پوءِ عيسىٰ ؑ کي پيءُ کان سواءِ فقط ماءُ مان پيدا ڪرڻ ﷲ لاءِ ڪهڙي مشڪلات آهي؟ جيئن قرآن مجيد ۾ آيل آهي: ﴿اِنَّ مَثَلَ عِيسىٰ عِندَاللهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ﴾ يعني عيسىٰ ؑ جو مثال ﷲ تعالىٰ وٽ آدم ؑ جهڙو آهي.

ڏانهن موڪليائين ۽ ان جي طرفان روح آهي ۽ بهشت ۽ دوزخ سچ آهن ته اهو ماڻهو اگرچه ڪهڙي به عمل تي هوندو ته به بهشت ۾ داخل ٿيندو.(بخاري مسلم)

28- وعن عمرو بن العاص قال : أتيت النبي صلى الله عليه وسلم فقلت ابسط يمينك فلأبايعك فبسط يمينه قال فقبضت يدي فقال: ما لك يا عمرو قلت أردت أن أشترط قال: تشترط ماذا قلت أن يغفر لي قال أما علمت أن الإسلام يهدم ما كان قبله وأن الهجرة تهدم ما كان قبلها وأن الحج يهدم ما كان قبله ؟

(28) عمرو بن العاص رضي الله عنه کان روايت آهي ته آئون نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن وٽ ويس ۽ چيو ته پنهنجو ساڄو هٿ کول ته آءٌ تنهنجي بيعت ڪريان پوءِ صلي الله عليه وسلم جن پنهنجو ساڄو هٿ کوليو تڏهن مون وري پنهنجو هٿ پٺتي هٽايو تڏهن مون کي فرمايائون ته اي عمرو! توکي ڇا ٿيو؟ چيم هن ڪري جو ڪجهه شرط ڪرڻا اٿم. صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته تون ڪهڙو شرط ڪندين؟ چيم ته مون کي بخشيو وڃي. فرمايائون ته اي عمرو! خبر نه اٿئي ته اسلام آڳ اڳيان گناهه ڪيرائي ڇڏيندو آهي ۽ تحقيق هجرت به اڳيان گناهه ڪيرائي ڇڏيندي آهي ۽ تحقيق حج به اڳيان گناهه ڪيرائي ڇڏيندو آهي هن حديث کي مسلم روايت ڪيو ۽ ٻيون ٻه حديثون جيڪي ابو هريره صلي الله عليه وسلم کان روايت ٿيل آهن جن مان پهرين جو سرو هي آهي: قال الله تعالىٰ ﴿انا اغني الشركاءِ عن الشرک﴾. ۽ ٻي جو سرو آهي: الكبرياءُ ردائي. اهي ٻئي حديثون انشاءالله تعالىٰ باب الرياءِ والكبر ۾ بيان ڪنداسون.

## فصل ٻيو

29- عن معاذ بن جبل قال: كنت مع النبي صلى الله عليه وسلم في سفر فأصبحت يوما قريبا منه ونحن نسير فقلت: يا رسول الله أخبرني بعمل يدخلني الجنة ويباعدني عن النار قال: لقد سألتني عن عظيم وإنه ليسير على من يسره الله عليه تعبد الله ولا تشرك به شيئا وتقيم الصلاة وتؤتي الزكاة وتصوم رمضان وتحج البيت ثم قال ألا أدلك على أبواب الخير الصوم جنة والصدقة تطفئ الخطيئة كما يطفئ الماء النار وصلاة الرجل من جوف الليل قال: ثم تلا ﴿ تَتَجَافَىٰ جُنُوبُهُمْ عَنِ ٱلْمَضَاجِعِ ... ﴾ السجدة: ١٦ حتى بلغ ﴿ ...يَعْمَلُونَ ﴿١٧﴾ ﴾ السجدة.ثم قال: ألا أدلك برأس الأمر كله وعموده وذروة سنامه قلت بلى يا رسول الله قال رأس الأمر الإسلام وعموده الصلاة وذروة سنامه الجهاد ثم قال: ألا أخبرك بملاك ذلك كله قلت بلى يا نبي الله فأخذ بلسانه فقال: كف عليك هذا فقلت: يا نبي الله وإنا لمؤاخذون بما نتكلم به فقال ثكلتك أمك يا معاذ وهل يكب الناس في النار على وجوههم أو على مناخرهم إلا حصائد ألسنتهم.

(29) معاذ رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون عرض ڪيو ته يا رسول الله صلي الله عليه وسلم مون کي اهڙي عمل جو ڏس ڏيو جيڪو مون کي جنت ۾ داخل ڪري ۽ دوزخ کان پري ڪري. فرمايائون ته بيشڪ تو هڪ وڏو ڪم بابت سوال پڇيو آهي ۽ بيشڪ هو ڪم انهيءَ ماڻهو لاءِ يقيناً آسان آهي

جنهن لاءِ الله آسان ڪري. (اهي ڪم هي آهن) تون الله جي عبادت ڪر ([1]) ۽ ان سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ نہ ڪر، نماز قائم ڪر ۽ زڪوٰة ادا ڪر ۽ رمضان جا روزا رک ۽ بيت الله جو حج ڪر پوءِ فرمايائون تہ توکي خير جي دروازن بابت خبر نہ ڏيان؟ روزو گناهن کان بچڻ لاءِ ڍال آهي ۽ خيرات ڏيڻ گناهن کي ائين اجهائيندڙ آهي جيئن پاڻي باھ کي اجهائي ۽ ماڻهوءَ جي وچ رات ۾ (تهجد) نماز پڙهڻ. پوءِ قرآن شريف جي هيءَ آيت ([2]) پڙهيائون ﴿تَتَجَافَىٰ جُنُوبُهُم عَنِ المَضَاجِعِ.......... يَعلَمُونَ﴾ تائين. پوءِ فرمايائون تہ توکي ڪم جي مٿي ( منڍ ) ۽ ان جي ٿنڀ ۽ وڏي ٿوهي بابت خبر ڏيان؟ مون چيو تہ هائو يا رسول الله ﷺ! تنهن تي فرمايائون تہ ڪم جو مٿو اسلام آهي ([3]) ۽ نماز ان جو ٿنڀو ([4]) آهي ۽ جهاد وڏو ٿوهو آهي ([5]) وري فرمايائون: انهن سڀني ڪمن جي جَڙَ جي توکي خبر ڏيان؟ چيم تہ هائو اي الله جا نبي ﷺ! پاڻ پنهنجي زبان هٿ ۾ جهليائون ۽ فرمايائون تہ هن کي روڪي رک. مون چيو تہ اي الله جا نبي ﷺ! اسين جيڪي زبان سان ڳالهايون ٿا، انجي سڀني بہ اسان جو مؤاخذو ۽ محاسبو ڪيو ويندو ڇا؟ پاڻ ﷺ فرمايائون تہ توکي اي معاذ! تنهنجي ماءُ وساري، بيشڪ لٽندڙ زبانون اونڌي منهن ڀر يا نڪ جي چوٽيءَ ڀر ماڻهن کي باھ ۾ اونڌو ڪيرائينديون. هي حديث احمد، ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪئي آهي.

فائده: هن حديث جي سند ۾ ابو وائل راويءَ جو معاذ بن جبل رضي الله عنه کان سماع ثابت ناهي، ان ڪري حديث ضعيف آهي_ بلڪ معاذ رضي الله عنه کان مروي انهيءَ حديث جا سڀ طرق ۽ سندون ضعيف آهن. (مرعاة المفاتيح ج_1 ص_101)

30- وعن أبي أمامة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من أحب لله وأبغض لله وأعطى لله ومنع لله فقد استكمل الإيمان. . رواه أبو داؤد

(30) ابي امامه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ جيڪو ماڻهو خدا ڪارڻ محبت رکندو ۽ خدا ڪارڻ دشمني رکندو ۽ جيڪي ڏيندو سو الله ڪارڻ ۽ جيڪي نہ ڏيندو سو بہ الله ڪارڻ نہ ڏيندو تہ پوءِ بيشڪ ان ايمان کي پورو ڪري ورتو. (ابودائود) ([6])

---

[1]_عبادت تمام گهڻي محبت کي چئبو آهي ۽ شرڪ هن کي چئبو آهي تہ خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ وڏيڪ اميد رکي يا خدا کان وڏيڪ ٻي کان خوف ڪري. دروازو خير جو انهيءَ کي چئبو آهي جنهن جي پهچڻ سان نيڪي کي پهچي سگهجي.

[2]_هي آيت سورة سجده جي 2 رڪوع ۾ آهي جنهن ۾ تهجد پڙهندڙن جي فضيلت جو بيان آهن.

[3]_جيئن مٿي کان سواءِ بدن جو وجود ناهي تيئن اسلام کان سواءِ ٻيا ڪم صحيح نہ آهن.

[4]_جيئن ٿنڀ سان جاءِ مضبوط ٿئي ٿي تيئن نماز سان اسلام جي عمارت مضبوط ٿئي ٿي.

[5]_جيئن ٿوهي سان اسلام جي بلندي ظاهر ٿئي ٿي تيئن جهاد سان اسلام جو رواج ٿو عيان ٿئي.

[6]_ڪامل ايمان جون اهي چار صفتون هن سبب ڪري چوڻ ۾ اچن ٿيون جو انهن ۾ نفس جو وڏيڪ دخل آهي جڏهن اهي ڪم خدا ڪارڻ ۾ ڪيائين تڏهن ٻيا چڱا ڪم ان کي آسان آهن.

فائده: هن حديث جي سند ۾ قاسم بن عبدالرحمٰن راوي ۾ ڪلام ڪيو ويو آهي، انڪري حديث ضعيف آهي (مرعاۃ ص 102 ج 1)

31- رواه الترمذي عن معاذ بن أنس مع تقديم وتأخير وفيه : فقد استكمل إيمانه.

(31) ۽ اها حديث ترمذيءَ معاذ بن انس کان اڳي پوءِ روايت ڪئي آهي، ان ۾ هي لفظ آهن ته پوءِ بيشڪ ان ايمان پورو ڪري ورتو. ([1])

فائده:_ امام ترمذي ان حديث کي بيان ڪري ان کي منڪر چيو آهي، محدث مبارڪپوري تحفة الاحوذيءَ ۾ لکي ٿو ته مون کي معلوم ٿي نه سگهيو ته ان حديث کي امام ترمذيءَ منڪر چو چيو آهي؟ مولانا عبيدالله مبارڪپوري فرمائي ٿو ته شايد امام ترمذيءَ جو انهيءَ حديث کي منڪر چوڻ جو مقصد ان کي غريب چوڻ هجي: ڇاڪاڻ ته انهيءَ حديث کي معاذ بن جبل کان روايت ڪرڻ ۾ هڪ راويءَ جي مخالفت ڪندو هجي، ساڳئي طرح انهيءَ حديث تي پڻ منڪر جو اطلاق ٿيندو آهي جنهن ۾ ضعيف راوي منفرد هجي ۽ راوي سهل ضعيف ۽ منڪر آهي (تفصيل لاءِ ڏسو مرعاۃ ج_1ص_102)

32- وعن أبي ذر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : أفضل الأعمال الحب في الله والبغض في الله.

(32) ابو ذر ﷜ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته سڀ کان بهترين عمل ﷲ لاءِ محبت ڪرڻ ۽ ﷲ لاءِ بغض ڪرڻ آهي_ انهيءَ کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ انهيءَ حديث جي سند ۾ يزيد بن ابي زياد ڪوفي آهي، جنهن جون بيان ڪيل حديثون قابل حجت ناهن. (مرعاۃ ص_ 103 ج_1)

33- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : المسلم من سلم المسلمون من لسانه ويده والمؤمن من أمنه الناس على دمائهم وأموالهم.

(33) ابو هريره﷜ کان روايت آهي ته فرمايو رسول الله ﷺ جن ته مسلمان ([2]) اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان سلامت رهن ۽ مؤمن اهو آهي جنهن کان ماڻهن جون جانيون ۽ مال امن ۾ رهن. (ترمذي)

34- وزاد البيهقي في شعب الإيمان . برواية فضالة : والمجاهد من جاهد نفسه في طاعة الله والمهاجر من هجر الخطايا والذنوب.

(34) ۽ بيهقي ڪتاب شعب الايمان ۾ فضاله جي روايت سان هي لفظ وڌايا آهن ته مجاهد اهو آهي جو ﷲ جي فرمانبرداري ۾ پنهنجي نفس سان جهاد ڪري ۽ مهاجر([3]) اهو آهي جو ننڍا خواه وڏا گناه ڇڏي ڏي.

---

[1]_ هن جو مطلب هي آهي ته جنهن جي هي صفت هوندي سو پورو مسلمان آهي. هي مطلب نه سمجهڻ گهرجي ته جنهن ۾ اها صفت نه هوندي ته اهو بلڪل مسلمان ڪونهي.

[2]_هن جو هيءُ مطلب آهي ته جنهن جي هيءَ صفت هوندي، سو پورو مسلمان آهي ۽ هيءُ مطلب نه سمجهڻ گهرجي ته جنهن ۾ اها صفت نه هوندي سو مسلمان ئي ڪونهي.

[3]_ هن حديث جو هي مطلب آهي ته مهاجر پنهنجي هجرت تي ڀروسو ڪري عملن کي ڇڏي ويهي نه رهن ۽ پڻ ملڪ مان لڏڻ بعد عام ماڻهو ائين نه سمجهن ته هاڻي هجرت جو زمانو ختم ٿي ويو آهي ۽ هاڻي ان جو اجر نه

35- وعن أنس رضي الله عنه قال : قلما خطبنا رسول الله صلى الله عليه وسلم إلا قال : لا إيمان لمن لا أمانة له ولا دين لمن لا عهد له.

(35) **انسؓ کان روایت آهي تہ ﷺ جن اسان کي جيکي خطبا ڏنائيندا هئا تن ٿورن خطبن کان سواءِ (اڪثر سيني) خطبن ۾ هيءَ نصيحت هوندي هئي تہ جيڪو امانت دار ناهي ان جو پورو ايمان نہ آهي ۽ جيڪو ماڻهو انجام جو پڪو نہ آهي ان جو دين (پورو) نہ آهي هن حديث کي بيهقيءَ شعب الايمان ۾ آندو آهي.**

## فصل ٽيون

36- عن عبادة بن الصامت رضي الله عنه قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : من شهد أن لا إله إلا الله وأن محمدا رسول الله حرم الله عليه النار.

(36) **عباده بن صامت ؓ کان روایت آهي تہ مون رسول اللهﷺ کان ٻڌو تہ جيڪو ماڻهو هي شاهدي ڏي تہ اللہ کان سواءِ ٻيو ڪو معبود نہ آهي([1]) ۽ بيشڪ محمد ﷺ اللہ جو رسول آهي تہ ان تي اللہ باهہ (دوزخ) کي حرام ڪندو. ([2]) هن حديث کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

37- وعن عثمان رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من مات وهو يعلم أنه لا إله إلا الله دخل الجنة.

(37) **عثمان ؓ کان روایت آهي تہ فرمايو رسول اللهﷺ جن تہ جنهن ماڻهوءَ کي مرڻ وقت هي يقين هوندو تہ اللہ کان سواءِ ڪو ٻيو عبادت جي لائق نہ آهي، تہ اهو بهشت ۾([3]) داخل ٿيندو. هن حديث کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

38- وعن جابر رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ثنتان موجبتان . قال رجل : يا رسول الله ما الموجبتان ؟ قال : ( من مات يشرك بالله شيئا دخل النار ومن مات لا يشرك بالله شيئا دخل الجنة )

(38) **جابر ؓ کان روایت آهي تہ فرمايو رسول اللهﷺ جن تہ ٻہ شيون دوزخ ۽ بهشت کي لازم ڪن ٿيون. هڪ ماڻهوءَ چيو تہ يا رسول اللهﷺ ! اهي واجب ڪندڙ ٻہ شيون ڪهڙيون آهن؟ فرمايائو تہ جيڪو ماڻهو مرڻ وقت ٻي ڪنهن شيءَ کي اللہ سان شريڪ ڪندو تہ دوزخ ۾**

---

ملندو. آخري ملب هي آهي تہ هن حديث تي عمل ڪرڻ سان مرڻ گهڙي تائين هر هڪ ماڻهو هجرت جو ثواب حاصل ڪري سگهي ٿو.

[1]_ شيخ الاسلام فرمائي ٿو تہ هن مان مراد اهو شخص آهي جو ڪلمون پاڪ پڙهي ۽ موت تائين ان تي عمل ڪندو رهي جيئن ٻي روايت ۾ "خالصا من قلبه" لفظ آيل آهن. حقيقت ۾ توحيد اللہ پاڪ ڏانهن دل کي وارڻ واري حالت کي ٿا چون، هن طرح تہ سيني گناهن کان خالص توبہ ڪري. جيڪو اهڙي حالت ۾ مري وڃي تہ بيشڪ انهيءَ تي دوزخ حرام آهي جيڪو ماڻهو اخلاص ۽ يقين سان ڪلمو ٿو پڙهي اهو گناه تي ڪڏهن بہ اصرار نہ ڪندو. جيڪو ماڻهو گناهن تي هميشگي نٿو ڪري اهڙي ماڻهو تي دوزخ حرام آهي.

[2]_ هن مان هميشگي جي باهہ مراد آهي.

[3]_ اگرچہ ڪن گناهن ڪري ڪجهہ ڏينهن سزا ڀوڳيندو تہ بہ نيت ڪلمہ جي برڪت سان بهشت ملندس.

**داخل ٿيندو ۽ جيڪو مرڻ وقت ﷲ سان ٻئي ڪنهن کي شريڪ نہ ڪندو، سو بهشت ۾ داخل ٿيندو. (مسلم)**

39- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : كنا قعودا حول رسول الله صلى الله عليه وسلم معنا أبو بكر وعمر رضي الله عنهما في نفر فقام رسول الله صلى الله عليه وسلم من بين أظهرنا فأبطأ علينا وخشينا أن يقتطع دوننا وفزعنا فقمنا فكنت أول من فزع فخرجت أبتغي رسول الله صلى الله عليه وسلم حتى أتيت حائطا للأنصار لبني النجار فدرت به هل أجد له بابا فلم أجد فإذا ربيع يدخل في جوف حائط من بئر خارجة والربيع الجدول فاحتفزت كما يحتفز الثعلب فدخلت على رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال أبو هريرة فقلت نعم يا رسول الله قال ما شأنك قلت كنت بين أظهرنا فقمت فأبطأت علينا فخشينا أن تقتطع دوننا ففزعنا فكنت أول من فزع فأتيت هذا الحائط فاحتفزت كما يحتفز الثعلب وهؤلاء الناس ورائي فقال يا أبا هريرة وأعطاني نعليه قال اذهب بنعلي هاتين فمن لقيت من وراء هذا الحائط يشهد أن لا إله إلا الله مستيقنا بها قلبه فبشره بالجنة فكان أول من لقيت عمر فقال ما هاتان النعلان يا أبا هريرة فقلت هاتان نعلا رسول الله صلى الله عليه وسلم بعثني بهما من لقيت يشهد أن لا إله إلا الله مستيقنا بها قلبه بشرته بالجنة فضرب عمر بيده بين ثديي فخررت لاستي فقال ارجع يا أبا هريرة فرجعت إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فأجهشت بكاء وركبني عمر فإذا هو على أثري فقال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم ما لك يا أبا هريرة قلت لقيت عمر فأخبرته بالذي بعثتني به فضرب بين ثديي فخررت لاستي قال ارجع فقال له رسول الله يا عمر ما حملك على ما فعلت قال يا رسول الله بأبي أنت وأمي أبعثت أبا هريرة بنعليك من لقي يشهد أن لا إله إلا الله مستيقنا بها قلبه بشره بالجنة قال نعم قال فلا تفعل فإني أخشى أن يتكل الناس عليها فخلهم يعملون قال رسول الله صلى الله عليه وسلم فخلهم.

(39) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ اسين هڪ جماعت رسول الله ﷺ جن جي چوڌاري وينل هئاسين، اسان سان گڏ ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما بہ هئا. ﷺ جن ڪڙا ٿي اسان جي پنيان هليا ويا، پوءِ اسان وٽ گهڻي دير تائين نہ آيا. جنهن ڪري خوف ٿيو تہ متان اسان جي پرپٺ ڪين ڪو ايذا نہ پهچي ۽ اسين گهبرائجي وياسون. تنهن ڪري اسين بہ اٿي ڪڙا ٿياسون. سيني کان پهريائين آئون گهبرائجي ويو هئس، تنهن ڪري سيني کان اڳ جن جي ڳولا لاءِ نڪتس، تانجو هڪ باغ وٽ آيس. جيڪو بني نجار قبيلي وارن مان هڪ شخص جو هو. باغ جو دروازو ڳولڻ لاءِ باغ جي ٻاهران گهميس، پر دروازو نہ ڏٺم[1] پوءِ هڪ نالي (ڪسي)[2] جا باغ جي پيٽ ۾ داخل ٿي رهي هئي ۽ ٻاهران هڪ کوھ مان ٿي آئي سو آئون انهيءَ ناليءَ جي رستي ڪنڌڙو ٿي (باغ ۾) ﷺ جن وٽ آيس. فرمايائون تہ تون ابو هريره ﷛ آهين ڇا؟ عرض ڪيم تہ**

---

[1]_ ابو هريره ﷛ پنهنجي خيال سان معلوم ڪيو تہ ﷺ جن شايد هن باغ ۾ آهن تنهن ڪري اندر گهڙڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين پر دروازو هٿ نہ آيس شايد دروازا بندا هئا يا تڪڙ يا گهبرائهٽ سبب دروازو نظر نہ آيس

[2]_ ربيع يعني جدول (نال يا ڪسي)

هائو يا رسول اللهﷺ فرمايائون تہ ڪيئن اچڻ ٿيو؟ مون عرض ڪيو تہ اوهين اسان سان گڏ ويٺل هئا پوءِ اسان وٽان اٿي ويا ۽ گهڻي دير تائين نہ موٽيا تنهن ڪري اسان کي خوف ٿيو تہ متان (دشمن ڪان) اوهان کي ايذاءُ رسي ان ڪري اسين گهبرائجي وياسين. سڀ کان پهريائين آءٌ گهبرائجي ويس تنهن ڪري هن باغ وٽ آيس ۽ لومڙي وانگر ڪنڊوڙو ٿي باغ ۾ آيو آهيان. ۽ هو ٻيا ماڻهو پنهنجي پٺيان اچي رهيا آهن. پوءِ فرمايائون تہ اي ابو هريره!۽ مون کي پنهنجي جتي مبارڪ ڏيئي ([1]) چيائون تہ هي منهنجي جتي باغ جي ٻاهرين پاسي کٽي وڃ پوءِ جيڪڏهن توکي اهڙو ماڻهو گڏجي جيڪو شاهدي ڏي تہ اللّٰہ کانسواءِ ڪيو ٻيو معبود ڪونهي ۽ ان جي دل هن تي يقين رکندڙ هجي تہ ان کي بهشت جي بشارت ڏي. پوءِ پهرين جيڪو مون کي گڏيو سو عمرؓ هو ان مونکي چيو تہ اي ابو هريرهؓ هيءَ جتي ڪنهن جي آهي؟ چيم تہ هيءَ رسول اللہ ﷺ جي آهي، پاڻ مون کي هيءَ جتي (نشاني طور) ڏئي هن لاءِ موڪليو آهي تہ جيڪڏهن مون کي ڪو اهڙو ماڻهو گڏجي جو شاهدي ڏئي تہ اللّٰہ کان سواءِ ڪو ٻيو معبود ناهي ۽ انجي دل اهڙو يقين رکندڙ هجي تہ ان ماڻهو کي بهشت جي مبارڪ ڏيان. هي ٻڌي عمرؓ مونکي ڇاتي واري مڪ هئين([2]) جنهن ڪري آءٌ دبر ڀر پوئتي ڪري پيس. پوءِ عمرؓ چيو تہ اي ابو هريره! موٽي هل. پوءِ آئون ﷺ جن وٽ موٽي ويس ۽ وڏي آواز سان روئڻ لڳس ۽ منهنجي پٺيان عمر ؓ بہ آيو. پوءِ ﷺجن فرمايو تہ اي ابو هريره ! تو کي ڇا ٿيو آهي (جو روئين ٿو؟) عرض ڪيم تہ مون کي پهرين عمرؓ مليو، پوءِ مون ان کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر ڏني جنهن لاءِ اوهان مون کي موڪليو هو، پوءِ عمرؓ مونکي ڇاتي وارو ڌڪ هنيو جنهن ڪري آءٌ دبر ڀر ڪري پيس. پوءِ مون کي چيائن تہ موٽي هل. تنهن تي ﷺ جن فرمايو تہ اي عمر! توکي هن ڪم ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪڙو ڪيو؟ چيائين تہ يا رسول اللهﷺ ! منهنجو پيءُ ماءُ اوهان تان قربان ٿئي؛ ڇا ابو هريره کي جتي ڏئي اوهان موڪليو هو تہ جيڪڏهن توکي اهڙو ماڻهو گڏجي جو شاهدي

---

[1] _ ﷺ جن ابو هريرهؓ کي جتي هن سبب ڪري ڏني تہ ماڻهن کي ان کي ڏسڻ سان خاطري ٿئي تہ ابو هريرهؓ برابر ﷺ جن وٽان آيل آهي ۽ جيڪي چئي رهيو آهي سو ﷺ جن جي فرمان موجب چئي رهيو آهي.

[2] _ هن مان عمرؓ جو اهو مقصد نہ هو تہ ابو هريره ؓ کي ڪيرايان ۽ ايذاءُ ڏيان پر سندس مقصد هو تہ اهڙي خوشخبري ماڻهن کي ٻڌائي نہ وڃي ۽ سيني تي مڪ هڻڻ جو هي مقصد هوس تہ انهيءَ ڌڪ لڳڻ بعد اهو اها خبر آئينده ظاهر نہ ڪندو تنهن لاءِ ڪيس خوب يادگيري رهندي. قاضي عياضؒ چوي ٿو تہ عمر ؓ جو اهو فعل اعتراض طور نہ هو ڇو تہ رسول خدا ﷺ جي حڪم تي اعتراض ڪرڻ امتيءَ جو شان نہ آهي. ڇو تہ ابو هريرهؓ جي پيغام ۾ امت لاءِ بشارت کان سواءِ ٻي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ هئي. عمر ؓ اهڙي خوشخبري کي ظاهر ڪرڻ مصلحت جي برخلاف سمجهيو ڇو تہ اهو وقت سعي ۽ عمل جو هو ۽ احڪام الاهي خاص طرح جهاد وغيره جي گرما گرم تيارين جو دؤر هلندڙ هو اهڙي وقت تمام ضروري هو جو اهڙي خوشخبري عام ماڻهن کي نہ پهچائي وڃي. ڇو تہ ممڪن هو جو ڪي ماڻهو آساني ۽ آرام پسند ڪندڙ انهيءَ خوشخبري تي ڀروسو ڪري سست ٿي وڃن. انهيءَ ڪري ئي عمر ؓ ابو هريره ؓ جي پويان جناب رسول خداﷺ جن جي خدمت ۾ آيو ۽ مصلحت بيان ڪيائين جا حضورﷺجن پسند ڪئي ۽ پاڻ بہ ان تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڪيائون. هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن بادشاه جو حڪم رعيت جي ڪنهن ماڻهو کي وقت جي حالتن جي مدنظر خلاف مصلحت نظر اچي تہ هن کي حق آهي تہ پنهنجو رايو بادشاه جي ڏيان تي آڻي ۽ بادشاه جو بہ ڪم آهي تہ ان جي ڳالهہ تي غور ڪري ان کي معقول جواب ڏئي يا پنهنجي ڳالهہ کي موقوف ڪري (نووي)

ڏي ته الله کانسواءِ ٻيو ڪو معبود ناهي ۽ انهيءَ تي ان جي دل يقين واري هجي ته ان کي بهشت جي مبارڪ ڏي؟ ﷺ جن فرمايو ته هائو! تنهن تي عمر ؓ عرض ڪيو ته يا ﷺ ائين نه ڪري. آءٌ ڊڄان ٿو ته ماڻهو انهيءَ تي توڪل ڪري[1] ويهي رهندا (نيڪيءَ جا ڪم ڇڏي ڏيندا) تنهن ڪري ڇڏيون ته پليِ ڪم ڪندا رهن. ﷺ جن فرمايو ته ڇڱو ڇڏين.

40- عن معاذ بن جبل قال : قال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم مفاتيح الجنة شهادة أن لا إله إلا الله.

(40) **معاذ بن جبل ؓ کان روايت آهي ته مون کي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ﴿لااله الاالله﴾ جي شاهدي ڏيڻ بهشت جون ڪنجيون آهن، هن کي احمد روايت ڪيو آهي.**[2]

**فائده:_ حديثن جي سند ۾ اسماعيل بن عياش ضعيف آهي، ڇاڪاڻ ته اهو انهيءَ حديث کي (راوي) حجازيءَ شهر بن حوشب کان روايت ڪري ٿو (مرعاة ص11ج1).**

41- عن عثمان بن عفان رضي الله عنه قال : إن رجالا من أصحاب النبي صلى الله عليه وسلم حين توفي النبي صلى الله عليه وسلم حزنوا عليه حتى كاد بعضهم يوسوس قال عثمان وكنت منهم فبينا أنا جالس في ظل أطم من الآطام مر علي عمر رضي الله عنه فسلم علي فلم أشعر أنه مر ولا سلم فانطلق عمر حتى دخل على أبي بكر رضي

---

[1]_ توڪل ڪرڻ جي معنيٰ هي آهي ته انهيءَ خوشخبري ٻڌڻ بعد ماڻهو ان تي ڀروسو ڪري نيڪ عمل ڪرڻ ڇڏي ڏيندا. هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو اعتراض طور چوي ته جڏهن ﷺ جن ابو هريره ؓ کي خوشخبري ٻڌائڻ جو حڪم ڏنو ۽ عمر ؓ ان کي منع ڪري پوئتي موٽايو ته انهيءَ ڳالهه جو عمر ؓ کي ڪهڙو حق هو؟ ان جو هي جواب آهي ته عمر ؓ کي يقين هو ته هي حڪم ڪو اهڙو فرض يا واجب ناهي جنهن تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين لاءِ ان جي پڌرائي جي خاص ضرورت هجي. بلڪ جنهن ڪم ۾ مسلمانن لاءِ فقط خوشخبري يا مبارڪ هجي، جيڪڏهن اهڙو حڪم ڪنهن عمل لاءِ واجب هجي ها ته عمر ؓ کي ڪا طاقت نه هئي جو انهيءَ باري ۾ ﷺ جن کي منع ڪري سگهي ها ۽ حضور ﷺ جن به هوند عمر ؓ جي چوڻ موجب ڪو به واجب ڪم بند نه ڪن ها.

هن حديث ۾ گهڻا فائدا آهن. مثلا: هڪ ته عالم کي دين جي مسئلن سمجهائڻ لاءِ وچ ۾ ويهڻ گهرجي ٻيو ته جيڪڏهن خاطري هجي ته ڪنهن جاءِ جو مالڪ ٻئي ماڻهو جي ملڪيت واري زمين يا جاءِ ۾ اچڻ تي ناراض نه آهي ته اهڙي ماڻهو جي ملڪيت واري جاءِ يا زمين ۾ مالڪ جي موڪل کان سواءِ اچڻ درست آهي انهيءَ ڪري ابو هريره ؓ موڪل کان سواءِ ڏارئين ماڻهو جي باغ ۾ آيو ۽ ﷺ جن به ان کي منع نه ڪئي پڻ اهڙي طرح ٻئي ماڻهوءَ جي هٿيارن مان فائدو وٺڻ ۽ ماني کائڻ ۽ سندس وهٽ تي سواري ڪرڻ اهڙي طرح ٻين شين مان فائدو وٺڻ لاءِ جڏهن خاطري هجي ته مالڪ جي پرپٺ فائدي وٺڻ مان مالڪ ناراض نه ٿيندو ته ائين ڪرڻ جي موڪل آهي پر شڪ جي حالت ۾ اجازت وٺڻ ضروري آهي. چوٿون ته امام يا بادشاه پنهنجي حڪم پڌري ڪرڻ لاءِ ٻئي ماڻهو کي جيڪڏهن لکيل حڪم نه ڏئي ۽ پنهنجي ڪا خاص نشاني ڏئي پڌرائي ڪرائي ته ائين ڪرڻ به جائز آهي. پنجون ته ڪي دين جون ڳالهيون ڪنهن فساد جي خوف يا مصلحت لاءِ ڪجهه وقت لڪائڻ به جائز آهي. تابع جو اڳواڻ تي اعتراض ڪرڻ ۽ اڳواڻ جو ان جي چڱي راءِ پسند ڪرڻ مسنون طريقو آهي. ڪو ماڻهو ڪنهن بزرگ کي چوي ته منهنجو ماءُ پيءُ تو تان قربان ٿئي ته ائين چوڻ جائز آهي. ڪي سلف ائين چوڻ کي مڪروه ٿا چون.

[2]_ هن امر مان مراد هي آهي ته ماڻهن کي خطرا ٿيندا آهن عبادت وغيره ۾ ان جي لاءِ توحيد جو ڪلمون پڙهڻ نجات جو سبب آهي.

الله عنه فقال له ما يعجبك أني مررت على عثمان فسلمت عليه فلم يرد علي السلام وأقبل هو وأبو بكر في ولاية أبي بكر رضي الله عنه حتى سلما علي جميعا ثم قال أبو بكر جاءني أخوك عمر فذكر أنه مر عليك فسلم فلم ترد عليه السلام فما الذي حملك على ذلك قال قلت ما فعلت فقال عمر بلى والله لقد فعلت ولكنها عبيتكم يا بني أمية قال قلت والله ما شعرت أنك مررت ولا سلمت قال أبو بكر صدق عثمان وقد شغلك عن ذلك أمر فقلت أجل قال ما هو فقال عثمان رضي الله عنه توفى الله عز وجل نبيه صلى الله عليه وسلم قبل أن نسأله عن نجاة هذا الأمر قال أبو بكر قد سألته عن ذلك قال فقمت إليه فقلت له بأبي أنت وأمي أنت أحق بها قال أبو بكر قلت يا رسول الله ما نجاة هذا الأمر فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم من قبل مني الكلمة التي عرضت على عمي فردها فهي له نجاة.

**(41) عثمان رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جا کيترا اصحابي سندن وفات وقت سخت غمگين ٿيا. انهن مان کن کي وسوسو ڏيڻ ۾ پئي آيو. عثمان رضي الله عنه چيو تہ آءٌ بہ انهن مان هئس. پوءِ ان دوران جو آءٌ ويٺل هوس، مون وٽان عمر رضي الله عنه اچي لنگهيو ۽ سلام ڪيائين پر مون کي خبر نہ پئي (ان ڪري سلام جو جواب نہ ڏنم) تنهن تي عمر رضي الله عنه ابوبڪر رضي الله عنه وٽ وڃي شڪايت ڪئي. پوءِ ٻئي گڏجي مون وٽ آيا ۽ گڏجي مون کي سلام ڪيائون (مون سلام جو جواب ڏنو). ابوبڪر رضي الله عنه مون کي چيو تہ تو پنهنجي ڀاءُ عمر کي سلام جو جواب نہ ڏنو، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ مون چيو تہ مون ائين نہ ڪيو آهي. تنهن تي عمر رضي الله عنه چيو تہ الله جو قسم! مون کي خبر نہ آهي تہ تون مون وٽان اچي لنگهيو آهين. ۽ نڪي مون تنهنجو سلام ٻڌو ابوبڪر رضي الله عنه چيو تہ عثمان سچ ٿو چوي. مون ڏانهن مُهڙ ڪري چيائين تہ شايد تون (ڳڻتيءَ جهڙي) ڪم ۾ مشغول هئين؟ چيم تہ هائو! ابوبڪر رضي الله عنه چيو تہ اهو ڪهڙو ڪم هو؟ مون چيو تہ الله تعاليٰ پنهنجي نبي ﷺ کي ان کان اڳ وفات ڪرائي جو اسين ڪانئن هن امر (وسوسن کان) نجات بابت پڇون ها. ابو بڪر چيو تہ انهيءَ بابت مون رسول الله ﷺ کان پڇي ڇڏيو آهي. پوءِ آءٌ ابوبڪر رضي الله عنه وٽ اٿي بيٺس ۽ ان کي چيم تہ منهنجا پيءُ ماءُ توتان قربان ٿين تون اهڙي خبر بہ نسبت زياده لائق آهين. ابوبڪر رضي الله عنه چيو تہ مون پڇيو تہ يا رسول الله ﷺ وسوسن کان ڇوٽڪارو ڪيئن حاصل ٿيندو؟ فرمايائون تہ جيڪو ڪلمو[1] (مون پنهنجي چاچي ابو طالب) کي آڇيو ۽ ان رد ڪيو هو ان کي جيڪو مون کان قبول ڪندو اهو ان لاءِ ڇوٽڪارو آهي. (احمد)**

42- عن المقداد بن الأسود قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم : يقول لا يبقى على ظهر الأرض بيت مدر ولا وبر إلا أدخله الله كلمة الإسلام بعز عزيز أو ذل ذليل إما يعزهم الله عز وجل فيجعلهم من أهلها أو يذلهم فيدينون لها.

---

[1] عثمان رضي الله عنه جو چوڻ ابوبڪر رضي الله عنه کي تہ تون زياده لائق آهين ان جو مطلب آهي تہ ابوبڪر رضي الله عنه کي علم جو گهڻون شوق هيو ۽ حضور ﷺ جن جو تہ گهڻو قرب هوس تنهن ڪري اهڙيون دين جون ضروري ڳالهيون هميشہ پڇندو هو. اسلام جا حڪم چڱي طرح بجا آڻيندو تہ پوءِ هو جيڪا بہ نيڪي ڪندو تہ ان لاءِ ڏهوڻ کان وٺي 800 بلڪ ان جي بہ ٻيڻ ٿائين.

(42) **مقداد ﷛ کان روايت آهي تہ هن رسول الله ﷺ کان ٻڌو، پاڻﷺ فرمايائون ٿي تہ روءِ زمين ۾ ڪوبہ مٽي جو گهر خواہ تنبو اسلام جي ڪلمہ کان خالي نہ رهندو. عزت وارا عزت سان ڪلمو پڙهندا ۽ ذليل خوار ماڻهو خوار ٿي ڪلمو پڙهندا يعني يا تہ ﷲ تعاليٰ انهن کي ڪلمہ پڙهڻ جو توفيق ڏئي شرف وارو ڪندو يا اهي مسلمان نہ ٿيندا پر خوار ٿي دين اسلام جي قرب برداري ڪندا. مون چيو تہ تڏهن تہ سمورو دين خدا جو ٿيندو. هن کي احمد رايت ڪيو آهي.**

42- عن المقداد بن الأسود قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم : يقول لا يبقى على ظهر الأرض بيت مدر ولا وبر إلا أدخله الله كلمة الإسلام بعز عزيز أو ذل ذليل إما يعزهم الله عز وجل فيجعلهم من أهلها أو يذلهم فيدينون لها.

(43) **وهب بن منبہ کان روايت آهي تہ ان کي چيو ويو تہ ﷲ جو ڪلمو بهشت جي ڪنجي نہ آهي ڇا؟ چيائين تہ هائو! پر ڏندن کان سواءِ ڪابہ ڪنجي نہ ٿيندي آهي، پوءِ جيڪڏهن ڏندن واري ڪنجي آڻيندين تہ (بهشت ) تولاءِ کوليو ويندو پر جيڪڏهن ڪنجي نہ آڻيندين تہ تو لاءِ (بهشت) نہ کوليو ويندو. هن کي بخاري ترجمہ ۾ روايت ڪيو آهي.**

44- وعن أبي هريرة قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا أحسن أحدكم إسلامه فكل حسنة يعملها تكتب له بعشر أمثالها إلى سبع مائة ضعف وكل سيئة يعملها تكتب له بمثلها.

(44) **ابو هريرہ ﷛ کان روايت آهي، فرمايو رسول الله ﷺ جن تہ جڏهن اوهان مان ڪو ماڻهو اسلام جا ڪم چڱي طرح بجا آڻيندو تہ پوءِ هو جيڪا بہ نيڪي ڪندو تہ ان لاءِ ڏهوڻين کان وٺي 800 بلڪ ان جي بہ ٻيڻ تائين ان لاءِ ثواب لکيو ويندو ۽ جيڪو هن برائي ڪندو تہ ان لاءِ ان برابر گناهہ لکيو ويندو جيسين خدا کي ملي هن حديث کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو.**

45- وعن أبي أمامة أن رجلا سأل رسول الله صلى الله عليه وسلم : ما الإيمان قال إذا سرتك حسنتك وساءتك سيئتك فأنت مؤمن قال يا رسول الله فما الإثم قال: إذا حاك في نفسك شيء فدعه.

(45) **ابي امامه کان روايت آهي تہ تحقيقي هڪ ماڻهو رسول الله ﷺ کان سوال پڇيو تہ ايمان ڇا آهي؟[1]فرمايائون تہ جڏهن تون ڪا چڱائي ڪرين تہ اها توکي پسند اچي ۽ ڪو بڇڙو ڪم ڪرين تہ اهو توکي ناپسند لڳي. جڏهن ائين ٿيندو تہ تون مؤمن آهين. ان چيو تہ گناهہ يا بڇڙو ڪم ڇا آهي؟ فرمايائون تہ جڏهن ڪا شيءِ توکي دل ۾ ڪٽڪي تہ پوءِ ان کي ڇڏي ڏي.[2]**

---

[1] _هن جو مقصد آهي تہ ايمان ڇاسان درست ٿو ٿئي انجو جواب هي ڏيڻ ۾ آيو تہ تون پنهنجو ڪيل چڱو ڪم ڏسي خوش ٿئين ۽ برو ڪيل ڪم ڏسي ارمان ڪرين تڏهن تون سمجهہ تہ تنهنجو ايمان درست آهي ڇو تہ مؤمن ۽ ڪافر وچڻ ۾ تفاوت آهي جو مؤمن گناهہ ۽ ثواب ۾ فرق سمجهندو آهي ثواب ۽ سزا جو اعتقاد رکندو آهي پر ڪافر وٽ گناهہ ۽ ثواب ۾ ڪو تفاوت ڪونهي. انهيءَ ڪري گناهہ جهڙي ڪم ۾ هو ڪابہ پرواهہ نہ ڪندو آهي، ارمان يا پشيماني نہ ٿيندي اٿس.

[2] _نيڪ ماڻهن جو دستور آهي تہ جڏهن ڪو ڪم شڪ وارو هوندو آهي تہ اهو هميشہ انهن جي دل ۾ ڪٽڪندو رهندو آهي تہ الاجي اهو ڪم جائز يا ناجائز آهي. اهڙي ڪم بابت ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ ڇڏي ڏيو.

46- عن عمرو بن عبسة قال : أتيت رسول الله صلى الله عليه وسلم فقلت: يا رسول الله من تبعك على هذا الأمر قال حر وعبد قلت ما الإسلام قال: طيب الكلام وإطعام الطعام قلت ما الإيمان قال الصبر والسماحة قال قلت أي الإسلام أفضل قال: من سلم المسلمون من لسانه ويده قال قلت أي الإيمان أفضل قال خلق حسن قال قلت أي الصلاة أفضل قال طول القنوت قال قلت أي الهجرة أفضل قال أن تهجر ما كره ربك عز وجل قال قلت فأي الجهاد أفضل قال: من عقر جواده وأهريق دمه قال: قلت أي الساعات أفضل قال: جوف الليل الآخر . . .

**(46) عمرو بن عبسہ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن وقت حاضر ٿيس، عرض ڪيم تہ اوهان سان هن اسلام ۾ ڪير ڪير آهي؟ فرمايائون تہ هڪ آزاد ([1]) ۽ هڪ ٻانهو ([2]) مون عرض ڪيو تہ اسلام ڪهڙي شيءِ آهي؟ فرمائيون تہ چڱو ڳالهائڻ ۽ ٻکين کي کاڌو کارائڻ مون چيو تہ ايمان ڪهڙي شيءِ آهي؟ فرمايائون تہ مصيبت تي صبر ۽ سخاوت ڪرڻ. مون عرض ڪيو تہ ڪهڙو مسلمان چڱو آهي؟ فرمايائون تہ جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن. مون عرض ڪيو تہ ڪهڙو ايمان چڱو آهي؟ فرمايائون تہ سٺا اخلاق. وري پڇي تہ ڪهڙي نماز تمام چڱي آهي؟ فرمايائون تہ ڊگهو قيام ڪرڻ([3]) وري عرض ڪيم تہ ڪهڙي هجرت تمام چڱي آهي؟ فرمايائون تہ اهي ڪم ڇڏي ڏين جن کي تنهنجو رب ناپسند ڪري. وري عرض ڪيم تہ ڪهڙو جهاد تمام ڀلو آهي؟ فرمايائون تہ جنهن جو گهوڙو جنگ ۾ مارجي وڃي ۽ اهو پاڻ بہ ماريو وڃي. عرض ڪيم تہ ڪهڙي ساعت تمام ڀلي آهي؟ فرمايائون تہ رات ([4]) جو آخري وقت تمام ڀلو آهي. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.**

47- وعن معاذ بن جبل قال سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : من لقي الله لا يشرك به شيئا يصلي الخمس ويصوم رمضان غفر له قلت أفلا أبشرهم يا رسول الله قال دعهم يعملوا. رواه أحمد

**(47) معاذ بن جبل کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ کان ٻڌو، فرمايائون تہ جيڪو هن حالت ۾ الله سان ملندؤ جو ان سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪيو هوندائين([5]) پنج وقت نماز**

---

[1]_ آجو يعني ابوبڪرؓ

[2]_ٻانهو يعني بلال ؓ

[3]_ قنوت مان مراد گهڻي قيام يا گهڻي قراة آهي. هجرت جا گهڻا قسم هئا (هڪ) مڪہ شريف مان حبشہ ڏي هجرت ڪرڻ جيئن تہ ڪيترن مسلمانن ڪافرن جي ايذاءَ کان حبش ڏانهن هجرت ڪئي هئي. (ٻيو مڪہ شريف کان مدينہ منوره ڏانهن هجرت ڪرڻ. انهيءَ هجرت جي معنيٰ ۾ اڄ تائين بہ ڪافرن جي ملڪ اندر هجرت ڪرڻ اچي وڃي ٿي (ٽيون) قسم هجرت جو هي هو جو ڪي مسلمان دور دراز مفاصلي تان پنڌ ڪري ﷺ جن وٽ ديني مسئلا پڇڻ لاءِ ويندا هئا. (چوٿون قسم) خود انهيءَ حديث ۾ بيان ٿيل آهي جنهن کي ﷺ جن سڀني کان ڀلي هجرت ليکيو آهي هن قسم جي هجرت ۾ مٿيان قسم هجرت جا بہ اچي ٿا وڃن.

[4]_ رات جو آخري وقت يعني رات جو پويون چوٿون حصو يا پنجون حصو.

[5]_ شرڪ جا گهڻا قسم آهن جن مان هڪ عبادت جو شرڪ آهي ٻيو ربوبيت جو شرڪ آهي. عبادت جو شرڪ هن کي چئبو آهي جو اللهپاڪ کان سواءِ ٻئ ڪنهن کان ڊڄي يا ٻئي ڪنهن ۾ اميد يا ڀرسو رکي يا ٻئي ڪنهن سان اهڙي محبت رکي جهڙي خدا پاڪ سان رکڻ گهرجي. ربوبيت جو هي شرڪ آهي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن کي اولاد ڏيندڙ يا مشڪل ڪشا يا دستگير يا مينهن وسائيندڙ سمجهي.

ادا ڪئي هوندائين ۽ رمضان جا روزا رکيا هوندائين تہ انکي بخشيو ويندو([1]) مون چيو تہ يا رسول اللهﷺ اها بشارت ماڻهن کي نہ ڏيان؟ ارشاد فرمايائون: ڇڏين تہ پلي عمل ڪن. ان کي احمد روايت ڪيو.

48- وعن معاذ أنه سأل النبي صلى الله عليه وسلم عن أفضل الإيمان قال : أن تحب لله وتبغض لله وتعمل لسانك في ذكر الله قال وماذا يا رسول الله قال وأن تحب للناس ما تحب لنفسك وتكره لهم ما تكره لنفسك . رواه أحمد.

(48) ۽ معاذ ﷺ کان روايت آهي تہ ان رسول الله ﷺ کان افضل ايمان بابت پڇيو. فرمايائون: خدا ڪارڻ دوستي رک، خداڪارڻ بغض رک ۽ پنهنجي زبان کي اللهﷻ جي ذکر ۾ مشغول رک مون پڇيو تہ يا رسول اللهﷺ ٻيون ڪهڙيون ڳالهيون سڀ کان چڱيون آهن؟ فرمايائون تہ جيڪا ڳالهہ پاڻ لاءِ پسند ڪرين سا ٻين لاءِ پسند ڪر ۽ جيڪا شيءِ پاڻ لاءِ ناپسند ڪرين سا ماڻهن لاءِ ناپسند ڪر. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.

فائدو:_ مسند احمد ۾ اها حديث ٻن طريقن سان آهي. هڪ ۾ رشدين(راوي) ۽ ٻي ۾ ابن لهيعہ آهي. اهي ٻئي، راوي زبان کان حديث بيان ٿا ڪن. تنهن ڪري ٿئي واري ضعيف آهن (مرعاة ص_120 ج_

# وڏن گناهن ۽ منافقن جون نشانيون

## باب پهريون

49- عن عبد الله بن مسعود قال : قال رجل : يا رسول الله أي الذنب أكبر عند الله قال أن تدعو لله ندا وهو خلقك قال ثم أي قال ثم أن تقتل ولدك خشية أن يطعم معك قال ثم أي قال ثم أن تزاني بحليلة جارك فأنزل الله عز وجل تصديقها ﴿وَالَّذِينَ لَا يَدْعُونَ مَعَ اللَّهِ إِلَٰهًا آخَرَ وَلَا يَقْتُلُونَ النَّفْسَ الَّتِي حَرَّمَ اللَّهُ إِلَّا بِالْحَقِّ وَلَا يَزْنُونَ ۚ وَمَن يَفْعَلْ ذَٰلِكَ يَلْقَ أَثَامًا ﴿٦٨﴾﴾ الفرقان.

(49) عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو چيو تہ يا رسول اللهﷺ! گناهن ۾ ڪهڙو گناهہ سڀ کان وڏو آهي؟ ﷺ جن فرمايو تہ جنهن اللهﷻ توکي خلقيو آهي ان سان ٻي کي شريڪ سڏين.([2])هن پڇيو تہ ان کان پوءِ ڪهڙوگناهہ وڏو آهي؟ فرمايائون تہ ڪارائڻ جي خوف کان

[1] _ صغيره گناه تہ ضرور معاف ٿي ويندا باقي ڪبيره گاه بہ خدا پاڪ گهريو تہ بخش ٿي ويندا. هن حديث ۾ زڪواة ۽ حج فرضن جو ذڪر آيل ناهي ڇو تہ اهي فقط مالدارن تي فرض آهن ۽ حديث ۾ ڏيکاريل فرض سيني مسلمان تي واجب آهن.

[2] _ شرع موجب ڪبيره گناهہ اهو آهي، جنهن جي ڪرڻ ۾ شرعي حد لاڳو ٿئي، جهڙوڪ زنا، چوري وغيره يا جنهن جي ڪرڻ ۾ قرآن شريف ۽ حديث ۾ عذاب جي ڌمڪي آيل هجي يا ان جي ڪرڻ کي ڪفر يا شرڪ ليکيو ويو هجي. ڪبيره جا درجا بہ گهٽا آهن: ڪي تمام وڏا ۽ ڪي تمام گهٽ آهن، جيئن مٿي حديثن ۾ ڏيکاريل آهي. ملا علي قاري حديث شريف "تَدعُوَا لِله نِدًا" جي شرح ۾ لکي ٿو تہ اللهﷻ جي عبادت يا دعا ڪرڻ ۽ پڪارڻ ۾

**پنهنجي اولاد کي قتل ڪرين. ان چيو ته ان کان پوءِ؟ فرمايائون ته پاڙيسري جي زال سان زنا ڪرين. پوءِ انهن ڳالهين جي تصديق لاءِ خدا پاڪ قرآن شريف ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي ته ”اهي جي ﷲ سان گڏ ٻي ڪنهن کان دعائون نٿا گهرن ۽ نه ڪنهن جان کي، جنهن کي ﷲ تعاليٰ حرام ڪيو آهي قتل ٿا ڪن[1] مگر حق سان ۽ نه زنا ٿا ڪن (الاية)**

50- وعن عبد الله بن عمرو عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : الكبائر الإشراك بالله وعقوق الوالدين وقتل النفس واليمين الغموس . رواه البخاري.

(50) **عبدالله بن عمروؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن فرمايو ته ڪبيرا گناه هي آهن: 1_ﷲ سان ٻي کي شريڪ ڪرڻ. 2_ ماءُ پيءُ[2] کي رنج ڪرڻ. 3_ ڪنهن جان کي (ناحق) قتل ڪرڻ. 4_ ڪوڙو قسم کڻڻ.[3]اها حديث بخاريءَ روايت ڪئي.**

51- وفي رواية أنس : وشهادة الزور بدل : اليمين الغموس.

(51) **انس ؓ جي روايت ۾ ”ڪوڙو قسم کڻڻ“ جي بجاءِ ”ڪوڙي شاهدي ڏيڻ“ آيو آهي. (بخاري_مسلم)**

52- وعن أبي هريرة رضي الله عنه عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : إجتنبوا السبع الموبقات قالوا يا رسول الله وما هن قال الشرك بالله والسحر وقتل النفس التي حرم الله إلا بالحق وأكل الربا وأكل مال اليتيم والتولي يوم الزحف وقذف المحصنات المؤمنات الغافلات.

(52) **ابو هريره ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ستن هلاڪ ڪندڙگناه کان پاسو ڪري. عرض ڪيائون ته اي ﷲ جا رسول ﷺ ! اهي ڪهڙا گناه آهن؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته: 1_ ﷲ سان ٻين کي شريڪ ([4]) ڪرڻ.2_ جادو ڪرڻ. 3_ ڪنهن به جان کي**

---

ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪري: جيئن ”يا ﷲ“ چئي ماڻهو سچي ڏٽيءَ کي پڪاريندا ۽ ٻاڏائيندا آهن ۽ اها به عبادت آهي مگر ڪي احمق انسان ان جي مقابلي ۾ ٻين کي هن طرح پڪاريندا آهن ته اي فلاڻا! منهنجي مدد ڪر ته اهو به شرڪ آهي، ان کان پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اها جاهليت جي رسم آهي.

[1]_ ۽ ”حق وارو قتل هيءُ آهي ته ڪنهن کي ناحق قتل ڪيو ويو: هاڻي قاتل کي اسلام جي اصول قصاص موجب قتل ڪيو ويندو. يا ڪنهن اهڙا ئي ٻيا قابل قتل ڏوهه ڪيا هجن پوءِ ان کي قتل ڪيو وڃي ته شريعت ۾ اهو ناحق قتل نه بلڪ ”قتل بالحق“ شمار ٿيندو.

[2]_ مسلمان لاءِ ماءُ پيءُ کي رنجائڻ ڪبيره گناه آهي. پر جيڪڏهن سندس ماءُ پيءُ ڪافر هجن ۽ اهي اسلامي ڳالهين بابت پنهنجي اولاد تي رنج ٿين ته اهڙين ڳالهين ۾ انهن جي حڪم جي فرمانبرداري ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اهو انهن کي رنج ڪرڻ ناهي.

[3]_ ڪوڙو قسم هن ڳالهه کي چوندا آهن ته ڪنهن به ماڻهوءَ کا به ڳالهه يا ڪو به ڪم سچ پچ ڪيو هجي: پر پڇا ٿيڻ مهل قسم کڻي انهيءَ ڳالهه يا ڪم جو انڪار ڪري.

[4]_مسلمان ڀائرو ! شرڪ کان پاسو ڪريو ڇو ته سيني عبادتن جو مدار توحيد تي آهي مشرڪ جو ڪو به عمل ﷲ جي دربار ۾ قبول ڪونهي نڪي ﷲ پاڪ ان کي اهڙو گناه بخشيندو. شاه ولي الله محدث دهلوي لکي ٿو ته

**جنهن جو قتل ﷲ حرام ڪيو آهي، ان ڪي ناحق قتل ڪرڻ. 4_ وياج کائڻ. 5_ يتيم جو مال کائڻ. 6_جنگ واري ڏينهن پٺي ڏيئي ڀڄڻ (1) ۽ 7_ پاڪ دامن مومنياڻين تي (زنا جي ڪوڙي) تهمت هڻڻ. (بخاري_مسلم).**

53-وعن أبي هريرة رضي الله عنه إن النبي صلى الله عليه وسلم قال : لا يزني الزاني حين يزني وهو مؤمن ولا يشرب الخمر حين يشربها وهو مؤمن ولا يسرق السارق حين يسرق وهو مؤمن ولا ينتهب نهبة ذات شرف يرفع الناس إليه أبصارهم فيها حين ينتهبها وهو مؤمن ولا يغل أحدكم حين يغل وهو مؤمن فإياكم إياكم.

(53) ۽ پڻ **ابو هريره ﷺ ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جنهن وقت زاني ماڻهو زنا ڪري ٿو. (2)ان وقت اهو مؤمن نه آهي ۽ جنهن وقت چور چوري (3) ڪري ٿو، ان وقت اهو مؤمن نه آهي ۽ جنهن وقت شرابي شراب پيئي ٿو، ان وقت اهو مؤمن نه آهي. ۽ جنهن وقت ڦورو ڦر ڪندڙ ڦر ڪري ٿو ۽ ماڻهو ان ڪي ڏسن پيا(4) ان وقت اهو مؤمن نه آهي ۽ غنيمت جي مال ۾ کوٽ اوهان مان خيانت ڪري ته اهو به مؤمن نه آهي. پوءِ اي مومنو! اوهان انهن گناهن کان پاسو ڪريو، پاسو ڪريو. (بخاري _ مسلم)**

---

شريعت ۾ شرڪ ان ڪي چوندا آهن جو جيڪي صفتون خاص ﷲ تعاليٰ لاءِ هجن سي ٻئي ڪنهن ۾ ثابت ڪجن، جيئن ﷲ پاڪ کي سڀني شين جو علم آهي تيئن ٻئي ڪنهن ۾ به سمجهڻ ته ان کي هر شيءِ جو علم آهي. يا جيئن ﷲ پاڪ سڀ ڪنهن ڪم تي قادر آهي تيئن ٻئي ڪنهن کي به قادر سمجهڻ يا جيئن خدا تعاليٰ جو قانون ۽ قبضو ساري جهان تي آهي، تيئن ٻئي ڪنهنجو اختيار ۽ قبضو سمجهڻ وغيره.

[1]_جنگ ۾ هڪ مسلمان ٻن ڪافرن کان ڀڄي ته اهو ڀڄڻ حرام آهي، پر جيڪڏهن ڪافر ٻن کان زياده هجن ته پوءِ حرام نه آهي: پر جيڪڏهن ميدان ۾ ثابت قدم ٿي بيهي رهي ۽ نه ڀڄي ته وڌيڪ بهتر آهي.

[2]_"لاَ يزنِي" لفظ مضارع حقيقي آهي پر هن جي معنيٰ انهيءَ جي به ٿي سگهي ٿي. پوءِ معنيٰ هي ٿيندي ته زاني جيڪڏهن مومن آهي ته زنا جهڙو ڪم نه ڪرڻ گهرجيس ۽ ٻيون به معنائون انهي ريت ٿي سگهن ٿيون. ترجمه ۾ لکيل معنيٰ جو مطلب هي آهي ته انهن بڇڙن ڪمن ڪندڙ جو ايمان ڪامل نه آهي: جيئن هن کان پوءِ بيان ٿيل حديثن ۾ وضاحت آهي.

[3]_ وَلا يَسرِقُ_ ۽ چوري نٿو ڪري .... يعني اهڙي ڪبيره گناه وارو ماڻهو ايمان جي دائري کان نڪري ٿو وڃي باقي اسلام جي دائري کان نٿو نڪري، انهي ڪري اهڙي ماڻهو کي مسلمان چئبو، پر مؤمن نه چئبو. ڇاڪاڻ ته هر ڪنهن مؤمن کي مسلمان چئبو، پر هر مسلمان کي مؤمن نه چئبو. ايمان جو درجو اعليٰ آهي ۽ اسلام جو درجو ان کان گهٽ آهي.ﷲ تعاليٰ "الحجرات" ۾ فرمائي ٿو﴿وَقَالَتِ الْأَعْرَابُ اٰمَنَّا قُلْ لَمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا﴾ يعني جهنگلي عرب چون ٿا ته اسان ايمان آندو آهي، انهن کي چئه ته توهان ايمان نه آندو آهي، ليڪن ائين چئو ته اسان اسلام آندو آهي، يعني پاڻ کي مسلمان سڏايو: مؤمن نه سڏايو. ابن عباس، نخعي ۽ قتاده جو قول آهي ته بدوي عرب منافق نه هئا، بلڪ مسلمان هئا. هنن مسلمان ٿيڻ شرط ايمان جي دعويٰ ڪئي، حالانڪ اهي ايمان جي اعليٰ درجي تي نه پهتا هئا، ۽ نڪي سندن قلبن ۾ پورو ايمان آيو هو تنهن ڪري خدا پاڪ کين ادب سيکاريو ته اسلام جي دعويٰ پلي ڪريو پر قلب ۾ ايمان اچڻ کان اڳ ايمان جي دعويٰ نه ڪريو.

[4]_"ماڻهو ان کي ڏسندا هجن"، يعني اهو علي الاعلان ڏوهه ڪري _ جيئن ته برائيءَ جا ڪم لڪي ڇپي ڪيا ويندا آهن، انهيءَ ڪري چئبو آهي ته منجهن ايمان جي ڪجهه نه ڪجهه بوءِ ۽ پاڳو آهي. ان جي ابتڙ جيڪي ظاهر ظهور ۽ علي الاعلان ڏوهه ڪن: مثلاً زنا ۽ ڦرلٽ ڪندا وتن، انهن جي باري ۾ چئبو آهي ته منجهن حيا ۽ ايمان جو ڪوبه ذرو موجود ڪونهي: ڇاڪاڻ ته حيا به ايمان جي شاخ آهي.

54- وفي رواية ابن عباس : ولا يقتل حين يقتل وهو مؤمن . قال عكرمة : قلت لابن عباس : كيف ينزع الإيمان منه ؟ قال : هكذا وشبك بين أصابعه ثم أخرجها فإن تاب عاد إليه هكذا وشبك بين أصابعه وقال أبو عبد الله : لا يكون هذا مؤمنا تاما ولا يكون له نور الإيمان . هذا لفظ البخاري.

**(54)_ ابن عباس رضي الله عنه جي روايت ۾ آهي ته "جڏهن خوني خون ڪري ٿو، تڏهن اهو به مؤمن نه آهي عڪرمه چوي ٿو مون ابن عباس رضي الله عنه کي چيو ته اهڙي ماڻهوءَ کان ايمان ڪيئن ڪڍيو وڃي ٿو؟ چيائين ته "هن طرح" ۽ پنهنجي ٻنهي هٿن جون آڱريون (منڊين طرح ) هڪ ٻئي سان ملائي، پوءِ ٻئي هٿ هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڏيکاريائين ۽ چيائين ته جيڪڏهن توبه ڪندو ته ايمان موٽي اچي ان جي قلب ۾ هن طرح ايندو. يعني وري به ٻنهين هٿن جون آڱريون هڪ ٻئي ۾ منڊين طرح ملائي ڏيکاريائين. ابو عبدالله (امام بخاري) چيو ته اهڙو شخص پورو مؤمن نه آهي ۽ نه ان کي ايمان جو نور نصيب ٿيندو. اهي لفظ بخاريءَ جا آهن.**

55- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ( آية المنافق ثلاث . زاد مسلم : وإن صام وصلى وزعم أنه مسلم . ثم اتفقا : إذا حدث كذب وإذا وعد أخلف وإذا اؤتمن خان.

**(55) ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته منافق جون ٽي نشانيون آهن. امام مسلم ان ۾ هي الفاظ زياده ڪيا آهن ته ڀلي روزا رکي ۽ نماز پڙهي ۽ دعويٰ ڪري ته آئون مسلمان آهيان. پوءِ حديث جي ٻين لفظن تي ٻئي متفق آهن، يعني جڏهن ڳالهه ڪري ته ڪوڙ ڪري ۽ جڏهن انجام ڪري ته نه پاڙي ۽ جڏهن امانت رکجي ته خيانت ڪري.**

56- وعن عبد الله بن عمرو أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : أربع من كن فيه كان منافقا خالصا ومن كانت فيه خصلة منهن كانت فيه خصلة من النفاق حتى يدعها إذا اؤتمن خان وإذا حدث كذب وإذا عاهد غدر وإذا خاصم فجر.

**(56)_ عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته جنهن شخص ۾ چار عادتون هونديون، اهو نج منافق آهي ۽ جنهن ۾ انهن مان فقط هڪ [1] عادت**

---

[1]_ هن حديث کي عالمن ڏاڍو ڏکيو قرار ڏنو آهي، چاڪاڻ ته جيڪي ماڻهو سچا پڪا مؤمن ۽ مسلمان هوندا آهن ۽ جن ۾ اسلام جا سڀ رڪن موجود هوندا آهن؛ ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ به اهڙيون خصلتون ۽ عادتون لڀنديون آهن، يا انهن کان اهڙا گناهه سرزد ٿيندا آهن. سڀني مسلمانن جو اجماع آهي ته جيڪو ماڻهو دل سان يقين رکي ۽ زبان سان ايمان جي رڪنن جو اقرار ڪري ۽ پوءِ به اهي چار ڪم ڪندوهجي ته اهو نڪي ڪافر آهي ۽ نڪي منافق! ۽ نڪي هميشه دوزخ ۾ رهندو. يوسف عليه السلام جي ڀائرن ۾ به اهي چارئي عادتون موجود هيون، ته به الله تعاليٰ انهن کي ﴿أَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا﴾ چيو آهي، يعني 11_ ستارا _ انهيءَ ڪري هاڻي حديث جو مطلب هي چئبو ته جنهن ماڻهوءَ ۾ اه چار عادتون ۽ خصلتون هجن سو منافق ۽ ڪافر وانگر هميشه دوزخ ۾ رهندو. "نج منافق" جو

هوندي، جيستائين ان کي نہ ڇڏيندو، تيستائين ان ۾ منافقيءَ جي هڪ عادت هوندي. 1_جڏهن ان وٽ امانت رکي وڃي، تہ خيانت ڪري، 2_ جڏهن ڳالھ ڪري تہ ڪوڙ ڳالھائي. 3_ جڏهن انجام ڪري تہ ان کي ٽوڙي. 4_ جڏهن جهيڙو ڪري، تہ بد شد ڳالھائي (بخاري_ مسلم)

57- وعن ابن عمر عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : مثل المنافق كمثل الشاة العائرة بين الغنمين تعير إلى هذه مرة وإلى هذه مرة . رواه مسلم

(57) ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ منافق جو مثال ٻھريل ٻڪريءَ جهڙو آهي (نر جي تلاش لاءِ) ٻڪرين جي ڌڻن ۾ هڪ دفعو[1] هڪ ولر ۾ وڃي ۽ ٻئي دفعي وري ٻئي ولر ڏانهن وڃي. (مسلم)

# فصل ٻيو

58- عن صفوان بن عسال قال : قال يهودي لصاحبه اذهب بنا إلى هذا النبي فقال صاحبه لا تقل نبي إنه لو سمعك كان له أربعة أعين فأتيا رسول الله صلى الله عليه وسلم فسألاه عن تسع آيات بينات فقال لهم : لا تشركوا بالله شيئا ولا تسرقوا ولا تزنوا ولا تقتلوا النفس التي حرم الله إلا بالحق ولا تمشوا ببريء إلى ذي سلطان ليقتله ولا تسحروا ولا تأكلوا الربا ولا تقذفوا محصنة ولا تولوا الفرار يوم الزحف وعليكم خاصة اليهود أن لا تعتدوا في السبت . قال فقبلوا يده ورجله فقالا نشهد أنك نبي قال فما يمنعكم أن تتبعوني قالوا إن داود دعا ربه أن لا يزال في ذريته نبي وإنا نخاف إن تبعناك أن تقتلنا اليهود . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي.

(58) صفوان بن عسال رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ يهودي شخص پنهنجي ساٿيءَ کي چيو تہ مون سان گڏجي هن نبيءَ ڏانهن هل، تنهن ڪري ان جي ساٿيءَ چيس تہ (محمد ﷺ کي) نبي نہ چئہ جيڪڏهن توکان اهو لفظ ٻڌندو تہ (خوشيءَ وچان) ان جون چار اکيون ٿي پونديون[2] پوءِ اهي ٻئي رسول الله ﷺ وٽ آيا. پاڻ سڳورن ﷺ کان "نون نشانين" [3] بابت پڇيائون. رسول الله ﷺ 1_الله سان گڏ ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪيو، 2_چوري نہ ڪيو، 3_زنا نہ ڪيو.

---

مقصد هي آهي تہ نج منافق سان گهٽي مشابھ آهي. امام ترمذي ڪن عالمن کان هن حديث جي معنيٰ هن طرح نقل ڪئي آهي تہ هن حديث مان مراد منافق عملي آهي، نہ اعتقادي (نووي)

[1] _ منافق جو بہ اهڙو حال هوندو آهي، جو ڪڏهن مسلمانن ڏانهن ايندو تہ ڪڏهن ڪافرن ڏانهن ويندو آهي.

[2] _ ان کي چار اکيون ٿينديون" انهيءَ جي معنيٰ آهي تہ گهڻو خوش ٿيندو. هيءُ هڪ عربي اصطلاح ۽ محاورو آهي.

[3] _ هن مان نو مسئلا مراد آهن جيڪي خود هن حديث ۾ بيان ٿيل آهن يا نو معجزا مراد آهن جيڪي موسيٰ عليہ السلام کي ڏنا ويا هئا ۽ جن جو قرآن مجيد ۾ بيان آهن، اهي پڇيائون . جهڙوڪ 1_لٺ، 2_اڇو هٿ، 3_طوفان، 4_مڪڙ، 5_مچر، 6_ڏيڏر، 7_رت، 8_ڏڪار، 9_ ميون جي پيدائش گهٽ ٿيڻ.

4_ڪنهن ماڻهوءَ کي ناحق نه ماريو. 5_ڪنهن بي گناهه ماڻهوءَ کي بادشاه وٽ مارائڻ لاءِ نه وٺي وڃو. 6_جادو نه ڪريو. 7_وياج نه کائو. 8_ڪنهن پاڪ دامن عورت تي (زنا جي) تهمت نه هڻو. 9_جنگ ۾ پٺي ڏئي نه ڀڄو ۽ 10_خاص توهان يهودين لاءِ آهي ته ڇنڇر واري ڏينهن زيادتي نه ڪريو. راوي چوي ٿو ته پوءِ ٻنهي يهودين ﷺ جنها هٿ پير چميا ۽ چيائون ته اسين شاهدي ٿا ڏيون ته تون بيشڪ نبي آهين([1]) ﷺ جن فرمايو ته پوءِ ڪهڙي شيءِ توهان کي منهنجي تابعداري کان منع ڪري ٿي؟ ٻنهي چيو ته داؤدؑ ([2]) پنهنجي رب کان دعا گهري هئي ته هميشه منهنجي اولاد مان نبي ڪج، تون داؤد جي اولاد مان ناهين (تنهن ڪري) اسين ڊڄون ٿا ته جيڪڏهن تنهنجي تابعداري ڪنداسون ته ٻيا يهودي اسان کي قتل ڪري ڇڏيندا. (ترمذي، ابو دائود ۽ نسائي)

فائده:_ اها حديث ابو داؤد ۾ موجود ڪونهي، مشڪوٰة واري کان خطا ٿي وئي آهي (الباني).

59- وعن أنس بن مالك قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ثلاث من أصل الإيمان الكف عمن قال لا إله إلا الله ولا نكفره بذنب ولا نخرجه من الإسلام بعمل والجهاد ماض منذ بعثني الله إلى أن يقاتل آخر أمتي الدجال لا يبطله جور جائر ولا عدل عادل والإيمان بالأقدار . رواه أبو داؤد

(59) انس ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺجن فرمايو ته ٽي شيون ايمان جو منڍ([3]) آهن. ١_ جيڪو ماڻهو لااله الا الله جو اقرار ڪري، انجي مارڻ کان هٿ روڪڻ، ان کي گناهه ڪرڻ سبب ڪافر نه چئون ۽ نه ان کي ڪنهن عمل (گناهه ڪبيره جي ارتڪاب سببان اسلام کان خارج ڪيون.([4]) 2_ جنهن وقت کان وٺي ﷲ مون کي نبي بڻايو آهي، جهاد جو فرض هميشه هلڻو آهي، تانجو هن امت جو آخري ماڻهو دجال سان وڙهندو. جهاد کي ڪنهن ظالم جو ظلم يا ڪنهن عادل جو عدل ([5]) روڪي نٿو سگهي. 3_ تقدير تي ايمان آڻڻ([1]) هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

---

[1]_ هي شاهدي قبوليت جي نه هئي پر دلي عقيدي جو بيان ڪيو هئائون ڇو ته يهودين کي ڪتاب توريت ۾ لکيل نشانين مان معلوم هو ته ﷺ جن برابر سچا نبي آهن، پر بدبختيءَ سبب سندن نبوت کي ظاهر ظهور قبول ڪرڻ کان انڪاري هئا.

[2]_ داؤد ؑ بابت يهودين ڪوڙ ڳالهايو هو. ان ڪڏهن به اهڙي دعا نه گهري هئي. بلڪ اهڙي دعا ابراهيم ؑ گهري هئي جنهن جي اولاد مان محمد ﷺجن به آهن.

[3]_ منڍ يعني پاڙ جنهن جي نه هجڻ سببان درخت ڪري پوندو. اسلام جو درخت به حديث ۾ ڏيکاريل انهن ٽن ڳالهين کان سواءِ ڪري پوندو.

[4]_ هيءَ حديث خارجي فرقي وارن تي رد آهي جيڪي چوندا آهن ته صغيره گناه ڪرڻ سان ماڻهو ڪافر ٿيو وڃي. اها حديث معتزلين تي پڻ رد آهي. جيڪي چوندا آهن ته ڪبيره گناه ڪرڻ سان ماڻهو اسلام جي دائري کان خارج ٿي وڃي ٿو.

[5]_ يعني جهاد کي ترڪ ڪرڻ جائز نه آهي، ڀلي بادشاهه فاسق ۽ فاجر ڇو نه هجي تڏهن به ان جي حڪم مطابق جهاد جو عمل هر صورت ۾ جاري رهندو. پر جيڪڏهن ڪافرن جو بادشاه عادل هجي ليڪن ان جا احڪام ۽ قاعدا

**فائدو:_ هن جي سند ۾ يزيد بن ابي نشبہ مجهول راوي آهي (مرعاة ص134ج1)**

60- وعن أبي هريرة قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا زنى العبد خرج منه الإيمان فكان فوق رأسه كالظلة فإذا خرج من ذلك العمل عاد إليه الإيمان . رواه الترمذي وأبوداؤد.

(60) **ابو هريره ﷜ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ٻانهو زنا كندو آهي تہ ايمان(2) ان جي قلب مان نكري ان جي مٿي كان مٿا ڇٽيءَ وانگر پري ٿي بيهي رهندو آهي، پوءِ جڏهن انهيءَ بڇڙي كم كان واندو ٿي بيهندو آهي تہ ايمان ان ڏانهن موٽندو آهي. (ترمذي_ ابو داؤد)**

# فصل ٽيون

61- عن معاذ قال : أوصاني رسول الله صلى الله عليه وسلم بعشر كلمات قال لا تشرك بالله شيئا وإن قتلت وحرقت ولا تعقن والديك وإن أمراك أن تخرج من أهلك ومالك ولا تتركن صلاة مكتوبة متعمدا فإن من ترك صلاة مكتوبة متعمدا فقد برئت منه ذمة الله ولا تشربن خمرا فإنه رأس كل فاحشة وإياك والمعصية فإن بالمعصية حل سخط الله عز وجل وإياك والفرار من الزحف وإن هلك الناس وإذا أصاب الناس موتان وأنت فيهم فاثبت وأنفق على عيالك من طولك ولا ترفع عنهم عصاك أدبا وأخفهم في الله . رواه أحمد .

(61) **معاذ ﷜ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مون كي ڏهن ڳالهين جي وصيت كئي، فرمايائون تہ 1_الله سان كنهن كي بہ شريک نہ كر، جيتوڻيک توكي ماريو وڃي(3) ۽ توكي ساڙيو وڃي. 2_پنهنجي پيءُ ماءُ جي بيفرماني هر گز نہ كج اگرچہ توكي گهر ۾ مال كان نكرڻ**

---

قانون اسلامي تعليم جي برخلاف هجن، تہ فقط انهيءَ جو عدل و انصاف اسلامي جهاد كي موقوف نٿو كري سگهي.

[1]_ ايمان جو اصول هي آهي تہ جهان ۾ جيكي وهي واپري ٿو اهو سڀ كجهہ الله ﷻ جي تقدير موجب وهي واپري ٿو.

[2]_ هن مان مراد هيءَ آهي تہ ايمان جو نور ۽ كمال نكري ٿو وڃي. ڇو تہ حيا ايمان جي هک شاخ آهي، سو جڏهن حياءُ نكري ٿو تڏهن كو ماڻهو زنا يا ٻيون برائيون كري ٿو.

[3]_ معاذ ﷜ بهتر رستي ۽ عزيمت تي عمل كيو، يعني انهيءَ موجب تعميل كرڻ بهتر آهي. قرآن مجيد ۾ هن بابت مجبوريءَ جي حالت ۾ هيءَ معافي آهي تہ جيكڏهن دل ۾ ايمان موجود رهي تہ پوءِ جان بچائڻ لاءِ كفر جو كلمو چئي سگهجي ٿو. جيئن فرمايائين ﴿مَنۡ أُكۡرِهَ وَقَلۡبُهُۥ مُطۡمَئِنُّۢ بِٱلۡإِيمَٰنِ﴾ (النحل) يعني جنهن كي كافرن موت جو خوف ڏياري مجبور كيو: پر ان جي دل ايمان تي قائم، كاربند ۽ مطمئن هجي.

جيئن كفر جي زباني كلمہ جي ابتڙ جي دل ايمان تي قائم ۽ مضبوط آهي، انهيءَ كري ان تي الله تعاليٰ جو ڏمر كونہ ٿيندو.

جو حڪم ڪن. 3_ڄاڻي واڻي فرض نماز هر گز ترڪ نہ ڪج، ڇاڪاڻ تہ جنهن ڄاڻي واڻي فرض نماز ترڪ ڪئي، ان کان ﷲ جو ذمو نڪري[1] ويجي ٿو. 4_هر گز شراب نہ پيءُ ڇاڪاڻ تہ اهو سڀني خرابين جو منڍ آهي. 5_پنهنجو پاڻ کي گناهہ کان بچاءِ ڇو تہ گناهہ جي سببان ٻانهي تي ﷲ جو ڏمر واقع ٿئي ٿو. 6_ڪافرن سان لڙائيءَ ۾ ڀڄڻ کان پاڻ کي بچاءِ اگرچہ ماڻهو ان جنگ ۾ مرندا هجن. 7_جڏهن ماڻهن کي موت پهچي ۽ تون اتي حاضر هجين تہ ترسي رهہ[2] 8_پنهنجي اولاد تي طاقت موافق خرچ ڪر. 9_ادب ۾ رهڻ لاءِ پنهنجي لٺ انهن تا نہ ڪڻ.[3] 10_انهن کي خوف خدا ڏياريند رهہ (احمد)

62- وعن حذيفة قال : إنما كان النفاق على عهد النبي صلى الله عليه وسلم فأما اليوم فإنما هو الكفر بعد الإيمان .

رواه البخاري

(62) حذيفہ کان روايت آهي فرمائي ٿو نفاق رسول الله ﷺ جي زماني ۾ هوندو هو[4] هن وقت ڪفر آهي يا ايمان (بخاري)

# وسوسن جو باب[5]

## پهريون فصل

---

[1]_ بي نمازين لاءِ ﷲ پاڪ جو امن ڪونهي، مگر نمازين ۽ نيڪ ٻانهن لاءِ ﷲ تعاليٰ جو امن ۽ ڏمر آهي. ان حديث مان ڪن عالمن جو اجتهاد آهي تہ بي نمازيءَ کي قيد ڪيو ويندو ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ان کي قتل ڪيو ويندو؛ جيتوڻيڪ ان جو اهو قتل ڪفر جو نہ چئبو. امام احمد ۽ ڪي ٻيا عالم چون ٿا تہ ان کي ڪافر سمجهي قتل ڪيو ويندو ۽ مٿس جنازه نماز نہ پڙهي ويندي ۽ ان کي مسلمانن جي قبرستان ۾ دفنايو ويندو_ بي نمازين کي هن حديث جو مطلب تمام غور سان پڙهڻ گهرجي (مرة)

[2]_جيڪڏهن ڪنهن شهر ۾ وبا اچي پوي، اتان ٻاهر ڀڄڻ نہ گهرجي، نڪي ٻئي ڳوٺ ۾ وڃڻ گهرجي. هن موجب عمل نہ ڪرڻ تي اهڙو گناه آهي، جهڙو ڪافرن سان ويڙهہ مان ڀڄڻ جو_ پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو اهو اعتقاد آهي تہ اتان ڀڄڻ سان جان بچندي ۽ نہ ڀڄڻ سان موت ايندو تہ اهو اعتقاد رکڻ وارو ڪافر آهي.

[3]_"ادب" بجا آڻڻ بدران گهر وارا گستاخ ٿي بي ادب ٿين ۽ دين جي ڪم ۾ سستي ڪن تہ ڪجهہ معمولي مارڪٽ ڪري بہ انهن کي سڌو ڪجي.

[4]_ ﷺ جن جي زماني ۾ منافقن کي بہ مسلمانن وارين سهوليتون دنياوي ڪمن ۾ هونديون هيون. ڇاڪاڻ تہ مسلمانن جو تعداد ان وقت گهٽ هو. اصحابن جي زماني ۾ جڏهن مسلمانن جو تعداد وڌيو، تڏهن ان وقت کان پوءِ منافقن کي سچن مسلمانن واريون سهوليتون ڏيڻ ۾ نہ اينديون هيون. هينئر بہ اهو پويون سلسلو جاري آهي منافق ۽ ڪافر هڪ شيءِ آهي. (لمعات)

[5]_دل جي خراب خيالن ۽ شيطاني ڳالهين کي وسوسو چئبو آهي ۽ دل جي چڱن خيالن کي وسوسو نہ چئبو بلڪ اهو ملائڪ يا خدا جي طرفان هڪ قسم جو الهام آهي.

63- عن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الله تعالى تجاوز عن أمتي ما وسوست به صدورها ما لم تعمل به أو تتكلم.

**(63) ابو هريره ﷺ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته بيشڪ الله تعاليٰ منهنجي امت کي جيڪي وسوسا انهن جي سينن ۾ اچن ٿا، سي معاف ڪري ڇڏيا آهن (اهي گناه ۾ شمار ڪري سزا نه ڏيندو) جيستائين وسوسن موجب ڪو ڪم يا ڳالهه نه ڪري. (بخاري مسلم)**

64- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : جاء ناس من أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم إلى النبي صلى الله عليه وسلم فسألوه : إنا نجد في أنفسنا ما يتعاظم أحدنا أن يتكلم به . قال : أو قد وجدتموه قالوا : نعم . قال : ذاك صريح الإيمان . رواه مسلم.

**(64) ابو هريره ﷺ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن جا ڪيترا اصحابي نبي ﷺ جن وٽ آيا. ڪانئن پڇيائون ته اسان جي دلين ۾ ڪيترا اهڙا وسوسا اچن ٿا جن کي زبان سان ظاهر ڪرڻ اسان مان هر هڪ کي بڇڙو نظر اچي ٿو[1] تنهن تي ﷺ جن فرمايو ته واقعي اوهان کي دلين جا ڪي وسوسا بڇڙا لڳن ٿا؟ عرض ڪيائون ته هائو! فرمايائون ته اها ايمان جي پڌري نشاني آهي[2] هن کي مسلم روايت ڪيو.**

65- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : يأتي الشيطان أحدكم فيقول : من خلق كذا ؟ من خلق كذا ؟ حتى يقول : من خلق ربك ؟ فإذا بلغه فليستعذ بالله ولينته.

**(65) ابو هريره ﷺ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته اهوان مان ڪنهن شخص وٽ شيطان اچي ٿو ۽ وسوسي طور ان جي دل ۾ هيءَ ڳالهه چوي ٿو ته هن فلاڻي شيءِ کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ تانجو آخر ۾ هيءَ ڳالهه چوندو آهي ته تنهنجي رب کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ جڏهن وسوسو ان حد تائين پهچي ته الله جي پناه گهرڻ ڪپي[3] ۽ ان وسوسي کان پاڻ کي روڪڻ گهرجي. (بخاري مسلم)**

[1]_جيئن ته الله تعاليٰ جي پيدائش ۽ ان جي ڪيفيت جو خيال يا اهو سوال ته اهو ڪهڙي شيءِ آهي ۽ ڪهڙي طرح جو آهي ۽ بيا انهي قسم جي وسوسا برا چئبا، انهيءَ ڪري انهن کان رب پاڪ جي پناهه وٺڻ گهرجي. (مرقاة)

[2]_هن مان ثابت ٿيو ته ايماندار اهو آهي جنهن کي برا وسوسا اچن ۽ اهو انهن کي تمام برو ڄاڻي ۽ جيڪو ماڻهو وسوسي کي برو ڄاڻي، اهو اهڙو وسوسي کي زبان تي هن سبب ڪري نه آڻيندو جو ان وقت اهو يقيناً خراب ۽ ڪوڙو وسوسو هوندو آهي ۽ ان تي اعتقاد نه رکندو آهي. الله تعاليٰ جو خوف دل ۾ آڻيندو آهي ۽ اهائي ايمان جي سچي نشاني آهي.

[3]_يعني شيطان چوي ٿو ته زمين ۽ آسمان ۽ ٻين شين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ان بابت ماڻهو پنهنجي دل ۾ جواب ڏيندو آهي ته انهن سيني شين کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي. تڏهن شيطان ان کي وري اهو وسوسو وجهندو

66- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لا يزال الناس يتساءلون حتى يقال هذا خلق الله الخلق فمن خلق الله ؟ فمن وجد من ذلك شيئا فليقل : آمنت بالله ورسله.

**(66) ۽ انهيءَ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ماڻهو هميشہ هڪ ٻئي کان سوال ڪندا رهندا، تانجو چيو ويندو تہ هيءَ ﷲ تعاليٰ جي مخلوق آهي، جنهن کي خلقيو اٿس، پوءِ ﷲ کي ڪنهن خلقيو آهي؟ پوءِ جنهن کي اهڙو خيال ۽ سوال دل ۾ اچي،[1] انهيءَ کي هيئن چوڻ گهرجي تہ مون ايمان آندو ﷲ پاڪ ۽ سندس رسولن تي (بخاري_مسلم)**

67- وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ما منكم من أحد إلا وقد وكل به قرينه من الجن وقرينه من الملائكة . قالوا : وإياك يا رسول الله ؟ قال : وإياي ولكن الله أعانني عليه فأسلم فلا يأمرني إلا بخير . رواه مسلم

**(67) ابن مسعود ﷠ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اوهان مان هر هڪ لاءِ هڪ ساٿي جنن مان ۽ هڪ ساٿي ملائڪن مان مقرر ڪيو ويو آهي[2] صحابن چيو تہ يا رسول اللهﷺ! اوهان لاءِ بہ (مقرر ٿيل آهن ڇا؟) پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ هائو! منهنجي لاءِ بہ مقرر ٿيل آهن) پر ﷲ تعاليٰ منهنجي انهيءَ تي مدد ڪئي آهي، انهيءَ ڪري هو مسلمان ٿيو آهي ۽ مونکي نيڪي جي صلاح ٿو ڏئي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

68- وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الشيطان يجري من الإنسان مجرى الدم.

**(68) انسﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ بيشڪ انسان (جي بت ۾) جهڙيءَ طرح رت هلي ٿو تهڙي طرح شيطان بہ هلي ٿو. هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

69- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ما من بني آدم مولود إلا يمسه الشيطان حين يولد فيستهل صارخا من مس الشيطان غير مريم وابنها.

**(69) ابو هريره﷠ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ بي بي مريم ۽ ان جي پٽ ( عيسيٰ ؑ) کان سواءِ ٻين سيني انسانن کي جيڪي آدم ؑ جو اولاد آهن تن مان هر هڪ کي جمڻ وقت شيطان ڇوهي ٿو، انهيءَ ڪري (ٻار) رڙيون ڪندو آهي. هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

آهي تہ تنهنجي ﷲ کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ اهڙي وسوسي جي حالت ۾ ﷲ پاڪ کي ياد ڪجي ۽ شيطان جي وسوسن کان سندس پناه ۾ اچجي.

[1]_هيئين چوي تہ ﷲ ۽ ان جي رسولﷺ جيڪي چيو آهي مون ان تي ايمان آندو. اهو هيئن آهي تہ ﷲ قديم ۽ هڪ آهي ۽ سڀ ڪنهن شيءِ جو پيدا ڪرڻ وارو آهي.

[2]_هر هڪ ماڻهوءَ جا بہ ساٿ آهن، هڪڙو جن جيڪو بريون ڳالهيون ۽ برا وسوسا دل ۾ وجهندو آهي ان جو نالو "وسواس" آهي ۽ ٻيو ساٿي ملائڪ آهي جيڪو چڱيون ڳالهيون ۽ چڱائي جو الهام ان جي دل ۾ ڪندو آهي، ان جو نالو "ملحم" آهي.

70- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : صياح المولود حين يقع نزغة من الشيطان.

(70) **ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ شيطان جي چونگ ڏيڻ سبيان ڄمڻ وقت ٻار روئيندا آهن هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

71- وعن جابر قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم إن إبليس يضع عرشه على الماء ثم يبعث سراياه فأدناهم منه منزلة أعظمهم فتنة يجيء أحدهم فيقول فعلت كذا وكذا فيقول ما صنعت شيئا قال ثم يجيء أحدهم فيقول ما تركته حتى فرقت بينه وبين امرأته قال فيدنيه منه ويقول نعم أنت قال الأعمش أراه قال فيلتزمه . رواه مسلم.

(71) **جابر ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ بيشڪ وڏو شيطان پنهنجو تخت پاڻي تي رکي ٿو[1] پنهنجو لشڪر ماڻهن کي گمراه ڪرڻ لاءِ موڪلي ٿو پوءِ انهيءَ لشڪر مان انهيءَ وٽ وڏي درجي وارو اهو آهي جو ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ ۾ وڏيڪ چالاڪ آهي پوءِ انهي لشڪر مان ونس هڪڙو اچي چوي ٿو تہ (مون گمراهہ ڪرڻ ۾) فلاڻي ماڻهو کي تيسين نہ ڇڏيو جيسين ان ۽ سندس زال جي وچ ۾ جدائي (2) پيدا نہ ڪيم. حضورﷺ جن فرمايو تہ پوءِ وڏو شيطان ان کي ويجهو ڪري چوندو آهي تہ تون سڀني کان چڱو آهين. راوي اعمش چوي ٿو تہ آءٌ ڀانيان ٿو تہ جابر ؓ چيو تہ وڏو شيطان ان کي ڳلي لڳائيندو آهي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

[1] ابليس جي سرڪشي جو هي وڏو دليل آهي جو هو پنهنجو تخت پاڻيءَ تي وڇائي ويهي ٿو. الله تعاليٰ ڪيس اها سگهہ هن ڪري ڏني آهي تہ ڀلي سمجهي تہ جيئن الله تعاليٰ جو عرش آهي، تيئن منهنجو بہ پاڻيءَ تي عرش آهي. گهڻا جاهل صوفي سندن ڪشف ۾ "عرش" ڏسندا آهن. اهي خيال ڪندا آهن تہ اسان عرش الرحمان ڏٺو آهي، پر حقيقت ۾ هي عرش الشيطان ڏسندا آهن، جيئن ابن صياد يهوديءَ نبيﷺ کي چيو هو تہ آءٌ پاڻيءَ تي هڪ عرش ڏسان ٿو. تنهن تي حضور ڪريمﷺ جن ڪيس چيو تہ تون شيطان جو عرش ٿو ڏسين. هن وقت ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو ڪشف ڏسندا آهن تہ ان کي "ولي" سمجهندا آهن. مثلاً ڪنهن فقير کي ڏٺو تہ انهيءَ ڪنهن کي اشارو ڪيو ۽ اشاري ڪرڻ شرط اهو شخص مري ويو يا ڏٺائين تہ ڪو ماڻهو هوا ۾ اڏامندي ڪعبة الله ڏانهن پئي ويو يا پاڻيءَ ۾ هلي رهيو آهي يا ڪو ماڻهو ڪنهن ڏورانهين ملڪ جي ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ سڏي ۽ ان جو اهو ڪم پورو بہ ٿي وڃي ۽ اهو بروقت ان کي ڏيکاءُ ڏئي چوي تہ مون تنهنجو ڪم ڪيو آهي. عوام اهڙي قسم جي ماڻهوءَ کي ولي چوندا آهن. پر سڀئي اولياءَ سڳورا ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ جيتوڻيڪ ڪو فقير آسمان ۾ اڏامي يا پاڻيءَ تي هلي، تہ بہ توهين جيسين ان کي شرعي احڪامن تي پورو قائم نہ ڏسو، تيسين دوکو کائي ان کي "ولي" نہ سمجهو، بلڪ ان کي شيطان سمجهو. (فرقان ۽ مرقاة)

[2] "جدائيءَ" مان مراد هي آهي تہ زال ۽ مڙس ۾ ايتري قدر نفاق ۽ تڪرار پيدا ڪيم جو مرد هن قسم جا الفاظ زبان مان ڪڍيا تہ مون تي منهنجي زال حرام آهي. جيڪڏهن ان صورت ۾ پنهنجي زال سان صحبت ڪندو تہ اهو حرام ڪم ليکبو ۽ ان مان اولاد پيدا ٿيو تہ اهو بہ حرام هوندو. جڏهن ولد الزنا وارن جو دنيا ۾ تعداد وڌندو، تڏهن فساد ۽ گناه وڌندا.

72- وعن جابر قال سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقول : إن الشيطان قد أيس أن يعبده المصلون في جزيرة العرب ولكن في التحريش بينهم . رواه مسلم.

**(72) جابر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ عربستان جي ٻيٽ ۾ نمازي ماڻهو شيطان جي پوڄا ڪن، ان ڪان هاڻي هو نااميد ٿي پيو آهي پر هڪ ٻئي سان لڙائي ڪرڻ ۾ (هو نااميد نہ ٿيو آهي) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

## ٻيو فصل

73- عن ابن عباس أن النبي صلى الله عليه وسلم جاءه رجل فقال : إني أحدث نفسي بالشيء لأن أكون حممة أحب إلي من أن أتكلم به . قال : الحمد لله الذي رد أمره إلى الوسوسة . رواه أبو داؤد

**(73) ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ بيشڪ رسول اللهﷺجن وٽ هڪ ماڻهو آيو ۽ چيائين تہ تحقيق منهنجي دل ۾ اهڙي شيءِ (وسوسي طور) اچي ٿي جو ان ڳالهہ کي ظاهر ڪرڻ بدران ڏانڊن تي پوان تہ اهو مون لاءِ چڱو آهي. حضورﷺ جن فرمايو تہ ﷲ جو شڪر آهي تہ اهڙي ڳالهہ فقط وسوسي تائين محدود آهي. (ابودؤد)**

74- وعن بن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن للشيطان لمة بابن آدم وللملك لمة فأما لمة الشيطان فإيعاد بالشر وتكذيب بالحق وأما لمة الملك فإيعاد بالخير وتصديق بالحق فمن وجد ذلك فليعلم أنه من الله فليحمد الله ومن وجد الأخرى فليتعوذ بالله من الشيطان الرجيم ثم قرأ ﴿ ٱلشَّيۡطَٰنُ يَعِدُكُمُ ٱلۡفَقۡرَ وَيَأۡمُرُكُم بِٱلۡفَحۡشَآءِ... ﴾البقرة. أخرجه الترمذي وقال : هذا حديث حسن غريب.

**(74) ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ آدم جي اولاد تي شيطان ۽ ملائڪ ٻنهي جو تصرف رهي ٿو پوءِ شيطان پنهنجي تصرف هلائڻ لاءِ ان کي برائي جو امر ۽ حق جي تڪذيب جي فرمائش ٿو ڏئي[1] ۽ ملائڪ پنهنجو تصرف هلائڻ لاءِ چڱائي جو امر ۽ سچائي جي تصديق جي تعليم ٿو ڏئي. پوءِ جنهن ماڻهو کي اهڙا نيڪ خيال دل ۾ اچن تہ ان کي گهرجي تہ اهي ﷲ جي طرفان ڄاڻي ۽ ان جو شڪر بجا آڻي ۽ جنهن کي خراب خيال دل ۾ اچن تہ**

[1] _ مثلاً شيطان وعدو ڏيندو آهي تہ جيڪڏهن ڀلائي ڪندين تہ برائيءَ ۾ گرفتار ٿيندين، يا خدا تعاليٰ تي توڪل ڪندين ۽ سندس عبادت ۾ پيو ڪندين تہ محتاجي ۽ خواري نصيب ٿيندئي.

شيطان کان بچڻ لاءِ ﷲ جي پناه وٺڻ گهرجي. پوءِ ﷺ جن هي آيت پڙهي﴿ الشَّيْطَانُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَيَأْمُرُكُم بِالْفَحْشَاءِ ﴾ ([1]) هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ چيائين ته هيءَ حديث غريب آهي.

فائده:_ علامہ الباني فرمائي ٿو منهنجي نزديڪ حديث جي سند ضعيف آهي جو راوي عطاءُ بن سائب اختلاط (يعني شڪي مزاج) وارو آهي. (مشڪوٰة _ الباني ص28 ج_1)

75- عن أبي هريرة قال سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : لا يزال الناس يتساءلون حتى يقال : هذا خلق الله الخلق فمن خلق الله ؟ فإذا قالوا ذلك فقولوا الله أحد الله الصمد لم يلد ولم يولد ولم يكن له كفوا أحد ثم ليتفل عن يساره ثلاثا وليستعذ من الشيطان . رواه أبو داؤد.

(75) ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي: رسول الله ﷺ جن فرمايو ته هميشہ ماڻهو پڇا ڳاڇا پيدا ڪندا تان جو (آخر ۾ بہ ڪڏهن هن طرح بہ) پڇيو ويندو تہ سموري مخلوقات کي تہ ﷲ پيدا ڪيو آهي پر خود ﷲ تعاليٰ کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ پوءِ جڏهن انهيءَ طرح چون تڏهن چوءِ([2]) تہ ﷲ اڪيلو آهي، بي نياز آهي، نڪي اولاد ڄڻي ٿو نہ (پاڻ) ڄڻيو ويو آهي ۽ ان جو ڪو شريڪ ڪونهي. پوءِ گهرجيس تہ کا ٻي طرف([3])ٽي دفعا ٿُڪ اڇلائي. ۽ شيطان تڙيل کان ﷲ جي پناه گهري. هن کي ابو دائود روايت ڪيو آهي ۽ جلد عمرو بن احوص واري حديث باب خطبه يوم النحر ۾ انشاءﷲ تعاليٰ ذڪر ڪنداسون.

فائدو: امام منذري جو قول آهي تہ حديث جي سند ۾ سلسلہ بن فضل راوي قابل حجت نہ آهي (مرعاة ص155 ج1)

## فصل ٽيون

76- عن أنس بن مالك يقول قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لن يبرح الناس يتساءلون حتى يقولوا هذا الله خالق كل شيء فمن خلق الله . رواه البخاري . ولمسلم : قال : قال الله عز وجل : إن أمتك لا يزالون يقولون : ما كذا ؟ ما كذا ؟ حتى يقولوا : هذا الله خلق الخلق فمن خلق الله عز وجل ؟

---

[1] _ پوري آيت هن طرح آهي: ﴿ الشَّيْطَانُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَيَأْمُرُكُم بِالْفَحْشَاءِ وَاللَّهُ يَعِدُكُم مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَفَضْلاً وَاللَّهُ وَاسِعٌ عَلِيمٌ ﴾ يعني جڏهن دل ۾ خيال پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن مال خيرات ڪندس تہ مسڪين ٿي پوندس پر بيحيائيءَ ۽ بڇڙائيءَ جي ڪمن تي چاھ ڏسڻ ۾ اچيس تہ پوءِ سمجهي تہ اهي برا وسوسا شيطان جا آهن ۽ جڏهن خيال اچيس تہ خيرات ڪرڻ سببان منهنجا گناه بخشبا ۽ ﷲ وٽ ڪا ڪمي ڪانہ آهي، اهو ڏھ دنيا ۽ ستر آخرت ۾ عطا فرمائيندو تہ پوءِ سمجهڻ گهرجيس تہ اهو اشارو ﷲ پاڪ جي طرفان آهي.

[2] _يعني شيطان جي جواب ۾ سورة ﴿قُلْ هُوَ اللَّهُ﴾ پڙهي (مرقاة)

[3] _ کابي طرف ٿُڪ اڇلائڻ جو هي مطلب آهي تہ ساڄو پاسو عزت جو لائق آهي ۽ نيڪن جو فرشتو ساڄي پاسي آهي.

(76) انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ هميشہ ماڻهو پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا پيا ڪندا رهندا، تانجو چوندا تہ هي سڀ شيون الله تعاليٰ پيدا ڪيون آهن، پر خود الله عزوجل کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي ۽ مسلم جي روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم فرمايو: الله عزوجل فرمائي ٿو تہ بيشڪ تنهنجي امت هميشہ چوندي رهندي.([1]) تہ هي ڇا آهي، هي ڇا آهي؟ تانجو نيٺ چوندا تہ هيءَ مخلوق تہ الله تعاليٰ پيدا ڪئي آهي پر خود الله عزوجل کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟

77- عن عثمان بن أبي العاص أتى النبي صلى الله عليه وسلم فقال : يا رسول الله إن الشيطان قد حال بيني وبين صلاتي وقراءتي يلبسها علي فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم ذاك شيطان يقال له خنزب فإذا أحسسته فتعوذ بالله منه واتفل على يسارك ثلاثا قال ففعلت ذلك فأذهبه الله عني . رواه مسلم

(77) عثمان بن ابي العاص رضي الله عنه([2])کان روايت آهي تہ مون صلي الله عليه وسلم جن کي چيو تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم بيشڪ شيطان منهنجي نماز ۽ منهنجي قرائت جي وچ ۾ آڏو ٿو اچي ۽ انهيءَ باري ۾ مون تي شڪ ٿو وجهي. صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ اهو شيطان آهي، ان کي خنزب ٿو چئجي. پوءِ جنهن وقت ان کي محسوس ڪرين تہ ان کان الله جي پناهہ گهر ۽ پنهنجي کٻي پاسي 3_ دفعا ٿُڪ ڦٽي ڪر، پوءِ مون انهيءَ طرح ڪيو، ان کي الله مون کان دور ڪيو. هن کي مسلم روايت ڪيو.

78- وعن القاسم بن محمد أن رجلا سأله فقال : إني أهم في صلاتي فيكثر ذلك علي فقال القاسم بن محمد امض في صلاتك فإنه لن يذهب عنك حتى تنصرف وأنت تقول ما أتممت صلاتي . رواه مالك

(78) قاسم([3]) بن محمد کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو مون کان مسئلو پڇيو ۽ چيائين تہ مون کي نماز ۾ وسوسا ڏا اچن ۽ اهي مون تي تمام ڳورا آهن. ان کي چيم تہ تون پنهنجي نماز

---

[1]_ هيءَ حديث قدشي آهي، ان جو بيان اڳ گذري چڪو آهي. امت مان مراد "امت دعوت" آهي تہ "امت اجابت" واري _نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو نبوت ۽ رسالت کان پوءِ جن ماڻهن تائين اسلام جي دعوت پهتي، پر انهن اسلام نہ قبوليو، انهن کي "امت دعوت" چئبو آهي ۽ جن ماڻهن پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جو پيغام قبوليو ۽ مسلمان ٿيا، انهن کي "امت اجابت" چئبو آهي. حديث جو مقصد اهو آهي تہ متان "امت اجابت" (مسلمانن) مان بہ ڪي ماڻهو هن حديث قدشيءَ موافق اهڙا ناپاڪ خيال ۽ وسوسا آڻين اهڙيءَ صورت ۾ رب پاڪ جي پناهہ وٺجي.

[2]_ اهو اصحابي عثمان ثقيف قوم مان هو، جنهن کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن طائف جو عامل بنايو هو. پاڻ عمر رضي الله عنه جي خلافت جي ابتدائي ٻن سالن تائين اتي عامل رهيو ان کان پوءِ عمر رضي الله عنه بدلي ڪري ان کي عمالن ۽ بحرين جو والي مقرر ڪيو.

[3]_"محمد" ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو پٽ هو، ان جو پٽ قاسم ابوبڪر رضي الله عنه جو پوٽو هو. پاڻ مديني جي ستن وڏن فقيهن مان هڪ هو. پاڻ وڏن تابعين مان بہ هو. پنهنجي وقت جي ماڻهن ۾ ڪيس وڏو رتبو ۽ فضيلت حاصل هئي. يحييٰ بن سعد فرمائي ٿو تہ مون مديني ۾ قاسم کان وڌيڪ افضل ٻيو ڪنهن کي بہ نہ ڏٺو. اصحابن جي هڪ

چالو رک: اهو وسوسا توکان تيسين نہ ويندا جيسين نماز کان واندو نہ ٿيندين ۽ پوءِ بہ دل ۾ پيو چوندين تہ مون نماز پوري نہ ڪئي ([1]) هن کي امام مالڪ روايت ڪيو آهي.

فائدو: اهو امام مالڪ جي بلاغات مان آهي. سفيان ثوري جو قول آهي تہ امام مالڪ جي سند قوي آهي. (مرعاة ص157 ج_1) ([2])

باب:

# تقدير تي ايمان آڻڻ جو

## فصل پهريون

79- عن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : كتب الله مقادير الخلائق قبل أن يخلق السموات والأرض بخمسين ألف سنة قال : وكان عرشه على الماء . رواه مسلم

(79) **عبدالله بن عمرو ﷛ کان روايت آهي: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ سموري مخلوق جي تقدير الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ کان پنجاهہ هزار ورهيہ([3]) اڳ لکي ڇڏي آهي. ان وقت الله تعاليٰ جو تخت پاڻي تي هو.([4]) هن کي مسلم روايت ڪيو.**

80- وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : كل شيء بقدر حتى العجز والكيس. رواه مسلم.

(80) **عبدالله بن عمر ﷛ کان روايت آهي: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هن شيءِ جي تقدير مقرر ٿيل آهي، تانجو ناداني ۽ ڏاهپ جي پڻ هن کي مسلم روايت ڪيو.**

81- عن أبي هريرة قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : احتج آدم وموسى عليهما السلام عند ربهما فحج آدم موسى قال موسى أنت آدم الذي خلقك الله بيده ونفخ فيك من روحه وأسجد لك ملائكته وأسكنك في جنته ثم

---

وڏي جماعت کان حديثون بيان ڪيون اٿس، جن مان عائشہ ﷝ ۽ عاويہ بہ آهن. هن کان بہ گهڻن ماڻهن روايتون بيان ڪيون آهن. سندس وفات 101هہ ۾ ٿي، ان وقت پاڻ سٽر ورهين جو هو(مرقاة)

[1]_يعني شيطان کي چوي تہ پل مون نماز پوري نہ ڪئي هجي پر تنهنجي وسوسي تي آءُ عمل ڪرڻ وارو ناهيان.

[2]_يعني سب ڪم الله تعاليٰ طرفان مقرر ڪيل ۽ تقدير ۾ لکيل آهن. تقدير تي ايمان آڻڻ لازم ۽ فرض آهي ۽ هميشہ اهو اعتقاد رکجي تہ چڱن يا برن عملن جو پيدا ڪندڙ الله ﷻ آهي. الله پاڪ اهي سڀ ڪم ۽ سڀ ڳالهيون ٻانهن جي پيدا ٿيڻ کان اڳواٽ ئي لوح محفوظ ۾ لکي ڇڏيون آهن: مگر ايمان ۽ عبادت جي ڪمن ۾ الله راضي رهي ٿو: ڪفر، شرڪ ۽ گناہ جي ڪمن کان ناراض ٿو ٿئي.

[3]_پنجاهہ هزار ورهين مان مراد شايد تمام گهڻو زمانو ۽ مدت مراد هجي.

[4]_ هن حديث جو مطلب هيءُ آهي تہ آسمانن ۽ زمين جي پيدا ٿيڻ کان اڳ فقط الله پاڪ جو عرش عظيم ۽ پاڻي موجود هو ۽ بي ڪابہ شيءِ موجود نہ هئي.

أهبطت الناس بخطيئتك إلى الأرض فقال آدم أنت موسى الذي اصطفاك الله برسالته وبكلامه وأعطاك الألواح فيها تبيان كل شيء وقربك نجيا فبكم وجدت الله كتب التوراة قبل أن أخلق قال موسى بأربعين عاما قال آدم فهل وجدت فيها﴿... وَعَصَىٰٓ ءَادَمُ رَبَّهُۥ فَغَوَىٰ ﴿١٢١﴾ ﴾ طه. قال نعم قال أفتلومني على أن عملت عملا كتبه الله علي أن أعمله قبل أن يخلقني بأربعين سنة قال رسول الله صلى الله عليه وسلم فحج آدم موسى . رواه مسلم.

(81) ابو هريره ﷜ کان روايت آهي رسول الله ﷺجن فرمايو تہ آدم ۽ موسيٰ عليهما السلام سندن رب وٽ بحث ڪيو. چنانچہ آدم جي حجت موسيٰ جي حجت تي غالب اچي وئي. موسيٰ﷤ چيو تہ تون اهو آدم آهين جنهن کي ﷲ تعاليٰ پنهنجي هٿ سان خلقيو[1] ۽ تو ۾ پنهنجو روح ڦوڪيائين ۽ ملائڪن کان توکي سجدو ڪرايائين ۽ بهشت ۾[2] ٽڪڻ لاءِ توکي جاءِ ڏنائين. پوءِ تو ماڻهن کي پنهنجي هڪ گناه جي ڪري زمين تي لهرائي ڇڏيو. آدم﷤ چيو تہ تون اهو موسيٰ آهن جنهن کي ﷲ تعاليٰ پنهنجي رسالت ۽ ڪلام سان برگزيده ڪيو ۽ توکي (تورات جون) تختيون بخشيون جنهن ۾ سڀني شين جو بيان لکيل هو ۽ توکي ڳجهي گفتگو ڪرڻ لاءِ ويجهو ڪيائين. پوءِ توکي خبر آهي تہ اهو ڪتاب منهنجي پيدا ٿيڻ کان ڪيترو اڳي خدا جي طرفان لکڻ ۾ آيو؟ موسيٰ ﷤ چيو تہ چاليهہ ورهہ اڳ تنهن ڪري آدم﷤ چيو تہ (تورات ۾) تو ڏٺو هو تہ ”آدم پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي، پوءِ ڀليو“ موسيٰ﷤ چيو تہ هائو! آدم﷤ چيو تہ پوءِ منهنجي پيدا ٿيڻ کان چاليهہ سال اڳ خدا تعاليٰ پنهنجي تقدير ۾ مون بابت جيڪو عمل لکي ڇڏيو هو ان تي مون کي تون ملامت ٿو ڪرين؟ ﷺ جن فرمايو تہ انهيءَ گفتگو ۾ آدم﷤ جي حجت موسيٰ﷤ جي حجت تي غالب آئي.[3]

---

[1]_اهل حديث ۽ سڀني سلف صالحين جو مذهب آهي تہ ﷲ تعاليٰ کي ٻہ هٿ آهن ۽ سندس ٻئي هٿ ساڄا آهن. فرق هيءُ آهي تہ خدا پاڪ جا هٿ مخلوق جي هٿن جهڙا نہ آهن، بلڪ اها خدا تعاليٰ جي هڪ صفت سمجهڻ گهرجي ۽ ان تي تاويل، تڪييف ۽ تمثيل کانسواءِ ايمان آڻڻ گهرجي. امام ابو حنيفہ فقہ اڪبر ۾ فرمائي ٿو تہ ”هٿ“ جو تاويل قدر ۽ نعمت سان نہ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اهو درين ۽ معتزلين جو عقيدو آهي. شيخ عبدالقادر جيلانيؒ غنية الطالبين ۾ فرمائي ٿو تہ قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي تہ ﷲ پاڪ جا هٿ مبارڪ آهن (غنيہ۽ شرح مسلم).

[2]_هن ۾ معتزلين جو رد آهي جيڪي چون ٿا تہ آدم کي ﷲ تعاليٰ زمين جي هڪ باغ ۾ رهايو هو. سندن اهو قول قرآن مجيد ۽ حديث شريف جي ٻڌرو خلاف آهي.

[3]_ اها گفتگو موسيٰ جي انتقال بعد عالم برزخ ۾ ٿي هئي. آدم ﷤ جڏهن هن دنيا ۾ حيات هو، پنهنجي قصور جو هنن لفظن ۾ اعتراف ڪيو هئائين ﴿رَبَّنَا ظَلَمۡنَآ أَنفُسَنَا وَإِن لَّمۡ تَغۡفِرۡ لَنَا وَتَرۡحَمۡنَا لَنَكُونَنَّ مِنَ ٱلۡخَٰسِرِينَ ﴾(اي اسان جا پالڻهار! بيشڪ اسان پنهنجن نفسن تي ظلم ڪيو ۽ جيڪڏهن تون اسان جي مغفرت نہ ڪندين ۽ اسان تي رحم نہ ڪندين تہ يقيناً اسين نقصانڪارن مان ٿي پونداسين)

هاڻي هن جهان جا ماڻهو برزخي عالم جي گفگتوءَ تي قياس ڪري پاڻ کي گناهہ ڪرڻ ۾ بي قصور سمجهن تہ اهو درست ناهي. شيطان هن جهان ۾ پنهنجي ڪيل قصور کي تقدير جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ کي بي قصور سمجهيائين، انهيءَ ڪري هو خدا جي درگاهہ ۾ ملعون ۽ تڙيل ٿيو. آدم﷤ پنهنجو قصور پاڻ ڏانهن منسوب ڪيو ۽ ان لاءِ توبهہ ڪري معافي گهريائين؛ تنهن ڪري خدا جي درگاهہ ۾ مقبول ۽ محبوب ٿيو. ماڻهپ ۽ ٻانهپ ادب جو نالو آهي. بي ادبي شيطان جو ڪم آهي. هي گفتگو ٻن نبين سڳورن انهيءَ وقت ڪئي هئي،

82- عن عبد الله بن مسعود قال : حدثنا رسول الله صلى الله عليه وسلم وهو الصادق المصدوق : إن أحدكم يجمع خلقه في بطن أمه أربعين يوما ثم يكون في ذلك علقة مثل ذلك ثم يكون في ذلك مضغة مثل ذلك ثم يرسل الملك فينفخ فيه الروح ويؤمر بأربع كلمات بكتب رزقه وأجله وعمله وشقي أو سعيد فوالذي لا إله غيره إن أحدكم ليعمل بعمل أهل الجنة حتى ما يكون بينه وبينها إلا ذراع فيسبق عليه الكتاب فيعمل بعمل أهل النار فيدخلها وإن أحدكم ليعمل بعمل أهل النار حتى ما يكون بينه وبينها إلا ذراع فيسبق عليه الكتاب فيعمل بعمل أهل الجنة فيدخلها.

(82) **ابن مسعود** ﷛ **كان روايت آهي تہ اسان کي رسول الله** ﷺ **هڪ حديث ٻڌائي ۽ پاڻ سچار هو ۽ سچار مڃيل هو تہ بيشڪ اوهان مان هر هڪ جي پيدائش هن طرح آهي تہ ماءُ جي پيٽ ۾ 40_ ڏينهن گڏ ٿيل نطفہ وانگر رهي ٿي پوءِ اها** (بدلجي) **40_ڏينهن ڄميل رت وانگر ٿئي ٿي. پوءِ چاليهہ ڏنهن گوشت جي ٽڪري وانگر ٿئي ٿي، پوءِ** ﷲ **تعاليٰ هڪ ملائڪ موڪلي ٿو، جو ان لاءِ چار ڳالهيون يعني ان جا عمل، ان جو موت، ان جو رزق ۽ بدبخت يا نيڪ بخت ٿيڻ لکي ٿو. پوءِ ان گوشت جي ٽڪري ۾ روح ٿو ڦوڪي. پوءِ انهيءَ** ﷲ **اڪيلي جو قسم آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ خدا نہ آهي تہ بيشڪ اوهان مان هر هڪ اهڙو آهي جو** (دنيا ۾) **ڪم بهشتين وارا ڪندو آهي، ايتري قدر جو ان ۽ بهشت جي وچ ۾ هڪ گز جيترو مفاصلو وڃي رهندو آهي پر پڇاڙيءَ ۾ ان تي تقدير جو لکيو غالب ٿي پوندو آهي تنهن ڪري دوزخين وارا ڪم ڪندو آهي. جنهن ڪري آخر ان ۾ داخل ٿيندو ۽ بيشڪ اوهان مان ڪو ڪم دوزخين وارا ڪندو آهي تانجو ان ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ گز جو مفاصلو رهندو آهي، پوءِ ان تي تقدير جو لکيو غالب ٿي پوندو آهي تنهن ڪري بهشت وارا ڪم ڪندو آهي، پوءِ ان ۾ داخل ٿيندو.** (بخاري_مسلم)

83- وعن سهل بن سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن العبد ليعمل عمل أهل النار وإنه من أهل الجنة ويعمل عمل أهل الجنة وإنه من أهل النار وإنما العمال بالخواتيم.

(83) **سهل بن سعد** ﷛ **كان روايت آهي تہ رسول الله** ﷺ **جن فرمايو: بيشڪ ٻانهو** [1]**بظاهر ڪم دوزخ وارا ڪندو آهي ۽ ڪو ماڻهو بهشت جوڳا ڪم ڪندو آهي، مگر اهو حقيقت**

---

**جڏهن آدم** ؑ **کي سندس ڪيل ڏوهہ جي دنيا ۾ ئي معافي ملي چڪي هئي ۽ هو ڪنهن بہ ملامت جو لائق نہ هو پوءِ گنهگار انهيءَ صورت ۾ پاڻ کي قصور وار ۽ ملامت جو حقدار نہرائي نٿو سگهي.**

[1] **_ هن جو مطلب هي ناهي تہ هر ماڻهو انهيءَ طرح آخر ۾ دوزخ جو لائق ٿئي ٿو، پر مطلب آهي تہ شايد ڪنهن ماڻهو جي تقدير ۾ ائين پر مطلب آهي تہ شايد ڪنهن ماڻهو جي تقدير ۾ ائين بہ هجي جو چڱا ڪم ڪندي ڪندي پڇاڙيءَ ۾ برن ڪمن ڏانهن مائل ٿي دوزخ جو لائق ٿئي. عام ماڻهو تقدير جي مطلب کي نہ سمجہ سگهندا. تقدير جي علم کي سمجهڻ لاءِ گهڻي علم ۽ صاف ذهن جو هجڻ ضروري آهي. ايترو ضروري سمجهڻ گهرجي تہ عملن جو دارومدار خاتمي تي آهي تنهن ڪري ڪنهن بہ ماڻهو کي عبادت ۽ بندگي تي فخر ڪرڻ نہ گهرجي ڇو تہ خبر ناہ تہ خاتمو ڪيئن ٿيندو. ڪي بيوقوف ماڻهو چوندا آهن تہ جڏهن دارومدار خاتمي تي آهي تہ پوءِ جواني ۾ عيش**

**۾ دوزخي هوندو آهي. پوءِ تحقيق عملن جو دارومدار پڇاڙي تي هوندي آهي. هن حديث کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

84- عن عائشة أم المؤمنين قالت : دعي رسول الله صلى الله عليه وسلم إلى جنازة صبي من الأنصار فقلت يا رسول الله طوبى لهذا عصفور من عصافير الجنة لم يعمل السوء ولم يدركه قال أو غير ذلك يا عائشة إن الله خلق للجنة أهلا خلقهم لها وهم في أصلاب آبائهم وخلق للنار أهلا خلقهم لها وهم في أصلاب آبائهم . رواه مسلم.

(84) **عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي هڪ انصاري ٻار جي جنازه نماز لاءِ سڏيو ويو. مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! هن ڇوڪر کي مبارڪ هجي جو بهشت جي جهرڪين مان هڪ جهرڪي ٿيو. ([1]) ڇو تہ نڪي بڇڙا ڪم ڪيا اٿس، نڪي ان جي عمر ان حد کي رسي آهي. ﷺ جن فرمايو تہ اي عائشہ ﷞! شايد ڪا ٻي ڳالھ هجي: خدا تعاليٰ ڪن ماڻهن کي بهشت لاءِ خلقيو آهي، جڏهن اهي اجا پنهنجي پيئن جي پٺين ۾ هئا ۽ ڪن کي دوزخ لاءِ خلقيو اٿس، جڏهن اهي اجا پنهنجي پيئن جي پٺين ۾ هئا. (مسلم)**

85- عن علي رضي الله عنه قال كنا في جنازة في بقيع الغرقد فأتانا النبي صلى الله عليه وسلم فقعد وقعدنا حوله ومعه مخصرة فنكس فجعل ينكت بمخصرته ثم قال ما منكم من أحد ما من نفس منفوسة إلا كتب مكانها من الجنة والنار وإلا قد كتب شقية أو سعيدة فقال رجل يا رسول الله أفلا نتكل على كتابنا وندع العمل فمن كان منا من أهل السعادة فسيصير إلى عمل أهل السعادة وأما من كان منا من أهل الشقاوة فسيصير إلى عمل أهل الشقاوة قال أما أهل السعادة فييسرون لعمل السعادة وأما أهل الشقاوة فييسرون لعمل الشقاوة ثم قرأ ﴿فَأَمَّا مَنْ أَعْطَىٰ وَاتَّقَىٰ ۝٥ وَصَدَّقَ بِالْحُسْنَىٰ ۝٦﴾ الليل.

---

عشرت ڪرڻ گهرجي ۽ پيريءَ جي اچڻ تي توبہ ڪجي. اهو شيطان جو هڪ ڏوڪو آهي جو تہ پيريءَ تائين حيات رهڻ جو ڪنهن کي بہ يقين ڪونهي_ موت ٻارن، جوانن ۽ ٻڍن تي سوار آهي.

[1] _ يعني ننڍي خواهہ وڏي ۽ نيڪ خواهہ بد لاءِ بهشتي يا دوزخي هجڻ جو يقين ڪرڻ نہ گهرجي انهيءَ ڳالھ جو دليل حديث جي پوئين حصي ۾ آهي.

هن حديث جي ظاهري لفظن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بهشت خواهہ دوزخ ۾ وڃڻ نيڪ ۽ بد عملن تي ٻڌل ناهي. بلڪ اهو هڪ الٰهي تقدير جو حڪم آهي. پر ٻين ڪيترين حديثن، آيتن ۽ عالمن جي قولن مان هيئن ثابت ٿيو آهي تہ مسلمانن جا ٻار بالاتفاق بهشتي آهن ۽ مشرڪن جا ٻار بہ صحيح قول مطابق بهشتي ٿيندا. هن حديث جو هي سبب ڏنو ويو آهي تہ عائشہ ﷞ کي بالجزم واليقين ائين چوڻ ﷺ جن مناسب نہ سمجهيو تنهن ڪري انهيءَ معاملي کي خدا تعاليٰ جي طرف سپرد ڪرڻ جو ارشاد فرمايائون. پر صحيح ڳالھ هيءَ آهي تہ هي حديث ﷺ جن اسلام جي اول وقت ۾ فرمائي هئي ان کان پوءِ وحي طرح خدا پاڪ کين اطلاع ڏنو تہ مشرڪن جا ٻار بہ بهشتي آهن جنهن لاءِ ابوهريره جي حديث هن کان پوءِ ايندڙ ثابتي آهي.

(85) **علي ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اوهان مان هر هڪ لاءِ اڳواٽ لکيو ويو آهي تہ ان جي رهڻ جي جاءِ دوزخ ۾ ٿيندي يا بهشت ۾؟ اصحابن عرض ڪيو تہ پوءِ اسين ڇو نہ پنهنجي لکئي تي ڀروسو ڪري عمل ڇڏي ڏيون؟ ﷺ جن فرمايو تہ عمل ڪندا رهو، ڇو تہ هر هڪ ماڻهوءَ کي، جنهن لاءِ خلقيو ويو آهي، ان جاءِ ۾ رهڻ جوڳا عمل ڪرڻ آسان ٿي پوندا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو نيڪ بخت هوندو تہ نيڪ بختن وارا عمل ڪرڻ ان لاءِ آسان ٿي پوندا، پر جيڪڏهن بدبخت هوندو تہ بدبختن وارا عمل ان لاءِ آسان ٿي پوندا. پوءِ ﷺ جن هيءَ آيت پڙهي[1] (ترجمو) "جنهن خدا جي واٽ ۾ ڏنو ۽ خدا کان خوف ڪيائين ۽ چڱي ڳالهہ جي تصديق ڪيائين" الايه (بخاري ۽ مسلم)**

86- عن أبي هريرة عن النبي صلى الله عليه وسلم : إن الله كتب على ابن آدم حظه من الزنا أدرك ذلك لا محالة فزنا العين النظر وزنا اللسان المنطق والنفس تمنى وتشتهي والفرج يصدق ذلك كله ويكذبه وفي رواية لمسلم قال: كتب على ابن آدم نصيبه من الزنا مدرك ذلك لا محالة فالعينان زناهما النظر والأذنان زناهما الاستماع واللسان زناه الكلام واليد زناها البطش والرجل زناها الخطا والقلب يهوى ويتمنى ويصدق ذلك الفرج ويكذبه.

(86) **ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ بيشڪ اللہ تعاليٰ اولاد آدم لاءِ زنا مان هڪ ڀاڱو لکي ڇڏيو آهي، جنهن کي اهو لامحالہ رسي رهندو. پوءِ اکين جي زنا ڏسڻ آهي ۽ زبان جي زنا (ان جي گفتگو آهي ۽ نفس جي زنا اها آهي جو اهو سَڌَ ۽ خواهش ڪندو اهي ۽ اگهڙ انجي تصديق ڪندي آهي. (بخاري_مسلم) مسلم جي روايت ۾ آهي تہ فرمايائون: اولاد آدم لاءِ زنا مانان جو نصيب لکيو ويو آهي، جنهن کي اهو هر صورت ۾ حاصل ڪري رهندو،پوءِ اکين جي زنا (بد) نگاهي آهي ۽ ڪنن جي زنا (ڳانن ۽ فحش ڪلام جو) ٻڌڻ آهي ۽ زبان جي زنا (فحش) ڪلام آهي ۽ پير جي زنا (ان لاءِ) هلڻ آهي ۽ دل يا نفس انجي سڌ ۽ خواهش ڪندو آهي ۽ اوگهڙ انهن جي تصديق ڪنمدي آهي يا تڪذيب.[2]**

87- وعن عمران بن حضين : إن رجلين من مزينة أتيا رسول الله صلى الله عليه وسلم فقالا يا رسول الله أرأيت ما يعمل الناس اليوم ويكدحون فيه أشيء قضي عليهم ومضى فيهم من قدر قد سبق أو فيما يستقبلون به مما أتاهم به

---

[1]_ هن حديث ۾ ٻانهي کي تاڪيد ڪيو ويو آهي تہ هر وقت نيڪ عمل ڪندو رهي تہ انشاءاللہ تعاليٰ خاتمو بہ نيڪ عملن تي ٿيندس ۽ برا عمل نہ ڪري تہ متان انجو خاتمو برن عملن تي ٿي پوي ۽ اڳ ۾ ڪيل نيڪ عمل ڪيس فائدو نہ ڏين.

[2]_زنا جا حصہ زنا کان اڳ وارن ڪمن کي مجاز طور چيو ويو آهي جيئن تہ زنا جي خواهش ڪرڻ ۽ ان لاءِ پيرن سان هلڻ ۽ واٽ سان انجي پڇار ڪرڻ انهن کي بہ زنا شمار ڪيو ويو آهي ڇو تہ گهڻا ماڻهو انهيءَ شروعاتي حالتن جي ڪري سچي پچي حقيقي زنا ۾ گرفتار ٿي پوندا آهن ۽ کي ٿورا آهن جي مجازي کان وک نہ وڌائين مگر ﷺ جن اڪثر کي ڪل جو حڪم ڏنو آهي.

نبيهم وثبتت الحجة عليهم فقال لا بل شيء قضي عليهم ومضى فيهم وتصديق ذلك في كتاب الله عز وجل ﴿وَنَفْسٍ وَمَا سَوَّىٰهَا ﴿٧﴾ فَأَلْهَمَهَا فُجُورَهَا وَتَقْوَىٰهَا ﴿٨﴾﴾ (الشمس). رواه مسلم

(87) **عمران بن حصين ﷺ کان روايت آهي تہ مزينہ (قبيلي) جي ٻن ماڻھن عرض ڪيو تہ يا رسول اللهﷺ اسان کي خبر ڏيو تہ اوهان جي اچڻ بعد موجوده دنيا ۾ ماڻھو جيڪي ڪم يا ان بابت جيڪي ڪوششون ڪري رهيا آهن ان باب ۾ انهن جي تقدير الله تعاليٰ اڳي ئي لکي ڇڏي هئي ۽ انهن تي گذري چڪي آهي يا هاڻي جڏهن سندن نبيءَ اچي دين جي خبر ٻڌائي ۽ ثابت ٿيل چٽا دليل ڏنائين تنهن کان پوءِ اهي ائين ڪري رهيا آهن؟ ﷺ جن فرمايو: ائين ناهي بلڪ تقدير ۾ انهن لاءِ اها ڳالھ اڳي مقرر ٿي ۽ گذري چڪي آهي[1] ۽ ان جي تصديق اللهعزوجل جي ڪتاب ۾ آهي: (ترجمو) ”۽ قسم آهي نفس ۽ جيڪو ان لاءِ سڌو ڪيو اٿس پوءِ منجهس ان جي برائي ۽ چڱائي وديعت ڪيائين“ (مسلم)**

88- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال قلت يا رسول الله إني رجل شاب وأنا أخاف على نفسي العنت ولا أجد ما أتزوج به النساء كأنه يستأذنه في الاختصاء قال : فسكت عني ثم قلت مثل ذلك فسكت عني ثم قلت مثل ذلك فسكت عني ثم قلت مثل ذلك فقال النبي صلى الله عليه وسلم : يا أبا هريرة جف القلم بما أنت لاق فاختص على ذلك أو ذر . رواه البخاري

(88) **ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ مون عرض ڪيو تہ يا رسول اللهﷺ! بيشڪ آءٌ هڪ نوجوان ماڻھو آهيان ۽ پنهنجي نفس بابت گناه ڪرڻ جو خوف رکان ٿو ۽ پاڻ ۾ خرچ جي توفيق نٿو ڏسان جو ڪٿي عورتن سان نڪاح ڪري سگهان، جڻ تہ خصي ٿيڻ بابت موڪل پئي گهريائين_ ابو هريرهﷺ چوي ٿو تہ حضورﷺ جن چپ ۾ رهيا. مون وري ساڳي ڳالھ عرض ڪئي: حضورﷺ جن وري بہ چپ ۾ رهيا. وري ساڳي ڳالھ ڪيم، تنهن تي حضورﷺ جن فرمايو تہ اي ابو هريرهﷺ! جنهن شيءِ کي تون ملڻ وارو آهين، ان بابت قلم خشڪ ٿي چڪو آهي. هاڻي انهيءَ تي خصي ٿيءُ يا پاڻ کي ڇڏي ڏي[2] (بخاري)**

[1]_ اصحابين هن طرح سمجهيو ٿي تہ تقدير جي اڳيان عمل بيڪار آهي انهيءَ تي ﷺ جن کين سمجهايو تہ اوهين غلط سمجهو ٿا عمل ۽ تقدير پاڻ ۾ مخالف نہ آهن چو تہ الله تعاليٰ جهان ۾ ڪيتريون شيون اهڙيون پيدا ڪيون آهن جن جو هڪ ٻئي سان ميل جول ۽ موافقت آهي جيئن تہ اک کي ڏسڻ جو سبب بڻايو اٿس ۽ ڪنن کي ٻڌڻ جو سبب ۽ زهر کي موت جو سبب بڻايو اٿس اهڙي طرح نيڪ عملن کي بهشت جو سبب بڻايو اٿيس ۽ بد عملن کي دوزخ جو سبب. هن مان ثابت ٿيو آهي تہ عمل ۽ تقدير پاڻ ۾ مخالف نہ ٿو سمجهي. ضعيف عقل وارا ماڻھو تقدير جو مسئلو سمجهي نہ سگهندا آهن ۽ گهڻا گمراھ ٿي ويندا آهن.

يعني تقدير ۾ خدا پاڪ هر انسان لاءِ لوح محفوظ ۾ لکي ڇڏيو آهي تہ هي بهشتي آهي ۽ هي دوزخي آهي اهو ليک لکڻ بعد هاڻي قلم سکي ويو آهي يعني جيڪي ٿيڻو آهي سو اڳيئي ٿي ويو آهي.

[2]_ هن جو مقصد هي آهي تہ قلم کي جيڪي لکڻو هو سو لکي چڪو آهي هاڻي ٻئي دفعہ آلو ٿي پهرئين حڪم کي منسوخ نہ ڪندو. هاڻي مطلب هي آهي تہ اي ابو هريره سڀ کا ڀلائي خواه برائي ازل ۾ مقدر ٿي چڪي آهي

89- وعن عبد الله بن عمرو بن العاص قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : يقول إن قلوب بني آدم كلها بين إصبعين من أصابع الرحمن كقلب واحد يصرفه حيث يشاء ثم قال رسول الله صلى الله عليه وسلم: الله مصرف القلوب صرف قلوبنا على طاعتك . رواه مسلم

**(89) عبدالله بن عمروؓ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ بيشڪ اولاد آدم جون سيئي دليون هڪ دل وانگر اللہ پاڪ جي ٻن آڱرين جي وچ ۾ آهن، هر ڪنهن جي دل کي جيئن گهري ٿو، تيئن ڦيرائي ٿو. پوءِ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اي منهنجا اللہ! دلين جا ڦيرائيندڙ! اسان جي دلين کي پنهنجي اطاعت ۽ عبادت ڏانهن ڦيراءِ.(مسلم)**

90- عن أبي هريرة رضي الله عنه كان يحدث قال : قال النبي صلى الله عليه وسلم : ما من مولود إلا يولد على الفطرة فأبواه يهودانه أو ينصرانه أو يمجسانه كما تنتج البهيمة بهيمة جمعاء هل تحسون فيها من جدعاء ثم يقول أبو هريرة رضي الله عنه ﴿... فِطْرَتَ ٱللَّهِ ٱلَّتِى فَطَرَ ٱلنَّاسَ عَلَيْهَا ... ﴾الروم: ٣٠

**(90) ابو هريره ؓ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ سيڪو اولاد قدرتي دين تي پيدا ([1]) ڪيو وڃي ٿو. پوءِ ان جا ماءُ پيءُ ان کي يهودي يا عيسيائي يا مجوسي بنائين ٿا. جهڙيءَ طرح جانور پنهنجو ڦر پورو ڄڻيندو آهي. ڇا اوهان ان ۾ ڪو نقصان يا عيب محسوس ڪندا آهيو؟ ان ڪان پوءِ پاڻ هيءَ آيت تلاوت فرمايائون: (ترجمو) اها اللہ تعاليٰ جي فطرت آهي، جنهن تي ماڻهن کي پيدا فرمايو اٿس. اللہ جي خلقت ۾ ڪا تبديلي نہ لهندو، اهوئي سڌو دين آهي. (بخاري_ مسلم)**

91- وعن أبي موسى قال قام فينا رسول الله صلى الله عليه وسلم بخمس كلمات فقال : إن الله عز وجل لا ينام ولا ينبغي له أن ينام يخفض القسط ويرفعه يرفع إليه عمل الليل قبل عمل النهار وعمل النهار قبل عمل الليل حجابه النور . رواه مسلم

**(91) ابوموسيٰؓ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن اسان کي پنجن ڳالهين بابت خطبو ڏنو، ارشاد فرمايائون تہ 1_ اللہ تعاليٰ ننڊ نہ ڪندو آهي ۽ نہ وري ننڊ ڪرڻ انجي شان وٽان آهي، 2_ ساهميءَ کي هيٺ مٿي ڪندو ٿو رهي، 3_ ان ڏانهن رات ۾ ڪيل عمل ڏينهن جي عملن کان اڳ مٿي ڪنيا وڃن ٿا ۽ ڏينهن ۾ ڪيل عمل رات جي عملن کان اڳ پيش ڪيا وڃن ٿا. 4_ان**

---

پوءِ تنهنجي مرضي خصي ٿين يا نہ ٿين هن ۾ ﷺجن ابو هريرهؓ کي فهمايش ڏني تہ تقدير کان پڇڻ نہ گهرجي.

[1]_ يعني جمڻ وقت ان ۾ اهڙي لياقت آهي جيڪڏهن گمراهن جي ور نہ چڙهي ۽ ڦٽائيندڙ نہ ڦٽائين تہ هو فطرت سليم موجب مسلمان آهي.

جو پردو نور جو آهي. جيڪڏهن ان کي کولي ته مخلوقات کي انجي ڏسڻ سبحان آخري حد تائين منهن مبارڪ جي نورانيت ۽ روشني هوند ساڙي وجهي.(مسلم)

92- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : يد الله ملأى لا تغيضها نفقة سحاء الليل والنهار أرأيتم ما أنفق مذ خلق السماء والأرض ؟ فإنه لم يغض ما في يده وكان عرشه على الماء وبيده الميزان يخفض ويرفع وفي رواية لمسلم : يمين الله ملأى قال ابن نمير ملآن سحاء لا يغيضها شيء الليل والناهر.

(92) ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته الله تعاليٰ جو هٿ ڀريل آهي، خرچ ڪرڻ سان گهٽ نٿو ٿئي. رات ڏينهن ۾ هميشه ڏيندڙ آهي. توهان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته الله تعاليٰ جڏهن کان وني آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا آهن، ڪيترو خرچ ڪيو اٿس؟ ته به ان جي هٿ ۾ جيڪي ڪجهه آهي، ان مان ڪجهه به گهٽ نه ٿيو آهي. (شروع ۾) ان جو تخت پاڻيءَ تي هو، ساهمي انجي هٿ ۾ آهي، ان کي هيٺ مٿي ڪندو ٿو رهي. (بخاري_ مسلم) مسلم شريف جي روايت ۾ هي لفظ آهن ته ان جو ساڄو هٿ ڀريل آهي. ابن نمير چوي ٿو ته الله تعاليٰ جو ساڄو هٿ[1] ڀريل آهي، هميشه ڏيندڙ آهي. رات ڏينهن جي عطا ۽ سخا به ان جي ڀريل هٿ کي گهٽ نٿي ڪري.[2]

93- وعنه قال : سئل رسول الله صلى الله عليه وسلم عن ذراري المشركين قال : الله أعلم بما كانوا عاملين.

(93) ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن کان ننڍپڻ ۾ مشرڪن جي مري ويل ٻارن بابت پڇيو ويو؟ ارشاد فرمايائون: جيڪي ڪم اهي ڪرڻ وارا هئا، انهن کي الله تعاليٰ چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو[3] (بخاري_مسلم)

---

[1] _سلف صالحين جو هي مذهب آهي ته جن آيتن ۽ حديثن ۾ الله پاڪ جون صفتون موجود آهن، جيئن يد (هٿ) عين (اک) قدم ۽ اصبع (آڱر) انهن جي معنيٰ ظاهري آهي انهن جي ڪيفيت جو علم خدا تعاليٰ کي آهي. بيشڪ الله پاڪ جون آڱريون آهن، جيئن ان جا هٿ آهن پر اسين هٿن خواه آڱرين جي حقيقت معلوم ڪري نه ٿا سگهون ڇو ته هو الله پاڪ آهي سندس ڪابه مخلوقات ان جي مشابهه ناهي. جيڪي ماڻهو تاويل ڪن ٿا سي چون ٿا ته انهن مان قدرت ۽ اختيار مراد ورتل آهي. اهڙن ماڻهو کي سمجهڻ گهرجي ته قدرت جو تثنيه ۽ جمع ڪڏهن به ٿيل ناهي قرآن ۾ خاص تثنيه جو صيغو موجود آهي. جيئن ﴿بَلْ يَدَاهُ مَبْسُوطَتَانِ﴾ يعني ٻئي هٿ سندس کليل آهن حديث ۾ اصابع جو لفظ آيل آهي جو اصبع جو جمع آهي. امام ابو حنيفه فقه اکبر ۾ ٿو فرمائي ته هٿ جي تاويل نعمت ۽ قدرت سان نه ڪريو ڇو ته اهو قدرين معتزلن جو قول آهي. والله اعلم

[2] _ ڪڏهن ڪنهن جو رزق تنگ ٿو ڪري ته ڪڏهن ڪشادو ٿو ڪري ۽ ڪڏهن ڪنهن کي گناهن سبب ذليل ٿو ڪري ڪڏهن ڪنهن کي پانهپ جي ڪري بلند درجو ٿو بخشي.

[3] _ مشرڪن جي اولاد بابت خدا پاڪ کي ڄاڻ آهي ته دوزخ ۾ ويندا يا بهشت ۾. ملان علي قاري مرقاة ۾ هن بابت عالمن جو اختلاف لکيو آهي ته ابن حجر فرمائي ٿو ته رسول الله ﷺ جن کي ان وقت مشرڪن جي اولاد بابت وحي نه آئي هئي، تڏهن ائين فرمايو هئائون پوءِ ڪين وحي طور معلوم ٿيو ته مشرڪن جو اولاد به بهشتي آهي جيئن ابو هريره جي حديث ۾ آهي پر توقف ڪرڻ يعني يقيني جنتي يا دوزخي نه چوڻ بهتر آهي.

# ٻيو فصل

94- وعن عبادة بن الصامت قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول: إن أول ما خلق الله القلم فقال اكتب فقال ما أكتب قال اكتب القدر ما كان وما هو كائن إلى الأبد . رواه الترمذي وقال: هذا حديث غريب إسنادا.

(94) **عباده بن صامت کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: تحقيق سڀ کان پهريائين جيڪا شيءِ ﷲ پاڪ پيدا ڪئي سا قلم آهي پوءِ ان کي چيائين تہ لک! قلم چيو تہ ڇا لکان؟ ﷲ تعاليٰ فرمايو تہ " تقدير لک" پوءِ جيڪي اڄ تائين ٿي گذريو آهي ۽ پڇاڙيءَ تائين جيڪو ٿيڻو آهي سو لکيائين.هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

95- وعن مسلم بن يسار قال سئل عمر بن الخطاب رضي الله عنه عن هذه الآية ﴿وَإِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِنۢ بَنِىٓ ءَادَمَ مِن ظُهُورِهِمْ ...﴾ الأعراف: ١٧٢ قال عمر بن الخطاب سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يسأل عنها فقال : خلق آدم ثم مسح ظهره بيمينه فأاستخرج منه ذرية فقال خلقت هؤلاء للجنة وبعمل أهل الجنة يعملون ثم مسح ظهره فاستخرج منه ذرية فقال خلقت هؤلاء للنار وبعمل أهل النار يعملون فقال رجل يا رسول الله ففيم العمل يا رسول الله قال فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم إن الله إذا خلق العبد للجنة استعمله بعمل أهل الجنة حتى يموت على عمل من أعمال أهل الجنة فيدخله الله الجنة وإذا خلق العبد للنار استعمله بعمل أهل النار حتى يموت على عمل من أعمال أهل النار فيدخله الله النار . رواه مالك والترمذي وأبو داؤد

(95) **مسلم بن يسار کان روايت آهي تہ عمر بن خطاب رضي الله عنه کان هن آيت بابت پڇيو ويو (ترجمو) "۽ جڏهن تنهنجي رب بني آدم کان سندن پٺين[1] مان انهن جو اولاد ورتو". عمر رضي الله عنه چيو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو، ڪانئن انهيءَ آيت بابت پڇيو ويو، فرمايائون تہ بيشڪ ﷲ تعاليٰ جڏهن آدم عليه السلام کي پيدا ڪيو تڏهن سڄو هٿ[2] ان جي پٺيءَ تي ڦيرائي ان مان اولاد ڪڍيائين، پوءِ چيائين تہ هنن کي بهشت لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ اهي عمل بہ بهشتين وارا ڪندا. وري پنهنجو هٿ انجي پٺي تي ڦيرايائين ۽ ان مان اولاد ڪڍيائين پوءِ چيائين تہ هنن کي دوزخ لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ اهي عمل بہ دوزخين وارا ڪندا تنهن تي هڪ ماڻهو چيو تہ يا رسول**

---

[1] _ مثلاً آدم عليه السلام جي پٺ مان سندس پٽ ڏيون ۽ سندس اولاد مان سلسلہ وار قيامت تائين جيڪي پيدا ٿيڻا هئا انهن کي ميثاق جي ڏينهن پيدا ڪيائين.

[2] _ هن حديث مان بہ خدا پاڪ لاءِ هٿ جو هجڻ ثابت آهي معنيٰ ۾ تاويل ڪرڻ بدعت آهي. هن بابت اڳي ڪيترا دفعا بيان ڪيل آهي.

الله ﷺ پوءِ هي عمل ڇا جي لاءِ آهن؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو ته بيشڪ جڏهن خدا تعاليٰ ٻانهي کي بهشت لاءِ پيدا ڪندو آهي ته انهن کان عمل به بهشتين وارا ڪرائيندو آهي تانجو مرڻ گهڙي تائين بهشتين وارا عمل پيو ڪندو آهي. پوءِ ان کي بهشت ۾ داخل ڪندو آهي. جڏهن ٻانهي کي دوزخ لاءِ پيدا ڪندو آهي ته ان کان دوزخ وارن جا عمل ڪرائيندو آهي تانجو اهو دوزخين جو عملن مان ڪنهن عمل تي مرندو آهي پوءِ ڪيس ان جي ڪري دوزخ ۾ داخل ڪندو آهي. (مالڪ_ ترمذي_ دائود)

فائدو:_ حديث جيتوڻيڪ منقطع آهي جو مسلم بن يسار جي عمر ﷛ کان سماعت ثابت نه آهي، ليڪن معنيٰ جي اعتبار سان حديث حسن آهي. امام ترمذيءَ جي عادت آهي ته منقطع ۽ مرسل حديثن کي شواهد جي بنياد تي حسن قرار ڏيندو آهي.

96- وعن عبد الله بن عمرو بن العاص قال : خرج علينا رسول الله صلى الله عليه وسلم وفي يده كتابان فقال : أتدرون ما هذان الكتابان فقلنا لا يا رسول الله إلا أن تخبرنا فقال للذي في يده اليمنى هذا كتاب من رب العالمين فيه أسماء أهل الجنة وأسماء آبائهم وقبائلهم ثم أجمل على آخرهم فلا يزاد فيهم ولا ينقص منهم أبدا ثم قال للذي في شماله هذا كتاب من رب العالمين فيه أسماء أهل النار وأسماء آبائهم وقبائلهم ثم أجمل على آخرهم فلا يزاد فيهم ولا ينقص منهم أبدا فقال أصحابه ففيم العمل يا رسول الله إن كان أمر قد فرغ منه فقال سددوا وقاربوا فإن صاحب الجنة يختم له بعمل أهل الجنة وإن عمل أي عمل وإن صاحب النار يختم له بعمل أهل النار وإن عمل أي عمل ثم قال رسول الله صلى الله عليه وسلم بيديه فنبذهما ثم قال فرغ ربكم من العباد فريق في الجنة وفريق في السعير . رواه الترمذي وقال : هذا حديث حسن غريب صحيح .

(96) عبدالله بن عمرو کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ٻاهر نڪتا ۽ سندن ٻنهي هٿن ۾ ٻه ڪتاب هئا. فرمايائون ته اوهان کي خبر آهي ته هن ڪتابن ۾ ڇا آهي؟ اسان عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ! توهان جي ٻڌائڻ کان سواءِ خبر نه آهي. پوءِ جيڪو سندن ساڄي هٿ ۾ ڪتاب هو ان لاءِ فرمايائون ته هي ڪتاب جهانن جي رب جي طرفان آهي ان ۾ بهشتين ۽ انهن جي پيئن ۽ قبيلن جا نالا لکيل آهن. پوءِ ان کي پڇاڙي تائين جمع ڪيو ويو آهي ان ۾ ڪاٻه زيادتي يا گهٽتائي ڪڏهن به ڪئي نه ويندي. وري جيڪو ڪتاب سندس کاٻي هٿ ۾ هو، ان لاءِ فرمايائون ته هي ڪتاب به جهانن جي رب جي طرفان آهي ان ۾ دوزخين ۽ انهن جي پيئن ۽ قبيلن جا نالا آهن. پوءِ پڇاڙي تائين جمع ڪيو ويو آهي. ان ۾ ڪاٻه زيادتي يا گهٽتائي ڪڏهن به ڪئي نه ويندي. تنهن تي اصحابن چيو ته يا رسول الله ﷺ ! پوءِ عمل ڪرڻ ڪهڙي شيءِ آهي؟ جڏهن ته نتيجن کان واندڪائي ڪئي وئي آهي. ﷺ جن فرمايو : عمل چڱي طرح مضبوط ڪريو ۽ الله جي نزديڪي ڳوليو، ڇاڪاڻ ته تحقيق جيڪو بهشتي آهي سو ڪهڙا به عمل پيو ڪندو تڏهن به ان جي پڇاڙي بهشتين جي عمل تي ٿيندي ۽ بيشڪ دوزخي ماڻهو ڪهڙا به ڪم پيو ڪندو تڏهن به سندس پڇاڙي دوزخين جي عملن تي ٿيندي. پوءِ ﷺ جن هٿ وارن ڪتابن

جي اچڻ جو اشارو ڪيو ۽ چيائين تہ اوهان جو رب ٻانهن کان واندو ٿي چڪو آهي (سندس تقدير موجب) هڪ جماعت بهشت ۾ ويندي ۽ هڪ جماعت دوزخ ۾ هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

97- وعن أبي خزامة عن أبيه قال سألت رسول الله صلى الله عليه وسلم فقلت يا رسول الله أرأيت رقى نسترقيها ودواء نتداوى به وتقاة نتقيها هل ترد من قدر الله شيئا قال : هي من قدر الله . رواه أحمد والترمذي وابن ماجه.

(97) ابي خزامه کان روايت آهي، هن پنهنجي پيءُ کان هي حديث نقل ڪئي تہ ان چيو يا رسول الله ﷺ ! بيمارن تي جيڪي ڦيڻا اسين وجهندا آهيون([1]) جيڪي دعائون اسين ڪندا آهيون يا ٻيون بچاءُ جون جيڪي شيون اسين ڪم آڻيندا آهيون اهي ﷲ جي تقدير کي ڪجهہ ڦيرين ٿيون (يا نہ) ﷺ جن فرمايو تہ ([2]) اهي شيون خود تقدير آهن. هن کي احمد، ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.

98- وعن أبي هريرة قال : خرج علينا رسول الله صلى الله عليه وسلم ونحن نتنازع في القدر فغضب حتى احمر وجهه حتى كأنما فقئ في وجنتيه الرمان فقال أبهذا : أمرتم أم بهذا أرسلت إليكم إنما هلك من كان قبلكم حين تنازعوا في هذا الأمر عزمت عليكم ألا تتنازعوا فيه . رواه الترمذي وقال حديث غريب لا نعرفه إلا من هذا الوجه من حديث صالح المري وله غرائب يتفرد بها لا يتابع عليها قلت : لكن يشهد له الذي بعده.

(98) ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري رسول الله ﷺ جن اسان وٽ آيا. اسين پاڻ ۾ تقدير بابت بحث ڪري رهيا هئاسين ([3]) انهيءَ تي ﷺ جن ايتري قدر ڪاوڙيا جو سندن چهرو ڳاڙهو ٿي ويو جڻ سندن ڳلن تي ڏاڙهونءَ جا داڻا نپوڙيا ويا هجن. فرمايائون تہ انهيءَ ڳالهہ جو اوهان کي حڪم ڪيو ويو آهي ڇا؟ يا آئون اوهان ڏي انهيءَ لاءِ موڪليو ويو آهيان ڇا؟ اوهان کان اڳ جن ماڻهن انهيءَ بابت بحث بازي کي شعار بنايو سي هلاڪ ٿيا. آءٌ اوهان کي قسم ٿو ڏيان تہ توهان ان بابت ڪڏهن بہ پاڻ ۾ بحث نہ ڪندا ڪريو ([4]) (ترمذي)

---

[1]_جيڪڏهن قرآن يا حديث جون دعائون ۽ ﷲ جا اسم ذاتي يا صفا تي ڦيڻن ۾ هوندا اهڙا ڦيڻا سنت آهن ۽ جائز_مگر يقين رکي تہ ڦيڻا مؤثر تڏهن ٿيندا: جڏهن خدا پاڪ جو حڪم هوندو.

[2]_ جيئن بيماري تقدير ۾ لکيل هوندي آهي تيئن ان جو علاج بہ دوا يا ڦيڻي جي وسيلي بہ تقدير ۾ لکيل هوندو آهي........... ۽ فائدو نہ ٿيو تہ سمجهو شفا مقدر ۾ لکيل نہ هئي.

[3]_ يعني اسان مان ڪي چئي رهيا هئا تہ جڏهن سڀ ڪجهہ ﷲ جي تقدير سان آهي تڏهن ثواب ۽ عذاب ڇو ٿو ڪيو وڃي ۽ ڪي چئي رهيا هئا تہ انهيءَ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي جو خدا تعاليٰ ڪي جنتي بنايا آهن تہ ڪي دوزخي بنايا آهن

[4]_ يعني اوهان کي فقط اطاعت ۽ عبادت جو حڪم آهي ۽ مون کي خدائي پيغام پهچائڻ جو حڪم آهي. تقدير جي بحث سان منهنجو خواهہ اوهان جو ڪو واسطو ڪونهي. انهيءَ عمل کي خدا تعاليٰ جي سپرد ڪريو ۽ نيڪ ڪمن ڪرڻ ۾ مشغول رهو ۽ خدا جي تقدير تي راضي رهو.

فائده:_ هن حديث جي سند ۾ صالح مري راوي ضعيف آهي، انهيءَ ڪري حديث ضعيف آهي (الباني)

99- وروى ابن ماجه في القدر نحوه عن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده.

(99) پڻ ابن ماجہ عمرو عمرو بن شعيب کان انهيءَ پنهنجي ڏاڏي کان اهڙي حديث بيان ڪئي.

فائده:_ عمرو بن شعيب بن محمد بن عبدالله بن عمرو بن عاص سهمي آهي واضح هجي تہ عمرو پنهنجي پيءُ شعيب کان ۽ شعيب پنهنجي ڏاڏي عبدالله بن عمرو کان روايت ڪندو آهي يعني شعيب جو پنهنجي ڏاڏي عبدالله کان سماع ثابت آهي ڇاڪاڻ تہ عبدالله پنهنجي پوٽي شعيب جي پالنا ڪئي هئي ۽ شعيب جو پيءُ محمد پنهنجي پيءُ جي زندگيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو هو. انهيءَ ڪري "عمرو بن شعيب عن ابيه عن جده" جي روايت مرسل ۽ منقطع نہ آهي بلڪ متصل آهي ۽ حسن جي درجي کان گهٽ نہ آهي. بشرطيڪ عمرو تائين اسناد صحيح هجي.

100- وعن أبي موسى قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : إن الله خلق آدم من قبضة قبضها من جميع الأرض فجاء بنو آدم على قدر الأرض منهم الأحمر والأبيض والأسود وبين ذلك والسهل والحزن والخبيث والطيب . رواه أحمد والترمذي وأبو داؤد.

(100) ابو موسىٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ تحقيق الله تعالىٰ آدم کي مٽيءَ جي هڪ مٺ مان پيدا ڪيو، جيڪا زمين جي سيني قسمن مان ورتي هئائين. پوءِ اولاد آدم انهيءِ مٽيءَ موافق پيدا ٿيو آهي. منجهائن ڪي رنگ جا ڳاڙها آهن تہ ڪي اڇا_ڪي ڪارا تہ ڪي وچترا آهن ۽ (عادتن ۾) ڪي نرم آهن تہ ڪي سخت ڪي پليت آهين تہ ڪي پاڪ هن کي احمد ۽ ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.

101- وعن عبد الله بن عمرو قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : إن الله خلق خلقه في ظلمة فألقى عليهم من نوره فمن أصابه من ذلك النور اهتدى ومن أخطأه ضل فلذلك أقول : جف القلب على علم الله . رواه أحمد والترمذي.

(101) عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو فرمايائون تہ بيشڪ الله تعالىٰ پنهنجي مخلوقات کي[1] نفس (اماره) جي اونداهي ۾ پيدا ڪيو. پوءِ پنهنجي نور[2] مان ڪجهہ انهن تي اڇلايائين پوءِ جنهن کي اهو پهتو سي هدايت وارا ٿيا ۽

[1]_هتي مخلوقات مان مراد انسان ۽ جن آهن، عام مخلوقات سمجهڻ نہ گهرجي.
[2]_"نور" مان مراد ايمان، طاعتن، احسان ۽ معرفت جو نور آهي.

**جنهن کان گسي ويو اهي گمراه ٿيا. ان ڪري آءٌ چوان ٿو تہ اللہ جي ازلي علم موجب قلم لکي هاڻي سڪي ويو آهي([1]) هن کي احمد ۽ ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.**

102- وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يكثر أن يقول : يا مقلب القلوب ثبت قلبي على دينك فقلت : يا نبي الله آمنا بك وبما جئت به فهل تخاف علينا ؟ قال : نعم إن القلوب بين أصبعين من أصابع الله يقلبها كيف يشاء . رواه الترمذي وابن ماجه

(102) **انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن گهڻو ڪري هيئن چوندا هئا تہ اي اللہ دلين جا ڦيرائيندڙ! پنهنجي دين ([2]) تي منهنجي دل کي قائم ڪج. پوءِ مون چيو تہ اي اللہ جا نبي ﷺ ! اسان توتي ۽ جيڪي تو آندو ان تي ايمان آندو آهي، پوءِ ان کان بعد بہ اسان تي خوف رکو ٿا؟ فرمايون تہ هائو! (چو تہ) بيشڪ دليون اللہ جي آڱرين مان ٻن آڱرين جي وچ ۾ آهن، انهن کي جهڙيءَ طرح گهري، تهڙيءَ طرح ڦيرائي ٿو_ هن کي ترمذيءَ ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو.**

103- وعن أبي موسى قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : مثل القلب كريشة بأرض فلاة يقلبها الرياح ظهرا لبطن . رواه أحمد

(103) **علي رضي الله عنه کان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ دل جو مثال هڪ ڪنبي وانگر آهي، جو هڪ صاف ميدان ۾ پيل هجي. ان کي هوائون پنيءَ کان پيٽ ڏانهن (ابتو سيتو) پيون ڦيرائين. هن کي احمد روايت ڪيو.**

104- وعن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لا يؤمن عبد حتى يؤمن بأربع : يشهد أن لا إله إلا الله وأني رسول الله بعثني بالحق ويؤمن بالموت والبعث بعد الموت ويؤمن بالقدر . رواه الترمذي وابن ماجه.

(104) **علي رضي الله عنه کان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيستائين ڪوبہ ٻانهون هينين چئن ڳالهين تي ايمان نہ آڻيندو تيستائين مؤمن نہ ٿيندو: 1_ هڪ تہ هيءَ شاهدي ڏي تہ اللہ کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي ۽ آءٌ اللہ جو رسول ﷺ آهيان ۽ مون کي پنهنجي دين سان موڪليو اٿس 2_ ٻيو موت تي،([3]) ايمان آڻي، 3_ ٽيون مرڻ کان بعد ٻيهر جيارڻ تي. چوٿون تقدير تي ايمان آڻي. هن کي ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

---

[1] _هاڻي نئين سر ٻي ڪا تقدير يا ان ۾ ڪا ڦير گهير ٿيڻ واري ناهي.

[2] _دين مان مراد ڪتاب ۽ سنت آهي: قرآن ۽ حديث.

[3] _ موت بابت هيءُ اعتقاد رکڻ گهرجي تہ اللہ جي حڪم سان واقع ٿئي ٿو، طبيعت جي بگڙجڻ يا آبهوا جي ناموافق ٿيڻ تي انجو دارو مدار نہ آهي.

105- وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : صنفان من أمتي ليس لهما في الإسلام نصيب : المرجئة والقدرية . رواه الترمذي وقال هذا حديث غريب.

(105) **ابن عباسرضي الله عنه کان روايت آهي، رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ منهنجي امت جي ٻن فرقن جو اسلام ۾ ڪو حصو نہ آهي([1])، 1_مرجيہ 2_ قدريہ([2])، ان ڪي ترمذي روايت ڪيو آهي. ۽ چيائين تہ هيءَ حديث غريب آهي.**

**فائده:_ حديثن جي سند ۾ راوي علي بن نزار ۽ نزار بن حيان ٻئي ضعيف آهن: انهيءَ ڪري حديث ضعيف ضرور آهي ليڪن موضوع نہ آهي. (الالباني)**

106- وعن ابن عمر قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : يكون في أمتي خسف ومسخ وذلك في المكذبين بالقدر . رواه أبو داؤد وروى الترمذي نحوه

(106) **ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺجن کان فرمائيندي ٻڌو تہ منهنجي امت ۾ ڪن ڪي زمين ڳهندي ۽ ڪن جون صورتون مسخ ٿينديون ۽ اها حالت انهن جي ٿيندي جيڪي تقدير کي ڪوڙو ٿا ڪن. هن ڪي ابو دائود روايت ڪيو ۽ انهيءَ طرح ترمذيءَ بہ روايت بيان ڪئي آهي.**

107- وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : القدرية مجوس هذه الأمة إن مرضوا فلا تعودوهم وإن ماتوا فلا تشهدوهم . رواه أحمد وأبو داؤد .

(107) **ابن عمررضي الله عنه کان روايت آهي، رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ قدريہ فرقي وارا منهنجي امت جا مجوسي آهن ([3]) جيڪڏهن اهي بيمار ٿين تہ انهن جي بيمار پرسي نہ ڪريو ۽ جيڪڏهن مرن تہ سندن جنازه ۾ حاضر نہ ٿيو. هن ڪي احمد ۽ ابودائود روايت ڪيو.**

**فائده: _ حديث جي تحقيق لاءِ مرعاةص 196_197 جي 1 جو مالعو ڪيو وڃي. جنهن جو خلاصو آهي تہ شاهدن جي ڪثرت سببان حديث موضوع نہ آهي، پر حسن درجي جي آهي.**

---

[1]_ مرجيہ هيءَ مسلمانن جو هڪ فرقو آهي، اهي چوندا آهن تہ انسان تقدير اڳيان مجبور ۽ بيوس آهي، جيئن جمادات، پٿر وغيره، انهن کي جيڏاهن اچلائجي اوڏانهن وڃي ڪرن_ اهڙي طرح انسان پنهنجي ڪمن ۾ محض بيوس ۽ بي اختيار آهي.

[2]_ قدريہ هيءَ بہ مسلمان جو هو فرقو آهي اهي تقدير جا انڪاري آهن، چون ٿا تہ انسان پنهنجي ڪمن جو پاڻ خالق آهي ۽ ان ۾ اللہ پاڪ جي قدرت جو ڪو بہ دخل نہ آهي. اهڙيءَ طرح اهي تقدير جو انڪار ڪن ٿا. معتزلہ ۽ رافضي بہ قدريہ وانگر گمراھ فرقا آهن. ظاهر حديث مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هي ٻئي ٽولا ڪافر آهن، پر مختيار قول هيءُ آهي تہ اهي ٻئي ڪافر نہ آهن، فقط فاسق، فاجر ۽ گمراھ آهن. اها حديث زجر ۽ توبيخ جي قسم مان آهن.

[3]_ مجوسي باھ جا پوڄاري آهن، جيئن انهن وٽ بہ خدا آهن: 1_يزدان (يعني نيڪيءَ جو پيدا ڪندڙ) 2_اهرمن (يعني برائيءَ جو پيدا ڪندڙ): تيئن قدريہ وارن وٽ بہ بہ خدا آهن: 1_چڱن ڪمن جي پيدا ڪرڻ وارو، 2_برن ڪمن کي پيدا ڪندڙ. انهيءَ ڪري ﷺ جن قدرين کي هن امت جو مجوسي ڪونيو آهي.

108- وعن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لا تجالسوا أهل القدر ولا تفاتحوهم. رواه أبوداؤد.

(108) **ابن عمر ﷺ كان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو ته قدريه فرقي وارن كي پاڻ سان گڏ نه ويهاريو (1) ۽ انهن كان تكرار جو نبيرو ۽ فيصلو نه كرايو. هنكي ابو دائود روايت كيو آهي.**

109- وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ستة لعنتهم ولعنهم الله وكل نبي يجاب : الزائد في كتاب الله والمكذب بقدر الله والمتسلط بالجبروت ليعز من أذله الله ويذل من أعزه الله والمستحل لحرم الله والمستحل من عترتي ما حرم الله والتارك لسنتي . رواه البيهقي في المدخل ورزين في كتابه.

(109) **ام المؤمنين عائشه ﷺ كان روايت آهي رسول الله ﷺجن فرمايو ته ڇهن قسمن جي ماڻهن تي آءٌ لعنت كريان ٿو ۽ هر نبيءَ جي دعا قبول ٿيندي آهي. 1_ جيكو الله جي كتاب ۾ زيادتي (2) كري، 2_ جيكو الله جي تقدير كي كوڙو كري، 3_ جيكو زبردستي (3) سان غلبو حاصل كري، پوءِ جنهن كي الله خوار كيو آهي انكي عزت ڏي ۽ جنهن كي الله عزت ڏني آهي، ان كي خوار كري، 4_ جيكو الله جي حرم پاك جي بي ادبيءَ كي حلال كري، (4) 5_ منهنجي اهل بيت بابت الله جي حرمت كي حلال (5) كرڻ وارو 6_ جيكو منهنجي سنت جو تارك هجي. (6) انكي بيهقيءَ "مدخل" ۾ ۽ زرين پنهنجي كتاب ۾ روايت كيو آهي.**

110- وعن مطر بن عكام قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا قضى الله لعبد أن يموت بأرض جعل له إليها حاجة . رواه أحمد والترمذي .

(110) **مطر بن عكامس ﷺ كان روايت آهي ته، رسول الله ﷺجن فرمايو ته جڏهن الله تعاليٰ كنهن ٻانهي بابت فيصلو فرمائيندو آهي ته اهو كنهن سرزمين ۾ مري ته ان زمين ڏانهن ان جو كو كم ركندو آهي. هن كي احمد ۽ ترمذيءَ روايت كيو آهي.**

---

[1] _ يعني انهن سان محبت نه ركو ڇو ته متان انهن جي برائي ۽ برا عقيدا توهان جي دلين ۾ اثر كن.

[2] _ يعني لفظ وڌائي يا اهڙي معنيٰ كڍي جا قرآن مجيد جي سياق ۽ سباق جي خلاف هجي.

[3] يعني ظالم حاكم جيكو نفساني خواهش كان مجبور ٿي فاسقن ۽ كافرن كي عزت ڏي ۽ مسلمانن ۽ علم وارن ذليل كري.

[4] _ يعني مكه يا مدينه ۾ شكار كري يا وڻ وڍجي.

[5] _ هن جي معنيٰ هيءَ به كئي وئي آهي ته جيكو اهل بيت جي ايذاء كي حلال سجهي.

[6] _ رسول الله ﷺ جن جي سنت كي جيكو ڇڏيندو، سو بيشك گنهگار ٿيندو ۽ جيكڏهن سنت تي ٽوك كندو يا ان جي مخالفت كندو يا ان كي هلكو سمجهي ڇڏي ڏيندو ته اهو كافر آهي. اهڙو ماڻهو حقيقي لعنت جو لائق آهي.

111- وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قلت : يا رسول الله ذراري المؤمنين ؟ قال : من آبائهم . فقلت : يا رسول الله بلا عمل ؟ قال : الله أعلم بما كانوا عاملين . قلت فذاراري المشركين ؟ قال : من آبائهم . قلت : بلا عمل ؟ قال : الله أعلم بما كانوا عاملين . رواه أبو داؤد.

**(111) بيبي عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺجن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اي ﷲ جا رسولﷺ! مؤمن جي (فوتي ٻارن) بابت ڇا حڪم آهي؟ ارشاد فرمايائون تہ اهي پنهنجي پيئن جا تابع آهن ([1]) مون عرض ڪيو تہ يا رسول اللهﷺ عمل ڪرڻ کان سواءِ بہ پنهنجن پيئن سان هوندا؟) فرمايائون تہ اهي جيڪي عمل ڪرڻ وارا هئا، انهن کي ﷲ وڌيڪ ڄاڻي ٿو.**

112- وعن ابن مسعود رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : الوائدة والموؤدة في النار . رواه أبو داؤد

**(112) ابن مسعود ﷛ کان روايت آهي، رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيئري ئي ننڍي ٻار کي پورڻ واري عورت ۽ خود ان ٻار کي بہ دوزخ ۾ وڌو ويندو([2]) هن کي ابو دائود روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٽيون

113- عن أبي الدرداد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الله عز وجل فرغ إلى كل عبد من خلقه من خمس : من أجله وعمله ومضجعه وأثره ورزقه . رواه أحمد

---

[1] _ مؤمن ۽ ڪافرن جي اولاد بابت رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ﷲ اعلم بما ڪانوا عاملين اهو قضا ۽ قدر ڏانهن اشارو آهي. انهيءَ تي بيبي عائشہ ﷞ تعجب ڪيو تہ بنان عمل جي مسلمانن جا ٻچا بهشت ۾ ۽ بنان عمل جي ڪافرن جا ٻچا دوزخ ۾ ڪيئن ويندا؟ ﷺ جن فرمايو تہ ٻارڙن جو اگرچہ بالفعل ڪو عمل ڪونہ هو: پر علم الاهي موجب وڏي ٿيڻ جي حالت ۾ اهي چڱا خواهہ برا جيڪي ڪم ڪن ها، ان مطابق ڪين بهشت يا دوزخ ڏنو ويندو.

[2] _ ناحق خون ڪرڻ وارو بالاتفاق دوزخي آهي. خون ٿيل ڇوڪريءَ کي بہ دوزخي ليکيو ويو آهي. انهيءَ جو هڪ سبب هيءُ آهي تہ وڏي ٿيڻ جي حالت ۾ اها بہ مائٽن وانگر شرڪ جي روش تي هلي ها جنهن ڪري دوزخ ٻري ها ڇو تہ مشرڪن جو اولاد سندن ئي تابع آهي. هيءَ بہ معنيٰ ڪئي وئي آهي تہ موودة اها عورت آهي جنهن ڪنهن دائيءَ کي حڪم ڪيو هجي تہ منهنجي ڇوڪريءَ کي جيئري قبر ۾ دفن ڪجاءِ انهيءَ معنيٰ موجب مطلب هي آهي تہ ڇوڪري جي ماءُ ۽ دائي ٻئي دوزخياڻيون آهن. ان صورت ۾ هن حديث جو لاڳاپو تقدير جي بحث سان نہ رهندو.

(113) ابو درداءُ ﷜ کان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو ته بيشڪ الله پنهنجي ٻانهي بابت پنجن شين کان فارغ ٿي چڪو آهي. 1_ان جي اجل (موت) بابت. 2_ ٻيو انجي عمل بابت 3_ٽيون ان جي رهڻ بابت. 4_ان جي گهمڻ ڦرڻ جي جاءِ بابت. 5_رزق بابت، هن کي احمد روايت ڪيو آهي.

114- وعن عائشة رضي الله عنها قالت : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : من تكلم في شيء من القدر سئل عنه يوم القيامة ومن لم يتكلم فيه لم يسأل عنه . رواه ابن ماجه

(114) بيبي عائشه ﷞ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو ته تقدير بابت ماڻهو ڪابه ڳالهه ٻولهه ڪندو ته ان کان قيامت جي ڏينهن ان بابت سوال ڪيو ويندو([1]) ۽ جيڪو ڳالهه نه ڪندو ته ان کان پڇا نه ڪئي ويندي آهي. هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

فائده:_ هن حديث جي سند ضعيف آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي سند ۾ يحيىٰ بن عثمان تيمي راوي بالاتفاق ضعيف آهي (الالباني)

115- وعن ابن الديلمي قال : أتيت أبي بن كعب فقلت له : قد وقع في نفسي شيء من القدر فحدثني بشيء لعل الله أن يذهبه من قلبي قال لو أن الله عذب أهل سماواته وأهل أرضه عذبهم وهو غير ظالم لهم ولو رحمهم كانت رحمته خيرا لهم من أعمالهم ولو أنفقت مثل أحد ذهبا في سبيل الله ما قبله الله منك حتى تؤمن بالقدر وتعلم أن ما أصابك لم يكن ليخطئك وأن ما أخطأك لم يكن ليصيبك ولو مت على غير هذا لدخلت النار قال ثم أتيت عبد الله بن مسعود فقال مثل ذلك قال ثم أتيت حذيفة بن اليمان فقال مثل ذلك قال ثم أتيت زيد بن ثابت فحدثني عن النبي صلى الله عليه وسلم مثل ذلك . رواه أحمد وأبو داؤد وابن ماجه.

(115) ابن ديلمي کان روايت آهي ته آءٌ ابي بن ڪعب ([2]) وٽ آيس ان کي چيم ته منهنجي دل ۾ تقدير بابت ڪجهه وسوسو پيدا ٿيو آهي هي. ([3]) تنهن ڪري ڪا حديث مون کي ٻڌاءِ ته من الله منهنجي دل مان وسوسو وڃائي. هن چيو ته بيشڪ الله پاڪ آسمان ۽ زمين ۾ رهندڙن کي جيڪڏهن عذاب ڪري ته ان کي انهن لاءِ ظالم نه چئبو جيڪڏهن انهن تي رحم ڪري ته ان جي رحمت انهن جي عملن کان بهتر آهي جيڪڏهن تون احد جبل جيترو سون خدا جي واٽ ۾ خرچ ڪرين ته به جيستائين تو کان قبول نه ڪندو. تون ڄاڻ ته بيشڪ جيڪي توکي پهچڻو آهي ان مان

[1]_ هن جو مطلب هيءُ آهي ته قضا ۽ قدر بحث ڪرڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. قيامت ۾ اهڙي بحث جو حساب ڏيڻو پوندو ۽ عتاب ۽ عذاب ٿيندو، تنهن ڪري نيڪ ٻانهن جو ڪم آهي ته مات ڪري ۽ صبر سڪون سان پلائي جي ڪمن ۾ مشغول رهي.

[2]_ ابي بن ڪعب هڪ جليل القدر اصحابي هو.

[3]_ يعني وسوسو پيدا ٿو ٿئي ته اهي ڪم تقدير جا آهن پوءِ انهن تي عذاب ۽ ثواب ڇا جو؟

ڪجهہ بہ نہ گسندو(1) ۽ بيشڪ جيڪي توڪان گسائيندو سو توڪي نہ پهچندو جيڪڏهن تون انهي عقيدي کان سواءِ مري ويندين تہ دوزخ ۾ داخل ٿيندين وري آءٌ عبدالله بن مسعود وٽ ويس ان بہ اهڙيءَ طرح چيو وري چيائين تہ آءٌ حذيفہ پٽ يمان جي وٽ ويس انهيءَ بہ ساڳي طرح چيو وري آءٌ زيد بن ثابت وٽ ويس ان بہ اهڙي حديث ٻڌائي. هن کي احمد، ابودائود ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو.

116- عن نافع أن ابن عمر جاءه رجل فقال: إن فلانا يقرأ عليك السلام فقال: له إنه بلغني أنه قد أحدث فإن كان قد أحدث فلا تقرئه مني السلام فإني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول: يكون في هذه الأمة أو في أمتي الشك منه خسف أو مسخ أو قذف في أهل القدر . رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح غريب.

(116) نافع کان روايت آهي تہ تحقيق هڪ ماڻهو ابن عمر وٽ آيو اچڻ بعد چيائين تہ تحقيق فلاڻي شخص اوهان کي سلام چيا آهن تنهن تي ان چيو تہ تحقيق مون کي خبر پهتي آهي تہ هو بدعتي(2) ٿيو آهي (دين ۾ نئون ڪم وڌايو اٿس) تنهن ڪري جيڪڏهن بدعتي ٿيو هجي تہ منهنجي پاران ان کي سلام نہ چئج (3) چو تہ رسول اللهﷺ کان ٻڌو آهي تہ منهنجي امت ۾ زمين جو ڳهڻ (صورتن جو بدلجڻ) ۽ پٿرن جو وسڻ تقدير جي منڪرن جي ماڻهن ۾ ٿيندو. هن کي ترمذي ابو دائود ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي ترمذي ٿو چوي تہ حديث حسن صحيح غريب آهي.

117- عن علي رضي الله عنه قال: سألت خديجة النبي صلى الله عليه وسلم عن ولدين ماتا لها في الجاهلية فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : هما في النار قال فلما رأى الكراهية في وجهها قال لو رأيت مكانهما لأبغضتهما قالت يا رسول الله فولدي منك قال في الجنة قال: ثم قال رسول الله صلى الله عليه وسلم: إن المؤمنين وأولادهم في الجنة وإن المشركين وأولادهم في النار ثم قرأ رسول الله صلى الله عليه وسلم ﴿ وَٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ وَٱتَّبَعَتۡهُمۡ ذُرِّيَّتُهُم بِإِيمَٰنٍ أَلۡحَقۡنَا بِهِمۡ ذُرِّيَّتَهُمۡ ... ﴾ الطور: ٢١

---

1_ يعني جيڪي بہ توکي پهچي، تون ائين نہ چئہ تہ مون کي پنهنجي ڪوشش سان حاصل ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو مقصد حاصل نہ ٿئي تہ ائين نہ چئہ تہ جيڪر هيئن ڪيان ها تہ هوند هيءُ ۽ هيءُ ڪم ٿئي ها. چاڪاڻ تہ ڪنهن ڪم جو ٿيڻ يا نہ ٿيڻ الله پاڪ جي تقدير تي ڇڏيل آهي!

2_ جيڪو ڪم رسول پاڪﷺ ۽ خلفاءِ راشدين جي زماني ۾ نہ هو ۽ پوين ماڻهن ان کي دين ۾ داخل ڪيو هجي تہ اهڙي ڪم کي بدعت چئبو آهي. هتي بدعت جو مطلب تقدير جو انڪاري آهي، جيئن حديث جي سياق سباق مان ظاهر آهي.

3_ چاڪاڻ تہ اصحابن کي بدعتين سان ملاقات ڪرڻ جي منع هئي. هن حديث موجب علماء فرمائين ٿا تہ بدعتيءَ ۽ فاسق کي سلام جو جواب ڏيڻ نہ واجب آهي ۽ نڪي سنت آهي ( ملا علي قاري)

(117) علي رضي الله عنه کان روايت آهي ته بي بي خديجه رضي الله عنها پاڻ سڳورن ﷺ کان پنهنجي ٻن ٻارڙن جي بابت پڇيو جيڪي جاهليت جي زماني ۾ فوت ٿيا هئا. ﷺ جن فرمايو ته اهي ٻئي دوزخ ۾ آهن. جڏهن بي بي صاحبه رضي الله عنها جي چهري ۾ ﷺ جن نااميدي ڏٺي ته فرمايائون: جيڪڏهن تون انهن جو حال ڏسين ته جيڪو تون به انهن کي ناپسند ڪرين. بي بي صاحبه رضي الله عنها چيو ته يا رسول الله ﷺ منهنجو اولاد جيڪو توهان مان آهي، ان جو ڪهڙو حال آهي؟ فرمايائون. اهو بهشت ۾ آهي. پوءِ ﷺ فرمايو ته بيشڪ مؤمن ۽ انهن جو اولاد دوزخ ۾ داخل ٿيندو. پوءِ ﷺ جن هي آيت پڙهي ﴿والذين امنو﴾ هن کي احمد روايت ڪيو.

فائدو: حديث مسند احمد ۾ نه آهي البت امام احمد جي پٽ عبدالله "زيادات" ۾ بيان ڪئي آهي ان جي سند ۾ راوي محمد بن عثمان غير معروف آهي ڪجهه معلوم ناهي ته ڪير آهي. (مرعاة ص_208 ج_1)

118- وعن أبي هريرة قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لما خلق الله آدم مسح ظهره فسقط من ظهره كل نسمة هو خالقها من ذريته إلى يوم القيامة وجعل بين عيني كل إنسان منهم وبيصا من نور ثم عرضهم على آدم فقال أي رب من هؤلاء قال :هؤلاء ذريتك فرأى رجلا منهم فأعجبه وبيص ما بين عينيه فقال أي رب من هذا فقال هذا رجل من آخر الأمم من ذريتك يقال له داود فقال رب كم جعلت عمره قال ستين سنة قال أي رب زده من عمري أربعين سنة فلما قضي عمر آدم جاءه ملك الموت فقال أولم يبق من عمري أربعون سنة قال أولم تعطها ابنك داود قال فجحد آدم فجحدت ذريته ونسي آدم فنسيت ذريته وخطئ آدم فخطئت ذريته . رواه الترمذي.

(118) ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو جڏهن الله پاڪ آدم کي پيدا ڪيو تڏهن ان جي پٺيءَ تي هٿ ڦيري ان مان انهن سڀني انسانن جو اولاد ڪڍيائين جيڪي قيامت جي ڏينهن تائين انکي ڪڍڻو هو ۽ انهن مان سڀ ڪنهن انسان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ روشنيءَ جو چمڪاٽ رکيائين. پوءِ انهن کي آدم عليه السلام وٽ پيش ڪيائين. انهيءَ عرض ڪيو ته اي منهنجا رب! هي ڪير آهن؟ فرمايائين ته هي تنهنجو اولاد آهي. منجهائن هڪ ماڻهو ڏٺائين جنهن جي ٻنهي اکين جي وچ واري چمڪاٽ هن کي ڏاڍي وڻي. عرض ڪيائين ته اي رب! هيءُ ڪير آهي الله پاڪ فرمايو ته هيءُ دائود آهي، آدم عليه السلام چيو ته اي رب! ان جي عمر ڪيتري ڪئي آهي؟ الله فرمايو ته سٺ ورهيه_ آدم عليه السلام چيو ته منهنجي عمر مان چاليهه ورهه ان جا زياده ڪر_ پوءِ ﷺ جن فرمايو ته انهن چاليهن ورهين کان سواءِ آدم عليه السلام جي باقي عمر پوري ٿي_ تڏهن ان وٽ ملڪ الموت آيو. ان کي آدم عليه السلام چيو ته منهنجي عمر مان چاليهه ورهيه رهيل ناهن ڇا؟ ملڪ الموت چيو ته اهي تو پنهنجي پٽ دائود عليه السلام کي نه ڏنا هئا ڇا؟ آدم عليه السلام انڪار ڪيو تنهن ڪري ان جو اولاد به انڪار ڪندو آهي ۽ آدم عليه السلام ويسر ۾ منع ڪيل وڻ مان کاڌو تنهن ڪري ان جي اولاد ۾ به ويسر آهي ۽ آدم عليه السلام خطا ڪئي ان ڪري سندس اولاد به خطا ڪري ٿو_ هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو.

119- وعن أبي الدرداء عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : خلق الله آدم حين خلقه فضرب كتفه اليمنى فأخرج ذرية بيضاء كأنهم الذر وضرب كتفه اليسرى فأخرج ذرية سوداء كأنهم الحمم فقال للذي في يمينه إلى الجنة ولا أبالي وقال للذي في كفه اليسرى إلى النار ولا أبالي . رواه أحمد

(119) **ابودرداءَ کان روايت آهي ته نبي ﷺ جن فرمايو ته ﷲ تعاليٰ آدم کي پيدا فرمايو، جڏهن ٻه ان کي پيدا ڪيائين پوءِ انجي ساڄي ڪلهي تي هٿ هنيائين. پوءِ ان مان اڇي رنگ جو اولاد ڪڍيائين. جڻ ته اهي ماڪوڙيون هيون ۽ ان جي کاٻي ڪلهي تي هٿ هنيائين ۽ ان مان ڪاري رنگ جو اولاد ڪڍيائين جڻ ته اهي ڪوئلا هئا. پوءِ ساڄي ڪلهي واري اولاد بابت چيائين ته هي بهشت ڏانهن وڃڻ وارا آهن ۽ مون کي ڪا پرواهه نه آهي. وري کاٻي ڪلهي وارن لاءِ چيائين ته هي دوزخي آهن ۽ مون کي ڪا پرواهه ناهي.**

120- وعن أبي نضرة أن رجلا من أصحاب النبي صلى الله عليه وسلم يقال له أبو عبد الله دخل عليه أصحابه يعودونه وهو يبكي فقالوا له ما يبكيك ألم يقل لك رسول الله صلى الله عليه وسلم خذ من شاربك ثم أقره حتى تلقاني قال بلى ولكني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : إن الله عز وجل قبض بيمينه قبضة وأخرى باليد الأخرى وقال هذه لهذه وهذه لهذه ولا أبالي فلا أدري في أي القبضتين أنا . رواه أحمد

(120) **ابو نصره کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو جيڪو نبي ﷺ جن جي اصحاب مان هو ان کي ابو عبدالله چيو ويندو هو، ان جي بيمار پرستي لاءِ ان جا ساٿي وٽس ويا. ان وقت اهو روئي رهيو هو. ان کي چيائون ته ڪهڙي شيءِ توکي روئاري ٿي؟ ڇا توکي رسول اللهﷺ جن ائين نه فرمايو هو ته پنهنجي مڇ ([1]) وڍائج ۽ جيسين مون کي اچي ملين تيسين ان تي قائم رهج؟ چيائين " هائو!" پر روئڻ جو سبب هيءُ آهي ته مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو آهي ته "ﷲ تعاليٰ ماڻهن جي هڪ جماعت پنهنجي ساڄي مٺ ۾ ورتي ۽ ٻي پنهنجي کاٻي مٺ ۾. پوءِ فرمايائين ته "هي بهشت لاءِ آهن ۽ هي دوزخ لاءِ آهن ۽ انهن لاءِ مون کي ڪابه پرواهه نه آهي." هاڻي مون کي معلوم ناهي ته آءٌ انهن مان ڪهڙيءَ مٺ ۾ آهيان.(احمد)**

121- وعن ابن عباس عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : أخذ الله الميثاق من ظهر آدم بنعمان يعني عرفة فأخرج من صلبه كل ذرية ذرأها فنثرهم بين يديه كالذر ثم كلمهم قبلا قال : ﴿وَإِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِنْ بَنِيٓ ءَادَمَ مِن ظُهُورِهِمْ

---

[1]_ هن اصحابيءَ کي نبي پاڪﷺ جن فرمايو هو ته تون مڇون هميشه ڪتائيندو رهج، ته مون سان حوض ڪوثر تي ملندين ۽ هي ان جي تعميل پيو ڪندو هو پر جڏهن پوئين وقت ۾ رنو تڏهن سندس دوستن چيس ته تون حديث تي عمل ڪري رهيو آهي، ضرور ﷺ جن سان بهشت ۾ ملندين: پوءِ ڇو ٿو روئين؟ جواب ڏنائين ته خدا پاڪ بي پرواهه ۽ غني آهي_ مون کي خبر ناهي ته ڪهڙي مٺ وارن مان هوندس انهيءَ ڪري ٿو روئان طيبي لکي ٿو ته هن حديث موجب سنت مؤڪده تي هميشه عمل ڪرڻ وارو بهشتي چئبو، جتي رسول اللهﷺ جن جي فراقت نصيب ٿيندس. وڏيڪ لکي ٿو ته جڏهن اهو اصحابي فقط هڪ سنت بجا آڻڻ ڪري بهشتي ٿيو، ته گهڻين سنتن تي عمل ڪرڻ وارا بهشت جا وڌيڪ حقدار ٿيندا.

ذُرِّيَّتَهُمْ وَأَشْهَدَهُمْ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۖ قَالُوا۟ بَلَىٰ ۛ شَهِدْنَآ ۛ أَن تَقُولُوا۟ يَوْمَ ٱلْقِيَـٰمَةِ إِنَّا كُنَّا عَنْ هَـٰذَا غَـٰفِلِينَ ﴿١٧٢﴾ أَوْ تَقُولُوٓا۟ إِنَّمَآ أَشْرَكَ ءَابَآؤُنَا مِن قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنۢ بَعْدِهِمْ ۖ أَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ ٱلْمُبْطِلُونَ ﴿١٧٣﴾﴾ الأعراف. رواه أحمد

(121) **ابن عباس ؓ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ آدم ؑ جي اولاد كان اللّٰه پاڪ نعمان۔ يعني عرفات۔ جي ويجهو انجام ورتو ۽ ان جي پٺيءَ مان سڀ اولاد جيڪي پيدا ڪرڻو هوس، پيدا ڪيائين۔ پوءِ انهن کي انجي اڳيان پيش ڪيائين جڻ تہ اهي ماڪوڙيون هيون. پوءِ انهن سان روبرو ڳالهايائين۔ چيائين تہ ”ڇا آئون توهان جو رب نہ آهيان؟“ سڀني چيو تہ ”هائو!“ اللّٰه پاڪ فرمايو تہ ”اهو مون هن لاءِ ڪري ڇڏيو تہ متان قيامت جي ڏينهن توهين چئو تہ اسين انهيءَ انجام واري ڳالهہ کان بي خبر هئاسين. يا چئو تہ شرڪ اسان جي ابن ڏاڏن اسان کان اڳ ۾ ڪيو هو ۽ اسين انهن کان بعد سندن اولاد هئاسين. پوءِ جيڪي ناحق وارن ڪيو، ان تي اسان کي ڇوٽو عذاب ڪرين!“ (احمد)**

122- عن أبي بن كعب في قول الله عز وجل ﴿وَإِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِنۢ بَنِىٓ ءَادَمَ مِن ظُهُورِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَأَشْهَدَهُمْ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ ...﴾ الأعراف. قال جمعهم فجعلهم أرواحا ثم صورهم فاستنطقهم فتكلموا ثم أخذ عليهم العهد والميثاق وأشهدهم على أنفسهم ألست بربكم قال فإني أشهد عليكم السموات السبع والأرضين السبع وأشهد عليكم أباكم آدم عليه السلام أن تقولوا يوم القيامة لم نعلم بهذا اعلموا أنه لا إله غيري ولا رب غيري فلا تشركوا بي شيئا وإني سأرسل إليكم رسلي يذكرونكم عهدي وميثاقي وأنزل عليكم كتبي قالوا شهدنا بأنك ربنا وإلهنا لا رب لنا غيرك فأقروا بذلك ورفع عليهم آدم ينظر إليهم فرأى الغني والفقير وحسن الصورة ودون ذلك فقال رب لولا سويت بين عبادك قال إني أحببت أن أشكر ورأى الأنبياء فيهم مثل السرج عليهم النور خصوا بميثاق آخر في الرسالة والنبوة وهو قوله تعالى ﴿وَإِذْ أَخَذْنَا مِنَ ٱلنَّبِيِّـۧنَ مِيثَـٰقَهُمْ ...﴾ الأحزاب: ٧ ... إلى قوله ﴿وَعِيسَى ٱبْنِ مَرْيَمَ﴾الأحزاب. كان في تلك الأرواح فأرسله إلى مريم فحدث عن أبي أنه دخل من فيها . رواه أحمد.

(122) **اللّٰه پاڪ جي هن قول بابت (ترجمو) ”جڏهن تنهنجي رب آدم جو اولاد انهن جي پٺيءَ مان ڪڍيو“۔ ابي بن ڪعب کان روايت آهي تہ يعني انهن کي گڏ ڪيائين ۽ انهن کي قسم قسم بنايائين. پوءِ انهن کي صورتون ڏنائين. پوءِ ڪين پاڻ تي شاهد ڪيائين تہ ڇا آئون توهان جو رب نہ آهيان؟ چيائون تہ هائو!“فرمايائين تہ آئون اوهان تي ست آسمان ۽ ست زمينون ۽ اوهان جي پيءُ کي شاهد ٿو ڪريان اهو هن ڪري تہ متان قيامت جي ڏينهن اوهين چئو تہ ان ڳالهہ جي اسان کي خبر نہ هئي! (1[1]) هاڻي سمجهو تہ مون کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جي لائق ناهي. مون کان سواءِ ٻيو ڪو پالڻهار ڪونهي. مون سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪجو آءٌ جلد اوهان ڏي پنهنجا رسول موڪليندس جيڪي اوهان کي منهنجو قول ۽ انجام توهان کي ياد ڏياريندا ۽ اوهان تي**

[1]_ انهن جي اها حجت قيامت جي ڏينهن اللّٰه پاڪ جي اڳيان فائدي واري نہ ٿيندي جو تہ توحيد جو اقرار اڳي ئي ميثاق جي ڏينهن سڀ ماڻهو ڪري چڪا آهن ۽ نبي سڳورا انهن کي اها ڳالهہ ياد ڏياري چڪا آهن پوءِ ابن ڏاڏن جي دين تي هلڻ واري عذر سببان ڇٽي نہ سگهندا.

پنهنجي ڪتاب نازل ڪندس. ”سيني چيو ته اسين شاهدي ٿا ڏيون ته بيشڪ تون اسان جو رب ۽ معبود آهين ۽ توکان سواءِ اسان جو ٻيو ڪو معبود نه آهي_ پوءِ سيني ان ڳالهه جو اقرار ڪيو. انهن کان آدم ڪي مٿي ڪيو ويو. ان سيني ڏانهن نهاريو. پوءِ انهن ۾ شاهوڪار، مسڪين، شڪل جا سهڻا ۽ انهن کان سواءِ ٻيا ڏٺائين، چيائين ته اي رب جيڪڏهن سيني کي هڪ جهڙو ڪرين ها ته (ڪهڙو نه بهتر ٿئي ها) ﷲ پاڪ فرمايو ته آءٌ هن ڳالهه کي پسند ٿو ڪريان ته منهنجو شڪر ڪيو وڃي، ([1]) ۽ نبين کي ڏٺائين انهن ۾ ڪي ڏيئن جهڙا هئا، جن تي نور هو. اهي ٻئي انجام يعني رسالت ۽ نبوت لاءِ خاص ڪيا ويا هئا. اها ڳالهه ﷲ تبارڪ و تعاليٰ جي ڪتاب ۾ آهي: (ترجمو) جڏهن مون نبين کان انجام ورتو (اها آيت) ”عيسيٰ ابن مريم“ تائين پڙهيائين، عيسيٰ عليه السلام به انهن روحن ۾ هو، پوءِ ان کي مريم ڏاهن موڪليائين_ ابي کان بيان ڪيو ويو آهي ته ”روح بيبي مريم ۾ وات کان داخل ٿيو. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.

123- وعن أبي الدرداء قال بينما نحن عند رسول الله صلى الله عليه وسلم نتذاكر ما يكون إذ قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا سمعتم بجبل زال عن مكانه فصدقوا وإذا سمعتم برجل تغير عن خلقه فلا تصدقوا به وإنه يصير إلى ما جبل عليه " . رواه أحمد

(123) ابو درداءَ کان روايت آهي ته هڪ دفعي اسين رسول الله ﷺ جن وٽ آئنده ٿيڻ وارين شين بابت پاڻ ۾ ذڪر ڪري رهيا هئاسون. ان وقت ﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهين ٻڌو ته جبل پنهنجي جاءِ تان ڪسڪي ويو آهي ته انهيءَ ڳالهه کي سچو سمجهجو. پر جيڪڏهن هي ٻڌو ته ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي جبلت ۽ فطرت بدلائي آهي ته ان کي سچو نه سمجهجو. ڇو ته جنهن ماڻهوءَ کي جنهن عادت ۽ جبلت تي پيدا ڪيو ويو آهي، اهو ان تي ڪاربند رهندو.

فائدو:_ هن حديث کي ابو درداءُ رضي الله عنه کان زهري روايت ڪري ٿو حالانڪ زهري ابو درداءَ کي نه ڏٺو آهي ان ڪري سخاوي چوي ٿو ته حديث منقطع آهي (الباني)

124- وعن أم سلمة يا رسول الله لا يزال يصيبك كل عام وجع من الشاة المسمومة التي أكلت قال : ما أصابني شيء منها إلا وهو مكتوب علي وآدم في طينته . رواه ابن ماجه

(124) ام المؤمنين ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي ته عرض ڪيائين: ”يا رسول الله ﷺ اوهان جيڪا زهريلي ٻڪري کاڌي هئي، ان جو اثر اوهان کي هر سال رسي ٿو؟“ ﷺ جن فرمايو ته مون کي اها شيءِ پهچي ٿي جيڪا ان وقت مون لاءِ لکي ويئي آهي، جڏهن آدم عليه السلام اجا مٽيءَ ۾ هو([2]) (ابن ماجه)

[1]_ مثلاً خدا تعالي! ڪنهن ماڻهو کي تقدير ۾ هميشه لاءِ دانا پيدا ڪيو آهي ته اهو ڪڏهن به احمق ٿي نٿو سگهي ۽ ڪنهن ماڻهو کي تقدير ۾ خدا تعالي! سدائين احمق بنايو هجي ته اهو ڪڏهن به دانا ٿي نٿو سگهي.

[2]_ خيبر ۾ ﷺ جن کي ۽ ڪن اصحابن کي هڪ يهودي زهريلي ٻڪري جو گوشت کارايو هو مگر ﷲ تعاليٰ پنهنجي فضل سان پيغمبر ﷺ کي انهيءَ زهر جي اثر کان محفوظ رکيو.

فائده:_ هن حديث جي سند ۾ ابوبڪر عنسي راوي ضعيف آهي (مرعاة ص _216 ج 1)

# عذاب قبر جي ثبوت جي بيان ۾ ([1])

## پهريون فصل

125- عن البراء بن عازب أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : المسلم إذا سئل في القبر يشهد أن لا إله إلا الله وأن محمدا رسول الله فذلك قوله ﴿ يُثَبِّتُ ٱللَّهُ ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ بِٱلْقَوْلِ ٱلثَّابِتِ فِي ٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا وَفِي ٱلْأٓخِرَةِ ... ﴾ إبراهيم: ٢٧ وفي رواية عن النبي صلى الله عليه وسلم قال :﴿ يُثَبِّتُ ٱللَّهُ ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ بِٱلْقَوْلِ ٱلثَّابِتِ ... ﴾ نزلت في عذاب القبر يقال له : من ربك ؟ فيقول : ربي الله ونبيي محمد .

**(125) براءِ بن عازب ﷺ نبي ﷺ کان روايت ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ”جڏهن مسلمان کان قبر ۾ سوال ڪيو ويندو آهي تہ گواهي ڏيندو آهي تہ ﷲ کان سواءِ ڪو معبود ڪونهي ۽ مُحَمَّد ﷺ ان جو رسول آهي. انهيءَ ڳالهہ ڪي ﷲ تعاليٰ قران مجيد ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي تہ (ترجمو) ”ﷲ پاڪ انهن ڪي جن ايمان آندو مضبوط قول ذريعي ([2]) دنيا جي حياتيءَ ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ ثابت قدم رکندو آهي.“ ۽ نبي ﷺ جي هڪ ٻي روايت ۾ آيو آهي تہ هيءَ آيت (ترجمو) ﷲ انهن ڪي جن ايمان آندو مضبوط قول ذريعي دنيا جي حياتيءَ ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ ثابت قدم رکندو آهي “ قبر جي عذاب بابت نازل ٿي آهي. ان کان سوال ڪيو ويندو تہ تنهنجو رب ڪير آهي؟ چوندو ”منهنجو رب ﷲ آهي ۽ منهنجو نبي ﷺآهي“ (بخاري_ مسلم)**

126- عن أنس بن مالك رضي الله عنه أنه حدثهم أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إن العبد إذا وضع في قبره وتولى عنه أصحابه وإنه ليسمع قرع نعالهم أتاه ملكان فيقعدانه فيقولان ما كنت تقول في هذا الرجل لمحمد

---

[1] _ قبر جو عذاب ڪتاب ۽ سنت يعني قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي ۽ قبر مان مراد عالم برزخ آهي جيڪي دنيا ۽ آخرت جي وچ ۾ هڪ واسطو آهي.اهو عذاب هر هنڌ ٿي سگهي ٿو؛ خاص قبر جي ڪڏ مراد نہ آهي. ڇو تہ ڪيترا ماڻهو ٻڏي تا مرن ۽ ڪي سڙي تا وڃن ۽ ڪن ڪي جانور کايو تا وڃن انهن ڪي جيڪڏهن خدا گهري تہ عذاب ڪري سگهي ٿو. (مرقاة)

[2] _آيت شريفہ ۾ ”قول ثابت“ مان مراد شهادت جو ڪلمو آهي، جيئن تہ مؤمن کان قبر ۾ سوال ڪيو ٿو وڃي تہ تنهنجو رب ڪير آهي ۽ تنهنجو پيغمبر ڪير آهي ۽ تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ هن شهادت جي ڪلمہ ۾ ٽنهي سوالن جو جواب آهي ۽ هي جو فرمايو ويو تہ ”ﷲ تعاليٰ دنيا ۽ آخرت ۾ پاڪ قول سان مؤمن کا ثابت ٿو رکي“. تہ دنيا ۾ ثابت قدم رکن هي آهي جو انهن ڪي اسلام ۽ ايمان جي اعتقاد تي ثابت ۽ مضبوط ٿو رکي، جيڪو ٻنهي جهانن جي ڪاميابيءَ جي ضمانت هي ۽ آخرت ۾ ثابت قدمي اها آهي تہ پنهنجي خاص فضل ۽ ڪرم سان قيامت ۽ دوزخ جي عذاب کان انهن ڪي بچائيندو.

صلى الله عليه وسلم فأما المؤمن فيقول أشهد أنه عبد الله ورسوله فيقال له انظر إلى مقعدك من النار قد أبدلك الله به مقعدا من الجنة فيراهما جميعا قال قتادة وذكر لنا أنه يفسح له في قبره ثم رجع إلى حديث أنس قال وأما المنافق والكافر فيقال له ما كنت تقول في هذا الرجل فيقول لا أدري كنت أقول ما يقول الناس فيقال لا دريت ولا تليت ويضرب بمطارق من حديد ضربة فيصيح صيحة يسمعها من يليه غير الثقلين ولفظه للبخاري .

(126) **انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ٻانهي کي قبر ۾ وڌو ويندو آهي ۽ انجا ساٿي ان کان منهن ڦيري هليا ويندا آهن ۽ اهو انهن جي جوتن جو کڙڪو ٻڌندو آهي۔ انوٽ بہ فرشتا ايندا آهن ۽ انکي اٿاري ويهاريندا آهن. پوءِ ان کي چوندا آهن تہ تون هن شخص محمد ﷺ جي باري ۾ ڇا ٿو چوين؟ جيڪو مؤمن هوندو سو چوندو تہ آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تہ پاڻ ﷲ جا ٻانها ۽ ان جا رسول ﷺ آهن. تڏهن ان کي چيو ويندو تہ ڇڱو پنهنجي دوزخ واري ٺڪاڻي ڏانهن نهار، جنهن کي ﷲ تعاليٰ بدلائي، توکي جنت ڏني آهي. پوءِ ان کي سڀ ڪجھ ڏيکاريندا. باقي رهيو منافق يا ڪافر" تہ انکي چيو ويندو تہ "تون هن شخص جي باري ۾ ڇا ٿو چوين؟ "چوندو تہ "آئون نٿو ڄاڻان، جيڪي ماڻهن کي چوندي ٻڌو هوم اهوئي پئي چيم"۔ چيو ويندس: "تو نہ ڄاتو، تو نہ پڙهيو؟ تڏهن انکي اهڙو تہ لوهي گرز هنيو ويندو جو اهڙي دانهن ۽ ڪوڪ ڪندو جو انسانن ۽ جنن کانسواءِ جيڪي بہ ان جي ويجهو هوندو اهو ان کي ٻڌندو([1]) (بخاري ۔ مسلم: الفاظ بخاري جا آهن ([2]))**

127- عن عبدالله بن عمر رضي الله عنهما أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : إن أحدكم إذا مات عرض عليه مقعده بالغداة والعشي إن كان من أهل الجنة فمن أهل الجنة وإن كان من أهل النار فمن أهل النار فيقال هذا مقعدك حتى يبعثك الله يوم القيامة.

(127) **عبدالله بن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪو مري ٿو تہ صبح جو ۽ شام جو ان جي جاءِ پيش ڪئي ٿي وڃي. جيڪڏهن بهشتين مان آهي تہ بهشتين جي جاءِ ان جي آڏو پيش ڪجي ٿي ۽ جيڪڏهن دوزخين مان آهي تہ دوزخين جي جاءِ۔ پوءِ ان کي چيو وڃي ٿو تہ هيءَ تنهنجي جاءِ آهي جيسين خدا تعاليٰ قيامت جي ڏينهن توکي پاڻ ڏي اٿاري هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

[1] ۔يعني جن ۽ انسان ان جو آواز نٿا ٻڌي سگهن. ٻيا سڀ ٻڌندا آهن.

[2] ۔حديثن ۾ مؤمن ۽ ڪافر جي عذاب قبر جو ذڪر آهي. منافق ۽ فاسق جي عذاب جو بيان نہ آهي تہ انهن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ گنهگار مؤمن جواب درست ڏيندو، پر ان لاءِ بهشت جو دروازو کلڻ ضروري ڪونهي، يا ان ۾ بہ شريڪ ٿئي پر مرتبي ۾ ان کان گهٽ رهندو. شايد ڪجھ عذاب بہ ٿئيس۔ البت جنهن فاسق کي ﷲ پاڪ گهري ان کي بخشي ڇڏي ليڪن منافق کي ڪافر جيان عذاب ٿيندو.

128- وعن عائشة رضي الله عنها أن يهودية دخلت عليها فذكرت عذاب القبر فقالت لها أعاذك الله من عذاب القبر فسألت عائشة رسول الله صلى الله عليه وسلم عن عذاب القبر فقال : نعم عذاب القبر قالت عائشة رضي الله عنها فما رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم بعد صلى صلاة إلا تعوذ من عذاب القبر.

**(128) بي بي عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ هڪ يهودي عورت وٽس آئي. هن قبر جي عذاب جو ذڪر ڪيو. پوءِ بي بي صاحبہ رضي الله عنها کي چيائين تہ خدا توکي قبر جي عذاب کان پناه ڏي! بي بي عائشه رضي الله عنها ﷺ جن کان قبر جي عذاب بابت پڇيو. ﷺ جن فرمايو تہ هائو! قبر جو عذاب حق آهي. بي بي عائشه رضي الله عنها چوي ٿي تہ مون رسول الله ﷺ کي ڏٺو تہ ان کان پوءِ ڪابہ نماز پڙهندا هئا تہ ان ۾ قبر جي عذاب کان پناه گهرندا هئا[1] هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

129- عن زيد بن ثابت قال بينما النبي صلى الله عليه وسلم في حائط لبني النجار على بغلة له ونحن معه إذ حادت به فكادت تلقيه وإذا أقبر ستة أو خمسة أو أربعة قال كذا كان يقول الجريري فقال : من يعرف أصحاب هذه الأقبر فقال رجل أنا قال فمتى مات هؤلاء قال ماتوا في الإشراك فقال إن هذه الأمة تبتلى في قبورها فلولا أن لا تدافنوا لدعوت الله أن يسمعكم من عذاب القبر الذي أسمع منه ثم أقبل علينا بوجهه فقال تعوذوا بالله من عذاب النار قالوا نعوذ بالله من عذاب النار فقال تعوذوا بالله من عذاب القبر قالوا نعوذ بالله من عذاب القبر قال تعوذوا بالله من الفتن ما ظهر منها وما بطن قالوا نعوذ بالله من الفتن ما ظهر منها وما بطن قال تعوذوا بالله من فتنة الدجال قالوا نعوذ بالله من فتنة الدجال . رواه مسلم

**(129) زيد بن ثابت کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن ﷺ جن نبي نجار جي باغ ۾ پنهنجي خچر تي سوار هئا ۽ اسين ساڻن هئاسين. اوچتو خچر شوخي ڪئي ۽ ﷺ جن کي ذري گهٽ ڪيرايائين ٿي. ايتري ۾ پنج يا ڇهہ قبرون معلوم ٿيون. ﷺ جن فرمايو تہ ڪير آهي جنهن کي هنن قبرن وارنجي خبر هجي؟ هڪ شخص چيو تہ مون کي خبر آهي ﷺ جن چيو تہ اهي ڪيئن مئا؟ چيائين تہ شرڪ جي حالت ۾_ فرمايائون تہ تحقيق هيءَ امت آزمائي وجي ٿي پنهنجين قبرن ۾، پوءِ جيڪڏهن هي ڊپ نہ هجي ها تہ اوهين (مئلن کي) دفن نہ ڪندا ([2]) تہ البتہ آئون خدا تعاليٰ کان دعا گهران ها تہ اوهان کي قبر جي عذاب بابت اهو ڪجهہ ٻڌائي جيڪي آئون ٻڌان ٿو. پوءِ اسان ڏي منهن ڪري فرمايائون تہ دوزخ جي عذاب کان خدا جي پناه گهرو. اصحابن**

[1] _ ﷺ جن جي پناه گهرڻ ۾ احتمال آهي تہ پناه گهرڻ کان اڳ شايد ڪين عذاب قبر جو علم نا هجي ۽ پوءِ وحيءَ اچي ان جي خبر ڏني هجي ۽ امت کي تعليم ڏيڻ لاءِ پناه گهرندا هجن. يا اڳ ۾ آهستي پناه گهرندا هجن پر بيبي عائشه رضي الله عنها جي سوال کان پوءِ بلند آواز سان پناه گهرندا هجن.

[2] _"جيڪڏهن اهو خوف نہ هجي ها تہ دفن نہ ڪندو." يعني جيڪڏهن هن عذاب کي ٻڌو تہ هوند مردن کي دفن ڪرڻ ڇڏي ڏيو.

چيو تہ اسين دوزخ جي عذاب کان خدا جي پناھ ٿا گھرون. وري فرمايائون تہ قبر جي عذاب کان ﷲ جي پناھ گھرو. چيائون تہ اسين قبر جي عذاب کان ﷲ جي پناھ گھرون ٿا. فرمايائون تہ فتنن جي عذاب کان ﷲ جي پناھ گھرو! اهي ظاهر هجن يا لڪل هجن. چيائون تہ اسين فتنن جي عذاب کان ﷲ جي پناھ ٿا گھرون، اهي ظاهر هجن يا لڪل هجن. فرمايائون دجال جي فتني کان ﷲ جي پناھ گھرو. چيائون تہ اسين دجال جي فتني کان ﷲ جي پناھ ٿا گھرون_ هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

# فصل ٻيو

130- عن أبي هريرة قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا قبر الميت أتاه ملكان أسودان أزرقان يقال لأحدهما المنكر والآخر النكير فيقولان ما كنت تقول في هذا الرجل فيقول ما كان يقول هو عبد الله ورسوله أشهد أن لا إله إلا الله وأن محمدا عبده ورسوله فيقولان قد كنا نعلم أنك تقول هذا ثم يفسح له في قبره سبعون ذراعا في سبعين ثم ينور له فيه ثم يقال له نم فيقول أرجع إلى أهلي فأخبرهم فيقولان نم كنومة العروس الذي لا يوقظه إلا أحب أهله إليه حتى يبعثه الله من مضجعه ذلك وإن كان منافقا قال سمعت الناس يقولون فقلت مثله لا أدري فيقولان قد كنا نعلم أنك تقول ذلك فيقال للأرض التئمي عليه فتلتئم عليه فتختلف فيها أضلاعه فلا يزال فيها معذبا حتى يبعثه الله من مضجعه ذلك . رواه الترمذي

(130) ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ فرمايو رسول اللهﷺ تہ جڏهن ميت کي قبر ۾ داخل ڪيو ويندو آهي تہ ٻہ فرشتا ڪاري رنگ ۽ نيرين اکين وارا ايندا آهن،([1]) جن مان هڪ کي "منڪر" ۽ ٻئي کي "نڪير" چوندا آهن. پڇندا آهن تہ تون هن شخص ( محمدﷺ) بابت ڇا ٿو چوين؟ جيڪڏهن مؤمن هوندو تہ چوندو: پاڻ خدا جو ٻانهو ۽ ان جو رسولﷺ آهي. آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ ﷲ کان سواءِ ڪو ٻيو معبود ڪونهي ۽ بيشڪ محمدﷺ ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي. اهي چوندا آهن تہ اسان کي خبر هئي تہ تون ائين ئي چوندين ([2]) سو انجي قبر ستر گز ويڪر ۾ ۽ ستر گز ڊيگھہ ۾ ڪشادي ڪئي ويندي آهي. پوءِ ان ۾ ان لاءِ روشني ڪئي ويندي آهي ۽ انکي چيو ويندو آهي تہ ننڊ ڪر. اهو چوندو تہ آئون پنهنجي اهل عيال وٽ موٽي وڃان ۽ انهن کي خبر ڏيان([3]) فرشتا چوندس تہ انهيءَ ڪنوار وانگر سمهي رهہ جنهن کي نہ جاڳائيندو آهي([4]) مگر

---

[1]_فرشتا ڊپ ۽ خوف خاطر اهڙي خوفناڪ صورت ۾ ٿا اچن. انهن جو خوف ڪافرن تي سخت ٿو ٿئي. هن ڪري تہ جواب ڏيڻ ۾ حيران ٿيندا آهن ۽ مؤن لاءِ آزمائش آهي. پر ﷲ انهن کي ثابت قدم ٿو رکي ۽ اهي بيخوف ٿا ورن. جاڪاڻ تہ اهي دنيا ۾ خوف رکندا هئا

[2]_"تحقيق اسان کي خبر هئي" يعني ﷲ پاڪ جي ارشاد ڪري يا تنهنجي پيشانيءَ تي سعادت جي نشاني ڪري جنهن ۾ ايمان جو نور آهي.

[3]_"انهن کي خبر ڏيان" يعني منهنجي خوشحالي ڏسي اهي بہ خوش ٿين.

[4]_ يعني سڀ ڪجهہ کي جاڳائڻ نٿو جڳائي جو وحشت جو سبب ٿيندو آهي.

**جيڪو ان کي گهڻو پيارو هوندو آهي، تانجو ﷲ ان کي سندس هن جاءِ مان اٿاري.پر جيڪڏهن منافق هوندو ته چوندو ته ماڻهن کي جيئن چوندي ٻڌو تيئن مون به چيو. آءٌ هن کي نٿو ڄاڻان. (فرشتا) چوندس ته اسان کي خبر هئي ته تون ان طرح ئي چوندين پوءِ زمين کي چيو ويندو ته تون ان تي ملي وڃ. (ان کي ڀيڙي ڇڏ) پوءِ اها ملي ويندي آهي، ان جون پاسريون هڪ ٻئي ۾ پيڙجي وينديون ([1]) آهن. پوءِ سدائين عذاب ۾ رهندو تانجو خدا ان کي سندس جاءِ (قبر) مان اٿاري. (ترمذي)**

131- عن البراء بن عازب عن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : ويأتيه ملكان فيجلسانه فيقولان له من ربك فيقول ربي الله فيقولان له ما دينك فيقول ديني الإسلام فيقولان له ما هذا الرجل الذي بعث فيكم قال فيقول هو رسول الله صلى الله عليه وسلم فيقولان وما يدريك فيقول قرأت كتاب الله فآمنت به وصدقت زاد في حديث جرير فذلك قول الله عز وجل ﴿ يُثَبِّتُ ٱللَّهُ ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ بِٱلۡقَوۡلِ ٱلثَّابِتِ ... ﴾ إبراهيم: ٢٧ الآية ثم اتفقا قال فينادي مناد من السماء أن قد صدق عبدي فأفرشوه من الجنة وافتحوا له بابا إلى الجنة وألبسوه من الجنة قال فيأتيه من روحها وطيبها قال ويفتح له فيها مد بصره قال وإن الكافر فذكر موته قال وتعاد روحه في جسده ويأتيه ملكان فيجلسانه فيقولان له من ربك فيقول هاه هاه لا أدري فيقولان له ما دينك فيقول هاه هاه لا أدري فيقولان ما هذا الرجل الذي بعث فيكم فيقول هاه هاه لا أدري فينادي مناد من السماء أن كذب فأفرشوه من النار وألبسوه من النار وافتحوا له بابا إلى النار قال فيأتيه من حرها وسمومها قال ويضيق عليه قبره حتى تختلف فيه أضلاعه ثم يقيض له أعمى أبكم معه مرزبة من حديد لو ضرب بها جبل لصار ترابا قال فيضربه بها ضربة يسمعها ما بين المشرق والمغرب إلا الثقلين فيصير ترابا قال ثم تعاد فيه الروح . رواه أحمد و أبوداؤد.

(131) **براءِ بن عازب کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته (ميت وٽ به فرشتا ايندا آهن پوءِ ان کي اٿاري ويهاريندا ۽ چوندا آهن ته ”تنهنجو خدا ڪير آهي“ چوندو آهي ته منهنجو رب ﷲ آهي. وري ان کي چوندو آهي ته تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ چوندو ته منهنجو دين اسلام آهي. وري پڇندا اٿس ته هي ماڻهو جيڪو اوهان ۾ موڪليو ويو ڪير آهي؟ چوندو ته ﷲ جو رسول ﷺ آهي. چوندس ته توکي ڪنهن ٻڌايو؟ چوندو ته مون ﷲ جو ڪتاب پڙهيو، ۽ پوءِ مون ان تي ايمان آندو([2]) ۽ ان کي سچو ڄاتو _ ائين ئي آهي ﷲ جو قول (قرآن ۾ ته ”ثابت تو رکي ﷲ ايمان وارن کي محڪم قول سان“ (الاٰية) پوءِ آسمان مان پڪارڻ وارو پڪاريندو آهي ته منهنجي ٻانهي سچ چيو. انکي بهشت جو هنڌ وڇائي ڏيو ۽ بهشت جو وڳو پهرايوس ۽ بهشت**

---

[1] _يعني ساڄيون کاٻين ۾ ۽ کاٻيون ساڄين ۾.
[2] _جيڪو ڪلام ﷲ تي ايمان آڻيندو، اهو پهريائين ﷺ جن تي ايمان آڻيندو.

ڏانهن ان کي در کولي ڏيو. پوءِ در کوليو ويندو آهي، جنهن جون هوائون خوشبويون ان کي اچڻ لڳنديون آهن ۽ قبر حد نگاه جيتري ان لاءِ ڪشادي ڪئي ويندي آهي ۽ ڪافر جي موت جو بيان ڪيائين ۽ چيائين تہ انجو روح سندس بدن ۾ موٽايو ويندو آهي. ۽ پوءِ بہ فرشتا ان کي ويهاريندا ۽ پڇندا آهن تہ تنهنجو رب ڪير آهي؟ چوندو آهي تہ هاءِ هاءِ!! (1) آئون نٿو ڄاڻان!! چوندس تہ تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ هو چوندو تہ هاءِ هاءِ!! مون کي خبر ناهي. وري هو چوندا تہ اهو ڪهڙو شخص آهي جيڪو اوهان ۾ موڪليو ويو؟ هو چوندو تہ هاءِ هاءِ ! آءٌ نٿو ڄاڻان. پوءِ آسمان مان پڪاريندڙ پڪاريندو تہ هي ڪوڙو آهي، هن کي دوزخ جو وڇاڻو ڏيوس ۽ دوزخ جو لباس ڍڪايوس ۽ ان لاءِ دوزخ ڏي در کولي ڏيو. پوءِ ان وٽ دوزخ جي گرمي ۽ لڪ ايندي رهي ٿي. فرمايائون تہ ان تي قبر اهڙي تنگ ٿئي ٿي جو ان جون پاسريون هڪ ٻئي ۾ پئجي وڃن ٿيون. پوءِ ان لاءِ انڌو ۽ ٻوڙو ملائڪ مقرر ٿئي ٿو، جنهن کي لوهہ جو گرز هوندو. اهو جيڪڏهن جبل کي هنيو وڃي تہ هوند ڌوڙ ٿي پوي. پوءِ ان کي ان سان اهڙو ٿو ماري جو ان جون دانهون اولهہ ۽ اوڀر ۾ سڀ ٻڌن ٿا، سواءِ جنن ۽ انسانن جي. پوءِ اهو ڪافر خاڪ ٿيو وڃي، جنهن ۾ وري روح موٽايو وڃي ٿو. (احمد، ابوداؤد)

132- وعن عثمان رضي الله عنه أنه إذا وقف على قبر بكى حتى يبل لحيته فقيل له تذكر الجنة والنار فلا تبكي وتبكي من هذا فقال إن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : إن القبر أول منزل من منازل الآخرة فإن نجا منه فما بعده أيسر منه وإن لم ينج منه فما بعده أشد منه قال وقال رسول الله صلى الله عليه وسلم: ما رأيت منظرا قط إلا القبر أفظع منه . رواه الترمذي وابن ماجه . وقال الترمذي هذا حديث غريب.

(132) عثمان رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ بيشڪ جڏهن پاڻ ڪنهن قبر تي بيهندو هو تہ روئيندو هو، تانجو سندس سونهاري مبارڪ (ڳوڙهن سان) پچي پوندي هئي. ڪيس چيو ويو تہ تون جنت ۽ دوزخ جي ذڪر ڪرڻ وقت نٿو روئين ۽ هن جڳهہ تي روئين ٿو؟ چيائين تہ بيشڪ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ قبر آخرت جي منزلن مان پهرين منزل آهي، پوءِ جنهن ان مان ڇوٽڪاروحاصل ڪيو تہ انهيءَ لاءِ باقي حساب ڪتاب آسان آهي، پر جنهن ان مان نجات حاصل نہ ڪئي تہ پوءِ جيڪي ڪجهہ ٿيڻو آهي اهو ان ڪان بہ زياده سخت آهي. ۽ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: مون کي جيڪا منظر جيڪي ڏيکاريا ويا، انهن سڀني مان قبر وڌيڪ سخت آهي. هن کي ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي چيو آهي تہ هيءَ حديث غريب آهي.

133- وعن عثمان رضي الله عنه قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا فرغ من دفن الميت وقف عليه فقال : إستغفروا لأخيكم ثم سلوا له بالتثبيت فإنه الآن يسأل . رواه أبو داؤد

---

1_هاه هاه!! هڪ جملو آهي جيڪو عرب ۾ حيران ۽ دهشت زده ماڻهو چوندا آهي. جيئن هتي آه آه يا وائي وائي چوندا آهن.

**(133) عثمانؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن جڏهن ميت کي دفن ڪري واندا ٿيندا هئا تڏهن قبر تي بيهي چوندا هئا تہ: اوهين پنهنجي ڀاءُ لاءِ بخشش گهرو ۽ ان جي ثابت قدم رهڻ لاءِ دعا گهرو، ڇاڪاڻ تہ هن وقت ان کان پڇاڻو ٿي رهيو آهي. (ابوداؤد)**

134- عن أبي سعيد الخدري قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : يسلط على الكافر في قبره تسعة وتسعون تنينا تنهشه وتلدغه حتى تقوم الساعة ولو أن تنينا منها نفخ في الأرض ما أنبتت خضرا . رواه الدارمي وروى الترمذي نحوه وقال : سبعون بدل تسعة وتسعون.

**(134) ابو سعيد خدريؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ڪافر تي ان جي قبر ۾ 99 نانگ مقرر ٿين ٿا. جيڪي ان کي قيامت تائين چڪ هڻندا ۽ ڏنگيندا رهندا. جيڪڏهن انهن مان هڪ نانگ زمين تي ڦوڪ ڏئي تہ هوند زمين ساوڪ نہ اڳئي. هن کي دارمي روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي پڻ انهيءَ طرح ڇيو آهي. فقط 99 جي بدران 70 نانگ چيا اٿس.**

## ٽيون فصل

135- عن جابر بن عبد الله قال خرجنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم إلى سعد بن معاذ حين توفي قال فلما صلى عليه رسول الله صلى الله عليه وسلم ووضع في قبره وسوي عليه سبح رسول الله صلى الله عليه وسلم فسبحنا طويلا ثم كبر فكبرنا فقيل يا رسول الله لم سبحت ثم كبرت قال : لقد تضايق على هذا العبد الصالح قبره حتى فرجه الله عز وجل عنه . رواه أحمد .

**(135)جابر ؓ کان روايت آهي تہ اسين رسول الله ﷺ جن سان سعد بن معاذؓجي وفات وقت نڪتاسين. پوءِ جڏهن نبيﷺ ان جي جنازي نماز پڙهي ۽ ان کي ان جي قبر ۾ رکيو ويو ۽ ان جي قبر لٽي برابر ڪئي وئي، تڏهن رسول الله ﷺ جن سبحان الله چيو ۽ اسان بہ گهڻن سبحان الله چيو. پوءِ وري الله اکبر چيائون ۽ اسان بہ الله اکبر چيو. پوءِ ڪين چيو ويو اي الله جا رسولﷺ !اوهان سبحان الله ۽ الله اکبر ڇو چيو؟ فرمايائون تہ: بيشڪ هن نيڪ ٻانهي تي ان جي قبر تنگ ٿي پئي (تنهن ڪري اسان تسبيح ۽ تڪبير ايستائين پڙهي) جيستائين الله هن جي قبر ڪشادي ڪئي. (احمد)**

136- وعن ابن عمر عن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : هذا الذي تحرك له العرش وفتحت له أبواب السماء وشهده سبعون ألفا من الملائكة لقد ضم ضمة ثم فرج عنه . رواه النسائي

**(136) ابن عمر ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايوتہ هيءُ ( سعد بن معاذؓ ) اهو شخص آهي جنهن لاءِ (ان جي مرڻ تي) عرش بہ لڏي ويو ۽ ان لاءِ آسمان جا دروازه کوليا ويا ۽**

**ستر هزار ملائڪ ان جي جنازه تي حاضر ٿيا هئا (تنهن هوندي بہ) ان جي قبر ۾ گهٽي تنگي ٿي، پر پوءِ ان لاءِ ڪشادي ڪئي وئي_ان ڪي نسائي روايت ڪيو آهي.**

137- عن أسماء بنت أبي بكر رضي الله عنهما تقول قام رسول الله صلى الله عليه وسلم خطيبا فذكر فتنة القبر التي يفتتن فيها المرء فلما ذكر ذلك ضج المسلمون ضجة . رواه البخاري هكذا وزاد النسائي : حالت بيني وبين أن أفهم كلام رسول الله صلى الله عليه وسلم فلما سكنت ضجتهم قلت لرجل قريب مني : أي بارك الله فيك ماذا قال رسول الله صلى الله عليه وسلم في آخر قوله ؟ قال : قد أوحي إلي أنكم تفتنون في القبور قريبا من فتنة الدجال .

(137) **اسماءَ بنت ابي بڪر ﷺ ڪان روايت آهي تہ هڪ دفعي رسول الله ﷺجن بيهي خطبو پڙهيو. پوءِ قبر جي عذاب جو ذڪر ڪيائون ۽ چيائون تہ قبر ۾ ماڻهن ڪي آزمايو ويندو. جڏهن اهو بيان ڪيائون تہ مسلمانن ڪان دانهون نڪري ويون. هن ڪي بخاري روايت ڪيو آهي. ۽ نسائي ۾ وڌيڪ آهي تہ سندس اهي دانهون ايتريقدر بلند ٿيون جو رسول الله ﷺ جن جي تقرير جو آواز سمجھ ۾ نہ پئي آيو. جڏهن سندن شور ۽ دانهون جهڪيون ٿيون تہ پنهنجي قريب ويٺل شخص ڪي چيم تہ الله تعاليٰ توتي برڪت نازل ڪري! ٻڌاءِ تہ رسول الله ﷺ جن ڇا فرمايو؟ چيائين تہ فرمايائون تہ تحقيق مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي تہ دجال جي فتني (۽ آزمائش) وانگر اوهين قبرن ۾ بہ آزمايا ويندؤ.**

138- وعن جابر عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : إذا أدخل الميت القبر مثلت له الشمس عند غروبها فيجلس يمسح عينيه ويقول : دعوني أصلي . رواه ابن ماجه

(138) **جابر ﷺ ڪان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ جڏهن ميت ڪي قبر ۾ داخل ڪيو ويندو آهي، تہ اهو وقت ان جي خيال ۾ سج لهڻ جي وقت جهڙو هوندو آهي. پوءِ اٿي پنهنجيون اکيون مهٽيندو آهي ۽ ملائڪ ڪي چوندو آهي تہ مون ڪي ڇڏيو تہ آءٌ نماز پڙهان[1] هن ڪي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

139- وعن أبي هريرة عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : إن الميت يصير إلى القبر فيجلس الرجل الصالح في قبره غير فزع ولا مشعوف ثم يقال له فيم كنت فيقول كنت في الإسلام فيقال له ما هذا الرجل فيقول محمد رسول الله صلى الله عليه وسلم جاءنا بالبينات من عند الله فصدقناه فيقال له هل رأيت الله فيقول ما ينبغي لأحد أن يرى الله فيفرج له فرجة قبل النار فينظر إليها يحطم بعضها بعضا فيقال له انظر إلى ما وقاك الله ثم يفرج له قبل الجنة فينظر إلى زهرتها وما فيها فيقال له هذا مقعدك ويقال له على اليقين كنت وعليه مت وعليه تبعث إن شاء الله ويجلس

[1]_اها ڳالھ ملائڪن سان سوال و جواب ڪرڻ ڪان اڳ ڪندو. يعني چوندو تہ مون ڪي نماز پڙهڻ ڏيو تہ اهو ڪم لاهڻ بعد اوهان ڪي اوهان جي سوالن جا جواب ڏيان. هن مان هي بہ معلوم ٿيو تہ اهو قبر ۾ خوش هوندو ۽ پائيندو تہ پنهنجي دنيا واري گهر ۾ آهيان.

الرجل السوء في قبره فزعا مشعوفا فيقال له فيم كنت فيقول لا أدري فيقال له ما هذا الرجل فيقول سمعت الناس يقولون قولا فقلته فيفرج له قبل الجنة فينظر إلى زهرتها وما فيها فيقال له انظر إلى ما صرف الله عنك ثم يفرج له فرجة قبل النار فينظر إليها يحطم بعضها بعضا فيقال له هذا مقعدك على الشك كنت وعليه مت وعليه تبعث إن شاء الله تعالى . رواه ابن ماجه

(139) ابو هريره ﷺ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته بيشڪ ميت قبر ۾ پهچندو آهي. پوءِ ڪو ماڻهو پنهنجي قبر ۾ بغير خوف ۽ گهبراهٽ جي اٿي ويهندو آهي. پوءِ چيو ويندو آهي ته تون ڪهڙي دين تي هئين؟ جواب ڏيندو ته آءٌ دين اسلام تي هئس، پوءِ چيو ويندس ته هي ماڻهو ڪير هو؟ جواب ڏيندو ته محمد ﷺ الله جو رسول آهي. اسان وٽ الله تعاليٰ جي طرفان چٽن دليلن سان آيو هو. پوءِ اسان ان کي سچو سمجهيو. ان کي چيو ويندو ته ڇا تو الله کي ڏٺو هو؟ چوندو ته ڪو به الله کي نٿو ڏسي سگهي. پوءِ دوزخ مان هڪ دري کولي ان کي ڏيکاري ويندي، ڇا ڏسندو ته دوزخ جي باهه پنهنجو پاڻ کي کائي رهي آهي. چيو ويندس ته ان ڏانهن ڏس، جنهن کان الله توکي بچايو آهي. پوءِ ان لاءِ بهشت جي دري کولي ويندي، جنهن جي تازگيءَ ۽ نعمتن ڏانهن ڏسندؤ، چيو ويندس ته هيءَ جاءِ تولاءِ آهي، جو تون يقين (۽ ايمان) تي هئين ۽ ان تي وفات ڪئي، انشاءالله تعاليءَ انهيءَ تي ئي اٿاريو ويندين.

۽ بڇڙو شخص قبر ۾ ڊنل ۽ خوفزده ٿي ويهندو ان کي چيو ويندو ته هيءُ شخص ڪير هو؟ چوندو جيئن ماڻهن کي چوندي ٻڌم، تيئن مون به چيو، تنهن تي ان لاءِ جنت ڏانهن هڪ دري کولي ويندي، ان جي تازگي ۽ نعمت ڏانهن ڏسندو، چيو ويندس ته انهيءَ ڏانهن ڏس جنهن کان الله تعاليٰ توکي محروم ڪيو آهي. پوءِ ان لاءِ دوزخ جي دري کوليندا جنهن کي ڏسندو ته باهه پنهنجو پاڻ کي کائي رهي آهي. ان کي چيو ويندو ته تنهنجي ان شڪ (ڪفر) سببان، جنهن تي زندگي گذاريئي؟ ۽ جنهن تي مئين، تنهنجي اهائي جاءِ آهي ۽ انشاءالله اٿاريو ويندين. (ابن ماجہ)

# ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ ([1]) کي مضبوطيءَ سان جهلڻ جو بيان

## پهريون فصل

140- عن عائشة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من أحدث في أمرنا هذا ما ليس منه فهو رد.

[1] _ سنت مان مراد رسول الله ﷺ جن جو قول، فعل ۽ احوال آهي. جنهن جو نالو شريعت، طريقت ۽ حقيقت آهي. طريقت حقيقت ۽ معرفت اهي دراصل شريعت جا نالا آهن. ٻي ڪا جدا شيءِ سمجهڻ نه گهرجي.

(140) **بي بي عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو اسان جي هن دين ۾ ڪا نئين ڳالهہ [1] جا اڳي منجهس ناهي سا ڪري تہ اها رد آهي[2] هن ڪي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

141- وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : أما بعد فإن خير الحديث كتاب الله وخير الهدي هدي محمد وشر الأمور محدثاتها وكل بدعة ضلالة . رواه مسلم

(141) **جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايائون " اما بعد [3] ڪلامن ۾ چڱو ڪلام الله جو آهي ۽ واٽن ۾ ڀلي واٽ محمد ﷺ جي آهي. ڪمن ۾ بڇڙا ڪم اهي آهن جيڪي دين ۾ نئين سر ڪڍيا وڃن ۽ هر بدعت (نئين ڳالهہ) گمراهي آهي. هن ڪي مسلم روايت ڪيو. آهي.**

142- وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : أبغض الناس إلى الله ثلاثة ملحد في الحرم ومبتغ في الإسلام سنة الجاهلية ومطلب دم امرىء بغير حق ليهريق دمه .رواه البخاري

(142) **ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ٽن قسمن جا ماڻهو آهن جن تي خدا جي طرفان سڀ کان زياده ڏمر آهي. 1_ حرم ۾ بي دينيءَ جا ڪم ڪندڙ[4]ماڻهو. 2_ اسلام ۾ جاهليت جي طريقي [1] ڪي رواج ڏيڻ وارو. 3_ مسلمان ماڻهوءَ ڪي ناحق خون ڪندڙ هن ڪي بخاري روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ يعني جيڪو ماڻهو پنهنجي عمل سان دين ۾ ڪا نئين ڳالهہ پيدا ڪري، جنهن بابت قرآن ۽ حديث ۾ ڪا سند نہ هجي تہ اها ڳالهہ مردود آهي ۽ ان ڪي دين ۾ ڪو وزن ڪونهي.

[2]هن مان اشارو آهي تہ جيڪا شيءِ قرآن ۽ حديث جي مخالف نہ هجي، اها شيءِ بري ناهي.

[3]_هي هڪ حديث جو ٽڪرو آهي، ﷺ جن جو دستور هو تہ هر خطبي ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ "اما بعد" چوندا هئا. فرمايائون تہ ڪل بدعة ضلالة يعنيٰ بدعت گمراهي آهي. ان مان معلوم ٿيو تہ بدعت جا ٻہ قسم (يعني 1_بدعت حسنہ ۽ 2_ بدعت سيئہ ڪرڻ) انهيءَ مشهور حديث جي سراسر خلاف غلط محض آهي. شيخ الاسلام ابن تيميه "صراط المستقيم" ۾ لکي ٿو تہ: "ڪي ماڻهو بدعت جا ٻہ قسم ٿا ڪن هڪ بدعت حسنہ ۽ بدعت سيئہ؛ اهي دليل ٿا وٺن تہ عمر رضي الله عنه تراويحن جي باري ۾ ﴿نعم البعه هٰذه﴾ فرمايو آهي انهيءَ جو هي جواب تہ جيڪو ڪم قرآن ۽ حديث ۾ جاٽايل آهي ان ڪي بدعت اصلي نہ چئبو. پر جيڪڏهن انهيءَ تي بدعت جو لفظ ڳالهايو ويو هجي تہ اها بدعت شرعي نہ پر بدعت لغوي مراد وٺبي، چو تہ بدعت جا ٻہ قسم آهن هڪ بدعت شرعي ۽ ٻي بدعت لغوي. بدعت شرعي انهيءَ ڪي چئجي جنهن لاءِ ڪو شرعي دليل نہ هجي. جيئن ميلا، پيري، مريدي، قادري، سهروردي، نقشبندي ۽ چشتي سلسلا دين ۾ جاري ڪرڻ وغيره. بدعت لغوي هو ان نئين ڪم ڪي چئجي جنهن جي ثبوت ۾ شرعي دليل هجي يا نہ هجي جيئن عمر رضي الله عنه تراويحن ڪي سنجهي وقت با جماعت پرهائيڻ مقرر ڪيو ۽ ان ڪي بدعت چيائين انهيءَ لاءِ شرعي دليل هي آهي تہ ﷺ جن ٻہ 3_ راتيون تراويح پڙهايون هيون ۽ رات جي ڪنهن ٻہ حصي ۾ "تراويح" يعني تهجد پڙهڻ مسنون آهي. ﴿قد اوتر ڪل الليل﴾ نبي ﷺ جن رات جي سيني وقتن ۾وتر پڙهيو آهي. هن ڪي بخاري روايت ڪيو آهي. لهذا وتر تهجد ۽ تراويح هڪ سمجهڻ گهرجن، فقط نالي جو تفاوت آهي.

[4]_يعني جنهن ڪم ڪرڻ جي حرم ۾ منع آهي اهو ڪري، جيئن لڙائي يا شڪار وغيره ڪرڻ يا عام گناهہ مراد آهي.

143-وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : كل أمتي يدخلون الجنة إلا من أبى . قيل : ومن أبى ؟ قال : من أطاعني دخل الجنة ومن عصاني فقد أبى . رواه البخاري.

(143) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي: رسول الله ﷺجن فرمايو تہ منهنجي امت مان جنهن قبول نہ ڪيو، ان کان سواءِ ٻيا سيئي بهشت ۾ داخل ٿيندا. عرض ڪيو ويو تہ ڪير (جنت ۾ وڃڻ) نہ قبوليندو؟ فرمايائون تہ جنهن منهنجي تابعداري ڪئي سو بهشت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن منهنجي نا فرماني ڪئي، تحقيق ان قبول نہ ڪيو. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

144- عن جابر بن عبدالله يقول جاءت ملائكة إلى النبي صلى الله عليه وسلم وهو نائم فقال بعضهم إنه نائم وقال بعضهم إن العين نائمة والقلب يقظان فقالوا إن لصاحبكم هذا مثلا فاضربوا له مثلا فقال بعضهم إنه نائم وقال بعضهم إن العين نائمة والقلب يقظان فقالوا مثله كمثل رجل بنى دارا وجعل فيها مأدبة وبعث داعيا فمن أجاب الداعي دخل الدار وأكل من المأدبة ومن لم يجب الداعي لم يدخل الدار ولم يأكل من المأدبة فقالوا أولوها له يفقهها فقال بعضهم إنه نائم وقال بعضهم إن العين نائمة والقلب يقظان فقالوا فالدار الجنة والداعي محمد صلى الله عليه وسلم فمن أطاع محمدا صلى الله عليه وسلم فقد أطاع الله ومن عصى محمدا صلى الله عليه وسلم فقد عصى الله ومحمد صلى الله عليه وسلم فرق بين الناس . رواه البخاري.

(144) **جابر ﷛ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي ملائڪ نبي ڪريمﷺ جن وٽ آيا. پاڻ ستل هئا. ڪيائون تہ تحقيق اوهان جي هن صاحب واسطي هڪ مثال آهي، اهو بيان ڪريون. انهن مان ڪنهن چيو تہ تحقيق ستل آهي. ڪنهن چيو تہ ان جون اکيون ستل آهي پر دل جاڳندڙ اٿس. انهيءَ تي چيائون تہ ان جو مثال انهيءَ ماڻهو وانگر آهي جو گهر ٺاهي ۽ ان ۾ ڪاڌو تيار ڪرائي ۽ هڪ دعوت ڏيندڙ کي (ماڻهن جي سڏڻ لاءِ) موڪلي. پوءِ جيڪو دعوت ڏيندڙ جي دعوت قبول ڪندو سو گهر ۾ داخل ٿيندو ۽ ڪاڌو بہ ڪائيندو. ۽ جيڪو دعوت قبول نہ ڪندو سو نڪي گهر ۾ داخل ٿيندو ۽ نڪي ڪاڌو ڪائيندو. پوءِ ملائڪن پاڻ ۾ چيو تہ انهيءَ مثال کي کولي کولي بيان ڪريو تہ جيئن ان کي سمجهي. انهن مان ڪنهن چيو تہ ستل آهي. ٻئي چيو تہ بيشڪ ان جو اکيون تہ ستل آهن پر ان جي دل جاڳندڙ آهي. انهيءَ تي چيائون تہ گهر مان مراد بهشت آهي ۽ دعوت ڏيندڙ محمدﷺ آهي پوءِ جيڪو محمد ﷺ جي فرمانبرداري ڪندو تہ ان بيشڪ ﷲ تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪئي ۽ جنهن محمد ﷺ جي نافرماني ڪئي تہ ان ﷲ تعاليٰ جي نافرماني ڪئي ۽ محمد ﷺ ماڻهن ۾ سٺو وجهندڙ آهي [2] هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_جيئن ميت تي روڄ ڪرڻ، ڪپڙا ڦاڙڻ، بدفال وٺڻ يا ٻيون ڪفر جون رسمون ادا ڪرڻ انهيءَ کي جاهليت جو رستو چئجي ٿو.

[2]_ يعني ڪافر ۽ مسلمان، حق ۽ باطل، صالح، ۽ فاسق ۾ فرق ڪرڻ وارو آهي. هن حديث ۾ ”ڪاڌي تيار ڪرڻ“ مان مراد بهشت جون نعمتون آهن ۽ ”گهر ٺاهيندڙ ۽ ڪاڌو تيار ڪندڙ“ مان مراد خود ﷲ تعالي آهي.

145- عن أنس بن مالك رضي الله عنه يقول جاء ثلاثة رهط إلى بيوت أزواج النبي صلى الله عليه وسلم يسألون عن عبادة النبي صلى الله عليه وسلم فلما أخبروا كأنهم تقالوها فقالوا وأين نحن من النبي صلى الله عليه وسلم قد غفر له ما تقدم من ذنبه وما تأخر قال أحدهم أما أنا فإني أصلي الليل أبدا وقال آخر أنا أصوم الدهر ولا أفطر وقال آخر أنا أعتزل النساء فلا أتزوج أبدا فجاء رسول الله صلى الله عليه وسلم إليهم فقال : أنتم الذين قلتم كذا وكذا أما والله إني لأخشاكم لله وأتقاكم له لكني أصوم وأفطر وأصلي وأرقد وأتزوج النساء فمن رغب عن سنتي فليس مني.

**(145) انس ﷛ کان روايت آهي تہ ٽي ماڻهو ([1]) نبي ڪريم ﷺ جي بيبين سڳورين وٽ آيا ۽ ﷺ جن جي عبادت بابت پڇا ڪيائون. جڏهن انهن کي ان بابت خبر ڏني وئي تڏهن (اهڙو ڏيکاريائون) ڄڻ انکي گهٽ سمجهيائون. پاڻ ۾ چيائون تہ اسين نبي ڪريم ﷺ جي اڳيان ڪهڙي شيءِ آهيون([2]) جو گهٽ عبادتر ڪريون؟ اسان کي وڌيڪ عبادت ڪرڻ گهرجي. بيشڪ ﷲ تعالىٰ سندن اڳيان پويان گناهہ بخشي ڇڏيا آهن. هڪڙي چيو تہ چڱو! آئون هميشہ رات جو نماز پڙهندو رهندس. ٻئي چيو تہ آئون هميشہ ڏينهن جو روزا رکندو رهندس ۽ ڪڏهن نہ ڇڏيندس ٽئين چيو تہ آئون زال کان جدا رهندس ۽ ڪڏهن بہ ان سان شادي نہ ڪندس.پوءِ ﷺ جن انهن وٽ آيا. ارشاد فرمايائون تہ توهان ئي اهي شخص آهيو جن هيئن ۽ هيئن چيو آهي؟ خدا جو قسم! آءٌ اوهان سيني کان ﷲ کان وڌيڪ ڊڄندڙ ۽ سيني کان زياده متقي ۽ پرهيزگار آهيان. ليڪن (ان جي باوجود آءٌ نفلي) روزا رکندو بہ آهيان ۽ ڇڏي بہ ڏيندو آهيان (تهجد) نماز پڙهندو آهيان ۽ سمهندو بہ آهيان ۽ عورتن سان صحبت بہ ڪندو آهيان_ (ياد رکو) جنهن منهنجي طريقي کان منهن موڙيو، اهو مون مان نہ آهي. ([3]) (بخاري_مسلم)**

146- وعن عائشة رضي الله عنها قالت : صنع رسول الله صلى الله عليه وسلم شيئا فرخص فيه فتنزه عنه قوم فبلغ ذلك رسول الله صلى الله عليه وسلم فخطب فحمد الله ثم قال : ما بال أقوام يتنزهون عن الشيء أصنعه فوالله إني لأعلمهم بالله وأشدهم له خشية.

---

[1] _ هن مان مراد علي ﷛، عثمان بن مظعون ﷛ ۽ عبدالله بن رواحہ ﷛ آهن.

[2] _ يعني اسان کي نبي ڪريم ﷺ سان عبادتن ۾ ڪهڙي مناسبت آهي؟ جو تہ حق تعالىٰ سندن حق ۾ فرمائي ڇڏيو آهي تہ ﴿لِيَغۡفِرَاللّٰهُ لَکَ مَ تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِکَ وَمَا تَاَخَرَ﴾ (القرآن) يعني ﷲ پاڪ سندن سمورا گناهہ معاف فرمايا آهن.

[3] _ هن ۾ اشارو آهي تہ رهبانيت جو طريقو اختيار نہ ڪجي، ڇوتہ نيٺ انسان عاجز ٿي پوندو ۽ ان کان عبادر جو حق ادا تہ ٿي نہ سگهندو. هن حديث مان ڪن عالمن اجتهاد ڪيو آهي تہ بدعت حسنہ جو پيدا ڪرڻ هن حديث موجب جائز ڪونهي، ڇو تہ اهي شيون عبادت ۾ داخل هيون مگر جيئن تہ سنت کان زياده هيون تنهن ڪري ﷺ جن ناراض ٿيا. عبادتن ۾چڱو رستو هي آهي تہ جيڪي عبادتون ﷺ جن ڪيون آهي اهي ادا ڪجن انهن ۾ڪابہ ڪمي بيشہ نہ ڪرڻ گهرجي.

(146) **بيبي عائشه ﵂ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن هڪ ڪم ڪيو. پوءِ (ڪنهن ڪي) ان جي رخصت ڏنائون، جنهن ڪري ڪِين ماڻهن به اهو ڪم ڇڏي ڏنو. اها خبر رسول الله ﷺ جنڪي پهتي. پاڻ خطبو ڏنائون، الله جي ساراهه بيان ڪيائون، پوءِ فرمايائون ته ماڻهن کي ڇا ٿيو آهي جو ان ڪم کي ڇڏي ٿا ڏين جنهن کي آءٌ ڪريان ٿو. پوءِ مونکي الله جو قسم آهي ته آئون انهن کان الله کي وڌيڪ ڄاڻندڙ ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ڊڄندڙ آهيان[1] متفق عليه**

147- وعن رافع بن خديج قال : قدم نبي الله صلى الله عليه وسلم وهم يأبرون النخل فقال : ما تصنعون قالوا كنا نصنعه قال: لعلكم لو لم تفعلوا كان خيرا فتركوه فنفضت قال فذكروا ذلك له فقال : إنما أنا بشر إذا أمرتكم بشيء من دينكم فخذوا به وإذا أمرتكم بشيء من رأي فإنما أنا بشر. رواه مسلم

(147) **رافع بن خديج﵁ کان روايت آهي ته نبي ﷺ جن مديني شريف آيا. (مديني وارا) مادي کجيءَ ۾ نر جو ٻور ملائيندا هئا. فرمايائون ته ائين اوهين ڇو ٿا ڪريو؟ عرض ڪيائون ته اسين ائين ئي ڪندا آهيون. ارشاد فرمايائون: اوهين ائين نه ڪريو ته شايد چڱو ٿئي! پوءِ کجيءَ ۾ ٻور وجهڻ ڇڏي ڏنائون، جنهن ڪري ڦر گهٽ ٿيو. راوي فرمائي ٿو ته اها ڳالهه پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻڌايائون. فرمايائون ته آءٌ به هڪ انسان آهيان، جڏهن اوهان کي دين جو ڪو حڪم ڏيان ته ان کي وٺو ۽ جيڪڏهن اوهان کي پنهنجي راءِ سان ڪنهن شيءِ جو حڪم ڪريان ته پوءِ تحقيق آءٌ به هڪ بشر آهيان. [2] (مسلم)**

148- وعن أبي موسى قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إنما مثلي ومثل ما بعثني الله به كمثل رجل أتى قوما فقال يا قوم إني رأيت الجيش بعيني وإني أنا النذير العريان فالنجاء النجاء فأطاعه طائفة من قومه فأدلجوا فانطلقوا على مهلهم فنجوا وكذبت طائفة منهم فأصبحوا مكانهم فصبحهم الجيش فأهلكهم واجتاحهم فذلك مثل من أطاعني فاتبع ما جئت به ومثل من عصاني وكذب بما جئت به من الحق.

(148) **ابو موسيٰ ﵁ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته منهنجو مثال ۽ ان ڪم جو مثال جنهن سان الله تعاليٰ مونکي موڪليو آهي، انهيءَ ماڻهوءَ وانگر آهي جيڪو پنهنجي قوم وارن وٽ اچي ۽ انهن کي چوي ته مون دشمن جو لشڪر پنهنجين اکين سان ڏٺو**

---

[1] يعني آئون هيتري تقويٰ ۽ خوف هوندي به رخصت جهڙا ڪم ڪريان ٿو. تڏهن ٻيا ڪهڙيءَ شيءِ آهن جو انهن ڪمن کان پاسو ٿا ڪن.

[2] مطلب ته ﷺ جن پنهنجي اجتهاد سان کجين ۾ نر جو ٻور يا ڳپ وجهڻ کان منع فرمائي هئي، ڇاڪاڻ ته ڪين اهو ڪم جاهليت جو پئي معلوم ٿيو ۽ ان ڪم جي تاثير کي معقول نه ڄاتائون. پر ڦر جي گهٽ ٿيڻ کانپوءِ معلوم ٿين ته ڪن ڪمن ۾ الله پاڪ اهڙي خاصيت ۽ خصلت رکي آهي، جنهن کي اونهي نظر يا تجربي کان سواءِ معلوم نه ڪري سگهبو آهي. تنهنڪري فرمايائون ته مون کان دين ۽ الهام جي ڪمن ۾ ڪا خطا ۽ غلطي نه ٿيندي، باقي دنياوي ڪمن ۾ ڪا سهو ٿئي ته اها ڪا عجب جهڙي ڳالهه نه آهي، ڇو ته آءٌ به بشر آهيان ۽ انسان جو ڪم خطا ۽ نسيان آهي. ( والله اعلم)

**آهي (1) بيشڪ آءٌ ڪنهن به غرض کان سواءِ ڊيڄاريندڙ ٿي ٻڌايان ٿو ته ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريو، ڇوٽڪارو حاصل ڪريو. سندس قوم مان هڪ گروهه ان جي ڳالهه مڃي ۽ اهي راتو رات آهستگيءَ سان نڪري ويا ۽ نجات حاصل ڪيائون. پر ٻي جماعت انجي ڳالهه کي ڪوڙو ڄاتو ۽ پنهنجي جاءِ تي صبح تائين ترسيا رهيا. صبح جو لشڪر مٿي اچي ڪڙ ڪيو، جنهن ڪين هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ سندن پاڙ پٽي ڇڏي. پوءِ اهو مثال آهي منهنجو ۽ ان جو جنهن منهنجي پيروي ڪئي، جنهن منهنجي نافرماني ڪئي ۽ جيڪو حق (2) مون آندو ان کي ڪوڙو ڪيائين. (بخاري_مسلم)**

149- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إنما مثلي ومثل الناس كمثل رجل استوقد نارا فلما أضاءت ما حوله جعل الفراش وهذه الدواب التي تقع في النار يقعن فيها وجعل يحجزهن ويغلبنه فيقتحمن فيها فأنا آخذ بحجزكم عن النار وأنتم يقتحمون فيها. هذه رواية البخاري ولمسلم نحوها وقال في آخرها : فذلك مثلي ومثلكم أنا آخذ بحجزكم عن النار : هلم عن النار هلم عن النار فتغلبوني تقحمون فيها.

(149) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته منهنجو مثال ان شخص وانگر آهي جنهن باهه ٻاري. پوءِ جڏهن ان چوطرف روشني ڪئي ته پتنگ ۽ ٻيا جيتڙا ان ۾ اچي ڪرڻ لڳا، اهو ماڻهو انهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر اهي ان تي غالب ٿين ٿا ۽ باهه ۾ (3) ڪرن ٿا. اهڙيءَ طرح آئون به باهه مان بچائڻ لاءِ اوهان کي چيلهه کان جهليان ٿو، پر توهان آهيو جو ان ۾ وڃي ڪرو ٿا. اها بخاريءَ جي روايت آهي. مسلم ۾ به ساڳيءَ طرح آهي ۽ ان جي آخر ۾ هي به آهي ته پاڻ ﷺ فرمايائون ته "پوءِ اهوئي منهنجو مثال ۽ اوهان جو مثال آهي، آءٌ توهان کي چيلهه کان جهلي باهه کان بچايان ٿو ( ۽ چوان ٿو ته باهه کان بچو، مگر توهان مون تي غالب اچي ٿا وڃو ۽ ان ۾ وڃي ڪرو ٿا. هن کي بخاريءَ ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

150- وعن أبي موسى عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : مثل ما بعثني الله به من الهدى والعلم كمثل الغيث الكثير أصاب أرضا فكان منها نقية قبلت الماء فأنبتت الكلأ والعشب الكثير وكانت منها أجادب أمسكت الماء فنفع الله بها الناس فشربوا وسقوا وزرعوا وأصابت منها طائفة أخرى إنما هي قيعان لا تمسك ماء ولا تنبت كلأ فذلك مثل من فقه في دين الله ونفعه ما بعثني الله به فعلم وعلم ومثل من لم يرفع بذلك رأسا ولم يقبل هدى الله الذي أرسلت به.

(150) **ابو موسيٰ ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جنهن هدايت ۽ علم سان مون کي الله تعاليٰ موڪليو آهي انجو مثال گهڻي مينهن جهڙو آهي جيڪو زمين تي**

---

1_عربن ۾ جڏهن ڪو ماڻهو دشمن کي ايندي ڏسندو هو ته پنهنجي قوم کي خبردار ڪرڻ لاءِ پنهنجو هينيون ڪپڙو لاهي مٿي تي رکي هلندو هو، قوم ان کي ڏسي صورتحال سمجهي ويندي هئي ۽ ڀڄڻ يا بچڻ جي تدبير ڪندي هئي.

2_ حق مان مراد دين ۽ شريعت آهي.

3_ يعني ان جي باوجود باهه ۾ ڪرڻ کان باز نٿا اچو.

وسي، پوءِ ان مان زمين جو ڪو حصو چڱو هوندو آهي جيڪو پاڻيءَ کي قبول ڪري (چوهي) وٺيندو آهي، جنهن جي ڪري سڪل گاهه سائو ٿيو وڃي ۽ سائو گاهه به گهڻو ڄمندو آهي. زمين جو ٻيو حصو سخت هوندو آهي جنهن ۾ پاڻي بيهي رهندو آهي. ان مان اللہ تعاليٰ ماڻهن کي فائدو رسائي ٿو يعني اهي ان مان پيئندا ۽ پوک کي سيراب ڪندا آهن ۽ زمين جو ڪو حصو اهڙو هوندو آهي جيڪو نه پاڻي جهليندو ۽ نه گاهه ڄمائيندو آهي. اهو مثال آهي ان شخص جو جنهن اللہ جي دين ۾ سمجهه حاصل ڪئي ۽ مون کي جيڪي اللہ تعاليٰ ڏئي موڪليو آهي ان مان فائدو حاصل ڪيائين، انکي سکيائين ۽ ٻين کي سيکاريائين ۽ اهو مثال ان شخص جو به آهي جنهن ان (اسلام) ڏانهن اک کڻي به نه نهاريو ۽ اللہ تعاليٰ جيڪا هدايت ڏيئي مون کي موڪليو آهي اها قبول نه ڪيائين.([1]) (بخاري_ مسلم)

151- وعن عائشة قالت : تلا رسول الله صلى الله عليه وسلم ﴿ هُوَ ٱلَّذِىٓ أَنزَلَ عَلَيۡكَ ٱلۡكِتَٰبَ مِنۡهُ ءَايَٰتٞ مُّحۡكَمَٰتٌ ... ﴾ آل عمران: ٧. وقرأ إلى : ﴿وَمَا يَذَّكَّرُ إِلَّآ أُوْلُواْ ٱلۡأَلۡبَٰبِ ... ﴾ آل عمران: ٧ . قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : فإذا رأيت وعند مسلم : رأيتم الذين يتبعون ما تشابه منه فأولئك الذين سماهم الله فاحذروهم.

(151) عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن آيت (ترجمو) ”اللہ اها ذات آهي جنهن توتي ڪتاب نازل فرمايو ان مان ڪي آيتون محڪم آهي“_ ”۽ نصيحت رڳو عقل وارا ئي حاصل ڪندا آهي.“ تائين پڙهي. چوي ٿي ته حضرت ﷺ جن فرمايو: ” پوءِ جڏهن تون ڏسين.“ مسلم جي روايت ۾ آهي ته”جڏهن توهان انهن کي ڏسو جيڪي متشابه آيتن جي پويان لڳن ٿا ته اهي ئي اهي ماڻهوآهن جن کي اللہ تعاليٰ (ڏنگو_([2]) سڏيو آهي سو انهن کان بچو_“ هنکي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.

---

[1]_ هن حديث ۾ ٻن قسمن جي ماڻهن جو بيان آهي؛ هڪ جيڪو دين مان فائدو حاصل ڪري ۽ ٻيو جيڪو فائدو حاصل نه ڪري. زمين ٻن طرح جي هوندي آهي. هڪ گاهه ڄمائڻ واري ۽ ٻي نه ڄمائڻ واري. اهڙيءَ طرح انسانن ۾ فائدي واريءَ جا به ٻه قسم آهن: هڪ گاه ڄمائڻ واري ۽ ٻي نه ڄمائڻ واري اهڙيءَ طرح انسانن ۾ فائدي وٺڻ وارن جا به قسم آهين. هڪ عالم، عابد، فقيهه ۽ معلم_ اهي ان زمين وانگر آهن، جنهن پاڻي جذب ڪيو، پاڻ پاڻيءَ مان فائدو حاصل ڪيائين ۽ گاهه اپايائين ۽ ٻين کي فائدو ڏنائين. اهڙي طرح عالم علم مان پاڻ به فائدو وٺندو آهي ۽ ٻين کي به فائدو رسائيندو آهي ۽ ٻيو اهو عالم يا معلم جو غير عابد هجي نفل وغيره نه پڙهي ۽ علم تي عمل نه ڪري پر ٻين کي عمل ڪرڻ لاءِ چوي، وعظ ۽ نصيحتون ڪري. ان جومثال انهيءَ زمين جهڙو آهي جنهن ۾ پاڻي بيهنو ۽ ماڻهن پيتو ۽ فائدو ورتو پر خود زمين کي فائدو نه رسيو_ ٽيون ماڻهو جنهن علم ڏانهن توجه نه ڪيو ۽ علم کي نه ٻڌائين نکي ان تي عمل ڪيائين، انهيءَ جو مثال انهيءَ ڪاري زمين وانگر آهي، جنهن ۾ نکي پاڻي بيهنو، نکي پاڻي جذب ڪيائين ۽ نکي گاهه اپاريائين.

[2]_ اللہ تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ٻن قسمن جون آيتون نازل فرمايون آهن. هڪ محڪم ۽ ٻيون متشابهه_ محڪم انهن کي چئبو آهي جنهن جي معنيٰ ظاهر سمجهڻ ۾ اچي ۽ متشابهه انهن کي چئبو آهي جنهن جي معنيٰ ظاهر سمجهه ۾ نه اچي قرآن گهڻو حصو محڪم آهي. متشابهه جو مثال ﴿الٓمٓ_طسٓمٓ﴾ ۽ ٻيون اهڙي قسم جون آيتون يا الفاظ جيڪي سورتن جي منڍ ۾ لکيل آهن. انهن جو بيان، معنيٰ ۽ مطلب عرب جي ڪلام ۾ ۽ نه شرع شريف مان معلوم ٿي سگهيو آهي انهن کي متشابهه چئبو آهي. ڪي چڱا ماڻهو شايد متشابه آيتن جي معنيٰ به سمجهن تنهن هوندي به اهي چون ٿا، ته اسان جو متشابهه خواهه محڪم سڀ قرآن تي ايمان آهي ته اهو سڀ خدا پاڪ جو ڪلام آهي.

152- وعن عبد الله بن عمرو قال : هجرت إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم يوما قال : فسمع أصوات رجلين اختلفا في آية فخرج علينا رسول الله صلى الله عليه وسلم يعرف في وجهه الغضب فقال : إنما هلك من كان قبلكم باختلافهم في الكتاب . رواه مسلم.

**(152) عبدالله بن عمروﷺ كان روايت آهي تہ هڪ دفعو آئون رسول الله ﷺ جن وٽ بنپهرن جو آيس. پاڻ سڳورن ٻن ماڻهن جو آواز ٻڌو جيڪي هڪ آيت ۾ اختلاف ڪري رهيا هئا. رسول الله ﷺ جن اسان ڏانهن نڪري آيا، ان حالت ۾ جو سندن منهن مبارڪ ۾ ڪاوڙ هئي فرمايائون تحقيق جيڪي ماڻهو اوهان کان اڳي هئا، اهي ان ڪري ئي تباهہ ٿيا جوانهن ڪتاب الله ۾ اختلاف (1) ڪيو (بخاري_مسلم)**

153- وعن سعد بن أبي وقاص قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن أعظم المسلمين في لامسلمين جرما من سأل عن شيء لم يحرم على الناس فحرم من أجل مسألته.

**(153) سعد بن ابي وقاص ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق مسلمانن ۾ وڏو گنهگار اهو آهي جو ڪنهن اهڙيءَ شيءِ بابت سوال پڇي جا اڳي مان هن تي حرام نہ ڪئي وئي هجي پر ان سوال پڇڻ سببان (2) حرام ٿي پوي_ هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

154- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : يكون في آخر الزمان دجالون كذابون يأتونكم من الأحاديث بما لم تسمعوا أنتم ولا آباؤكم فإياكم وإياهم لا يضلونكم ولا يفتنونكم. . . رواه مسلم.

**(154) ابو هريرهﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ آخر زماني ۾ دجال ۽ ڪوڙا ماڻهو پيدا ٿيندا جيڪي اوهان وٽ اهڙيون (ڪوڙيون) حديثون آڻيندا (3) جيڪي اوهان**

---

1_ هن مان اهو اختلاف مراد آهي انهن مان شڪ شبها ۽ دشمنيون پيدا ٿين ۽ ڪفر ۽ بدعت جو سبب بڻجي، جيئن ڪو ماڻهو قرآن جي لفظن ۾ اختلاف ڪري يا ان معنيٰ پنهنجي راءِ ۽ اجتهاد سان ڪري. هتي علماءُ مجتهدين جو اختلاف مراد ناهي. ڇو تہ مجتهدين حق جي ڳولا ۾ اختلاف ڪيو آهي، جنهن ۾ دشمني، ڪفر ۽ بدعت کي ڪوبہ داخل نہ هو. اهڙي اختلاف کي رحمت چيو ويو آهي اهڙو اختلاف اصحابين جي ڪالم ۾ بہ هو مگر انهن تعصب جي بلڪل بوءِ نہ هئي جيڪڏهن مخالف ڌر جي ڳالهہ حق تي ڏسڻ ۾ ايندي هين تہ فوراً پنهنجي ڳالهہ ترڪ ڪري حق ڳالهہ کي تسليم ڪندا هئا. شل خدا تعالي هن وقت جي تعصب، تفرقي ۽ ضد کان پناه ۾ رکي.

2_ هيءَ حديث انهن ماڻهن جي باري ۾ آهي جيڪي ﷺ جن کان سرڪشي، بغاوت، ايذاءَ ۽ تڪليف ڏيڻ جي ارادي سان امتحان طور سوال ڪندا هئا، جيئن بني اسرائيل موسيٰ عليه السلام کان ڳئون بابت پڇا ڪئي جنهن ڪري مٿن سخت حڪم هڪ ٻئي پنيان نازل ٿيندا رهيا پر جيڪڏن ڪوماڻهو دين جون ضروري ڳالهيون عمل ڪرڻ جي نيت سان پڇي تہ اهڙا مسئلا پڇڻ ڪارِ ثواب آهي ۽ اهڙو سوال گناهہ ۾ داخل ناهي.

3_ يعني اهي ماڻهن کي چوندا تہ اسين عالم مشائخ آهيون توهان کي دين ڏانهن سڏيون ٿا مگر اهي ڪوڙا هوندا_ من گهڙت، ڪوڙيون ۽ هٿ نوڪيون حديثون بيان ڪندا. باطل احڪام ۽ فاسد عقيدا ماڻهن کي ٻڌائيندا، جيئن اڄ ڪلهہ نيچري ۽ مرزائي ۽ بدعتي ڪوڙيون. موضوع، جڙتو حديثون بيان ڪري ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ

خواه اوهان جي پيئرن به نه ٻڌيون هونديون. پوءِ انهن کان بچجو ۽ انهن کان پاڻ کي بچائجو_ اوهان کي گمراهه نه ڪري وجهن ۽ نه ڪنهن فتني ۾ وجهن(1) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

155- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : كان أهل الكتاب يقرؤون التوراة بالعبرانية ويفسرونها بالعربية لأهل الإسلام . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تصدقوا أهل الكتاب ولا تكذبوهم و ﴿ قُولُوٓاْ ءَامَنَّا بِٱللَّهِ وَمَآ أُنزِلَ إِلَيۡنَا ... ﴾ البقرة: ١٣٦ . رواه البخاري

(155) ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته اهل ڪتاب (يهودي) تورات کي عبراني ٻوليءَ ۾ پڙهندا هئا ۽ مسلمانن لاءِ انجي تشريح عربيءَ ۾ ڪندا هئا. رسول اللهﷺ جن فرمايو ته اهل ڪتاب جي نه تصديق ڪريو نه وري انهن جي تڪذيب (2) ڪريو ۽ چئو ته (ترجمو) اسان ايمان آندو اللهﷻ تي ۽ ان تي جيڪي اسان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي_ (الآية) ان کي بخاريءَ روايت ڪيو آهي.

156- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : كفى بالمرء كذبا أن يحدث بكل ما سمع. رواه مسلم

---

لاءِ وڏي دجال جي ڊيوٽي ڏيئي رهيا آهن. وري ڪي قبر پرست هن طرح جون ڪوڙيون حديثون بيان ڪندا آهن ﴿اذا اتحيرتم في المور فاستعينوا من اهل القبور﴾يعني جڏهن دنيا جي ڪنهن ڪم ۾ حيران پريشان ٿيو ته اهل قبور کان مدد گهرو. هيءَ حديث نه اسان ٻڌي ۽ نه اسان جي ابن ڏاڏن ٻڌي، نه ڪنهن صحاح سته يا ٻئي معتبر ڪتاب ۾ لکيل ڏٺي سون. اهڙي طرح ٻيون به ڪيتريون وضعي حديثون آهن جيڪي بدعتين کي زبان ته چڙهيل آهن مثلاً: ﴿من لا شيخ له فشيخه الشيطان﴾ _ ﴿وانا احمد بلا ميم"انا عرب بلا عين" _"عينوني يا عبادالله ﴾(ترجمو) جنهن جو مرشد ناهي انجو مرشد شيطان آهي. آءٌ احمد ميم کان سواءِ آهيان. يعني احد_ آءٌ عرب عين کان سواءِ آهيان. يعني رب_ اي اللهﷻ جا ٻانهو مونکي مدد ڏيو.

نيچري چوندا آهن ته جيڪا ڳالهه اسان کي عقل ۾ نه ٿي اچي پوءِ ڀلي اها قرآن يا حديث مان صحيح ثابت هجي ته به اسين ان کي نه مڃينداسون ۽ مرزا غلام احمد قاديانيءَ نبي هجڻ لاءِ ڪيتريون حديثون ﷺ جن ڏانهن منسوب ڪيون ۽ "پيشنگويون" گهڙيائين، خدا پاڪ اهڙن دجالن کان پيغمبرﷺ جن کي خبردار ڪيو ۽ پاڻ پنهنجي امت کي انهن دجالن جي فريب کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي.

[1]_ ﴿وَٱلۡفِتۡنَةُ أَشَدُّ مِنَ ٱلۡقَتۡلِ﴾يعني شرڪ خونريزي کان به گناهه ۾ وڌيڪ سخت آهي "فتنه" مان هتي به شرڪ مراد آهي جنهن جي اشاعت لاءِ بدعتي دجال ابوجهه عوام کي نقلي ڪرامتن جون ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌائي شرڪ ڏانهن ڇڪي رهيا آهن مولوي رومي چوي ٿو:

"چوڻ بسا ابليس آدم روئي هست_
پس بهر دستي نبايد داد دست"

هن زماني ۾ ڪيترا دجال بزرگي ۽ دينداري جي دعويٰ به ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي هڪ نئين نبي مرزا غلام احمد قادياني جي مذهب ۾ آڻڻ جي زبردست ڪوشش ڪري رهيا آهن. خدا تعاليٰ شل اهڙن دجالن جي شر کان سچن مسلمانن کي بچائي.

[2]_ ﷺ جن جي انهي چوڻ جو هي مطلب هو ته يهودين سمورو تورات کونه بدلايو آهي. تنهن ڪري سيني ڳالهين کي ڪوڙو نه چئو نه سيني ڳالهين جي تصديق ڪريو. چو ته ممڪن آهي ته اها ڳالهه بدلايل هجي.

(156) **ابو هريرهؓ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته كنهن ماڻهو جي كوڙي هجڻ لاءِ ايتري ڳالهه كافي آهي ته جيكي به ڳالهه ٻڌي سا بيان كري ڇڏي. ([1]) مسلم.**

157- وعن عبد الله بن مسعود أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : ما من نبي بعثه الله في أمة قبلي إلا كان له من أمته حواريون وأصحاب يأخذون بسنته ويقتدون بأمره ثم إنها تخلف من بعدهم خلوف يقولون ما لا يفعلون ويفعلون ما لا يؤمرون فمن جاهدهم بيده فهو مؤمن ومن جاهدهم بلسانه فهو مؤمن ومن جاهدهم بقلبه فهو مؤمن وليس وراء ذلك من الإيمان حبة خردل. رواه مسلم

(157) **ابن مسعودؓ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته مون كان اڳ الله تعاليٰ جيكي به نبي موكليا، ان لاءِ سندس امت ۾ حواري ۽ اصحابي هوندا هئا، جيكي ان جي سنت (طريقي) كي اختيار كندا هئا ۽ ان جي حكم موجب هلندا هئا. انهن كان بعد كجهه بيهودا پيدا ٿيا ([2]) اهي جيئن چوندا هئا تيئن نه كندا هئا ۽ جنهن كم لاءِ حكم نه كيو ويندو هو اهي كندا هئا. پوءِ جيكو ساڻن پنهنجي هٿ سان جهاد كري اهو مؤمن آهي ۽ جيكو ساڻن پنهنجي زبان سان جهاد([3]) كري اهو مؤمن آهي ۽ جيكو سان دل سان ([4]) جهاد كري اهو به مؤمن آهي ۽ ان كان سواءِ اهر جي داڻي جيترو به ايمان نه آهي([5]) هن كي مسلم روايت كيو.**

158- وعن أبي هريرة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : من دعا إلى هدى كان له من الأجر مثل أجور من تبعه لا ينقص ذلك من أجورهم شيئا ومن دعا إلى ضلالة كان عليه من الإثم مثل آثام من تبعه لا ينقص ذلك من آثامهم شيئا . رواه مسلم

(158) **ابو هريرهؓ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو : جن شخص هدايت جي دعوت ڏني، انهيءَ لاءِ ايترو ثواب آهي جيترو ان تي عمل كرڻ وارن كي ملندو ۽ پيروي كرڻ وارن جي اجر مان كجهه به گهٽ نه كيو ويندو ۽ جنهن گمراهيءَ جي دعوت ڏنو ان لاءِ ايترو گناهه آهي جيترو ان تي عمل كرڻ وارن كي ملندو ۽ انهن جي گناهه مان كجهه به گهٽ نه كيو ويندو (مسلم)**

158- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : بدأ الإسلام غريبا وسيعود كما بدأ فطوبى للغرباء . رواه مسلم

---

[1]_ يعني اگرچو هو كوڙ نه ٿو ڳالهائي مگر ان جي عادت آهي ته جيكي به ٻڌي ٿو سو تحقيقات كان سواءِ ماڻهن كي پيو ٻڌائي اهو طريقو كوڙي هجڻ لاءِ كافي آهي.

[2]_ جيئن هن وقت جا كي برا عالم ۽ برا سردار محمد شريعت جي خلاف فتوائن ۽ فيصلا ڏين ٿا.

[3]_ زبان سان جهاد هي آهي ته برن كي سنت جي برخلاف كرڻ جي منع كري ۽ نصيحت كري ۽ انهن كي چوي ته اوهين برا آهيو.

[4]_ دل سان جهاد هي آهي ته دل ۾ برن ماڻهن لاءِ ڌكار ڌاري.

[5]_ جنهن ماڻهوءَ اهڙن برن ماڻهن كي هٿ ۽ زبان سان نه روكيو پر دل ۾ ڌكار به نه ڌاريائين ته چئبو ته جڻ اهو انهن كمن جي ٿيڻ ۾ راضي آهي.

(159) **ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ شروعات ۾ ([1]) اسلام غريب هو ۽ نيٺ جيئن هو تيئن ٿيندو. پوءِ غريبن کي مبارڪ هجي_ هن کي مسلم روايت ڪيو.**

160- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الإيمان ليأرز إلى المدينة كما تأرز الحية إلى جحرها.

(160) **ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق ايمان موٽي مديني ۾ ايندو ([2]) جيئن نانگ پنهنجي ٻر ڏانهن موٽي ايندو آهي_ (بخاري_مسلم) ۽ سگهوئي اسين بہ حديثون، هڪ ابو هريره جي ﴿زروني ماترڪتم﴾ ڪتاب المناسڪ ۾ ۽ ٻي معاويہ ۽ جابر رضي الله عنه جي ﴿ لا يزال من امتي ۽ ولا يزال طائفة من امتي﴾ باب ثواب هذه المة ۾ بيان ڪنداسون([3])**

## فصل ٻيو

161 عن ربيعة الجرشي يقول أتي النبي صلى الله عليه وسلم فقيل له لتنم عينك ولتسمع أذنك وليعقل قلبك قال فنامت عيناي وسمعت أذناي وعقل قلبي قال فقيل لي سيد بنى دارا فصنع مأدبة وأرسل داعيا فمن أجاب الداعي دخل الدار وأكل من المأدبة ورضي عنه السيد ومن لم يجب الداعي لم يدخل الدار ولم يطعم من المأدبة وسخط عليه السيد قال فالله السيد ومحمد الداعي والدار الإسلام والمأدبة الجنة . رواه الدارمي

(161) **ربيعہ جرشيءَ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن کي ملائڪن ذريعي خواب ۾ ڏيکاريو ويو تہ اوهان کي گهرجي تہ اوهان جون اکيون پلي سمهن ۽ اوهان جا ڪن ٻڌن ۽ اوهان جي دل سمهي. رسول اللهﷺجن فرمايو تہ پوءِ منهنجيون اکيون سمهن پيون ۽ منهنجي ڪنن ٻڌو پئي ۽ منهنجي دل سمهي پئي. ﷺ جن فرمايو تہ پوءِ مون کي (هڪ مثال بيان ڪري) ٻڌايو ويو تہ هڪ سردار گهر بنائي ٿو ۽ ان ۾ ڪاڄو تيار ڪرائي ٿو. پوءِ هڪ سڏيندڙ کي ماڻهن جي سڏڻ لاءِ موڪلي ٿو. پوءِ جيڪو ماڻهو سڏيندڙ جي ڳالهہ قبول ڪري ان جي گهر ۾ ايندو تہ ڪاڄو ڪائيندو ۽ سردار ان کان خوش ٿيندو ۽ جيڪو سڏ قبول نہ ڪندو سو گهر ۾ نہ ايندو ۽ نہ ڪاڄو ڪائيندو ۽ سردار بہ ان تي رنج ٿيندو. ﷺ جن فرمايو تہ سردار مان مراد الله تعالي آهي ۽ سڏيندڙ مان مراد**

---

[1] _ يعني شروعات ۾ مسلمان غريب ۽ گهٽ هئا. وطن مان نڪري هجرت ڪيائون. آخر ڪار وري اهو ساڳيون حال ٿيندو پوءِ مبارڪ هجي انهن ماڻهن کي جي آخر زماني ۾ اسلام تي محڪم ٿي بيهندو ۽ قرآن ۽ حديث کي پنهنجو دستور العمل ٺهرائيندا.

[2] _ يعني دين ۽ ديندار ماڻهو مخالفن جي سختي سبب آخر زماني ۾ مديني ڏانهن ايمان بچائڻ خاطر ويندا جيئن نانگ ساهہ بچائڻ خاطر پنهنجي ٻر ڏانهن ڀڄي ايندو آهي. ۽ ﷺ جن خبر ڏني آهي تہ شروعات هجري ۾ جيئن مسلمان گهٽ هئا ۽ تڪليف ڪري مديني شريف ۾ هجرت ڪري آيا تيئن آخر زماني ۾دين بچائڻ خاطر مديني شريف ۾ هجرت ڪري ايندا.

[3] _ يعني هي حديثون مصابيح واري هن باب ۾ لکيون هيون پر آءٌ مناسڪ ۽ ثواب امت واري باب ۾ لکندس.

محمد ﷺ آهي ۽ گھر مان مراد اسلام آهي ۽ ڪاڌي مان مراد بهشت آهي۔ هن ڪي دارميءَ روايت ڪيو.

162 وعن أبي رافع وغيره رفعه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا ألفين أحدكم متكئا على أريكته يأتيه أمر مما أمرت به أو نهيت عنه فيقول لا أدري ما وجدنا في كتاب الله اتبعناه " . رواه أحمد وأبو داود والترمذي وابن ماجه والبيهقي في دلائل النبوة . وقال الترمذي حسن صحيح

(162) ابو رافع ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته آءٌ اوهان مان ڪنهن کي ان حالت ۾ ڏسڻ نٿو گھران جو اهو پنهنجي پلنگ تي ٽيڪ ڏيئي (بي پرواهه ٿي) ويهي رهي. وٽس منهنجو ڪو اهڙو حڪم اچي جنهن جي تعميل ڪرڻ لاءِ مون کي حڪم ڪيو ويو هجي يا منع ڪئي ويئي هجي ته (تڪبر وچان) چوي ته مون جيڪي ﷻ جي ڪتاب ۾ ڏٺو آهي انجي پيروي ڪئي اٿم ٻين حڪمن کي (صحيح) نٿو ڄاڻان[1] ان کي احمد، ابوداؤد، ترمذيءَ، ابن ماجه ۽ بيهقيءَ ڪتاب دلال النبوت ۾ روايت ڪيو آهي.

163- وعن المقدام بن معدي كرب عن رسول الله صلى الله عليه وسلم أنه قال : " ألا إني أوتيت الكتاب ومثله معه ألا يوشك رجل شبعان على أريكته يقول عليكم بهذا القرآن فما وجدتم فيه من حلال فأحلوه وما وجدتم فيه من حرام فحرموه وإن ما حرم رسول الله كما حرم الله ألا لا يحل لكم لحم الحمار الأهلي ولا كل ذي ناب من السبع ولا لقطة معاهد إلا أن يستغني عنها صاحبها ومن نزل بقوم فعليهم أن يقروه فإن لم يقروه فله أن يعقبهم بمثل قراه " رواه أبو داود وروى الدارمي نحوه وكذا ابن ماجه إلى قوله : " كما حرم الله "

(163) مقدام بن معدي ڪرب ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته خبردار! مون کي قرآن مجيد ۽ ان جيترو اسان سان گڏ ٻيو ڏنو ويو آهي [2] ۽ ڄاڻي ڇڏيو ته ڪو پيٽ ڀريل ماڻهو پنهنجي پلنگ تي ويهي (بي پرواهيءَ وچان) ائين چوندو ته توهان صرف هن قرآن تي هلو، جيڪي ان ۾ حلال آهي ان کي حلال سمجهو ۽ جيڪي ان ۾حرام آهي ان کي

---

[1]_ هن جو مطلب هي آهي ته واندو تي علم ۽ حديث جي طلب ترڪ ڪري ويهي ۽ جهالت سبب منهنجي حديثن جي باري ۾ هن طرح نه چوي ته ﷻ پاڪ جي قرآن کان سواءِ ٻيو ڪنهن ٻئي کي مڃون ۽ نڪي قرآن کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جي تابعداري ڪنداسون. هن حديث ۾ ﷺ جن ڪن جاهلن، واندن ۽ هنيلن جي حال بابت خبر ڏني آهي جيڪي حديث تي عمل ڪرڻ کان انڪاري ٿيندا ۽ چوندا ته شريعت جا احڪام فقط قرآن مجيد ۾ مختص آهن، انهن بي خبرن کي اها خبر ڪانه آهي ته ڪيترا حڪم قرآن پاڪ ۾ نه آهن ۽ حديث شريف ۾ بيان ٿيل آهن. جيئن رسول ڪريم ﷺ کي قرآن مجيد ڏنو ويو آهي تيئن ڪين وحي جو ٻيو قسم حديث شريف به عطا ڪيو ويو آهي: جنهن بابت قرآن مجيد جا هيٺيان دليل ڪافي آهن:

﴿وَمَايَنْطِقُ عَنِ الْهَوىٰ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحىٰ﴾ يعني ﷺ جن جيڪا به گفتگو (دين بابت ڪن ٿا سا سڀ وحي آهي. ﴿وَمَا اٰتَاكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ وَمَانَهَاكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ﴾ يعني رسول جيڪي اوهان کي ڏي سو وٺو ۽جنهن کان منع ڪري تنهن کان پاسو ڪريو.﴿اَطِيْعُوااللهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ﴾ يعني ﷻ جي تابعداري ڪريو (قرآن کي مڃيو ۽ رسول جي تابعداري ڪريو (يعني حديث کي مڃيو).

[2]_ هن مان مراد حديث آهي، ڇاڪاڻ ته قرآن وحي جلي ۽ ظاهري آهي ۽ حديث وحي خفي، (پوشيده) آهي.

حرام ڪيو. (حالانڪ حقيقت اها آهي تہ) جنهن شيءِ کي رسول اللهﷺ حرام ڪيو آهي، اها بہ ان وانگر آهي، جنهن کي اللهﷻ پاڪ حرام ڪيو آهي. ٻڌي ڇڏيو! اوهان لاءِ گهوڙو گڏهہ[1] حلال نہ آهي ۽ نڪي ڏاڻن سان ڦاڙي کائيندڙ جانور حلال آهن[2] ۽ نڪي انهن ماڻهن جي لڌل شيءِ حلال آهي جن سان اوهان معاهدو هجي مگر جيڪڏهن اها شيءِ (اهڙي خسيس هجي جو) ان جو مالڪ ان کان بي پرواهہ هجي[3] ۽ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن وٽ مهمان ٿي اچي تہ قوم تي ان جي مهماني ڪرڻ ضروري آهي[4] جيڪڏهن مهماني نہ ڪن تہ مهمان انهن کان مهمانيءَ جيترو خرچ وٺي.[5] هن کي ابو دائود روايت ڪيو آهي دارمي جي روايت ۾ بہ ان طرح آهي. ابن ماجہ ﴿كما حرم الله﴾ تائين ساڳي روايت بيان ڪئي.

164- وعن العرباض بن سارية قال : قام رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال :أيحسب أحدكم متكأ على أريكته يظن أن الله لم يحرم شيئا إلا ما في هذا القرآن ألا وإني والله قد أمرت ووعظت ونهيت عن أشياء إنها لمثل القرآن أو أكثر وإن الله لم يحل لكم أن تدخلوا بيوت أهل الكتاب إلا بإذن ولا ضرب نسائهم ولا أكل ثمارهم إذا أعطوكم الذي عليهم رواه أبو داود وفي إسناده : أشعث بن شعبة المصيصي قد تكلم فيه

(164) عرباض بن ساريہؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن اٿي بيٺا پوءِ فرمايائون تہ اوهان مان ڪو پنهنجي پلنگ تي ٽيڪ ڏيئي هي گمان ڪري ٿو ڇا تہ جيڪي قرآن ۾ آهي انڪان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ حرام ناهي؟ ڄاڻي ڇڏيو! مون کي اللهﷻ جو قسم آهي تہ تحقيق جن شين بابت مون حڪم ڪيو آهي ۽ جيڪي نصيحتون ڪيون آهن ۽ جن ڪمن کان منع ڪئي آهي اهي بہ قرآن وانگر بلڪ ان کان بہ وڌيڪ آهن.[6] بيشڪ اللهﷻ تعاليٰ اوهان لاءِ نٿو حلال ڪري تہ اهل ڪتاب جي گهرن ۾ انهن جي موڪل کانسواءِ وڃو ۽ انهن جي عورتن کي مارڻ بہ حلال نہ آهي ۽ جڏهن اوهان کي انهن تي رکيل شيءِ (جزيہ) ڏنو وڃي تہ پوءِ نهن جا ميوا بہ نہ کائو. هن کي ابو داود روايت ڪيو آهي ۽ ان جي سند ۾ اشعث بن شعبہ مصيصي آهي. ان ۾ ڪلام ڪيو ويو آهي.

165- وعنه : قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم ذات يوم ثم أقبل علينا بوجهه فوعظنا موعظة بليغة ذرفت منها العيون ووجلت منها القلوب فقال رجل يا رسول الله كأن هذه موعظة مودع فأوصنا قال : أوصيكم بتقوى الله والسمع والطاعة وإن كان عبدا حبشيا فإنه من يعش منكم يرى اختلافا كثيرا فعليكم

---

[1]_ هتي گڏهہ ۽ ڏاڻن وارن جانورن جو بيان مثال طور: حجت جي پڪائي لاءِ بيان ڪيائون انهن شين جو حرام هجڻ حديث سان ثابت آهي ۽ نہ قرآن مجيد سان.

[2]_ جهڙوڪ شينهن، بگهڙ، ڪتو، گدڙ ۽ ٻيا ڦاڙي کائيندڙ جانور.

[3]_ جهڙوڪ انبن جو ڪوئلو، موري، گجر يا هڪ بہ ڪارڪون.

[4]_ مهماني ڪرڻ مستحب آهي، فرض ناهي.

[5]_ خرچ وٺڻ جو حڪم انهيءَ صورت ۾ ڏنو ويو آهي جو ڪڏهن مهمان نہ وٺندو تہ بک سان مري ويندو.ملا علي قاري لکيو آهي تہ هي حڪم اسلام جي شروع ۾ هو.

[6]_ هتي حديث جي پڇاڙي تائين ﷺ جن کي احڪام بيان فرمايا آهن جيڪي قرآن شريف ۾ بيان ٿيل نہ آهن.

بسنتي وسنة الخلفاء الراشدين المهديين تمسكوا بها وعضوا عليها بالنواجذ وإياكم ومحدثات الأمور فإن كل محدثة بدعة وكل بدعة ضلالة . رواه أحمد وأبو داود والترمذي وابن ماجه إلا أنهما لم يذكرا الصلاة.

**(165) عرباض بن ساريہ ﷜ کان روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن رسول الله ﷺ جن اسان کي نماز پڙهائي، پوءِ اسان ڏانهن منهن ڪري خوب نصيحت ڪيائون جنهن ڪري اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ دليون ڏڪي ويون. پوءِ هڪ ماڻهو چيو تہ يا رسول الله ﷺ هي نصيحت (اهڙي اثرائتي آهي) جيئن ڪنهن موڪلائيندڙ جي هجي([1]) پوءِ تہ اسان کي ڪا وصيت ڪريو. ﷺ جن فرمايو تہ اوهان کي الله کان ڊڄڻ جي ۽ سردار جي حڪم ٻڌڻ جي ۽ تابعداري ڪرڻ جي وصيت ٿو ڪريان، اگرچہ حبشي ٻانهو هجي. مون کان پوءِ جيڪو اوهان مان جيئرو هوندو سو گهڻا اختلاف ڏسندو پوءِ اوهان تي لازم آهي تہ منهنجو طريقو ۽ خلفاءِ راشدين جو طريقو اختيار ڪريو. انهن جي طريقي کي مضبوطيءَ سان وٺجو ۽ ان کي ڏاڙهن ([2]) سان چڪ وجهي قابو ڪجو ۽ نين ڳالهين کان بچجو. بيشڪ سڀ نيون ڳالهيون بدعت آهن ۽ هر بدعت گمراهي آهي. هن کي احمد، ابو داؤد، ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي. مگر ترمذي ۽ ابن ماجہ نماز جو ذڪر نہ ڪيو آهي.**

166- وعن عبد الله بن مسعود قال خط لنا رسول الله صلى الله عليه وسلم خطا ثم قال : هذا سبيل الله ثم خط خطوطا عن يمينه وعن شماله وقال هذه سبل على كل سبيل منها شيطان يدعو إليه ثم قرأ ﴿وَأَنَّ هَٰذَا صِرَٰطِى مُسْتَقِيمًا فَٱتَّبِعُوهُ… ﴾الأنعام: ١٥٣. رواه أحمد والنسائي والدارمي.

**(166) عبدالله بن مسعود ﷜ کان روايت آهي تہ اسان کي حضور ﷺ جن هڪ سڌو ليڪو ڪڍي ڏيکاريو ([3]) ۽ چيائون تہ هيءَ واٽ الله جي آهي. پوءِ ٻيا ڪيترا ليڪا ان جي ساڄي ۽ کاٻي ڪڍيائون ۽ چيائون تہ اهي مختلف واٽون آهن. انهن مان هر هڪ تي شيطان ويٺل آهي، ([4]) جيڪو ان ڏانهن سڏي ٿو ۽ حضور ﷺ جن هي آيت پڙهي (ترجمو) بيشڪ هوءُ منهنجو سڌو رستو آهي، انجي پيروي ڪريو (الأية) هن کي احمد، نسائي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

167- وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لا يؤمن أحدكم حتى يكون هواه تبعا لما جئت به رواه في شرح السنة وقال النووي في أربعينه : هذا حديث صحيح رويناه في كتاب الحجة بإسناد صحيح.

---

[1]_ موڪلائيندڙ موڪلائڻيءَ جي وقت سيني کي گڏ ڪري وصيت جي ڪوشش ڪندو آهي تہ متان ڪو ماڻهو نصيحت ٻڌڻ ڪانسواءِ رهي وڃي ۽ مون تي تبليغ جو بار رهجي وڃي.

[2]_ ڏاڙهن سان پڪڙڻ جو مطلب هي آهي تہ ڪمال حفاظت ۽ مضبوطيءَ سان پاڻ سڳورن ﷺ جي سنت تي مضبوط رهي.

[3]_ سڌيون ليڪون خدا تعاليٰ جي واٽ جو مثال آهي جنهن واٽ تي رسول الله ﷺ ۽ سندن اصحابي هئا جيڪا واٽ فقط قرآن ۽ حديث تي هلڻ ڪري ئي ملندي.

[4]_ هي مثال گمراهي جي واٽن جو آهي. ابن ماجه ۾ چٽي طرح چار ليڪا بيان ٿيل آهن جن مان ممڪن آهي چار طريقا ﷺ جن کان پوءِ ايجاد ٿيل مراد هجن. انهيءَ حديث مان مولوي محمد دهلويءَ اربعين محمد ۾ التزام مذاهب اربعہ مراد ورتو آهي.

(167) **عبدالله بن عمرو ﷺ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول اللهﷺ جن تہ جيڪو دين مون آندو آهي جيستائين اوهان مان هر هڪ جي خواهش(1) انجي تابع نہ ٿيندي تيستائين اهوشخص پورو مؤمن نہ آهي. "شرح السنه" ۾ انکي روايت ڪيائين.ڪتاب "اربعين"۾ امام نووي هن ڪي صحيح چيو آهي ۽ ڪتاب "الحجه" ۾ مون صحيح سند سان هن کي روايت آهي.**

168- وعن بلال بن الحارث المزني قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم :من أحيا سنة من سنتي قد أميتت بعدي فإن له من الأجر مثل أجور من عمل بها من غير أن ينقص من أجورهم شيئا ومن ابتدع بدعة ضلالة لا يرضاها الله ورسوله كان عليه من الإثم مثل آثام من عمل بها لا ينقص من أوزارهم شيئا . رواه الترمذي.

(168) **بلال بن حارث مزنيءَ ﷺ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول اللهﷺ جن تہ جيڪو ماڻهو مون ڪانپوءِ منهنجي مري ويل سنت (ڇڏي ڏنل طريقي) کي وري جيئرو ڪندو (رائج ڪندو) تہ بيشڪ ان لاءِ ايترو ثواب آهي جيترو ان طريقي تي عمل ڪندڙن کي ملندو ۽ انهن جي ثواب مان ڪجهہ بہ گهٽ نہ ڪيو ويندو.(2) ۽ جيڪو ماڻهو ڪا نئين ڳالهہ يعني گمراهيءَ واري بدعت شروع ڪندو جنهن کي الله تعاليٰ ۽ ان جو رسولﷺ پسند نہ ڪن تہ ان لاءِ ايترو گناهہ آهي جيترو ان تي عمل ڪندڙن کي ٿيندو ۽ انهن جي گناهن مان ڪجهہ بہ گهٽ نہ ڪيو ويندو.**

169- و رواه ابن ماجه عن كثير بن عبد الله بن عمرو عن أبيه عن جده

(169) **۽ ابن ماجہ پڻ ڪثير بن عبدالله بن عمرو کان ۽ ان پنهنجي پيءُ کان ۽ ان ڪثير جي ڏاڏي کان روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ هيءَ حديث ضعيف آهي ڇاڪاڻ تہ ڪثير بن عبدالله بن عمرو راوي از حد ضعيف آهي_ والله اعلم(مشڪوٰة _ الباني ص60 ج1)**

170- وعن عمرو بن عوف قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : إن الدين ليأرز إلى الحجاز كما تأرز الحية إلى جحرها وليعقلن الدين من الحجاز معقل الأروية من رأس الجبل إن الدين بدأ غريبا وسيعود كما بدأ فطوبى للغرباء وهم الذين يصلحون ما أفسد الناس من بعدي من سنتي . رواه الترمذي

(170) **عمرو بن عوف ﷺ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول اللهﷺ جن تہ بيشڪ دين حجاز ۾(3) کسڪي ايندو. جيئن نانگ کسڪي پنهنجي ٻر ۾ ايندو آهي ۽ ضرور حجاز ۾ دين**

---

1_ يعني اعتقاد، عمل، عادتن ۽ عبادتن ۾ مشغول ٿئي ۽ خوشيءَ سان شريعت جو تابع رهي، نفساني ڪدورت تعصب ۽ تنگ نظريءَ کي فنا ڪري نوراني صفتن سان دل کي روشن ڪري تہ پوءِ پورو مؤمن ليڪبو مگر هيءَ حالت ڪن نيڪ بخت اولياءَ الله کي نصيب ٿيندي آهي، يعني جيڪي متقي ۽ پرهيزگار هوندا آهن، نقلي اولياءَ مراد ناهن ﴿اِنْ اَوْلِيَآءُ اِلَّاالْمُتَّقُوْنَ﴾ (سورة الانفال) بشڪ اولياءَ الله فقط متقي ماڻهو آهن.

2_ سنت تي عمل ڪرڻ وارن جي ثواب ۾ بہ ڪا گهٽتائي نہ ٿيندي ۽ سنت کي رواج ڏيڻ واري کي بہ برابر انهن جي نيڪين مان ثواب ملندو رهندو. اهڙي طرح بدعت تي عمل ڪرڻ وارنجي گناهن ۾ بہ ڪا گهٽتائي نہ ٿيندي ۽ بدعت کي رواج ڏيندڙ لاءِ بہ انهن جا گناہ لکيا ويندا. سنت مان هتي دين جي ڳالهہ مراد آهي. پوءِ فرض هجي خواه سنت.

3_ حجاج يعني مڪہ، مدينہ ۽ اس پاس وارا علائقا.

اهڙي طرح جاءِ وٺندو جيئن جابلو ٻڪري جبل جي چوٽيءَ تي پنهنجي جاءِ هٽ ڪري ويهندي آهي. بيشڪ دين شروع ۾ غريب پيدا ٿيو ۽ وري به شروع وانگر غريب ٿيندو. پوءِ غريبن ڪي مبارڪ هجي ۽ اهي، اهي آهن جيڪي منهنجي طريقي کي جنهن کي مون کان پوءِ ماڻهن ڦٽايو هوندو، ان کي درست ڪندا. هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.

171- وعن عبد الله بن عمرو قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ليأتين على أمتي ما أتى على بني إسرائيل حذو النعل بالنعل حتى إن كان منهم من أتى أمه علانية لكان في أمتي من يصنع ذلك وإن بني إسرائيل تفرقت على ثنتين وسبعين ملة وتفترق أمتي على ثلاث وسبعين ملة كلهم في النار إلا ملة واحدة قالوا ومن هي يا رسول الله قال ما أنا عليه وأصحابي . رواه الترمذي .

(171) عبدالله بن عمرو ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ضرور منهنجي امت تي اهڙو زمانو ايندو جهڙو بني اسرائيل تي آيو. جيئن جتي جو هڪ پادر ([1]) ٻئي پادر جهڙو ٿيندوآهي(تيئن منهنجا امتي به آخر بني اسرائيل جهڙا ٿيندا) تانجو بني اسرائيل ۾ ڪو ماڻهو پنهنجي ماءُ([2]) وٽ (بدفعلي) لاءِ آيو هوندو ته منهنجي امت مان به ڪو اهڙو ڪم ڪندو ۽ بيشڪ بني اسرائيل 72 فرقا ٿيا ۽ منهنجي 73([3]) فرقا ٿيندي. اصحابن چيو ته يا رسول الله ﷺ ! اها ڪهڙي جماعت هوندي؟ فرمايائون ته جنهن (طريقي) تي آئون ۽ منهنجا اصحابي آهن. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ راوي عبدالرحمان بن زياد بن انعم افريقي ضعيف آهي. (الباني)

172- وفي رواية أحمد وأبي داود عن معاوية : ثنتان وسبعون في النار وواحدة في الجنة وهي الجماعة وإنه سيخرج في أمتي أقوام تتجارى بهم تلك الأهواء كما يتجارى الكلب بصاحبه لا يبقى منه عرق ولا مفصل إلا دخله.

(172)۽ احمد ۽ ابو دائود جي روايت معاويه کان آهي ته 72 فرقا دوزخ ۾ پوندا ۽ هڪ فرقو بهشت ۾ ويندو. هي سنت ۽ جماعت وارا آهن ([4]) ۽ ضرور منهنجي امت مان گهڻيون قومون

---

[1]_جتيءَ جي پادر جو مثال انهيءَ ڪري ڏنل آهي جو ڪاريگر ناهڻ وارا ٻئي پادر هڪ جهڙا ناهيندا آهن.

[2]_ماءُ مان مراد شايد پيءُ جي منڪوحہ يعني ماٽيلي ماءُ مراد آهي. جو ته سڳي ماءُ سان ڪوبہ ماڻهو اهڙي نازيبا حرڪت نہ ڪندو، جوطبعي شرعي ٻئي مانع موجود آهن.

[3]_هن مان اهي سڀ اهل قبلہ مراد آهن، جيڪي آدمشماري ۾ پاڻ کي مسلمان لڪائيندا آهن. انهيءَ صورت ۾ معنىٰ ﴿ كلهم في النار ﴾ جي هيءَ آهي ته گناهن ۽ بد اعتقادي جي ڪري حال في الحال سڀ دوزخ ۾ داخل ٿيندا، پوءِ جنهنجو عقيدو ڪفر جي حد کي نہ پهچندو سو نيٺ خدا پاڪ جي رحمت سان دوزخ کان ٻاهر نڪرندو ۽ ڪفر ۽ شرڪ وارا هميشہ دوزخ ۾ رهندا.

[4]_ جماعت مان مراد اهل سنت ۽ حق واري جماعت مراد آهي يعني صحابہ ڪرام جي جماعت ﴿ وَالَّذِينَ اتَّبَعُوهُمْ بِإِحْسَانٍ ﴾ يعني جيڪي اصحابن جا نيڪي ۾ تابعدار آهن، سي بہ ڇڻل جماعت جا آهن.

**نڪرنديون انهن ۾ خواهشون ايتري قدر اثر ڪنديون جيتري قدر ڇتي ڪتي جو اثر[1] ڏاڙهيل ماڻهو جي هر هڪ رڳ ۽ سَنڌَ ۾ اثر ڪندو آهي.**

173- وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الله لا يجمع أمتي أو قال : أمة محمد على ضلالة ويد الله على الجماعة ومن شذ شذ في النار. . . رواه الترمذي

(173) **ابن عمرؓ ڪان روايت آهي ته فرمايو رسول اللهﷺ جن ته الله تعاليٰ "منهنجي امت" کي يا چيائون ته" امت محمديه" کي گمراهي تي جمع نه ڪندو ۽ اللهجو هٿ[2] جماعت" تي آهي. جيڪو شخص جماعت کان جدا ٿيندو ته ان کي دوزخ ۾ اڪيلو وڌو ويندو هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.**

174- وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إتبعوا السواد الأعظم فإنه من شذ شذ في النار. رواه ابن ماجه من حديث أنس.

(174) **ابن عمرؓ ڪان روايت آهي، فرمايو رسول الله ﷺ جن ته وڏي جماعت جي پيروي ڪريو[3] جيڪو شخص جماعت کان جدا ٿيندو ان کي دوزخ ۾ اڪيلو وڌو ويندو. هن کي انس ؓ ڪان ابن ماجه ۽ ابن عاصم "ڪتاب السنه" ۾ روايت ڪيو آهي.**

**فائده: اها حديث ڪيترن طريقن سان مروي آهي، ليڪن سڀ طريقا ۽سند ضعيف آهن (مرعات ص289ج1)**

175- وعن أنس قال : قال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم : يا بني إن قدرت أن تصبح وتمسي ليس في قلبك غش لأحد فافعل ثم قال : يا بني وذلك من سنتي ومن أحيا سنتي فقد أحبني ومن أحبني كان معي في الجنة . رواه الترمذي

(175) **انسؓ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن مون کي چيو ته اي منهنجا پٽڙا! صبح خواه شام اهڙي حالت ۾ ڪرين جيئن تنهنجي دل ۾ ڪنهن لاءِ به دشمني نه هجي ته ائين (ضرور) ڪر. وري فرمايائون ته اي منهنجا پٽ اهو منهنجو طريقو آهي. ۽ جيڪو ماڻهو منهنجي طريقي کي پسند ڪندو، تحقيق ان مون کي پسند ڪيو ۽ جنهن مون سان دوستي رکي اهو مون سان گڏ بهشت ۾ هوندو[4] هن کي ترمزي روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ بدعتي جو ڇتي ڪتي سان مثال هن ڪري ڏنو ويو آهي جو جنهن تي ڇتي ڪتي جو اثر غالب ٿيندو، پاڻي کان ڀڄندو ۽ اڃايل مري ويندو آهي. اهڙي طرح ڪوڙي مذهب وارن تي نفساني خواهشون غالب ٿيو پون ۽ حق جي علم کان ڀڄي گمراهي جي جنگل ۾ هلاڪ ٿيڻ کي پسند تا ڪن.

[2]_ يعني حق جي جماعت کي الله پاڪ جي حفاظت ۽ توفيق شامل آهن. هن امت مرحومه تي الله پاڪ هيءَ هڪ خاص مهرباني ڪئي آهي ته رسول اللهﷺ جن جي امت ۾ حق وارو ٽولو گمراهي تي متفق نه ٿيندو.

[3]_ يعني جنهن جماعت جا اعتقاد، قول ۽ فعل صحابه ڪرام، سلف صالحين ۽ حق پرست عالمن موافق هجن انهن جا تابعدار بڻجو.

[4]_هن حديث ۾ اشارو آهي ته رسول الله ﷺ جن جي سنت سان محبت رکڻ ﷺ جن جي بهشت ۾ رفاقت حاصل ڪرڻ جو سبب آهي. پوءِ جنهن محبت سان گڏ سنت تي عمل ڪيو، اهو بطريق اوليٰ بهشت ۾ سندن ساٿي

176- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من تمسك بسنتي عند فساد أمتي فله أجر مائة شهيد.

(176) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته فرمايو رسول الله ﷺ جن ته منهنجي امت جي بگڙڻ وقت جيڪو ماڻهو منهنجي طريقي کي مضبوطيءَ سان وٺندو ان کي هڪ سئو شهيدن جو ثواب ملندو.**([1]) **هن کي بيهقي ۽ ”ڪتاب الزهد“ ۾ ابن عباس﷛ کان روايت ڪيو آهي.**

**فائده: مشڪوٰة واري هن حديث کان پوءِ خالي جڳهه ڇڏي آهي، حديث جي بيان ڪندڙ جو ذڪر نه ڪيو اٿس. مرعاة واري لکيو آهي ته امام بهقيءَ اها حديث ”زهد“ ۽ ابن عديءَ ”الڪامل“ ۾ ابن عباس﷛ کان روايت ڪئي آهي. ابن عدي راوي حسن بن تقيبه خزاعي جي باري ۾ چوي ٿو. اميد کي متروڪ الحديث چيو آهي ۽ ابو حاتم ان کي ضعيف چيو آهي. (مرعاة ص282 ج 1)**

177- وعن جابر عن النبي صلى الله عليه وسلم حين أتاه عمر فقال إنا نسمع أحاديث من يهود تعجبنا أفترى أن نكتب بعضها ؟ فقال : أمتهوكون أنتم كما تهوكت اليهود والنصارى ؟ لقد جئتكم بها بيضاء نقية ولو كان موسى حيا ما وسعه إلا اتباعي . رواه أحمد والبيهقي في كتاب شعب الإيمان .

(177) **جابر ﷛ کان روايت آهي جا نبي ڪريمﷺ کان انهي وقت نقل ڪئي اٿس جڏهن حضورﷺ جن وٽ عمر﷛ آيو هو. ان چيو ته اسين يهودين کان اهڙيون حديثون ٻڌون ٿا. جيڪي اسان کي پسند اچن ٿيون. ڇا پوءِ اجازت ڏيو ٿا ته اسين انهن مان ڪجهه لکون؟ حضورﷺ جن فرمايو ته اوهين اهڙي طرح حيران(**[2]**) ٿي ويا آهيو. جهڙي طرح يهودي ۽ نصاريٰ ٿيا. تحقيق آءٌ اوهان وٽ صاف شفاف شريعت وٺي آيو آهيان ۽ جيڪڏهن موسيٰ ﷵ حيات هجي ها ته ان کي به لائق هو ته منهنجي پيروي ڪري ها، هن کي احمد ۽ بيهقي شعب الايمان ۾ روايت ڪيو آهي.**

---

هوندو. پائرو! خيال ڪريو ته رسول اللهﷺ جن جي سنت سان محبت رکندڙن جو ڪيڏو درجو آهي، شل اسان سيني کي رسول ڪريم ﷺ جي سنت جي خدا پاڪ محبت بخشي_ آمين ثم آمين.

[1]_اختلاف جي وقت ۾ جيڪو ماڻهو سنت تي عمل ڪري، لازماً اهو مخالفن جي ايذاءَ ۽ طعنن جو شڪار ٿيندو. پوءِ جيترا ايذاءَ طعنا سهندو اوترو ان جي ثواب ۾ اضافو ٿيندو. گويا مجاهد تلوار جي هڪ وار سان شهيد ٿو ٿئي ۽ هي سنت تي هلندڙ بدعتي ماڻهن جي زبان سان سؤ دفعه مري ٿو، تنهن ڪري انهيءَ کي ثواب به سؤ شهيدن جو ملي ٿو.

[2]_يهودي ۽ نصاريٰ توريت ۽ انجيل کي ڇڏي عالمن ۽ درويشن جي پويان هليا، جيئن قرآن شريف ۾ آيل آهي. ﴿نَبَذَ فَرِيْقٌ مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ﴾(سوره البقره) ”اهل ڪتاب مان هڪ ٽولي خدا جي ڪتاب کي پنهنجي پويان اڇلائي ڇڏيو.“

يعني جيئن اهي راهبن، احبارن، مولوي ۽ درويشن جي من گهڙت مذهب کي چهٽي پيا، تيئن توهين نه ٿيو. هيءَ قرآن جي شريعت اهڙي ته صاف، شفاف آهي جو جيڪڏهن موسيٰﷵ جيئرو هجي ها ته قرآن شريف جي تابعداريءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪيس ڪوبه چارو ڏسڻ ۾ نه اچي ها. پوءِ توهان کي ڪيئن جائز ٿيندو ته منهنجي هوندي توهين موسيٰ جي قوم يهودين کان دين جون ڳالهيون پڇو. (علي قاري)

**فائده: جيتوڻيڪ هن حديث جي سند ۾ مجالد بن سعيد همداني راوي قوي نہ آهي ليڪن اها حديث مجالد کان سواءِ بہ مروي آهي، جنهن سان ان جي تائيد ٿئي ٿي.** (مرعاة ص282 ج1)

178- وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من أكل طيبا وعمل في سنة وأمن الناس بوائقه دخل الجنة فقال رجل يا رسول الله إن هذا اليوم لكثيرفي الناس قال : وسيكون في قرون بعدي. رواه الترمذي .

(178) **ابو سعيد خدري ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو حلال کائيندو ۽ منهنجي طريقي تي عمل ڪندو ۽ ان ۾ زيادتي ڪرڻ کان امن ۾ رهندو، اهو بهشت ۾ داخل ٿيندو. هڪ ماڻهو چيو تہ يا رسول الله ﷺ! بيشڪ اڄڪلهہ تہ اهڙا ماڻهو گهڻا آهن. ﷺ جن فرمايو تہ مون کان بعد وارن زمانن ۾ بہ اهڙا ماڻهو ٿيندا_ (ترمذي)**

179- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إنكم في زمان ترك منكم عشر ما أمر به هلك ثم يأتي زمان من عمل منهم بعشر ما أمر به نجا . رواه الترمذي

(179) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق اوهين اهڙي زماني ۾ آهيو جو اوهان کي جيڪي حڪم ڪيو ويو آهي تنهن مان ڪو ڏهون حصو بہ ڇڏي ڏئي تہ هلاڪ ٿئي.ان کان بعد اهڙو زمانو ايندو جنهن ۾ ڪو ماڻهو، ان جي ڏهين حصي تي بہ عمل ڪندو جيڪي کين حڪم ڪيو ويو آهي، تہ ڇٽي ويندو_ هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.**

180- وعن أبي أمامة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ما ضل قوم بعد هدى كانوا عليه إلا أوتوا الجدل . ثم قرأ رسول الله صلى الله عليه وسلم هذه الآية :

﴿مَا ضَرَبُوهُ لَكَ إِلَّا جَدَلًا ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ خَصِمُونَ ﴿٥٨﴾﴾ الزخرف. رواه أحمد والترمذي وابن ماجه.

(180) **ابو امامہ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هن هدايت اچڻ بعد ڪابہ قوم گمراه نہ ٿيندي مگر اها جنهن کي جهڳڙن جي عادت ڏني ويئي آهي[1] پوءِ ﷺ جن هيءُ آيت پڙهي (ترجمو) فقط جهيڙي جهڳڙي خاطر تو لاءِ مثال بيان ڪن ٿا، بلڪ اها جهڳڙالو قوم آهي_ هن کي احمد، ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

181- وعن أنس بن مالك أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يقول : لا تشددوا على أنفسكم فيشدد الله عليكم فإن قوما شددوا على أنفسهم فشدد الله عليهم فتلك بقاياهم في الصوامع والديار ﴿...وَرَهْبَانِيَّةً ٱبْتَدَعُوهَا مَا كَتَبْنَٰهَا عَلَيْهِمْ ...﴾ الحديد: ٢٧ رواه أبو داؤد .

---

[1]_ يعني دين جي ڳالهين ۾، حق جي تلاش جي برخلاف باطل ڳالهين سان تڪرار ڪري سچ جي بنياد ڪي ئي ڍاهڻ جي ڪوشش ڪن تہ پوءِ اهڙي قوم ﷺ جن جي حڪم موجب گمراهي جو منهن ڏسندي.

(181) **انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمائيندا هئا تہ پنهنجي جان تي سختي نہ ڪريو([1]) نہ تہ ﷲ تعاليٰ اوهان تي سختي ڪندو. تحقيق هڪ قوم (بن اسرائيل) پنهنجي جان تي سختي ڪئي تنهن ڪري ﷲ انهن تي سختي ڪئي. انهن مان ڪي اڃا باقي رهيا آهن، جيڪي سندن عبادت گاهن ۽ گهرن ۾ آهن. (پوءِ آيت پڙهيائون) ترڪ دنيا پاڻ تي لازم ڪيائون، اسان انهن تي فرض نہ ڪئي هئي. (ابوداؤد)**

**فائده:_ هن حديث جي سند ۾ راوي سعد بن عبدالرحمان بن ابي العمياه مجهولن وانگر آهي (مشڪوٰة_النبي ص 64ج1)**

182- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : نزل القرآن على خمسة أوجه : حلال وحرام ومحكم ومتشابه وأمثال . فأحلوا الحلال وحرموا الحرام واعملوا بالمحكم وآمنوا بالمتشابه واعتبروا بالأمثال . هذا لفظ المصابيح . وروى البيهقي في شعب الإيمان ولفظه : فاعملوا بالحلال واجتنبوا الحرام واتبعوا المحكم.

(182) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ قرآن شريف پنجن اصولن تي نازل ٿيو آهي: 1_ حلال، 2_ حرام، 3_محڪم،([2]) 4_متشابھ ۽ 5_مثال پوءِ حلال کي حلال ڄاڻو ۽ حرام کي حرام ڄاڻو ۽ محڪم آيتن تي عمل ڪريو ۽ متشابہ آيتن تي ايمان آڻيو ۽ (اڳين قومن) جي مثال مان عبرت وٺو. اهي لفظ مصابيح جا آهن. امام بهقيءَ شعب الايمان ۾ جيڪا روايت آندي آهي، ان جا لفظ هي آهن تہ حلال تي عمل ڪريو ۽ حرام کان بچو ۽ محڪم آيتن جي پيروي ڪريو.**

183- وعن ابن عباس قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : الأمر ثلاثة : أمر بين رشده فاتبعه وأمر بين غيه فاجتنبه وأمر اختلف فيه فكله إلى الله عز وجل ) رواه أحمد.

(183) **ابن عباس﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ حڪم ٽن قسمن جا آهن: هڪ حڪم هدايت جو ظاهر آهي([3]) ان جي پيروي ڪيو ([4]) ٻيو حڪم گمراهيءَ جو ظاهر آهي**

---

[1]_ يعني ايتري رياضت نہ ڪريو، جنهنجي ڪرڻ جي ڪنهن کي طاقت نہ ٿئي ڇو تہ خدا پاڪ اسلام ۾ رهبانيت جو حڪم ڪو نہ ڏنو آهي. رهبانيت گهڻي اجائي عبادت ڪرڻ کي چئبو آهي ۽ رهبانيت ماڻهن کان لڪيا ڇنڻ ۽ ٽنل ڦاٽل ڪپڙا پائڻ کي چئبو آهي. اهل ڪتاب ائين ڪندا هئا. خدا پاڪ فرمايو تہ مون مٿن اهي ڪم فرض ڪونہ ڪيا هئا. پر انهن خود پاڻ لاءِ پسند ڪيا هئا. پوءِ انهن ڪمن کي پهچي نہ سگهيا، آخر تائين انهيءَ طريقي تي هلي ۽ نباهي بہ نہ سگهيا، تنهن ڪري نيڪي برباد گناهہ لازم ٿين.

[2]_ محڪم جو مطلب آهي تہ آيتن جي معنيٰ چٽي سمجهہ ۾ اچي. جيئن ﴿اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَآتواالزَّكٰوةَ﴾ ۽ متشابھ مان مراد بالعڪس آهي يعني جنهن جي معنيٰ ۾ گهڻا احتمال هجن.

[3]_ جنهن جي فرضيت قرآن ۽ حديث سان بالاتفاق ثابت هجي. ان تي عمل ڪر جيئن نماز ۽ زڪواة جي فرضيت ۽ ٻيا سمورا ڪفر ۽ شرڪ جا ڪم جن جي گمراه پڌري هجي، انهن کان پاسو ڪرڻ ضرور آهي ۽ ٽيان کي اهڙا ڪم جن ۾ علماء جو اختلاف هجي تہ ان ۾ تڪرار نہ ڪجي ۽ ان جي حقانيت کي خدا جي سپرد ڪجي.

[4]_ جيئن اڪيلي ٻڪريءَ کي پڪڙڻ ۾ بگهڙ دلير ٿيندو آهي، تيئن شيطان حق وارن ۽ عالمن جي جماعت کان الڳ ٿي نئون مذهب ڪيندڙ کي گمراه ڪرڻ ۾ دلير ٿيندو آهي.

ان کان بچو. ٽيون حڪم جنهن ۾ اختلاف ڪيو ويو آهي اهو الله عزوجل ڏانهن سونپي ڇڏ_ هن ڪي احمد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ علامہ الباني لکي ٿو تہ مون کي ڪنهن بہ ذريعي سان معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ ڪنهن هن حديث کي مسند احمد ڏانهن منسوب ڪيو هجي ۽ منهنجو خيال آهي تہ حديث مسند احمد ۾ نہ آهي. البت سيوطيءَ اها حديث "الجامع الڪبير" ۾ ابن متيع ڏانهن منسوب ڪئي آهي ۽ ان جو نالو بہ احمد آهي، ان جا اهي ئي الفاظ آهن. (مشڪوٰة _ الباني ص68 ج1)

## فصل ٽيون

184- عن معاذ بن جبل قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الشيطان ذئب الإنسان كذئب الغنم يأخذ الشاذة والقاصية والناحية وإياكم والشعاب وعليكم بالجماعة والعامة. رواه أحمد.

(184) **معاذ بن جبل ﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق شيطان ٻڪرين جي بگهڙ وانگر انسانن جو بگهڙ آهي([1]) اهو پڇنڊڙ، پري رهندڙ ۽ ولر کان پاسي چرندڙ ٻڪريءَ کي وٺندو آهي_ انڪري اوهين بہ جدا ٿيڻ کان بچو. اوهان تي لازم آهي تہ جماعت ([2]) سان گڏ رهو. (احمد)**

185- وعن أبي ذر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من فارق الجماعة شبرا فقد خلع ربقة الإسلام من عنقه . رواه أحمد وأبو داؤد.

(185) **ابو ذر ﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو جماعت کان هڪ گز جيترو جدا ٿيو، تحقيق ان پنهنجي ڪنڌ مان اسلام جي رسي ڪڍي ڇڏي جن کي احمد ۽ ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

186- وعن مالك بن أنس مرسلا قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : تركت فيكم أمرين لن تضلوا ما تمسكتم بهما : كتاب الله وسنة رسوله . رواه في الموطأ.

(186) **مالڪ بن انس ﵁ کان مرسل روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مون اوهان ۾ بہ شيون 1_ڪلام الله ۽ 2_ سنت رسول الله ﷺ ڇڏيون آهن جيڪڏهن انهن کي قابو جهليندؤ تہ هر گز گمراهہ نہ ٿيندؤ. هن کي مؤطا ۾ روايت ڪيو اٿس.**

---

[1] _ عالمن جي جماعت ۽ عام حق وارنجي اختلاف وقت سچ جي راهہ ۽ ڳالهہ قبوليو. هڪ عالم ڪا ديني راءِ قائم ڪري، ٻئي طرف ٻيا وڌي عالم ڪا ٻي ديني ڳالهہ ڪن تہ انهي صورت ۾ سچن مسلمانن کي هڪ عالم جي راءِ ڇڏي گهڻن عالمن جي راءِ کي وٺڻ گهرجي.

[2] _هن حديث موجب گمراهي کان بچڻ لاءِ علاج طور ﷺ جن پنهنجي امت کي بہ ڪم ڏسيا آهن، هڪ قرآن شريف تي عمل، ٻيو حديث جي پيروي ڪرڻ. پر هن وقت جيڪڏهن ڪو قرآن ۽ حديث تي عمل ڪري ۽ چوٿين صديءَ کان پوءِ پيدا ٿيل تقليد جو قائل نہ ٿئي تہ هن وقت جي ڪم عالمن وٽ انکي بہ گمراهہ ليکيو ويندو آهي ۽ اهو اجايو تشدد بلڪ بي واجبي آهي.

فائده:_ حديث جي اصول موجب مرسل حديث اها آهي، جنهن ڪي ڪو تابعي بغير واسطي جي نبيﷺ کان روايت ڪري. اصول فقہ ۾ تابعي کان علاوه تبع تابعي جي اهڙي قول کي بہ _ خواهہ اهو منقطع هجي يا متصل "مرسل" سڏيو ويندو آهي_ ظاهر آهي تہ امام مالڪ تابعي نہ آهي، بلڪ تبع تابعي آهي، ان ڪري حديث امام مالڪ جي "بلاغات" منجهان آهي. سفيان بن عيينہ جي قول موجب امام مالڪ جا "بلاغات" صحيح آهن، پڻ اها حديث مستدرڪ حاڪم ۾ ابو هريرهؓ کان مرفوع طريقي سان بہ مروي آهي.(مرعاة ص290_ج1)

187- وعن غضيف بن الحارث الثمالي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : ( ما أحدث قوم بدعة إلا رفع مثلها من السنة فتمسك بسنة خير من إحداث بدعة ) رواه أحمد .

(187) غضيف بن حارث ثمالي ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪا قوم دين ۾ نئين ڳالهہ پيدا ڪندي، ڪانئن ان جيتري سنت کنئين ويندي آهي تنهن ڪري نئين ڳالهہ ڪڍڻ جي بجاءِ سنت کي [1] چنبڙي جهلڻ تمام چڱو آهي. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.

188- وعن حسان قال : ما ابتدع قوم بدعة في دينهم إلا نزع الله من سنتهم مثلها ثم لا يعيدها إليهم إلى يوم القيامة . رواه الدارمي.

(188) حسان کان روايت آهي تہ جيڪا قوم پنهنجي دين ۾ نئين ڳالهہ ڪڍڻ شروع ڪندي آهي، اللهﷻ تعاليٰ ان جيتري سنت انهن مان ڪڍي ڇڏيندو آهي. پوءِ اها سنت انهن ۾ قيامت تائين نہ موٽندي[2] هن کي دارمي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حسان بن عطيہ محاربي ثقہ تابعي آهي، اهو ان جو قول آهي.

189- وعن إبراهيم بن ميسرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من وقر صاحب بدعة فقد أعان على هدم الإسلام . رواه البيهقي في شعب الإيمان مرسلا.

(189) ابراهيم بن ميسره کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪو دين ۾ نئين ڳالهہ وجهندڙ (بدعتيءَ) جي تعظيم ڪندو تہ بيشڪ ان ماڻهو دين کي ڊاهڻ ۾ مدد ڪئي [3] هن کي بيهقيءَ شعب الايمان ۾ مرسل روايت ڪيو آهي.

[1] _ سنت جو ڪم اگرچہ ٿورو هوندو پر تڏهن بہ گهڻي بدعت جي ڪم کان ڀلو آهي. سنت مان نور ۽ روحانيت وڌ ٿي ۽ بدعت مان گمراهي ۽ اونداهہ ٿي پيدا ٿئي.

[2] _ سنت هڪ وڻ جي مثل آهي جيڪڏهن سنت جي وڻ کي اکوڙيو ويندو ۽ انهيءَ هنڌ بدعت جي وڻ کي پوکيو تہ انهيءَ صورت ۾ سنت جي وڻ جو ساڳئي صورت ۾ قائم ٿيڻ قيامت تائين محال آهي.

[3] _ يعني بعتي کي مان ڏيڻ سان سنت کي ويرا ڪيو وڃي ٿو جڏهن سنت ويران ٿيندي تہ پوءِ رفتہ رفتہ اسلام جا بنياد بہ ختم ٿي ويندا، نشان بہ مٽجي ويندا.

190- وعن ابن عباس قال : من تعلم كتاب الله ثم ابتع ما فيه هداه الله من الضلالة في الدنيا ووقاه يوم القيامة سوء الحساب وفي رواية قال : من اقتدى بكتاب الله لا يضل في الدنيا ولا يشقى في الآخرة ثم تلا هذه الآية : ﴿... فَمَنِ ٱتَّبَعَ هُدَايَ فَلَا يَضِلُّ وَلَا يَشْقَىٰ ﴿١٢٣﴾﴾ طه. رواه رزين .

**(190) ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جنهن ماڻهو الله جو ڪتاب سکيو ۽ ان ۾ جيڪي آهي ان جي پيروي ڪيائين تہ ان کي دنيا ۾ الله تعاليٰ گمراهيءَ کان هدايت ڪندو ۽ قيامت جي ڏينهن بڇڙي عذاب کان بچائيندو. ٻي روايت ۾ آهي تہ جنهن الله جي ڪتاب جي پيروي ڪئي، اهو نڪي دنيا ۾ گمراهہ ٿيندو ۽ نڪي آخرت ۾ بدبخت ٿيندو. پوءِ هيءَ آيت پڙهيائون (ترجمو) جيڪو منهنجي هدايت جي پيروي ڪندو، دنيا ۾ گمراهہ نہ ٿيندو ۽ نڪي آخرت ۾ بدبخت ٿيندو. هن کي زرين روايت ڪيو آهي.**

191- وعن ابن مسعود أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : ضرب الله مثلا صراطا مستقيما وعن جنبتي الصراط سوران فيهما أبواب مفتحة وعلى الأبواب ستور مرخاة وعند رأس الصراط داع يقول : استقيموا على الصراط ولا تعوجوا وفوق ذلك داع يدعو كلما هم عبد أن يفتح شيئا من تلك الأبواب قال : ويحك لا تفتحه فإنك إن تفتحه تلجه . ثم فسره فأخبر : أن الصراط هو الإسلام وأن الأبواب المفتحة محارم الله وأن الستور المرخاة حدود الله وأن الداعي على رأس الصراط هو القرآن وأن الداعي من فوقه واعظ الله في قلب كل مؤمن ) رواه رزين وأحمد.

**(191) ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ سڌي رستي جو هڪ مثال بيان ڪيو آهي. ان رستي جي ٻنهي پاسن کان ٻہ ڀتيون آهن ۽ انهن ٻنهي ڀتين جي وچ ۾ کليل دروازا آهن ۽ هر دروازي تي پردا لٽڪل آهن ۽ رستي جي منڍ ۾ هڪ پڪاريندڙ چوي ٿو تہ رستي تي سدا ٿي هلو ۽ ڏنگا نہ هلو_ ان ڏيجاريندڙ کان سواءِ ٻيو بہ هڪ پڪاريندڙ آهي. جڏهن ڪو ماڻهو انهن دروازن مان ڪنهن کي کولڻ جو ارادو ڪري ٿو تہ ان کي چوي ٿو تہ تو لاءِ خرابي هجي درازو نہ کول. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ان کي کوليندين تہ ان ۾ ڪري پوندين. پوءِ ﷺ جن ان جو تفسير بيان ڪيو ۽ فرمايائون تہ تحقيق واٽ مان مراد اسلام آهي ۽ کليل دروازن مان مراد الله جون حرام ڪيل شيون آهن ۽ لڙڪيل پردن مان مراد پڪاريندڙ جيڪو آهي سو قرآن مجيد آهي ۽ ان جي مٿان ٻيو پڪاريڊڙ اهو الله جي طرفان هر مؤمن لاءِ سندس دل ۾ مقرر ڪيل نصيحت ڪندڙ آهي([1]) هن کي رزين روايت ڪيو**

192- والبيهقي في شعب الإيمان عن النواس بن سمعان وكذا الترمذي عنه إلا أنه ذكر أخصر منه.

**(192) ۽ احمد ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ نواس بن سمعان کان ۽ پڻ ترمذيءَ کان ساڳيءَ طرح مگر ان کان مختصر روايت ڪيو آهي.**

[1]_ يعني هڪ فرشتو آهي جوسڀ ڪنهن مؤمن کي دل ۾ چڱا خيال وجهندو آهي.

193- وعن ابن مسعود قال : من كان مستنا فليسن بمن قد مات فإن الحي لا تؤمن عليه الفتنة . أولئك أصحاب محمد صلى الله عليه وسلم كانوا أفضل هذه الأمة أبرها قلوبا وأعمقها علما وأقلها تكلفا اختارهم الله لصحبة نبيه ولإقامة دينه فاعرفوا لهم فضلهم واتبعوهم على آثارهم وتمسكوا بما استطعتم من أخلاقهم وسيرهم فإنهم كانوا على الهدى المستقيم . رواه رزين .

(193) **ابن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن جي تہ طريقي جي پيروي ڪرڻ گهري تہ ان ڪي گهرجي تہ مري ويلن جي پيروي ڪري ڇاڪاڻ تہ زنده ماڻهو فتني کان محفوظ نہ ڪيا ويا آهن. اهي رسول الله ﷺ جا اصحاب آهن جيڪي هن امت ۾ سڀني کان نيڪ ۽ بهتر آهن قلب جي لحاظ کان گهٽو پرهيزگار ۽ علم ۾ گهڻو ڪامل ۽ تڪلف ۾ گهڻُ گهٽ هئا ۽ ﷲ تعاليٰ انهن کي پنهنجي نبيءَ جي صحبت لاءِ پنهنجي دين قائم ڪرڻ لاءِ پسند ڪيو هو تنهن ڪري انهن جي بزرگي سڃاڻو ([1])۽ انهن جي نقش قدم جي پيروي ڪيو ۽ جيتري قدر ٿي سگهي، انهن جي عادتن ۽ خصلتن تي محڪم رهو بيشڪ اهي سڌي رستي تي هئا. هن کي زرين روايت ڪيو آهي.**

194- عن جابر : أن عمر بن الخطاب رضي الله عنهما أتى رسول الله صلى الله عليه وسلم بنسخة من التوراة فقال يا رسول الله هذه نسخة من التوراة فسكت فجعل يقرأ ووجه رسول الله يتغير فقال أبو بكر ثكلتك الثواكل ما ترى ما بوجه رسول الله صلى الله عليه وسلم فنظر عمر إلى وجه رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال أعوذ بالله من غضب الله وغضب رسوله صلى الله عليه وسلم رضينا بالله ربا وبالإسلام دينا وبمحمد نبيا فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : والذي نفس محمد بيده لو بدا لكم موسى فاتبعتموه وتركتموني لضللتم عن سواء السبيل ولو كان حيا وأدرك نبوتي لاتبعني . رواه الدارمي .

(194) **جابر ﷛ کان روايت آهي تہ تحقيقي عمر بن خطاب ﷛ رسول الله ﷺ جن وٽ تورات جو نسخو کڻي آيو پوءِ چيائين تہ يا رسول الله ﷺ هي تورات جو نسخو آهي (اهو ٻڌي ﷺ جن) ماٺ ڪئي پوءِ عمر ﷛ اهو نسخو پڙهڻ شروع ڪيو جنهن تي ﷺ جن جو چهرو بدلجي ويو. تنهن تي ابوبڪر ﷛ چيو تہ اي عمر ﷛ توکي اوساريندڙ اوسارين([2]) تون رسول الله ﷺ جي چهري ڏانهن نٿو نهارين. چيائين تہ آئون ﷲ جي ڏمر ۽ ان جي رسول ﷺ جي ڏمر**

---

[1]ابن مسعود ﷛ پنهنجي زمان جي تابعين کي نصيحت طور چيو تہ توهان کي جيڪي رسول الله ﷺ جن جا اصحابي گذاري ويا انهن جي سنت ۽ نقش قدم تي هلڻ گهرجي، جيڪي فتنہ جي آفت کان بچيل هئا ۽ سندن روش عين اسلام تي هئي جن جي دل سچائي ۽ ايمان سان پريل هئي.﴿أُولَآئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقوىٰ﴾۽ علم ۾ بہ ڪامل هئا. تفسير، حديث ، قرآن، فرض ۽ سنتون پوري طرح ڄاڻندا هئا ۽عمل ڪرڻ ۾ تڪلف نہ رڪندا هئا ۽ انهي وقت ڳالهائيندا هئا، جنهن وقت ڪنهن مسئلي ۾ سخت مونجهاري ۾ هوندا هئا.

[2]_ هي لفظ پاراتي جا آهن، مگر عرب پنهنجي محاوري ۾ پاراتي واري معنيٰ نہ وٺندا آهن فقط تعجب جي مڪان ۾ استعمال ڪندا آهن. هن حديث مان معلوم ٿيو تہ قرآن ۽ حديث کي ڇڏي يهودين نصارن. حڪيمن ۽ فلاسفرن جي ڪتابن تي عمل نہ ڪيو ويندو.

ڪان پناه ٿو گهران اسين ﷲ جي رب هجڻ ۽ اسلام جي دين هجڻ ۽ محمدﷺ جي نبي هجڻ ۾ راضي آهيون. محمد ﷺ جن فرمايو ته مون کي انهيءَ ذات پاڪ جو قسم آهي، جنهن جي هٿ ۾ محمدﷺ جي جان آهي: جيڪڏهن اوهان وٽ موسيٰ ؑ جيئرو هجي ها ته ضرور منهنجي پيروي ڪري ها_ هن کي دارميءَ روايت ڪيو آهي.

فائده:_ اها حديث تمام ضعيف بلڪ موضوع آهي. راوي محمد بن دائود قنطري ته باطل حديثون گهڙيون، جن مان هڪ هيءَ آهي (مرعاة ص 298ج1)

195- وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : كلامي لا ينسخ كلام الله وكلام الله ينسخ كلامي وكلام الله ينسخ بعضه بعضا .

(195) جابر ؓ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته منهنجو ڪلام ﷲ تعاليٰ جي ڪلام کي منسوخ نٿو ڪري سگهي ([1]) ۽ ﷲ جو ڪلام منهنجي ڪلام کي منسوخ ڪري سگهي ٿو ۽ ﷲ جو ڪلام هڪ ٻئي کي منسوخ ڪري سگهي ٿو.

196- وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن أحاديثنا ينسخ بعضها بعضا كنسخ القرآن "

( 196) ابن عمر ؓ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته منهنجيون حديثون هڪ ٻين کي منسوخ ڪري سگهن ٿيون جئن قرآن (قرآن کي) منسوخ ڪري ٿو.

فائده:_ هن حديث ۾ محمد بن عبدالرحمٰن راوي ضعيف آهي (مرعاة س 299ج1)

197- وعن أبي ثعلبة الخشني قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الله فرض فرائض فلا تضيعوها وحرم حرمات فلا تنتهكوها وحد حدودا فلا تعتدوها وسكت عن أشياء من غير نسيان فلا تبحثوا عنها . روى الأحاديث الثلاثة الدارقطني .

(197) ابو ثعلبه خشني ؓ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته تحقيق ﷲ تعاليٰ ڪيترائي فرض مقرر ڪيا آهن. پوءِ انهن کي ضايع نه ڪريو ۽ ڪيتريون شيون حرام ڪيون اٿس پوءِ انهن جي ويجها نه وڃو ۽ ڪيتريون حدون مقرر ڪيون اٿس پوءِ انهن ۾ زيادتي نه ڪريو ۽ ويسر هجڻ ڪان سواءِ ڪيترين جو ذڪر نه ڪيو اٿس پوءِ انهن تي بحث نه ڪريو_ اهي ٽئي حديثون دار قطنيءَ روايت ڪيون آهن.

# ڪتاب العلم

## فصل پهريون

198- عن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : بلغوا عني ولو آية وحدثوا عن بني إسرائيل ولا حرج ومن كذب علي متعمدا فليتبوأ مقعده من النار. رواه البخاري

---

[1] نسخ جا چار قسم آهن هڪ قرآن جو نسخ قرآن سان_ ٻيو حديث جو نسخ حديث سان_ ٽيون قرآن جو نسخ حديث سان _ چوٿون حديث جو نسخ قرآن سان. هن حديث مان معلوم ٿيو ته قرآن جو نسخ حديث سان نه ٿيندو، پر ڪن عالمن انهيءَ حديث کي ضعيف چيو آهي_ وﷲ اعلم بالصواب.

(198) **عبدالله بن عمرو  کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ منهنجي پاران (خدا جا حڪم ۽ احڪام پهچايو. اگرچہ هڪڙي آيت هجي ۽ بني اسرائيل جون ڳالهيون([1]) بيان ڪريو، ان ۾ گناہ نہ آهي. ۽ جيڪو مون تي ڄاڻي واڻي ڪوڙ هڻندا، ان کي گهرجي تہ پنهنجي جاءِ دوزخ ۾ ناهي([2]) هن کي بخاريءَ روايت ڪيو آهي.**

199- وعن سمرة بن جندب والمغيرة بن شعبة قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من حدث عني بحديث يرى أنه كذب فهو أحد الكاذبين. رواه مسلم .

(199) **سمرہ بن جندب ۽ مغيرہ بن شعبہ ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو منهنجي ڪا حديث بيان ڪري ۽ سمجهي بہ ٿو تہ ڪوڙي آهي تہ اهو ماڻهو ڪوڙن مان هڪ آهي.([3]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

200- وعن معاوية قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من يرد الله به خيرا يفقهه في الدين وإنما أنا قاسم والله يعطي.

(200) **معاويہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن لاءِ الله تعاليٰ ڀلائيءَ جو ارادو ڪندو آهي ان کي دين جي سمجهہ عطا ڪندو آهي ۽ آئون رڳو ورهائيندڙ آهيان ۽ الله تعاليٰ ڏيندڙ آهي( بخاري مسلم)**

201- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : الناس معادن كمعادن الذهب والفضة خيارهم في الجاهلية خيارهم في الإسلام إذا فقهوا . رواه مسلم

(201) **ابو هريرہ ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ سون چانديءَ جي کاڻين وانگر ماڻهن جون بہ کاڻيون ٿين، انهن ۾ جيڪي جاهليت ۾ چڱا هئا، سي اسلام ۾ بہ چڱا آهن، بشرطيڪ اهي دين ۾ سمجهہ حاصل ڪن. ([4]) هن کي مسلم روايت ڪيو.**

202- وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لا حسد إلا في اثنتين رجل آتاه الله مالا فسلطه على هلكته في الحق ورجل آتاه الله الحكمة فهو يقضي بها ويعلمها .

(202) **ابن مسعود ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ٻن قسمن جي ماڻهن سان حسد ڪري سگهجي ٿو.([1])**

---

[1]_ هن مان مراد آهي تہ جيڪي قصا بني اسرائيل کان ٻڌو سي ٻلي بيان ڪريو باقي دين جي حڪمن، احڪان بابت پڇڻ کان ممانعت ٿيل آهي، ڇو تہ حضور ﷺ جن جي شريعت سيني شريعتن کي منسوخ ڪرڻ فرمايو آهي.

[2]هن حديث ۾ ﷺ جن تي ڪوڙ ٻڌڻ بابت سخت منع ۽ ڌمڪي آيل آهي. ڇو تہ ﷺ جن تي ڪوڙ هڻڻ حرام آهي ۽ سيني ڪبيرن گناهن ۾ وڏو ڪبيرو گناہ آهي. امام محمد جويني جو چوڻ آهي تہ ﷺ جن تي ڪوڙ هڻڻ ڪفر آهي ۽ هيءَ حديث متواتر حديثن مان هڪ آهي، هن حديث جي درجہ کي ٻي ڪابہ متواتر حديث نہ پهتي آهي، اها ڪيترن ئي صحابين کان روايت ٿيل آهي جيڪي مڙئي 26 آهن. جن ۾ عشرة المبشرة بہ اچي وڃن ٿا.

[3]_ اهو ڪوڙو هن ڪري آهي جو هو پهرئين ڪوڙي راوي جي ڪلام بيان ڪرڻ ۾ مددگار بنيو آهي.

[4]_هن جملي جو هي مطلب آهي تہ جيڪي ماڻهو ڪفر جي حالت ۾ سخاوت، شجاعت، ۽ ٻيون چڱيون صفتون رکندا هئا سي جڏهن مسلمان ٿيا ۽ علم دين حاصل ڪيائون تڏهن وڌيڪ چڱا ٿيندا.

1_ جنهن کي الله مال عطا ڪيو پوءِ ان کي حق جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق ڏئي.
2_ اهو ماڻهو جنهن کي الله تعاليٰ حڪمت ۽ دانائي عطا ڪري پوءِ ان سان فيصلا ڪري ۽ ٻين کي سيکاري_ هن کي بخاريءَ ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.

203- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا مات الإنسان انقطع عمله إلا من ثلاثة أشياء : صدقة جارية أوعلم ينتفع به أوولد صالح يدعو له . رواه مسلم .

(203) ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن انسان مري ويندو آهي ته ان کي عملن جو ثواب موت کان بعد به ملندو رهي ٿو:
1_ صدقه جاري،
2_ اهڙو علم جنهن مان فائدو ورتو وڃي ۽،
3_صالح اولاد جيڪو ان لاءِ دعا گهرندو رهي. ([2]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

204- وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من نفس عن مؤمن كربة من كرب الدنيا نفس الله عنه كربة من كرب يوم القيامة ومن يسر على معسر يسر الله عليه في الدنيا والآخرة . ومن ستر مسلما ستره الله في الدنيا والآخرة والله في عون العبد ما كان العبد في عون أخيه ومن سلك طريقا يلتمس فيه علما سهل الله له به طريقا إلى الجنة وما اجتمع قوم في بيت من بيوت الله يتلون كتاب الله ويتدارسونه بينهم إلا نزلت عليهم السكينة وغشيتهم الرحمة وحفتهم الملائكة وذكرهم الله فيمن عنده ومن بطأ به عمله لم يسرع به نسبه . رواه مسلم .

(204) پڻ ابو هريره ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جيڪو ماڻهو ڪنهن مسلمان کان دنيا جي سختين مان ڪا سختي دور ڪندو ته الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن وارين سختين مان ان کان سختي دور ڪندو ۽ جيڪو تنگدست تي آساني ڪندو، ان تي الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت ۾ آساني ڪندو، ۽ جيڪو مسلمان جو عيب ڍڪيندو ۽ جيستائين ٻانهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي مدد ۾ هوندو تيستائين الله تعاليٰ ان لاءِ بهشت جو رستو آسان ڪندو ۽ جيڪا قوم الله جي گهرن ( مسجدن) مان ڪنهن گهر ۾ گڏ ٿي (اتي) الله جو ڪتاب پڙهن ۽ پاڻ ۾ معنيٰ بيان ڪن ته انهن تي سڪينت (راحت) نازل ٿيندي ۽ ڪين رحمت ويڙهي ونندي ۽ انهن کي

---

[1]_ هتي حسن مان مراد غبط آهي. حسد ان کي چئبو آهي جو ڪنهن ماڻهو کي خوشحال ڏسي ڪو ماڻهو هي خواهش ڪري ته هيءُ ائين نه هجي ته چڱو ٿئي، اهڙو حسد حرام آهي، مگر ظالم ۽ مفسدن جي حق ۾ ائين سمجهڻ جائز آهي. غبط هن کي چئبو آهي ته ڪنهن کي خوشحال ڏسي ڪو آرزو ڪري ته جيئن فلاڻو آهي تيئن شل مونکي به خدا ڪري ته چڱو. اهڙي چڱي قسم جي آرزو درست آهي. انهي جو نالو غبط آهي، يعني ريس نه حسد: شيخ عبدالحق ۽ ملا علي قاري ائين ئي لکيو آهي.

[2]_ يعني انهن عملن جو ثواب مرڻ کان پوءِ نتو ملي، سواءِ حديث ۾ ڏيکاريل ٽن عملن جي، جن جو ثواب مرڻ کان پوءِ به ملي ٿو: جيئن ته صدقه جاريه يعني ڪو ماڻهو زمين يا ٻي شيءِ وقف ڪري، يا کوهه يا تلاءُ نهرايو ويو، يا ڪو مفيد ڪتاب تصنيف ڪري، يا ڪنهن کي علم پڙهايو ويو، يا ڪو اولاد مائٽن لاءِ دعا گهرندڙ ڇڏي ويو، ته انهن صورتن ۾ ڪس مرڻ کان پوءِ ثواب ملندو رهندو.

**ملائڪ گهيريندا ۽ انهن جو ذڪر ﷲ تعاليٰ انهن (مقرب ملائڪن) ۾ ڪندو جيڪي وٽس آهن. جيڪو ماڻهو عملن ۾ دير ڪندو ان لاءِ ان جو نسب ڪا بہ جلدي نہ ڪندو.([1]) (مسلم).**

205- وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن أول الناس يقضى عليه يوم القيامة رجل استشهد فأتي به فعرفه نعمه فعرفها قال فما عملت فيها ؟ قال قاتلت فيك حتى استشهدت قال كذبت ولكنك قاتلت لأن يقال جريء فقد قيل ثم أمر به فسحب على وجهه حتى ألقي في النار ورجل تعلم العلم وعلمه وقرأ القرآن فأتي به فعرفه نعمه فعرفها قال فما عملت فيها قال تعلمت العلم وعلمته وقرأت فيك القرآن قال كذبت ولكنك تعلمت العلم ليقال عالم وقرأت القرآن ليقال هو قارئ فقد قيل ثم أمر به فسحب على وجهه حتى ألقي في النار ورجل وسع الله عليه وأعطاه من أصناف المال كله فأتي به فعرفه نعمه فعرفها قال فما عملت فيها ؟ قال ما تركت من سبيل تحب أن ينفق فيها إلا أنفقت فيها لك قال كذبت ولكنك فعلت ليقال هو جواد فقد قيل ثم أمر به فسحب على وجهه ثم ألقي في النار . رواه مسلم .

(205) **ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ تحقيق ماڻهن مان قيامت جي ڏينهن جنهن لاءِ پهريائين فيصلو ڪيو ويندو، سو اهو شخص هوندو جيڪو شهيد ڪيو ويو ([2]) ان کي آندو ويندو، ﷲ تعاليٰ ان کي پنهنجيون نعمتون ڄاڻائيندو. اهو انهن جو اعتراف ڪندو. ﷲ تعاليٰ چوندس تہ تو انهن نعمتن بابت ڪهڙو ڪم ڪيو. چوندو تہ مون تنهنجي راهہ ۾ لڙايون ڪيون تانجو شهيد ٿي ويس. ﷲ تعاليٰ چوندس تہ تو ڪوڙ ڳالهايو. تو تہ هن مطلب لاءِ لڙايون ڪيون تہ توکي بهادر چيو وڃي. پوءِ بيشڪ تولاءِ ائين چيو ويو. پوءِ ان بابت حڪم ڪيو ويندو، ڪيس منهن ڀر گهليو ويندو تانجو جهنم ۾ وڌو ويندو. وري هڪ ماڻهو جنهن علم سکيو هو ۽ ٻين کي سيکاريو هئائين ۽ قرآن شريف پڙهندو هو انکي آندو ويندو. پوءِ ﷲ تعاليٰ ان کي بہ پنهنجيون نعمتون ڄاڻائيندو جن جو اعتراف ڪندو. پوءِ ﷲ تعاليٰ فرمائيندو تہ تو انهن نعمتن بابت ڪهڙو ڪم ڪيو؟ چوندو تہ تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. تو علم هن لاءِ سکيو سيکاريو تہ ماڻهو توکي عالم چون ۽ قرآن هن مطلب لاءِ پڙهيئي تہ تون قاري سڏيو وڃين. پوءِ ان لاءِ حڪم ڪيو ويندو ۽ ڪيس منهن ڀر گهليو ويندو، تانجو دوزخ ۾ اڇلايو ويندو. وري هڪ شخص جنهن لاءِ دنيا ۾ روزي ڪشادي ڪئي هئي ۽ هن اهو مال حرام طرح خرچ ڪيو هوندو، ان کي آندو ويندو پوءِ ﷲ ان کي پنهنجون نعمتون معلوم ڪرائيندو جن کي هو معلوم ڪندو. پوءِ ﷲ تعاليٰ چوندو تہ خرچ ڪرڻ جي جن رستن کي تون پسند ٿو ڪري تن مان مون ڪوبہ نہ ڇڏيو تو لاءِ انهن ۾ خرچ ڪيم. ﷲ تعاليٰ چوندو تہ تون ڪوڙو آهين تو اهي خرچ هن لاءِ ڪيا تہ**

---

[1] _ يعني جنهن عمل ۾ قصور ڪيو تنهن کي سندس عالي نسب قيامت ۾ ڪجهہ ڪم نہ ڏيندو بقول جاميؒ

بنده عشق شدی ترک نسب کن جامی

که دریں راه فلاں ابن فلاں چیزے نیست.

[2] _ خالص نيت نہ هجڻ ڪري جنهن جو پهريائين فيصلو ٿيندو سو شهيد هوندو جيڪو نام نمود لاءِ شهيد ٿيو هوندو.

**توکي سخي چيو وڃي سو توکي سخي چيو ويو. پوءِ ان لاءِ حڪم ڪيو ويندو ۽ پوءِ ان کي منهن ڀر گهليو ويندو تانجو هو دوزخ ۾ ويندو. (مسلم)**

206- وعن عبدالله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الله لا يقبض العلم انتزاعا ينتزعه من العباد ولكن يقبض العلم بقبض العلماء حتى إذا لم يبق عالما اتخذ الناس رءوسا جهالا فسئلوا فأفتوا بغير علم فضلوا وأضلوا .

(206) **عبدالله بن عمرو ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق اللهُ تعاليٰ علم کي ٻانهن مان علم ڪيڻ جي طرح سان نہ ڪيندو پر عالمن کي کڻن وسيلي علم کي ڪيندو. تانجو جڏهن کو عالم باقي نہ رهندو تڏهن ماڻهو جاهلن کي رئيس بنائيندا ۽ انهن کان مسئلا پڇيا ويندا، اهي بي علمي سان فتويٰ ڏيندا؛ پاڻ بہ گمراهہ ٿيندا ۽ ٻين کي بہ گمراهہ ڪندا. (بخاري_مسلم)**

207- وعن شقيق : كان عبدالله يذكر الناس في كل خميس فقال له رجل يا أبا عبدالرحمن لوددت أنك ذكرتنا كل يوم قال أما إنه يمنعني من ذلك أني أكره أن أملكم وإني أتخولكم بالموعظة كما كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يتخولنا بها مخافة السآمة علينا .

(207) **شفيق کان روايت آهي تہ عبدالله بن مسعود ﷛ هر خميس تي ماڻهن کي وعظ ڪندو هو: هڪ ماڻهو ڪيس چيو تہ اي عبدالرحمٰن جا پيءُ! ([1]) بيشڪ آئون هن ڳالهہ کي پسند ٿو ڪريان تہ تون اسان کي هر روز نصيحت ڪندو ڪر. چيائين تہ مون کي هيءَ ڳالهہ روڪي ٿي جو آئون پسند نٿو ڪريان تہ اوهان کي تنگ ڪريان. آئون اوهان کي (اهڙيءَ طرح) نصيحت جي وسيلي خبردار ڪريان ٿو، جهڙي طرح رسول الله ﷺ اسان کي (ڪڏهن ڪڏهن) نصيحت جي وسيلي خبردار ڪندا هئا تہ متان اسين ڪڪ ۽ تنگ نہ ٿيون(بخاري_مسلم)**

208- وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا تكلم بكلمة أعادها ثلاثا حتى تفهم عنه وإذا أتى على قوم فسلم عليهم سلم عليهم ثلاثا. رواه البخاري

(208) **انس ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن ڪا ڳالهہ چوندا هئا تہ ان کي ٽي دفعا ورجائيندا هئا، هن لاءِ تہ ماڻهو چڱيءَ طرح سمجهن ۽ جڏهن ڪنهن قوم وٽ ايندا هئا، انهن کي سلام ڪندا هئا تہ ٽي ڀيرا سلام چوندا هئا.([2]) بخاري)**

209- عن أبي مسعود الأنصاري قال جاء رجل إلى النبي صلى الله عليه وسلم فقال إني أبدع بي فاحملني فقال ما عندي فقال رجل يا رسول الله أنا أدله على من يحمله فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من دل على خير فله مثل أجر فاعله . رواه مسلم

---

[1]_ ابو عبدالرحمٰن،عبدالله بن مسعود ﷛ جي ڪنيت آهي.

[2]_ پهريون سلام اندر اچڻ جي موڪل وٺڻ لاءِ چوندا هئا. ٻيو سلام تحيت جو يعني ملاقات جو چوندا هئا ۽ ٽيون رخصت جي وقت.

(209) **ابو مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن وٽ هڪ شخص آيو. چوڻ لڳو تہ تحقيق منهنجي سواري ٿڪجي پئي آهي، تنهن ڪري مون کي ڪا سواري ڏيو، رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ مون وٽ سواري ناهي. تنهن تي هڪ ماڻهو چيو تہ يا رسول اللهﷺ آئون هن کي اهڙي ماڻهو جو ڏس ڏيان ٿو جيڪو هن کي سواري ڏيندو. رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو نيڪي جو ڏس پتو ڏيندو، ان کي بہ نيڪي ڪندڙ جيترو ثواب ملندو.(مسلم)**

210- وعن جرير قال : ( كنا في صدر النهارعند رسول الله صلى الله عليه وسلم فجاءه قوم عراة مجتابي النمار أو العباء متقلدي السيوف عامتهم من مضر بل كلهم من مضر فتمعر وجه رسول الله صلى الله عليه وسلم لما رأى بهم من الفاقة فدخل ثم خرج فأمر بلالا فأذن وأقام فصلى ثم خطب فقال : ﴿يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّاسُ ٱتَّقُواْ رَبَّكُمُ ٱلَّذِى خَلَقَكُم مِّن نَّفْسٍ وَٰحِدَةٍ... ﴾ النساء: ١.. إلى آخر الآية ﴿... إِنَّ ٱللَّهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيبًا ﴾ النساء.. والآية التي في الحشر.﴿... ٱتَّقُواْ ٱللَّهَ وَلْتَنظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ... ﴾الحشر: ١٨ تصدق رجل من ديناره من درهمه من ثوبه من صاع بره من صاع تمره حتى قال ولو بشق تمرة قال فجاء رجل من الأنصار بصرة كادت كفه تعجز عنها بل قد عجزت قال ثم تتابع الناس حتى رأيت كومين من طعام وثياب حتى رأيت وجه رسول الله صلى الله عليه وسلم يتهلل كأنه مذهبة فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من سن في الإسلام سنة حسنة فله أجرها وأجر من عمل بها من بعده من غير أن ينقص من أجورهم شيء ومن سن في الإسلام سنة سيئة كان عليه وزرها ووزر من عمل بها من بعده من غير أن ينقص من أوزارهم شيء . رواه مسلم

(210) **جرير ﷛ کان روايت آهي تہ اسين ڏينهن جي پهرئين حصي ۾ رسول اللهﷺ جن وٽ ويٺا هئاسين پوءِ وٽن ڪي ماڻهو آيا جن جي جسمن تي واجبي ڪپڙا هئا، سندس جسمن تي انجون پٽا پٽي چادرون ڍڪيل هيون ۽ تلوارون ڳچيءَ ۾ ٽنگيل هين، اڪثر ماڻهو بلڪ سيئي مضر قبيلي جا هئا. انهن تي فاقي جو اثر ڏسي رسول اللهﷺ جن جو چهرو بدلجي ويو. پاڻ پنهنجي گهر ويا، اتان وري ٻاهر نڪتا ۽ بلال کي بانگ ڏيڻ جو حڪم ڏنائون. انهيءَ بانگ ڏني ۽ تڪبير چيائين. ﷺ جن نماز پڙهائي ۽ پوءِ خطبو ڏنائون_ ۽ چيائون تہ اي انسانو! پنهنجي انهيءَ رب کان ڊڄو، جنهن اوهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو آهي. اها آيت پڇاڙيءَ "يعني بيشڪ ﷲ اوهان تي نگهبان آهي"_ تائين پڙهيائون ۽ ٻي آيت جيڪا سورة حشر ۾ آهي (ترجمو) "ﷲ کان ڊڄو ۽ ماڻهوءَ کي ڏسڻ گهرجي تہ سڀاڻي (قيامت) لاءِ اڳتي ڇا موڪليو اٿس؟**

**(پوءِ ڇا ٿيو جو) ماڻهو پنهنجي دينارن مان، پنهنجي درهمن مان، پنهنجي ڪپڙن مان، پنهنجي جون ۽ ڪڻڪ جي ٽوين مان، پنهنجي ڪارڪن جي ٽوين مان خيرات ڏني، تانجو پاڻ فرمايائون: "جيتوڻيڪ هڪ کارڪ جو ٽڪرو هجي تہ اهو بہ ڏيو". راوي چوي ٿو تہ پوءِ انصارن مان هڪ ماڻهو آيو. انجي ترئَ تي هڪ (پيسن جي) ڳري ٿيلهي هئي جنهن کان سندس هٿ ٿڪجڻ تي هو، بلڪ تحقيق سندس هٿ تہ ٿڪجي چڪو هو ۽ پوءِ هڪ ٻئي پنيان ماڻهو اچڻ لڳا، تانجو مون کاڌي جي شين ۽ ڪپڙن جا بہ ڍير ڏٺا، تانجو مون رسول اللهﷺ جن جو چهرو (خوشيءَ کان) چمڪندي ڏٺو گويا سونهري ٿي ويو هو. پوءِ حضورﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو**

**اسلام ۾ چڱو طريقو هلائيندو، ان کي ان جو اجر ۽ انهن ماڻهن جيترو اجر پڻ ملندو، جيڪي ان کان پوءِ انهيءَ تي عمل ڪندا ۽ انهن جي اجوري مان ڪجهه به گهٽ نه ڪيو ويندو ۽ جنهن اسلام ۾ بڇڙو طريقو هلايو، ان تي پنهنجو گناهه ۽ انهن ماڻهن جي گناه جو بار به پوندو جيڪي ان کان بعد ان تي عمل ڪن ۽ انهن جي گناهن مان ڪجهه به نه گهٽايو ويندو. (مسلم)**

211- وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لا تقتل نفس ظلما إلا كان على ابن آدم الأول كفل من دمها لأنه أول من سن القتل. وسنذكر حديث معاوية : لا يزال من أمتي في باب ثواب هذه الأمة إن شاء الله تعالى .

(211) **ابن مسعودﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جيڪو به ماڻهو ظلم سان قتل ڪيو وڃي ٿو ان جي خون جي گناه مان هڪ حصو آدم ؑ جي پهرين پٽ (قابيل) تي پوي ٿو. [1] اهو هن ڪري جو سڀ کان اول قتل جو طريقو ان شروع ڪيو هو_ متفق عليه ۽ معاوده جي حديث "لايزال من امتي" باب ثواب هذه الامة" ۾ سگهو ئي بيان ڪنداسين.**

## فصل ٻيو

212- عن كثير بن قيس قال كنت جالسا مع أبي الدرداء في مسجد دمشق فجاءه رجل فقال يا أبا الدرداء إني جئتك من مدينة الرسول صلى الله عليه وسلم ما جئت لحاجة قال فإني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول من سلك طريقا يطلب فيه علما سلك الله به طريقا من طرق الجنة وإن الملائكة لتضع أجنحتها رضا لطالب العلم وإن العالم يستغفر له من في السموات ومن في الأرض والحيتان في جوف الماء وإن فضل العالم على العابد كفضل القمر ليلة البدر على سائر الكواكب وإن العلماء ورثة الأنبياء وإن الأنبياء لم يورثوا دينارا ولا درهما وإنما ورثوا العلم فمن أخذه أخذ بحظ وافر . رواه أحمد والترمذي وأبو داود وابن ماجه والدارمي وسماه الترمذي قيس بن كثير .

(212) **ڪثير بن قيس کان روايت آهي ته آئون ابو درداءؓ سان گڏ دمشق شهر جي مسجد ۾ ويٺو هئس. وٽس هڪ ماڻهو آيو چوڻ لڳو ته اي ابو درداءَ! آئون تو وٽ رسول اللهﷺ جي شهر مان هڪ حديث (ٻڌڻ) لاءِ آيو آهيان جو مون کي خبر پهتي آهي ته تون رسول اللهﷺ جن کان اها بيان ڪرين ٿو. آءٌ ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ نه آيو آهيان. ابودرداءؓ چيس ته تحقيق مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو آهي ته جيڪو ماڻهو علم جي طلب لاءِ ڪابه واٽ هلندو ته انهي کي الله تعاليٰ بهشت جي واٽن مان هڪ واٽ تي هلائيندو ۽ بيشڪ ملائڪ طالب علم جي رضامندي لاءِ پنهنجا پَرَ وڇائين ٿا ۽ تحقيق عالم لاءِ جيڪي آسمان ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهن: (ايتري قدر جو) مڇيون جيڪي پاڻيءَ ۾ آهن، اهي به بخشش گهرن ٿيون ۽ بيشڪ عالم جي عابد تي فضيلت**

---

[1] _ جيڪو ماڻهو خون ڪندو ته ان خون جيترو گناهه قابيل تي به لکيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته خونريزي جي بڇڙي رسم پهريائين دنيا ۾ هن ايجاد ڪئي هئي.

اهڙي آهي جهڙي چوڏهينءَ جي چنڊ کي سيني تارن تي آهي ۽ تحقيق عالم نبين جا وارث آهن. بيشڪ نبي ورثي ۾ دينار ۽ درهم نہ ڇڏيندا آهن، بلڪ هي ورثي ۾ عالم ڇڏيندا آهن. پوءِ جنهن علم حاصل ڪيو، انهيءَ دين جو وڏو ڀاڱو ( ۽ ڀاڱ) ورتو_ هن کي احمد، ترمذي، ابو دائود جو نالو قيس بن ڪثير چيو آهي.

213- وعن أبي أمامة الباهلي قال : ذكر لرسول الله صلى الله عليه وسلم رجلان أحدهما عابد والآخر عالم فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : فضل العالم على العابد كفضلي على أدناكم ثم قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الله وملائكته وأهل السماوات والأرض حتى النملة في جحرها وحتى الحوت ليصلون على معلم الناس الخير . رواه الترمذي وقال حسن غريب .

(213) ابو امامه باهلي ﷛ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي رسول اللهﷺ جن وٽ ٻن ماڻهن هڪ عابد ۽ ٻئي عالم جو ذڪر ڪيو ويو. پاڻ فرمايائون تہ عالم کي عابد تي اهڙي فضيلت آهي جهڙي مون کي اوهان مان گهٽ درجي واري تي آهي پوءِ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ﷲ تعاليٰ، سندس فرشتا، ([1]) آسمان زمين وارا تانجو ماڪوڙي پنهنجي ٻر ۾ ۽ تانجو مڇي پڻ ([2]) ماڻهن کي نيڪي سيکاريندڙ ماڻهو لاءِ دعا ڪن ٿا. هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.

214- ورواه الدارمي عن مكحول مرسلا ولم يذكر : رجلان وقال : فضل العالم على العابد كفضلي على أدناكم ثم تلا هذه الآية : إنما يخشى الله من عباده العلماء . وسرد الحديث إلى آخره.

(214) ۽ دارمي مڪحول کان مرسل حديث بيان ڪئي آهي، ان ۾ ”ٻن ماڻهن“ جو بيان نہ آهي ۽ فرمايو اٿن تہ ” عالم جي فضيلت عابد تي اهڙي آهي جهڙي منهنجي فضيلت اوهان مان گهٽ درجي واري تي آهي.([3]) پوءِ هيءَ آيت پڙهيائون (ترجمو) ﷲ کان انجي ٻانهن مان رڳو عالم ئي ڊڄندا آهن“ _ ۽ حديث کي آخر تائين ذڪر ڪيائين.

215- وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الناس لكم تبع وإن رجالا يأتونكم من أقطار الأرض يتفقهون في الدين فإذا أتوكم فاستوصوا بهم خيرا . رواه الترمذي .

(215) ابو سعيد خدري ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ تحقيق ماڻهو اوهان (اصحابين) جا تابع آهن. اوهان وٽ زمين جي هر طرف کان ماڻهو دين جي سمجهہ وٺڻ ايندا. جڏهن اوهان وٽ اچن تہ انهن جي حق ۾ اوهان کي خير جي وصيت ٿو ڪريان _ هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.

فائده:_ هيءَ حديث ضعيف آهي ان جي سند ۾ ابو هارون عبدي متروڪ راوي آهي، ڪن ان کي ڪذاب بہ ڪوٺيو آهي (مشڪوٰة_ الباني ص 75 ج1)

---

[1] _ هن مان مراد آهي تہ ملائڪ بہ علم واري جي اڳيان تواضع ۽ نوڙت سان پيش اچن ٿا.

[2] مڇين جو بيان خاص هن ڪري آندو ويو آهي جو مڇيون پاڻي ۾رهن ٿيون، انهنکي بہ برسات وغيره جي گهرج ٿئي ٿي. علم جي برڪت سان مينهن وسنٿا ۽ سستايون ٿين ٿيون ۽ ٻيون برڪتون نازل ٿين ٿيون. مڇين جو پاڻي ۾ رهڻ ۽ سندن خوشحالي بہ علم ۾ عالم جي برڪت ڪان آهي.

[3] _ چو تہ عالم جو فائدو متعدي آهي يعني ٻين کي پهچي ٿو ۽ عابد جو فائدو لازم آهي يعني سندن ذات تائين.

216- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : الكلمة الحكمة ضالة الحكيم فحيث وجدها فهو أحق بها . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي هذا حديث غريب وإبراهيم بن الفضل الراوي يضعف في الحديث .

(216) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ حڪمت جي ڳالھ دانا جي وڃايل شيءِ آهي ([1]) جيڪو ان کي جتي بہ لهي: اهو ان جو زياده حقدار آهي. هن کي ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي. ترمذي چيو آهي تہ هي حديث غريب آهي ڇو تہ هن حديث جو راوي ابراهيم بن فضل حديث ۾ ضعيف شمار ڪيو ويو آهي.**

217- وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : فقيه واحد أشد على الشيطان من ألف عابد . رواه الترمذي وابن ماجه.

(217) **ابن عباس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هڪ سمجهو (يعني عالم) هزار عابدن کان وڌيڪ شيطان تي سخت آهي([2]) هن کي ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ هيءَ حديث ضعيف آهي. ان ۾ راوي روح بن جناح ضعيف هي (مشڪوٰة _الباني ص75 ج1)**

218- وعن أنس بن مالك قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : طلب العلم فريضة على كل مسلم وواضع العلم عند غير أهله كمقلد الخنازير الجوهر واللؤلؤ والذهب. رواه ابن ماجه وروى البيهقي في شعب الإيمان إلى قوله مسلم . وقال : هذا حديث متنه مشهور وإسناده ضعيف وقد روي من أوجه كلها ضعيف .

(218) **انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هر مسلمان تي علم طلب ڪرڻ فرض آهي ([3]) ۽ نالائق کي علم سيکارڻ جو مثال اهڙو آهي جهڙو سوئر کي جواهرن ۽ موتين ۽**

---

[1]_ يعني جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي گم ٿيل شيءِ ڪنهن ماڻهو وٽ ڏسندو تہ انکان وٺندو اهڙيءَ طرح عاقل ماڻهو دين جي ڪابہ فائده واري ڳالھ جنهن کان بہ ٻڌي، قبول ڪري ۽ ان تي عمل ڪري ۽ هي خيال نہ ڪري تہ هن مسڪين گهٽ درجہ واري جي ڳالھ جو قبول ڪريان.

[2]_ ڇو تہ شيطان جڏهن ماڻهن تي خواهش نفسانيءَ جا دروازا کوليندو آهي، تہ عالم سڃاڻي وٺندو آهي ۽ ماڻهن کي اهڙين خواهشات کان منع ڪندو آهي، پر عابد پنهنجي عبادت ۾ مشغول رهندو آهي ۽ خلق جي سڌرڻ جو ڪو خيال نہ هوندو اٿس.

[3]_ هن مان مراد اهو علم آهي جنهن جي سخت ضرورت هجي مثلاً جڏهن ڪو ماڻهو مسلمان ٿئي تو تڏهن ان کي سندن خالق جي سڃاڻپ ۽ ان جون صفتون معلوم ڪرڻ ۽ رسول ڪريم ﷺ جن جي نبوت کي ڄاڻڻ ۽ ٻيون شيون جن جي ڄاڻڻ کان سواءِ ايمان صحيح ناهي، سي سڀ ڄاڻڻ فرض آهي. جيئن جڏهن نماز جو وقت اچي تڏهن نماز جي احڪامن سکڻ جو علم واجب ٿيو. جڏهن رمضان شريف اچي تڏهن روزن جا احڪام سکڻ واجب ٿيا. جڏهن زڪوٰة جي نصاب جو مالڪ ٿيو، تڏهن احڪام زڪوٰة جو علم مٿس واجب ٿيو.

سون جوهار پهرايو وڃي (1) هن کي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ ”.....ڪل مسلم“ تائين حديث بيان ڪئي آهي ۽ چيو اٿس تہ هن حديث جو متن مشهور آهي ۽ ان جو اسناد ضعيف آهي ۽ ڪيترن طريقن سان روايت ڪئي وئي آهي، پر سڀئي ضعيف آهن.

فائدو:_ بعض مصنفن ” مسلم سان مسلِمَۃٍ جو بہ لفظ بيان ڪيو آهي، حالانڪ ان جو ڪنهن بہ طريقي ۾ ذڪر نہ آيو آهي جيتوڻيڪ روايت جي لحاظ سان درست آهي. جمال الدين مذي بيان ڪري ٿو تہ اها حديث ڪيترن طريقن جي سبب ڪري حسن درجي کي پهتي آهي. واللہ اعلم (مشڪوٰة_ الباني ص_ 86ج1)

219- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : خصلتان لا تجتمعان في منافق : حسن سمت ولا فقه في الدين . رواه الترمذي .

(219) ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ بہ عادتون منافق ماڻهوءَ ۾ گڏ نہ ٿينديون 1_ هڪ سهڻي روش، 2_ دين جو فهم.(2) هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ هي حديث ضعيف آهي. ان ۾ راوي خلف بن ايوب عامري ضعيف آهي (مشڪوة الباني ص76ج1)

220- وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من خرج في طلب العلم فهو في سبيل الله حتى يرجع . رواه الترمذي والدارمي

(220) انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي گهر مان) علم جي طلب لاءِ نڪتو، جيستائين موٽي پنهنجي گهر اچي تيستائين خدا جي واٽ ۾ آهي (3) هن کي ترمذيءَ ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.

221- وعن سخبرة الأزدي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من طلب العلم كان كفارة لما مضى . رواه الترمذي والدارمي وقال الترمذي : هذا حديث ضعيف الإسناد وأبو داود الراوي يضعف .

(221) سخبره ازدي ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو علم طلب ٿو ڪري تہ اهو ان جي اڳ ڪيل (صغيره) گناهن جو ڪفارو آهي_ هن کي ترمذيءَ ۽ دارميءَ روايت ڪيو آهي. ترمذي چيو آهي هن حديث جي سند ضعيف آهي ۽ راوي ابو دائود ضعيف آهي.

---

1_ يعني جنهن کي جيترو استعداد ۽ لياقت هجي، تنهن کي اوترو علم سيکارجي، مثلاً عام ماڻهن جي اڳيان تصوف وغيره جا باريڪ نڪتا بيان ڪرڻ يا زمين ۽ آسمان جي گردش جي گول هجڻ جا دليل بيان ڪرڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونهي.

2_توربشتي چوي ٿو تہ حقيقت ۾ تفقه في الدين هي آهي تہ دين جي سمجهہ دل ۾ اچي، پوءِ زبان سان ماڻهن کي ٻڌائي ۽ ان تي عمل ڪري.

3_يعني جيڪو علم جي طلب لاءِ گهران يا شهر کان نڪري، اهڙو ماڻهو مجاهد جو ثواب حاصل ڪندو. چاڪاڻ تہ هيءُ بہ دين جي وڌائڻ، شيطان کي ذليل ڪرڻ، پنهنجي نفس کي وڏائي ۽ گهمنڊ کان آجو ڪرڻ لاءِ علم پڙهي ٿو.

222- وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لن يشبع المؤمن من خير يسمعه حتى يكون منتهاه الجنة . رواه الترمذي .

(222) **ابو سعيد خدري ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ مؤمن خير (علم) جون ڳالهيون ٻڌڻ ڪان نہ ڍاپندو[1] آهي؛ تانجو ان جي پڇاڙي بهشت ٿئي_ هن ڪي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.**

223- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من سئل عن علم علمه ثم كتمه ألجم يوم القيامة بلجام من نار . رواه أحمد وأبو داؤد والترمذي .

(223) **ابو هريره ﷛ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن ڪان علم جي ڪا اهڙي ڳالهہ پڇجي. جيڪا ڄاڻندو هجي پوءِ لڪائيندو تہ قيامت جي ڏينهن ڪيس باهہ جو لغام چاڙهيو ويندو[2] هن ڪي احمد، ابو دائود، ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.**

224- ورواه ابن ماجه عن أنس

(224) **۽ ابن ماجہ اها حديث انس﷛ ڪان روايت ڪئي آهي.**

225- وعن كعب بن مالك قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من طلب العلم ليجاري به العلماء أو ليماري به السفهاء أو يصرف به وجوه الناس إليه أدخل الله النار . رواه الترمذي .

(225) **ڪعب بن مالڪ ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو تہ جنهن ماڻهو هن مقصد لاءِ علم حاصل ڪيو تہ جيئن ان ذريعي عالمن سان بحث مباحثو ۽ مقابلو ڪري يا جاهلن کي شڪ شبهي ۾ وجهي يا ان وسيلي ماڻهن جو توجہ حاصل ڪري[3] تہ اللهﷻ تعاليٰ ان کي دوزخ ۾ داخل ڪندو.**

226- ورواه ابن ماجه عن ابن عمر .

(226) **۽ پڻ ابن ماجه اها حديث ابن عمر ﷛ ڪان بيان ڪئي آهي.**

**فائده:_ ان ۾ راوي حماد بن عبدالرحمٰن ضعيف آهي. (مرعاة ص126 ج1)**

---

[1] _يعني اخير عمر تائين علم ۾ مؤمن مشغول رهي ٿو. علم جي برڪت ڪري بهشت حاصل ڪندو. هن حديث ۾ طالب علم کي خوشخبري آهي تہ دنيا مان ان جو ايمان سان لاڏاڻو ٿيندو. انهيءَ درجي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا اهل اللهﷻ! اخير عمر تائين علم جي تحصيل ۾ مشغول رهن ٿا جيتوڻيڪ ڪين تمام گهڻو علم حاصل ٿئي ٿو تہ بہ علم جو ميدان وسيع سمجهي، علم جي مشغوليءَ کي ترڪ نہ ٿا ڪن (عبدالحق)

[2] _ جڏهن ڪنهن کان فتويٰ حلال يا حرام بابت پڇي وڃي تہ پوءِ ان جو صحيح جواب ٻڌائڻ فرض آهي ۽ لڪائڻ يا نہ ٻڌائيڻ ڪبيره گناهہ آهي.

[3] _ يعني علم هي نيت سان پڙهي تہ ماڻهو ڪيس فقط مان ۽ مال ڏين، البت جيڪڏهن پهريائين نيت علم پڙهڻ ۾ خاص خدا جي رضا هئي، پوءِ انجي طبيعت جولاڙو دنيا جي مال ۽ مان ڏانهن مبذول ٿيو تہ اهو هن حڪم داخل نہ ٿيندو، ڇو تہ ويچارو طبعي لاءڙي ۾ معذور آهي ڪيس خدا تعاليٰ مرهيندو.

227- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من تعلم علما مما يبتغى به وجه الله لا يتعلمه إلا ليصيب به عرضا من الدنيا لم يجد عرف الجنة يوم القيامة . يعني ريحها . رواه أحمد وأبو داؤد وابن ماجه .

(227) **ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو اهڙو علم: جنهن سان ﷲ جي رضا حاصل ڪئي وڃي: فقط دنيا لاءِ حاصل ڪندو، تہ قيامت(1) جي ڏينهن بهشت جي بوءِ بہ نہ لهندو. هن کي احمد، ابودائود ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

228- وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : نضر الله عبدا سمع مقالتي فحفظها ووعاها وأداها فرب حامل فقه غير فقيه ورب حامل فقه إلى من هو أفقه منه . ثلاث لا يغل عليهن قلب مسلم إخلاص العمل لله والنصيحة للمسلمين ولزوم جماعتهم فإن دعوتهم تحيط من ورائهم . رواه الشافعي والبيهقي في المدخل .

(228) **ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ﷲ تعاليٰ ان ٻانهي کي خوش رکي جنهن منهنجو ڪلام ٻڌو ۽ ان کي ياد ڪيائين ۽ ان جو فهم حاصل ڪيائين ۽ ان کي بيان ڪيائين، ڇاڪاڻ تہ فقہ (علم) جا ڪيترا حامل سمجهہ (يعني تفقہ) وارا نہ هوندا آهن ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي انهن تائين علم پهچائيندا آهن ۽ اهي انهن کان زياده سمجهو هوندا آهن(2) ۽ ٽي خصلتون آهن جن تي مسلمان جي دل خيانت نہ ڪندي آهي. 1_ ﷲ لاءِ عمل ۾ اخلاص، 2_ مسلمانن سان خيرخواهي ڪرڻ، 3_سندن جماعت کي لازم ڪري وٺڻ_ ڇاڪاڻ تہ انهن جي دعا انهن کان سواءِ ٻين کي گهيري وٺندي آهي_ هن کي شافعيءَ الرساله ۽ مسند ۾ ۽ بيهقيءَ مدخل ۾ روايت ڪيو آهي.**

229- ورواه أحمد والترمذي وأبو داود وابن ماجه والدارمي عن زيد بن ثابت . إلا أن الترمذي وأبا دواد لم يذكرا : ثلاث لا يغل عليهن . إلى آخره...

(229) **پڻ احمد، ترمذي، ابوداؤد، ابن ماجہ ۽ دارميءَ زيد بن ثابت ﷺ کان اها روايت بيان ڪئي آهي، مگر ترمذيءَ ۽ ابوداؤد ﴿ثلاث لايغل عليهن الخ﴾ (ٽي ڳالهيون_ آخر تائين بيان نہ ڪيون آهن.**

---

1_ يعني جيڪو ماڻهو دين جي علم کي دنيا جي حاصل ڪرڻ جو ذريعو بنائيندو تہ اهڙي ماڻهو جو حال هي ٿيندو جو ڪيس بهشت جي بوءِ بہ نصيب نہ ٿيندي، پر جيڪڏهن ڪوعلم دين جو علم نہ آهي ۽ ان کي دنيا جي حاصل ڪرڻ جو وسيلو بنائي ٿو تہ اهو برو نہ چئبو. هن حديث ۾ فقط دين جي علم کي دنيا جي حاصل ڪرڻ کان منع آهي.

2_ هن جو هي مطلب آهي تهڪي حديثن جا ياد ڪندڙ انهن کي پوريءَ طرح نہ سمجهندا آهن ۽ کي سمجهندا آهن مگر کي اهڙا هوندا آهن جيڪي جيتوڻيڪ حافظ الحديث نہ هوندا آهن، مگر جنهن کان ٻڌندا آهن، ان کان سمجهہ ۾ زياده هوندا آهن. تنهن ڪري حديث ياد ڪندڙ کي اهڙي طرح ٻڌائڻ گهرجي جيئن ﷺ جن کان روايت آيل هجي.

230- وعن ابن مسعود قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : نضر الله امرأ سمع منا شيئا فبلغه كما سمعه فرب مبلغ أوعى له من سامع . رواه الترمذي وابن ماجه .

**(230) ابن مسعودﷺ كان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ ﷲ تعاليٰ انهيءَ شخص کي خوش رکي، جيڪو اسان کان ڪا شيءِ ٻڌي پوءِ ساڳيءَ طرح ٻين کي پهچائي. ڇاڻ تہ ڪيترا ماڻهو جن کي حديث پهچندي آهي: اهي ٻڌندڙن کان وڌيڪ ياد رکندڙ هوندا آهن. هن کي ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

231- ورواه الدارمي عن أبي الدرداء

**(231) پڻ دارميءَ ابو درداءَ کان اها حديث بيان ڪئي آهي.**

232- وعن ابن عباس رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : اتقوا الحديث عني إلا ما علمتم فمن كذب علي متعمدا فليتبوأ مقعده من النار. رواه الترمذي .

**(232) ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ مون کان (شڪي) حديث بيان ڪرڻ کان ڊڄو، مگر جنهن بابت اوهان کي پڪ هجي (اها ضرور بيان ڪريو) ڇاڪاڻ تہ جنهن مون تي ڄاڻي واڻي ڪوڙ هنيو، اهو پنهنجي جاءِ دوزخ ۾ ناهي. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

233- ورواه ابن ماجه عن ابن مسعود وجابر ولم يذكر : اتقوا الحديث عني إلا ما علمتم .

**(233) ۽ ابن ماجه ان کي ابن مسعود ﷺ ۽ جابر ﷺ کان روايت ڪيو آهي. پر لفظ﴿ اتقوا الحديث عني الاما علمتم﴾ ذکر نہ ڪيا اٿس**

234- وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من قال في القرآن برأيه فليتبوأ مقعده من النار . وفي رواية : من قال في القرآن بغير علم فليتبوأ مقعده من النار رواه الترمذي .

**(234) ابن عباسﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو قرآن شريف جو تفسير پنهنجي راءِ (عقل)[1] موجب ڪندو، ان کي گهرجي تہ پنهنجي جاءِ دوزخ ۾ ناهي. (ترمذي)**

235- وعن جندب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من قال في القرآن برأيه فأصاب فقد أخطأ. رواه الترمذي وأبو داؤد .

**(235) جندب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن ماڻهوءَ قرآن شڙيف جو تفسير پنهنجي راءِ سان ڪيو [1] پوءِ جيڪڏهن صحيح تفسير ڪيائين تہ بہ تحقيق خطا ڪيائين.(ترمذي_ ابوداؤد)**

---

[1]_ يعني جيڪو ماڻهو سواءِ ڪنهن سند جيءَ قرآن پاڪ جو تفسير پنهنجي عقل ۽ راءِ سان ڪندو، ان لاءِ هن حديث جو حڪم لازم سمجهڻ گهرجي.

**فائده:_ ان جي سند ۾ راوي سهيل بن ابي حزم ۾ ڪلام آهي (مرعاة ص332 ج 1)**

236- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " المراء في القرآن كفر " . رواه أحمد وأبو داود

237- وعن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده قال : سمع النبي صلى الله عليه وسلم قوما يتدارؤون في القرآن فقال : إنما هلك من كان قبلكم بهذا : ضربوا كتاب الله بعضه ببعض وإنما نزل كتاب الله يصدق بعضه بعضا فلا تكذبوا بعضه ببعض فما علمتم منه فقولوا وما جهلتم فكلوه إلى عالمه. رواه أحمد وابن ماجه .

(237) **عمرو بن شعيب رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان، ان پنهنجي ڏاڏي کان روايت ڪئي آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن ڪنهن قوم جي باري ۾ ٻڌو ته قرآن شريف ۾ بحث پئي ڪيائون. ﷺ جن فرمايو ته اوهان کان جيڪي اڳي هئا، سي ان ڪري هلاڪ ٿيا جو الله جي ڪتاب جي هڪ حصي کي ٻئي تي پئي هنيائون. (يعني ان ۾ اختلاف پيدا ڪيائون) تحقيق الله جو نازل ڪيل ڪتاب هڪ ٻئي جي تصديق ٿو ڪري، پوءِ هڪڙي جي ٻئي سان تڪذيب نه ڪريو ۽ جيڪي ان مان ڄاڻو سو بيان ڪريو ۽ جيڪي نٿا ڄاڻو اهو وڏيڪ ڄاڻندڙ جي حوالي ڪريو. (احمد_ ابن ماجه)**

238- وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : أنزل القرآن على سبعة أحرف لكل آية منها ظهر وبطن ولكل حد مطلع .رواه في شرح السنة.

(238) **ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته قرآن شريف ستن حرفن[2] تي نازل ڪيو ويو آهي. ان مان هر هڪ آيت لاءِ هڪ ظاهر آهي ۽ هڪ باطن آهي ۽ هر هڪ جي لاءِ اطلاع جي جاءِ آهي_ هن حديث جي روايت شرح السنه ۾ ٿيل آهي.**

239- وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : العلم ثلاثة : آية محكمة أو سنة قائمة أو فريضة عادلة وما كان سوى ذلك فهو فضل . رواه أبو داؤد وابن ماجه .

(239) **عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته علم ٽي آهن: محڪم آيتون، ثابت ٿيل سنتون، يا ڪتاب ۽ سنت جا فرض ٿيل عادلانه احڪام_ جيڪي ان کانسواءِ آهي سو اضافي آهي. (ابوداؤد_ ابن ماجه)**

240- وعن عوف بن مالك الأشجعي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : لا يقص إلا أمير أو مأمور أو مختال . رواه أبو داؤد .

---

[1] _ يعني ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي راءِ ۽ عقل سان قرآن پاڪ جو تفسير ڪيو، پوءِ اگرچه واقعي اهو مطلب ۾ صحيح به هوندو ته به اهڙو ماڻهو خطاڪار ڇئبو، ڇو ته قرآن پاڪ جي خاطري ڪان سواءِ عقل سان تفسير ڪرڻ جائز ناهي.

[2] _ ستن حرفن مان عرب جون ست ٻوليون مراد آهن. جيڪي ان وقت ۾ فصاحت جي ڪري مشهور هيون، جيڪي هي آهن: 1_ لغت قريش، 2_طئي، 3_ هوازن، 4_ اهل يمن، 5_ ثقيف، 6_ هذيل، 7_ بني تميم_ يا مراد ستن قارين جون قرائتون آهن.

(240) **عوف بن مالڪ اشجعي ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ وعظ نہ ڪندو آهي مگر حاڪم يا ان طرفان (1) مقرر ڪيل يا متڪبر.(ابوداؤد)**

241- ورواه الدارمي عن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده وفي روايته بدل أو مختال .

(241) **اها حديث دارميءَ عمرو بن شعيب کان ان پنهنجي پيءُ کان ان پنهنجي ڏاڏي کان روايت ڪئي آهي؛ سندس روايت ۾ ﴿اَومَختَال﴾ جي بجاءِ ﴿اَوَمُرَاءِ﴾ جا لفظ آهن (يعني متڪبر جي بجاءِ رياڪار)**

242- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من أفتي بغير علم كان إثمه على من أفتاه ومن أشار على أخيه بأمر يعلم أن الرشد في غيره فقد خانه . رواه أبو داود

(242) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جنهن ڪي بنا علم جي (غلط) فتويٰ ڏني وئي تہ گناهہ (2) فتويٰ ڏيندڙ تي آهي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کي ڪنهن ڪم جي صلاح ڏي. (جنهن لاءِ) ڄاڻي ٿو تہ انهيءَ ماڻهو جي ڀلائي ڪنهن ٻئي طريقي ۾ آهي تہ پوءِ بيشڪ ان پنهنجي ڀاءُ سان خيانت ڪئي. (ابودائود)**

243- وعن معاوية قال : إن النبي صلى الله عليه وسلم نهى عن الأغلوطات . رواه أبو داؤد .

(243) **معاويه ﷛ کان روايت آهي تہ بيشڪ نبي ڪريمﷺ جن مغالطي ۾ وجهڻ کان منع (3) ڪئي آهي. (ابودائود)**

**فائده:_ سند ۾ عبدالله بن سعد بجلي دمشقي راوي مجهول آهي (مشڪوٰة _ الباني ص81_ج1)**

244- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : تعلموا الفرائض والقرآن وعلموا الناس فإني مقبوض . رواه الترمذي

(244) **ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ توهين فرض (علم ميراث جا احڪام) ۽ قرآن سکي وٺو ۽ ماڻهن کي سيکاريو ڇو تہ تحقيق آئون وفات ڪرڻ وارو آهيان.(ترمذي)**

---

[1]_ وعظ جو ڪم ٽي ماڻهو ڪندا آهن: هڪ امير، ٻيو امير جي پاران وعظ جي اجازت ڏنل ماڻهو، ٽيون متڪبر يعني هنيلو، پهرين ٻن قسمن جي ماڻهوءَ کي وعظ ڪرڻ جو حق آهي ۽ متڪبر کي وعظ ڪرڻ جو حق ڪونهي. هن حديث مان ثبوت ملي ٿو تہ حاڪم مسلمان جنهن متقي عالم کي وعظ جي اجازت ڏيندو سو ئي وعظ ڪري سگهي ٿو ۽ جنهن ۾ ڪيس فتني جو انديشو هجي، تنهن کي وعظ کان روڪ ڪري.

[2]_ يعني هڪ جاهل ڪنهن عالم کان ڪو دين جو مسئلو پڇيو عالم ڪيس غلط مسئلو ٻڌايو ۽ پڇڻ واري انهيءَ ٻڌل غلط مسئلي تي عمل ڪيو تہ انهيءَ جو گناهہ انهيءَ عالم تي آهي، ان ۾ جاهل جو قصور ڪونهي (علي قاري)

[3]_يعني غلطيءَ جهڙا مسئلا ٻئي کي سمجهائڻ ۽ مغالطو ڏيڻ جي نيت سان پڇڻ کان منع ٿيل آهي. جيئن ڪي ماڻهو پنهنجي چالاڪي ۽ علمي لياقت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اجايا مغالطا بيان ڪندا آهن.

245- وعن أبي الدرداء قال : كنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فشخص ببصره إلى السماء ثم قال : هذا أوان يختلس فيه العلم من الناس حتى لا يقدروا منه على شيء . رواه الترمذي .

(245) **ابودرداءؓ کان روايت آهي ته آئون رسول اللهﷺ جن سان گڏ هوس. پاڻ نظر آسمان ڏانهن کڻي نهاريائون، پوءِ فرمايائون ته وقت اچي ويجهو ٿيو آهي جو (وحي جو) علم ماڻهن مان هليو ويندو، تانجو ان علم مان ڪنهن شيءِ تي طاقت نه رکندا.** (ترمذي)

246- وعن أبي هريرة رواية : يوشك أن يضرب الناس أكباد الإبل يطلبون العلم فلا يجدون أحدا أعلم من عالم المدينة . رواه الترمذي في جامعه . قال ابن عيينه : إنه مالك بن أنس ومثله عن عبد الرزاق قال إسحق بن موسى : وسمعت ابن عيينه أنه قال : هو العمري الزاهد واسمه عبد العزيز بن عبد الله .

(246) **ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته جلد ئي ماڻهو علم جي طلب لاءِ اٺن ڪي جگر ڏاري ڏک هڻندا (سفر ڪندا)، پوءِ مديني جي عالم کان زياده ڪنهن کي عالم نه ڏسندا_** (ترمذي) **امام ترمذيءَ جي ڪتاب التفسير ۾ آهي ته ابن عيينه چيو ته "وڏي عالم" مان مراد مالڪ بن انس آهي. ساڳيءَ طرح عبدالرزاق کان به ابن عيينه جو ڪلام نقل ٿيل آهي_ اسحاق بن موسيٰ چيو ته مون ابن عيينه کان ٻڌو ته اهو وڏو عالم[1] زاهد عمري آهي، سندس نالو عبدالعزيز بن عبدالله آهي.**

**فائده:_ راوي حديث بيان ڪرڻ ۾ درايت کان ڪم وٺي الفاظ ذڪر نه ڪري ته مراد مرفوع حديث هوندي آهي. گڏوگڏ ابن عيينه چٽائيءَ سان بيان ڪيو آهي ته حديث مرفوع آهي. صحابه ۽ تابعين جي دور ۾ امام مالڪ کان وڏو ڪو عالم مديني ۾ نه هو. البت بعد واري دور ۾ ٻين اسلامي شهرن ۾ وڏا وڏا علماءِ محدثين موجود رهيا.**

247- وعنه فيما أعلم عن رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن الله عز وجل يبعث لهذه الأمة على رأس كل مائة سنة من يجدد لها دينها . رواه أبو داؤد .

(247) **۽ پڻ ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته آءٌ هيءَ حديث رسول اللهﷺ جن کان ڄاڻان ٿو. فرمايو اٿن ته بيشڪ الله عزوجل هن امت لاءِ هر سؤ ورهن جي شروعات ۾[2] اهڙا ماڻهو موڪليندو، جيڪي ان لاءِ دين جي تجديد ۽ احياءُ ڪندا.** (ابودائود)

248- وعن إبراهيم بن عبد الرحمن العذري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : يحمل هذا العلم من كل خلف عدوله ينفون عنه تحريف الغالين وانتحال المبطلين وتأويل الجاهلين . رواه البيهقي .

---

[1]_ عمري زاهد عمرؓ جي اولاد مان هو ۽ مالڪ بن انسؓ يعني امام مالڪ ، مالڪي مذهب جو باني مراد آهي. غرض حديث جي مطلب ۾ سڀ ڪنهن پنهنجي راءِ ڏيکاري آهي. ڪنهن، ڪنهن ۾ گمان ڪيو آهي ته وري بين ئي ڪنهن ۾ گمان ڪيو آهي. حضورﷺ جن اهو حڪم زماني تباعين جي نسبت فرمايو آهي پر ان کان پوءِ وڏا وڏا عالم هر اسلامي ملڪ ۾ پيدا ٿيا. شايد حضورﷺ جن جو مقصد هي آهي ته آخر زماني ۾ دين جو علم مدينه منوره ۾ مخصوص هوندو جيئن ته ڪن ٻين حديثن مان ائين معلوم ٿو ٿئي.

[2]_ هن حديث مان علماءِ ڪرام هيئن سمجهيو آهي ته هڪ ماڻهو 100_ ورهين کانپوءِ دين جي مدد لاءِ ۽ بدعت کي دفن ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيندو آهي ۽ انهي کي "مجدد" سڏيندا آهن.

(248) ابراهيم بن عبدالرحمٰن عذريﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ هيءُ علم پويان ايندڙن مان عدل، انصاف تي قائم رهندڙ ماڻهو محفوظ كندا جيكي علم ۾ غلو كندڙن جي تحريف، باطل پرستن جي غلط دعون ۽ جاهلن جي تاويل جي نفي كندا رهندا. بيهقي "المدخل" ۾ هيءَ حديث روايت كئي آهي ۽ آءٌ جابر جي حديث ﴿فانما شفاء العي السوال﴾ تيمم جي باب ۾ بيان كندس. انشاءالله تعاليٰ.

## فصل ٽيون

249- عن الحسن مرسلا قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من جاءه الموت وهو يطلب العلم ليحيي به الإسلام فبينه وبين النبيين درجة واحدة في الجنة . رواه ا لدارمي .

(249) حسن بصريءَ كان مرسل روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جنهن ماڻهو تي موت (اهڙي وقت ۾) اچي جو اسلام كي جيارڻ لاءِ علم جي طلب كندڙ هجي تہ ان جي ۽ نبين جي وچ ۾ بهشت ۾ تفاوت فقط هك درجي جو هوندو (دارمي)

250- وعنه مرسلا قال : سئل رسول الله صلى الله عليه وسلم عن رجلين كانا في بني إسرائيل أحدهما كان عالما يصلي المكتوبة ثم يجلس فيعلم الناس الخير والآخر يصوم النهار ويقوم الليل أيهما أفضل قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " فضل هذا العالم الذي يصلي المكتوبة ثم يجلس فيعلم الناس الخير على العابد الذي يصوم النهار ويقوم الليل كفضلي على أدناكم " . رواه الدارمي

251- وعن علي رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : نعم الرجل الفقيه في الدين إن احتيج إليه نفع وإن استغني عنه أغنى نفسه . رواه رزين .

(251) علي ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ڀلو[1] ماڻهو اهو جو دين ۾ سمجهہ (علم) ٿو ركي. جيكڏهن ان ۾ كنهن جو احتياج پوي تہ نفعو ٿو پهچائي. جيكڏهن ان كان بي پرواهي كئي وجي تہ پنهنجي نفس كي بي پرواهہ ركي. هن كي رزين روايت كيو آهي.

فائده:_ علامہ البانيءَ ان حديث كي موضوع قرار ڏنو آهي ان جي سند ۾ راوي عيسيٰ متروك آهي. (مشكوٰة _ الباني ص84 ج1)

[1]_ عالم ڀلو اهو آهي جنهن كان دين جي ڳالهين سكڻ ۾ ٻيا ماڻهو محتاج هجن ۽ هو انهن كي دين سيكاري فائدو پهچائي. پر جيكڏهن ماڻهو هن كان پاسو كن تہ هو انهن جو محتاج ٿي نہ گذاري. علم جو شان ركي. پاڻ كي ۽ علم كي جاهلن جي دلجوئي ۽ دنيا جي لالچ ۾ ذليل نہ كري.

252- وعن عكرمة أن ابن عباس قال : حدث الناس كل جمعة مرة فإن أبيت فمرتين فإن أكثرت فثلاث مرات ولا تمل الناس هذا القرآن ولا ألفينك تأتي القوم وهم في حديث من حديثهم فتقص عليهم فتقطع عليهم حديثهم فتملهم ولكن أنصت فإذا أمروك فحدثهم وهم يشتهونه وانظر السجع من الدعاء فاجتنبه فإني عهدت رسول الله صلى الله عليه وسلم وأصحابه لا يفعلون ذلك . رواه البخاري .

**(252) عڪرمہ کان وايت آهي تہ ابن عباس ؓ فرمايو تہ ماڻهن کي وعظ فقط هر جمعي تي هڪ دفعي ڪندو ڪر ۽ جيڪڏهن انڪار ڪرين تہ (هفتي ۾) بہ دفعا، جيڪڏهن ان ڪان بہ وڌيڪ گهرين تہ پوءِ ٽي دفعا ۽ ماڻهن کي هن قرآن ڪان معلوم نہ ڪر ۽ آئون هن حالت ۾ توکي ڏسڻ پسند نہ ڪندس جو تون ڪنهن قوم وٽ اچين ان وقت اهي پنهنجين ڳالهين ۾ مشغول هجن[1] ۽ تون وري انهن کي وعظ ڪرڻ لڳين ۽ انهن جي ڳالهہ کي بند ڪري، انهن کي ملول ڪري ڇڏين پر تون ماٺ ڪري ويهہ. پوءِ جيڪڏهن توکي چون ۽ نصيحت جي خواهش رکن تہ پوءِ نصيحت ڪر ۽ دعا مان تڪ بندي واري نموني ڪان پاسو ڪر، تحقيق مون ڏٺو هو تہ رسول الله ﷺ جن ۽ سندن اصحاب تہ بندي وارو نمونو دعا ۾ نہ ڪندا هئا (بخاري)**

253- وعن واثلة بن الأسقع قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من طلب العلم فأدركه كان له كفلان من الأجر فإن لم يدركه كان له كفل من الأجر. رواه الدرامي

**(253) واثله بن اسقع ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن علم جي طلب ڪئي ۽ ان کي لڌائين تہ ان لاءِ ثواب جا بہ حصا آهن [2] پر جيڪڏهن نہ لڌائين تہ ان لاءِ ثواب جو هڪ حصو آهي. (دارمي)**

254- عن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إن مما يلحق المؤمن من عمله وحسناته بعد موته علما علمه ونشره وولدا صالحا تركه ومصحفا ورثه أو مسجدا بناه أو بيتا لابن السبيل بناه أو نهرا أجراه أو صدقة أخرجها من ماله في صحته وحياته يلحقه من بعد موته . رواه بن ماجه والبيهقي في شعب الإيمان .

**(254) ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق مؤمن جي عملن ۽ چڱاين مان ان جي مرڻ کان پوءِ هنن شين جو اجر ان کي ملندو رهي ٿو: 1_علم جيڪو[3] سکيائين ۽ ان کي پکيڙيائين[4]، 2_صالح اولاد ڇڏيو هجيس يا 3_قرآن ڇڏيو هجيس يا 4_مسجد**

---

[1] _ ڳالهہ مان مراد دين جون ڳالهيون آهن يا دنيا جون بہ چو تہ جيڪڏهن دنيا جون ڳالهيون ضروري ڪرڻ جهڙيون ڪندا هجن ۽ ڪين قرآن ۽ وعظ ٻڌڻ جو سڏ ٿئي ۽ هو اچڻ ۾ تنگ ۽ ناراض هجن تہ گنهگار ٿيندا ۽ دين جي هيبت بہ گهٽجندي.

[2] _ يعني ٻن ثوابن مان هڪ ثواب علم جي طلب جو ۽ ٻيو علم جي تبليغ ۽ پڙهائڻ جو ملندو ۽ وفات ڪندڙ کي فقط علم جي طلب جو هڪ ثواب ملندو. علم جي طلب ۾ مرڻ بہ هڪ وڏي سخاوت آهي.

گرچہ نتوان بدست رہ بردن
شرط عشق ست در طلب مردن

[3] _ هن ۾ ٻيا دين جا ڪتاب بہ داخل ٿي سگهن ٿا.

[4] _ هن ۾ علم جا مدرسا ۽ مڪتب بہ اچي سگهن ٿا.

نهرائي هجيس يا 5_ مسافر خانو نهرايو هجيس يا 6_نهر کوٽائي هجيس يا 7_خير خيرات جيڪو پنهنجي مال مان پنهنجي چڱڀلائي ۽ حياتي واري عرصي ۾ ڏني هجيس. انهن شين جو ثواب مرڻ کان پوءِ ان کي ملندو رهي ٿو. هن کي ابن ماجه ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ روايت ڪيو آهي.

255- وعن عائشة أنها قالت : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : إن الله عز وجل أوحى إلي أنه من سلك مسلكا في طلب العلم سهلت له طريق الجنة ومن سلبت كريمتيه أثبته عليهما الجنة . وفضل في علم خير من فضل في عبادة وملاك الدين الورع . رواه البيهقي في شعب الإيمان .

(255) بي بي عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو ته بيشڪ الله عزوجل مون ڏانهن وحي ڪيو([1]) ته جيڪو علم جي طلب ۾ واٽ هلندو. ان لاءِ بهشت جي واٽ آسان ڪندس([2]) ۽ جنهن کان ٻه اکيون کسيون آهن، ان جي عيوض انکي بهشت ڏيندس. علم جي فضيلت عبادت جي فضيلت کان وڌيڪ آهي. دين جو مدار پرهيزگاري تي آهي. هن کي به بيهقيءَ شعب الايمان ۾ روايت ڪيو آهي.

256- وعن ابن عباس قال : تدارس العلم ساعة من الليل خير من إحيائها . رواه الدارمي .

(256) ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪ گهڙي علم پڙهائڻ ([3]) سڄي رات جي جيئڻ (يعني جاڳڻ) کان ڀلو آهي. هن کي دارمي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ هيءُ حديث ضعيف آهي. (مشڪوٰة_الباني ص85ج1)

257- وعن عبد الله بن عمرو أن رسول الله صلى الله عليه وسلم مر بمجلسين في مسجده فقال : كلاهما على خير وأحدهما أفضل من صاحبه أما هؤلاء فيدعون الله ويرغبون إليه فإن شاء أعطاهم وإن شاء منعهم . وأما هؤلاء فيتعلمون الفقه أو العلم ويعلمون الجاهل فهم أفضل وإنما بعثت معلما ثم جلس فيهم . رواه الدارمي .

(257) عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي مسجد ۾ ٻن مجلس وارن وٽان لنگهيا فرمايائون ته ٻئي جماعتون ڀلائيءَ تي آهن پر انهن مان هڪڙي ٻئي کان ڀلي آهي. هي جماعت جيڪا الله کي سڏي ٿي ۽ ان ڏي رغبت رکي ٿي، جيڪڏهن گهرندو ته انهن کي ڏيندو يا انهن کي نه ڏيندو. باقي رهيا ٻي جماعت وارا جيڪي فقهه يا علم سکن ٿا ۽ جاهلن کي سيکارين ٿا، اهي وڌيڪ ڀلارا آهن ۽ مون کي معلم بڻائي موڪليو ويو آهي. پوءِ پاڻ انهن سان گڏ وينا. هن کي دارمي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ هيءُ حديث صغيف آهي. ان ۾ عبدالرحمٰن بن زياد بن انعم ضعيف آهي. (مرعاة ص248 ج 1)

---

[1]_ هتي وحي مان مراد قرآن کان سواءِ ٻيو الهام مراد آهي.

[2]_ هن حديث مان اشارو آهي ته جيڪو علم حاصل ڪندو، سوئي بهشت جي واٽ وٺي بهشت ماٽيندو ۽ ٻين لاءِ بهشت جون واٽون بند آهن. يعني علم کان سواءِ جنت نصيب مشڪل آهي. پر علم ۾ خالص نيت ۽ نيڪ عمل شرط آهي نه ته ”چهار پايه بروي ڪتابي چند“ جو مثال آهي.

[3]_ يعني پورو وقت رات ۾ علم پڙهڻ يا پڙهائڻ سڄي رات جي عبادت کان بهتر آهي. هن ۾ علم جو لکڻ يا ڪنهن ڪتاب جو مطالع ڪرڻ به اچي وڃي ٿو. (علي)

258- وعن أبي الدرداء قال : سئل رسول الله صلى الله عليه وسلم : ما حد العلم الذي إذا بلغه الرجل كان فقيها ؟ فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من حفظ على أمتي أربعين حديثا في أمر دينها بعثه الله فقيها وكنت له يوم القيامة شافعا وشهيدا .

(258) **ابودرداءَ کان روايت آهي تہ حضورﷺ جن کان پڇيو ويو تہ علم جي حد ڪهڙي آهي. جو ماڻهو جڏهن انکي پهچي تہ عالم ٿئي؟ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو منهنجي امت جي فائدي لاءِ دين جي ڪم بابت چاليهہ حديثون ياد ڪندو([1]) تہ اللهَ تعاليٰ ان کي عالم ڪري اٿاريندو ۽ قيامت جي ڏينهن آئون ان لاءِ شفاعت ڪندڙ ۽ شاهدي ڏيندڙ ٿيندس.**

**فائده:_ هيءَ حديث ضعيف آهي. ان ۾ راوي عبدالملک بن هارون بن عنتره آهي، ابن معين انکي ڪوڙو ڪوٺيو آهي. بلڪ ان حديث جا سمورا اسناد بالاتفاق ضعيف آهن. (مشڪوٰة _الباني ص86ج1)**

259- عن أنس بن مالك قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : هل تدرون من أجود جودا ؟ قالوا : الله ورسوله أعلم . قال : الله تعالى أجود جودا ثم أنا أجود بني آدم وأجودهم من بعدي رجل علم علما فنشره يأتي يوم القيامة أميرا وحده أو قال أمة وحده .

(259) **انس بن مالڪ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اوهان کي خبر آهي تہ سخين مان وڏيڪ سخي ڪير آهي؟ اصحابن چيو تہ اللهَ ۽ ان جو رسولﷺ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي؟ فرمايائون: سخين ۾ وڏو سخي اللهَتعاليٰ آهي. انکان پوءِ آدم جي اولاد ۾ آءٌ وڌيڪ سخي آهيان. مون کان پوءِ انهن ۾ وڌيڪ اهو هوندو جنهن علم سکيو ۽ ان کي پکيڙيائين. قيامت جي ڏينهن اهو اڪيلو امير بنجي ايندو يا فرمايائون "اهو امت واحده بنجي ايندو." ([2])**

**فائده:_ انجي سند ۾ راوي عبدالعزيز متروڪ آهي (مشڪوٰة _الباني ص 86 ج1)**

260- وعنه أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : منهومان لا يشبعان : منهوم في العلم لا يشبع منه ومنهوم في الدنيا لا يشبع منها . روى البيهقي الأحاديث الثلاثة في شعب الإيمان وقال : قال الإمام أحمد في حديث أبي الدرداء : هذا متن مشهور فيما بين الناس وليس له إسناد صحيح .

(260) **پڻ انس بن مالڪ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ جن فرمايو تہ ٻن قسمن جي حرص رکندڙ نہ ڍاپندا. هڪ علم جو حرص رکندڙ، اهو ان مان نہ ڍاپندا ۽ ٻيو دنيا جو حريص جيڪو ان مان نٿو ڍاپي. بيهقيءَ شعب الايمان ۾ اهي ٽئي حديثون روايت ڪيون آهن ۽ چيو اٿس تہ امام احمد ابودرداءَ جي حديث بابت چيو آهي تہ ان جو متن ماڻهن ۾ مشهور آهي، پر انجو اسناد صحيح ناهي.**

---

[1] _ امام نووي فرمائي ٿو تہ جنهن ماڻهوءَ 40 حديثون ماڻهن کي ٻڌايون، مگر انهن کي حديثن جا ساڳيا الفاظ ياد نہ آهن تہ اهو بہ "فقهہ" جي شمار ۾ اچي سگهي ٿو.

[2] _يعني قيامت جي ڏينهن اهو ماڻهو ڇڙو امير جي حيثيت ۾ هوندو ۽ ڪنهن جي پنيان نہ هوندو ۽ ان جا ٻيا تابع ۽ خادم هوندا.

261- عن عون قال : قال عبد الله بن مسعود : منهومان لا يشبعان صاحب العلم وصاحب الدنيا ولا يستويان أما صاحب العلم فيزداد رضى للرحمن وأما صاحب الدنيا فيتمادى في الطغيان . ثم قرأ عبد الله ﴿ كَلَّآ إِنَّ ٱلْإِنسَٰنَ لَيَطْغَىٰٓ ﴿٦﴾ أَن رَّءَاهُ ٱسْتَغْنَىٰٓ ﴿٧﴾ ﴾ العلق. قال وقال الآخر ﴿إِنَّمَا يَخْشَى ٱللَّهَ مِنْ عِبَادِهِ ٱلْعُلَمَٰٓؤُا۟ ... ﴾فاطر: ٢٨. رواه الدارمي .

(261) **عون ﷺ كان روايت آهي تہ عبدالله بن مسعود چيو تہ بہ حرص وارا نتا ڍاپن، هڪ علم وارو ۽ ٻيو دنيا وارو. ٻئي پاڻ ۾ برابر نہ آهن. علم وارو ﷲ جي خوشيءَ کي زياده ڪري ٿو ۽ دنيا وارو سرڪشيءَ ۾ زيادتي ٿو ڪري. پوءِ عبدالله هيءَ آيت پڙهي "هر گز نہ! انسان هن سبب ڪري سرڪشي ٿو ڪري جو پاڻ کي بي پرواهہ ڏسي ٿو" وري ٻئي ماڻهو بابت هيءَ آيت پڙهيائين "۽ ﷲ کان سندس ٻانهن مان عالم ئي ڊڄندا آهن." (دارمي)**

**فائده:_ هيءَ حديث مرسل منقطع آهي ان جي سند ۾ ابوبڪر داهري راوي ضعيف آهي. (مرعاة ص 351 ج1)**

262- وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : إن أناسا من أمتي سيتفقهون في الدين ويقرءون القرآن يقولون نأتي الأمراء فنصيب من دنياهم ونعتزلهم بديننا ولا يكون ذلك كما لا يجتنى من القتاد إلا الشوك كذلك لا يجتنى من قربهم إلا – قال محمد بن الصباح : كأنه يعني – الخطايا . رواه ابن ماجه .

(262) **ابن عباس ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ڪيترا ماڻهو منهنجي امت مان دين جي سمجهہ حاصل ڪندا ۽ قرآن پڙهندا ۽ چوندا تہ اسين اميرن (حاڪمن) وٽ وڃون ۽ انهن جي دنيا مان ڪجهہ ياڱو ونون ۽ پنهنجي ديني ڪلمن ۾ انهن کان پاسو ڪنداسون (مگر) ائين نہ ٿيندو[1] چو تہ ڪنڊن وارن وڻن مان ڪنڊن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ملندو. اهڙي طرح اميرن جي ويجهڙائي مان نقصان کان سواءِ ڪاشيءِ نہ ملندي. محمد بن صباح چيو تہ اهي ان مان مراد شايد نقصان آهن. (ابن ماجه)**

**فائده:_ سند ضعيف آهي. ان جو راوي وليد بن مسلم حديث کي صيغہ عَنُ سان روايت ڪري ٿو ۽ ٻئي راويءَ عبيدالله بن ابي برده کي ڪنهن بہ ثقہ يعني قابل اعتبار قرار نہ ڏنو آهي (مشڪوٰة _الباني ص87 ج1)**

263- وعن عبد الله بن مسعود قال : لو أن أهل العلم صانوا العلم ووضعوه عند أهله لسادوا به أهل زمانهم ولكنهم بذلوه لأهل الدنيا لينالوا به من دنياهم فهانوا عليهم سمعت نبيكم صلى الله عليه وسلم يقول : من جعل الهموم هما واحدا هم آخرته كفاه الله هم دنياه ومن تشعبت به الهموم في أحوال الدنيا لم يبال الله في أي أوديتها هلك . رواه ابن ماجه .

---

[1]_يعني دين ۽ دنيا هڪ مٽ ۾ اچي نہ سگهندا. اميرن جي صحبت سان فائدي بدران نقصان ٿيندو.

(263) عبدالله بن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ جيڪڏهن علم وارا علم جو تحفظ ڪن ([1]) ۽ ان کي لائق ماڻهن وٽ رکن تہ ان جي سببان پنهنجي زماني جا سردار ٿين. پر انهن علم دنيا دارن جي حوالي ڪيو، تہ جيئن ان وسيلي انهن جي دنيا مان ڪجھ واپرائين. انڪري اهي انهن وٽ ذليل ٿيا. مون اوهان جي نبي ڪريمﷺ کان ٻڌو آهي، پاڻ فرمايو اٿن تہ جيڪو پنهنجي غمن کي (ڇڏي) فقط آخرت جو غم ڪندو تہ ﷲ تعاليٰ ان لاءِ دنيا جي غمن کان ڪافي ٿيندو. ۽ جيڪو دنيا جي غمن ۾ پريشان رهيو تہ ﷲ کي انجي پرواھ نہ آهي تہ دنيا جي ڪهڙيءَ واديءَ ۾ پيو مري. هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ضعيف آهي ان ۾ نهشل بن سعيد راوي منڪر حديثون بيان ڪندو آهي (مشڪوٰة _ الباني ص88ج1)

264- ورواه البيهقي في شعب الإيمان عن ابن عمر من قوله : من جعل الهموم إلى آخره .

(264) ۽ امام بهيقيءَ شعب الايمان ۾ ابن عمر ﷛ کان "جعل الهموم" الخ روايت ڪيو آهي.

265- وعن الأعمش قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : آفة العلم النسيان وإضاعته أن تحدث به غير أهله . رواه الدارمي مرسلا .

(265) اعمش کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ علم لاءِ آفت ويسر آهي ۽ ان جو ضايع ڪرڻ اهو آهي تہ نااهل وٽ انکي بيان ڪرين. هن کي دارمي مرسل روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حديث منقطع آهي، اعمش جو ڪنهن صحابيءَ لان سماع ثابت نہ آهي (مشڪوٰة _الباني ص88ج1)

266- وعن سفيان أن عمر بن الخطاب رضي الله عنه قال لكعب : من أرباب العلم ؟ قال : الذي يعملون بما يعلمون . قال : فما أخرج العلم من قلوب العلماء ؟ قال الطمع . رواه الدارمي .

(266) سفيان ثوريءَ کان روايت آهي تہ عمر بن خطاب ﷛، ڪعب ﷛ کان پڇيو تہ صاحب علم ڪير آهي؟ وراڻيائين تہ "جيڪي پنهنجي علم تي عمل ڪن ٿا". عمر﷛ چيو تہ ڪهڙي شيءِ علم کي عالمن جي دل مان ڪيدي ٿي؟ ڪعب چيو تہ "لالچ"([2]) دارمي.

فائده:_ حديث معضل آهي يعني ان جي راوي سفيان ثوري ۽ عمر ﷛ جي درميان واسطا غائب آهن (مشڪوٰة _الباني ص88ج1)

267- وعن الأحوص بن حكيم عن أبيه قال : سأل رجل النبي صلى الله عليه سلم عن الشر فقال : لا تسألوني عن الشر وسلوني عن الخير يقولها ثلاثا ثم قال : ألا إن شر الشر شرار العلماء وإن خير الخير خيار العلماء . رواه الدارمي

[1] _يعني ظالمن ۽ بي دين دنيا وارن جي صحبت ۾ مال ۽ مرتبي جي طمع لاءِ وڃي دين جي علم کي ذليل نہ ڪن تہ جيڪر ﷲ پاڪ سندن زماني جي نيڪن جي عمل جي برڪت سان ڪين سردار بنائي.

[2] _مراد هيءَ آهي تہ عمل جي برڪت، هيبت ۽ علم جو نور علماء باعمل جي قلب مان فقط طمع ئي ڪيندي آهي.

(267) احوص بن حڪيم پنهنجي پيءُ کان روايت ٿو ڪري تہ هڪ ماڻهو نبي ڪريمﷺ کان شر (بڇڙائي) بابت پڇيو. ﷺ جن فرمايو تہ (بڇڙائي) بابت نہ پڇو پر مون کان خير بابت پڇو ٽي دفعا ائين چيائون. پوءِ فرمايائون تہ بيشڪ بد ترين انسان بڇڙا علماءَ آهن ۽ بهترين ماڻهو ڀلارا علماءَ آهن. (دارميءَ)

فائده:_ حديث ۾ راوي بقيہ کان پوءِ روايت مرسل آهي ان کان سواءِ بقيہ راوي مدلس آهي يعني حديث جو عيب لڪائڻ ان جو معمول هوندو هو ۽ هي ٻيو راوي احوص ضعيف آهي. (مشڪوٰة _الباني ص89 ج1)

268- وعن أبي الدرداء قال : إن من أشر الناس عند الله منزلة يوم القيامة : عالم لا ينتفع بعلمه . رواه الدارمي .

(268) ابودرداءَ ﷛ کان روايت آهي تہ بيشڪ قيامت جي ڏينهن ﷲ تعاليٰ وٽ سڀ کان بڇڙا ماڻهو اهي عالم هوندا، جن جي علم مان فائدو نہ ورتو ويو.([1]) هن کي دارميءَ روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حديث موقوف آهي ۽ ان جي سند بہ ضعيف آهي" (مشڪوٰة _الباني ص 89ج1)

269- وعن زياد بن حدير قال : قال لي عمر : هل تعرف ما يهدم الإسلام ؟ قال : قلت : لا . قال : يهدمه زلة العالم وجدال المنافق بالكتاب وحكم الأئمة المضلين. رواه الدرامي .

(269) زياد بن حدير کان روايت آهي تہ مون کي عمر ﷛ چيو تہ توکي خبر آهي تہ ڪهڙي شيءِ اسلام کي ڊاهي ٿي؟ مون عرض ڪيو تہ "خبر نہ آهي" عمر﷛ چيو تہ عالم جو ترڪڻ([2])، منافق جو ﷲ جي ڪتاب سان جهيڙو ڪرڻ ([3]) گمراهہ سردارن جي حڪومت ڪرڻ سان اسلام ڊهي ٿو. (دارمي)

270- وعن الحسن قال : العلم علمان فعلم في القلب فذاك العلم النافع وعلم على اللسان فذاك حجة الله عز وجل على ابن آدم . رواه الدارمي .

(270) امام حسن بصري کان روايت آهي تہ علم جا بہ قسم آهن هڪڙو علم اهو جو دل ۾ آهي([4]) ۽ اهو علم نفعو ڏيندو آهي ۽ ٻيو علم زبان تي آهي ([5]) اهو آدم﷤ جي اولاد تي ﷲ عزوجل طرفان حجت ٿيندو. (دارمي)

---

[1]_ يعني علم شرعي سکيائين پر پاڻ ان تي عمل نہ ڪيائين تنهن ڪري هو جاهلن کان بڇڙو ٿيو ۽ ڪيس جاهلن کان سخت عذاب ٿيندو.

[2]_ڪوبہ عالم نفساني خواهش جي ڪري حق چوڻ ڇڏي ڏيندو تہ اسلامي ارڪان ادا ڪرڻ ۾ عام ماڻهو سستي ڪندا پوءِ درجہ بدرجہ اسلام جي ڊهڻ جي نوبت پهچندي.

[3]_ يعني قرآن کي رد ڪرڻ تاويل باطل ڪري من گهڙت تمنائون ڪرڻ سبب بہ اسلامي رڪنن ۾ سستي ۽ دين ۾ فساد ٿيڻ جي نوبت پهچندي آهي. هن ۾ خارجين ۽ ٻين سيني بدمذهب ماڻهن جون باطل تاويلات ۽ مشڪوڪ ڳالهيون اچي وڃن ٿيون.

[4]_ هن مان مراد علم باعمل آهي.

[5]_ هن مان مراد دنيا جي عمل واري علم جي آهي.

271- وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : حفظت من رسول الله صلى الله عليه وسلم وعاءين فأما أحدهما فبثثته فيكم وأما الآخر فلو بثثته قطع هذا البلعوم يعني مجرى الطعام . رواه البخاري .

(271) **ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺجن کان (علم جا) ٻہ ٿانو ياد رکيا، انهن مان هڪ اوهان وٽ پکيڙيو اٿم** ([1]) **باقي رهيو ٻيو، سو جيڪڏهن پکيڙيان تہ هوند منهنجي هيءَ نڙيءَ _ يعني جنهن مان طعام هيٺ وڃي ٿو. سا ڪاٽي وڃي.**([2]) **(بخاري)**

272- وعن عبدالله بن مسعود قال : يا أيها الناس من علم شيئا فليقل به ومن لم يعلم فليقل الله أعلم فإن من العلم أن يقول لما لا تعلم الله أعلم . قال الله تعالى لنبيه ﴿ قُلْ مَآ أَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ وَمَآ أَنَا۠ مِنَ ٱلْمُتَكَلِّفِينَ ﴿٨٦﴾ ﴾ ص.

(272) **عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي پاڻ فرمايائون: اي انسانو! جنهن وٽ ڪجهہ علم هجي تہ اهو ان کي بيان ڪري. پر جيڪو نہ ڄاڻي، ان کي گهرجي تہ چوي تہ "الله اعلم".ڄاڻڻ تہ اهو بہ علم مان آهي تہ جنهن ڳالھ کي تون نہ ڄاڻندو هجين ان لاءِ چوين تہ الله وڌيڪ ڄاڻي ٿو. الله تعاليٰ پنهنجي نبيﷺ کي فرمايو آهي: "ماڻهن کي چئو تہ آئون اوهان کان دين بابت ڪو اجورو تہ نٿو گهران ۽ نہ آئون تڪلف ڪرڻ وارن مان آهيان."**

273- وعن ابن سيرين قال : إن هذا العلم دين فانظروا عمن تأخذون دينكم . رواه مسلم

(273) **ابن سيرين کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ "بيشڪ هي (سند جو) علم دين آهي پوءِ غور ڪريو تہ اوهين پنهنجو دين ڪنهن کان وٺو ٿا** ([3]) **(مسلم).**

274- وعن حذيفة قال : يا معشر القراء استقيموا فقد سبقتم سبقا بعيدا وإن أخذتم يمينا وشمالا لقد ضللتم ضلالا بعيدا . رواه البخاري

(274) **حذيفہ ﷺ کان روايت آهي، فرمايائين تہ اي قارين جي جماعت! سڌي واٽ تي قائم رهجو. بيشڪ اوهان مرتبي ۾ گهڻي اڳرائي ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن توهين ساڄو ۽ کاٻو طرف وٺندو تہ تمام گهڻو گمراھ ٿيندو. (بخاري)**

275- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : تعوذوا بالله من جب الحزن قالوا : يا رسول الله وما جب الحزن ؟ قال : واد في جهنم تتعوذ منه جهنم كل يوم أربعمائة مرة . قلنا : يا رسول الله ومن يدخلها قال : القراء المراءون بأعمالهم. رواه الترمذي وكذا ابن ماجه وزاد فيه : وإن من أبغض القراء إلى الله تعالى الذين يزورون الأمراء . قال المحاربي : يعني الجورة .

---

[1] _ يعني جيڪو علم خدا تعاليٰ جي طرفان مون کي معلوم آهي اهو ٻڌايان ٿو ۽ پنهنجي طرفان آءٌ ڪابہ دعويٰ ڪو نٿو ڪريان ۽ مشڪل مسئلا سمجهائڻ بنسبت آءٌ بحث ڪو نٿو ڪريان.

[2] _ هي علم ڪنهن قوم مان فتني پيدا ٿيڻ جي اطلاع بہ نسبت هو. انهي قوم جي ماڻهن جا نالا بہ ابو هريره ﷺ کي معلوم هئا.

[3] _ هن ۾ اشارو آهي تہ حديث جي وٺڻ ۾ چڱي طرح احتياط ڪرڻ گهرجي. جيڪو راوي ديندار، پرهيزگار ۽ حافظي وارو هجي، ان جي حديث قبول ڪجي. بدعتي ۽ بي دينن کان روايت ڪرڻ نہ گهرجي.

(275) ابو هريره ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ "جب الحزن" كان اللهَ جي پناهہ گهرو. اصحابن عرض كيو تہ يا رسول اللهﷺ "جب الحزن" كهڙي شيءِ آهي؟ فرمايائون تہ دوزخ جي هڪ وادي آهي. هر روز دوزخ ان كان 400 دفعا پناهہ وٺندو آهي. چيو ويو تہ اي اللهَ جا رسولﷺ! ان ۾ كير داخل ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون تہ اهي قرآن جا پڙهندڙ جيكي پنهنجي عملن ۾ رياءُ ركندڙ آهن([1]) (ترمذي) ابن ماجہ بہ ان كي روايت كيو، ان ۾ هيءَ زيادتي كئي اٿس تہ "اللهَ تعاليٰ وٽ قرآن جي قارين مان سڀ كان دشمن اها آهن جيكي حاكمن جي وجي زيارت كن"([2]) محاربي چيو تہ مراد ظالم حكمران آهن.

276- وعن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : يوشك أن يأتي على الناس زمان لا يبقى من الإسلام إلا اسمه ولا يبقى من القرآن إلا رسمه مساجدهم عامرة وهي خراب من الهدى علماؤهم شر من تحت أديم السماء من عندهم تخرج الفتنة وفيهم تعود . رواه البيهقي في شعب الإيمان .

(276) عليﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ عنقريب ماڻهن تي اهڙو زمانو ايندو جو اسلام جو رڳو نالو وڃي رهندو ۽ قرآن شريف جا صرف حرف باقي رهجي ويندا، مسجدون انهن جون شاندار هونديون پر هدايت كان ويران هونديون، انهن جا عالم آسمان جي هيٺيان رهندڙن ۾ سڀني كان بڇڙا هوندا. انهن وٽان ئي فتنو نكرندو ۽ انهن ۾ ئي موٽندو. هن كي بيهقيءَ شعب الايمان ۾ روايت كيو آهي.

فائده_: سند ۾ بشر بن وليد قاضي راوي ضعيف هي. (مشكوٰة_الباني ص91ج1)

277- وعن زياد بن لبيد قال ذكر النبي صلى الله عليه وسلم شيئا فقال : ذاك عند أوان ذهاب العلم . قلت : يا رسول الله وكيف يذهب العلم ونحن نقرأ القرآن ونقرئه أبناءنا ويقرؤه أبناؤنا أبناءهم إلى يوم القيامة قال : ثكلتك أمك زياد إن كنت لأراك من أفقه رجل بالمدينة أوليس هذه اليهود والنصارى يقرءون التوراة والإنجيل لا يعملون بشيء مما فيهما . رواه أحمد وابن ماجه وروى الترمذي عنه نحوه .

(277) زياد بن لبيد ﷺ كان روايت آهي تہ نبي كريم ﷺ جن (فتنن مان) هڪ شيءِ جو ذكر كيو پوءِ فرمايائون تہ انهيءَ جو ظهور علم جي وڃڻ وقت ٿيندو.عرض كيم تہ يا رسول اللهﷺ! جڏهن تہ اسين قرآن شريف پڙهون ٿا ۽ جنهن جي اولاد كي پڙهايون ٿا ۽ اسان جو پنهنجي اولاد كي قيامت تائين پيو پڙهائيندو، پوءِ علم كيئن ويندو؟ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ" اي زياد! توتي تنهنجي ماءُ روئي، آئون تہ توكي مديني ۾ تمام وڏيک سياڻو سمجهندو هوس. ڇا هي يهودي ۽ عيسائي تورات ۽ انجيل نٿا پڙهن؟ پر انهن ۾نهي مان كنهن بہ شيءِ تي عمل نٿا كن. (احمد_ابن ماجہ_ترمذي)

فائده:_ سند منقطع آهي، سالم بن ابي جعد جو زياد بن لبيد كان سماع ثابت نہ آهي (مرعاة ص 362 ج1)

[1]_ هن حكم ۾ عالم، عابد ۽ رياكار بہ اچي وڃن ٿا.

[2]_ پر جيكڏهن كو مجبوراً يا دفع شر جي كم لاءِ حاكم ظالم وٽ ويندو تہ انهيءَ صورت ۾ هن حكم كان الڳ ٿيندو.

278- وكذا الدارمي عن أبي أمامة

(278)**اهڙي طرح دارمي ابو امامﷺ کان اها حديث بيان ڪئي آهي.**

279- وعن ابن مسعود قال : قال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم : تعلموا العلم وعلموه الناس تعلموا الفرائض وعلموها الناس تعلموا القرآن وعلموه الناس فإني امرؤ مقبوض والعلم سيقبض وتظهر الفتن حتى يختلف اثنان في فريضة لا يجدان أحدا يفصل بينهما . رواه الدارمي والدارقطني .

(279) **ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ مون کي رسول الله ﷺ جن فرمايوتہ علم سکو ۽ ماڻهن کي سيکاريو ۽ فرائض (ميراث جو علم) سکو ۽ ماڻهن کي سيکاريو ڇو تہ تحقيق آئون وفات ڪري وڃڻ وارو ماڻهو آهيان ۽ علم بہ سگهوئي گهٽ ٿيندو ۽ ظاهر ٿيندا تان جو ٻہ ماڻهو فرضن ۾ اختلاف ڪندا، پر ڪو اهڙو ماڻهو نہ لهندا جيڪو ٻنهي ۾ فيصلو ڪري. هن کي دارميءَ ۽ دارقطني روايت ڪيو آهي.**

280- وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : مثل علم لا ينتفع به كمثل كنز لا ينفق منه في سبيل الله . رواه الدارمي

(280) **ابو هريرهﷺ روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو تہ جنهن علم مان فائدو نہ ورتو وڃي ان جو مثال انهي خزاني وانگر آهي جنهن مان خدا جي نالي تي خرچ نہ ڪيو وڃي.هن کي احمد ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

# طهارت جو بيان

## فصل پهريون

(281) عن أبي مالك الأشعري قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الطهور شطر الإيمان والحمد لله تملأ الميزان وسبحان الله والحمد لله تملآن - أو تملأ - ما بين السماوات والأرض والصلاة نور والصدقة برهان والصبر ضياء والقرآن حجة لك أو عليك كل الناس يغدو فبائع نفسه فمعتقها أو موبقها " . رواه مسلم
وفي رواية : " لا إله إلا الله والله أكبر تملآن ما بين السماء والأرض " . لم أجد هذه الرواية في الصحيحين ولا في كتاب الحميدي ولا في " الجامع " ولكن ذكرها الدارمي بدل " سبحان الله والحمد لله ".

حضرت ابو مالک اشعري ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته پاڪائي ايمان جو اڌ ڀاڱو آهي ([1]) ۽ الحمدلله ميزان (ساهميءَ) کي. ڀري ٿو ۽ سبحانﷲ ۽ الحمدلله ٻنهي يا هر هڪ اڪيلي جو (ثواب) آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ جيڪي آهي، ان کي ڀري ٿو ۽ نماز نور([2]) آهي ۽ خير خيرات ڪرڻ (ايمان جي سچائي تي) دليل آهي ۽ صبر

---

[1] _ چاڪاڻ تہ ايمان آڻڻ سان صغيرا ڪبيرا گناہ سڀ معاف ٿي وڃن ٿا. وضوءَ ڪرڻ سان فقط صغيرا گناھ معاف ٿين ٿا. پوءِ انهي اعتبار ڪري وضوءَکي ايمان جو اڌ ليکيو ويو آهي.

[2] _ يعني نماز پڙهڻ ڪري قبر جي روشني ٿيندي ۽ قيامت ۾ بہ وضوءَ وارا عضوا روشن هوندا ۽ هتي دنيا ۾ بہ نماز پڙهڻ ڪري دل جو نور حاصل ٿئي ٿو.

روشني آهي([1]) ۽ قرآن تو لاءِ يا تنهنجي خلاف دليل آهي ([2]) هر هڪ ماڻهو صبح ڪري ٿو ته پنهنجي نفس کي وڪڻي ٿو پوءِ ان کي آزاد ٿو ڪري يا هلاڪ ٿو ڪري ([3]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي. ٻي روايت ۾ آهي ته ﴿ لَا اِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکبَرُ﴾ چوڻ آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ جيڪي آهي. ان کي ڀري ٿو. هيءَ روايت مون بخاري مسلم، حميديءَ جي ڪتاب ۽ ”الجامع“ ۾ ڪانه ڏٺي آهي. ليڪن دارميءَ ﴿ لَا اِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکبَرُ﴾جي بجاءِ ﴿سُبحَانَ اللّٰہِ وَالحَمدُلِلّٰہِ﴾ جي لفظن سان ان کي بيان ڪيو آهي.

(282) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : ( ألا أدلكم على ما يمحو الله به الخطايا ويرفع به الدرجات ؟ " قالوا بلى يا رسول الله قال : " إسباغ الوضوء على المكاره وكثرة الخطى إلى المساجد وانتظار الصلاة بعد الصلاة فذلكم الرباط ".

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ڇا اوهان کي اهڙو عمل نه ٻڌايان، جنهن سان الله تعاليٰ اوهان جا گناه ميٽي ۽ ان سان اوهان جا درجا مٿاهان ڪري؟ اصحابن چيو ته ” اي الله جا رسول هائو (ضرور ٻڌايو) فرمايائون ته تڪليف جي وقتن ۾ ([4]) ڪامل وضو ڪرڻ ۽ مسجدن ڏانهن گهڻا قدم ([5]) ۽ هڪ نماز کان ٻي نماز جو انتظار ڪرڻ ([6]) اهو توهانجو رباط آهي.([7])**

(283) وفي حديث مالك بن أنس : " فذلك الرباط فذلكم الرباط " . ردد مرتين . رواه مسلم . وفي رواية الترمذي ثلاثا.
مالڪ بن انس ﷺ جي حديث ۾ آهي ته ارشاد فرمايائون ”اهو توهان جو رباط آهي، اهو توهان جو رباط آهي“ ٻه دفعا دهرايائون هن کي مسلم روايت ڪيو آهي ۽ ترمذيءَ جي روايت ۾ ٽي دفعا ذڪر ٿيل آهي.

(284) عن عثمان رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من توضأ فأحسن الوضوء خرجت خطاياه من جسده حتى تخرج من تحت أظفاره ".

---

[1] _ يعني صبر ڪرڻ سان روحاني سڪون ۽ نورانيت پيدا ٿئي ٿي. صبر هنن ڪمن تي ڪرڻ گهرجي 1_گرمي ۽ سياري جي عبادت ڪرڻ ۾. 2_مصيبت ۽ تڪليف جي وقت جزع فزع نه ڪرڻ.

[2] _ يعني جڪڏهن قرآن تي عمل ڪبو ته قيامت جي ڏينهن تو لاءِ حجت ٿيندو ۽ جيڪڏهن عمل نه ڪندين ته توتي شاهد ٿيندو.

[3] _ هر ڪنهن بحث ۾ هر ڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪري ٿو يا پاڻ کي هلاڪ ڪري ٿو جيڪڏهن ڪنهن به ڪم ۾ آخرت جو خريدار ٿيو ته آزاد ٿيو پر جيڪڏهن دنيا کي آخرت کان وڌيڪ سمجهيائين ته پاڻ کي هلاڪ ڪيائين.

[4] _ تڪليف جا وقت هي آهن: 1_بيماريءَ ۾، سياري جي سخت سرديءَ ۾.

[5] _ يعني مسجد پري هجڻ جي حالت ۾ به اچڻ.

[6] _ يعني هڪ نماز پڙهي ٻي لاءِ مسجد ۾ ويهي رهي پر جيڪڏهن ٻاهر وڃي ته به دل ۾ مسجد ۾ اچڻ جو اونو رکي.

[7] _ ”رباط“ هن کي چئبو آهي جو اسلام جي سرحد تي دين جي دشمنن جي مقابلي لاءِ ويٺو رهي، مبادا دشمن سرحد ٽپي اچن. انهي ۾ وڏو ثواب آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته نماز لاءِ انتظار ڪري ويهڻ به در حقيقت هڪ طرح جو ”رباط“ آهي. جو ته جيئن سرحد تي ڪافرن جي مقابل ۾ ويهبو آهي، تيئن هتي مسجد ۾ دين جي وڏي دشمن شيطان جي مقابلي ۾ ويهڻو پوي ٿو. انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ جن رباط جي لفظ کي 3_دفعا تڪرار يعني تاڪيد سان آندو آهي.

**عثمان ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جنهن وضو ڪيو پوءِ چڱيءَ طرح وضو ڪيائين ([1]) تہ ان جي جسم مان ان جا گناهہ ([2]) نڪرن ٿا تان جو ان جي (آڱرين جي) ننهن هيٺان بہ نڪرن ٿا. (بخاري_ مسلم)**

(285) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا توضأ العبد المسلم أو المؤمن فغسل وجهه خرج من وجهه كل خطيئة نظر إليها بعينيه مع الماء مع آخر قطر الماء فإذا غسل يديه خرجت من يديه كل خطيئة بطشتها يداه مع الماء أو مع آخر قطر الماء فإذا غسل رجليه خرج كل خطيئة مشتها رجلاه مع الماء أو مع آخر قطر الماء حتى يخرج نقيا من الذنوب ) . ( رواه مسلم )

حضرت ابو هريره ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن مسلمان يا مؤمن ٻانهو وضو ڪري ٿو ۽ پنهنجو منهن ڌوئي ٿو ته ان جي منهن تي پاڻي پوڻ سان يا پاڻي جي پوئين ڦڙي ڪرڻ سان انجا اهي سمورا گناهه نڪرن ٿا. جن جو تعلق اکين سان آهي. جڏهن هٿ ڌوئي ٿو ته ان جي ٻنهي هٿن مان اهي سڀ گناهه پاڻي پوڻ سان يا پاڻيءَ جي پوئين ڦڙي سان گڏ نڪرن ٿا، جيڪي هٿن سان ڪيا اٿس. ٻئي پير ڌوئي ٿو ته ان جا اهي سڀئي گناه پاڻي لڳڻ يا پاڻيءَ جي پوئين ڦڙي ڪرڻ سان گڏ نڪرن ٿا. جن جو تعلق پيرن سان هوندو آهي. تان جو گناهن کان پاڪ صاف ٿي نڪرندو آهي.

(286) وعن عثمان قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من امرئ مسلم تحضره صلاة مكتوبة فيحسن وضوءها وخشوعها وركوعها إلا كانت كفارة لما قبلها من الذنوب ما لم يؤت كبيرة وذلك الدهر كله " . رواه مسلم

حضرت عثمانؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن ڪنهن مسلمان ماڻهو تي فرض نماز جو وقت اچي، پوءِ چڱيءَ ريت وضوءَ ڪري ۽ (نماز) ۾ خشوع خضوع ([3]) ۽ رڪوع (وغيره ارڪان) سهڻي نموني سان ادا ڪري ته اها نماز ان جي اڳين ڪيل گناهن کان ڪفارو ٿيندي. جيستائين ڪو ڪبيره گناهه نٿو ڪري ۽ اهو ڪفارو سڄو زمانو ان کي حاصل ٿيندو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(287) وعنه أنه توضأ فأفرغ على يديه ثلاثا ثم تمضمض واستنثر ثم غسل وجهه ثلاثا ثم غسل يده اليمنى إلى المرفق ثلاثا ثم غسل يده اليسرى إلى المرفق ثلاثا ثم مسح برأسه ثم غسل رجله اليمنى ثلاثا ثم اليسرى ثلاثا ثم قال : " رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم توضأ نحو وضوئي هذا ثم قال : " من توضأ وضوئي هذا ثم يصلي ركعتين لا يحدث نفسه فيهما بشيء إلا غفر له ما تقدم من ذنبه " . ولفظه للبخاري

حضرت عثمان ؓ کان روايت آهي ته ان وضو ڪيو، پوءِ هٿن تي 3_دفعا پاڻي پلٽايائين پوءِ ڪرڙيون ڪيائين ۽ نڪ ۾ پاڻي وڌائين پوءِ 3_ دفعا منهن ڌوتائين پوءِ ساڄي ٻانهن 3_دفعا ٺوٺين تائين ڌوتائين، پوءِ 3_دفعا کاٻي ٻانهن ٺوٺين تائين ڌوتائين، پوءِ مٿي تي مک ڪيائين، پوءِ ساڄو پير 3_ دفعا ڌوتائين، پوءِ کاٻو پير 3_ دفعا ڌوتائين، پوءِ چيائين ته مون رسول اللهﷺ کي ڏٺو ته پاڻ منهنجي وضوءَ وانگر وضو ڪيائون. پوءِ فرمايائون ته جيڪو منهنجي هن وضوءَ وانگر

---

[1]_ يعني سنتن ۽ مستحبن جي رعايت ڪرڻ سان وضو ڪيائين.

[2]_ يعني صغيرا گناهہ.

[3]_ خشوع هي آهي تہ ظاهر باطن سڀ ادب بجا آڻي. دل ۾ الله جو ڊپ رکي ۽ نظر سجدي جي جاءِ تي ڪري نماز کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ مشغول نہ رهي. بدن يا ڪپڙي يا ڏاڙهي سان چنبڙ ڦوڪ نہ ڪري ساڄي کاٻي منهن نہ ڦيري ۽ ٻي ڪا بيجا حرڪت نہ ڪري.

وضو ڪندو([1]) پوءِ ٻه رڪعتون نماز پڙهندو([2]) جنهن دوران پنهنجي دل ۾ ڪابه ڳالهه نه آڻيندو ته ان جا اڳيان ڪيل گناهه بخشيا ويندا. هن ڪي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي ۽ انهيءَ ۾ بخاري جا لفظ آهن.

(288) وعن عقبة بن عامر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من مسلم يتوضأ فيحسن وضوءه ثم يقوم فيصلي ركعتين مقبل عليهما بقلبه ووجهه إلا وجبت له الجنة " . رواه مسلم

حضرت عقبہ بن عامر ﷜ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جيڪو مسلمان وضو ڪري ٿو ۽ چڱي طرح وضو ڪري ٿو، پوءِ ڪڙو ٿي ٻه رڪعتون نماز پنهنجي دل ۽ نظر جي توجه سان نماز پڙهي ٿو، ([3]) ته ان لاءِ بهشت واجب ٿيندو. هن ڪي مسلم روايت ڪيو آهي.

(289) وعن عمر بن الخطاب رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما منكم من أحد يتوضأ فيبلغ أو فيسبغ الوضوء ثم يقول : أشهد أن لا إله إلا الله وأن محمدا عبده ورسوله وفي رواية : أشهد أن لا إله إلا الله وحده لا شريك له وأشهد أن محمدا عبده ورسوله إلا فتحت له أبواب الجنة الثمانية يدخل من أيها شاء " . هكذا رواه مسلم في صحيحه والحميدي في أفراد مسلم وكذا ابن الأثير في جامع الأصول .

وذكر الشيخ محي الدين النووي في آخر حديث مسلم على ما رويناه وزاد الترمذي : " الله اجعلني من التوابين واجعلني من المتطهرين " .

والحديث الذي رواه محيي السنة في الصحاح : " من توضأ فأحسن الوضوء " إلى آخره رواه الترمذي في جامعه بعينه إلا كلمة " أشهد " قبل " أن محمدا ".

حضرت عمر بن خطاب ﷜ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪو وضو ڪري ۽ چڱيءَ طرح وضو ڪري. يا فرمايائون ته مڪمل وضو ڪري، ان ڪان پوءِ چوي ته ﴿اَشۡهَدُ اَنَّ لَّااِلٰہَ اِلَّااللهُ وَحۡدَهٗ لاَ شَرِيۡکَ لَهٗ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسولُهٗ﴾ ته ان لاءِ بهشت جا اٺ دروازا کوليا ويندا، جنهن مان گهري ان ۾ داخل ٿئي.“ اهڙيءَ طرح مسلم پنهنجي صحيح ۾ ۽ حميدي ”افراد مسلم“ ۾ ۽ ان طرح ابن الاثير ”جامع الاصول“ ۾ ان ڪي روايت ڪيو آهي. شيخ محي الدين نووي مسلم جي حديث آخر ۾ ان ڪي روايت ڪيو آهي، جيئن اسان بيان ڪيو آهي. ترمذيءَ ان ۾ هيءَ دعا زياده ڪئي آهي. ﴿اَللّٰهُمَّ اجۡعَلۡنِيۡ مِنَ التَّوَّابِينَ وَاجۡعَلۡنِيۡ مِنَ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ﴾ ۽ اها حديث جنهن کي محي السنة رَحِمَہُ اللہُ ”الصحاح“ ۾ بيان ڪيو آهي، ۽ جنهن جا لفظ آهن: ﴿مَنۡ تَوَضَّاَ فَاَحۡسَنَ الوُضُوۡءَ..... الیٰ آخره﴾ ان ڪي ترمذيءَ پنهنجي جامع ۾ هوبهو روايت ڪيو آهي مگر ان ۾ ﴿ اَنَّ مُحَمَّدًا﴾ ڪان اڳ ﴿اَشۡهَدُ﴾ جو لفظ نه آهي.

(290) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن أمتي يدعون يوم القيامة غرا محجلين من آثار الوضوء فمن استطاع منكم أن يطيل غرته فليفعل ".

حضرت ابو هريره ﷜ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته بيشڪ منهنجي امت کي قيامت جي ڏينهن (هنن لفظن سان) سڏيو ويندو ته ”جن جا وضوءَ وارا عضوا سفيد ۽ روشن آهن“_ پوءِ اوهان مان جيڪو پنهنجي روشني وڌائڻ گهري ته اهو ([1]) ان ڪي وڌائي. (بخاري_مسلم)

---

[1] _ يعني فرضن ۽ سنتن جي رعايت ڪندو تنهن جا گناهه معاف ٿيندا.

[2] _ هن حديث مان وضو ڪرڻ بعد ٻه رڪعت نفل پڙهڻ مستحب هجڻ جي ثابتي ملي ٿي وڌيڪ پڙهندو ته چڱو آهي.

[3] _ يعني دنيا جون ڳالهيون ۽ جيڪي ڪم نماز سان تعلق نٿا رکن سي نه ڪري. خيال صرف اللهﷻ جي طرف رکي جيڪڏهن ڪي خطرا دل ۾ اچن ته انهن ڪي دفع ڪري. ۽ پاڻ دل سان نماز پڙهي.

(291) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " تبلغ الحلية من المؤمن حيث يبلغ الوضوء " . رواه مسلم

حضرت ابو هريره ﷺ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته مؤمن کي (بهشت ۾) نور جو زيور انهيءَ حد تائين پهچندو جيستائين وضوءَ جو پاڻي پيو هوندو هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

فصل ٻيو

(292) عن ثوبان قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " استقيموا ولن تحصوا واعلموا أن خير أعمالكم الصلاة ولا يحافظ على الوضوء إلا مؤمن " . رواه مالك وأحمد وابن ماجه والدارمي

حضرت ثوبان ﷺ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته استقامت اختيار ڪريو ۽ اوهان هرگز (استقامت جي سگهه نٿا رکو، مگر ﷲ جي توفيق سان) ۽ ڄاڻو ته توهان جي سڀن عملن مان بهترين عمل نماز آهي ۽ وضوءَ جي حفاظت ڪري نٿو سگهي مگر مؤمن.

ان کي مالک، احمد،ابن ماجه ۽ دارميءَ روايت ڪيو آهي.

(293) وعن أبن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من توضأ على طهر كتب له عشر حسنات " . رواه الترمذي

حضرت ابن عمر ﷺ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جيڪو وضوءَ مٿان وضو ڪندو، انهيءَ لاءِ ڏهه نيڪيون لکيون وينديون_ هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ضعيف آهي، راوي افريقي ۽ ابو غطيف ٻئي منفرد آهن. افريقي ضعيف ۽ ابو غطيف مجهول الحال آهي. (مشکوٰة_ الباني ص96ج1)

فصل ٽيون

(294) عن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " مفتاح الجنة الصلاة ومفتاح الصلاة الطهور " . رواه أحمد

حضرت جابر ﷺ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته بهشت جي ڪنجي ([2])نماز آهي ۽ نماز جي ڪنجي پاڪائي آهي هن کي احمد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ضعيف آهي، سليمان بن قرم ۽ ابو يحييٰ قتات ٻئي ضعيف آهن. (مشکوٰة_ الباني ص 98ج1)

---

[1]_ وضو کي زياده ڪرڻ جي هيءَ صورت آهي ته پيشانيءَ کان ڪاڏيءَ جي هيٺين پاڳي تائين ۽ هڪڙي ڪن کان ٻي ڪن تائين منهن ڌوئي ۽ پير کي ڳريءَ يعني مرين کان ڪجهه مٿيرو ڌوئي.

[2]_جيئن ڪنجي کان سواءِ قلف ڏنل دروازو نه کلندو آهي تيئن نماز کان سواءِ بهشت جو دروازو ڪنهن لاءِ نه کلندو.

(295) وعن شبيب بن أبي روح عن رجل من أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم صلى صلاة الصبح فقرأ الروم فالتبس عليه فلما صلى قال : " ما بال أقوام يصلون معنا لا يحسنون الطهور فإنما يلبس علينا القرآن أولئك " . رواه النسائي

حضرت شبيب بن ابي روح جيڪو رسول اللهﷺ جن جي اصحابن مان هڪ شخص هو، ([1]) کان روايت آهي ته بيشڪ رسول اللهﷺ جن هڪ دفعو صبح جي نماز پڑهائي، پوءِ ان ۾ سوره روم پڑهيائون. مٿن قرآن متشابهه ٿي ويو. جڏهن نماز پڑهي فارغ ٿيا ته فرمايائون ته ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي جو اسان سان گڏ نماز پڑهن ٿا، ته به چڱي طرح پاڪائي نٿا ڪن([2]) اهي اسان کي قرآن ۾ خلط ملط ڪن ٿا_ ان کي نسائيءَ روايت ڪيو.

(296) وعن رجل من بني سليم قال : عدهن رسول الله صلى الله عليه وسلم في يدي أو في يده قال : " التسبيح نصف الميزان والحمد لله يملؤه والتكبير يملأ ما بين السماء والأرض والصوم نصف الصبر والطهور نصف الإيمان " . رواه الترمذي وقال هذا حديث حسن

بنو سليم مان هڪ شخص کان روايت آهي ته هنن جملن کي رسول الله ﷺ جن منهنجي هٿ تي يا پنهنجي هٿ تي ڳڻي فرمايو ته سبحانﷲ چوڻ ترازو جو اڌ آهي _ هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي ۽ چيو اٿس ته هي حديث حسن آهي.

**فائده:_ سند ۾ جُدي نهدي راوي ضعيف آهي. (مشڪوٰة_ الباني ص98ج1)**

(297) عن عبد الله الصنابحي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إذا توضأ العبد المؤمن فمضمض خرجت الخطايا من فيه وإذا استنثر خرجت الخطايا من أنفه فإذا غسل وجهه خرجت الخطايا من وجهه حتى تخرج من تحت أشفار عينيه فإذا غسل يديه خرجت الخطايا من تحت أظفار يديه فإذا مسح برأسه خرجت الخطايا من رأسه حتى تخرج من أذنيه فإذا غسل رجليه خرجت الخطايا من رجليه حتى تخرج من تحت أظفار رجليه ثم كان مشيه إلى المسجد وصلاته نافلة له " . رواه مالك والنسائي

حضرت عبدالله صنابحي ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن مؤمن ٻانهو وضو ڪري ڪرڙيون ڪندو آهي ته ان جي وات جا گناهه نڪرندا آهن ۽ جڏهن نڪ کي سڙڪندو آهي ته ان جي نڪ جا گناهه نڪرندا آهن ۽ جڏهن پنهنجو منهن ڌوئيندو آهي ته ان جي منهن جا گناهه نڪرندا آهن تان جو سندس اکين جي پنبڻين جي هيٺيان به نڪرندا آهن ۽ جڏهن پنهنجي مٿي جي مک ڪندو آهي ته ان جي مٿي جا گناهه نڪرندا آهن. پوءِ جڏهن پنهنجا ٻئي پير ڌوئيندو آهي ته ان جي ٻنهي پيرن جا گناهه نڪرندا آهن تان جو ان پير جي ننهن هيٺيان به نڪرندا آهن پوءِ انجو مسجد ڏانهن وڃڻ ۽ ان جو نماز ادا ڪرڻ اضافي ثواب هوندو آهي (مالڪ_ نسائي)

(298) وعن أبي هريرة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم أتى المقبرة فقال : " السلام عليكم دار قوم مؤمنين وإنا إن شاء الله بكم لاحقون وددت أنا قد رأينا إخواننا قالوا أولسنا إخوانك يا رسول الله قال أنتم أصحابي وإخواننا

[1] _ميرڪ شاه اصحابي جو نالو اغفر غفاري لکيو آهي.

[2] _هن حديث مان هي مطلب نڪري ٿو ته بري صحبت جو اثر ڪهڙي نه نيڪ ماڻهو کي پهچي سگهي ٿو جڏهن ته اڻ پوري وضو واري ماڻهو جو پاڻﷺ جن جهڙي پاڪ هستي واري ماڻهو تي اثر ٿيو جنهن جي سببان نماز ۾ قرآن پڑهڻ ۾ ڀل ٿيڻ تڏهن فاسقن ۽ بدعتين جو اثر ڪيتري قدر نقصان ڪار ٿيندو انهيءَ ڪري بي صحبت کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

الذين لم يأتوا بعد فقالوا كيف تعرف من لم يأت بعد من أمتك يا رسول الله فقال أرأيت لو أن رجلا له خيل غر محجلة بين ظهري خيل دهم بهم ألا يعرف خيله قالوا بلى يا رسول الله قال فإنهم يأتون غرا محجلين من الوضوء وأنا فرطهم على الحوض " . رواه مسلم

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن مديني جي مقام ۾ آيا، فرمائڻ لڳا "اي ايمان وارؤ! اوهان تي سلامتي هجي ۽ انشاءالله اسين به اوهان سان ملڻ وارا آهيون اها خواهش اٿم ته جيڪر پنهنجن ڀائرن کي (جيڪي پوءِ ايندا) ڏسان ها_ اصحابن چيو ته يا رسول اللهﷺ ڇا اسين توهانجا ڀائر نه آهيون؟ فرمايائون ته توهان منهنجا اصحاب آهيو ۽ منهنجا ڀائر اهي آهن جيڪي پوءِ ايندا. چيائون ته يا رسول اللهﷺ اوهانجا جيڪي امتي پوءِ ايندا تن کي اوهان ڪيئن سڃاڻندا؟ فرمايائون ته مونکي ٻڌايو جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو وٽ اهڙو گهوڙو هجي جنهن جو منهن سفيد ۽ هٿ پير سفيد هجن ۽ اهو ڪارن گهوڙن جي وچ ۾ هجي ته ڇا اهو پنهنجي گهوڙي کي نه سڃاڻندو، پاڻ فرمايائون ته بيشڪ قيامت جي ميدان ۾ جڏهن منهنجا امتي ايندا تڏهن وضوءَ جي اثر سببان انهن جا عضوا روشن هوندا ([1]) آءٌ انهن لاءِ اڳ ۾ وڃي حوض ڪوثر تي سامان ناهيندڙ آهيان.**

(299) عن أبي الدرداء قال : قال رسول صلى الله عليه وسلم : ( أنا أول من يؤذن له بالسجود يوم القيامة وأنا أول من يؤذن له أن يرفع رأسه فأنظر إلى بين يدي فأعرف أمتي من بين الأمم ومن خلفي مثل ذلك وعن يميني مثل ذلك وعن شمالي مثل ذلك " . فقال له رجل : يا رسول الله كيف تعرف أمتك من بين الأمم فيما بين نوح إلى أمتك ؟ قال : " هم غر محجلون من أثر الوضوء ليس أحد كذلك غيرهم وأعرفهم أنهم يؤتون كتبهم بأيمانهم وأعرفهم يسعى بين أيديهم ذريتهم " . رواه أحمد

حضرت ابو درداءَ ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته آئون اهو شخص آهيان جنهن کي قيامت جي ڏينهن سڀني کان اڳ سجدو ڪرڻ جي موڪل ڏني ويندي ۽ آئون اهو آهيان جنهن کي سڀني کان اڳ (سجدي مان مٿو مٿي ڪڻڻ جي موڪل ڏني ويندي پوءِ پنهنجي اڳيان ڏسندس ته ٻين امتن جي وچ ۾ پنهنجا امتي سڃاڻندس، اهڙي طرح منهنجي پٺيان ۽ پنهنجي ساڄي کاٻي پاسي ڏسندس ته پنهنجا امتي سڃاڻندس. هڪ ماڻهوءَ چيو ته يا رسول اللهﷺ حضرت نوح جي زماني کان وٺي پنهنجي زماني تائين_ ايترين گهڻين امتن ۾ اوهان پنهنجي امت کي ڪيئن سڃاڻندو؟ فرمايائون ته انهن جي پيشابي، هٿ، پير وضوءَ جي اثر سببان روشن هوندا، انهن کان سواءِ ٻيو ڪو ائين نه هوندو. (پڻ ان ڪري به) انهن کي سڃاڻندس جو ڪين اعمالناما سندن ساڄي هٿ ۾ ڏنا ويندا. نيز انهن کي سڃاڻندس جو انهن جي اڳيان انهن جو اولاد ڊڪندو. (احمد)

# وضو کي واجب ڪندڙن جو بيان

فصل پهريون

[1]_هن مان معلوم ٿيو ته وضو ڪندڙ ۽ نماز پڙهندڙ جا وضو وارا عضوا روشن هوندا، رسول الله ﷺ جن پنهنجي انهن نشانين سان سڃاڻندا جيڪي هينئر پاڻ کي مسلمان سڏائن ٿا ۽ وضو جو ڪو لحاظ نٿا ڪن ۽ نماز نٿا پڙهن، انهن جا عضوا ان روشني کان محروم رهندا جن کي رسول اللهﷺ جن سڃاڻي نه سگهندا.

(300) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تقبل صلاة من أحدث حتى يتوضأ ".

حضرت ابو هريره کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جنهن ماڻهو جو وضو ڀڄو ، ان جي نماز قبول نه ٿيندي جيسين وضو نئون نه ڪري. (بخاري_ مسلم)

(301) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تقبل صلاة بغير طهور ولا صدقة من غلول " . رواه مسلم

حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته پاڪائي کان سواءِ نماز قبول نه ٿيندي آهي. ۽ غضب ڪيل مال مان صدقو ۽ خيرات قبول نه ٿيندي آهي. (مسلم)

(302) وعن علي قال : كنت رجلا مذاء فكنت أستحيي أن أسأل النبي صلى الله عليه وسلم لمكان ابنته فأمرت المقداد فسأله فقال : " يغسل ذكره ويتوضأ " .

حضرت علي ﷺ کان روايت آهي ته آئون گهڻي مذيءَ وارو مڙس هُيس. نبي ڪريم ﷺ جن جي ڌيءَ (فاطمه) ﷺ منهنجي گهر ۾ هئي، تنهن ڪري مسئلو معلوم ڪرڻ ۾ حياءُ پئي ٿيو، ان ڪري مقداد کي مسئلي پڇڻ لاءِ امر ڪيم. فرمايائون: ”پنهنجي اوگهڙ ڌوئي ۽ وضو ڪري“.(بخاري _ مسلم)

(303) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " توضؤوا مما مست النار " . رواه مسلم

قال الشيخ الإمام الأجل محيي السنة رحمه الله : هذا منسوخ بحديث ابن عباس.

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو فرمايائون : جيڪا شيءِ باهه تي تيار ٿئي اها کائڻ سان وضو ڪريو. (مسلم)

وڏو امام شيخ محي السنة عليہ الرحمة چوي ٿو ته اها حديث ابن عباس جي حديث سان منسوخ آهي.

(304) قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم أكل كتف شاة ثم صلى ولم يتوضأ .

(ابي عباسﷺفرمائي ٿو ته ) رسول اللهﷺ جن ٻڪريءَ جي دستي جو گوشت کاڌو پوءِ نماز پڙهيائين ۽ وضو نه ڪيائين.(بخاري_مسلم)

(305) وعن جابر بن سمرة أن رجلا سأل رسول الله صلى الله عليه وسلم أنتوضأ من لحوم الغنم ؟ قال : " إن شئت فتوضأ وإن شئت فلا تتوضأ " . قال أنتوضأ من لحوم الإبل ؟ قال : " نعم فتوضأ من لحوم الإبل " قال : أصلي في مرابض الغنم قال : " نعم " قال : أصلي في مبارك الإبل ؟ قال : " لا " . رواه مسلم

حضرت جابر بن سمره ﷺ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو رسول اللهﷺ جن کان سوال ڪيو ته ڇا ٻڪريءَ جو گوشت کائڻ سبب اسين وضو ڪريون؟ فرمايائون: جيڪڏهن مرضي هجئي ته وضو ڪر، جيڪڏهن مرضي نه هجئي ته وضو نه ڪر. وري ان پڇيو ته ڇا اٺ جي گوشت کائڻ سان وضو ڪريون؟ پاڻ فرمايائون ته ”هائو! اٺ جو گوشت کائڻ بعد وضو

ڪريو. عرض ڪيائين ته ڇا ٻڪرين جي وٿاڻ ۾ نماز پڙهان؟ رسولﷺ جن فرمايو ته "هائو!" سوال ڪيائين ته ڇا اٺن جي جهوڪ ۾ نماز پڙهان؟ رسول اللهﷺ جن فرمايو ته نه.(مسلم)

(306) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا وجد أحدكم في بطنه شيئا فأشكل عليه أخرج منه شيء أم لا فلا يخرجن من المسجد حتى يسمع صوتا أو يجد ريحا " . رواه مسلم

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪو ماڻهو پنهنجي پيٽ ۾ ڪاشيءَ واءِ جي وڪڙ وانگر ڏسي ۽ ان تي شڪ اچيس ته پيٽ مان ڪا شيءِ نڪتي يا نه؟ ته مسجد مان نه نڪري، جيستائين هو ان جي نڪرڻ جو آواز ٻڌي يا بدبوءِ اچيس ([1]) (مسلم)

(307) وعن عبد الله بن عباس قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم شرب لبنا فمضمض وقال:" إن له دسما ".

حضرت عبدالله بن عباس ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن کير پيتو ۽ ڳرڙي ڪيائين([2]) ۽ پوءِ چيائين ته بيشڪ انهيءَ ۾ سٿپ آهي(بخاري)

(308) وعن بريدة : أن النبي صلى الله عليه وسلم صلى الصلوات يوم الفتح بوضوء واحد ومسح عل خفيه فقال له عمر : لقد صنعت اليوم شيئا لم تكن تصنعه فقال : " عمدا صنعته يا عمر " . رواه مسلم

حضرت بريده ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فتح مڪه جي ڏينهن هڪ وضوءَ سان ڪيترايون ئي نمازون پڙهيون ۽ موزن کي مک ڪيائون. پوءِ حضرت عمر ﷺ، نبيﷺ کي چيو ته اڄ توهان اهڙو ڪم ڪيو آهي جو اڳي ڪونه ڪيو اٿو. پاڻ فرمايائون ته اي عمر ڄاڻي واڻي ڪيو اٿم. ([3]) (مسلم)

(309) وعن سويد ابن النعمان : أنه خرج مع رسول الله صلى الله عليه وسلم عام خيبر حتى إذا كانوا بالصهباء وهي أدنى خيبر صلى العصر ثم دعا بالأزواد فلم يؤت إلا بالسويق فأمر به فثري فأكل رسول الله صلى الله عليه وسلم وأكلنا ثم قام إلى المغرب فمضمض ومضمضنا ثم صلى ولم يتوضأ . رواه البخاري

حضرت سويد بن نعمان ﷺ کان روايت آهي ته فتح خيبر واري سال ۾ آءٌ جناب رسول اللهﷺ جن سان گڏ نڪتو هوس تانجو جڏهن صهباء([4]) وادي وٽ (جا خيبر جي ويجهو آهي) پهتاسون ته رسول الله ﷺ جن عصر نماز پڙهي. پوءِ ڪاڌو گهرايائون. پرستن ڪانسواءِ ٻي ڪابه شيءَ نه آندي ويئي. حڪم موجب اهي پسايا ويا. پوءِ رسول اللهﷺ جن ڪاڌو ۽ اسان به ڪاڌو. پوءِ سانجهي نماز لاءِ اٿيا ۽ ڳرڙي ڪيائون ۽ اسان به ڳرڙي ڪئي پوءِ نماز پڙهيائون ۽ وضو نه ڪيائون. (بخاري)

[1]_هن حديث جو مطلب هي آهي ته وضو هوا نڪرڻ ڪري يقين سان پڄندو، شڪ ۾ ڪونه پڄندو. امام نووي ٿو چوي ته هي حديث اسلام جي اصولن مان بهترين اصول ۽ قاعدن مان هڪ سنو قاعدو آهي. سڀ شيون پنهنجي اصول تي هجن.

[2]_هن مان معلوم ٿيو ته هي شيءِ کائڻ سان ڳرڙي ڪرڻ سنت آهي.

[3]_ معلوم ٿيو ته هڪڙي وضو سان گهڻيون نمازون پڙهڻ ۽ موزن تي مک ڪرڻ جائز آهي.

[4]_ صهباء هڪ شهر جو نالو آهي.

فصل ٻيو

(310) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا وضوء إلا من صوت أو ريح " . رواه أحمد والترمذي

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته هوا خارج ٿيڻ جي آواز يا بدبوءِ کان سواءِ وضو ڪرڻ واجب نه آهي (احمد_ ترمذي)

(311) وعن علي قال : سألت رسول الله صلى الله عليه وسلم من المذي فقال : " من المذي الوضوء ومن المني الغسل " . رواه الترمذي

حضرت علي ﷺ کان روايت آهي ته مون نبي ڪريم ﷺ جن کان مذي نڪرڻ بابت مسئلو پڇيو. فرمايائون ”مذي نڪرڻ سان وضو ۽ مني نڪرڻ سان غسل آهي“ (ترمذي)

(312) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " مفتاح الصلاة الطهور وتحريمها التكبير وتحليلها التسليم " . رواه أبو داود والترمذي والدارمي

۽ پڻ حضرت عليﷺکان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته نماز جي ڪنجي وضو آهي، تڪبير([1]) چوڻ ان جي تحريم آهي. سلام ورائڻ ان جي تحليل آهي.([2]) (ابوداؤد_ ترمذي_دارمي)

(313) ورواه ابن ماجه عنه وعن أبي سعيد

۽ ابن ماجه ان حديث کي حضرت عليﷺ ۽ ابو سعيد ﷺ کان روايت ڪيو آهي.

(314) وعن علي بن طلق قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا فسا أحدكم فليتوضأ ولا تأتو النساء في أعجازهن " . رواه الترمذي وأبو داود

علي بن طلق ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪنهن جي هوا خارج ٿئي، ته وضو ڪري ۽ پنهنجي زالن جي مقعدن ۾ نه اچو (يعني مقعد ۾ لواطت نه ڪريو) (ترمذي)

(315) وعن معاوية بن أبي سفيان أن النبي صلى الله عليه وسلم : قال : " إنما العينان وكاء السه فإذا نامت العين استطلق الوكاء " . رواه الدرامي

---

[1]_تڪبير چوڻ سان نماز شروع ٿئي ٿي ۽ انڪان پوءِ جيڪي شيون حلال آهن،يعني کائڻ پيئڻ وغيره سي حرام ٿين ٿيون.

[2]_ سلام ورائڻ وقت جيڪي شيون تڪبير کانپوءِ حرام ٿين ٿيون سي حلال ٿينديون. امام شافعي، امام مالڪ، امام احمد، اهي ٽئي امام سلام کي فرض ٿا نهرائن امام ابو حنيفہ چوي ٿو تہ سلام چوڻ فقط سنت آهي. هن حديث مان سلام چوڻ واجب ثابت ٿئي ٿو.

حضرت معاويه بن سفيان ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته اکيون مقعد جو ٻنڌڻ آهي، جڏهن اکيون ننڊ ڪن ٿيون ته ٻنڌڻ کلي پوي ٿو. (دارمي)

(316) وعن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " وكاء السه العينان فمن نام فليتوضأ " . رواه أبو داود
قال الشيخ الإمام محيي السنة رحمه الله : هذا في غير القاعد لما صح.

حضرت علي ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته مقعد جو ٻنڌڻ اکيون آهن، پوءِ جنهن ڪي ننڊ اچي ان ڪي گهرجي وضو ڪري.([1]) ابوداٴود

شيخ امام محي السنة رحمہ الله فرمائي ٿو ته اهو ان وقت آهي جڏهن ماڻهو ويهي ننڊ نه ڪري ڇاڪاڻ ته ([2])
حضرت انس ﷺ کان صحيح روايت ۾ ثابت آهي.

(317) عن أنس قال : كان أصاب رسول الله صلى الله عليه وسلم ينتظرون العشاء حتى تخفق رؤوسهم ثم يصلون ولا يتوضؤون . رواه أبو داود والترمذي إلا أنه ذكرفيه : ينامون بدل : ينتظرون العشاء حتى تخفق رؤوسهم

حضرت انس ﷺ بيان ڪري ٿو ته رسول الله ﷺ جن جا اصحاب سمهڻي نماز جو انتظار ڪندا هئا، تانجو ننڊ جو جهوٽن ۾ سندن مٿا سينن سان وڃي لڳندا هئا ته پوءِ به نماز پڙهندا هئا ۽ وضو نه ڪندا هئا. هن ڪي ابوداٴود ۽ ترمذيءَ روايت ڪيو، مگر انهيءَ ”انتظار ڪندا هئا“جي بجاءِ ”اهي سمهندا هئا“ جو لفظ ذڪر ڪيا آهن.

(318) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الوضوء على من نام مضطجعا فإنه إذا اضطجع استرخت مفاصله . رواه الترمذي وأبو داود

حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته تحقيق وضو لازم آهي ان شخص تي جيڪو ليٽي سمهي، ڇو ته جنهن وقت انسان ليٽي ٿو ته ان جا جوڙ ڍلا ٿي پون ٿا_ هن ڪي ترمذيءَ ۽ ابوداٴود روايت ڪيو.

فائده:_ حديث ضعيف ۽ منڪر آهي. ڇو ابو خالد دالاني راوي جو قتاده کان سماع ثابت ناهي. (تفصيل لاءِ ڏسو مرعاة شرح مشکوٰة ص398 ج 1)

(319) وعن بسرة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا مس أحدكم ذكره فليتوضأ " . رواه مالك وأحمد وأبو داود والترمذي والنسائي وابن ماجه والدارمي

---

[1]_ جيستائين ماڻهو سجاڳ ٿئي تيستائين مقعد تي سندس قبضوآهي پر جڏهن سمهي ٿو تڏهن سندس اختيار ختم ٿيو وڃي. ٻنڌڻيون ڍريون ٿيو وڃن، گمان غالب ٿئي ٿو ته شايد هوا نڪري ويئي هوندي، انهيءَ ڪري فقط ننڊ ئي وضو جي ڀڄڻ جو سبب ٺهرائي وئي آهي.

[2]_ يعني انهيءَ شخص لاءِ آهي جو ليٽي سمهي، پر جيڪو ويٺي ويٺي ننڊ ڪري ٿو ۽ سندس مقعد زمين تي ٺهريل هجي ته پوءِ انهيءَ صورت ۾ ڪيتري به ڪٺي ننڊ ڪري ته به سندس وضو نه ڀڄندو. جيئن انس ﷺ جي حديث مان معلوم ٿئي ٿو.

حضرت بُسره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان کو پنهنجي اگهڙ کي هٿ لڳائي ته ان کي گهرجي ته وضو ڪري_ هن کي امام مالڪ_ احمد، ترمذي، نسائي، ابن ماجه ۽ دارميءَ روايت ڪيو آهي.

(320) وعن طلق بن علي قال : سئل رسول الله صلى الله عليه وسلم عن مس الرجل ذكره بعدما يتوضأ . قال : " وهل هو إلا بضعة منه " . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وروى ابن ماجه نحوه

قال الشيخ الإمام محيي السنة رحمه ا لله : هذا منسوخ لأن أبا هريرة أسلم بعد قدوم طلق

طلق بن علي ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن کان وضو کان بعد اوگهڙ کي هٿ لڳائڻ بابت پڇيو ويو، ارشاد فرمايائون ته ”اهو به سندس بدن جوئي هڪ حصو آهي“_ ان کي ابودائود، ترمذيءَ، نسائيءَ روايت ڪيو ۽ ابن ماجه به ان طرح ئي روايت ڪيو آهي_ شيخ امام نووي محي السنة چوي ٿو هيءَ منسوخ آهي. ڇاڪاڻ ته حضرت ابوهريره طلق ﷺ جي اچڻ کان بعد اسلام قبوليو هو (لهٰذا ان جي حديث مقدم آهي)

(321) وقد روى أبو هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : عن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إذا أفضى أحدكم بيده إلى ذكره ليس بينه وبينها شيء فليتوضأ " . رواه الشافعي والدراقطني

۽ حضرت ابو هريره ﷺ رسول اللهﷺ کان روايت ڪئي آهي ته پاڻ ارشاد فرمايو اٿن ته جيڪو اوهان مان پنهنجي اوگهڙ کي هٿ لڳائي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ڪا رڪاوٽ نه هجي ته انکي وضو ڪرڻ گهرجي. ان کي امام شافعي ۽ دارقطنيءَ روايت ڪيو.

(322) ورواه النسائي عن بسرة إلا أنه لم يذكر : " ليس بينه بينها شيء "

۽ نسائي حضرت بُسره ﷺ کان پڻ ساڳي روايت بيان ڪئي آهي پر ان ۾ اهي الفاظ نه آهن ته”ٻنهي جي وچ ۾ ڪا رڪاوٽ نه هجي.“

فائده:_ حديث کي منسوخ يا ضعيف قرار ڏيڻ جي بجاءِ بهتر ٿيندو ته بسره ﷺ جي حديث کي ترجيح ڏني وڃي. ترجيح جا سبب ڇاڻ لاءِ ڏسو (مرعاة ص299ج1)

(323) وعن عائشة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقبل بعض أزواجه ثم يصلي ولا يتوضأ . رواه أ بو داود والترمذي والنسائي وابن ماجه . وقال الترمذي : لا يصح عند أصحابنا بحال إسناد عروة عن عائشة وأيضا إسناد إبراهيم التيمي عنها.

وقال أبو داود : هذا مرسل وإبراهيم التيمي لم يسمع من عائشة.

حضرت عائشه ﷺ کان روايت آهي ته نبي ﷺ جن پنهنجي ڪنهن گهر واريءَ کي چمندا هئا، پوءِ نماز پڙهندا هئا ۽ وضو نه ڪنداهئا _ انکي ابودائود، ترمذيءَ، نسائي، ۽ ابنا ماجه روايت ڪيو. پر اها اسان جي اصحابن وٽ صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته حضرت عائشهﷺ کان عروه ۽ اهڙيءَ طرح ابراهيم تيمي جي سند ثابت نه آهي. امام ابودائود فرمائي ٿو ته اها مرسل روايت آهي ۽ ابراهيم تيميءَ جو سماع حضرت عائشه ﷺ کان ثابت نه آهي.

(324) وعن ابن عباس قال : أكل رسول الله صلى الله عليه وسلم كتفا ثم مسح يده بمسح كان تحته ثم قام فصلى . رواه أبو داود وابن ماجه وأحمد

حضرت ابن عباس ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن ٻڪريءَ جي ڪلهي جو گوشت([1]) ڪاڏو پوءِ پنهنجي هٿ کي هيٺ وڇايل ڳوڻ سان اگهيائون، پوءِ اٿي کڙا ٿيا. پوءِ نماز پڙهيائون ان کي ابو دائود ۽ ابن ماجه روايت ڪيو.

(325) وعن أم سلمة أنها قالت : قربت إلى النبي صلى الله عليه وسلم جنبا مشويا فأكل منه ثم قام إلى الصلاة ولم يتوضأ . رواه أحمد

حضرت ام سلمه ﷝ کان روآيت آهي ته مون دستيءَ وارو پڳل گوشت رسول اللهﷺجن ڏانهن ويجهو ڪيو، پاڻ ڪاڌائون ۽ ان کان پوءِ نماز پڙهيائون ۽ وضونه ڪيائون _ان کي احمد روايت ڪيو.

فصل ٽيون

(326) عن أبي رافع قال : أشهد لقد كنت أشوي لرسول الله صلى الله عليه وسلم بطن الشاة ثم صلى ولم يتوضأ . رواه مسلم

حضرت ابو رافع ﷛ کان روايت آهي ته آئون قسم کڻي چوان ٿو ته آئون رسول اللهﷺ جن لاءِ ٻڪريءَ جي پيٽ جو گوشت پچندو هوس، پاڻ ڪائيندا هئا ۽ نماز پڙهندا هئا ۽ وضو نه ڪندا هئا. انکي مسلم روايت ڪيو.

(327) وعنه قال : أهديت له شاة فجعلها في القدر فدخل رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال ما هذا يا أبا رافع فقال شاة أهديت لنا يا رسول الله فطبختها في القدر قال ناولني الذراع يا أبا رافع فناولته الذراع ثم قال ناولني الذراع الآخر فناولته الذراع الآخر ثم قال ناولني الذراع الآخر فقال يا رسول الله إنما للشاة ذراعان فقال له رسول الله صلى الله عليه وسلم أما إنك لو سكت لناولتني ذراعا فذراعا ما سكت ثم دعا بماء فتمضمض فاه وغسل أطراف أصابعه ثم قام فصلى ثم عاد إليهم فوجد عندهم لحما باردا فأكل ثم دخل المسجد فصلى ولم يمس ماء . رواه أحمد

۽ پڻ حضرت ابو رافع ﷛ کان روايت آهي ته ڪيس ٻڪري (جوگوشت) هديه ۾ موڪليو ويو، پوءِ اهو ديگڙيءَ ۾ وڌائين. ان دوران رسول اللهﷺجن آيا ۽ فرمايائون ته اي ابورافع اهو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين ته ٻڪريءَ جو گوشت آهي، جيڪو اسان کي هديه ۾ مليو آهي، اي ﷲ جا رسولﷺمون انکي ديگڙيءَ ۾ وجهي پچايو آهي. ارشاد فرمايائون ته اي ابو رافع ان جي دستي ڏي. مون ڪين دستي ٻي ڏني، ارشاد فرمايائون ته مون کي ان جي (ٻي) دستي ڏي. مون ڪين دستي ڏني، ارشاد فرمايائون ته ٻي دستي به ڏي. عرض ڪيائين ته اي الله جا رسولﷺ! ٻڪريءَ کي فقط ٻه([2]) دستيون ٿين. رسول اللهﷺ جن ڪيس فرمايوته جيڪڏهن تون خاموش رهين ها([3]) ته جيستائين خاموش رهين ها، برابر دستي پيو ڏيندو رهين ها. ان کان پوءِ پاڻي گهريائون، پوءِ گرڙي ڪيائون ۽ آڱرين جا پاسا ڌوتائون. ان ڪانپوءِ اٿيا ۽ نماز([4]) پڙهيائون_ ان کان

[1]_يعني گوشت ٻڪري جو اڳين ٽنگ جو پڳل هو.
[2]_ يعني ٻانهون ته ٻئي ڏيئي چڪس، هاڻي وڌيڪ ڪٿا آڻيان؟
[3]_جيڪڏهن تون خاموش رهين ها ته معجزه طور ﷲ تعاليٰ مون لاءِ گهٽان ئي هٿ پيدا ڪندو وڃي ها، تنهنجي جواب ڏيڻ سبب توجه هٽي وئي چو ته پاڻﷺ کي ﷲ باري تعاليٰ ڏانهن توجه هئي ۽ وچ ۾ جواب ڏيڻ سبب ان توجه ۾ فرق پئجي ويو.
[4]_ يعني شڪرانه ادا ڪرڻ لاءِ.

پوءِ وري وٽن موٽي آيا ۽ انهن وٽ ٿڌو گوشت لڌائون، پوءِ ان مان به کاڌائون ۽ مسجد ۾ داخل ٿيا ۽ نماز پڙهيائون ۽ پاڻيءَ کي هٿ نه لاٿائون([1])انکي احمد روايت ڪيو.

(328) ورواه الدارمي عن أبي عبيد إلا أنه لم يذكر : ثم دعا بماء إلى أخره

دارميءَ ابو عبيدﷺ کان پڻ اها روايت بيان ڪئي مگر ان ۾ اهي الفاظ ذڪر نه ڪيا اٿس ته ”پوءِ پاڻي طلب فرمايائون..............الخ“

(329) وعن أنس بن مالك قال : كنت أنا وأبي وأبو طلحة جلوسا فأكلنا لحما وخبزا ثم دعوت بوضوء فقالا لم تتوضأ فقلت لهذا الطعام الذي أكلنا فقالا أتتوضأ من الطيبات لم يتوضأ منه من هو خير منك . رواه أحمد

حضرت انس بن مالڪﷺ کان روايت آهي ته آءٌ ۽ ابي بن ڪعب ۽ ابو طلحهﷺ ويٺا هئاسون، اسان گوشت ۽ ماني کاڌي، پوءِ وضوءَ جو پاڻي طلب ڪيم؟ انهن چيو ته وضو ڇا جي لاءِ ٿو ڪرين؟ مون چيو ته هن کاڌي سببان_ چيائون ته ڇا تون پاڪ شين کان وضو ٿو ڪرين؟ حالانڪ جيڪو تو کان ڀلو هو ان ته ان کان وضو نه ڪيو آهي([2]) ان کي احمد روايت ڪيو.

(330) وعن ابن عمر كان يقول : قبلة الرجل امرأته وجسها بيده من الملامسة . ومن قبل امرأته أو جسها بيده فعليه الوضوء . رواه مالك والشافعي

حضرت ابن عمرﷺ چوندو هو ته زال کي چمي ڏيڻ ۽ ان کي هٿ لائڻ به([3])”ملامسه“ آهي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي زال کي چمي يا ان کي ڇهي، ان تي وضو آهي. (مالڪ _ شافعي)

فائده؛ اصحابيءَ جي موقوف روايت صحيح مرفوع روايت جي مقابلي ۾ حجت ناهي، انهي ڪري چمي ڏيڻ سان وضو نٽو ٽٽي. وري ان کي ”ملامسه“ به نٽو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته ملامسه جماع کي چئبو آهي.

(331) وعن ابن مسعود كان يقول : من قبلة الرجل امرأته الوضوء . رواه مالك

حضرت ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي ته کو ماڻهو پنهنجي زال کي چمي ته ان تي وضو لازم ٿئي ٿو. (مالڪ)

فائده؛_ موقوف روايت آهي ان ڪري ان کي مرفوع حديث جي مقابلي ۾ تسليم نٽو ڪري سگهجي.

(332) وعن ابن عمر أن عمر بن الخطاب رضي الله عنه قال : إن القبلة من اللمس فتوضؤوا منها

---

[1] _ يعني وضو نہ ڪيائون ، فقط گرڙي ڪيائون.

[2] _”ملامسہ“ جنهن جو قرآن ۾ ذڪر آهي تہ هنن شين سان وضو لازم اچي ٿو، ان ۾ هي بہ آهي ﴿أَوۡلَٰمَسۡتُمُ ٱلنِّسَآءَ﴾ ..... الخ _ ابن عمر ﷛ فرمائي ٿو تہ چمي ڏيڻ يا عورت کي هٿ لڳائڻ بہ ”ملامسہ“ ۾ داخل آهي.

[3] _ هي سڀ آثار آهن، جيڪي مرفوع حديث جو مقابلو نٿا ڪري سگهن.

حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي ته عمر بن خطاب ﷺ چوندو هو (1) ته چمي ڏيڻ به لمس مان آهي، پوءِ ان کان وضو ڪريو.

(333) وعن عمر بن عبد العزيز عن تميم الداري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الوضوء من كل دم سائل " . رواهما الدارقطني وقال : عمر بن عبد العزيز لم يسمع من تميم الداري ولا رآه ويزيد بن خالد ويزيد بن محمد مجهولان

حضرت عمر بن عبدالعزيز، تميم داري ﷺکان روايت ڪري ٿو ته فرمايو رسول اللهﷺ جن ([1]) وضو لازم آهي هر وهندڙ رت سان. ٻئي حديثون دارقطني بيان ڪيون آهن ۽ دارقطني فرمائي ٿو ته عمر بن عبدالعزيز جو تميم داري کان سماع ثابت نه آهي ۽ نه ان کي ڏٺو اٿس ۽ يزيد بن خالد ۽ يزيد بن محمد اهي ٻئي راوي مجهول آهن.

باب

پائخانه جي آداب ۾

فصل پهريون

(334) عن أبي أيوب الأنصاري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أتيتم الغائط فلا تستقبلوا القبلة ولا تستدبروها ولكن شرقوا أو غربوا " .

قال الشيخ الإمام محيي السنة رحمه الله : هذا الحديث في الصحراء وأما في البنيان فلا بأس لما روي.

حضرت ابو ايوب انصاريﷺکان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهين پاخاني ۾ وڃو ته منهن قبلي ڏانهن نه ڪريو ۽ نه ئي ان کي پٺي ڏيو، مگر مشرق طرف يا مغرب طرف منهن يا پٺي ڪريو. (بخاري_مسلم)

شيخ الامام محي السنة ﷺ چوي ٿو ته هيءَ حديث جهنگل لاءِ آهي. بند جڳهين ۾ مضائقو نه آهي ڇو ته هيٺين حديث بيان ڪئي وئي آهي.

(335) عن عبد الله بن عمر قال : ارتقيت فوق بيت حفصة لبعض حاجتي فرأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقضي حاجته مستدبر القبلة مستقبل الشام

حضرت عبدالله بن عمر ﷺ کان روايت آهي، چيائين ته آئون حفصه ﷺ جي گهر ڪنهن ڪم سانگي ڇت تي چڙهيس مون ڏٺو ته پاڻ سڳورا قضا حاجت ڪري رهيا هئا. قبلي ڏانهن سندن پٺي ۽ شام(ملڪ) ڏانهن منهن هو (بخاري_مسلم)

(336) وعن سلمان قال : نهانا يعني رسول الله صلى الله عليه وسلم أن نستقبل القبلة لغائط أو بول أو أن نستنتجي باليمين أو أن نستنجي بأقل من ثلاثة أحجار أو أن نستنجي برجيع أو بعظم . رواه مسلم

[1]_ هن ۾ علمائن جو اختلاف آهي مگر رت نڪرڻ سبب وضو ٽٽڻ جا دليل ضعيف آهن. جيئن امام شوڪاني هن حديث جي شرح ۾ بيان ڪيو آهي.

حضرت سلمانﷺ کان روايت آهي ته منع ڪئي اسان کي رسول اللهﷺ جن ته منهن ڪريون قبلي طرف قضا حاجت مهل يا پيشاب مهل ۽ هيءُ ته ٽن کان گهٽ پٿرن سان استنجا نه ڪريون ۽ پليت شيءِ يا هڏي سان استنجا نه ڪريون.([1]) (مسلم)

(337) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا دخل الخلاء يقول : " اللهم إني أعوذ بك من الخبث والخبائث " .

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن جڏهن پائخانه ۾ داخل ٿيندا هئا، ([2]) فرمائيندا هئا ته﴿ اللهم إني أعوذ بك من الخبث والخبائث ﴾”اي رب پاڪ“ آءٌ تنهنجي پناهه وٺان ٿو خبيث جنن ۽ ناپاڪ جنڙين کان، متفق عليه.

(338) وعن ابن عباس قال مر النبي صلى الله عليه وسلم بقبرين فقال إنهما ليعذبان وما يعذبان في كبير أما أحدهما فكان لا يستتر من البول - وفي رواية لمسلم : لا يستنزه من البول - وأما الآخر فكان يمشي بالنميمة ثم أخذ جريدة رطبة فشقها نصفين ثم غرز في كل قبر واحدة قالوا يا رسول الله لم صنعت هذا قال لعله يخفف عنهما ما لم ييبسا .

حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن ٻن قبرن وٽان لنگهيا، فرمايائون ” هنن ٻنهي قبرن وارن کي عذاب ٿي رهيو آهي. ۽ اهو عذاب ڪنهن وڏي ڳالهه جي ڪري نه ٿي رهيو آهي. انهن مان هڪ اهو هو، جيڪو پيشاب کان نه بچندو هو([3]) ۽ مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي پيشاب جي ڇنڊن کان بچڻ ۾ احتياط نه ڪندو هو ۽ ٻيو چغليون هڻندو وتندو هو. پوءِ رسول الله ﷺ کجيءَ جي هڪ سائي ٽاري ڪنئي، ان کي چيري ٻه اڌ ڪري هر قبر تي کوڙيائون. اصحابنؓ عرض ڪيو يا رسول اللهﷺ اوهان هي ڪم ڇو فرمايو؟ فرمايائون ”جيستائين اهي ٽاريون نٿيون سڪن، شايد انهن تي عذاب ۾ تخفيف ٿئي“_ (بخاري ۽ مسلم)

(339) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : اتقوا اللاعنين . قالوا : وما اللاعنان يا رسول الله ؟ . قال : " الذي يتخلى في طريق الناس أو في ظلهم " . رواه مسلم

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ” ٽن لعنتي ڪمن کان پاڻ کي بچايو“_ اصحابن چيو ته ”اهي لعنت وارا ڪم ڪهڙا آهن؟“ فرمايائون ”ماڻهن جي واٽ([4]) يا ڇانوَ واري جاءِ ۾ قضاء حاجت ڪرڻ. (مسلم)

(340) وعن أبي قتادة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا شرب أحدكم فلا يتنفس في الإناء وإذا أتى الخلاء فلا يمس ذكره بيمينه ولا يتمسح بيمينه " .

حضرت ابو قتاده ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪو پاڻي پيئي، ٿانو ۾ ساهه نه ڪڍي([1]) ۽ جڏهن پاخاني ۾وڃي ته پنهنجي آلت کي هٿ نه لاهي ۽ نه ساڄي هٿ سان استنجا ڪري. متفق عليه

---

[1]_ هڏيءَ سان استنجا ڪرڻ کان منع ان ڪري آهي جو هي جنن جي خوراڪ آهي.

[2]_اها دعا پائخانه ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ پڙهجي ۽ جنگل ۾جڏهن جڏهن ڪپڙا ويڙهي يا اوٽ ڪري قضاءِ حاجت ڪري.

[3]_ پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچندوهو.

[4]_ واٽ مان مراد عام رستو آهي جتان گهڻا ماڻهو اچن وڃن ٿا.

(341) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : ( قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من توضأ فليستنثر ومن استجمر فليوتر " .

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ”جيڪو وضوڪري، ان کي گهرجي ته نڪ سڻڪي ۽ جيڪو صفائي لاءِ پٿر استعمال ڪري. ان کي گهرجي ته اڪي (پٿر) استعمال ڪري. (مفتق عليہ)

(342) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يدخل الخلاء فأحمل أنا وغلام إداوة من ماء وعنزة يستنجي بالماء .

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن جڏهن ڪاڪوس ۾ ويندا هئا ته آئون ۽ هڪ ڇوڪرو پاڻي جو دڪو ۽ نيزوکڻندا هئاسون. پاڻي سان طهارت ڪندا هئا. (متفق عليہ)

فصل ٻيو

(343) عن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا دخل الخلاء نزع خاتمه . رواه أبو داود والنسائي والترمذي وقال : هذا حديث حسن صحيح غريب .

وقال أبو داود : هذا حديث منكر . وفي روايته وضع بدل نزع.

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن جڏهن ڪاڪوس ۾ داخل ٿيندا هئا ته منڊي([2]) لاهيندا هئا. هن کي ابو دائود ۽ نسائي ۽ ترمذيءَ روايت ڪيو اهي. امام ترمذي چيو آهي ته ”هيءَ حديث حسن صحيح غريب آهي“_ ۽ امام ابو دائود چيو ته هيءَ حديث منڪر آهي ۽ ان جي هڪ روايت ۾ ”نزع“ لفظ جي بجاءِ ”وضع“ آيل آهي.

فائده:_ علامه البانيءَ انهيءَ حديث جي منڪر هجڻ جي تائيد ڪئي آهي. (مشڪوٰة_الباني ص111 ج1)

(344) وعن جابر قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا أراد البراز انطلق حتى لا يراه أحد . رواه أبو داود

**جابر ؓ کان روايت آهي ته جڏهن نبي ڪريمﷺ جن پائخاني جو ارادو ڪندا هئا ته ايترو پري هليا ويندا هئا جو ڪين ڪو به نه ڏسي. (ابودائود)**

(345) وعن أبي موسى قال : كنت مع النبي صلى الله عليه وسلم ذات يوم فأراد أن يبول فأتى دمثا في أصل جدار فبال ثم قال : " إذا أراد أحدكم أن يبول فليرتد لبوله " . رواه أبو داود

---

[1]_ پاڻي پيئڻ وقت ٿانوَ ۾ ساهه ڪڍڻ جي موڪل نه آهي، ٻاهر منهن ڪري ساهه ڪڍي. گهٽ ۾ گهٽ ٽي دفعا ساهه ڪڍي.هڪ ساهه سان پاڻي نه پيئي.

[2]_ منڊي هن سبب ڪري لاهيندا هئا جو ان منڊيءَ تي ”محمد رسول اللهﷺ لکيل هو انهيءَ مان هي معلوم ٿيو ته استنجا يا پائخانه وقت اللهَ تعاليٰ جو ڪلام يا قرآن شريف جي آيت ساڻ نه کڻجي.

ابو موسيٰ کان روايت آهي تہ آءٌ نبي ڪريم ﷺ جن سان هڪ ڏينهن گڏ هوس. پيشاب جو ارادو ڪيائون پوءِ هڪ پٽ [1] جي ويجهو نرم جاءِ وٽ آيا، اتي پيشاب ڪيائون. پوءِ فرمايائون جڏهن اوهان مان ڪو پيشاب جو ارادو ڪري تہ ان کي گهرجي تہ نرم جاءِ ڳولهي. (ابودائود)

فائده:_ سند ۾ هڪ راوي مجهول آهي جنهن ڪري امام نووي انکي ضعيف قرار ڏنو آهي. (مرقاة ص419 ج1)

(346) وعن أنس رضي الله عنه قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا أراد الحاجة لم يرفع ثوبه حتى يدنو من الأرض . رواه الترمذي وأبو داود والدارمي

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن پائخاني جو ارادو ڪندا هئا ته پنهنجو ڪپڙو تيستائين مٿي نه ڪٽندا هئا جيستائين زمين کي ويجهو نه ٿيندا هئا. (ترمذي_ ابودائود_ دارمي)

(347) وعن أبي هريرة قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إنما أنا لكم مثل الوالد لولده أعلمكم إذا أتيتم الغائط فلا تستقبلوا القبلة ولا تستدبروها وأمر بثلاثة أحجار ونهى عن الروث والرمة ونهى أن يستطيب الرجل بيمينه . رواه ابن ماجه والدارمي

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته آءٌ اوهان لاءِ پيءُ جي مثال آهيان. اوهان کي تعليم ڏيان ٿو ته جڏهن پائخاني لاءِ اچو ته قبلي کي سامهون ٿي نه ويهو ۽ نکي پٺ ڏيئي ويهو ۽ صفائي لاءِ ٽن پٿرن جو حڪم فرمايائون ۽ ڇيڻي ۽ هڏيءَ جي استعمال کان منع ڪيائون ۽ ساڄي هٿ سان طهارت ڪرڻ کان به منع ڪيائون.(ابن ماجہ_دارمي)

(348) وعن عائشة قالت : كانت يد رسول الله صلى الله عليه وسلم اليمنى لطهوره وطعامه وكانت يده اليسرى لخلائه وما كان من أذى . رواه أبو داود

بي بي عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جو ساڄو هٿ وضوءَ ۽ کائڻ لاءِ ۽ کابو هٿ طهارت ۽ مڪروھ ڪمن لاءِ هوندو هو. (ابودائود)

(349) وعنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا ذهب أحدكم إلى الغائط فليذهب معه بثلاثة أحجار يستطيب بهن فإنها تجزئ عنه " . رواه أحمد وأبو داود والنسائي والدارمي

[1]_ خطابي فرمائي ٿو تہ جنهن ديوار جي پرسان رسول اللهﷺجن پيشاب ڪيو، سا ڪنهن جي ملڪيت ڪانہ هئي. پر پرائي ديوار جي پرسان مالڪ جي موڪل کان سواءِ پيشاب ڪرڻ منع آهي پيشاب سان پٽ ڪرڻ جو انديشو آهي.

**بي بي عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪو پاخانہ لاءِ وڃي تہ ان کي گهرجي تہ ٽي پٿر ساڻ آڻي، جن سان صفائي ڪري، اهي ان لاءِ ڪافي آهن. هن کي احمد، ابودائود ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

(350) وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تستنجوا بالروث ولا بالعظام فإنها زاد إخوانكم من الجن " . رواه الترمذي والنسائي إلا أنه لم يذكر : " إخوانكم من الجن " .

حضرت ابن مسعود ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته لِڏ ۽ هڏين سان صفائي نه ڪريو، ڇو ته اهي اوهان جي ڀائرن ([1]) جنن جو کاڌو آهي. هن کي ترمذي ۽ نسائي روايت ڪيو آهي. مگر نسائي ﴿زاد اخوانكم من الجن﴾جو ذڪر نه ڪيو آهي.

(351) وعن رويفع بن ثابت قال : قال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم : يا رويفع لعل الحياة ستطول بك بعدي فأخبر الناس أن من عقد لحيته أو تقلد وترا أو استنجى برجيع دابة أو عظم فإن محمدا بريء منه . رواه أبو داود

**رويفع بن ثابت ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اي رويفع شايد مون کان پوءِ تنهنجي حياتي ڊگهي ٿيندي پوءِ ماڻهن کي خبر ڏج تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي ڏاڙهي ۾ ڳنڍ ڏيندو([2]) يا ڳچيءَ ۾ تعويذ ٻڌندو يا ڇيڻي يا هڏي سان صفائي ڪندو تہ بيشڪ محمد ﷺ ان کان بيزار آهي.**

(352) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " من اكتحل فليوتر من فعل فقد أحسن ومن لا فلا حرج ومن استجمر فليوتر من فعل فقد أحسن ومن لا فلا حرج ومن أكل فما تخلل فليلفظ وما لاك بلسانه فليبتلع من فعل فقد أحسن ومن لا فلا حرج ومن أتى الغائط فليستتر ومن لم يجد إلا أن يجمع كثيبا من رمل فليستدبره فإن الشيطان يلعب بمقاعد بني آدم من فعل فقد أحسن ومن لا فلا حرج " . رواه أبو داود وابن ماجه والدارمي

حضرت ابو هريره ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جيڪو سرمون وجهي ته ان کي گهرجي ته اڪي سرايون پائي. جنهن ائين ڪيو چڱو ڪيائين ۽ جنهن نه ڪيو ته به ڪو گناهه نه آهي ۽ جيڪو به پٿرن سان صفائي ڪري ان کي گهرجي ته اڪي ڪري جيڪڏهن ائين نه ڪيائين ته به ڪو گناهه نه آهي جنهن ماڻهو ڪا شيءِ کاڌي پوءِ جيڪي ذرڙا هجن اهي ڳهي ڇڏي. جنهن ائين ڪيو، انهيءَ چڱو ڪيو ۽ جنهن ائين نه ڪيو ته به ڪو گناه نه آهي ۽ جيڪو پائخانه لاءِ اچي ان کي گهرجي ته پردو ڪري، پر جيڪڏهن اهڙيءَ شيءِ نه لڌائين ته واري جو ڍڳ ڪري ان کي اوٽ ڪري ڇو ته شيطان آدم جي اولاد جي مقعد سان راند ڪندو آهي، جنهن ائين ڪيو ته چڱو ڪيائين ۽ جنهن نه ڪيو ته ڪو گناهه نه آهي. هن کي ابودائود ابن ماجه ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.

فائده: انجي سند ضعيف آهي. (مشڪوٰة _ الباني ص 114 ج1)

---

[1] _"هڏي جنن جي خوراڪ آهي" _ يعني جنن جي جانورن جي خوراڪ آهي.

[2] _ڳنڍ ڏيڻ يعني وارن کي وٽي سٽي ڇلا ناهڻ ۽ گهنگهرو وار ڪرڻ اهو ڪم سنت جي برخلاف آهي.

(353) وعن عبد الله بن مغفل قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يبولن أحدكم في مستحمه ثم يغتسل فيه أو يتوضأ فيه فإن عامة الوسواس منه " . رواه أبو داود والترمذي والنسائي إلا أنهما لم يذكرا : " ثم يغتسل فيه أويتوضأ فيه "

حضرت عبدالله بن مغفل ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته اوهان مان کو به غسل خاني ۾ پيشاب نه کري پوءِ وري ان جاءِ ۾ غسل کري يا وضو کري تحقيق گهڻو کري وسوسا ان مان پيدا ٿيندا آهن. هن کي ابوداؤد، ترمذي ۽ نسائي روايت کيو آهي. مگر ترمذي، نسائي﴿ثم يغتسل فيه أو يتوضأ فيه﴾ وارا لفظ ذکر نه کيا آهن.

فائده:_ راوي حسن مدلس آهي. اهو عبدالله بن مغفل کان لفظ ”عَن“ سان روايت کري ٿو انهيءَ کري حديث ضعيف آهي.

(354) وعن عبد الله بن سرجس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يبولن أحدكم في جحر " . رواه أبو داود والنسائي

**عبدالله بن سرجس ﷛ کان روايت اهي تہ رسول الله جن فرمايو تہ اوهان مان کوبہ جيتن جي ٻرن ۾ پيشاب نہ کري (بوداؤد_ نسائي)**

(355) وعن معاذ قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اتقوا الملاعن الثلاثة : البراز في الموارد وقارعة الطريق والظل " . رواه أبو داود وابن ماجه

حضرت معاذ ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايوته ٽن لعني کمن کا پاڻ کي بچايو ([1]) اهي هي آهن: پاڻيءَ جي گهيڙن، وچ رستن ۽ ڇانوَ وارين جاين ۾ پائخانو کرڻ. (ابودائود_ ابن ماجہ)

فائده:_ سند ضعيف آهي ان جي سند ۾ جهالت ۽ انقطاع پڻ آهي، البت حديث جي ٻين شاهدن سببان ان حديث کي تقويت ملي ٿي.(مشکوٰة_الباني ص 115ج 1)

(356) وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يخرج الرجلان يضربان الغائط كاشفين عن عورتهما يتحدثان فإن الله يمقت على ذلك " . رواه أحمد وأبو داود وابن ماجه

حضرت ابو سعيد ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته ٻه مڙس ان حالت ۾ نه نکرن جو اگهڙ ظاهر کري پائخانه کن ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ([2]) به کن . بيشک ﷲ تعاليٰ انهن تي انهيءَ کم سبب ڏمرجي ٿو. هن کي احمد، ابودائود ۽ ابن ماجہ روايت کيو آهي.

---

[1] _ انهن هندن ۾ پائخانو کرڻ ايذاءِ ڏيڻ آهي ۽ ٻين کي تکليف پهچائڻ آهي. ظالم هر طرح سان لعنتي آهي.

[2] _مرد ۽ عورتون گڏجي پائخانو نہ کن جو پوءِ پاڻ ۾ويهي ڳالهيون کن. اهو نمونو الاهي غضب جو باعث آهي. جيکي انهيءَ فعل بابت احتياط نہ کن تن کي هن حديث ۾ غور کرڻ گهرجي. ﷲ جو غضب هک امر عظيم آهي.

(357) وعن زيد بن أرقم قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن هذه الحشوش محتضرة فإذا أتى أحدكم الخلاء فليقل : أعوذ بالله من الخبث والخبائث " . رواه أبو داود وابن ماجه

حضرت زيد بن ارقم ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته تحقيق ڪاڪوس جنن جي حاضر ٿيڻ جون جايون آهن. پوءِ جڏهن اوهان مان ڪو انهن ۾ اچي ته ان کي گهرجي ته چوي ته: (أعوذ بالله من الخبث والخبائث) جنن ۽ جنڙين کان الله جي پناهه ٿو وٺان. ([1]) (ابودائود_ ابن ماجہ)

(358) وعن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ستر ما بين أعين الجن وعورات بني آدم إذا دخل أحدهم الخلاء أن يقول بسم الله " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب وإسناده ليس بقوي

حضرت علي ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جنن جي اکين ۽ آدم جي اولاد جي اوگهڙن جي وچ جو پردو هي آهي. جو جڏهن اوهان مان ڪو ڪاڪوس ۾ داخل ٿئي ته چوي ”بسم الله“ (ترمذي) ۽ چيو اٿس ته حديث غريب آهي ان جي سند قوي نه آهي([2])

**فائده:_ جيتوڻيڪ حديث جي سند قوي نہ آهي مگر شاهدن جي بناءَ تي حديث صحيح آهي. (مشڪوٰة_ الباني ص116 ج1)**

(359) وعن عائشة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا خرج من الخلاء قال " غفرانك " . رواه الترمذي وابن ماجه والدارمي

بي بي عائشه ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جڏهن ڪاڪوس کان ٻاهر نڪرندا هئا ته چوندا هئا (غفرانك) يا الله توکان بخشش ٿو گهران ([3]) هن کي ترمذي، ابن ماجہ ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.

(360) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا أتى الخلاء أتيته بماء في تور أو ركوة فاستنجى ثم مسح يده على الأرض ثم أتيته بإناء آخر فتوضأ . رواه أبو داود وروى الدارمي والنسائي معناه

---

[1] _ شيطان ۽ جن پائخانہ ۾ حاضر رهن ٿا ۽ ماڻهن کي ايذائڻ جا منتظر رهندا آهن انهيءَ ڪري پاڻ ﷺ جن هن دعا پڙهڻ جو حڪم فرمايو آهي.

[2] _ علي واري حديث اگرچہ ضعيف آهي مگر فضائل ۾ ضعيف تي عمل روا آهي تنهن ڪري بسم الله پهريائين پڙهڻ گهرجي، پوءِ اعوذ بالله پڙهجي.

[3] انهن وقتن ۾ بخشش گهرڻ جا ٻہ سبب آهن. 1_تہ انهيءَ وقت ذڪر الاهي کي ڇڏيو ويندو آهي يا تہ الله تعاليٰ انهيءَ پائخاني جي ڪيڻ ۾جيڪا مهرباني ڪئي ان تي زباني شڪر ان وقت تي سگهي ٿو، تنهن ڪري ﴿ غفرانڪ﴾ چوڻ افضل آهي.

حضرت ابو هريره ﷺ كان روايت آهي ته نبي كريم ﷺ جڏهن كاكوس ۾ ويندا هئا ته آئون ان لاءِ لوٽي يا چم جي دليءَ ۾ پاڻي آڻيندو هوس، جنهن سان طهارت كندا هئا پوءِ هٿ پنهنجو زمين تي مليندا هئا، پوءِ ٻيو ٿانو پاڻي جو آڻيندو هوس ان سان وضو كندا هئا. هن كي ابو دائود روايت كيو آهي ۽ دارمي ۽ نسائي به ان جي هم معنيٰ حديث بيان كئي آهي.

(361) وعن الحكم بن سفيان قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا بال توضأ ونضح فرجه . رواه أبو داود والنسائي

**حكم بن سفيان ﷺ كان روايت آهي ته نبي كريم ﷺ جڏهن پيشاب كندا هئا ته وضو كندا هئا ۽ اوگهڙ تي پاڻي ([1]) ڇنڪاريندا هئا. هن كي ابودائود ۽ نسائي روايت كيو آهي.**

**فائده:_ جيتوڻيڪ حديث ۾ اضطراب آهي مگر شاهدن جي بنا تي حديث صحيح آهي. (مشكوٰة_ الباني ص 116ج1)**

(362) وعن أميمة بنت رقيقة قالت : كان للنبي صلى الله عليه وسلم قدح من عيدان تحت سريره يبول فيه بالليل . رواه أبو داود والنسائي

اميمہ بنت رقيقہ ﷺ كان روايت آهي ته نبي كريم ﷺ جن لاءِ كاٺ جو هڪ پيالو سندن كٽ هيٺيان (ركيل هوندو) هو، ان ۾ رات جو پيشاب كندا هئا. ([2]) هن كي ابو دائود ۽ نسائي روايت كيو آهي.

(363) وعن عمر قال : رآني النبي صلى الله عليه وسلم وأنا أبول قائما فقال : " يا عمر لا تبل قائما " فما بلت قائما بعد . رواه الترمذي وابن ماجه

قال الشيخ الإمام محيي السنة رحمه الله : قد صح.

حضرت عمرﷺ كان روايت آهي ته هڪ دفعو مون پيشاب بيٺي كيو ۽ انهيءَ حالت ۾ مون كي نبي كريمﷺ جن ڏٺو. فرمايائون ته"اي عمرﷺ! بيهي پيشاب نه كر"_ ان كان پوءِ مون كڏهن بيهي پيشاب نه كيو. هن كي ترمذي ۽ ابن ماجه روايت كيو آهي. شيخ امام محي السنة ﷺ حديث كي صحيح چيو آهي.

**فائده:_ سند ۾ راوي عبدالكريم بن ابي مخارق ضعيف آهي.(مشكوٰة (_الباني ص117ج1)**

(364) عن حذيفة قال : أتى النبي صلى الله عليه وسلم سباطة قوم فبال قائما . . قيل : كان ذلك لعذر

---

[1] _ پاڻي هن سبب كري ڇنڊيندا هئا ته جيئن پيشاب جي قطرن جو وسوسو نه اچي.

[2] _ رات جو سردي وغيره جي كري كڏهن كڏهن پاڻﷺ جن پيالو پيشاب كرڻ لاءِ ركندا هئا ته جيئن ان ۾ سهوليت ٿئي، ۽ هڪ اثر آيل آهي جنهن مطابق هڪ ماڻهو اٿڃاٽائي كري انهيءَ پيالي مان پيشاب پي ويو، پوءِ جيستائين جيئرو رهيو تيستائين ان سببان ان مان خوشبو نه وئي.

حذيفه کان صحيح روايت ثابت آهي ته نبي ڪريم ﷺجن هڪ قوم جي ڪچري جي ڍير تي آيا اتي بيهي پيشاب ڪيائون (بخاري ۽ مسلم) بيان ڪيو وڃي ٿو ته اهو عذر ڪري هو.

# فصل ٽيون

(365) عن عائشة رضي الله عنها قالت : " من حدثكم أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يبول قائما فلا تصدقوه ما كان يبول إلا قاعدا " . رواه أحمد والترمذي والنسائي

حضرت عائشهؓ کان روايت آهي ته جيڪو اوهان ڪي حديث ٻڌائي ته نبي ڪريمﷺ جن بيهي پيشاب ڪندا هئا، ان ڪي ([1])سچو نه ڄاڻجو ڇو ته رسول الله ﷺ جن ويهي پيشاب ڪندا هئا. هن ڪي ترمذي، نسائي ۽ احمد روايت ڪيو آهي.

فائده:سند ۾ راوي شريڪ بن عبدالله نخعي آهي،جنهن ۾ ڪلام آهي.(مشكواة الباني ص117ج1)

(366) وعن زيد بن حارثة عن النبي صلى الله عليه وسلم : " أن جبريل أتاه في أول ما أوحي إليه فعلمه الوضوء والصلاة فلما فرغ من الوضوء أخذ غرفة من الماء فنضح بها فرجه " . رواه أحمد والدارقطني

**زيد بن حارثہ نبي ڪريمﷺ کان روايت ڪئي آهي تہ([2]) جبرئيلؑ پهرين وحيءَ وقت رسول الله ﷺ جن وٽ آيو. ڪين وضو ۽ نماز سيکاريائين. جڏهن وضو کان واندا ٿيا تہ پاڻي جي هڪ لپ ڪٺي شرم گاهہ تہ ڇڙڪيائين. هن ڪي احمد ۽ دارقطني روايت ڪيو آهي.**

(367) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " جاءني جبريل فقال : يا محمد إذا توضأت فانتضح " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب وسمعت محمدا يعني البخاري يقول : الحسن بن علي الهاشمي الراوي منكر الحديث

**ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مون وٽ جبرئيلؑ آيو، چيائين تہ اي محمدﷺ ! جڏهن وضو ڪرين تہ پاڻيءَ جا ڇنڊا شرم گاهہ تي ڇڙڪيندو ڪر. هن ڪي ترمذي روايت ڪيو ۽ چيائين تہ هيءَ حديث غريب آهي، محمد يعني امام بخاري کان ٻڌم چيائين تہ حسن بن علي هاشمي حديث جو منڪر آهي .**

[1] _ بيبي عائشه ؓ ۽ حذيفہ ؓ جي حديث ۾ تطبيق هي آهي تہ بيبي عائشہ ؓ کي نبي پاڪ ﷺ جن جي ويهي پيشاب ڪرڻ جي ڄاڻ هئي، جڏهن تہ حذيفہ ؓ جي روايت ٻاهر دڙي وٽ پيشاب ڪرڻ بابت هئي.

[2] _ جبرئيل □ ماڻهو جي صورت ۾ رسول الله ﷺ جن وٽ آيو ۽ وضو ڪيائين وضوڪان پوءِ شرم گاهہ تي پاڻيءَ جا ڇنڊا وڌائين ۽ نماز پڙهي ڏيکاريائين.

(368) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : " بال رسول الله صلى الله عليه وسلم فقام عمر خلفه بكوز من ماء فقال : ما هذا يا عمر ؟ قال : ماء تتوضأ به . قال : ما أمرت كلما بلت أن أتوضأ ولو فعلت لكانت سنة " . " رواه أبو داود وابن ماجه " .

**بي بي عائشہ ﷽ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پيشاب ڪيو ۽ عمر ﷛ پاڻي جو ڪونئرو کڻي بيٺو، رسول الله ﷺ فرمايو تہ "اي عمر ﷛ اهو ڇا آهي" عمر ﷛ چيو تہ "پاڻي آهي، ان سان وضو فرمايو" رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هڪم نہ ڪيو ويو آهيان تہ جڏهن بہ پيشاب ڪريان (لازماً) وضو بہ ڪريان[1] ائين ڪريان تہ جيڪر سنت مؤڪده ٿي وڃي. هن کي ابو دائود ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

(369) وعن أبي أيوب وجابر وأنس : أن هذه الآية نزلت ( فيه رجال يحبون أن يتطهروا والله يحب المطهرين )

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يا معشر الأنصار إن الله قد أثنى عليكم في الطهور فما طهوركم قالوا نتوضأ للصلاة ونغتسل من الجنابة ونستنجي بالماء قال فهو ذاك فعليكموه " . رواه ابن ماجه

حضرت ابو ايوب ﷛ ۽ جابر ﷛ ۽ انس ﷛ کان روايت آهي ته جڏهن هي آيت نازل ٿي (ترجمو) "انهي (مسجد قبا) ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پسند کن ٿا ته گهڻي پاڪائيءَ کن" (التوبه) رسول الله ﷺ فرمايو ته اي جماعت انصارن جي تحقيق ﷲ تعاليٰ گهڻي پاڪائيءَ ڪرڻ سبب توهان جي تعريف ڪئي آهي، پوءِ خبر ڏيو ته اوهان جي پاڪائي ڪهڙي ريت آهي؟ چيائون ته اسين نماز لاءِ وضو ڪندا آهيون، تڙ ۽ جنابت جي حالت ۾ غسل ڪندا آهيون ۽ پاڻي سان طهارت ڪندا آهيون. رسول الله ﷺ چيو ته انهيءَ ڪري ئي اوهان جي واکاڻ ٿي آهي، ان کي لازم ڪري وٺجو. (ابن ماجہ)

فائده:_ سند ضعيف آهي، مگر شاهدن جي بنياد تي صحيح آهي. (مشكوة _الباني ص 18ج1)

(370) وعن سلمان قال قال له بعض المشركين وهو يستهزئ به إني لأرى صاحبكم يعلمكم كل شيء حتى الخراءة قال أجل أمرنا أن لا نستقبل القبلة ولا نستنجي بأيماننا ولا نكتفي بدون ثلاثة أحجار ليس فيها رجيع ولا عظم . رواه مسلم وأحمد واللفظ له .

حضرت سلمان فارسيءَ ﷛ کان روايت آهي ته ڪنهن مشرڪ ٺوڪ طور چيو ته آئون اوهان جي صاحب (نبيﷺ) کي ڏسان ٿو، جو اوهان کي سڀ ڳالهيون سيکاري ٿو تانجو پائخانو ڪرڻ به سيکاري ٿو. مون ان کي چيو ته هائو! اسان کي حڪم ڪيو اٿس ته پائخاني ڪرڻ وقت قبلي جي سامهون نه ويهون ۽ نه ساڄي هٿ سان استنجا ڪريون ۽ نه ٽن پٿرن کان گهٽ سان صفائي ڪرڻ تي بس ڪريون. انهن (پٿرن) ۾ ڇيڻو ۽ هڏي به نه استعمال ڪريون. (اها حديث مسلم ۽ احمد بيان ڪئي آهي ۽ لفظ احمد جا آهن.)

---

[1]_ هميشہ با وضو رهڻ مستحب آهي. هي حديث دلالت ڪري ٿي تہ رسول الله ﷺ جيڪو ڪم ڪندا هئا سو سڀ ﷲ تعاليٰ جي حڪم موجب ڪندا هئا ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ رسول الله ﷺ جن جي سنت تي هلڻ ضروري آهي اگرچہ فرض نہ بہ هجي ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن چڱي ڪم کي امت جي تخفيف لاءِ ترڪ ڪندا هئا.

(371) وعن عبد الرحمن بن حسنة قال : " خرج علينا رسول الله صلى الله عليه وسلم وفي يده كهيئة الدرقة فوضعها ثم جلس فبال إليها فقال بعضهم : انظروا إليه يبول كما تبول المرأة فسمعه فقال أو ما علمت ما أصاب صاحب بني إسرائيل كانوا إذا أصابهم شيء من البول قرضوه بالمقاريض فنهاهم فعذب في قبره " . رواه أبو داود وابن ماجه

حضرت عبدالرحمٰن بن حسنہ ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن اسان وٽ آيا. هٿ ۾ چمڙي جي ڍال هين، ان کي رکيائون ۽ ان کي آڏو ڪري ويهي پيشاب ڪيائون. ڪن مشرڪن چيو ته هن ڏانهن ڏسو! جيئن زالون پيشاب ڪنديون آهن، تيئن پيشاب ٿو ڪري. اها ڳالهه رسول اللهﷺ جن ٻڌي، فرمايائون ته تنهنجي حال تي ارمان هجي، توکي خبر نہ آهي ته بني اسرائيل جي هڪ ماڻهوءَ کي (عذاب) پهتو. جڏهن (انهن جي ڪپڙن) کي پيشاب لڳندو هو ته ان کي قينچيءَ سان ڪتريندا هئا. ان ڪين ان کان منع ڪئي، تنهن ڪري ان کي ان جي قبر ۾ عذاب ڪيو ويو([1]) هن کي ابو دائود ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

(372) ورواه النسائي عنه عن أبي موسى

نسائيءَ ان کي عبدالرحمٰن بن حسنہ کان ۽ انهيءَ ابو موسيٰ ﷛ کان روايت ڪيو آهي.

(373) عن مروان الأصفر قال : " رأيت ابن عمر أناخ راحلته مستقبل القبلة ثم جلس يبول إليها فقلت يا أبا عبد الرحمن أليس قد نهي عن هذا قال بلى إنما نهي عن ذلك في الفضاء فإذا كان بينك وبين القبلة شيء يسترك فلا بأس " . رواه أبو داود

۽ مروان اصفر کان روايت آهي ته مون حضرت ابن عمر ﷛ کي ڏٺو، پنهنجي اٺ کي قبلي رخ ويهاريائين پوءِ ان کي اوٽ ڪري پيشاب ڪيائين. تنهن تي مون چيو ته اي عبدالرحمٰن جا پيءُ! ڇا ان کان منع نہ ڪئي وئي آهي؟ چيائين ته بلڪ کلي ميدان ۾ ائين ڪرڻ کان منع ڪئي وئي آهي. پر جڏهن تنهنجي ۽ قبلي([2]) جي وچ ۾ ڪنهن شيءِ جو پردو ۽ روڪ هجي ته ان ۾ ڪو گناهه نہ آهي.(ابودائود)

(374) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم : إذا خرج من الخلاء قال : " الحمد لله الذي أذهب عني الأذى وعافاني " . رواه أبن ماجه

حضرت انس ﷛ کان روايت آهي ته جڏهن نبي ڪريمﷺ جن پائخاني مان ٻاهر نڪرندا هئا، ته چوندا هئا ”الله تعاليٰ جو شڪر آهي، جنهن مون کان ايذاءَ واري شيءِ پر ڪئي ۽ مون کي چڱيلائي ڏنائين. (ابن ماجہ)

(375) وعن ابن مسعود قال : " لما قدم وفد الجن على النبي صلى الله عليه وسلم قالوا : يا رسول الله انه أمتك أن يستنجوا بعظم أو روثة أو حممة فإن الله جعل لنا فيها رزقا فنهانا رسول الله صلى الله عليه وسلم عن ذلك " . رواه أبو داود

---

[1] _ بني اسرائيل جي شريعت ۾ جيڪڏهن بدن تي پليتي لڳندي هئي تہ انهيءَ ٽڪر جو گوشت چلبو هو، جيڪڏهن ڪپڙي کي لڳندي هئي تہ اوترو ڪپڙو ويڄو هو. انهن ڳالهين تي عمل نہ ڪرڻ بابت ڪنهن ماڻهو ٻين کي نصيحت ڪئي جنهن ڪري پيشاب ڪرڻ وارن کي ضرور عذاب ٿيندو.

[2] _ امام شوڪاني چوي ٿو تہ هي حديث ان لاءِ دليل آهي جنهن صحرا ۽ جهنگل ۽ آبادي ۾ فرق ڪيو آهي.

حضرت ابن مسعود ﷛ ڪان روايت آهي ته جڏهن جنن جو وفد نبي ڪريمﷺ جن وٽ آيو ته عرض ڪيائون ته يا رسول اللهﷺ پنهنجي امت کي هڏي، ڇيڻي يا ڪوئلي سان استنجا ڪرڻ ڪان منع ڪريو، جو الله تعاليٰ انهن ۾ اسان لاءِ رزق بنايو آهي([1]) پوءِ اسان کي رسول اللهﷺجن انهن شين ڪان منع ڪيو. (ابودائود)

[1] _ ڪوئلن تي رڌ پچاءُ ڪرڻ، سياري ۾ هٿ سيڪڻ ۽ روشنيءَ لاءِ ڪتب آندا ويندا آهن، انهن ڪري انهن کي بہ رزق چيو ويو آهي.

باب

ڏندڻ ڪرڻ جو

فصل پھريون

(376) عن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لولا أن أشق على أمتي لأمرتهم بتأخير العشاء وبالسواك عند كل صلاة " .

**ابو هريره ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪڏهن امت تي تڪليف نہ پانيان ها تہ هوند انهن کي سمهڻي جي نماز دير سان پڙهڻ ۽ هر نماز وقت ڏندڻ ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها ([1]) (متفق عليه)**

(377) وعن شريح بن هانئ قال : سألت عائشة : بأي شيء كان يبدأ رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا دخل بيته ؟ قالت : بالسواك . رواه مسلم

**شريح بن هانيءَ ڪان روايت آهي تہ مون بي بي عائشه ﷺ ڪان پڇيو تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن گھر ايندا هئا تہ ڪھڙو ڪم شروع ڪندا هئا؟ بي بي صاحبه ﷺ چيو تہ ڏندڻ ڪندا هئا. ([2]) هن کي مسلم روايت آهي.**

(378) وعن حذيفة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا قام للتهجد من الليل يشوص فاه بالسواك.

حضرت حذيفہ ﷺ ڪان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن رات جو تهجد نماز لاءِ اٿندا هئا، ته پنهنجي وات کي ڏندڻ سان صفا ڪندا هئا.([3])

(379) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " عشر من الفطرة : قص الشارب وإعفاء اللحية والسواك واستنشاق الماء وقص الأظفار وغسل البراجم ونتف الإبط وحلق العانة وانتقاص الماء )

يعني الإستنجاء - قال الراوي : ونسيت العاشرة إلا أن تكون المضمضة . رواه مسلم

وفي رواية " الختان " بدل " إعفاء اللحية " لم أجد هذه الرواية في " الصحيحين " ولا في كتاب الحميدي

ولكن ذكرها صاحب " الجامع " وكذا الخطابي في " معالم السنن ".

بي بي عائشه ﷺ ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ڏهه عادتون ([1]) فطرت منجهان آهن 1_ مڇون ڪترائڻ ([2]) 2_ ڏاڙهي ڇڏڻ ([3]) 3_ ڏندڻ ڪرڻ 4_وضوءَ ۾ نڪ ۾ پاڻي ڏيڻ ([4]) 5_ننهن لاهڻ ([5]) 6_ آڱرين جي سنڌن کي ڌوئڻ

---

**[1] _ پاڻ ﷺ جن ٻڌائن ٿا تہ جيڪڏهن آئون امت تي تڪليف نہ سمجهان تہ ضرور ڪين رات جي ٽئين حصي تائين سمهڻي نماز دير ڪري پڙهڻ جو حڪم ڪريان ها (انهي ڪري جمهور علماءَ وٽ تاخير ڪرڻ مستحب آهي)**

**[2] _ امام شيخ خفاني چوي ٿو تہ پاڻ ﷺ جن وضو وقت ڏندڻ ڪندا هئا پر انهن ڪان سواءِ ٻين وقتن تي پڻ ڏندڻ ڪندا هئا.**

**[3] _ هن حديث مان دليل ورتو ويو آهي تہ ننڊ مان اٿڻ وقت ڏندڻ ڪرڻ مسنون آهي، ڇاڪاڻ تہ ننڊ سببان وات جو مزو بدليل هوندو آهي.**

7_ بغلن جا وار پٽڻ ([6]) 8_ هيٺينءَ اوگهڙ وارا وار ڪوڙڻ ([7]) 9_ پاڻي سان طهارت ڪرڻ 10_ راوي چوي ٿو ڏهون ڪم مون کان وسري ويو. شايد ڳرڙي ڪرڻ هجي. ان کي مسلم بيان ڪيو آهي.

۽ هڪ روايت ۾ ''ڏاڙهي ڇڏڻ'' جي بجاءِ ختنو (طهر) ڪرڻ آهي. مون اها روايت بخاري ۽ مسلم ۾ نه ڏٺي آهي ۽ نڪي حميدي جي ڪتاب ۾ ڏٺي اٿم، پر ان کي جامع الاصول جي مؤلف ذڪر ڪيو آهي. اهڙي طرح خطابي معالم السنن ۾ بيان ڪيو آهي.

(380) عن أبي داود برواية عمار بن ياسر

ابو دائود عمار بن ياسرؓ کان اها حديث بيان ڪئي آهي.

فصل ٻيو

(381) عن عائشة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " السواك مطهرة للفم مرضاة للرب " . رواه الشافعي وأحمد والدارمي والنسائي ورواه البخاري في صحيحه بلا إسناد

بي بي عائشہ ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته ڏندڻ وات کي صفا ڪندڙ ۽ رب کي راضي ڪندڙ آهي. هن کي شافعي، احمد، دارمي ۽ نسائي روايت ڪيو اهي. امام بخاريءَ ان کي بنا سند جي روايت ڪيو آهي.

(382) وعن أبي أيوب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أربع من سنن المرسلين : الحياء ويروى الختان والتعطر والسواك والنكاح " . رواه الترمذي

حضرت ابو ايوب ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته چار عادتون رسولن جي سنتن مان آهن. ([8]) حياءُ ڪرڻ_ ٻي روايت ۾ حياءُ جي بجاءِ ختنو ڪرڻ آهي_ ٻيو خوشبو لڳائڻ_ ٽيون ڏندڻ ڪرڻ_ چوٿون نڪاح ڪرڻ([9]) هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

(383) وعن عائشة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم لا يرقد من ليل ولا نهار فيستيقظ إلا يتسوك قبل أن يتوضأ . رواه أحمد وأبو داود

---

[1]_ اهي ڏهہ ئي حڪم سڀني پيغمبرن جي شريعت ۾ سنت هئا.
[2]_ مڇون ڪترائڻ با لاتفاق سنت آهي.
[3]_ ڏاڙهي کي معافي ڏيڻ سنت آهي.
[4]_ نڪ ۾ پاڻي ڏيڻ وضوءَ ۾ سنت آهي ۽ غسل فرض آهي.
[5]_ ننهن ڪترڻ بالاتفاق سنت آهي.
[6]_ امام نووي چوي ٿو تہ بغلن جا وار پٽڻ افضل آهن پر جيڪڏهن ڪوڙائجن تہ بہ جائز آهي.
[7]_ زير ناف ڪوڙائڻ سنت آهي. ختنو ڪرڻ مرد خواه عورت تي امام شافعي ۽ اڪثر عالمن وٽ واجب آهي. امام ابو حنيفہ وٽ مرد کي ختنو ڪرڻ سنت آهي. ٻين امامن وٽ واجب آهي.
[8]_ پاڻﷺ جن مشڪ جي خوشبوءِ ڪندا هئا.
[9]_ حافظ ابن حجر چوي ٿو تہ نڪاح جي فضائل ۾ جيڪي حديثون آيل آهن سي سؤ کان بہ زياده آهن.

بي بي عائشه ﷾ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن رات يا ڏينهن جو ننڊ ڪري جاڳندا هئا([1]) ته وضو ڪرڻ کان اڳ ڏندڻ ڪندا هئا([2]) هن کي احمد ۽ ابو دائود روايت ڪيو آهي.

فائده: لفظ ”ڏينهن“ واري زيادتي ضعيف آهي. (مشڪوٰة الباني (1/ 122)

بي بي عائشه ﷾ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ ڏندڻ ڪندا هئا، پوءِ مون کي ڌوئڻ لاءِ ڏيندا هئا. آئون (پهريان) ڏندڻ ڪندي هيس، پوءِ ان کي ڌوئيندي هيس، پوءِ پاڻ ﷺ جن کي ڏيندي هيس. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(384) وعنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يستاك فيعطيني السواك لأغسله فأبدأ به فأستاك ثم أغسله وأدفعه إليه . رواه أبو داود

فصل ٽيون

(385) عن ابن عمر أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " أراني في المنام أتسوك بسواك فجاءني رجلان أحدهما أكبر من الآخر فناولت السواك الأصغر منهما فقيل لي : كبر فدفعته إلى الأكبر منهما " .

حضرت ابن عمر﷛ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ”مون پاڻ کي خواب ۾ ڏٺو ته ڏندڻ پيو ڪريان. پوءِ مون وٽ، به ماڻهو آيا هڪڙو انهن مان ٻئي کان وڏو هو مون ارادو ڪيو ته انهن مان ننڍي کي ڏندڻ ڏيان، مونکي چيو ويو ته وڏي کي ڏيو. پوءِ انهن مان وڏي کي ڏنم. متفق عليہ

(386) وعن أبي أمامة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " ما جاءني جبريل عليه السلام قط إلا أمرني بالسواك لقد خشيت أن أحفي مقدم في " . رواه أحمد

حضرت ابو امامه ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن به جبرئيل﵇ مون وٽ ايندو هو، هميشه ڏندڻ ڪرڻ جو مون کي حڪم ڏيندو هو. مون کي خوف ٿيو ته ڪٿي وات جو اڳيون پاسو ڇلجي نه پوي. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ علي بن يزيد الهاني ضعيف آهي. (مرعاة ص448 ج 1)

(387) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لقد أكثرت عليكم في السواك " رواه البخاري

حضرت انس ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايوته توهان کي ڏندڻ ڪرڻ جو گهڻو ئي تاڪيد ڪيو اٿم. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.

[1]_ هن حديث مان ثابت آهي تہ رسول الله ﷺجن ڏينهن جوبہ ننڊ ڪندا هئا، جنهن کي قيلولہ چيو ويندو آهي.

[2]_ ننڊ بعد ڏندڻ ڪرڻ مستحب آهي.

(388) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يستن وعنده رجلان أحدهما أكبر من الآخر فأوحي إليه في فضل السواك أن كبر أعط السواك أكبرهما . رواه أبو داود

بي بي عائشه ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن ڏندڻ پئي ڪيو، وٽن به ماڻهو حاضر هئا. منجهائن هڪڙو ٻئي کان وڏو هو. پوءِ ڏندڻ ڪرڻ جي فضيلت ۾ رسول الله ﷺ ڏانهن وحي آيو ۽ حڪم ڪيو وين ته انهن ٻنهي مان وڏي کي ڏندڻ ڏيو ([1]) هن کي ابو دائود روايت ڪيو آهي.

(389) وعنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " تفضل الصلاة التي يستاك لها على الصلاة التي لا يستاك لها سبعين ضعفا " . رواه البيهقي في شعب الإيمان

بي بي عائشه ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي جنهن نماز لاءِ ڏندڻ ڪيو وڃي ٿو، سا فضيلت ۾ ٻي نماز، جنهن لاءِ ڏندڻ نه ڪيو ويو هجي_ ان کان ستر درجا وڌيڪ آهي. هن کي بيهقي شعب الايمان ۾ روايت ڪيو آهي.

فائده:_ ابن خزيمه اها حديث پنهنجي صحيح ۾ ذڪر ڪئي آهي ۽ واضح ڪيو اٿس ته ان جي سند جي باري ۾ دل کي اطمينان نه آهي جو خدشو آهي ته محمد بن اسحاق راويءَ ابن شهاب زهريءَ کان نه ٻڌو آهي (مشكوٰة_الباني ص 124ج1)

(390) وعن أبي سلمة عن زيد بن خالد الجهني قال سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " لولا أن أشق على أمتي لأمرتهم بالسواك عند كل صلاة ولأخرت صلاة العشاء إلى ثلث الليل " قال فكان زيد بن خالد يشهد الصلوات في المسجد وسواكه على أذنه موضع القلم من أذن الكاتب لا يقوم إلى الصلاة إلا أستن ثم رده إلى موضعه . رواه الترمذي وأبو داود إلا أنه لم يذكر : " ولأخرت صلاة العشاء إلى ثلث الليل " . وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح

حضر ابو سلمه زيد بن خالد جهنيﷺ کان روايت ڪري ٿو ته مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو، فرمايائون: جيڪڏهن پنهنجي امت تي مشقت نه ڀانيان ها ته هوند هر نماز لاءِ انهن کي ڏندڻ ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها ۽ يقيناً سمهڻي نماز جو وقت رات جي هڪ ٽهائيءَ تائين مؤخر ڪريان ها ([2]) ابو سلمه چوي ٿو ته ان کان پوءِ زيد بن خالد جڏهن مسجد ۾ نماز لاءِ حاضر ٿيندو هو تڏهن ڏندڻ سندس ڪن تي رکيل هوندو هو. جيئن لکندڙ پنهنجو قلم ڪن تي رکندو آهي. هميشه نماز کان اڳ ڏندڻ ڪري پنهنجي جاءِ تي رکندو هو. هن کي ترمذي ۽ ابودائود روايت ڪيو آهي، مگر ابو داؤد روايت ڪيو آهي، مگر ابو داؤد ”نماز کي لازماً هڪ ٽهائيءَ تائين مؤخر ڪريان ها“_ جو ذڪر نه ڪيو آهي. ترمذي چيو آهي ته هي حديث حسن صحيح آهي.

وضوءَ جي سنتن جو بيان

فصل پهريون

(391) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا استيقظ أحدكم من نومه فلا يغمس يده في الإناء حتى يغسلها فإنه لا يدري أين باتت يده " .

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو ته جيڪڏهن ڪا شيءِ ٻن ماڻهن مان ڪنهن کي ڏيڻي هجي ته اول وڏي کي ڏجي.

[2] _ هن حديث مان 2_ ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون هڪ نماز سمهڻي کي رات دير تائين مؤخر ڪجي. ٻيو هر نماز وقت ڏندڻ ڪجي اگر وضو نه به ڪرڻو هجي. هن حديث ۾ انهن ماڻهن جي ڳالهه جو رد آهي جيڪي چوندا آهن ته ڏندڻ نماز لاءِ سنت نه آهي، مگر وضوءَ لاءِ سنت آهي.

حضرت ابو هريره ﷛كان روايت آهي ته نبي كريمﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان كو پنهنجي ننڊ مان جاڳي، تڏهن پنهنجو هٿ ([1]) ٽي دفعا ڌوئڻ كان سواءِ ٿانوَ ۾ نه وجهي، ڇو ته ان كي خبر نه آهي ته سندس هٿ كٿي رات گذاري آهي. (متفق عليہ)

(392) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا استيقظ أحدكم من منامه فليستنثر ثلاثا فإن الشيطان يبيت على خيشومه ".

حضرت ابو هريره ﷛ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان كو ننڊ مان جاڳي، ته وضو كري ۽ ان كي گهرجي ته نڪ كي 3_دفعا سڻكي، ڇو ته تحقيق شيطان ان جي نڪ جي چوٽيءَ تي ([2]) رات گذاري ٿو (مفتق عليہ)

(393) وقيل لعبد الله بن زيد : كيف كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يتوضأ ؟ فدعا بوضوء فأفرغ على يديه فغسل يديه مرتين مرتين ثم مضمض واستنثر ثلاثا ثم غسل وجهه ثلاثا ثم غسل يديه مرتين مرتين إلى المرفقين ثم مسح رأسه بيديه فأقبل بهما وأدبر بدأ بمقدم رأسه ثم ذهب بهما إلى قفاه ثم ردهما حتى يرجع إلى المكان الذي بدأ منه ثم غسل رجليه . رواه مالك والنسائي ولأبي داود نحوه ذكره صاحب الجامع .

حضرت عبدالله بن زيد ﷛ كي چيو ويو ته رسول اللهﷺجن كيئن وضو كندا هئا؟ تنهن تي وضو لاءِ پاڻي گهرايائين، پوءِ پنهنجي هٿن تي پلٽيائين، پوءِ ٻئي هٿ ٻه ٻه دفعا ڌوتائين، پوءِ ٽي دفعا گرڙيون كيائين ۽ نڪ سڻكيائين، پوءِ پنهنجو منهن ٽي دفعا ڌوتائين، پوءِ ٻئي ٻانهو ٺونٺ تائين ٻه ٻه دفعا ڌوتائين، پوءِ پنهنجي مٿي كي ٻنهي هٿن سان مڪ كيائين، ٻنهي هٿن كي اڳئين پاسي كان وٺي ويو ۽ پٺين طرف كان گهمائي آيو. پوءِ مٿي جي اڳئين حصي كان مڪ شروع كيائين، پوءِ هٿن كي كياڙي ڏانهن وٺي ويو، پوءِ انهن كي جتان وٺي ويو هو موٽائي آنڊائين، جتان شروع كيو هئائين.. پوءِ ٻئي پير ڌوتائين. هن كي مالڪ ۽ نسائي روايت كيو آهي. ابو داؤد پڻ اهڙي طرح بيان كيو آهي، ان كي جامع الاصول ۾ ذكر كيو اٿس.

(394) وفي المتفق عليه : قيل لعبد الله بن زيد بن عاصم : توضأ لنا وضوء رسول الله صلى الله عليه وسلم فدعا بإناء فأكفأ منه على يديه فغسلهما ثلاثا ثم أدخل يده فاستخرجها فمضمض واستنشق من كف واحدة ففعل ذلك ثلاثا ثم أدخل يده فاستخرجها فغسل وجهه ثلاثا ثم أدخل يده فاستخرجها فغسل يديه إلى المرفقين مرتين مرتين ثم أدخل يده فاستخرجها فمسح برأسه فأقبل بيديه وأدبر ثم غسل رجليه إلى الكعبين ثم قال هكذا كان وضوء رسول الله صلى الله عليه وسلم وفي رواية : فأقبل بهما وأدبر بدأ بمقدم رأسه ثم ذهب بهما إلى قفاه ثم ردهما حتى رجع إلى المكان الذي بدأ منه ثم غسل رجليه وفي رواية : فمضمض واستنشق واستنثر ثلاثا بثلاث غرفات من ماء وفي رواية أخرى : فمضمض واستنشق من كفة واحدة ففعل ذلك ثلاثا وفي رواية للبخاري : فمسح رأسه فأقبل بهما وأدبر مرة واحدة ثم غسل رجليه إلى الكعبين وفي أخرى له : فمضمض واستنثر ثلاث مرات من غرفة واحدة.

بخاري ۽ مسلم جي حديث ۾ آهي ته حضرت عبدالله بن زيد ﷛كي چيو ويو ته اسان كي رسول اللهﷺ جي نموني تي وضو كري ڏيكار. پاڻ پاڻيءَ جو ٿانوَ گهرايائين ان مان هٿن تي پاڻي پلٽيائين ۽ انهن كي ٽي دفعا ڌوتائين، پوءِ وري هٿ

---

[1] _حديث دلالت كري ٿي ته سمهڻ كان پوءِ هٿ ڌوئڻ كان سواءِ ٿانوَ ۾ وجهڻ جائز نه آهي جمهور علماء وٽ هٿ ڌوئڻ مستحب آهن مگر امام احمد فرمائي ٿو ته رات جي ننڊ كرڻ كان پوءِ هٿ ڌوئڻ واجب آهن.

[2] _ شيطان جي نڪ جي چوٽي تي سڄي رات رهڻ جي حقيقت ۽ كيفيت ﷲ تعاليٰ ۽ ان جي رسولﷺ كي معلوم آهي اهڙين ڳالهين جي اسرارن كي اسان جا عقل سمجهڻ ۾ قاصر آهن. تنهنكري سهڻو طريقو هي آهي ته اهڙين ڳالهين تي ايمان ركڻ گهرجي ۽ كيفيت جي سمجهڻ كان ماٺ كرڻ گهرجي.

پنهنجي ٻانهن کي وڃون ۾ ان کي ڌوتائين، پوءِ گرڙيون([1]) ڪيائين ۽ نڪ سڻڪيائين، اهڙي طرح ٽي دفعا ڪيائين، وري ٻانهن ۾ هٿ وجهي پاڻي ڪڍيائين ۽ پنهنجو منهن ٽي دفعا ڌوتائين، پوءِ وري هٿ وجهي پاڻي ڪڍيائين ۽ ٻانهون ڪُونڻ تائين ٻه ٻه دفعا ڌوتائين، وري هٿ ٻانهن ۾ وجهي پاڻي ڪڍيائين، ان سان پنهنجي مٿي تي مسح ڪيائين، وري پنهنجي هٿن کي اڳ کان پٺ ڏي وٺي ويو. پوءِ ڳرين تائين پنهنجا پير ڌوتائين. پوءِ چيائين ته رسول اللهﷺ جن جو وضو انهيءَ طرح هو ۽ ٻي روايت ۾ آهي پنهنجي هٿن سان مٿي جي اڳ کان مسح شروع ڪيائين ۽ هٿن کي ڪياڙيءَ تائين وٺي ويو، پوءِ اتان هٿن کي انهيءَ جاءِ تي وٺي آيو، جتان شروع ڪيو هيائين، پوءِ پنهنجي پير ڌوتائين ۽ ٻي روايت ۾ آهي ته گرڙيون ڪيائين ۽ نڪ ۾ پاڻي وڌائين ۽ نڪ سڻڪائين ۽ اهڙي طرح ٽي دفعا پاڻي جي ٽن لپن سان ڪيائين ٻي روايت ۾ آهي ته پاڻي جي هڪ لپ سان ٽي دفعا گرڙي ڪيائين ۽ نڪ ۾ سڻڪيائين.

(395) وعن عبد الله بن عباس قال : توضأ رسول الله صلى الله عليه وسلم مرة مرة لم يزد على هذا . رواه البخاري

**عبدالله بن عباس ﷜کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن ([2]) وضوءَ ۾ عضوا هڪ هڪ دفعا (ٻه) ڌوتا آهن. (بخاري)**

(396) وعن عبد الله بن زيد : أن النبي صلى الله عليه وسلم توضأ مرتين مرتين . رواه البخاري

**عبدالله بن زيد ﷜کان روايت آهي ته بيشڪ نبي ڪريمﷺ جن وضوءَ ۾ عضوا ٻه ٻه دفعا (ٻه) ڌوتا آهن. (بخاري)**

(397) وعن عثمان رضي الله عنه أنه توضأ بالمقاعد فقال : ألا أريكم وضوء رسول الله صلى الله عليه وسلم ؟ فتوضأ ثلاثا ثلاثا . رواه مسلم

حضرت عثمان ﷜کان روايت آهي ته ان ”مقاعد“ ([3]) (نالي هڪ جڳهه) تي وضوڪيو ۽ چيائين ته اوهان کي رسول اللهﷺ جن جي وضوءَ جو نمونو ڏيکاريان ٿو. پوءِ وضوءَ ۾ عضوا ٽي دفعا ڌوتائين.(مسلم)

(398) وعن عبد الله بن عمرو قال : رجعنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم من مكة إلى المدينة حتى إذا كنا بماء بالطريق تعجل قوم عند العصر فتوضؤوا وهم عجال فانتهينا إليهم وأعقابهم تلوح لم يمسها الماء فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ويل للأعقاب من النار أسبغوا الوضوء " . رواه مسلم

---

**[1]_ يعني مطلب هي آهي ته هر پيري هڪڙي چرون مان گرڙي به ڪيائين ۽ نڪ ڪي پاڻي به ڏنائين ٿي. هيئن سمجهڻ غلط آهي ته 3_ دفعا نڪ ڪي پاڻي هڪ چرون مان ڏنوويو. گرڙين بابت حديثون مختلف آيل آهن. ڪن ۾ ٽي چرون ۽ ڪن ۾ هڪ چرون آيل آهي.**

**[2]_ امام شوڪاني ؒچوي ٿو ته هن حديث مان هي دليل ملي ٿو ته وضو ۾ هڪ هڪ دفعو عضوا ڌوئڻ واجب آهن، انهي ڪري پاڻﷺ جن هڪ دفعي تي اڪتفا ڪئي.**

**[3]_ حافظ ابن حجر چوي ٿو ته مقاعد هڪ جاءِ جو نالو آهي جيڪا مدينه منوره ۾ آهي. هنن حديثن مان معلوم ٿيو ته پاڻﷺ جن عضون کي هڪ هڪ دفعو ۽ ڪڏهن ٽي ٽي دفعا ڌوئيندا هئا. هڪ دفعو ڌوئڻ واجب آهي، ٻه دفعا پڻ جواز لاءِ آهي ۽ ٽي دفعا مسنون طريقو آهي. ٽن کان وڌيڪ منع آهي. (علي قاري)**

حضرت عبدالله بن عمرو ﷺ کان روايت آهي ته هڪ دفعو اسين رسول اللهﷺجن سان گڏ مکي کان مديني موٽياسون، تان جو واٽ ۾ هڪ پاڻي جي جاءِ تي پهتاسون، اتي هڪ قوم وچين نماز لاءِ تکڙ ڪئي ۽جلدي جلدي وضو ڪيائون. پوءِ اسين به انهن کي وڃي پهتاسون ۽ ڏٺو سون ته انهن جون کڙيون چمڪي رهيون هيون انهن کي پاڻي نه پهتو هو. پوءِ رسول اللهﷺجن فرمايو ته کڙين لاءِ دوزخ جي باهه جي خرابي آهي. ([1]) وضو پورو ڪريو([2]) (مسلم)

(399) وعن المغيرة بن شعبة قال : إن النبي صلى الله عليه وسلم توضأ فمسح بناصيته وعلى العمامة وعلى الخفين . رواه مسلم

**مغيره بن شعبه ؓکان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺوضو ڪيو. پوءِ پنهنجي پيشابيءَ، پٽڪي ۽ ([3]) موزن تي به مک ڪيائين. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(400) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يحب التيمن ما استطاع في شأنه كله : في طهوره وترجله وتنعله.

بيبي عائشه ؓ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن وضو ڪرڻ، ڦڻي ڏيڻ جتي پائڻ، سڀني ڪمن ۾ ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ کي پسند ڪندا هئا. (متفق عليہ)

فصل ٻيو

(401) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا لبستم وإذا توضأتم فابدؤوا بأيامنكم " . رواه أحمد وأبو داود

**ابو هريره ؓکان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن ڪپڙا پهريو ۽ جڏهن وضو ڪريو. ساڄي پاسي کان شروع ڪريو. ([4]) احمد ابو داؤد.**

(402) وعن سعيد بن زيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا وضوء لمن لم يذكر اسم الله عليه " . رواه الترمذي وابن ماجه

حضرت سعيد بن زيد ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺجن فرمايو ،جنهن وضو ۾ بسم الله نه پڙهي،ان جو وضو(پورو)نه آهي. ([1]) هن کي ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

---

[1]_ امام شوڪانيؒ لکي ٿو ته ويل هڪ دوزخ جي وادي جو نالو آهي. جيئن ابن حبان ابو سعيد کان مرفوع روايت ۾ بيان ڪيو آهي.

[2]_ يعني وضوءَ جا فرض ۽ سنتون پوريءَ طرح بجا آڻيو. هيءَ حديث دليل آهي ته پير وضوءَ ۾ ڌوئڻ فرض آهن جمهور علماءَ جو به اهوئي مذهب آهي. مک ڪرڻ جائز نه آهي، جيئن اهو اهل تشيع جي مذهب ۾ آهي.

[3]_ امام نووي فرمائي ٿو ته مٿي جي مک ڪرڻ سڀني علمائن وٽ مستحب آهي. ابن قيم لکي ٿو ته پاڻ ﷺ جن جي ڪنهن به حديث ۾ بيان ڪونهي ته پاڻ مٿي جي ڪنهن هڪ حصي جي مک ڪيائون۽ ڪنهن حصي جو مک نه ڪيائون. مگر پيشاني تي مک ڪندا هئا، يعني پٽڪي مبارڪ تي مک ڪندا هئا.

[4]_ وضو ڪرڻ يا ڪپڙي پائڻ وقت پهريائين سڄي پاسي کان شروعات ڪرڻ گهرجي.

(403) ورواه أحمد وأبو داود عن أبي هريرة

۽ احمد ۽ابو دائود هن حديث کي حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت ڪيو آهي.

(404) والدارمي عن أبي سعيد الخدري عن أبيه وزادوا في أوله.

۽ دارميءَ ابو سعيد خدريﷺ کان ۽ ان پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي آهي ۽ ان جي شروع ۾ هي زياده ڪيو اٿس ته جنهن جو وضو ناهي انجي نماز ناهي.

فائدو:مؤلف جو دارميءَ جي حديث بابت اهو چوڻ ته حضرت ابو سعيد خدريءَ ﷺ اها حديث پنهنجي پيءُ کان بيان ڪئي آهي صحيح نه آهي(مشكوات الباني ص127ج1)

(405) وعن لقيط بن صبرة قال : قلت : يا رسول الله أخبرني عن الوضوء . قال : " أسبغ الوضوء وخلل بين الأصابع وبالغ في الاستنشاق إلا أن تكون صائما " . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وروى ابن ماجه والدارمي إلى قوله : بين الأصابع .

حضرت لقيط بن صبره ﷺ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن کي چيو ته يا رسول الله ﷺ!مون کي پوري وضو بابت ٻڌايو، پاڻ فرمايائون ته وضو کي پورو ڪندو ڪر،آڱرين جي وچ ۾ خلال ڪندو ڪر([2]) ۽ جيڪڏهن روزي دار نه هجين ته نڪ کي پاڻي پهچائڻ ۾ مبالغو ڪر. هن کي ابودائود، ترمذي ۽ نسائي روايت ڪيو آهي. ابن ماجه ۽ دارمي ”بَيْنَ الاَ صَا بع “ جي لفظن تائين روايت ڪئي آهي.

(406) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا توضأت فخلل بين أصابع يديك ورجليك " . رواه الترمذي . وروى ابن ماجه نحوه وقال الترمذي : هذا حديث غريب

حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن وضو ڪرين ته پنهنجي هٿن ۽ پيرن جي آڱرين ۾ خلال ڪندو ڪر. ([3]) هن کي ترمذي روايت ڪيو ۽ ابن ماجه پڻ اهڙي طرح روايت ڪيو ۽ ترمذي چيو آهي ته هي حديث غريب آهي.

---

[1]_ يعني جنهن ماڻهو وضوءَ جي شروعات ۾ ﷲ پاڪ جو نالو نه ورتو ته ان کي وضوءَ جو ثواب نه ملندو امام احمد وٽ وضوءَ جي شروعات ۾ بسم الله چوڻ واجب آهي. جمهور علماءَ وٽ سنت ۽ مستحب آهي.

[2]_ هٿن ۽ پيرن جي آڱريون جي خلال ڪرڻ سنت آهي خلال بہ تڏهن جڏهن آڱرين قدرتي پيدائش ۾ جدا جدا آهن پر جڪڏهن پاڻ ۾ مليل آهن جو سواءِ خلال جي پاڻي وڃڻ محال هجي تہ انهيءَ صورت ۾ خلال واجب ٿيندي.

[3]_ هٿن جو خلال هٿن ڌوئڻ وقت ڪجي ۽ پيرن جو خلال پيرن ڌوئڻ وقت ڪجي.

(407) وعن المستورد بن شداد قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا توضأ يدلك أصابع رجليه بخنصره . رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه

**مستورد بن شداد ﷛ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو جڏهن وضو پئي ڪيائون ته چيچ سان پنهنجي پيرن جي آڱرين کي مهٽي رهيا هئا. هن کي ترمذي، ابو دائود ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

(408) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا توضأ أخذ كفا من ماء فأدخله تحت حنكه فخلل به لحيته وقال : " هكذا أمرني ربي " . رواه أبو داود

حضرت انس ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن جڏهن وضو ڪندا هئا ته لپ پاڻيءَ جي کڻي ڪاڏي جي هيٺيان ڏاڙهي سونهاري ۾ خلال ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته هن طرح مون کي پنهنجي رب حڪم ڪيو آهي. ([1]) هن کي ابو دائود روايت ڪيو آهي.

(409) وعن عثمان رضي الله عنه : أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يخلل لحيته . رواه الترمذي والدارمي

**عثمان ﷛ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ پنهنجي ڏاڙهي سڄوري کي خلال ڪنداهئا. هن کي ترمذي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

(410) وعن أبي حية قال رأيت عليا توضأ فغسل كفيه حتى أنقاهما ثم مضمض ثلاثا واستنشق ثلاثا وغسل وجهه ثلاثا وذراعيه ثلاثا ومسح برأسه مرة ثم غسل قدميه إلى الكعبين ثم قام فأخذ فضل طهوره فشربه وهو قائم ثم قال أحببت أن أريكم كيف كان طهور رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه الترمذي والنسائي

حضرت ابو حيه کان روايت آهي ته مون حضرت علي ﷛ کي ڏٺو، وضو ڪيائين پوءِ پنهنجي هٿن جون ٻئي تريون ڌوئي صاف ڪيائين،پوءِ ٽي دفعا گرڙيون ڪيائين ۽ ٽي دفعا نڪ کي پاڻي ڏنائين ۽ ٽي دفعا منهن ڌوتائين ۽ ٽي دفعا ٻئي ٻانهون ڌوتائين ۽ هڪ دفعو مٿي جي مک ڪيائين، پوءِ ٻئي پير ڳرين تائين ڌوتائين، پوءِ اٿي بيٺو ۽ وضو کان بچيل پاڻي کڻي([2]) بيهي پيتائين. پوءِ چيائين ته آئون هن ڳالهه کي پسند ڪريان ٿو ته اوهان کي ڏيکاريان ته رسول الله ﷺ جن جو وضو ڪهڙي طرح هو. هن کي ترمذي ۽نسائي روايت ڪيو آهي.

(411) وعن عبد خير قال : نحن جلوس ننظر إلي علي حين توضأ فأدخل يده اليمنى فملأ فمه فمضمض واستنشق ونثر بيده اليسرى فعل هذا ثلاث مرات ثم قال من سره أن ينظر إلى طهور رسول الله صلى الله عليه وسلم فهذا طهوره . رواه الدارمي

حضرت عبد خير ﷛ کان روايت آهي ته اسين ويٺا هئا سون، هن لاءِ ته حضرت علي ﷛ جڏهن وضو ڪري ته اسين ڏسون. پاڻ پنهنجو ساڄو هٿ ٿانو ۾ وڌائين، (پاڻي کڻي) وات ۾ وڌائين پوءِ گرڙيون ڪيائين ۽ نڪ ۾ پاڻي وڌائين ۽ ڪاٻي

---

[1]_ ڏاڙهيءَ جي سوءَ ڪرڻ ۾ به علمائن جو اختلاف آهي پر حق هي آهي ته خلال مستحب آهي امام احمد چوي ٿو ته ڏاڙهي جو سوءَ ڪرڻ بابت ڪا صحيح حديث نه آهي ۽ ابو حاتم به ان طرح لکيو آهي. (شوڪاني)

[2]_ وضوءَ جي بچيل پاڻيءَ ۾ وضوءَ جي برڪت آهي. ان ڪري اهو پاڻي اٿي بيهي پيئڻ گهرجي.

هٿ سان ان کي سڻڪيائين، ائين ٽي دفعا ڪيائين. پوءِ چيائين ته جنهن کي اها ڳالهه پلي لڳي ته رسول الله ﷺ جي وضوءَ ڏانهن نهاري ته هيءُ اٿوَ وضو رسول الله ﷺ جو هن کي دارمي روايت ڪيو آهي.

(412) وعن عبد الله بن زيد قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم مضمض واستنشق من كف واحدة فعل ذلك ثلاثا . رواه أبو داود والترمذي

حضرت عبدالله بن زيد ﷺ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو (وضوءَ ۾) هڪ لپ سان گرڙيون ڪيائون ۽ نڪ کي پاڻي ڏنائون. اهڙي طرح ٽي دفعا ڪيائون. هن کي ابو دائود ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي.

(413) وعن ابن عباس أن النبي صلى الله عليه وسلم مسح برأسه وأذنيه : باطنهما بالسباحتين وظاهرهما بإبهاميه. ( رواه النسائي )

حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ پنهنجي مٿي جي مک ڪئي ۽ ٻنهي ڪنن جي اندرئين حصي کي ڏسٽي ۽ وچين آڱرين سان ۽ انهن جي ٻاهرين پاسن کي ٻنهي آڱوٺن سان مک ڪيائون.([1])

(414) وعن الربيع بنت معوذ : أنها رأت النبي صلى الله عليه وسلم يتوضأ قالت فمسح رأسه ما أقبل منه وما أدبر وصدغيه وأذنيه مرة واحدة .

وفي رواية أنه توضأ فأدخل أصبعيه في جحري أذنيه . رواه أبو داود

وروى الترمذي الرواية الأولى وأحمد وابن ماجه الثانية

**ربيع بنت معوذ ﷺ کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺ کي وضو ڪندي ڏٺو، اها چوي ٿي تہ پاڻ پنهنجي مٿي تي اڳئين ۽ پوئين پاسي کان، ويندي ڪنن تائين، نيز ڪنن جي پاپڙين جي (پڻ) هڪ بار مسح ڪيائون. هڪ روايت ۾ آهي تہ پاڻ وضو ڪيائون. پوءِ ٻئي آڱريون ٻنهين ڪنن جي سوراخن ۾ وڌائون.هن کي ابو دائود روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي پهرين روايت کي ۽ احمد ۽ ابن ماجہ ٻئيءَ کي روايت ڪيو آهي.**

(415) وعن عبد الله بن زيد : أنه رأى النبي صلى الله عليه وسلم توضأ وأنه مسح رأسه بماء غير فضل يديه . رواه الترمذي ورواه مسلم مع زوائد

حضرت عبدالله بن زيد ﷺ کان روايت آهي ته انهيءَ نبي کي ڏٺو، پاڻ وضو ڪيائون، ۽ پنهنجي مٿي جي ان پاڻيءَ سان مک ڪيائون، جيڪو سندس هٿن بچيل نه هو، ان کي ترمذيءَ روايت ڪيو ۽ مسلم اها حديث زوائد سان بيان ڪئي آهي.

(416) وعن أبي أمامة ذكر وضوء رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : وكان يمسح الماقين وقال : الأذنان من الرأس . رواه ابن ماجه وأبو داود والترمذي وذكرا : قال حماد : لا أدري : الأذنان من الرأس من قول أبي أمامة أم من قول رسول الله صلى الله عليه وسلم

[1] _ يعني مٿي جي مک لاءِ پاڻي ڪنيائين، پوءِ ڪنن جي مک بہ ڪجي.

**ابو امامة ﷛ کان روايت آهي، رسول اللهﷺ جن جي وضوءَ جو ذڪر ڪندي چيائين، ته پاڻ اکين جي نڪ تائين ملڻ واري حصي جي مک ڪندا هئا نيز پاڻ سڳورنﷺ فرمايو ته ٻئي ڪن مٿي جو ڀاڱو آهن. اها حديث ابن ماجہ، ابو دائود، ترمذي روايت ڪئي آهي (ٻئي ذڪر ڪن ٿا ته حماد چوي ٿو ته مون کي خبر ناهي ته "ٻئي ڪن مٿي جو ڀاڱو آهن"_ اهو اصحابي ابو امامہ﷛جو قول آهي يا رسول اللهﷺ جو قول آهي.**

(417) وعن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده قال : جاء أعرابي إلى النبي صلى الله عليه وسلم يسأله عن الوضوء فأراه ثلاثا ثلاثا ثم قال : " هكذا الوضوء فمن زاد على هذا فقد أساء وتعدى وظلم " . رواه النسائي وابن ماجه وروى أبو داود معناه

عمرو بن شعيب پنهنجي پيءُ کان ۽ انهي پنهنجي ڏاڏي کان روايت ڪئي ته نبي ڪريم ﷺ جن وٽ اهڪ اعرابي وضو بابت پڇڻ لاءِ آيو پاڻ ڪيس هر عضوو تي ٽي دفعا ڌوئڻ ڏيکاريائون ۽ چيائون ته وضو ائين ٿيندو آهي. پوءِ جنهن ان ۾ زيادتي ڪئي، تنهن ([1]) خراب ڪم ڪيو ۽ حد کان لنگهيو ۽ ظلم ڪيائين. هن کي نسائي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي ۽ ان جي هم معنيٰ ابو دائود به روايت بيان ڪئي آهي.

فائده:_ ابو دائود جي روايت ۾ ٽي بار کان گهڻ ڌوئڻ تي اها تبيهه وارد آهي، ليڪن اها زيادتي شاذ بلڪ منڪر آهي (مشكوٰة_الباني ص131 ج1)

(418) وعن عبد الله بن المغفل أنه سمع ابنه يقول : الله إني أسألك القصر الأبيض عن يمين الجنة قال : أي بني سل الله الجنة وتعوذ به من النار فإني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إنه سيكون في هذه الأمة قوم يعتدون في الطهور والدعاء " . رواه أحمد وأبو داود وابن ماجه

حضرت عبدالله بن مغفل ﷛ کان روايت آهي ته، انهيءَ پنهنجي پٽ کي دعا ڪندي ٻڌو ته "اي منهنجا ﷲ! آئون توکان بهشت جي سڄي پاسي اڇي محل جو سوال ٿو ڪريان. ڪيس چيائين ته"اي پٽ! ﷲ تعاليٰ کان بهشت گهر ۽ انهيءَ کان دوزخ جي باهه کان پناه وٺ، تحقيق مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو آهي، فرمايائون" سگهوئي هن امت ۾ ڪي ماڻهو پيدا ٿيندا جيڪي وضوءَ ڪرڻ ۽ دعا گهرڻ ۾ حد کان لنگهي ويندا.([2]) هن کي احمد ۽ ابودائود ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

(419) وعن أبي بن كعب عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " إن للوضوء شيطانا يقال له الولهان فاتقوا وسواس الماء " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب وليس إسناده بالقوي عند أهل الحديث لأنا لا نعلم أحدا أسنده غير خارجة وهو ليس بالقوي عند أصحابنا.

ابي ابن ڪعب ﷛ نبي ڪريمﷺ کان روايت ڪئي آهي ته وضوءَ لاءِ به شِطان آهي جنهن کي ولهان([3]) چيو وڃي ٿو پوءِ پاڻي جي وسوسي کان پاسو ڪريو. هن کي ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو ۽ امام ترمذي چوي ٿو ته هي حديث غريب

---

[1]_ اهو هن ڪري ته سنت کي ترڪ ڪيائين ۽ ظالم هن ڪري چيائين جو پاڻﷺ جن جي مخالف ڪيائين.

[2]_ وضوءَ ۾ حد لنگهڻ جي معنيٰ آهي ته ٽن دفعن کان وڌيڪ عضوا ڌوئي يا زياده پاڻي هاري. دعا ۾ حد اورانگهڻ هي آهي ته دعا گهرڻ ۾ بي ادبي ڪري ۽ گهڻا شرط شروط لائي يا غير ممڪن ڪم لاءِ دعا ڪري، رب پاڪ کان عاجزيءَ سان ۽ گڙگڙائي دعا ڪجي.

[3]_"ولهان" جي معنيٰ آهي عقل جو وڃڻ ۽ حيران ٿيڻ. اهو نالو شيطان تي هن ڪري پيو آهي جو وضو ڪندڙن ۽ نمازين جي دلين ۾ وسوسا وجهي انهن کي حيران ۽ بي عقل بنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

آهي. ان جي سند محدثين وٽ پڪي نه آهي،جو خارجه کان سواءِ ٻئي ڪنهن سند سان ان ڪي نٿا ڄاڻون، ۽ اهو به اسان جي ساٿين وٽ قوي نه آهي.

(420) وعن معاذ بن جبل قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا توضأ مسح وجهه بطرف ثوبه . رواه الترمذي

حضرت معاذ بن جبل ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن کي ڏٺم، جڏهن وضوڪندا هئا ته پنهنجو منهن پنهنجي ڪپڙي([1]) سان اگهندا هئا. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ راوي رشيد بن سعد ۽ عبدالرحمٰن بن زياد بن انعم افريقي ضعيف آهن. (مشکوٰة_الباني ص 132ج 1)

(421) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كانت لرسول الله صلى الله عليه وسلم خرقة ينشف بها أعضاءه بعد الوضوء . رواه الترمذي وقال : هذا حديث ليس بالقائم وأبو معاذ الراوي ضعيف عند أهل الحديث.

بي بي عائشہ ﷝ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن وٽ ڪپڙي جو ٽڪر هوندو هو، جنهن سان وضوءَ بعد پنهنجي عضون کي اگهندا هئا ([2]) هن کي ترمذي روايت ڪيو ۽ چيو اٿس ته هي حديث غريب آهي، ثابت نه آهي. راوي ابو معاذ محدثين وٽ ضعيف آهي.

فصل ٽيون

(422) عن ثابت بن أبي صفية قال : قلت لأبي جعفر هو محمد الباقر حدثك جابر : أن النبي صلى الله عليه وسلم توضأ مرة مرة ومرتين مرتين وثلاثا ثلاثا . قال : نعم . رواه الترمذي وابن ماجه

حضرت ثابت بن ابي صفيہ کان روايت آهي ته مون ابو جعفر محمد باقر([3]) کي چيو ته (ڇا) توهان کي حضرت جابر انصاري ﷛ اها حديث ٻڌائي آهي ته نبي ڪريم ﷺ هڪ هڪ ڀه ڀه ٽي ٽي دفعا وضوءَ ۾ عضوا ڌوئيندا هئا؟ چيائين ته هائو! هن کي ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ ثابت بن ابي صفيه ڪوفي رافضي ضعيف آهي.(مشکوٰة_الباني 132ج1)

(423) وعن عبد الله بن زيد قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم توضأ مرتين مرتين وقال : هو " نور على نور ".

---

[1] _ حافظ ابن حجر هن حديث جي اسناد کي ضعيف چيو آهي.

[2] امام ترمذي فرمائي ٿو ته هن باري ۾ ڪابہ حديث صحيح ثابت نہ آهي. تنهن هوندي بہ صحابہ ڪرام ۽ تابعين جي هڪ جماعت ان جي اجازت ڏني آهي.

[3] _ امام محمد باقر مدينہ منوره جو هڪ وڏو عالم فقيہ ۽ محدث هو انجي والد ماجد زين العابدين جابر بن عبدالله انصاري ۽ ٻين اصحابن کان حديثون روايت ڪيون آهن.

حضرت عبدالله بن زيد کان روايت آهي ته تحقيق رسول اللهﷺ جن ٻه ٻه دفعا وضو جا عضوا ڌوتا ۽ فرمايائون ته اهو نور عليٰ نور آهي([1])

فائده:_ هن روايت جو ڪو اصل نه آهي. ممڪن آهي ته سلف مان ڪنهن جو قول هجي (الباني)

(424) وعن عثمان رضي الله عنه قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم توضأ ثلاثا ثلاثا وقال : " هذا وضوئي ووضوء الأنبياء قبلي ووضوء إبراهيم " . رواهما رزين والنووي ضعف الثاني في شرح مسلم

حضرت عثمان‏رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن وضوءَ ۾ ٽي ٽي دفعا عضوا ڌوتا ۽ چيائون ته هيءُ منهنجو ۽ مون کان اڳين نبين ۽ ابراهيمعليه السلام جو وضو آهي. ٻئي حديثون زرين بيان ڪيون ۽ نووي ٻي حديث کي شرح مسلم ۾ ضعيف لکيو آهي.

(425) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يتوضأ لكل صلاة وكان أحدنا يكفيه الوضوء ما لم يحدث . رواه الدرامي

حضرت انس‏رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ هر نماز لاءِ وضو ڪندا هئا. اسان مان ٻئي ڪي هڪ وضو ڪافي ٿيندو هو، جيسين ٻي وضو نه ٿئي. هن کي دارمي روايت ڪيو آهي.

(426) وعن محمد بن يحيى بن حبان الأنصاري ثم المازني مازن بني النجار عن عبيد الله بن عبد الله بن عمر قال قلت له أرأيت وضوء عبد الله بن عمر لكل صلاة طاهرا كان أو غير طاهر عمن أخذه ؟ فقال : حدثته أسماء بنت زيد بن الخطاب أن عبد الله بن حنظلة بن أبي عامر ابن الغسيل حدثها أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان أمر بالوضوء لكل صلاة طاهرا كان أو غير طاهر فلما شق ذلك على رسول الله صلى الله عليه وسلم أمر بالسواك عند كل صلاة ووضع عنه الوضوء إلا من حدث قال فكان عبد الله يرى أن به قوة على ذلك كان يفعله حتى مات . رواه أحمد

محمد بن يحيٰ بن حبان کان روايت آهي ته مون عبيدالله بن عبدالله بن عمر ‏رضي الله عنه‏کي چيو ته چا تو عبدالله بن عمر ‏رضي الله عنه‏ کي ڏٺو ته هر نماز لاءِ نئون وضو ڪندو هجي([2]) خواهه وضو هجيس خواهه نه هجيس؟ چيائين،ڪيس اسماءَ بنت زيد بن خطاب حديث ٻڌائي، ان کي عبدالله بن حنظله بن ابو عامر غسيل (ملائڪ) ([3]) ٻڌايو ته رسول اللهﷺجن هر نماز لاءِ وضو ڪرڻ جو حڪم ڪندا هئا چاهي وضو هجي يا نه هجي؟ پوءِ جڏهن رسول اللهﷺ کي اهو ڏکيو لڳو ته هر نماز لاءِ

---

[1]_ هڪ دفعو ڌوئڻ سان فرض ادا ٿيو، ٻيو دفعو ڌوئڻ سان سنت ادا ٿي، انهيءَ ڪري اهڙو وضو نور عليٰ نور ٿيو.

[2]_هر نماز لاءِ وضو ڪرڻ پهريائين واجب هو پوءِ اهو حڪم منسوخ ٿيو، جيئن بعد ۾ ايندڙ حديثن مان معلوم ٿيندو. ڪي علماءَ فرمائين ٿا ته پاڻﷺ جن هميشه اوليٰ تي عمل ڪندا هئا.

[3]_ "غسيل" ان جو لقب ان ڪري پيو جو هن کي شهيد ٿيڻ کان پوءِ ملائڪن غسل ڏنو هو، عروه چوي ٿو ته پاڻ ﷺ جن حنظله جي بيبيءَ کان پڇيو ته حنظله کي ملائڪن غسل ڏنو هو، انهيءَ جو ڪهڙو سبب هو؟ تنهن تي بيبي صاحبه چيو ته پاڻ غسل جي حاجت وارو هو، جڏهن جهاد جو آواز ٻڌائين ته جهاد جي آواز تي لبيڪ چئي جهاد ڏانهن نڪتو ۽ جنبي حالت ۾ شهيد ٿيو.پاڻ ﷺ جن فرمايو ته پوءِ ڪيس غسل ڏيڻ جو اهوئي ڪارڻ هو. ان ڪري ڪين پاڻ جن ۽ اصحابن "غسيل" جي لقب سان مشهور ڪيو.

ڏنڊڻ ڪرڻ جو([1]) حڪم ڪيوويو ۽ ڪائن وضو معاف ڪيو ويو، سواءِ ان جي جوڪو بي وضو ٿئي. پوءِ حضرت عبدالله بن عمر ﷛ ڏسندو هو ته ڪيس قوت آهي تنهن ڪري مرڻ گهڙيءَ تائين ائين ڪندو هو. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.

(427) وعن عبد الله بن عمرو بن العاص أن النبي صلى الله عليه وسلم : مر بسعد وهو يتوضأ فقال : " ما هذا السرف يا سعد " . قال : أفي الوضوء سرف ؟ قال : " نعم وإن كنت على نهر جار " . رواه أحمد وابن ماجه

حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ سعد بن ابي وقاص ﷛ وٽان اچي لنگهيو ۽ ان وضو پئي ڪيو. فرمايائون "اي سعد! هي ڪهڙو اسراف پيو ڪرين؟" عرض ڪيائين ته ڇا وضوءَ ۾ به اسراف ٿيندو آهي؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو ته هائو جيتوڻيڪ وهندڙ واهه تي ڇو نه هجين (ته به گهڻو پاڻي هارڻ اسراف آهي). هن کي احمد ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ ابن لهيعه ضعيف آهي. (مشكوة_الباني 133 ج1)

(428) وعن أبي هريرة وابن مسعود وابن عمر عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " من توضأ وذكر اسم الله فإنه يطهر جسده كله ومن توضأ ولم يذكر اسم الله لم يطهر إلا موضع الوضوء ".

حضرت ابو هريره ﷛، ابن مسعود ﷛ ۽ ابن عمر ﷛ نبي ڪريم ﷺ جن کان روايت ڪن ٿا، فرمايائون ته جيڪو وضو ڪري ٿو ۽ ﷲ جو نالو وٺي ٿو ته تحقيق ان پنهنجو سڄو بت پاڪ ڪيو ۽ جيڪو وضو ڪندو ۽ ﷲ جو نالو نه وٺندو ته اهو وضو جي جاين کان سواءِ ٻئي بت کي پاڪ نٿو ڪري([2])

فائده:_ اها حديث تمام ضعيف آهي. ان جي ٽنهي سندن ۾ راوي ضعيف آهن. (مشكوة_الباني 134ج1)

(429) وعن أبي رافع قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا توضأ وضوء الصلاة حرك خاتمه في أصبعه . رواهما الدارقطني . وروى ابن ماجه الأخير

حضرت ابو رافع رکان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن جڏهن نماز لاءِ وضو ڪندا هئا تڏهن پنهنجي منڊيءَ واري آڱر کي چورينڌا هئا. هي ٻئي حديثون دارقطنيءَ روايت ڪيون آهن ۽ ابن ماجه ٻي بيان ڪئي آهي.

فائده:؛_ سند ۾ معمر بن محمد بن عبيدالله ضعيف آهي، بلڪ منڪر الحديث آهي. (مرعاةص489ج1)

[1] _ وضو ۾ شرعي حد کان لنگهڻ اسراف آهي، پاڻيءَ کي اجايو ضايع ڪرڻ اسراف آهي ته پوءِ خدارا سوچيو ۽ بار بار سوچيو ته حياتيءَ جو عرصو ﷲ پاڪ جي يادگيري ۽ بندگي کان سواءِ ٻين ڪمن ۾ ضايع ڪرڻ ڪيڏو گناهه ٿيندو؟

[2] _ بسم الله چوڻ سان سڄي بدن جا صغيرا گناه معاف ڪيا وڃن ٿا، پر جيڪڏهن بسم الله نه چيائين ته فقط وضوءَ ۾ ڌوتل عضوا پاڪ ٿين ٿا انهي ڪري بسم الله چوڻ سنت يا مستحب آهي.

غسل جو باب

فصل پهريون

(430) عن أبي هريرة عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " إذا جلس بين شعبها الأربع ثم جهدها فقد وجب الغسل وإن لم ينزل " .

حضرت ابو هريره ﷛ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو، ته جڏهن اوهان مان كو زال جي چئن شاخن جي وچ ۾ ويهي ۽ كوشش كري خواهه انزال نه به ٿئيس، تڏهن به غسل واجب ٿيس[1] (متفق عليہ)

(431) وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إنما الماء من الماء " . رواه مسلم

قال الشيخ الإمام محيي السنة رحمه الله : هذا منسوخ

حضرت ابو سعيد ﷛ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته پاڻي (مني) نكرڻ كان پاڻي جو ([2]) استعمال كرڻ آهي (يعني غسل آهي) هن كي مسلم روايت كيو آهي. شيخ محي السنہ ﵀ چوي ٿو ته هيءَ حديث منسوخ آهي.

(432) وقال ابن عباس : إنما الماء من الماء في الاحتلام . رواه الترمذي ولم أجده في الصحيحين

۽ ابن عباس چوي ٿو ته خواب ۾ پاڻي (مني) نكرڻ سان پاڻي جو استعمال آهي، (يعني غسل آهي) هن كي ترمذي روايت كيو آهي. صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ اها حديث نه ڏٺي اٿم.

(433) وعن أم سلمة قالت قالت أم سليم : يا رسول الله إن الله لا يستحيي من الحق فهل على المرأة من غسل إذا احتلمت قال النبي صلى الله عليه وسلم " إذا رأت الماء " فغطت أم سلمة وجهها وقالت يا رسول الله أوتحتلم المرأة قال : " نعم تربت يمينك فبم يشبهها ولدها ؟ ".

ام سلمہ ﵄ كان روايت آهي ته ام سليم چيو ته اي ﷲ جا رسول ﷺ !تحقيق ﷲ حق جي چوڻ كان حياءَ نه كندو آهي، (ٻڌايو) چا زال تي غسل واجب آهي، جڏهن ان كي تڙ پوي رسول الله ﷺ چيو ته هائو! جڏهن پاڻي ڏسڻ ۾ اچيس. ام سلمہ منهن ڍكيو ۽ چيائين ته اي ﷲ جا رسول چا عورت كي به تڙ پوندو آهي؟ رسول الله ﷺ جن چيو ته هائو تنهنجو ساڄو هٿ مٽيءَ ۾ پرجي ته پوءِ چا جي كري ٻار ان جي مهاندي تي ٿيندو آهي([3]) (متفق عليہ)

(434) وزاد مسلم برواية أم سليم : " إن ماء الرجل غليظ أبيض وماء المرأة رقيق أصفر فم أيهما علا أو سبق يكون منه الشبه ".

---

[1]_ چئن شاخن مان عورت جا هٿ ۽ پير مراد آهن. مطلب تہ جماع لاءِ وينو ۽ جماع كيائين تہ غسل مٿس لازم آهي،انزال ٿئيس يا نہ ٿئيس. اهو مذهب خلفاءَ راشدين ۽ اكثر صحابہ كرام ۽ چئني امامن جو آهي.

[2]_ هيءَ حديث منسوخ آهي جنهن جو بيان گذريو يا فقط احتلام جي حالت ۾ اهو كم آهي.

[3]_ كهڙي سبب كان ٻار پنهنجي ماءُ جي مهانڊي ٿئي ٿو؟ اها حديث بخاري ۽ مسلم جي آهي. امام مسلم ام سلمه جي روايت بيان كئي ان ۾ زياده آهي تہ بيشك مرد جو پاڻي گهاٽو اڇو هوندو آهي ۽ عورت جو پاڻي ڇڊو ۽ پيلو هوندو آهي. پوءِ ٻنهي مان جيكو مٿانهون ۽ غالب ٿيو يا اڳي نكتو، ٻار ان سان مشابہ ٿيندو.

۽ مسلم ام سليم جي روايت ۾ زياده ڪيو آهي ته فرمايائون ” بيشڪ مڙس جو پاڻي گهاٽو اڇو آهي ۽ زال جو پاڻي ڇڊو ۽ پيلو آهي. پوءِ ٻنهي مان جيڪو مٿي ٿيو يا اڳي ٿيو ته (ٻار جي) ان سان مشابهت ٿيندي.

(435) وعن عائشة زوج النبي صلى الله عليه وسلم أن النبي صلى الله عليه وسلم : كان إذا اغتسل من الجنابة بدأ فغسل يديه ثم يتوضأ كما يتوضأ للصلاة ثم يدخل أصابعه في الماء فيخلل بها أصول شعره ثم يصب على رأسه ثلاث غرف بيديه ثم يفيض الماء على جلده كله.

وفي رواية لمسلم : يبدأ فيغسل يديه قبل أن يدخلهما الإناء ثم يفرغ بيمينه على شماله فيغسل فرجه ثم يتوضأ.

بي بي عائشه ﷞ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن جڏهن جنابت کان غسل ڪندا هئا ته (هن طرح) شروع ڪندا هئا (پهريائين) ٻئي هٿ ڌوئيندا هئا. پوءِ وضو ڪندا هئا، جيئن نماز لاءِ وضو ڪبو آهي پوءِ آڱرين کي پاڻي ۾ ٻوڙي انهن سان وارن جي پاڙن کي خلال ڪندا هئا، پوءِ ٻنهي هٿن سان مٿي تي ٽي چرون پلٽائيندا هئا، پوءِ سڄي جسم تي پاڻي وهائيندا هئا. (متفق عليہ)

۽ مسلم جي ہي روايت ۾ آهي ته شروع ڪندا هئا ته ٻئي هٿ ٿانو ۾ وجهڻ کان اڳ ڌوئيندا هئا. پوءِ ساڄي هٿ سان کاٻي هٿ تي پاڻي پلٽيندا هئا پوءِ پنهنجي اوگهڙ ڌوئيندا هئا پوءِ وضو ڪندا هئا.

(436) وعن ابن عباس قال قالت ميمونة : وضعت للنبي صلى الله عليه وسلم غسلا فسترته بثوب وصب على يديه فغسلهما ثم صب بيمينه على شماله فغسل فرجه فضرب بيده الأرض فمسحها ثم غسلها فمضمض واستنشق وغسل وجهه وذراعيه ثم صب على رأسه وأفاض على جسده ثم تنحى فغسل قدميه فناولته ثوبا فلم يأخذه فانطلق وهو ينفض يديه . ولفظه للبخاري.

ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته (ام المؤمنين) ميمونہ ﷞ فرمائي ٿي، مون نبي ڪريم ﷺ جن لاءِ غسل جو پاڻي رکيو. پوءِ سندن لاءِ ڪپڙي سان پردي جو انتظام ڪيو. (پاڻ هن طرح غسل ڪيائون) پنهنجي هٿن تي پاڻي پلٽيائون ۽ انهن کي ڌوتائون. پوءِ سڄي هٿ سان کٻي هٿ تي پاڻي پلٽيائون، پوءِ پنهنجي اوگهڙ ڌوتائون، پوءِ پنهنجو هٿ زمين تي هڻي ان کي مهٽيائون، پوءِ ان کي ڌوتائون، پوءِ ڳرڙيون ڪيائون ۽ نڪ کي پاڻي ڏنائون ۽ پنهنجو منهن ۽ ٻانهون ڌوتائون. پوءِ مٿي تي پاڻي پلٽيائون، پوءِ سڄي جسم تي پاڻي هاريائون. پوءِ انهيءَ جاءِ کان جدا ٿيا. پوءِ ٻئي پير ڌوتائون. پوءِ ڪين ڪپڙو ڏنم پر نه ورتائون پنهنجي هٿن سان بت ڇنڊيندا (غسل خاني مان) هليا آيا. متفق عليہ ۽ هي لفظ بخاري جا آهن.

(437) وعن عائشة قالت : أن امرأة من الأنصار سألت النبي صلى الله عليه وسلم : عن غسلها من المحيض فأمرها كيف تغتسل قال : " خذي فرصة من مسك فتطهري بها " قالت كيف أتطهر قال " تطهري بها " قالت كيف قال " سبحان الله تطهري " فاجتبذتها إلي فقلت تتبعي بها أثر الدم .

بي بي عائشه ﷞ کان روايت آهي ته تحقيق هڪ انصاري عورت حيض جي غسل بابت نبي ڪريمﷺ جن کان سوال ڪيو. پوءِ ان کي غسل جي ڪيفيت کان آگاه ڪيائون. پوءِ چيائون ته ڪپڙي جو ٽڪر ڪٿوري سان خوشبودار ڪري استعمال ڪندي ڪر ۽ ان سان پاڪائي حاصل ڪندي ڪر.([1]) عرض ڪيائين ”ان سان ڪيئن پاڪائي حاصل ڪريان؟ رسول الله ﷺ جن چيو ته ”انهيءَ سان پاڪائي حاصل ڪندي ڪر“ عرض ڪيائين ”ان سان ڪيئن پاڪائي حاصل ڪريان؟“ فرمايائون : ”سبحان الله ([2]) انهيءَ سان پاڪائي حاصل ڪندي ڪر“_ بي بي عائشه ﷞ فرمائي ٿي ته پوءِ مون ان عورت کي پاڻ ڏي ڇڪيو ۽ ان کي چيم تي رت جي اثر کي ان سان اگهي صاف ڪر. (متفق عليہ)

---

[1] _ فقيهن جو قول آهي ته عورت لاءِ مستحب آهي ته ڪپڙو مشڪ سان خوشبودار ڪري استعمال ڪري، جيئن ان سان رت جي بدبوءِ محسوس نه ٿئي.

[2] _ لفظ ”سبحان الله! عجب واسطي رسول الله ﷺ جن ڪم آندو ڇاڪاڻ ته ڳالهه بلڪل ظاهر هئي جنهن ۾ غور فڪر جي ضرورت ئي نه هئي.

(438) وعن أم سلمة قالت قلت : يا رسول الله إني امرأة أشد ضفر رأسي فأنقضه لغسل الجنابة قال " لا إنما يكفيك أن تحثي على رأسك ثلاث حثيات ثم تفيضين عليك الماء فتطهرين " . رواه مسلم

ام المؤمنين ام سلمہ رضي الله عنها کان روايت آهي ته مون عرض ڪيو ته ”اي الله جا رسول ﷺ تحقيق آئون عورت آهيان، منهنجي مٿي جا وار سخت ڳنڍل آهن. پوءِ ڇا انهن کي جنابت جي غسل وقت کوليان؟ رسول الله ﷺ جن چيو ته نه تون پنهنجي مٿي تي فقط ٽي ڀڪ پاڻي جا هاريندي ڪر، اهو تولاءِ ڪافي آهي. ان کان پوءِ سڄي بت تي پاڻي هاريندين ته پاڪ ٿيندين. ([1]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(439) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يتوضأ بالمد ويغتسل بالصاع إلى خمسة أمداد.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن هڪ سير پاڻيءَ سان غسل ڪندا هئا. (متفق عليہ)

(440) وعن عائشة قالت : كنت أغتسل أنا ورسول الله صلى الله عليه وسلم من إناء بيني وبينه واحد فيبادرني حتى أقول دع لي دع لي قالت وهما جنبان .

بي بي عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته آئون ۽ رسول الله جن هڪ ٿانوَ ۾ غسل ڪندا هئاسون، جيڪو منهنجي ۽ سندن وچ ۾ هوندو هو. پاڻ مون کان جلدي پاڻي ڪڍندا هئا تان جو مون کي چوڻو پوندو هو ته مون لاءِ پاڻي ڇڏيو. معاذة چوي ٿي ته ٻئي جنبي هوندا هئا.

فصل ٻيو

(441) وعن عائشة قالت : سئل رسول الله صلى الله عليه وسلم عن الرجل يجد البلل ولا يذكر احتلاما قال " يغتسل " وعن الرجل يرى أنه قد احتلم ولم يجد بللا قال : " لا غسل عليه " قالت أم سلمة يا رسول الله هل على المرأة ترى ذلك غسل قال " نعم إن النساء شقائق الرجال " . رواه الترمذي وأبو داود وروى الدارمي وابن ماجه إلى قوله : " لا غسل عليه " .

بي بي عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن کان هڪ اهڙي شخص بابت پڇيو ويو جنهن کي خواب ياد نه آهي مگر آلاڻ (ڪپڙي يا بت تي) ڏسي ٿو، حضرت ﷺ جن فرمايو ته اهو غسل ڪري ۽ وري ٻي ماڻهو بابت سوال ڪيو ويو،جنهن کي خواب ياد آهي، مگر (ڪپڙي يا بت تي) آلاڻ نه ٿو ڏسي. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ان تي غسل نه آهي. ([2]) ٻيبي ام سلمه رضي الله عنها عرض ڪيو ته جيڪڏهن عورت اهڙي طرح ڏسي ته ان تي به غسل آهي فرمايائون هائو! تحقيق

[1] _ صحيح روايتن ۾ آيو آهي تہ تڙ ۾ عورتون ويڙهيل وارن تي فقط پاڻي هارينديون هيون، جيئن وارن جون پاڙون پسن. ڳتيل ۽ ويڙهيل وارن کي کولڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي.
[2] _ يعني دارو مدار خواب آلاڻ ڏسڻ تي آهي، خواب ياد هجيس يا نہ هجيس.

زالون به مڙسن ([1]) جي مثال آهن. هن کي ترمذي ۽ ابو داؤد روايت ڪيو ۽ دارمي ۽ ابن ماجہ﴿لا غسل عليه﴾ تائين روايت ڪئي آهي.

فائده:_ انهيءَ حديث جو هيءُ جملو "ته مرد تي غسل واجب نه آهي"، ضعيف آهي. راوي عبدالله عمري المڪبر ضعيف آهي البت ام سلمه ﷞ جو واقعو درست آهي. (مشڪوٰة_الباني ص138ج1)

(442) وعن عائشة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا جاوز الختان الختان وجب الغسل . فعلته أنا ورسول الله صلى الله عليه وسلم فاغتسلنا . رواه الترمذي وابن ماجه

بي بي عائشه ﷞ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن مڙس جي طهر([2]) جي جاءِ؛ عورت جي طهر جي جاءِ ۾ لنگهي ته غسل واجب ٿيو. مون ۽ رسول اللهﷺ اهڙي طرح ڪيو، پوءِ غسل ڪيوسون. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ اها حديث مرفوع نه آهي امام ترمذيءَ ۽ ابن ماجه بيبي عائشه ﷞ جو قول نقل ڪيو آهي، تنهن هوندي به بيبي عائشه ﷞ کان مرفوع صحيح حديث ثابت آهي. (مشڪوٰة_ الباني ص138ج1)

(443) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " تحت كل شعرة جنابة فاغسلوا الشعر وأنقوا البشرة " . رواه أبو داود والترمذي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب والحارث بن وجيه الراوي وهو شيخ ليس بذلك.

حضرت ابو هريره﷜ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته هر وار هيٺيان جنابت يعني پليتي آهي، پوءِ وارن کي ڌوئو ۽ بت صاف ڪريو. هن کي ابوداٶد، ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي چيو آهي ته هي حديث غريب آهي ۽ حارث بن وجيہ راوي پوڙهو آهي قوي نه آهي.

(444) وعن علي رضي الله عنه : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " من ترك موضع شعرة من جنابة لم يغسلها فعل بها كذا وكذا من النار " . قال علي فمن ثم عاديت رأسي ثلاثا فمن ثم عاديت رأسي ثلاثا فمن ثم عاديت رأسي ثلاثا . ( رواه أبو داود وأحمد والدارمي إلا أنهما لم يكررا : فمن ثم عاديت رأسي )

حضرت علي ﷜ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي ته جيڪو وار جيتري جاءِ به جنابت جي حالت ۾ ڇڏيندو ۽ ان کي نه ڌوئيندو ته ان کي باهه جو هيترو ۽ هيترو عذاب ڏنو ويندو حضرت علي﷜ چيو ته پوءِ انهيءَ ڪري مٿي جي وارن کي دشمن رکيم، پوءِ انهيءَ ڪري مٿي جي وارن کي دشمن رکيم، پوءِ انهيءَ ڪري مٿي جي وارن کي دشمن رکيم([3]) ٽي دفعا چيائين. اها حديث ابو داؤد ۽احمد ۽ دارمي روايت ڪئي آهي. مگر انهن﴿فمن ثم عاديت﴾ جو تڪرار نه ڪيو آهي.

---

[1]_ يعني عورتن تي بہ آلاڻ ڏسڻ ڪري غسل واجب آهي.

[2]_ "ختان" ان جاءِ کي چوندا آهن جيڪا طهر يعني ختني ۾ ونجي، مرد جو "ختان" چمڙي جو ٽڪر آهي جو حشفہ جي مٿان هوندو آهي ۽ عورت جو "ختان" ڪڪڙ جي آني وانگر گوشت جو ٽڪرو آهي، جيڪو ان جي شرمگاه ۾ ٿيندو آهي.

[3]_ يعني غسل بابت پاڻ جن جا تاڪيد ڀريا حڪم ٻڌم تڏهن کان مٿي جا وار ڪوڙايم ۽ انهن سان اهڙي ڪار ڪيم جهڙي دشمنن سان ڪبي آهي.

(445) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم لا يتوضأ بعد الغسل . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وابن ماجه

بي بي عائشه ﷺ كان روايت آهي ته نبي كريم ﷺ غسل كان پوءِ وضو نه كندا هئا. هن كي ترمذي، ابوداؤد، نسائي ۽ ابن ماجه روايت كيو آهي.

(446) وعن عائشة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يغسل رأسه بالخطمي وهو جنب يجتزئ بذلك ولا يصب عليه الماء . رواه أبو داود

بي بي عائشه ﷺ كان روايت آهي ته نبي كريم ﷺ جن جنابت جي غسل ۾ خطمي([1]) گل سان مٿو ڌوئيندا هئا ۽ انهي ڌوئڻ تي كفايت كندا هئا ۽ ان تي پاڻي نه وجهندا هئا. هن كي ابو داؤد روايت كيو آهي.

(447) وعن يعلى : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم رأى رجلا يغتسل بالبراز فصعد المنبر فحمد الله وأثنى عليه وقال : " إن الله عز وجل حيي ستير يحب الحياء والستر فإذا اغتسل أحدكم فليستتر " . رواه أبو داود والنسائي وفي روايته قال : " إن الله ستير فإذا أراد أحدكم أن يغتسل فليتوار بشيء ".

حضرت علي ﷺ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن هڪ شخص كي ڏٺو جنهن اگهاڙو ٿي غسل پئي كيو، پوءِ منبر تي ([2]) چڙهيا ۽ ﷲ تعاليٰ جي حمد ۽ ثناء بيان كيائون پوءِ فرمايائون ته ﷲ تعاليٰ حياءُ رکندڙ ۽ ڍڪ رکندڙ آهي ۽ حياءَ ۽ ڍڪ رکڻ كي پسند كري ٿو. پوءِ جڏهن او هان مان كو غسل كري ته ان كي گهرجي ته پردو كري. هن كي ابو داؤد ۽ نسائي روايت كيو آهي. ٻي روايت ۾ آهي ته تحقيق ﷲ تعاليٰ ڍكيندڙ آهي، جيكڏهن او هان مان كو غسل كرڻ جو ارادو كري ته پردو كري.

فصل ٽيون

(448) عن أبي بن كعب قال : إنما كان الماء من الماء رخصة في أول الإسلام ثم نهي عنها.

حضرت ابي بن كعب ﷺ كان روايت آهي ته اول اسلام ۾ رخصت هئي ته رڳو مني جي پاڻي نكرڻ سان پاڻ جو استعمال كجي (انزال كان سواءِ غسل كونه كبو هو) پوءِ اها رخصت ختم ٿي. اها حديث ترمذي ۽ ابو داؤد ۽ دارمي روايت كئي آهي.

---

[1] _ يعني خطمي واري پاڻي تي اكتفا كندا هئا. نئين پاڻي وجهڻ جي كا ضرورت محسوس نه كندا هئا.

[2] _ يعني پاڻ ﷺ جن جي هيءَ عادت هئي ته جڏهن كنهن ضروري ڳالهه بابت وعظ فرمائيندا هئا ته منبر تي چڙهي ﷲ پاڪ جي واكاڻ كري پوءِ وعظ فرمائيندا هئا. هتي به پاڻ ﷺ جن حيا ۽ پردي كرڻ بابت ضروري حكم بيان كرڻ لاءِ منبر تي چڙهي وعظ كيو ۽ فرمايائون. حيا ۽ ڍڪ ﷲ پاڪ جي صفتن مان هڪ قسم جي صفت آهي. ﷲ پاڪ چاهي ٿو ته سندس ٻانها حيا ۽ پردي واري صفت پاڻ ۾ حتي الامكان رکن.

(449) وعن علي قال : جاء رجل إلى النبي صلى الله عليه وسلم فقال إني اغتسلت من الجنابة وصليت الفجر ثم أصبحت فرأيت قدر موضع الظفر لم يصبه الماء فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لو كنت مسحت عليه بيدك أجزأك " . رواه ابن ماجه

حضرت علي ﷜ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو نبي ڪري ﷺ جن وٽ آيو، چيائين ته مون جنابت جو غسل ڪيو ۽ فجر جي نماز پڙهيم پوءِ ڏٺم ته ننهن جي قدر هڪ جاءِ ڪي پاڻي نه پهتو آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جيڪڏهن ان کي پنهنجي هٿ سان مک ڪرين ها ته تولاءِ ڪافي هو. هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حديث ضعيف آهي،سند ۾ محمد بن عبدالله العزرمي متروڪ آهي. (مرعاة ص508ج1)

(450) وعن عبد الله بن عمر قال كانت الصلاة خمسين والغسل من الجنابة سبع مرار وغسل البول من الثوب سبع مرار فلم يزل رسول الله صلى الله عليه وسلم يسأل حتى جعلت الصلاة خمسا والغسل من الجنابة مرة وغسل البول من الثوب مرة . رواه أبو داود

حضرت ابن عمر کان روايت آهي ته اڳي پنجاهه نمازون (فرض) هيون ۽ جنابت کان غسل ڪرڻ ست دفعا ۽ پيشاب جي پليتي کان ڪپڙو ڌوئڻ، به ست دفعا هو. پوءِ هميشه رسول الله ﷺ تخفيف لاءِ سوال ڪندا رهيا، تانجو نمازون پنج ٿيون([1]) ۽ جنابت کان غسل هڪ دفعه ۽ پيشاب جي پليتي کان ڪپڙي جو ڌوئڻ به هڪ دفعه ڪيوويو. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ ايوب بن جابر يمامي راوي ضعيف آهي. (مرعاة ص 509 ج1)

[1]_ معراج جي رات پاڻ ﷺ جن تي پنجاه نمازون فرض ٿيون. پوءِ سندن دعا گهرڻ سبب پنج وقت نمازون فرض ٿيون ۽ غسل هڪ دفعو فرض ٿيو ۽ پيشاب لڳل ڪپڙو بہ ست دفعا ڌوئڻ بدران هڪ دفعو فرض ٿيو.

باب

جنبي سان اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ

فصل پهريون

(451) عن أبي هريرة قال : لقيني رسول الله صلى الله عليه وسلم وأنا جنب فأخذ بيدي فمشيت معه حتى قعد فانسللت فأتيت الرحل فاغتسلت ثم جئت وهو قاعد فقال : " أين كنت يا أبا هريرة " فقلت له فقال : " سبحان الله إن المؤمن لا ينجس " . هذا لفظ البخاري ولمسلم معناه وزاد بعد قوله : فقلت له : لقد لقيتني وأنا جنب فكرهت أن أجالسك حتى أغتسل . وكذا البخاري في رواية أخرى

حضرت ابو هريره ﷺکان روايت آهي ته مون کي رسول الله ﷺ جن گڏيا ۽ ان وقت آئون جنبي هئس، منهنجو هٿ ورتائون. آئون ساڻن گڏ هليس، تانجو جڏهن پاڻ ويٺا، آئون کسکي ويس ۽ پنهنجي رهائشگاهه وٽ آيس ۽ غسل ڪيم. پوءِ آيس ۽ پاڻ ويٺا ئي هئا. ۽ فرمايائون ته ”اي ابو هريره! ڪٿي هئين؟“_ مون ماجرا عرض ڪري ٻڌايو فرمايائون ”سبحان الله! مؤمن پليت نه ٿيندو آهي. اهي لفظ بخاري جا آهن.

۽ مسلم ان جي هم معنيٰ روايت بيان ڪئي آهي. انهيءَ اهي لفظ وڌايا آهن، ”مون عرض ڪيو ته جڏهن اوهين مون کي مليا هئا ته آئون جنبي هيس، تنهن ڪري غسل ڪرڻ کان اڳ توهان سان ويهڻ کي ناپسند ڪيم. اهڙي طرح بخاري به ٻي روايت ۾ زياده ڪيو آهي.

(452) وعن عبدالله بن عمر أنه قال : ذكر عمر بن الخطاب لرسول الله صلى الله عليه وسلم أنه تصيبه الجنابة من الليل فقال له رسول الله صلى الله عليه وسلم : " توضأ واغسل ذكرك ثم نم ".

حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي ته حضرت عمر بن خطاب ﷺ رسول الله ﷺ جن وٽ ذڪر ڪيو ته مون کي رات جو تڙ پوندو آهي، (ڇاڪاڻ؟) رسول الله ﷺ کيس فرمايو ته وضو ڪر([1]) ۽ پنهنجي اگهڙ ڌوءُ، پوءِ ننڊ ڪر. متفق عليہ

(453) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا كان جنبا فأراد أن يأكل أو ينام توضأ وضوءه للصلاة.

حضرت بيبي عائشه ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جڏهن جنبي هوندا هئا ۽ ڪنهن شيءِ جي کائڻ يا ننڊ ڪرڻ جو ارادو ڪندو هو ته نماز جي وضو وانگر وضو ڪندا هئا (متفق عليہ)([2])

(454) وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أتى أحدكم أهله ثم أراد أن يعود فليتوضأ بينهما وضوءا " . رواه مسلم

حضرت ابو سعيد خدري کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته جڏهن اوهان مان ڪو پنهنجي زال وٽ اچي (صحبت ڪري) پوءِ ٻيهر صحبت ڪرڻ جو ارادو ڪري ته ان کي گهرجي ته ٻنهي دفعن جي وچ ۾ وضو ڪري ([1]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

[1] _ هي وضو خاص سمهڻ لاءِ ڪبو. تڙ واري کي وضو ڪري پوءِ سمهڻ سنت آهي.

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ غسل وارو کائڻ يا سمهڻ وقت وضو ضرور ڪندو.

(455) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يطوف على نسائه وبغسل واحد . رواه مسلم

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن (ڪڏهن) هڪ غسل سان پنهنجين (ڪيترن) زالن سان صحبت ڪندا هئا ([2]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(456) وعن عائشة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يذكر الله عز وجل على كل أحيانه . رواه مسلم

وحديث ابن عباس سنذكره في كتاب الأطعمة إن شاء الله **بيبي عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ هر حالت([3]) ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندا هئا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي ۽ ابن عباس جي حديث انشاءالله تعاليٰ ڪتاب الاطعمہ ۾ ذڪر ڪنداسون.**

فصل ٻيو

(457) عن ابن عباس قال اغتسل بعض أزواج النبي صلى الله عليه وسلم في جفنة فأراد رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يتوضأ منه فقالت يا رسول الله إني كنت جنبا فقال " إن الماء لا يجنب " . رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه . وروى الدارمي نحوه

حضرت ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جي ٻيبين مان ڪنهن ٻيبيءَ هڪ ٽب ۾ غسل ڪيو([4]) رسول اللهﷺ ان مان وضو ڪرڻ جو ارادو ڪيو، عرض ڪيائين ته اي الله جا رسولﷺ! آئون جنبي هيس، فرمايائون ”پاڻي جنبي([5]) نه ٿيندو آهي. هن کي ترمذيءَ، ابو داؤد ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي ۽ دارمي بہ انهيءَ طرح روايت ڪئي آهي.

(458) وفي شرح السنة عنه عن ميمونة بلفظ المصابيح.

---

[1]_ هن حڪم ۾ صفائي زياده حاصل ٿئي ٿي لذت ۽ خوشي بہ زياده ٿئي ٿي.

[2]يعني هڪ غسل پڇاڙي ۾ ڪندا هئا. هن ۾ وچ واري عرصي ۾ وضو ڪرڻ جو بيان ڪونهي شايد وضوڪيو هجين.

[3]_ يعني ٺڙ جي حالت ۽ بي وضوئيءَ جي حالت ۾ مطلب تہ هر حالت ۾ ذڪر ڪرڻ يعني الله پاڪ جي يادگيري ڪرڻ ثابت آهي. مگر جنابت جي حالت ۾ قرآن شريف نہ پڙهندا هئا.

[4]_ جيڪڏهن ڪو چوي تہ اها حديث انهي حديث جي مخالف آهي، جا فصل ٽئين ۾ حڪم بن عمرو جي روايت سان ايندي تہ پاڻ ﷺ جن منع ڪئي آهي جو عورت جي بچيل وضو واري پاڻ سان مرد وضو ڪري. ان جو جواب هي آهي تہ هي حديث جواز تي دلالت ڪري ٿي ۽ اها حديث اوليٰ تي دلالت ڪري ٿي. يعني نهي تنزيهي آهي ۽ نهي تحريمي نہ آهي.

[5]_ هن حديث مان بہ معلوم ٿيو تہ ٺڙ واري جو بدن پاڪ آهي ۽ پليت نہ آهي.

۾ شرح السنة ۾ ابن عباس (ام المؤمنين) ميمونه کان مصابيح واري حديث بيان ڪئي آهي.

(459) وعن عائشة قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يغتسل من الجنابة ثم يستدفئ بي قبل أن أغتسل . رواه ابن ماجه وروى الترمذي نحوه

بي بي عائشه ﷞ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جنابت کان غسل ڪندا هئا پوءِ ان کان اڳ جو آئون غسل ڪريان مون سان گرمي حاصل ڪندا هئا. هن کي ابن ماجہ روايت ڪئي ۾ ترمذيءَ ان وانگر روايت ڪئي آهي. الشرح السنہ مصابيح جي لفظ سان روايت آندي آهي.

فائده:_ سند ۾ حريث ابو عمرو حناط ضعيف آهي.(مشكوٰة الباني 143ج1)

(460) وعن علي قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يخرج من الخلاء فيقرئنا القرآن ويأكل معنا اللحم ولم يكن يحجبه أو يحجزه عن القرآن شيء ليس الجنابة . رواه أبو داود والنسائي وروى ابن ماجه نحوه

حضرت علي ﷛ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن جڏهن پائخاني کان نڪرندا هئا ته اسان کي قرآن به پڙهائيندا هئا ۽ اسان سان گڏ گوشت به کائيندا هئا، جنابت کان سواءِ ڪابه شيءِ ڪين قرآن پڙهڻ کان نه روڪيندي هئي ([1]) هن کي ابو داؤد ۾ نسائيءَ روايت ڪيو آهي ۽ ابن ماجه پڻ ان وانگر روايت ڪئي آهي.

فائده:_ هن حديث جي سند ضعيف آهي. عبدالله بن سلمه ڪوفي ضعيف راوي آهي. (مرعاة ص517 ج1)

(461) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تقرأ الحائض ولا الجنب شيئا من القرآن " . رواه الترمذي

حضرت ابن عمر ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته حيض واري عورت ۽ جنبي ماڻهو قرآن شريف مان ڪجهه به نه پڙهي هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ اسماعيل بن عياش ضعيف آهي. (مشكوٰة_الباني ص143ج1)

(462) وعن عائشة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " وجهوا هذه البيوت عن المسجد فإني لا أحل المسجد لحائض ولا جنب " . رواه أبو داود

حضرت بيبي عائشه ﷞ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته هنن گهرن جا منهن مسجد کان ڦيرايو، ڇو ته حيض واري عورت يا جنبي ماڻهو لاءِ مسجد حلال نٿو ڪري سگهان. ان کي ابو داؤد روايت ڪيو.

---

[1]_ گهڻن علم وارن اصحابن ڪرام، تابعين ۽ ان کان پوين جهڙوڪ سفيان ثوري، ابن مبارڪ، امام شافعي، احمد ۽ اسحاق جو قول آهي ته حيض واري عورت ۽ تڙ وارو مڙس قرآن شريف نہ پڙهندا، سبحان اللهؕ، والحمدلله، ولااله الاالله ۽ ٻين ذڪرن جي رخصت ڏين ٿا (ترمذي)

فائده:_ سند ضعيف آهي، افلت بن خليفه راوي مجهول الحال آهي.(مشكوٰة_البانيص143ج1)

(463) وعن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تدخل الملائكة بيتا فيه صورة ولا كلب ولا جنب " . رواه أبو داود والنسائي

حضرت علي ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته فرشتا انهيءَ گهر ۾ داخل نٿا ٿين([1]) جنهن ۾ تصوير ([2]) يا ڪتو([3]) يا جنبي هجي. ابوداؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند م اضطراب ۽ جهالت آهي ان ڪري حديث ضعيف آهي. (مشكوٰة_الباني ص144ج1)

(464) وعن عمار بن ياسر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ثلاث لا تقربهم الملائكة جيفة الكافر والمتضمخ بالخلوق والجنب إلا أن يتوضأ " . رواه أبو داود

۽ حضرت عمار بن ياسر کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته ”ٽن ماڻهن جي نزديڪ فرشتا نٿا اچن: 1_ڪافر جو لاش، 2_ جنهن کي خلوق([4]) مکيل هجي. 3_جنبي، مگر هي ته وضو ڪري. هن کي ابو داد روايت ڪيو آهي.

(465) وعن عبد الله بن أبي بكر بن محمد بن عمرو بن حزم : أن في الكتاب الذي كتبه رسول الله صلى الله عليه وسلم لعمرو بن حزم : " أن لا يمس القرآن إلا طاهر " . رواه مالك والدارقطني

حضرت عبدالله بن ابي بکر بن محمد بن عمرو بن حزم﷛ کان روايت آهي ته انهيءَ خط ۾ جيڪو حضرت رسول اللهﷺ عمرو بن حزم لاءِ لکيو هو. هيءُ هو ته هٿ نه لڳائي قرآن کي مگر پاڪ صاف_ هن کي مالڪ ۽ دارقطني روايت ڪيو آهي.

(466) وعن نافع قال : انطلقت مع ابن عمر في حاجة إلى ابن عباس فقضى ابن عمر حاجته وكان من حديثه يومئذ أن قال مر رجل في سكة من السكك فلقي رسول الله صلى الله عليه وسلم وقد خرج من غائط أو بول فسلم عليه فلم يرد عليه حتى كاد الرجل أن يتوارى في السكة ضرب رسول الله صلى الله عليه وسلم بيديه على الحائط ومسح بهما وجهه ثم ضرب ضربة أخرى فمسح ذراعيه ثم رد على الرجل السلام وقال : " إنه لم يمنعني أن أرد عليك السلام إلا أني لم أكن على طهر " . رواه أبو داود

حضرت نافع ﷛ کان روايت آهي ته آئون ابن عمر ﷛ سان ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ گڏ هليس. پوءِ ابن عمر ﷛ پنهنجي حاجت پوري ڪئي ۽ ان ڏينهن حضرت ابن عمر﷛ جيڪي ڳالهيون بيان فرمايون. انهن مان هيءَ به آهي ته فرمايائين: هڪ شخص ڪنهن گهٽيءَ مان گذري رهيو هو،انجي رسول اللهﷺ جن سان ملاقات ٿي. ان مهل پاڻ سڳوراﷺ پائخاني يا

---

[1] _هتي فرشتن مان رحمت وارا فرشتا مراد آهن.

[2] _ تصوير مان مراد جاندار شيءِ جي تصوير آهي،پر مٿو ڪٽيل هجيس يا پير رکڻ جي جڳهه تي هجي تہ ڪو حرج نہ آهي.

[3] _ ڪتي مان مراد شوق لاءِ پاليل ڪتو آهي ٻني ٻاري يا گهر جي حفاظت وارو ڪتو مراد نہ آهي.

[4] _ خلوق هڪ خاص قسم جي خوشبوءِ آهي جا مردن لاءِ حرام ۽ عورت لاءِ حلال آهن.

پيشاب ڪان فارغ ٿي نڪتا هئا. پوءِ ان شخص رسول اللهﷺتي سلام ڪيو، پاڻ سڳورنﷺجواب نه ڏنو ۽ ويجهو هو ته اهو ڪنهن گهٽيءَ ۾ غائب ٿي وڃي. رسول اللهﷺ پنهنجا ٻئي هٿ ديوار تي هڻي منهن مبارڪ تي مسح ڪيو، ٻيو دفعو به هٿ پٽ تي هنيائون ۽ ٻنهي ٻانهن تي مک ڪيائون (يعني تيمم ڪيائون) پوءِ سلام جو جواب ورايائون، پوءِ ان کي فرمايائون ته مون کي منع نه ڪيو هو توکي سلام جو جواب ڏيان؛ هن ڪري جو آئون با وضو نه هئس([1]) هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ محمد بن ثابت ضعيف آهي. (مشكوٰة_الباني145ج1)

(467) وعن المهاجر بن قنفذ : أنه أتى النبي صلى الله عليه وسلم وهو يبول فسلم عليه فلم يرد عليه حتى توضأ ثم اعتذر إليه فقال : " إني كرهت أن أذكر الله عز وجل إلا على طهر أو قال على طهارة " . رواه أبو داود وروى النسائي إلى قوله : حتى توضأ وقال : فلما توضأ رد عليه

۽ مهاجر بنقفذ ؓ کان روايت آهي ته پاڻ رسول الله ﷺجن وٽ آيو ۽ پاڻ سڳوراﷺ پيشاب ڪري رهيا هئا. هن رسول اللهﷺکي سلام ڪيو.پاڻ جواب نه ڏنائون، تانجو وضو ڪيائون. پوءِ ان کان معذرت ڪيائون ۽ فرمايائون ته مون کي هيءَ ڳالهه مڪروه لڳي ته ﷲ پاڪ جو ذڪر بغير طهارت جي ڪريان هن کي ابو داؤد روايت ڪيو ۽ نسائي ”حَتي تَوَضَّآ“_ تائين روايت ڪيو آهي ۽ _(وڌيڪ) چيائين ”پوءِ جڏهن وضو ڪيائون، تڏهن جواب ڏنائون.“

فصل ٽيون

(468) عن أم سلمة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يجنب ثم ينام ثم ينتبه ثم ينام . رواه أحمد

حضرت ام سلمہ ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن جنبي ٿيندا هئا، پوءِ سمهي رهندا هئا، پوءِ جاڳندا هئا، پوءِ سمهندا هئا.

فائده :_ سند ضعيف آهي ليڪن مسند احمد ۾ ام سلمہ ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن رات جو مجامعت فرمائيندا ۽ جنبي رهندا ۽ پوءِ غسل ڪري روزو رکندا هئا. هن جي سند حسن آهي (مشكوٰة_ الباني145 ج1)

(469) وعن شعبة قال : إن ابن عباس رضي الله عنه كان إذا اغتسل من الجنابة يفرغ بيده اليمنى على يده اليسرى سبع مرار ثم يغسل فرجه فنسي مرة كم أفرغ فسألني كم أفرغت فقلت لا أدري فقال لا أم لك وما يمنعك أن تدري ثم يتوضأ وضوءه للصلاة ثم يفيض على جلده الماء ثم يقول هكذا كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يتطهر . رواه أبو داود

[1]_ پاڪائي سان سلام ورائڻ مستحب آهي انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ پاڪائي ڪري، پوءِ اسلام ڏنو. اها عزيمت ۽ وڌيڪ فضيلت آهي ۽ بنان پاڪائي جي سلام ورائڻ بہ جائز آهي جو عام آسانيءَ لاءِ ان جي رخصت آهي جيئن مٿي هڪ حديث مان معلوم ٿيو تہ رسول الله ﷺ پائخاني ڪان اچي اصحابن کي قراءت پڙهائيندا هئا ۽ طعام ڪائيندا هئا (مرقات)

۽ شعبه کان روايت آهي ته حضرت ابن عباسؓ جڏهن جنابت جو غسل ڪندو هو ته پنهنجي سڄي هٿ سان ڪٻي هٿ تي ست دفعا پاڻي هاريندو هو. ان کان پوءِ (ست دفعا) پنهنجي اوگهڙ تي پاڻي وهائيندو هو.هڪ دفعو پلجي پيو ته ڪيترا دفعا پاڻي وهايو اٿن. پوءِ مون کان پڇا ڪيائين، چيم مون کي ياد نه آهي. چيائين ته تنهنجي ماءُ مري،([1]) توکي ڇو خبر نه آهي؟ پوءِ وضو ڪندا هئا. نماز جي وضوءَ وانگر . پوءِ پنهنجي بدن تي پاڻي وهائيندو هو، پوءِ چوندو هو ته اهڙي طرح رسول اللهﷺ طهارت ڪندا هئا. هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ شعبه بن دينار جمهور محدثين وٽ ضعيف آهي ان ڪري حديث ضعيف آهي. (الباني ص146ج1)

(470) وعن أبي رافع : أن النبي صلى الله عليه وسلم طاف ذات يوم على نسائه يغتسل عند هذه وعند هذه قال فقلت له يا رسول الله ألا تجعله غسلا واحدا آخرا قال : " هذا أزكى وأطيب وأطهر " . رواه أحمد وأبو داود

حضرت ابو رافع کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ هڪ ڏينهن پنهنجن زالن وٽ ويا. هڪ وٽ غسل ڪيائون، پوءِ ٻيءَ وٽ غسل ڪيائون. مون عرض ڪيو اي اللهﷻ جا رسولﷺ اوهان آخر ۾ (گڏ) هڪ غسل ڇو نه ڪيو؟ فرمايائون ”هي خوب پاڪيزه، زياده عمده ۽ زياده طهارت وارو آهي. هن کي احمد ۽ ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(471) وعن الحكم بن عمرو قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يتوضأ الرجل بفضل طهور المرأة . رواه أبو داود وابن ماجه والترمذي : وزاد : أو قال : بسؤرها . وقال : هذا حديث حسن صحيح

حڪم بن عمرو کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن هن ڳالهه کان منع ڪئي ته ڪو عورتن جي غسل کان بچيل پاڻيءَ سان وضو ڪري. هن کي ابو داؤد، ابن ماجه ۽ ترمذي بيان ڪيو. (پڻ) ترمذيءَ اهو واڌارو ڪيو ته: يا پاڻ فرمايائون ”ان جي باقي بچيل پاڻيءَ سان وضوءَ کان (منع ڪيائون)“ ۽ چيائين ته هي حديث حسن صحيح آهي.

(472) وعن حميد الحميري قال لقيت رجلا صحب النبي صلى الله عليه وسلم أربع سنين كما صحبه أبو هريرة قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن تغتسل والمرأة بفضل الرجل أو يغتسل الرجل بفضل المرأة . زاد مسدد : وليغترفا جميعا رواه أبو داود والنسائي وزاد أحمد في أوله : نهى أن يمتشط أحدنا كل يوم أو يبول في مغتسل.

حضرت حميد حميري کان روايت آهي ته مون رسول اللهﷺ جن جي هڪ اصحابيءَ سان جنهن کي حضرت ابو هريره ؓوانگر چار سال پاڻ سڳورن جي رفاقت نصيب ٿي هئي_ ملاقات ڪئي، ان ٻڌايو ته رسول اللهﷺ جن منع ڪئي ان ڳالهه کان ته عورت غسل ڪري مرد جي بچيل پاڻي سان، يا مرد غسل ڪري عورت جي بچيل پاڻي سان_ مسدد هيءُ واڌارو ڪيو آهي ته فرمايائون ”ٻئي گڏ پاڻي جا ٻڪ ڀرين“_ اها روايت ابو داؤد ۽ نسائي بيان ڪئي آهي. ۽ احمد هن حديث جي اول ۾ اهو واڌارو ڪيو آهي ته پاڻ منع ڪيو اٿن ته اسان مان ڪير به هر روز ڦڻي ڪري يا پيشاب ([2]) ڪري غسل جي جڳهه تي.

(473) ورواه ابن ماجه عن عبد الله بن سرجس

[1] _هتي مراد آهي ته شاگرد کي استاد اڳيان هر وقت هوشيار رهڻ گهرجي ۽ تنبيه طور اهي لفظ استعمال ڪيل آهن.

[2] _ غسل واري جڳهه تي پيشاب ڪرڻ هن ڪري منع آهي جو ان سان وسوسا پيدا ٿين ٿا.

۾ روايت ڪئي اهائي حديث ابن ماجه عبدالله بن سرجس کان.

باب

پاڻي جا احڪام

فصل پهريون

(474) عن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يبولن أحدكم في الماء الدائم الذي لا يجري ثم يغتسل فيه " .

وفي رواية لمسلم قال : " لا يغتسل أحدكم في الماء الدائم وهو جنب " . قالوا : كيف يفعل يا أبا هريرة ؟ قال : يتناوله تناولا.

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته نه پيشاب ڪري توهان مان ڪوبه بيٺل پاڻيءَ ۾([1]) جيڪو نه وهندو هجي، ۽ پوءِ جو غسل ڪري انهيءَ ۾. (متفق عليہ) مسلم جي هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته فرمايائون ”اوهان مان ڪو نه وهنجي بيٺل پاڻيءَ ۾ اهڙي حالت ۾ جو هو جنبي هجي. ماڻهن چيو ته پوءِ ڪيئن ڪري اي ابو هريرهﷺ؟ چيائين ته اتان ڪڍي (ٻاهر) اچي غسل ڪري.

(475) وعن جابر قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يبال في الماء الراكد . رواه مسلم

حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي ته منع ڪئي رسول اللهﷺ جن بيٺل پاڻيءَ ۾ پيشاب ڪرڻ کان. هن ڪي مسلم روايت ڪيو آهي.

(476) وعن السائب بن يزيد قال : ذهبت بي خالتي إلى النبي صلى الله عليه وسلم فقالت يا رسول الله إن ابن أختي وجع فمسح رأسي ودعا لي بالبركة ثم توضأ فشربت من وضوئه ثم قمت خلف ظهره فنظرت إلى خاتم النبوة بين كتفيه مثل زر الحجلة.

حضرت سائب بن يزيد ﷺ کان روايت آهي ته مون کي منهنجي ماسي رسول اللهﷺجن وٽ وٺي آئي. عرض ڪيائين ته اي رسول اللهﷺ تحقيق منهنجو ڀاڻيجو بيمار آهي. پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ منهنجي مٿي تي هٿ ڦيرايو ۽ منهنجي لاءِ برڪت جي دعا ڪيائون. پوءِ وضو ڪيائون. پوءِ مون رسول اللهﷺ جي وضوءَ وارو پاڻي پيتو. پوءِ آئون نبي ڪريم ﷺ جي پٺ کان بيٺس پوءِ ڏٺي مون مهر نبوت درميان ٻنهين ڪلهن جي، جيڪا اپريل بونبي وانگر هئي. (متفق عليہ)

فصل ٻيو

(477) عن ابن عمر قال سئل رسول الله صلى الله عليه وسلم عن الماء يكون في الفلاة من الأرض وما ينوبه من الدواب والسباع فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا كان الماء قلتين لم يحمل الخبث " . رواه أحمد وأبو داود والترمذي والنسائي والدارمي وابن ماجه وفي أخرى لأبي داود : " فإنه لا ينجس ".

---

[1]_ هتي مراد ٿورو پاڻي آهي جيڪڏهن گهڻو پاڻي هجي ته ڪثير جي حڪم ۾ آهي.

حضرت ابن عمرﷺکان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن کان ڪليل ميدان ۾ بيٺل پاڻيءَ جتي چوپايا ۽ ڦاڙيندڙ جانور پيئڻ لاءِ اچن، ان بابت پڇيو ويو. فرمايائون ”جيڪڏهن اهو پاڻي ڦلتين([1]) (يعني ٻن پخالن جيترو آهي) ته اهو ناپاڪ نه ٿيندو. هن کي احمد، ابوداؤد، ترمذيءَ، نسائيءَ دارميءَ ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي ۽ ٻي روايت ابوداؤد جي آهي، جنهن ۾ آهي ته اهو پليت نه ٿيندو.“

(478) وعن أبي سعيد الخدري قال : قيل يا رسول الله أنتوضأ من بئر بضاعة وهي بئر يلقى فيها الحيض ولحوم الكلاب والنتن فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الماء طهور لا ينجسه شيء " . رواه أحمد والترمذي وأبو داود والنسائي

حضرت ابو سعيد ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن کي عرض ڪيو ويو ته ڇا اسين بضاعہ کوهہ مان وضو ڪريون؟ ان ۾ حيض جي رت وارا ڪپڙا ۽ ڪتن جو گوشت ۽ بدبوءِ واريون شيون اڇلايون وينديون آهن. رسول اللهﷺ فرمايو ته ”پاڻي پاڪ آهي، ڪا شيءِ ان کي پليت نٿي ڪري“([2]) هن کي احمد، ترمذيءَ، ابوداؤد ۽ نسائيءَ بيان ڪيو.

(479) وعن أبي هريرة قال : سأل رجل رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال يا رسول الله إنا نركب البحر ونحمل معنا القليل من الماء فإن توضأنا به عطشنا أفنتوضأ من ماء البحر فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " هو الطهور ماؤه الحل ميتته " . رواه مالك والترمذي والنسائي وابن ماجه والدارمي

حضرت ابو هريره ﷺکان روايت آهي ته هڪ شخص رسول اللهﷺ جن کان سوال ڪيو ته اسين سمنڊ ۾ سواري ڪريون ٿا ۽ پاڻ سان ٿورو پاڻي کڻون ٿا. جيڪڏهن ان سان وضو ڪريون ته اڃايل رهون ٿا. ڇا پوءِ سمنڊ جي پاڻيءَ سان وضو ڪريون؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ”ان جو پاڻي پاڪ آهي، ([3]) ان جي مردار شيءِ حلال آهي.“ هن کي مالڪ، ترمذي، ابو داؤد، ابن ماجه ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.

(480) وعن أبي زيد عن عبد الله بن مسعود أن النبي صلى الله عليه وسلم قال له ليلة الجن : " ما في إداوتك " قال : قلت : نبيذ . فقال : " تمرة طيبة وماء طهور " . رواه أبو داود وزاد أحمد والترمذي : فتوضأ منه .
وقال الترمذي : أبو زيد مجهول وصح.

---

[1] _ قلة وڏي مٽ کي چوندا آهن جنهن ۾ اڍائي مشڪون پون. جيڪڏهن ايترو پاڻي هوندو تہ اهو پليت نہ ٿيندو پر جيڪڏهن پليتي سببان بانس ٿي پئي تہ اهو پاڻي پليت آهي. جيئن ٻين حديثن ۾ آيل آهي.

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ کوهہ جو پاڻي پليتي پوڻ سان جيڪڏهن رنگ ۽ بوءِ نہ مٽائي تہ پليت نہ ٿيندو ۽ امام شافعي ۽ امام احمد چون ٿا تہ پاڻي جيڪڏهن پنج مشڪون هجي تہ ڪثير آهي، پليت نہ ٿيندو ۽ امام مالڪ چوي ٿو تہ جيڪڏهن پليتيءَ سان پاڻيءَ جو رنگ ۽ مزو نہ مٽيو تہ ڪثير آهي، پليت نہ ٿيندو ۽ ڪن متاخرين ”ده در ده“يعني ڏهہ نريون ويڪر واري بيٺل پاڻي کي گهڻو چيو آهي. اها حديث نهايت اوليٰ آهي.

[3] _ هن مان امام شافعي دليل ورتي ٿو تہ دريا جا سڀ جانور حلال آهن. مگر حنفي چون ٿا تہ ان مان مراد فقط مڇي آهي مطلب تہ مڇي بالاتفاق حلال آهي. ٻين دريائي جانورن ۾ اختلاف آهي ان جو تفصيل وڏن ڪتابن ۾ ڏسڻ گهرجي.

حضرت ابو زيد ﷛ ابن مسعود ﷛ کان روايت ڪري ٿو ته نبي ڪريمﷺ ان ڪي جنن واري رات([1]) چيو ته تنهنجي ڪونري ۾ ڇا آهي؟فرمائي ٿو ”عرض ڪيم ڪارڪ جو نبوڙيل پاڻي آهي“([2]) رسول الله ﷺ جن فرمايو ”ڪارڪون پاڪ آهن ۽ پاڻي پاڪ ڪندڙ آهي“. هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي. احمد ۽ ترمذي ايترو زياده ڪيو آهي ته پوءِ ان مان وضو ڪيائين. ان کي ابوداؤد بيان ڪيو. احمد ۽ ترمذيءَ اهو واڌارو ڪيو آهي ته ”پوءِ پاڻ ان مان وضو ڪيائون.“

۽ ترمذي چيو آهي ابو زيد مجهول آهي ۽ حديث صحيح اڳيان اچي ٿي.

فائده:_ حافظ ابن حجر فرمائي ٿو ته ان حديث کي ضعيف قرار ڏيڻ ۾ سڀني عالمن جو اجماع آهي. (مرعاة ص 543_ج1)

(481) عن علقمة عن عبد الله بن مسعود قال : لم أكن ليلة الجن مع رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه مسلم

علقمہ، حضرت عبدالله بن مسعود ﷛کان روايت ڪئي آهي ته ”جنن واري رات آئون رسول اللهﷺجن سان گڏ نه هوس.“_ هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(482) وعن كبشة بنت كعب بن مالك وكانت تحت ابن أبي قتادة : أن أبا قتادة دخل فسكبت له وضوءا فجاءت هرة تشرب منه فأصغى لها الإناء حتى شربت قالت كبشة فرآني أنظر إليه فقال أتعجبين يا ابنة أخي فقلت نعم فقال إن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إنها ليست بنجس إنها من الطوافين عليكم والطوافات " . رواه مالك وأحمد والترمذي

وأبو داود والنسائي وابن ماجه والدارمي

ڪبشہ بنت ڪعب بن مالڪ کان روايت آهي، جيڪا حضرت ابوقتاده جي زال هئي ته ان وٽ ابو قتاده آيو، پوءِ ان لاءِ وضو جو پاڻي رکيائين.پوءِ ٻلي آئي، ان ٿانوَ مان اچي پاڻي پيڻ لڳي. پوءِ ابو قتاده ان ٿانوَ کي ٽيڙو ڪيو، تانجو پاڻي پيتائين. ڪبشہ چوي ٿي ته ان مون ڏانهن نهاريو (جو) مون ڪيس (تعجب سان) ڏٺو پئي. چوڻ لڳو ته اي منهنجي ڀاءُ جي ڌيءُ! ڇا تون هن ڳالهه تي عجب ٿي ڪرين؟ چوي ٿي ته مون چيو ”هائو! چوڻ لڳو ته ”تحقيق رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي اها (ٻلي جو اوبر) پليت نه آهي ([3]) اها انهن حيوانن منجهان آهي، جيڪي اوهان وٽ گهمندا ڦرندا اهن. هن کي احمد، ترمذي، ابو داؤد، نسائي، ابن ماجه ۽ دارميءَ روايت ڪيو آهي.

(483) وعن داود بن صالح بن دينار التمار عن أمه أن مولاتها أرسلتها بهريسة إلى عائشة قالت : فوجدتها تصلي فأشارت إلي أن ضعيها فجاءت هرة فأكلت منها فلما انصرفت عائشة من صلاتها أكلت من حيث أكلت الهرة فقالت إن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إنها ليست بنجس إنما هي من الطوافين عليكم " . وقد رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم يتوضأ بفضلها . رواه أبو داود

حضرت داؤد بن صالح بن دينار پنهنجي ماءُ کان روايت ڪري ٿو ته سندس آزاد ڪيل ٻانهيءَ کي (داؤد جي والده) ڪُني ڏيئي، بي بي عائشه ﷝ ڏانهن موڪليو. چوي ٿي ته مون بيبي عائشه﷝ کي ڏٺو، نماز پڙهي رهي آهي. مون کي اشارو

---

[1]_ ”جنن واري رات“ انهيءَ رات کي چوندا آهن جنهن رات پاڻﷺ جن جنن کي اسلامي دعوت ڏيڻ ويا، قرآن پاڪ پڙهي ٻڌايائون ۽ انهن جنن وڃي پنهنجي قوم سان حقيقت بيان ڪئي تنهن جو بيان سورة الجن ۾ آهي.

[2]_ نبيذ سان وضو ڪرڻ گهڻن عالم وٽ درست نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اها حديث ضعيف آهي، عمل جي لائق نہ آهي مگر امام ابوحنيفہ ۽ امام ابو يوسف نبيذ سان وضو ڪرڻ جائز ڪن ٿا.

[3]_ امام ابو حنيفہ وٽ ٻليءَ جي اوبر جائز نہ آهي، هن حديث کان سواءِ ٻيون حديثون ڏسڻ گهرجن.

کيائين ته ان کي رکـ([1]).. پوءِ مون وٽ ٻلي آئي، جنهن ان مان کاڌو، جڏهن بي بي عائشه ﷺ نماز کان واندي ٿي، ته ان ڪُٺيءَ مان، جتان ٻليءَ کاڌو هو اتان کاڌائين. ۽ چيائين ته تحقيق رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي ته اها (ٻلي جي اوبر) پليت نه آهي، اها انهن جانورن مان آهي، جيکي اوهان وٽ گهمندا ڦرندا رهن ٿا. مون رسول اللهﷺ جن کي ڏٺو ته ان جي اوباريل پاڻي سان وضو کندا هئا. هن کي ابو داؤد روايت کيو آهي.

(484) وعن جابر قال : سئل رسول الله صلى الله عليه وسلم أنتوضأ بما أفضلت الحمر ؟ قال : " نعم وبما أفضلت السباع كلها " . رواه في شرح السنة

حضرت جابر ﷺ روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن کان پڇيو ويو ته ڇا گڏهه جي اوباريل پاڻي سان اسين وضو کريون؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ”ها ۽ (پڻ) ڦاڙيندڙ سڀني جانورن جي اوباريل پاڻيءَ سان وضو کريو“ ([2]) شرح السنة ۾ روايت کيو اٿس.

(485) وعن أم هانئ قالت : اغتسل رسول الله صلى الله عليه وسلم هو وميمونة في قصعة فيها أثر العجين . رواه النسائي وابن ماجه

ام هانيءَ کان روايت آهي رسول الله ﷺ ۽ (ام المؤمنين) ميمونہ ﷺ هڪ ٿانوَ جنهن ۾ ڳوهيل اٽي جو اثر هو، ان مان غسل کيو. هن کي نسائي ۽ ابن ماجہ روايت کيو آهي.

فصل ٽيون

(486) عن يحيى بن عبد الرحمن قال : إن عمر بن الخطاب خرج في ركب فيهم عمرو بن العاص حتى وردوا حوضا فقال عمرو : يا صاحب الحوض هل ترد حوضك السباع فقال عمر بن الخطاب يا صاحب الحوض لا تخبرنا فإنا نرد على السباع وترد علينا . رواه مالك

حضرت يحيٰ بن عبدالرحمٰنﷺ کان روايت آهي ته ”حضرت عمر ﷺسوارن سان گشت لاءِ نڪتو، جنهن ۾ عمرو بن عاص به هو، تانجو هڪ حوض تي اچي پهتا. عمرو بن عاص حوض جي مالک کي چيو ته اي حوض وارا! ڇا تنهنجي حوض وٽ حيوان درندا ته نه ايندا آهن؟ حضرت عمربن خطابﷺ چيس ته اي حوض وارا! اسان کي ان بابت خبر نه ٻڌاءِ ڇو ته اسين درندن تي ۽ درنده اسان تي ايندا رهندا آهن. هيءَ حديث امام مالک روايت کئي آهي.

(487) وزاد رزين قال : زاد بعض الرواة في قول عمر : وإني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " لها ما أخذت في بطونها وما بقي فهو لنا طهور وشراب " .

---

[1] _ هت يا مٿي سان جيکڏهن کو نمازي ٻئي کي اشارو کندو ته نماز ۾ خلل کونہ ايندو، ان کي عمل کثير نہ چئبو ۽ نماز ۾ ڳالهائڻ عمل کثير آهي. جنهن سان نماز ڀڄندي ۽ ٻيو هي معلوم ٿيو تہ ٻليءَ جي اوبر پاک آهي ۽ ٻليءَ کي پالڻ مستحب معلوم ٿئي ٿو.

[2] _ اها حديث امام شافعي جو دليل آهي، هو چوي ٿو تہ کتي ۽ سوئر کان سواءِ ٻين سڀي درندن جو اوبر پاک آهي. حنفين وٽ سڀني درندن جو اوبر پليت آهي، جيکي حديثون انهي باري ۾ آيون آهن، انهن جي صحت ۾ کجھ کلام آهي، مگر جيکڏهن صيح چئجن تہ بہ انهن مان وڏا حوض يعني تلاءُ مراد آهن، جيکي جهنگل ۾ هوندا آهن درندن جي پيئڻ سان انهن جو پاڻي پليت نہ ٿيندو.

۽ رزين بيان ڪري ٿو ڪن راوين امير عمر جي قول ۾ هي زياده ڪيو آهي ته ”تحقيق مون رسول اللهﷺ جن ڪان فرمائيندي ٻڌو آهي ته ”انهن درندن لاءِ اهو پاڻي آهي جيڪو انهن پنهنجن پيٽن ۾ پيتو ۽ جيڪي بچي رهيو سو اسان لاءِ پاڪ ڪندڙ ۽ پيئڻ جو پاڻي آهي.

فائده:_ يحيٰ راوي تائين سند صحيح آهي ليڪن حديث مرسل منقطع آهي ڇاڪاڻ ته يحيٰ جي حضرت عمر ؓسان ملاقات ثابت نه آهي. (مرعاة ص 548ج 1)

(488) وعن أبي سعيد الخدري أن النبي صلى الله عليه وسلم سئل عن الحياض التي بين مكة والمدينة تردها السباع والكلاب والحمر وعن الطهر منها فقال : " لها ما حملت في بطونها ولنا ما غبر طهور . رواه ابن ماجه

حضرت ابو سعيد خدري ؓ ڪان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن ڪان مڪي ۽ مديني جي وچ وارن حوضن جي پاڪائي بابت پڇيو ويو، جن مان درندا، ڪتا ۽ گڏهه پيئندا رهندا هئا، رسول الله ﷺ جن فرمايو ته انهن واسطي اهو پاڻي آهي، جيڪو پنهنجي پيٽن ۾ پيتائون([1]) باقي بچيل پاڻي اسان لاءِ پاڪ ڪندڙ آهي. هن کي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.

(489) وعن عمر بن الخطاب رضي الله عنه قال : لا تغتسلوا بالماء المشمس فإنه يورث البرص . رواه الدارقطني

حضرت عمر بن خطاب ؓ ڪان روايت آهي ته سج جي گرم ٿيل پاڻي سان ([2]) وضو نه ڪريو، ڇو ته ان سان ڪوڙهه جي بيماري ٿيندي آهي. هن کي دارقطني روايت ڪيو آهي.

---

[1] _ڇاڪاڻ تہ حوض وڏو هو، ان ۾ 2_قلتين ڪان پاڻي گهڻو هو، تنهن ڪري اهو درندن جي پاڻي پيئڻ سان پليت نہ ٿيندو.

[2] _ امام شافعي وٽ سج جي حرارت سان گرم ٿيل پاڻي مان وضو ڪرڻ مڪروھ آهي. ٻيا ٽي امام مڪروھ نٿا چون. ميرڪ شاھ فرمائي ٿو تہ  عمر جو اهو قول ضعيف آهي ڇو تہ پاڻ ﷺ جن ڪان انهيءَ باري ۾ ڪا بہ روايت ڪانهي.

باب

پليتين کي پاڪ ڪرڻ جو بيان

فصل پهريون

(490) عن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا شرب الكلب في إناء أحدكم فليغسله سبع مرات " .

وفي رواية لمسلم : " طهور إناء أحدكم إذا ولغ فيه الكلب أن يغسله سبع مرات أولاهن بالتراب ".

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته جڏهن توهان مان ڪنهن جي ٿانوَ ۾ ڪتو پيئي، گهر جيس ته ان کي ست دفعا ڌوئي ([1]) (متفق عليہ)

۽ مسلم جي روايت آهي ته جڏهن اوهان مان ڪنهن جي ٿانوَ ۾ ڪتو لکي ته ان جي پاڪائي هيءَ آهي جو ان کي ست دفعا ڌوئجي. پهريون دفعو ان کي مٽي سان ملجي.

(491) وعنه قال : قام أعرابي فبال في المسجد فتناوله الناس فقال لهم النبي صلى الله عليه وسلم : " دعوه وهريقوا على بوله سجلا من ماء أو ذنوبا من ماء فإنما بعثتم ميسرين ولم تبعثوا معسرين " . رواه البخاري

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي ته هڪ ٻهراڙيءَ وارو اٿيو ۽ مسجد ۾ پيشاب ڪيائين، ماڻهو پڪڙڻ لاءِ اٿيا. نبي ڪريم ﷺ انهن کي چيو ته ڇڏيوس([2]) ۽ ان جي پيشاب تي هڪ وڏو يا ويڪرو ڏول پاڻي جو هاريو فرمايائون ته اوهان کي آساني لاءِ موڪليو ويو آهي ۽ نه سختي ڪندڙ. اها حديث بخاري روايت ڪئي آهي.

(492) وعن أنس قال : بينما نحن في المسجد مع رسول الله صلى الله عليه وسلم إذ جاء أعرابي فقام يبول في المسجد فقال أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم مه مه قال فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تزرموه دعوه " فتركوه حتى بال ثم إن رسول الله صلى الله عليه وسلم دعاه فقال له : " إن هذه المساجد لا تصلح لشيء من هذا البول ولا القذر إنما هي لذكر الله عز وجل والصلاة وقراءة القرآن " أو كما قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال فأمر رجلا من القوم فجاء بدلو من ماء فسنه عليه .

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي ته اسين مسجد ۾ رسول الله ﷺ جن سان گڏ ويٺا هئاسون. ايتري ۾ ٻهراڙيءَ جو هڪ شخص آيو ۽ بيهي مسجد ۾ پيشاب ڪرڻ لڳو. رسول الله ﷺ جي اصحابن ان کي چيو ته پيشاب نه ڪر، رسول الله ﷺ چيو ته اب جو پيشاب اڌ ۾ نه روڪيو. ان کري ڇڏيائونس، تانجو پيشاب ڪري ورتائين. پوءِ رسول الله ﷺ ان کي سڏي چيو ته ”هي مسجدون پيشاب ۽ گندگي لاءِ نه بلڪ الله جي ذڪر، نماز، قرآن پڙهڻ لاءِ آهن. يا جهڙيءَ طرح رسول الله ﷺ جن فرمايو ۽ انس فرمائي ٿو ته پاڻ ماڻهن مان ڪنهن کي حڪم ڪيائون، ان پاڻيءَ جو ڏول آندو ۽ ان تي هاريائين.(بخاري مسلم)

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته جنهن ٿانوَ کي ڪتو لکي، چٽي، ان کي 7_دفعا ڌوئڻ گهرجي. پهريون يا پوئين دفعي ان کي مٽي سان به ضرور ملجي. هي اڪثر محدثن جو ۽ ٽن امامن جومذهب آهي.

[2] _ پاڻ ﷺ جن امت تي مهربان هئا تنهن ڪري صحابہ ڪرام ﷺ کي منع فرمايائون ته اعرابي کي پيشاب ڪرڻ کان نہ روڪيو. هن ۾ امت لاءِ هڪ قسم جي تعليم آهي ته ڪنهن ماڻهو تي سختي نه ڪن. هن حديث مان هي به معلوم ٿئي ٿو ته پاڻي گهڻي وجهڻ سان زمين پاڪ ٿئي ٿي.

(493) وعن أسماء بنت أبي بكر الصديق أنها قالت : سألت امرأة رسول الله صلى الله عليه وسلم فقالت يا رسول الله أرأيت إحدانا إذا أصاب ثوبها الدم من الحيضة كيف تصنع فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أصاب ثوب إحداكن الدم من الحيضة فلتقرصه ثم لتنضحه بماء ثم لتصلي فيه " .

اسماءَ بنت ابو بکر ؓ کان روايت آهي ته هڪ عورت رسول اللهﷺ جن کان مسئلو معلوم ڪيو، عرض ڪيائين ته يا رسول اللهﷺ ٻڌايو ته جڏهن اسان مان ڪا پنهنجي ڪپڙن تي حيض جو رت ڏسي ته ڇا ڪري؟ رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪا پنهنجي ڪپڙي تي حيض جورت لڳل ڏسي ته ان کي گهرجي ته اهو مهٽي. پوءِ ان کي پاڻي سان ڌوئي. پوءِ ان ڪپڙي سان نماز پڙهي (متفق عليہ)

(494) وعن سليمان بن يسار قال : سألت عائشة عن المني يصيب الثوب فقالت كنت أغسله من ثوب رسول الله صلى الله عليه وسلم فيخرج إلى الصلاة وأثر الغسل في ثوبه بقع الماء .

حضرت سليمان([1]) بن يسار ؓکان روايت آهي ته عائشه ؓ کان منيءَ بابت سوال ڪيم جيڪا ڪپڙي تي هجي، چيائين ته آئون رسول اللهﷺ جن جي ڪپڙي تان ان کي ڌوئيندي هيس، پوءِ نماز لاءِ نڪرندا هئا ۽ ڌوئڻ جو نشان سندس ڪپڙي ۾ ظاهر هوندو هو. (متفق عليہ)

(495) وعن الأسود وهمام عن عائشة قالت : كنت أفرك المني من ثوب رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه مسلم

اسود ۽ همام حضرت عائشه ؓ کان روايت ڪن ٿا، فرمائي ٿي ته آئون رسول اللهﷺ جن جي ڪپڙن مان مني مهٽي لاهيندي هيس هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(496) وبرواية علقمة والأسود عن عائشة نحوه وفيه : ثم يصلي فيه

علقمہ ۽ اسود جي روايت ۾ عائشه ؓ کان ان طرح بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ (وڌيڪ) آهي ته پوءِ پاڻ ان ۾ نماز پڙهندا هئا.

(497) وعن أم قيس بنت محصن : أنها أتت بابن لها صغير لم يأكل الطعام إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فأجلسه رسول الله صلى الله عليه وسلم في حجره فبال على ثوبه فدعا بماء فنضحه ولم يغسله.

ام قيس ڌيءَ محصن کان روايت آهي ته ان پنهنجو ننڍو ٻار، جيڪو اڃا ڪاڌو نه ڪائيندو هو، رسول اللهﷺ جن وٽ آندو. رسول اللهﷺ جن ان کي هنج ۾ ويهاريو. ان سندن ڪپڙن تي پيشاب ڪيو. رسول الله ﷺ جن پاڻي گهرايو پوءِ ان تي ڇٽيائين ۽ ان کي نه ڌوتائون (بخاري ۽ مسلم) (ڏسو حاشيو_2 ص204)

[1] سليمان ۽ اسود وارين حديثن مان معلوم ٿئي ٿو ته مني سڪل هجي ته ڪرٽجي. جيڪڏهن آلي هجي ته ڌوئجي. باقي اختلاف آهي ته مني پاڪ آهي يا پليت آهي. امام شوڪاني گهڻي بحث کان پوءِ لکيو آهي ته صحيح هي آهي ته مني پليت آهي، انهيءَ ڪري پاڻ جن ٻنهي طرح جو حڪم ڏنو آهي.

(498) وعن عبد الله بن عباس قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إذا دبغ الإهاب فقد طهر " . رواه مسلم

حضرت عبدالله بن عباسﷺکان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن کي فرمائيندي ٻڌو اٿم ته جڏهن کل رڱي وڃي، ته اها پاڪ آهي.هن کي مسلم روايت کيو آهي.

(499) وعن ابن عباس قال : تصدق على مولاة لميمونة بشاة فماتت فمر بها رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " هلا أخذتم إهابها فدبغتموه فانتفعتم به " فقالوا : إنها ميتة فقال : " إنما حرم أكلها ".

ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته (ام المؤمنين) ميمونه ﷺ جي آزاد ڪيل ٻانهيءَ کي هڪ ٻڪري صدقي ۾ ڏني وئي. جيڪا پوءِ مري وئي. پوءِ اتان رسول اللهﷺ جن اچي لنگهيا، فرمايائون ” ڇو نه انجي کل ڪڍي انکي رڱي پوءِ ان مان فائدو ورتو ها.“ عرض ڪيائون ته اها ٻڪري مردار آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته انهيءَ جوصرف کائڻ حرام کيو ويو آهي. ([1])

(500) وعن سودة زوج النبي صلى الله عليه وسلم قالت : ماتت لنا شاة فدبغنا مسكها ثم ما زلنا ننبذ فيه حتى صار شنا . رواه البخاري

ام المؤمنين حضرت سوده ﷺ کان روايت آهي ته اسانجي ٻڪري مري وئي، ان جي کل اسان رڱائي سون، پوءِ ان ۾ نبيذ ٺاهيندا رهندا هئاسون. تانجو پراڻي سانداري ٿي وئي_ هن کي بخاري روايت کيو.

فصل ٻيو

(501) عن لبابة بنت الحارث قالت : كان الحسين بن علي رضي الله عنهما في حجر رسول الله صلى الله عليه وسلم فبال عليه فقلت البس ثوبا وأعطني إزارك حتى أغسله قال : " إنما يغسل من بول الأنثى وينضح من بول الذكر " . رواه أحمد وأبو داود وابن ماجه

حضرت لبابه بنت حارث ﷺ کان روايت آهي ته حضرت حسين بن عليﷺرسول اللهﷺ جن جي ڪڇ ۾ هو، پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪپڙن تي پيشاب ڪيائين. مون عرض ڪيو ته (ٻيا) ڪپڙا پايو ۽ پنهنجي سٿڻ مون کي ڏيو ته آئون ان کي ڌوئان! فرمايائون ته ([2]) ڇوڪريءَ جي پيشاب کان ڪپڙو ڌوئبو آهي ۽ ڇوڪر جي پيشاب کان فقط پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا ويندا. هن کي احمد، ابوداؤد ۽ ابن ماجه روايت کيو آهي.

(502) وفي رواية لأبي داود والنسائي عن أبي السمح قال : يغسل من بول الجارية ويرش من بول الغلام

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿيو ته مردار جا اهي جزا جيڪي کائڻ ۾ اچن، سي حرام آهن. باقي رڱيل کل، ڏند، وار، سڱ وغيره ته انهن مان فائدو وٺڻ ۽ واپار ڪرڻ جائز آهي.

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿيو ته ڇوڪريءَ جي پيشاب جي حالت ۾ ڪپڙو ڌوئبو.

۽ ابو داؤد ۽ نسائيءَ جي روايت ابو سمح کان آهي ته ﷺفرمايائون نينگريءَ جي پيشاب کان ڪپڙو ڌوئبو ۽ نينگر جي پيشاب کان فقط پاڻي جا ڇنڊا هڻيا ويندا.

(503) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا وطئ أحدكم بنعله الأذى فإن التراب له طهور " . رواه أبو داود . ولابن ماجه معناه

حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪو جتيءَ سميت گندگيءَ تان گهميو ته پوءِ بيشڪ مٽي ان (جتي کي) پاڪ ڪندڙ آهي.([1]) هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي ۽ ابن ماجه ان جي معنيٰ کي بيان ڪيو آهي.

(504) وعن أم سلمة قالت لها امرأة : إني امرأة أطيل ذيلي وأمشي في المكان القذر قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يطهره ما بعده " . رواه مالك وأحمد والترمذي وأبو داود والدارمي وقالا : المرأة أم ولد لإبراهيم ابن عبد الرحمن بن عوف.

ام سلمه ﷺ کان روايت آهي ته ان کي هڪ عورت چيو ته آئون پنهنجي چادر جي ڪناري کي گهليندي گندگيءَ واري جاءَ تان لنگهان ٿي؟ ام سلمه ﷺ چيس ته رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي ته ان کي بعد واري جاءِ پاڪ ڪندي. ان کي امام مالڪ ۽ دارمي روايت ڪيو آهي. ابوداؤد ۽ دارمي چون ٿا ته اها عورت ابراهيم بن عبدالرحمٰن عوف جي ام ولد آهي.

(505) وعن المقدام بن معدي كرب قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم عن لبس جلود السباع والركوب عليها . رواه أبو داود والنسائي

مقدام بن معدي ڪرب ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ اسان کي([2]) درندن جي کلن ڍڪڻ ۽ انهن تي سواري ڪرڻ کان منع ڪئي آهي. هن کي ابوداؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.

(506) وعن أبي المليح بن أسامة عن أبيه عن النبي صلى الله عليه وسلم : نهى عن جلود السباع . رواه أحمد وأبو داود والنسائي وزاد الترمذي والدارمي : أن تفترش.

ابو مليح بن اسامه ﷺ پنهنجي پيءُ کان ۽ پڻس نبي ڪريم ﷺ کان روايت ڪري ٿو ته اسان کي رسول الله ﷺ جن درندن جي کلن ڍڪڻ کان منع ڪئي آهي. هن کي احمد، ابوداؤد ۽ نسائيءَ روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي ۽ دارمي هي زياده ڪيو آهي ته (درندن جي چمڙن کي) وڇائڻ کان به منع ڪئي وئي آهي.

(507) وعن أبي المليح : أنه ذكره ثمن جلود السباع . رواه الترمذي في اللباس من جامعه وسنده جيد

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿيو ته پليت جتي سان پاڪ زمين تي گهمڻ يا ان کي مهٽڻ ۽ گسائڻ سان اها پاڪ ٿئي ٿي، ان کي ڌوئڻ ضروري نه آهي. هيءُ مذهب امام ابو حنيفه، ظاهريه، ابو ثور ۽ اسحاق بن راهويه جو آهي امام شافعي کان به هڪ روايت ۾ انهيءَ طرح آيل آهي.
[2]_ چاڪاڻ ته اها عادت هنيلن ماڻهن جي آهي.

ابو مليح ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن درندن جي کلن جي قيمت کي ناپسند فرمايو آهي. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

(508) وعن عبد الله بن عكيم قال : أتانا كتاب رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أن لا تنتفعوا من الميتة بإهاب ولا عصب " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه

حضرت عبدالله پٽ عڪيم ﷺ کان روايت آهي ته اسان وٽ رسول اللهﷺ جن جو خط آيو ته مُئي جو چم جيڪو رڱيو وڃي ۽ پٺن مان نفعو نه وٺو. اها حديث ترمذي، ابو داؤد، نسائي ۽ ابن ماجه روايت ڪئي آهي.

(509) وعن عائشة رضي الله عنها أن رسول الله صلى الله عليه وسلم : أمر أن يستمتع بجلود الميتة إذا دبغت . رواه مالك وأبو داود

بي بي عائشه ﷞ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن حڪم ڪيو آهي ته مردار جي کلن مان انهن کي رڱڻ کان بعد فائدو وٺو. هن کي مالڪ ۽ ابوداؤد روايت ڪيو آهي.

(510) وعن ميمونة مر على النبي الله صلى الله عليه وسلم رجال من قريش يجرون شاة لهم مثل الحمار فقال لهم رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لو أخذتم إهابها " قالوا إنها ميتة فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يطهرها الماء والقرظ " . رواه أحمد وأبو داود

حضرت ميمونه ﷞ کان روايت آهي ته ڪيترا قريش جا ماڻهو رسول اللهﷺ جن وٽان اچي لنگهيا جيڪي پنهنجي مئل ٻڪري گڏهه وانگر گهليو پئي ويا. رسول اللهﷺ جن انهن کي چيوته جيڪر انهيءَ جي کل رڱي استعمال ڪيو ها (ته چڱو هو) چيائون ته اها مئل آهي. رسوالله جن فرمايو ته انهيءَ کي پاڻي([1]) ۽ ٻير جو چوڏو پاڪ ڪندو. ان کي احمد ۽ ابوداؤد بيان ڪيو آهي.

(511) وعن سلمة ابن المحبق : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم في غزوة تبوك أتى على بيت فإذا قربة معلقة فسأل الماء فقالوا يا رسول الله إنها ميتة : " فقال دباغها طهورها " . رواه أحمد وأبو داود

سلمہ بن مُحبق ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن جنگ تبوڪ ۾ هڪ گهر وارن وٽ آيا، چا ڏٺائون جو وٽن هڪ مشڪيزه (سانداري) لڙڪيل هئي. پاڻ انهن کان پاڻي گهريائون عرض ڪيائون ته يا رسول اللهﷺ اها مئل جي کل جي ٺهيل آهي. فرمايائون ته رڱڻ سان اها پاڪ ٿي ويندي. هن کي احمد ۽ ابوداؤد روايت ڪيو آهي.

فصل ٽيون

(512) وعن امرأة من بني عبد الأشهل قالت : قلت : يا رسول الله إن لنا طريقا إلى المسجد منتنة فكيف نفعل إذا مطرنا قال : " أليس بعدها طريق هي أطيب منها قالت قلت بلى قال فهذه بهذه " . رواه أبو داود

---

[1] _ پاڪائي ڪامل انهيءَ طرح سان ٿيندي، جيئن حديث ۾ آيل آهي.

بني([1]) عبدالاشهل جي قبيلي مان هڪ عورت کان روايت آهي ته مون رسول اللهﷺ جن کي چيو ته اسان جو مسجد ڏانهن ويندڙ رستو بدبودار آهي. پوءِ جڏهن مينهن وسن ته ڪيئن ڪريون؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ان کان سواءِ (مسجد تائين) ويندڙ ان کان پوءِ ڪو صاف رستو نه آهي؟ چيم ته هائو! فرمايائون ته پوءِ ان جي بجاءِ اهو ڪافي آهي هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(513) وعن عبد الله بن مسعود قال : كنا نصلي مع رسول الله صلى الله عليه وسلم ولا نتوضأ من الموطئ . رواه الترمذي

حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي ته اسين رسول اللهﷺ جن سان گڏ نماز پڙهندا هئاسون، پر لتاڙيل پليتي سبban نئون وضو نه ڪندا هئاسون هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

(514) وعن ابن عمر قال : كانت الكلاب تقبل وتدبر في المسجد في زمان رسول الله صلى الله عليه وسلم فلم يكونوا يرشون شيئا من ذلك . رواه البخاري

حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن جي زماني ۾ ڪتا مسجد ۾ ايندا ويندا هئا([2]) اصحاب انهن جي ڪري ان تي پاڻي نه هڻندا هئا. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.

(515) وعن البراء بن عازب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : : " لا بأس ببول ما يؤكل لحمه ".

حضرت براءﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي ته جنهن شيءِ جو گوشت کاڌو وڃي، ان جي پيشاب ۾ ڪو گناهه([3]) نه آهي.

(516) وفي رواية جابر قال : " ما أكل لحمه فلا بأس ببوله " . رواه أحمد والدارقطني

جابر ﷺ جي روايت ۾ آهي ته جنهن جو گوشت کاڌو وڃي ٿو ته ان جي پيشاب ۾ ڪو گناهه نه آهي. هن کي احمد ۽ دارقطني روايت ڪيو آهي.

باب
موزن تي مک ڪرڻ جو بيان

---

[1] _ هن حديث ۽ ام سلمه واري حديث جيڪا فصل ٻي ۾ گذري، ان مان معلوم ٿيو ته پليتيءَ ڪي پاڪ زمين تي رگڙڻ سان جتي وغيره پاڪ ٿينديون ته پوءِ ڪپڙا، موزا وغيره به ائين ڪرڻ سان پاڪ ٿيڻ گهرجن. مگر شايد حڪم جسم وارين ۽ نوس پليتين لاءِ آهي، باقي رهيون مائع ۽ پٽڙيون پليتيون، جيئن پيشاب ۽ شراب وغيره ته اهي جتي يا ڪپڙي يا بدن کي لڳن ته ڌوئڻ کان سواءِ پاڪ نه ٿينديون.

[2] _ ڪتن ۽ ٻين درندن جي اچڻ وڃڻ سببان پاڪ دڪان، مڪان وغيره پليت نه ٿيندو.

[3] _ هن حديث مان معلوم ٿيو ته جن جانورن جو گوشت کائجي، تن جو پيشاب پاڪ آهي. اهوئي مذهب امام مالڪ، امام احمد، امام محمد ۽ بعض شافعي مذهب وارن جو آهي.

فصل پهريون

(517) عن شريح بن هانئ قال : سألت علي بن أبي طالب رضي الله عنه عن المسح على الخفين فقال : جعل رسول الله صلى الله عليه وسلم ثلاثة أيام ولياليهن للمسافر ويوما وليلة للمقيم . رواه مسلم

شريح بن هانيءَ ﷺ ان روايت آهي ته مون حضرت علي بن ابي طالب ﷺ کان موزن تي مک بابت مسئلو معلوم کيو،چيائين رسول الله ﷺ مسافر لاءِ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ۽ مقيم لاءِ هک ڏينهن هک رات مقررکئي آهي([1]) هن کي مسلم روايت کيو آهي.

(518) وعن عروة بن المغيرة بن شعبة عن أبيه قال : أنه غزا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم غزوة تبوك . قال المغيرة : فتبرز رسول الله صلى الله عليه وسلم قبل الغائط فحملت معه إدواة قبل الفجر فلما رجع أخذت أهريق على يديه من الإدواة فغسل كفيه ووجهه وعليه جبة من صوف ذهب يحسر عن ذراعيه فضاق كم الجبة فأخرج يده من تحت الجبة وألقى الجبة على منكبيه وغسل ذراعيه ومسح بناصيته وعلى العمامة وعلى خفيه ثم ركب وركبت فانتهينا إلى القوم وقد قاموا في الصلاة يصلي بهم عبد الرحمن بن عوف وقد ركع بهم ركعة فلما أحس بالنبي صلى الله عليه وسلم ذهب يتأخر فأومأ إليه فصلى بهم فلما سلم قام النبي صلى الله عليه وسلم وقمت فركعنا الركعة التي سبقتنا . رواه مسلم

مغيره بن شعبه ﷺ کان روايت آهي ته هو رسول الله ﷺ جن سان گڏ جنگ تبوک ۾ جهاد تي هو. مغيره چوي ٿو ته هک دفعو رسول الله ﷺ جن قضا حاجت لاءِ ٻاهر نڪتا. مون به نماز فجر کان اڳ ساڻن گڏ کونرو کنيو، جڏهن پاڻ موٽيا ته مون کونري سان ان جي هٿن تي پاڻي هاريو. پاڻ ﷺ پهريائين هٿ ۽ منهن ڌوتائون ۽ڪين هک اوني جبو پهريل هو. پنهنجيون ٻانهون ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائون پر جبو سوڙهو هو ان ڪري پنهنجا ٻئي هٿ جبي جي هيٺيان ڪڍيائون ۽ جبي کي پنهنجي ڪلهن تي رکيائون ۽ پنهنجا ٻئي هٿ (ٺونٺين تائين) ڌوتائون. پوءِ پنهنجي پيشاني ۽ عمامه تي مک ڪيائون. پوءِ آئون نوڙيس ته جيئن سندن موزا لاهيان. فرمايائون ته انهن کي ڇڏي ڏي ڇاڪاڻ ته مون انهن کي طهارت جي حالت ۾ پاتو آهي. پوءِ انهن تي مک ڪيائون([2]) پوءِ سوار ٿيا ۽ آئون به سوار ٿيس ۽ قوم وٽ پهتاسون. اهي نماز لاءِ اٿي کڙا ٿيا هئا. کين عبدالرحمٰن بن عوف نماز پڙهائي رهيو هو ۽ اهو انهن کي هک رکعت پڙهائي چکو هو. جڏهن نبي ﷺ کي ايندي محسوس ڪيائين ته پوءِ هٽڻ شروع ٿيو. پاڻ سڳورن ﷺ کيس (نماز مکمل ڪرڻ لاءِ) اشارو ڪيو. نبي ﷺ جن ساڻس هک رکعت پڙهي. جڏهن سلام ورايائين ته نبي ﷺ اٿي بيٺا ۽ ساڻن گڏ آئون به اٿي بيٺس. پوءِ اسان اها رکعت پڙهي پوري ڪئي سون، جيڪا اسان کان اڳي پڙهي چڪا هئا.

فصل ٻيو

(519) عن أبي بكرة عن النبي صلى الله عليه وسلم : أنه رخص للمسافر ثلاثة أيام ولياليهن وللمقيم يوما وليلة إذا تطهر فلبس خفيه أن يمسح عليهما . رواه الأثرم في سننه وابن خزيمة والدارقطني وقال الخطابي : هو صحيح الإسناد هكذا في المنتقى

---

[1]_ موزن جي مک بابت مشهور اثرن موجب جائز آهي. حديثن جي حافظن جي هک جماعت موزن واري حديث کي متواتر ڪري روايت ڪئي آهي. ڪن محدثن انهيءَ حديث جا راوي اصحابي 80 کان زياده بيان ڪيا آهن.جن ۾ عشرة المبشرة بہ اچي وڃن ٿا.

[2]_ موزن جي مک بابت کيتري قدر ڏينهن ۽ راتيون مسافر ۽ مقيم لاءِ مقرر ٿيل آهن تنهن جي مدت ۽ پڇڻ جي وقت کان شروع کبو.

حضرت ابوبکر ﷛ رسول اللهﷺ جن کان روايت کري ٿو ته نبي ڪريمﷺ مسافر لاءِ 3_ڏينهن ۽ 3_ راتيون ۽ مقيم لاءِ هک ڏينهن، هک رات موزن تي مک کرڻ جي موکل ڏني آهي، جڏهن طهارت جي حالت ۾ موزا پاتا هجنس. اثرم پنهنجي ”سنن“ ۾ ۽ ابن خزيمہ ۽ دارقطني ان کي روايت کيو آهي ۽ خطابي چوي ٿو ته ان جي سند صحيح آهي. اهڙي طرح کتاب ”منتقي“ ۾ آهي.

(520) وعن صفوان بن عسال قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يأمرنا إذا كنا سفرا أن لا ننزع خفافنا ثلاثة أيام وليالیهن إلا من جنابة ولكن من غائط وبول ونوم . رواه الترمذي والنسائي

حضرت صفوان بن عسال ﷛کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ اسان کي حکم کندا هئا. ته جڏهن اسين سفر ۾ هجون، ته 3_ڏينهن ۽ 3_راتيون قضا حاجت، پيشاب ۽ ننڊ کان موزا نه لاهيون. مگر جنابت جي حالت ۾ لاهيون. هن کي ترمذي ۽ نسائي روايت کئي آهي.

(521) وعن المغيرة بن شعبة قال : وضأت النبي صلى الله عليه وسلم في غزوة تبوك فمسح أعلى الخف وأسفله . رواه أبو داود والترمذي وابن ماجه وقال الترمذي هذا حديث معلول وسألت أبا زرعة ومحمدا يعني البخاري عن هذا الحديث فقالا : ليس بصحيح . وكذا ضعفه أبو داود

حضرت مغيره بن شعبه ﷛ کان روايت آهي ته جنگ تبوک ۾ مون رسول اللهﷺ جن کي وضو کرايو. پاڻ موزن جي مٿئين([1]) ۽ هيٺئين ٻنهي پاسن تي مک کيائون. هن کي ابوداؤد، ترمذي ۽ ابن ماجه روايت کيو ۽ ترمذي چيو آهي ته اها حديث معلول (ضعيف) آهي. مون ابوزرعہ ۽ امام بخاريءَ کان هن حديث بابت سوال کيم، ٻنهي چيو ته هيءَ حديث صحيح نه آهي ۽ اهڙي طرح ابوداؤد پڻ ان کي ضعيف قرار ڏنو آهي.

(522) وعنه قال : رأيت النبي صلى الله عليه وسلم يمسح على الخفين على ظاهرهما . رواه الترمذي وأبو داود

۽ پڻ حضرت مغيره بن شعبه ﷛ کان روايت آهي ته مون نبي ڪريمﷺ کي ڏٺو، پاڻ موزن جي مٿئين پاسن تي مک کيائون.هن کي ترمذي ۽ ابو داؤد روايت کيو آهي.

(523) وعن المغيرة بن شعبة قال : توضأ النبي صلى الله عليه وسلم ومسح على الجوربين والنعلين . رواه أحمد والترمذي وأبو داود وابن ماجه

۽ پڻ حضرت مغيره بن شعبه ﷛ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن وضو کيو ۽ جورابن ۽ جتي تي به مک کيائون. هن کي احمد، ترمذي، ابو دائود ۽ ابن ماجه روايت کيو آهي.

فصل ٽيون

(524) وعن المغيرة بن شعبة قال : مسح رسول الله صلى الله عليه وسلم على الخفين فقلت : يا رسول الله نسيت ؟ قال : بل أنت نسيت بهذا أمرني ربي عز وجل . رواه أحمد وأبو داود

---

**[1]_ امام مالک ۽ امام شافعي وٽ مٿين پاسي مک کرڻ واجب آهي ۽ ابو حنيفہ وٽ سنت آهي ۽ امام احمد ۽ ابو يوسف وٽ فقط مٿين پاسي مک کرڻ کافي آهي ۽ چيو اٿن تہ هيءَ حديث معلول آهي.**

حضرت مغيره بن شعبهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ ٻنهي موزن تي مک ڪئي. مون عرض ڪيو ته: يا رسول اللهﷺ توهان پيرن جو ڌوئڻ وساريو آهي؟ فرمايائون ته ”بلڪ توڪان وساريو ويو آهي، مون کي پنهنجي ﷻ عزوجل اهوئي امر ڪيو آهي. هن کي احمد ۽ ابودا ؤد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حديث ضعيف آهي ان جي سند ۾ راوي جبير بن عامر بجلي متروڪ الحديث آهي(مرعاة 583 ج1)

(525) وعن علي رضي الله عنه قال : لو كان الدين بالرأي لكان أسفل الخف أولى بالمسح من أعلاه وقد رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم يمسح على ظاهر خفيه رواه أبو داود للدارمي معناه

حضرت عليؓ فرمائي ٿو ته جيڪڏهن دين قياس ۽ راءِ تي هجي ها ته موزن جي هيٺين پاسي تي مک ڪرڻ مٿين پاسي کان وڌيڪ بهتر هو. تحقيق مون رسول اللهﷺ جن کي ڏٺو ته پاڻ موزن جي مٿئين پاسي تي مک ڪيائون. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي. دارميءَ پڻ انهيءَ معنيٰ ۾ روايت بيان ڪئي آهي.

باب

تيمم جو بيان

فصل پهريون

(526) عن حذيفة قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " فضلنا على الناس بثلاث جعلت صفوفنا كصفوف الملائكة وجعلت لنا الأرض كلها مسجدا وجعلت تربتها لنا طهورا إذا لم نجد الماء " . رواه مسلم

حضرت حذيفه ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته ٽن شين سان اسان کي ماڻهن تي بزرگي ڏني وئي آهي. 1_اسان جون (نماز جون) صفون فرشتن جي صفن وانگر آهن، 2_اسان لاءِ سڄي زمين کي مسجد بنايو ويو آهي. 3_ جڏهن پاڻي نه لڀي ته ان جي مٽي اسان لاءِ پاڪ بنائي وئي آهي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(527) وعن عمران بن حصين الخزاعي أن رسول الله صلى الله عليه وسلم : رأى رجلا معتزلا لم يصل في القوم فقال : " يا فلان ما منعك أن تصلي في القوم فقال يا رسول الله أصابتني جنابة ولا ماء قال عليك بالصعيد فإنه يكفيك " .

حضرت عمران ؓ کان روايت آهي ته اسين نبي ڪريمﷺ جن سان گڏ سفر ۾ هئاسون. پاڻ ماڻهن کي نماز پڙهايائون. جڏهن نماز کان واندا ٿيا ته هڪ شخص الڳ ويٺل ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ماڻهن سان گڏ نماز نه پڙهي. تڏهن رسول الله ﷺ جن ان کي چيو ته توکي ماڻهن سان گڏ نماز پڙهڻ کان ڪهڙي شيءِ روڪيو؟ عرض ڪيائين ته مون کي تڙ پيو آهي ۽ (غسل لاءِ پاڻي ڪونه آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته تولاءِ مٽي سان پاڪائي ڪرڻ ڪافي آهي.

(528) وعن عمار قال : جاء رجل إلى عمر بن الخطاب فقال : إني أجنبت فلم أصب الماء فقال عمار بن ياسر لعمر بن الخطاب أما تذكر أنا كنا في سفر أنا وأنت فأما أنت فلم تصل وأما أنا فتمعكت فصليت فذكرت للنبي صلى الله عليه وسلم فقال النبي صلى الله عليه وسلم إنما كان يكفيك هكذا فضرب النبي صلى الله عليه وسلم بكفيه الأرض ونفخ فيهما ثم مسح بهما وجهه وكفيه . رواه البخاري ولمسلم نحوه وفيه قال : إنما يكفيك أن تضرب بيديك الأرض ثم تنفخ ثم تمسح بهما وجهك وكفيك.

حضرت عمارﷺبيان ڪري ٿو ته هڪ ماڻهو حضرت عمر بن خطاب ﷺ وٽ آيو. چوڻ لڳو ته آئون جنبي يعني تڙ وارو ٿيو آهيان ۽ پاڻي نٿو لهان. (حضرت عمر ﷺ چيس پاڻي لهڻ تائين نماز نه پڙهندين) تنهن تي حضرت عمارﷺ حضرت عمر ﷺ کي چيو ته توهان کي ياد نه آهي ته آئون ۽ اوهين سفر ۾ هئاسون، ٻئي جنبي ٿياسون، پوءِ توهان نماز نه پڙهي، پر مون مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پائي نماز پڙهي. ان کان پوءِ اهو واقعو نبي ﷺ جن سان بيان ڪيوسون. فرمايائون.

تولاءِ هن طرح ڪرڻ ڪافي هو: پوءِ نبيﷺ جن پنهنجا ٻئ هٿ زمين تي هڻي، انهن کي ڦوڪي، انهن سان پنهنجي منهن ۽ ٻنهي هٿن (جي ٻاهرين پاسي) تي مک ڪيائون. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي. مسلم پڻ اهڙي طرح روايت بيان ڪئي آهي ۽ ان ۾ آهي ته فرمايائون: توکي ڪافي آهي ته پنهنجا ٻئي هٿ زمين تي هڻي،انهن کي ڦوکي، پوءِ انهن سان پنهنجي منهن ۽ هٿن جي ٻاهرين پاسي تي([1]) مک ڪرين.

(529) وعن أبي الجهيم بن الحارث بن الصمة قال : مررت على النبي صلى الله عليه وسلم وهو يبول فسلمت عليه فلم يرد علي حتى قام إلى جدار فحته بعصى كانت معه ثم وضع يديه على الجدار فمسح وجهه وذراعيه ثم رد علي . ولم أجد هذه الرواية في الصحيحين ولا في كتاب الحميدي ولكن ذكره في شرح السنة وقال : هذا حديث حسن

حضرت ابو جهيم بن حارث بن صمه ﷺ کان روايت آهي ته آئون نبي ڪريمﷺ جن وٽان لنگهيس پاڻ پيشاب پئي ڪيائون. مون مٿن سلام ڪيو. پاڻ جواب نه ڏنائون، تان جو پٽ ڏانهن ويا پاڻ پٽ کي لٺ سان کوٽيائون. پوءِ ٻئي هٿ پٽ تي رکيائون ۽ پنهنجي منهن ۽ ٻانهن جو مک ڪيائون. ان کان بعد منهنجي سلام جو جواب ڏنائون. مشڪوٰة جو مصنف چوي ٿو ته هي روايت مون صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ نه ڏٺي آهي، نکي حميدي جي ڪتاب ۾ ڏٺي اٿم پر ان کي مصابيح واري ڪتاب شرح السنه ۾ ذکر ڪيو آهي. چيو اٿس ته هي حديث حسن آهي.

فائده:_ ان حديث جي سند ۾ هڪ راوي ابراهيم بن محمد اسلمي ڪوڙو آهي ان کان سواءِ ابو حويرث ضعيف آهي. وڌيڪ اهو ته حديث ۾ ٻنهي ٻانهن تي مک جو ذکر صحيح نه آهي. (مشكوٰة _الباني ص165 ج1)

فصل ٻيو

(530) عن أبي ذر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الصعيد الطيب وضوء المسلم وإن لم يجد لاماء عشر سنين فغذا وجد الماء فليمسه بشره فإن ذلك خير " . رواه أحمد والترمذي وأبو داود

وروى النسائي نحوه إلى قوله : عشر سنين. **ابو ذر ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته پاڪ مٽي مسلمان جو وضو آهي جيتوڻيڪ ڏهن سالن تائين ان کي پاڻي نه ملي، پوءِ جڏهن پاڻي ڏسي ته پنهنجي عضون کي لائي يعني ان سان وضوڪري. اهو چڱو آهي. هن کي احمد، ترمذي ۽ ابو داؤد روايت ڪيو آهي. نسائي به ان وانگر "عشر سنين" تائين روايت بيان ڪئي آهي.**

(531) وعن جابر قال : خرجنا في سفر فأصاب رجلا منا حجر فشجه في رأسه ثم احتلم فسأل أصحابه فقال هل تجدون لي رخصة في التيمم فقالوا ما نجد لك رخصة وأنت تقدر على الماء فاغتسل فمات فلما قدمنا على

---

[1] _ **هي حديث دلالت ڪري ٿي ته تيمم ۾ مک هڪ دفعو ڪافي آهي. ٻيو ته منهن ۽ ترين جي مک ڪرڻ ڪافي آهي. نونين تائيم مک ڪرڻ ضرور نه آهي.اهو قول امام اسحاق بن راهويه جو آهي.**

النبي صلى الله عليه وسلم أخبر بذلك فقال قتلوه قتلهم الله ألا سألوا إذ لم يعلموا فإنما شفاء العي السؤال إنما كان يكفيه أن يتيمم ويعصر أو يعصب شك موسى على جرحه خرقة ثم يمسح عليها ويغسل سائر جسده . رواه أبو داود

حضرت جابرؓ کان روايت آهي ته اسين سفر ۾ نڪتاسون پوءِ اسان مان هڪ ماڻهو کي پٿر اچي لڳو جنهن سان ان جي مٿي ۾ ڦٽ ٿيو، پوءِ ترڙ پيس. پوءِ پنهنجي سنگتين کان پڇيا ڪيائين ته مونکي تيمم ڪرڻ جي موڪل ڏيو ٿا يا نه؟ تنهن تي انهن چيو ته تو لاءِ اها موڪل ڪونه ٿا ڏسون جو تون پاڻيءَ تي قادر آهين، تنهن ڪري ان غسل ڪيو پوءِ مري ويو. جڏهن نبي ڪريمﷺ جن وٽ آياسون ته ڪين انهيءَ بابت خبر ڏني وئي، تڏهن فرمايائون ته ڪيس ماڻهن قتل ڪيو، شل انهن کي اللہ تعالیٰ قتل ڪري. چو نه عالمن کان سوال ڪيائون. جڏهن ته جهالت جو علاج معلوم ڪرڻ آهي، رڳو ايترو ڪافي هو ته تيمم ڪري ها ۽ ڦٽ تي ڪپڙي جو ٽڪر ٻڌي، ان تي مسح ڪري ها ۽ باقي بت ڌوئي ها. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(532) ورواه ابن ماجه عن عطاء بن أبي رباح عن ابن عباس

۽ ابن ماجه اها حديث عطاءُ بن ابي رباح کان ۽ انهيءَ ابن عباس ؓ کان روايت ڪئي آهي.

فائده:_ علامه الباني ءَ اها حديث حسن قرار ڏني آهي. البت اوزاعيءَ جي استاد جو تعين نه آهي (مشڪوٰة_الباني ص 166 ج1)

(533) وعن أبي سعيد الخدري قال : خرج رجلان في سفر فحضرت الصلاة وليس معهما ماء فتيمما صعيدا طيبا فصليا ثم وجدا الماء في الوقت فأعاد أحدهما الصلاة والوضوء ولم يعد الآخر ثم أتيا رسول الله صلى الله عليه وسلم فذكرا ذلك له فقال للذي لم يعد : " أصبت السنة وأجزأتك صلاتك " وقال للذي توضأ وأعاد : " لك الأجر مرتين " . رواه أبو داود والدارمي وروى النسائي نحوه

حضرت ابو سعيد خدري ؓ کان روايت آهي ته ٻه ماڻهو سفر ۾ نڪتا پوءِ نماز جو وقت ٿيو، ٻنهي وٽ پاڻي نه هو پوءِ پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪيائون ۽ نماز پڙهيائون، پوءِ نماز جي وقت اندر پاڻي ڏٺائون. انهن مان هڪڙي وضو ڪري نماز موٽائي پڙهي ۽ ٻئي نماز کي نه موٽايو. پوءِ ٻئي رسول اللهﷺ جن وٽ آيا ۽ اهو واقعو بيان ڪيائون. پاڻ ﷺ جنهن شخص نماز موٽائي نه پڙهي، ان کي چيائون ته تون سنت کي[1] پهتين. تولاءِ تيمم ۾ پڙهيل نماز ڪافي آهي ۽ جنهن وضو ڪري نماز کي موٽايو هو، ان کي فرمايائون ته تو لاءِ ٻيڻو ثواب آهي. اها حديث ابو داؤد ۽ دارمي بيان ڪئي آهي. نسائي به ان وانگر روايت بيان ڪئي آهي.

فائده:_ سند ضعيف آهي پر ان جي تائيد ڪن موصول ۽ صحيح سند وارين روايتن سان ٿئي ٿي (الباني)

---

[1]_ شريعت جو حڪم جيئن تو ڪيو، تيئن آهي. انهيءَ ڪري تو سنت ادا ڪئي. سڀ علماء متفق آهن ته تيمم وارو نماز کان پوءِ پاڻي ڏسي ته وري نماز پڙهڻ لازم نه آهي اگرچ پلي وقت چو نه هجي. اختلاف هن ۾ آهي ته تيمم بعد هو نماز پڙهي رهيو هجي ۽ هن کي پاڻي ملي، اهڙيءَ حالت ۾ جمهور علماء چون ٿا ته هن کي نماز پيڄي ڪانه آهي نماز صحيح آهي، سجي پڙهي پوري ڪري. مگر امام ابو حنيفہ چوي ٿو ته هن جي نماز باطل ٿي ويئي ۽ تيمم پڄي پوندس. ان ڪري ضرور پاڻي سان وضو ڪري نماز پڙهندو. پر جيڪڏهن تيمم ڪيئين ۽ نماز پڙهڻ کان اڳ پاڻي ملي ويس ته سيني علمائن جو اجماع آهي ته تيمم باطل ٿي ويو وضو ڪري نماز پڙهڻ واجب اٿس.

(534) وقد روى هو وأبو داود أيضا عن عطاء بن يسار مرسلا

نسائيءَ ۽ ابو داؤد پڻ عطاءَ بن يسار کان مرسل روايت بيان ڪئي آهي.

## فصل ٽيون

(535) عن أبي الجهيم الأنصاري قال : أقبل النبي صلى الله عليه وسلم من نحو بئر جمل فلقيه رجل فسلم عليه فلم يرد عليه النبي صلى الله عليه وسلم حتى أقبل على الجدار فمسح بوجهه ويديه ثم رد عليه السلام.

ابو جهيم بن حارث بن صمہ ﷜ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن بئر جمل نالي کوهه وٽ آيا. ڪين هڪ ماڻهو مليو جنهن مٿن سلام ڪيو، پر نبي ڪريمﷺ جن سلام نه ورايو تانجو هڪ ڀت ڪي سامهون ٿيا پوءِ پنهنجي منهن ۽ هٿن تي مک ڪيائون. پوءِ ان ڪي سلام جو جواب ڏنائون (متفق عليہ)

(536) وعن عمار بن ياسر : أنه كان يحدث أنهم تمسحوا وهم مع رسول الله صلى الله عليه وسلم بالصعيد لصلاة الفجر فضربوا بأكفهم الصعيد ثم مسحوا وجوههم مسحة واحدة ثم عادوا فضربوا بأكفهم الصعيد مرة أخرى فمسحوا بأيديهم كلها إلى المناكب والآباط من بطون أيديهم . رواه أبو داود

حضرت عمار بن ياسر ﷜ حديث بيان ڪندو هو ته رسول اللهﷺ جن سان گڏ فجر نماز ادا ڪرڻ لاءِ انهن (اصحابن) پاڪ مٽي سان تيمم ڪيو. پوءِ پنهنجيون تريون مٽيءَ مٿان هڻي پنهنجي منهن تي هڪ دفعو مک ڪيائون پر ترين ڪي مٽي تي هڻي پنهنجين ٻانهن جو ڪلهن ۽ بغلن جي هيٺين پاسي تائين مک ڪيائون. هن ڪي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.

باب
مسنون غسل جو بيان
فصل پهريون

(537) عن أبن عمر رضي الله عنهما قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا جاء أحدكم الجمعة فليغتسل ".

حضرت ابن عمر ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن اوهان مان کو جمعي نماز لاءِ اچي ته ان کي گهرجي ته غسل کري([1]) (متفق عليہ)

(538) وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " غسل يوم الجمعة واجب على كل محتلم ".

**ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جمع جي ڏينهن غسل ڪرڻ سڀ ڪنهن بالغ تي ([2]) واجب آهي. (متفق عليه)**

(539) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " حق على كل مسلم أن يغتسل في كل سبعة أيام يوما يغسل فيه رأسه وجسده ".

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ هر مسلمان تي ستن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن غسل ڪرڻ واجب آهي، جنهن ۾ پنهنجو مٿو ۽ پنهنجو بت ڌوئي. (متفق عليه)**

## فصل ٻيو

(540) عن سمرة قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من توضأ يوم الجمعة فبها ونعمت ومن اغتسل فالغسل أفضل " . رواه أحمد وأبو داود والترمذي والنسائي والدارمي

---

[1]_ علامه علي قاري فرمائي ٿو تہ غسل جمعي جي نماز لاءِ آهي، غسل ڪرڻ بعد نماز پڙهڻ گهرجي. ڪي چون ٿا تہ جمعي جي ڏينهن لاءِ غسل آهي. شوڪانيؒ فرمائي ٿو سلف، خلف ۽ جمهور علمائن جو مذهب هي آهي تہ غسل سنت آهي. قاضي عياض ۽ امام مالڪ ۽ سندس اصحابن وغيره کان نقل آهي تہ غسل جمعي نماز جي صحيح ٿيڻ جي شرطن مان نہ آهي.

[2]_ يعني لائق ۽ ثابت آهي. هي معنيٰ نہ آهي تہ اهڙو واجب آهي جو جيڪڏهن نہ ڪجي تہ گنهگار ٿجي.

سمره بن جندب ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن فرمايو تہ جنهن جمعي جي ڏينهن وضو ڪيو تنهن فرض ادا ڪيو ۽ چڱو فرض ادا ڪيائين ۽ جنهن غسل ڪيو تہ غسل بلڪل چڱو آهي. هن کي احمد، ابوداؤد، ترمذي،نسائي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حسن جو سمره کان سماع ثابت نہ آهي. جڏهن تہ اهو مدلس آهي ۽ حديث کي عَن سان بيان ڪري رهيو آهي. ليڪن حديث جا شاهد گهڻائي آهن ان ڪري حديث قوي آهي. (مشڪوٰة_ الباني ص 168ج1)

(541) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من غسل ميتا فليغتسل " . رواه ابن ماجه

وزاد أحمد والترمذي وأبو داود : " ومن حمله فليتوضأ ".

ابو هريره ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ميت کي غسل ڏئي ان کي گهرجي تہ پاڻ بہ ([1]) غسل ڪري. هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي. احمد، ترمذي ۽ ابوداؤد هي لفظ واڌارا ڪيا آهن تہ جيڪو ان کي کڻي ان کي بہ گهرجي تہ وضوءَ ڪري.

(542) وعن عائشة رضي الله عنها أن النبي صلى الله عليه وسلم : كان يغتسل من أربع : من الجنابة ومن يوم الجمعة ومن الحجام ومن غسل الميت . رواه أبو داود

بي بي عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن چئن([2]) شين کان غسل ڪندا هئا: 1_ جنابت کان، 2_ جمعي جي ڏينهن، 3_ سڱين هڻائڻ کان، 4_ ميت کي غسل ڏيڻ کان. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(543) وعن قيس بن عاصم : أنه أسلم فأمره النبي صلى الله عليه وسلم أن يغتسل بماء وسدر . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي

قيس بن عاصم ﷜ کان روايت آهي تہ ان اسلام آندو پوءِ ان کي نبي ڪريمﷺ جن حڪم ڪيو تہ پاڻي ۽ ٻير([3]) جي پنن سان غسل ڪر.هن کي ترمذي، ابوداؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.

---

[1]_ ميت کي غسل ڏيڻ کان پوءِ غسل ڪرڻ مسنون آهي ۽ جيڪو جنازو کڻي تنهن لاءِ وضو ڪرڻ بہ مسنون آهي.

[2]_ هنن چئن قسمن جي غسلن مان هڪ واجب آهي ۽ ٻيا سڀ سنت آهن.

[3]_ ڪافر ماڻهو جڏهن مسلمان ٿئي، تڏهن جيڪڏهن جنابت وارو آهي تہ غسل ڪرڻ واجب اٿس، ٻي صورت ۾ غسل مسنون آهي ۽ ٻير جي پنن سان غسل ڪرڻ جو حڪم هن سبب ڪري ڪيو ويو جو وڌيڪ صفائي ٿئي ٿي.

## فصل ٽيون

(544) عن عكرمة : أن ناسا من أهل العراق جاءوا فقالوا يا ابن عباس أترى الغسل يوم الجمعة واجبا قال لا ولكنه أطهر وخير لمن اغتسل ومن لم يغتسل فليس عليه بواجب . وسأخبركم كيف بدء الغسل : كان الناس مجهودين يلبسون الصوف ويعملون على ظهورهم وكان مسجدهم ضيقا مقارب السقف إنما هو عريش فخرج رسول الله صلى الله عليه وسلم في يوم حار وعرق الناس في ذلك الصوف حتى ثارت منهم رياح آذى بذلك بعضهم بعضا . فلما وجد رسول الله صلى الله عليه وسلم تلك الريح قال : " أيها الناس إذا كان هذا اليوم فاغتسلوا وليمس أحدكم أفضل ما يجد من دهنه وطيبه " . قال ابن عباس : ثم جاء الله بالخير ولبسوا غير الصوف وكفوا العمل ووسع مسجدهم وذهب بعض الذي كان يؤذي بعضهم بعضا من العرق . رواه أبو داود

**عڪرمه ﷛ ڪان روايت تہ تحقيق ايران وارا ڪيترا ماڻهو آيا ۽ چيائون تہ اي ابن عباس﷛! توهان جمعي جي ڏينهن غسل ڪرڻ واجب ڏسو ٿا؟ ان چيو تہ نہ! ليڪن جيڪو غسل ڪري، ان لاءِ پاڪ ڪندڙ ۽ چڱو آهي ۽ جيڪو غسل نہ ڪري تہ ان تي واجب نہ آهي. آئون اوهان کي خبر ڏيان ٿو تہ غسل ڪيئن شروع ٿيو آهي. (شروع ۾ ماڻهو محتاج هئا ۽ اوني ڪپڙا پائيندا هئا ۽ پنهنجي پٺين تي ڪم ڪندا هئا ۽ سندن مسجدون سوڙهيون ۽ هيٺاهين ڇتين واريون هيون، ڇڻ ڪکَ جا ڇپر هئا. هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ گرم موسم ۾ نڪتا ۽ ماڻهو انهن اوني ڪپڙن ۾ پگهريل هئا تانجو منجهائن اهڙي بدبوءِ([1]) ۽ هوا جا جهوٽا پئي نڪتا جو ٻين کي ايذاءُ پئي رسيو.جڏهن رسول الله ﷺ اها بدبوءِ محسوس ڪئي تہ فرمايائون تہ اي انسانو! جڏهن هيءُ ڏينهن اچي تہ غسل ڪندا ڪريو ۽ اوهان مان هر شخص جيتري قدر ميسر هجي تيلءِ خوشبوءَ لڳائي. ابن عباس چيو تہ پوءِ ﷻ تعاليٰ مال ڏنو ۽ اوني ڪپڙن ڪانسواءِ ٻيا ڪپڙا ماڻهن ڍڪيا محنت مزدوريءَ ۾ بہ گهٽتائي ٿي، مسجدون بہ ڪشاديون ٿيون ۽ اهو پگهر بہ ويو جنهن سان هڪڙا ٻين کي ايذاءُ ڏيندا هئا. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

---

[1] ـ ابن عباس جي ڪلام جو مطلب هي آهي تہ اسلام جي شروعات ۾ گهٽي بدبوءِ پکڙجڻ ڪري غسل واجب هو، پوءِ جڏهن مسجد هوادار ٿي ۽ ماڻهو شاهوڪار ٿيا، تڏهن اهو حڪم منسوخ ٿيو، باقي جمعي جو غسل سنت هجڻ اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي.

## باب

# حيض جو

## فصل پهريون

(545) عن أنس : أن اليهود كانوا إذا حاضت المرأة فيهم لم يؤاكلوها ولم يجامعوهن في البيوت فسأل أصحاب النبي صلى الله عليه وسلم النبي صلى الله عليه وسلم فأنزل الله تعالى ﴿ وَيَسْـَٔلُونَكَ عَنِ ٱلْمَحِيضِ قُلْ هُوَ أَذًى فَٱعْتَزِلُوا۟ ٱلنِّسَآءَ فِى ٱلْمَحِيضِ ﴾ الآية . فبلغ ذلك اليهود . فقالوا : ما يريد هذا الرجل أن يدع من أمرنا شيئا إلا خالفنا فيه فجاء أسيد بن حضير وعباد بن بشر فقالا يا رسول الله إن اليهود تقول كذا وكذا أفلا نجامعهن ؟ فتغير وجه رسول الله صلى الله عليه وسلم حتى ظننا أن قد وجد عليهما . فخرجا فاستقبلتهما هدية من لبن إلى النبي صلى الله عليه وسلم فأرسل في آثارهما فسقاهما فعرفا أن لم يجد عليهما . رواه مسلم

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ تحقيق يهودين ۾ جڏهن ڪا زال حيض واري ٿيندي هئي تہ نہ انهن سان گڏ کائيندا هئا ۽ نہ گهرن ۾ گڏ اٿ ويهہ ڪندا هئا. پوءِ نبي ڪريم ﷺ کان اصحابن ان بابت سوال ڪيو. پوءِ الله تعاليٰ هي آيت نازل ڪئي: ﴿ وَيَسْـَٔلُونَكَ عَنِ ٱلْمَحِيضِ... ﴾ يعني سوال ڪن ٿا توکان حيض بابت....... رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ انهن سان جماع کانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ (سلوڪ) ڪريو. ([1]) اهو حڪم يهودين کي پهتو. تنهن تي چيائون تہ هن ماڻهوءَ جوکهڙو ارادو آهي جو اسان جي هر معاملي ۾ مخالفت ڪري ٿو. پوءِ اسيد بن حضير ۽ عباد بن بشر آيا ۽ چيائون تہ يا رسول الله ﷺ يهودي هن طرح چون ٿا. ڇا اسين (سندن مخالفت ۾) زالن سان صحبت نہ ڪريون؟ انهيءَ تي رسول الله ﷺ جن جو منهن بدلجي ويو تانجو اسان گمان ڪيو تہ انهن تي رنج ٿيا آهن. پوءِ ٻئي نڪري ويا. سندن وڃڻ وقت هڪ شخص کير جو تحفو نبي ڪريم ﷺ جن کي لاءِ ڪٽي آيو. پاڻ انهن جي پنيان ماڻهو موڪلي انهن کي کير پياريائون، جنهن سان ڄاتائون تہ پاڻ مٿن رنج نہ آهن. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(546) وعن عائشة قالت : كنت أغتسل أنا والنبي صلى الله عليه وسلم من إناء واحد وكلانا جنب وكان يأمرني فأتزر فيباشرني وأنا حائض وكان يخرج رأسه إلي وهو معتكف فأغسله وأنا حائض.

**بي بي عائشہ ﵄ کان روايت آهي تہ آئون ۽ نبي ڪريم ﷺ هڪ ٿانوَ ۾ غسل ڪندا هئاسين. حالانڪ اسين ٻئي جنبي هوندا هئاسون. پاڻ سڳورو ﷺ مون کي گوڏ (ٻڌڻ جو) حڪم ڪندو هو ([2]) پوءِ آئون گوڏ ٻڌندي هيس پوءِ مون سان پنهنجو بدن لڳائيندو هو ۽ (اعتڪاف جي وقت)**

---

[1] _ يعني کائڻ، پيئڻ، ويهڻ، اٿڻ، ميل جول بدن سان لڳائڻ وغيره سڀ ڪريو، مگر جماع نہ ڪريو.

[2] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ گوڏن کان وٺي دن تائين حيض واريءَ کان نفعو وٺڻ نہ گهرجي. امام شوڪاني چوي ٿو تہ دن کان مٿي ۽ گوڏي کان هيٺ فائدو وٺڻ، باتفاق علماءَ حلال آهي. باقي دن کان وٺي گوڏن تائين فائدي وٺڻ

**پنهنجو([1]) مٿو دروازي مان مون ڏانهن ڪندو هو جو آئون ڌوئيندي هيس، حالانڪ آئون حيض واري هوندي هيس (بخاري مسلم)**

(547) وعنها قالت : كنت أشرب وأنا حائض ثم أناوله النبي صلى الله عليه وسلم فيضع فاه على موضع في فيشرب وأتعرق العرق وأنا حائض ثم أناوله النبي صلى الله عليه وسلم فيضع فاه على موضع في . رواه مسلم

**بي بي عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ آئون حالت حيض ۾ پاڻي پيئندي هيس. پوءِ نبي ڪريم ﷺ کي انهيءَ ٿانوَ ۾ پاڻي ڏيندي هيس. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجو وات مبارڪ منهنجي وات واري جاءِ تي رکندو هو ۽ آئون حيض جي حالت ۾ هڏي چوسيندي هيس پوءِ اها هڏي نبي ڪريم ﷺ کي ڏيندي هيس ۽ پاڻ سڳورا ﷺ جنهن جاءِ تي آئون وات رکندي هيس ان جاءِ تي پنهنجو وات ([2]) رکندا هئا. هن کي مسلم روايت ڪيو.**

(548) وعنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يتكئ على حجري وأنا حائض ثم يقرأ القرآن

**۽ ان کان ئي روايت آهي تہ نبي ﷺ جن منهنجي گوڏن تي ٽيڪ ڏيندا هئا جڏهن تہ آئون حيض واري هوندي هيس. پوءِ پاڻ قرآن پڙهندا هئا. (بخاري مسلم)**

(549) وعنها قالت : قال لي النبي صلى الله عليه وسلم : " ناوليني الخمرة من المسجد " . فقلت : إني حائض فقال : " إن حيضتك ليست في يدك " . رواه مسلم

**۽ انهيءَ کان روايت آهي تہ مون کي نبي ﷺ جن فرمايو تہ مسجد وٽان مصلو آڻي ڏي. عرض ڪيائين تہ آئون حيض واري آهيان. فرمايائون تہ تنهنجو حيض تنهنجي ([3]) هٿ ۾ تہ نہ آهي. هن کي مسلم روايت ڪيو.**

---

۾ اختلاف آهي. ڪن علمائن وٽ حرام آهي. جيڪي جائز چون ٿا سو بہ ان لاءِ جو جماع ڪرڻ کان پنهنجي نفس کي قابوءَ ۾ رکي سگهجي. "اصنعوا ڪل شيءِ الاالنڪاح" اها حديث جواز تي دلالت ڪري ٿي ۽ تحريم وارو قول جماع جي ذريعن کان روڪڻ بابت آهي. جيئن آيل آهي تہ جيڪو چراگاهہ جي پرسان مال چاريندو، تنهن جو مال ڪڏهن نہ ڪڏهن چراگاهہ ۾ بہ ڪاهي پوندو، جيڪو پري گذاريندو سو پيل کان بچي ويندو.

[1] _هن مان معلوم ٿيو تہ اعتڪاف وارو جيڪڏهن عضوا مسجد کان ٻاهر ڪڍي تہ عورت کي هٿ لڳائي يا عورت ان کي هٿ لڳائي تہ اعتڪاف کي ڪو نقصان نہ رسندو.

[2] _ حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماهواريءَ واري عورت سان ڪائڻ پيئڻ جائز آهي، ان جا عضوا پليت نہ آهن.

[3] _هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن حيض واري مسجد کان ٻاهر بيهي هٿ سان مسجد مان ڪا شيءِ ڪڍي ۽ اندر پير نہ وجهي تہ ائين جائز آهي.

(550) وعن ميمونة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي في مرط بعضه علي وبعضه عليه وأنا حائض.

**ءِ ام المؤمنين ميمونہ ﷞ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن نماز جنهن چادر ۾ پڙهندا هئا، ان جو ڪجھہ پاڱو مون تي اوڍيل هوندو هو ءِ ڪجھہ رسول الله ﷺ جن تي هوندو هو ءِ آئون حيض واري هوندي هيس.(بخاري مسلم)**

## فصل ٻيون

(551) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من أتى حائضا أو امرأة في دبرها أو كاهنا فقد كفر بما أنزل على محمد " . رواه الترمذي وابن ماجه والدارمي وفي روايتهما : " فصدقه بما يقول فقد كفر " .

وقال الترمذي : لا نعرف هذا الحديث إلا من حديث حكيم الأثرم عن أبي تيمية عن أبي هريرة

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو حيض واري زال ڏانهن اچي، يا زال جي دبر ۾ بد فعلي ڪري، يا ڪاهن (پوپي) وٽ اچي تہ تحقيق جيڪو (دين) محمد ﷺ تي نازل ڪيو ويو آهي، انهيءَ جو ڪفر ڪيائين ([1]) هن کي ترمذي، ابن ماجہ ءِ دارميءَ روايت ڪيو آهي ءِ ابن ماجہ ءِ دارمي جي روايت ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪاهن جي چوڻ کي سچو سمجهيائين تہ تحقيق اهو ڪافر ٿيو. امام ترمذي فرمائي ٿو تہ اها حديث اسان حڪيم اثرم کان سواءِ ٻئي کان نہ ٻڌي آهي، اهو ابو هريره ﷛ کان روايت ڪري ٿو.**

(552) وعن معاذ بن جبل قال : قلت : يا رسول الله ما تحل لي من امرأتي وهي حائض ؟ قال : " ما فوق الإزار والتعفف عن ذلك أفضل " . رواه رزين وقال محيي السنة : إسناده ليس بقوي

**معاذ بن جبل ﷛ کان روايت آهي تہ مون چيو تہ يا رسول الله ﷺ منهنجي زال جڏهن حيض واري ٿئي ٿي تڏهن مون کي ان کان ڇا حلال آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ جيڪي ازار کان مٿي آهي، اهو سڀ حلال آهي،مگر ان کان بہ پرهيز ڪرڻ ([2]) وڌيڪ چڱو آهي. هن کي زرين روايت ڪيو آهي. امام محي السنة فرمائي ٿو تہ ان جي سند قوي نہ آهي.**

---

[1] _ يعني جيڪو ماڻهو حيض واري زال سان جماع ڪرڻ کي حلال سمجهي، جماع ڪري، يا زال جي دبر ۾ بدفعلي ڪري يا پوپي کان غيب جون خبرون پڇي ءِ انهن کي سچو سمجهي تہ اهو ڪافر آهي، پر جيڪڏهن پهرين ءِ ٻي صورت ۾ انهن ٻنهي ڪمن کي حلال نہ ٿو سمجهي ءِ ڪاهن کي سچو نٿو سمجهي تہ انهيءَ صورت ۾ حديث جي معنيٰ هيءَ ٿيندي تہ ان اسلام جي نعمت جو ڪفر ڪيو، يعني بي شڪري ڪيائين.

[2] _ اهو افضل هن سبب ڪري چيو ويو آهي تہ متان شهوت جي غلبي جي ڪري وطي تي نہ وڃي.

(553) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا وقع الرجل بأهله وهي حائض فليتصدق بنصف دينار " . رواه الترمذي وأبو داود النسائي والدارمي وابن ماجه

ابن عباسؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي حيض واري زال سان جماع ڪري ته پوءِ ان کي گهرجي ته اڌ دينار خيرات ڪري هن کي ترمذي، ابوداؤد، نسائي، دارميءَ ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

فائده:_ علامه البانيءَ ان حديث جي سند کي صحيح قرار ڏنو آهي. (مشڪوٰة _الباني ص173ج1)

(554) وعن ابن عباس عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " إذا كان دما أحمر فدينار وإذا كان دما أصفر فنصف دينار " . رواه الترمذي

انهيءَ ابن عباسؓ کان روايت آهي ته جڏهن حيض واري عورت جو رت ڳاڙهو هجي ته هڪ دينار خيرات ڪري جڏهن رت جو رنگ پيلو هجي ته اڌ دينار خيرات ڪري[1] هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

فائده: حديث جي سند ضعيف آهي عبدالڪريم راوي جي ضعيف هجڻ تي اجماع آهي. (مشڪوٰة، الباني 1/ 174).

## فصل ٽيون

(555) عن زيد بن أسلم قال : إن رجلا سأل رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : ما يحل لي من امرأتي وهي حائض ؟ فقال له رسول الله صلى الله عليه وسلم : " تشد عليها إزارها ثم شأنك بأعلاها " . رواه مالك والدارمي مرسلا

زيد بن اسلم ؓ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهوءَ رسول اللهﷺ جن کان سوال ڪيو ته مون لاءِ منهنجي حيض واري زال کان ڇا حلال آهي؟ تنهن تي رسول اللهﷺ جن فرمايو ته ان تي ګوڏ ٻڌ، پوءِ تنهنجو ڪم انهيءَ جي مٿان آهي. اها حديث مالڪ روايت ڪئي آهي ۽ دارمي مرسلاً روايت ڪئي آهي.

(556) وعن عائشة قالت : كنت إذا حضت نزلت عن المثال على الحصير فلم نقرب رسول الله صلى الله عليه وسلم ولم ندن منه حتى نطهر . رواه أبو داود

---

[1] _ امام شوڪاني چوي ٿو ته جمهور علماء وٽ هن مسئلي ۾ ڪفارو نه آهي فقط استغفار ڪافي آهي. اهي چون ٿا ته هيءَ حديث حجت جي لائق نه آهي ڇاڪاڻ ته مضطرب آهي. ڪي علماء واجب چون ٿا. محشي عفي عنه چوي ٿو ته احتياط هي آهي ته توبه ۽ ڪفارو ٻئي ڪم ڪيا وڃن ته اختلاف کان بچجي.

عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ جڏهن آئون حيض واري ٿيندي هيس تڏهن بستري کان لهي تڏي تي ٿيندي هيس. پوءِ اسين رسول الله ﷺ جن کي ويجهو ([1]) نہ ٿينديون هيون سين ۽ نہ وري جيسين پاڪ نہ ٿينديون هيون سين سندن قريب وينديون هيون سين.

فائده:_ حديث منڪر آهي ان حديث جي سند ضعيف آهي"(مشڪوٰة_ الباني ص 174ج1)

باب

# استحاضہ ([2]) واري عورت جي حڪمن جو بيان

## فصل پهريون

(557) عن عائشة قالت : جاءت فاطمة بنت أبي حبيش إلى النبي صلى الله عليه وسلم فقالت يا رسول الله إني امرأة أستحاض فلا أطهر أفأدع الصلاة فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا إنما ذلك عرق وليس بحيض فإذا أقبلت حيضتك فدعي الصلاة وإذا أدبرت فاغسلي عنك الدم ثم صلي ".

بي بي عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ فاطمه بنت ابو حبيش نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آئي، عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ ! آئون استحاضہ واري زال آهيان، پاڪ نٿي ٿيان، ڇا پوءِ نماز ڇڏي ڏيان؟ ﷺ جن فرمايو تہ نہ! اهو فقط نبض جو رت آهي حيض جو ([3]) رت نہ آهي. جڏهن توکي حيض اچي تڏهن نماز ڇڏي ڏي ۽ جڏهن اهو وڃي تہ رت کي ڌوئي (غسل ڪر) پوءِ نماز پڙهہ (بخاري مسلم)

## فصل ٻيون

[1]_ هي حديث ظاهر ۾ مٿين حديثن جي وضاحت ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن پنهنجي ٻيبين سان حيض جي حالت ۾ مباشرت ڪندا هئا. بظاهر ان جي خلاف تي لڳي. ان جو جواب هيءُ آهي تہ هيءُ حديث يا تہ انهن حديثن جي ڪري منسوخ آهي يا تہ ويجهو ٿيڻ مان مراد جماع آهي. جيئن ڪلام الله شريف ۾ وارد آهي تہ: ﴿وَلَا تَقْرَبُوهُنَّ حَتَّىٰ يَطْهُرْنَ﴾ يعني عورتن سان صحبت نہ ڪريو، جيستائين چڱي طرح پاڪ ٿين (علي قاري)

[2]_ استحاضہ انهيءَ رت کي چئبو آهي جيڪو عورت جي رحم مان حيض ۽ نفاس جي ڏينهن کان سواءِ جاري هجي. هن رت سببان نماز، روزي، جماع ۽ ٻين عبادتن جي منع ڪانہ آهي.

[3]_ هن ۾ عادت واري عورت جو بيان آهي. مثلاً جنهن جي عادت هئي تہ هن کي 6_ڏينهن ماهواريءَ جو خون ايندو هو ۽ هاڻي هميشہ رت جاري ٿي پيو اٿس تہ انهيءَ صورت ۾ سندس اڳوڻي عادت موجب 6_ ڏينهن کي حيض شمار ڪيو ويندو ۽ ايترا ڏينهن نماز وغيره ٻيون عبادتون ادا نہ ڪندي. وڌيڪ ڏينهن بيماريءَ جا شمار ڪيا ويندا ۽ انهن ۾ نماز وغيره احڪام ادا ڪندي. اهو حڪم انهيءَ عورت جو آهي جنهن کي بعد ۾ اها بيماري ٿي، باقي رهي اها عورت جيڪا جوان ۽ بالغ ٿيندي ئي ان بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي هجي تہ ان جو بيان آئنده اچڻ وارو آهي.

(558) عن عروة بن الزبير عن فاطمة بنت أبي حبيش : أنها كانت تستحاض فقال لها النبي صلى الله عليه وسلم : " إذا كان دم الحيض فإنه دم أسود يعرف فأمسكي عن الصلاة فإذا كان الآخر فتوضئي وصلي فإنما هو عرق . رواه أبو داود والنسائي

**عروه بن زبير فاطمہ بنت ابو حبيش کان روايت ڪري ٿو تہ کيس استحاضہ جي تڪليف هوندي هئي . پوءِ ان کي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن حيض جو رت هوندو تہ ڪاري ([1]) رنگ جو هوندو، سڃاتو ويندو آهي. پوءِ جڏهن اهو رت هجي، تہ نماز ڇڏ، جڏهن ٻيو رت هجي تہ پوءِ وضو ڪر ۽ نماز پڙهہ ڇو تہ اهو رڳ جو رت آهي. هن کي ابوداؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

(559) وعن أم سلمة : أن امرأة كانت تهراق الدم على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم فاستفتت لها أم سلمة رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " لتنظر عدد الليالي والأيام التي كانت تحيضهن من الشهر قبل أن يصيبها الذي أصابها فلتترك الصلاة قدر ذلك من الشهر فإذا خلفت ذلك فلتغتسل ثم لتستثفر بثوب ثم لتصل " . رواه مالك وأبو داود والدارمي وروى النسائي معناه

**ام سلمه ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي وقت هڪ عورت خون هاريندي هئي (ان کي رت ايندو هو) ام سلمه رسول الله ﷺ جن کان ان بابت مسئلو معلوم ڪيو، رسول الله ﷺ چيو تہ ان بيماريءَ کان اڳ مهيني ۾ جيترا ڏينهن ۽ راتيون حيض ايندو هوس، انهن جو ڳاڻاٽو ڪري هر مهيني ۾ نمازون ڇڏي ڏي. جڏهن اهي گذري وڃن تہ غسل ڪري ۽ پوءِ ڪپڙي جي لنگوٽ ([2]) ٻڌي نماز پڙهي. هن کي مالڪ، ابو دائود ۽ دارمي روايت ڪيو آهي. ان معنٰي ۾ نسائي روايت بيان ڪئي آهي.**

(560) وعن عدي بن ثابت عن أبيه عن جده – قال يحيى بن معين : جد عدي اسمه دينار – عن النبي صلى الله عليه وسلم أنه قال في المستحاضة : " تدع الصلاة أيام أقرائها التي كانت تحيض فيها ثم تغتسل وتتوضأ عند كل صلاة وتصوم وتصلي " . رواه الترمذي وأبو داود

---

[1] _ بلوغت سان استحاضہ واري بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ جو هي حڪم آهي تہ جڏهن رت جو رنگ سخت ڪارو هجي تڏهن اهو حيض ڇئبو ۽ جڏهن ڪو ٻيو رنگ هجي تہ اهو استحاضہ آهي.

[2] _ مطلب هي آهي تہ استحاضہ واري عورت کي گهرجي تہ حتيٰ المقدور لنگوٽ جي ذريعہ رت کي روڪي. پر جيڪڏهن پوءِ بہ رت نڪري اچي تہ بہ نماز صحيح ٿيندي ٻي دفعي موٽائڻ جو ضرورت ڪونہ آهي. اهو ساڳيو حڪم سلسله البول ۾ بہ آهي يعني جنهن کي ٿورو ٿورو پيشاب وهڻ جي بيماري هجي سو لنگوٽ ٻڌي نماز پڙهندو.

حضرت عدي بن ثابت پنهنجي پيءُ کان ۽ اهو ان جي ڏاڏي کان روايت ڪري ٿو يحيٰ بن معين چوي ٿو: عدي جي ڏاڏي جو نالو دينار آهي. اهو نبي ڪريمﷺ جن کان روايت ڪري ٿو ته پاڻ استحاضه واري عورت جي حق ۾ فرمايائون ته جن ڏينهن ۾ حيض اچي، اوترا ڏينهن نماز ڇڏي. پوءِ غسل ڪري ۽ هر نماز جي وقت([1]) ۾ وضو ڪري ۽ روزو رکي ۽ نماز پڙهي. هن کي ترمذي ۽ ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(561) وعن حمنة بنت جحش قالت : كنت أستحاض حيضة كثيرة شديدة فأتيت النبي صلى الله عليه وسلم أستفتيه وأخبره فوجدته في بيت أختي زينب بنت جحش فقلت يا رسول الله إني أستحاض حيضة كثيرة شديدة فما تأمرني فيها ؟ قد منعتني الصلاة والصيام . قال : " أنعت لك الكرسف فإنه يذهب الدم " . قالت : هو أكثر من ذلك . قال : " فتلجمي " قالت هو أكثر من ذلك . قال : " فاتخذي ثوبا " قالت هو أكثر من ذلك إنما أثج ثجا . فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " سآمرك بأمرين أيهما صنعت أجزأ عنك من الآخر وإن قويت عليهما فأنت أعلم " فقال لها : " إنما هذه ركضة من ركضات الشيطان فتحيضي ستة أيام أو سبعة أيام في علم الله ثم اغتسلي حتى إذا رأيت أنك قد طهرت واستنقأت فصلي ثلاثا وعشرين ليلة أو أربعا وعشرين ليلة وأيامها وصومي وصلي فإن ذلك يجزئك وكذلك فافعلي كما تحيض النساء وكما يطهرن ميقات حيضهن وطهرهن وإن قويت على أن تؤخرين الظهر وتعجلين العصر فتغتسلين وتجمعين الصلاتين : الظهر والعصر و تؤخرين المغرب وتعجلين العشاء ثم تغتسلين وتجمعين بين الصلاتين فافعلي وتغتسلين مع الفجر فافعلي وصومي إن قدرت على ذلك " . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " وهذا أعجب الأمرين إلي " . رواه أحمد وأبو داود والترمذي

حمنة بنت جحش ﷞ کان روايت آهي ته مون کي استحاضه جو رت تمام گهڻو ايندو هو. پوءِ نبي ڪريمﷺ وٽ آيس ته جيئن ڪانئن پڇان ۽ ڪين ان بابت خبر ڏيان. ڪين پنهنجي ڀيڻ زينب بنت جحش جي گهر ۾ موجود پاتو. مون عرض ڪيو تي اي ﷲ جا رسول ﷺ! مون کي استحاضه جي سخت تڪليف آهي. انهيءَ باري ۾ مون کي ڪهڙو حڪم تا ڏيو؟ انهيءَ مون کي نماز ۽ روزي کان روڪي ڇڏيو آهي. فرمايائون: ته آئون تولاءِ ڪپهه جي استعمال کي ضروري سمجهان ٿو. ڪپهه جو استعمال ان رت کي ختم ڪري ڇڏيندو. عرض ڪيائين ته ان کان رت گهڻو آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ڪپڙو ٻڌي ڇڏي. عرض ڪيائين ته انهيءَ کان به گهڻو آهي. وري رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: ان جي هيٺيان ٻيو ڪپڙو ٻڌ. عرض ڪيائين ته رت مينهن وانگر پلٽجي ٿو. تنهن تي نبي ڪريم ﷺ جن چيو ته آئون توکي ٻن ڪمن جو حڪم ڪريان ٿو انهن مان جيڪو به هڪ ڪم ڪندين سو ٻي کان ڪافي ٿيندو ۽ جيڪڏهن ٻنهي ڪمن جي قوت رکين ٿي ته پوءِ پاڻ ڄاڻين ٿي. رسول الله ﷺ چيو ته اهو رت شيطان جي ڇهنبڙي آهي تنهن ڪري ڇهه ست ڏينهن ﷲ تعاليٰ جي علم موجب حيض جا ڏينهن شمار ڪر. پوءِ غسل ڪر. پوءِ جڏهن ڏسين ته تون پاڪ ۽ صاف ٿي آهين، تڏهن باقي 23 يا 24 ڏينهن راتيون نماز پڙهندي ڪر ۽ روزا رکندي ڪر. اهو توکي ڪافي ٿيندو. اهڙي طرح هر مهيني ڪر،جهڙي طرح حيض واريون ٻيون عورتون پنهنجي پنهنجي وقت ۾ حيض سان هونديون ۽ پاڪ ٿينديون آهن. جيڪڏهن تون طاقت رکين ته اڳين نماز ڪجهه دير سان پڙهه ۽ وچين نماز جلدي پڙهه. پوءِ غسل ڪري اڳين ۽ وچين ٻئي نمازون گڏ ڪري پڙهه. اهڙي طرح سانجهيءَ ۾ دير ۽ سمهڻيءَ ۾ جلدي ڪر. پوءِ غسل ڪري ٻئي نمازون گڏي پڙهه ۽ فجر جي نماز لاءِ غسل ڪر ۽ جيڪڏهن روزن رکڻ جي طاقت اٿئي ته هي به رک. رسول اللهﷺ جن فرمايو ته ٻنهي ڪمن مان هيءُ ڪم مونکي وڌيڪ پسند آهي.هن کي احمد ۽ ابودائود ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي.

فصل ٽيون

[1]_امام شوڪاني فرمائي ٿو ته هي حديث دلالت ڪري ٿي ته استحاضه واري عورت هر نماز لاءِ وهنجي ۽ وضو به ڪري. هي حديث ضعيف آهي حق هي آهي ته استحاضه واري تي سڀ ڪنهن نماز لاءِ وضو ڪرڻ واجب آهي پر هن حديث سان نه بلڪ فاطمه بنت ابي حبيش ﷞ ۽ عائشه﷞ جي حديثن سان، جن کي امام بخاري روايت ڪيو آهي. انهيءَ طرح علي قاري مرقات ۾ آندو آهي.

(562) عن أسماء بنت عميس قالت : قلت يا رسول الله إن فاطمة بنت أبي حبيش استحيضت منذ كذا وكذا فلم تصل فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " سبحان الله إن هذا من الشيطان لتجلس في مركن فإذا رأت صفارة فوق الماء فلتغتسل للظهر والعصر غسلا واحدا وتغتسل للمغرب والعشاء غسلا واحدا وتغتسل للفجر غسلا واحدا وتوضأ فيما بين ذلك " . رواه أبو داود وقال :

اسماء ڏيءَ عميس رضي الله عنها کان روايت آهي ته مون چيو ته يا رسول اللهﷺ فاطمہ بنت حبيش هيتري ۽ هيتري مدت کان حيض ۾ مبتلا آهي، انهيءَ ڪري نماز نٿي پڙهي. رسول اللهﷺ جن فرمايو: سبحان الله اها (بيماري) ته شيطان کان آهي. انهي کي گهرجي ته پاڻي جي وڏي ٿانوَ ۾ ويهي. پوءِ جڏهن پاڻيءَ جي مٿان پيلو رنگ ڏسي تڏهن ان کي گهرجي اڳين يا وچين نماز لاءِ هک غسل ڪري ۽ سانجهي ۽ سمهڻي لاءِ به هک غسل ڪري ۽ صبح نماز لاءِ به الڳ غسل ڪري، ٻن وقتن جي وچ ۾ وضو ڪري، (اها حديث ابوداؤد بيان ڪئي آهي)

(563) روى مجاهد عن ابن عباس : لما اشتد عليها الغسل أمرها أن تجمع بين الصلاتين

مجاهد ابن عباسﷺ کان روايت ڪري ٿو ته انهيءَ تي هر نماز لاءِ غسل سخت ٿي پيو، تڏهن ان کي ٻن نمازن جي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڪيائين.

باب

نمازجو ([1])بيان

فصل پهريون

(564) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الصلوات الخمس والجمعة إلى الجمعة ورمضان إلى رمضان مكفرات لما بينهن إذا اجتنبت الكبائر " . رواه مسلم

حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته پنج نمازون ۽ هڪ جمعو ٻئي جمعي تائين ۽ هڪ رمضان ٻئي رمضان تائين صغيرن گناهن کي کيرائيندڙ آهن، جڏهن کبيرن گناهن کان پاسو کيو وڃي([2]) هن کي مسلم روايت کيو آهي.

(565) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أرأيتم لو أن نهرا بباب أحدكم يغتسل فيه كل يوم خمسا هل يبقى من درنه شيء ؟ قالوا : لا يبقى من درنه شيء . قال : فذلك مثل الصلوات الخمس يمحو الله بهن الخطايا ".

حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته اوهين خبر ڏيو ته اوهان مان کنهن جي دروازي تي واهه وهندڙ هجي ان ۾ هر روز اهو پنج دفعا غسل کري ته پوءِ ان جي بت تي مر رهندي؟ اصحابن چيو ته پوءِ ان جي مر مان باقي کا به شيءِ نه رهندي. رسول الله ﷺ جن چيو ته ان طرح پنجن نمازن جو مثال آهي، جو انهن سان ﷲ تعاليٰ گناه ميٽي ڇڏي ٿو. متفق عليہ.

(566) وعن ابن مسعود قال : إن رجلا أصاب من امرأة قبلة فأتى النبي صلى الله عليه وسلم فأخبره فأنزل الله تعالى : ( وأقم الصلاة طرفي النهار وزلفا من الليل إن الحسنات يذهبن السيئات ) فقال الرجل : يا رسول الله ألي هذا ؟ قال : " لجميع أمتي كلهم " . وفي رواية : " لمن عمل بها من أمتي ".

حضرت ابن مسعود ﷛ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو کنهن عورت کان چمي ورتي، پوءِ نبي کريم ﷺ جن وٽ آيو ۽ ان کي اها خبر ڏنائين. ان تي ﷲ تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي (ترجمہ) ڏينهن جي ٻنهي طرفن ۾ رات جي ويجهڙائي ۾ نماز قائم کر، بيشڪ نيکيون گناهن کي ختم کري ڇڏينديون آهن. عرض کيائين ته يا رسول الله ﷺ اهو حکم فقط مون لاءِ آهي؟ رسول الله ﷺ جن چيو ته منهنجي سموري امت جي سڀني ماڻهن لاءِ آهي([3]) (بخاري مسلم) (567) وعن أنس قال : جاء رجل فقال يا رسول الله إني أصبت حدا فأقمه علي قال ولم يسأله عنه قال وحضرت الصلاة فصلى مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فلما قضى النبي صلى الله عليه وسلم الصلاة قام إليه الرجل فقال يا رسول الله إني أصبت حدا فأقم في كتاب الله قال

أليس قد صليت معنا قال نعم قال فإن الله قد غفر لك ذنبك أو قال حدك ".

حضرت انس ﷛ کان روايت آهي ته هڪ شخص آيو ۽ چيائين ته يا رسول الله ﷺ! مون اهڙو کم کيو آهي جنهن سان شرعي حد لڳي ٿي، تنهن کري اها مون تي قائم کريو چيائين: رسول الله ﷺ جن کانئس ان کم بابت پڇا نه کئي ۽ نماز

---

[1] _ صلواة مشتق آهي صليٰ کان جنهن جي معنيٰ آهي: ڏنگي کاٺي کي باه ۾ سيکي سڌو کرڻ. تيئن هتي بہ گويا نماز نفس اماري کي عبادت ۾ سيکي سڌو کري ٿي.

[2] _ کبيرا گناهہ ﷲ تعاليٰ جي فضل يا توبہ سان معاف ٿيندا.

[3] _ يعني جيکو براين کان پوءِ پڇتاءُ کري ۽ نمازون با جماعت پڙهي انهيءَ لاءِ اهو حکم آهي.

جو وقت ٿيو. انهيءَ رسول اللهﷺ جن سان گڏ نماز پڙهي. جڏهن نبيﷺ جن نماز پوري فرمائي، تڏهن اهو ماڻهو اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول اللهﷺ! بيشڪ مون حد جوڳو ڪم ڪيو آهي، تنهن ڪري مون تي ڪتاب الله موجب حد قائم ڪريو. رسول الله ﷺ فرمايو: ڇا تو اسان سان گڏ نماز نه پڙهي؟ چيائين ته هائو! (نماز پڙهي اٿم) رسول الله ﷺ جن فرمايو ته پوءِ تحقيق ﷻ تعاليٰ تنهنجو گناهه يا حد بخشي ڇڏي.

(568) وعن عبد الله بن مسعود قال : سألت النبي صلى الله عليه وسلم أي الأعمال أحب إلى الله قال : " الصلاة لوقتها " قلت ثم أي قال : " بر الوالدين " قلت ثم أي قال : " الجهاد في سبيل الله " قال حدثني بهن ولو استزدته لزادني.

حضرت ابن مسعود ؓ کان روايت آهي ته مون نبي ڪريم ﷺ جن کان پڇيو ته ﷻ تعاليٰ وٽ ڪهڙو عمل وڌيڪ پسند آهي؟ فرمايائون: نماز ([1]) جا پنهنجي پوري وقت تي پڙهي وڃي. عرض ڪيم ته ان کان پوءِ ڪهڙو؟ فرمايائون: ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪرڻ. عرض ڪيم ته پوءِ ڪهڙو؟ فرمايائون: ﷻ تعاليٰ جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ. ابن مسعود فرمائي ٿو پاڻ مون کي اهي ڳالهيون ٻڌايائون، جيڪڏهن وڌيڪ پڇان ها ته هوند وڌيڪ ٻڌائين ها. (بخاري_مسلم)

(569) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " بين العبد وبين الكفر ترك الصلاة " . رواه مسلم

حضرت جابر ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن فرمايو: ٻانهي ۽ ڪفر ۾ فرق نماز جو آهي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

فصل ٻيو

(570) عن عبادة بن الصامت قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خمس صلوات افترضهن الله تعالى من أحسن وضوءهن وصلاهن لوقتهن وأتم ركوعهن خشوعهن كان له على الله عهد أن يغفر له ومن لم يفعل فليس له على الله عهد إن شاء غفر له وإن شاء عذبه " . رواه أحمد وأبو داود وروى مالك والنسائي نحوه

حضرت عباده بن صامت ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: پنج نمازون ﷻ تعاليٰ فرض ڪيون آهن جنهن چڱي طرح وضو ڪري وقت تي پڙهيون، انهن جو رڪوع ۽ خشوع پوريءَ طرح ڪيائين ته ان لاءِ ﷻ تعاليٰ جو وعدو ان کي بخشڻ جو آهي ۽ جنهن ائين نه ڪيو ته ان لاءِ ﷻ تعاليٰ جو وعدو نه آهي جيڪڏهن گهري ته ان کي بخشي ۽ گهري ته ان کي عذاب ڏي. ان کي احمد ۽ ابو دائود روايت ڪئي آهي. مالڪ ۽ نسائي به ان وانگر روايت ڪئي آهي.

---

[1]_ امام نوويؒ فرمائي ٿو ته جيڪونماز ڇڏي ۽ نماز جي فرضيت جو انڪار ڪري ته اهڙو ماڻهو اِجماعاً ڪافر ۽ ملت اسلام کان خارج آهي پر جيڪڏهن هو نئون مسلم آهي، اسلام جي ارڪانن کان واقف نه آهي ته انهيءَ صورت ۾ ڪافر نه ٿيندو ۽ جيڪو نماز سستي ۽ ڪاهلي ڪري نٿو پڙهي ۽ ان کي فرض سمجهي ٿو ته ان جي باري ۾ علمائن ۾ اختلاف آهي. امام مالڪ، امام شافعي ۽ جمهور خلف ۽ سلف جو مذهب هي آهي ته اهو ڪافر نه آهي بلڪ فاسق آهي. انهيءَ کان توبه ڪرائي وڃي، پوءِ جيڪڏهن ان توبه ڪئي ۽ نماز پڙهي ته ڏاڍو چڱو نه ته ان کي قتل ڪيو ويندو، جيئن زنا واري کي سنگسار ڪجي ٿو. پر نماز جي تارڪ کي تلوار سان قتل ڪبو. سلف صالحين جي هڪ جماعت کان منقول آهي ته اهو ڪافر آهي. عليؓکان به اهڙي روايت آيل آهي. امام احمد جو به اهوئي مذهب آهي. عبدالله بن مبارڪ به ائين چوي ٿو. هيءَ حديث امام احمد جي مذهب جي تائيد ڪري ٿي.

(571) وعن أبي أمامة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلوا خمسكم وصوموا شهركم وأدوا زكاة أموالكم وأطيعوا ذا أمركم تدخلوا جنة ربكم " . رواه أحمد والترمذي

حضرت ابو امامه ﷺ كان روايت آهي ته رسول ﷲ ﷺ جن فرمايو: اوهان پنهنجيون پنج نمازون پڙهو ۽ رمضان جي مهيني ۾ روزا ركو ۽ پنهنجي مالن جي زكواة ادا كريو ۽ پنهنجي امير جي فرمانبرداري كريو ته پنهنجي رب جي بهشت ۾ داخل ٿيندؤ. اها حديث احمد ۽ ترمذي روايت كئي آهي.

(572) وعن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " مروا أولادكم بالصلاة وهم أبناء سبع سنين واضربوهم عليها وهم أبناء عشر سنين وفرقوا بينهم في المضاجع " . رواه أبو داود وكذا رواه في شرح السنة عنه

حضرت عمرو بن شعيب ﷺ پنهنجي پيءُ كان ۽ ان سندس ڏاڏي كان روايت كئي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته اوهان جو اولاد جڏهن ستن ورهن([1]) جو ٿئي ته كين نماز جو حكم كيو ۽ جڏهن ڏهن ورهن جو ٿئي (۽ نماز نه پڙهي) ته كين ماري پڙهايو ۽ سندن سمهڻ جي جاءِ به جدا كريو. هن كي ابو داؤد بيان كيو آهي. اهڙي طرح شرح السنہ ۾ ان كان روايت آهي.

(573) وفي المصابيح عن سبرة بن معبد

۽ مصابيح ۾ سبره بن معبد كان روايت آهي.

(574) وعن بريدة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " العهد الذي بيننا وبينهم الصلاة فمن تركها فقد كفر " . رواه أحمد والترمذي والنسائي وابن ماجه

حضرت بريده ﷺ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: اسان ۽ انهن (منافقن) جي وچ ۾ عهد ([2]) نماز آهي. تنهن كري جنهن نماز ڇڏي، ان كفر كيو. هن كي احمد، ترمذي ۽ نسائي ۽ ابن ماجه روايت كيو آهي.

فصل ٽيون

(575) عن عبد الله بن مسعود قال : جاء رجل إلى النبي صلى الله عليه وسلم فقال يا رسول الله إني عالجت امرأة في أقصى المدينة وإني أصبت منها ما دون أن أمسها فأنا هذا فاقض في ما شئت . فقال عمر لقد سترك الله لو سترت نفسك . قال ولم يرد النبي صلى الله عليه وسلم عليه شيئا فقام الرجل فانطلق فأتبعه النبي صلى الله عليه وسلم رجلا فدعاه وتلا عليه هذه الآية ( أقم الصلاة طرفي النهار وزلفا من الليل إن الحسنات يذهبن السيئات ذلك ذكرى للذاكرين ) فقال رجل من القوم يا نبي الله هذا له خاصة قال : " بل للناس كافة " . رواه مسلم

---

[1]_ ستن سالن وارن ٻارن كي نماز پڙهڻ جو حكم كيو آهي. هن لاءِ تہ نماز پڙهڻ جي انهن كي عادت ٿئي ۽ ڏهن سالن جي ڄمار ۾ كين تمام تاكيد كبو، نہ پڙهڻ جي حالت ۾ كين مار ڏياري بہ پڙهائبي. ۽ نماز جا مسئلا سيكاربا ۽ بستري ۾ جدا جدا سمهاريو ويندو. انهن كي هك بستري تي نہ سمهاريو ويندو.

[2]_يعني اسان منافقن كي بہ امن ڏنو آهي ۽ انهن تي بہ اسلام جا حكم احكام جاري كريون ٿا. سو رڳو هن كري جو اسان سان گڏ نماز اچي پڙهن ٿا ۽ جماعت ۾ حاضر ٿين ٿا. پوءِ جيكو نماز ڇڏي ٿو تہ اهو كافر آهي يا كافر جي برابر چئبو.

حضرت عبدالله بن مسعود ﷛ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو نبي ڪريمﷺ جن وٽ آيو ۽ چيائين ته يا رسول اللهﷺ! مدينه جي ٻاهرئين ڪناري تي هڪ عورت ڪي مون گلي لڳايو آهي([1]) ۽ جماع کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه ان سان ڪيو اٿم. پوءِ هاڻي آئون حاضر آهيان جيڪي گهرو، مون تي (حد) لاڳو ڪريو. حضرت عمر﷛ چيو ته تحقيق ﷲ تعاليٰ توکي ڍڪيو هو جيڪڏهن پاڻ ڪي به ڍڪين ها. (ابن مسعود) چوي ٿو: نبي ڪريمﷺ! جن ان ڪي ڪو جواب نه ڏنو. پوءِ اهو ماڻهو اٿي هليو. تڏهن نبي ڪريمﷺ جن ان جي پويان ماڻهو موڪلي ان ڪي گهرايو ۽ هي آيت ان ڪي پڙهي ٻڌايائين: (ترجمو) ڏينهن جي ٻنهي پاسن ۽ رات جي وقت ۾ نماز قائم ڪريو؛ تحقيق چڱايون بڇڙائين ڪي ميٽين ٿيون. اها ياد ڪندڙن لاءِ نصيحت آهي. پوءِ جماعت مان هڪ ماڻهوءَ چيو ته يا نبي اللهﷺ! ڇا اهو حڪم ان لاءِ خاص آهي؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو ته (نه) بلڪ سڀني ماڻهن لاءِ آهي. هن ڪي مسلم روايت ڪيو آهي.

(576) وعن أبي ذر أن النبي صلى الله عليه وسلم : خرج زمن الشتاء والورق يتهافت فأخذ بغصنين من شجرة قال فجعل ذلك الورق يتهافت قال فقال : " يا أبا ذر " قلت لبيك يا رسول الله قال : " إن العبد المسلم ليصل الصلاة يريد بها وجه الله فتهافت عنه ذنوبه كما يتهافت هذا الورق عن هذه الشجرة " . رواه أحمد

حضرت ابوذر ﷛ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ سياري جي موسم ۾ نڪتا، ان وقت وڻن مان پن پئي ڇڻيا. پاڻ وڻ جي ٻن ٽارين ڪي ورتائون. (حضرت ابوذر) چيو ته پوءِ انهن مان پن تيزيءَ سان ڪِرڻ لڳا. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته اي ابوذر! مون چيو ته يا رسول الله! خدمت ۾ حاضر آهيان. رسول الله ﷺ فرمايو ته تحقيق مسلمان ٻانهو نماز پڙهي ان سان ﷲ تعاليٰ جي رضا مندي جو ارادو ڪري ته ان کان ان جا گناهه ائين ڪرن ٿا جيئن هن وڻ جا پن ڪرن ٿا. هن ڪي احمد روايت ڪيو آهي.

(577) وعن زيد بن خالد الجهني قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى سجدتين لا يسهو فيهما غفر الله له ما تقدم من ذنبه " . رواه أحمد

حضرت زيد بن خالد جهني ﷛کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو ٻه رڪعتون نماز پڙهندو ۽ انهن ۾ غفلت([2]) نه ڪندو ته ﷲ تعاليٰ ان جا گذريل گناهه بخشيندو. هن ڪي احمد روايت ڪيو آهي.

(578) وعن عبد الله بن عمرو بن العاص عن النبي صلى الله عليه وسلم : أنه ذكر الصلاة يوما فقال : " من حافظ عليها كانت له نورا وبرهانا ونجاة يوم القيامة ومن لم يحافظ عليها لم يكن له نور ولا برهان ولا نجاة وكان يوم القيامة مع قارون وفرعون وهامان وأبي بن خلف " . رواه أحمد والدارمي والبيهقي في شعب الإيمان

حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص ﷛ نبي ڪريمﷺ کان روايت ڪري ٿو ته پاڻ سڳورنﷺ هڪ ڏينهن نماز جو ذڪر ڪيو پوءِ فرمايائون ته جيڪو ان (نماز) تي نگهباني([3]) ڪندو، اها ان لاءِ قيامت جي ڏينهن نور، حجت ۽ ڇوٽڪارو ٿيندي ۽

---

[1]_ حافظ ابن حجر لکيو آهي ته جيڪا حديث پهرين فصل ۾ آندي اٿس، سا ٻي ڪنهن ماڻهوءَ جي آهي ۽ هي قصو ڪنهن ٻئي جو آهي.

[2]_ يعني جيڪو حاضر دل سان نماز پڙهندو ته ان جا گذريل صغيرا گناهه الله تعاليٰ بخشيندو.

[3]_ يعني هميشه پڙهي، ڪڏهن به نماز ۾ ناغو نه وجهي. فرض ۽ واجب ارڪان پوري طرح سان ادا ڪري. جڏهن ائين ڪندو تڏهن نماز جي محافظت حاصل ٿيندس ۽ ان ڪي حديث ۾ بيان ٿيل ثواب ملندو پر جيڪو ائين نه ڪندو سو عذاب جو مستحق ٿيندو. يا برو حال ٿيندس. ڏسو ته ڪيتري قدر نفل نماز جي محافظت جو تاڪيد

جيڪو ان تي نگهباني نه ڪندو ته ان لاءِ نور، حجت ۽ ڇوٽڪارو نه ٿيندي ۽ قيامت جي ڏينهن اهو قارون، فرعون، هامان ۽ أبي بن خلف سان هوندو. اها حديث احمد، دارمي ۽ بيهقي شعب الايمان ۾ روايت ڪئي آهي.

(579) وعن عبد الله بن شقيق قال : كان أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم لا يرون شيئا من الأعمال تركه كفر غير الصلاة . رواه الترمذي

حضرت عبدالله بن شقيق ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جا اصحاب نماز ([1]) جي ڇڏڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به عمل جي ڇڏڻ کي ڪفر نه سمجهندا هئا. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

(580) وعن أبي الدرداء قال : أوصاني خليلي أن لا تشرك بالله شيئا وإن قطعت وحرقت ولا تترك صلاة مكتوبة متعمدا فمن تركها متعمدا فقد برئت منه الذمة ولا تشرب الخمر فإنها مفتاح كل شر . رواه ابن ماجه

حضرت ابو درداءِ ﷺ کان روايت آهي ته مون کي منهنجي دوست (نبيﷺ) وصيت ڪئي ته الله تعاليٰ سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪجان جيتوڻيڪ توکي وڍيو يا ساڙيو وڃي ۽ فرضي نماز ڄاڻي ٻجهي نه ڇڏجان ڇو ته جيڪو ان کي ڄاڻي ٻجهي ڇڏيندو تنهن کان (الله ۽ اسلام جو) ذمو ختم آهي ۽ تون شراب نه پيئجان ڇو ته اهو سڀني بڇڙائين جي ڪنجي آهي. هن کي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.

باب

وقتن جو بيان

فصل پهريون

(581) عن عبد الله ابن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " وقت الظهر إذا زالت الشمس وكان ظل الرجل كطوله ما لم يحضر العصر ووقت العصر ما لم تصفر الشمس ووقت صلاة المغرب ما لم يغب الشفق ووقت صلاة العشاء إلى نصف الليل الأوسط ووقت صلاة الصبح من طلوع الفجر ما لم تطلع الشمس فإذا طلعت الشمس فأمسك عن الصلاة فإنها تطلع بين قرني شيطان " . رواه مسلم

**عبدالله بن عمروﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ظهر جو (شروع) وقت جڏهن سج لڙي (۽ آخري وقت) جڏهن ماڻهوءَ جو پاڇو ([2]) ان جي ڊيگهہ برابر ٿئي ۽ سانجهي جو**

---

آهي. نماز ۾ قصر ۽ ڪوتاهي بلڪل نہ ڪريو. ڏسو ۽ سوچيو! جڏهن محافظت نہ ڪرڻ ڪري قارون، هامان ۽ أبي بن خلف سان گڏ عذاب ٿيندس، تڏهن انهن جن نماز کي صفا ڇڏي ڏنو آهي، تن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ نماز جا ڇڏيندڙ ڪڏهن بہ مسلمان چوائڻ جا حقدار نہ آهن.

[1] _ يعني صحابہ ڪرام نماز کي ايتري قدر ضروري سمجهندا هئا جو نماز کان سواءِ ٻين نيڪ ڪمن جي ڇڏيندڙ کي ڪافر نہ چوندا هئا مگر جيڪڏهن ڪو نماز کي ڇڏيندو هو تہ ان کي ڪافر سڏيندا هئا. گويا بي نمازي صحابہ ڪرام جي اجماع سان ڪافر آهي.

[2] _يعني اڳين نماز جو وقت هڪ قد جيتري پاڇي ٿيڻ تائين رهي ٿو. ان کان پوءِ وچين نماز جووقت شروع ٿئي ٿو. هيءَ حديث انهن ماڻهن تي حجت آهي جيڪي ٻن قدن جيترو پاڇو ٿيڻ تائين اڳين نماز جو وقت هجڻ جا قائل آهن. ٽن امامن جو ۽ صاحبين جو اهوئي مذهب آهي تہ اڳين نماز هڪ قد جي پاڇي ٿيڻ تائين آهي. پوءِ وچين نماز جو وقت شروع ٿيندو. هڪ روايت ۾ امام ابو حنيفہ کان بہ انهيءَ طرح آيل آهي ۽ فتويٰ بہ صاحبين جي قول تي آهي (درمختيار)

جيستائين شفق ([1]) (آسمان جي ڪناري جي ڳاڙهاڻ) گم نہ ٿئي ۽ سمهڻيءَ جو وقت پوري اڌ رات ([2]) تائين آهي. ۽ صبح جو وقت پرھ ڦٽڻ کان سج اڀرڻ تائين آهي. پوءِ جڏهن سج اڀري تڏهن نماز کان پاڻ کي روڪ ڇو تہ اهو شيطان جي ٻن سنڱن ([3]) جي وچ مان اڀري ٿو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(582) وعن بريدة قال : إن رجلا سأل رسول الله صلى الله عليه وسلم عن وقت الصلاة فقال له : " صل معنا هذين " يعني اليومين فلما زالت الشمس أمر بلالا فأذن ثم أمره فأقام الظهر ثم أمره فأقام العصر والشمس مرتفعة بيضاء نقية ثم أمره فأقام المغرب حين غابت الشمس ثم أمره فأقام العشاء حين غاب الشفق ثم أمره فأقام الفجر حين طلع الفجر فلما أن كان اليوم الثاني أمره فأبرد بالظهر فأبرد بها فأنعم أن يبرد بها وصلى العصر والشمس مرتفعة أخرها فوق الذي كان وصلى المغرب قبل أن يغيب الشفق وصلى العشاء بعدما ذهب ثلث الليل وصلى الفجر فأسفر بها ثم قال أين السائل عن وقت الصلاة فقال الرجل أنا يا رسول الله قال : " وقت صلاتكم بين ما رأيتم " . رواه مسلم

بريده ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو رسول الله ﷺ کان نماز جي وقتن بابت سوال ڪيو. رسول الله ﷺ ان کي چيو تہ اسان سان گڏ هي ٻہ ڏينهن نماز پڙهہ. پوءِ جڏهن سج لڙيو تڏهن (رسول الله ﷺ) بلال ﷺ کي ٻانگ ڏيڻ جو حڪم ڏنو، پوءِ ان کي ظهر جي تڪبير چوڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ ان کي عصر جي تڪبير جو حڪم فرمايائون ([4]) ان وقت سج مٿي اڇو صاف هو. پوءِ جڏهن سج لٿو تڏهن ان کي سانجهيءَ نماز جي تڪبير چوڻ جو حڪم ڏنائين. پوءِ جڏهن ڳاڙهاڻ غائب ٿي تہ 'ان کي حڪم ڏنائين انهيءَ عشاء جي تڪبير چئي.جڏهن پرھ ڦٽي تڏهن فجر نماز جي تڪبير چوڻ جو حڪم ڏنائين. جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو تڏهن بلال کي حڪم ڪيائين تہ اڳين نماز کي ٿڌي وقت ۾ ڪري پوءِ ان کي ٿڌي وقت ۾ ڪيائين ۽ چڱيءَ ريت ان کي ٿڌو ڪيائين ۽ عصر نماز پڙهيائين جڏهن سج مٿي هو. ان کي گذريل ڏينهن جي مقابلي ۾ دير ڪري ادا ڪيائين ۽ سانجهيءَ جي نماز ڳاڙهاڻ جي لهڻ کان اڳ پڙهيائين ۽ سمهڻي نماز رات جو ٽيون

---

[1]_ گهڻن امامن وٽ شفق ان سرخي يعني ڳاڙهاڻ جو نالو آهي جا سج لهڻ کان پوءِ ظاهر ٿيندي آهي ۽ سڀ اهل لغت انهيءَ طرح چون ٿا. امام ابو حنيفہ کان روايت آهي تہ شفق اڇاڻ کي چئبو آهي. پر هڪ خاص روايت ۾ آيل آهي تہ اڇاڻ نہ پر شفق ڳاڙهاڻ کي چئبو آهي. فتويٰ جمهور جي قول تي آهي (شرح وقايہ)

[2]_ جاڻن گهرجي تہ سمهڻي نماز جو شروع وقت شفق جي غائب ٿيڻ کان پوءِ نيڪ اڌ رات تائين آهي. ان کان پوءِ سمهڻي نماز جو وقت ختم سمجهڻ گهرجي، جيڪڏهن وقت ڪٽي چئجي تہ ٻہ ڪو ڪراهت وارو وقت آهي.

[3]_ هن جو مطلب ڪماحقه الله پاڪ ۽ سندس رسول جاڻن ٿا اسان کي ان ۾ خاموش رهڻ گهرجي.

[4]_ يعني ٻهرين ڏينهن جي نسبت ٻئي ڏينهن ڪجهہ دير ڪيائون جيئن گرميءَ جو جوش گهٽجي.

**حصو گذرڻ بعد پڙهيائين ([1]) ۽ صبح جي نماز چڱيءَ طرح روشني ٿيڻ کان پوءِ پڙهيائين. پوءِ رسول الله ﷺ چيو تہ نماز جي وقت جو سوال ڪندڙ ڪٿي آهي؟ عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ آئون حاضر آهيان. پوءِ رسول الله ﷺ ان کي چيو تہ توهان جي نمازن جو وقت انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪي توهان ڏٺو ([2]) ان کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٻيو

(583) عن ابن عباس قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أمني جبريل عند البيت مرتين فصلى بي الظهر حين زالت الشمس وكانت قدر الشراك وصلى بي العصر حين كان ظل كل شيء مثله وصلى بي يعني المغرب حين أفطر الصائم وصلى بي العشاء حين غاب الشفق وصلى بي الفجر حين حرم الطعام والشراب على الصائم فلما كان الغد صلى بي الظهر حين كان ظله مثله وصلى بي العصر حين كان ظله مثليه وصلى بي المغرب حين أفطر الصائم وصلى بي العشاء إلى ثلث الليل وصلى بي الفجر فأسفر ثم التفت إلي فقال يا محمد هذا وقت الأنبياء من قبلك والوقت ما بين هذين الوقتين " . رواه أبو داود والترمذي

**ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ڪعبة الله وٽ ٻہ دفعا جبرئيل عليه السلام منهنجو امام ٿيو سج لڙڻ وقت جڏهن ماڻهو جو پاڇو جتي جي ڪشي جيترو ٿئي، ان وقت مون کي اڳين نماز پڙهايائين ۽ جنهن وقت هر شيءِ جو پاڇو ان جي قد جيترو ٿئي،([3]) تڏهن مون کي وچين نماز پڙهايائين ۽ جنهن وقت روزيدار روزو ڇوڙين ٿا. ان وقت مون کي سانجهي نماز پڙهايائين ۽ جڏهن آسمان جي ڳاڙهاڻ گم ٿي تڏهن مون کي سمهڻي نماز پڙهايائين ۽ جنهن وقت روزيدار تي ([4]) کاڌو حرام ٿئي ٿو ان وقت فجر نماز پڙهايائين. جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو تہ جنهن وقت پاڇو هڪ قد([5]) جيترو ٿيو تڏهن مون کي اڳين نماز پڙهايائين ۽ جنهن وقت پاڇو ٻن قدن جيترو ٿيو مون کي وچين نماز پڙهايائين ۽ جڏهن رات جو ٽيون حصو گذريو تڏهن سمهڻي نماز پڙهايائين ۽ صبح جي روشني ۾ فجر نماز پڙهايائين پوءِ مون کي سامهون ٿي چيائين تہ اي محمد هي وقت اڳين نبين جو آهي ۽ نمازن جو وقت انهن جي وچ ۾ آهي. (ابوداٶدترمذي)**

---

[1]_ سمهڻي نماز ۾ آڌي رات تائين هن سبب ڪري دير نہ ڪيائين تہ جاڳڻ سبب ماڻهن ۾ بي آرامي ٿي پوندي ۽ سمهڻي کان اڳ جيڪڏهن ستا تہ اهو سمهڻ بہ مڪروه آهي انهيءَ ڪري رات جو ٽيون حصو گذرڻ کان پوءِ نماز پڙهيائون.

[2]_ هن حديث مان پهريون يا پويون وقت سيني نمازن جو معلوم ٿيو ۽ انهيءَ جي وچ ۾ جيڪو وقت آهي ان کي اوسط يعني وچ وارو وقت چئبو.

[3]_اصلي پاڇو مختلف هوندو آهي ڪن شهرن ۾ ڪن ڪن وقتن ۾ اصلي پاڇو بلڪل ٿئي ڪونہ. مڪہ معظمہ ۾ 19 سرطان جي وقت پاڇو بلڪل نہ هوندو آهي. پاڻ جن جڏهن اڳين نماز پڙهي ٿي تڏهن جتيءَ جي ڪشي جي ويڪر برابر ايرندي ڏانهن سج جو پاڇو ويل هو.

[4]_ان مان مراد صبح صادق آهي.

[5]_يعني هڪ قد.

## فصل ٽيون

(584) وعن ابن شهاب أن عمر بن عبد العزيز أخر العصر شيئا فقال له عروة : أما إن جبريل قد نزل فصلى أمام رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال له عمر : اعلم ما تقول يا عروة فقال : سمعت بشير بن أبي مسعود يقول سمعت أبا مسعود يقول : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " نزل جبريل فأمني فصليت معه ثم صليت معه ثم صليت معه ثم صليت معه ثم صليت معه " يحسب بأصابعه خمس صلوات .

**ابن شهاب رضي الله عنه كان روايت آهي تہ عمر بن عبدالعزيز رحمه الله وچين نماز ڪجھ دير سان پڙهي تنهن تي ان کي عروه رضي الله عنه ([1]) چيو تہ خيال ڪريو، تحقيق جبرئيل نازل ٿيو ۽ رسول الله ﷺ جن کي امامت ڪرايائين. عمر بن عبدالعزيز رحمه الله چيس تہ عروه سوچي سمجهي ڳالهاءِ تہ تون ڇا ٿو چوين. تنهن تي ان چيو تہ مون بشير بن ابي مسعود کان ٻڌو، اهو چوندو هو تہ مون ابو مسعود کان ٻڌو، اهو چوندو هو تہ مون رسول الله کان ٻڌو، پاڻ فرمائيندا هئا تہ جبرئيل نازل ٿيو ۽ منهنجي امامت ڪيائين. مون ان سان نماز پڙهي، پوءِ وري مون ان سان نماز پڙهي، پوءِ وري مون ان سان نماز پڙهي، پوءِ وري مون ان سان نماز پڙهي، پوءِ وري مون ان سان نماز پڙهي.پنهنجي آڱرين سان پنج نمازن جو ڳاڻاٽو ڪيائون متفق عليه.**

(585) وعن عمر بن الخطاب رضي الله عنه : أنه كتب إلى عماله إن أهم أموركم عندي الصلاة فمن حفظها وحافظ عليها حفظ دينه ومن ضيعها فهو لما سواها أضيع ثم كتب أن صلوا الظهر إذا كان الفيء ذراعا إلى أن يكون ظل أحدكم مثله والعصر والشمس مرتفعة بيضاء نقية قدر ما يسير الراكب فرسخين أو ثلاثة قبل مغيب الشمس والمغرب إذا غربت الشمس والعشاء إذا غاب الشفق إلى ثلث الليل فمن نام فلا نامت عينه فمن نام فلا نامت عينه فمن نام فلا نامت عينه والصبح والنجوم بادية مشتبكة . رواه مالك

**عمر بن خطاب رضي الله عنه كان روايت آهي تہ انهيءَ پنهنجي ڪامورن ڏانهن لکيو تہ تحقيق اوهان جي ڪمن مان وڏيڪ اهم مون وٽ نماز آهي، جنهن ان جي نگهباني ڪئي ۽ ان تي هميشگي ڪيائين تہ ان پنهنجي دين جي حفاظت ڪئي ۽ جنهن ان کي ضايع ڪيو تہ اهو ٻين ڪمن کي وڌيڪ ([2]) ضايع ڪندڙ هوندو. پوءِ لکيائين تہ اڳين نماز اهڙي وقت ۾ پڙهو جڏهن پاڇو هڪ هٿ**

---

[1] _ عروه رضي الله عنه جو مقصد هي هو تہ عمر بن عبدالعزيز رحمه الله کي جبرئيل عليه السلام جي امامت واري حديث ياد ڏياري، جنهن ۾ اول وقت ۾ نماز پڙهڻ لاءِ تاڪيد ٿيل آهي.

[2] _نماز دين جو رڪن ۽ ٿنڀ ۽ اسلام ۽ ڪفر جو سنڌو آهي، جنهن نماز ۾ بي خيالي ڪئي ۽ ڪيس ضايع ڪرڻ ۾ ڪهڙو لحاظ ۽ ويچار رکندو.

جيترو ٿئي، تانجو توهان مان هر شخص جو پاڇو ان جي برابر ٿئي ۽ وچين نماز انهي وقت پڙهو جڏهن سج مٿي اڇو ۽ صاف هجي، جو سج لهڻ کان اڳ سوار 6 يا 9 ميلن جو مفاصلو طئي ڪري سگهي ۽ سانجهي نماز جڏهن سج لهي،تڏهن پڙهو ۽ سمهڻي نماز جڏهن آسمان مان ڳاڙهاڻ غائب ٿئي ان کان ٽهائي رات تائين پڙهو پوءِ جيڪو ننڊ ڪري ته ان جي اک ننڊ نه ڪري[1] پوءِ جيڪو ننڊ ڪري ته ان جي اک ننڊ نه ڪري، پوءِ جيڪو ننڊ ڪري ته ان جي اک ننڊ نه ڪري ۽ صبح جي نماز ان وقت ادا ڪريو جڏهن ستارا اجان ظاهر ۽ هڪ ٻئي سان مليل هجن.ان کي امام مالڪ روايت ڪيو.

فائدو: سند منقطع آهي نافع جي عمر رضي الله عنه سان ملاقات ثابت نه آهي(مرعات ص27ج2)

(586) وعن ابن مسعود قال : كان قدر صلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم الظهر في الصيف ثلاثة أقدام إلى خمسة أقدام وفي الشتاء خمسة أقدام إلى سبعة أقدام . رواه أبو داود والنسائي

ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جي اڳين نماز جو وقت اونهاري ۾ ٽن قدمن کان وٺي پنجن قدمن تائين ۽ سياري [2] ۾ پنجن قدمن کان ستن قدمن تائين هوندو هو. هن کي ابو داود ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.

باب

# نماز[3] ۾ جلدي ڪرڻ جو بيان

## فصل پهريون.

(587) عن سيار بن سلامة قال: دخلت أنا وأبي على أبي برزة الأسلمي فقال له أبي كيف كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي المكتوبة فقال كان يصلي الهجير التي تدعونها الأولى حين تدحض الشمس ويصلي العصر ثم يرجع أحدنا إلى رحله في أقصى المدينة والشمس حية ونسيت ما قال في المغرب وكان يستحب أن يؤخر العشاء التي تدعونها العتمة وكان يكره النوم قبلها والحديث بعدها وكان ينفتل من صلاة الغداة حين يعرف الرجل

[1] _هي هڪڙي بد دعا آهي جا سمهڻي نماز پڙهڻ کان اڳ سمهندڙ ماڻهو لاءِ آهي.

[2] _ سياري ۾ اڳين نماز پنجن قدمن کان شروع ڪجي ۽ ستن قدمن تي پڙهجي. ست قدم ماڻهوءَ جو قد آهي ۽ اونهاري ۾ ٽن قدمن کان شروع ڪجي ۽ پنجن قدمن تائين پڙهي. هي حڪم سياري ۽ اونهاري ۾ پاڇي جي گهٽ وڌ ٿيڻ بعد آهي.

[3] _نماز ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي. جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته: ﴿ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرَاتِ ﴾يعني چڱن ڪمن ڪرڻ ۾ جلدي ڪريو. مگر جتي پاڻ صلى الله عليه وسلم جن تاخير جو حڪم فرمايو آهي اُتي تاخير به ڪجي.

جليسه ويقرأ بالستين إلى المائة . وفي رواية : ولا يبالي بتأخير العشاء إلى ثلث الليل ولا يحب النوم قبلها والحديث بعدها .

**سيار بن سلامت ﷛ کان روايت آهي تہ آئون ۽ منهنجو پيءُ ابو برزه اسلمي ﷛ وٽ وياسون. ان کي منهنجي پيءُ چيو تہ رسول اللهﷺ فرضي نماز ڪهڙي طرح پڙهندو هو.ان چيو تہ گرمي واري نماز،جنهن کي اڳين نماز سڏيندا آهيو،سج ([1]) لڙڻ مهل پڙهندا هئا ۽ وچين نماز پڙهندا هئا تہ اسان مان ڪو شهرجي ٻاهرين ڪناري،پنهنجي گھر موٽي ايندو هو تڏهن بہ سج روشن هوندو هو ۽ سانجهي نماز لاءِ جيڪي چيو هئائين سو مون کان وسري ويو آهي ۽ سمهڻي جنهن کي اوهان اونداهي واري نماز سڏيندا آهيو سان دير سان پڙهڻ پسند ڪندا هئا. ان نماز کان اڳ ننڊ ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ ڳالهيون ڪرڻ مڪروه ڄاڻندا هئا ۽ فجر نماز مان فارغ ٿي مقتدين ڏانهن منهن ڪندا هئا تہ ماڻهو پنهنجي پر ۾ ويٺل کي سڃاڻي سگھندو ۽ ان ۾ 60 کان 100 تائين آيتون پڙهندا هئا. ٻي روايت ۾ آهي تہ سمهڻي ٽهائي رات تائين دير سان پڙهڻ ۾ پرواه نہ ڪندو هو ۽ ان کان اڳ ننڊ ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ ڳالهيون ڪرڻ کي پسند نہ ڪندو هو. متفق عليه.**

(588) وعن محمد بن عمرو هو ابن الحسن بن علي قال : سألنا جابر بن عبدالله عن صلاة النبي صلى الله عليه وسلم فقال كان يصلي الظهر بالهاجرة والعصر والشمس حية والمغرب إذا وجبت والعشاء إذا كثر الناس عجل وإذا قلوا أخر والصبح بغلس.

**محمد بن عمرو بن حسن بن علي﷛ کان روايت آهي تہ اسان جابر بن عبدالله ﷛ کان نبي ڪريم ﷺ جي نماز بابت سوال ڪيو.چيائين تہ اڳين نماز ڏينهن جي لڙڻ وقت پڙهندا هئا ۽ وچين نماز جڏهن سج تيز روشن هوندو هو ۽ جڏهن سج لهندو هو تہ سانجهي پڙهندا هئا۽ سمهڻي جڏهن ماڻهو گھڻا([2]) ٿيندا هئا تہ جلد پڙهندا هئا ۽ ٿورا هوندا هئا تہ دير ڪندا هئا ۽ صبح نماز اونداهي ۾ پڙهندا هئا.متفق عليه.**

(589) وعن أنس قال : كنا إذا صلينا خلف النبي صلى الله عليه وسلم بالظهائر سجدنا على ثيابنا اتقاء الحر.

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ جڏهن نبي ڪريم ﷺ جي پٺيان اڳين نماز پڙهندا هئا سون تڏهن گرمي کان بچڻ لاءِ اسين ڪپڙن تي سجدو ڪندا هئاسون. متفق عليه. اهي لفظ بخاري جا آهن.**

---

[1]_سياري ۾ اڳين نماز سج لڙڻ وقت پڙهجي مگر اونهاري ۾ دير ڪرڻ بابت پاڻﷺجن کان قولي ۽ فعلي ثابتي آيل آهي.

[2]_هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جماعت جي گھڻي ٿيڻ لاءِ پلي دير سان پڙهڻ گھرجي ائين ڪرڻ مسنون طريقو آهي.

(590) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : "إذا اشتد الحر فأبردوا بالصلاة ".

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:جڏهن سخت گرمي ٿئي تڏهن نماز ٿڌ ۾ پڙهو.**

(591) وفي رواية للبخاري عن أبي سعيد : " بالظهر فإن شدة الحر من فيح جهنم واشتكت النار إلى ربها فقالت : رب أكل بعضي بعضا فأذن لها بنفسين نفس في الشتاء ونفس في الصيف أشد ما تجدون من الحر وأشد ما تجدون من الزمهرير " . وفي رواية للبخاري : " فأشد ما تجدون من الحر فمن سمومها وأشد ما تجدون من البرد فمن زمهريرها ".

**۽ بخاري جي ٻي روايت ۾ جيڪا ابو سعيد ﷛ کان روايت آهي، ان ۾ ظهر جو ذڪر آهي. (فرمايائون) ڇا ڪاڻ تہ سخت گرمي دوزخ جي ٻاڦ کان آهي.دوزخ جي ٻاھ پنھنجي رب وٽ شڪايت ڪئي ۽ چيائين اي منھنجا رب!منھنجي جزن هڪ ٻئي کي کاڌو پوءِ الله تعاليٰ هن کي ٻن ساهن([1]) جي اجازت ڏني.هڪ سياري ۾ ۽ هڪ گرمي ۾. پوءِ اوهين اونهاري ۾ جيڪا سخت گرمي ڏسو ٿا ۽ سياري ۾ جيڪا سخت سردي ڏسو ٿا، (اها ان جي ساھ جي ڪري آهي). بخاري جي هڪ روايت ۾ آهي تہ شديد گرمي جيڪا توهان ڏسو ٿا اها دوزخ جي گرم ٻاڦ ۽ گهٽڻ جي ڪري آهي ۽ جيڪا سخت سردي توهان محسوس ڪريو ٿا اها بہ ان جي سرديءَ کان آهي.**

(592) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي العصر والشمس مرتفعة حية فيذهب الذاهب إلى العوالي فيأتيهم والشمس مرتفعة وبعض العوالي من المدينة على أربعة أميال أو نحوه.

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن وچين نماز اهڙي وقت پڙهندا هئا جو سج مٿانهون بيٺل صاف رنگ وارو هوندو هو.تانجو ويندڙ مديني جي مٿين پاسي (عواليءَ) ڏانهن موٽي ايندو هو تہ بہ سج مٿي هوندو هو.۽ عوالي جا ڪي گهر لڳ ڀڳ چئن ميلن جي مفاصلي تي هوندا هئا(بخاري،مسلم)**

**فائدو:**اها وضاحت راوي زهريءَ کان آهي. **انس﷛ جو قول نہ آهي.**

[1] _ هن مان مراد آهي تہ جيئن انسان يا حيوان جي ساھ کڻڻ سان هوا ٻاهر نڪري ٿي، اهڙي طرح دوزخ مان ٻن قسمن جون هوائون سياري ۽ اونهاري ۾ نڪرن ٿيون: هڪڙي هوا ٻاهر ڪيندي آهي، اها هوا گرم هوندي آهي" يعني ڪاربان ڊائي آڪسائيڊ ۽ ٻي هوا کي آڪسيجن چون، جيڪا اندر کڻبي آهي، ان سان حياتي ۽ آرام ملندو آهي.

(593) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " تلك صلاة المنافق : يجلس يرقب الشمس حتى إذا اصفرت وكانت بين قرني الشيطان قام فنقر أربعا لا يذكر الله فيها إلا قليلا " . رواه مسلم

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله جن فرمايو:(عصر دير سان پڙهڻ) منافق جي نماز آهي، جيڪو ويهي سج لهڻ جو انتظار ڪندو آهي، تانجو جڏهن سج هيٺ ٿي شيطان جي ٻن سڱن جي وچ ۾ ٿيندو آهي تہ اٿي چار ٺونگا هڻي(نماز پڙهندو آهي ۽)الله تعاليٰ کي ڪو ٿورو ئي ياد ڪندو آهي.(مسلم)**

(594) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الذي تفوته صلاة العصر فكأنما وتر أهله وماله ".

**ابن عمر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايوتہ جنهن کان وچين نماز رهجي وئي، ڄڻ ان جي اولاد ۽ مال کي برباد ڪيو ويو.(بخاري،مسلم)**

(595) وعن بريدة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من ترك صلاة العصر فقد حبط عمله . رواه البخاري

**بريده ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن عصر جي نماز ڇڏي ڏني، انهيءَ جو عمل ڇڏي ٿيو.(بخاري)**

(596) وعن رافع بن خديج قال : كنا نصلي المغرب مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فينصرف أحدنا وإنه ليبصر مواقع نبله ".

**رافع بن خديج ﷛ کان روايت آهي تہ اسين رسول الله ﷺ جن سان گڏ مغرب نماز پڙهندا هئاسون پوءِ اسان مان ڪو موٽي ايندو هو ۽ تيرن جي ڪرڻ جي جاءِ (جڳهہ) ڏسي سگهندو هو.([1]) (بخاري_ مسلم)**

(597) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كانوا يصلون العتمة فيما بين أن يغيب لاشفق إلى ثلث الليل الأول .

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سج لهڻ شرط نماز پڙهڻ گهرجي جيئن نماز جي واندي ٿيڻ کانپوءِ ايتري اونداهي نہ ٿئي جو تير هڻندڙ تير جي ڪرڻ جو هنڌ بہ ڏسي نہ سگهي.

**۽ عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ ماڻهو عشاءَ نماز شفق (ڳاڙهاڻ) غائب ٿيڻ کان ٽهائي رات تائين پڙهندا هئا. (بخاري_ مسلم)**

(598) وعنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم ليصلي الصبح فتنصرف النساء متلفعات بمروطهن ما يعرفن من الغلس.

**۽ عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فجر نماز اهڙي وقت پڙهندا هئا جو (سلام ورائي) عورتون چادرون ويڙهي سيڙهي گهرن ڏانهن موٽي وينديون هيون ۽ اونداهيءَ سبب نہ سڃاتيون وينديون هيون[1]**

(599) وعن قتادة وعن أنس : أن نبي الله صلى الله عليه وسلم وزيد بن ثابت تسحرا فلما فرغا من سحورهما قام نبي الله صلى الله عليه وسلم إلى الصلاة فصلى . قلنا لأنس : كم كان بين فراغهما من سحورهما ودخولهما في الصلاة ؟ قال : قدر ما يقرأ الرجل خمسين آية . رواه البخاري

**قتاده انس ؓ کان روايت ڪئي آهي تہ نبي ڪريمﷺ ۽ زيد بن ثابت سحري ڪاڌي جڏهن ڪاڌي واندا ٿيا[2] تڏهن نبي ڪريمﷺ نماز لاءِ بيٺا ۽ نماز پڙهيائون. اسان انسؓ کي چيو: اسر جي ڪاڌي کان واندي ٿيڻ ۽ نماز ۾ داخل ٿيڻ جي وچ ۾ ڪيترو وقت هو؟ ان چيو تہ ايتري قدر جو ماڻهون پنجاهہ آيتون پڙهي سگهي. (بخاري)**

(600) وعن أبي ذر قال : قال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم : " كيف أنت إذا كانت عليك أمراء يميتون الصلاة أو قال : يؤخرون الصلاة عن وقتها ؟ قلت : فما تأمرني ؟ قال : " صل الصلاة لوقتها فإن أدركتها معهم فصل فإنها لك نافلة . رواه مسلم

**ابو ذر ؓ کان روايت آهي تہ مون کي رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن توتي اهڙا حاڪم هوندا جيڪي نماز کي ماري ڇڏيندا. يا فرمايائون_ ان کي وقت کان پوئتي ڪندا، تڏهن تنهنجو ڪهڙو حال هوندو؟ مون چيو تہ مون کي ان باري ۾ ڪهڙو حڪم ٿا فرمايو؟ رسول الله ﷺ جن**

[1]_هي حديث دلالت ڪري ٿي تہ صبح جي نماز اونداهي ۾ پڙهڻ مستحب آهي. حديث ابو مسعود انصاري جي آهي تہ پاڻﷺجن اوانداهيءَ ۾ نماز پڙهندا رهيا تنهن ڪري اونداهي ۾ نماز پڙهڻ چٽائي ۾ نماز پڙهڻ کان افضل آهي ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ هوند پاڻﷺ جن ان تي هميشگي نہ ڪن ها.

[2]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ رمضان جي مهيني ۾ پرهہ ڦٽڻ کان ڪجهہ اڳيرو کائڻ مستحب آهي هرو ڀرو تڪڙ ڪري کائڻ ضروري نہ آهي.

**چيو تہ نماز کي پنهنجي وقت تي پڙهہ. پوءِ جيڪڏهن انهن سان نماز ڏسين تہ ساڻن گڏ بہ پڙهہ جو تو لاءِ نفل ٿيندي. ([1]) (مسلم)**

(601) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من أدرك ركعة من الصبح قبل أن تطلع الشمس فقد أدرك الصبح . ومن أدرك ركعة من العصر قبل أن تغرب الشمس فقد أدرك العصر ".

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن فجر نماز جي هڪ رڪعت سج اڀرڻ کان اڳ پڙهي ورتي تہ تحقيق سڄي نماز لڌائين ۽ جنهن وچين نماز مان هڪ رڪعت([2]) سج لهڻ کان اڳ لڌي تہ تحقيق سڄي نماز لڌائين.(بخاري_مسلم)**

(602) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أدرك أحدكم سجدة من صلاة العصر قبل أن تغرب الشمس فليتم صلاته وإذا أدرك سجدة من صلاة الصبح قبل أن تطلع الشمس فليتم صلاته " . رواه البخاري

**۽ پڻ ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن وچين نماز جو سجدو سج لهڻ کان اڳ لڌو تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ نماز پنهنجي پوري ڪري ۽ جنهن فجر نماز جو هڪ سجدو سج اڀرڻ کان اڳ لڌو تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ نماز پنهنجي پوري ڪري. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(603) وعن أنس رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من نسي صلاة أو نام عنها فكفارته أن يصليها إذا ذكرها " . وفي رواية : " لا كفارة لها إلا ذلك ".

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن کان نماز وسري وئي يا ان کان ننڊ اچي ويس تہ ڪفارو ان جو هي آهي جو جڏهن اها ياد اچيس تڏهن پڙهي (يعني قضا ڪري). ٻي روايت ۾ آهي تہ انهيءَ ساڳي نماز پڙهڻ کانسواءِ ٻيو ڪفارو نہ آهي.([3])**

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جڏهن امام اول وقت تي نماز پڙهڻ ۾ دير ڪري تہ مقتدي کي گهرجي تہ پنهنجي نماز وقت تي پڙهي ڇڏي. پوءِ جڏهن جماعت ٿئي تڏهن وري امام سان گڏ نماز پڙهي، جيئن ان کي بہ فضيلتون حاصل ٿين.

[2]_ هي سيني امامن جو قول آهي مگر امام ابو حنيفه فرمائي ٿو تہ وچين نماز ٿيندي باقي فجر نماز سج اڀرڻ کان پوءِ نہ ٿيندي. مگر هيءَ ۽ پوئين حديث حنفين تي حجت آهن.

[3]_ هن حديث ۾ دليل آهي تہ فوت ٿيل نمازون جڏهن ياد پون تڏهن پڙهڻ گهرجن ٻيو ڪو ڪفارو يا صدقو هن باري ۾ لازم نہ آهي.

(604) وعن أبي قتادة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ليس في النوم تفريط إنما التفريط في اليقظة . فإذا نسي أحدكم صلاة أو نام عنها فليصلها إذا ذكرها فإن الله تعالى قال : ( وأقم الصلاة لذكري ). رواه مسلم

**ابو قتاده ﷛ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو. ننڊ ۾ (نماز وڃائڻ) گناه نہ آهي. رڳو جاڳڻ ۾ (نماز وڃائڻ) گناهہ آهي. پوءِ جڏهن اوهان مان ڪو نماز وساري يا ننڊ ڪري وڃائي تہ جڏهن بہ ان کي ياد اچي، پڙهي چو تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي: منهنجي ياد لاءِ نماز پڙهہ. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٻيو

(605) عن علي رضي الله عنه : أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " يا علي ثلاث لا تؤخرها الصلاة إذا أتت والجنازة إذا حضرت والأيم إذا وجدت لها كفؤا " . رواه الترمذي

**علي﷛ كان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺجن فرمايو تہ اي علي﷛! ٽن ڪمن ۾ دير نہ ڪر. 1_ نماز ۾ جڏهن ان جو وقت اچي. 2_ جنازي جي دفن ڪرڻ ۾ جڏهن حاضر ٿئي، 3_ عورت[1] جي نڪاح ڪرڻ ۾ جڏهن ان لاءِ مڙس لڀي. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ معنيٰ جي لحاض سان حديث صحيح آهي** (مشڪوٰة _الباني ص192 ج1)

(606) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الوقت الأول من الصلاة رضوان الله والوقت الآخر عفو الله " . رواه الترمذي

**ابن عمر ﷛ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ نماز پهرين وقت ۾ پڙهڻ الله تعاليٰ جي رضا مندي جو سبب آهي ۽ پوئين وقت ۾ پڙهڻ الله تعاليٰ جي معاف ڪرڻ جو سبب آهي. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

[1]_ "ايم" جي معنيٰ آهي رنڙ يا ڪنواري عورت، جنهن جو مڙس نہ هجي. اهل سنت و الجماعت جو عقيدو هي آهي تہ ادنيٰ ۾ ادنيٰ سنت جو انڪار ڪرڻ يا ان کي گهٽ ڄاڻڻ سان ماڻهو ڪافر ٿيو وڃي ۽ عورتن کي پرڻائڻ هڪ اهڙي سنت آهي جنهن جو تاڪيد پاڻ ﷺجن ڪيترين حديثن ۾ فرمايو آهي. پوءِ انهي ماڻهو جي حال تي تعجب آهي جو اسلام جي دعويٰ ڪري ۽ اهڙي سنت کي ماڻهن جي طعني ڪان ڊڄي، ترڪ ڪري، شاهہ عبدالقادر ﴿وانكحوا الايامیٰ﴾ جي تفسير ۾ هن حديث جو ترجمو لکي، پوءِ چوي ٿو تہ جيڪو ماڻهو بيوه لاءِ ٻيو مڙس ڪرڻ عيب سمجهي يا ڪا عورت عيب سمجهي تہ انهن جو ايمان سلامت نہ آهي. انهن الله تعاليٰ ۽ رسولﷺ جي حڪم ڪان انڪار ڪيو.

**فائده:_ سند ۾ راوي يعقوب بن وليد منكر الحديث آهي ان كري حديث اعتبار جوڳي نہ آهي. (مشكوٰة_الباني ص192ج1)**

(607) وعن أم فروة قالت : سئل النبي صلى الله عليه وسلم : أي الأعمال أفضل ؟ قال : " الصلاة لأول وقتها " . رواه أحمد والترمذي وأبو داود

وقال الترمذي : لا يروى الحديث إلا من حديث عبد الله بن عمر العمري وهو ليس بالقوي عند أهل الحديث.

**ام فروه ﷞ كان روايت آهي تہ نبي كريمﷺجن كان سوال كيو ويو تہ كهڙو عمل سڀ كان ڀلو آهي؟ رسول الله ﷺ جن چيو تہ نماز كي پهرين وقت ۾ پڙهڻ. هن كي احمد، ترمذي ۽ ابودائود روايت كيو آهي. ترمذي چيو آهي تہ اها حديث عبدالله بن عمر العمري كان سواءِ ٻئي كنهن كان روايت نٿي كئي وڃي. اهو اهل الحديث وٽ قوي نہ آهي.**

(608) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : ما صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم صلاة لوقتها الآخر مرتين حتى قبضه الله تعالى . رواه الترمذي

**عائشہ﵂ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺكڏهن بہ آخري وقت ۾ نماز ٻہ دفعا نہ پڙهي، تانجو الله تعالىٰ كين وفات كرائي. هن كي ترمذي روايت كيو آهي.**

(609) وعن أبي أيوب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تزال أمتي بخير أو قال : على الفطرة ما لم يؤخروا المغرب إلى أن تشتبك النجوم " . رواه أبو داود

**ابو ايوب ﷜ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو تہ هميشہ منهنجي امت خير_ يا فرمائين_ (دين) فطرت تي رهندي، جيستائين تارن جي ظاهر ٿيڻ تائين سانجهيءَ ۾ دير نہ كندا اها حديث ابو داؤد روايت كئي آهي.**

(610) ورواه الدارمي عن العباس

**۽ دارمي پڻ اها عباس ﷜ كان روايت كئي آهي.**

(611) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لولا أن أشق على أمتي لأمرتهم أن يؤخروا العشاء إلى ثلث الليل أو نصفه " . رواه أحمد والترمذي وابن ماجه

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪڏهن پنهنجي امت تي تڪليف نہ سمجهان ها تہ ضرور انهن کي سمهڻي نماز ٽهائي رات يا اڌ رات تائين پوئتي ڪرڻ جو حڪم ڪريان ها هن کي احمد ۽ ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

(612) وعن معاذ بن جبل قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أعتموا بهذه الصلاة فإنكم قد فضلتم بها على سائر الأمم ولم تصلها أمة قبلكم . رواه أبو داود

**معاذ بن جبلؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ هن (سمهڻي نماز) کي دير سان پڙهو تحقيق اوهان کي انهيءَ نماز سان ٻين امتن تي بزرگي ڏني وئي آهي ۽ اهوان کان اڳ ڪنهن بہ امت انهيءَ نماز کي نہ پڙهيو آهي. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

(613) وعن النعمان بن بشير قال : أنا أعلم بوقت هذه الصلاة صلاة العشاء الآخرة : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصليها لسقوط القمر لثالثة . رواه أبو داود والدارمي

**نعمان بن بشير ؓ کان روايت آهي تہ آئون هن نماز يعني سمهڻي نماز جي وقت کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيان. رسول اللهﷺ ان کي ٽين رات جي چند جي غروب ٿيڻ وقت پڙهندا هئا. هن کي ابو داؤد ۽ دارميءَ روايت ڪيو آهي.**

(614) وعن رافع بن خديج قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أسفروا بالفجر فإنه أعظم للأجر " .

رواه الترمذي وأبو داود والدارمي وليس عند النسائي : " فإنه أعظم للأجر ".

**رافع بن خديجؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو. فجر جي نماز روشنيءَ ([1]) ۾ پڙهو. پوءِ تحقيق اهو ثواب ۾ وڌيڪ آهي. هن کي ترمذيءَ ابو داؤد ۽ دارميءَ روايت ڪيو ۽ نسائيءَ وٽ ﴿__________﴾ جا لفظ ڪونہ آهن.**

## فصل ٽيون

[1] _ امام طحاوي هن غلس واري حديث ۾ تطبيق هن طرح ڏني آهي: فجر نماز جي شروعات انڌيري ۾ ڪري، اسفار (روشني) ۾ پوري ڪري. هي تطبيق اوليٰ ۽ احسن آهي. ڪن اسفار مان مراد فجر جي پڌرائي ورتي آهي. اهو امام شافعي جو قول آهي. عائشہ صديقهؓ کان روايت آهي تہ عورتون فجر نماز پڙهي گهر ويندڻيون هيون تہ انڌيري سببان نہ سڃاتيون ويندڻيون هيون. هن مان بہ معلوم ٿيو تہ اسفار مان مراد فجر جي چٽائي آهي.

(615) عن رافع بن خديج قال : " كنا نصلي العصر مع رسول الله صلى الله عليه وسلم ثم تنحر الجزور فتقسم عشر قسم ثم تطبخ فنأكل لحما نضيجا قبل مغيب الشمس " .

**رافع بن خديج ﷺ كان روايت آهي تہ اسين وچين نماز رسول الله ﷺ جن سان گڏ پڙهندا هئاسون. پوءِ ڏاچي کهي ان کي ڏهن حصن ۾ ورهايو ويندو هو. پوءِ ان کي پچائيندا هئاسون. پوءِ رڌل گوشت سج لهڻ کان اڳ کائي وٺندا[1] هئاسون. متفق عليه.**

(616) وعن عبد الله بن عمر قال : مكثنا ذات ليلة ننتظر رسول الله صلى الله عليه وسلم لصلاة العشاء الآخرة فخرج إلينا حين ذهب ثلث الليل أو بعده فلا ندري أشيء شغله في أهله أو غير ذلك فقال حين خرج : " إنكم لتنتظرون صلاة ما ينتظرها أهل دين غيركم ولولا أن يثقل على أمتي لصليت بهم هذه الساعة " ثم أمر المؤذن فأقام الصلاة وصلى . رواه مسلم

**عبدالله بن عمر ﷺ كان روايت آهي تہ هڪ رات سمهڻي جي نماز لاءِ رسول الله ﷺ جي انتظار ۾ ترسياسون. جڏهن رات جو ٽيون حصو گذريو يا (پاڻ ڪريم ﷺ) ان کان بہ بعد آيا. مونکي خبر نہ آهي تہ گهر جي ڪنهن ڪم ۾ مشغول هئا يا ڪو ٻيو سبب هو. جڏهن نڪتا تہ فرمايائون: اوهين ان نماز جو انتظار پيا ڪريو، جو ٻيو ڪو دين وارو ان جو انتظار ڪو نہ ٿو ڪري. جيڪڏهن امت تي تڪليف نہ ٿئي ها تہ هميشہ ساڻن هن وقت ۾ پڙهان ها. پوءِ بانگي کي تڪبير جو حڪم ڪيائون جنهن نماز لاءِ اقامت چئي ۽ رسول الله ﷺ نماز پڙهائي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(617) وعن جابر بن سمرة قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي الصلوات نحوا من صلاتكم وكان يؤخر العتمة بعد صلاتكم شيئا وكان يخف الصلاة . رواه مسلم

**جابر بن سمره ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ اوهان جي نمازن جي وقتن مطابق نماز پڙهندا هئا. فقط سمهڻي نماز. اوهان جي نماز جي وقت كان ديرسان پڙهندا هئا ۽ هلڪي پڙهندا هئا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ حديث جي ظاهر مان معلوم ٿئي ٿو تہ وچين نماز هڪ سايہ وقت پڙهڻ گهرجي. هي ٽن امامن ۽ صاحبين جو مذهب آهي. هڪ روايت امام ابو حنيفہ كان بہ آيل آهي. امام شوڪاني چوي ٿو تہ هيءَ حديث وچين نماز جي وقت لاءِ زبردست دليل آهي، ڇو تہ اٺ ذبح ڪرڻ بعد ان جو گوشت وڍڻ ۽ ڏهہ حصا ڪري پوءِ رڌي کائڻ اهو سڀ ڪم سج لهڻ كان اڳي ڪرڻ، هيءُ زبردست دليل آهي تہ وچين نماز سويل پڙهجي ۽ جمهور علماءَ وٽ بہ هيءَ حديث دليل آهي.

(618) وعن أبي سعيد الخدري قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم صلاة العتمة فلم يخرج إلينا حتى مضى نحو من شطر الليل فقال : " خذوا مقاعدكم " فأخذنا مقاعدنا فقال : " إن الناس قد صلوا وأخذوا مضاجعهم وإنكم لم تزالوا في صلاة ما انتظرتم الصلاة ولولا ضعف الضعيف وسقم السقيم لأخرت هذه الصلاة إلى شطر الليل " . رواه أبو داود والنسائي

**ابو سعيد ﷛ کان روايت آهي تہ اسان رسول اللهﷺ جن سان گڏ سمهڻي جي نماز پڙهڻ جو ارادو ڪيو، پوءِ پاڻ آيا تہ تقريباً اڌ رات گذري چڪي هئي. فرمايائون تہ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وينا رهياسون. پوءِ فرمايائون: ماڻهو نماز پڙهي سمهي پيا ۽ اوهان نماز ۾ آهيو جيڪڏهن هيڻن جي هيڻائي ۽ بيمارن جي بيماري جو خيال نہ هجي ها تہ هن نماز کي رات جي گهڻي ڀاڱي تائين پوئتي ڪريان ها هن کي ابو داؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

(619) وعن أم سلمة قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم أشد تعجيلا للظهر منكم وأنتم أشد تعجيلا للعصر منه . رواه أحمد والترمذي

**ام سلمه ﷝ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن اوهان کان اڳين نماز جلدي پڙهندا هئا ۽ اوهين وچين نماز ڪانئن جلدي پڙهو ٿا. هن کي احمد ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي.**

(620) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا كان الحر أبرد بالصلاة وإذا كان البرد عجل . رواه النسائي

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جڏهن گرمي[1] هوندي هئي تہ اڳين نماز تاخير سان ۽ جڏهن سردي هوندي هئي تہ جلدي پڙهندا هئا هن کي نسائي روايت ڪيو آهي.**

(621) وعن عبادة بن الصامت قال : قال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إنها ستكون عليكم بعدي أمراء يشغلهم أشياء عن الصلاة لوقتها حتى يذهب وقتها فصلوا الصلاة لوقتها " . فقال رجل : يا رسول الله أصلي معهم ؟ قال : " نعم " . رواه أبو داود

---

[1] _ علي قاري چوي ٿو تہ ڪن حديثن ۾ اڳين نماز جلد پڙهڻ جو حڪم آيو آهي ۽ ڪن ۾ دير سان_هن حديث ۾ اهو تعارض دفع ٿيڻ جو دليل آهي،يعني سردي ۾ اڳين نماز جلدي پڙهندا هئا ۽ گرمي ۾ دير ڪندا هئا.

۽ عباده بن صامت رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون کي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مونکان پوءِ اوهان تي اهڙا امير مقرر ٿيندا جن کي کي ڳالهيون (1) نماز وقت، (2) تي پڙهڻ کان روڪينديون. تانجو نماز جو وقت ختم ٿي ويندو، (3) پوءِ توهان وقت تي نماز پڙهجو، (4) هڪ شخص پڇيو اي الله جا رسول ﷺ! ڇا انهن سان گڏ نماز پڙهان؟ فرمايائون: ها(5) هن کي ابو داؤد روايت کيو آهي.

(622) وعن قبيصة بن وقاص قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يكون عليكم أمراء من بعدي يؤخرون الصلاة فهي لكم وهي عليهم فصلوا معهم ما صلوا القبلة " . رواه أبو داود

قبيصہ بن وقاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو اوهان تي مون کان پوءِ امير ٿيندا، جيکي نماز ۾ تاخير کندا (6) اوهان جون نمازون اوهان لاءِ (7) ۽ انهن جي نماز جو وبال (8) انهن تي هوندو. پوءِ جيستائين اهي قبلہ ڏانهن منهن کري نماز پڙهن، ساڻن گڏ نماز پڙهو.هن کي ابو داؤد روايت کيو آهي.

(623) وعن عبيد الله بن عدي بن الخيار : أنه دخل على عثمان وهو محصور فقال : إنك إمام عامة ونزل بك ما ترى ويصلي لنا إمام فتنة ونتحرج . فقال : الصلاة أحسن ما يعمل الناس فإذا أحسن الناس فأحسن معهم وإذا أساؤوا فاجتنب إساءتهم . رواه البخاري

عبيدالله بن عدي بن خيار رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هو داخل ٿيو عثمان رضي الله عنه تي جنهن وقت هو گهيري (9) ۾ هو. پوءِ چيائين تہ توهين عوام الناس جا امام آهيو ۽ اوهان تي جيکا (مصيبت) نازل ٿي آهي، اها اوهين پاڻ ڏسوتا ۽ اسان کي نماز پڙهائي ٿو (10) فتني جو امام اسين ان ۾ حرج (11) ڄاڻون ٿا. فرمايائين تہ جيکي کم ماڻهو کن ٿا، انهن مان سيني کان نماز بهتر آهي

---

1 _ پهريون نفساني ۽ دنياوي خواهشات.
2 _ يعني مستحب وقت.
3 _ مستحب وقت قضا ٿي ويندو.
4 _ پنهنجي وقت تي نماز پڙهواگرچہ اکيلا هجو.
5 _ تان تہ زياده ثواب ملي.
6 _ نماز کي يعني وقت مستحب تي پڙهجي.
7 _ يعني جيکڏهن انهن کان اوهان پهرين نماز پڙهي ۽پوءِ انهن سان گڏ پڙهي تہ پوءِ هي اوهان لاءِ نفل ٿي ۽ ثواب زياده ملندو.
8 _ اهو وبال متن ان کري آهي جو نيک وقت تي نماز پڙهڻ لاءِ قادر هئا.
9 _ جنهن ڏينهن شهيد ٿيا، پنهنجي جڳهہ ۾ گهيريل هئا.
10 _ يعني باغين جو سردار، ان جو نالو کنانہ بن بشيرهو.
11 _ يعني ان سان گڏجي نماز پڙهڻ کي

پوءِ جڏهن ماڻهو نيڪي ڪن ([1]) تون بہ انهن سان گڏجي نيڪي ڪر ۽ جڏهن برائي ڪن تہ انهن جي برائي کان پاڻ بچاءِ. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.

[1]_ هن مان ثابت ٿيو تہ نيڪ ۽ بد ماڻهن پنيان نماز پڙهڻ جائز آهي.

باب

# نماز جي فضيلتن جو بيان

## پهريون فصل

(624) عن عمارة بن روبية قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " لن يلج النار أحد صلى قبل طلوع الشمس وقبل غروبها " يعني الفجر والعصر . ( رواه مسلم )

**عماره بن رويبه ﷛ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کان فرمائيندي ٻڌو ته جنهن سج ايرڻ ۽ سج لهڻ کان اڳ يعني صبح ۽ عصر نماز_ پڙهي اهو دوزخ ۾ داخل نه ٿيندو[1] هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

( 625) وعن أبي موسى قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى البردين دخل الجنة ".

**ابوموسي ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله جن فرمايو ته جنهن ٻه ٿڌيون نمازون (فجر عصر) پڙهيون اهو بهشت ۾ داخل ٿيندو. متفق عليه**

(626) وعن أبي هريرة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " يتعاقبون فيكم ملائكة بالليل وملائكة بالنهار ويجتمعون في صلاة الفجر وصلاة العصر ثم يعرج الذين باتوا فيكم فيسألهم ربهم وهو أعلم بهم كيف تركتم عبادي فيقولون تركناهم وهم يصلون وأتيناهم وهم يصلون ".

**ابو هرير ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: اوهان وٽ هڪ ٻئي پٺيان فرشتا ڏينهن ۽ رات [2] اچن ٿا ۽ فجر ۽ عصر [3] نماز ۾ گڏجن ٿا_ پوءِ جن توهان وٽ ڏينهن گذاريو اهي مٿي چڙهن ٿا ته سندن رب انهن کان پڇي ٿو_ حالانڪ ڪيس انهن کان وڌي علم هوندو آهي. ته منهنجي ٻانهن کي ڪهڙيءَ حالت ۾ ڇڏيو؟ چوندا آهن اسان انهن کي نماز جي حالت ۾ ڇڏيو ۽ جڏهن وٽن وياسون ته به نماز پڙهي رهيا هئا. متفق عليه.**

---

[1]_ ياد رهي ته نماز پڙهڻ ڪري صغيره گناهه معاف ٿين ٿا ۽ هتي به اهو مطلب آهي ته اهي ٻئي نمازون پابندي سان پڙهڻ وارو شخص يقيناً ڪيترن گناهن کان بچندو،تنهن ڪري جهنم ۾ داخل نه ٿيندو.

[2]_ يعني صبح ۽ وچين نماز يا صبح ۽ سمهڻي نماز.

[3]_ يعني هڪڙا فرشتا اچن ٿا ۽ ٻيا وڃن ٿا ٻانهن جا اعمال ڪٽي.

(627) وعن جندب القسري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى صلاة الصبح فهو في ذمة الله فلا يطلبنكم الله من ذمته بشيء فإنه من يطلبه من ذمته بشيء يدركه ثم يكبه على وجهه في نار جهنم " . رواه مسلم . وفي بعض نسخ المصابيح القشيري بدل القسري.

**جندب قسري ر كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جنهن شخص صبح جي نماز پڙهي، اهو اللهﷻ جي ضمانت [1] ۾آهي. پوءِ پنهنجي انهيءَ ضمانت سبب توهان كان پڇا نہ كندو. ڇاكاڻ تہ پنهنجي ضمانت جي باوجود جنهن كان پڇا كيائين ان كي پكڙيندو ۽ اونڌي منهن دوزخ ۾ وجهندو. هن كي مسلم روايت كيو. مصابيح جي بعض نسخن ۾ قسريءَ جي بجاءِ قشيري آهي.**

(628) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لو يعلم الناس ما في النداء والصف الأول ثم لم يجدوا إلا أن يستهموا عليه لاستهموا ولو يعلمون ما في التهجير لاستبقوا إليه ولو يعلمون ما في العتمة والصبح لأتوهما ولو حبوا " .

**ابو هريره ر كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جيكڏهن ماڻهو كي خبر پوي تہ ٻانگ ڏيڻ ۽ پهرين صف ۾ بيهڻ جو كيترو درجو آهي، پوءِ انهن كي ڪُڻي كان سواءِ انجوموقعو نہ ملي تہ هوند ڪُڻو [2] وجهي بہ ان كي حاصل كن ۽ جيكڏهن ڄاڻن تہ اول وقت ۾ نماز ادا كرڻ ۾ كيتري خير و بركت ۽ اجر آهي تہ يقيناً ان لاءِ اڳرائي كن ۽ جيكڏهن انهن كي معلوم هجي تہ عشاءَ ۽ صبح نماز باجماعت پڙهڻ ۾ كيترو اجر ۽ خيروبركت آهي تہ لازماً انهن ۾ شريك ٿين، جيتوڻيك گوڏن ڀر [3] انهن كي ڇو نہ اچڻو پوي. متفق عليه**

(629) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ليس صلاة أثقل على المنافق من الفجر والعشاء ولو يعلمون ما فيهما لأتوهما ولو حبوا ".

**كانئس ئي روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ منافقن تي عشاءَ ۽ فجر نماز [4] كان وڌيك ڳري [5] ٻي كا نماز كانهي ۽ جيكڏهن انهن جي ثواب جي پروڙ پوين تہ جيكر گوڏن تي رڙهندا بہ نماز تي اچن. (متفق عليه)**

---

[1] _ فرشتن جون ٻئي جماعتون گڏجن ٿيون صبح مهل هك اها جماعت جيكا رات جو اوهان وٽ رهي ٿي ۽ ٻي اها جماعت جيكا ڏينهن جو رهندي .

[2] _ يعني الله جي امان ۽ عهد ۾ آهي هن كي كوبہ مسلمان تنگ نہ كري .

[3] _ يعني ٻانگ ڏيڻ ۽ پهرئين صف ۾ بيهڻ لاءِ ڪُڻو وجهندا، جيئن اڳرائي كري ثواب حاصل كن.

[4] _ يعني جيكڏهن كمزوريءَ سبب هلڻ جي طاقت نہ هجي تہ هوند گوڏن ڀر گهلبا اچن.

[5] _ عبادت كرڻ لاءِ منافقن جي مزاج ۾ سستي گهڻي هوندي، بلك نماز ڏيكارڻ خاطر پڙهندا آهن.

(630) وعن عثمان رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى العشاء في جماعة فكأنما قام نصف الليل ومن صلى الصبح في جماعة فكأنما صلى الليل كله " . رواه مسلم

**عثمان ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن عشاءَ نماز جماعت سان پڙهي، گويا اڌ رات بيٺو ۽ جنهن صبح نماز پڙهي، انهيءَ گويا سڄي رات نماز پڙهي ([1]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(631) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يغلبنكم الأعراب على اسم صلاتكم المغرب " . قال : " وتقول الأعراب هي العشاء " .

**ابن عمر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: مغرب جو نالو رکڻ بابت نہ غالب اچن اوهان تي جهنگلي ماڻهو. راوي چوي ٿو تہ اعرابي (ڳوناڻا) ماڻهو مغرب کي عشاء چوندا هئا.**

(632) وقال : " لا يغلبنكم الأعراب على اسم صلاتكم العشاء فإنها في كتاب الله العشاء فإنها تعتم بحلاب الإبل . رواه مسلم

**۽ فرمايائون تہ نہ غالب اچن ([2]) اوهان تي عشاءَ نماز جي نالي بدلائڻ ۾ اعرابي چوتہ ڪتاب الله ۾ ان جو نالو عشاءِ آهي. ([3]) ڇا ڪاڻ تہ ڏاچين جو کير ڏهڻ ([4]) سبب ان کي انڌيري ۾ ادا ڪندا آهن. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(633) وعن علي رضي الله عنه أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال يوم الخندق : " حبسونا عن صلاة الوسطى : صلاة العصر ملأ الله بيوتهم وقبورهم نارا ) . ( متفق عليه )

---

[1]_ فجر ۽ عشاءَ، چو تہ ننڊ وقت غفلت، آرام ۽ ننڊ جا هوندا آهن. ان ڪري ان مهل منافقن کي تڪليف ٿيندي آهي. مؤمن کي اهڙين خصلتن کان بچڻ گهرجي.

[2]_ يعني عشاءَ جي نماز سبب ثواب اڌ رات جو ۽ صبح جي نماز سبب ثواب باقي اڌ رات گويا ٻنهين نمازن سبب مڪمل ثواب ٿي مليو.

[3]_ جهنگلي ماڻهو جاهليت جي زماني وارا يعني نالا جاهلن وارا نہ رکو بلڪ ڪتاب ۽ سنت وارا رکو تان تہ ڪافرن ۽ فاجرن سان مشابهت نہ ٿئي.

[4]_چو تہ ڪلام پاڪ ۾ ڪيس عشاءَ (سمهڻي) چيل آهي.

**علي ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن خندق[1] واري ڏينهن فرمايو: انهن (مشرڪن) اسان کي وچين يعني عصر نماز کان روڪيو (2)الله تعاليٰ انهن جي گهرن کي ۽ قبرن کي باهہ سان ڀري. متفق عليه**

## فصل ٻيو

(634) عن ابن مسعود وسمرة بن جندب قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة الوسطى صلاة العصر " . رواه الترمذي

**ابن مسعود ۽ سمرة بن جندب ﷺكان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: وچين نماز عصر جي نماز آهي. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

(635) وعن أبي هريرة رضي الله عنه عن النبي صلى الله عليه وسلم في قوله تعالى : ( إن قرآن الفجر كان مشهودا ) قال : " تشهده ملائكة الليل وملائكة النهار " . رواه الترمذي

**ابو هريره ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن باري تعاليٰ جي فرمان (ترجمہ) بيشڪ قرآن فجر جو حاضر ڪيو وڃي ٿو. ان بابت فرمايائون تہ ان ۾ رات ۽ ڏينهن جا فرشتا موجود هوندا آهن. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٽيون

(636) عن زيد بن ثابت وعائشة قالا : الصلاة الوسطى صلاة الظهر رواه مالك عن زيد والترمذي عنهما تعليقا.

**زيد بن ثابت ۽ عائشہ ﷺ كان روايت آهي تہ: وچين نماز مان مراد ظهر[3] جي نماز آهي. ان کي مالڪ زيد ﷺ کان روايت ڪيو ۽ ترمذي ٻنهي کان تعليقاً آندي آهي.**

(637) وعن زيد بن ثابت قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي الظهر بالهاجرة ولم يكن يصلي صلاة أشد على أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم منها فنزلت ( حافظوا على الصلوات والصلاة الوسطى ) وقال إن قبلها صلاتين وبعدها صلاتين . رواه أحمد وأبو داود

---

[1] _ڪير ڏهڻ سبب نماز جي وقت ۾ تاخير ڪندا هئا.

[2] _ يوم خندق کي يوم الاحزاب بہ چون ۽ ان جنگ کي غزوه خندق ان ڪري چيوويو آهي جو تہ ان جنگ ۾ مديني جي چوگرد وڏي کاهي کوٽي وئي هئي.

[3] _ صلواة وسطيٰ يعني عصر نماز.

**زيد بن ثابت رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ظهر سخت گرميءَ ۾ پڙهندا هئا. پاڻ کا نماز ادا نہ فرمائيندا هئا، جيڪا رسول الله ﷺ جن جي اصحاب تي ان کان زياده سخت هجي. پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي (ترجمہ) نگهباني ڪريو نمازن ۽ وچين نماز جي([1]) زيد چوي ٿو تہ عصر کان اڳ بہ نمازون آهن ۽ پوءِ بہ نمازون آهن. هن کي احمد ۽ ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

( 638) وعن مالك بلغه أن علي بن أبي طالب وعبد الله بن عباس كانا يقولان : الصلاة الوسطى صلاة الصبح . رواه في الموطأ

**امام مالڪ کي حديث پهتي تہ علي بن ابي طالب ۽ عبدالله بن عباس رضي الله عنهفرمائيندا هئا تہ وچين نماز صبح جي نماز آهي([2]) ان کي مؤطا ۾ روايت ڪيائين.**

(639) ورواه الترمذي عن ابن عباس وابن عمر تعليقا.

**۽ ترمذيءِ هن کي ابن عباس کان ۽ ابن عمر رضي الله عنه کان تعليقاً روايت ڪيوآهي. ([3])**

(640) وعن سلمان قال سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " من غدا إلى صلاة الصبح غدا براية الإيمان ومن غدا إلى السوق غدا براية إبليس " . رواه ابن ماجه

**سلمان فارسي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو تہ جو صبح سوير([4]) نماز فجر تي ويو، انهيءَ ايمان جي جهنڊي سان صبح ڪئي ۽ جو صبح سوير بازار ويو انهيءَ ابليس جي جهنڊي سان صبح ڪئي. هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

**فائده : هن حديث ۾ راوي عبيس بن ميمون منڪر آهي. (مشڪواة ص201ج1)**

# اذان جو بيان

## پهريون فصل

[1]_ چو تہ رات جي ٻن نمازن ( سانجهيءَ ۽ سمهڻي) ۽ ڏينهن جي ٻن(صبح ۽ عصر) نمازن جي وچ ۾ آهي.

[2]_ يعني سند حذف آهي.

[3]_ وچ واري نماز بقول نبي ﷺ عصر ئي آهي ۽ ان متعلق بيبي عائشہ رضي الله عنها يا ٻين اصحابن جا اقوال اجتهاد آهي.

[4]_ هن مان مراد رحمت ۽ لغت آهي يعني صبح ڪرڻ نماز صبح سان رحمت آهي ۽ صبح ڪرڻ بازار ۾ وڃڻ سان لعنت آهي.

(641) عن أنس قال : ذكروا النار والناقوس فذكروا اليهود والنصارى فأمر بلال أن يشفع الأذان وأن يوتر الإقامة . قال إسماعيل : فذكرته لأيوب . فقال : إلا الإقامة.

**انس كان روايت آهي تہ ذڪر[1] ڪيائيون باهہ ۽ ناقوس[2] جو پوءِ ذڪر ڪيائون يهودين ۽ عيسائين جو. پوءِ بلال کي حڪم ڏنو ويو تہ اذان جا الفاظ هڪ هڪ دفعو چوي (راوي) اسماعيل چوي ٿو مون اها روايت ايوب کي ٻڌائي. چيائين: مگر﴿قد قامت الصلاة﴾ بہ دفعا چوندوهو. متفق عليه.**

(642) وعن أبي محذورة قال : ألقى علي رسول الله صلى الله عليه وسلم التأذين هو بنفسه فقال : " قل الله أكبر الله أكبر الله أكبر الله أكبر أشهد أن لا إله إلا الله أشهد أن لا إله إلا الله أشهد أن محمدا رسول الله أشهد أن محمدا رسول الله . ثم تعود فتقول : أشهد أن لا إله إلا الله أشهد أن لا إله إلا الله أشهد أن محمدا رسول الله أشهد أن محمدا رسول الله . حي على الصلاة حي على الصلاة حي على الفلاح حي على الفلاح . الله أكبر الله أكبر لا إله إلا الله " . رواه مسلم

**ابو محذوره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون کي رسول الله ﷺ جن بنفس نفيس پاڻ اذان جا الفاظ القا [3] ڪيا (سيڪاريا) . فرمايائون ، چئو : الله سڀ کان وڏو آهي، الله سڀ کان وڏو آهي،الله سڀ کان وڏو آهي، الله سڀ کان وڏوآهي[4] شاهدي ڏيان ٿو تہ ڪوبہ معبود نہ آهي مگر الله، شاهدي ڏيان ٿو تہ ڪوبہ معبود نہ آهي مگر الله، شاهدي ڏيان ٿو تہ تحقيق محمد الله جو رسول آهي،شاهدي ڏيان ٿو تہ تحقيق محمد الله جو رسول آهي.پوءِ وري موٽائي بہ دفعا چئو:شاهدي ڏيان[5]ٿو تہ ڪو بہ معبودنہ آهي مگر الله، شاهدي ڏيان ٿو تہ ڪو بہ معبود نہ آهي مگر الله، شاهدي ڏيان ٿو تہ تحقيق محمد الله جو رسول آهي، شاهدي ڏيان ٿو تہ تحقيق محمد الله جو رسول آهي. اچو نماز لاءِ، اچو نماز لاءِ. اچو ڪاميابي لاءِ، اچو ڪاميابي لاءِ. الله سڀ کان وڏو آهي،الله سڀ کان وڏو آهي ان کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود نہ آهي ان کي مسلم روايت ڪيو.**

## فصل ٻيو

[1]_ يعني نماز جا اوقات معلومڪرڻ.

[2]_ يهودين جي رسم ۾ ناقوس بہ آهي، جڏهن تہ ڪي يهودي باهہ بہ ٻاريندا هئا.

[3]_يعني الله اڪبر چار دفعا ۽ باقي لقفظ بہ بہ دفعا

[4]_ يعني پاڻ سڳورن بنفس نفيس خود سيڪاريا.

[5]_شاهد آهيان يعني ڄاڻان ٿو.

(643) عن ابن عمر قال : كان الأذان على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم مرتين مرتين والإقامة مرة مرة غير أنه كان يقول : قد قامت الصلاة قد قامت الصلاة . رواه أبو داود والنسائي والدارمي

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ بانگ ۾ لفظ ٻہ ٻہ دفعا ۽ تڪبير ۾ هڪ هڪ دفعو چئبا هئا مگر ”قد قامت الصلاة، قد قامت الصلاة ٻہ دفعا چئبو هو. هن کي ابو داؤد نسائي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

(644) وعن أبي محذورة : أن النبي صلى الله عليه وسلم علمه الأذان تسع عشرة كلمة والإقامة سبع عشرة كلمة . رواه أحمد والترمذي وأبو داود والنسائي والدارمي وابن ماجه

**ابو محذوره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ان کي بانگ لاءِ 19 لفظ ۽ تڪبير لاءِ 17_لفظ سيکاريا[1] هن کي احمد، ترمذي، ابو داؤد، نسائي، درمي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

(645) وعنه قال : قلت يا رسول الله علمني سنة الأذان قال : فمسح مقدم رأسه . وقال : " وتقول الله أكبر الله أكبر الله أكبر الله أكبر ترفع بها صوتك ثم تقول : أشهد أن لا إله إلا الله أشهد أن لا إله إلا الله أشهد أن محمدا رسول الله أشهد أن محمدا رسول الله تخفض بها صوتك ثم ترفع صوتك بالشهادة : أشهد أن لا إله إلا الله أشهد أن لا إله إلا الله أشهد أن محمدا رسول الله أشهد أن محمدا رسول الله حي على الصلاة حي على الصلاة حي على الفلاح حي على الفلاح فإن كان صلاة الصبح قلت : الصلاة خير من النوم الصلاة خير من النوم الله أكبر الله أكبر لا إله إلا الله " رواه أبو داود

[1]_يعني بانگ ۽ تڪبير ان طرح چئجي تہ بہ جائز آهي. پر حنفين تي الزام اچي ٿو تہ تڪبير ۾ تہ هن حديث تي عمل ڪن ٿا، مگر بانگ ۾ هن حديث تي عمل نٿا ڪن. يعني بانگ جا 15_ڪلما چون ٿا ۽ تڪبير جا 17_ پوءِ هڪ حصي ڪي مڃڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۽ ٻئي ڪي ڇڏي ڏيڻ ۽ ان تي عمل نہ ڪرڻ اهو عقل کان بعيد آهي.

صحابہ ڪرام هڪ اهڙي شيءِ جي ڳولا ڪئي جنهن جي ذريعي نماز جو اعلان ۽ اطلاع ڪن. تنهن تي بلال کي حڪم ٿيو تہ بانگ جالفظ بہ ٻيرا چؤ۽ تڪبير جا لفظ هڪ ٻيرو. هتي ٻيون ٽي حديثون ابن ماجه ص 153۾ ۽ ابو داؤد ص12 ۾ هڪ ۽ ترمذيءَ بہ هڪ روايت آندي آهي. بقول امام ترمذي.

امام مالڪ، امام شافعي، امام احمد ۽ امام اسحاق جو عمل آحي. انهيءَ ڪري بلالي بانگ ۽ بلالي تڪبير کي محذوره ابو محذوره جو بانگو هو مدني بانگ کي ابو محذوره جي بانگ ۽ تڪبير کان وڌيڪ اصح سمجهون ٿا، چو تہ بلال رضي الله عنه نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي زماني جو بانگو هو ۽ ابو محذوره کي اهو مقام حاصل نہ آهي. امام محي السنه نووي فرمائي ٿو تہ بلالي بانگ ۽ تڪبير تي حرمين، حجاز، يمن، شام، مصر ۽ مغرب ۾ جتي ڪٿي عمل آهي دنيا جي پير شيخ عبدالقادر جيلانيؒ جو بہ اهوئي مذهب آهي.

**ابو محذوره ﷛ کان روايت آهي تہ مون چيو تہ يا رسول اللهﷺ مون کي بانگ جوطريقو سيکاريو(راوي) چوي ٿو تہ پوءِ منهنجي پيشانيءَ تي هٿ ڦيريائين ۽ چيائين تہ چؤ الله اکبر،الله اکبر، الله اکبر، الله اکبر، اهي بلندآواز سان چؤ. پوءِ چؤ: اشهد ان لا اله الا الله، اشهد ان لا اله الاالله،اهي(ڪجهہ)هلڪي آواز سان ادا ڪرپوءِ شهادت جي ڪلمن کي بلند آواز سان ادا ڪر اشهد ان لا اله الاالله، اشهد ان لا اله الاالله، اشهد ان محمد رسول الله، اشهد ان محمد رسول الله، حي علي الصلٰوة، حي علي الصلٰوة، حي علي الفلاح، حي علي الفلاح جيڪڏهن صبح جي نماز هجي تہ چؤ: الصلوة خيرمن النوم، الصلوة خيرمن النوم، اَللهُ اَكبَرُ ، اَللهُ اَكبَرُ ، لا اله الاالله، هن کي ابو دائود روايت ڪيو آهي.**

(646) وعن بلال قال : قال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تثوبن في شيء من الصلوات إلا في صلاة الفجر " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي : أبو إسرائيل الراوي ليس هو بذاك القوي عند أهل الحديث

**بلال﷛ کان روايت آهي تہ مون کي رسول اللهﷺ جن چيو تہ تثويب([1]) يعني الصلوة خير من النوم جا لفظ فجر نماز کان سواءِ ٻي ڪنهن نماز جي بانگ ۾ نہ چئج. هن کي ترمذي ۽ ابن ماجہ بيان ڪيو آهي ۽ترمذي چيوآهي تہ ابو اسرائيل راوي اهل حديث وٽ قوي نہ آهي.**

(647) وعن جابر أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال لبلال : " إذا أذنت فترسل وإذا أقمت فاحدر واجعل بين أذانك وإقامتك قدر ما يفرغ الآكل من أكله والشارب من شربه والمعتصر إذا دخل لقضاء حاجته ولا تقوموا حتى تروني " . رواه الترمذي وقال : لا نعرفه إلا ن حديث عبد المنعم وهو إسناد مجهول

**جابر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن بلال کي چو تہ جڏهن تون بانگ ڏين تہ (اهي الفاظ) آهستي آهستي ادا ڪر، جڏهن تڪبير چوين تہ جلدي جلدي ادا ڪر. بانگ ۽ تڪبير جي وچ ۾ ايتري دير ڪر جو کائيندڙ کاڌي کان ۽ پيئندڙ پيئڻ کان ۽ حاجت وارو جڏهن قضا حاجت لاءِ پائخاه ۾ ويو هجي تہ ان کان فارغ ٿي سگهي ۽ جيستائين مون کي نہ ڏسو تيستائين نماز لاءِاٿي نہ بيهو هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ چيو اٿس تہ اسين ان کي عبدالمنعم کان سواءِ نٿا ڄاڻون. ان جي سند مجهول (نامعلوم) آهي.**

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ تثويب يعني الصلاة خير من النوم فجر نماز کان سواءِ ٻي نماز ۾ نہ چئجي. ڪي بدعتي جڏهن بانگ ڏيڻ کان پوءِ ماڻهو دير ڪندا آهن تہ اصلوٰة الصلوٰة يا اهڙي ٻيا ڪي لفظ ڪم آڻيندا آهن. اها بدعت آهي.

(648) وعن زياد بن الحارث الصدائي قال : أمرني رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أن أؤذن في صلاة الفجر " فأذنت فأراد بلال أن يقيم فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن أخا صداء قد أذن ومن أذن فهو يقيم " . رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه

**زياد بن حارث صدائي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون کي رسول الله ﷺ جن هڪ دفعي فجر نماز لاءِ بانگ چوڻ جو حڪم فرمايو، تنهن ڪري مون بانگ ڏني.پوءِ بلال تڪبير چوڻ جو اراد ڪيو. رسول الله ﷺ جن فرمايو: پنهنجي ڀاءُ صداءَ بانگ ڏني آهي ۽ جيڪو بانگ ڏي، اهوئي تڪبير چوي[1] هن کي ترمذي، ابو داؤد ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ عبدالرحمن بن زياد افريقي راوي ضعيف آهي. (مشڪوٰة(الباني ص205ج1)**

## فصل ٽيون

(649) عن ابن عمر قال : كان المسلمون حين قدموا المدينة يجتمعون فيتحينون الصلاة ليس ينادى بها أحد فتكلموا يوما في ذلك فقال بعضهم : اتخذوا مثل ناقوس النصارى وقال بعضهم : قرنا مثل قرن اليهود فقال عمر أولا تبعثون رجلا ينادي بالصلاة ؟ فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يا بلال قم فناد بالصلاة ".

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جڏهن مسلمان مديني آيا تہ نماز لاءِ گڏ ٿيندا هئا ۽ وقت جو اندازو ڪندا هئا بانگ وغيره نہ چوندا هئا. پوءِ ان بابت گفتگو ڪيائون. ڪن چيو تہ نماز جي اطلاع لاءِ نصارن وارو ڏڪڙ ڪم آڻجي ۽ ڪن چيو تہ يهودين وانگر سنڱ استعمال ڪجي. عمر ﷺ چيو تہ ڇو نہ اوهان ڪنهن ماڻهوءَ کي موڪليو جو نماز لاءِ منادي ڪري. رسول الله ﷺ جن بلال کي چيو تہ اٿ ۽ نماز لاءِ بانگ ڏي، متفق عليه.**

(650) وعن عبد الله بن زيد بن عبد ربه قال : لما أمر رسول الله صلى الله عليه وسلم بالناقوس يعمل ليضرب به للناس لجمع الصلاة طاف بي وأنا نائم رجل يحمل ناقوسا في يده فقلت يا عبد الله أتبيع الناقوس قال وما تصنع به فقلت ندعو به إلى الصلاة قال أفلا أدلك على ما هو خير من ذلك فقلت له بلى قال فقال تقول الله أكبر إلى آخره وكذا الإقامة فلما أصبحت أتيت رسول الله صلى الله عليه وسلم فأخبرته بما رأيت فقال : " إنها لرؤيا حق إن شاء الله فقم مع بلال فألق عليه ما رأيت فليؤذن به فإنه أندى صوتا منك " فقمت مع بلال فجعلت ألقيه عليه ويؤذن

---

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ بانگي کي تڪبير چوڻ بہ مستحب آهي. امام شوڪاني فرمائي ٿو تہ صداءَ جڪي حديث مان دليل وٺڻ بهتر آهي. ڇو تہ حديث عبدالله بن زيد رضي الله عنه جي حديث،جنهن ۾ بلال رضي الله عنه کي بانگ ۽ عبدالله کي تڪبير چوڻ جو حڪم آهي.اهو سن 1_هجريءَ جو واقعو آهي ۽ صداءَ رضي الله عنه واري حديث بلاشڪ وشبه بعد جي آهي.تنهن ڪري پوئين حديث تي عمل ڪرڻ پهرئين حديث کان وڌيڪ آهي.

به قال فسمع بذلك عمر بن الخطاب وهو في بيته فخرج يجر رداءه ويقول والذي بعثك بالحق لقد رأيت مثل ما أري فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " فلله الحمد " . رواه أبو داود والدارمي وابن ماجه إلا أنه لم يذكر الإقامة . وقال الترمذي : هذا حديث صحيح لكنه لم يصرح قصة الناقوس

**عبدالله بن زيد بن عبد ربهؓ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول اللهﷺ جن حڪم ڪيو تہ ناقوس ٺاهي وڄايو وڃي جنهن سان ماڻهن کي نماز تي جمع ڪجي. ان دوران ننڊ ۾ مون کي هڪ شخص ناقوس ڪڍي گهمندي نظر آيو. مون ان کي چيو تہ اي الله جا ٻانها! تون ناقوس وڪڻندين؟ انهيءَ چيو تہ ان کي ڇاڪندي؟ مون چيو تہ انهيءَ سان ماڻهن کي نماز لاءِ سڏيندا سون. ان چيو تہ توکي ان لاءِ ناقوس کان وڌيڪ چڱي ڳالهہ نہ ڏسيان؟ مون ان کي چيو تہ هائو! ان چيو تہ تون چؤ الله اڪبر ... آخر تائين اذان_ ۽ اهڙي طرح تڪبير ڏسيائين. جڏهن صبح ٿيو تہ رسول اللهﷺ جن وٽ آيس ۽ ڪين خواب ۾ جيڪي ڏٺو هو، ان جي خبر ڏنم. رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ان شاءَ الله تعاليٰ اهو خواب سچو آهي. پوءِ اٿي بلال سان گڏ بيهہ ۽ جيڪي تو ڏٺو آهي، ان کي ٻڌاءِ تہ ان موجب ٻانگ ڏي، ڇو تہ انهيءَ جو تو کان بلند آواز آهي. پوءِ آئون بلال سان اٿي بيٺس ۽ ڪيس اهي الفاظ ٻڌايا، جن سان انهيءَ آذان ڏني (راوي) چوي ٿو تہ عمر بن خطابؓ پنهنجي گهراذان ٻڌي تہ چادر گهليندو ٻاهر نڪري آيو. چوڻ لڳو تہ يا رسول اللهﷺ! انهيءَ ذات پاڪ جو قسم آهي جنهن توهان کي حق سان موڪليو آهي، جهڙيءَ طرح انهيءَ (خواب) ڏٺو، تيئن مون بہ ڏٺو آهي. رسول اللهﷺ جن فرمايو: سڀ ساراهہ الله تعاليٰ لاءِ آهي. هن کي ابو داؤد، دارمي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو. مگر تڪبير جو ذڪر نہ ڪيو اٿس ۽ ترمذي چيو تہ حديث صحيح آهي پر ناقوس جو قصو بيان نہ ڪيو اٿس.**

(651) وعن أبي بكرة قال : خرجت مع النبي صلى الله عليه وسلم لصلاة الصبح فكان لا يمر برجل إلا ناداه بالصلاة أو حركه برجله . رواه أبو داود

**ابو بڪرةؓ کان روايت آهي تہ آئون نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ نماز لاءِ نڪتس پوءِ پاڻ جنهن وٽان لنگهيا ٿي، ان کي نماز لاءِ سڏيائون ٿي يا پير سان ان کي لوڏيائون ٿي. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ سند ۾ راوي ابو الفضل مجهول آهي (مشڪوٰة _الباني ص206ج1)**

(652) وعن مالك بلغه أن المؤذن جاء عمر يؤذنه لصلاة الصبح فوجده نائما فقال : الصلاة خير من النوم فأمره عمر أن يجعلها في نداء الصبح . رواه في الموطأ

امام مالڪ ڪي هيءَ ڳالهہ پهتي تہ جڏهن عمر وٽ بانگو آيو، جيئن ان کي نماز جي خبر ڏي تہ ڪيس ننڊ ۾ ڏٺائين. تنهن ڪري چيائين تہ ﴿الصلوٰة خير من النوم﴾ تنهن تي ان کي عمر حڪم ڪيو تہ اهي لفظ صبح جي اذان ۾ چوندو ڪر ان کي مالڪ مؤطا ۾ بيان ڪيو.

(653) وعن عبد الرحمن بن سعد بن سعد بن عمار بن سعد مؤذن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : حدثني أبي عن أبيه عن جده أن رسول الله صلى الله عليه وسلم أمر بلالا أن يجعل أصبعيه في أذنيه وقال : " إنه أرفع لصوتك " . رواه ابن ماجه

عبدالرحمٰن بن سعد بن سعد بن عمار بن سعد رسول الله ﷺ جي بانگي کان روايت آهي تہ مون کي منهنجي پيءُ، انهيءَ پنهنجي پيءُ، انهيءَ سندس ڏاڏي کان حديث بيان ڪئي تہ رسول الله ﷺ جن بلال کي حڪم ڪيو تہ بئي[1] آڱريون پنهنجي ڪنن ۾ وجهي بانگ ڏي ۽ فرمايائون تہ ان سان تنهنجو آواز وڌيڪ بلند ٿيندو. هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

فائده:_ ان حديث جي سند ضعيف آهي ڇاڪاڻ تہ سعد جي اولاد ۾ ضعف آهي. ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ واري ابو جحيفہ رضي الله عنه کان روايت ڪيل حديث صحيح آهي. (مشڪوٰة_ الباني ص206ج1)

# بانگ [2] جي ڀلائي ۽ بانگي کي جواب[3] ڏيڻ جو بيان

## فصل پهريون

(654) عن معاوية قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " المؤذنون أطول الناس أعناقا يوم القيامة " . رواه مسلم

معاويہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ: قيامت جي ڏينهن بانگا سيني کان ڊگهي [4] ڪنڌ وارا هوندا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

---

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ بانگ ڏيڻ وقت ٻئي آڱريون ڪنن ۾ وجهڻ مستحب آهن، هن لاءِ تہ آواز زياده ٿئي. بانگ جي فضيلت ۾ گهڻيون حديثون آيل آهن جي ان شاءالله تعاليٰ بيان ٿينديون.

[2]_ شيخ عبدالحق لکيو آهي تہ بانگ جو جواب ڏيڻ واجب آهي يعني ساڳيا لفظ چوڻ گهرجن ۽ نماز تي بہ اچڻ گهرجي.

[3]_ يعني گهڻي ثواب وارا، يا سردار، يا اجر جا وڏا اميد وارا هوندا.

[4]_ هن جو مطلب آهي تہ شيطان واقعي ٽٽ ڏيندو آهي چو تہ ان کي بہ جسم آهي.

(655) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إذا نودي للصلاة أدبر الشيطان وله ضراط حتى لا يسمع التأذين فإذا قضى النداء أقبل حتى إذا ثوب بالصلاة أدبر حتى إذا قضى التثويب أقبل حتى يخطر بين المرء ونفسه يقول اذكر كذا اذكر كذا لما لم يكن يذكر حتى يظل الرجل لا يدري كم صلى ".

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن نماز لاءِ بانگ ڏني وڃي ٿي تہ شيطان[1] ٽٽ ڏيندو پٺ ڏيئي ڀڄي ٿو. تانجو جڏهن تڪبير پوري ڪئي وڃي ٿي تہ وري واپس اچي ٿو. تانجو ماڻهو ۽ سندس دل جي وچ ۾ وسوسا وجهي ٿو ۽ چوي ٿو هيءَ شيءِ ياد ڪر، هيءَ شيءِ ياد ڪر.جيڪي ڳالهيون ياد نہ هيس سي نماز ۾ ياد ڏياريندو اٿس، تانجو ماڻهو کي اها خبر نہ ٿي رهي تہ ڪيتري نماز پڙهي اٿس. متفق عليه.**

(656) وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يسمع مدى صوت المؤذن جن ولا إنس ولا شيء إلا شهد له يوم القيامة " . رواه البخاري

**ابو سعيد خدريﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: بانگي جي آواز جو پڙلاءُ ([2]) جنّ، ماڻهو ۽ ٻيون شيون جيڪي بہ ٻڌن ٿيون سي ان بابت قيامت جي ڏينهن شاهدي ڏينديون. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(657) وعن عبد الله بن عمرو بن العاص أنه سمع النبي صلى الله عليه وسلم يقول : " إذا سمعتم المؤذن فقولوا مثل ما يقول ثم صلوا علي فإنه من صلى علي صلاة صلى الله عليه بها عشرا ثم سلوا الله لي الوسيلة فإنها منزلة في الجنة لا تنبغي إلا لعبد من عباد الله وأرجو أن أكون أنا هو فمن سأل لي الوسيلة حلت عليه الشفاعة . رواه مسلم

**عبدالله بن عمرو بن عاص ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهين بانگي جو آواز ٻڌو تڏهن جيڪي اهو چوي ٿو سو اوهين[3] بہ چئو پوءِ مون تي صلوٰة پڙهو. ڇاڪا تہ جيڪو مون تي صلوٰة پڙهندو، ان جي عيوض ان تي اللهتعاليٰ ڏهہ دفعا رحمت موڪلي ٿو. پوءِ مون لاءِ اللهتعاليٰ کان وسيلو گهر. تحقيق اهو بهشت ۾ هڪ خاص درجو آهي جو الله تعاليٰ جي ٻانهن مان فقط هڪ ٻانهي کي ملندو. آئون اميد رکان ٿو تہ اهو آئون هجان. پوءِ جيڪو مون لاءِ وسيلو گهرندو ان لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿيندي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ ٽٽ هن ڪري جو بانگ هن تي تمام ڳري پوي ٿي، جيئن گڏهہ تي گهڻو بار وجهبو آهي تہ ٽٽ ڏيندو آهي.

[2]_ مديٰ، آواز جو ڪن ۾ پوي پر لفظ سمجهہ ۾ نہ اچن. سنڌيءَ ۾ ان کي پڙلاءُ چوندا آهن انهيءَ ڪري بانگي کي شاهدن جو عدد وڌائڻ لاءِ پنهنجو آواز وڏو ڪرڻ گهرجي.

[3]_ هن مان مراد آهي تہ ﴿حي علي الصلٰوة﴾ ۽ ﴿حي علي الفلاح﴾ کان سواءِ ٻيا الفاظ بانگي وانگر چئجن ﴿ الصلٰوة خير من النوم﴾ تي ﴿صدقت و بررت وبالحق نطقت﴾ جا جيڪي لفظ عام طور چيا وڃن ٿا، انهن جو صحيح حديث ۾ ثبوت ڪونهي.

(658) وعن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قال المؤذن الله أكبر الله أكبر فقال أحدكم الله أكبر الله أكبر ثم قال أشهد أن لا إله إلا الله قال أشهد أن لا إله إلا الله ثم قال أشهد أن محمدا رسول الله قال أشهد أن محمدا رسول الله ثم قال حي على الصلاة قال لا حول ولا قوة إلا بالله ثم قال حي على الفلاح قال لا حول ولا قوة إلا بالله ثم قال الله أكبر الله أكبر قال الله أكبر الله أكبر ثم قال لا إله إلا الله قال لا إله إلا الله من قلبه دخل الجنة " . رواه مسلم

**عمر ر كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ٻانگو الله اڪبر، الله اڪبر چوي تڏهن اوهان مان ڪو دل جي خلوص سان الله اڪبر،الله اڪبر چوي. وري ٻانگو اشهد ان لااله الاالله چوي، تہ اهو بہ اشهد ان لااله الاالله چوي. وري ٻانگو اشهد ان محمد رسول الله چوي تہ اهو اشهد ان محمد رسول الله چوي. پوءِ ٻانگو حي علي الصلوٰة چوي تہ اهو چوي لاحول ولا قوة الا بالله، پوءِ ٻانگو حي علي الفلاح چوي تہ اهو لا حول ولا قوة الا بالله چوي وري ٻانگو چوي الله اڪبر، الله اڪبر تہ اهو چوي الله اڪبر الله اڪبر پوءِ ٻانگو لااله الاالله چوي تہ اهو بہ لااله الاالله چوي تہ اهو بهشت ۾ داخل ٿيندو.[1] هن ڪي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(659) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من قال حين يسمع النداء اللهم رب هذه الدعوة التامة والصلاة القائمة آت محمدا الوسيلة والفضيلة وابعثه مقاما محمودا الذي وعدته حلت له شفاعتي يوم القيامة " . رواه البخاري

**جابر ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو ماڻهو ٻانگ ٻڌڻ بعد هي دعا پڙهي: اي منهنجا ﷲ هن ڪامل سڏ، قائم نماز جا رب! محمدﷺ ڪي وسيلو ۽ فضيلت عطا فرماءِ ڪين مقام محمود[2] تي فائز فرماءِ جنهن جو تو ان سان وعدو ڪيو آهي تہ قيامت جي ڏينهن اهڙي ماڻهو لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿيندي. هن ڪي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(660) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يغير إذا طلع الفجر وكان يستمع الأذان فإن سمع أذانا أمسك وإلا أغار فسمع رجلا يقول الله أكبر الله أكبر فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " على الفطرة " ثم قال

---

[1]_ انهن لفظن ۾ معنيٰ هي آهي تہ گناهن ڪان بچڻ ۽ بندگي جي طاقت ﷲ جي مدد ۽ توفيق ڪان سواءِ ممڪن ڪونهي.

[2]_ قرآن شريف ۾ آهي: ﴿ عسيٰ ان يبعثڪ ربڪ مقاما محمودا﴾ (عنقريب توکي تنهنجو رب ساراهيل هنڌ تي ٻيهاريندو) بيهقي جي روايت ۾ دعا ۾ ﴿انڪ لا تخلف الميعاد﴾ بہ آهي. باقي ﴿يا ارحم الراحمين﴾ جا لفظ حديث ۾ نہ آهن (علي قاري)

أشهد أن لا إله إلا الله رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خرجت من النار " فنظروا فإذا هو راعي معزى . رواه مسلم

**انس ﷺ کان روایت آهي تہ(جنگ ۾) رسول اللهﷺ صبح وقت ڪافرن تي حملي جو حڪم ڪندا هئا ۽ بانگ ٻڌڻ جو خيال رکندا هئا. پوءِ جڪيڏهن بانگ ٻڌندا هئا تہ(1) حملي ڪرڻ کان روڪيندا هئا ۽ جيڪڏهن بانگ نہ ٻڌندا هئا تہ حملي جو حڪم ڪندا هئا. پوءِ هڪ ماڻهو کان چوندي ٻڌائون تہ الله اڪبر الله اڪبر تڏهن رسول اللهﷺ جن فرمايو: (دين) فطرت تي آهين. جڏهن ان چيو اشهد ان الااله الاالله تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ باهہ کان نڪتين. پوءِ اصحابن ان ڏانهن نظر ڪئي، ڏٺائون تہ اهو ٻڪرين جو ڌنار! هو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(661) وعن سعد بن أبي وقاص قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم أنه قال : " من قال حين يسمع المؤذن أشهد أن لا إله إلا الله وحده لا شريك له وأن محمدا عبده ورسوله رضيت بالله ربا وبمحمد رسولا وبالإسلام دينا غفر له ذنبه " . رواه مسلم

**سعد بن ابي وقاصﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو ماڻهو بانگي کان بانگ ٻڌي هي دعا پڙهي (ترجمو)(2) آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪو معبود نہ آهي ۽ اهو اڪيلو آهي سندس ڪو شريڪ نہ آهي ۽ تحقيق محمدﷺ ان جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي ۽ الله کي رب محمدﷺ کي رسول، ۽ اسلام کي دين مڃڻ تي راضي ٿيس تہ ان جا گناهہ بخشيا ويندا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(662) وعن عبدالله بن مغفل قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " بين كل أذانين صلاة بين كل أذانين صلاة " ثم قال في الثالثة " لمن شاء ".

**عبدالله بن مغفلﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله جن فرمايو: هر بانگ ۽ تڪبير جي وچ ۾ نماز آهي(3) هر بانگ ۽ تڪبير جي وچ ۾ نماز آهي. پوءِ ٽئين دفعي فرمايائون تہ جيڪو (پڙهڻ) گهري(4) هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ بانگ ايمان ۽ ڪفر جي معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ نشان آهي.
[2]_ يعني هي دعا بانگي جي ﴿ اشهد ان لا اله الاالله﴾ چوڻ وقت يا سڄي بانگ پوري ٿيڻ کان پوءِ پڙهڻ گهرجي.
[3]_ انهيءَ وقت نماز جو حڪم ان ڪري مليو آهي تہ بانگ ۽ تڪبير جي وچ ۾ دعا قبول ٿئي ٿي ۽ رد نٿي ٿئي. انهي ڪري انهيءَ وقت ۾ نماز پڙهڻ سنت آهي.
[4]_﴿ لمن شآءَ﴾ جي چوڻ مان مطلب هي آهي تہ اها نماز سنت آهي واجب نہ آهي.

## فصل ٻيو

(663) عن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الإمام ضامن والمؤذن مؤتمن الله أرشد الأئمة واغفر للمؤذنين " . رواه أحمد وأبو داود والترمذي والشافعي وفي أخرى له بلفظ المصابيح

**ابو هريره ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ امام ضامن[1] ۽ ٻانگو امين آهي[2] يا الله امامن کي سنئين واٽ ڏيکار ۽ ٻانگن کي بخش. هن کي احمد، ابوداؤد، ترمذي ۽ شافعي روايت ڪيو آهي ۽ شافعي جي ٻي روايت ۾ مصابيح جا لفظ آهن .**

(664) وعن ابن عباس أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " من أذن سبع سنين محتسبا كتبت له براءة من النار " . رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه .

**ابن عباس ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو ماڻهو ثواب لاءِ ٻانگ ست سال ڏيندو. ان لاءِ باھ کان ڇوٽڪارو لکيو ويندو هن کي ابو داؤد، ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث تمام ضعيف آهي سند ۾ جابر بن يزيد جعفي راوي تمام ڪمزور آهي.(مرعاة ص103ج1)**

(665) وعن عقبة بن عامر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يعجب ربك من راعي غنم في رأس شظية للجبل يؤذن بالصلاة ويصلي فيقول الله عز وجل انظروا إلى عبدي هذا يؤذن ويقيم الصلاة يخاف مني قد غفرت لعبدي وأدخلته الجنة " . رواه أبو داود والنسائي

**عقبه بن عامر ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: تنهنجو رب ان ڌنار بابت عجب ڪري ٿو، جو جبل جي چوٽيءَ تي ٻڪريون چاري، نماز لاءِ ٻانگ ڏي ۽ نماز پڙهي ٿو پوءِ الله تعاليٰ عزوجل چوندو آهي تہ هن منهنجي ٻانهي ڏانهن ڏسو ٻانگ ڏي ٿو ۽ نمازپڙي ٿو مون کان ڊڄي ٿو تحقيق مون پنهنجي ٻانهي کي بخشيو ۽ انهيءَ کي بهشت ۾ داخل ڪيو. هن کي ابو داؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ يعني مقتدين جي نماز جي صحت جو اهوئي ضامن آهي. ڇو تہ امام جي نماز صحيح هوندي تہ مقتدين جي نماز صحيح ۽ درست هوندي. انهيءَ ڪري امام کي نماز جي پاڪائي ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ نماز پورن شرطن سان چڱيءَ طرح ادا ڪرڻ گهرجي.

[2]_ يعني نماز پڙهڻ ۽ روزي رکڻ ۾ ماڻهن جو ڀروسو ٻانگي جي آواز تي آهي. ڪن معنيٰ ڪئي آهي تہ ٻانگي تي امانت جو بار آهي، ماڻهن جي حرمن جو ڇو تہ متاهين جاءِ تي چڙهي ٻانگ ڏيندو آهي. ان جي نظر عورتن تي پئي سگهي ٿي. اهڙي صورت ۾ ان تي امانت جو هي بار آهي تہ انهن ڏانهن نظر نہ ڪري.

(666) وعن ابن عمر قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ثلاثة على كثبان المسك يوم القيامة عبد أدى حق الله وحق مولاه ورجل أم قوما وهم به راضون ورجل ينادي بالصلوات الخمس في كل يوم وليلة " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

**ابن عمر ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ٽي ماڻهو قيامت جي ڏينهن ڪٿوري جي دڙن تي هوندا. 1_ ٻانهو جنهن الله تعاليٰ ۽ پنهنجي آقا جو حق ادا ڪيو. 2_ اهو ماڻهو جو ڪنهن قوم جو امام هجي ۽ اها ان ڪان[1] راضي هجن.3_ اهو ماڻهو جو ڏينهن ۽ رات پنج وقتي نماز لاءِ ٻانگ ڏي. هن ڪي ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ حديث غريب آهي.**

**فائده:_ سند ۾ ابو يقطان عثمان بن عمير بجلي ڪوفي انفي ضعيف راوي آهي (مرعاة ص105 ج1)**

(667) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " المؤذن يغفر له مد صوته ويشهد له كل رطب ويابس وشاهد الصلاة يكتب له خمس وعشرون حسنة ويكفر عنه ما بينهما " . رواه أحمد وأبو داود وابن ماجه وروى النسائي إلى قوله : " كل رطب ويابس " . وقال : " وله مثل أجر من صلى ".

**ابو هريره ﷺ كان روايت آهي: رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ ٻانگي ڪي سندس آواز آهر بخشيو ويندو ۽ ان لاءِ تمام تر ۽ خشڪ شيون شاهدي ڏينديون ۽ نماز تي حاضر رهڻ سبب ان لاءِ 25_ نمازون لکيون وڃن ٿيون ۽ اذان ۽ نماز جي وچ وارا گناهہ ان ڪان متايا وڃن ٿا. هن ڪي احمد، ابوداؤد ۽ ابن ماجه روايت ڪيو ۽ نسائي" ﴿كل رطب ويابس﴾ تائين روايت بيان ڪئي.**

(668) وعن عثمان بن أبي العاص قال قلت : يا رسول الله اجعلني إمام قومي فقال : " أنت إمامهم واقتد بأضعفهم واتخذ مؤذنا لا يأخذ على أذانه أجرا " . رواه أحمد وأبو داود والنسائي

**عثمان بن ابو العاص ﷺ كان روايت آهي تہ مون چيو تہ يا رسول الله ﷺ مون ڪي منهنجي قوم جو امام مقرر فرمايو، رسول الله ﷺ جن چيو تہ تون انهن جو امام آهين. انهن جي هيٺن**

[1]_ امام  ڪان هن تي راضي رهندا تہ هو سنتن، مستحبن ۽ نماز جي قراءت ڪي چڱي طرح سان ڄاڻي ٿو. هتي اهي ماڻهو مراد آهن جيڪي حق وارا هجن.

**جي رعايت ڪر[1] ۽ اهڙو ٻانگو مقرر ڪر جو ٻانگ جي مزوري نہ وٺي. [2] هن ڪي احمد ۽ ابوداؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

(669) وعن أم سلمة رضي الله عنها قالت : علمني رسول الله صلى الله عليه وسلم أن أقول عند أذان المغرب : " اللهم إن هذا إقبال ليلك وإدبار نهارك وأصوات دعاتك فاغفر لي " . رواه أبو داود والبيهقي في الدعوات الكبير

**ام المؤمنين ام اسلمه رضي الله عنها کان روايت آهي: مون کي رسول الله ﷺ جن سيکاريو تہ سانجهي نماز جي ٻانگ وقت هيئن چوان (ترجمہ) يا الله[3] هيءَ وقت تنهنجي رات جي اچڻ ۽ ڏينهن جي وڃڻ ۽ تنهنجي اذانن جي آواز جو آهي. پوءِ مون کي بخش ڪر. اها حديث ابوداؤد ۽ بيهقي دعوات الڪبير ۾ روايت ڪئي آهي.**

**فائده:_ حديث ضعيف آهي ان جي سند ۾ راوي ابو ڪثير مجهول آهي. (مشڪوٰة _الباني ص 212ج1)**

(670) وعن أبي أمامة أو بعض أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن بلالا أخذ في الإقامة فلما أن قال قد قامت الصلاة قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أقامها الله وأدامها " و قال في سائر الإقامة : كنحو حديث عمر رضي الله عنه في الأذان . رواه أبو داود

**ابو امامه رضي الله عنه کان يا ڪنهن ٻي اصحابي کان روايت آهي تہ بلال تڪبير چوڻ شروع ڪئي جڏهن قد قامت الصلوٰة [4]چيائين تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: الله ان کي قائم ۽ دائم رکي ۽ ساري تڪبير ۾ عمر رضي الله عنه جي ٻانگ بابت حديث وانگر فرمايائون. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**
**فائده:_ سند ضعيف آهي ان ۾ هڪ راوي حوشب ۾ ڪلام ڪيو ويو آهي(مرعاة ص108ج2)**

(671) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يرد الدعاء بين الأذان والإقامة " . رواه أبو داود والترمذي

---

[1]_ ضعيف جي رعايت مان هي مراد آهي تہ نماز ۾ قرائت ايتري ڊگهي نہ ڪجي جو ضعيف يا بيمار يا مزدور قسم جو ماڻهو تنگ ٿي نماز ڇڏي ڏي.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ ٻانگ تي مزوري نهرائڻ حرام آهي. پر جيڪڏهن ماڻهو از خود حاجت پٽاندڙ ٻانگي کي موڪلين تہ وٺڻ حلال ۽ ڏيندڙ لاءِ ثواب جو باعث آهي.

[3]_ هي دعا ٻانگ جي جواب ڏيڻ کان پوءِ پڙهڻ گهرجي. هيءَ حديث دلالت ڪري ٿي تہ ٻانگ ڏيڻمهل دعا قبول ٿئي ٿي.

[4]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ﴿قدقامت الصلاة﴾ چوڻ وقت ﴿اقامها الله وادامها﴾ چئجي.

**انس ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله جن فرمايو: ٻانگ ۽ تڪبير جي وچ ۾ دعا نٿي موٽائي وڃي. هن کي ابو داؤد ۽ ترمذي روايت ڪيو.**

(672) وعن سهل بن سعد قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ثنتان لا تردان أو قلما تردان الدعاء عند النداء وعند البأس حين يلحم بعضهم بعضا " وفي رواية : " وتحت المطر " . رواه أبو داود والدارمي إلا أنه لم يذكر " وتحت المطر ".

**سهل بن سعد ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ٻہ شيون رد نٿيون ڪيون وڃن يا فرمايائون: گهٽ رد ڪيون وڃن ٿيون، 1_ٻانگ وقت دعا ڪرڻ، 2_جنگ وقت دعا، جڏهن ماڻهو هڪ ٻئي کي قتل ڪن ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ برسات وقت دعا. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو، مگر دارمي" برسات وقت دعا جا الفاظ بيان نہ ڪيا.**

**فائده:_ حديث صحيح آهي البت ان جي سند ۾ مجهول راوي آهي.** (مشڪواة _الباني ص 212ج1)

(673) وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رجل : يا رسول الله إن المؤذنين يفضلوننا فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " قل كما يقولون فإذا انتهيت فسل تعط " . رواه أبو داود

**عبدالله بن عمرو﷜ کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو چيو تہ يا رسول الله تحقيق ٻانگا اسان کان زياده فضيلت ۾ وڌي ويا. رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيئن اهي چون، تون بہ چؤ پوءِ جڏهن ٻانگ پوري ڪرين تہ سوال ڪر، توکي ڏنو ويندو. هن کي ابو داؤد روايت ڪيوآهي.**

## فصل ٽيون

(674) عن جابر قال سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقول : " إن الشيطان إذا سمع النداء بالصلاة ذهب حتى يكون مكان الروحاء " . رواه مسلم

جابرﷺ کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺجن کان ٻڌو فرمايائين تہ تحقيق شيطان جڏهن نماز لاءِ بانگ ٻڌي ٿو تڏهن ڀڄي ٿو تانجو روحاء وٽ وڃي پهچي ٿو. راوي چوي ٿو تہ روحاء مديني کان 23_ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(675) وعن علقمة بن وقاص قال : ( إني لعند معاوية إذ أذن مؤذنه فقال معاوية كما قال مؤذنه حتى إذا قال : حي على الصلاة : قال : لا حول ولا قوة إلا بالله فلما قال : حي على الفلاح قال : لا حول ولا قوة إلا بالله العلي العظيم وقال بعد ذلك ما قال المؤذن ثم قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم قال ذلك . رواه أحمد

علقمه بن وقاص کان روايت آهي تہ آئون معاويہ وٽ وينو هوس. جڏهن ان جي بانگي بانگ ڏني. تڏهن معاويه ان طرح چيو. جيئن مؤذن پئي چيو. تانجو جڏهن بانگي حي علي الصلٰوة چيو تہ ان لاحول ولاقوة الاباللہ پوءِ جڏهن بانگي حي علي الفلاح چيو تڏهن معاويه لاحول ولاقوة الاباللہ العلي العظيم، چيو ۽ ان کان پوءِ اهي لفظ چيائين جيڪي بانگي چيا. پوءِ چيائين تہ مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو، پاڻ ائين چوندو هو. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.

(676) وعن أبي هريرة قال : كنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فقام بلال ينادي فلما سكت قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من قال مثل هذا يقينا دخل الجنة " . رواه النسائي

ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ اسين رسول اللهﷺ جن سان گڏ هئاسون. پوءِ بلال اٿيو ۽ بانگ چيائين. جڏهن ماٺ ڪيائين تڏهن رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جنهن سچيءَ دل سان هن وانگر چيو سو بهشت ۾ داخل ٿيندو. هن کي نسائي روايت ڪيو آهي.

( 677) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا سمع المؤذن يتشهد قال : " وأنا وأنا " . رواه أبو داود

ام المؤمنين عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن بانگ ۾ جڏهن شهادت جا ڪلما ٻڌندا هئا تڏهن چوندا هئا تہ آئون بہ [1] آئون بہ (شاهدي ٿو ڏيان).، هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيئن امتين کي پيغمبر ڪريم ﷺ جي رسالت جي شاهدي ڏيڻي آهي تيئن کين بہ پنهنجي رسالت جي شاهدي ڏيڻي هئي.

(678) وعن ابن عمر أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " من أذن ثنتي عشرة سنة وجبت له الجنة وكتب له بتأذينه في كل يوم ستون حسنة ولكل إقامة ثلاثون حسنة " . رواه ابن ماجه

**ابن عمر ﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ جيڪو 12_سال ٻانگ ڏيندو ان تي بهشت واجب ٿيندو ۽ ٻانگ ڏيڻ جي ڪري هر هڪ ڏينهن ۾ ان لاءِ 60 نيڪيون ۽ هر هڪ تڪبير چوڻ جي عيوض ۾ ٽيهہ 30_نيڪيون لکيون وينديون. هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ جيتوڻيڪ حديث جي سند ضعيف آهي ڇاڪاڻ تہ راوي عبدالله بن صالح ضعيف آهي. مگر ان جو ٻيو طريق جيڪو نافع کان اهو ابن عمر کان بيان ڪري ٿو، صحيح آهي.(مشڪواة_الباني ص214ج1)**

(679) وعنه قال : كنا نؤمر بالدعاء عند أذان المغرب . رواه البيهقي

**ابن عمر ﵄ کان روايت آهي تہ اسان کي حڪم ڪيو ويندو هو تہ سانجهي جي ٻانگ وقت دعا گهرون. هن کي بيهقي الدعوات الڪبير ۾ روايت ڪيو آهي.**

# اذان ۾ تاخير جو بيان

## فصل پهريون

(680) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن بلالا يؤذن بليل فكلوا واشربوا حتى ينادي ابن أم مكتوم " ثم قال : وكان رجلا أعمى لا ينادي حتى يقال له : أصبحت أصبحت.

**ابن عمر ﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: تحقيق بلال رات جو (تهجد واري) ٻانگ ڏئي ٿو تنهن ڪري ابن ام مڪتوم جي ٻانگ ڏيڻ تائين پلي کائو ۽ پيئو. راوي چوي ٿو تہ ابن ام مڪتوم هڪ انڌو شخص هو، ٻانگ فجر جي نہ ڏيندو هو جيستائين ان کي چيو ويندو هو تہ صبح ٿي ويو اٿئي، صبح ٿي ويو اٿئي.([1]) متفق عليه**

(681) وعن سمرة بن جندب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يمنعنكم من سحوركم أذان بلال ولا الفجر المستطيل ولكن الفجر المستطير في الأفق " رواه مسلم ولفظه للترمذي

[1]_ شيخ عبدالحق لکي ٿو تہ پاڻ ﷺ جن جا 2_ ٻانگا هئا، هڪڙو فجر کان اڳ رات جي ٻانگ ڏيندو هو ٻيو فجر کان پوءِ، هن حديث ۾ ان جو ثبوت آهي تہ هڪ مسجد ۾ 2_ ٻانگا مقرر ڪرڻ درست آهي ۽ پڻ جائز آهي تہ ڪنهن نابين کي ٻانگوڪري رکجي. نابين ٻانگ تڏهن ڏيندو، جڏهن کو ٻيو ڪيس وقت بابت اطلاع ڏي.

**سمره بن جندب ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: تہ بلال جي(1) بانگ ۽ صبح ڪاذب جو ڊگهو ليڪو اوهان کي اسر (جي ڪاڌ پيئڻ ڪان) تہ روڪي، پر صبح صادق جو ليڪو آسمان جي ڪناري ۾ پکڙجي (تہ کاڌ پيئڻ ڪان رکجي وڃو) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي ۽ لفظ ترمذي جا آهن.**

(682) وعن مالك بن الحويرث قال : أتيت النبي صلى الله عليه وسلم أنا وابن عم لي فقال : " إذا سافرتما فأذنا وأقيما وليؤمكما أكبركما " . رواه البخاري

**مالڪ بن حويرث ﷺ ڪان روايت آهي تہ آئون ۽ منهنجي چاچي جو پٽ نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آيا سون پوءِ رسول الله ﷺ فرمايو تہ جڏهن توهين مسافري ڪريو تڏهن بانگ ۽ تڪبير چئو ۽ اوهان کي گهرجي تہ اوهان مان(2) وڏو امامت ڪرائي هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(683) وعنه قال : قال لنا رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلوا كما رأيتموني أصلي فإذا حضرت الصلاة فليؤذن لكم أحدكم وليؤمكم أكبركم " .

**انهيءَ (مالڪ بن حويرث) ﷺ ڪان روايت آهي تہ اسان کي رسول الله ﷺ فرمايو تہ جيئن مون کي نماز پڙهندي اوهين ڏسو ٿا تيئن اوهين بہ نماز پڙهو ۽ جڏهن نماز جو وقت ٿئي تڏهن گهر جي تہ اوهان مان هڪ بانگ ڏي پوءِ توهان مان وڏي کي امامت ڪرائڻ گهر جي متفق عليه.**

(684) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم حين قفل من غزوة خيبر سار ليله حتى إذا أدركه الكرى عرس وقال لبلال : " اكلأ لنا الليل . فصلى بلال ما قدر له ونام رسول الله صلى الله عليه وسلم وأصحابه فلما تقارب الفجر استند بلال إلى راحلته موجه الفجر فغلبت بلالا عيناه وهو مستند إلى راحلته فلم يستيقظ رسول الله صلى الله عليه وسلم ولا بلال ولا أحد من أصحابه حتى ضربتهم الشمس فكان رسول الله صلى الله عليه وسلم أولهم استيقاظا ففزع رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " أي بلال " فقال بلال أخذ بنفسي الذي أخذ بنفسك قال : " اقتادوا " فاقتادوا رواحلهم شيئا ثم توضأ رسول الله صلى الله عليه وسلم وأمر

---

1_چو تہ هو رات جو بانگ ڏيندو هو.

2_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ بانگ ۽ تڪبير ۾ افضليت جو شرط ڪونهي، باقي امام اهو ٿيندو جو علم، تقويٰ ۽ ڄمار ۾ وڏيڪ هجي.

بلالا فأقام الصلاة فصلى بهم الصبح فلما قضى الصلاة قال : " من نسي الصلاة فليصلها إذا ذكرها فإن الله قال ( أقم الصلاة لذكري ) . رواه مسلم

**ابو هريره ﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جنهن وقت خيبر جي جنگ کان موٽيا تڏهن رات جو هليا تانجو جڏهن جهوٽا کائڻ لڳا تہ پوئين رات ۾ ننڊ لاءِ ترسيا. تڏهن بلال ﵁ کي چيائين تہ اسان لاءِ رات جو پهرو ڏي. بلال ﵁ نماز پڙهي جا ان لاءِ تقدير ۾ هئي. رسول الله ﷺ ۽ ان جا اصحابي سمهي رهيا. جڏهن صبح ٿيڻ جو وقت ويجهو ٿيو تہ بلال پنهنجي سواريءَ کي ٽيڪ ڏيئي فجر ڏانهن رخ کري ويهي رهيو. پوءِ بلال تي اکين (ننڊ) غلبو کيو. جڏهن تہ اهو سواريءَ تي ٽيڪ ڏيو وينو هو ۽ رسول الله ﷺ بلال ۽ اصحابن مان کو بہ نہ جاڳيو تانجو انهن کي سج جي گرمي پهتي. آخر سيني کان اڳ رسول الله ﷺ جاڳيا.پاڻ گهبرائي اٿيا ۽فرمايائون تہ اي بلال! هي تو کي ڇا ٿيو؟ بلال ﵁ چيو تہ منهنجي نفس کي انهيءَ شيءِ ورتو جنهن توهان جي نفس کي ورتو (يعني ننڊ) رسول الله ﷺ فرمايو تہ هتان سواريون هکليو. پوءِ کجھ پنڌ هليا تہ رسول الله ﷺ جن وضو کيو ۽ بلال ﵁ کي حکم ([1]) کيائون جنهن تکبير چئي. پوءِ رسول الله ﷺ انهن کي صبح جي نماز پڙهائي. پوءِ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ فرمايائون: جنهن کان نماز وسري ان کي جڏهن ياد اچي، پڙهي وٺي جو ﷲ تعاليٰ فرمايو آهي: منهنجي ياد لاءِ نماز قائم کر هن کي مسلم روايت کيو آهي.**

(685) وعن أبي قتادة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : إذا أقيمت الصلاة فلا تقوموا حتى تروني قد خرجت ".

**ابو قتاده ﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن نماز جي تکبير چئي وڃي تڏهن تيسين تہ اٿو جيسين مون کي گهر کان نکرندي تہ ڏسو متفق عليه.**

(686) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أقيمت الصلاة فلا تأتوها تسعون وأتوها تمشون وعليكم السكينة فما أدركتم فصلوا وما فاتكم فأتموا " . وفي رواية لمسلم : " فإن أحدكم إذا كان يعمد إلى الصلاة فهو في صلاة " . وهذا الباب خال عن الفصل الثاني

---

[1] _ هن حديث جي ظاهر مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان قضا نماز جي تکبير چئي وئي هئي. مگر هدايہ ۾ لکيل آهي تہ پاڻﷺ جن فجر جي اها قضا نماز رات جي بانگ ۽ تکبير سان پڙهي هئي ۽ ابن تيميه منتقيٰ...... ۾ فوتي نمازن جي قضا کرڻ جي باري ۾ بانگ ۽ تکبير جو باب آندو آهي ۽ ابوداؤد وغيره کان هک حديث آندي اٿس، جنهن ۾ بانگ ۽ تکبير جو بيان آهي. امام شوکاني جي تحقيق بہ اها آهي تہ فوت ٿيل نماز ۾ بانگ ۽ تکبير چوڻ مستحب آهي.

ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن نماز جي تڪبير ٿئي تہ ان لاءِ[1] ڊوڙندا نہ اچو ۽ عادت موافق هلي اچو. پاڻ تي سڪون لازم ڪريو. پوءِ جيتري ملي سا پڙهو ۽ جيتري فوت ٿئي، اها پوري ڪريو (متفق عليه) مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي، فرمايائون: تحقيق جڏهن اوهان مان ڪو نماز جو ارادو ڪري ٿو تہ اهوان وقت کان نماز۾آهي .

هي باب ٻي فصل کان خالي آهي.

## فصل ٽيون

(687) عن زيد بن أسلم أنه قال : عرس رسول الله صلى الله عليه وسلم ليلة بطريق مكة ووكل بلالا أن يوقظهم للصلاة فرقد بلال ورقدوا حتى استيقظوا وقد طلعت عليهم الشمس فاستيقظ القوم وقد فزعوا فأمرهم رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يركبوا حتى يخرجوا من ذلك الوادي وقال : " إن هذا واد به شيطان " . فركبوا حتى خرجوا من ذلك الوادي ثم أمرهم رسول الله صلى الله عليه وسلم أن ينزلوا وأن يتوضئوا وأمر بلالا أن ينادي للصلاة أو يقيم فصلى رسول الله صلى الله عليه وسلم بالناس ثم انصرف إليهم وقد رأى من فزعهم فقال : " يا أيها الناس إن الله قبض أرواحنا ولو شاء لردها إلينا في حين غير هذا فإذا رقد أحدكم عن الصلاة أو نسيها ثم فزع إليها فليصلها كما كان يصليها في وقتها " ثم التفت رسول الله صلى الله عليه وسلم إلى أبي بكر الصديق فقال : " إن الشيطان أتى بلالا وهو قائم يصلي فأضجعه فلم يزل يهدئه كما يهدأ الصبي حتى نام " ثم دعا رسول الله صلى الله عليه وسلم بلالا فأخبر بلال رسول الله صلى الله عليه وسلم مثل الذي أخبر رسول الله صلى الله عليه وسلم أبا بكر فقال أبو بكر : أشهد أنك رسول الله . رواه مالك مرسلا

زيد بن اسلم ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ دفعو مڪي جي واٽ ۾ رات جي آخر ۾ لٿا ۽ بلال ﷛ کي هي ڪم سپرد ڪيائون تہ ڪين فجر نماز لاءِ جاڳائيندو. پوءِ بلال ﷛ کي بہ ننڊ اچي ويئي ۽ ٻين سڀني کي بہ ننڊ اچي ويئي. تانجو جڏهن سج انهن تي اڀريو، ان وقت سڀ ماڻهو سجاڳ ٿيا ۽ گهبرائجي ويا. پوءِ رسول الله ﷺ جن ڪين حڪم ڪيو تہ سوار ٿي هن واديءَ مان نڪرو ۽ فرمايائون تہ هن واديءَ ۾ شيطان آهي. پوءِ سوار ٿيا، تانجو انهيءَ واديءَ مان نڪتا. پوءِ رسول الله ﷺ جن ڪين حڪم ڪيو تہ لهو ۽ وضو ڪريو ۽ بلال ﷛ کي ٻانگ يا تڪبير[2] چوڻ جو حڪم ڪيائون پوءِ رسول الله ﷺ جن ماڻهن کي نماز پڙهائي. پوءِ انهن ڏانهن منهن ڪيائون. انهن جي خوف جو حال ڏٺائون تہ فرمايائون: اي انسانو! تحقيق الله تعاليٰ

---

[1]_ علمائن لکيو آهي تہ ٻي عقلائي جي وڏي نشان هي آهي تہ نماز تي ڊوڙي اچي. جيڪڏهن ڪو چاهي تہ آئون تڪبير اوليٰ کي پهچان تہ هن کي نماز لاءِ اڳ تيار ٿيڻ گهرجي.

[2]_ هتي (او)جي معنيٰ آهي "يعني" ۽ مطلب هي آهي تہ ٻانگ ۽ تڪبير ٻئي چيون ويون. اها شڪ واري نہ آهي جاڪاڻ تہ ابو داؤد جي روايت ۾ بلال جي ٻانگ ۽ تڪبير جو صريح ۽ چٽائي سان بيان آهي.

اسان جا روح قبض ڪيا جيڪڏنهن گهري ها تہ انهن کي هن وقت کان اڳ موٽائي ها. سو جڏهن توهان مان ڪو نماز کان ننڊ سبب رهجي وڃي يا ان کان وسري وڃي، پوءِ خوف ٿئيس تہ نماز اهڙي طرح پڙهي جيئن وقت اندر پڙهبي آهي. پوءِ رسول الله ﷺجن ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڏي منهن ڪري چيو تہ تحقيق شيطان بلال رضي الله عنه وٽ آيو، ان وقت بيهي نماز پڙهي رهيو هو پوءِ ان کي ٿيڪ لڳرائي گهٽي دير تائين ٿاقوڙ ڪيائين جيئن ننڍي ٻار کي ٿاقوڙ ڪبي آهي، تانجو ننڊ اچي ويس. پوءِ رسول الله ﷺ بلال رضي الله عنه کي (1) گهرايو. تنهن تي بلال رضي الله عنه رسول الله ﷺ جن کي اهڙي خبر ٻڌائي جهڙي رسول الله ﷺجن ابوبڪرصديق رضي الله عنه کي ٻڌائي هئي تنهن تي ابوبڪر رضي الله عنه چيو تہ آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ تحقيق توهان الله جا رسول ﷺ آهيو.
هن کي مالڪ مرسل روايت ڪيو آهي.

(688) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خصلتان معلقتان في أعناق المؤذنين للمسلمين : صيامهم وصلاتهم " . رواه ابن ماجه

ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مسلمانن جا ٻہ ڪم يعني انهن جا روزا ۽ انهن جون نمازون ٻانگن جي(2) ڪنڌ ۾ لڙڪيل آهن. هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

فائده_ هن حديث جي سند نهايت ضعيف آهي راوي بقيہ مدلس آهي ۽مروان بن سالم راوي منڪر الحديث آهي. (مشڪوٰة_ الباني ص218ج1)

# مسجدن ۾ نماز جي جاين جو بيان

## فصل پهريون

(689) عن ابن عباس قال : لما دخل النبي صلى الله عليه وسلم البيت دعا في نواحيه كلها ولم يصل حتى خرج منه فلما خرج ركع ركعتين في قبل الكعبة وقال : " هذه القبلة " . رواه البخاري

ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جڏهن بيت الله ۾ داخل ٿيا تڏهن ان جي سيني طرفن ۾ دعا گهريائون ۽ نماز نہ پڙهيائون تانجو ان مان نڪتا پوءِ جڏهن نڪتا تہ 2_ رڪعتون ڪعبه جي سامهون پڙهيائون ۽ فرمايائون تہ هي قبله آهي. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.

(690) ورواه مسلم عنه عن أسامة بن زيد.

---

[1]_ اهو پاڻ سڳورن جو معجزو آهي جيڪا ڳالهہ اڳواٽ پاڻ ﷺ جن ابوبڪر رضي الله عنه کي ٻڌائي، پوءِ بلال بہ ساڳي ٻڌائي.
[2]_ انهي ڪري ٻانگي کي گهرجي تہ وقت جو لحاظ رکن متان ماڻهن جي نماز ۽ روزي ۾ خلل نہ اچي.

**امام مسلم ان کي ابن عباس ۽ اسامه بن زيد رضي الله عنه کان روايت ڪيو آهي.**

(691) وعن عبدالله بن عمر أن رسول الله صلى الله عليه وسلم دخل الكعبة وأسامة بن زيد وبلال وعثمان بن طلحة الحجبي فأغلقها عليه ومكث فيها فسألت بلالا حين خرج ماذا صنع رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : جعل عمودا عن يساره وعمودين عن يمينه وثلاثة أعمدة وراءه وكان البيت يومئذ على ستة أعمدة ثم صلى.

**عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ ۽ اسامه بن زيد، عثمان بن طلحه حجبي، بلال بن رباح ڪعبة الله ۾ داخل ٿيا پوءِ ان جو دروازو بند ڪيائون. پوءِ ان ۾ ڪجهه دير ترسيا پوءِ جڏهن بلال رضي الله عنه ٻاهر نڪتو تڏهن ان کان پڇيم ته رسول الله ﷺ جن ڪعبه ۾ ڇا ڪيو؟[1] چيائين پاڻ (ڪعبه جو) هڪ ٿنڀو کٻي پاس ۽ ٻه ٿنڀا سڄي پاسي تي ٽنيا پويان ڪري نماز پڙهيائون. ان وقت بيت الله ۾ ڇهه ٿنڀا هئا متفق عليه.**

(692) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة في مسجدي هذا خير من ألف صلاة فيما سواه إلا المسجد الحرام ".

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته منهنجي هن مسجد ۾ نماز پڙهڻ ٻين مسجدن ۾ هڪ هزار نمازن کان وڌيڪ افضل آهي، مگر مسجد الحرام (بيت الله شريف) جي (بخاري، مسلم)**

(693) وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تشد الرحال إلا إلى ثلاثة مساجد : مسجد الحرام والمسجد الأقصى ومسجدي هذا ".

**ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ٽن مسجدن کانسواءِ ٻي ڪنهن مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ سفر نه ([2]) ڪريو: 1_ بيت الله شريف، 2_مسجد اقصيٰ، 3_ هيءَ منهنجي مسجد (بخاري، مسلم)**

---

[1]_ هن مان معلوم ٿيو ته پاڻ ﷺ جن ڪعبه اندر نماز پڙهي هئي. پر ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته نماز نه پڙهيائون. ٻنهي ۾ تطبيق هن طرح آهي ته جڏهن پاڻ ﷺ جن ڪعبه ۾ داخل ٿيا تڏهن دعا گهرڻ شروع ڪيائون ۽ اسامه به دعا گهرڻ شروع ڪئي اهو پنهنجي دعا ۾ مشغول هو ۽ پاڻ ﷺ جن کان ڪجهه دور هو. بلال رضي الله عنه پاڻ ﷺ جن کي ويجهو هو ان پاڻ ﷺ کي نماز پڙهندي ڏٺو ۽ اسامه رضي الله عنه نه ڏٺو.

[2]_ مطلب هي آهي ته تقرب، فيض ۽ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ٽن مسجدن ڏانهن وڃڻ گهرجي. انهيءَ قسم جو سفر ٻين مسجدن لاءِ جائز نه آهي جيئن جاهل ماڻهو ملتان جي زيارت، اجمير جي زيارت ۽ ٻين درگاهن جي زيارت لاءِ ويندا آهن.

(694) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما بين بيتي ومنبري روضة من رياض الجنة ومنبري على حوضي.

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ منهنجي گهر ۽ منهنجي منبر[1] جي وچ واري زمين بهشت جي باغن مان هڪ باغ آهي ۽ منهنجو منبر منهنجي حوض(ڪوثر) تي آهي (بخاري مسلم)**

(695) وعن ابن عمر قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يأتي مسجد قباء كل سبت ما شيا وراكبا فيصلي فيه ركعتين.

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ هر ڇنڇر تي پيادل ۽ سوار تي [2] مسجد قبا ۾ ايندا هئا ۽ ان ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهندا هئا. (بخاري مسلم)**

(696) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أحب البلاد إلى الله مساجدها وأبغض البلاد إلى الله أسواقها " . رواه مسلم

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ شهرن مان مسجدون الله تعاليٰ کي وڌيڪ[3] پياريون آهن ۽ انهن جون بازارون وڌيڪ ناپسند آهن. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(697) وعن عثمان رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من بنى لله مسجدا بنى الله له بيتا في الجنة ".

---

[1] _ مطلب هي آهي تہ انهيءَ وچ واري زمين تي ويهي جيڪو عبادت ڪندو سو بهشت جا مزا ماڻيندو.

[2] _ قبا هڪ مسجد جو نالو آهي جا مدينه منوره کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي. جڏهن پاڻ ﷺ جن مڪي مان هجرت ڪري مدينه منوره آيا تڏهن اتي هڪ مسجد بناياءون ان جي فضيلت قرآن شريف (سوره توبہ) ۾ هن طرح آهي:﴿ لمسجد اسس علي التقوي من اول يوم احق ان تقوم فيه﴾ (ترجمو) جيڪا مسجد سڀ کان اول ٺاهي وئي، اها زياده لائق آهي تہ ان ۾ ويهي تون بندگي ڪرين. هي ٿورو سفر هو. ايترو سفر ڪرڻ جي منع ڪانہ آهي. ٽن ميلن کان وڌيڪ سفر ڪرڻ درست نہ آهي يا تہ مسجد نبويءَ ۾ اها بہ شامل آهي چو تہ اها پاڻ ﷺ جن جي بنايل هئي. ان ڪانسواءِ مٿين حديثن ۾ اسان امتين کي سفر ڪرڻ کان منع ٿيل آهي انهيءَ ڪري مٿي بيان ٿيل ٽن مسجدن کان سواءِ ڪنهن مسجد يا مزار ڏانهن وڃڻ جائز نہ آهي.

[3] _ اهو هن ڪري جو مسجد ۾ ماڻهو ايمان ونن ٿا ۽ الله تعاليٰ جي بندگي ڪن ٿا انهيءَ ڪري سڀني جڳهين کان پليون جڳهون مسجدون آهن ۽ بازارن ۾ شيطاني ڪم ٿين ٿا، خيانت ۽ ڪوڙي خريد و فروخت ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جي ذمر وارن هنڌن مان آهن.

**عثمان رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي تہ جيڪو الله تعاليٰ لاءِ مسجد نهرائيندو[1] ان لاءِ الله تعاليٰ بهشت ۾ گهر ٺاهيندو. (متفق عليه)**

(698) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من غدا إلى المسجد أو راح أعد الله له نزله من الجنة كلما غدا أو راح ".

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي تہ جيڪو مسجد ڏانهن صبح ۽ شام جو ويندو ان کي الله تعاليٰ بهشت جي مهمانين مان صبح شام جو مهماني ڏيندو.(متفق عليه)**

(699) وعن أبي موسى الأشعري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أعظم الناس أجرا في الصلاة أبعدهم فأبعدهم ممشى والذي ينتظر الصلاة حتى يصليها مع الإمام أعظم أجرا من الذي يصلي ثم ينام ".

**ابو موسيٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: نماز ۾ وڌي ثواب وارو ماڻهو پري پنڌ کان، ان کان پوءِ پري کان اچڻ وارو آهي ۽ جو مسجد ۾ امام سان گڏ نماز پڙهڻ جي انتظار ۾ ويهي، اهو انهي ماڻهوءَ کان وڌيڪ ثواب وارو آهي جو نماز پڙهي سمهي رهي ٿو. متفق عليه.**

(700) وعن جابر قال : خلت البقاع حول المسجد فأراد بنو سلمة أن ينتقلوا قرب المسجد فبلغ ذلك النبي صلى الله عليه وسلم فقال لهم : " بلغني أنكم تريدون أن تنتقلوا قرب المسجد " . قالوا : نعم يا رسول الله قد أردنا ذلك . فقال : " يا بني سلمة دياركم تكتب آثاركم دياركم تكتب آثاركم " . رواه مسلم

**جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مسجد جي چوڌاري جايون خالي ٿيون تنهن ڪري بنو سلمہ قبيله وارن ارادو ڪيو تہ اتان لڏي مسجد جي ويجهو وڃي ويهون. اها خبر نبي ڪريمﷺ جن کي پهتي. پاڻ انهن کي فرمايائون تہ مون کي خبر پهتي آهي تہ اوهان مسجد جي ويجهو وڃڻ جو ارادو ڪيو آهي؟ چيائون تہ يا رسول اللهﷺ هائو! اسان اهو ارادو ڪيو آهي. رسول اللهﷺ جن چيو تہ اي بنو سلمه وارؤ! پنهنجن گهرن ۾ ئي رهو جو اوهان جي قدمن جو ثواب لکيو ويندو، پنهنجن گهرن ۾ ئي رهو جو اوهان جي قدمن جو ثواب لکيو ويندو. (مسلم)**

---

[1] _ يعني الله پاڪ جي رضا مندي لاءِ مسجد اڏائي، نہ هن لاءِ تہ ماڻهو مون کي واکاڻين ۽ نيڪ چون يا منهنجي مشهوري ٿئي انهيءَ ڪري نيڪ ماڻهن چيو آهي تہ مسجد نهرائيندڙ کي پنهنجو نالو مسجد تي لکڻ نہ گهرجي.

(701) وعن أبي هريرة رضي الله عنه عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " سبعة يظلهم الله تعالى في ظله يوم لا ظل إلا ظله إمام عادل وشاب نشأ في عبادة الله ورجل قلبه معلق بالمسجد ورجلان تحابا في الله اجتمعا عليه وتفرقا عليه ورجل ذكر الله خاليا ففاضت عيناه ورجل دعته امرأة ذات منصب وجمال فقال إني أخاف الله ورجل تصدق بصدقة فأخفاها حتى لا تعلم شماله ما تنفق يمينه ".

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ست ماڻهو آهن جن کي الله تعاليٰ پنهنجي ڇانوَ ۾ رکندو جنهن ڏينهن الله تعاليٰ جي ڇانوَ کانسواءِ ٻي ڪا بہ ڇانوَ نہ هوندي: 1_ انصاف ڪندڙ بادشاهہ 2_ اهو جوان جنهن الله تعاليٰ جي عبادت ۾ جواني گذاري، 3_ اهو ماڻهو جنهن جي دل مسجد مان نڪرڻ کان بعد وري موٽي اچڻ تائين ان سان ڳنڍيل رهي. 4_ اهي بہ شخص جن الله تعاليٰ لاءِ پاڻ ۾ دوستي رکي، ان تي پاڻ ۾ گڏ ٿيا ۽ ان تي هڪ ٻئي کان جدا ٿيا. 5_ اهو ماڻهو جنهن اڪيلائيءَ ۾ الله کي ياد ڪيو، پوءِ ان جون اکيون وهي نڪتيون، 6_ اهو ماڻهو جنهن کي ڪنهن اونچي حسب، نسب ۽ حسين عورت (گناه لاءِ) سڏيو،پوءِ اهو ان کي چوي تہ آئون اللهَ تعاليٰ کان ڊڄان ٿو،7_ ستون اهو شخص جو ان طرح ڳجهي طرح خيرات ڪري جو سندس کٻي هٿ کي بہ خبر نہ پوي تہ سڄي([1]) هٿ ڇا خرچ ڪيو(بخاري مسلم)**

(702) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة الرجل في الجماعة تضعف على صلاته في بيته وفي سوقه خمسا وعشرين ضعفا وذلك أنه إذا توضأ فأحسن الوضوء ثم خرج إلى المسجد لا يخرجه إلا الصلاة لم يخط خطوة إلا رفعت له بها درجة وحط عنه بها خطيئة فإذا صلى لم تزل الملائكة تصلي عليه ما دام في مصلاه اللهم صل عليه الله ارحمه ولا يزال أحدكم في صلاة ما انتظر الصلاة " . وفي رواية : قال : " إذا دخل المسجد كانت الصلاة تحبسه " . وزاد في دعاء الملائكة : " اللهم اغفر له اللهم تب عليه . ما لم يؤذ فيه ما لم يحدث فيه.

**ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو ماڻهو جماعت سان نماز پڙهي، اها نماز گهر يا بازار ۾ پڙهيل نماز کان پنجويهہ([2]) درجا زياده آهي. اهو هن ڪري جو جڏهن ڪو ماڻهو وضو چڱي طرح ڪري مسجد ڏانهن خاص نماز لاءِ نڪري تہ اهڙي حالت ۾ جيڪا وک هلندو ان سان ان جو هڪ درجو مٿانهون ٿيندو، هڪ گناهہ ان کان دور ٿيندو. پوءِ جنهن وقت نماز پڙهندو تہ جيسين نماز واري جاءِ تي ([3]) هوندو تيسين ملائڪ ان لاءِ دعا گهرندا،**

---

[1]_ مطلب آهي تہ رياءَ کان بچڻ لاءِ لڪائي خيرات ڪجي.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ نماز جو پنجويهہ حصا ثواب زياده تڏهن ملندو، جڏهن مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهندو.

[3]_ يعني هيءَ فضيلت انهيءَ کي نصيب ٿيندي جيڪو با جماعت نماز پڙهي، ساڳي جاءِ تي ويهي رهي، پر جيڪڏهن اها جاءِ ڇڏي ساڳيءَ مسجد ۾ ٻي ڪنهن جاءِ تي وڃي ويهندو تہ اها فضيلت هٿ نہ ايندس.

چوندا تہ يا الله! هن تي بخشش ڪر، هن تي رحم ڪر ۽ جيستائين اوهان مان ڪوبہ نماز جي انتظار ۾ ويٺل آهي. تيستائين هميشه نماز ۾ آهي. ٻي روايت ۾ آهي، فرمايائون : جڏهن مسجد ۾ داخل ٿئي، تہ نماز ئي ان کي روڪيندڙ هجي ۽ فرشتن جي دعا بابت هي زياده آهي( چوندا رهندا آهن) يا الله هن کي بخش ۽ رحمت سان ان تي موٽ،جيستائين اتي ڪنهن کي نہ ايذائي([1]) جستائن اتي سندس وضو نہ ڀڃي.(متفق عليه)

(703) وعن أبي أسيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا دخل أحدكم المسجد فليقل : اللهم افتح لي أبواب رحمتك . وإذا خرج فليقل : الله إني أسألك من فضلك " . رواه مسلم

ابو اسيد ﷛ کان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪو مسجد ۾ داخل ٿئي، ان کي گهرجي تہ هيئن چوي: اي منهنجا الله! مون لاءِ پنهنجي رحمت جا دوازا کول ۽ جڏهن مسجد مان نڪري تہ هيئن چوي اي منهنجا الله! توکان تنهنجو فضل ([2]) گهران ٿو.هن کي مسلم روايت ڪيو آهي .

(704) وعن أبي قتادة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إذا دخل أحدكم المسجد فليركع ركعتين قبل أن يجلس ".

ابو قتاده ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪو مسجد ۾ داخل ٿئي تڏهن ان کي گهرجي تہ ان ۾ ويهڻ ([3]) کان اڳ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي. (بخاري_ مسلم)

(705) وعن كعب بن مالك قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم لا يقدم من سفر إلا نهارا في الضحى فإذا قدم بدأ بالمسجد فصلى فيه ركعتين ثم جلس فيه ".

ڪعب بن مالڪ ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن (گهڻو ڪري) مسافري مان ڏينهن جو نيرن وقت موٽندا هئا، پهريائين مسجد ۾ ايندا هئا،ان ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهندا هئا.([4]) پوءِ ان ۾ ڪجهہ وقت ويهندا هئا. (متفق عليه)

---

[1]_ يعني ڪنهن مسلمان کي زبان ۽ هٿ سان نہ ڏکوئي. هي معنوي حديث آهي. ان کان پوءِ ظاهري حديث جو بيان آهي يعني جيستائين وضو نٽو ڀڃي، تيسين ملائڪ ان لاءِ دعا گهرندا رهن ٿا.

[2]_ فضل مان مراد رزق حلال آهي.

[3]_ امام شافعي وٽ تحية المسجد پڙهڻ واجب ۽ جمهور علماءَ وٽ مستحب آهي.

[4]_ مسافر کي سندس ڳوٺ جي مسجد ۾ اچي ٻہ رڪعتون نماز پڙهڻ گهرجي تہ جيئن سند مٿن مائٽن ۽ ساين کي ساڻس ملڻ ۾ سهوليت ٿئي.

(706) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من سمع رجلا ينشد ضالة في المسجد فليقل : لا ردها الله عليك فإن المساجد لم تبن لهذا " . رواه مسلم

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ڪنهن ماڻهو لاءِ ٻڌي تہ گم ٿيل شيءِ مسجد ۾ ڳولهي ٿو تہ ان کي گهرجي تہ چويس: شل اها الله تعاليٰ تو ڏانهن نہ موٽائي! ڇو تہ مسجدون انهيءَ ڪم لاءِ نہ ٺهيون ويون آهن.[1] هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(707) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من أكل من هذه الشجرة المنتنة فلا يقربن مسجدنا فإن الملائكة تتأذى مما يتأذى منه الإنس ".

**جابر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جو هي بدبودار وڻ (بصر، ٿوم) کائي سو اسان جي مسجد جي ويجهو نہ اچي ڇو تہ جنهن سان ماڻهو ايذائجن ٿا ان سان ملائڪ بہ ايذائجن ٿا.[2] (متفق عليه)**

(708) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " البزاق في المسجد خطيئة وكفارتها دفنها ".

**انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ مسجد ۾ ٿڪ اڇلڻ[3] گناهہ آهي ان کي پورڻ ان جو ڪفارو آهي. (متفق عليه)**

(709) وعن أبي ذر رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " عرضت علي أعمال أمتي حسنها وسيئها فوجدت في محاسن أعمالها الأذى يماط عن الطريق ووجدت في مساوئ أعمالها النخاعة تكون في المسجد لا تدفن " . رواه مسلم

**ابوذر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ مون وٽ منهنجي امت جا چڱا خواهہ بڇڙا ڪم حاضر ڪيا ويا پوءِ انهن جي چڱاين ۾ هيءَ بہ ڏٺم تہ ايذاءَ واري شيءِ رستي تان پري ڪجي ۽ بڇڙن ڪمن ۾ هي بہ ڏٺم جو مسجد ۾ ٿڪ اڇلجي ۽ ان کي پوريو نہ وڃي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

[1] _ مطلب تہ گم ٿيل جي ڳولا لاءِ مسجد ۾ ڪابہ گفتگو ڪرڻ نہ گهرجي. اهڙي ڳولا ڪندڙ کي چئجي تہ اها شيءِ توکي شل نہ ملي ڇو تہ مسجدون گم ٿيل شين جي ڳولاءِ نہ ٺهيون ويون آهن.

[2] _ جيڪي بدبودار شيون آهن سي کائي مسجد ۾ اچڻ نہ گهرجي ڇاڪاڻ تہ جيڪا بدبوءِ انسانن کي ايذاءُ ڏي ٿي سا ملائڪن کي بہ ايذا ڏي ٿي. مسجدون رحمت جي ملائڪن جي رهڻ جو هنڌ آهن.

[3] _ مسجد ۾ ٿڪ اڇلائڻ گناهہ آهي پر جيڪڏهن اتفاقاً پئجي وڃي تہ ان کي مٽيءَ يا واريءَ يا ڪپڙي سان ڍڪڻ انهيءَ گناهہ جو ڪفارو آهي.

(710) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قام أحدكم إلى الصلاة فلا يبصق أمامه فإنما يناجي الله ما دام في مصلاه ولا عن يمينه فإن عن يمينه ملكا وليبصق عن يساره أو تحت قدمه فيدفنها ".

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان کو نماز ۾ بيهي تڏهن پنهنجي سامهون ٿک نہ اڇلائي ڇو تہ ان وقت الله تعاليٰ ان جي سامهون هوندو آهي. جيسين نماز جي جاءِ تي هوندو، تيسين ڄڻ الله تعالىٰ سان مناجات ڪري رهيو آهي ۽ ساڄي پاسي بہ ٿک نہ اڇلي ڇو تہ ملائڪ[1] ساڄي پاسي رهي ٿو.گھرجيس تہ ٿک ڪاٻي پاسي يا پيرن جي هيٺان اڇلي.پوءِ ان کي پوري ڇڏي. (بخاري مسلم)**

(711) وفي رواية أبي سعيد : " تحت قدمه اليسرى ".

**۽ ابو سعيد جي روايت ۾ آهي تہ ڪاٻي پير جي هيٺيان اڇلي. متفق عليه**

(712) وعن عائشة رضي الله عنها أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال في مرضه الذي لم يقم منه : " لعن الله اليهود والنصارى اتخذوا قبور أنبيائهم مساجد " .

**بي بي عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي آخري بيماريءَ ۾ جنهن مان وري نہ اٿيا. فرمايو تہ الله تعاليٰ شل يهودين ۽ نصارن تي لعنت ڪري[2] جنهن پنهنجن نبين جي قبرن کي مسجد ڪري ورتو آهي. (متفق عليه)**

(713) وعن جندب قال : سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقول : " ألا وإن من كان قبلكم كانوا يتخذون قبور أنبيائهم وصالحيهم مساجد ألا فلا تتخذوا القبور مساجد إني أنهاكم عن ذلك " . رواه مسلم

---

[1]_ هتي اهي ملائڪ مراد آهن جيڪي نماز وقت آمين چوڻ لاءِ حاضر رهن ٿا. يا ڪراماً ڪاتبين مراد آهن. جيئن تہ ساڄي پاسي وارن کي فضيلت آهي، انهيءَ ڪري ڪاٻي پاسي ٿک اڇلائڻ جي اجازت ڏنل آهي.

[2]_ پاڻ ﷺ جن سندن آخري بيماري ۾ امت کي خبردار ڪيو تہ يهودي ۽ عيسائي پنهنجن نبين جي قبرن کي سجدا ڪن ٿا.انهيءَ ڪري انهن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي.اوهين خيال رکو.قبر کي ٻن نمونن ۾ سجدو ٿيندو آهي:1_قبرن کي سجدو ڪيو وڃي ۽ قبر ۽ قبر واري جي عبادت ڪرڻ مقصد هجي جيئين بت پرست بتن کي مڃيندا آهن2_سجدي مان مقصد ۽ منظور عبادت پاڪ جي هجي مگر هي اعتقاد رکجي تہ الله پاڪ جي عبادت، ڪن قبرن جي سامهون بيهي ڪرڻ، پلي ۽ الله پاڪ جي قرب ۽ رضامندي جو سبب آهي.اهي سيئي طريقا غير مشروع ۽ نا پسند آهن پهريون قسم صريح شرڪ ۽ ڪفر آهي ۽ ٻيو قسم بہ حرام آهي ۽ شرڪ جو قسم آهي.ٻنهي تي الله پاڪ جي لعنت آهي ڪنهن نبي يا نيڪ ماڻهو جي قبر ڏانهن منهن ڪري تبرڪ ۽ تعظيم جي نيت سان نماز پڙهڻ بہ حرام آهي.انهيءَ ۾ ڪنهن جو بہ اختلاف ڪونهي.

**رسول الله ﷺ دب ﷛ كان روايت آهي ته مون نبي كريم ﷺ جن كان ٻڌو چيائين ٿي ته خبردار! اوهان كان اڳ جيكي امتون هيون تنهن پنهنجن نبين ۽ نيكن جي قبرن كي مسجد بڻايو. خبردار! آئون اوهان كي منع ٿو كريان ته قبرن كي مسجد نه ٺاهجو هن كي مسلم روايت كيو آهي.**

(714) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اجعلوا في بيوتكم من صلاتكم ولا تتخذوها قبورا ".

**ابن عمر ﷛ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته پنهنجيون نفلي نمازون پنهنجن گهرن ۾ پڙهو ۽ گهرن كي قبرون[1] نه بڻايو. متفق عليه**

## فصل ٻيون

(715) عن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما بين المشرق والمغرب قبلة " . رواه الترمذي

**ابو هريره ﷛ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جيكي اپرندي ۽ الهندي جي وچ ۾ آهي سو (مدينه لاءِ) قبلو آهي. هن كي ترمذي روايت كيو آهي.**

(716) وعن طلق بن علي قال : خرجنا وفدا إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فبايعناه وصلينا معه وأخبرناه أن بأرضنا بيعة لنا فاستوهبناه من فضل طهوره . فدعا بماء فتوضأ وتمضمض ثم صبه في إداوة وأمرنا فقال : " اخرجوا فإذا أتيتم أرضكم فاكسروا بيعتكم وانضحوا مكانها بهذا الماء واتخذوها مسجدا " قلنا : إن البلد بعيد والحر شديد والماء ينشف فقال : " مدوه من الماء فإنه لا يزيده إلا طيبا " . رواه النسائي

**طلق بن علي ﷛ كان روايت آهي ته اسين جماعت كري رسول الله ﷺ جن ڏانهن نكتاسون. پوءِ سندن بيعت كئي سون ۽ ساڻن گڏ نماز پڙهي سون ۽ اسان كين خبر ڏني ته اسان جي سرزمين ۾[2] هك گرجا گهر آهي. پوءِ سندن وضوءَ جو بچيل پاڻي طلب كيوسون. تڏهن وضوءَ**

---

[1] _ جيئن مقبري ۾ نماز نه پڙهبي آهي، تيئن گهرن ۾ نماز كي نه ڇڏيو، فرضي نمازن كان سواءِ ٻيون نمازون گهر ۾ پڙهڻ وڌيك ثواب آهي.

[2] _ بيعه نصارن جي گرجا گهر كي چئبو آهي. هي نصارا جڏهن مسلمان ٿيا ته انهيءَ گرجا گهر كي ڊاهي پاڻ ﷺ جن جي وضوءَ جو پاڻي اتي ڇڻكاري ان كي مسجد بنائي نماز پڙهڻ شروع كيائون. هن ۾ دليل آهي ته زمزم جي پاڻي كي تبرك وارو سمجهڻ يا كنهن نيك علماءَ جي اوبر كي بركت وارو سمجهڻ جائز آهي مگر ائين نه ٿئي جو انهيءَ قسم جي پاڻي كي پوڄيو وڃي يا حد كان زياده تعظيم كئي وڃي ڇاكاڻ ته ائين كرڻ سان شرك ٿي پوندو.

ڪرڻ لاءِ پاڻي طلب فرمايائون. ان مان وضو ڪيائون، گرڙي ڪيائون، ان کان پوءِ اهو پاڻي اسان لاءِ هڪ برتن ۾ وڌائون ۽ اسان کي وڃڻ جو حڪم ڪيائين ۽ فرمايائون ته جڏهن پنهنجي علائقي ۾ پهچو ته ان گرجا کي ڊاهيو ۽ ان جي جاءِ تي هن پاڻي جا ڇنڊا هڻو ۽ اتي مسجد ٺاهيو. اسان چيو ته اسان جو شهر پري آهي، گرمي سخت آهي، پاڻي سڪي ويندو. فرمايائون ته ان ۾ ٻيو پاڻي وجهندا رهجو ڇو ته اهو ان ۾ برڪت ئي زياده ڪندو. هن کي نسائي روايت ڪيو آهي.

(717) وعن عائشة قالت : أمر رسول الله صلى الله عليه وسلم ببناء المسجد في الدور وأن ينظف ويطيب . رواه أبو داود والترمذي وابن ماجه

عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن پنهنجي محلن ۾ مسجد ٺاهڻ ۽ انهن کي پاڪ صاف رکڻ ۽ انهن ۾ خوشبوءِ ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو. هن کي ابو داؤد، ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

(718) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما أمرت بتشييد المساجد " . قال ابن عباس : لتزخرفنها كما زخرفت اليهود والنصارى . رواه أبو داود

ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته مون کي بلند و بالا مسجدون ٺاهڻ جو حڪم نه ڪيو ويو آهي. ابن عباس رضي الله عنه چيو ته ضرور توهان انهن کي اهڙيءَ طرح سينگاريندو، جيئن يهودي ۽ نصارا سينگاريندا هئا ([1]) هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(719) وعن أنس رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من أشراط الساعة أن يتباهى الناس في المساجد " . رواه أبو داود والنسائي والدارمي وابن ماجه

انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: قيامت جي نشانين مان هي به آهي ته ماڻهو مسجدن جي اڏاوت ۾ فخر ڪندا. هن کي ابوداؤد، نسائي، درميءَ ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

[1] _ يعني وڏيوسن وڏيون مسجدون غرور، فخر، ۽ رياءَ خاطر ٺهرائيندا انهن کي سينگاريندا، هن لاءِ ته عام ماڻهون سندن تعريف ڪن.

(720) وعن أنس بن مالك قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " عرضت علي أجور أمتي حتى القذاة يخرجها الرجل من المسجد وعرضت علي ذنوب أمتي فلم أر ذنبا أعظم من سورة من القرآن أو آية أوتيها رجل ثم نسيها " . رواه الترمذي وأبو داود

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله فرمايو: مون وٽ منهنجي امت جي ثوابن جا ڪم پيش ڪيا ويا، تانجو ڪچرو بہ جو ماڻهو مسجدن مان ڪڍي . ۽ مون تي منهنجي امت جا گناھ پيش ڪيا ويا. پوءِ ان کان وڌو ڪو گناھ نہ ڏٺو جو ڪنهن ماڻهوءَ قرآن جي سورة يا آيت ياد ڪئي هجي، پوءِ ان کي وساري ڇڏي.**

**فائده :_ حديث ضعيف آهي. مطلب بن عبدالله راوي جو انس کان سماع ثابت نہ آهي(مرعاة ص162ج1)**

(721) وعن بريدة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " بشر المشائين في الظلم إلى المساجد بالنور التام يوم القيامة " . رواه الترمذي وأبو داود

**بريده ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اونداهيءَ [1] ۾ مسجد ڏانهن ويندڙ ماڻهوءَ کي قيامت جي ڏينهن ڪامل نور جي خوشخبري ڏي. هن کي ترمذي ۽ ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

(722) ورواه ابن ماجه عن سهل بن سعد وأنس.

**۽ ان کي ابن ماجه سهل بن سعد ۽ انس ﷛ کان روايت ڪيو آهي.**

(723) عن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا رأيتم الرجل يتعاهد المسجد فاشهدوا له بالإيمان فإن الله تعالى يقول ( إنما يعمر مساجد الله من آمن بالله واليوم الآخر وأقام الصلاة وآتى الزكاة ). رواه الترمذي وابن ماجه والدارمي

**ابو سعيد خدري ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن فرمايو تہ جڏهن توهان ماڻهو کي ڏسوتہ مسجد جو خيال رکي ٿو، ان لاءِ ايمان جي شاهدي ڏيو. تحقيق الله تعاليٰ فرمائي ٿو (ترجمہ) الله جي مسجد کي آباد اهو ڪندو جيڪو الله تي ايمان آڻي. هن کي ترمذي، ابن ماجه ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

---

[1] _ هي قرآن شريف جي آيت ڏانهن اشارو آهي جنهن ۾ فرمايل آهي تہ ﴿ نُورُهُمْ يَسْعَىٰ بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَبِأَيْمَانِهِمْ ﴾(ترجمو) انهن جو نور انهن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي هوندو.

فائده:_ حديث ضعيف هي. راوي دراج ابو السمح اڪثر ڪري منڪر حديثون بيان ڪندو آهي. (مشڪواة _الباني ص225ج1)

(724) وعن عثمان بن مظعون قال : يا رسول الله ائذن لنا في الاختصاء فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ليس منا من خصى ولا اختصى إن خصاء أمتي الصيام " . فقال ائذن لنا في السياحة . فقال : " إن سياحة أمتي الجهاد في سبيل الله " . فقال : ائذن لنا في الترهب . فقال : " إن ترهب أمتي الجلوس في المساجد انتظارا للصلاة " . رواه في شرح السنة

عثمان بن مظعون ﷛ ڪان روايت آهي تہ عرض ڪيائين: اي الله جا رسول ﷺ! اسان کي خصي ٿيڻ جي موڪلي ڏيو.رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪو خصي ڪري يا پاڻ خصي ٿئي، سو اسان مان نہ آهي منهنجي امتي جو خصي[1] ٿيڻ ان جو روزو رکڻ آهي. وري عرض ڪيائين: اسان کي سير سياحت جي موڪل ڏيو. فرمايائون: منهنجي امت جو سير في سبيل الله[2] جهاد آهي. وري عرض ڪيائين: اسان کي دنيا ڇڏڻ وارا ٿيڻ جي موڪل ڏيو. فرمايائون: منهنجي امت جو تارڪ دنيا ٿيڻ مسجد ۾ نماز جي انتظار ۾ ويهڻ[3] آهي. هن کي شرح السنه روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حديث جي سند ۾ ڪلام ڪيو ويو آهي. (تنقيح الرواة ص129ج1)

(725) وعن عبد الرحمن بن عائش قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " رأيت ربي عز وجل في أحسن صورة قال : فبم يختصم الملأ الأعلى ؟ قلت : أنت أعلم قال : فوضع كفه بين كتفي فوجدت بردها بين ثديي فعلمت ما في السماوات والأرض وتلا : ( وكذلك نري إبراهيم ملكوت السماوات والأرض وليكون من الموقنين ) . رواه الدارمي مرسلا وللترمذي نحوه عنه

عبدالرحمٰن بن عائش ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مون پنهنجي رب عزوجل کي سهڻي صورت ۾ ڏٺو. فرمايائين تہ مقرب ملائڪ ڇا جي باري ۾ بحث ڪري رهيا آهن؟ مون عرض ڪيو تہ تون وڌيڪ ڄاڻين ٿو. فرمايائون : پوءِ الله تعاليٰ پنهنجو هٿ منهنجي

---

[1] _ ڇاڪاڻ تہ روزي رکڻ سان شهوت گهٽجيو وڃي ٿي.

[2] _ هن مان معلوم ٿيو تہ سفر اسلامي نقطہ نظر سان ڪجي. ائين نہ تہ بيفائدو سواءِ ڪنهن مطلب جي فقط گهمڻ بہ ثواب آهي جيئن بعض فقير بي فائدي گهمندا آهن ۽ پاڻ کي سيلاني فقير سڏائيندا آهن.

[3] _ باقي اها رهبانيت ۽ ترڪ دنيا جيڪا اهل ڪتاب جا راهب ڪندا آهن، دنيا جي مشغولي ۽ ان جون لذتون ترڪ ڪندا آهن. ائين ڪرڻ اسان جي شريعت ۾ جائز نہ آهي. انهن جو انجام ۽عاقبيت بہ چڱي نہ آهي.

ٻنهين ڪلهن جي وچ ۾ رکيو. ان جي ٿڌاڻ[1] مون منهنجي ٻن ٻبن جي وچ ۾ محسوس ڪئي ۽ مون اهو سڀ ڪجهہ معلوم ڪري ورتو جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي. پوءِ قرآن شريف جي هيءَ آيت پڙهيائون: (ترجمہ) اهڙي طرح اسان ابراهيم کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت جو مشاهدو ڪرايو تہ جيئن يقين ڪندڙن مان ٿئي. هن کي دارميءَ مرسل بيان ڪيو ۽ ترمذيءَ ۾ بہ ان وانگر آهي.

(726) ؟؟؟؟

۽ ابن عباس ۽ معاذ بن جبل ﷛ کان روايت آهي ۽ (امام ترمذيءَ) ان ۾ اضافو ڪيو آهي تہ (الله تعاليٰ) فرمايو: اي محمدﷺ! ڄاڻين ٿو تہ مقرب ملائڪ ڪهڙي ڪم ۾ گفتگو ڪن ٿا؟ مون چيو تہ هائو! گناهن جي ڪفارات جي باري ۾ گفتگو ڪن ٿا ۽ ڪفارات هي آهن: مسجد ۾ نماز کانپوءِ ويهڻ ۽ باجماعت نماز لاءِ قدم کڻڻ ۽ نا پسنديدگيءَ (سردي، بيماري وغيره) ۾ ڪامل وضو ڪرڻ. جيڪو اهي ڪم ڪندو، سو حياتي خير سان گذاريندو ۽ خير سان مرندو ۽ گناهن کان اهڙي طرح پاڪ ٿيندو جيئن پهرين ڏينهن ان کي سندس ماءُ ڄڻيو ۽ الله تعاليٰ فرمايو تہ اي محمدﷺ! جڏهن نماز پڙهين تڏهن چئو تہ اي منهنجا الله! آئون توکان سوال ڪريان ٿو تہ نيڪ ڪم ڪرڻ، بڇڙاين کي ڇڏڻ ۽ مسڪينن کي دوست رکڻ جو ۽ جڏهن پنهنجي ٻانهن جي آزمائش جو ارادو ڪرين تہ مون کي بغير ڪنهن فتني فساد جي پاڻ ڏي وفات ڪراءِ. فرمايائين: درجي وارا ڪم هي آهن.1_ هر ڪنهن عام خاص کي سلام چوڻ. 2_ مسڪينن کي طعام کارائڻ. 3_ رات جو جڏهن ماڻهو ننڊ ۾ هجن تڏهن نماز پڙهڻ. [2] هن حديث جا لفظ جيئن مصابيح ۾ آهن تيئن عبدالرحمٰن راوي کان شرح السنه کان سواءِ ڪٿي نہ لڌا اٿم.

(727) وعن أبي أمامة الباهلي عن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " ثلاثة كلهم ضامن على الله عز وجل رجل خرج غازيا في سبيل الله فهو ضامن على الله حتى يتوفاه فيدخله الجنة أو يرده بما نال من أجرأوغنيمة ورجل راح إلى المسجد فهو ضامن على الله حتى يتوفاه فيدخله الجنة أو يرده بما نال من أجر وغنيمة ورجل دخل بيته بسلام فهو ضامن على الله " . رواه أبو داود

ابو امامه ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: ٽي ماڻهو آهن جن مان هر هڪ جو ذمو الله تعاليٰ تي آهي. 1_ جو الله جي واٽ ۾ جنگ لاءِ نڪتو تہ ان جو ذمو الله تعاليٰ تي آهي تانجو ان کي ماري پوءِ ان کي بهشت ۾ داخل ڪري يا ان کي ثواب ۽ غنيمت سميت واپس

---

[1] _ جيئن بادشاهہ ڪنهن خادم تي مهربان ٿيندو آهي تہ ان جي پٺي ٿپيندو آهي، مٿي تي هٿ ۽ دست شفقت رکندو آهي تيئن اللهﷻ پاڪ بہ پنهنجي فيض جي اثر کي دل ۾ پهچائڻ لاءِ پاڻ عليه الصلوٰة والسلام کي انهيءَ طرح نوازيو جنهن سان انهيءَ وقت آسمان ۽ زمين جي ڪين ڄاڻ ٿي ۽ سوال جو جواب بہ ڏنائون.

[2] _ يعني اهي ٽئي ڪم نياز، بخشش ۽ عبادت جون صفتون آهن. هن ۾ اشارو هي تہ هر ماڻهو کي پاڻ ۾ تواضع، بخشش ۽ عبادت ڪرڻ جي صفت پيدا ڪرڻ گهرجي.

موٽائي، 2_ جيڪو مسجد ڏانهن ويو ته ان جو ذمو به الله تعاليٰ تي آهي تانجو ان کي ماري پوءِ ان کي بهشت ۾ داخل ڪري يا ان کي ثواب ۽ غنيمت سميت واپس موٽائي، 3_ جيڪو پنهنجي گهر ۾ سلام سان اچي ان جو ذمو به الله تعاليٰ تي آهي. هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.

(728) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " من خرج من بيته متطهرا إلى صلاة مكتوبة فأجره كأجر الحاج المحرم ومن خرج إلى تسبيح الضحى لا ينصبه إلا إياه فأجره كأجر المعتمر وصلاة على أثر صلاة لا لغو بينهما كتاب في عليين " . رواه أحمد وأبو داود

ابو امامه ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جيڪو ماڻهو پنهنجي گهر مان وضو ڪري فرض نماز لاءِ نڪتو ان جو ثواب احرام ٻڌل حاجي جي ثواب جهڙو آهي. جيڪو ضحيٰ (چاشت) نماز لاءِ نڪتو ۽ صرف ان لاءِ نڪتو ته ان کي عمره ڪندڙ جو ثواب ملندو ۽ هڪ نماز پنيان ٻي نماز ادا ڪرڻ جڏهن ته ٻنهي جي درميان فضول گفتگو نه ڪري ته ان جو ثواب عليين[1] ۾ لکيو ويندو. هن کي احمد ۽ ابوداؤد روايت ڪيو آهي.

(729) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم " إذا مررتم برياض الجنة فارتعوا " قيل : يا رسول الله وما رياض الجنة ؟ قال : " المساجد " . قلت : وما الرتع يا رسول الله ؟ قال : " سبحان الله والحمد لله ولا إله إلا الله والله أكبر " . رواه الترمذي

ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته جڏهن توهان بهشت جي باغن ۾ وڃون ته ان ۾ خوب چرو (ان جا ميوا کائو) عرض ڪيو ويو ته بهشت جا باغ ڪهڙا آهن؟ فرمايائون: مسجدون[2] عرض ڪيو ويو ته اي الله جا رسول ﷺ! چرڻ ڇا آهي؟ فرمايائون: ﴿سبحان الله والحمدُ لله، ولا اله الاالله والله اكبر﴾ جي تسبيح پڙهڻ) هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

(730) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من أتى المسجد لشيء فهو حظه " . رواه أبو داود

ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جيڪو جنهن شيءِ لاءِ مسجد ۾ اچي، اها ان کي نصيب ٿيندي [3] هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.

---

[1]_ ”عليين“ نيڪن جي اعمالنامن جو دفتر آهي، جنهن جي سنڀال ﷻ پاڪ جا مقرر فرشتا ڪن ٿا.
[2]_ مسجد کي بهشت جو باغ هن ڪري چيو ويو آهي جو ان ۾ بندگي سبب بهشت جو باغ ملي ٿو.
[3]_ يعني جيڪڏهن مسجد ۾ عبادت لاءِ ايندو ته ثواب حاصل ڪندو پر جيڪڏهن دنيا جي مقصد لاءِ ايندو ته گنهگار ٿيندو.

(731) وعن فاطمة بنت الحسين عن جدتها فاطمة الكبرى رضي الله عنهم قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا دخل المسجد صلى على محمد وسلم وقال : " رب اغفر لي ذنوبي وافتح لي أبواب رحمتك " وإذا خرج صلى على محمد وسلم وقال رب اغفر لي ذنوبي وافتح لي أبواب فضلك " . رواه الترمذي وأحمد وابن ماجه وفي روايتهما قالت : إذا دخل المسجد وكذا إذا خرج قال : " بسم الله والسلام على رسول الله " بدل : صلى على محمد وسلم . وقال الترمذي ليس إسناده بمتصل وفاطمة بنت الحسين لم تدرك فاطمة الكبرى.

**فاطمه بنت حسين پنهنجي ڏاڏيءَ فاطمة الكبرىٰ ﷺ کان روايت ڪري ٿي تہ نبي ڪريم ﷺ جڏهن مسجد ۾ ايندا هئا[1] تڏهن پاڻ تي صلواة ۽ سلام پڙهندا ۽ چوندا هئا: اي منهنجا رب! منهنجا گناهہ بخش ۽ مون لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کول" ۽ جڏهن مسجد مان نڪرندا هئا تڏهن بہ پاڻ تي صلواة سلام پڙهندا ۽ چوندا هئا تہ"اي منهنجا رب! مونکي منهنجا گناهہ بخش ۽ مون لاءِ پنهنجي فضل جا دروازا کول.هن کي ترمذي، احمد ۽ ابن ماجه روايت ڪيو ۽ پوين ٻن جي روايت ۾ آهي تہ فاطمة چيو تہ جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيندا ۽ (پڻ) جڏهن نڪرندا هئا تہ ﴿صلي علي محمد وسلم﴾ جي جاءِ تي ﴿بسم الله والسلام علي رسول الله﴾ چوندا هئا ۽ ترمذي چوي ٿو تہ ان جي اسناد متصل نہ آهي، جو امام حسين جي ڌيءَ فاطمة فاطمة الكبريٰ کي نہ ڏٺو آهي.**

(732) وعن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم عن تناشد الأشعار في المسجد وعن البيع والاشتراء فيه وأن يتحلق الناس يوم الجمعة قبل الصلاة في المسجد . رواه أبو داود والترمذي

**عمرو بن شعيب پنهنجي پيءُ کان ۽ ان پنهنجي ڏاڏاي کان روايت ڪئي آهي تہ رسول الله ﷺ جن مسجد ۾ شعر[2] پڙهڻ، وڻڻ ۽ وڪڻڻ ۽ جمعه جي ڏينهن مسجد ۾ نماز کان اڳ حلقو بنائي ويهڻ کان منع ڪئي آهي. هن کي ابوداؤد روايت ڪيوآهي.**

(733) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا رأيتم من يبيع أو يبتاع في المسجد فقولوا : لا أربح الله تجارتك . وإذا رأيتم من ينشد فيه ضالة فقولوا : لا رد الله عليك " . رواه الترمذي والدارمي

**ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ڪنهن کي ڏسو تہ مسجد ۾ ڪا شيءِ وڪڻي ٿو يا وٺي ٿو تہ ان کي چئو: الله تعاليٰ تنهنجي سودي ۾ توکي نفعو نہ ڏي[1] ۽**

---

[1] _ يعني مسجد ۾ اچڻ وڃڻ ۽ ويهڻ هر موقعي تي رسول الله ﷺ تي صلوٰة ۽ سلام چوڻ گهرجي.

[2] _ شعر مان مراد بچڙا ۽ ڪوڙا شعر آهن مگر شعر جن ۾ الله تعاليٰ جي توحيد جو بيان ۽ نصيحت جهڙيون ڳالهيون هجن سي پڙهڻ جائز آهن جيئن حسان کان روايت آيل آهي.

**جڏهن ڏسو تہ مسجد ۾ ڪو ماڻهو گم ٿيل شيءِ جي پڇا ڪري ٿو تڏهن چئو الله تعالیٰ اها شيءِ توکي موٽائي نہ ڏي . هن ترمذي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

(734) وعن حكيم بن حزام قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يستقاد في المسجد وأن ينشد فيه الأشعار وأن تقام فيه الحدود . رواه أبو داود في سننه وصاحب جامع الأصول فيه عن حكيم

**حڪيم بن حزام رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مسجد ۾ قصاص وٺڻ، شعر پڙهڻ ۽شرعي حدون قائم ڪرڻ کان منع[2] ڪئي آهي اها حديث ابوداؤد سنن ۾۽ جامع اصول واري پنهنجي ڪتاب ۾ حڪيم رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي.**

(735) وفي المصابيح عن جابر.

**پڻ مصابيح ۾ جابر رضي الله عنه کان روايت آهي.**

(736) وعن معاوية بن قرة عن أبيه : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم نهى عن هاتين الشجرتين يعني البصل والثوم وقال : " من أكلهما فلا يقربن مسجدنا " . وقال : " إن كنتم لابد آكليهما فأميتوهما طبخا " . رواه أبو داود

**معاويه بن قرة رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي آهي تہ رسول الله ﷺ جنهن بن وڻن_بصر ۽ ثوم_ ڪائڻ کان منع ڪئي آهي ۽ فرمايائون تہ جيڪو اهي ڪائي سو اسان جي مسجد جي ويجهو نہ اچي فرمايائون تہ جيڪڏهن انهن کي ڪائڻ ضروري هجي تہ انهن جي بانس کي رڌڻ سان مارجي. هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

(737) وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الأرض كلها مسجد إلا المقبرة والحمام " . رواه أبو داود والترمذي والدارمي

**ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: قبرن ۽ غسل خاني کان سواءِ سموري ([3]) زمين مسجد آهي هن کي ابو داؤد،ترمذي ۽ دارمي روايت ڪيو.**

---

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ مسجد ۾ واپار ڪرڻ ۽ گم ٿيل شيءِ کي ڳولهڻ حرام آهي.

[2]چاڪاڻ تہ مسجد ۾ حد قائم ڪرڻ ڪري انجي اهميت نہ رهندي.

[3]_ يعني انهيءَ ۾ بنا ڪراهت جي نماز جائز آهي. مگر 1_ قبر جنهن جو اڳ بيان آيو آهي. 2_ حمام (غسل خانہ)، 3_ گهوڙي ۽ اٺن جي ڪوس جو هنڌ، 4_ عام رستو، 5_بيت الله جي ڇت، انهن جاين ۾ نماز پڙهڻ نہ گهرجي. ڇو تہ حمام (غسل خانہ)، گهوڙي ۽ اٺن جو ڪوس گهر ۽ ٻيون اهڙيون جايون عام طرح پليتيءَ واريون هونديون آهن ۽ مقام ۾ هن ڪري منع آهي جو قبرن جي تعظيم جو انديشو آهي. امام احمد وٽ قبرن جي وچ ۾نماز پڙهڻ

(738) وعن ابن عمر قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يصلى في سبعة مواطن : في المزبلة والمجزرة والمقبرة وقارعة الطريق وفي الحمام وفي معاطن الإبل وفوق ظهر بيت الله " . رواه الترمذي وابن ماجه

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن ستن جاين تي نماز پڙهڻ کان منع ڪئي آهي: 1_ غلاظت جون جايون. 2_ ڪوس گهر، 3_ قبرستان، 4_ رستا، 5_ غسل خانو، 6_ اٺن جي ويهڪ واري جاءِ، 7_ ڪعبة الله جي مٿان هن کي ترمذي ۽ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ هن حديث جي هڪ راويءَ زيد بن جبير جي حافظي بابت ڪلام ڪيو ويو آهي. (مشڪواة_الباني ص229ج1)**

(739) قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلوا في مرابض الغنم ولا تصلوا في أعطان الإبل " . رواه الترمذي

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ٻڪرين جي وٿاڻن ۾([1]) نماز پڙهو ۽ اٺن جي جهوڪ ۾ نماز نہ پڙهو. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

(740) وعن ابن عباس رضي الله عنهما قال : لعن رسول الله صلى الله عليه وسلم زائرات القبور والمتخذين عليها المساجد والسرج . رواه أبو داود والترمذي والنسائي

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ قبرن جي زيارت ڪندڙن عورتن ۽ جيڪي قبرن کي مسجد گاهہ بنائن ۽ جيڪي انهن جي تعظيم لاءِ اتي ڏيا ٻارين([2]) انهن تي لعنت ڪئي آهي.هن کي ابو داؤد ترمذي ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

(741) وعن أبي أمامة قال : إن حبرا من اليهود سأل النبي صلى الله عليه وسلم : أي البقاع خير ؟ فسكت عنه وقال : " أسكت حتى يجيء جبريل " فسكت وجاء جبريل عليه السلام فسأل فقال : ما المسؤول عنها بأعلم من السائل

---

حرام آهي ۽ صحيح بہ ائين آهي. عام رستي ۾ هن ڪري منع آهي جو دل ۾ پريشاني رهندي ۽ دل جي پاڻ سان نماز ادا ڪري نہ سگهبي. اٺن جي جهوڪ ۾ نماز پڙهڻ جي هن ڪري منع آهي جو نجاست جو احتمال زياده هوندو آهي. بيت الله جي ڇت تي نماز پڙهڻ هن ڪري منع آهي جوڪعبة ﷲ ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم آهي ۽ هن حالت ۾ ڪعبة ﷲ ڏانهن منهن نٿو ٿئي، بلڪ ان مٿان نماز پڙهي وڃي ٿي جا بي ادبي آهي.

[1]_ چاڪاڻ تہ ٻڪرين جي واڙن ۾ نماز پڙهڻ جي صورت ۾ اٺن جي جهوڪ وارو خطرو نہ آهي.

[2]_ قبرن تي ڏيا ٻارڻ حرام آهي،جو اسراف ۽ ملهہ کي بي فائدو ضايع ڪرڻ ۽ قبرن جي پوڄارين ۽ مشرڪن سان مشابهت آهي.

ولكن أسأل ربي تبارك وتعالى . ثم قال جبريل : يا محمد إني دنوت من الله دنوا ما دنوت منه قط . قال : وكيف كان ياجبريل ؟ قال : كان بيني وبينه سبعون ألف حجاب من نور . فقال : شر البقاع أسواقها وخير البقاع مساجدها.

**ابو امامهؓ کان روايت آهي تہ يهودين جي هڪ عالم نبي ڪريم ﷺ کان سوال ڪيو تہ سڀ کان ڪهڙي جاءِ ڀلي آهي؟ رسول الله ﷺ جن ماٺ ۾ رهيا. چيائون تہ آئون ماٺ ۾ رهندس تانجو جبرئيلؑ اچي، سو ماٺ ۾ رهيا ۽ جبرئيل ؑ چيو تہ جنهن شخص کان پڇيو ويو، اهو سوال ڪندڙ کان وڌيڪ ڄاڻندڙ نہ آهي. پر آئون پنهنجي الله تبارڪ و تعاليٰ کان پڇان ٿو. پوءِ جبريل چيو تہ اي محمد ﷺ آئون الله کي ايترو وجي ويجهو ٿيس جو اڳ ڪڏهن بہ ويجهو نہ ٿيو هئس. پاڻ سڳورن فرمايو تہ اي جبريلؑ اهو وري ڪيئن؟ چيائين: منهنجي ۽ ان جي وچ ۾ نور جا ستر هزار پردا هئا پوءِ فرمايائين تہ بد ترين جايون بازارون ۽ بهترين جايون مسجدون آهن. ان کي ابن حبان پنهنجي صحيح ۾ ابن عمر ؓ کان روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٽيون

(742) عن أبي هريرة قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " من جاء مسجدي هذا لم يأته إلا لخير يتعلمه أو يعلمه فهو بمنزلة المجاهد في سبيل الله ومن جاء لغير ذلك فهو بمنزلة الرجل ينظر إلى متاع غيره " . رواه ابن ماجه والبيهقي في شعب الإيمان

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن ٻڌو فرمايائون: جيڪر ماڻهو منهنجي هن مسجد ۾ چڱو ڪم سکڻ يا سيکارڻ جي ارادي سان آيو تہ ان جو ارادو الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندڙ جهڙو آهي ۽ جيڪو انهيءَ کان سوا ۽ ٻئي ڪم لاءِ آيو تہ انهيءَ جو مثال ان وانگر آهي، جو ڌارئين جي سامان ڏانهن نهاري[1] هن کي ابن ماجه ۽ بيهقي شعب الايمان ۾ روايت ڪيو.**

(743) وعن الحسن مرسلا قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يأتي على الناس زمان يكون حديثهم في مساجدهم في أمر دنياهم . فلا تجالسوهم فليس لله فيهم حاجة " . رواه البيهقي في شعب الإيمان

---

[1] _ يعني جڏهن آخرت ۾ بين جا ثواب ڏسون، جنهن مسجدن ۾ ويهي اللہ پاڪ جي بندگي ڪئي تڏهن ارمان ۽ افسوس ڪندو، جيئن ڪو مسڪين شاهوڪارن جي ڌن دولت ۽ سندن ڪمائي کي ڏسي هن دنيا ۾ ريس ڪندو آهي

حسن بصري رحمه الله كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: ماڻهن تي اهڙو وقت ايندو جو انهن جي دنياوي ڪمن جا قصا مسجد ۾ هوندا پوءِ انهن سان مجلسون نه ڪجو ڇو ته الله تعاليٰ کي انهن جي ڪا ضرورت نه آهي(1) هن کي بيهقي شعب الايمان ۾ روايت ڪيو آهي.

فائده: حديث جي سند ضعيف آهي.بزيع ابو الخليل راوي حد درجه ضعيف آهي.
(مرعاة ص 188ج2)

(744) وعن السائب بن يزيد قال : كنت نائما في المسجد فحصبني رجل فنظرت فإذا عمر بن الخطاب فقال اذهب فأتني بهذين فجئته بهما فقال : ممن أنتما أو من أين أنتما قالا : من أهل الطائف . قال : لو كنتما من أهل المدينة لأوجعتكما ترفعان أصواتكما في مسجد رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري

سائب بن يزيد رضي الله عنه كان روايت آهي آئون مسجد ۾ ستو پيو هئس. هڪ ماڻهوءَ مون کي پٿري هنئي. مون ڏٺو ته اهو عمر بن خطاب رضي الله عنه هو چيائين ته وڃ ۽ هنن ٻن ماڻهن کي مون وٽ وٺي اچ. پوءِ انهن ٻنهين کي وٽس آندم. چيائين ته اوهين ڪهڙي قبيله جا يا ڪهڙي ڳوٺ جا آهيو؟ انهن چيو ته اسين طائف جا آهيون. تنهن تي انهن کي چيائين ته جيڪڏهن اوهين مدينه جا هجو ها ته توهان کي سزا ڏيان ها، اوهين رسول الله ﷺ جي مسجد ۾ آواز بلند ٿا ڪريو؟(2) هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.

(745) وعن مالك قال : بنى عمر رحبة في ناحية المسجد تسمى البطيحاء وقال من كان يريد أن يلغط أو ينشد شعرا أو يرفع صوته فليخرج إلى هذه الرحبة . رواه في الموطأ

مالڪ رضي الله عنه كان روايت آهي ته عمر رضي الله عنه مسجد جي پاسي ۾ هڪ چبوترو ٺهرايو جنهن جو نالو بطيحاءُ هو ۽ چيائين ته جيڪو شور يا بيت يا آواز بلند ڪرڻ جو ارادو ڪري ته اهو اتي هليو وڃي. هن کي موطا ۾ روايت ڪيو اٿس.

(746) وعن أنس : رأى النبي صلى الله عليه وسلم نخامة في القبلة فشق ذلك عليه حتى رئي في وجهه فقام فحكه بيده فقال : " إن أحدكم إذا قام في صلاته فإنما يناجي ربه أو إن ربه بينه وبين القبلة فلا يبزقن أحدكم قبل قبلته

1_ . سندن ڪابه نيڪي ۽ بندگي قبول نه آهي. هيءَ حديث چٽي طرح ڏيکاري ٿي ته دنياوي ڪلام مسجدن ۾ ڪرڻ سخت گناهه آهي ۽ دنيا جي ڪلام ڪان منع بابت ٻيون به حديثون گهٽيون آيون آهن.
2_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته مسجد نبوي ۾ خاص طرح ۽ ٻين مسجدن ۾ عام طرح وڏي آواز سان ڳالهائڻ ۽ گوڙ ڪرڻ جي سخت منع آهي.

ولكن عن يساره أو تحت قدمه " ثم أخذ طرف ردائه فبصق فيه ثم رد بعضه على بعض فقال : " أو يفعل هكذا " .

رواه البخاري

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ قبلہ جي طرف سنگهہ ( ٿڪ ) ڏٺي([1]) اها ڳالهہ رسول الله ﷺ جن کي سخت خراب لڳي تانجو سندن منهن مبارڪ ۾ ناپسنديدگي ڏٺي وئي. پوءِ اٿيا ۽ پنهنجي هٿ سان اها کرڙيائون پوءِ چيائون تہ جڏهن اوهان مان ڪو نماز لاءِ مسجد ۾ بيهي ٿو تہ پنهنجي رب سان مناجات ڪري ٿو ۽ ان جو رب ان ماڻهوءَ ۽ قبلي جي وچ ۾ هوندو آهي. تنهن ڪري ڪو بہ نماز ۾ قبلي جي طرف ٿڪ نہ اڇلي پر پنهنجي کابي([2]) پاسي يا پير جي هينيان اڇلي. پوءِ پنهنجي چادر جو پلؤ ورتائون ان ۾ ٿڪ اڇلائي چادر ۾ مهٽي چيائون تہ يا هن طرح ڪري . هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(747) وعن السائب بن خلاد – وهو رجل من أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم أن رجلا أم قوما فبصق في القبلة ورسول الله صلى الله عليه وسلم ينظر فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم حين فرغ : " لا يصلي لكم " . فأراد بعد ذلك أن يصلي لهم فمنعوه وأخبروه بقول رسول الله صلى الله عليه وسلم فذكر ذلك لرسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : نعم وحسبت أنه قال : " إنك آذيت الله ورسوله " . رواه أبو داود

**سائب بن خلاد﷛ کان روايت آهي ( پاڻ نبي ڪريمﷺ جو اصحابي هو ) ان چيو تہ هڪ ماڻهو قوم کي امامت([3]) ڪرائي ۽ (نماز ۾) قبلي جي طرف ٿڪ اڇليائين ۽ رسول اللهﷺ ڏسي رهيا هئا. جڏهن اهو نماز کان واندو ٿيو تڏهن رسول اللهﷺ ان جي قوم کي چيو تہ (آئنده) هي ماڻهو اوهان کي نماز نہ پڙهائي. ان کان پوءِ ڪين نماز پڙهائڻ جو اراد ڪيائين. تنهن تي ان کي منع ڪيائون ۽ رسول اللهﷺ جي حڪم جي ان کي خبر ڏنائون. ان اهو ذڪر رسول اللهﷺ جن سان ڪيو تنهن تي رسول الله ﷺ جن چيو تہ هائو! پانيان ٿو تہ ان کي فرمايائون.تو الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول کي ايذايو آهي. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

(748) وعن معاذ بن جبل قال : احتبس عنا رسول الله صلى الله عليه وسلم ذات غداة عن صلاة الصبح حتى كدنا نتراءى عين الشمس فخرج سريعا فثوب بالصلاة فصلى رسول الله صلى الله عليه وسلم وتجوز في صلاته فلما سلم

---

[1]_ يعني جڏهن نمازي نماز پڙهي ٿو. تڏهن الله پاڪ ان جي سامهون هوندو آهي تنهن ڪري هيءَ وڏي بي ادب ليکبي جو پنهنجي اڳين پاسي ٿڪ اڇلي.

[2]_ هي انهيءَ صورت ۾ حڪم آهي جو نمازي مسجد ۾ نماز نہ پڙهي، بلڪ اتي گهمي يا ميدان ۾ نماز پڙهي رهيو هجي. انهيءَ صورت ۾ ٿڪ کابي پاسي يا پير جي هينيان اڇلي. مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي صورت ۾ فقط ڪپڙي جي پلؤ تي مهٽڻ گهرجي.

[3]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ﷲ پاڪ ۽ سند س رسول ﷺ ۽ قبله جو احترام نہ ڪندڙ ۽ رسول ڪريمﷺ جي سنت تي نہ هلندڙ امامت جي لائق نہ آهي قوم کي حق آهي تہ اهڙي ماڻهو کي امامت ڪرڻ کان روڪين.

دعا بصوته فقال لنا على مصافكم كما أنتم ثم انفتل إلينا ثم قال أما إني سأحدثكم ما حبسني عنكم الغداة أني قمت من الليل فتوضأت وصليت ما قدر لي فنعست في صلاتي حتى استثقلت فإذا أنا بربي تبارك وتعالى في أحسن صورة فقال يا محمد قلت لبيك رب قال فيم يختصم الملأ الأعلى قلت لا أدري رب قالها ثلاثا قال فرأيته وضع كفه بين كتفي حتى وجدت برد أنامله بين ثديي فتجلى لي كل شيء وعرفت فقال يا محمد قلت لبيك رب قال فيم يختصم الملأ الأعلى قلت في الكفارات قال ما هن قلت مشي الأقدام إلى الجماعات والجلوس في المساجد بعد الصلوات وإسباغ الوضوء حين الكريهات قال ثم فيم ؟ قلت : في الدرجات . قال : وما هن ؟ إطعام الطعام ولين الكلام والصلاة والناس نيام . ثم قال : سل قل اللهم إني أسألك فعل الخيرات وترك المنكرات وحب المساكين وأن تغفر لي وترحمني وإذا أردت فتنة قوم فتوفني غير مفتون أسألك حبك وحب من يحبك وحب عمل يقربني إلى حبك " . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إنها حق فادرسوها ثم تعلموها " . رواه أحمد والترمذي وقال : هذا حديث حسن صحيح وسألت محمد ابن إسماعيل عن هذا الحديث فقال : هذا حديث صحيح

**معاذ بن جبل ﷛ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن صبح جي نماز وقت رسول اللهﷺ جن اسان وٽ اچڻ ۾ دير ڪئي تانجو ويجهو هو تہ سج جي ٽڪي ڏسون. پوءِ جلدي جلدي آيا ۽ نماز لاءِ تڪبير چئي وئي. رسول اللهﷺ جن هلڪي نماز پڙهائي. جڏهن سلام ورايائون تہ وڏي آواز سان پڪاري اسان کي فرمايائون. پنهنجي صفن ۾ وينا رهو جيئن وينا آهيو. پوءِ اسان ڏانهن منهن ڦيرايائون ۽ فرمايائون تہ : اوهان کي خبر ڏيان ٿو تہ ڪهڙي شيءِ مون کي صبح جو توهان وٽ اچڻ کان روڪيو، آئون رات جو اٿيس. پوءِ مون وضو ڪيو ۽ جيڪا نماز منهنجي تقدير ۾ هئي سا پڙهيم پوءِ نماز ۾ ننڊ جا جهوٽا آيا تانجو ڳرو ٿيس (يعني ننڊ اچي وئي) اوچتو مون پنهنجي رب تبارڪ وتعاليٰ کي سهڻي صورت ۾ ڏٺو ۽ فرمايائين: اي محمدﷺ! مون چيو تہ اي منهنجا رب! تنهنجي خدمت ۾ حاضر آهيان. پوءِ پڇيائين تہ ملائڪ ڪهڙي شيءِ بابت گفتگو ڪن ٿا؟ مون چيو تہ مون کي خبر نہ آهي. اهڙي طرح ٽي دفعا چيائين. رسول الله ﷺ جن چيو تہ پوءِ مون ڏٺو تہ رب تعاليٰ پنهنجي هٿ کي منهنجي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو، تانجو ان جي ٿڌائي ٻن ٻبين جي وچ ۾ معلوم ڪيم. پوءِ مون لاءِ سڀ ڪا شيءِ ظاهر ٿي ۽ انهن کي سڃاتم. پوءِ منهنجي رب چيو تہ اي محمدﷺ! مون چيو تہ اي منهنجا رب! تنهنجي خدمت ۾ حاضر آهيان فرمايائين: ملائڪ ڪهڙي شيءِ بابت گفتگو ڪن ٿا؟ مون چيو تہ پيرين پيادو باجماعت نماز لاءِ وڃڻ ۽ نماز کان پوءِ مسجدن ۾ ويهڻ ۽ تڪليفن ۾ ڪامل وضو ڪرڻ بابت. وري چيائين تہ ٻي ڪهڙي گفتگو ڪن ٿا؟ مون چيو تہ ماني کارائڻ ۽ نرم ڳالهائڻ ۽ رات جو جڏهن ماڻهو ننڊ ۾ هجن تڏهن نماز پڙهڻ بابت. وري رب تعاليٰ فرمايو تہ (جيڪي گهرڻو هجئي) سو گهر.مون چيو تہ يا اللهﷻ! آئون توکان چڱاين جو سوال ڪريان ٿو ۽ بڇڙاين کي ترڪ ڪرڻ ۽ مسڪينن سان دوستي رکڻ جي توفيق گهران ٿو ۽ پڻ هي گهران ٿو تہ مون کي بخش ۽ مون تي رحم ڪر ۽ جڏهن ڪنهن قوم جي آزمائش جو ارادو ڪرين تہ مون کي انهن انهيءَ آزمائش کان**

اڳ وفات ڪرائين ۽ توکان سوال ڪريان ٿو تہ مون کي پنهنجي محبت ڏي ۽ پڻ انهن شخصن جي محبت ڏي جيڪي توکي دوست رکن ٿا ۽ اهڙي ڪم جي مون کي محبت ڏي جو مون کي تنهنجي محبت جي ويجهو ڪري. پوءِ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق اهو خواب سچو آهي. اهو ياد ڪريو ۽ ماڻهن کي سيکاريو، هن کي احمد ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي چيو تہ هي حديث حسن صحيح آهي ۽ مون محمد بن اسماعيل(امام بخاري) کان انهي حديث بابت سوال ڪيو، ان چيو تہ اها حديث صحيح آهي.

(749) وعن عبد الله بن عمرو بن العاص قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول إذا دخل المسجد قال : " أعوذ بالله العظيم وبوجهه الكريم وسلطانه القديم من الشيطان الرجيم " قال : " فإذا قال ذلك قال الشيطان حفظ مني سائر اليوم " . رواه أبو داود

عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن مسجد ۾ ايندا هئا تہ هي دعا گهرندا هئا (ترجمه) "عظيم الله، ان جي ڪريم ذات ۽ ان جي قديم بادشاهي سان شيطان مردود کان پناھ وٺان ٿو. فرمايائون: جڏهن ڪو ائين چوندو آهي تہ شيطان چوندو آهي تہ اڄ ڏينهن اهو مون کان محفوظ رهيو. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(750) وعن عطاء بن يسار قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اللهم لا تجعل قبري وثنا يعبد اشتد غضب الله على قوم اتخذوا قبور أنبيائهم مساجد " . رواه مالك مرسلا

عطاءَ بن يسار رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: اي الله منهنجي قبر کي[1] بت نہ بڻاءِ جو ان جي عبادت ڪئي وڃي. الله تعاليٰ جو انهيءَ قوم تي سخت غضب آهي، جن نبي جي قبرن کي سجدي گاھ بڻايو آهي هن کي مالڪ مرسل روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حديث موصول ۽ صحيح آهي. تفصيل لاءِ ڏسو ڪتاب "تحذير الساجد عن اتخاذ القبور المساجد" (للالباني ص17_19)

---

[1]_ يعني جيئن بتن جي ماڻهو تعظيم ڪندا آهن، انهيءَ تي ميلا ڪندا آهن، انهن کي سجدا ڪندا آهن، تيئن منهنجي قبر تي نہ ڪجو. هن وقت ڪيتري قدر مسلمانن ۾ جهالت آهي جو مزار، خانقاهن ۽ درگاهن تي وقت بوقت پوڄا لاءِ گڏ ٿيندا آهن، نذر نياز ڏيندا آهن. سڪائون ڪندا آهن، قبرن تي سجدا ڪندا آهن ۽ مجاور زوري مٿو جهڪائي سجدا ڪرائيندا آهن. جڏهن تہ اهي ڪم شفيع المذنبين، رحمةللعٰلمين، محمد مصطفيٰ، احمد مجتبيٰ ﷺ پنهنجي مزار مبارڪ تي ڪرڻ کان بہ منع فرمائي آهي ۽ انهن کي بت پرستي ۾ شمار ڪيو اٿن. تڏهن سوچيو تہ سهي! انهيءَ پاڪ مزار کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مقبرو ۽ مزار آهي جنهن تي اهي ڪم ڪرڻ جائز هجن؟

(751) وعن معاذ بن جبل قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يستحب الصلاة في الحيطان . قال بعض رواته يعني البساتين رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب لا نعرفه إلا من حديث الحسن بن أبي جعفر وقد ضعفه يحيى ابن سعيد وغيره

**معاذ بن جبلؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن حيطان ۾ نماز پڙهڻ پسند ڪندا هئا. حديث جي ڪن راوين چيو آهي تہ حيطان جي مراد باغ آهن هن حديث کي احمد ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي. ترمذي چيو: هي حديث غريب آهي جو اها سواءِ حسن بن ابوجعفر جي ٻين کان نٿا ڄاڻون. ڪيس يحيٰ بن سعيد وغيره غريب ٺهرايو آهي.**

(752) وعن أنس بن مالك قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة الرجل في بيته بصلاة وصلاته في مسجد القبائل بخمس وعشرين صلاة وصلاته في المسجد الذي يجمع فيه بخمسمائة صلاة وصلاته في المسجد الأقصى بخمسين ألف صلاة وصلاته في مسجدي بخمسين ألف صلاة وصلاته في المسجد الحرام بمائة ألف صلاة " . رواه ابن ماجه

**انس بن مالڪؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو: ماڻهوءَ کي گهر ۾ نماز پڙهڻ سان هڪ نماز جو پاڙي جي مسجد ۾ نماز پڙهڻ سان 25نمازن جيترو ۽ جامع مسجد [1] ۾ نماز پڙهن سان پنج سؤ نمازن جو ۽ مسجد اقصيٰ ۾ نماز پڙهن سان پنجاهہ هزار نمازن جو ۽ منهنجي هن مسجد ۾ نماز پڙهڻ سان پنجاهہ هزار نمازن جو ۽ بيت الله شريف ۾ نماز پڙهڻ سان هڪ لک نمازن جو ثواب ملي ٿو هن کي ابن ماجه روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ضعيف آهي. ان ۾ زريق ابو عبدالله الهاني راوي مختلف فيه آهي. ان کان روايت ڪندڙ ابو الخطاب دمشقي مجهول آهي.**
**(مشڪواة للالباني ص234 ج1)**

(753) وعن أبي ذر قال : قلت : يا رسول الله أي مسجد وضع في الأرض أول ؟ قال : " المسجد الحرام " قال : قلت : ثم أي ؟ قال : " ثم المسجد الأقصى " . قلت : كم بينهما ؟ قال : " أربعون عاما ثم الأرض لك مسجد فحيثما أدركتك الصلاة فصل ".

**ابو ذرؓ کان روايت آهي مون عرض ڪيو تہ اي الله جا رسولﷺ روءِ زمين تي سڀ کان اول ڪهڙي مسجد اڏي ويئي؟ فرمايائون: بيت الله شريف! عرض ڪيم: ان کان پوءِ؟ فرمايائون:**

[1] _ جيڪا مسجد جامع بہ هجي ۽ پاڙي واري بہ هجي ان ۾ هڪ نماز پڙهڻ سان 500_ نمازن جو ثواب آهي.

**مسجد اقصيٰ. عرض ڪيم تہ ٻنهي جي وچ ۾ ڪيترو عرصو هو؟ فرمايائون: چاليهہ سال ([1]) ان ڪان پوءِ سموري زمين توﻻءِ مسجد آهي، جتي بہ توکي نماز جو وقت ٿئي اتي نماز پڙهہ (بخاري_مسلم)**

# اوگهڙ ڍڪڻ جو بيان

## فصل پهريون

(754) عن عمر بن أبي سلمة قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي في ثوب واحد مشتملا به في بيت أم سلمة واضعا طرفيه على عاتقيه.

**عمر بن ابوسلمهﷺ ڪان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ام المؤمنين ام سلمہؓ جي گهر ۾ هڪ ڪپڙي ۾ نماز پڙهندي ڏٺم. ان کي ويڙهيو هئائون ۽ ان جا ٻئي پلؤ ڪلهن تي رکيل هين. (متفق عليه)**

(755) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يصلين أحدكم في الثوب الواحد ليس على عاتقيه منه شيء ".

**ابو هريره ؓ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اوهان مان ڪوبہ هڪ ڪپڙي ۾ اهڙي طرح نماز نہ پڙهي جو ان جي ڪلهن تي انهي ڪپڙي مان ڪجهہ بہ نہ هجي (متفق عليه)**

(756) وعنه قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " من صلى في ثوب واحد فليخالف بين طرفيه " . رواه البخاري

**ابو هريره ؓ ڪان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن ڪان ٻڌو فرمايائون: جيڪو هڪ ڪپڙي ۾ نماز پڙهي ان کي گهرجي تہ ٻنهين پلاندن کي ڪلهن تي وجهي هي روايت بخاري جي آهي.**

---

[1] _ هن ۾ اشارو آهي ڪعبة الله ۽ ان ڪان پوءِ مسجد اقصيٰ جي پهرين بنائڻ بابت، ڪعبة الله شريف جي پهرين تعمير آدم عليه السلام ڪئي. ان ڪان بعد ابراهيم عليه السلام ۽ اسماعيل عليه السلام ڪعبة الله شريف جي ازسرنو انهن ئي بنيادن تي تعمير ڪئي، جنهن جو بيان قرآن شريف ۾ بہ آهي. گهڻو عرصو بعد دائود عليه السلام جي پٽ سليمان عليه السلام پنهنجي والد سڳوري جي حڪم ۽ اشاري تي بيت المقدس جي عمارت شاندار نموني ۾ تعمير ڪرائي. انهن ٻنهي مسجدن جي از سر نو تعمير ۽ اڏاوت جي وچ ۾ هڪ هزار ورهين ڪان بہ گهڻو عرصو گذريو آهي.

(757) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم في خميصة لها أعلام فنظر إلى أعلامها نظرة فلما انصرف قال : " اذهبوا بخميصتي هذه إلى أبي جهم وأتوني بأنبجانية أبي جهم فإنها ألهتني آنفا عن صلاتي " . وفي رواية للبخاري قال : " كنت أنظر إلى علمها وأنا في الصلاة فأخاف أن يفتنني ".

**عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ هڪ چٽن ([1]) واري ڪپڙن ۾ نماز پڙهي.ان جي چٽن ڏانهن نظر ڪيائون، پوءِ جڏهن نماز کان واندا ٿيا تہ فرمايائون: هي قميس ابو جهم ڏانهن کڻي وڃو. مون کي ان جي لسي سادي چادر آڻي ڏيو. ان مون کي نماز کان غافل ڪيو. هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو. بخاري جي ٻي روايت ۾ آهي تہ ﷺ جن چيو تہ مون هن جا چٽ نماز ۾ ڏٺا. ان ڪري مون کي خوف ٿيو تہ متان مون کي فتني ۾ وجهي.**

(758) وعن أنس قال : كان قرام لعائشة سترت به جانب بيتها فقال لها النبي صلى الله عليه وسلم : " أميطي عنا قرامك هذا فإنه لا يزال تصاويره تعرض لي في صلاتي " . رواه البخاري

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ بي بي عائشہ رضي الله عنها وٽ هڪ پردو هو جو گهر جي هڪ پاسي کي ڍڪي ڇڏيو هئائين. نبي ڪريم ﷺ ان کي چيو تہ انهيءَ پنهنجي پردي کي اسان کان پري ڪر جو ان جون تصويرون هميشہ نماز ۾ منهنجي آڏو ٿيون اچن هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(759) وعن عقبة بن عامر قال : أهدي لرسول الله صلى الله عليه وسلم فروج حرير فلبسه ثم صلى فيه ثم انصرف فنزعه نزعا شديدا كالكاره له ثم قال : " لا ينبغي هذا للمتقين.

**عقبه بن عامر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڏانهن هڪ ريشمي ڪوٽ هديہ ۾ موڪليو ويو. اهو پائي نماز پڙهيائون. جڏهن نماز کان واندا ٿيا تڏهن ان کي زور سان ڇڪي ڄڻ نفرت سان لاٿائون ۽ فرمايائون: هي ڪپڙو پرهيز گارن([2]) جي لائق نہ آهي. متفق عليه.**

## فصل ٻيون

[1] ـ هي هڪ ڪاري اُنَ جي رنگ جهڙي چادر هئي جنهن ۾ چٽ هئا. پاڻ ﷺ جن کي چٽن ڏانهن توجہ ٿيڻ ڪري چادر پسند نہ آئي. ابو جهم اصحابي آهي. انبجان هڪ شهر جو نالو آهي جنهن ۾ ساديون چادرون ٺهنديون هيون، جنهن کي انبجانيه چوندا هئا. هن ۾ پاڻ ﷺ جن امت کي تعليم ڏني آهي. تہ جن ڪپڙن ڏانهن نمازي جو ڌيان ڇڪجي، اهي پائي نماز پڙهڻ نہ گهرجي.

[2] ـ يعني هي حڪم ريشم جي حرام ٿيڻ کان اڳ جو آهي چو تہ ريشم جڏهن حرام ٿيو تڏهن متقين ۽ غير متقين سڀني لاءِ حرام ٿيو يا ممڪن آهي تہ متقين مان مراد متقين عن الشرڪ يعني مسلمان هجن. پوءِ انهيءَ صورت ۾ منع تمام مسلمانن کي آهي.

(760) عن سلمة بن الأكوع قال : قلت : يا رسول الله إني رجل أصيد أفأصلي في القميص الواحد ؟ قال : نعم وازرره ولو بشوكة " . رواه أبو داود وروى النسائي نحوه

**سلمه بن اکوع ﷛ کان روايت آهي تہ مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ آئون شڪاري ماڻهو آهيان ڇا پوءِ فقط هڪ قميس ۾ نماز پڙهان؟ فرمايائون: هائو گريبان ان جو بند رک جيڪوتيڪ ڪنڊي سان. هن کي ابوداؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

(761) وعن أبي هريرة قال : بينما رجل يصلي مسبلا إزاره قال له رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اذهب فتوضأ " فذهب وتوضأ ثم جاء فقال رجل : يا رسول الله ما لك أمرته أن يتوضأ ؟ قال : " إنه كان يصلي وهو مسبل إزاره وإن الله تعالى لا يقبل صلاة رجل مسبل إزاره " . رواه أبو داود

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو لڙڪيل ڪپڙي سان نماز پڙهي. ان کي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ وڃ وضو ڪر. پوءِ وڃي وضو ڪري آيو. هڪ ماڻهوءَ چيو تہ يارسول الله ﷺ ڇا جي ڪري اوهان ڪيس ٻيهر وضو ڪرڻ جو حڪم ڪيو؟ فرمايائون تحقيق الله تعالىٰ لڙڪيل گوڏ واري ماڻهوءَ جي نماز قبول نٿو ڪري[1] هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ راوي ابو جعفر جو نالو معلوم ناهي ۽ يحييٰ بن ڪثير راوي مجهول آهي (مشڪوٰة للالباني ص 238ج1)**

(762) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تقبل صلاة حائض إلا بخمار " . رواه أبو داود والترمذي

**عائشہ ﵂ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مٿو ڍڪڻ کان سواءِ بالغ عورت جي نماز قبول نٿي ٿئي. هن کي ابوداؤد ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي.**

(763) وعن أم سلمة أنها سألت رسول الله صلى الله عليه وسلم : أتصلي المرأة في درع وخمار ليس عليها إزار ؟ قال : " إذا كان الدرع سابغا يغطي ظهور قدميها " . رواه أبو داود وذكر جماعة وقفوه على أم سلمة

---

[1] _ اهو شخص وضوءَ سان هو پوءِ وري وضو ڪرڻ جو حڪم هن سبب ڪري ڪيس ڏنو ويو جو چادر پيرن ۾ وجهڻ ڪري جيڪو مٿس گناهہ پيو سو لهي. ڇاڪاڻ تہ وضو بہ گناهہ جو ڪفارو آهي.

**ام المؤمنين ام سلمهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ کان پڇيائين ته عورت قميص ۽ چادر ۾ نماز پڙهي سگهي ٿي، جڏهن قميس جي هيٺيان چادر نه هجيس؟ فرمايائون: جڏهن ان قميص ايتري ڊگهي هجي جو پيرن جي پٺ کي ڍڪي[1] ته جائز آهي. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو ۽ بيان ڪيائين ته راوين جي هڪ جماعت هيءَ حديث ام سلمه کان موقوف بيان ڪئي آهي.**

**فائده:_ هن حديث جي سند موقوف آهي ۽ موصول ومرفوع ناهي (مشڪواة للالباني 1/238)**

(764) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : نهى عن السدل في الصلاة وأن يغطي الرجل فاه . رواه أبو داود والترمذي

**ابو هريره ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺنماز ۾ ڪپڙي کي لٽڪائڻ ([2]) ۽ منهن بند ڪري نماز پڙهڻ کان منع فرمائي آهي. هن کي ابوداؤد ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي.**

(765) وعن شداد بن أوس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خالفوا اليهود فإنهم لا يصلون في نعالهم ولا خفافهم " . رواه أبو داود

**شداد بن اوسؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: يهودين جي مخالفت ڪريو تحقيق اهي جتين ۽ موزن ۾ ([3]) نماز نه پڙهندا آهن هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

(766) وعن أبي سعيد الخدري قال : بينما رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي بأصحابه إذ خلع نعليه فوضعهما عن يساره فلما رأى ذلك القوم ألقوا نعالهم فلما قضى رسول الله صلى الله عليه وسلم صلاته قال : " ما حملكم على إلقائكم نعالكم ؟ " قالوا : رأيناك ألقيت نعليك فألقينا نعالنا . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن جبريل أتاني فأخبرني أن فيهما قذرا إذا جاء أحدكم إلى المسجد فلينظر فإن رأى في نعليه قذرا أو أذى فليمسحه وليصل فيهما " . رواه أبو داود والدارمي

**ابو سعيد خدريؓ کان روايت آهي ته ان دوران جو رسول اللهﷺ جن پنهنجي اصحابن کي نماز پڙهائي رهيا هئا ته پنهنجا جوتا لاهي پنهنجي کابي پاسي[1] رکي ڇڏيائون. ماڻهن جڏهن اهو**

---

[1]_ هن ۾ دليل آهي ته عورتن جي پيرن جي پٺ به اوگهڙ ۾ داخل آهي. ان جو نماز ۾ ڍڪڻ فرض آهي هيءَ حديث فقط بي بي ام سلمه جو پنهنجو قول آهي، پاڻﷺ جن جو حڪم نه آهي.

[2]_ اهو هن ڪري جو جيڪڏهن وات ڍڪيل هوندو ته چڱي طرح قرائت ڪري نه سگهندو ۽ سجدا پوري طرح ڏئي نه سگهندو.

[3]_ هن مان معلوم ٿيو ته هي ڪم مباح آهي مگر انهيءَ ۾ گمراهن جي مخالفت آهي پوءِ اهڙو مباح ڪم ڪرڻ به ثواب آهي. ٻيو شرط هي آهي ته جتي ۽ موزا پاڪ هجن. انهن ۾ ڪنهن به قسم جي پليتي لڳل نه هجي.

ڏنو ته انهن به پنهنجا جوتا اچلايا[2]. جڏهن رسول الله ﷺ جن پنهنجي نماز پوري فرمائي ته پڇيائون. "توهان ڪهڙي سبب جي ڪري پنهنجيون جتيون اچلايون؟" عرض ڪيائون ته اسان اوهان کي ڏٺو، اوهان پنهنجا جوتا اچلايا ان ڪري اسان به پنهنجا جوتا لاهي ڦٽا ڪيا. رسول الله ﷺ جن فرمايو "تحقيق جبرئيل عليه السلام مون وٽ آيو ۽ مون کي ٻڌايائين ته منجهن گندگي آهي (ان ڪري مون لاهي رکيا) جڏهن اوهان مان ڪو مسجد اچي ته ان کي جاچي ڏسڻ گهرجي، پوءِ جيڪڏهن ڪيس پنهنجي جتيءَ ۾ گندگي نظر اچي ته انهن کي رڳڙي ڇڏي ۽ انهن ۾ نماز پڙهي. هن کي ابودائود ۽ دارميءَ روايت ڪيو.

(767) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صلى أحدكم فلا يضع نعليه عن يمينه ولا عن يساره فتكون عن يمين غيره إلا أن لا يكون عن يساره أحد وليضعهما بين رجليه " . وفي رواية : " أو ليصل فيهما " . رواه أبو داود وروى ابن ماجه معناه

۽ ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن توهان مان ڪو نماز پڙهڻ لاءِ اچي ته پنهنجي ساڄي طرف پنهنجا جوتا لاهي نه رکي ۽ بلڪ کاٻي طرف کان رکي، بشرطيڪ اهو پاسو ڪنهن ٻئي نمازيءَ لاءِ ساڄو طرف واقع ٿيندو نه هجي. البت جيڪڏهن کاٻي طرف ڪو ٻيو نه هجي ته رکي سگهي ٿو. البت پنهنجي پيرن جي وچ ۾ رکي ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته جوتا پائي نماز ادا ڪري (ابودائود) ان معنيٰ ۾ ابن ماجه به روايت بيان ڪئي آهي.

## فصل ٽيون

(768) عن أبي سعيد الخدري قال : دخلت على النبي صلى الله عليه وسلم فرأيته يصلي على حصير يسجد عليه . قال : ورأيته يصلي في ثوب واحد متوشحا به . رواه مسلم

ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته آئون نبي ڪريم ﷺ جن وٽ داخل ٿيس ڪين ڏٺم ته تڏي[3] تي نماز پڙهي رهيا آهن. ان تي ئي سجدو ڪري رهيا آهن. ابو سعيد چوي ٿو ته مون ڪين ڏٺو پاڻ هڪ ڪپڙي کي ويڙهي سيڙهي نماز پڙهي رهيا هئا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

---

[1]_ هن مان معلوم ٿيو ته جيڪڏهن ڪپڙي وغيره کي ڪا پليتي لڳي وڃي ۽ ان جي هن کي ويسر ٿي وڃي يا ماڳهين خبر نه هجيس ته جڏهن نماز پڙهندي ياد اچيس تڏهن اهو ڪپڙو اچلي ڇڏي. اڳ ۾ جيڪي نماز پڙهي چڪو هجي ان کي موٽائڻ جي ضرور نه آهي.

[2]_ هن حديث مان معلوم ٿيو ته رسول الله ﷺ جن جي تابعداري سندن فعل ۾ واجب آهي. انهيءَ ڪري صحابه ڪرام بروقت جتيون لاهي اچلايون ۽ پڇڻ جو انتظار نه ڪيائون.

[3]_ هن ۾ دليل آهي ته زمين تي تڏو وغيره وڇائي نماز پڙهڻ به مسنون طريقو آهي.

(769) وعن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي حافيا ومتنعلا .

رواه أبو داود

**۽ عمرو بن شعيب پنهنجي پيءُ کان اهو ان جي ڏاڏي کان روايت ڪري ٿو تہ مون رسول اللهﷺ جن کي ڏٺو پاڻﷺ (ڪڏهن) بغير جتيءَ جي ۽ (ڪڏهن) جتيءَ سان نماز پڙهيائون. هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

(770) وعن محمد بن المنكدر قال : صلى جابر في إزار قد عقده من قبل قفاه وثيابه موضوعة على المشجب قال له قائل تصلي في إزار واحد فقال إنما صنعت ذلك ليراني أحمق مثلك وأينا كان له ثوبان على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري

**۽ محمد بن منڪدر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جابر رضي الله عنه هڪ چادر ۾ نماز ادا ڪئي، جنهن کي ڪياڙيءَ جي طرف کان ٻڌو هئائين حالانڪ سندس ڪپڙا ڪليءَ ۾ لٽڪيل هئا. ڪنهن چيو تہ ڇا اوهان هڪڙي چادر ۾ نماز پڙهي؟ چيائين تہ مون اهو ان ڪري ڪيو آهي تہ جيئن تو جهڙو[1] احمق ڏسي. رسول اللهﷺ جن جي زماني ۾ اسان مان ڪنهن وٽ ٻہ ڪپڙا هوندا هئا؟ هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(771) وعن أبي بن كعب قال : الصلاة في الثوب الواحد سنة كنا نفعله مع رسول الله صلى الله عليه وسلم ولا يعاب علينا . فقال ابن مسعود : إنما كان ذاك إذ كان في الثياب قلة فأما إذ وسع الله فالصلاة في الثوبين أزكى . رواه أحمد

**ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ ڪپڙي ۾ نماز پڙهڻ سنت آهي، اسين رسول اللهﷺ جن سان گڏ انهيءَ طرح ڪندا هئاسون ۽ اسان تي ڪو عيب نہ ڪڍيو ويندو هو. ابن مسعود چيو تہ اهو تڏهن هو جڏهن ڪپڙا ٿورا هئا. جڏهن الله تعاليٰ ڪشادگي ڏني آهي تہ ٻن ڪپڙن ۾ نماز وڌيڪ[2] ثواب واري آهي. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث زوائد عبدالله بن احمد ۾ آهي ۽ سند ۾ راوي ابو نضر بن بقيہ مجهول آهي. (مشڪوٰة للالباني ص240ج1)**

---

[1]_ جابر هڪ ڪپڙي ۾ هن ڪري نماز پڙهي تہ ماڻهن کي معلوم ٿئي تہ نماز هڪ ڪپڙي ۾ پڙهڻ بہ جائز آهي ۽ سنت جي خلاف نہ آهي.

[2]_ سيني علمائن جو اجماع آهي تہ 2_ ڪپڙن ۾ نماز پڙهڻ افضل آهي واجب نہ آهي.

# نماز ۾ ستره جو بيان

## فصل پهريون

(772) عن ابن عمر قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يغدو إلى المصلى والعنزة بين يديه تحمل وتنصب بالمصلى بين يديه فيصلي إليها . رواه البخاري

**ابن عمر رضي الله عنه كان روايت آهي ته نبي كريم ﷺ جن عيدگاهه ڏانهن ويندا هئا ([1]) ته نيزو سندس اڳيان رکي ۽ عيد گاهه ۾ سندس آڏو کوڙيو ويندو هو([2])پوءِ ان جي سامهون نماز پڙهندا هئا.هن کي بخاري روايت کيو آهي.**

(773) وعن أبي جحيفة قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم بمكة وهو بالأبطح في قبة حمراء من أدم ورأيت بلالا أخذ وضوء رسول الله صلى الله عليه وسلم ورأيت الناس يبتدرون ذاك الوضوء فمن أصاب منه شيئا تمسح به ومن لم يصب منه شيئا أخذ من بلل يد صاحبه ثم رأيت بلالا أخذ عنزة فركزها وخرج رسول الله صلى الله عليه وسلم في حلة حمراء مشمرا صلى إلى العنزة بالناس ركعتين ورأيت الناس والدواب يمرون من بين يدي العنزة.

**ابو جحيفه رضي الله عنه كان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن کي مکي ۾ ڏٺو بطحا واديءَ([3]) ۾ چمڙي جي هک ڳاڙهي تنبو ۾ هئا ۽ بلال کي ڏٺم ته رسول الله ﷺ جن جي وضوءَ مان ڪرنڊڙ پاڻي حاصل ڪري رهيو هو ۽ ماڻهن کي ڏٺم ته ان پاڻي کي وٺڻ لاءِ ڊوڙي رهيا هئا. جنهن کي ڪجهه مليو، پنهنجي منهن تي مکيائين ۽ جنهن کي نه مليو، ان پنهنجي سنگتي جي هٿ مان آلاڻ پئي ورتي. پوءِ بلال کي ڏٺم ته نيزو ڪڍي زمين ۾ کوڙيائين. پوءِ رسول الله ﷺ جن ڳاڙهو وڳو ڍڪي تکڙا نکتا. نيزي آڏو ۽ ماڻهن کي ٻه رکعتون نماز پڙهايائون. ۽ مون ڏٺو ماڻهو ۽ جانور ان نيزي ([4]) جي اڳيان پئي لنگهيا. متفق عليه**

(774) وعن نافع عن ابن عمر : أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يعرض راحلته فيصلي إليها . وزاد البخاري قلت : أفرأيت إذا هبت الركاب . قال : كان يأخذ الرحل فيعدله فيصلي إلى آخرته.

---

[1]_ ستره مان مراد اها شيءِ آهي جا نمازيءَ جي اڳيان هجي، جهڙوڪ پٽ، ٿنيو يا لٺ وغيره. سترو هن لاءِ هوندو آهي ته نماز جي اڳيان لنگهندڙ ستره رکڻ بعد گنهگار نه ٿئي.

[2]_ برڇي هن لاءِ کڻبي هئي ته ماز پڙهڻ وقت ان کي ستره طور ڪتب آڻجي.

[3]_ ابطح هک وادي جو نالو آهي جا مکي ۽ منيٰ جي واٽ ۾ آهي ان کي محصب ۽ بطحاءَ به چون ٿا. انهيءَ کي ابطح هن ڪري چون ٿا جو ان ۾ پٿريون آهن.

[4]_ هن مان معلوم ٿيو ته ستره ڪرڻ کاڻ پوءِ ماڻهو خواه جانور نمازين جي اڳيان جيکڏهن لنگهن ته کو حرج نه آهي.

**نافع بن عمر ﷛ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن اٺ ويهاري ان جي سامهون نماز پڙهندا هئا (متفق عليه) بخاري هي اضافو ڪيو آهي ته نافع چوي ٿو ته مون چيو ته اي ابن عمر! جڏهن اٺ اٿي بيهندا هئا (ته ڪيئن ڪندا هئا) چيائين ته اٺ جي پلاڻ[1] کي سڌو رکندا هئا. پوءِ ان جي پوئين ڪاني کي سامهون رکي نماز پڙهندا هئا.**

(775) وعن طلحة بن عبيد الله قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا وضع أحدكم بين يديه مثل مؤخرة الرحل فليصل ولا يبال من مر وراء ذلك " . رواه مسلم

**طلحه بن عبيد الله ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪو پلاڻ جي ڪاني اڳيان رکي ته پوءِ نماز پڙهي ان جي آڏو ايندڙ ويندڙ جي ڪا پرواهه نه ڪري. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(776) وعن أبي جهيم قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لو يعلم المار بين يدي المصلي ماذا عليه لكان أن يقف أربعين خيرا له من أن يمر بين يديه " . قال أبو النضر : لا أدري قال : " أربعين يوما أو شهرا أو سنة ".

**ابوجهيم﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: نمازيءَ جي اڳيان لنگهڻ ۾ جيترو گناهه آهي اهو جيڪڏهن ڪو معلوم ڪري ته هوند چاليهن[2] تائين بيهڻ ان کي نماز اورانگهڻ کان چڱو لڳي. ابو نضر رواي چوي ٿو ته خبر نه اٿم ته چاليهه ڏينهن يا چاليهه مهينا يا چاليهه ورهيه چيائين. متفق عليه**

(777) وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صلى أحدكم إلى شيء يستره من الناس فأراد أحد أن يجتاز بين يديه فليدفعه فإن أبى فليقاتله فإنما هو شيطان " . هذا لفظ البخاري ولمسلم معناه

**ابو سعيد﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪو ڪنهن شيءِ کي سترو بنائي نماز پڙهي، پوءِ به ڪو ان جي اڳيان لنگهڻ جو ارادو ڪري ته ان کي روڪي.**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو ته پلاڻ جي پوئين ڪاني سترو ٿي سگهي ٿي.

[2] _ طحاري چوي ٿو ته مراد چاليهه ورهيه آهن. چاليهه ڏينهن يا چاليهه مهينا مراد نه آهن جيئن ابو هريره﷛ جي هڪ روايت ما اهڙي ثابتي ملي ٿي.

**جيڪڏهن انڪار ڪري تہ ان سان جنگ ڪري[1] جو اهو شيطان آهي هي لفظ بخاري جا آهن. ۽ ان جي هم معنيٰ مسلم ۾ روايت آهي.**

(778) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " تقطع الصلاة المرأة والحمار والكلب . ويقي ذلك مثل مؤخرة الرحل " . رواه مسلم

**ابو هريره ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: نماز کي عورت، گڏھ ۽ ڪتو (2) ڀڃن ٿا ۽ پالاڻ جي پوئين ڪاٺي برابر (ستره) ان کي محفوظ رکندو آهي. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(779) وعن عائشة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يصلي من الليل وأنا معترضة بينه وبين القبلة كاعتراض الجنازة.

**عائشہ ﷝ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ رات جو نماز پڙهندا هئا ۽ آئون سندن ۽ سندن قبله جي وچ ۾ اهڙي طرح ڊگهي پئي هوندي هيس[3] جيئن جنازو ڊگهو پيو هجي. متفق عليه.**

(780) وعن ابن عباس قال : أقبلت راكبا على أتان وأنا يومئذ قد ناهزت الاحتلام ورسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي بالناس بمنى إلى غير جدار فمررت بين يدي الصف فنزلت فأرسلت الأتان ترتع ودخلت في الصف فلم ينكر ذلك علي أحد .

**ابن عباس ﷛ ڪان روايت آهي تہ آئون گڏھ تي سوار ٿي آيس ۽ تن ڏينهن آئون بلوغت جي ويجهو هئس. ان وقت رسول الله ﷺ جن منيٰ ۾ ڪنهن ڀت وغيره ڪان سواءِ ماڻهن کي نماز**

---

[1] _ قاضي عياض ۽ قرطبي فرمائن ٿا تہ سيني علمائن جو اتفاق آهي تہ هن مان حقيقي قتل ڪرڻ مراد نہ آهي، چاڪاڻ تہ ان سان نمازيءَ ۽ نماز ٻنهي کي خرابي ۽ خطري ۾ پوڻ جو زياده امڪان آهن. مطلب هي آهي تہ ان کي ٻئي دفعا چڱي طرح سان روڪي. تي سگهي تہ ٻيو ماڻهو ان کي روڪي ان کي شيطان هن سبب ڪري چيل آهي جو هو شيطاني ڪم ڪري رهيو آهي ان ڪان سواءِ شيطان فقط جنن کي نہ چئبو آهي، بلڪ شيطان انسان بہ آهن ۽ جن بہ آهن.

[2] _ مطلب هي آهي تہ اهي ٽئي نمازيءَ جي لطف ۽ خشوع ۽ خضوع ۾ رولو وجهن ٿا. جمهور علماءَ جو مذهب آهي تہ ڪنهن بہ شخص يا ڪنهن بہ شِيءِ جي نمازيءَ جي اڳيان لنگهڻ جي ڪري نماز نہ ڀڄندي آهي اگرچہ عورت، گڏھ ۽ ڪتو ڇو نہ هجي.

[3] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ نمازيءَ جي اڳيان عورت جو هجڻ نماز کي نٿو ڀڃي.

پڙهائي رهيا هئا. پوءِ آئون ڪن صفن جي اڳيان لنگهيس. پوءِ گڏهه تان لٿس. ان تي مون تي ڪنهن بہ[1] اعتراض نہ ڪيو. متفق عليه .

## فصل ٻيو

(781) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صلى أحدكم فليجعل تلقاء وجهه شيئا فإن لم يجد فلينصب عصاه فإن لم يكن معه عصى فليخطط خطا ثم لا يضره ما مر أمامه " . رواه أبو داود وابن ماجه

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن فرمايو:جڏهن اوهان مان ڪو نماز پڙهي تڏهن ان ڪي گهرجي تہ پنهنجي سامهون ڪا شيءِ کوڙي([2])۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ نہ هجي تہ پنهنجي لٺ (اڳيان) کوڙي. جيڪڏهن لٺ بہ گڏ نہ هجيس تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ ليڪو ڪڍي (نماز پڙهي) پوءِ جيڪڏهن ان جي اڳيان ڪا شيءِ لنگهندي تہ ان کي نقصان نہ ڪندي هن کي ابو داؤد ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث ضعيف آهي، سند ۾ شديد اضطراب ۽ ان جا بہ راوي مجهول آهن (مشڪوٰة للالباني ص243ج1)**

( 782) وعن سهل بن أبي حثمة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صلى أحدكم إلى سترة فليدن منها لا يقطع الشيطان عليه صلاته " . رواه أبو داود

**سهل بن ابي حثمه ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪو ستري ڏانهن نماز پڙهي، ان کي گهرجي تہ ان جي ويجهو (بيهي) جيئن شيطان ان جي نماز نہ ٽيجي([3]) هن ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

(783) وعن المقداد بن الأسود قال : ما رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي إلى عود ولا عمود ولا شجرة إلا جعله على حاجبه الأيمن أو الأيسر ولا يصمد له صمدا . رواه أبو داود

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ گڏهہ جي اڳيان لنگهڻ جي ڪري بہ نماز نٿي ٽٽي.

[2]_ هن حديث ۾ دليل آهي تہ سترو ڪنهن خاص قسم جو هجڻ ضروري نہ آهي بلڪ جيڪا بہ شِيءِ پنهنجي اڳيان کڙي ڪبي اها ڪافي آهي پر جيڪڏهن ڪا شيءِ موجود نہ هجي تہ زمين تي ليڪو ڪڍجي. اهو ليڪو ڪيئن ڪڍجي ان ۾ علمائن جو اختلاف آهي امام احمد چوي ٿو تہ ليڪي جي شڪل پهرئين تاريخ جي چنڊ جي ڪمان وانگر ڪڍجي.

[3]_ يعني ستري جي ايترو ويجهو بيهجي جيئن ڪو شيطان ماڻهو نمازيءَ اڳيان نہ لنگهي ۽ ان جي نماز نہ ٽيجي چو تہ اڳيان لنگهڻ سبب نمازي جي پاڻ قلب ۾ رولو پوندو، جو پاڻ قلب کان سواءِ ڪابہ نماز ڪامل نہ آهي.

**مقداد بن اسود ﷛ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول اللهﷺ کنهن ڪاٺي يا ٿنڀي يا وڻ کي اڳيان ڪري نماز پڙهندا هئا تڏهن ان کي ساڄي يا کاٻي (1) طرف ڪندا هئا ان جي برابر نہ بيهندا هئا هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ضعيف آهي. هڪ راوي ضعيف ۽ ٻيو مجهول آهي (مشڪوٰة للالباني ص 243ج1)**

(784) وعن الفضل بن عباس قال : أتانا رسول الله صلى الله عليه وسلم ونحن في بادية لنا ومعه عباس فصلى في صحراء ليس بين يديه سترة وحمارة لنا وكلبة تعبثان بين يديه فما بالى ذلك . رواه أبو داود وللنسائي نحوه

**فضل بن عباس ﷠ کان روايت آهي تہ اسين پنهنجي جهنگ ۾ هئاسون اتي اسان وٽ رسول اللهﷺ جن آيا ۽ ساڻن گڏ عباس ﷛ بہ هو. پاڻ جهنگ ۾ نماز پڙهايائين. اڳيان ڪوبہ سترو(2) نہ هو اسان جي گڏهہ ۽ ڪتي سندن اڳيان راند پئي ڪئي. رسول الله ﷺ ان جي پرواهہ ڪانہ ڪئي. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي ۽ نسائي بہ انهيءَ طرح بيان ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ضعيف آهي (مشڪوٰة للالباني ص244ج1)**

(785) وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يقطع الصلاة شيء وادرؤوا ما استطعتم فإنما هو شيطان " . رواه أبو داود

**ابو سعيد ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو ڪابہ شيءِ نمازيءَ جي اڳيان لنگهڻ ڪري نماز کي نہ ٽي پيجي. جيتري قدر ٿي سگهي تہ اڳيان لنگهندڙ کي پري ڪريو ڇو تہ اهو شيطان آهي. هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ نماز کي باطل ڪرڻ واريون حديثون منسوخ آهن. هي حديث ناسخ آهي_ والله اعلم (مرعاة:237/2 )**

## فصل ٽيون

[1] _ ستري کي سامهون نہ رکجي بلڪ ساڄي يا کاٻي طرف رکڻ گهرجي سترو سامهون رکڻ ۾ بت پرستن سان مشابهت ٿئي ٿي.

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ سترو ڪرڻ نمازي کي واجب ڪونہ بلڪ مستحب آهي.

(786) عن عائشة قالت : كنت أنام بين يدي رسول الله صلى الله عليه وسلم ورجلاي في قبلته فإذا سجد غمزني فقبضت رجلي وإذا قام بسطتهما قالت : والبيوت يومئذ ليس فيها مصابيح.

**ام المؤمنين عائشہ ﷞ کان روایت آهي تہ آئون رسول اللهﷺ جن جي اڳيان ستي پئي هوندي هيس منهنجا پير ان جي قبله ڏانهن هوندا هئا پاڻ جڏهن سجدو کندا هئا تڏهن پيرن کي ڏک هڻندا هئا تڏهن سوڙها کندي هئس جڏهن بيهندا تڏهن پير ڊگها کندي هيس بيبي صاحبہ چوي ٿي انهن ڏينهن ۾ گهرن ۾ ڏيئا کونہ هئا. متفق عليه**

(787) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لو يعلم أحدكم ما له في أن يمر بين يدي أخيه معترضا في الصلاة كان لأن يقيم مائة عام خير له من الخطوة التي خطا " . رواه ابن ماجه

**ابو هريره ﷛ کان روایت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمایو تہ جيکڏهن اوهان مان کو ڄاڻي تہ پنهنجي ڀاءُ اڳيان نماز وقت لنگهڻ ۾ کيترو گناهہ آهي تہ هوند هک وک کڻن کان سؤ سال بيهڻ کي بهتر[1] سمهجي. هن کي ابن ماجہ روایت کيو آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ هک راوي متكلم فيه يعني ضعيف ۽ ٻيو مجهول آهي. (مشکوٰة للالباني ص 244ج1)**

(788) وعن كعب الأحبار قال : لو يعلم المار بين يدي المصلي ماذا عليه لكان أن يخسف به خيرا من أن يمر بين يديه . وفي رواية : أهون عليه . رواه مالك

**کعب احبار ﷛ کان روایت آهي تہ جيکڏهن کو ڄاڻي تہ نمازيءَ اڳيان لنگهڻ کيڏو گناهہ آهي تہ ان جي اڳيان لنگهڻ کان زمين ۾ غرق ٿيڻ ان کي ڀلو لڳي. ٻي روایت ۾ آهي تہ ان کي (دنيا جو عذاب) آسان لڳي هن کي مالک روایت کيو آهي.**

**فائده:_ حديث منقطع آهي، جو کعب احبار تابعي آهي.**

[1]_ شوکاني چوي ٿو تہ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ نمازيءَ جي اڳيان لنگهڻ کبيرو گناهہ آهي. فرض نماز ۽ نفل ۾ کو فرق کونہ آهي. ٻنهي جو ساڳيو حکم آهي.

(789) وعن ابن عباس رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صلى أحدكم إلى غير السترة فإنه يقطع صلاته الحمار والخنزير واليهودي والمجوسي والمرأة وتجزئ عنه إذا مروا بين يديه على قذفة بحجر " . رواه أبو داود

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪو ستري کان سواءِ نماز پڙهي تہ پوءِ ان جي نماز گڏھ، سوئر، يهودي، مجوسي ۽ عورت اڳيان لنگهڻ سان ٽٽي پوندي. جيڪڏهن اهي پٿر اڇلائڻ جيتري مفاصلي کان پري لنگهن تہ نماز درست آهي هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ راوي يحيىٰ بن ابي ڪثير لفظ "عن" سان بيان ڪري ٿو. اهڙي حديث گھٽ وٽ اعتبار جوڳي نہ هوندي آهي. (مشڪوٰة للالباني ص 245ج1)**

# باب نماز جي صفت جو

## فصل پهريون

(790) عن أبي هريرة رضي الله عنه : أن رجلا دخل المسجد ورسول الله صلى الله عليه وسلم جالس في ناحية المسجد فصلى ثم جاء فسلم عليه فقال له رسول الله صلى الله عليه وسلم : " وعليك السلام ارجع فصل فإنك لم تصل " . فرجع فصلى ثم جاء فسلم فقال : " وعليك السلام ارجع فصل فإنك لم تصل " فقال في الثالثة أو في التي بعدها علمني يا رسول الله فقال : " إذا قمت إلى الصلاة فأسبغ الوضوء ثم استقبل القبلة فكبر ثم اقرأ بما تيسر معك من القرآن ثم اركع حتى تطمئن راكعا ثم ارفع حتى تستوي قائما ثم اسجد حتى تطمئن ساجدا ثم ارفع حتى تطمئن جالسا ثم اسجد حتى تطمئن ساجدا ثم ارفع حتى تطمئن جالسا " . وفي رواية : " ثم ارفع حتى تستوي قائما ثم افعل ذلك في صلاتك كلها " .

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ هک ماڻهو مسجد ۾ آيو . رسول الله ﷺ مسجد جي هک کنڊ ۾ ويٺا هئا . ان شخص نماز پڙهي ۽ رسول الله ﷺ جن وٽ اچي کين سلام ڪيائين. رسول الله ﷺ جن ان کي وعليڪ السلام چيو ۽ فرمايو تہ نماز ورائي[1] پڙهہ جو تو نماز نہ پڙهي آهي[2] ان موٽائي نماز پڙهي ۽ اچي سلام ڪيائين. رسول الله ﷺ جن ان کي وعليڪم السلام چئي فرمايو تہ وجي ورائي نماز پڙهہ تحقيق تو نماز نہ پڙهي آهي. پوءِ ٽئين دفعي يا ان کان بعد چيائين تہ يارسول الله ﷺ مون کي سيکاريو (تہ ڪيئن نماز پڙهان؟) رسول الله ﷺ چيو تہ جڏهن تو نماز لاءِ اٿين تڏهن ڪامل وضو ڪر. پوءِ قبله کي سامهون ٿيءُ. پوءِ تڪبير چؤ پوءِ قرآن مان جيڪا قرائت تو کي سولي لڳي سا پڙهہ پوءِ رڪوع ڪر جيستائين قرار سان رڪوع ڪرين پوءِ مٿي سڌو ٿي بيهہ پوءِ پوري قرار سان سجدو ڪر پوءِ مٿو مٿي ڪڍي[3] قرار سان ويهہ پوءِ قرار سان سجدو ڪر پوءِ مٿو مٿي ڪڍي آرام سان ويهہ ٻي روايت ۾ آهي تہ قرار سان ويهي پوءِ اٿي سڌو ٿي بيهہ پوءِ پنهنجي سڄي نماز ائين ادا ڪر. متفق عليه**

(791) وعن عائشة قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يستفتح الصلاة بالتكبير والقراءة ب ( الحمد لله رب العالمين ) وكان إذا ركع لم يشخص رأسه ولم يصوبه ولكن بين ذلك وكان إذا رفع رأسه من الركوع لم يسجد

---

[1] _ پاڻ ﷺ جن اهو حڪم هن ڪري ڪيو جو هن رڪعتن جي تعديل، قومہ ۽ جلسہ جي تعديل چڱيءَ طرح نہ ڪئي هئي.

[2] _ هي حديث دلالت ڪري ٿي تہ نماز جي سيني رڪنن يعني رڪوع، سجدي، قومہ، جلسہ وغيره ۾ اطمينان ڪرڻ فرض آهي ڇاڪاڻ تہ ائين نہ ڪرڻ ڪري پاڻ ﷺ جن نماز جي نفي ڪرڻ فرمائي آهي.

[3] _ هن مان جلسہ استراحت مراد آهي. استراحت جو جلسو هن کي چئبو آهي جو پهرين ۽ ٽين رڪعت ۾ ٻئي سجدي کان پوءِ ڪجهہ دير ويهي، پوءِ ٻي يا چوٿين رڪعت لاءِ اٿڻ گهرجي. هي جلسو نماز جي سنتن مان هک سنت آهي.

حتى يستوي قائما وكان إذا رفع رأسه من السجدة لم يسجد حتى يستوي جالسا وكان يقول في كل ركعتين التحية وكان يفرش رجله اليسرى وينصب رجله اليمنى وكان ينهى عن عقبة الشيطان وينهى أن يفترش الرجل ذراعيه افتراش السبع وكان يختم الصلاة بالتسليم . رواه مسلم

**بيبي عائشه ﷺ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ تكبير ۽ الحمد لله رب العالمين جي قرائت ([1])سان نماز شروع ڪندو هو ۽ جڏهن رڪوع ڪندو هو تڏهن مٿي کي نکي بلند ڪندو هو ۽ نکي جهڪو ڪندو هو پر وچ تي پورو رکندو هو پوءِ جڏهن رڪوع کان مٿو مٿي کڻندو هو تڏهن تيسائين سجدو نه ڪندو هو جيستائين پوري طرح سڌو نه بيهندو هو جڏهن سجدي کان مٿو مٿي کڻندو هو تڏهن تيستائين ٻيو سجدو نه ڪندو هو جيستائين برابر نه ويهندو هو جڏهن ويهندو هو تڏهن کاٻو ([2]) پير وڇائيندو هو ۽ ساڄو پير کڙو رکندو هو ۽ شيطان وانگر ويهڻ کان منع ڪندو هو ۽ پڻ سجدي ۾ هٿن کي پکيڙڻ ۽ جانورن وانگر ڪرڻ کان منع ڪندو هو ۽ نماز سلام([3]) سان پوري ڪندو هو هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(792) وعن أبي حميد الساعدي قال : في نفر من أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم : أنا أحفظكم لصلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم رأيته إذا كبر جعل يديه حذاء منكبيه وإذا ركع أمكن يديه من ركبتيه ثم هصر ظهره فإذا رفع رأسه استوى حتى يعود كل فقار مكانه فإذا سجد وضع يديه غير مفترش ولا قابضهما واستقبل بأطراف أصابع رجليه القبلة فإذا جلس في الركعتين جلس على رجله اليسرى ونصب اليمنى وإذا جلس في الركعة الآخرة قدم رجله اليسرى ونصب الأخرى وقعد على مقعدته . رواه البخاري

**ابو حميد ساعدي ﷺ کان روايت آهي ته مون ڪيترن ماڻهن کي رسول الله ﷺ جي اصحابن جي وچ ۾ چيو ته آئون رسول الله ﷺ جي نماز اوهان کان وڌيڪ ياد رکندڙ آهيان مون ان کي ڏٺو هو جڏهن تڪبير چوندو هو تڏهن ٻنهين هٿن کي ڪوڏن تي قابو ڪري پٺ کي ڪنڌ سان برابر ڪندو هو پوءِ جڏهن پنهنجو مٿو مٿي کڻندو هو تڏهن سڌو ٿيندو هو تانجو پٺ جا سڀ**

[1] هن ۾ دليل آهي ته نماز تڪبير کان سواءِ ٻي ڪنهن لفظ سان شروع نه ڪبي. اهو جمهور علماءَ جو مذهب آهي. مگر امام ابو حنيفه فرمائي ٿو ته جنهن به لفظ ۾ الله تعاليٰ جي تعظيم هجي، ان سان تڪبير تحريمه چئي سگهجي ٿي. پر هيءُ حديث ان ڳالهه کي رد ڪري ٿي.

[2] _ پهرين قعدي ۾ سنت جو طريقو اهو آهي ته باقي پوئين قعدي ۾ ٻئي پير ساڄي پاسي ڪيبا ۽ ڏڏ تي وهبو جيئن ابو حميد جي حديث ۾ آيل آهي، تنهن ڪري هتي مطلق کي مقيد تي حمل ڪبو.

[3] _ شوڪاني چوي ٿو ته اڪثر اهل بيت ۽ امام شافعي جو مذهب هي آهي ته سلام نماز جي پڇاڙي ۾ چوڻ فرض آهي، امام نووي شرح مسلم ۾ فرمائي ٿو ته صحابه ڪرام ﷺ ، تابعين ۽ جمهور علماءَ جو به اهو مذهب آهي مگر امام ابو حنيفه وٽ سنت آهي ۽ ڪن روايتن ۾ واجب به آيل آهي مگر فرض وٽس فقط فعل سان نماز مان ٻاهر نڪرڻ آهي.

مٿڪا موٽي پنهنجي جاين تي بيهندا هئا. پوءِ جڏهن سجدو ڪندو هو تڏهن ٻنهين ٻانهن کي (اهڙي طرح) رکندو هو جو نڪي انهن کي زمين تي پکيڙيندو هو ۽ نڪي پاسن سان گڏيندو هو پيرن جي آڱرين جي مٿن قبله جي سامهون ڪندو هو پوءِ جڏهن ٻن رڪعتن تي ويهندو هو تڏهن پنهنجي کاٻي پير کي اڳتي ڪري ۽ سڄي پير کي ڪڙو ڪري پنهنجي ٻنڌڻ تي ويهندو هو. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.

(793) وعن ابن عمر : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يرفع يديه حذو منكبيه إذا افتتح الصلاة وإذا كبر للركوع وإذا رفع رأسه من الركوع رفعهما كذلك وقال : سمع الله لمن حمده ربنا لك الحمد وكان لا يفعل ذلك في السجود.

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جڏهن نماز شروع ڪندو هو تڏهن پنهنجا هٿ ڪلهن جي برابر [1] مٿي ڪڻندو هو ۽ جڏهن رڪوع جي تڪبير چوندو هو ۽ جڏهن پنهنجو مٿو رڪوع کان مٿي ڪڻندو هو تڏهن به اهڙي طرح ٻئي هٿ مٿي ڪڻندو هو (رفع اليدين ڪندو هو) چوندو هو ته جنهن الله جي واکاڻ ڪئي تنهن جي ان ٻڌي. اي منهنجا رب تولاءِ واکاڻ آهي ۽ رفع يدين سجدي ۾ نه ڪندو هو. متفق عليه**

(794) وعن نافع : أن ابن عمر كان إذا دخل في الصلاة كبر ورفع يديه وإذا ركع رفع يديه وإذا قال سمع الله لمن حمده رفع يديه وإذا قام من الركعتين رفع يديه ورفع ذلك ابن عمر إلى نبي الله صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري

**نافع کان روايت آهي ته جڏهن ابن عمر رضي الله عنه نماز ۾ داخل ٿيندو هو ته تڪبير تحريمه چوندو ۽ ڪنن جي پاپڙين برابر رفع اليدين ڪندو هو ۽ جڏهن رڪوع مان پنهنجو مٿو مٿي ڪٽي سمع**

---

[1] _ نماز ۾ تڪبير چوڻ وقت، رڪوع ۾ وڃڻ وقت ۽ جنهن وقت( سمع الله لمن حمده ) چئي رڪوع کان سڌو ٿئي، ان وقت هٿ مٿي کڻڻ يعني رفع اليدين ڪرڻ سيني نمازن ۾ سنت مؤڪد آهي. اهو مذهب امام شافعي، امام مالڪ، امام احمد، امام اسحاق جو آهي. وڏي پير شيخ عبدالقادر جيلاني جو به انهيءَ تي عمل هو، جيئن حديث شريف ۾ آيل آهي، جنهن جو بيان متن ۾ ڏنل آهي. هن حديث کي امام بخاريءَ صفحه 102 ۾، امام مسلم صفحه 108۾ ۽ امام ترمذي صفحه 35۾، روايت ڪيو آهي. ترمذي چيو آهي ته هن باب ۾ (1) عمر رضي الله عنه(2)علي رضي الله عنه(3) وائل بن حجر رضي الله عنه (4) مالڪ بن حويرث رضي الله عنه (5) انس رضي الله عنه (6) ابو هريره رضي الله عنه (7) ابو حميد رضي الله عنه (8) ابو سعيد رضي الله عنه (9) سهل بن سعد رضي الله عنه (10) محمد بن مسلمة رضي الله عنه (11) ابو قتاده رضي الله عنه (12) ابو موسىٰ اشعري رضي الله عنه (13) جابر رضي الله عنه (14) عمير الليثي کان روايتون آيل آهن. عبدالله بن مبارڪ فرمائي ٿو ته رفع اليدين جون حديثون ۽ ثابت آهن . رفع اليدين نه ڪرڻ بابت حديث عبدالله ابن مسعود رضي الله عنه واري پاڻ ﷺ جن کان ثابت ڪو نه آهي، ۽ امام نسائي صفحه 14 ۾، ابن ماجه صفحه 12 ۾ روايت آهي ته رفع اليدين جون حديثون صحاح سته جي ڪتابن ۾ پاڻ ﷺ جن کان صحيح روايتن سان ثابت آهن. بيهقي جي هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ ﷺ جن هميشه ان طرح رفع اليدين ڪندا رهيا تان جو الله سان وڃي مليا تنهن ڪري جيڪي ماڻهو چون ٿا ته رفع اليدين منسوخ آهي، انهن جي اها دعوىٰ بي بنياد آهي.

الله لمن حمده چوندو هو تہ ان طرح رفع اليدين ڪندو هو هڪ روايت ۾ آهي تہ تانجو هٿن ڪي ڪنن جي پاپڙين جي برابر مٿي ڪٽندو هو.( بخاري، مسلم )

(795) وعن مالك بن الحويرث قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا كبر رفع يديه حتى يحاذي بهما أذنيه وإذا رفع رأسه من الركوع فقال : سمع الله لمن حمده فعل مثل ذلك . وفي رواية : حتى يحاذي بهما فروع أذنيه.

مالڪ بن حويرث ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن تڪبير چوندا هئا تہ پنهنجي هٿ ڪنن جي برابر مٿي ڪٽندي هئا ۽ (اهڙي طرح ڪندا هئا) جڏهن رڪوع مان مٿو مٿي ڪٽندا هئا. ان کان بعد (سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَہ) چوندا هئا تہ ان طرح رفع اليدين ڪندا هئا. ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ ٻئي هٿ ڪنن جي پاپڙين جي برابر ڪٽندا هئا.

(796) وعنه أنه رأى النبي صلى الله عليه وسلم يصلي فإذا كان في وتر من صلاته لم ينهض حتى يستوي قاعدا . رواه البخاري

۽ انهيءَ کان ئي روايت آهي تہ پاڻ نبي ﷺ جن کي نماز پڙهندي ڏٺائين. پوءِ جڏهن پاڻ سڳورا نماز جي اڪي رڪعت ۾ هوندا هئا تہ جيستائين برابر نہ ويهندا هئا نہ اٿندا هئا. (بخاري)

(797) وعن وائل بن حجرأنه رأى النبي صلى الله عليه وسلم رفع يديه حين دخل في الصلاة كبر ثم التحف بثوبه ثم وضع يده اليمنى على اليسرى فلما أراد أن يركع أخرج يديه من الثوب ثم رفعهما ثم كبر فركع فلما قال سمع الله لمن حمده رفع يديه فلما سجد سجد بين كفيه . رواه مسلم

۽ وائل بن حجر ﷛ کان روايت آهي تہ انهيءَ نبي ﷺ جن کي ڏٺو، جڏهن پاڻ نماز ۾ داخل ٿيا تہ پنهنجا هٿ مٿي ڪنيائون(۽) تڪبير (تحريمہ) چيائون ان کان پوءِ پاڻ کي ڪپڙو ويڙهيائون. پوءِ پنهنجو ساڄو هٿ کاٻي تي رکيائون. جڏهن رڪوع ۾ وڃڻ جو ارادو فرمايائون تہ هٿ ڪپڙي مان ڪڍيائون ۽ رفع اليدين ڪري، تڪبير چئي رڪوع ۾ ويا. جڏهن (سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَہ) چيائون تہ رفع اليدين ڪيائون. پوءِ جڏهن سجدو ڪيائون تہ ٻنهي هٿن جي وچ ۾ سجدوڪيائون(مسلم)

(798) وعن سهل بن سعد قال : كان الناس يؤمرون أن يضع الرجل اليد اليمنى على ذراعه اليسرى في الصلاة . رواه البخاري

سهل بن سعد ﷛ کان روايت آهي تہ ماڻهن کي حڪم ڪيو ويندو هو تہ نماز ۾ پنهنجو ساڄو هٿ کاٻي تي رکي. (بخاري)

(799) وعن أبي هريرة قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا قام إلى الصلاة يكبر حين يقوم ثم يكبر حين يركع ثم يقول : " سمع الله لمن حمده " حين يرفع صلبه من الركعة ثم يقول وهو قائم : " ربنا لك الحمد " ثم يكبر حين يهوي ثم يكبر حين يسجد ثم يكبر حين يرفع رأسه يفعل ذلك في الصلاة كلها حتى يقضيها ويكبر حين يقوم من الثنتين بعد الجلوس.

**ابو هريره رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن نماز لاءِ اٿندا هئا. تہ جڏهن قيام ڪندا هئا تہ تڪبير (تحريمہ) چوندا هئا. پوءِ جڏهن رڪوع ڪندا هئا تہ تڪبير چوندا هئا. ان ڪان پوءِ جڏهن رڪوع مان پنهنجي پٺي سڌي ڪندا هئا تہ (سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَہ) چوندا هئا. پوءِ بيٺل حالت ۾ ئي ( ربنا لك الحمد ) چوندا هئا. پوءِ جڏهن سجدي لاءِ جهڪندا هئا تہ تڪبير چوندا هئا. جڏهن سجدي مان پنهنجو مٿو مٿي ڪڍندا هئا تہ تڪبير چوندا هئا. جڏهن (ٻي) سجدي ۾ ويندا هئا تہ (وري تڪبير چوندا هئا. جڏهن (ٻي) سجدي مان مٿو مٿي ڪڍندا هئا تہ تڪبير چوندا هئا. اهڙي طرح پوري نماز ۾ ڪندا هئا. ٻي رڪعت جي قعدي مان اٿندا هئا تہ بہ تڪبير چوندا هئا. (بخاري مسلم)**

(800) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أفضل الصلاة طول القنوت " . رواه مسلم

**جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ افضل نماز اها آهي، جنهن ۾ قيام طويل هجي.**

## فصل ٻيو

(801) عن أبي حميد الساعدي قال في عشرة من أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم : أنا أعلمكم بصلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم قالوا فاعرض . قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا قام إلى الصلاة يرفع يديه حتى يحاذي بهما منكبيه ثم يكبر ثم يقرأ ثم يكبر ويرفع يديه حتى يحاذي بهما منكبيه ثم يركع ويضع راحتيه على ركبتيه ثم يعتدل فلا يصبي رأسه ولا يقنع ثم يرفع رأسه فيقول : " سمع الله لمن حمده " ثم يرفع يديه حتى يحاذي بهما منكبيه معتدلا ثم يقول : " الله أكبر " ثم يهوي إلى الأرض ساجدا فيجافي يديه عن جنبيه ويفتح أصابع رجليه ثم يرفع رأسه ويثني رجله اليسرى فيقعد عليها ثم يعتدل حتى يرجع كل عظم إلى موضعه معتدلا ثم يسجد ثم يقول : " الله أكبر " ويرفع ويثني رجله اليسرى فيقعد عليها ثم يعتدل حتى يرجع كل عظم إلى موضعه ثم ينهض ثم يصنع في الركعة الثانية مثل ذلك ثم إذا قام من الركعتين كبر ورفع يديه حتى يحاذي بهما منكبيه كما كبر عند

افتتاح الصلاة ثم يصنع ذلك في بقية صلاته حتى إذا كانت السجدة التي فيها التسليم أخر رجله اليسرى وقعد متوركا على شقه الأيسر ثم سلم . قالوا : صدقت هكذا كان يصلي . رواه أبو داود والدارمي وروى الترمذي وابن ماجه معناه وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح

وفي رواية لأبي داود من حديث أبي حميد : ثم ركع فوضع يديه على ركبتيه كأنه قابض عليهما ووتر يديه فنحاهما عن جنبيه وقال : ثم سجد فأمكن أنفه وجبهته الأرض ونحى يديه عن جنبيه ووضع كفيه حذو منكبيه وفرج بين فخذيه غير حامل بطنه على شيء من فخذيه حتى فرغ ثم جلس فافترش رجله اليسرى وأقبل بصدر اليمنى على قبلته ووضع كفه اليمنى على ركبته اليمنى وكفه اليسرى على ركبته اليسرى وأشار بأصبعه يعني السبابة . وفي أخرى له : وإذا قعد في الركعتين قعد على بطن قدمه اليسرى ونصب اليمنى وإذا كان في الرابعة أفضى بوركه اليسرى إلى الأرض وأخرج قدميه من ناحية واحدة.

**ابو حميد ساعدي ﷛ ڏهن اصحابن ۾ اعلان ڪيو تہ آئون توهان سيني ڪان رسول اللهﷺ جن جي نماز وڌيڪ ڄاڻان ٿو. انهن چيو تہ پوءِ پلا بيان ڪريو. چيائين تہ جڏهن نبيﷺ جن نماز لاءِ قيام ڪندا هئا تہ ٻئي هٿ ڪلهن جي برابر ڪٽي الله اڪبر چوندا هئا . پوءِ قراءت ڪندا هئا. پوءِ الله اڪبر پوندا هئا . ۽ هٿ ڪلهن جي برابر مٿي ڪٽي رڪوع ۾ ويندا هئا ۽ هٿن سان گوڏن کي پڪڙيندا هئا ۽ سڌيءَ طرح رڪوع ڪندا هئا، نہ مٿي کي (اعتدال کان) هيٺ ڪندا هئا نہ مٿي ڪندا هئا. پوءِ مٿو مٿي ڪٽي (سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَه‘)چوندا هئا ۽ هٿن کي ڪنن جي پاپڙين جي برابر مٿي ڪٽندا هئا. پوءِ الله اڪبر چوندا هئا . پوءِ سجدي لاءِ زمين ڏانهن جهڪندا هئا . ۽ ٻنهي هٿن کي پاسن کان دور رکندا هئا ۽ پير جون آڱريون قبلہ رخ ڪندا هئا. پوءِ پنهنجو مٿو مٿي ڪٽندا هئا ۽ کابي پير کي ڦيرائي ان تي سڌيءَ طرح ويهندا هئا، تانجو هر هڏي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اعتدال سان اچي ويندي هئي. پوءِ (اهڙيءَ طرح) ٻيو سجدو ڪندا هئا. پوءِ الله اڪبر چوندا هئا ۽ سجدي مان مٿو ڪٽي کابي پير کي موڙي ان تي ويهندا ۽ صحيح طرح ويهندا هئا، تانجو هر هڏي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اچي ويندي هئي. پوءِ ٻي رڪعت لاءِ اٿي بيهندا هئا ۽ ٻي رڪعت ۾ بہ پهرين رڪعت وانگر ڪندا هئا. جڏهن ٻي رڪعت مان اٿي بيهندا هئا تہ الله اڪبر چئي هٿ ڪلهن جي برابر ڪٽي رفع اليدين ڪندا هئا، جيئن شروع ۾ الله اڪبر چئي نماز جي ابتدا ڪندا هئا. پوءِ باقي نماز ۾ بہ ان طرح ادا ڪندا هئا. جڏهن ان رڪعت ۾ هوندا هئا، جنهن ۾ سلام ڦيربو آهي تہ کابي پير کي ( هينان کان ) ڦيرائي کابي چتڙ تي ويهندا هئا. پوءِ سلام ورائيندا هئا. سيني چيو تہ توهان سچ چيو، پاڻ سڳورا ان طرح نماز ادا ڪندا هئا. ان کي ابو داؤد، دارمي روايت ڪيو. امام ترمذي ۽ ابن ماجه ان جي هم معنيٰ بيان ڪيو آهي. ترمذي فرمائي ٿو تہ اها حديث حسن صحيح آهي.**

**ابو داؤد ۾ ابو حميد ساعديءَ کان جا روايت آهي، ان ۾ آهي تہ پوءِ رڪوع ڪيائون ۽ هٿ گوڏن تي رکيائون، ڄڻ تہ گوڏن کي پڪڙي هٿن کي چڪي جهليائون ۽ هٿ پنهنجن پاسن کان پري**

ڪيائون ۽ بيان ڪيائين ته پوءِ پاڻ سجدو ڪيائون ۽ نڪ ۽ پيشابي زمين تي[1] رکيائون ۽ هٿن کي پاسن کان پري رکيائون ۽ هٿن کي ڪلهن جي برابر رکيائون ۽ سٿرن جي درميان ڪشادگي ڪيائون. پنهنجي پيٽ (جي وزن) کي سٿرن تي نه رکيائون. تانجو پاڻ سجدي کان فارغ ٿيا ۽ ويهي رهيا. کابي پير کي ڦيلايائون ۽ ساڄي پير کي قبله رخ ڪري بيهاريائون ۽ پنهنجي ساڄي هٿ کي ساڄي گوڏي تي ۽ کابي هٿ کي کابي گوڏي تي رکيائون ۽ ڏسٽي آڱر سان اشارو فرمايائون[2] ان جي ٻي روايت ۾ آهي ته جڏهن پاڻ ٻي رڪعت کان پوءِ وينا ته پنهنجي کابي پير جي هيٺين حصي تي وينا، ۽ ساڄي پير کي اڀو بيهاريائون. ۽ جڏهن چوٿين رڪعت ۾ هوندا هئا ته پنهنجي کابي ران زمين تي لڳائي ٻنهي پيرن کي هڪ طرف کان ڪيندا هئا.

(802) وعن وائل بن حجر : أنه أبصر النبي صلى الله عليه وسلم حين قام إلى الصلاة رفع يديه حتى كانتا بحيال منكبيه وحاذى بإبهاميه أذنيه ثم كبر . رواه أبو داود . وفي رواية له : يرفع إبهاميه إلى شحمة أذنيه.

وائل بن حجر ﷛ کان روايت آهي: انهي نبيﷺ جن کي ڏٺو ، پاڻ نماز لاءِ بيٺا ته هٿ مٿي ڪيائون جيڪي ڪلهن جي برابر هئا ۽ ٻنهي آڱوٺن کي ڪنن جي برابر ڪيائون پوءِ تڪبير چيائون. ان کي ابو داؤد روايت ڪيو. ان جي هڪ روايت ۾ آهي: پاڻ ٻنهي آڱوٺن کي ڪنن جي پاپڙين جي برابر ڪيائون.

فائده:_ حديث جي سند منقطع آهي عبدالجبار بن وائل پنهنجي والد کان ڪجهه نه ٻڌو آهي. پڻ هن حديث ۾ تڪبير تحريمه چوڻ جو ذڪر رفع ين کان بعد آيل آهي. جڏهن ته صحيح روايتن ۾ تڪبير تحريمه چوڻ جو ذڪر رفع يدين کان اڳ يا رفع يدين سان گڏ آيو آهي_ والله اعلم

(803) وعن قبيصة بن هلب عن أبيه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يؤمنا فيأخذ شماله بيمينه . رواه الترمذي وابن ماجه

قبيصه بن هلب پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو ته رسول اللهﷺ اسان کي امامت ڪرائيندا هئا پوءِ ساڄي هٿ سان کابي هٿ کي جهليندا هئا هن کي ترمذي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو ته سجدو نڪ ۽ پيشاني ٻنهي تي ڪرڻو آهي. فقط نڪ تي يا فقط پيشاني تي سجدو ڪرڻ ڪافي نه آهي. انهيءَ نموني رسول الله ﷺجن جو هميشه عمل رهيو تنهن ڪري نڪ ۽ پشاني تي سجدو ڪرڻ ضروري آهي.

[2] _ سبابه شاهد آڱر کي چون ٿا، هي نالو جاهليت جي وقت جو آهي. عرب جڏهن ڪنهن کان ڪار ڪائيندا هئا، تڏهن اها آڱر مٿي ڪڻندا هئا سب عربي لفظ جي معنيٰ آهي گاريون ڏيڻ. جنهن ڪري سبا معنيٰ آهي گار ڏيندڙ. تشهد ۾ اَشۡهَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ.... الخ چوڻ وقت انهيءَ آڱر کي مٿي کڻي اشارو ڪرڻ ۾ ڪنهن به مذهب جو اختلاف ڪونه آهي سڀئي متفق آهن.

**فائده:_ مسند احمد جي حديث ۾ اها زيادتي آهي تہ هٽ پنهنجي سيني تي ٻڌندا هئا. ان جي سند حسن آهي (مشڪوٰة للالباني ص 22ج1)**

(804) وعن رفاعة بن رافع قال : جاء رجل فصلى في المسجد ثم جاء فسلم على النبي صلى الله عليه وسلم فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " أعد صلاتك فإنك لم تصل " . فقال : علمني يا رسول الله كيف أصلي ؟ قال : " إذا توجهت إلى القبلة فكبر ثم اقرأ بأم القرآن وما شاء الله أن تقرأ فإذا ركعت فاجعل راحتيك على ركبتيك ومكن ركوعك وامدد ظهرك فإذا رفعت فأقم صلبك وارفع رأسك حتى ترجع العظام إلى مفاصلها فإذا سجدت فمكن السجود فإذا رفعت فاجلس على فخذك اليسرى ثم اصنع ذلك في كل ركعة وسجدة حتى تطمئن . هذا لفظ " المصابيح " . ورواه أبو داود مع تغيير يسير وروى الترمذي والنسائي معناه . وفي رواية للترمذي قال : " إذا قمت إلى الصلاة فتوضأ كما أمرك الله به ثم تشهد فأقم فإن كان معك قرآن فاقرأ وإلا فاحمد الله وكبره وهلله ثم اركع ".

**رفاعة بن رافع ﷛ کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو مسجد ۾ آيو. نماز پڙهيائين پوءِ اچي نبي ڪريم ﷺ جن کي سلام ڪيائين پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن کي سلام ڪيائين پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن ان کي چيو تہ پنهنجي نماز موٽاءِ ڇو تہ تو نماز نہ پڙهي آهي. ان چيو تہ يا رسول الله ﷺ ! مون کي سيکاريو تہ ڪيئن پڙهان؟ رسول الله ﷺ جن چيو تہ جڏهن تون قبلہ ڏانهن منهن ڪرين تہ تڪبير چئو ۽ پوءِ سوره فاتحہ پڙهہ پڻ ٻيو جيڪو الله تعالىٰ گهري پڙهہ پوءِ جڏهن تون رڪوع ڪرين تہ پنهنجيون ٻئي ترِيون گوڏن تي رک ۽ رڪوع کي محڪم ڪر ۽ پٺ کي ڊگهو ڪر. پوءِ جڏهن مٿي اٿين تڏهن پنهنجي پٺ کي سڌو ڪر مٿي کي مٿي ڪرجيئن هڏا پنهنجي سنڌن تي موٽن پوءِ جڏهن تون مٿي اٿين تڏهن کٻي ران تي ويهہ. پوءِ هر رڪوع ۽ سجدو ائين اطمينان سان ڪر.**
**اهي لفظ مصابيح جا آهن ابو داؤد پڻ ٿوري فرق سان ان کي روايت ڪيو آهي. ترمذي ان جي هم معنىٰ روايت بيان ڪئي آهي. ترمذي جي روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايس تہ جڏهن نماز لاءِ اٿين تڏهن پهريائين وضو ڪر، جهڙي طرح الله تعالىٰ توکي ان جو حڪم ڪيو آهي. پوءِ هي الفاظ ادا ڪر: اَشْهَدُ اَنْ لَّاۤاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًرَّسُوْلَ اللّٰہِ پوءِ اقامت چئو ۽ نماز پڙهہ، جيڪڏهن توکي قرآن ياد هجي تہ جيتري قدر آسان هجي پڙهہ ۾ جيڪڏهن ياد نہ هجي تہ پوءِ (اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ،اَللّٰہُ اَكْبَرُ، ۽ لَاۤاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ چئو پوءِ رڪوع ڪر.**
**فائده:_ هن حديث ۾ سورت فاتحہ جي فرضيت جو ذڪر نہ آهي جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ نماز ۾ سورة فاتحہ جي قرائت فرض نہ آهي جڏهن تہ ٻين صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ نماز ۾ سورة فاتحہ پڙهڻ فرض آهي انهيءَ ڪري هن حديث کي ان ڳالهہ تي محمول ڪيو ويندو تہ جنهن شخص تازو اسلام قبول ڪيو هجي، ان کي قرآن مجيد جي ڪا سورت ياد نہ هجي تہ مجبوريءَ جي حالت ۾ اهڙو شخص نماز ۾ فاتحہ جي جاءِ تي (اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ،اَللّٰہُ اَكْبَرُ، ۽ لَاۤاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ چوندا تہ**

**ان جي نماز ٿي ويندي سوره فاتحہ کان سواءِ قرآن مجيد جي ڪا ٻي سورت ياد اٿس تہ اها پڙهي مجبوريءَ جي حالت ۾ ان جي نماز ٿي ويندي (مشڪوٰة للالباني ص318ج1)**

(805) وعن الفضل بن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الصلاة مثنى مثنى تشهد في كل ركعتين وتخشع وتضرع وتمسكن ثم تقنع يديك يقول ك ترفعهما إلى ربك مستقبلا ببطونهما وجهك وتقول يا رب يا رب ومن لم يفعل ذلك فهو كذا وكذا " . وفي رواية : " فهو خداج " . رواه الترمذي

**فضل بن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: نماز ٻہ ٻہ رڪعتون آهي ۽ هر ٻن رڪعت کان پوءِ تشهد پڙهجي ۽ خشوع، عاجزي ۽ زاريءَ جو اظهار ڪجي (نماز مان واندو ٿي) پنهنجي ٻئي هٿ پنهنجي رب جي آڏو اهڙيءَ طرح ڦهلاءِ جو هٿن جو اندروني حصو منهن ڏانهن ٿئي ۽ هن طرح چئو تہ :اي منهنجا رب! اي منهنجا رب! ۽ جيڪو ان طرح نہ ڪندو تہ اهو اهڙو ۽ اهڙو آهي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ان جي نماز ناقص آهي.**
**فائدو:_ هن حديث جي سند ۾ عبدالله بن نافع راوي مجهول آهي . ( مرعاة ص 318ج2) .**

## فصل ٽيون

(806) عن سعيد بن الحارث بن المعلى قال : صلى لنا أبو سعيد الخدري فجهر بالتكبير حين رفع رأسه من السجود وحين سجد وحين رفع من الركعتين وقال : هكذا رأيت النبي صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري

**سعيد بن حارث بن معليٰ کان روايت آهي تہ اسان کي ابو سعيد خدري ﷺ نماز پڙهائي پوءِ جڏهن سجدو ڪيائين ۽ سجدي کان مٿو مٿي ڪنيائين تڏهن وڏي آواز[1] سان تڪبير چيائين ۽ ٻن رڪعتن کان اٿڻ جي وقت بہ تڪبير چيائين ۽ چيائين تہ هن طرح مون نبي ڪريم ﷺ کي ڏٺو آهي هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(807) وعن عكرمة قال : صليت خلف شيخ بمكة فكبر ثنتين وعشرين تكبيرة فقلت لابن عباس : إنه أحمق فقال : ثكلتك أمك سنة أبي القاسم صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري

**عڪرمه کان روايت آهي تہ هڪ پوڙهي شخص جي پويان مون مڪي ۾ نماز پڙهي. پوءِ ان ٻاويهہ تڪبيرون چيون. مون ابن عباس کي چيو هي تہ ڪو جاهل ٿو لڳي. ان چيو تہ توتي تنهنجي ماءُ روئي اها ابو القاسم ﷺ جي سنت آهي. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

[1] _ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ امام کي سيني نمازن ۾ تڪبيرون وڏي سڏ چوڻيون آهن تہ جيئن پويان ٻڌن. هن مسئلي ۾ ڪنهن جو ڪو اختلاف نہ آهي.

(808) وعن علي بن الحسين مرسلا قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يكبر في الصلاة كلما خفض ورفع فلم تزل صلاته حتى لقي الله تعالى . رواه مالك

**علي بن حسين ﷺ كان مرسل روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جڏهن نماز ۾ هيٺ خواه مٿي ويندا هئا تڏهن تڪبير چوندا هئا. ۽ هميشہ سندس نماز انهيءَ طرح هوندي هئي جيستائين الله تعاليٰ سان ملاقي ٿيا. هن کي مالڪ روايت ڪيو آهي.**

(809) وعن علقمة قال : قال لنا ابن مسعود : ألا أصلي بكم صلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم ؟ فصلى ولم يرفع يديه إلا مرة واحدة مع تكبيرة الافتتاح . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي . وقال أبو داود : ليس هو بصحيح على هذا المعنى

**علقمه کان روايت آهي تہ اسان کي ابن مسعود چيو تہ ڇا اوهان کي رسول اللهﷺ جي نماز نہ پڙهيان؟ پوءِ نماز پڙهايائين. نماز شروع ڪرڻ وقت تڪبير (تحريمہ) سان گڏ ٻئي هٿ مٿي کنيائين ان کان پوءِ ڪونہ کنيائين[1] هن کي ترمذي ۽ ابو داؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي. ابو داؤد چيو آهي تہ اها حديث انهيءَ معنيٰ ۾ صحيح نہ آهي.**
**فائده:_ اها حديث ضعيف آهي. سند ۾ راوي عاصم بن ڪليب منفرد ۽ ضعيف آهي. پڻ رفع اليدين جون حديثون واضح ۽ قطعي آهن. (مرعاة ص 322 ج2)**

(810) وعن أبي حميد الساعدي قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا قام إلى الصلاة استقبل القبلة ورفع يديه وقال : الله أكبر . رواه ابن ماجه

**ابو حميد ساعديؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جڏهن نماز لاءِ بيهندا هئا تڏهن قبلہ کي سامهون ٿي ٻئي هٿ مٿي کڻي الله اڪبر چوندا هئا هن کي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ ترمذي رفع اليدين جي باب ۾ فرمايو آهي تہ عبدالله بن مبارڪ چوي ٿو تہ رفع اليدين ڪرڻ واري حديث صحيح ۽ ثابت آهي. رفع اليدين نہ ڪرڻ بابت ابن مسعود واري حديث ثابت نہ آهي. حافظ ابن حجر فتح الباري ۽ امام شوڪاني نيل الاوطار ۾ هن مقام تي زور دار لفظن سان هن حديث کي ضعيف ثابت ڪيو آهي. ابن حبان فرمائي ٿو تہ رفع اليدين جي نفي ۾ اهل ڪوفہ ابن مسعود جي حديث کي حجت بنايو آهي پر حقيقت ۾ اها هڪڙي وڏي پل آهي ڇو تہ حيث ۾ جيڪي علتون آهن سي ان جي حجت کي باطل بنائي رهيون آهن. امام شوڪاني فرمائي ٿو تہ اختلاف جو نتيجو هي ٿيندو تہ حديث دليل وٺڻ جي لاءِ نہ رهي. پر جيڪڏهن بالفرض هن حديث جي صحت کي تسليم بہ ڪجي ۽ ان ۾ حديثن جي امامن جي طعن ۽ جرح جو ڪو اعتبار نہ بہ ڪجي تہ بہ هن حديث ۽ ٻين حديثن مثبت رفع اليدين جي ۾ ڪائي مخالفت نہ آهي ڇاڪاڻ تہ هنن حديثن ۾ هڪ زيادتي آيل آهي جا ابن مسعود جي حديث ۾ ڪانهي ۽ اعتماد جوڳن راوين جي زبان بالاتفاق قبول آهي.

(811) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم الظهر وفي مؤخر الصفوف رجل فأساء الصلاة فلما سلم ناداه رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يا فلان ألا تتقي الله ؟ ألا ترى كيف تصلي ؟ إنكم ترون أنه يخفى علي شيء مما تصنعون والله إني لأرى من خلفي كما أرى من بين يدي " رواه أحمد

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ اسان کي رسول الله ﷺ جن ظهر نماز پڙهائي. پوئين صف ۾ هڪ شخص هو، جنهن نماز چڱيءَ طرح نہ پڙهي. جڏهن رسول الله ﷺ جن سلام ورايو تڏهن ان کي سڏي چيائون تہ فلاڻا! الله تعاليٰ کان نٿو ڊڄين؟ ڏسين نٿو تہ تو ڪيئن نماز پڙهي آهي.؟ سمجهو ٿا تہ جيڪي ڪريو ٿا، ان مان مون تي ڪا شيءِ ڳجهي رهي ٿي [1] الله تعاليٰ جو قسم آهي تہ تحقيق آئون پويان بہ ائين ڏسان ٿو جيئن اڳيان ڏسان ٿو. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.**

[1]_ هي هڪ رسول الله ﷺ جن جو معجزو هو سندن نظر اڳيان ۽ پويان هڪ جهڙي هوندي هئي هڪ دفعہ پاڻ جن جي ڏاچي گم ٿي وئي. ان جو پتو نہ پيو تہ ڪيڏانهن وئي. تنهن تي منافقن چيو هي نبي چوي ٿو تہ آئون آسمان جون خبرون ڄاڻان ٿو مگر هي خبر ڪانہ اٿس تہ سندس ڏاچي ڪٿي آهي. تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ الله پاڪ جو قسم آهي تہ جيڪي مون کي الله پاڪ ڄاڻائي ٿو ان کان سواءِ بيو ڪجهہ نٿو ڄاڻان، مگر هينئر مون کي الله پاڪ معلوم ڪرايو آهي تہ اها ڏاچي فلاڻي هنڌ آهي ۽ ان جون مهارون وڻ جي ٽاريءَ ۾ اٽڪيل آهن ۽ فرمايائون تہ آئون انسان آهيان. الله پاڪ جي معلوم ڪرائڻ کان سواءِ مون کي اها خبر ڪانہ آهي تہ هن ڀت جي پرينءَ پاسي ڇا آهي.

# باب

# تڪبير ڪان بعد جو پڙهجي ان جو بيان

## فصل پهريون

(812) عن أبي هريرة رضي الله عنه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يسكت بين التكبير وبين القراءة إسكاتة قال أحسبه قال هنية فقلت بأبي وأمي يا رسول الله إسكاتك بين التكبير والقراءة ما تقول قال : " أقول اللهم باعد بيني وبين خطاياي كما باعدت بين المشرق والمغرب اللهم نقني من الخطايا كما ينقى الثوب الأبيض من الدنس اللهم اغسل خطاياي بالماء والثلج والبرد ".

**ابو هريره ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ تڪبير (تحريمہ) ۽ قرائت جي درميان ماٺ ([1]) ۾ رهندا هئا. عرض ڪيم تہ يارسول الله ﷺ منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان وڃن توهين تڪبير ۽ قرائت جي وچ ۾ خاموشيءَ ۾ ڇا پڙهندا آهيو؟رسول الله ﷺ جن فرمايو:چوندو آهيان(ترجمہ)اي منهنجا ﷲ!مون ۾ منهنجي گناهن جي وچ ۾ اوير ۾ اولہ جيتري دوري ڪر.اي منهنجا ﷲ!مون کي گناهن کان اهڙي طرح صاف ڪر جهڙي طرح اڇو ڪپڙو مر کان پاڪ صاف ڪيو ويندو آهي([2])اي منهنجا ﷲ!منهنجا گناهہ پاڻي،برف ۽ ڳڙن سان ڌوئڻ فرماءِ متفق عليه.**

(813) وعن علي بن أبي طالب رضي الله عنه قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا قام إلى الصلاة وفي رواية : كان إذا افتتح الصلاة كبر ثم قال : " وجهت وجهي للذي فطر السماوات والأرض حنيفا وما أنا من المشركين إن صلاتي ونسكي ومحياي ومماتي لله رب العالمين لا شريك له وبذلك أمرت وأنا من المسلمين اللهم أنت الملك لا إله إلا أنت أنت ربي وأنا عبدك ظلمت نفسي واعترفت بذنبي فاغفر لي ذنوبي جميعا إنه لا يغفر الذنوب إلا أنت واهدني لأحسن الأخلاق لا يهدي لأحسنها إلا أنت واصرف عني سيئها لا يصرف عني سيئها إلا أنت لبيك وسعديك والخير كله في يديك والشر ليس إليك أنا بك وإليك تباركت وتعاليت أستغفرك وأتوب إليك " وإذا ركع قال : " اللهم لك ركعت وبك آمنت ولك أسلمت خشع لك سمعي وبصري ومخي وعظمي وعصبي " فإذا رفع قال : " اللهم ربنا لك الحمد ملء السماوات وملء الأرض وملء ما بينهما وملء ما شئت من شيء بعد ".

وإذا سجد قال : " اللهم لك سجدت وبك آمنت ولك أسلمت سجد وجهي للذي خلقه وصوره وشق سمعه وبصره تبارك الله أحسن الخالقين ".

---

[1]_ يعني وڏي آواز نہ پڙهندو هو ۽ حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي مقتدي امام جي پويان سورت فاتحہ پڙهن ٿا انهن لاءِ بہ چئبو ماٺ ۾ آهن، جو امام جي پويان وڏي آواز قرائت پڙهڻ منع آهي.

[2]_ هن مان مراد بخشش ۾ مبالغہ آهي حقيقي ڌوئڻ مراد نہ آهي.

ثم يكون من آخر ما يقول بين التشهد والتسليم : " اللهم اغفر لي ما قدمت وما أخرت وما أسررت وما أعلنت وما أسرفت وما أنت أعلم به مني أنت المقدم وأنت المؤخر لا إله إلا أنت " . رواه مسلم

وفي رواية للشافعي:"والشر ليس إليك والمهدي من هديت أنا بك وإليك لا منجى منك ولا ملجأ إلا إليك تباركت ".

عليﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن نماز لاءِ بيهندا هئا ۽ ٻي روايت ۾ آهي، جڏهن نماز شروع ڪندا هئا تہ تڪبير چوندا هئا ان ڪان پوءِ چوندا هئا: ان ذات ڏانهن مون پنهنجو منهن ڪيو،جنهن زمين ۽ آسمان پيدا ڪيا ۽ آئون مشرڪن مان نہ آهيان. تحقيق منهنجي نماز ۽ منهنجي عبادت ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ جهانن جي پالڻهار ﷲ لاءِ آهي،جنهن جو ڪو شريڪ نہ آهي.انهيءَ تي ئي قائم رهڻ جو مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ۽ آئون مسلمانن مان آهيان.اي منهنجا ﷲ!تون بادشاهہ آهين ٻيو ڪو معبود نہ آهي مگر تون آهين تون منهنجو پالڻهار آهين ۽ آئون تنهنجو ٻانهو آهيان.مون پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو آهي.پنهنجي گناهن جو اقرار ٿو ڪريان.پوءِ مون کي منهنجا سيئي گناهہ بخش.تحقيق تو ڪان سواءِ ٻيو ڪو گناهن جو بخشيندڙ نہ آهي.سهڻي خُلق جي مون کي واٽ ڏيکار جو سهڻي (خلق) جي تو ڪان سواءِ ڪو هدايت نہ ڪندو.بڇڙا اخلاق مون ڪان ڦيراءِ جو بڇڙن اخلاقن ڪان تو ڪان سواءِ مون کي ڪو بہ نہ ڦيرائيندو.تنهنجي خدمت ۾ حاضر آهيان ۽ تنهنجي حڪم بجا آڻڻ لاءِ تيار آهيان. سڀ چڱائي تنهنجي هٿ ۾ آهي.بڇڙائي تو ڏانهن نہ آهي.تنهنجي قوت سان قائم آهيان ۽ تو ڏانهن رجوع ٿيان ٿو.تون برڪت وارو آهين ۽ تون مٿاهون آهين۽ تون ڪان بخشش گهران ٿو ۽ تو ڏانهن توبہ ڪريان ٿو.۽ جڏهن رڪوع ڪندا هئا تڏهن چوندا هئا: (ترجمہ)اي منهنجا ﷲ!تو لاءِ رڪوع ڪيم ۽ تو تي ايمان آندم ۽ تو لاءِ اسلام آندم. منهنجا ڪن ۽ منهنجون اکيون ۽ منهنجو مغز ۽ منهنجيون هڏيون ۽ منهنجيون رڳون ۽ سنڌ تو ڏانهن متوجهہ آهن.جڏهن مٿو مٿي ڪڻندا هئا تڏهن چوندا هئا: (ترجمہ)اي منهنجا ﷲ!تو لاءِ ايتري تعريف آهي جيترو آسمانن ۽ زمين ۽ انهن جي وچ ۾ ڀراءُ آهي ۽ پڻ ان ڪان پوءِ بہ جيڪا شيءِ پيدا ڪرڻ گهرين_"انهيءَ جي ڀراءَ جيترو بہ ۽ جڏهن سجدو ڪندا هئا تڏهن هي لفظ چوندا هئا(ترجمہ)اي منهنجا ﷲ!مون تو کي سجدو ڪيو ۽ تو تي ايمان آندم۽ تو لاءِ مسلمان ٿيس.منهنجي منهن ان ذات کي سجدو ڪيو جنهن ان کي پيدا ڪيو۽ ان کي صورت ڏني ۽ ڪنن ۽ اکين کي جدا ناهيائين.ﷲ وڏو برڪت وارو آهي سيني پيدا ڪندڙن ڪان وڌيڪ چڱو آهي. پوءِ نماز جي آخر ۾ هوندا هئا تہ التحيات ۽ سلام ڦيرائڻ جي وچ ۾ چوندا هئا: (ترجمہ) اي منهنجا ﷲ! منهنجا اڳيان ۽ پويان، ڳجها ۽ ظاهري ۽ جيڪي مون زيادتون ڪيون آهن ۽ جيڪي تون مون ڪان وڌيڪ ڄاڻين ٿو،اهي سڀ بخشڻ فرماءِ.اڳي بہ تون آهين ۽ پوءِ بہ تون آهين تو ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود نہ آهي.هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.شافعي جي روايت ۾ آهي (ترجمہ) بڇڙائي تو ڏانهن نہ آهي. هدايت وارو اهو هي آهي، جنهن کي تون هدايت ڪرين.تنهنجي قوت سان قائم آهيان ۽ تو ڏانهن رجوع ڪريان ٿو ۽ تو ڪان سواءِ پناهہ نہ آهي.

(814) وعن أنس : أن رجلا جاء فدخل الصف وقد حفزه النفس فقال : الحمد لله حمدا كثيرا طيبا مباركا فيه فلما قضى رسول الله صلى الله عليه وسلم صلاته قال : " أيكم المتكلم بالكلمات ؟ " فأرم القوم . فقال : " أيكم المتكلم بالكلمات ؟ " فأرم القوم . فقال : " أيكم المتكلم بها فإنه لم يقل بأسا " فقال رجل : جئت وقد حفزني النفس فقلتها . فقال : " لقد رأيت اثني عشر ملكا يبتدرونها أيهم يرفعها " . رواه مسلم

**انس ﷜ کان روايت آهي تہ هڪ شخص اچي صف ۾ داخل ٿيو. تيز هلڻ جي ڪري سندس ساهہ گُهٽجڻ لڳو. چوڻ لڳو : (ترجمہ) الله وڏو آهي، ان لاءِ ئي سڀ تعريف آهي، تمام گهڻي تعريف، اهوپاڪ ۽ بابرڪت آهي. جڏهن رسول الله ﷺ پنهنجي نماز پوري ڪئي تڏهن فرمايائون تہ توهان مان اهي الفاظ چوڻ وارو ڪير هو؟ ماڻهو خاموش رهيا. وري رسول الله ﷺ جن چيو تہ توهان مان (اهي الفاظ) چوڻ وارو ڪير هو؟ ماڻهو وري خاموش رهيا. وري ﷺ چيو تہ توهان مان (اهي الفاظ) چوڻ وارو ڪير هو؟ انهيءَ کو گناهہ نہ ڪيو آهي. هڪ شخص چيو تہ آئون (تڪڙو) آيس ۽ سهڪ مون کي تڪليف ڏني تنهن ڪري اهي ڪلما چيم پوءِ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ٻارنهن ملائڪن کي ڏٺم، جن انهيءَ (عمل) کي مٿي کڻي وڃڻ لاءِ هڪ ٻئي کان اڳرائي پئي ڪئي[1] هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٻيون

(815) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذ افتتح الصلاة قال : " سبحانك اللهم وبحمدك وتبارك اسمك وتعالى جدك ولا إله غيرك " . رواه الترمذي وأبو داود

**بي بي عائشہ ﵂ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن نماز شروع ڪندا هئا.[2] چوندا هئا: اي منهنجا الله!تنهنجي پاڪائي، تنهنجي حمد بيان ڪريان ٿو. ۽ تنهنجو نالو برڪت وارو آهي تنهنجي بزرگي وڏي آهي ۽ توکان سواءِ ٻيوکو الله نہ آهي. هن کي ترمذي ۽ ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

(816) ورواه ابن ماجه عن أبي سعيد وقال الترمذي : هذا حديث لا نعرفه إلا من حديث حارثة وقد تكلم فيه من قبل حفظه.

**ان کي ابن ماجہ ابو سعيد ﷜ کان روايت ڪيو آهي. ترمذي چوي ٿو تہ هن حديث ڪ حارث جي روايت کان سواءِ ڪنهن کان نہ ٿا ڄاڻون ۽ ان ۾ حافظ جي ڪمزوريءَ سبب ڪلام ڪيوويو آهي.**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ تڪبير تحريمہ ۽ قرائت جي وچ ۾ اهي ڪلما چوڻ مسنون آهن.

[2] _ هن مان مراد آهي تہ تڪبير بعد ثنا وغيره پڙهجي ٿي سا آهستي پڙهجي.

فائده:_ امام ترمذي جو اهو چوڻ ته اها حديث حارثه  ڪان سواءِبئي ڪان معلوم ۽ معروف نه آهي، صحيح نه آهي چاڪاڻ ته اها حديث ٻين راوين ڪان پڻ ثابت آهي. علامه البانيءَ انهيءَ ڪي صحيح قرار ڏنو آهي. (مشڪوٰة _الباني ص 258ج1)

(817) وعن جبير بن مطعم : أنه رأى رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي صلاة قال : " الله أكبر كبيرا الله أكبر كبيرا الله أكبر كبيرا والحمد لله كثيرا والحمد لله كثيرا والحمد لله كثيرا وسبحان الله بكرة وأصيلا " ثلاثا " أعوذ بالله من الشيطان من نفخه ونفثه وهمزه " . رواه أبو داود وابن ماجه إلا أنه لم يذكر : " والحمد لله كثيرا " . وذكر في آخره : " من الشيطان الرجيم " وقال عمر رضي الله عنه : نفخه الكبر ونفثه الشعر وهمزه الموتة.

جبير بن مطعم ﷛ ڪان روايت آهي ته انهيءَ رسول الله ﷺ ڪي نماز پڙهندي ڏٺو. (تڪبير تحريمه ڪان پوءِ) فرمايائون: الله وڏو تمام وڏو آهي. الله وڏو تمام وڏو آهي، الله وڏو تمام وڏو آهي_ ان لاءِ تمام گهڻي تعريف آهي، ان لاءِ تمام گهڻي تعريف آهي، ان لاءِ تمام گهڻي تعريف آهي، صبح ۽ شام ان لاءِ پاڪائي آهي. ٽي دفعا فرمائين. الله تعاليٰ جي پناه گهران ٿو تڙيل شيطان ڪان، ان جو ڦوڪڻ ۽ ان جي جادو ڪرڻ ۽ ان جي وسوسن وجهڻ ڪان هن ڪي ابو داؤد ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي مگر ابن ماجه اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ كَثِيْرًا ذڪر نه ڪيو آهي ۽ آخر ۾ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ آندو اٿس. عمر ﷛ چوي ٿو ته: شيطان جو نفخ وڏائي ۽ نفث بيت چوڻ ۽ همز مان مراد چريائي آهي.

فائده:_ اها حديث ضعيف آهي ۽ انجا هي الفاظ "وقال عمر ﷛ ......" صحيح نه آهن هتي مراد عمرو بن مره راوي آهي(مشڪوٰة الباني ص 259ج1)

(818) وعن سمرة بن جندب : أنه حفظ عن رسول الله صلى الله عليه وسلم سكتتين : سكتة إذا كبر وسكتة إذا فرغ من قراءة ( غير المغضوب عليهم ولا الضالين ) فصدقه أبي ابن كعب . رواه أبو داود وروى الترمذي وابن ماجه والدارمي نحوه.

سمره بن جندب ﷛ ڪان روايت آهي ته انهيءَ رسول الله ﷺ ڪان (نماز ۾) ٻه سڪتات([1]) (ماٺ رهڻ) ياد رکيا آهن: 1_ تڪبير ڪان پوءِ، 2_جڏهن غَيْرِالْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَاالضَّآلِّيْنَ چوڻ ڪان واندا ٿيندا هئا. اُبي بن ڪعب پڻ ان جي تصديق ڪئي آهي. هن ڪي ابوداؤد روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي ۽ ابن ماجه ۽ دارمي پڻ انهي طرح روايت ڪيو آهي.

فائده:_ هيءَ حديث ضعيف آهي ان جو راوي حسن مدلس آهي (مشڪوٰة_ الباني ص259 ج1)

---

[1]_ هي سڪته ٻه سنت آهي. هن لاءِ ته مقتدي فاتحه پڙهي ۽ امام سان قرائت ۾ منازعت نه ٿئي.

(819) وعن أبي هريرة قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا نهض من الركعة الثانية استفتح القراءة ب " الحمد لله رب العالمين " ولم يسكت . هكذا في صحيح مسلم . وذكره الحميدي في افراده وكذا صاحب الجامع عن مسلم وحده.

**ابو هريرهﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن ٻي رڪعت كان مٿي اٿندا هئا تہ قرائت اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِیۡنَ كان شروع ڪندا هئا ۽ ماٺ نہ ڪندا هئا. اهڙي طرح صحيح مسلم ۾ آهي ۽حميدي ان کي پنهنجي ڪتاب "افراد" ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ جامع اصول واري فقط مسلم كان آندو آهي.**

## فصل ٽيون

(820) عن جابر بن عبد الله قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا استفتح الصلاة كبر ثم قال : " إن صلاتي ونسكي ومحياي ومماتي لله رب العالمين لا شريك له وبذلك أمرت وأنا من المسلمين اللهم اهدني لأحسن الأعمال وأحسن الأخلاق لا يهدي لأحسنها إلا أنت وقني سيئ الأعمال وسيئ الأخلاق لا يقي سيئها إلا أنت " . رواه النسائي

**جابر ﷺ كان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن نماز شروع ڪندا هئا تہ تڪبير (تحريمہ) چوندا هئا. ان كان پوءِ فرمائيندا هئا: تحقيق منهنجي نماز ۽ منهنجي عبادت ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ جهانن جي پالڻهار ﷻ لاءِ آهي، جنهن جو ڪو شريڪ نہ آهي. انهيءَ تي ئي قائم رهڻ جو مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ۽ آئون سڀني كان اول مسلمان آهيان. اي منهنجا الله! مون کي سهڻن عملن جي واٽ ڏيکار ۽ منهنجا اخلاق سهڻا بڻاءِ. سهڻي اعمال ۽ اخلاق جي توكان سواءِ ڪو هدايت نٿو ڪري ۽ مون كان بڇڙا اعمال ۽ بڇڙا اخلاق ڦيراءِ جو بڇڙن اعمالن ۽ اخلاقن کي توكان سواءِ مون کي ٻيو ڪوبہ نہ ڦيرائيندو. هن کي نسائي روايت ڪيو آهي.**

(821) وعن محمد بن مسلمة قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان إذا قام يصلي تطوعا قال : " الله أكبر وجهت وجهي للذي فطر السماوات والأرض حنيفا مسلما وما أنا من المشركين " . وذكر الحديث مثل حديث جابر إلا أنه قال : " وأنا من المسلمين " . ثم قال : " اللهم أنت الملك لا إله إلا أنت سبحانك وبحمدك " ثم يقرأ . رواه النسائي

**محمد بن سلمه ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن نفل نماز پڙهندا هئا، تہ چوندا هئا: الله! وڏو آهي مون پنهنجو منهن انهيءَ ذات پاڪ ڏانهن ڪيو جنهن آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا آهن ۽ آئون مشرڪن مان نہ آهيان ۽ جابرﷺ جي حديث وانگر بيان ڪيائين. مگر ان جا**

الفاظ آهن: ”وَاَنَامِنَ الْمُسْلِمِيْنَ“ پوءِ فرمايائون: اي منهنجا الله! تون بادشاهه آهين، توکان سواءِ ڪو معبو نہ آهي، تون پاڪ آهين تنهنجي لاءِ تعريف آهي. پوءِ قرائت ڪيائين هن کي نسائي روايت ڪيو آهي.

# نماز ۾ قرائت جو بيان

## فصل پهريون

( 822) عن عبادة بن الصامت قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا صلاة لمن لم يقرأ بفاتحة الكتاب ".

وفي رواية لمسلم : " لمن لم يقرأ بأم القرآن فصاعدا ".

**عباده بن صامت ﷛ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جيكو نماز ۾ سورة فاتحه نه پڙهندو ان جي نماز ئي نه آهي([1]) متفق عليه ۽ مسلم جي روايت ۾ آهي: جيكو سوره فاتحه ۽ كجهه زياده نه پڙهي (ان جي نماز نه آهي)**

---

[1]_ هيءَ حديث دلالت ٿي كري ته فاتحه هر نماز ۾ فرض آهي. فاتحه پڙهڻ كان سواءِ نماز نه ٿيندي. اهو مذهب صحابه كرام، تابعين عظام، تبع تابعين كان علاوه امام مالك، شافعي ۽ جمهور علماءَ ۽ عترت يعني اهل بيت جو به آهي. امام بخاري فاتحه جي وجوب بابت باب آندو آهي، جنهن ۾ فرمائي ٿو ته فاتحه امام خواهه مقتدي، آهستي، خواهه جهري، سفر خواه حضر، هر صورت ۾ پڙهڻ واجب آهي. قرآن شريف ۾ آهي: (فاقرءُ وا ما تيسر من القران)(ترجمہ) يعني قرآن مان اوهان كي جيكي ميسر هجي، اهو پڙهو. هيءَ آيت عام هجڻ كري امام خواهه مقتديءَ تي قرآن پڙهڻ كي واجب كري ٿي. ٻئي هنڌ آهي: (ليسوا سواءً__________وهم يسجدون)(ترجمہ) يعني اهل كتاب هك جهڙا نه آهن. انهن مان هكڙو گروه اهڙو آهي، جيكي (نماز) قائم كن ٿا، رات ڏينهن الله جون آيتون تلاوت كن ٿا ۽ اهي سجدو به كن ٿا. ٽين آيت ۾ آهي: (يامريم__________ مع الراكعين) (ترجمو) اي مريم! نماز ۾ پنهنجي رب لاءِ قرائت ۽ سجدو كر ۽ ركوع كرڻ وارن سان گڏ ركوع كر. هن آيت مان مقتديءَ كي امام جي پويان قرائت پڙهڻ جو ثبوت ملي ٿو. قنوت جون معنائون گهڻيون آهن. پر هتي قرينه مان قرائت واري معنيٰ معلوم ٿئي ٿي. جيئن حديث شريف ۾ ”طول القنوت“ جو لفظ آيل آهي، جنهن جي معنيٰ وڏي قرائت كرڻ آهي: (عن جابر__________رواه مسلم)(ترجمو) يعني سڀ كان ڀلي نماز اها آهي، جنهن ۾ قرائت ڊگهي هجي (مسلم) هنن آيتن مان ثابت ٿئي ٿو ته قرائت نماز جي ركنن مان آهي. جيئن تكبير تحريمہ، ركوع ۽ سجدو ۽ ٻيا ركن امام خواه مقتدي ٻنهي كي ادا كرڻا آهن. اهڙيءَ طرح قرائت به ٻنهي تي لازم آهي. ان حديث شريف مان مطلق قرائت واجب ثابت ٿئي ٿي. مگر پاڻ ﷺ جن صاف بيان كيو آهي ته امام خواه مقتديءَ كي نماز ۾ سوره فاتحه پڙهڻ واجب آهي. جيئن عباده بن صامت كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: (لا صلاة__________بفاتحه الكتاب)(ترجمو) جنهن به نماز ۾ فاتحه نه پڙهي ان جي نماز نه ٿيندي. هن حديث كي بخاري ص104 ۾ ۽ امام مسلم ص 129 ۾ روايت كيو آهي. مگر امام مسلم فاتحة الكتاب جي بجاءِ فاتحة القرآن جو لفظ آندو آهي. امام ابوداؤد ص 126 ۾، امام نسائي ص 140، باب القراءَة خلف الامام (يعني امام جي پويان قرائت كرڻ جي باب ) ۾، ابن ماجه ص 60 ۾، امام ترمذي ص 41۾ روايت كيو آهي. سند جي اعتبار سان اها حديث اهڙي قوي ۽ صحيح آهي جو ان كي صحاح سته جي سڀني معتبر امامن روايت كيو آهي. هن حديث ۾ ”لاصلاة“ جو لفظ آيل آهي. لفظ ”لا“ اسم نكره تي ايندو ته عموم جي معنيٰ ڏيندو. يعني اهڙي اسم ۾ تخصيص كانه ٿيندي جيئن: (لااله__________جدال الخ) (ترجمہ) الله كان سواءِ ٻيو كوبه عبادت جو لائق نه آهي ۽ حج كرڻ وقت كابه شهوت جي ڳالهه كوبه گناه، كوبه جهيڙو جهڳڙو نه كيو ويندو. جيئن عام كي تاكيد كرڻ كان پوءِ تخصيص جو دروازو بندٿي ويندو آهي، تيئن هجن قسم جي نكره، مان به تخصيص كانه كئي ويندي. پوءِ هن طرح چوڻ ته ”لا صلاة“ جي معنيٰ آهي ته جڏهن امام كان اكيلو هجي يا پاڻ امام هجي، انهيءَ صورت ۾ فاتحه كان سواءِ نماز نه آهي. اها هك بيكار لباڙ آهي. جيكا كنهن به لغوي وٽ دليل ۽ حجت كانه آهي. چو ته انهيءَ مسئلي بابت ابو هريره ﷛ كان روايت كيل، صفائي كندڙ صحيح

حديث وارد آهي: (عن ابي ________ ـ ______

______ ولعبدي ما سال)(مسلم عن ابي هريرة بحوالہ ابن كثير ص11ج1) (ترجمہ) ابو هريره رضي الله عنه كان روايت آهي تہ نبيﷺ جن فرمايو تہ: جنهن ماڻهوءَ كا نماز پڙهي ۽ منجهس فاتحہ نہ پڙهيائين، اها نماز ناقص آهي، ناقص آهي، ناقص آهي. ان تي ابو هريره رضي الله عنه كان پڇيو ويو تہ كڏهن اسين امام جي پويان هوندا آهيون(ان وقت كيئن كريون؟) ابو هريره رضي الله عنه چيو تہ دل ۾ آهستي پڙهندو كر. ڇاكاڻ تہ مون رسول اللهﷺ جن كي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ: سورة فاتحہ كي مون پنهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ اڌواڌ ورهائي ڇڏيو آهي. ٻانهو مون كان جيكي سوال كندو، سو آئون قبول كندس. جڏهن ٻانهو چوندو آهي تہ سڀ ساراه جهانن جي پالڻهار لاءِ آهي تہ الله عزوجل فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي منهنجي ساراه كئي. جڏهن ٻانهو چوندو آهي (الله) تمام گهڻو رحم وارو ۽ ٻاجهارو آهي تہ الله عزوجل فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي منهنجي ثنا بيان كئي. جڏهن ٻانهو چوندو آهي: (الله) قيامت جي ڏينهن جو مالك آهي تہ الله فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي منهنجي بزرگي بيان كئي_ كڏهن هن طرح چيائين تہ (الله) فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي پاڻ كي منهنجي حوالي كيو. جڏهن ٻانهو چوندو آهي تہ (اي الله) تنهنجي عبادت كريون ٿا ۽ توكان ئي مدد طلب كريون ٿا تہ الله فرمائيندو آهي: هي منهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ آهي ۽ ٻانهي جي لاءِ اهو كجهہ آهي، جنهن جو سوال كيائين. جڏهن (ٻانهو) چوندو آهي تہ (اي الله) اسان كي سڌي واٽ ڏيكار_واٽ انهن جي جن تي تو انعام كيو: نہ انهن جي جن تي تو غضب كيو ۽ نہ جيكي گمراه ٿيا، الله فرمائيندو آهي: هي منهنجي ٻانهي لاءِ آهي ۽ ٻانهي لاءِ اهو آهي جنهن جو سوال كيائين.

هاڻي اچو تہ امام جي پويان فاتحہ پڙهڻ بابت ٽين حديث كي وٺون:(عن عبادة ______ ______

______ لم يقرا بها) (ترجمو) عبادت بن صامت رضي الله عنه كان روايت آهي تہ هك دفعو رسول اللهﷺ جن صبح جي نماز پڙهائي. پوءِ مٿن قرائت ڏكي معلوم ٿي. سلام ڦيرائڻ كان پوءِ پڇيائون تہ شايد توهان پنهنجي امام جي پويان قرائت كريو ٿا؟ اسان چيو تہ هائو اي الله جا رسول! فرمايائون تہ سوره فاتحہ كان سواءِ ٻي قرائت نہ كندا كريو. ڇاكاڻ تہ جنهن فاتحہ جي قرائت نہ كئي تہ ان جي نماز نہ ٿيندي. هيءَ حديث امام ترمذيءَ (ص41۾) ۽ ابو دائود(ص126۾) روايت كئي آهي. ترمذي چوي ٿو تہ هيءَ حديث حسن آهي. هن باب ۾ ابو هريره، عائشہ، انس، ابو قتاده ۽ عبدالله بن عمرو رضي الله عنهم كان بہ روايتون آيل آهن.

هاڻي اچو تہ سورت اعراف واري آيت سڳوري: (اذا قري ______) (ترجمو) جڏهن قرآن شريف پڙهيو وڃي تہ ماٺ كري ان كي ٻڌو من توهان تي رحم كيو وڃي( امام پويان فاتحہ نہ پڙهڻ بابت حنفين جو اهو سڀ كان وڏو دليل آهي)

تشريح:_ قاضي بيضاوي فرمائي ٿو تہ هيءَ آيت نماز ۾ ڳالهائڻ كان ممانعت بابت نازل ٿي آهي ۽ جلالين وارن بہ ائين فرمائي ٿو. جمامع البيان وارو فرمائي ٿو تہ هن آيت سڳوريءَ مان امام جي پويان قرائت نہ كرڻ بابت كا حجت نہ ٿي ملي. ڇو تہ هن ۾ خطاب كافرن كي آهي. انهن معجزي جي طلب كئي هئي كين حكم ٿيو تہ جڏهن قرآن پڙهيو وڃي ان كي خاموشي ۽ سكون سان ٻڌندا كريو ۽ غورب كندا كريو ڇاكڻ تہ قرآن شريف جهڙو فصيح كلام بجاءِ خود هك معجزو آهي. ٻئي كنهن بہ معجزي جي كا ضرورت نہ آهي. جيكڏهن هن آيت مان قرائت خلف الامام كان ممانعت جو دليل وٺبو تہ پوءِ ان جو اڳيون حصو قرآن سان كو رابطو نہ ركندو. اهڙو كچ قرآن جي فصاحت جي خلاف آهي، تنهن كري هتي امام جي پويان قرائت جي ممانعت كان سواءِ ٻي معنيٰ كبي. انهيءَ كري هن آيت مان قرائت جي ممانعت لاءِ دليل وٺڻ كي ضعيف چيو ويو آهي. اسان جي كيل معنيٰ جي ثابتي قرآن شريف جي ٻي آيت مان ملي ٿي: (قال اللذين ______ تغللبون)(ترجمہ)كافرن هك ٻئي كي چيو تہ هيءَ قرآن نہ ٻڌو ۽ منجهس لڙ ۽ شور كيو من توهان غالب ٿيو، جڏهن كافر اهڙو منصوبو سٽيو تہ الله تعاليٰ كين منع فرمائي تہ وعظ ۽ نصيحت وقت قرآن ماٺ كر ٻڌندا كريو من توهان تي الله تعاليٰ

رحم فرمائي. ڪافر رحم جي قابل نہ آهن پر شايد ائين ٿئي جو اهي قرآن ٻڌن پوءِ مؤمن تي الله جي رحمت جا حقدار ۽ هميشہ جي لاءِ مرحوم ٿين. رحمت جو هي اشارو بہ انهيءَ معنيٰ ۾ هڪ دليل آهي جيڪا مٿي ڪئي وئي. جيتوڻيڪ ظاهر جي خلاف آهي. پر جيڪڏهن فرضاً تسليم بہ ڪجي تہ آيت شريفہ ۾ امام جي پٺيان قرائت ڪرڻ کان ممانعت وارد آهي تہ بہ هر عام حڪم تخصيص ٿيل ڇڇبي ڇاڪاڻ تہ عربي ڪلام موجب دليلن سان ڪيترين شيون عام حڪم مان تخصيص ڪري سگهجن ٿيون جيئن: (ان الله ________________ في الارض)(ترجمہ) بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي ۽ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجھ آهي سو سڀ الله جو آهي.

هنن آيتن ۾ الله پاڪ جي ذات عقلي دليل سان خاص ڪيل آهي. مشهور اصول آهي تہ ڪل عام يحتمل التخصيص (هر عام حڪم ۾ تخصيص جو احتمال رهي ٿو) مٿين تقرير فرضي هئي. هاڻي جواب ۾ چئون ٿا تہ آيت شريفہ عام آهي ئي ڪانہ. ڇاڪاڻ تہ لفظ اذا قضيہ ڪليہ جو سور نہ آهي بلڪہ قضيہ مهمله لاءِ ڪتب ايندو آهي. مهمله قضيه جذيه جي حڪم ۾ هوندو آهي. جيئن ڪنهن مرد زال کي چيو تہ انت طالق اذا شئت (ترجمہ) جڏهن تون گهرين تہ توکي طلاق آهي. ان صورت ۾ عورت کي هڪ طلاق کان وڌيڪ جو اختيار نہ هوندو.

پر جيڪڏهن مڙس اذا جي بدران ڪُلما جو لفظ ڪتب آڻيندو تہ زال پاڻ کي ٽي طلاقون ڏئي سگهي ٿي ڇاڪاڻ تہ ڪُلما جو لفظ ڪليہ جو سور آهي. هي مسئلو فقه جي مشهور ڪتاب ڪنز ۾ آيل آهي.

(اذا ________________ الاٰية)(ترجمہ) جنهن وقت نماز پڙهڻ جو ارادو ڪيو تہ وضو ڪريو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اڳ وضو آهي تہ پوءِ بالاتفاق وضو ڪنهن بہ صورت ۾ ڪرڻ واجب نہ آهي جيئن حديث شريف ۾ آهي: (صلي النبيﷺ الخمس ___ ___ ___ ___ ___ ___ ___ ___ ___ ___ ___ اوکماقال) (ترجمہ) هڪ دفعو نبيﷺ جن هڪ وضوءَ سان پنج نمازون پڙهيون تنهن تي ڪائنڻ پڇيو ويو: اڄ اهڙي طرح ڪيئن ڪرڻ فرمايو اٿو؟ ارشاد فرمايائون: ڄاڻي واڻي ڪيو اٿم. يا جيئن پاڻ فرمايائون. يعني ائين بہ جائز آهي وضوءَ جي مٿان ٻيو وضو ڪرڻ واجب نہ آهي اگرچہ عقل ۽ نقل جي بظاهر خلاف آهي مگر جيڪڏهن بالفرض تسليم بہ ڪجي تہ بہ آيت سڄوري: (________عام) آهي تہ پوءِ هن حديث سان جيڪا عباده بن صامت کان مروي آهي ۽ انهن جا الفاظ آهن: (________) مخصوص ٿيل آهي. جيئن آيت شريفه: (________________) مشرڪن جي باري ۾ عام آهي مگر حديث شريف سان مشرڪ عورتن ۽ پوڙهن جي تخصيص بيان ٿيل آهي يعني انهن کي مٿين آيت مطابق قتل نہ ڪيو ويندو.

ٻيو دليل (________________الحج)(ترجمو) جنهن ماڻهو وٽ بيت الله شريف تائين پهچڻ جي سگهہ هجي ان تي الله ڪارڻ حج ڪرڻ فرض آهي اها آيت عام آهي پر خبر واحد سان هن عام کان غير محرم عورت کي خارج ڪيو ويو آهي جيئن حديث ۾ آهي: (________________)(ترجمو) ڪا عورت محرم کان سواءِ ٽن ڏينهن تائين ڪو سفر نہ ڪري، اهڙي طرح ٻانهو بہ ان حج جي حڪم کان خارج آهي.

ساڳئي طرح (________________) عام آهي پر خبر واحد سان موزن پائڻ سبب پيرن ڌوئڻ جو حڪم زائل ٿي ويندو يعني انهن تي مک ڪبو. انهيءَ حالت ۾ پير ڌوئڻ فرض نہ آهن چنانچہ ان بابت صحيحين ۾ روايت آيل آهي. اهڙيءَ طرح (________________) عام آهي يعني ڪلهن تائين هٿ ڪٽيا وڃن. مگر خبر واحد سان حديث شريف هٿ ڪٽڻ جي حد مقرر ڪئي آهي يعني ڪرائيءَ تائين چور جا هٿ ڪٽيا ويندا. اهڙي طرح ٻيو مثال وٺو الله تعاليٰ فرمائي ٿو (________) (ترجمو) جڏهن زمين ۾ مسافري ڪريو تڏهن هن نماز کي گهٽائي پڙهڻ ۾ اوهان تي ڪو گناه ڪونهي. هيءَ آيت سڄوري سفر جي باري ۾ عام آهي. مگر حديث خبرواحد سان سفر 42 ڪوهہ يعني 4 بردمفاصلو مقررڪيو ويو آهي ۽ گهٽ سفر آيت کان الڳ ڪيل آهي. قرآن مجيد ۾ ٻيا بہ ڪيترا مسئلا آهن، جنجي حديث شريف سان تخصيص ٿيل آهي. جڏهن ائين آهي تہ پوءِ قراءة خلف الامام واري مسئلي ۾ حديث شريف ان جي تخميص ڇو نہ ٿي ڪري سگهجي ؟ اهڙي تخميص جا رڳو اسين ئي قائل نہ آهيون، بلڪ خود حنفي حضرات بہ انهيءَ ئي مسئلي ۾ اهڙي تخصيص جا قائل آهن. ان ڏس ۾ هتي ٽي مسئلا بيان ڪجن ٿا:

مسئلو: (1) هڪ ماڻهو پنهنجي سر ڪان نماز پڙهي رهيو آهي ۽ ٻيو اتي ئي پنهنجي الڳ نماز پڙهي رهيو آهي. ان صورت ۾ خود حنفين وٽ انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي ماٺ ڪي قرائت ڪرڻ يا ان کي ٻڌڻ جو حڪم ڪونهي. حالانڪ هوڏانهن وَإِذَا قُرِيءَ الْقُرآنُ جو حڪم پنهنجي جاءِ تي سچو ۽ ثابت آهي.

مسئلو: (2) ڪو شخص مسجد جي دروازي تي يا ڪنهن ستون جي آڏو صبح جون سنتون پڙهي رهيو آهي. ٻئي طرف امام جماعت سان نماز پڙهائي رهيو هجي ته جيتو ٽيڪ وَإِذَا قُرِيءَ الْقُرآنُ الأيت مطابق ان شخص کي اتي سنتون ڇڏي امام جي قرائت ٻڌڻ گهرجي، پر حنفي ان کي ان حڪم ڪان آجو ۽ ٻاهر رکن ٿا.

مسئلو: (3) امام صاحب صبح نماز پڙهائي رهيو آهي. ٿوري دير ڪان بعد ڪو مقتدي اچي نماز ۾ شريڪ ٿئي ٿو ته هاڻي اچڻ شرط ان کي سنڌن اصول يعني جيڪا (______) مان مراد ورتي اٿن، ان مطابق ان نووارد مقتديءَ کي چپ ڪري امام جي قرائت ٻڌڻي آهي، يعني ان کي نيت، تڪبير تحريمه ۽ ثنا وغيره پڙهڻ نه گهرجي. مگر حنفي ان اصول جو پابند نٿا سمجهن، بلڪ اهو شخص نيت ۽ تڪبير تحريمه ادا ڪري پوءِ نماز ۾ شريڪ ٿيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي ئي اصول جي پيڪڙي ڪندا آهن. هاڻي سوال اهو آهي ته جڏهن انهن ٽنهي صورتن ۾ حنفي حضرات الله جي حڪم ۾ پنهنجي خيال ۽ قياس سان تخصيص ڪن ٿا ته پوءِ اسين جيڪڏهن سچي قرآن ۾ الله جي رسول ﷺ جي حڪم موجب صرف هڪ هنڌ اهو به حديث شريف سان سوره فاتحه پڙهڻ جي تخصيص ڪريون ته اسان ڪهڙو جرم ڪريون ٿا؟

ان ڪانسواءِ هتي هيءَ حقيقت به غور جوڳي آهي ته امام جي پويان سوره فاتحه پڙهڻ جي حديث ابو هريره ۽ عباده بن صامت رضي الله عنهما ڪان مروي آهي. ابو هريره خيبر جي فتح ڪان پوءِ اسلام آندو يعني سن ستين هجريءَ ۾ ۽ عباده بن صامت انصاري به هجرت ڪانپوءِ اسلام قبوليو.

حالانڪ مذڪوره آيت مڪي آهي، يعني هجرت ڪان اڳ نازل ٿي آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته اها آيت دراصل ڪافرن کي قرآن جي قرائت دوران لڙڪرڻ ڪان منع لاءِ نازل ٿي، نه نماز دوران امام پويان فاتحه پڙهڻ ڪان ممانعت جو ان ۾ ڪو حڪم آهي. پوءِ چو موجوده وقت جا مسلمان هن مسئلي ۾ غور نٿا ڪن. ڇا هن آيت کي پاڻ ﷺ جن ۽ ابو هريره رضي الله عنه ۽ عبادة بن صامت ۽ ٻين اصحابن نه سمجهيو هو؟ فقط هن وقت جا حنفي حضرات سمجهن ٿا؟ ان ڪانسواءِ ان ڪان پوئين آيت ۾ نزاع جو پوريءَ طرح فيصلو ٿيل آهي: (واذ ڪر_ _ ___ __ ___ __ ___ __ ___ __ ___ ___ ___ ___ ___ ___ ___ (الاعراف رڪوع 24) (ترجمو) پنهنجي پالڻهار کي ياد ڪر پنهنجي دل ۾ عاجزيءَ ۽ زاريءَ سان ۽ آهستي ۽ ننڍي آواز سان شام ۽ صبح جي وقت ۽ غافلن مان نه ٿيءَ، تفسير بيضاوي ۾ آهي ته هن آيت مان فاتحه پڙهڻ جو ثبوت ملي ٿو، يعني امام پويان رات وارين نمازن ۾ آهستي قرائت پڙهي، مگر اسان جا پائر پهرين آيت کي زور شور سان پيش ڪري رهيا آهن پر پوئين کي ڇڏي ڏين ٿا. (لاتقربو___ ____ _ ______ __ __ ___ ___ ____ ____ ____سڪاري) کي ترڪ ڪن ٿا.

انصات جي معنيٰ آهي وڏي آواز سان نه پڙهڻ. هن جو دليل هي آهي ته پاڻ جن ڪان پڇيو ويو: (____________________)(ترجمو) توهان تڪبير ۽ قرائت جي وچ ۾ وقفن دوران ڇا ٿا چئو؟ پاڻ ﷺ جن ورندي ڏني ته آئون چوندو آهيان ته اي الله! منهنجي ۽ منهنجي گناهن جي درميان دوري ڪرڻ فرماءِ. هتي اسڪات (وقفن) دوران آهستي دعا پڙهڻ کي پاڻ ﷺ جن انصات چيو آهي. اسين به امام پويان آهستي قرائت ڪرڻ جا قائل آهيون. ٻڌندا به آهيون ۽ پڙهندا به آهيون ان طرح آيت شريف تي به عمل آهي ۽ حديث تي به.

ابوهريره رضي الله عنه جي روايت ۾ آيل آهي ته اذا قرا فانصتوا (جڏهن امام پڙهي تڏهن ماٺ ڪريو)

(ا) ان اعتراض جا جواب اهي آهن جيڪي آيت جي باري ۾ ڏنل آهن.

(2) چون ٿا ته: خود ابو هريره رضي الله عنه جو هن تي عمل ڪونه هو ڇاڪاڻ ته پاڻ امام پويان فاتحه جي قرائت جو حڪم ڏيندو هو.

الجواب: اها زيادتي امامن وٽ غير محفوظ آهي. بفرض محال تسليم به ڪجي ته اها صحيح آهي ته به صحيح حديثن جي مقابلي ۾ هٽڻ ڪري منسوخ آهي.

جابر جي حديث تي مخالفن جي اعتراض جا جواب هي آهن:

(823) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى صلاة لم يقرأ فيها بأم القرآن فهي خداج ثلاثا غير تمام " فقيل لأبي هريرة : إنا نكون وراء الإمام فقال اقرأ بها في نفسك فإني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " قال الله تعالى قسمت الصلاة بيني وبين عبدي نصفين ولعبدي ما سأل فإذا قال العبد ( الحمد لله رب العالمين )

قال الله تعالى حمدني عبدي وإذا قال ( الرحمن الرحيم )

قال الله تعالى أثنى علي عبدي وإذا قال ( مالك يوم الدين )

قال مجدني عبدي وقال مرة فوض إلي عبدي فإذا قال ( إياك نعبد وإياك نستعين )

قال هذا بيني وبين عبدي ولعبدي ما سأل فإذا قال ( اهدنا الصراط المستقيم صراط الذين أنعمت عليهم غير المغضوب عليهم ولا الضالين )

قال هذا لعبدي ولعبدي ما سأل " . رواه مسلم

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ جنهن نماز پڙهي ۽ سوره فاتحه ان ۾ نہ پڙهيائين تہ اها اڻپوري آهي، 3_دفعہ ائين چئي فرمايائين تہ پوري نہ آهي. ابو هريره کي چيو ويو تہ اسين امام جي پنيان هوندا آهيون؟ چيائين تہ پوءِ انهي کي دل ۾ پڙهندو ڪر، جو تحقيق مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو آهي، فرمايائون تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ مون نماز پنهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ اڌواڌ ورهائي ڇڏي آهي. منهنجي ٻانهي لاءِ اهو آهي جو گهريائين. پوءِ جڏهن ٻانهو چوندو آهي: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ تڏهن الله تعاليٰ فرمائيندو آهي: مهنجي ٻانهي منهنجي واکاڻ ڪئي. جڏهن ٻانهو چوندو آهي: اَلرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ تڏهن الله تعاليٰ فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي منهنجي ثنا ڪئي جڏهن ٻانهو چوندو آهي: مَالِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ تڏهن الله تعاليٰ فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي منهنجي تعظيم ڪئي. جڏهن ٻانهو چوندو آهي: اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَاِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ. تڏهن الله تعاليٰ فرمائيندو آهي: اهو ڪم منهنجي ۽ منهنجي ٻانهي جي وچ ۾ آهي ۽ منهنجي ٻانهي لاءِ اهو آهي جيڪي ڪجهہ گهريائين. پوءِ جڏهن ٻانهو چوندو آهي: (اهدناالصراط المستقيم)_(الاالضالين) تائين تڏهن الله تعاليٰ چوندو آهي: هي منهنجي ٻانهي لاءِ آهي ۽ منهنجي ٻانهي لاءِ اهو آهي جيڪي گهريائين. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

اولا: حديث جابر جي مرفوع نہ آهي تنهن ڪري اها حديث مرفوع حديثن جو مقابلو ڪري نہ سگهندا ثانياً: اصحابي جو قول بين اصحابن جي اختلافي قول وقت حجت نہ ٿيندو. والله اعلم بالصواب واليه مرجع والماب.( العبد محمد عمر عفي عنه)

(824) وعن أنس : أن النبي صلى الله عليه وسلم وأبا بكر وعمر رضي الله عنهما كانوا يفتتحون الصلاة ب " الحمد لله رب العالمين " ). رواه مسلم

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ ۽ ابو بکر عمر ﷛ نماز اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ سان شروع ڪندا هئا هن ڪي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(825) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أمن الإمام فأمنوا فإنه من وافق تأمينه تأمين الملائكة غفر له ما تقدم من ذنبه )

وفي رواية قال : " إذا قال الإمام : ( غير المغضوب عليهم ولا الضالين )

فقولوا : آمين فإنه من وافق قوله قول الملائكة غفر له ما تقدم من ذنبه " . هذا لفظ البخاري ولمسلم نحوه

وفي أخرى للبخاري قال : " إذا أمن القارئ فأمنوا فإن الملائكة تؤمن فمن وافق تأمينه تأمين الملائكة غفر له ما تقدم من ذنبه " .

**ابو هريره﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن امام آمين چوي تہ اوهين بہ آمين چؤ (ملائڪ بہ آمين چون ٿا) پوءِ جنهن جي آمين ملائڪن جي آمين تان موافق ٿي تہ ان جا اڳيان گناهہ بخشيا ويندا متفق عليه ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ جڏهن امام چوي غَيۡرِالۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَاالضَّآلِّيۡنَ تڏهن اوهين آمين چؤ پوءِ تحقيق جنهن جو آمين چوڻ ملائڪن جي چوڻ سان موافق ٿيو ان جا اڳيان گناہ بخشيا ويندا. اهي لفظ بخاري جا آهن ۽ مسلم جي روايت بہ انهي وانگر آهي. بخاريءَ جي ٻي روايت ۾ آهي تہ جڏهن پڙهندڙ آمين چوي تہ پوءِ اوهين آمين[1] چئو، چو تہ**

---

[1]_ آمين ڏاڍيان چوڻ سنت آهي. (عن وائل_____ _____ _____ _____ _____ )
(ترجمہ) وائل بن حجر کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فاتحہ پڙهڻ کان واندا ٿيندا هئا تہ وڏي آواز سان آمين چوندا هئا. هي حديث شريف ترمذي ص 34 ۾ آهي ۽ چيو اٿس تہ هن باري ۾ علي ۽ ابو هريره کان روايتون آهن. ۽ وائل بن حجر جي حديث حسن آهي(﷛) ۽ هن تي ڪيترن اصحابن ۽ تابعين جو عمل آهي تہ آمين وڏي آواز چئجي، آهستي نہ چئجي. پڻ اهو مذهب امام شافعي، احمد ۽ اسحاق جو آهي ۽ وڏي پير شيخ عبدالقادر جيلاني عليه الرحمه جو بہ اهو مذهب هو. تحقيقات لاءِ غنية الطالبين ڏسو. امام بخاري پنهنجي صحيح ۾ وڏي آواز سان آمين چوڻ بابت باب آندو آهي، جنهن ۾ چوي ٿو تہ عطاء عبدالله بن زبير ۽ جيڪي سندن پويان نماز پڙهندا هئا سي بہ اهڙيءَ طرح وڏي آواز سان آمين چوندا هئا جو مسجد ۾ پڙڏاءُ پئجي ويندو هو. ابو هريره امام کي چوندو هو تہ صبر ڪج متان تڪڙ قرائت ڪري اسان کان آمين چوڻ وڃائين. نافع چوي ٿو تہ ابن عمر وڏي آواز سان ماڻهن کي آمين چوڻ تي همٿائيندو هو ۽ پاڻ ڪڏهن بہ آمين نہ چوندو هو ۽ مون کائنس انهيءَ باري ۾ حديث بہ ٻڌي آهي. ابن شهاب زهري فرمائي ٿو تہ پاڻﷺ جن آمين وڏي آواز سان چوندا هئا.
(عن ابي هريره_____ _____ _____ _____ _____ _____ _____ _____ _____ تقدم من ذنبه(ترجمہ) ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن امام آمين چوي، اوهين بہ آمين چوندا ڪريو ڇاڪاڻ تہ جنهن جي آمين ملائڪن جي آمين سان موافق ٿي تنهن جا اڳيان گناهہ بخشيا ويندا. هن حديث کي امام بخاري ص 108 ۾ روايت ڪيو آهي. (ترجمو) ابو هريرة ﷛ ر فرمائي ٿو: ماڻهن آمين چوڻ ڇڏي

ملائڪ بہ آمين چون ٿا. پوءِ جنهن جي آمين ملائڪن جي آمين سان گڏ چوڻ ۾ ايندي، ان جا اڳيان گناھ بخشيا ويندا آهن.

(826) وعن أبي موسى الأشعري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صليتم فأقيموا صفوفكم ثم ليؤمكم أحدكم فإذا كبر فكبروا وإذ قال ( غير المغضوب عليهم ولا الضالين )

فقولوا آمين يجبكم الله فإذا كبر وركع فكبروا واركعوا فإن الإمام يركع قبلكم ويرفع قبلكم فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " فتلك بتلك " قال : " وإذا قال سمع الله لمن حمده فقولوا اللهم ربنا لك الحمد يسمع الله لكم " . رواه مسلم

ابو موسيٰ اشعريﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن توهين نماز پڙهو تڏهن صفون سڌيون ڪريو پوءِ اوهان مان (جو وڏيڪ عالم ۽ وڏيڪ قاري ۽ وڏو هجي سو) اوهان جو امام ٿئي. جڏهن تڪبير چوي اوهين بہ تڪبير چئو ۽ اهو جڏهن غَيۡرِالۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَاالضَّآلِّيۡنَ چوي تڏهن اوهين آمين چئو تہ الله تعاليٰ اوهان جي دعا قبول ڪري پوءِ جڏهن اهو تڪبير چئي رڪوع ڪري تڏهن اوهين بہ تڪبير چئي رڪوع ڪريو. امام اوهان ڪان اڳ رڪوع ڪري ۽ اوهان ڪان اڳ مٿو رڪوع مان مٿي ڪڍي. پوءِ رسول اللهﷺ فرمايو تہ ان جو اڳ وڃڻ ان جي پهريائين اچڻ جي بدلي ۾ آهي ۽ جڏهن امام چوي (سمع الله لمن حمدة) تڏهن اوهان چئو (ربنا لڪ الحمد) الله تعاليٰ اوهان جي حمد ٻڌي ٿو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(827) وفي رواية له عن أبي هريرة وقتادة : " وإذا قرأ فأنصتوا ".

ابو هريره ۽ قتاده ڪان مسلم ۾ ٻي روايت آهي تہ جڏهن امام قرائت پڙهي تہ ماٺ ڪري ٻيهو.

---

ڏني، حالانڪ پاڻ جن جڏهن غير المغضوب عليهم ولاالضآلين چوندا هئا تہ ماٺهو آمين اهڙي آواز سان چوندا هئا جو پهرين صف وارا ٻڌندا هئا ۽ جماعت جي آمين جو سڄي مسجد ۾ پڙڏاءُ پئجي ويندو هو.

(ترجمو) علي ﷺ ڪان روايت آهي تہ مون پاڻﷺ جن ڪان ٻڌو جڏهن پاڻ سڳورا والاالضآلين چوندا هئا تڏهن مقتدي بہ آمين چوندا هئا.

(ترجمو) وائل سندس پيءُ ڪان روايت ڪري ٿو تہ مون پاڻﷺ جن سان گڏ نماز پڙهي. جڏهن والاالضالين چيائون تڏهن مقتدين آمين چئي.

(ترجمو) عائشہ ڪان روايت آهي تہ پاڻﷺ جن فرمايو تہ يهودين کي اوهان تي سلام ۽ آمين چوڻ تي جيترو حسد آهي اوترو ٻي ڪنهن شيءِ تي ڪونہ آهي.

(ترجمو) ابن عباس ڪان روايت آهي تہ پاڻﷺ جن فرمايو آهي تہ يهودين کي آمين چوڻ بابت جهڙو اوهان تي حسد آهي تهڙو ٻي ڪنهن بہ شيءِ تي ڪونہ اٿن تنهن ڪري آمين گهڻي ڪندا ڪريو، هي پنج حديثيون ابن ماجہ ص 62 ۾ آهن.

(828) وعن أبي قتادة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقرأ في الظهر في الأولين بأم الكتاب وسورتين وفي الركعتين الأخريين بأم الكتاب ويسمعنا الآية أحيانا ويطول في الركعة الأولى ما لا يطول في الركعة الثانية وهكذا في العصر وهكذا في الصبح.

**ابو قتاده ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ ظهر نماز جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ الحمد الله ۽ ٻہ سورتون پڙهندا هئا. ۽ آخري ٻن رڪعتن ۾ (فقط) سوره فاتحہ پڙهندا هئا. ڪڏهن اسان کي ڪا آيت ٻڌائيندا([1]) هئا ۽ پهرين رڪعت ۾ ڊگهي قرائت ڪندا هئا ۽ ٻي رڪعت ۾ ان جهڙي ڊگهي قرائت نہ ڪندا هئا ۽ اهڙي طرح وچين نماز ۾ ۽ اهڙي طرح صبح جي نماز ۾ بہ ڪندا هئا. متفق عليه**

(829) وعن أبي سعيد الخدري قال : كنا نحزر قيام رسول الله صلى الله عليه وسلم في الظهر والعصر فحزرنا قيامه في الركعتين الأوليين من الظهر قدر قراءة ( الم تنزيل ) السجدة – وفي رواية : في كل ركعة قدر ثلاثين آية – وحزرنا قيامه في الأخريين قدر النصف من ذلك وحزرنا قيامه في الركعتين الأوليين من العصر على قدر قيامه في الأخريين من الظهر وفي الأخريين من العصر على النصف من ذلك . رواه مسلم

**ابو سعيد خدريﷺ کان روايت آهي تہ اسين رسول اللهﷺ جي اڳين ۽ وچي نماز ۾ بيهڻ جو اندازو ڪندا هئاسون پوءِ اڳين نماز جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ ان جي بيهڻ جو اندازو قرائت الم تنزيل السجده جي جيترو هوندو هو. ٻي روايت ۾ آهي تہ هر ڪنهن رڪعت ۾ ٽيهن آيتن جي قدر بيهندا هئا ۽ پوين ٻن رڪعتن ۾ ان جي اڌ جيترو بيهڻ جو اندازو ڪندا هئاسون ۽ وچين نماز جي پهرئين رڪعتن ۾ ان جي بيهڻ جو قدر اڳين نماز جي پوين ٻن رڪعتن([2]) جي قدر جيترو هوندو هو ۽ پوين ٻن رڪعتن ۾ انجي اڌ جيترو هوندو هو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(830) وعن جابر بن سمرة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقرأ في الظهر ب ( الليل إذا يغشى ) وفي رواية ب ( سبح اسم ربك الأعلى ) وفي العصر نحو ذلك وفي الصبح أطول من ذلك . رواه مسلم

**جابر سمرهﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ اڳين نماز ۾ سوره واليل اذآ يغشيٰ پڙهندا هئا. ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ سبح اسم ربک الاعلي پڙهندا هئا ۽ وچين نماز ۾ انهي مثل پڙهندا هئا. ۽ صبح جي نماز ۾ انهي کان ڊگهي قرائت ڪندا هئا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ هن مان ظاهر آهي تہ پاڻﷺ جن قصداً آيتون ٻڌائيندا هئا جيئن ماڻهن کي معلوم ٿئي تہ فاتحہ کان پوءِ ٻي سورة پڙهڻي آهي يا فلاڻي فلاڻي سورة پاڻ ﷺ جن پڙهي آهي ان جو علم ڪين ٿئي.

[2]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳين نماز ۾ پوين ٻن رڪعتن ۾ فاتحہ کان پوءِ قرائت ختم ڪئي وئي يعني ڪجهہ ٻي قرائت وچين نماز جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ پڙهجي تي انهن ۾ جيترو قدر اڳين نماز جي پوئين ٻن رڪعتن ۾ پڙهيل هو.

(831) وعن جبير بن مطعم قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ في المغرب ب " الطور ".

**جبير بن مطعم رضي الله عنه كان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ كان ٻڌو، پاڻ سانجهي نماز ۾ سورة طور[1] پڙهيائين ٿي متفق عليه**

(832) وعن أم الفضل بنت الحارث قالت : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ في المغرب ب ( المرسلات عرفا ).

**ام فضل بنت حارث رضي الله عنها كان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن كي ٻڌو، سانجهي نماز ۾[2] والمرسلات عرفا پڙهيائون. متفق عليه**

(833) وعن جابر قال : كان معاذ يصلي مع النبي صلى الله عليه وسلم ثم يأتي فيؤم قومه فصلى ليلة مع النبي صلى الله عليه وسلم العشاء ثم أتى قومه فأمهم فافتتح بسورة البقرة فانحرف رجل فسلم ثم صلى وحده وانصرف فقالوا له أنافقت يا فلان قال لا والله ولآتين رسول الله صلى الله عليه وسلم فلأخبرنه فأتى رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال يا رسول الله إنا أصحاب نواضح نعمل بالنهار وإن معاذا صلى معك العشاء ثم أتى قومه فافتتح بسورة البقرة فأقبل رسول الله صلى الله عليه وسلم على معاذ فقال : " يا معاذ أفتان ؟ أنت اقرأ : ( الشمس وضحاها " ( والضحى ) ( والليل إذا يغشى ) و ( وسبح اسم ربك الأعلى ).

**جابر رضي الله عنه كان روايت آهي تہ معاذ بن جبل نبي كريم ﷺ جن سان نماز پڙهي، پوءِ پنهنجي قوم كي اچي امامت كرائيندو هو. هڪ رات نبي كريم ﷺ جن سان گڏ سمهڻي جي نماز پڙهي، پنهنجي قوم وٽ آيو. پوءِ پنهنجي قوم جو امام ٿيو (نماز ۾) سوره بقره شروع كيائين . پوءِ هڪ ماڻهو نماز كان سلام ورائي اكيلي نماز پڙهي واندو ٿيو. ان كي ماڻهن چيو: اي فلاڻا! تون منافق ٿي ويو آهين ڇا؟ چيائين تہ الله جو قسم آئون منافق نہ ٿيو آهيان. البت رسول الله ﷺ جن وٽ ضرور ويندس ۽ كين اها خبر ڏيندس. پوءِ رسول الله ﷺ جن وٽ آيو ۽ چيائين تہ يارسول الله ﷺ اسين اُٺن وارا آهيون، ڏينهنجو كم كريون ٿا. معاذ اوهان سان گڏ سمهڻي نماز پڙهي پوءِ پنهنجي قوم وٽ اچي (امامت كيائين) ۽ سوره بقره سان شروع كيائين. پوءِ رسول الله ﷺ جن معاذ ڏانهن متوجہ ٿيا ۽ (فرمايائون تہ اي معاذ! تون فتان آهين ڇا جماعت كان**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو تہ مغرب نماز ۾ وڏي قرائت كرڻ مسنون آهي.

[2] _ ام الفضل جي حديث انهيءَ ماڻهوءَ جي قول كي رد كري ٿي جنهن چيو آهي تہ مغرب ۾ ڊگهي قرائت كرڻ منسوخ آهي ڇاكاڻ تہ هي پاڻ ﷺ جن جي وفات جي وقت جو واقعو آهي جنهن جي صحيحين ۾ تصريح ٿيل آهي.

**ماٺهن کي پڇائين ٿو) قرائت ۾ (والشمس وضحا ها _ والیل اذا يغشيٰ) ۽ ( سبح اسم ربک الاعلي) پڙهندو ڪر. متفق عليه.**

(834) وعن البراء قال : سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقرأ في العشاء : ( والتين والزيتون ) وما سمعت أحدا أحسن صوتا منه.

**براءَ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺ جن کان ٻڌو، سومهڻي نماز ۾ (والتين والزيتون پڙهيائون مون ڪنهن جو ان کان وڌيڪ سهڻو آواز نہ ٻڌو.متفق عليه**

(835) وعن جابر بن سمرة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقرأ في الفجر ب ( ق والقرآن المجيد ) ونحوها وكانت صلاته بعد تخفيفا . رواه مسلم

**جابر بن سمره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ فجر نماز ۾ سوره قٓ_والقرآن المجيد ۽ ان جيڏيون سورتون پڙهندا هئا ۽ سندن ٻيون نمازون ان کان هلڪيون هيون هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(836) وعن عمرو بن حريث : أنه سمع النبي صلى الله عليه وسلم يقرأ في الفجر ( والليل إذا عسعس ). رواه مسلم

**عمرو بن حريث رضي الله عنه ڪان روايت آهي، انهيءَ نبي ڪريم جن کان ٻڌو، پاڻ فجر نماز ۾ والیل اذا عسعس(يعني اذا الشمس ڪورت) پڙهيائون(مسلم)**

(837) وعن عبد الله بن السائب قال : صلى لنا رسول الله صلى الله عليه وسلم الصبح بمكة فاستفتح سورة ( المؤمنين ) حتى جاء ذكر موسى وهارون أو ذكر عيسى أخذت النبي صلى الله عليه وسلم سعلة فركع . رواه مسلم

**عبدالله بن سائب رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ اسان کي مڪ ۾ رسول الله ﷺ فجر جي نماز پڙهائي، پوءِ سورت مؤمنين جي قرائت شروع ڪيائين تانجو جڏهن ان ۾ موسيٰ ۽ هارون يا عيسيٰ جو ذڪر آيو تڏهن نبي ڪريمﷺ کي ڪنگهہ ورتو، پوءِ رڪوع ۾ ويا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(838) وعن أبي هريرة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقرأ في الفجر يوم الجمعة ب ( الم تنزيل ) في الركعة الأولى وفي الثانية ( هل أتى على الإنسان ).

ابو هريره ر كان روايت آهي تہ نبي كريم ﷺ جن جمعي جي ڏينهن فجر نماز[1] جي پهرين ركعت ۾ الم تنزيل ۽ ٻيءَ ۾ هل اتيٰ پڙهندا هئا. (بخاري مسلم)

(839) وعن عبيد الله بن أبي رافع قال : استخلف مروان أبا هريرة على المدينة وخرج إلى مكة فصلى لنا أبو هريرة الجمعة فقرأ سورة ( الجمعة ) في السجدة الأولى وفي الآخرة : ( إذا جاءك المنافقون ) فقال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ بهما يوم الجمعة . رواه مسلم

عبيدالله بن ابي رافع رضي الله عنه كان روايت آهي تہ مروان مديني ۾ ابو هريره رضي الله عنه كي پنهنجو جانشين مقرر كيو ۽ پاڻ مكي پاڪ هليو ويو. پوءِ حضررت ابوهريره رضي الله عنه اسان كي جمع نماز جي پهرين ركعت ۾ سوره جمعہ[2] ۽ ٻيءَ ۾ (اذا جآءَڪ المنافقون) پڙهائي، پوءِ چيائين تہ مون رسول الله ﷺ جن كان ٻڌو، پاڻ جمعي ۾ اهي ٻئي سورتون پڙهندا هئا. (مسلم)

(840) وعن النعمان بن بشير قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ في العيدين وفي الجمعة ب ( سبح اسم ربك الأعلى ) و ( هل أتاك حديث الغاشية ) قال : وإذا اجتمع العيد والجمعة في يوم واحد قرأ بهما في الصلاتين . رواه مسلم

نعمان بن بشير رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن عيدين ۽ جمعہ نماز ۾ (سبح اسم ربڪ الاعلي)[3] ۽ (هل اتاڪ حديث الغاشية) پڙهندا هئا. چوي ٿو تہ جڏهن عيد ۽ جمعہ جو ڏينهن گڏ ٿيندا هئا تہ پاڻ اهي ٻئي سورتون هر هڪ نماز ۾ پڙهندا هئا. (مسلم)

(841) وعن عبيد الله : أن عمر بن الخطاب سأل أبا واقد الليثي : ( ما كان يقرأ به رسول الله صلى الله عليه وسلم في الأضحى والفطر ؟ فقال : كان يقرأ فيهما : ب ( ق والقرآن المجيد ) و ( اقتربت الساعة ). رواه مسلم

عبيدالله كان روايت آهي تہ عمر بن خطاب رضي الله عنه واقد ليثي رضي الله عنه كان پڇيو تہ رسول الله ﷺ جن عيدالضحيٰ ۽ عيدالفطر ۾ كهڙيون سورتون پڙهندا هئا. چيائين: ٻنهي ۾ سورت قٓ والقرآن المجيد ۽ اقتربت الساعة (سوره انبياءُ) پڙهندا هئا. (مسلم)

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جمعہ جي ڏينهن فجر جي پهرين ركعت ۾ الم تنزيل ۽ ٻي ركعت ۾ هل اتي علي الانسان پڙهڻ مسنون آهي جڏهن سجدي تي پهچي تڏهن تلاوت جو سجدو بہ كرڻ گهرجي.

[2] _ هن مان معلوم ٿيو تہ جمعہ نماز ۾ سوره جمعہ ۽ منافقون پڙهڻ مسنون آهي.

[3] _ هن مان معلوم ٿيو تہ پاڻ ﷺ جن جو جمعہ جي نماز ۾ عمل مختلف هو هميشہ ساڳيون سورتون نہ پڙهندا هئا. كڏهن الم تنزيل ۽ سورت دهر پڙهندا هئا ۽ كڏهن سورة غاشيہ ۽ سبح اسم پڙهندا هئا.

(842) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم قرأ في ركعتي الفجر : ( قل يا أيها الكافرون ) و ( قل هو الله أحد ) . رواه مسلم

**ابو هريره ﷜ کان روايت آهي تہ ﷺ جن صبح جي ٻنهي رڪعتن ۾** ( قل يا أيها الكافرون ) **۽** ( قل هو الله أحد ) **جي تلاوت ڪئي.**

(843) وعن ابن عباس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ في ركعتي الفجر : ( قولوا آمنا بالله وما أنزل إلينا ) والتي في آل عمران ( قل يا أهل الكتاب تعالوا إلى كلمة سواء بيننا وبينكم ). رواه مسلم

**ابن عباس ر کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ صبح جي ٻنهي رڪعتن ۾ قولو آمنا باالله وما انزل ۽ آل عمران مان قل يا اهل الڪتاب تعالو الیٰ ڪلمة سوآءِ بيننا وبينڪم پڙهندا هئا.** (مسلم)

## ٻيو فصل

(844) عن ابن عباس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يفتتح صلاته ب ( بسم الله الرحمن الرحيم )

رواه الترمذي وقال : هذا حديث ليس إسناده بذاك

**ابن عباس ﷠ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن نماز جي شروعات بسم الله الرحمٰن الرحيم سان** ([1]) **ڪندا هئا. ان کي ترمذيءَ روايت ڪيو ۽ چيائين تہ ان حديث جي سند قوي نہ آهي.**
**فائده:_ هن حديث جي سند ۾ اسماعيل بن حماد راوي مجهول آهي انهيءَ ڪري حديث ضعيف آهي. والله اعلم** (مرعاة ص289ج2)

(845) وعن وائل بن حجر قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ : ( غير المغضوب عليهم ولا الضالين ) فقال : آمين مد بها صوته . رواه الترمذي وأبو داود والدارمي وابن ماجه

**وائل بن حجر ﷜ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو، پاڻ غير المغضوب عليهم والا الضآلين چئي، آمين چيائون ۽ پنهنجو آواز ان سان ڊگهو ڪيائين**([2]) **هن کي ترمذي ابو داؤد دارمي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

---

[1]_ هن مسئلي ۾ يعني فاتحہ پڙهڻ کان اڳ بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهڻ ۾ ڪنهن بہ علماءَ جو اختلاف ڪونهي باقي خلاف هن ڳالهہ ۾ آهي تہ بسم الله آهستي چئجي يا وڏي آواز دراصل ٻئي ڪم جائز آهن.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ آمين وڏي آواز چوڻ مسنون آهي آهستي چوڻ واري حديث ۾ شبه جي خطا آهي: دراصل اتي بہ (مدبها صوته) جو لفظ آهي. قرآن پاڪ جي آيت آهي: ادعو ربڪم تضرعا وخفية (پنهنجي رب کي عاجزي، زاريءَ ۽ خفيہ نموني پڪاريو) يعني لڪي دعائون گهرو. انهيءَ آيت مان هي دليل ونڻ تہ دعا آهستي چوڻ گهرجي

(846) وعن أبي زهير النميري قال : خرجنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم ذات يوم فأتينا على رجل قد ألح في المسألة فقال النبي صلى الله عليه وسلم : أوجب إن ختم " . فقال : رجل من القوم : بأي شيء يختم ؟ قال : " بآمين " . رواه أبو داود

**ابو زهير نميريؓ كان روايت آهي تہ اسين رسول اللهﷺ جن سان گڏ نڪتا سون پوءِ هڪ ماڻهو وٽ آياسون جو دعا گهرڻ ۾ گهڻي عاجزي پيو ڪري.نبي ڪريم ﷺ جن چيو تہ جيڪڏهن انهيءَ ڪان پوءِ مهر هنيائين تہ دعا جي قبوليت واجب ڪرايائين. قوم مان هڪ ماڻهوءَ چيو تہ ڪهڙي شيءِ سان مهر ڪري؟ رسول الله ﷺجن چيو تہ آمين چوي. هن ڪي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ صبيح بن محرز راوي مجهول آهي لهذا حديث ضعيف آهي (مشڪواة_الباني ص268ج1)**

(847) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم صلى المغرب بسورة ( الأعراف ) فرقها في ركعتين . رواه النسائي

**بيبي عائشہؓ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن سانجهي نماز پڙهي. پوءِ ان جي ٻن رڪعتن ۾ سورت اعراف پڙهيائين. هن ڪي نسائي روايت ڪيو آهي.**

(848) وعن عقبة بن عامر قال : كنت أقود لرسول الله صلى الله عليه وسلم ناقته في السفر فقال لي : " يا عقبة ألا أعلمك خير سورتين قرئتا ؟ " فعلمني ( قل أعوذ برب الفلق ) و ( قل أعوذ برب الناس ) قال : فلم يرني سررت بهما جدا فلما نزل لصلاة الصبح صلى بهما صلاة الصبح للناس فلما فرغ التفت إلي فقال : " يا عقبة كيف رأيت ؟ " . رواه أحمد وأبو داود والنسائي

---

سا ڳالهہ ضعيف آهي. ڇاڪاڻ تہ پوءِ فاتحہ بہ آهستي پڙهڻ گهرجي جو اها بہ دعا آهي ۽ آخر ۾ سلام بہ آهستي چوڻ گهرجي ڇو تہ اهو بہ دعا آهي. اللهم انت السلام جا لفظ بہ امام ڪي دل ۾ پڙهڻ گهرجن ڇاڪاڻ تہ اهي بہ دعا آهن ٻڪ ڪٽڻ وقت آمين بہ آهستي چوڻ گهرجي ڇو تہ اها بہ دعا آهي. اهڙي طرح ڪنهن خوشخبري ۽ مبارڪ ڏيڻ وقت جواب ڏيندڙ ڪي آمين آهستي چوڻ گهرجي ڇو تہ اها بہ دعا آهي. انهيءَ ڪري متين آيتن جي معنيٰ تفسير بيضاوي ۽ جلالين جي تحقيق موافق هي آهي تہ تضرُعاً جي معنيٰ وڏي آواز ۽ (خُفْيَةً) جي معنيٰ آهي آهستي. اهڙي صورت ۾ آيت جي معنيءَ ٿيندي تہ پنهنجي رب ڪان دعائون وڏي آواز ۽ آهستي ( بنهي حالتن مان ڪنهن بہ حالت ۾ گهرو) ان ڪان سواءِ قرآن شريف ۾ وڏي آواز دعا گهرڻ جي ثابتي ڪيترن هنڌ آيل آهي جيئن سوره انبياءُ ۾ آهي:(آيت ڪريمه )

عقبه بن عامرؓ کان روايت آهي تہ مسافريءَ ۾ آئون رسول اللهﷺ جن جي ڏاچي ڇڪيندو هوس. مون کي فرمايائين تہ اي عقبه! توکي آئون ٻہ چڱيون سورتون نہ سيکاريان جيکي پڙهيون وڃن ٿيون؟ پوءِ مون کي قل اعوذ برب الفلق ۽ قل اعوذ برب الناس سيکاريائون. پوءِ مونکي انهن جي ڪري گهڻو خوش نہ ڏٺائون تہ جڏهن فجر نماز لاءِ لٿا تہ ماڻهن کي انهن ٻنهي سورتن سان فجر نماز پڙهيائين. پوءِ جڏهن واندا ٿيا، تڏهن مون ڏانهن منهن ڦيرائي چيائين تہ اي عقبه! تو انهن سورتن جي پلائي ڪيئن ڏٺي؟ هن کي ابو داؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.

(849) وعن جابر بن سمرة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقرأ في صلاة المغرب ليلة الجمعة : ( قل يا أيها الكافرون ) و ( قل هو الله أحد ) رواه في شرح السنة

جابر بن سمره ؓ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ سانجهي نماز ([1]) ۾ جمع جي رات قل يا ايهاالڪافرون ۽ قل هوالله احد پڙهندا هئا. هن کي شرح السنه ۾ روايت ڪيو اٿس.

(850) ورواه ابن ماجه عن ابن عمر إلا أنه لم يذكر " ليلة الجمعة ".

۽ ان کي ابن ماجه ابن عمر ؓ کان روايت ڪئي آهي مگر ان ۾ جمعہ جي رات جا الفاظ ذڪر نہ ڪيا اٿس.

فائده_ حديث جي سند ۾ احمد بن بديل راوي حافظي جي اعتبار سان ضعيف آهي(مشڪواة_ الباني ص269ج 1)

(851) وعن عبد الله بن مسعود قال : ما أحصي ما سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ في الركعتين بعد المغرب وفي الركعتين قبل صلاة الفجر : ب ( قل يا أيها الكافرون ) و ( قل هوا لله أحد ). رواه الترمذي

عبدالله بن مسعود ؓ کان روايت آهي چيائين تہ آئون ڳڻي نہ ٿو سگهان ڇاڪاڻ تہ مون رسول اللهﷺ جن کان گهڻا دفعا ٻڌوهو تہ سانجهي نماز کان پوءِ ٻن رڪعتن ۾ قل يا ايهاالڪافرون ۽ فجر کان اڳ ٻن رڪعتن ۾ ([2]) قل هوالله احد پڙهندو هو. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ راوي عبدالملڪ بن وليد ضعيف آهي (مرعاة ص 399ج2)

[1]_ هن حديث مان (قل يا ايها الڪافرون ۽ قل هوالله) جو سانجهي نماز ۾ پڙهڻ مسنون معلوم ٿئي ٿو پر ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪو هميشہ ﷺجن پڙهندا هئا.

[2]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن نمازن ۾ رسول الله ﷺجن گهڻو ڪري اهي سورتون پڙهندا هئا ۽ ٻيون سورتون پڙهڻ بہ ثابت آهن.

(852) ورواه ابن ماجه عن أبي هريرة إلا أنه لم يذكر : " بعد المغرب ".

**۽ ابن ماجہ ان کي ابو هريرهﷺ کان روايت ڪيو آهي مگر ان ۾ بعد المغرب جو ذڪر نہ آهي.**

(853) وعن سليمان بن يسار عن أبي هريرة قال : ما صليت وراء أحد أشبه صلاة برسول الله صلى الله عليه وسلم من فلان . قال سليمان : صليت خلفه فكان يطيل الركعتين الأولين من الظهر ويخفف الأخريين ويخفف العصر ويقرأ في المغرب بقصار المفصل ويقرأ في العشاء بوسط المفصل ويقرأ في الصبح بطوال المفصل . رواه النسائي وروى ابن ماجه إلى ويخفف العصر .

**سليمان بن يسار ابو هريره ﷺ کان روايت ڪئ آهي تہ فلاڻي ([1]) کان سواءِ ٻئي ڪنهن امام جي پويان مون رسول اللهﷺ جن جي مشابهت جهڙي نماز نہ پڙهي. سليمان راوي چوي ٿو تہ پوءِ مون ان ماڻهوءَ جي پويان نماز پڙهي. پوءِ ان اڳين نماز جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ ڊگهي قرائت ڪيائين ۽ پوين ٻن رڪعت ۾ هلڪي قرائت ڪيائين ۽ وچين نماز ۾ بہ هلڪائي ڪندو هو ۽ سانجهي نماز ۾ بہ ننڍيون سورتون پڙهندو هو ۽ سومهڻي نماز ۾ وچوليون([2]) سورتون پڙهندو هو فجر نماز ۾ ڊگهيون سورتون پڙهندو هو. هن کي نسائي روايت ڪيو آهي ۽ ابن ماجہ يخفف العصر تائين روايت ڪئي آهي.**

(854) وعن عبادة بن الصامت قال : كنا خلف النبي صلى الله عليه وسلم في صلاة الفجر فقرأ فثقلت عليه القراءة فلما فرغ قال : " لعلكم تقرؤون خلف إمامكم ؟ " قلنا : نعم يا رسول الله . قال : " لا تفعلوا إلا بفاتحة الكتاب فإنه لا صلاة لمن لم يقرأ بها " . رواه أبو داود والترمذي وللنسائي معناه وفي رواية لأبي داود قال : " وأنا أقول مالي ينازعني القرآن ؟ فلا تقرؤوا بشيء من القرآن إذا جهرت إلا بأم القرآن ".

**عباده بن صامت ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي فجر نماز ۾ نبي ڪريمﷺ جي پويان هئاسون مٿن قرائت ڳوري ٿي. جڏهن واندا ٿيا تہ فرمايائون: شايد اوهين امام جي پٺيان قرائت ڪيو ٿا؟ اسان چيو تہ هائو يا رسول اللهﷺ! فرمايائون: ائين نہ ڪريو، فقط فاتحہ سورت پڙهو چو تہ جيڪو اها نہ پڙهندو تنهنجي نماز نہ ٿيندي. هن کي ابو داؤد ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي ۽**

[1] _ فلاڻي شخص مان مراد عليﷺ آهي ۽ ڪن چيو آهي تہ ڪو ٻيو مدينہ جو حاڪم مراد آهي جنهن کي مروان مقرر ڪيو هو.

[2] _ مفصل سورة حجرات کان وٺي قل اعوذبرب الناس تائين کي چئبو آهي. طوال مفصل يعني وڏيون ۽ ڊگهيون اهي (الحجرات) کان وٺي (البروج)تائين آهن. اوسط مفصل يعني وچوليون (البروج) کان(لم يَكن) واريون سورتون آهن ۽ باقي سورتون قصار مفصل يعني ننڍيون آهن.

**نسائي ۾ ان جي هم معنيٰ روايت آهي ۽ ابو داؤد جي ٻي روايت ۾ آهي،فرمايائون: آئون ٻہ چوان تہ مون کي ڇا ٿيو آهي جو قرآن مون کان پڙهيو نٿو وڃي. تنهن کري جڏهن آئون نماز ۾ جهري قرائت کريان تہ سورة فاتحہ ([1]) کان سواءِ ٻي قرائت نہ کندا کريو.**

(855) وعن أبي هريرة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم انصرف من صلاة جهر فيها بالقراءة فقال : " هل قرأ معي أحد منكم آنفا ؟ " فقال رجل : نعم يا رسول الله قال : " إني أقول : ما لي أنازع القرآن ؟ " . قال فانتهى الناس عن القراءة مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فيما جهر فيه بالقراءة من الصلوات حين سمعوا ذلك من رسول الله صلى الله عليه وسلم " . رواه مالك وأحمد وأبو داود والترمذي والنسائي وروى ابن ماجه نحوه

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن انهيءَ نماز کان: جنهن ۾ وڏي آواز سان قرائت کيائون؛ ان کان سلام ورائي منهن ڦيريو تہ فرمايائون ڇا اوهان مان مون سان گڏ کنهن قرائت کئي؟ هڪ شخص چيو يا رسول الله ﷺ! هائو. فرمايائون تہ آئون ٻہ چوان تہ مونکي ڇا ٿيو آهي قرآن پڙهڻ ۾ مونکي مونجهارو ٿي رهيو آهي. چوي ٿو تہ جڏهن رسول الله ﷺ کان اهو ٻڌائون تہ پوءِ ماڻهو رسول الله ﷺ سان گڏ جهري قرائت واري نماز ۾ قرائت کرڻ کان باز آيا. هن کي مالڪ، احمد، ابو داؤد، ترمذي ۽ نسائي روايت کيو اهي ۽ ابن ماجه پڻ انهيءَ طرح روايت کيو آهي.**

**فائده:_ هي لفظ تہ: قرائت کرڻ کان باز آيا. ابو هريره ﷛ جا نہ آهن بلڪ روايت مدرج آهي (مبارڪپوري)**

(856) وعن ابن عمر والبياضي قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن المصلي يناجي ربه فلينظر ما يناجيه به ولا يجهر بعضكم على بعض بالقرآن " . رواه أحمد

**حضر ابن عمر ۽ بياضي ﷠ کان روايت اهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ بيشڪ نمازي پنهنجي رب سان مناجات کندو آهي. پوءِ ان کي گهرجي تہ غور کري تہ ساڻس مناجات کيئن ٿو کري ۽ اوهان مان کو ٻئي تي قرآن پڙهڻ ۾ آواز بلند نہ کري هن کي احمد روايت کيو آهي.**

[1]_ هن حديث مان صريح معلوم ٿئي ٿو تہ فاتحہ سري خواه جهري نمازن ۾ ضرور پڙهجي. ٻيو قرآن جهري نماز ۾ نہ پڙهيو باقي سري نماز ۾ پڙهي تہ منع کانہ آهي. هن حديث ۾ انهيءَ لاءِ دليل ملي ٿو تہ جيڪو امام جي پويان فاتحہ پڙهڻ جو قائل آهي ۽ حق اهو ئي آهي (آيه فاستمعوا له وانصتوا) ۽ حديث ( اذا قرا الامام فانصتوا عام آهي. ليکن  عباده بن صامت جي حديث خاص آهي انهيءَ کري عام جي خاص سان تخصيص کبي جيئن اصول جو قاعدو آهي ۽ تفصيل سان متي بيان گذريو.

(857) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إنما جعل الإمام ليؤتم به فإذا كبر فكبروا وإذا قرأ فأنصتوا " . رواه أبو داود والنسائي وابن ماجه

**ابو هريره ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ امام ان لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي تہ ان جي پيروي ڪئي وڃي، تنهن ڪري جڏهن امام تڪبير چوي تہ توهان بہ تڪبير چئو ۽ جڏهن امام قرائت ڪري تہ اوهين ماٺ ڪريو[1] هن کي ابو داؤد، نسائي ۽ ابن ماجه روايت ڪيو اهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ راوي ابن عجلان حافظ جي لحاظ کان صحيح نہ آهي، پڻ مدلس آهي. زيد بن اسلم جو ان کان سماع ثابت نہ آهي. تفصيل لاءِ ڏسو مرعاة ص 408_409ج2.**

(858) وعن عبد الله بن أبي أوفى قال : جاء رجل إلى النبي صلى الله عليه وسلم فقال : إني لا أستطيع أن آخذ من القرآن شيئا فعلمني ما يجزئني قال : " قل سبحان الله والحمد لله ولا إله إلا الله والله أكبر ولا حول ولا قوة إلا بالله " . قال : يا رسول الله هذا لله فما ذا لي ؟ قال : " قل اللهم ارحمني وعافني واهدني وارزقني " . فقال هكذا بيديه وقبضهما . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أما هذا فقد ملأ يديه من الخير " . رواه أبو داود وانتهت رواية النسائي عند قوله : " إلا بالله " .

**عبدالله بن ابي اوفيﷺ كان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن وٽ هڪ ماڻهو آيو. چيائين تہ آئون طاقت نہ ٿو رکان جو قرآن شريف مان ڪجهہ ياد ڪري سگهان، تنهن ڪري مون لاءِ جيڪي ڪافي ٿئي سو مون کي سيکاريو، فرمايائون: چؤ الله پاڪ آهي ۽ سڀ تعريف الله لاءِ آهي ۽ الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي ۽ الله وڏو آهي ۽ گناهہ کان ڦرڻ ۽ عبادت جي طاقت الله جي مدد کان سواءِ نہ آهي. ان چيو تہ اي رسول اللهﷺ هي الله تعاليٰ لاءِ آهي، مون لاءِ ڇا آهي؟ فرمايائون چؤ تہ منهنجا الله! مون تي رحم ڪر ۽ مون کي تندرستي عطا فرماءِ ۽ مون کي هدايت ڪر ۽ مون کي رزق ڏي. راوي چوي ٿو تہ پوءِ ان ٻئي هٿ دعا وانگر کولي انهن کي بند ڪيو. رسول اللهﷺ جن فرمايو: ان پنهنجا ٻئي هٿ نيڪيءَ سان ڀريا هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي ۽نسائيءَ جي روايت هن لفظن تائين پوري ٿي: "ولاحول ولا قوة الا بالله"**

(859) وعن ابن عباس رضي الله عنهما : أن النبي صلى الله عليه وسلم : كان إذا قرأ ( سبح اسم ربك الأعلى ) قال : ( سبحان ربي الأعلى ). رواه أحمد وأبو داود

**[1]_ هن ۾ عام قرائت جي منع آهي حديث عباده بن صامت جي سان تخصيص ٿيل آهي. هن حديث عام آهي عباده جي حديث خاص آهي (من كان له امام فقراة الامام له قراء ) هن حديث بابت فتح الباريءَ ۾ آهي تہ ضعيف آهي.**

ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ جڏهن نبي ڪريم ﷺ سبح اسم ربک الاعلي پڙهندا هئا تہ سبحان ربي الاعليٰ[1] چوندا هئا هن کي احمد ۽ ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

(860) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من قرأ منكم ب ( التين والزيتون ) فانتهى إلى ( أليس الله بأحكم الحاكمين ) فليقل : بلى وأنا على ذلك من الشاهدين . ومن قرأ : ( لا أقسم بيوم القيامة ) فانتهى إلى ( أليس ذلك بقادر على أن يحيي الموتى ) فليقل بلى . ومن قرأ ( والمرسلات ) فبلغ : ( فبأي حديث بعده يؤمنون ) فليقل : آمنا بالله " . رواه أبو داود والترمذي إلى قوله : ( وأنا على ذلك من الشاهدين ).

ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪو (والتين والزيتون) پڙهي تہ جڏهن (اليس الله باحڪم الحاڪمين) تي پهچي تہ چوي: آئون انهيءَ تي شاهدن مان آهين ۽ جيوو سورة لاأقسم بيوم القيامة پڙهي، جڏهن اليس ذالک بقادر علي ان يحيي الموتيٰ تي پهچي تہ ان کي گهرجي تہ چوي بلي يعني هائو ۽ جيڪو سورت والمرسلات پڙهي پوءِ فباي حديث بعده يومنون تي پهچي تہ چوي آمنا بالله (اسان الله تي ايمان آندو) هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي ان کي وانا علي ذالک من الشاهدين تائين روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حديث ضعيف آهي، اعرابي مجهول آهي. (مشڪوٰة_الباني ص 272ج1)

(861) وعن جابر رضي الله عنه قال : خرج رسول الله صلى الله عليه وسلم على أصحابه فقرأ عليهم سورة الرحمن من أولها إلى آخرها فسكتوا فقال : " لقد قرأتها على الجن ليلة الجن فكانوا أحسن مردودا منكم كنت كلما أتيت على قوله ( فبأي آلاء ربكما تكذبان ) قالوا لا بشيء من نعمك ربنا نكذب فلك الحمد " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب.

جابرؓ کان روايت اهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي اصحابن وٽ آيا، پوءِ انهن وٽ الرحمٰن سورت شروع کان پڇاڙي تائين پڙهيائون. اصحابي ماٺ ۾ هئا. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق اها سورت مون جنن وٽ پڙهي، پوءِ اهي جواب ڏيڻ ۾ اوهان کان چڱا هئا جو جڏهن الله تعاليٰ جي فرمان ”پوءِ اي جنو! ۽ انسانو! اوهين پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندئو“ تي پئي آيس تہ انهن چيو: اي رب تنهنجي نعمتن مان ڪنهن بہ شيءِ جو اسين انڪار نٿا ڪريون، تنهنجي لاءِ ئي تعريف آهي. هن کي ترمذي روايت ڪيو ۽ چيائين تہ هي حديث غريب آهي.

## فصل ٽيون

[1]_ سُبحان ربي الاعليٰ جن سان پاڻ ﷺ جن اللهُ پاڪ جي حڪم جي بجا آوري ڪندا هئا.

(862) عن معاذ بن عبد الله الجهني قال : إن رجلا من جهينة أخبره أنه سمع رسول الله صلى الله عليه وسلم : قرأ في الصبح ( إذا زلزلت ) في الركعتين كلتهما فلا أدري أنسي أم قرأ ذلك عمدا . رواه أبو داود

**معاذ بن عبدالله جهني رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جهني قبيلي جي هڪ ماڻهو ڪيس خبر ڏني تہ انهيءَ رسول الله ﷺ جن کي صبح جي نماز جي ٻنهي رڪعتن ۾ اذازلزلت الارض جي قرائت ڪندو ٻڌو مون کي خبر نہ آهي تہ ڀلجي ويا يا ڄاڻي واڻي ائين پڙهيائين[1] هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

(863) وعن عروة قال : إن أبا بكر الصديق رضي الله عنه صلى الصبح فقرأ فيهما ب ( سورة البقرة ) في الركعتين كلتيهما . رواه مالك

**عروه کان روايت آهي تہ ابوبڪر صديق رضي الله عنه صبح نماز پڙهائي پوءِ ٻنهي رڪعتن ۾ سوره بقره پڙهيائين[2] هن کي مالڪ روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ عروه جي ابوبڪر رضي الله عنه سان ملاقات ثابت نہ آهي(مشڪوة_الباني ص 274ج1)**

(864) وعن الفرافصة بن عمير الحنفي قال : ما أخذت سورة يوسف إلا من قراءة عثمان بن عفان إياها في الصبح ومن كثرة ما كان يرددها . رواه مالك

**فرافصہ بن عمير حنفي کان روايت آهي تہ مون سوره يوسف عثمان بن عفان رضي الله عنه کان سکي جو صبح نماز ۾ گهڻو ڪري پڙهندو هو هن کي مالڪ روايت ڪيو آهي.**

(865) وعن عبد الله بن عامر بن ربيعة قال : صلينا وراء عمر ابن الخطاب الصبح فقرأ فيهما بسورة يوسف وسورة الحج قراءة بطيئة قيل له : إذا لقد كان يقوم حين يطلع الفجر قال : أجل . رواه مالك

**عبدالله بن عامر بن ربيعہ کان روايت آهي تہ اسان عمر بن خطاب رضي الله عنه جي پٺيان صبح نماز پڙهي پوءِ ٻنهي رڪعتن ۾ سوره يوسف ۽ سوره حج آهستي آهستي پڙهيائين. ان کي چيو ويو تہ تڏهن تہ پاڻ فجر ٿيندي ئي نماز جي لاءِ ڪڙو ٿيندو هوندو؟ چيائين تہ هائو! هن کي مالڪ روايت ڪيو آهي.**

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ٻنهي رڪعتن ۾ ساڳي سورت پڙهڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي.
[2]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ صبح جي نماز پرهہ ڦٽڻ شرط پڙهڻ گهرجي دير ڪرڻ مسنون طريقو نہ آهي.

(866) وعن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده قال : ما من المفصل سورة صغيرة ولا كبيرة إلا قد سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يؤم بها الناس في الصلاة المكتوبة . رواه مالك

**عمرو بن شعيب پنهنجي پيءُ کان ۽ اهو سندس ڏاڏي کان روايت ٿو ڪري تہ هر مفصل سوره خواه ننڍي هجي يا وڏي مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌي، جو فرضي نماز ۾ انهن سان ماڻهن جي امامت ڪندا هئا هن کي مالک روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ اها حديث موطا مالک ۾ نہ، بلک ابوداؤد ۾ آهي. سند ۾ محمد بن اسحاق راوي مدلس آهي انهيءَ حديث کي لفظ "حدثنا" سان روايت نہ ڪيو آهي (مشڪوٰة الباني ص 274ج1)**

(867) وعن عبد الله بن عتبة بن مسعود قال : قرأ رسول الله صلى الله عليه وسلم في صلاة المغرب ب ( حم الدخان ). رواه النسائي مرسلا

**عبدالله بن عتبہ بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن سانجهي نماز ۾ حٰمٓ، دخان پڙهي نسائي اها حديث مرسل بيان ڪئي آهي.**

**فائده:_ سند جا راوي اعتبار جوڳا آهن ليڪن ان جي سند ۾ ارسال آهي يعني صحابيءَ جو ذڪر نہ آهي.**

# رڪوع جو بيان([1])

## فصل پهريون

(868) عن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم: "أقيموا الركوع والسجود فوالله إني لأراكم من بعدي".

**انس ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ رڪوع ۽ سجدا سڌا ڪريو. الله تعاليٰ جو قسم تہ آئون توهان کي پنهنجي پويان ڏسان پيو ([2]) متفق عليه.**

(869) وعن البراء قال : كان ركوع النبي صلى الله عليه وسلم وسجوده وبين السجدتين وإذا رفع من الركوع ما خلا القيام والقعود قريبا من السواء.

**براءَ ﷺ ڪان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جو رڪوع ۽ سجدو ۽ ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ويهڻ ۽ رڪوع ڪان مٿو مٿي ڪڻڻ (قيام ۽ ويهڻ ڪان سواءِ) هڪ جهڙا هوندا هئا([3]) متفق عليه.**

(870) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا قال : " سمع الله لمن حمده " قام حتى نقول : قد أوهم ثم يسجد ويقعد بين السجدتين حتى نقول : قد أوهم . رواه مسلم

**انس ﷺ ڪان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ جڏهن سمع الله لمن حمده چوندا هئا تڏهن ايترو گهڻو وقت بيهندا هئا جو اسين دل ۾ چوندا هئا سين تہ شايد ڪنهن ويچار ۾ آهن. پوءِ جڏهن سجدو ڪندا هئا تڏهن ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ايترو گهڻو بيهندا هئا جو اسين دل ۾ چوندا هئا سين تہ شايد ڪنهن ويچار ۾ آهن هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(871) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يكثر أن يقول في ركوعه وسجوده : " سبحانك اللهم ربنا وبحمدك اللهم اغفر لي " يتأول القرآن.

---

[1]_ لغت ۾ "رڪوع" هيٺ جهڪڻ کي چئبو آهي۽ رڪوع نماز جو رڪن آهي. سندس فرضيت قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي ۽ اسان مسلمانن جي نماز ۾ ئي رڪوع آهي. ٻين امتن جي نماز ۾ رڪوع ڪونہ هو مگر علي قاري لکي ٿو تہ قرآن شريف مان ٻين امتن جي نماز ۾ رڪوع هجڻ جي ثابتي ملي ٿي جيئن فرشتن مريم کي فرمايو:( واركعي مع الراكعين) يعني رڪوع ڪندڙن سان گڏجي رڪوع ڪر.

[2]_ هي رسول الله ﷺ جن جو معجزو هو جنهن جي تحقيقات باب صفة الصلاة جي فصل 3 ۾ بيان ٿيل آهي.

[3]_ يعني اهي چار ڪم برابر هئا باقي قيام ۽ التحيات پڙهڻ وارو عرصو ڪجهہ ڊگهو هو.

**ام المؤمنين عائشه ﷞ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ پنهنجي رڪوع ۽ سجدي ۾ گهڻو ڪري چوندا هئا: اي منهنجا رب! تون پاڪ آهين ۽ تنهنجي پاڪائي تنهنجي تعريف سان بيان ڪريون ٿا اي منهنجا الله ! منهنجي بخشش فرماءِ (1) قرآن جي موافقت ڪندا هئا هن کي بخاري ۽ مسلم روايت ڪيو آهي.**

(872) وعنها أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يقول في ركوعه وسجوده : " سبوح قدوس رب الملائكة والروح " . رواه مسلم

**ام المؤمنين عائشه ﷞ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ پنهنجي رڪوع ۽ سجدي ۾ چوندا هئا: گهڻو پاڪ آهي، نهايت پاڪ آهي ملائڪن ۽ جبريل ؈ (2) جو پالڻهار ـهن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(873) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ألا إني نهيت أن أقرأ القرآن راكعا أو ساجدا فأما الركوع فعظموا فيه الرب وأما السجود فاجتهدوا في الدعاء فقمن أن يستجاب لكم " . رواه مسلم

**ابن عباس ﷠ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته خبردار رهو مون کي رڪوع ۽ سجدي ۾ قرآن پڙهڻ کان منع ڪئي وئي آهي رڪوع ۾ رب سائين جي وڏائي بيان ڪريو ۽ سجدي ۾ وڌ ۾ وڌ دعا گهرو ته مناسب آهي ته(3) دعا قبول ڪئي وڃي . هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(874) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قال الإمام : سمع الله لمن حمده فقولوا : اللهم ربنا لك الحمد فإنه من وافق قوله قول الملائكة غفر له ما تقدم من ذنبه ".

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن امام چوي: سمع الله لمن حمده اوهين چئو: ربنا لک الحمد پوءِ جنهن ماڻهو جو اهو چوڻ ملائڪن جي چوڻ سان موافق ٿيوته ان جا اڳيان گناهه بخشيا ويندا متفق عليه.**

---

[1] ـ الله پاڪ فرمائي ٿو: (فسبح بحمدي ربک وستغفرهُ) ان حڪم کي بجا آڻڻ لاءِ رڪوع ۽ سجدي ۾ تسبيح يعني ﷲ جي تعريف ۽ استغفار يعني بخشش گهرندا هئا.

[2] ـ روح مان مراد جبرئيل؈ آهي.

[3] ـ هن حديث مان رڪوع خواه سجدي ۾ قرآن شريف پڙهڻ جي منع معلوم ٿي .

(875) وعن عبد الله بن أبي أوفى قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا رفع ظهره من الركوع قال : " سمع الله لمن حمده اللهم ربنا لك الحمد ملء السماوات وملء الأرض وملء ما شئت من شيء بعد " . رواه مسلم

**عبد الله بن ابي اوفيٰ ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن رڪوع کان مٿو مٿي ڪڻندا هئا تڏهن چوندا هئا جنهن الله جي واکاڻ ڪئي ان جي الله ٻڌي، اي الله رب اسانجا تو لا ۽ واکاڻ آهي آسمانن جي ڀراءَ جيتري ۽ زمين جي ڀراءَ جيتري ۽ پڻ جيڪا شيءِ هن کان پوءِ پيدا ڪرڻ گهرين انهيءَ جي ڀراءَ جيتري تولاءِ واکاڻ آهي هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(876) وعن أبي سعيد الخدري قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا رفع رأسه من الركوع قال : " اللهم ربنا لك الحمد ملء السماوات وملء الأرض وملء ما شئت من شيء بعد أهل الثناء والمجد أحق ما قال العبد وكلنا لك عبد اللهم لا مانع لما أعطيت ولا معطي لما منعت ولا ينفع ذا الجد منك الجد " . رواه مسلم

**ابو سعيد خدري ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن رڪوع مان مٿو مٿي ڪڻندا هئا تہ چوندا هئا: اي رب اسان جا تو لاءِ واکاڻ آهي آسمانن جي ڀراءَ جيتري ۽ زمين جي ڀراءَ جيتري ۽ پڻ جيڪا شيءِ هن کان پوءِ پيدا ڪرڻ گهرين انهيءَ جي ڀراءَ جيتري تو لاءِ واکاڻ آهي اي تعريف ۽ بزرگي جا لائق جيڪي ٻانهو تنهنجي تعريف ڪري ،تون ان کان وڌيڪ لائق آهين ۽ اسين سڀ تنهنجا ٻانها آهيون. اي منهنجا الله! تون جنهن کي ڏين تنهن کي ڪوبہ روڪڻ وارو نہ آهي ۽ جنهن کي روڪين تنهن کي ڪو بہ ڏيڻ وارو نہ آهي . ۽ شاهوڪارکي ان جي شاهو ڪاري کان تنهنجي مقابلي ۾ ڪو فائدو نہ ٿي ڏئي سگهي[1] هن کي مسلم روايت ڪيوآهي.**

(877) وعن رفاعة بن رافع قال : كنا نصلي وراء النبي صلى الله عليه وسلم فلما رفع رأسه من الركعة قال : " سمع الله لمن حمده " . فقال رجل وراءه : ربنا ولك الحمد حمدا كثيرا طيبا مباركا فيه فلما انصرف قال : " من المتكلم آنفا ؟ " قال : أنا . قال : " رأيت بضعة وثلاثين ملكا يبتدرونها أيهم يكتبها أول " . رواه البخاري

**رفاعة بن رافع ﷜ کان روايت آهي تہ اسان نبي ڪريمﷺ جن جي پويان نماز پڙهي پوءِ جڏهن پنهنجو مٿو رڪوع کان مٿي ڪنيائون تہ چيائين: جنهن الله جي واکاڻ ڪئي ان جي الله ٻڌي. هڪ ماڻهو جو سندن پنيان هو. ان چيو تہ اي رب اسان جا! تولاءِ واکاڻ آهي واکاڻ تمام گهڻي، پاڪيزه، برڪت ڀري_ جڏهن ﷺ جن نماز کان واندا ٿيا تہ فرمايائون تہ هي ڳالهائڻ وارو ڪير هو؟ هڪ ماڻهو چيو تہ آئون هوس تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مون 30_ ۽ ڪجهہ وڌيڪ ملائڪ ڏٺا جن انهيءَ کي لکڻ ۾ اڳرائي پئي ڪئي. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

[1]_يعني غنيءَ کي سندس دولت فائدو ڪونہ ڏيندي بلڪ سندس صالح عمل ڪيس فائدو ڏيندا.

## فصل ٻيون

(878) عن أبي مسعود الأنصاري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تجزئ صلاة الرجل حتى يقيم ظهره في الركوع والسجود " . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وابن ماجه والدارمي وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح.

**ابن مسعود انصاري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيسين ڪوبہ ماڻهو پنهنجي رڪوع ۽ سجدي کان سڌي نہ ڪندو تيسين ان جي نماز صحيح نہ ٿيندي. هن کي ابو داؤد، ترميذي ، نسائي، ابن ماجہ ، دارمي روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي چيو آهي تہ هيءَ حديث حسن صحيح آهي.**

(879)وعن عقبة بن عامر قال : لما نزلت ( فسبح باسم ربك العظيم )

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اجعلوها في ركوعكم " فلما نزلت ( سبح اسم ربك الأعلى )

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اجعلوها في سجودكم " . رواه أبو داود وابن ماجه والدارمي.

**عقبه بن عامر ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي: پنهنجي پرورد گار وڏي جي نالي سان ان جي پاڪائي بيان ڪر، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هن آيت جو مضمون اوهان پنهنجي رڪوع ۾ شامل ڪريو[1] پوءِ جڏهن آيت نازل ٿي: پنهنجي رب مٿاهين جي نالي سان ان جي پاڪائي بيان ڪريو تڏهن جن فرمايو تہ انهيءَ مضمون کي اوهان پنهنجي سجدن ۾ بيان ڪريو.[2] هن کي ابو داؤد، ابن ماجه ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

**(880)وعن عون بن عبد الله عن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا ركع أحدكم فقال في ركوعه : سبحان ربي العظيم ثلاث مرات فقد تم ركوعه وذلك أدناه وإذا سجد فقال في سجوده سبحان ربي الأعلى ثلاث مرات فقد تم سجوده وذلك أدناه " . رواه الترمذي وأبو داود ابن ماجه . وقال الترمذي : ليس إسناده بمتصل لأن عونا لم يلق ابن مسعود.**

(880) **عون بن عبدالله ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي ڪري ٿو تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪو رڪوع ڪري تڏهن پنهنجي رڪوع ۾ ٽي دفعا (سُبحان ربي العظيم) چوي (ائين ڪرڻ سان) ان بيشڪ پنهنجو رڪوع پورو ڪيائين ۽ اهو سڀ کان گهٽ[3] درجو آهي ۽ جڏهن سجدو ڪري، تڏهن پنهنجي سجدي ۾ ٽي دفعا (سبحان ربي الاعلي) چوي تہ**

---

[1] _ يعني (سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡعَظِيۡمُ) رڪوع ۾ چؤ.

[2] _ يعني سجدن ۾ (سُبۡحَانَ رَبِّيَ الاعليٰ) چؤ.

[3] _ سنت جي ادنيءَ درجي جو عدد 3 آهي ۽ وچولي درجي جو 5 آهي ۽ اعليٰ درجي جو ست دفعا آهي ۽ نهايت ڪمال درجي جي ڪابہ حدا ڪانهي. ڪن چيو اهي تہ قيام جي مقدار برابر ڪمال سنت جي حد آهي پر امام کي مقتدين جي رعايت ڪرڻ لازم آهي.

ائين چوڻ سان بيشڪ پنهنجو سجدو پورو ڪيائين.اهو سڀ کان گهٽ([1]) درجو آهي.هن کي ترمذي، ابو داؤد ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي چيو ته ان جي سند متصل نه آهي ڇو ته عون بن عبدالله ابن مسعودﷺ سان ملاقات نه ڪئي آهي.

فائدو_ حديث جي سند ۾ انقطاع آهي. پڻ عون بن عبدالله کان روايت ڪندڙ اسحاق بن يزيد مجهول راوي آهي(مرعاة ص 436ج2)

**(881)**وعن حذيفة : أنه صلى مع النبي صلى الله عليه وسلم فكان يقول في ركوعه : " سبحان ربي العظيم " وفي سجوده : " سبحان ربي الأعلى " . وما أتى على آية رحمة إلا وقف وسأل وما أتى على آية عذاب إلا وقف وتعوذ . رواه الترمذي وأبو داود والدارمي وروى النسائي وابن ماجه إلى قوله : " الأعلى " . وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح.

(881) حزيفهﷺ کان روايت آهي ته تحقيق ان نبي ڪريم ﷺ سان گڏ نماز پڙهي،پاڻ رڪوع ۾ (سبحان ربي العظيم) ۽ سجدي ۾ (سبحان ربي الاعلي) چوندا هئا ۽ جڏهن ڪنهن رحمت جي آيت تي ايندا هئا ته بيهندا هئا ۽ دعا گهرندا هئا_ جڏهن ڪنهن عذاب جي آيت تي ايندا هئا ته بيهندا هئا ۽ عذاب کان پناهه گهرندا هئا. هن کي ترمذي، ابو داؤد ۽ دارمي روايت ڪيو آهي. نسائي ۽ ابن ماجه ان کي لفظ "الاعلي" تائين روايت ڪيو ۽ ترمذي چيوآهي ته هيءَ حديث حسن صحيح آهي.

## فصل ٽيون

**(882)**عن عوف بن مالك قال : قمت مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فلما ركع مكث قدر سورة البقرة ويقول في ركوعه : " سبحان ذي الجبروت والملكوت والكبرياء والعظمة " . رواه النسائي .

(882) عوف بن مالڪﷺ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن سان گڏ نماز پڙهي.پوءِ جڏهن رڪوع ڪيائين ته سوره بقره جي مقدار مطابقا([2]) ترسيا ۽ رڪوع ۾ فرمايائون: (سبحان ذي الجبروت والملكوت والكبرياءِ والعظمة) هن کي نسائي روايت ڪيو آهي.

**(883)**وعن ابن جبير قال : سمعت أنس بن مالك يقول : ما صليت وراء أحد بعد رسول الله صلى الله عليه وسلم أشبه صلاة بصلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم من هذا الفتى يعني عمر بن عبد العزيز قال : قال : فحزرنا ركوعه عشر تسبيحات وسجوده عشر تسبيحات . رواه أبو داود والنسائي.

(883)ابن جبير کان روايت آهي ته مون انس بن مالڪ کان ٻڌو چيائين ته مون رسول الله ﷺ جن کان پوءِ ڪابه نماز رسول اللهﷺ جن جي نماز سان مشابهت رکندڙ هن

[1]_ علي قاري لکي ٿو ته فرض ۾ اهڙين آيت پڙهڻ وقت دعا گهرڻ مستحب آهي نماز فرضي خواه نفلي هجي، امام هجي خواه مقتدي؛ ٻنهي کي دعا گهرڻ گهرجي.

[2]_ هي نماز شايد تهجد جي هئي يا سج گرهڻ واري هئي.

**نوجوان_يعني عمر بن عبدالعزيز_کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي پويان نہ پڙهي.چيائين: انس چيو تہ اسان رسول الله ﷺ جن جي رڪوع جو اندازو ڏهہ دفعا سبحان الله چوڻ جيترو ۽ سندس سجدو بہ ڏهہ دفعا سبحان الله چوڻ جيترو هو.هن کي ابو داؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

**فائدو:_حديث ضعيف آهي ان ۾ وهاب بن مانوس راوي مجهول الحال آهي(مشڪواة_الباني ص278ج1)**

(884)وعن شقيق قال : إن حذيفة رأى رجلا لا يتم ركوعه ولا سجوده فلما قضى صلاته دعاه فقال له حذيفة : ما صليت . قال : وأحسبه قال : ولو مت مت على غير الفطرة التي فطر الله محمدا صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري .

(884) **شقيق کان روايت آهي تہ حذيفہ هڪ شخص کي ڏٺو جنهن پنهنجا رڪوع ۽ سجدا پوري طرح ادا نہ پئي ڪيا. نماز پوري ڪيائين تہ ان کي سڏي چيائين تہ تو نماز نہ پڙهي آهي. چوي ٿو تہ آئون ڀانيان ٿو تہ ڪيس هي بہ چيائين تہ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مئين تہ جنهن دين تي محمد ﷺ جن کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي ان کان سواءِ ٻئي دين تي([1]) مرندين. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(885) وعن أبي قتادة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أسوأ الناس سرقة الذي يسرق من صلاته " . قالوا : يا رسول الله وكيف يسرق من صلاته ؟ قال : لا يتم ركوعها ولا سجودها " . رواه أحمد

**ابو قتاده رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ ماڻهن ۾ بڇڙو چور([2]) اهو آهي جو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري. اصحابن چيو تہ اي الله جا رسول ﷺ !ڪهڙي طرح پنهنجي نماز جي چوري ڪندو؟ فرمايائون: پنهنجا رڪوع ۽ سجدا پوريءَ طرح ادا نہ ڪري، هن کي احمد رويت ڪيو آهي.**

(886) وعن النعمان بن مرة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : ما ترون في الشارب والزاني والسارق ؟ " وذلك قبل أن تنزل فيهم الحدود قالوا : الله ورسوله أعلم . قال : " هن فواحش وفيهن عقوبة وأسوأ السرقة الذي يسرق من صلاته " . قالوا : وكيف يسرق م صلاته يا رسول الله ؟ قال : " لا يتم ركوعها ولا سجودها " . رواه مالك وأحمد وروى الدارمي نحوه.

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جڏهن نماز جا رڪن پوري طرح ادا نہ ڪندڙ جو سمار مسلمانيءَ ۾ نہ آهي. تہ جيڪي نماز نٿا پڙهن، سي ڪافر شمار ڪرڻ جوڳا آهن. اصحاب سڳورا نماز نہ پڙهندڙ کي ڪافر شمار ڪندا هئا.

[2]_ هن کي بڇڙو چور انهيءَ ڪري چيو ويو آهي جو مال جو چور دنيا ۾ مال مان فائدو وٺندو آهي. مگر هيءَ نماز جو چور پنهنجو ثواب وڃائي عذاب هن ڪندو آهي.

نعمان بن مره کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته شرابي، زاني ۽ چور جي باري ۾ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ ـ اهو حدود ۽ احڪام نازل ٿيڻ کان اڳ پڇيائون_ اصحابن چيو ته الله ۽ ان جو رسول ﷺ وڌيڪ ڄاڻن ٿا. فرمايائون: اهي ڪبيرا گناھ آهن ۽ انهن تي سزا آهي. ليڪن بڇڙو چور اهو آهي جيڪو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري. اصحابن چيو ته يا رسول الله ﷺ ڪهڙي طرح پنهنجي نماز ۾ چوري ڪندو؟ ﷺ جن فرمايو ته جيڪو پنهنجا رڪوع ۽ سجدا پوريءَ طرح ادا نه ڪري (ته نماز ۾ چوري ڪيائين) هن کي مالڪ ۽ احمد روايت ڪيو آهي ۽ دارميءَ پڻ ان طرح بيان ڪيو.

# سجدن ۽ انهن جي فضيلت جو بيان

## فصل پهريون

(887) عن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أمرت أن أسجد على سبعة أعظم على الجبهة واليدين والركبتين وأطراف القدمين ولا نكفت الثياب ولا الشعر "

ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته مون کي ستن[1] هڏين تي سجدي ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي، پيشاني، ٻنهي هٿن ۽ ٻنهي گوڏن ۽ ٻنهي پيرن جي آڱرين تي ۽ (پڻ حڪم ڪيو ويو آهي ته) ڪپڙن ۽ وارن[2] کي گڏ نه ڪريون. بخاري مسلم.

(888) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اعتدلوا في السجود ولا يبسط أحدكم ذراعيه انبساط الكلب "

۽ انس ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله جن فرمايو ته سجدن ۾ اعتدال ڪريو ۽ توهان مان ڪو پنهنجيون ٻانهون ڪتي وانگر نه ڦهلائي (بخاري مسلم)

(889)

براءَ بن عازب ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن تون سجدو ڪرين ته پنهنجا ٻئي هٿ (زمين تي) رک ۽ پنهنجيون ٺونيون (زمين کان) مٿي ڪر. (مسلم)

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته ستن عضون تي سجدو ڪرڻ واجب آهي ۽ فقط پيشاني تي بس نه ڪري.

[2] _ مٽي ۾ پرجڻ جي خوف کان ڪپڙن کي مٽي نه ڪيسجي ۽ وارن کي مُٺ ڪري پٺڪي اندر ٻڌڻ نه گهرجي، بلڪ چوڙي ڇڏجن ته اهي به سجدو ڪن.

(890) وعن ميمونة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا سجد جافى بين يديه حتى لو أن بهمة أرادت أن تمر تحت يديه مرت . هذا لفظ أبي داود كما صرح في شرح السنة بإسناده

ولمسلم بمعناه : قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا سجد لو شاءت بهمة أن تمر بين يديه لمرت .

**ام المؤمنين ميمونہ ﷺ كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جڏهن سجدو كندا هئا تہ ٻنهي هٿن جي وچ ۾ كشادگي رکندا هئا تانجو ٻكريءَ جو ڦر جيكڏهن سندن هٿن جي هيٺيان لنگهڻ جو ارادو كري تہ لنگهي سگهي. اهي الفاظ جيئن شرح السنه ان جي سند ۾ صراحت كئي آهي؛ ابو داؤد جا آهن.**

**مسلم ۾ بہ انهيءَ معنيٰ ۾ روايت آهي (ام المؤمنين) فرمائي ٿي تہ جڏهن نبي ﷺجن سجدو كندا هئا تہ جيكڏهن ٻكريءَ جو ٻچو سندن هٿن هيٺان لنگهڻ گهري تہ هوند لنگهي وڃي**

(891) وعن عبد الله بن مالك بن بحينة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا سجد فرج بين يديه حتى يبدو بياض إبطيه .

**عبد الله بن مالک بن بحينه ﷺ كان روايت آهي تہ نبي كريم ﷺ جن جڏهن سجدو فرمائيندا هئا تہ پنهنجيون ٻانهون اهڙي طرح كوليندا هئا جو سندن بغلن جي اڇاڻ ظاهر ٿيندي هئي.(بخاري مسلم) .**

(892) وعن أبي هريرة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقول في سجوده : " اللهم اغفر لي ذنبي كله دقه وجله وأوله وآخره وعلانيته وسره " . رواه مسلم

**ابو هريره ﷺ كان روايت آهي تہ نبيﷺ جن پنهنجي سجدن ۾ هيءَ دعا گهرندا هئا: اي منهنجا ﷲ! مون كي منهنجا ننڍا خواه وڏا، پهريان ۽ پويان ظاهري[1] ۽ ڳجها سڀ گناه معاف فرماءِ (مسلم)**

(893) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : فقدت رسول الله صلى الله عليه وسلم ليلة من الفراش فالتمسته فوقعت يدي على بطن قدميه وهو في المسجد وهما منصوبتان وهو يقول : " اللهم إني أعوذ برضاك من سخطك وبمعافاتك من عقوبتك وأعوذ بك منك لا أحصي ثناء عليك أنت كما أثنيت على نفسك " . رواه مسلم

**عائشہ ﷺ كان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن كي هک رات هنڌ تي موجود نہ پاتو. كين تلاش كيم پوءِ منهنجا هٿ سندن پيرن جي تري كي وڃي لڳا. پاڻ سجدي ۾ هئا ۽ سند ٻئي پير ايا هئا ۽ پاڻ چئي رهيا هئا: اي منهنجا ﷲ! آئون تنهنجي رضا منديءَ سان تنهنجي غضب كان ۽ تنهنجي بخشش سان تنهنجي سزا كان پناه گهران ٿو ۽ توسان تنهن جي پناه وٺان ٿو ۽**

[1]_ باطني يعني لكيل گناه أهي آهن، جيكي ٻانهن كان مخفي ۽ لكيل رهن. مگر ظاهر آهي تہ ﷲ تعاليٰ كان كوبہ گناه لكيل نہ رهندو آهي.

تنهنجي تعريف ڳڻي نٿو سگهان. تون ائين ئي آهين جيئن تو پنهنجي تعريف پاڻ فرمائي آهي.([1]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(894) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أقرب ما يكون العبد من ربه وهو ساجد فأكثروا الدعاء " . رواه مسلم

ابو هريرهﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته ٻانهو سجدي ۾ پنهنجي رب کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو هوندو آهي پوءِ (ان حالت ۾) وڌ ۾ وڌ دعا گهرو (مسلم)

(895) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قرأ ابن آدم السجدة فسجد اعتزل الشيطان يبكي يقول : يا ويلتي أمر ابن آدم بالسجود فسجد فله الجنة وأمرت بالسجود فأبيت فلي النار " . رواه مسلم

پڻ ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن آدم جو اولاد سجده(جي آيت) پڙهندو آهي، پوءِ سجدو ڪندو آهي ته شيطان ان کان الڳ ٿيندو آهي ۽ روئيندو آهي ۽ چوندو آهي ته هاءِ ارمان! آدم جي اولاد کي سجدي جو حڪم ڪيو ويو، ان سجدو ڪيو، جنهن ڪري انکي جنت نصيب ٿي ۽ مون کي سجدي جو حڪم ڪيو ويو، مون انڪار ڪيو تنهن ڪري منهنجي([2]) لاءِ دوزخ آهي. (مسلم) .

(896) وعن ربيعة بن كعب قال : كنت أبيت مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فأتيته بوضوئه وحاجته فقال لي : " سل " فقلت : أسألك مرافقتك في الجنة . قال : " أو غير ذلك ؟ " . قلت هو ذاك . قال : " فأعني على نفسك بكثرة السجود " . رواه مسلم

ربيعه بن ڪعب ﷺ کان روايت آهي ته آئون رسول اللهﷺ جن سان رات گذاريندو هوس. ڪين وضوءَ ۽ قضا حاجت لاءِ پاڻي آڻي ڏيندو هوس. هڪ دفعي فرمايائوون: گهر! مون عرض ڪيو: جنت ۾ اوهان سان گڏ رهڻ گهران ٿو. فرمايائون اهو ٿو گهرين يا ڪجهه ٻيو؟ عرض ڪيم ته اهو ئي گهران ٿو. فرمايائون: پوءِ منهنجي مدد ڪر گهڻا سجدا ڪرڻ سان([3]) (مسلم)

---

[1]_ يعني جيئن هن آيت ۾ تو پنهنجي تعريف پاڻ ڪئي آهي: (......................................................................)

[2]_ افسوس انهن ماڻهن کان شيطان به چڱو آهي جيڪي ﷲ پاڪ جي حڪم جا پابند نه آهن ۽ شريعت مطهره ۽ نماز کي حقير شيءِ خيال ڪن ٿا. شيطان هڪ دفعي سجدو نه ڪيو ته انهيءَ ارمان ۾ هر وقت افسوس ڪري رهيو آهي، مگر سچو پچو افسوس انهن ماڻهن جي هال تي آهي جيڪي سڄي عمر سجدا نٿا ڪن ۽ ان لاءِ ارمان به ڪونه ٿو ٿئين.

[3]_ هن ۾ تنبيهه آهي ته سچي طالب ۽ عاشق کي پنهنجو مطلوب ۽ محبوب ئي طلب ڪرڻ گهرجي، دنيا جي لذتن ۽ خواهشن جي مرادن کي غير ضروري سمجهي.

(897) وعن معدان بن طلحة قال : لقيت ثوبان مولى رسول الله صلى الله عليه وسلم فقلت : أخبرني بعمل أعمله يدخلني الله به الجنة فسكت ثم سألته فسكت ثم سألته الثالثة فقال : سألت عن ذلك رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " عليك بكثرة السجود لله فإنك لا تسجد لله سجدة إلا رفعك الله بها درجة وحط عنك بها خطيئة " . قال معدان : ثم لقيت أبا الدرداء فسألته فقال لي مثل ما قال لي ثوبان . رواه مسلم

**معدان بن طلحه ﷛ کان روايت آهي تہ آئون رسول اللهﷺ جن جي آزاد ڪيل ٻانهي ثوبان سان مليس. ڪيس چيم تہ مون کي اهڙو ڪم ٻڌاءِ جنهن تي عمل ڪريان تہ ان سان ﷲ مون کي جنت ۾ داخل ڪري. پاڻ خاموش رهيو. مون ان کان ٻيهر ساڳيو سوال ڪيو. وري خاموش رهيو. ٽيهر ان کان اها گهر ڪيم. جواب ڏنائين تہ ان جي باري ۾ مون رسول اللهﷺ کان سوال ڪيو. فرمايائون تہ پاڻ تي ﷲ ڪارڻ وڌ ۾ وڌ سجدن کي لازم ڪري وٺ[1] ڇاڪاڻ تہ تون ﷲ خاطر هڪ سجدو ڪندين مگر ﷲ ان سان تنهنجو هڪ درجو مٿاهون ڪندو ۽ توکان هڪ گناہ دور ڪندو. معدان چوي ٿو تہ ان کان پوءِ آئون ابو درداءَ ﷛ سان مليس، ان کان ساڳيو سوال ڪيم. جيئن مونکي ثوبان چيو هو، ان بہ ائين ئي چيو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٻيون

(898) عن وائل بن حجر قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا سجد وضع ركبتيه قبل يديه وإذا نهض رفع يديه قبل ركبتيه . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وابن ماجه والدارمي .

**وائل بن حجر﷛ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول اللهﷺ جن سجدو فرمائيندا هئا تہ پنهنجي ٻنهي هٿن کان اڳ گوڏن کي (زمين تي رکندا هئا ۽ جڏهن اٿڻ جو ارادو ڪندا هئا تہ گوڏن کان اڳ پنهنجا هٿ مٿي کڻندا هئا. هن کي ابو داؤد، ترمذي، نسائي، ابن ماجه ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ شريڪ راوي منفرد آهي، جڏهن تہ حافظي جي لحاظ سان ڪمزور پڻ آهي. ان کان علاوه ان حديث جا جيڪي بہ طريقا آهن سڀ ضعيف آهن. ان ڪري اها حديث دليل وٺڻ جوڳي نہ آهي. بلڪ صحيح ڳالھ ابن عمر واري روايت مطابق، جنهن کي حاڪم بہ صحيح چيو آهي ۽ ان جي ذهبيءَ بہ موافقت ڪئي آهي تہ پاڻ جڏهن سجدو ڪندا هئا تہ پهرين هٿ رکندا هئا، پوءِ گوڏا. (مشڪواۃ_الباني ص282 ج1)**

(899) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا سجد أحدكم فلا يبرك كما يبرك البعير وليضع يديه قبل ركبتيه " . رواه أبو داود والنسائي . والدارمي قال أبو سليمان الخطابي : حديث وائل بن حجر أثبت من هذا وقيل : هذا منسوخ

[1]_گهڻن سجدن مان نماز جا سجدا، تلاوت جا سجدا ۽ شڪر جا سجدا مراد آهن.

ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن توهان مان ڪو سجدو ڪري ته اٺ جي ويهڻ وانگر نه ويهي ۽ گهرجيس ته ٻنهي گوڏن کان اڳ پنهنجا ٻئي هٿ (زمين تي) رکي.([1]) (ابوداؤد، نسائي ۽ دارمي) ابو سلمان خطابي چوي ٿو ته هن کان وائل بن حجرؓ جي حديث وڌيڪ ثابت آهي ۽ چيو ويو آهي ته اها منسوخ آهي.

فائده:_ هيءَ حديث مٿئين حديث کان سند جي لحاظ کان بهتر آهي. ان ڪري اهو چوڻ ته هيءَ حديث منسوخ آهي صحيح نه آهي بلڪ صحيح ڳالهه هيءَ آهي ته هيءَ حديث انهن حديثن کي منسوخ ڪري ٿي جيڪي ان جي خلاف آهن. تفصيل لاءِ ڏسو مرعات ص 458 ج2) .

(900) وعن ابن عباس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقول بين السجدتين : " اللهم اغفر لي وارحمني واهدني وعافني وارزقني " . رواه أبو داود والترمذي

ابن عباس ؓ کان روايت آهي ته نبيﷺ جن ٻن سجدن جي وچ ۾ چوندا هئا: اي منهنجا الله! تون مون کي بخش ۽ مون تي رحم ڪر ۽ مون کي هدايت عطا ڪر ۽ مون کي عافيت ڏي ۽ مون کي رزق عطا ڪر. هن کي ابوداؤد ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي.

(901) وعن حذيفة أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يقول بين السجدتين : " رب اغفر لي " . رواه النسائي والدارمي

حذيفهؓ کان روايت آهي ته نبيﷺ جن ٻن سجدن جي وچ ۾ چوندا هئا: اي منهنجا الله! مون کي بخش فرماءِ. هن کي نسائي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.

## ٽيون فصل

(902) عن عبد الرحمن بن شبل قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم عن نقرة الغراب وافتراش السبع وأن يوطن الرجل المكان في المسجد كما يوطن البعير . رواه أبو داود والنسائي والدارمي

عبدالرحمٰن بن شبل ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن منع فرمايو آهي ته (نمازي) ڪانءَ وانگر ٺونگا هڻي ۽ درند وانگر هٿ وڇائي ۽ مسجد ۾ ([2]) ماڻهو جڳهه ائين گهيري ويهي جيئن اٺ (پلٿيون هڻي) ويهندو آهي. هن کي ابوداؤد، نسائي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.

---

[1]_ امام سوڪاني چوي ٿو ته هيءَ حديث ڏيکاري ٿي ته گوڏا هٿن کان اڳ زمين تي رکبا ۽ اٿڻ وقت گوڏن کان اڳ هٿ مٿي کڻبا. اهو جمهور جو مذهب آهي.

[2]_ مسجد ۾ سيني مسلمانن جو هڪ جهڙو حق آهي، انهيءَ ڪري پنهنجي ويهڻ لاءِ خاص مقام مقرر ڪري ان تي ويهڻ ۽ ان کان ٻين کي منع ڪرڻ مڪروه ۽ ممنوع آهي.

(903) وعن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يا علي إني أحب لك ما أحب لنفسي وأكره لك ما أكره لنفسي لا تقع بين السجدتين " . رواه الترمذي .

**عليؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: تہ اي علي! جيکي آئون پنهنجي لاءِ پسند کيان ٿو اهو تولاءِ بہ پسند کريان ٿو ۽ جيکي پنهنجي لاءِ ناپسند کرين ٿو اهو تولاءِ بہ ناپسند کرين ٿو. تون ٻنهي سجدن جي وچ ۾ (کتي وانگر) نہ ويهجانءِ (ترمذي)**

**فائده:_ هن حديث جي سند ۾ راوي هارث بن عبدالله اعور تمام ضعيف آهي. مرعاة ص 464ج2)**

(904) وعن طلق بن علي الحنفي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا ينظر الله عز وجل إلى صلاة عبد لا يقيم فيها صلبه بين ركوعها وسجودها " . رواه أحمد

**طلق بن علي حنفي ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اللہتعاليٰ ٻانهي جي ان نماز ڏانهن نہ نهاريندو آهي جنهن ۾ پنهنجي پٺيءَ کي رکوع ۽ سجدي جي وچ ۾ سڌو نہ کري (احمد)**

**فائده:_ مسند احمد ۾ خشوع جو لفظ نہ آهي رکوع جو لفظ آهي (مشکواة_الباني ص 284 ج1)**

(905) وعن نافع أن ابن عمر كان يقول : من وضع جبهته بالأرض فليضع كفيه على الذي وضع عليه جبهته ثم إذا رفع فليرفعهما فإن اليدين تسجدان كما يسجد الوجه . رواه مالك

**نافع کان روايت آهي تہ ابن عمر ؓ چوندو هو جيکو پنهنجي پيشاني زمين تي رکي ان کي گهرجي تہ پنهنجي ٻئي هٿ بہ ان جاءِ تي رکي جتي پيشاني رکي اتس پوءِ جڏهن مٿو مٿي کري تہ ٻئي هٿ بہ مٿي کڻي ڇاکاڻ تہ هٿ بہ سجدو کندا آهن جهڙي طرح منهن سجدو کندو آهي.**

# التحيات([1]) جو بيان

[1] _ التحيات کي "تشهد" هن سبب کري چيو ويو آهي تہ منجهس شهادتين جا کلما آهن، يعني (اَشْهَدُ اَنْ لَّآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَه' لَا شَرِيْکَ لَه' وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُه' وَرَسُوْلُه')_

# فصل پهريون

(906) عن ابن عمر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا قعد في التشهد وضع يده اليسرى على ركبته اليسرى ووضع يده اليمنى على ركبته اليمنى وعقد ثلاثا وخمسين وأشار بالسبابة

**ابن عمر رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڏهن التحيات ۾ ويهندا هئا تہ پنهنجي سجي هٿ كي پنهنجي سجي گوڏي ۽ پنهنجي كٻي هٿ كي كٻي گوڏي تي ركندا هئا ۽ آڱرين كي 53_وانگر بند كندا هئا ۽ ڏسٽي سان اشارو كندا هئا.**

(907) وفي رواية : كان إذا جلس في الصلاة وضع يديه على ركبتيه ورفع أصبعه اليمنى التي تلي الإبهام يدعو بها ويده اليسرى على ركبته باسطها عليها . رواه مسلم

**هڪ روايت ۾ آهي تہ جڏهن نماز ۾ ويهندا هئا، پنهنجا هٿ گوڏن تي ركندا هئا ۽ پنهنجي ساڄي آڱر جا آڱوٺي جي ڀر ۾ آهي سامتي كڻندا ۽ ان سان دعا گهرندا هئا ۽ پنهنجو كاٻو هٿ پنهنجي گوڏي تي كليل ركندا هئا.(مسلم)**

(908) وعن عبد الله بن الزبير قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا قعد يدعو وضع يده اليمنى على فخذه اليمنى ويده اليسرى على فخذه اليسرى وأشار بأصبعه السبابة ووضع إبهامه على أصبعه الوسطى ويلقم كفه اليسرى ركبته . رواه مسلم

**عبدالله بن زبير رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن دعا لاءِ ويهندا هئا تہ فنهنجو ساڄو هٿ ساڄي ران تي ۽ كاٻو هٿ كاٻي ران تي ركند هئا ۽ ڏسٽيءَ سان اشارو كندا ۽ پنهنجو آڱوٺو پنهنجي وچينءَ تي ركندا هئا ۽ پنهنجي كاٻي گوڏي كي پكڙيندا هئا (مسلم) .**

(909) وعن عبدالله بن مسعود قال : كنا إذا صلينا مع النبي صلى الله عليه وسلم قلنا السلام على الله قبل عباده السلام على جبريل السلام على ميكائيل السلام على فلان وفلان فلما انصرف النبي صلى الله عليه وسلم أقبل علينا بوجهه قال : " لا تقولوا السلام على الله فإن الله هو السلام فإذا جلس أحدكم في الصلاة فليقل التحيات لله والصلوات والطيبات السلام عليك أيها النبي ورحمة الله وبركاته السلام علينا وعلى عباد الله الصالحين فإنه إذا قال ذلك أصاب كل عبد صالح في السماء والأرض أشهد أن لا إله إلا الله وأشهد أن محمدا عبده ورسوله ثم ليتخير من الدعاء أعجبه إليه فيدعوه "

**عبدالله بن مسعود رضي الله عنه كان روايت آهي تہ اسين جڏهن نبي ﷺ جن سان گڏ نماز پڙهندا هئاسين تہ چوندا هئاسون تہ الله تي ان جي ٻانهن كان اڳ سلامتي هجي. جبرئيل عليه السلام تي سلامتي هجي، ميكائيل عليه السلام تي سلامتي هجي، فلاڻي تي سلامتي هجي. پوءِ جڏهن نبي كريم ﷺ جن نماز كان سلام ورايو تہ فرمايائون ان طرح نہ چوندا كريو تہ الله تي سلامتي هجي. ڇا كاڻ تہ**

ﷲ ئي سلامتيءَوارو آهي پوءِ جڏهن توهان مان ڪو نماز ۾ ويهي ان کي چوڻ گهرجي ته منهنجيون سموريون زباني، بدني ۽ مالي عبادتون ﷲ لاءِ آهن. سلامتي هجي تنهنجي مٿان اي نبيﷺ ۽ ﷲ جي رحمت ۽ ان جون برڪتون_ سلامتي هجي اسان جي مٿان ۽ ﷲ جي نيڪ ٻانهن تي. جڏهن ائين چوندو ته اها (دعا) آسمان ۽ زمين جي هر نيڪ ٻانهي کي پهچندي آئون شاهدي ڏيان ٿو ته ﷲ کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ۽ شاهدي ڏيان ٿو ته ( ) محمدﷺ سندس ٻانهو ۽ رسول آهي. ان کان پوءِ جيڪا دعا ان کي پسند هجي اها گهري. (بخاري مسلم)

(910) وعن عبد الله بن عباس أنه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يعلمنا التشهد كما يعلمنا السورة من القرآن فكان يقول : " التحيات المباركات الصلوات الطيبات لله السلام عليك أيها النبي ورحمة الله وبركاته السلام علينا وعلى عباد الله الصالحين أشهد أن لا إله إلا الله وأشهد أن محمدا رسول الله " . رواه مسلم ولم أجد في الصحيحين ولا في الجمع بين الصحيحين : " سلام عليك " و " سلام علينا " بغير ألف ولام ولكن رواه صاحب الجامع عن الترمذي

عبدالله بن عباسؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن اسان کي التحيات ان طرح سيکاريندا هئا جهڙيءَ طرح قرآن جي ڪا سورت سيکاريندا هئا. پوءِ فرمائيندا هئا ته سموريون برڪت ڀريون زباني، بدني ۽ مالي عبادتون ﷲ لاءِ آهن. سلامتي هجي تنهنجي مٿان اي نبيﷺ ۽ ﷲ جي رحمت ([1]) ۽ ان جون برڪتون. سلامتي هجي اسان جي مٿان ۽ ﷲ جي نيڪ ٻانهن تي، آئون شاهدي ڏيان ٿو ته ﷲ کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ۽ شاهدي ڏيان ٿو ته ( ) محمدﷺ،ﷲ جو رسول آهي (مسلم)

مون صحيحين ۾ ڪتاب"جمع بين الصحيح" ۾ هي الفاظ نه لڌا: (سَلاَمُ عَلَيْکَ_وَسَلاَمُ عَلَيْنَا" _ يعني بغير الف ۽ لام جي ليڪن ان کي ڪتاب جامع الاصول واري ترمذيءَ کان بين ڪيو آهي.

## فصل ٻيو

(911) وعن وائل بن حجر عن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : ثم جلس فافترش رجله اليسرى ووضع يده اليسرى على فخذه اليسرى وحد مرفقه اليمنى على فخذه اليمنى وقبض ثنتين وحلق حلقة ثم رفع أصبعه فرأيته يحركها يدعو بها . رواه أبو داود والدارمي

[1]_ امام شوڪاني نيل الاوطار ۾ چوي ٿو ته ته التحيات جا الفاظ صحابن جي هڪ جماعت حضورﷺ جن کان گهڻن نمونن ۾ بيان ڪيا آهن، پر ابن مسعود جي التحيات تي گهڻن جو اتفاق آهي. علمائن جو اتفاق آهي ته جيڪي به صحيح اسنادن سان التحيات ثابت آهن، اهي پڙهڻ جائز آهن ۽ سيني ۾ عبدالله بن مسعود واري التيات بهتر آهي.

حضر وائل بن حجر ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن سجدي کان پوءِ وينا. پوءِ پنهنجو کابو پير وڇايائون ۽ پنهنجو کابو هٿ کابي ران تي ۽ ساڄي هٿ کي پنهنجي ساڄي ران تي رکيائون ۽ پنهنجون ٻئي آڱريون (وچين آڱر ۽ آڱوٺو ملائي) گول ڪيائين، پوءِ ڏسڻي آڱرمٿي کنيائون، پوءِ مون ڏٺو پاڻ ان کي چورڻ (يعني) ان سان دعا گهريائون[1] (ابوداؤد_دارمي)

(912) وعن عبد الله بن الزبير قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يشير بأصبعه إذا دعا ولا يحركها . رواه أبو داود والنسائي وزاد أبو داود ولا يجاوز بصره إشارته

عبدالله بن زبير ﷛ کان روايت آهي ته نبيﷺ جن جڏهن دعا گهرندا هئا ته پنهنجي آڱر سان اشارو[2] ڪندا هئا ۽ ان کي چوريندا نه هئا (ابو داؤد_نسائي) ابو داؤد هي الفاظ زياده ڪيا آهن:۽ سندن نظر سندن اشاري کان تجاوز نه ڪندي هئي.

(913) وعن أبي هريرة قال : إن رجلا كان يدعو بأصبعيه فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أحد أحد " . رواه الترمذي والنسائي والبيهقي في الدعوات الكبير

ابو هريره ﷛کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو[3] پنهنجين ٻن آڱرين سان اشارو ڪندو هو.رسول اللهﷺ جن فرمايو هڪ آڱر سان (اشاروڪر) هڪ سان. هن کي ترمذي،نسائي ۽ بيهقيءَ"الدعوات الڪبير"۾ روايت ڪيو.

(914) وعن ابن عمر قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يجلس الرجل في الصلاة وهو معتمد على يده . رواه أحمد وأبو داؤد وفي رواية له : نهى أن يعتمد الرجل على يديه إذا نهض في الصلاة

ابن عمر﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺجن منع ڪئي آهي ته ماڻهو نماز ۾ پنهنجي هٿ تي ٽيڪ ڏئي ويهي،هن کي احمد ۽ ابو داؤد روايت ڪيو.سندس هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ سڳورن منع فرمائي آهي ته ماڻهو نماز ۾ اٿي بيهي ته پنهنجي هٿن کي ٽيڪ ڏي.

فائدو:هيءَ حديث تمام شاذ آهي ۽ جنهن حديث ۾ زمين تي ٽيڪ ڏئي اٿي بيهڻ جو ذڪر آهي اها صحيح آهي ان کي ترجيح هوندي ان تي عمل ڪيو ويندو(مرعاة ص481ج2)

[1]_ ابن قيم زاد المعاد ۾ لکي ٿو: آڱر چورڻ ثابت آهي. عبدالله بن زبير جي حديث ۾ آيو آهي ته حضور پاڪﷺ جن آڱريون نه چوريندا هئا، مگر ان زيادتيءَ جي صحيح هجڻ ۾ شڪ آهي ۽ صحيح مسلم ۾ به اها زيادتي آهي. بفرض محال تسليم به ڪجي ته پوءِ بن ابن زبير واري حديث نافيه ( ناڪار واري) آهي، جڏهن ته وائل بن حجر واري حديث مثبت ۽ صحي آهي ۽ اهو قاعدو مسلم آهي ته مثبت امر نافيه تي مقدم ۽ مرجوح هوندو آهي.

[2]_ يعني شهادت جا ڪلما پڙهندو هو.

[3]_ هڪ ماڻهو مان مراد آهي سعد بن ابي واص ﷛ آهي.

(915) وعن عبد الله بن مسعود قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم في الركعتين الأولين كأنه على الرضف حتى يقوم . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي

**عبدالله بن مسعود ﷛كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن پهرين رڪعتن ۾ اهڙي طرح ويهندا هئا ڄڻ تہ گرم پٿر تي(وينا آهن) تانجو اٿي([1]) بيهندا هئا. (ترمذيءَ_ابو داؤد)**

**فائدو:حديث جي سند حسن آهي،ليڪن ابو عبيده پنهنجي والد ڪان روايت نہ ٻڌي آهي. (مشڪواة _الباني ص288ج1)**

## فصل ٽيون

(916) عن جابر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يعلمنا التشهد كما يعلمنا السورة من القرآن : " بسم الله وبالله التحيات لله والصلوات والطيبات السلام عليك أيها النبي ورحمة الله وبركاته السلام علينا وعلى عباد الله الصالحين أشهد أن لا إله إلا الله وأشهد أن محمدا عبده ورسوله أسأل الله الجنة وأعوذ بالله من النار " . رواه النسائي

**جابر﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن اسان کي التحيات اهڙي طرح سيکاريندا هئا جهڙيءَ طرح قرآن مجيد جي سورت سيکاريندا هئا (يعني)شروع ٿو ڪريان ﷲ جي نالي سان.هر قسم جون قولي، بدني ۽ مالي عبادتون ﷲ لاءِ آهن.سلامتي هجي تنهنجي مٿان اي نبي ۽ ﷲ جي رحمت ۽ ان جون برڪتون. سلامتي هجي اسان جي مٿان ۽ ﷲ جي نيڪ ٻانهن تي. آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ ﷲ ڪان سواءِ ڪو معبود نہ آهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ ( ) محمدﷺ ان جوٻانهو ۽ رسول آهي. ﷲ ڪان جنت جو سوال ٿو ڪريان ۽ ﷲ ڪان دوزخ جي پناهہ ٿو وٺان(نسائي)**

**فائده:_ هن حديث جي سند ۾ ايمن بن نابل راوي ضعيف آهي. دراصل ان حديث ۾ " بِسمِ اللِ، وبِاللهِ" جا الفاظ صحيح نہ آهن (مشڪواة_الباني ص 289ج1)**

(917) وعن نافع قال : كان عبد الله بن عمر إذا جلس في الصلاة وضع يديه على ركبتيه وأشار بأصبعه وأتبعها بصره ثم قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لهي أشد على الشيطان من الحديد " . يعني السبابة . رواه أحمد

**نافع ڪان روايت آهي تہ عبدالله بن عمر ﷠ جڏهن نماز ۾ ويهندو هو تہ پنهنجا ٻئي هٿ پنهنجن گوڏن تي رکندو هو ۽ ڏسٽي آڱر سان اشارو ڪندو ۽ان ڏانهن نهاريندو هو. پوءِ چوندو هو**

---

[1] _ يعني وچ واري قاعدي ۾ ٿورو ويهندا هئا. التحيات ڪان بعد ڪابہ دعا نہ پڙهندا هئا. جيئن گرم پٿر تي وينل ترت اٿندو آهي، تيئن حضورﷺ جن بہ ترت اٿندا هئا.

تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي: تہ هي يعني ڏسٽي آڱر (سان اشارو ڪرڻ) شيطان تي ([1]) لوهہ (يعني تلوار) کان سخت آهي. (احمد)

فائده:_ ڪثير بن زيد راوي ضعيف آهي. (مرعاة ص485 ج2)

(918) وعن ابن مسعود كان يقول : من السنة إخفاء التشهد . رواه أبو داود والترمذي وقال : هذا حديث حسن غريب

ابن مسعودر کان روايت آهي تہ التحيات آهستي پڙهڻ سنت آهي([2]) هن کي ابو داؤد ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ هيءَ حديث حسن غريب آهي.

# نبي تي ﷺ درود پڙهڻ ۽ ان جي فضيلت جو بيان

## فصل پهريون

(919) وعن عبد الرحمن بن أبي ليلى قال : لقيني كعب بن عجرة فقال ألا أهدي لك هدية سمعتها من النبي صلى الله عليه وسلم فقلت بلى فأهدها لي فقال سألنا رسول الله صلى الله عليه وسلم فقلنا يا رسول الله كيف الصلاة عليكم أهل البيت فإن الله قد علمنا كيف نسلم عليكم قال : " قولوا اللهم صل على محمد وعلى آل محمد كما صليت على إبراهيم وعلى آل إبراهيم إنك حميد مجيد اللهم بارك على محمد وعلى آل محمد كما باركت على إبراهيم وعلى آل إبراهيم إنك حميد مجيد " . إلا أن مسلما لم يذكر " على إبراهيم في الموضعين

عبدالرحمٰن بن ابي ليليٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون کي ڪعب بن عجره رضي الله عنه مليو. چيائين تہ ڇا آئون توکي هڪ تحفو نہ ڏيان جيڪو مون نبيﷺ کان ٻڌو آهي. مون چيو: ڀلي اهو تحفو مونکي ڏيو. چوڻ لڳو تہ اسان رسول ﷺ جن کان پڇيو تہ اي الله جا رسول! اسين ڪهڙي طرح اوهان اهل بيت تي صلواة(رحمت) موڪليون؟ (ڇاڪاڻ تہ) اسان کي اللهﷻتعاليٰ اوهان تي سلام موڪلڻ([3]) تہ سيکاريو آهي. فرمايائون تہ توهان هن طرح([4]) چوندا ڪريو: اي اسان جا اللهﷻ! تون

[1]_ ڇاڪاڻ تہ ڏسٽي آڱر سان الله تعاليٰ جي وحدانيت جي گواهي ڏجي ٿي، جنهن سان شيطان جي اميد باطل ۽ ختم ٿئي ٿي.ان تي هن ملعون کي ايڏو ارمان ٿئي ٿو جو تلوار ۽ ۽ نيزي جي ڦٽ کان بہ وڌيڪ زخم ٿيندا اٿس.

[2]_ جڏهن ڪو اصحابي ڪنهن ڪم کي سنت چوي تہ اهو قول حديث مرفوع حديث جو هڪم رکندو. جمهور محدثين ۽ فقيهن جو هن تي عمل آهي تہ التحيات سيني نمازن ۾ آهستي پڙهجي.

[3]_ يعني سلاموڪلڻ جي خبر التحيات ۾ اسان کي ڄاڻائي وئي آهي اَلسّلاَمُ عَلَيْکَ اَيّهَاالنَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَکَاتُہٗ.

[4]_ هن حديث ۾ انهن لاءِ دليل آهي جيڪي التحيات کان پوءِ درود شريف کي واجب چونٿا اهو مذهب عمر رضي الله عنه، ابن عمر رضي الله عنه، جابر بن زيد، شعبي، محمد بن ڪعب قرظي، ابو جعفر باقر، حاوي، شافعي، احمد بن حنبل ۽اسحاق جو آهي. قاضي ابو بڪر ان کي پسنديکيو آهي ۽ ڪي هن کي استحباب تي حمل ڪن ٿا. جيڪي چون ٿا تہ

**رحمت موڪل ( ) محمدﷺ ۽ ان جي آل تي ([1])جيئن تو رحمت موڪلي ابراهيمؑ ۽ ان جي آل تي. اي اللهﷻ! تون برڪت عطا فرمائي ( ) محمدﷺ ۽ ان جي آل تي، جهڙيءَ طرح تو برڪت عطا فرمائي( ابراهيمؑ ۽ ان جي آل تي.([2])**

(920) وعن أبي حميد الساعدي قال : قالوا : يا رسول الله كيف نصلي عليك ؟ فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " قولوا : اللهم صلى الله عليه وسلم على محمد وأزواجه وذريته كما صليت على آل إبراهيم وبارك على محمد وأزواجه وذريته كما باركت على آل إبراهيم إنك حميد مجيد "

**ابو حميد ساعديؓ کان روايت آهي ته اصحابين عرض ڪيو ته اي اللهﷻ جا رسول!اسين اوهان تي ڪهڙي طرح صلواة پڙهون؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو ته هن طرح چوندو ڪريو: اي اللهﷻ رحمت موڪل ( ) محمدﷺ، ان جي گهر وارين ۽ سندس اولاد تي جهڙيءَ طرح تو ( ) ابراهيمؑ تي رحمت فرمائي ۽ ( ) محمدﷺ سندس گهروارين ۽ سندس اولاد تي برڪت نازل ڪر، جهڙيءَ طرح تو ( ) ابراهيمؑ تي برڪت نازل فرمائي. تحقيق تون ساراهيل([3]) بزرگيءَ وارو آهين. (بخاري_مسلم) .**

(912) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى علي واحدة صلى الله عليه عشرا " . رواه مسلم

**ابو هريرهؓ ڪان روايت آهي ته رسولﷺ جن فرمايو ته جيڪو مون تي هڪ دفعو صلواة پڙهندو، ان تي اللهﷻ تعاليٰ ڏهه ([4]) دفعا رحمت ڪندو. (مسلم) .**

## فصل ٻيو

(922) عن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى علي صلاة واحدة صلى الله عليه عشر صلوات وحطت عنه عشر خطيئات ورفعت له عشر درجات " . رواه النسائي .

---

التحيات ڪان پوءِ درود واجب نه آهي، انهن مان امام مالڪ، ابو حنيفه، صاحبين، ثوري، اوزاعي،اهل بيت مان ناصر ۽ ٻيا آهن.

[1]_ آل جي معنيٰ تابعدار ـ آيل آهي تنهن ڪري هتي معنيٰ رڳو اولاد سمجهڻ نه گهرجي جيئن قرآن مجيد ۾ آل فرعون جو لفظ آيل آهي يعني فرعون جا تابعدار.

[2]_ ابراهيم ؑ جو درود ۾ بيان هن ڪري آيل آهي جو پاڻ ملت اسلاميه جو بان آهي جيئن قرآن ۾ ذڪر آهي: ملة ابيڪم ابراهيم. پڻ نبي پاڪ ﷺ جن ابراهيمؑ جي اولاد مان آهن. نيز قرآن مجيد ۾ آهي ته ابراهيمؑ جي ملت ۽ طريقه جي پابندي ڪريو.

[3]_ درود گهڻن نمونن جا آيل آهن جيئن هنن حديثن مان ظاهر آهي.

[4]_ ڏهه رحمتون هن ڪري حاصل ٿينديون جو قرآن شريف ۾ اهو اصول بيان ٿيل آهي ته مَنۡ جَآءَبِالۡحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشۡرَ اَمۡثَالِهَا يعني جيڪو هڪ نيڪي ڪندو ان کي ڏهه نيڪين جو ثواب ملندو انهيءَ ڪري جيڪو هڪ دفعو درود پڙهندو ان کي اللهﷻ جون ڏهه رحمتون حاصل ٿينديون.

**انس ﷛ کان روات آهي تہ رسول اللہ ﷺ جن فرمايو: جيڪو مون تي هڪ دفعو صلواة ([1]) پرهندو ان تي اللہ تعاليٰ ڏهہ رحمتون موڪليندو، ڏهہ گناہ ان کان دور ڪندو ۽ ان جا ڏهہ درجا مٿانهان ڪيا ويندا. (نسائي)**

(923) وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أولى الناس بي يوم القيامة أكثرهم علي صلاة " . رواه الترمذي

**ابن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللہ ﷺ جن فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن مون کي تمام ويجهو اهو هوندو جيڪو مون تي گهڻي صلواۃپڙهندو([2])(ترمذي) .**

(924) وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن لله ملائكة سياحين في الأرض يبلغوني من أمتي السلام " . رواه النسائي والدارمي.

**ابن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللہ ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق اللہ تعاليٰ جا فرشتا زمين تي گهمندڙ آهن، جيڪي مون کي منهنجي امت جي طرفان سلام پهچائين ٿا ان کي نسائي ۽ دارميءَ روايت ڪيو.**

(925) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من أحد يسلم علي إلا رد الله علي روحي حتى أرد عليه السلام " . رواه أبو داود و البيهقي في الدعوات الكبير

**ابوهريره ﷛ڪان روايت آهي تہ رسول اللہ ﷺجن فرمايو: ڪو بہ ماڻهو مون تي سلام چوندو آهي تہ اللہ تعاليٰ منهنجو روح واپس ڪندوآهي، تانجو ڪيس آئون ان جي سلام جو جواب ڏيان. هن ابو داؤد ۽ امام بهيقيءَ الدعوات الڪبير ۾ روايت ڪيو.**

(926) وعنه قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " لا تجعلوا بيوتكم قبورا ولا تجعلوا قبري عيدا وصلوا علي فإن صلاتكم تبلغني حيث كنتم " . رواه النسائي .

**ابو هريرہ ﷛ کان روايت آهي تہ مون رسول اللہ ﷺ جن کان ٻڌو،فرمايائون تہ پنهنجي گهرن کي قبرون ۽ منهنجي قبر کي ([1]) عيد گاہ نہ بڻايو ۽ مون تي درود موڪليندا ڪريو.ڇا ڪاڻ تہ توهان جتي بہ هوندا آهيو مون کي توهان جا درود پهچايا وڃن ٿا.(نسائي) .**

---

[1] _ اهل تفسير ۽ حديث حضور ﷺ جن تي درود پڙهڻ کي سڀ کان افضل عبادت ۽ سيني حالتن کان عمدہ حالت سمجهن ٿا. اهو اللہ تعاليٰ سان قرب حاصل ڪرڻ جو آعليٰ درجو آهي. ڇاڪاڻ تہ خدا پاڪ فرمائي ٿو: ان الله و ملائكته يصلون علي النبي، يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْ صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْماً (ترجمو) اللہ ۽ ان جا فرشتا نبي ﷺ تي درود پڙهن ٿا. ايمان وارو! اوهان بہ ان تي درود پڙهو ۽ سلام موڪليو.

[2] _ هن ۾ اهلحديث لاءِ خوشخبري آهي ڇاڪاڻ تہ حضور ﷺ جن جي سموري امت ۾ محدثين کان وڌيڪ ڪو درود پڙهڻ وارو نہ آهي.

(927) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " رغم أنف رجل ذكرت عنده فلم يصل علي ورغم أنف رجل دخل عليه رمضان ثم انسلخ قبل أن يغفر له ورغم أنف رجل أدرك عنده أبواه الكبر أو أحدهما فلم يدخلاه الجنة " . رواه الترمذي .

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ انهيءَ شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ڀرجي جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ڪيو ويو، پوءِ بہ مون تي صلواة (2) نہ پڙهيائين ۽ ان جو نڪ مٽيءَ ۾ ڀرجي جنهن وٽ رمضان آيو ۽ گذري ويو، پوءِ بہ بخشش حاصل نہ ڪيائين ۽ ان جو نڪ مٽيءَ ۾ ڀرجي جنهن جي سامهون ان جا ماءُ پيءُ يا منجهائن هڪ پيريءَ کي پهتو، پوءِ بہ (سندن خدمت ڪري) جنت ۾ داخل نہ ٿيو. (ترمذي) .**

(928) وعن أبي طلحة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم جاء ذات يوم والبشر في وجهه فقال : " إنه جاءني جبريل فقال : إن ربك يقول أما يرضيك يا محمد أن لا يصلي عليك أحد من أمتك إلا صليت عليه عشرا ولا يسلم عليك أحد من أمتك إلا سلمت عليه عشرا ؟ " . رواه النسائي والدارمي .

**ابو طلحه ؓکان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن رسول اللهﷺ جن اسان وٽ آيا،سندن منهن مبارڪ ۾ خوشي هئي. فرمايائون تہ جبرئيلؑ آيو،انهيءَ چيو تہ اوهان جو رب فرمائي ٿو تہ اي محمدﷺ !ڇا اوهان هن ڳالهہ سان خوش نہ ٿيندو تہ اوهان تي ڪو هڪ دفعو صلواة سڳوري پڙهندو تہ آئون ان تي ڏهہ دفعا رحمتون موڪليندس ۽ توهان جي امت مان ڪو اوهان تي هڪ دفعو سلام موڪليندوتہ آئون ان تي ڏهہ دفعا سلام موڪليندس. (نسائي_دارمي) .**

(929) وعن أبي بن كعب قال : قلت : يا رسول الله إني أكثر الصلاة عليك فكم أجعل لك من صلاتي ؟ فقال : " ما شئت " قلت : الربع ؟ قال : " ما شئت فإن زدت فهو خير لك " . قلت : النصف ؟ قال : " ما شئت فإن زدت فهو خير لك " قلت : فالثلثين ؟ قال : " ما شئت فإن زدت فهو خير لك " قلت : اجعل لك صلاتي كلها ؟ قال : " إذا يكفى همك ويكفر لك ذنبك " . رواه الترمذي .

**ابي بن ڪعبؓ کان روايت آهي تہ مون عرض ڪيو تہ اي اللهؐ جا رسول! آئون اوهان تي اڪثر صلواة پڙهندو آهيان تہ ڪيترو وقت توهان جي صلواة لاءِ مقررڪريان؟ فرمايائون: جيترو توکي وڻي. مون عرض ڪيو تہ چوٿائي حصو؟ فرمايائون تہ جيترو توکي وڻي، جيڪڏهن ان ۾ اضافو ڪندين تہ تنهنجي لاءِ ڀلو آهي. مون عرض ڪيو تہ اڌ حصو؟ فرمايائون تہ جيترو تو**

---

[1] _ جيئن تہ هن وقت سڄي ملڪ ۾ قبرن تي ميلا ڪيا وڃن ٿا، ڳائيندڙ ۽ ناچ ڪرڻ وارا اچن ٿا، تنهن ڪري بيهودا، خرافات ۽ واهيات ڪم ڪيا وڃن ٿا، اهڙن ڪمن کان حضورﷺ جن سختيءَ سان منع فرمائي آهي.

[2] _ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ حضورﷺ جن جو نالو مبارڪ جيترا دفعا وٺجي. اوترا دفعا چوندڙ ۽ ٻڌندڙ تي درود شريف پڙهڻ واجب آهي.

کي وٺي، جيڪڏهن ان ۾ اضافو ڪندين ته تنهنجي لاءِ ڀلو آهي. مون عرض ڪيو ته ٻه ٽهايون؟ فرمايائون ته جيترو تو کي وڻي، جيڪڏهن ان ۾ اضافو ڪندين ته تنهنجي لاءِ ڀلو آهي. عرض ڪيم ته سمورو وقت توهان تي صلواة پڙهندو رهان؟ فرمايائون: تڏهن ته تنهنجن سمورن ڏکن ۽ غمن ۾ ڪفايت ڪئي ويندي ۽ تنهنجا سڀ گناهه نيڪين ۾ بدلجي ويندا. (ترمذي) .

(930) وعن فضالة بن عبيد قال : بينما رسول الله صلى الله عليه وسلم قاعد إذ دخل رجل فصلى فقال : اللهم اغفر لي وارحمني فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " عجلت أيها المصلي إذا صليت فقعدت فاحمد الله بما هو أهله وصل علي ثم ادعه " . قال : ثم صلى رجل آخر بعد ذلك فحمد الله وصلى على النبي صلى الله عليه وسلم فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " أيها المصلي ادع تجب " . رواه الترمذي وروى أبو داود والنسائي نحوه .

فضاله بن عبيد ﷛ کان روايت آهي ته ان دوران جو رسول الله ﷺ جن ويٺل هئا، هڪ شخص آيو ۽ نماز پڙهيائين ۽ (هن طرح) دعا گهرڻ لڳو (ترجمه) اي ﷲ! مون کي بخش ڪر ۽ مون تي رحمت فرماءِ. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته اي نمازي! تو تڪڙ ڪئي جڏهن تون نماز پڙهين ته (پهريائين) ﷲ تعاليٰ جي حمد بيان ڪر جنهن جو اهو حقدار آهي، ان ڪان پوءِ مون تي صلواة پڙهه، ان ڪان پوءِ دعا گهر (ته قبول پوي) (فضاله)فرمائي ٿو: ته ان ڪان پوءِ هڪ (ٻئي شخص) نماز پڙهي ۽ ﷲ تعاليٰ جي ساراه بيان ڪيائين ۽ نبي ﷺ جن تي صلواة موڪليائين. نبي ﷺجن فرمائيس ته اي نمازي! دعا گهر ته قبول پوندئي. (ترمذي) ان طرح ابو داؤد ۽ نسائي به روايت ڪئي.

(931) وعن عبد الله بن مسعود قال : كنت أصلي والنبي صلى الله عليه وسلم وأبو بكر وعمر معه فلما جلست بدأت بالثناء على الله تعالى ثم الصلاة على النبي صلى الله عليه وسلم ثم دعوت لنفسي فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " سل تعطه سل تعطه " . رواه الترمذي .

عبدالله بن مسعود ﷛ کان روايت آهي ته آئون نماز پڙهي رهيو هوس. نبي ﷺ جن سان گڏ ابوبڪر ۽ عمر ﷛ به موجود هئا. جڏهن آئون ويٺس ته پهريائين ﷲ تعاليٰ جي ساراهه ڪئي، ان ڪان پوءِ نبي ﷺ جن تي صلواة سڳوري پڙهي، ان ڪان پوءِ پنهنجي لاءِ دعا گهري. نبي ﷺ جن فرمايو ته گهر توکي ڏنو ويندو، گهر توکي ڏنو ويندو. (ترمذي) .

## فصل ٽيون

(932) وعن أبي هريرة عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " من سره أن يكتال بالمكيال الأوفى إذا صلى علينا أهل البيت فليقل اللهم صل على محمد وأزواجه أمهات المؤمنين وذريته وأهل بيته كما صليت على آل إبراهيم إنك حميد مجيد " . رواه أبو داؤد .

ابو هريره ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن ڪي خوشي ٿئي تہ ان ڪي ثواب ۾ پوري ماپ ڏني وڃي، ان ڪي گهر جي تہ مون تي ۽ اسان جي اهل بيت تي هن طرح صلواة موڪلي (ترجمه) اي الله! رحمت موڪل نبي امي ( ) محمد ﷺ ۽ سندس گهر وارين امهات المومنين ۽ سندن آل اولاد تي؛ جهڙيءَ طرح تو رحمت موڪلي آهي ( ) ابراهيم ﷺ تي. بيشڪ تو ساراهيل وڏي بزرگيءَ وارو آهين. (ابو داؤد) .

فائده:_ حديث ضعيف آهي. راوي حبان بن يسار ڪلابي قوي نہ آهي. (مشڪواة_الباني ص 294ج1)

(933) وعن علي رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " البخيل الذي ذكرت عنده فلم يصل علي " . رواه الترمذي ورواه أحمد عن الحسين بن علي رضي الله عنهما . وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح غريب .

علي ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ وڏو بخيل اهو آهي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ڪيو وڃي، پوءِ مون تي صلواة نہ پڙهي. (ترمذي) ۽ احمد انهيءَ ڪي حسين بن علي ﷺ ڪان روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي چيو آهي تہ هيءَ حديث حسن صحيح ۽ غريب آهي.

(934) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى علي عند قبري سمعته ومن صلى علي نائيا أبلغته " . رواه البيهقي في شعب الإيمان

ابو هريره ﷺ ڪان روات اهي تہ رسول لله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو مهنجي قبر وٽ درود پڙهندو، آءٌ ٻڌندس ۽ جيڪو مون تي پري ڪان صلواة پڙهندو اها بہ مون ڪي پهچندي. هن ڪي بيهقي شعب الايمان ۾ روايت ڪيو آهي.

فائده:_ حديث موضوع آهي سند ۾ محمد بن مروان ڪوڙو آهي(معاة ص 526_527ج2)

(935) وعن عبد الله بن عمرو قال : من صلى على النبي صلى الله عليه وسلم واحدة صلى الله عليه وملائكته سبعين صلاة . رواه أحمد

عبدالله بن عمرو ﷺ ڪان روايت آهي تہ جيڪو نبي ڪريم ﷺ جن تي هڪ دفعہ درود موڪليندو ان تي الله تعاليٰ ۽ ان جا فرشتا[1] ستر دفعا رحمتون موڪليندا. (احمد)

فائده:_سند ۾ راوي ابن لهيعہ ضعيف آهي (مشڪواة_الباني ص290ج ا)

[1]_ هي ثواب جمع جي ڏينهن سان مخصوص آهي.

(936) وعن رويفع أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : من صلى على محمد وقال : اللهم أنزله المقعد المقرب عندك يوم القيامة وجبت له شفاعتي " . رواه أحمد .

**رويفعﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪو محمدﷺ تي درود مو ڪلي ۽ چوي تہ اي منهنجا الله! قيامت جي ڏينهن پاڻﷺ کي مقام محمود تي اتار، جو تو وٽ مقرب آهي، ان ماڻهوءَ لاءِ مون تي شفاعت واجب ٿيندي[1]. (احمد)**

**فائده:_ سند ۾ راوي ابن لهيعہ ضعيف آهي (مشڪواة_الباني ص 290 ج ا)**

(937) وعن عبد الرحمن بن عوف قال : خرج رسول الله صلى الله عليه وسلم حتى دخل نخلا فسجد فأطال السجود حتى خشيت أن يكون الله تعالى قد توفاه . قال : فجئت أنظر فرفع رأسه فقال : " ما لك ؟ " فذكرت له ذلك . قال : فقال : " إن جبريل عليه السلام قال لي : ألا أبشرك أن الله عز وجل يقول لك من صلى عليك صلاة صليت عليه ومن سلم عليك سلمت عليه " . رواه أحمد .

**عبد الرحمٰن بن عوفﷺ كان روايت آهي تہ هڪ دفعي رسول اللهﷺ جن ٻاهر نڪتا تانجو ڪجورن جي باغ ۾ آيا. پوءِ اتي ايتري قدر ڊگهو سجدو ڪيائون جو مونکي خوف ٿيو تہ وفات ڪئي اٿن. راوي چوي ٿو تہ مون اچي ڏٺو (گهڻي وقت کان پوءِ ﷺ جن) پنهنجو مٿو مٿي کنيو ۽ مون کي چيائون تہ توکي ڇا ٿيو آهي (جو غمگين ٿو ڏسجين) وٽن (پنهنجي دل ۾ آيل خيال) ذڪر ڪيم. فرمايائون تہ جبرئيلؑ مون کي چيو تہ ڇا توکي هي خوشخبري نہ ڏيان تہ الله تعاليٰ عزوجل فرمائي ٿو تہ جيڪو تو تي درود موڪليندو ان تي آءٌ رحمت موڪليندس ۽ جيڪو توتي سلام موڪليندو ان تي آءٌ سلام موڪليندس. (احمد)**

(938) وعن عمر بن الخطاب رضي الله عنه قال : إن الدعاء موقوف بين السماء والأرض لا يصعد منه شيء حتى تصلي على نبيك . رواه الترمذي

**عمر بن خطابؓ كان روايت آهي تہ تحقيق دعا آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ موقوف رهجي وڃي ٿي ان مان ڪجھ بہ مٿي نٿو چڙهي جيسين تون نبيﷺ تي درود نہ موڪلين. (ترمذي)**

**فائده:_ سند ضعيف آهي راوي ابو قرة اسدي ضعيف آهي (مرعاةص530ج2)**

# اَلتَّحيَّات ۾ دعا جو بيان

[1] _ محمدﷺ جن شفاعت عام مسلمانن لاءِ ثابت آهي، پر هن نموني درود پڙهڻ وارن لاءِ خاص طرح شاعت واجب آهي.

# فصل پهريون

(939) عن عائشة قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يدعو في الصلاة يقول : " اللهم إني أعوذ بك من عذاب القبر وأعوذ بك من فتنة المسيح الدجال وأعوذ بك من فتنة المحيا وفتنة المات اللهم إني أعوذ بك من المأثم والمغرم " فقال له قائل ما أكثر ما تستعيذ من المغرم يا رسول الله فقال : " إن الرجل إذا غرم حدث فكذب ووعد فأخلف "

**ام المؤمنين عائشه ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن (التحيات کان بعد)دعا ۾ چوندا هئا:اي منهنجا اللهﷻ!آءٌ عذاب قبر کان([1]) تنهنجي پناهہ گهران ٿو ۽ ڪاڻي دجال جي فتني کان([2]) تنهنجي پناهہ گهران ٿو ۽ حياتي جي فتني ۽ مرڻ جي فتني کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو.اي منهنجا اللهﷻ!آئون تنهنجي پناهہ ٿو گهران گناهہ ۽ مقروض هجڻ کان.هڪ ماڻهوءَ عرض ڪيو تہ اوهين اڪثر قرض کان پناه گهرندا رهندا آهيو؟ فرمايائون تہ جڏهن ماڻهو قرضدار ٿيندو آهي تہ ڪوڙ ڳالها ئيندو ۽ وعدو خلاف ٿي پوندو آهي.(بخاري ۽ مسلم)**

(940) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا فرغ أحدكم من التشهد الآخر فليتعوذ بالله من أربع من عذاب جهنم ومن عذاب القبر ومن فتنة المحيا والمات ومن شر المسيح الدجال " . رواه مسلم

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪو پوئين التحيات کان واندو ٿئي تڏهن چئن ڳالهين کان اللهﷻ جي پناهہ گهري: 1_دوزخ جي عذاب کان 2_قبر جي عذاب کان 3_حياتي ۽ موت جي فتنه کان 4_ڪاڻي دجال جي فتني کان. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(941) وعن ابن عباس رضي الله عنهما : أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يعلمهم هذا الدعاء كما يعلمهم السورة من القرآن يقول : " قولوا اللهم إني أعوذ بك من عذاب جهنم وأعوذ بك من عذاب القبر وأعوذ بك من فتنة المسيح الدجال وأعوذ بك من فتنة المحيا والمات " . رواه مسلم

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ اسان کي هيءَ دعا اهڙي طرح سيکاريندا هئا، جيئن قرآن جي ڪا سورت سيکاريندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ چئو: اي منهنجا اللهﷻ! تنهنجي پناهہ ٿو گهران دوزخ جي عذاب کان، ڪاڻي دجال جي فتني کان، قبر جي عذاب کان ۽ حياتي ۽ موت جي فتني کان. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

---

[1] _ هن حديث ۾ معتزلن جو رد آهي.جيڪي قبرن جي عذاب جا انڪاري آهن. هن باري ۾ حديثون متواتر آهن. متواتر حديث جو انڪار ڪرڻ ڪفر آهي.

[2] _ دجال آخري زماني ۾ پيدا ٿيندو. ان جو بيان مشڪوٰة جي پوئين حصي ۾ انشاءالله تعاليٰ ڏبو.دجال کي مسيح هن ڪري چون ٿا جو ان جي اک ميساريل هوندي، يعني ڪاڻو هوندو.

(942) وعن أبي بكر الصديق رضي الله عنه أنه قال : قلت يا رسول الله علمني دعاء أدعو به في صلاتي قال : " قل اللهم إني ظلمت نفسي ظلما كثيرا ولا يغفر الذنوب إلا أنت فاغفر لي مغفرة من عندك وارحمني إنك أنت الغفور الرحيم "

**ابو بکر صديق رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون عرض کيو تہ اي الله جا رسول ﷺ! مون کي ڪا دعا سيکاريو جا آئون نماز ۾ التحيات ۽ درود کان پوءِ گهران. فرمايائون: چؤ اي منهنجا الله! مون پنهنجي نفس تي گهڻو ظلم ڪيو ۽ توکان سواءِ ٻيو ڪو گناه بخشيندڙ نہ آهي، پوءِ پاڻ وٽان خاص مغفرت سان منهنجي بخشش فرما ۽ مون تي رحم ڪر بيشڪ تون بخشيندڙ ٻاجهارو آهين هن کي بخاريءَ مسلم روايت ڪيو آهي.**

(943) وعن عامر بن سعد عن أبيه قال : كنت أرى رسول الله صلى الله عليه وسلم يسلم عن يمينه وعن يساره حتى أرى بياض خده . رواه مسلم

**عامر بن سعد پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ آئون رسول الله ﷺ جن کي ڏسندو هوس تہ ساڄي ۽ کاٻي پاسي سلام ورائيندا هئا. تانجو آئون سندن ڳلن جي سفيدي ڏسندو هوس. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(944) وعن سمرة بن جندب قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا صلى أقبل علينا بوجهه . رواه البخاري

**سمره بن جندب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن نماز پوري ڪندا هئا تڏهن پنهنجو منهن اسان ڏانهن[1] ڪندا هئا. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(945) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم ينصرف عن يمينه . رواه مسلم

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ (سلام ورائڻ بعد) ساڄي پاسي ڦرندا هئا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(946) وعن عبدالله بن مسعود قال : لا يجعل أحدكم للشيطان شيئا من صلاته يرى أن حقا عليه أن لا ينصرف إلا عن يمينه لقد رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم كثيرا ينصرف عن يساره

[1] _ امام شوڪاني فرمائي ٿو تہ سمر بن جندب جي حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ امام کي نماز کان واندي ٿيڻ کان پوءِ مقتدين ڏانهن منهن ڪري ويهڻ گهرجي ۽ اهو حضور ﷺ جن جو گهڻو ڪري معمول هو.

عبدالله بن مسعودؓ فرمائي ٿو تہ اوهان مان ڪوبہ پنهنجي نماز مان شيطان لاءِ حصو مقرر نہ ڪري، جو سمجهي تہ (سلام ورائڻ بعد) ساڄي طرف ڦري ويهڻ مٿس لازم آهي. گهڻا دفعا مون رسول اللهﷺ کي ڏنو پاڻ کاٻي پاسي منهن ڦيرائي ويهندا هئا[1] متفق عليه .

(947) وعن البراء قال : كنا إذا صلينا خلف سول الله صلى الله عليه وسلم أحببنا أن نكون عن يمينه يقبل علينا بوجهه قال : فسمعته يقول : " رب قني عذابك يوم تبعث أو تجمع عبادك " . رواه مسلم

براءِ بن عازب ؓ کان روايت آهي تہ اسين جڏهن رسول اللهﷺجي پويان نماز پڙهندا هئاسون، تہ پسند ڪندا هئاسون تہ رسول اللهﷺجن جي ساڄي طرف هجون، جيئن سندن منهن اسان جي سامهون هجي[2] راوي چوي ٿو: مون ﷺجن کان ٻڌو فرمايائون: اي رب منهنجا! جنهن ڏينهن تون ٻانهن کي اٿاريندين يا گڏ ڪندين ان ڏينهن پنهنجي عذاب کان مون کي بچاءِ. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(948) وعن أم سلمة قالت : إن النساء في عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم كن إذا سلمن من المكتوبة قمن وثبت رسول الله صلى الله عليه وسلم ومن صلى من الرجال ما شاء الله فإذا قام رسول الله صلى الله عليه وسلم قام الرجال . رواه البخاري وسنذكر حديث جابر بن سمرة في باب الضحك إن شاء الله تعالى .

ام سلمه ؓڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جي زماني ۾ عورتون فرضي نماز کان سلام ورائي اٿي کڙيون ٿينديون هيون[3] ۽ رسول اللهﷺجن ۽مردن مان جيڪي نماز پڙهندا هئا اهي بہ جيتري قدر اللہ تعاليٰ گهرندو هو، اوتري قدر ويهي رهندا هئا. پوءِ جڏهن رسول اللهﷺجن اٿندا هئا تہ ماڻهو بہ اٿندا هئا. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي. عنقريب جابر بن سمره جي حديث باب الضحڪ ۾ انشاءالله تعاليٰ ذڪر ڪنداسون.

## فصل ٻيو

(949) عن معاذ بن جبل قال : أخذ بيدي رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " إني لأحبك يا معاذ " . فقلت : وأنا أحبك يا رسول الله . قال : " فلا تدع أن تقول في دبر كل صلاة : رب أعني على ذكرك وشكرك وحسن عبادتك " . رواه أحمد وأبو داود والنسائي إلا أن أبا داود لم يذكر : قال معاذ وأنا أحبك

[1] ـ حضور ص جن جو ٻنهي طرفن ڏانهن منهن ڦيرائي ويهڻ ثابت آهي.

[2] ـ سمره بن جندب جي حديث مان معلوم ٿيو تہ حضورﷺ جن سڀني مقتدين ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا ۽ براءِ بن عازب جي حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ ساڄي پاسي وارن ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا. ٻنهي حديثن ۾ تطبيق هن طرح آهي تہ حضورص جن کان ٻئي فعل ثابت آهن.

[3] ـ جيڪڏهن عورتون مسجدن ۾ نماز پڙهڻ اچن تہ امام جي سلام ورائڻ سان فوراً انهن کي اٿي وڃڻ گهرجي. نماز کان پوءِ حضورﷺ جن جو ويهڻ گهٽن نمونن ۾ ثابت آهي. ڪڏهن ايترو ويهندا هئا جو اللهم انت اسلام آخر تائين پڙهندا هئا. ۽ ڪڏهن دعائون بہ بيان ڪندا هئا ۽ ڪڏهن مصلي تي سج ايرڻ تائين وينا هوندا هئا.

معاذ بن جبلؓ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن رسول اللهﷺ جن منهنجو هٿ ورتو فرمايائون تہ اي معاذ! آئون توسان محبت ڪريان و. مون چيو تہ اي رسولﷺ الله جا! آئون بہ توهان سان محبت ڪريان ٿو. فرمايائون. هر نماز کان پوءِهيءَ دعا گهرندو ڪر: اي منهنجي پالڻهار! پنهنجي ذڪر ۽سڪر ۽ پنهنجي چڱي عبادت ڪرڻ تي منهنجي مدد ڪر. هن کي احمد ۽ ابو داؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي مگر ابو داؤد قَالَ مَعَاذُ وَاَنَا اُحِبُّکَ" جا لفظ ذڪر نہ ڪيا آهن.

(950) وعن عبد الله بن مسعود قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يسلم عن يمينه : " السلام عليكم ورحمة الله " حتى يرى بياض خده الأيمن وعن يساره : " السلام عليكم ورحمة الله " حتى يرى بياض خده الأيسر . رواه أبو داود والنسائي والترمذي ولم يذكر الترمذي حتى يرى بياض خده

عبدالله بن مسعود ؓ کان رويت آهي تہ رسول اللهﷺ ساڄي پاسي سلام ورائڻ وقت اَلسَّلَامُ عَلَيۡکُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ چوندا هئا تانجو سندن ساڄي پاسي سلام ڳل جي سفيدي ڏسبي هئي ۽ کاٻي پاسي سلام ورائڻ وقت " اَلسَّلَامُ عَلَيۡکُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ چوندا هئا تانجو سندن کاٻو ڳل ظاهر ٿيندو هو. هن کي ابو داؤد، نسائي ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي "حَتيٰ يُرٰي بِيَاضَ خَدِّهٖ" جا لفظ ذڪر نہ ڪيا آهن.

(951) ورواه ابن ماجه عن عمار بن ياسر

ابن ماجه ان کي عمار بن ياسر کان روايت ڪيو آهي.

(952) وعن عبد الله بن مسعود قال : كان أكثر انصراف النبي صلى الله عليه وسلم من صلاته إلى شقه الأيسر إلى حجرته . رواه في شرح السنة

عبدالله بن مسعود ؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن گهڻو ڪري نماز کان سلام ورائڻ بعد پنهنجي کٻي طرف: يعني پنهنجي گهر ڏانهن ڦري ويهندا هئا هن کي شرح السنة ۾ روايت ڪيو اٿس.

(953) وعن عطاء الخراساني عن المغيرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يصلي الإمام في الموضع الذي صلى فيه حتى يتحول " . رواه أبو داود وقال عطاء الخرساني لم يدرك المغيرة

عطاءَ خراساني مغيرهؓ کان روايت ڪري ٿو تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ: امام جنهن جاءِ تي فرض پڙهي، اتي ٻي نماز نہ پڙهي، تانجو منهن ڦيرائي. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي ۽ چيائين عطاءَ خراساني مغيره سان نہ مليو آهي.

(954) وعن أنس : أن النبي صلى الله عليه وسلم حضهم على الصلاة ونهاهم أن ينصرفوا قبل انصرافه من الصلاة . رواه أبو داود

**انس رضي الله عنه كان روايت آهي تہ نبي ﷺ کين نماز (جي هميشگيءَ) تي همٿائيندو هو ۽ منع ڪندو هو تہ سندن منهن ڦيرائڻ کان اڳ نماز کان منهن ڦيرائن هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٽيون

(955) وعن شداد بن أوس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول في صلاته : " اللهم إني أسألك الثبات في الأمر والعزيمة على الرشد وأسألك شكر نعمتك وحسن عبادتك وأسألك قلبا سليما ولسانا صادقا وأسألك من خير ما تعلم وأعوذ بك من شر ما تعلم وأستغفرك لما تعلم . رواه النسائي وروى أحمد نحوه .

**شداد بن اوس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ پنهنجي نماز ۾ التحيات کان بعد هي دعا گهرندا هئا: اي منهنجا الله! توکان ڪمن ۾ ثابت قدمي ۽ هدايت تي عزيمت جو سوال ٿو ڪريان ۽ تنهنجي نعمتن جي شڪر ۽ تنهنجي چڱي عبادت ڪرڻ (جوتوفيق) جوسوال ٿو ڪريان ۽ توکان سوال ٿو ڪريان سالم دل ۽ سچي زبان جو ۽ جنهن چڱائي کي تون ڄاڻين ٿو ان جو سوال ٿو ڪريان ۽ جنهن بڇڙائي کي تون ڄاڻين ٿو ان کان تنهنجي پناهہ ٿو گهران ۽ انهن گناهن جي بخشش ٿو گهران جن کي تون ڄاڻين ٿو هن کي نسائي روايت ڪيو آهي ۽ احمد بہ انهيءَ طرح روايت ڪيو آهي.**

(956) وعن جابر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول في صلاته بعد التشهد : " أحسن الكلام كلام الله وأحسن الهدي هدي محمد " . رواه النسائي

**جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ نماز ۾ التحيات کان بعد چوندا هئا تہ ڪلامن ۾ چڱو ڪلام الله تعاليٰ جو آهي ۽ طريقن ۾ چڱو طريقو محمد ﷺ جو آهي هن کي نسائي روايت ڪيو آهي.**

(957) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى يسلم في الصلاة تسليمة تلقاء وجهه ثم تميل إلى الشق الأيمن شيئا . رواه الترمذي

**عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ نماز ۾[1] هڪ سلام پنهنجي سامهون وررائيندا هئا پنهنجي ساڄي طرف ڪجهہ لاڙو ڪري ويهند اهئا هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

---

[1] _ هن حديث مان امام مالڪ دليل ورتو آهي تہ فقط هڪ طرف سلام وارڻ گهرجي. امام شوڪاني چوي ٿو تہ هي مذهب اهو آهي جنهن ۾ اڪثر صحابي، تابعين ۽ تبع تابعين آهن ڪيترين حديثن ۾ بہ سلام وارڻ جو ذڪر آيل آهي تنهن ڪري بہ سلام واريا.

**فائده:_ هڪ سلام واري حديث ٻئي طريقي سان عائشه رضي الله عنها کان مروي آهي اها زياده صحيح آهي. (مشڪواة_ الباني ص302ج1)**

(958) وعن سمرة قال : أمرنا رسول الله صلى الله عليه وسلم أن نرد على الإمام ونتحاب وأن يسلم بعضنا على بعض . رواه أبو داود

**سمره بن جندب رضي الله عنه کان روايت آهي ته اسان کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حڪم ڪيو ته اسين سلام ورائڻ وقت امام تي سلام موٽائڻ جي نيت ڪريون ۽ پاڻ ۾ محبت ڪريون۽ هڪڙا اسان جا ٻين تي سلام ڪن. هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ سند ۾ سعيد بن بشير راوي ضعيف آهي مشڪواة_الباني ص 02ج1)**

# نماز کان پوءِ ذکر جو بيان

## فصل پهريون

(959) عن ابن عباس رضي الله عنهما قال : كنت أعرف أنقضاء صلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم بالتكبير

**ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته آئون رسول الله صلي الله عليه وسلم جي نماز جي پوري ٿيڻ کي الله اڪبر جي آواز سان سمجهندو هوس (بخاري مسلم)**

(960) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا سلم لم يقعد إلا مقدار ما يقول : " اللهم أنت السلام ومنك السلام تباركت يا ذا الجلال والإكرام " . رواه مسلم .

**ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جڏهن سلام ورائيندا هئا ته ايتري قدر ويهندا هئا جو (هن طرح) چون: اي منهنجا الله! تون سلام آهين ۽ توکان ئي سلامتي آهي. اي بزرگي ۽ بخشش وارا! تون برڪت وارو آهين. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(961) وعن ثوبان رضي الله عنه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا انصرف من صلاته استغفر ثلاثا وقال : " اللهم أنت السلام ومنك السلام تباركت يا ذا الجلال والإكرام " . رواه مسلم

**ثوبان رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جڏهن نماز کان واندا ٿيندا هئا ته ٽي دفعا استغفار ڪندا هئا ۽ چوندا هئا: اي منهنجا الله! تون سلام آهين ۽ تو وٽان ئي سلامتي آهي. اي برزگي ۽ بخشش وارا! تون برڪت وارو آهين هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(962) وعن المغيرة بن شعبة أن النبي صلى الله عليه وسلم : كان يقول في دبر كل صلاة مكتوبة : " لا إله إلا الله وحده لا شريك له له الملك وله الحمد وهو على كل شيء قدير اللهم لا مانع لما أعطيت ولا معطي لما منعت ولا ينفع ذا الجد منك الجد "

**مغيره بن شعبه ﷺ كان روايت آهي تہ نبيﷺ جن هر فرض نماز كان پوءِ چوندا هئا: ﷲ كان سواءِ ٻيو كو ﷲ نہ آهي ان جو كو شريک نہ آهي، ان جي لاءِ بادشاهت ۽ ان جي ئي تعريف آهي ۽ اهو سيني شين تي قادر آهي. اي منهنجا ﷲ! جيكي تون ڏئين تنهن كي كو روكيندڙ نہ آهي. جنهن شيءِ لاءِ تون منع كرين سان كوبہ ڏيندڙ نہ آهي ۽ شاهوكار كي سندس شاهوكاري تنهنجي عذاب كان كوبہ نفعو نہ ڏيندي متفق عليه**

(963) وعن عبد الله بن الزبير قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا سلم من صلاته يقول بصوته الأعلى : " لا إله إلا الله وحده لا شريك له له الملك وله الحمد وهو على كل شيء قدير لا حول ولا قوة إلا بالله لا إله إلا الله لا إله إلا الله ولا نعبد إلا إياه له النعمة وله الفضل وله الثناء الحسن لا إله إلا الله مخلصين له الدين ولو كره الكافرون " . رواه مسلم

**عبدالله بن زبيرﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جڏهن نماز كان سلام ورائيندا هئا[1] تہ بلند آواز سان چوندا هئا. ﷲ كان ساءِ ٻيو كو معبود نہ آهي،اهو اكيلو آهي، ان جو كوبہ شريک نہ آهي،ان لاءِ بادشاهت ۽ ان جي تعريف آهي، اهو سڀ شين تي قادر آهي، گناهين كان پري رهڻ ۽ نيكيءَ جي قوت ﷲ كان سواءِ نہ آهي، ﷲ كان سواءِ كو معبود نہ آهي. اسين رڳو ﷲ جي عبادت ٿا كريون ۽ نعمت ان وٽان آهي ﷲ كان سواءِ ٻيو كو معبود نہ آهي اسين ان جي خالص عبادت ٿا كريون جيتوڻيک كافر ناخوش هجن هن كي مسلم روايت كيو آهي.**

(964) وعن سعد أن كان يعلم بنيه هؤلاء الكلمات ويقول : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يتعوذ بهن دبر الصلاة : " اللهم إني أعوذ بك من الجبن وأعوذ بك من البخل وأعوذ بك من أرذل العمر وأعوذ بك من فتنة الدنيا وعذاب القبر " . رواه البخاري

**سعد ﷺ كان روايت آهي تہ هو پنهجي اولاد كي هن كلمن جي تعليم ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ رسول اللهﷺ جن هر نماز كان پوءِ هنن سان پناه گهرندو هو. اي ڏڻي منهنجا! آئون تنهنجي پناه ٿو وٺاڻ بزدليءَ كان ۽ تنهنجي پناه ٿو وٺان بخيلي كان ۽ تنهنجي پناه ٿو گهران نكميءَ عمر كان ۽ تنهنجي پناه ٿو گهران دنيا جي فتني ۽ قبر جي عذاب كان هن كي بخاري روايت كيو آهي.**

[1] _ هنن حديثن مان هر فرضي نماز جي پويان اهي كلمان پڙهڻ ثابت ٿين ٿا، يعني 33_دفعا سُبحَانَ اللّٰهِ ۽ 33 دفعا اَلْحَمْدُلِلّٰهِ ۽ 34_ دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ پڙهجي. ذكر جڏي فوراً سنتن لاءِ اٿڻ، اهو كنهن حديث مان ثابت كونهي.

(965) وعن أبي هريرة قال : ( إن فقراء المهاجرين أتوا رسول الله صلى الله عليه وسلم فقالوا : قد ذهب أهل الدثور بالدرجات العلى والنعيم المقيم فقال وما ذاك قالوا يصلون كما نصلي ويصومون كما نصوم ويتصدقون ولا نتصدق ويعتقون ولا نعتق فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أفلا أعلمكم شيئا تدركون به من سبقكم وتسبقون به من بعدكم ولا يكون أحد أفضل منكم إلا من صنع مثل ما صنعتم " قالوا بلى يا رسول الله قال : " تسبحون وتكبرون وتحمدون دبر كل صلاة ثلاثا وثلاثين مرة " . قال أبو صالح : فرجع فقراء المهاجرين إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فقالوا سمع إخواننا أهل الأموال بما فعلنا ففعلوا مثله فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ذلك فضل الله يؤته من يشاء " . وليس قول أبي صالح إلى آخره إلا عند مسلم وفي رواية للبخاري : " تسبحون في دبر كل صلاة عشرا وتحمدون عشرا وتكبرون عشرا " . بدل ثلاثا وثلاثين

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ مهاجرن مان فقير ماڻهو رسول اللهﷺ جن وٽ آيا. عرص ڪيائون تہ مالدار ماڻهو مٿانهان درجا ۽ سدائين رهندڙ نعمتون ڪٽي ويا. ﷺ جن فرمايو تہ اهو وري ڪيئن؟ چيائون تہ جهڙي طرح اسين نماز پڙهون ٿا تهڙي طرح اهي بہ نماز پڙهن ٿا ۽ جيئن اسين روزا رکون ٿا تيئن اهي بہ روزا رکن ٿا ۽ اهي خير خيرات ڪن ٿا پر اسين (مفلسيءَ سبب ) خيرات ڪري نٿا سگهون. اهي غلام آزاد ڪن ٿا ۽ اسين غلام آزاد ڪري نٿا سگهون.. رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ڇا پوءِ اوهان کي اهڙو عمل نہ سيکاريان جنهن سان اوهان انهن جي درجن کي وڃي پهچو، جيڪي اوهان کان وڌي ويا آهن ۽ جيڪي اوهان کان پوءِ آهن تن کان درجن ۾ وڌي وڃو ۽ اوهان کان ٻيو ڪو افضل ٿي نہ سگهندو مگر جيڪو اوهان وانگر اهو عمل ڪري جيڪو عمل اوهين ڪريو؟ چيائون تہ اي اللہ جا رسولﷺ! هائو فرمايائون هر نماز کان پوءِ 33 دفعا سُبۡحَانَ اللهِ ۽ 33 دفعا اَللهُ اَڪۡبَرُ ۽ 33 دفعا اَلۡحَمۡدُ لِلهِ پڙهو. ابو صالح بيان ڪيو تہ پوءِ وري مهاجر فقير رسول اللهﷺ جن وٽ آيا چيائون تہ اسان جي مالدار ڀائرن بہ اهو ذڪر ٻڌو ۽ انهن بہ اسان وانگر ساڳيو ذڪر شروع ڪيو. رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اهو اللہ تعاليٰ جو فضل آهي، جنهن کي وڻيس ڏئي. (بخاري مسلم)**

**ابو صالح جو قول آخر تائين مسلم ۾ آهي. بخاري جي هڪ روايت ۾ آهي تہ فرمايائون: هر نماز جي پنيان سُبحَانَ اللهِ ڏهہ دفعا ۽ اَلۡحَمۡدُلِلهِ ڏهہ دفعا ۽ اَللهُ اَڪۡبَرُ ڏهہ دفعا پڙهندا ڪريو.**

(966) وعن كعب بن عجرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " معقبات لا يخيب قائلهن أو فاعلهن دبر كل صلاة مكتوبة : ثلاث وثلاثون تسبيحة ثلاث وثلاثون تحميدة وأربع وثلاثون تكبيرة " . رواه مسلم

**ڪعب بن عجره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: هر فرض نماز کان بعد 33_دفعا سُبحَانَ اللهِ ۽ 33 دفعا اَلۡحَمۡدُلِلهِ ۽ 34_ دفعا اَللهُ اَڪۡبَرُ چوڻ وارو (يا فرمايائون) اهو ذڪر ڪرڻ وارو ڪڏهن بہ نااميد نہ ٿيندو هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(967) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من سبح الله في دبر كل صلاة ثلاثا وثلاثين وحمد الله ثلاثا وثلاثين وكبر الله ثلاثا وثلاثين فتلك تسعة وتسعون وقال تمام المائة : لا إله إلا الله وحده لا شريك له له الملك وله الحمد وهو على كل شيء قدير غفرت خطاياه وإن كانت مثل زبد البحر " . رواه مسلم

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جي فرمايو تہ جيڪو ماڻهو هر نماز جي پويان 33_دفعا سُبحَانَ اللهِ ۽ 33 دفعا اَلحَمدُلِلهِ ۽ 34_ دفعا اَللهُ اَڪبَرُ پڙهندو. اهي 99 ڪلما آهن ۽ سؤ پورو ڪرڻ لاءِ چيائين: لَا اِلٰهَ اِلَاللهُ وَحدَهٗ لَا شَرِيکَ لَہٗ، لَہٗ المُلکُ وَلَہُ الحَمدُ وَهُوَ عَليٰ کُلِّ شَيءٍ قَدِيرُ_ تہ ان جا گناهہ جيڪڏهن سمنڊ جي گجي جيترا بہ هوندا تہ بہ بخشيا ويندا هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

## فصل ٻيو

(968) وعن أبي أمامة قال : قيل : يا رسول الله أي الدعاء أسمع ؟ قال : " جوف الليل الآخر ودبر الصلوات المكتوبات " . رواه الترمذي .

**ابي امامه کان روايت آهي تہ عرض ڪيو ويو تہ اي اللهؒ جا رسولﷺ! ڪهڙي دعا مقبول آهي؟ فرمايائون: رات جي آخري حصي ۾ هر فرض نماز کان بعد هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ سند ۾ ابن جريج مدلس راوي آهي. ان عَنّ سان حديث بيان ڪئي آهي (مرعاةص 565ج2)**

(969) وعن عقبة بن عامر قال : أمرني رسول الله صلى الله عليه وسلم أن أقرأ بالمعوذات في دبر كل صلاة . رواه أحمد وأبو داود والنسائي والبيهقي في الدعوات الكبير

**عقبه بن عامر ؓ کان روايت آهي تہ مون کي رسول اللهﷺ جن هر نماز کان بعد معوذتين(قُل اَعُوذُ بِرَبِّ الفَلَقِ ۽ قُل اَعوَبِرَبِّ النَّاسِ) پڙهڻ جو امر فرمايو، هن کي احمد ۽ ابوداؤد، نيز بيهقي "الدعوات الڪبير" روايت ڪيو آهي.**

(970) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لأن أقعد مع قوم يذكرون الله من صلاة الغداة حتى تطلع الشمس أحب إلي من أن أعتق أربعة من ولد إسماعيل ولأن أقعد مع قوم يذكرون الله من صلاة العصر إلى أن تغرب الشمس أحب إلي من أن أعتق أربعة " . رواه أبو داود .

انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪا قوم ﷲ جو ذڪر فجر کان وٺي سج اڀرڻ تائين ڪري. انهن وٽ ويهڻ منهنجي نزديڪ اسماعيل﵇ جي اولاد مان چار غلام آزاد ڪرڻ کان بہ وڌيڪ پسند آهي ۽ جيڪا قوم وچين نماز کان سج لهڻ تائين ﷲ جو ذڪر ڪري، انهن وٽ منهنجو ويهڻ مون کي چار غلام آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ راوي محتسب ابو عائذ کي ابن حبان ثقہ قرار ڏنو آهي، مگر ٻين امامن ان کي ضعيف قرار ڏنو آهي (مشڪوٰة_الباني ص 306 ج1)

(971) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى الفجر في جماعة ثم قعد يذكر الله حتى تطلع الشمس ثم صلى ركعتين كانت له كأجر حجة وعمرة " . قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " تامة تامة تامة " . رواه الترمذي

انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن فجر نماز جماعت سان پڙهي، پوءِ ساڳي جاءِ تي ويهي ﷲ جو ذڪر ڪري، تانجو سج چڙهي، پوءِ 2_رڪعتون پڙهي تہ ان لاءِ حج ۽ عمري جو ثواب آهي. راوي چوي ٿو تہ ﷺ جن فرمايو پوري حج ۽ عمر جو اجر، پوري حج ۽ عمري جو اجر، پوري حج ۽ عمر جو اجر. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

## فصل ٽيون

(972) عن الأزرق بن قيس قال : صلى بنا إمام لنا يكنى أبا رمثة قال صليت هذه الصلاة أو مثل هذه الصلاة مع رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : وكان أبو بكر وعمر يقومان في الصف المقدم عن يمينه وكان رجل قد شهد التكبيرة الأولى من الصلاة فصلى نبي الله صلى الله عليه وسلم ثم سلم عن يمينه وعن يساره حتى رأينا بياض خديه ثم انفتل كانفتال أبي رمثة يعني نفسه فقام الرجل الذي أدرك معه التكبيرة الأولى من الصلاة يشفع فوثب إليه عمر فأخذ بمنكبه فهزه ثم قال اجلس فإنه لم يهلك أهل الكتاب إلا أنه لم يكن بين صلواتهم فصل . فرفع النبي صلى الله عليه وسلم بصره فقال : " أصاب الله بك يا ابن الخطاب " . رواه أبو داود

ازرق بن قيس کان روايت آهي تہ اسان کي اسان جي امام نماز پڙهائي ان جي ڪنيت ابورمثہ هئي. چيائين تہ مون هيءَ نماز يا ان جهڙي نماز نبي ﷺ جن سان گڏ پڙهي. ابو رمثہ ﷛ چيو تہ ابو بڪر صديق ﷛ ۽ عمر فاروق ﷛ پهرين صف ۾ ﷺ جن جي ساڄي پاسي هئا ۽ هڪ ٻيو ماڻهو جو تڪبير اوليٰ ۾ حاضر هو. نبي ﷺ جن نماز پڙهائي، پوءِ پنهنجي ساڄي ۽ کاٻي پاسي سلام ورايائون. تانجو اسان سندن ڳل جي اڇاڻ ڏٺي. ﷺ جن نماز کان پوءِ ابو رمثہ ﷛ جي ڦرڻ وانگر ڦريا__ يعني ابو رمثہ ﷛ پاڻ مراد آهي. پوءِ هڪ ماڻهو جو تڪبير اوليٰ ۾ هو ان اٿي ٻيهي نماز پڙهڻ شروع ڪئي. عمر ﷛ اٿي کڙو ٿيو. ان جي ٻنهي ڪلهن کان وٺي

ان کي چڪيائين ۽ چيائين تہ ويهہ چو تہ اهل ڪتاب هلاڪ نہ ٿيا، مگر ان ڪري جو فرض نماز ۽ نفل جي وچ ۾ جدائي نہ ڪندا هئا. نبي ﷺ جن نظر مٿي ڪڍي نهاريو پوءِ فرمايائون تہ اي خطاب جا پٽ! توکي ﷲ تعاليٰ حق جي واٽ[1] تي پهچايو آهي هن کي ابو داؤد روايت ڪيو آهي.

فائده:_ سند ۾ اشعث بن شعبہ ۾ منهال بن خليفہ راوي ضعيف آهن (مشڪواة_الباني ص 307ج1)

(973) وعن زيد بن ثابت قال : أمرنا أن نسبح في دبر كل صلاة ثلاثا وثلاثين ونحمد ثلاثا وثلاثين ونكبر أربعا وثلاثين فأتي رجل في المنام من الأنصار فقيل له أمركم رسول الله صلى الله عليه وسلم أن تسبحوا في دبر كل صلاة كذا وكذا قال الأنصاري في منامه نعم قال فاجعلوها خمسا وعشرين خمسا وعشرين واجعلوا فيها التهليل فلما أصبح غدا على النبي صلى الله عليه وسلم فأخبره فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " فافعلوا " . رواه أحمد والنسائي والدارمي

زيد بن ثابت ﷛ کان روايت آهي تہ اسان کي حڪم ڪيو ويو تہ هر نماز کان پوءِ 33_دفعا سُبحَانَ اللّٰهِ ۽ 33 دفعا اَلحَمدُلِلّٰهِ ۽ 34_ دفعا اَللّٰهُ اَڪبَرُ پڙهون. پوءِ هڪ انصاريءَ خواب ڏٺو. ڪيس چيو ويو تہ توهان کي رسول الله ﷺ جن هر نماز جي پنيان هيٽريون هيٽريون تسبيحون پڙهڻ جو حڪم ڪيو آهي؟ انصاريءَ خواب ۾ ئي جواب ڏنو تہ هائو! ان چيس تہ اهي تسبيحون ([2]) 25_25 دفعا پڙهو ۽ وڏيڪ 25 دفعا لَااِلٰهَ اَلّااللّٰهُ پڙهو. جڏهن صبح ٿيو، تہ اهو نبي ﷺ جن وٽ آيو ۽ اها خبر ڏنائين. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ائين ڪريو هن کي احمد، نسائي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.

(974) وعن علي رضي الله عنه قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم على أعواد المنبر يقول : " من قرأ آية الكرسي في دبر كل صلاة لم يمنعه من دخول الجنة إلا الموت ومن قرأها حين يأخذ مضجعه آمنه الله على داره ودار جاره وأهل دويرات حوله " . رواه البيهقي في شعب الإيمان وقال إسناده ضعيف

علي ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کان منبر تي ٻڌم فرمايائون تہ جيڪو آيت الڪرسي سڀ ڪنهن نماز جي پويان پڙهندو ان کي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان صرف موت[3] روڪيندو ۽ جيڪو بستري تي سمهڻ وقت پڙهندو تہ ان جي گهر، سندس پاڙيسري جي گهر کي

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ فرض نماز کان پوءِ يڪدم سنت لاءِ نہ اٿجي، بلڪ مسنون ذڪر کان بعد سنت پڙهجي.

[2] _ صحيح حديثن ۾ ٽيتيهہ دفعا ثابت آهي. پر جيڪڏهن ڪو هن حديث تي عمل ڪندي 25_25 دفعا هر هڪ ڪلمو چوي ۽ 25_دفعا تهليل (الحمدلله) چوي تہ بہ سنت جي پيروي آهي، ان کي ڪابہ منع نہ ڪبي، ڇاڪاڻ تہ حضور ﷺ جن کان ذڪر گهٽڻ قسمن جا وارد آهن ۽ هن خواب کي بہ بحال رکيو اٿن.

[3] _ موت روڪي ٿو يعني موت جي دير روڪي ٿي.

۽ بين چوڏاري ڪيترين ويجهن گهرن کي ﷲ تعاليٰ پناه ڏيندو هن کي بيهقي شعب الايمان ۾ روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ اسناد انهيءَ جي ضعيف آهي.

(975) وعن عبد الرحمن بن غنم عن النبي صلى الله عليه وسلم أنه قال : " من قال قبل أن ينصرف ويثني رجليه من صلاة المغرب والصبح لا إله إلا الله وحده لا شريك له له الملك وله الحمد بيده الخير يحيي ويميت وهو على كل شيء قدير عشر مرات كتب له بكل واحدة عشر حسنات ومحيت عنه عشر سيئات ورفع له عشر درجات وكانت حرزا من كل مكروه وحرزا من الشيطان الرجيم ولم يحل لذنب يدركه إلا الشرك وكان من أفضل الناس عملا إلا رجلا يفضله يقول أفضل مما قال " . رواه أحمد

**عبدالرحمٰن بن غنم رضي الله عنه عنه نبي ﷺ کان روايت ڪري ٿو تہ ﷺ جن فرمايائون: جيڪو ماڻهو مغرب ۽ سانجهي نماز ۾ منهن ڦيرڻ ۽ پير ورائڻ کان اڳ [1] ڏهہ ڀير چوي: ﷲ کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ نہ آهي، ان جي لاءِ بادشاهت آهي، ان جي لاءِ تعريف آهي، ان جي هٿ ۾ خير آهي، اهوئي جيئرو ڪري ٿو، اهو ئي ماري ٿو ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. ان جي لاءِ هر تسبيح جي عيوض ڏهہ نيڪيون لکيون وينديون. ڏهہ گناهہ مٽايا ويندا، ڏهہ درجا بلند ڪيا ويندا ۽ اهي ڪلمات هر آفت کان ان لاءِ تحفظ ۽ تڙيل شيطان کان امن جو باعث ٿيندا ۽ شرڪ کان سواءِ ٻيو ڪو گناهہ ان جي عمل کي باطل نہ ڪندو ۽ اهو شخص انهيءَ عمل ڪري سڀ کان ڀلو آهي، مگران کي زياده فضيلت حاصل ٿيندي، جيڪو انهيءَ کان بہ زياده پڙهندو هجي. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.**

(976) وروى الترمذي نحوه عن أبي ذر إلى قوله : " إلا الشرك " ولم يذكر : " صلاة المغرب ولا بيده الخير " وقال : هذا حديث حسن صحيح غريب

**۽ ترمذيءَ پڻ ان طرح ابو ذر ﷺ کان_ اَلَّاالشِرکُ_ تائين روايت ڪيو ۽ "صلواة المغرب" ۽ "بيده الخير" جو ذڪر نہ ڪيو اٿس. ترمذي چوي ٿو تہ هيءَ حديث حسن صحيح غريب آهي.**

(977) وعن عمر بن الخطاب رضي الله عنه أن النبي صلى الله عليه وسلم بعث بعثا قبل نجد فغنموا غنائم كثيرة وأسرعوا الرجعة فقال رجل منا لم يخرج ما رأينا بعثا أسرع رجعة ولا أفضل غنيمة من هذا البعث فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " ألا أدلكم على قوم أفضل غنيمة وأفضل رجعة ؟ قوما شهدوا صلاة الصبح ثم جلسوا يذكرون الله حتى طلعت عليهم الشمس أولئك أسرع رجعة وأفضل غنيمة " . رواه الترمذي وقال هذا حديث غريب لا نعرفه إلا من هذا الوجه وحماد بن أبي حميد هو الضعيف في الحديث

---

[1]_ يعني جيئن التحيات ۾ وينو آهي، تيئن ساڳي حالت ۾ ويهي اهي ڪلمان ڏهہ دفعا پڙهڻ گهرجن.

عمر بن خطابﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ نجد جي طرف فوج موڪلي، پوءِ تان گهڻي غنيمت آندائون ۽ تمام جلد موٽيا. اسان مان هڪ شخص نڪتو، ان چيو ته: اسان اهڙي ڪا فوج نه ڏٺي جيڪا جنگ تان هن فوج کان جلد موٽي آئي هجي ۽ زياده غنيمت آندي هجيس. نبيﷺ فرمايو: آئون اوهان کي اهڙي قوم بابت نه ٻڌايا جا غنيمت ۾ جلد موٽڻ ۾ ان کان به وڌيڪ فضيلت واري هجي؟ اُهي اهي ماڻهو آهن جيڪي صبح جي نماز تي حاضر ٿين پوءِ ويهي سج ايرڻ تائين ﷲ جو ذڪر ڪن. جلدي موٽڻ ۽ زياده غنيمت آڻڻ ۾ اهي افضل آهن([1]) هن کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي ۽ چيائين ته هيءَ حديث غريب آهي ۽ حماد بن ابو حميد راوي ضعيف آهي.

# جيڪي ڪم نماز ۾ ناجائز ۽ جيڪي جائز آهن انهن جو بيان

## فصل پهريون

(978) عن معاوية ابن الحكم قال : بينا أنا أصلي مع رسول الله صلى الله عليه وسلم إذ عطس رجل من القوم فقلت : يرحمك الله . فرماني القوم بأبصارهم . فقلت : وا ثكل أمياه ما شأنكم تنظرون إلي فجعلوا يضربون بأيديهم على أفخاذهم فلما رأيتهم يصمتونني لكني سكت فلما صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فبأبي هو وأمي ما رأيت معلما قبله ولا بعده أحسن تعليما منه فوالله ما كهرني ولا ضربني ولا شتمني قال : " إن هذه الصلاة لا يصلح فيها شيء من كلام الناس إنما هو التسبيح والتكبير وقراءة القرآن " أو كما قال رسول الله صلى الله عليه وسلم . قلت : يا رسول الله إني حديث عهد بجاهلية وقد جاء الله بالإسلام وإن منا رجالا يأتون الكهان . قال : " فلا تأتهم " . قلت : ومنا رجال يتطيرون . قال : " ذاك شيء يجدونه في صدورهم فلا يصدنهم " . قال قلت ومنا رجال يخطون . قال : " كان نبي من الأنبياء يخط فمن وافق خطه فذاك " . رواه مسلم قوله : لكني سكت هكذا وجدت في صحيح مسلم وكتاب الحميدي وصحح في " جامع الأصول " بلفظه كذا فوق : لكني

معاويه بن حڪم کان روايت آهي ته ان دوران جو مون رسول اللهﷺ سان گڏ نماز پئي پڙهي ماڻهن مان هڪ شخص ڇڪ ڏني. مون ان کي نماز ۾ يَرۡ حَمُڪَ اللهَ چيو تنهن تي ماڻهومون ڏانهن گهورڻ لڳا. من چيو ته شل منهنجي ماءُ مون کي گم ڪري! اوهان مون ڏانهن ڇا جي لاءِ ٿا ڏسو؟ تنهن ڪري انهن پنهنجا هٿ پنهنجن گوڏن تي هڻڻ شروع ڪيا. جڏهن مون محسوس ڪيو ته مون کي ماٺ ڪرائڻ گهرن ٿا ته مون ڪٺي ماٺ ڪئي. جڏهن رسول اللهﷺ جن نماز پڙهي پوري ڪئي، مٿن منهنجو پاءُ ۽ منهنجي ماءُ قربان! مون اهڙو بهترين سيکاريندڙ نه ان کان اڳي، نه ان کان وءِ ڏٺو. پر ﷲ جو قسم مون کي نه دڙڪو ڏنائون نه ماريائون ۽ نڪي مون کي سخت سست چيائين_ فرمايائون: هيءُ نماز آهي ان ۾ ماڻهن جو ڪلام ڪرڻ صحيح نه

---

[1]_ قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته مَا عِنۡدَ ڪُمۡ يَنۡفَدُ وَمَا عِنۡدَاللهِ بَاقٍ (جيڪي توهان وٽ آهي سو ڪٽي ويندو ۽ جيڪي ﷲ وٽ آهي اهو باقي آهي.

آهي. نماز تہ رڳو سبحان الله، الله اڪبر چوڻ ۽ قرآن پڙهڻ جو نالو آهي يا جهڙيءَ طرح رسول الله ﷺ فرمايو. مون چيو تہ يا رسول الله! آئون جاهليت مان نئون نڪتل آهيان ۽ ﷲ اسان کي اسلام سان نوازيو آهي. اسان ۾ ڪي ڀوپن وٽ ويندا آهن (ان بابت ڇا حڪم آهي) ﷺ جن فرمايو: تون انهن وٽ نہ وڃ. عرض ڪيم تہ اسان مان ڪي بدسوڻ وٺندا آهن. ﷺ جن چيو تہ اهو (وهم) آهي جنهن ڪي پنهنجي دل ۾ ڏسن ٿا مگر انهيءَ وهم جي ڪري ڪين رڪجڻ نہ گهرجي. مون چيو تہ اسان ۾ ڪي نجومين وانگر ليڪا ڪيندا آهن. ﷺ جن چيو تہ نبين مان هڪڙو نبي ليڪا ڪيندو هو. ([1]) پوءِ جنهن جوليڪو ان جي ليڪي موافق ٿيندو تہ اهو درست آهي. هن کي مسلم روايت ڪيو. مؤلف چوي ٿو سنس قول ( لٰكِنِّيَ سَكَتَّ) صحيح مسلم ۽ ڪتاب حميدي ۾ ڏٺم ۽ جامع اصول ۾ ڪذا جو لفظ لٰكِنِّيَ جي مٿان آهي جيڪا صحيح جي علامت آهي.

(979) وعن عبد الله بن مسعود قال : كنا نسلم على النبي صلى الله عليه وسلم وهو في الصلاة فيرد علينا فلما رجعنا من عند النجاشي سلمنا عليه فلم يرد علينا فقلنا : يا رسول الله كنا نسلم عليك في الصلاة فترد علينا فقال : إن في الصلاة لشغلا "

عبدالله بن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ اسين نبي ﷺ کي نماز ۾ سلام ڪندا هئاسون تہ پاڻ اسان کي جواب ڏيندا هئا. جڏهن نجاشي([2]) وٽان موٽياسون تڏهن اسان ﷺ جن تي (نماز ۾) سلام ڪيو، پر اسان کي سلام جو جواب نہ ڏنائون. عرض ڪيوسين: اي رسول ﷺ الله جا! اسين توهان تي (نماز ۾) سلام ڪندا هئاسون. توهين جواب ڏيندا هئا (هينئر نٿا ڏيو؟) ﷺ جن فرمايو تہ نماز ۾ ﷲ ڏانهن توجهہ ۽ مشغولي هوندي آهي. (بخاري مسلم)

(980) وعن معيقيب عن النبي صلى الله عليه وسلم في الرجل يسوي التراب حيث يسجد ؟ قال : " إن كنت فاعلا فواحدة "

---

[1] _ هن مان اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ رمل جو علم جائز آهي، بلڪ حضور ﷺ جن هن کي تعليق بالحال قرار ڏنو آهي، ڇاڪا تہ نبي ﷺ جي خط سان موافق ليڪو ڪڍڻ محال آهي. نبيءَ ﷺ کي معجزي طور خط سيڪاريل هو، اهو معجزو سندس حياتيءَ تائين محدود هو.

[2] _ نجاشي حبشہ جي بادشاهہ جو لقب هو ا جو نالو اصمه هو. پاڻ سڳورن مڪي جي مجبور ۽ مظلوم مسلمانن کي حبش ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ جي اجازت ڏني. انهن مهاجرن جو تعداد سي هو. انهن حبش ۾ ڪجهہ عرصو ترسڻڪان پوءِ جڏهن ٻڌو تہ پاڻ سڳورا بہ مڪہ مڪرمہ کان مديني ڏانهن هجرت ڪري آيا آهن تہ انهن نجاشيءَ کان موڪلي وٺي مديني منوره ج رخ ڪيو. سندن اچڻ وقت پاڻ سڳورا ﷺ نماز جي حالت ۾ هئا. انهن حضور ﷺ جن کي سلام ڪيو. مگر پاڻ ڪريمن ﷺ انجو جواب نہ ڏنو. فارغ ٿي ان جو سبب ٻڌايائون تہ نماز ۾ ٻانهي کي قرآن، تسبيح ۽ مناجات ۾ مشغول رهڻ گهرجي. هن حديث ۾ دليل آهي تہ جنهن کي نماز جي حالت ۾ سلام ڪيو وڃي سو نماز ۾ جواب نہ ڏي. فقط هٿ سان اشارو ڪري، جنهن جو بيان ٻي حديث ۾ آهي.

معيقيب رضي الله عنه نبي ڪريم ﷺ کان ان شخص جي باري ۾ جو سجدي جي جاءِ تي مٽي هموار ڪري روايت ڪري ٿو ته فرمايائون: جيڪڏهن ڪرڻو ئي اٿس ته هڪ دفعو[1] (ڪري سگهي ٿو) بخاري مسلم

(981) وعن معيقيب عن النبي صلى الله عليه وسلم في الرجل يسوي التراب حيث يسجد ؟ قال : " إن كنت فاعلا فواحدة "

ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن نماز ۾ چيلهه تي هٿ رکڻ کان منع ڪئي آهي.متفق عليه

(982) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : سألت رسول الله صلى الله عليه وسلم عن الالتفات في الصلاة فقال : " هو اختلاس يختلسه الشيطان من صلاة العبد "

ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کان نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ بابت پڇيو[2] ﷺ جن فرمايو ته اهو ڏاڙو هڻڻ آهي انهيءَ سان شيطان ٻانهي جي نماز ۾ ڏاڙو هڻي ٿو. (بخاري مسلم)

(983) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لينتهين أقوام عن رفعهم أبصارهم عند الدعاء في الصلاة إلى السماء أو لتخطفن أبصارهم " . رواه مسلم

ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته نماز ۾ دعا وقت آسمان ڏانهن پنهنجيون اکيون کڻڻ کان ماڻهو باز رهن. نه ته سندن اکيون کسيون وينديون هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

(984) وعن أبي قتادة قالت : رأيت النبي صلى الله عليه وسلم يؤم الناس وأمامه بنت أبي العاص على عاتقه فإذا ركع وضعها وإذا رفع من السجود أعادها "

ابو قتاده رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون ڏٺو رسول الله ﷺ ماڻهن کي نماز پڙهائي رهيا آهن. ۽ امامه بنت ابي العاص سندن ڪلهي تي هئي جڏهن رڪوع پئي ڪيائون ته ڪيس هيٺ پئي ويهاريائون ۽ جڏهن سجدي کان مٿو مٿي ڪنيائون ته ان کي ڪلهي تي پئي کنيائون.[3] (بخاري مسلم)

---

[1] ـ ضرورت جي وقت سجدو ڏيڻ لاءِ جيڪڏهن کو سجدي واري جاءِ هموار ڪري ته فقط هڪ دفعو ائين ڪري سگهي ٿو.

[2] ـ نماز ۾ ڪنڌ پيرائي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ سان نماز ۾ خلل ٿيندو ۽ ائنم ڪرڻ جي منع ٿيل آهي.

[3] ـ مرحوم مولوي عبدالحي هن حديث جي معنيٰ ۾ علماءَ ڪرام جو اختلاف بيان ڪيو آهي، امام مالڪ کان ابن قاسم روايت بيان ڪري ٿو ته هي نماز نفلي هئي، مگر هن کي امام قرطبي ۽ قاضي عياض غلط لکيو آهي.

(985) وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا تثاءب أحدكم فليكظم ما استطاع فإن الشيطان يدخل " . رواه مسلم

**ابو سعيدﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: اوهان مان ڪنهن ڪي نماز ۾ اوٻاسي اچي تہ جيتري قدر ٿي سگهي منهن کي بند ڪري[1] جو شيطان انمان گهڙي وڃي ٿو. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(986) وفي رواية البخاري عن أبي هريرة قال : " إذا تثاءب أحدكم في الصلاة فليكظم ما استطاع ولا يقل : ها فإنما ذلكم من الشيطان يضحك منه "

**۽ بخاريءَ ۾ ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو: اوهان مان ڪنهن ڪي نماز ۾ اوٻاسي اچي تہ جيتري قدر ٿي سگهي منهن کي بند ڪري ۽ ها ها نہ ڪري، جو اهو شيطان جي طرفان هوندو آهي، ان سان اهو کِلندو آهي.**

**فائدو:_ اها حديث انهن لفظن سان بخاريءَ ۾ نہ آهي، البت ابوداؤد ۾ ان جا لفظ آهن مرعاة ص 372 ج9)**

(987) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن عفريتا من الجن تفلت البارحة ليقطع علي صلاتي فأمكنني الله منه فأخذته فأردت أن أربطه على سارية من سواري المسجد حتى تنظروا إليه كلكم فذكرت دعوة أخي سليمان : ( رب هب لي ملكا لا ينبغي لأحد من بعدي )

فرددته خاسئا "

**ابو هريره ر کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ڪالهہ رات سرڪش جن تيزي سان مون وٽ آيو[2] تہ جيئن منهنجي نماز ڀڃي. پوءِ اللّٰہ تعاليٰ مون کي ان تي قدرت ڏني،**

---

چاڪاڻ تہ مسلم ۽ بخاري ۽ ابو داؤد جي روايت ۾ اها چٽائي آهي تہ هي اڳين يا وچين نماز جو واقعو هو. امام نووي فرمائي ٿو تہ ڪن مالڪين جو چوڻ آهي تہ هيءَ حديث منسوخ آهي ۽ ڪن ان کي حضور ﷺ جن خاصيتن ۾ شمار ڪيو ۽ ڪن ضرورت تي محمول ڪيو آهي. مطلب تہ اهي سڀ دعوائون ڪوڙيون آهن. حديثن ۾ انهن جو ڪوبہ دليل ڪونہ آهي ۽ هن حديث ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ اهي، جا شريعت جي قاعدن جي مخالف هجي چاڪاڻ تہ ماڻهو پاڪ آهي. ننڍڻ ٻارن جا ڪپڙا ۽ جسم پاڪ آهن. باقي هٽ سان ايترو ٿورو ڪم ڪرڻ سان نماز ڪانہ ڀڄندي.

[1] _ هن مان معلوم ٿيو تہ اوٻاسي اچڻ وقت نما ۾ هٿ مٿي وات تائين ڪڻڻ ۽ اوٻاسي کي روڪڻ جائز آهي انهيءَ عمل ڪري نماز کي ڪو بہ نقصان نہ ٿيندو.

[2] _ هن حديث مان جنن جي وجود جي ثابتي ملي ٿي ۽ جنن جو ڏسڻ بہ ممڪن معلوم ٿئي ٿو. قرآن پاڪ ۾ آهي تہ اهي اوهان کي ڏسن ٿا جتان اوهين انهن کي نٿا ڏسو. اهو حڪم گهڻيئي حالتن تي محمول آهي مگر ڪڏهن ڏسي بہ ٿو.

مون ان کي پڪڙيو ۽ ارادو ڪيم تہ مسجد جي ٿنڀن مان هڪ ٿنڀي سان ان کي ٻڌا تہ اوهين ان کي ڏسو. پوءِ مون کي پنهنجي ڀاءُ سليمان ﷺ جي دعا ياد آئي: اي رب منهنجا مون کي اهڙي بادشاهي بخش جا مون کان پوءِ ٻئ ڪنهن جي لائق نہ هجي، تنهن ڪري مون ان کي ذليل ڪري ڀڄائي ڪڍيو (بخاري مسلم)

(988) وعن سهل بن سعد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم " من نابه شيء في صلاته فليسبح فإنما التصفيق للنساء "

وفي رواية : قال : " التسبيح للرجال والتصفيق للنساء "

سهل بن سعدر کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن کان نماز ۾ ڀل ٿئي، ان کي گهرجي تہ سبحان الله چوي جو تاڙي وڄائڻ عورتن لاءِ آهن. ٻي روايت ۾ آهي تہ ڀُل جي اطلاع لاءِ سبحان الله چوڻ مردن لاءِ ۽ تاڙي وڄائڻ عورتن لاءِ آهن. (بخاري مسلم)

## فصل ٻيون

(989) عن عبد الله بن مسعود قال : كنا نسلم على النبي صلى الله عليه وسلم وهو في الصلاة قبل أن نأتي أرض الحبشة فيرد علينا فلما رجعنا من أرض الحبشة أتيته فوجدته يصلي فسلمت عليه فلم يرد علي حتى إذا قضى صلاته قال : " إن الله يحدث من أمره ما يشاء ن وإن مما أحدث أن لا تتكلموا في الصلاة " . فرد علي السلام .

عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ اسين حبش وڃڻ کان اڳ نبي ﷺ کي نماز ۾ سلام ڪنداهئاسون، پاڻ جواب ڏيندا هئا_ جڏهن حبشہ (جي هجرت) کان موٽياسون تہ خدمت ۾ حاضر ٿيس، پاڻ نماز پڙهي رهيا هئا، مون کين سلام ڪيو. پاڻ جواب نہ ڏنائون: تانجو نماز پوري ڪيائون. فرمائڻ لڳا تہ ﷲ تعاليٰ جيڪي احڪام چاهي نافذ فرمائيندو آهي، ان جيڪو نئون حڪم فرمايو آهي اهو هيءُ آهي تہ نماز ۾ نہ ڳالهائيندا ڪريو. ان کان پوءِ مون کي سلام جو جواب ڏنائون.

(990) وقال : " إنما الصلاة لقراءة القرآن وذكر الله فإذا كنت فيها ليكن ذلك شأنك " . رواه أبو داود

۽ فرمايائون تہ نماز رڳو قرآن جي تلاوت ۽ ﷲ جي ذڪر لاءِ هوندي آهي، پوءِ جڏهن ان ۾ هجين تہ توکي گهرجي تہ انهيءَ ئي خيال ۾ رهہ. ان کي ابوداؤد روايت ڪيو.

فائدو:_ اها حديث انهن لفظن سان ابوداؤد ۾ نہ آهي. (مشڪواة _ الباني ص 313 ج1)

(991) وعن ابن عمر قال : قلت لبلال : كيف كان النبي صلى الله عليه وسلم يرد عليهم حين حانوا يسلمون عليه وهو في الصلاة ؟ قال : كان يشير بيده . رواه الترمذي وفي رواية النسائي نحوه وعوض بلال صهيب

**ابن عمرر کان روايت آهي تہ مون بلال کي چيو تہ نبيﷺ ماڻهن کي سلام جو جواب ڪيئن ڏيندا هئا. جڏهن اهي ڪين نماز ۾ سلام ڪندا هئا؟ چيائين تہ هٿ سان اشارو ڪندا هئا[1] ان کي ترمذيءَ روايت ڪيو. نسائيءَ جي روايت ۾ بہ اهڙيءَ طرح آهي مگر بلال جي عيوض صهيب چيو اٿس.**

(992) وعن رفاعة بن رافع قال : صليت خلف رسول الله صلى الله عليه وسلم فعطست فقلت الحمد لله حمدا كثيرا طيبا مباركا فيه مباركا عليه كما يحب ربنا ويرضى فلما صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم انصرف فقال : " من المتكلم في الصلاة ؟ " فلم يتكلم أحد ثم قالها الثانية فلم يتكلم أحد ثم قالها الثالثة فقال رفاعة : أنا يا رسول الله . فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " والذي نفسي بيده لقد ابتدرها بضعة وثلاثون ملكا أيهم يصعد بها " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي

**رفاعه بن رافع رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جي پنيان نماز پڙهي پوءِ مون کي ڇڪ آهي تڏهن مون چيو (ترجمو) سڀ تعريف الله لاءِ آهي، تعريف تمام گهڻي (رياڪاريءَ کان) پاڪ ۽ ان ۾ برڪت هجي ۽ ان تي برڪت ڪئي وئي هجي جيئن رب اسان جو پسند ڪري ۽ راضي ٿئي. پوءِ جڏهن رسول اللهﷺ نماز پڙهي واندو ٿيو تڏهن چيائين تہ نماز ۾ ڳالهائيندڙ ڪير هو؟ ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو. پاڻ ٻيو دفعو پڇيائون. پوءِ بہ ڪنهن جواب نہ ڏنو. پوءِ انهيءَ طرح ٽيون دفعو چيائين. تنهن تي مون (رفاعة) چيو تہ اي الله جا رسولﷺ مون (اهي ڪلما چيا هئا) نبي ڪريمﷺ فرمايو تہ قسم آهي، تحقيق[2] ٽيهہ ۽ ڪجهہ وڌيڪ ملائڪن جلدي پئي ڪئي تہ انهيءَ عمل کي ڪير کڻي وڃي. هن کي ترمذي، ابوداؤد ۽ نسائي روايت ڪيو آهي.**

(993) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " التثاؤب في الصلاة من الشيطان فإذا تثاءب أحدكم فليكظم ما استطاع " . رواه الترمذي وفي أخرى له ولابن ماجه : " فليضع يده على فيه "

---

[1]_هن مان معلوم ٿيو تہ سلام نمازيءَ تي ڇئجي تہ ان جو جواب نماز ۾ ڪونہ ڏبو بلڪ نماز پوري ڪرڻ کان پوءِ ڏبو. ائين ڪرڻ مستحب آهي. نماز ۾ هٿ سان اشارو سلام جي جواب ۾ ڪرڻ گهرجي. حضورﷺ جن اشارو هن طرح ڪندا هئا جو ساڄي هٿ جون پنج ئي آڱريون کي قدر کولي زمين ڏانهن ٽورو هيٺ مٿي ڪندا هئا. ائين ابو داؤد جي روايت آهي.

[2]_ ابن مالڪ لکي ٿو تہ هيءَ حديث دلالت ڪري ٿي تہ ڇڪ ڏيندڙ کي خدا پاڪ جي حمد ڪرڻ جائز آهي. ان ۾ نماز ڪانہ ڀڄندي.

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته نماز ۾ اوٻاسي اچڻ شيطان جي سبب کان آهي. جڏهن اوهان مان ڪنهن کي اوٻاسي اچي تڏهن ان کي گهرجي ته جيتري قدر ٿي سگهي، ان کي روڪي. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي. ترمذي ۽ ابن ماجهجي ٻي روايت ۾ آهي ته پوءِ گهرجي ته پنهنجي هٿ منهن تي رکي.**

(994) وعن كعب بن عجرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا توضأ أحدكم فأحسن وضوءه ثم خرج عامدا إلى المسجد فلا يشبكن بين أصابعه فإنه في الصلاة " . رواه أحمد وأبو داود والترمذي والنسائي والدارمي

**ڪعب بن عجره﷛ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪو وضو ڪري، پوءِ چڱو وضو ڪري، پوءِ مسجد ڏانهن وڃڻ جو قصد ڪري تڏهن هٿ جي آڱرين کي آڱرين سان ملائي بند نه ڪري ڇو ته اهو (ان وقت کان مسجد مان نڪرڻ تائين) نماز[1] ۾ آهي. هن کي احمد، ترمذي ابوداؤد، نسائي ۽ دارمي روايت ڪيو آهي.**

(995) وعن أبي ذر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يزال الله عز وجل مقبلا على العبد وهو في صلاته ما لم يلتفت فإذا التفت انصرف عنه . رواه أحمد وأبو داود والنسائي والدارمي

**ابو ذر ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ﷲ تعاليٰ ٻانهي تي هميشه (رحمت سان) متوجهه رهندو آهي. جڏهن اهو نماز ۾ هوندو آهي جستائين اهو هيڏانهن هوڏانهن[2] نه نهاري. پوءِ جڏهن نهاريندو آهي ته ﷲ تعاليٰ ان کان منهن ڦيريندو آهي. هن کي احمد، ابوداؤد، نسائي ۽ دارميءَ روايت ڪيو.**

**فائده:_ سند ضعيف آهي، راوي ابو الاحوص مجهول آهي (مشڪواة_الباني ص 315 ج1)**

(996)وعن أنس أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " يا أنس اجعل بصرك حيث تسجد " . رواه البيهقي في سننه الكبير من طريق الحسن عن أنس يرفعه

---

[1]_ جڏهن نماز لاءِ اچڻ وقت رستي ۾ يا مسجد ۾ آڱريون هڪ ٻئي ۾ نتيون وجهي سگهجن، جنهن کي منڊي وجهڻ به چون ٿا يا ٽڪا به نٽا ڪڍي سگهجن ته پوءِ حالت نماز ۾ اهو ڪم ڪرڻ ڪيئن جائز ٿيندو؟ ان کان حذر ۽ پرهيز ڪجي.

[2]_ امام شوڪاني فرمائي ٿو ته نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ مڪروهه آهي ۽ اهو گهٽڻ جو قول آهي.

انﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ جن فرمايو، اي انس! جنهن جاءِ تي تون سجدو ([1]) ڪرين اتي پنهنجي نظر رکندو ڪر. بيهقيءَ سنن ڪبريٰ ۾ انس کان هن کي مرفوع روايت ڪيو.

فائده:_ حديث بيهقيءَ ۾ آهي، جنهن ۾ راوي عنطوانہ ضعيف آهي، مگر ان مضمون جون بيون صحيح حديثون ثابت آهي، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ نمازيءَ جي نظر سجدي جي جاءِ تي رهي. هن مسئلي۾ جن ماڻهو جو چوڻ آهي تہ قيام سجدي جي جاءِ تي، رڪوع وقت قدمن وٽ، سجدي ۾ نڪ وٽ ۽ تشهد وقت پاسي ڏانهن نگاه رکي، اهو ڪنهن حديث مان ثابت نہ آهي. (مشڪواة_الباني ص 315 ج1_ مرعاة ص 15ج3)

(997) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يا بني إياك والالتفات في الصلاة فإن الالتفات في الصلاة هلكة . فإن كان لابد ففي التطوع لا في الفرضية " . رواه الترمذي

ان ﷺ کان روايت آهي تہ مون کي رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اي منهنجا پٽ! تون نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ کان بچ چو تہ اهو هيڏانهن هوڏانهن نماز ۾ نهارڻ حلاڪت جو سبب آهي جيڪڏهن توکي ائين ڪرڻ جو لاچار ٿئي تہ نفل([2]) نماز ۾ ڪر ۽ فرض نماز ۾ ائين نہ ڪر هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.

فائده:_حديث جي سن ضعيف ۽ منقطع آهي (مشڪواة_الباني ص 315 ج1)

(998) وعن ابن عباس رضي الله عنهما قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يلحظ في الصلاة يمينا وشمالا ولا يلوي عنقه خلف ظهره . رواه الترمذي والنسائي

ا بن عباسﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ نماز ۾اکين سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا هئا ۽ ڪنڌ ڪي([3]) پنهنجي پٺ ڏانهن نہ ڦريندا هئا. هن کي ترمذي ۽ نسائي روايت ڪيو آهي .

(999) وعن عدي بن ثابت عن أبيه عن جده رفعه قال : " العطاس والنعاس والتثاؤب في الصلاة والحيض والقيء والرعاف من الشيطان " . رواه الترمذي

---

[1]_ هن حديث ۾ دلالت آهي تہ سجدي جي جاءِ ڏانهن نظر ڪرڻ مستحب آهي. طيبي لکي ٿو تہ قيام ۾ سجدي جي جاءِ تي نظر ڪجي ۽ رڪوع ۾ پيرن جي پٺ تي ۽ سجدي ۾ نڪ جي چوٽي تي ۽ التحيات ۾ هنج تي نظر ڪجي. اهو حنفين جو مذهب آهي.

[2]_هن حديث ۾ اجازت آهي تہ ضرورت جي وقت نفل نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن پلي نهاري باقي فرضي نماز ۾ ائين لکل نہ ڪري.

[3]_ نماز ۾ ڪنڌ ڦيرائجي. باقي اکين سان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ ۾ ڪا حرڪت ڪونهي.

**عدي بن ثابت ﷛ پنهنجي پيءُ کان اهو ان جي ڏاڏي کان مرفوع حديث بيان ڪري ٿو ته نماز ۾ ڇڪ ڏيڻ،(1) جهوٽا، اوٻاسي ۽ حيض، قي ۽ نڪ هير اچڻ شيطان جي سبب کان آهي، هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي.**

**فائدا: سند ضعيف آهي راوي ثابت مجهول ۽ شريڪ بن عبدالله قاضي ضعيف آهي. (مشڪواة_ الباني ص 316 ج 1)**

(1000) وعن مطرف بن عبد الله بن الشخير عن أبيه قال : أتيت النبي صلى الله عليه وسلم وهو يصلي ولجوفه أزيز كأزيز المرجل يعني : يبكي

وفي رواية قال : رأيت النبي صلى الله عليه وسلم يصلي وفي صدره أزيز كأزيز الرحا من البكاء . رواه أحمد وروى النسائي الرواية الأولى وأبو داود الثانية

**مطرف بن عبدالله ﷛ بن شيخ پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو ته آئون نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آيس، پاڻ نماز پڙهي رهيا هئا. سندس سيني مان روئڻ جو آواز، جوش هٽنڊڙ ديڳ جي آواز وانگر جوش هٽي رهيو هو يعني (خوف خدا کان) روئي رهيا هئا. ٻي روايت ۾ آهي ته مون نبي ڪريم ﷺ کي ڏٺو. پاڻ نماز پڙهي رهيا هئا، سندن سيني ۾ جنڊ جي آواز جهڙو آواز هو. هن کي احمد روايت ڪيو آهي. پهرين روايت نسائي ۽ ٻي ابودائود بيان ڪئي آهي.**

(1001) وعن أبي ذر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قام أحدكم إلى الصلاة فلا يمسح الحصى فإن الرحمة تواجهه " . رواه أحمد والترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه

**ابوذر ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪو نماز ۾ ڪڙو ٿئي ته هٿ سان زمين جون پٿريون پري نه ڪري ڇو ته ان وقت خدا جي رحمت ان جي سامهون هوندي آهي. هن کي احمد، ترمذي ابودئود،نسائي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

(1002) وعن أم سلمة قالت : رأى النبي صلى الله عليه وسلم غلاما لنا يقال له : أفلح إذا سجد نفخ فقال : " يا أفلح ترب وجهك " . رواه الترمذي

**ام سلمه ﷛ کان روايت آهي ته نبي ﷺ اسان جي هڪ غلام کي ڏٺو، جنهن کي افلح چيو ويندو هو، جڏهن سجدو ڪندو هو تڏهن زمين تي ڦوڪ ڏيندو هو. پاڻ فرمايون ته اي افلح! پنهنجي منهن تي (2) مٽي لڳڻ ڏي.**

---

[1] _ هن جو مطلب هي آهي ته انهن سيني ڪمن سان شيطان خوش ٿئي ٿو. جنهن حديث ۾ هي ذڪر آهي ته ڇڪ ڏيڻ کان الله تعاليٰ راضي ٿئي ٿو ان مان مراد نماز کان ٻاهر ڇڪ ڏيڻ آهي.

[2] _ عاجزي، هيائي ۽ ادب سان نماز ادا ڪرڻ ۾ وڏيڪ ثواب آهي. انهيءَ ڪري پٿريون يا مٽي سجدي جي جاءِ تان پاسي ڪرڻ ۾ ڪراهت آهي.

**فائده: سند ضعيف آهي راري ميمون ابوحمزه ضعيف آهي (مشڪواة_الباني ص312ج ا)**

(1003) وعن ابن عمر رضي الله عنهما قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الاختصار في الصلاة راحة أهل النار " . رواه في شرح السنة

**ابن عمرﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ نماز ۾چيلهہ تي هٿ رکي بيهڻ دوزخين[1] جي راحت جو نمونو آهي.شرح السنة ۾ هن جي روايت ٿيل آهي.**
**فائده: شرح السنة ۾ حديث بغير سند جي آهي. البتہ طبراني الاوسط ۾ ۽ بيهقيءَ پنهنجي سنن ۾ سند سان نيان ڪئي آهي مگر حديث منڪر آهي. ۾ عبدالله بن ازور راوي ضعيف آهي. ليڪن اها حديث ابوهريره جي آهي، ابن عمر جي نہ آهي(مرعاة ص 19 ج _3)**

(1004) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اقتلوا الأسودين في الصلاة الحية والعقرب " . رواه أحمد وأبو داود والترمذي وللنسائي معناه

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ نماز ۾ ٻن ڪارن [2] نانگ ۽ وڇونءَ کي قتل ڪريو . هن کي احمد ، ابوداٶد ۽ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ نسائي ان جي هم معنٰي روايت بيان ڪئي آهي .**

(1005) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي تطوعا والباب عليه مغلق فجئت فاستفتحت فمشى ففتح لي ثم رجع إلى مصلاه وذكرت أن الباب كان في القبلة . رواه أحمد وأبو داود والترمذي وروى النسائي نحوه

**عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ نفل نماز پڙهندا هئا ۽ ڪوٺي ءَ جو دروازو بند هوندو هو آئون اچي دروازو کولڻ لاءِ چوندي هيس . پاڻ هلي دروازو مون لاءِ کوليندا هئا. پوءِ وري پنهنجي نماز جي جاءِ تي موٽي ايندا هئا. بيبي عائشہ ﷺ چيو تہ دروازو قبلہ جي [3] طرف هوندو هو هن کي احمد، ابو داؤد ۽ ترمذي روايت ڪيو ۽ پڻ نسائي ان طرح بيان ڪيو آهي.**

---

[1] _ قيامت ۾ دوزخي جڏهن گهڻي تڪليف ۾مبتلا ٿيندا تڏهن چيلهہ تي هٿ رکي آرام وٺندا انهيءَ ڪري ﷺ جن نماز ۾ انهن وانگر بيهڻ کان منع ڪئي آهي.

[2] _ هن حديث مانمعلوم ٿيو تہ نماز جي حالت ۾ نانگ ۽ وڇون کي مارڻ جائز آهي، پلي ڪيترا بہ ڏک هڻن جي ضرورت ٿئي خواه هلڻو بہ پوي تہ بہ نماز ڪانہ ڀڄندي.

[3] _ دورازو قبله جي طرف هوندو هو تنهن ڪري دروازو کولڻ ۾هڪ بہ وکو محمدﷺ کي هلڻو پوندو هو، جنهن ۾ سندن منهن خواه سينو قبله کان ڪونہ ڦرندو هو انهيءَ ڪري نماز ۾ خلل واقع نہ ٿيندو هو. پر جيڪو مذهب جي تقليد جو پابند آهي ان وٽ اهڙي قسم جي نماز فاسد ٿيندي!

(1006) وعن طلق بن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا فسا أحدكم في الصلاة فلينصرف فليتوضأ وليعد الصلاة " . رواه أبو داود وروى الترمذي مع زيادة ونقصان

**طلق بن علي ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان کنهن کان نماز ۾ هوا خارج ٿئي، اهو (نماز) ڇڏي، پوءِ وضو ڪري ۽ نماز نئين سر پڙهي. هن کي ابو داؤد روايت ڪيو ۽ ترمذي پڻ ڪجهہ گهٽ وڌ لفظن سان بيان ڪيو آهي.**

**فائده: مصابيح ۾ علي بن طلق آهي مشڪواة واري ان کي بدلي طلق بن علي ڪيو آهي جيڪا غلطي آهي. حديث جي سند ۾ راوي**

(1007) وعن عائشة رضي الله عنها أنها قالت : قال النبي صلى الله عليه وسلم : " إذا أحدث أدكم في صلاته فليأخذ بأنفه ثم لينصرف " . رواه أبو داود

**بي بي عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪنهن جو نماز ۾ وضو ڀڄي پوي، ان کي گهرجي تہ نڪ کي[1] پڪڙي نماز کان ٻاهر نڪري هن کي ابوداؤد روايت ڪيو آهي.**

(1008) وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أحدث أدكم وقد جلس في آخر صلاته قبل أن يسلم فقد جازت صلاته " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث إسناده ليس بالقوي وقد اضطربوا في إسناده

**عبدالله بن عمرو﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪنهن جو نماز جي پڇاڙي واري قعده(ويهڻ) ۾ سلام ورائڻ کان اڳ وضو ڀڄي پوي تہ تحقيق ان جي نماز جائز آهي هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي. چيائين تہ هن حديث جي اسناد قوي نہ اهي ۽ ان جي اسناد ۾ (2) اضطراب آهي.**

**فائده: _ سند ۾ عبدالرحمٰن بن زياد بن انعم راوي ضعيف آهي. پڻ حديث جو مفهوم صحيح حديث جي خلاف آهي ڇو تہ صحيح حديث ۾ آيو آهي تہ سلام ڦيري نماز کان ٻاهر اچجي ۽ ريح(هوا) خارج ٿيڻ سان نماز باطل ٿي پوندي آهي. (مشڪواة_ الباني ص318 ج1 )**

[1]_ مطلب هي اهي تہ بيان ماڻهو سمجهن تہ هن کي نڪهيري آئي آهي ائين ڪرڻ ۾ عيب جو ڊپ آهي.

[2]_ ابن حجر فتح الباري ۾ لکيو اهي تہ هن حديث کي سڀني حافظن ضعيف چيو آهي ترمذِ ه فرمائي ٿو تہ اسناد هن جي قوي نہ اهي ۽ ان ۾ اضطراب آهي. انهيءَ ڪري هيءَ حديث جت جي لائق نہ آهي. سلما چوڻ فرض آهي. امام نووي شرح مسلم ۾ فرمائي ٿو تہ سلام چوڻ نماز جي رڪنن مان هڪ رڪن ۽ فرضن مان هڪ فرض آهي ان کانسواءِ نماز نہ ٿيندي. صحابہ ڪرام، تابعين ۽ تبع تابعين ۽ جمهو جو اهو ئي مذهب آهي.

## فصل ٽيون

(1009) عن أبي هريرة أن النبي صلى الله عليه وسلم خرج إلى الصلاة فلما كبر انصرف وأومأ إليهم أن كما كنتم . ثم خرج فاغتسل ثم جاء ورأسه يقطر فصلى بهم . فلما صلى قال : " إني كنت جنبا فنسيت أن أغتسل " . رواه أحمد

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ نماز لاءِ نڪتا. پوءِ جڏهن تڪبير جو ارادو ڪيائون تہ (حجره ڏانهن) موٽي ويا ۽ اصحابن کي اشارو ڪيائون تہ جيئن بيٺا آهيو تيئن ترسو پوءِ ٻاهر نڪتا ۽ غسل ڪيائون پوءِ آيا. سندن مٿي مان (پاڻي جا) ڦڙا ٽمي رهيا هئا. کين نماز پڙهايائون، جڏهن نماز پوري ڪيائون تہ فرمايائون: آءٌ جنبي هوس ([1]) غسل ڪرڻ وسري ويو هو. هن کي احمد روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ صحيح حديث ۾ آهي تہ پاڻ غسل جنابت لاءِ تڪبيري تحريمہ کان اول ويا هئا. ان ڪري ان کي ترجيح حاصل آهي ۽ هن حديث جو ترجمو هي ٿيندو تہ پاڻ سڳورن تڪبير تحريمہ جو ارادو فرمايو البتہ اقامت ٿي چڪي هئي (مرعاة ص 24 ج2_3)**

(1010) وروى مالك عن عطاء بن يسار نحوه مرسلا

**نيزاها حديث امام مالڪ عاءَ بن يسار کانمرسل بيان ڪئي آهي.**

(1011) وعن جابر قال : كنت أصلي الظهر مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فآخذ قبضة من الحصى لتبرد في كفي ن أضعها لجبهتي اسجد عليها لشدة الحر . رواه أبو داود وروى النسائي نحوه

**جابر﷛ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن سان گڏ اڳين نماز پڙهي. مون ڪنڪرين جي مُٺ ڪنئي ([2]) هن لاءِ تہ انهن کي پنهنجي هٿ ۾ ٿڌو ڪريان ۽ گرميءَ جي سختيءَ کان بچڻ لاءِ انهن کي پيشانيءَ جي جاءِ تي رکندو هوس هن کي ابوداؤد روايت ڪيو ۽ نسائي پڻ ان طرح روايت ڪئي آهي.**

(1012) وعن أبي الدرداء قال : قام رسول الله صلى الله عليه وسلم فسمعناه يقول : " أعوذ بالله منك " ثم قال : " ألعنك بلعنة الله " ثلاثا وبسط يده كأنه يتناول شيئا فلما فرغ من الصلاة قلنا يا رسول الله قد سمعناك تقول في الصلاة شيئا لم نسمعك تقوله قبل ذلك ورأيناك بسطت يدك قال : " إن عدو الله إبليس جاء بشهاب من

---

[1]_ هن مان ثابت ٿيو تہ حضورﷺ جن کي پل بہ ٿي سگهندي هئي.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ نماز ۾ ايترو ٿورو ڪم ڪرڻ معاف آهي.

نار ليجعله في وجهي فقلت أعوذ بالله منك ثلاث مرات . ثم قلت : ألعنك بلعنة الله التامة فلم يستأخر ثلاث مرات ثم أردت أخذه والله لولا دعوة أخينا سليمان لأصبح موثقا يلعب به ولدان أهل المدينة . رواه مسلم

**أبودرداءؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن نماز لاءِ بيٺا. اسان ڪائن چوندي ٻڌو تہ آئون توکان اللهؔ جي پناه ٿو گهران. پوءِ ٽي دفعا فرمايائون. توتي اللهؔ تعاليٰ جي لعنت ٿو ڪريان ۽ پنهنجو هٿ ڪوليائون ڄڻ ڪنهن شيءِ کي پڪڙيائون پئي، جڏهن نماز کان واندا ٿيا تہ عرض ڪيوسون. اي رسولﷺ اللهؔجا! اسان توهان کان ڪي لفظ ٻڌا آهن۽ پڻ توهان کي پنهنجو هٿ کوليندي ڏٺوسون. فرمايائون تہ اللهؔ جو دشمن ابليس باهہ جي چڻنگ کڻي آيو. هن لاءِ تہ اها منهنجي منهن ۾ وجهي، تنهن ڪري مون چيو تہ آءٌ توکان اللهؔ تعاليءِ جي پناه ٿو گهران ٽي دفعا_ پوءِ مون چيو تہ آئون تنهنجي مٿان اللهؔ تعاليٰ جي پوري لعنت ٿو موڪليان. جڏهن ٽي دفعا (لعنت ڪرڻ سان بہ) نہ هٽيو. مون کي پڪڙڻ جو ارادو ڪيواللهؔ جو قسم آهي تہ جيڪڏهن اسان جي ڀاءُ سليمانؑ جي دعا نہ هجي ها تہ ضرور صبح تائين (مسجد جي ٿنڀي سان) ٻڌل هجي ها، ان سان مدينہ جا ٻار راند ڪن ها. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(1013) وعن نافع قال : إن عبد الله بن عمر مر على رجل وهو يصلي فسلم عليه فرد الرجل كلاما فرجع إليه عبد الله بن عمر فقال له : إذا سلم على أحدكم وهو يصلي فلا يتكلم وليشر بيده . رواه مالك

**نافع کان روايت آهي تہ عبدالله بن عمرؓ هڪ ماڻهوءَ وٽان لنگهيو جنهن نماز پئي پڙهي، ان تي سلام ورايائين. ان (زبان سان) ڪيس سلام جو جواب ڏنو. تنهن تي عبدالله بن عمرؓ ان ڏانهن ڦريو ۽ ان کي چيائين تہ جڏهن اوهان مان ڪنهن تي نماز ۾ سلام ڪيو وڃي، تہ ان کي گهرجي تہ ڳالهائي نہ ۽ هٿ سان اشارو ڪري هن کي مالڪ روايت ڪيو.**

## نماز[1] ويسر جو بيان

### فصل پهريون

(1014) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن أحدكم إذا قام يصلي جاءه الشيطان فلبس عليه حتى لايدري كم صلى ؟ فإذا وجد ذلك أحدكم فليسجد سجدين وهو جالس "

**ابوهريرهؓ کان روايت آهي تہ تحقيق جڏهن اوهان مان ڪو بيهي نماز پڙهي ٿو تہ تڏهن شيطان ان وٽ اچي ٿو ۽ ان تي شڪ وجهي ٿو تانجو يقين نٿو ٿئيس تہ ڪيتري نماز پڙهي اٿس**

[1] _ معلوم هئڻ گهرجي تہ سهو ۽ نسيان حضورﷺ جن کي ٿيندا هئا، ان ۾حڪمت اها هئي تہ جيئن ماڻهن ڪائنڻ سهو جا مسئلا سکن.جڏهن ڪين نماز ۾سهو ٿي تڏهن امت نماز ۾سهو جو مسئلو معلوم ڪيو ۽ سمجهائون تہ سهو جا بہ سجدا ڪيا. ڄاڻڻ تہ سهو شيطان جي پلائڻ سان ٿيندو آهي ۽ سجدي ڪرڻ ۾ شيطان تي مار پوي ٿي انهيءَ ڪري سجدو سهوجو لازم آهي خواه سلام ڪانپوءِ ڪري يا التحيات پڙهي ان کان پوءِ سهو جو سجدو ڪري.

پوءِ جڏهن اوهان مان ڪوان طرح شڪ ڏسي، ان کي گهرجي تہ ويٺل ([1]) حالت ۾ بہ سجدا ڪري.(متفق عليه)

(1015) وعن عطاء بن يسار وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا شك أحدكم في صلاته فلم يدر كم صلى ثلاثا أم أربعا فليطرح الشك وليبن على ما استيقن ثم يسجد سجدتين قبل أن يسلم فإن كان صلى خمسا شفعن له صلاته وإن كان صلى إتماما لأربع كانتا ترغيما للشيطان " . رواه مسلم

ورواه مالك عن عطاء مرسلا . وفي روايته : " شفعها بهاتين السجدتين "

عطاءَ بن يسار ابو سعيد کان روايت ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن توهان مان ڪنهن کي نماز ۾ شڪ ٿئي، پوءِ خبرنہ پويس تہ ڪيتريون رڪعتون پڙهيون اٿس: ٽي يا چار؟ تہ شڪ دور ڪري ۽ پنهجي يقين تي بنياد رکي . پوءِ سلام ورائڻ کان اڳ بہ سجدا ڪري. جيڪڏهن پنج رڪعتون پڙهيون هونديون (تہ انهن سجدن سببان) ان لاءِ ان جي نماز ٻڌي ٿي پوندي ۽ جيڪڏهن پوريون چار رڪعتون پڙهيون هونديون تہ اهي شيطان جي خواريءَ جو سبب ٿيندا هن کي مسلم ۽ مالڪ عطاءَ کان مرسل بيان ڪيو. مالڪ جي ٻي روايت ۾ آهي تہ پنجن رڪعتن کي انهن ٻن سجدن سان ٻڌي ڪري ڇڏيندو.

فائده:_ سهو جو سجدو سلام ورائڻ کان اڳ ڪيو وڃي ان مضمون جون حديثون حسن درجي جون آهن. اهريون حديثون بہ آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سهو جو سجدو سلام ڦيرڻ کان پوءِ ڪيو وڃي. (مرعاة ص 27 ج 2_3)

(1016) وعن عبد الله بن مسعود : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم صلى الظهر خمسا فقيل له : أزيد في الصلاة ؟ فقال : " وما ذاك ؟ " قالوا : صليت خمسا . فسجد سجدتين بعدما سلم . وفي رواية : قال : " إنما أنا بشر مثلكم أنسى كما تنسون فإذا نسيت فذكروني وإذا شك أحدكم في صلاته فليتحر الصواب فليتم عليه ثم ليسلم ثم يسجد سجدتين "

عبدالله بن مسعود ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اڳينءَ نماز ۾ پنج رڪعتون پڙهايون. عرض ڪيو ويو تہ ڇا نماز ۾ زيادتي ٿي آهي؟ فرمايائون: ڇا ٿيو؟ اصحابن چيو تہ توهان پنج رڪعتون پڙهايون، پاڻ ﷺ سلام کان پوءِ بہ سجدا ڪيا. ٻي روايت ۾ آهي تہ فرمايايون: تحقيق آئون بہ اوهان وانگر انسان آهيان، مون کان بہ ويسر ٿيندي آهي جيئن اوهان کان ويسر ٿيندي آهي. پوءِ جڏهن آئون ڪجهہ وساريان تڏهن مون کي ياد ڳيري ڏياريندا ڪريو ۽ اوهان مان جڏهن ڪنهن کي پنهنجي نماز ۾ شڪ ٿئي تہ صحيح (صورتحال معلوم ڪرڻ) جي ڪوشش ڪري. پوءِ ان تي نماز پوري ڪري ۽ سلام ورائڻ بعد بہ سجدا ڪري (متفق عليه)

---

[1]_ يعني پوئين قعدي ۾ بہ سجدا ڪري.

(1017) وعن ابن سيرين عن أبي هريرة قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم إحدى صلاتي العشي – قال ابن سيرين سماها أبو هريرة ولكن نسيت أنا قال فصلى بنا ركعتين ثم سلم فقام إلى خشبة معروضة في المسجد فاتكأ عليها كأنه غضبان ووضع يده اليمنى على اليسرى وشبك بين أصابعه ووضع خده الأيمن على ظهر كفه اليسرى وخرجت سرعان من أبواب المسجد فقالوا قصرت الصلاة وفي القوم أبو بكر وعمر رضي الله عنهما فهاباه أن يكلماه وفي القوم رجل في يديه طول يقال له ذو اليدين قال يا رسول الله أنسيت أم قصرت الصلاة قال : " لم أنس ولم تقصر " فقال : " أكما يقول ذو اليدين ؟ " فقالوا : نعم . فتقدم فصلى ما ترك ثم سلم ثم كبر وسجد مثل سجوده أو أطول ثم رفع رأسه وكبر ثم كبر وسجد مثل سجوده أو أطول ثم رفع رأسه وكبر فربما سألوه ثم سلم فيقول نبئت أن عمران بن حصين قال ثم سلم . ولفظه للبخاري وفي أخرى لهما : فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم بدل " لم أنس ولم تقصر " : " كل ذلك لم يكن " فقال : قد كان بعض ذلك يا رسول الله

**ابن سيرين ابو هريرهﷺ كان روايت ڪري ٿو تہ اسان ڪي رسول اللهﷺ جن پوياڙي جي ٻن نماز مان هڪ نماز پڙهائي ـ ابن سيرين چيو تہ ابو هريرهﷺ انهيءَ جو نالو ورتو، پر مون کان وسري ويو_ ابو هريرهﷺ چيو تہ اسان کي ٻہ رڪعتون پڙهايائين. پوءِ سلام ورايائين پوءِ هڪ ڪاٺيءَ وٽ آيا جا مسجد ۾ ڪتل هئي. ان تي ٽيڪ ڏئي بيٺا ڄڻ تہ ڪاوڙيل آهن ۽ پنهنجو ساڄو هٿ کاٻي هٿ تي رکيائون ۽ هٿن جون آڱريون آڱرين ۾ وڌائون ۽ پنهنجو ساڄي پاسي وارو ڳل کاٻي هٿ جي پٺ تي رکيائون ۽ جلدي نڪرڻ وارا مسجد جي دروازن مان نڪري ويا. پوءِ عرض ڪيائون تہ (ڇا) نماز گهٽ ڪئي وئي آهي؟ ۽ ماڻهن ۾ ابوبڪر ۽ عمرﷺ بہ هئا. پر هيبت سببان ﷺ جن سان نہ ڳالهايائون ۽ ماڻهن ۾ هڪ شخص جنهن جي هٿن ۾ ڊگهائي هئي ۽ جنهن کي ذواليدين چيوويندو هو ان چيو تہ اي رسولﷺ الله جا! ڇا توهان کان نماز ۾ ويسر ٿي آهي يا نماز گهٽ ڪئي وئي آهي. فرمايائون: نہ مون کان ويسر ٿي آهي نڪي نماز گهٽ ڪئي وئي آهي. وري فرمايائون: ڇا ائين ئي آهي جيئن ذواليدين چوي ٿو([1]) اصحابن چيو تہ هائو. پاڻ اڳتي وڌيا ۽ جيڪي ڇڏيو هئائون سو پڙهيائون پوءِ سلام ورايائون ۽ پوءِ الله اڪبر چئي سجدن جيترو يا ان کان ڊگهو سجدو ڪيائون. پوءِ پنهنجي مٿو مٿي کنيائون. پوءِ وري الله اڪبر چئي سجدن جيترو يا ان کان ڊگهو سجدوڪيائون.پوءِ پنهنجو مٿو مٿي کنيائون ۽ الله اڪبر چيائون. پوءِ اڪثر ماڻهن ابن سيرينؒ کان سوال ڪيو تہ ڇا پوءِ سلام ورايائون؟ چيائين تہ مون کي خبر ڏني ويئي آهي تہ عمران بن حصين چيو تہ سلام ورايائون (متفق عليه) الفاظ بخاري جا**

[1]_ امام شوڪاني فرمائي ٿو تہ هن مان معلوم ٿيو تہ نماز ۾ ڀل جي ڪري ڳالهائڻ سان نماز ڪانہ ڀڄندي ۽ انهيءَ ماڻهوءَ کي رهيل نماز پوري ڪرڻ گهرجي. هن ۾ دليل آهي تہ جيڪي ڪم نماز جي جنس مان نہ آهن، جيڪڏهن ڀل سان اهي ٿي وڃن تہ نماز ۾ڪو نقصان نہ ٿيندو. امام ابو حنيفہ ۽ امام ثوري چون ٿا تہ انهيءَ قسم جي نماز فاسد ٿي پوندي مگر اها سندن غلطي آهي ڇاڪاڻ تہ سندن اها فتويٰ مٿين حديثن جي خلاف آهي.

آهن. بخاري ۽ مسلم جي ٻي روايت ۾ آهي پاڻ فرمايائون: ٻنهي مان ڪجهہ نہ ٿيو آهي. ذواليدين چيو تہ اي ﷲ جا رسول! انهن مان هڪ ڪم ٿيو آهي.

(1018) وعن عبد الله بن بحينة : أن النبي صلى الله عليه وسلم صلى بهم الظهر فقام في الركعتين الأوليين لم يجلس فقام الناس معه حتى إذا قضى الصلاة وانتظر الناس تسليمه كبر وهو جالس فسجد سجدتين قبل أن يسلم ثم سلم

**عبدالله بن بحينہ ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ انهن کي ظهر نماز پڙهائي. پوءِ پهرين ٻن رڪعتن کان بعد اٿي بينا ۽ قعده (ويهڻ نہ فرمايائون. ماڻهو بہ ساڻن گڏ اٿي بينا تانجو جڏهن نماز پوري ٿي ۽ سلام ورائڻ لاءِ ماڻهو منتظر ٿيا تہ وينل حالت ۾ تڪبير چيائون پوءِ سلام([1]) ورائڻ کان اڳ بہ سجدا ڪيائون پوءِ سلام ورايائون (متفق عليه)**

## فصل ٻيو

(1019) عن عمران بن حصين : أن النبي صلى الله عليه وسلم صلى بهم فسها فسجد سجدتين ثم تشهد ثم سلم . رواه الترمذي وقال : هذا حديث حسن غريب

**عمران بن حصين کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن انهن کي نماز پڙهائي پاڻ ڀُلجي ويا تہ بہ سجدا ڏنائون ۽ پوءِ التحيات پڙهيائون. پوءِ سلام ورايائون. هن کي ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ هي حديث حسن غريب آهي.**

**فائده:_ اشعتر اوري ابن سيرين جو شاگرد آهي اهو ٻين ساٿين جي مخالفت ڪري رهيو آهي هن جي روايت ۾ تشهد جو ذڪر آهي جڏهن تہ حديث جي ٻين حافظ راوين جي روايت ۾تشهد جو ذڪر نہ آهي ان لحاظ سان هن روايت کي شاذ چئبو.**

(1020) وعن المغيرة بن شعبة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قام الإمام في الركعتين فإن ذكر قبل أن يستوي قائما فليجلس وإن استوى قائما فلا يجلس وليسجد سجدتي السهو " . رواه أبو داود وابن ماجه

**مغيره بن شعبہ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن فرمايو تہ جڏهن امام بہ رڪعتون پڙهي اٿي بيهي پوءِ جيڪڏهن پوري طرح کڙو ٿيڻ کان اڳ ياد اچيس تہ ان کي گهرجي**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو تہ شڪ جي حالت ۾سلام کان اڳ سهو جا سجدا ڪبا. مغيره بن سعبہ﷛ جي حديث مان معلوم ٿيو تہ نماز ۾ نقصان جي صورت ۾سهو جا سجدا سلام کان پوءِ ڪياويندا. مطلب تہ ان باري ۾ مختلف حديثون آيل آهن.ڪنهن ۾سلام کان پوءِ سهو جي سجدي جو ذڪر آهي تہ ڪنهن ۾سلام کان اڳ سهو جا سجدا ڪرڻ جو بيان آهي.۽ ٻيئ طريقا جائز آهن.

تہ ويهي رهي پر جيڪڏهن پوري طرح ڪڙو ٿي ويو هجي تہ پوءِ نہ ويهي ۽ بہ سجدا سهو جا ڏي (ابو داؤد ۽ ابن ماجه)

فائده:_ جيتوڻيڪ سند ۾جابر جعفي راوي آهي ۽ اهو تمام ضعيف آهي ليڪن متابعت جي ڪري حديث صحيح آهي. (مسڪواة _الباني ص 322ج1)

## فصل ٽيون

(1021) عن عمران بن حصين : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم صلى العصر وسلم في ثلاث ركعات ثم دخل منزله فقام إليه رجل يقال له الخرباق وكان في يديه طول فقال : يا رسول الله فذكر له صنيعه فخرج غضبان يجر رداءه حتى انتهى إلى الناس فقال : " أصدق هذا ؟ " . قالوا : نعم . فصلى ركعة ثم سلم ثم سجد سجدتين ثم سلم . رواه مسلم

عمران بن حصينؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن وچين نماز پڙهائي ۽ ٽن رڪعتن کان بعد سلام ورايائين ۽ پوءِ پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيا. وٽن هڪ ماڻهو اچي بيٺو جنهن کي خرباق چيووينڊو هو انجي ٻنهين هٿن ۾ڊگهائي هئي. چيائين تہ اي رسولﷺ الله جا! پوءِ سندن (وسريل) ڪم جو ذڪر ڪيائين. تنهن تي رسول اللهﷺ جن ڪاوڙجي پنهنجي چادر گهليندي نڪتا تانجو ماڻهن وٽ اچي پهتا. ڪين چيائون تہ ڇا هي سچ ٿو چوي؟ اصحابن چيوتہ هائو! پاڻ هڪ رڪعت پڙهائي سلام ورايائون پوءِ بہ سجدا ڏنائون. پوءِ سلام ورايائون (مسلم)

فائده:_ ابو هريرهؓ ۽ عمران بن حصين ؓ کان بيان ٿيل ٻئي حديثون هڪ واقعي کي بيان ڪري رهيون آهن. البتہ ابو هريرهؓ جي روايت واضح آهي امام بخاري ان کي بيان ڪيو آهي. واللهاعلم (مرعاة ص 41ج2_3)

(1022) وعن عبد الرحمن بن عوف قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " من صلى صلاة يشك في النقصان فليصل حتى يشك في الزيادة " . رواه أحمد

عبدالرحمٰن بن عوف ؓ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو تہ جيڪو ماڻهو نماز پڙهي، پوءِ گهٽتائي جي باري ۾ شڪ ڪري تہ انکي گهرجي تہ زيادتي جي شڪ تائين نماز پڙهي. (احمد)

فائده:_ سند ۾رواي اسماعيل بن مسلم ضعيف آهي البتہ ان جي متابعت ۾ٻئي طريقي سان مسند احمد ۾روايت آيل آهي جنهن سان ان حدث کي تقويت ۽ تائيد حاصل ٿي رهي آهي. ( مشڪواة_ الباني ص 322ج1)

# قرآن شريف (1) جي سجدن جو بيان

## فصل پهريون

(1023) عن ابن عباس قال : سجد النبي صلى الله عليه وسلم بالنجم وسجد معه المسلمون والمشركون والجن والإنس . رواه البخاري

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن سوره نجم ۾ سجدو تلاوت جو ڪيو ۽ ساڻن گڏ مسلمانن، مشڪرن[2] ۽ جنن ۽ ماڻهن به سجدو ڪيو (بخاري)**

(1024) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : سجدنا مع النبي صلى الله عليه وسلم في : ( إذا السماء انشقت ) و ( اقرأ باسم ربك )

رواه مسلم

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته اسان نبي ڪريم ﷺ سان گڏ سورة ﴿اِذَاالسَّمَآءُ انْشَقَّتْ ۽ اِقْرَاْبِسْمِ﴾ ۾سجدو تلات جوڪيو (مسلم)**

(1025) وعن ابن عمر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ ( السجدة )

ونحن عنده فيسجد ونسجد معه فنزدحم حتى ما يجد أحدنا لجبهته موضعا يسجد عليه

**ابن عمرؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن سجدي جي آيت پڙهندا هئا، اسين وٽن هوندا هئاسون پوءِ ﷺ جن سجدو ڪندا هئا ۽ اسين به ان سان گڏ سجدو ڪندا هئاسون. پوءِ اسين ايتري قدر ڳاهٽ ٿيندا هئاسون جو اسان مان ڪنهن کي ايتري جاءِ پيشاني رکڻ جي نه ملندي هئي جنهن تي سجدو ڪري (متفق عليه)**

(1026) وعن زيد بن ثابت قال : قرأت على رسول الله صلى الله عليه وسلم ( والنجم )

فلم يسجد فيها

**زيد بن ثابت ؓکان روايت آهي ته مون رسول اللهﷺ جي روبرو سوره نجم پڙهي پوءِ ان۾سجدو (3) نه ڪيائون(متفق عليه)**

---

[1] _ قرآن شريف جي تلاوت جا سجدا گهڻن امامن وٽ سنت آهن جيڪڏهن ڪو ماڻهو ترڪ ڪندو ته گهنگار نه ٿيندو امام بخاري انهن سجدن جي سنت هجڻ جو پنهنجي ڪتاب ۾هڪ باب مقرر ڪيو آهي پر امام ابوحنيفهؒ وٽ اهي سجدا واجب آهن.

[2] _ مشڪرن سجدو هن سبب ڪري ڪيو جو اهو سجدو سيني سجدن کان اڳ نازل ٿيو هو. ان وقت عام مخالفت ڪانه هئي.

[3] _ هن مان معلوم ٿيو ته تلاوت جو سجدو بروقت ڏيڻ واجب نه آهي.

(1027) وعن ابن عباس قال : ( سجدة ( ص )

ليس من عزائم السجود وقد رأيت النبي صلى الله عليه وسلم يسجد فيها

**ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ سورة صٓ وارو سجدو واجب سجدن مان[1] نہ آهي ۽ مون نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي ڏٺو پاڻ ان ۾ سجدو ڪندا هئا.**

(1028) وفي رواية : قال مجاهد : قلت لابن عباس : أأسجد في ( ص )

فقرأ : ( ومن ذريته داود وسليمان )

حتى أتى ( فبهداهم اقتده )

فقال : نبيكم صلى الله عليه وسلم ممن أمر أن يقتدي بهم . رواه البخاري

**ٻي روات ۾ آهي: مجاهد چوي ٿو تہ مون ابن عباس رضي الله عنه کي چيو تہ آءٌ صٓ سورت ۾ سجدو ڪريان؟ انهيءَ هيءَ آيت پڙهي ﴿وَمِنْ ذُرِّيَّتِهِ دَاوُدَ وَسُلَيْمَانَ﴾(ترجمو) ان جي اولاد مان دائود ۽ سليمان آهن. جڏهن﴿فَبِهُدَاهُمُ اقْتَدِهْ﴾(ترجمو) پوءِ هن طريقي جي پيروي ڪريو. پوءِ چيائين تہ اوهان جو نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم انهن مان آهي جن لاءِ حڪم ڪيو ويو آهي تہ انهن جي پيروي ڪر (بخاري)**

(1029) عن عمرو بن العاص قال : أقرأني رسول الله صلى الله عليه وسلم خمس عشرة سجدة في القرآن منها ثلاث في المفصل وفي سورة الحج سجدتين . رواه أبو داود وابن ماجه

**عمرو بن عاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون کي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن قرآن شريف ۾ (2) پندرهن سجدا پڙهيا. انهن مان ٽي مفصل سورتن ۾ آهن ۽ ٻہ سوره حج ۾ (ابو داؤد_ ابن ماجه )**

**فائده:_ سن ۾ ضعف آهي ان جو هڪ راوي عبدالله مجهول آهي (مشڪواة_ الباني ص324ج1)**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو تہ تلاوت جوسجدو ڪرڻ واجب نہ آهي.

[2] _ هن حديث مطابق تلاوت جا 15_سجدا معلوم ٿيا. اهوئي امام احمد جو بہ مذهب آهي پر امام ابو حنيفه قرآن مجيد ۾14_ سجدا چوي ٿو. امام صاحب سوره حج ۾ٻہ سجدا تسليم نٿو ڪري. مگر حديث مان معلوم ٿيو تہ جنهن هستيءَ تي قرآن مجيد نازل ٿيو آهي انهيءَ سوره حج ۾ بہ سجدا ڏنا آهن انهيءَ ڪري امام ابو حنيفه جو قول باطل ٿيو.

(1030) وعن عقبة بن عامر قال : قلت يا رسول الله فضلت سورة الحج بأن فيها سجدتين ؟ قال : نعم ومن لم يسجدهما فلا يقرأهما " . رواه أبو داود والترمذي وقال : هذا حديث ليس إسناده بالقوي . وفي المصابيح : " فلا يقرأها " كما في شرح السنة

**عقبه بن عامر ﷺ کان روايت آهي تہ مون چيو تہ اي رسول ﷺ! سوره حج کي فضيلت هن سبب کري ڏني وئي آهي جو ان ۾ ٻہ سجدا آهن؟ جن چيو تہ هائو (۽ فرمايائون) تہ جيکو اهي ٻہ سجدا نہ کري، اهو سجدن واريون ٻہ آيتون نہ پڙهي هن کي ابودائود ۽ ترمذي روايت کيو آهي ۽ چيائين تہ هن حديث جي اسناد قوي نہ آهي ۽ مصابيح ۾ هي لفظ آهن تہ پوءِ اها سورت نہ پڙهي جهڙي طرح شرح سنة ۾لکيل آهي.**

(1031) وعن عقبة بن عامر قال : قلت يا رسول الله فضلت سورة الحج بأن فيها سجدتين ؟ قال : نعم ومن لم يسجدهما فلا يقرأهما " . رواه أبو داود والترمذي وقال : هذا حديث ليس إسناده بالقوي . وفي المصابيح : " فلا يقرأها " كما في شرح السنة

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن ظهر جي نماز ۾سجدو کيو پوءِ اٿي بيٺا. پوءِ رکوع کيائون پوءِ ماڻهن ڏٺو تہ پاڻ سڳورن سوره المتنزيل سجده پڙهي(ابوداؤد)**

**فائده:_ حديث جي سند ۾انقطاع آهي انکري حديث ضعيف آهي (مسکواة_الباني ص325ج1)**

(1032) وعنه : أنه كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرأ علينا القرآن فإذا مر بالسجدة كبر وسجد وسجدنا معه . رواه أبو داود

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ قرآن پڙهندا هئا پوءِ جڏهن سجده وٽان گذرندا هئا تہ ﷲ اکبر چوندا هئا[1] ۽ سجدو کندا هئا ۽ اسان بہ ساڻن گڏ سجدوکندا هئاسون (ابوداؤد)**

**فائده:_ سند ۾عبدالله بن عمر عمري ضعيف آهي (مشکواة_الباني ص 325_ج1)**

(1033) وعن ابن عمر أنه قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم قرأ عام الفتح سجدة فسجد الناس كلهم منهم الراكب والساجد على الأرض حتى إن الراكب ليسجد على يده . رواه أبو داود

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ تلاوت جي سجدي لاءِ بہ تکبير چئجي.

**ابن عمرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فتح مڪه واري سال سجدي جي آيت پڙهي پوءِ سيني ماڻهن پاڻ سڳورن سان گڏ سجدو ڪيو. انهن مان ڪي سواريءَ تي هئا ڪي زمين تي سجدوڪرڻ وارا هئا تانجو سوار پنهنجن هٿن تي[1] سجدو ڪري رهيا هئا (ابوداؤد)**

**فائده:_ مصعب بن ثابت بن عبدالله بن زبير راوي لين الحديث آهي (مشڪواة_ الباني ص 325 ج1)**

(1034) وعن ابن عباس : أن النبي صلى الله عليه وسلم لم يسجد في شيء من المفصل منذ تحول إلى المدينة . رواه أبو داود

**ابن عباس ؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جڏهن کان وٺي مدينه لڏي آيا تڏهن کان مفصل سورت ([2]) تي سجدو تلاوت جو نہ ڪيائون. (ابوداؤد)**

**فائده:_ سند ۾ مطر وراق ضعيف آهي (مشڪواة_الباني ص325ج1)**

(1035) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول في سجود القرآن بالليل : " سجد وجهي للذي خلقه وشق سمعه وبصره بحوله وقوته " . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح

**عائشهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ قرآن مجيد جي سجدن ۾ رات جي وقت دعا ڪندا هئا (ترجمو) منهنجي منهن انهيءَ ذات ڪي سجدو ڪيو، جنهن ان ڪي پيدا ڪيو ۽ ان جا ڪن ۽ اکيون پنهنجي قوت ۽ قدرت سان چيري ڪڍيائين (ابوداؤد ۽ نسائي) ترمذي فرمائي ٿو تہ هيءَ حديث حسن صحيح آهي.**

(1036) وعن ابن عباس رضي الله عنهما قال : جاء رجل إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : يا رسول الله رأيتني الليلة وأنا نائم كأني أصلي خلف شجرة فسجدت فسجدت الشجرة لسجودي فسمعتها تقول : اللهم اكتب لي بها عندك أجرا وضع عني بها وزرا واجعلها لي عندك ذخرا وتقبلها مني كما تقبلتها من عبدك داود . قال ابن عباس : فقرأ النبي صلى الله عليه وسلم سجدة ثم سجد فسمعته وهو يقول مثل ما أخبره الرجل عن قول

---

[1]_ امام شوڪاني چوي ٿو تہ هن حديث جي سند ۾ هڪ راوي ڪعب بن ثابت ضعيف آهي.هن کي امامن ضعيف چيو اهي. هن مان معلوم ٿيو تہ سواريءَ وارو سواريءَ جي صورت ۾هٿ تي سجدوڪري سگهي ٿو. چاڪا تہ نفل نماز هٿ تي پڙهڻ جائز آهي.

[2]_ امام شوڪاني چوي ٿو تہ هن حديث ۾ انهن ماڻهن تي حجت آهي جيڪي مفصل سورتن ۾ سجدي جا قائل نہ آهن مگر هن حديث جا بہ راوي ضعيف آهن. امام نووي فرمائي ٿو تہ ابن عباسؓ واري حديث ضعيف آهي ۽ هجت جي قابل نہ آهي.

الشجرة . رواه الترمذي وابن ماجه إلا أنه لم يذكر وتقبلها مني كما تقبلتها من عبدك داود . وقال الترمذي : هذا حديث غريب

ابن عباسﷺ کان روايت آهي تہ هڪ شخص رسولﷺ جن وٽ آيو، چيائين تہ اي اللهﷻ جا رسولﷺ! مون اڄ رات خواب ۾ ڏٺو جڻ تہ آئون هڪ وڻ جي پويان نماز پڙهي رهيو آهيان پوءِ مون سجدو ڪيو تنهن تي وڻ بہ منهنجي سجدي ڏيڻ وقت سجدو ڪيو پوءِ مون ٻڌو: اهو دعا ڪري رهيو هو تہ اي اللهﷻ! مون لاءِ هن جي سبب پاڻ وٽ ثواب لک ۽ مون کان ان جي سبب گناهہ دور ڪر ۽ ان کي مون لاءِ پاڻ وٽ ذخيرو ڪر ۽ انهيءَ کي مون کائنس قبول ڪر جهڙيءَ طرح تو پنهنجي ٻانهي داؤد کان قبول ڪيو. ابن عباسﷺ چيو تہ پوءِ نبي ڪريمﷺ جن سجدي جي آيت پڙهي پوءِ سجدو ڪيائين ۽ پوءِ مون کان ٻڌو پاڻ اهي لفظ فرمايائون، جيڪي وڻ بابت ان ماڻهو کين ٻڌايا. هن کي ترمذي روايت ڪيو، ابن ماجه پڻ اها روايت بيان ڪئي آهي مگر ﴿تقبلها مني كما تقبلها من عبدك﴾ اهي لفظ ذڪر نہ ڪيا اٿس ۽ ترمذي چيو تہ هي حديث غريب آهي.

## ٽيون فصل

(1038) عن ابن مسعود : أن النبي صلى الله عليه وسلم قرأ ( والنجم )

فسجد فيها وسجد من كان معه غير أن شيخا من قريش أخذ كفا من حصى أو تراب فرفعه إلى جبهته وقال : يكفيني هذا . قال عبد الله : فلقد رأيته بعد قتل كافرا . وزاد البخاري في رواية : وهو أمية بن خلف

ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ سوره نجم پڙهي پوءِ ان ۾ سجدو ڪيائون ۽ جيڪي ساڻن گڏ هئا تن بہ سجدو ڪيو، سوائي هڪ پوڙهي قريشي جي، جنهن هڪ مٺ ڪڪرين يا مٽي جي ورتي پوءِ ان کي پنهنجي پيشاني ڏانهن مٿي ڪنيائين ۽ چيائين تہ مون کي هي ڪافي آهي. عبدالله چيو تہ مون ان کان بعد ان کي ڏٺو تہ ڪفر جي حالت ۾ ماريو ويو (متفق عليه) بخاري هڪ روايت ۾ زياده ڪيو آهي تہ اهو اميه بن خلف هو.

(1038) وعن ابن عباس قال : إن النبي صلى الله عليه وسلم سجد في ( ص )

وقال : سجدها داود توبة ونسجدها شكرا . رواه النسائي

ابن عباسﷺ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ سوره صٓ ۾ سجدو ڪيو ۽ چيائون تہ داؤدﷺ اهو سجدو توبہ لاءِ ڪيو ۽ اسين شڪرانہ لاءِ اهو سجدو ٿا ڪريون(نسائي)

# انهن وقتن جو بيان جن ۾ نماز جي منع

# ڪئي ويئي آهي([1])

## فصل پهريون

(1039) عن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يتحرى أحدكم فيصلي عند طلوع الشمس ولا عند غروبها "

وفي رواية قال : " إذا طلع حاجب الشمس فدعوا الصلاة حتى تبرز . فإذا غاب حاجب الشمس فدعوا الصلاة حتى تغيب ولا تحينوا بصلاتكم طلوع الشمس ولا غروبها فإنها تطلع بين قرني الشيطان "

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اوهان مان ڪوبہ سج اڀرڻ وقت ۽ سج لهڻ وقت نماز ادا ڪرڻ جو ارادو نہ ڪري ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ**
**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن سج جو مٿيون ڪنارو اڀري تڏهن نماز ڇڏي ڏيو جيستائين چڱي طرح ظاهر ٿئي ۽ جڏهن سج جو ڪنارو غائب ٿيڻ لڳي تڏهن بہ نماز ڇڏي ڏيو تانجو چڱي طرح غائب ٿي وڃي ۽ سج نڪرڻ ۽ لهڻ وقت نماز جو قصد نہ ڪريو ڇو تہ سج شيطان جي ٻن سڱن جي وچ ۾ اڀري ٿو. (متفق عليه)**

(1040) وعن عقبة بن عامر قال : ثلاث ساعات كان رسول الله صلى الله عليه وسلم ينهانا أن نصلي فيهن أو نقبر فيهن موتانا : حين تطلع الشمس بازغة حتى ترتفع وحين يقوم قائم الظهيرة حتى تميل الشمس وحين تضيف الشمس للغروب حتى تغرب . رواه مسلم

**عقبه بن عامر ﷺ کان روايت آهي تہ ٽي وقت آهن جن ۾ رسول الله ﷺ اسان کي نماز پڙهڻ ۽ جنازو([2]) دفن ڪرڻ کان منع ڪندا هئا: 1_ سج اڀرڻ کان وٺي مٿي ظاهر ٿيڻ تائين 2_ جڏهن ٻن پهرن جو پاڇو ڪڙو ٿئي تانجو سج لڙي وڃي، 3_ جڏهن سج لهڻ لاءِ لاڙو ڪري، تانجو غروب ٿي وڃي. (مسلم)**

(1041) وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا صلاة بعد الصبح حتى ترتفع الشمس ولا صلاة بعد العصر حتى تغيب الشمس "

**ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ فجر کان پوءِ نماز نہ آهي جيستائين سج مٿي اچي ۽ وچين نماز کان پوءِ نماز نہ آهي جيستائين سج غائب ٿئي(بخاري مسلم)**

---

[1] _ نماز جي منع جا وقت هي آهي: 1_ سج اڀرڻ، 2_سج لهڻ، 3_ سجلڙڻ، جڏهن سج ڪپار تي هجي.

[2] _ امام نووي چوي ٿو تہ هن مان مراد جنازه جي نماز پڙهڻ اهي مگر اهو قول ضعيف آهي ڇاڪاڻ تہ جنازي جي نماز انهيءَ وقت ۾ پڙهڻ مڪروهہ نہ آهي.ان تي اتفاق آهي. انهيءَ ڪري معنيٰ هي آهي تہ ڄاڻي واڻي انهن وقتن تائين دفن ۾ دير ڪرڻ منع آهي.

(1042) وعن عمرو بن عبسة قال : قدم النبي صلى الله عليه وسلم المدينة فقدمت المدينة فدخلت عليه فقلت : أخبرني عن الصلاة فقال : " صل صلاة الصبح ثم أقصر عن الصلاة حتى تطلع الشمس حتى ترتفع فإنها تطلع حين تطلع بين قرني شيطان وحينئذ يسجد لها الكفار ثم صل فإن الصلاة مشهودة محضورة حتى يستقل الظل بالرمح ثم أقصر عن الصلاة فإن حينئذ تسجر جهنم فإذا أقبل الفيء فصل فإن الصلاة مشهودة محضورة حتى تصلي العصر ثم أقصر عن الصلاة حتى تغرب الشمس فإنها تغرب بين قرني شيطان وحينئذ يسجد لها الكفار " قال فقلت يا نبي الله فالوضوء حدثني عنه قال : " ما منكم رجل يقرب وضوءه فيتمضمض ويستنشق فينتثر إلا خرت خطايا وجهه وفيه وخياشيمه ثم إذا غسل وجهه كما أمره الله إلا خرت خطايا وجهه من أطراف لحيته مع الماء ثم يغسل يديه إلى المرفقين إلا خرت خطايا يديه من أنامله مع الماء ثم يمسح رأسه إلا خرت خطايا رأسه من أطراف شعره مع الماء ثم يغسل قدميه إلى الكعبين إلا خرت خطايا رجليه من أنامله مع الماء فإن هو قام فصلى فحمد الله وأثنى عليه ومجده بالذي هو له أهل وفرغ قلبه لله إلا انصرف من خطيئته كهيئته يوم ولدته أمه " . رواه مسلم

**عمرو بن عبسه ؓ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن مديني آيا پوءِ آئون بہ مديني آيس ۽ وٽن ويس.پوءِ مون چيو تہ مون کي نماز جي وقتن جي خبر ڏيو. جن فرمايو تہ فجر جي نماز پڙهہ،پوءِ سج اڀرڻ تائين نماز پڙهڻ کان بند رهہ جيستائين سج مٿي چڙهي اچي.هن لاءِ تہ ان وقت سج اڀري ٿو ۽ اهو شيطان جي ٻن سڱن جي وچ ۾ اڀري ٿو ان وقت ان کي ڪافر سجدو ڪن ٿا.پوءِ نماز پڙهہ چا ڪاڻ تہ ان وقت نماز ۾ ملائڪ شاهد ۽ حاضر ٿيندا آهن،تانجو پاڇو نيزي جي برابر چڙهي.پوءِ نماز کان بند رهہ چو تہ ان وقت دوزخ کي دهڪايو ويندو آهي.پوءِ جڏهن پاڇو لڙي تہ نماز پڙهہ چا ڪاڻ تہ ان وقت نماز ۾ ملائڪ شاهد ۽ حاضر ٿيندا آهن تانجو عصر نماز پڙهين.پوءِ نماز پڙهڻ کان بند رهہ چو تہ سج شيطان جي ٻن سڱن جي وچ ۾ لهندو آهي ۽ ان وقت ڪافر ان کي سجدو ڪندا آهن.راوي چوي ٿو،مون عرض ڪيو تہ اي نبي ﷲ جا!مون کي وضوءَ (جي ثواب ۽ فضيلت)بابت ٻڌايو.( جن) چيو تہ اوهان مان جو ماڻهو وضوءَ جو پاڻي ويجهو ڪندو،پوءِ گرڙيون ڪري ۽ نڪ کي پاڻي ڏئي چڱيءَ طرح سڻڪي صاف ڪندو تہ ان جي منهن،وات ۽ نڪ جا گناهہ ڪرن ٿا.پوءِ جڏهن پنهنجو منهن ﷲ جي حڪم مطابق ڌئي ٿو تہ ان جي منهن جا گناهہ پاڻيءَسان گڏ ڏاڙهي جي ڪنارن مان ڪرن ٿا.پوءِ پنهنجون ٻئي ٻانهون نوڙين تائين ڌوئي ٿو تہ ان سان ان جي ٻانهن جا گناہ ان جي آڱرين مان پاڻي سان گڏ ڪرن ٿا.پوءِ مٿي جي مک ڪري ٿو تہ ان جي مٿي جا گناہ پاڻي پوڻ سان ان جي وارن مان ڪرن ٿا.پوءِ پنهنجا ٻئي پير ڪڙين تائين ڌوئي ٿو تہ ان جا پيرن جا گناهہ پاڻي سان گڏ ان جي آڱرين مان ڪرن ٿا.پوءِ جيڪڏهن اهو ڪڙو ٿي نماز پڙهي ٿو،نماز کان پوءِ ﷲ تعاليٰ جي تعريف ۽ واکاڻ ڪري ٿو ۽ بزرگي جنهن**

**جو اهو لائق آهي سا بيان ڪري ٿو ۽ پنهنجي دل کي ان لاءِ فارغ ڪري ٿو ته پنهنجن گناهن کان اهڙي طرح ڦري ٿو جيئن جنهن ڏينهن ان کي ان جي ماءُ ڄڻيو هو [1](مسلم)**

(1043) وعن كريب : أن ابن عباس والمسور بن مخرمة وعبدالرحمن بن أزهر رضي اللهم عنهم وأرسلوه إلى عائشة فقالوا اقرأ عليها السلام وسلها عن الركعتين بعدالعصرقال : فدخلت على عائشة فبلغتها ما أرسلوني فقالت سل أم سلمة فخرجت إليهم فردوني إلى أم سلمة فقالت أم سلمة رضي اللهم عنها سمعت النبي صلى الله عليه وسلم ينهى عنهما ثم رأيته يصليهما ثم دخل فأرسلت إليه الجارية فقلت : قولي له تقول أم سلمة يا رسول الله سمعتك تنهى عن هاتين وأراك تصليهما ؟ قال : " يا ابنة أبي أمية سألت عن الركعتين بعد العصر وإنه أتاني ناس من عبدالقيس فشغلوني عن الركعتين اللتين بعد الظهر فهما هاتان "

**ڪريب کان روايت آهي ته ابن عباس، مسور بن مخرمہ ۽ عبدالرحمٰن بن ازهر هن کي بي بي عائشه رضي الله عنها ڏانهن موڪليو. چيائونس ته ان کي اسان جا سلام چئو ۽ ان کان وچين نماز کان پوءِ ٻن رڪعتن جي پڙهڻ بابت مسئلو پڇ. ڪريب چيو ته پوءِ آءٌ بي بي صاحبہ عائشه رضي الله عنها وٽ آيس ۽ جيڪو پيغام ڏئي انهن مون کي موڪليو هو، سو ان کي پهچايم تنهن تي بي بي عائشه رضي الله عنها چيو ته بي بي ام سلمه رضي الله عنها کان پڇ. پوءِانهن ڏانهن روانو ٿيس. انهن مون کي بي بي ام سلمه رضي الله عنها ڏانهن موڪليو. بي بي صاحبہ فرمايو ته مون نبي ڪريم ﷺ کان انهن ٻن رڪعتن جي ممانعت ٻڌي، پر پوءِ ڏٺم ته پاڻ اهي ٻہ رڪعتون پڙهن ٿا. پاڻ (گهر ۾) داخل ٿيا پوءِ مون ان ڏانهن هڪ ڇوڪري موڪلي. ان کي چيم ته ﷺ جن کي چئو ته ام سلمه رضي الله عنها چوي ٿي الله جا رسول ﷺ! مون توهان کان انهن ٻن رڪعتن جي ممانعت ٻڌي هئي ۽ توهان کي ڏسان ٿي ته پاڻ اهي پڙهو ٿا. فرمايائون ته اي ابو اميہ جي ڌيءُ![2] تو عصر کان بعد ٻن رڪعتن پڙهڻ بابت پڇيو آهي. اهي مون هن سبب ڪري پڙهيون جو مون وٽ عبدالقيس قبيلي جا ماڻهو آيا. انهن مون کي ظهر کان بعد وارين ٻن رڪعتن پڙهڻ کان مشغول ڪري ڇڏيو هو.[3]اهي ئي ٻہ رڪعتون آهن. (متفق عليه)**

## فصل ٻيو

[1]_ هن مان معلوم ٿيو ته صغيره خواه ڪبيره گناهہ بخشيا وڃن ٿا. والله اعلم.

[2]_ ابو اميه ام المؤمنين ام سلمه جي پيءُ جي ڪنيت آهي ان جو نالو حذيفہ هو.

[3]_ هن حديث مان معلوم ٿيو ته جيڪڏهن نفل فوت ٿين تي وچين نماز کان پوءِ پڙهي سگهجن ٿا. امام بخاري ان بابت هڪ باب قائم ڪيو آهي جنهن ۾ لکي ٿو ته عصر نماز کان پوءِ فوت ٿيل سنتون قضا ڪري سگهجن ٿيون. دليل طور هن حديث جو هڪ ٽڪرو بيان ڪيو اٿس مگر طحاوي لکي ٿو ته عصر کان بعد نفل پڙهڻ حضور ﷺ جن جو خاصه آهي. امام بيهقي فرمايو ٿو ته عصر کان پوءِ نفل پڙهڻ هميشه حضور ﷺ جن جو خاصه هو. مگر قضا ڪرڻ سندن خاصه نہ هو. قضا امت بہ ڪري سگهي ٿي جيئن فجر نماز کان پوءِ سنت قضا ڪرڻ بابت ترمذي ۽ ابوداؤد ۾ حديثون آيل آهن.

(1044) عن محمد بن إبراهيم عن قيس بن عمرو قال : رأى النبي صلى الله عليه وسلم رجلا يصلي بعد صلاة الصبح ركعتين فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة الصبح ركعتين ركعتين "

فقال الرجل : إني لم أكن صليت الركعتين اللتين قبلهما فصليتهما الآن . فسكت رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه أبو داود وروى الترمذي نحوه وقال : إسناد هذا الحديث ليس بمتصل لأن محمد بن إبراهيم يسمع لم يسمع من قيس بن عمرو . وفي شرح السنة ونسخ المصابيح عن قيس بن قهد نحوه

**محمد بن ابراهيم قيس بن عمرو کان روايت ڪري ٿو تہ نبي ڪريم ﷺ جن هڪ شخص کي ڏٺو جنهن صبح جي نماز کان پوءِ ٻہ رڪعتون ٿي پڙهيون. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ فجر جي نماز ٻہ ٻہ رڪعتون (يعني چار رڪعتون آهن ڇا) انهيءَ چيو تہ مون فرض کان اڳ واريون ٻہ رڪعتون (سنت) نہ پڙهيون، پوءِ اهي ([1]) هينئر پڙهيم (اهو ٻڌي) رسول الله ﷺ جن ماٺ ڪئي (ابودائود ۽ ترمذي پڻ انهيءَ طرح روايت ڪئي آهي ۽ چيائين تہ اسناد هن حديث جي متصل نہ آهي ڇو تہ محمد بن ابراهيم قيس بن ابراهيم کان نہ ٻڌو آهي. شرح سنت ۽ مصابيح جي هڪ نسخي ۾ قيس بن فهد کان اهيءَ طرح روايت آهي.**

**فائده:_ حديث جا ڪيترا طريقا ۽ شاهد آهن جن مان حديث جو صحيح هجڻ ثابت آهي (والله اعلم)**

(1045) وعن جبير بن مطعم أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " يا بني عبد مناف لا تمنعوا أحدا طاف بهذا البيت وصلى أية ساعة شاء من ليل أو نهار " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي

**جبير بن مطعم رضي الله عنه کان روايت آهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ عبد مناف جا اولاد هن بيت الله جي طواف ۽ ان ۾ نماز پڙهڻ کان ڪنهن کي بہ ان ۾ منع نہ ڪريو ڏينهن خواه رات ۾ جنهن وقت چاهي. ([2]) (ترمذي، ابوداؤد ۽ نسائي)**

---

[1]_ هن حديث کي تقرير حديث چئبو آهي. تقرير حديث ان کي چئبو آهي جو پاڻ سڳورن ﷺ جي سامهون ڪو عمل ڪيو وڃي يا ڪا ڳالهہ بيان ڪئي وڃي تڏهن پاڻ سڳورا خاموش رهن جنهنجو مطلب آهي تہ انهيءَ فعل يا قول کي پاڻ سڳورن ﷺ جي رضا ۽ تائيد حاصل آهي. هن مان معلوم ٿيو تہ فجر جي سنت جيڪڏهن نہ پڙهي وئي هجي تہ فرض نماز کان پوءِ پڙهي سگهجي ٿي. اهو عطاءُ، طائوس، ابن جرير. عمرو بن دينار، اوزاعي، احمد، اسحاق ۽ مالڪ جو مذهب آهي. رحمه الله تعاليٰ_ اصل حقيقت هيءَ آهي تہ فرض کان پوءِ پڙهڻ سنت تقرير آهي ۽ سج ايرڻ کان پوءِ پڙهڻ سنت قولي ۽ فعلي آهي تنهن ڪري ٻنهي طريقن تي عملجائز آهي. ابنعمر رضي الله عنه ۽ امام شافعي کان ٻئي طريقا بيان ٿيل آهن. امام ابو حنيفہ ۽ امام ابو يوسف ون تا تہ سنت جي قضا نہ ٿيندي. مگر سندن اهو قول ڪيترن صحيح حديثن جي خلاف آهي. حضور ﷺ جن کان ثابت آهي تہ پاڻ فجر 7 اڳين نماز جون سنتون قضا ڪيون اٿن. امام شوڪاني فرمائي ٿو تہ امام ترمذيءَ جو ائين چوڻ تہ هي حديث مرسل ۽ منقطع آهي، صحيح نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هيءَ حديث متصل سندن سان بہ ثابت آهي. ان کان پوءِ امام شوڪانيءَ تفصيل سان اهي سند ڪتاب ﴿ نيل الاوطار ﴾ ۾ بيان ڪيا آهن. تحقيقات لاءِ اتي ڏسي سگهو ٿا.

[2]_ عبد مناف جي اولاد کي ڪعبي جو ڪم حوالي هو. انهيءَ ڪري هن حديث ۾ نبي ﷺ جن سندن نالو وٺي ڪين امر فرمايو تہ ماڻهن کي ڪعبة الله شريف جي طواف ۽ نماز پڙهڻ کان ڪنهن وقت بہ منع نہ ڪريو. هن

(1046) وعن أبي هريرة : أن النبي صلى الله عليه وسلم نهى عن الصلاة نصف النهار حتى تزول الشمس إلا يوم الجمعة . رواه الشافعي

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي، نبي ڪريمﷺ جن ٻن پهرن جو سج لڙڻ تائين جمعہ جي ڏينهن کان سواءِ([1]) نماز پڙهڻ کان منع ڪئي آهي (شافعي)**

**فائده:_ جيتوڻيڪ حديث جي سند ۾ اسحاق ۽ ابراهيم ٻئي راوي ضعيف آهن ليڪن معنيٰ جي اعتبار سان حديث صحيح آهي يعني ان مضمون جون صحيح حديثون موجود آهن. (مشڪواة_الباني،ص330ج1)**

(1047) وعن أبي الخليل عن أبي قتادة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم كره الصلاة نصف النهار حتى نصف النهار حتى تزول الشمس إلا يوم الجمعة وقال : " إن جهنم تسجر إلا يوم الجمعة " . رواه أبو داود وقال أبو الخليل لم يلق أبا قتادة

**ابو خليل ابو قتاده ؓ کان روايت ڪري ٿو تہ نبي ڪريمﷺ جن ٻن پهرن جو سج([2]) لڙڻ تائين جمعہ جي ڏينهن کان سواءِ، نماز پڙهڻ مڪروه ڄاڻندا هئا ۽ چوندا هئا تہ جمعہ جي ڏينهن کان سواءِ ٻين ڏينهن ۾ انهيءَ وقت دوزخ دهڪايو ويندو آهي (ابودؤد) ۽ چوي ٿو تہ ابو خليل ابو قتاده ([3]) سان نہ مليو آهي.**

**فصل ٽيون**

---

حديث مطابق اهلحديث، امام شافعي، احمد ۽ اسحاق بن راهوي خاص مڪي ڪي (مڪروهہ وقتن ۾ نماز کان منع وارين حديثن مان) استثناءُ ڪن ٿا. ڇاڪاڻ تہ مسجد حرام ۾ هر وقت طواف ٿيندو رهي ٿو ۽ طواف کان پوءِ طواف جون ٻہ رڪعتون پڙهيون آهن. انهيءَ ڪري حضورﷺ جن مٿيون حڪم فرمايو تہ ڪعبة الله شريف ۾ڪنهن بہ وقت ۾ ماڻهن کي نماز ۽ طواف کان نہ روڪيو وڃي. ڪي اهل علم جهڙوڪ سفيان ثوري، ابو حنيفہ، مالڪ حرم پاڪ ۾ مڪروه وقت ۾ نماز جي منع جي حڪم کان مستثنيٰ نٿا سمجهن.

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٺيڪ ٻن پهرن جي وقت جمعہ جي ڏينهن نفل نماز پڙهڻ جائز آهي. هي مذهب امام شافعي ۽ علماءَ اهلحديث جو آهي.

[2]_ هيءَ حديث اگرچہ مرسل آهي، مگر هن کي اصحابن جي فعل سان قوت ۽ تائيد ملي ٿي، جو ڪيترا اصحابيؓ جمعي جي ڏينهن انهيءَ وقت ۾ نماز پڙهندا هئا. مرسل حديث کي جڏهن اصحابي جو فعل تائيد ڏي تہ اها حديث مقبول ٿي سگهي ٿي.

[3]_ بخاري ۽ مسلم ۾ ام سلمه کان روايت آهي تہ حضورﷺ جن وچين نماز کان پوءِ هميشہ ٻہ رڪعتون نماز پڙهندا هئا. هتي ان جي نفي آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ نفي ڏسڻ جي آهي ۽ مطلق نفي مراد نہ آهي. حضورﷺ جن اها ٻہ رڪعتون گهر پڙهندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي سندن لاءِ خاص هيون ۽ ٻاهر نہ پڙهندا هئا. هن لاءِ تہ عام ماڻهو ڏسي ان جي پيروي نہ ڪن، پوءِ وري ٻين تي ڀاري ٿي پوي.

(1048) عن عبد الله الصنابحي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الشمس تطلع ومعها قرن الشيطان فإذا ارتفعت فارقها ثم إذا استوت قارنها فإذا زالت فارقها فإذا دنت للغروب قارنها فإذا غربت فارقها " . ونهى رسول الله صلى الله عليه وسلم عن الصلاة في تلك الساعات . رواه مالك وأحمد والنسائي

**عبدالله بن صنابحيءِ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ تحقيق سج اڀرندو آهي ۽ ان سان گڏ شيطان جو سڱ هوندو آهي. جڏهن مٿي ٿيندو آهي تڏهن ان کان جدا ٿيندو آهي. وري جڏهن برابر ٿيندو آهي تہ شيطان ان سان ملي ويندو آهي. پوءِ جڏهن لڙهندو آهي تہ انکان جدا ٿيندو آهي. جڏهن سج لهڻ کي ويجهو ٿيندو آهي تڏهن وري ان سان ملي ويندو آهي. وري جڏهن غروب ٿي ويندو. آهي تہ ان کان جدا ٿي ويندو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن انهن وقتن ۾ نماز پڙهن کان منع فرمائي (احمد، مالڪ ۽ نسائي)**

(1049) وعن أبي بصرة الغفاري قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم بالمخمص صلاة العصر فقال : " إن هذه صلاة عرضت على من كان قبلكم فضيعوها فمن حافظ عليها كان له أجره مرتين ولا صلاة بعدها حتى يطلع الشاهد " . والشاهد النجم . رواه مسلم

**ابوبصره غفاريرضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان رسول اللهﷺ سان گڏ مخمص (نالي هڪ مڪان) ۾ وچين نماز پڙهي. فرمايائون: تحقيق هي نماز اوهان کان اڳين قومن تي لازم ڪئي وئي، پر انکي ضايع ڪيائون پوءِ جيڪو ان جي حفاظت ڪندو ان کي ٻيڻو ثواب ملندو ۽ انهيءَ کان بعد ٻي نماز ستارن اڀرڻ تائين نہ آهي.(مسلم)**

(1050) وعن معاوية قال : إنكم لتصلون صلاة لقد صحبنا رسول الله صلى الله عليه وسلم فما رأيناه يصليها ولقد نهى عنهما يعني الركعتين بعد العصر . رواه البخاري

**معاويہرضي الله عنه جو بيان آهي، اوهين هڪ نماز (عصر کان بعد ٻہ رڪعتون) پڙهو ٿا، بيشڪ اسان رسول اللهﷺ جن جي صحبت ۾ رهياسون. پاڻ سڳورن کي اهي رڪعتون پڙهندي نہ ڏٺوسون، حالانڪ انهن_ يعني عصر کان بعد ٻن رڪعتن_ کان منع بہ ڪئي اٿن. (بخاري)**

(1051) وعن أبي ذر قال وقد صعد على درجة الكعبة : من عرفني فقد عرفني ومن لم يعرفني فأنا جندب سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " لا صلاة بعد الصبح حتى تطلع الشمس ولا بعد العصر حتى تغرب الشمس إلا بمكة إلا بمكة إلا بمكة " . رواه أحمد ورزين

**ابو ذررضي الله عنه ڪعبةالله جي ڏاڪڻ تي چڙهيو_ ۽ چيائين تہ جيڪو مون کي سڃاڻي ٿو، سو سڃاڻي ٿو ۽ جيڪو مون کي نٿو سڃاڻي (اهو ٻڌي) تہ آئون جندب آهيان. مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو آهي تہ نماز فجر کان پوءِ جيستائين سج اڀري تيستائين ڪابہ نماز نہ آهي نڪي**

وچين نماز کان پوءِ ڪا نماز نہ آهي جيستائين سج لهي، مگر مڪي ۾ مگر مڪي ۾ مگر مڪي ۾ مگر مڪي ۾ (احمد ۽ رزين)

فائده:_ اگرچہ سند ضعيف آهي ليڪن ان ڪان اڳ واري حديث ان جي تائيد ڪري رهي آهي (مشڪوا ة_البناني ص331ج1)

# جماعت سان [1]نماز پڙهڻ ۽ ان جي فضيلت جو بيان

## فصل پهرين.

(1052) عن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة الجماعة تفضل صلاة الفذ بسبع وعشرين درجة "

**ابن عمر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلي نماز پڙهڻ کان [2] ستاويهہ درجا افضل آهي. (متفق عليه)**

(1053) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " والذي نفسي بيده لقد هممت أن آمر بحطب فيحطب ثم آمر بالصلاة فيؤذن لها ثم آمر رجلا فيؤم الناس ثم أخالف إلى رجال . وفي رواية : لا يشهدون الصلاة فأحرق عليهم بيوتهم والذي نفسي بيده لو يعلم أحدهم أنه يجد عرقا سمينا أو مرماتين حسنتين لشهد العشاء " . رواه البخاري ولمسلم نحوه

**ابو هريره﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ قسم آهي انهيءَ ذات پاڪ جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ البتہ مون ارادو ڪيو تہ آءٌ ڪاٺيون گڏ ڪرڻ جو**

---

[1] _ صدر الدين فرمائي ٿو تہ علماءَ جو اتفاق آهي تہ جماعت مشروع آهي. اختلاف فقط هن ۾ آهي تہ جماعت فرض آهي، واجب آهي ، سنت آهي، فرض عين آهي يا فرض ڪفايہ؟ امام شافعي چئائيءَ سان فرمايو آهي تہ جماعت فرض ڪفايہ آهي. امام مالڪ وٽ جماعت سنت مؤڪده آهي. امام احمد، ابوداؤد، عطاءَ ۽ ابو ثور فرمائين ٿا تہ جماعت فرض عين آهي،مگر عذر جي حالت ۾ آذان نہ ٻڌڻ ڪري نماز گهر ۾ ٿي ويندي ۽ عورتن جي جماعت گهر ۾ افضل آهي.

[2] _ ابو هريره ۽ ابو سعيد ﷛ جي روايت ۾ 15_ درجا ذڪر ٿيل آهي. هن روايتن ۾ 24_ درجا بہ بيان ٿيل آهن. روايتون هڪ ٻئي جي خلاف چئبيون. مطلب هيءُ آهي تہ ڪم از ڪم 24_ درجا ثواب ملندو ۽ زياده ۾ زياده 72 درجا.

حڪم ڏيان پوءِ ڪاٺيون گڏ ڪيون وڃن ۽ نماز لاءِ بانگ ڏيڻ جو حڪم ڏيان پوءِ بانگ ڏني وڃي پوءِ هڪ ماڻهو کي ماڻهن جي امامت ڪرڻ جو حڪم ڏيان ۽ ٻي روايت ۾ آهي ته انهن ماڻهن جي طرف وڃان جيڪي نماز لاءِ حاضر نٿا ٿين. پوءِ انهن جي گهرن کي ([1]) ساڙيان. قسم آهي انهيءَ ذات پاڪ جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي ته (انهن منافق جي اخلاقي حالت اها آهي جو) جيڪڏهن ڪنهن کي خبر پوي ته (مسجد ۾) ان کي معمولي گوشت جي روغن واري هڏي يا سنا کر ملندا ته هوند ضرور سمهڻي نماز ۾ حاضر ٿين (مگر باجماعت عشاءَ نماز جي فضيلت ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ نٿا اچن) (بخاري) ۽ مسلم به اهڙي طرح روايت ڪيو آهي.

(1054) وعنه قال : أتى النبي صلى الله عليه وسلم رجل أعمى فقال : يا رسول الله إنه ليس لي قائد يقودني إلى المسجد فسأل رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يرخص له فيصلي في بيته فرخص له فلما ولى دعاه فقال : " هل تسمع النداء بالصلاة ؟ " قال : نعم قال : " فأجب " . رواه مسلم

ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ وٽ هڪ انڌو ماڻهو آيو. چيائين ته اي رسول ﷺ الله جا! تحقيق مون وٽ ڪو به قائد (رستو ڏيکاريندڙ) نه آهي جو مون کي مسجد ڏانهن وٺي اچي. پوءِ رسول الله ﷺ کان پڇيائين ته مون کي گهر ۾ نماز پڙهڻ جي موڪل آهي. جن ڪيس اها موڪل ڏني. پوءِ جڏهن پٺ ڏيئي هليو تڏهن ان کي گهرايائون ۽ چيائينس ته تون نماز جي بانگ ٻڌندو آهين؟ چيائين ته هائو! فرمايائون: پوءِ تون نماز ۾ حاضر ٿيءُ (مسلم)

(1055) وعن ابن عمر : أنه أذن بالصلاة في ليلة ذات برد وريح ثم قال ألا صلوا في الرحال ثم قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يأمر المؤذن إذا كانت ليلة ذات برد ومطر يقول : " ألا صلوا في الرحال "

ابن عمر ﷺ کان روايت آهي ته هڪ رات ۾ ٿڌ ۽ هوا هئي تڏهن ان نماز لاءِ بانگ ڏني پوءِ چيائين ته خبردار! گهرن ۾ ([2]) نماز پڙهو. پوءِ چيائين ته تحقيق رسول الله ﷺ بانگي کي۔ جڏهن سيءُ ۽ مينهن واري رات هوندي هئي۔ امر فرمائيندا هئا ته چوي خبردار! نماز گهرن ۾ پڙهو (متفق عليه)

---

[1]_ پاڻ سڳورن جو اهو فرمائڻ ته گهرن ۾ نماز پڙهندڙن جي گهرن کي جيڪر وڃي ساڙيان۔ ظاهر آهي ه گهرن جو ساڙڻ صغيره گناه تي نه ٿيندو آهي. ان مان معلوم ٿيو ته باجماعت نماز فرض آهي ۽ جماعت ڇڏڻ ڪبيره گناه آهي. حضور ﷺ جن پنهنجي وفات تائين هميشه جماعت قائم ڪرائي، پاڻ جماعت سان نماز پڙهي اٿن ۽ فرمايو اٿن ته جيڪو آذان ٻڌي، پوءِ جيتوڻيڪ اهڙو شخص نابين ئي چو نه هجي. بهرحال نماز جماعت ۾ اچي شامل ٿئي ۽ جنهن بانگ ٻڌي ڪنهن عذر کان سواءِ گهر ۾ نماز پڙهي ته ان جي نماز ڪانهي. پڻ فرمايو اٿن ته جيڪو با جماعت نماز ۾ نٿو حاضر هئي، سو منافق آهي. انهيءَ ڪري جماعت کي ڇڏڻ ڪبيره گناه آهي، بلڪ ڪبيره گناهن کان به تمام سخت وڏو گناه۔ جو ان ۾ منافقي ۽ڪفر جو خوف آهي.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو ته سخت سرديءَ ۽ برسات ۾ نماز گهر ۾ پڙهڻ جائز آهي.

(1056) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا وضع عشاء أحدكم وأقيمت الصلاة فابدؤوا بالعشاء ولا يعجل حتى يفرغ منه " وكان ابن عمر يوضع له الطعام وتقام الصلاة فلا يأتيها حتى يفرغ منه وإنه ليسمع قراءة الإمام

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪنهن جو ڪاڌو سومهڻيءَ نماز جي وقت رکيو وڃي ۽ نماز لاءِ تڪبير چئي وڃي تہ اهڙي حالت ۾ ڪاڌو کائڻ[1] شروع ڪريو ۽ تڪڙ نہ ڪريو جيستائين چڱيءَ طرح کائي واندا ٿيو. ابن عمر جو هي دستور هوندو هو تہ ان لاءِ کاڌ ورکيو ويندوهو ۽ نماز قائم ٿيندي هئي تہ ان حالت ۾ نماز لاءِ نہ ايندو هو تانجو کاڌي کان واندو نہ ٿيندو هو، حالانڪ امام جي قرائت بہ ٻڌندو هو. (متفق عليه)**

(1057) وعن عائشة رضي الله عنها أنها قالت : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " لا صلاة بحضرة طعام ولا هو يدافعه الأخبثان "

**عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ کاڌ حاضر ٿئي تہ نماز نہ آهي ۽ نہ نمازي ٻن پليتن (پيشاب ۽ پائخانہ) کي روکي (مسلم)**

(1058) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أقيمت الصلاة فلا صلاة إلا المكتوبة " . رواه مسلم

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن نماز شروع ڪئي وڃي تہ فرض نماز کان سواءِ ٻي ڪا نماز[2] نہ آهي (مسلم)**

(1059) وعن ابن عمر قال : قال النبي صلى الله عليه وسلم : " إذا استأذنت امرأة أحدكم إلى المسجد فلا يمنعها "

**ابن عمرﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪنهن کان انجي زال مسجد ڏانهن وڃن جي موڪل گهري تہ ان کي [3] نہ روڪيو. (متفق عليه)**

---

[1] _ هن حالت ۾ باجماعت نماز ڇڏڻ جائز بلڪ مستحب آهي تہ کاڌو کائي پوءِحضورِ قلب سان نماز ادا ڪري.

[2] _ يعني تڪبير شروع ٿيڻ کان پوءِ سنت نہ پڙهجي. بلڪ فرضن ۾ شريڪ ٿجي. تڪبير شروع ٿيڻ کان اڳ جيڪڏهن سنت پڙهندو هجي تہ سنت ڇڏي ڏي. ڪي چون ٿا تہ سنت پوري ڪري وٺي. اهو مذهب اهل حديث، شافعي، احمد ۽ جمهور علماءَ جو آهي. اهي چون ٿا تہ تڪبير ٿيڻ کان پوءِ فجر جي سنت بہ نہ پڙهجي.

[3] _ هن مان معلوم ٿيو تہ مسجد ۾ جماعت سان شريڪ ٿيڻ لاءِ جيڪڏهن مرد کان سندس عورت اجازت گهري تہ کيس منع نہ ڪئي ويندي. شرط هيءُ آهي تہ خوشبوءِ يا زيور يا ٻي ڪنهن زينت سان نہ وڃي، جو ان مان فتني جو خوف آهي.

(1060) وعن زينب امرأة عبد الله بن مسعود قالت : قال لنا رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا شهدت إحداكن المسجد فلا تمس طيبا " . رواه مسلم

**زينب رضي الله عنها زال عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان کي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن توهان مان ڪا عورت مسجد ۾ اچي تہ خوشبوءِ نہ هڻي (مسلم)**

(1061) **ابو هريره** رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أيما امرأة أصابت بخورا فلا تشهد معنا العشاء الآخرة " . رواه مسلم

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪا عورت پاڻ کي بخور (خوشبوءِ) لڳائي سا اسان سان گڏ سومهڻيءَ جي نماز پڙهڻ لاءِ حاضر نہ ٿئي. (مسلم)**

## فصل ٻيو

(1062) عن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تمنعوا نساءكم المساجد وبيوتهن خير لهن " . رواه أبو داود

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اوهان عورتن کي مسجدن کان منع نہ ڪريو ۽ انهن لاءِ انهن جا گهر ڀلا آهن. (ابوداؤد)**

(1063) وعن ابن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة المرأة في بيتها أفضل من صلاتها في حجرتها وصلاتها في مخدعها أفضل من صلاتها في بيتها " . رواه أبو داود

**ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ عورت جو گهر (جي وراندي ۾) نماز پڙهڻ کان حجري ۾ نماز پڙهڻ افضل آهي[1] ۽ ان جو پنهنجي اندرئين ڪمري ۾ نماز پڙهڻ گهر (جي ٻاهرين حصي) ۾ نماز پڙهڻ کان افضل آهي. (ابوداؤد)**

(1064) وعن أبي هريرة قال : إني سمعت حبي أبا القاسم صلى الله عليه وسلم يقول : " لا تقبل صلاة امرأة تطيبت للمسجد حتى تغتسل غسلها من الجنابة " . رواه أبو داود وروى أحمد والنسائي نحوه

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون پنهنجي محبوب ابو القاسم (رسول الله ﷺ) کان ٻڌو فرمايائون تہ خوشبوءِ لڳائي مسجد ۾ پڙهندڙ عورت جي نماز قبول نٿي ٿئي جيستائين جنابت جي غسل وانگر غسل نہ ڪري (ابوداؤد، احمد ۽ نسائي)**

---

[1] _ هن جو مطلب هيءُ آهي تہ عورت جيترو لڪي نماز پڙهندي، اوتري قدر ان لاءِ بهتر ۽ زياده ثواب جو باعث آهي.

(1065) وعن أبي موسى قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " كل عين زانية وإن المرأة إذا استعطرت فمرت بالمجلس فهي كذا وكذا " . يعني زانية . رواه الترمذي ولأبي داود والنسائي نحوه

**ابو موسيٰ ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو هر اک زنا ڪندڙ آهي ۽ تحقيق جڏهن عورت خوشبوءِ لڳائي ڪنهن مجلس مان لنگهي تہ اها اهڙي تهڙي آهي يعني زانياڻي آهي. )ترمذي، ابو داؤد ۽ نسائي)**

(1066) وعن أبي بن كعب قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم يوما الصبح فلما سلم قال : " أشاهد فلان ؟ " قالوا : لا . قال : " أشاهد فلان ؟ " قالوا : لا . قال : " إن هاتين الصلاتين أثقل الصلوات على المنافقين ولو تعلمون ما فيهما لأتيتموهما ولو حبوا على الركب وإن الصف الأول على مثل صف الملائكة ولو علمتم ما فضيلته لابتدرتموه وإن صلاة الرجل من الرجل أزكى من صلاته وحده وصلاته مع الرجلين أزكى من صلاته مع الرجل وما كثر فهو أحب إلى الله " . رواه أبو داود والنسائي

**ابي بن ڪعب﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ ڏينهن اسان کي فجر جي نماز پڙهائي. پوءِ جڏهن سلام ورايائون، پڇيائون تہ ڇا فلاڻو حاضر آهي؟ عرض ڪيائون تہ نہ! فرمايائون تہ ڇا فلاڻو حاضر آهي؟ عرض ڪيائون تہ نہ ارشاد فرمايائون تہ منافقن تي هيءُ بہ نمازون تمام ڳوريون آهن ۽ جيڪڏهن توهان (انهن جو ثواب) ڄاڻو پوءِ گوڏن ڀر گهلجي (اچڻو پوي) تہ بہ ضرور اچو ۽ تحقيق (نمازين جي) پهرين صف فرشتن جي صف جي برابر آهي. جيڪڏهن توهان کي انهن جي فضيلتن جو علم هجي تہ توهان انهن لاءِ جلدي ڪريو ۽ هڪ شخص جي ڪنهن شخص سان گڏجي نماز ادا ڪرڻ اڪيلي نماز ادا ڪرڻ کان بهتر آهي۽ٻن ڄڻن سان گڏجي نماز ادا ڪرڻ هڪ ڄڻي سان نماز ادا ڪرڻ کان بهتر آهي. ۽ جيتري قدر (جماعتي) زياده هوندا اها بہ نماز الله وٽ اوتري وڌيڪ محبوب هوندي (ابوداؤد ۽ نسائي)**

(1067) وعن أبي الدرداء قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من ثلاثة في قرية ولا بدو لا تقام فيهم الصلاة إلا قد استحوذ عليهم الشيطان فعليك بالجماعة فإنما يأكل الذئب القاصية " . رواه أحمد وأبو داود والنسائي

**ابو درداءَ ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو ڪنهن آبادي ۽ جهنگ ۾ ٽي ڄڻا هجن ۽ اتي باجماعت نماز نہ ٿئي تہ شيطان انهن تي غالب اچي ويندو آهي. جماعت کي پاڻ تي لازم سمجهو ڇاڪاڻ تہ بگهڙ ان ٻڪريءَ کي کائيندو آهي. جيڪا ڌڻ کان پري هلي وڃي (ابو دائود ،نسائي)**

(1068) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من سمع المنادي فلم يمنعه من اتباعه عذر " قالوا وما العذر ؟ قال : " خوف أو مرض لم تقبل منه الصلاة التي صلى " . رواه أبو داود والدارقطني

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو جيڪو شخص آذان ٻڌي، پوءِ ان کي آذان جي مطابق وڃڻ کان ڪو عذر نہ روڪي (اصحابن) چيو عذر ڇا کي چئجي؟ فرمايائون (جان جو) خوف يا مرض_تہ پوءِ ان جي نماز جيڪا پڙهي قبول نہ ٿي پوي. (ابودائود_دارقطني)**

**فائده: سند ۾ ابو جناب يحييٰ بن ابي حيہ ڪلبي ضعيف ۽ مدلس يعني حديث جو عيب لڪائيندڙ آهي ليڪن هن حديث جا ٻيا طريقا صحيح آهن ان ڪري معنيٰ ۽ مضمون جي اعتبار سان حديث صحيح ۽ ثابت آهي (مشڪواة_الباني ص335ج ا)**

(1069) وعن عبد الله بن أرقم قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إذا أقيمت الصلاة ووجد أحدكم الخلاء فليبدأ بالخلاء " . رواه الترمذي وروى مالك وأبو داود والنسائي نحوه

**عبدالله بن ارقم ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کان فرمائيندي ٻڌو جڏهن نماز جي لاءِ تڪبير چئي وڃي ۽ ان کي قضا حاجت محسوس ٿئي تہ پهريائين حاجت (پيشاب_پائخانہ ) کان فارغ ٿئي (ترمذي، مالڪ، ابودائود ۽ نسائي)**

(1070) وعن ثوبان قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ثلاث لا يحل لأحد أن يفعلهن : لا يؤمن رجل قوما فيخص نفسه بالدعاء دونهم فإن فعل ذلك فقد خانهم . ولا ينظر في قعر بيت قبل أن يستأذن فإن فعل ذلك فقد خانهم ولا يصل وهو حقن حتى يتخفف " . رواه أبو داود وللترمذي نحوه

**ثوبان ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ڪنهن شخص لاءِ جائز نہ آهي تہ اهو ٽي ڪم ڪري: _ جڏهن ڪو شخص امام ٿئي تہ مقتدين کي ڇڏي خاص پنهنجي لاءِ دعا گهري، جيڪڏهن هو اهو ڪم ڪندو تہ پوءِ تحقيق انهن سان خيانت ڪيائين 2_ ڪنهن گهرجي اندر بغير اجازت جي نظر نہ وجهي. جيڪڏهن اهو ڪم ڪيائين تہ بيشڪ انهن سان خيانت ڪيائين 3_ ۽ پيشاب_ پائخانہ جي حاجت روڪي نماز ادا نہ ڪري، پهرئين ان کان واندو ٿئي (ابوداؤد) ترمذي ۾ بہ اهڙي روايت آهي.**

**(فائده:_ حديث جي سند ۾ اضطراب ۽ راوي مجهول آهي(مسڪواة_ الباني ص 336ج1)**

(1071) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تؤخروا الصلاة لطعام ولا لغيره " . رواه في شرح السنة

**جابرﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ڪاڌو کائڻ ۽ ڪنهن ٻئي عذر جي ڪري نماز ۾ (هروڀرو) تاخير نہ ڪريو([1]) (شرح السنه)**

## فصل ٽيون

(1072) عن عبد الله بن مسعود قال : لقد رأيتنا وما يتخلف عن الصلاة إلا منافق قد علم نفاقه أو مريض إن كان المريض ليمشي بين رجلين حتى يأتي الصلاة وقال إن رسول الله صلى الله عليه وسلم علمنا سنن الهدى وإن من سنن الهدى الصلاة في المسجد الذي يؤذن فيه

وفي رواية : " من سره أن يلقى الله غدا مسلما فليحافظ على هؤلاء الصلوات الخمس حيث ينادى بهن فإن الله شرع لنبيكم صلى الله عليه وسلم سنن الهدى وإنهن من سنن الهدى ولو أنكم صليتم في بيوتكم كما يصلي هذا المتخلف في بيته لتركتم سنة نبيكم ولو تركتم سنة نبيكم لضللتم وما من رجل يتطهر فيحسن الطهور ثم يعمد إلى مسجد من هذه المساجد إلا كتب الله له بكل خطوة يخطوها حسنة ورفعه بها درجة ويحط عنه بها سيئة ولقد رأيتنا وما يتخلف عنها إلا منافق معلوم النفاق ولقد كان الرجل يؤتى به يهادى بين الرجلين حتى يقام في الصف . رواه مسلم

**عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ اسان ڏسندا هئاسون تہ باجماعت نماز کان اهوئي پنتي رهندو هو جنهن جو منافق هجڻ ظاهر هوندو هو يا بيمار شخص بشرطيڪ (اهڙو بيمار هجي جو) ٻن ماڻهن تي (ٽيڪ لڳائي) اچي ۽ (باجماعت) نماز ۾ شريڪ ٿئي. فرمائي ٿو تہ رسول اللهﷺ جن اسان جي هدايت جا رستا سيکاريا ۽ هدايت جي رستن مان آهي تہ اها نماز جيڪا مسجد ۾ پڙهي وڃي ۽ جنهن جي لاءِ آذان ڏني وڃي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ جنهن شخص کي پسند هجي تہ اهو مڪمل اسلام جي حالت ۾ الله سان ملاقات ڪري تہ ان کي انهن پنجن نمازن جي حفاظت ۽ پابندي ڪرڻ گهرجي جڏهن بہ انهن لاءِ آذان ڏني وڃي. بيشڪ الله تعالىٰ توهان جي نبيﷺ لاءِ هدايت جا رستا واضح فرمايا ۽ (باجماعت) پنج نمازون ادا ڪرڻ هدايت جي رستن مان آهي. جيڪڏهن توهان گهرن ۾ (فرض) نماز ادا ڪندو جهڙي طرح پوئتي رهڻ وارو گهر ۾ نماز ادا ڪندو آهي تہ توهان پنهنجي پيغمبر جي سنت ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي پيغمبر جي سنت ڇڏيندؤ تہ يقيناً گمراهہ ٿي ويندؤ ۽ جيڪو شخص وضو ڪري ۽ چڱي طرح وضو ڪري پوءِ انهن مسجدن مان ڪنهن مسجد جو ارادو ڪري الله تعالىٰ ان جي هر قدم جي بدلي هڪ نيڪي لکي ٿو ۽ هڪ درجو بلند ڪري ٿو ۽ هڪ گناه دور فرمائي ٿو ۽ تحقيق اسان ڏٺو آهي تہ (باجماعت) نماز کان صرف اهو منافق پنتي رهندو آهي جنهن جو نفاق معلوم هجي. حالانڪ**

---

[1] هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن نماز جو وقت اچي تنگ ٿئي تہ ڪاڌو وغيره ڪم ڇڏي اول نماز پڙهي، پر جيڪڏهن وقت عشاءَ جو آهي ۽ ڪاڌو ڪنهن جي اڳيان رکيل آهي تہ اول ڪاڌو کائجي، پوءِ نماز پڙهي.

**ماڻهو باجماعت نماز ادا ڪرڻ لاءِ ٻن ماڻهن جي سهاري گهلجندو ٻه آندو ويندو هو[1] تانجو صف ۾ اچي بيهي. (مسلم)**

(1073) وعن أبي هريرة عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " لولا ما في البيوت من النساء والذرية أقمت صلاة العشاء وأمرت فتياني يحرقون ما في البيوت بالنار " . رواه أحمد

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ فرمايو: جيڪڏهن گهرن ۾ عورتون ۽ ٻار[2] نہ هجن ها تہ آئون نماز عشاءَ جي تڪبير جو حڪم ڏيان ها ۽ پنهنجي جوانن (اصحابن) کي حڪم ڏيان ها تہ (اهڙن گهرن کي باهہ ڏيئي سيني کي ساڙي ڇڏيو (احمد)**

**فائده:_ سند ۾ ابو معشر راوي ضعيف آهي (مرعاةص 80 ج2_3)**

(1074) وعنه قال : أمرنا رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا كنتم في المسجد فنودي بالصلاة فلا يخرج أحدكم حتى يصلي . رواه أحمد

**حضر ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ اسان کي رسول اللهﷺ امر فرمايو تہ جڏهن توهان مسجد ۾ هجو ۽ نماز لاءِ اذان ڏني وڃي تہ اوهان مان ڪوبہ نہ نڪري تانجو نماز پڙهي (احمد)**

(1075) وعن أبي الشعثاء قال : خرج رجل من المسجد بعدما أذن فيه فقال أبو هريرة : أما هذا فقد عصى أبا القاسم صلى الله عليه وسلم . رواه مسلم

**ابو شعثاءَ کان روايت آهي تہ اذان ٿيڻ کان پوءِ هڪ شخص مسجد مان نڪتو ابو هريرهؓ فرمايو: تحقيق هن شخص ابو القاسم ( محمد)ﷺ جن جي نافرماني ڪئي (مسلم)**

(1076) وعن عثمان بن عفان رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من أدركه الأذان في المسجد ثم خرج لم يخرج لحاجة وهو لا يريد الرجعة فهو منافق " . رواه ابن ماجه

**عثمان بن عفان ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: جنهن شخص مسجد ۾ اذان ٻڌي پوءِ شرعي عذر کان بغير نڪري ويو[1] ۽ سندس واپسي جو ارادو بہ ناهي تہ پوءِ اهو منافق آهي (ابن ماجه)**

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ بيمار کي بہ جماعت ۾ اچڻ واجب آهي. اهوئي جمهور علماءِ جو مذهب آهي.تڪليف برداشت ڪري بہ مسجد ۾ اچڻ گهرجي.

[2]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ٻارن ۽ زالن کي نماز ۾ حاضر ٿيڻ واجب ڪونہ آهي، جماعت جو تارڪ اهرو تہ گنهگار آهي جنهن کي اللہ تعاليٰ جي عذاب باهہ سان ساڙڻ جو پاڻ ڪريمنﷺ ارادو فرمايو.

(فائده:_ سند ۾ شديد ضعف آهي عبدالجبار بن عمر راوي ضعيف آهي (مسكواة_ الباني 338ج1)

(1077) وعن ابن عباس رضي الله عنه عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " من سمع النداء فلم يجبه فلا صلاة له إلا من عذر " . رواه الدارقطني

ابن عباس ﷛ کان روايت آهي، اهو نبيﷺ کان بيان ڪري ٿو پاڻ فرمايائون جنهن اذان ٻڌي پوءِ ان جو جواب نہ ڏنائي(يعني نماز لاءِ مسجد ۾ نہ آيو) ۽ ڪيس عذر بہ نہ آهي تہ انجي ڪا نماز (قبول) نہ آهي (دارقطني)

(1078) وعن عبد الله بن أم مكتوم قال : يا رسول الله إن المدينة كثيرة الهوام والسباع وأنا ضرير البصر فهل تجد لي من رخصة ؟ قال : " هل تسمع حي على الصلاة حي على الفلاح ؟ " قال : نعم . قال : " فحيهلا " . ولم يرخص له . رواه أبو داود والنسائي

عبدالله بن ام مڪتوم﷛ رسول اللهﷺ کي عرض ڪيو تہ مديني ۾ گهڻائيءَ سان ايذاءَ ڏيندڙ جانور ۽ درندا آهن جڏهن تہ آئون نابين آهيان، پوءِ ڇا مون کي (جماعت ڇڏڻ) جي اجازت آهي؟ فرمايائون ڇا تون ﴿حَيَّ عَلَي الصَّلَاةِ، حَيَّ عَلَي الْفَلَاحِ﴾ ٻڌندو آهين؟ عرض ڪيائين تہ ها! پاڻ فرمايائون تہ پوءِ جلدي ايندو ڪر ۽ ڪيس (جماعت ڇڏڻ جي) رخصت نہ ڏنائون (ابو داؤد، نسائي)

(1079) وعن أم الدرداء قالت : دخل علي أبو الدرداء وهو مغضب فقلت : ما أغضبك ؟ قال : والله ما أعرف من أمر أمة محمد صلى الله عليه وسلم شيئا إلا أنهم يصلون جميعا . رواه البخاري

ام درداءَ بيان ڪري ٿي تہ ابو درداءُ ڪاوڙيل مون وٽ آيو. مون چيو تہ ڪهڙيءَ ڳالھ اوهان کي ناراض ڪيو آهي؟ چيائين تہ ﷲ جو قسم! امت محمدﷺ ۾ ڪنهن ڪم کي نٿو ڏسان سواءِ ان جي جو ماڻهو باجماعت نماز ادا ڪن ٿا (بخاري)

(1080) وعن أبي بكر بن سليمان بن أبي حثمة قال : إن عمر بن الخطاب فقد سليمان بن أبي حثمة في صلاة الصبح وإن عمر غدا إلى السوق ومسكن سليمان بين المسجد والسوق فمر على الشفاء أم سليمان فقال لها لم أر

---

[1] _ پرجيڪڏهن اهو ماڻهو ڪنهن ٻئي مسجد جو امام آهي يا ان کي ڪو سخت عذر آهي تہ ان لاءِ باهرنڪرڻ جائز آهي. اهل حديث چون ٿا تہ جيڪڏهن اهو شخص جماعت سان نماز پڙهي، پوءِ پنهنجي مسجد ۾ وڃي نماز پڙهائي، تہ ائين جائز آهي. جيئن معاذ ڪندو هو.

سليمان في الصبح فقالت إنه بات يصلي فغلبته عيناه فقال عمر لأن أشهد صلاة الصبح في الجماعة أحب إلي من أن أقوم ليلة . رواه مالك

**ابو بڪر بن سليمان بن ابي حثمه بيان ڪري ٿو تہ عمر بن خطابؓ سليمان بن ابي حثمه کي (هڪ ڏينهن فجر جي نماز ۾) نہ ڏٺو، عمر ؓ ٻئي ڏينهن بازار ويو. سليمان جو گهر مسجد ۽ بازار جي وچ ۾ هو. پوءِ سليمان جي ماءُ شفاءَ وٽان ان جو گذر ٿيو چيائينس تہ صبح جي نماز ۾ سليمان کي نہ لڌم، انهيءَ جواب ڏنو رات تہ نماز پڙهندي گذاريائين پوءِ ان جي اک لڳي ويئي. عمرؓ چيو تہ آئون صبح جي نماز باجماعت ۾ شريڪ ٿيان اهو مون کي ان کان وڌيڪ پيارو آهي تہ آئون سڄي رات بيهي نماز پڙهان([1]) (مالڪ)**

(1081) وعن أبي موسى الأشعري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اثنان فما فوقهما جماعة " . رواه ابن ماجه

**ابو موسيٰ ر کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ٻہ ڄڻا يا انهن کان مٿي جماعت آهن([2]) (ابن ماجه)**

**فائده:_ سند ۾ شديد ضعف آهي. ربعي بن بدر ۽ عمرو بن جداد ٻئي مجهول آهن (مرعاة ص 83 ج3)**

(1082) وعن بلال بن عبد الله بن عمر عن أبيه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تمنعوا النساء حظوظهن من المساجد إذا استأذنكم " . فقال بلال : والله لنمنعهن . فقال له عبد الله : أقول : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم وتقول أنت لنمنعهن

**بلال بن عبدالله بن عمر پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ فرمايو جڏهن توهان کان عورتون مسجد ۾(وڃڻ جي) اجازت گهرن تہ انهن کي مسجد جي اجر ۽ ثواب کان محروم نہ ڪريو (نہ روڪيو). بلال چيو تہ الله جو قسم! اسين تہ ضرور انهن کي روڪينداسون. عبداللهؓ ان کي چيو، آءٌ ٿو چوان تہ رسول الله ﷺ فرمايو ۽ تون ٿو چوين تہ اسين ضرور کين روڪينداسون؟**

[1]_ چاڪا تہ صبح جي نماز لاءِ جماعت ۾ اچڻ واجب آهي. رات جي نماز يعني تهجد سنت آهي.

[2]_ يعني گهٽ ۾ گهٽ جماعت لاءِ ٻہ ماڻهو ضروري آهن. اگرچہ انهن ۾ هڪ نابالغ هجي ۽ هڪ عورت هجي تہ ٻہ جماعت جو ثواب ملي ويندو. هيءُ حڪم هر نماز، خواه جمع جي هجي يا عيدين جي، سيني لاءِ آهي. اهو اهل حديث جو مذهب آهي.

(1083) وفي رواية سالم عن أبيه قال : فأقبل عليه عبد الله فسبه سبا ما سمعت سبه مثله قط وقال : أخبرك عن رسول الله صلى الله عليه وسلم وتقول : والله لنمنعهن . رواه مسلم

**۽ سالم جي هڪ روايت ۾ آهي، اهو پنهنجي پيءُ کان بيان ڪري ٿو ته پوءِ عبدالله ان ڏانهن متوجه ٿيو ۽ ان کي ايتري قدر گهٽ وڌ ڳالهايائين جو ايتري لعن طعن ڪڏهن به مون نه ٻڌي هئي ۽ چيائينس ته آءٌ توکي رسول الله ﷺ جي حديث ٻڌائي رهيو آهيان ۽ تون چوين ٿو ته اسين انهن کي لازماً منع ڪنداسون! (مسلم)**

(1084) وعن مجاهد عن عبد الله بن عمر أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " لا يمنعن رجل أهله أن يأتوا المساجد " . فقال ابن لعبد الله بن عمر : فإنا نمنعهن . فقال عبد الله : أحدثك عن رسول الله صلى الله عليه وسلم وتقول هذا ؟ قال : فما كلمه عبد الله حتى مات . رواه أحمد

**مجاهد عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو ته نبي ﷺ جن فرمايو ته ڪو ماڻهو پنهنجي گهر واريءَ کي مسجدن ۾ اچڻ کان منع نه ڪري. تنهن تي عبدالله بن عمر جي پٽ چيو ته بيشڪ اسين ته ڪين منع ڪنداسون. عبدالله بن عمر رضي الله عنه چيو ته آءٌ توکي رسول الله ﷺ جي حديث ٻڌائي رهيو آهيان ۽ تون ائين ٿو چوين؟ پوءِ عبدالله مرندي گهڙيءَ تائين ان سان ([1]) نه ڳالهايو.**

# صفون سڌيون ۽ برابر ڪرڻ جو بيان

## فصل پهريون

(1085) عن النعمان بن بشير قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يسوي صفوفنا حتى كأنما يسوي بها القداح حتى رأى أنا قد عقلنا عنه ثم خرج يوما فقام حتى كاد أن يكبر فرأى رجلا باديا صدره من الصف فقال : " عباد الله لتسون صفوفكم أو ليخالفن الله بين وجوهكم " . رواه مسلم

**نعمان بن بشير رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن اسان جون صفون اهڙي طرح درست ڪندا هئا، جڻ ته صفن سان تيرن کي سڌو ڪري رهيا آهن تانجو محسوس ڪيوسون ته اسان (صفن کي برابر ڪرڻ) پاڻ سڳورن کان سمجهي ورتو. پوءِ هڪ ڏينهن (نماز پڙهائڻ لاءِ) نڪتا پاڻ بيٺا ۽ ويجهو هو ته پاڻ الله اڪبر چون، ته هڪ شخص کي ڏٺائون، ان جو سينو صف کان ٻاهر نڪتل هو. فرمايائون الله جا ٻانهو! اوهين پنهنجيون صفون ضرور سڌيون ڪريو نه ته الله تعالىٰ توهان جي چهرن ۾ مخالفت ([2]) پيدا ڪندو (مسلم)**

---

[1] _هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته اولاد جيڪڏهن رسول الله ﷺ جن جي سنت جي خلاف عمل ڪري ته ان سان اسلام جي نيت ۽ حميت سان نه ڳالهائڻ جائز آهي.

[2] _ يعني ظاهري اختلاف سان باطني اختلاف پيدا ٿيندو. شايد اهوئي سبب آهي جو اڄ جيترو مسلمانن ۾ اختلاف،شقاق، نفاق ۽ افتراق آهي، ايترو شايد آدم عليه السلام کان وٺي اڄ تائين ڪنهن به امت ۾ نه ٿيو هجي.

(1086) وعن أنس قال : أقيمت الصلاة فأقبل علينا رسول الله صلى الله عليه وسلم بوجهه فقال : " أقيموا صفوفكم وتراصوا فإني أراكم من وراء ظهري " . رواه البخاري . وفي المتفق عليه قال : " أتموا الصفوف فإني أراكم من وراء ظهري "

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ نماز لاءِ تڪبير چئي وئي پوءِ رسول اللهﷺ جن اسان ڏانهن متوجہ ٿيا. فرمايائون تہ توهان پنهنجيون صفون سڌيون ڪيو ۽ ملي بيهو. آئون توهان کي پنهنجي پٺئين پاسي کان بہ ڏسي رهيو آهيان. (بخاري)**

**بخاري ۽ مسلم جي ہڪ روايت ۾ آهي، پاڻ فرمايائون صفون مڪمل ڪريو[1] بيشڪ مان توهان کي پنهنجي پٺيءَ جي پويان بہ ڏسان ٿو.**

(1087) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " سووا صفوفكم فإن تسوية الصفوف من إقامة الصلاة " . إلا أن عند مسلم : " من تمام الصلاة "

**انس﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: پنهنجيون صفون سڌيون ڪيو ڇاڪاڻ تہ صفن کي سڌو ڪرڻ نماز قائم ڪرڻ مان آهي (بخاري مسلم) مگر مسلم ۾ هي الفاظ آهن تہ (صفون سڌيون ڪرڻ) نماز پوري ڪرڻ مان آهي.**

(1088) وعن أبي مسعود الأنصاري قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يمسح مناكبنا في الصلاة ويقول : " استووا ولا تختلفوا فتختلف قلوبكم ليليني منكم أولوا الأحلام والنهى ثم الذين يلونهم ثم الذين يلونهم " . قال أبو مسعود : فأنتم اليوم أشد اختلافا . رواه مسلم

**ابو مسعود﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن نماز باجماعت (شروع ٿيڻ کان اڳ) اسان جي ڪلهن کي هٿ لاهيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا برابر ٿي بيهو اختلاف نہ ڪريو (ان سان) توهان جي دلين ۾ اختلاف ٿي پوندو. توهان مان عقلمند ۽ داناءُ ماڻهو منهنجي ويجهو ٿين[2] ان کان پوءِ اهي جيڪي ان جي ويجهو هجن پوءِ اهي جيڪي ان جي ويجهو ابو مسعود﷛ فرمائي ٿو اڄ ڪلهہ توهين سخت اختلاف ۾ آهيو.**

(1089) وعن عبد الله بن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ليلني منكم أولو الأحلام والنهى ثم الذين يلونهم " ثلاثا وإياكم وهيشات الأسواق " . رواه مسلم

---

[1] _ يعني پهرين صف پري، پوءِ ٻي صف قائم ڪريو. وچ ۾ خالي جاءِ نہ ڇڏيو، پير پير سان ۽ ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهو.

[2] _ هن مان معلوم ٿيو تہ صف جا چار مرتبا آهن. هڪڙي گهٽي عقل ۽ علم وارن جي صف ۽ ٻي وچولي علم ۽ عقل وارن جي صف، ٽين ڇوڪرن جي ۽ چوٿين عورتن جي.

**عبدالله بن مسعودؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: توهان مان سمجهدار ماڻهو منهنجي ويجهو ٿين پوءِ اهي جيڪي ان جي ويجهو هجن. ٽي بار فرمايائون ۽ توهان پاڻ کي بازار وانگر شور[1] ۽ گوڙ کان بچايو (مسلم)**

(1090) وعن أبي سعيد الخدري قال : رأى رسول الله صلى الله عليه وسلم في أصحابه تأخرا فقال لهم : " تقدموا وأتموا بي وليأتم بكم من بعدكم لا يزال قوم يتأخرون حتى يؤخرهم الله " . رواه مسلم

**ابو سعيد خدريؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ پنهنجي اصحابن کي ڏٺو ته پٺتي ڪڙا آهن. فرمايائون ته منهنجي اقتدا ڪريو ۽ جيڪي توهان مان پوئتي بيٺا آهن اهي توهانجي اقتدا ڪن. ڪي ماڻهو هميشه پهرين صف کان آخر ۾ بيهندا تانجو الله هن کي (جنت ۾) آخر[2] ۾ داخل ڪندو ([3]) (مسلم)**

(1091) وعن جابر بن سمرة قال : خرج علينا رسول الله صلى الله عليه وسلم فرآنا حلقا فقال : " مالي أراكم عزين ؟ " ثم خرج علينا فقال : " ألا تصفون كما تصف الملائكة عند ربها ؟ " فقلنا : يا رسول الله وكيف تصف الملائكة عند ربها ؟ قال : " يتمون الصفوف الأولى ويتراصون في الصف " . رواه مسلم

**جابر بن سمرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن اسان ڏانهن آيا. ڏٺائون ته اسين (مختلف) گروپن ۾ آهيون. فرمايائون ته مون کي ڇا ٿيو آهي جو اوهان کي جدا جدا ڏسي رهيو آهيان. پوءِ اسان ڏانهن آيا فرمايائون ته ڇا توهان اهڙيءَ طرح صفون نٿا ٻڌو، جهڙي طرح فرشتا پنهنجي رب وٽ صفون ٻڌن ٿا. عرض ڪيوسين: اي الله جا رسولﷺ! فرشتا پنهنجي رب وٽ صفون ڪيئن ٿا ٻڌن؟ فرمايائون پهرين صف پوري ڪن ٿا ۽ صف بنديءَ ۾ هڪ ٻئي سان ملي بيهن ٿا ([4]) (مسلم)**

(1092) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خير صفوف الرجال أولها وشرها آخرها وخير صفوف النساء آخرها وشرها أولها " . رواه مسلم

---

[1]_ هن جو مطلب آهي ته مسجد ۾ بازار جون ڳالهيون نه ڪجن. نڪي اهڙو گوڙ ڪجي، بلڪ ادب سانت سان ويهي، ذڪر ڪجي.

[2]_ يعني بهشت ۾ سڀ ڪنهن ماڻهن کان پوءِ ويندا ۽ دنيا ۾ الله تعاليٰ جي رحم ۽ عنايت کان به پوئين نمبر ۾ ايندا.

[3]_ هن حديث مان معلوم ٿيو ته ٽولي ٽولي ڪري ويهڻ ڦوٽ ۽ جدائي جي نشاني آهي، تنهن ڪري گهرجي ته بندگيءَ ۾ به اهڙي طرح صفون ٻڌڻ گهرجن، جهڙيءَ طرح ملائڪن جون صفون هونديون آهن.

[4]_ ڇاڪاڻ ته مردن جي پهرين صف امام کي ويجهي هوندي آهي ۽ زال کان پري هوندي آهي، تنهن ڪري ڀلي آهي ۽ عورتن جي پوئين صف مردن کان پري هوندي آهي تنهن ڪري ڀلي آهي.

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: مردن جي بهترين صف انهن جي پهرين صف آهي ([1]) ۽ انهن جي بدترين صف انهن جي آخري صف آهي ۽ عورتن جي بهترين صف انهن جي آخري صف آهي ۽ انهن جي بدترين صف انهن جي پهرين صف آهي. (مسلم)**

## ٻيو فصل

(1093) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " رصوا صفوفكم وقاربوا بينها وحاذوا بالأعناق فوالذي نفسي بيده إني لأرى الشيطان يدخل من خلل الصف كأنها الحذف " . رواه أبو داود

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: صفن کي ملايو ۽ انهن ۾ويجهڙائي اختيار ڪيو ۽ نماز ۾ پنهنجا ڪلها برابر ڪيو. ان ذات جو قسم! جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي آءٌ ڏسي رهيو آهيان تہ شيطان توهان جي صفن ۾ ٻڪريءَ جي ڇيلي وانگر گهڙي اچي ٿو (ابوداؤد)**

(1094) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أتموا الصف المقدم ثم الذي يليه فما كان من نقص فليكن في الصف المؤخر " . رواه أبو داود

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: پهرين صف کي مڪمل ڪريو. ان کان پوءِ اها جيڪا ان جي ويجهي هجي. پوءِ گهٽتائي آخري صف ۾ هجڻ گهرجي. (ابوداؤد)**

(1095) وعن البراء بن عازب قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إن الله وملائكته يصلون على الذين يلون الصفوف الأولى وما من خطوة أحب إلى الله من خطوة يمشيها يصل العبد بها صفا " . رواه أبو داود

**براءَ بن عازب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمائيندا هئا تہ الله ۽ ان جا فرشتا انهن ماڻهن تي رحمت موڪلين ٿا جيڪي اول صف ۾ آهن ۽ انهيءَ قدم کان وڌيڪ الله وٽ ڪو قدم محبوب نہ آهي جنهن سان صف ملائي وڃي (ابوداؤد)**

**فائده:_ حديث جي سند مجهول آهي البتہ حديث جو پهريون جملو صحيح سند سان ثابت آهي (مشڪواة_الباني ص 342ج1)**

(1096) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الله وملائكته يصلون على ميامن الصفوف " . رواه أبو داود

---

[1]_ يعني جڏهن صف ۾ ويهڻ تڏهن ٻيو نمازي ڪلهي تي هٿ رکي سڌي ٿيڻ لاءِ چوي تہ هٽ نہ ڪري، بلڪ ڪلهو ڪلهي۾ملائي صف ۾ بيهي.

**عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: بيشڪ اللهﷻ ۽ ان جا فرشتا ساڄي پاسي وارن تي رحمتون موڪلين ٿا (ابو داؤد)**

(1097) وعن النعمان بن بشير قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يسوي صفوفنا إذا قمنا إلى الصلاة فإذا استوينا كبر . رواه أبو داود

**نعمان بن بشيرؓ کان روايت آهي تہ جڏهن اسين نماز لاءِ بيهندا هئاسون تہ رسول اللهﷺ جن اسان جي صفن کي سڌو ڪندا هئا. جڏهن اسين برابر ٿي ويندا هئاسون تہ تڪبير چوندا هئا (ابوداؤد)**

(1098) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول عن يمينه : " اعتدلوا سووا صفوفكم " . وعن يساره : " اعتدلوا سووا صفوفكم " . رواه أبو داود

**انس ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن پنهنجي ساڄي پاسي وارن کي فرمائيندا هئا تہ سڌا ٿيو ۽ پنهنجيون صفون سڌيون ڪريو ۽ کاٻي پاسي وارن کي فرمائيندا هئا تہ سڌا ٿيو ۽ پنهنجيون صفون سڌيون ڪريو (ابوداؤد)**

**فائده:_ سند ضعيف آهي (مشڪواة_الباني ص 343 ج1)**

(1099) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خياركم ألينكم مناكب في الصلاة " . رواه أبو داود

**ابن عباس ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: اسان وٽ توهان مان اهي ماڻهو چڱا آهن جيڪي (باجماعت) نماز ۾ جلدي اطاعت ڪرڻ وارا آهن. (ابو داؤد)**

## فصل ٽيون

(1100) عن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يقول : " استووا استووا استووا فوالذي نفسي بيده إني لأراكم من خلفي كما أراكم من بين يدي " . رواه أبو داود

**انس ؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ فرمائيندا هئا برابر ٿيو، برابر ٿيو، برابر ٿيو_ پوءِ مون کي ان ذات جو قسم آهي جنهن جي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي، تحقيق آئون توهان کي پنيان اهڙيءَ طرح ڏسي رهيو آهيان جهڙيءَ طرح پنهنجي اڳيان ڏسندو آهيان (ابوداؤد)**

(1101) وعن أبي أمامة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الله وملائكته يصلون على الصف الأول " قالوا يا رسول الله وعلى الثاني قال : " إن الله وملائكته يصلون على الصف الأول " قالوا يا رسول الله

وعلى الثاني قال : " إن الله وملائكته يصلون على الصف الأول " قالوا يا رسول الله وعلى الثاني ؟ قال : " وعلى الثاني " قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " سووا صفوفكم وحاذوا بين مناكبكم ولينوا في أيدي إخوانكم وسدوا الخلل فإن الشيطان يدخل بينكم بمنزلة الحذف " يعني أولاد الضأن الصغار . رواه أحمد

**ابو امامہ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ﷻ ان جا فرشتا پهرين صف تي درود موڪلين ٿا. عرض ڪيائون تہ اي ﷻ جا رسول ﷺ! ۽ ٻي تي؟ فرمايائون: ﷻ ۽ ان جا فرشتا پهرين صف تي رحمت موڪلين ٿا. عرض ڪيائون اي ﷻ جا رسول ﷺ! ۽ ٻيءَ تي فرمايائون: ﷻ ۽ ان جا فرشتا پهرين صف تي درود موڪلين ٿا. عرض ڪيائون اي ﷻ جا رسول ﷺ! ۽ ٻيءَ تي؟ ارشاد فرمايائون ۽ ٻيءَ تي۔ ۽ رسول الله ﷺ جن فرمايو پنهنجيون صفون برابر رکو پنهنجا ڪلها ڪلهن سان ملايو ۽ پنهنجي ڀائرن جي هٿن ۾ (صفون سڌيون ڪرڻ وقت) نرم رهو ۽ (وچ واريون) خالي جڳهيون پريو ڇاڪاڻ تہ شيطان توهان جي وچ ۾ رڍ جي گهيٽي وانگر گهڙي اچي ٿو. ([1])(احمد)**

**فائدو:جيتو ٽيڪ حديث جي سند ۾ فرج بن فضالہ راوي ضعيف آهي ليڪن متن ۽ مضمون جي اعتبار سان ان حديث جي تائيد ٻين حديثن مان ٿئي ٿي (مشڪوٰة_الباني، ص 344 ج1 )**

(1102) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أقيموا الصفوف وحاذوا بين المناكب وسدوا الخلل ولينوا بأيدي إخوانكم ولا تذروا فرجات للشيطان ومن وصل صفا وصله الله ومن قطعه قطعه الله " . رواه أبو داود والنسائي منه قوله : " ومن وصل صفا " . إلى أخره

**ابن عمر ﷠ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: صفون سڌيون ڪيو ۽ ڪلها ڪلهن ۾ ملايو ۽ خاليون جڳهون پر ڪريو ۽ پنهنجي ڀائن جي هٿن ۾ نرم ٿيو ۽ شيطان لاءِ خالي جڳهون نہ ڇڏيو ۽ جيڪو صف کي ملائي ﷻ ان کي ملائي ۽ جيڪو ان کي ڪٽي ﷻ ان کي ڪٽي (ابوداؤد) ان کي نسائيءَ ﴿ وَمَنْ وَصَلَ صَفًّا الخ﴾ تائين روايت ڪيو.**

(1103) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " توسطوا الإمام وسدوا الخلل " . رواه أبو داود

**ابو هريرہ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: امام کي وچ ۾ ڪڙو ڪريو ۽ خالي جڳهون پُر ڪريو (ابوداؤد)**

---

[1] _ حضور ﷺ جن ٽي دفعا پهرين صف لاءِ دعا ڪئي ۽ چوٿين دفعہ ٻوئينءَ صف کي ان ۾ شامل ڪيائون. هن حديث مان پهرن صف جي تمام گهڻي فضيلت ثابت ٿئي ٿي.

**فائده:_ سند ۾ يحييٰ بن بشير مجهول راوي آهي. ليڪن حديث جي ٻئي حصي جي شاهدي ابن عمرﷺ جي حديث مان ملي ٿي (مشڪواة_ الباني ص 344ج1)**

(1104) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يزال قوم يتأخرون عن الصف الأول حتى يؤخرهم الله في النار " . رواه أبو داود

**عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: هميشہ ڪي ماڻهو پهرين صف کان پنتي رهندا تانجو الله تعاليٰ انهن ڪي پنتي ڏڪيندي ڏڪيندي دوزخ ۾ اڇلائيندو (ابوداؤد)**

(1105) وعن وابصة بن معبد قال : رأى رسول الله صلى الله عليه وسلم رجلا يصلي خلف الصف وحده فأمره أن يعيد الصلاة . رواه أحمد والترمذي وأبو داود وقال الترمذي هذا حديث حسن

**وابصہ بن معبدﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ڏٺو تہ هڪ شخص صف جي پنيان اڪيلي سر نماز پڙهي رهيو آهي. پاڻ ان کي حڪم ڪيائون تہ نماز موٽائي پڙهہ[1] (احمد، ترمذي، ابوداؤد) ۽ ترمذيءَ چيو تہ هيءَ حديث حسن آهي.**

# نماز ۾ مقتدي ۽ امام جي بيهڻ جو بيان

## فصل پهريون

(1106) عن عبد الله بن عباس قال : بت في بيت خالتي ميمونة فقام رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي فقمت عن يساره فأخذ بيدي من وراء ظهره فعدلني كذلك من وراء ظهره إلى الشق الأيمن

**عبدالله بن عباس ﷺ فرمائي ٿو تہ مون پنهنجي ماسي ميمونہﷺ جي گهر رات گذاري. رسول اللهﷺ جن اٿي نماز پڙهڻ لڳا. آءٌ اٿي سندن کابي پاسي اچي بيٺس پاڻ پنهنجي پٺيءَ کان هٿ ڦيرائي منهنجي هٿ کي ورتائون اهڙيءَ طرح پنهنجي پٺيءَ ڏانهن ڦيرائي مون کي ساڄي پاسي ([2]) آندائون (بخاري_مسلم)**

---

[1]_ يعني پهرين صف ۾ جاءِ آهي ۽ بنا عذر اڪيلو نماز پڙهي تہ ان جي نماز جائز نہ ٿيندي. اهو امام احمد ۽ اهلحديث جو قول آهي جمهور علماءَ چون ٿا تہ جائز آهي مگر مڪروهہ ٿيندي جڏهن پهرين صف ۾ ڪا جاءِ ڪانهي تڏهن پهرين صف مان ڪو ماڻهو نماز ۾ ئي گهلي وٺي اچي. امام احمد ۽ امام اسحاق چوي ٿو تہ گهلڻ چڱو نہ آهي امام اوزاعي ۽ امام مالڪ بہ مڪروهہ چون ٿا. عطاء ۽ ابراهيم نخعي ۽ اڪثر شافعي چون ٿا تہ صف مان گهليندو ۽ اڪيلو نہ بيهندو ۽ انهيءَ باري ۾ حديثون بہ آيل آهن پر ڪي ضعيف ڪي مرسل آهي.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ تهجد نماز ۾ جماعت ڪرڻ جائز آهي ۽ ان شخص جي امامت صحيح آهي جنهن پهريائين امام جي نيت نہ ڪئي هئي.

(1107) وعن جابر قال : قام رسول الله صلى الله عليه وسلم ليصلي فجئت حتى قمت عن يساره فأخذ بيدي فأدارني حتى أقامني عن يمينه ثم جاء جبار بن صخر فقام عن يسار رسول الله صلى الله عليه وسلم فأخذ بيدينا جميعا فدفعنا حتى أقمنا خلفه . رواه مسلم

**جابر رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اٿي بيٺا تہ جيئن نماز پڙهائين. آءٌ آيس ۽ سندن کاٻي پاسي بيٺس. پاڻ مون کي منهنجي هٿ کان ورتائون ۽ گهمائي پنهنجي ساڄي پاسي ڏانهن آندائون. ان کان پوءِ جبار بن صخرا آيو ۽ رسول الله ﷺ جي کاٻي طرف کان بيٺو. پوءِ اسان ٻنهي کي هٿ کان ورتائون ۽ پنهنجي پٺيان بيهاريائون تانجو اسين سندن پويان بيٺاسون[1] (مسلم)**

(1108) وعن أنس قال : صليت أنا ويتيم في بيتنا خلف النبي صلى الله عليه وسلم وأم سليم خلفنا . رواه مسلم

**انس رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ مون ۽ هڪ يتيم ڇوڪر پنهنجي گهر ۾ نبي ﷺ جي پٺيان نماز پڙهي ۽ ام سليم اسان جي پٺيان بيٺي (مسلم)**

(1109) وعنه أن النبي صلى الله عليه وسلم صلى به وبأمه أو خالته قال : فأقامني عن يمينه وأقام المرأة خلفنا . رواه مسلم

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن ان کي ۽ ان جي ماءُ کي يا ان جي ماسيءَ کي نماز پڙهائي. فرمائي ٿو تہ مون کي پنهنجي ساڄي طرف ۽ عورت کي منهنجي پٺيان[2] بيهاريائون. (مسلم)**

(1110) وعن أبي بكرة أنه انتهى إلى النبي صلى الله عليه وسلم وهو راكع فركع قبل أن يصل إلى الصف ثم مشى إلى الصف . فذكر ذلك للنبي صلى الله عليه وسلم فقال : " زادك الله حرصا ولا تعد " . رواه البخاري

**ابي بڪره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ آئون نبي ﷺ جن وٽ (نماز ۾) پهتس، پاڻ رڪوع جي حالت ۾ هئا. هو (يعني پاڻ ابو بڪره رضي الله عنه) صف ۾ شامل ٿيڻ کان پهريائين رڪوع ۾ ويو. ان کان پوءِ (انهيءَ حالت ۾) هلي صف ۾ شامل ٿيو. پوءِ اها ڳالهہ نبي ﷺ جن کي ٻڌايائين. ارشاد فرمايائون: الله حرص ۾ تو کي وڌائي. ٻيهر ائين نہ ڪجانءِ. هن کي بخاري روايت ڪيو آهي.**

## ٻيو فصل

[1] _ هن ۾ دليل آهي جيڪڏهن مقتدي هڪ هوندو تہ امام جي سڄي پاسي بيهندو ۽ جيڪڏهن گڏ نہ بيهن تہ امام ان کي هٿ سان جهلي گڏ بيهاري تہ ان جي نماز کي حرڪت نہ پهچندي.

[2] _هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ عورت پوئين صف ۾ بيهندي.

(1111) عن سمرة بن جندب قال : أمرنا رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا كنا ثلاثة أن يتقدمنا أحدنا .

رواه الترمذي

**سمره بن جندب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اسان کي حکم فرمايو: جڏهن اسين ٽي هجون تہ اسان مان هڪ شخص اڳتي ٿي (امامت) ڪرائي (ترمذي)**

(1112) وعن عمار بن ياسر : أنه أم الناس بالمدائن وقام على دكان يصلي والناس أسفل منه فتقدم حذيفة فأخذ على يديه فاتبعه عمار حتى أنزله حذيفة فلما فرغ عمار من صلاته قال له حذيفة : ألم تسمع رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إذا أم الرجل القوم فلا يقم في مقام أرفع من مقامهم أو نحو ذلك ؟ " فقال عمار : لذلك اتبعتك حين أخذت على يدي . رواه أبو داود

**عمار بن ياسر بابت روايت آهي، انهيءَ مدائن ۾ ماڻهن کي نماز پڙهائي ۽ دڪان جي مٿان بيهي نماز پڙهائي جڏهن تہ ماڻهو ان جي هيٺان هئا. پوءِ حذيفہ رضي الله عنه اڳتي آيو ۽ عمار رضي الله عنه جو هٿ پڪڙيائين (ان کي هيٺئين طرف ڇڪيائين)عمار رضي الله عنه حذيفہ رضي الله عنهجي پيروي ڪئي تانجو ان کي هيٺ لاٿائين. جڏهن عمار رضي الله عنه نماز مان فارغ ٿيو تہ حذيفہ رضي الله عنه چيو ڇا اوهان کي رسول الله ﷺ جن جو اهو ارشاد ياد نہ آهي تہ جڏهن ڪو شخص امامت ڪرائي تہ مقتدين کان مٿي نہ بيهي([1]) يا اهڙيءَ طرح جيئن پاڻ فرمايائون. عمار رضي الله عنه جواب ڏنو ان ڪري ئي تہ جڏهن تو منهنجو هٿ پڪڙي هيٺ آندو تہ مون تنهنجي پيروي ڪئي (ابو داؤد)**

(1113) وعن سهل بن سعد الساعدي أنه سئل : من أي شيء المنبر ؟ فقال : هو من أثل الغابة عمله فلان مولى فلانة لرسول الله صلى الله عليه وسلم وقام عليه رسول الله صلى الله عليه وسلم حين عمل ووضع فاستقبل القبلة وكبر وقام الناس خلفه فقرأ وركع وركع الناس خلفه ثم رفع رأسه ثم رجع القهقري فسجد على الأرض ثم عاد إلى المنبر ثم قرأ ثم ركع ثم رفع رأسه ثم رجع القهقري حتى سجد بالأرض . هذا لفظ البخاري وفي المتفق عليه نحوه وقال في آخره : فلما فرغ أقبل على الناس فقال : " أيها الناس إنما صنعت هذا لتأتموا بي ولتعلموا صلاتي "

**سهل بن سعد ساعدي رضي الله عنه کان روايت آهي، ان کان پڇيو ويو تہ (مسجد نبوي شريف جو) منبر ڇا مان ٺاهيو ويو هو؟ چيائين غابہ (نالي جهنگ جي) ٻير مان: فلاڻي (ماڻهوءَ) جيڪو فلاڻي (عورت) جو آزاد ڪيل ٻانهو هو، رسول الله ﷺ لاءِ ٺاهيو هو، جڏهن تيار ٿيو ۽ (مسجد ۾) رکيو ويو تہ رسول الله ﷺ ان تي اچي وينا. پاڻ قبلي ڏانهن منهن ڪيائون ۽ تڪبير تحريمہ چيائون. ماڻهو سندن پنيان بينا. پاڻ قرائت ڪيائون ۽ رڪوع ڪيائون ماڻهن بہ ساڻن گڏ رڪوع**

---

[1]_ هن حديث ۾ دليل آهي تہ امام کي مقتدين کان مٿي بيهڻ نہ گهرجي هيءَ حديث انهيءَ حديث جي مخالف نہ آهي، جنهن ۾ آهي تہ حضورپاڪ ﷺ جن منبر تي چڙهي نماز پڙهائي. ڇاڪاڻ تہ اهو حضور ﷺ جن امت کي تعليم ۽ سکيا ڏيڻ لاءِ ڪيو.

ڪيو. پوءِ پاڻ پنهنجو مٿو رڪوع مان مٿي ڪنيائون ۽ پوئين پيرين پنتي هلي زمين تي سجدو ڪيائون. ان ڪانپوءِ منبر تي هليا ويا پوءِ پاڻ قرائت ڪيائون پوءِ رڪوع ڪيائون. پوءِ رڪوع مان مٿو مٿي ڪنيائون. پوءِ پوئين پيرين پنتي هليا ۽ زمين تي سجدو ڪيائون. لفظ بخاريءَ جا آهن. بخاري مسلم ۾ ان طرح الفاظ آهن ۽ حديث جي آخر ۾ آهي ته جڏهن پاڻ فارغ ٿيا ته ماڻهن ڏانهن متوجه ٿيا. فرمايائون اي انسانو! مون هيءُ انهيءَ ڪري ڪيو ته جيئن توهين منهنجي اقتداءَ ڪريو ۽ منهنجي نماز جي ڪيفيت معلوم ڪيو.

(114) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم في حجرته والناس يأتمون به من وراء الحجرة . رواه أبو داود

عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺجن پنهنجي حجري ۾ نماز ادا فرمائي ۽ ماڻهن هجري جي پنيان[1] سندن اقتدا ۾ نماز پڙهي.

## ٽيون فصل

(1115) عن أبي مالك الأشعري قال : ألا أحدثكم بصلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم ؟ قال : أقام الصلاة وصف الرجال وصف خلفهم الغلمان ثم صلى بهم فذكر صلاته ثم قال : " هكذا صلاة " قال عبد العلى : لا أحسبه إلا قال : أمتي " . رواه أبو داود

ابو مالڪ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي، انهيءَ چيو ته چا آئون توهانکي رسول الله ﷺ جي نماز نه ٻڌايان؟ ابو مالڪ ٻڌايو ته نماز قائم ڪري، مردن جي صف ٻڌڻ ۽ انجي پنيان ٻارن جي صف ٻڌڻ، انکان پوءِ انهن کي نماز پڙهايائين. پوءِ رسول الله ﷺ جن جي نماز جو ذڪر ڪيائين پوءِ بيان ڪيائين ته پاڻ سڀورن جي (باجماعت) نماز ان طرح هوندي هئي. (راوي) عبدالاعليٰ چوي ٿو ته آئون پنهنجي شيخ جي باري ۾ يائيان ٿو ته چيائين ته پاڻ سڀورن فرمايو: منهنجي امت جي نماز ان طرح آهي (ابوداؤد)

(1116) وعن قيس بن عباد قال : بينا أنا في المسجد في الصف المقدم فجبذني رجل من خلفي جبذة فنحاني وقام مقامي فوالله ما عقلت صلاتي . فلما انصرف إذا هو أبي بن كعب فقال : يا فتى لا يسوءك الله إن هذا عهد من النبي صلى الله عليه وسلم إلينا أن نليه ثم استقبل القبلة فقال : هلك أهل العقد ورب الكعبة ثلاثا ثم قال : والله ما عليهم آسى ولكن آسى على من أضلوا . قلت يا أبا يعقوب ما تعني بأهل العقد ؟ قال : الأمراء . رواه النسائي

قيس بن عباد رحمه الله چوي ٿو ته آئون مسجد ۾ پهرين صف ۾ هيس هڪ شخص مونکي ڇڪي پهرين صف مان هٽايو ۽ منهنجي جڳهه تي اچي بيهي رهيو. الله جو قسم ان ڪري آئون پنهنجي نماز کي نه سمجهي سگهيس. جڏهن اهو نماز کان فارغ ٿيو ته (چا ٿو ڏسان ته) ابي بن ڪعب رضي الله عنه

[1] هن حديث مان معلوم ٿيو ته جيڪڏهن امام ۽ مقتديءَ جي وچ ۾ پڙدو هجي ته به نماز درست آهي.

هو. مون کي چيائين تہ اي نوجوان! ﷲ توکي غمگين نہ ڪري. هي تہ نبيﷺ جي اسان کي وصيت آهي تہ اسين امام جي ويجها هجون پوءِ پاڻ قبلي ڏانهن منهن ڪري ٽي دفعا فرمايائين: دولت مند تباه ۽ برباد ٿيا ڪعبي جي رب جو قسم! پوءِ چيائين تہ ﷲ جو قسم آئون انهن (گمراه ڪندڙ رهبرن) تي افسوس نٿو ڪيان، مون کي تہ افسوس انهن تي ٿئي ٿو جن کي انهن گمراهہ ڪيو اٿن. مون عرض ڪيو تہ اي يعقوب جا پيءُ ان مان ڪهڙا ماڻهو مراد آهن؟ فرمايائين تہ امير ماڻهو (نسائي)

# نماز جي امامت جو بيان

## فصل پهريون

(1117) عن أبي مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يؤم القوم أقرؤهم لكتاب الله فإن كانوا في القراءة سواء فأعلمهم بالسنة فإن كانوا في السنة سواء فأقدمهم هجرة فإن كانوا في الهجرة سواء فأقدمهم سنا ولا يؤمن الرجل الرجل في سلطانه ولا يقعد في بيته على تكرمته إلا بإذنه " . رواه مسلم . وفي رواية له : " ولا يؤمن الرجل الرجل في أهله "

**ابو مسعودؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ماڻهن جي امامت اهو ڪرائي جيڪو منجهن ڪتاب ﷲ ([1]) جو زياده قاري ۽ حافظ هجي. جيڪڏهن قرآن جي حفظ ۾ برابر آهن تہ جيڪو انهن ۾ سنت جو وڌيڪ ڄاڻو هجي. جيڪڏهن سنت جي علم ۾ برابر هجن تہ جيڪو هجرت ۾ اول هجي. جيڪڏهن هجرت ۾ برابر هجن تہ جيڪو عمر جو وڏو هجي ۽ ڪو شخص ڪنهن ٻئي جي جاءِ تي امامت نہ ڪرائي ۽ ان جي گهر ۾ سندس عزت واري جاءِ تي ان جي اجازت کان بغير نہ ويهي (مسلم) انجي هڪ روايت ۾ آهي تہ ڪو ماڻهو ڪنهن شخص جي گهر ۾ امام نہ ٿئي.**

(1118) وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا كانوا ثلاثة فليؤمهم أحدهم وأحقهم بالإمام أقرؤهم " . رواه مسلم

وذكر حديث مالك بن الحويرث في باب بعد باب " فضل الأذان "

**ابو سعيد ؓ کان روايت اهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: جڏهن ٽي نمازي هجن تہ انهن مان هڪڙو امامت ڪرائي ۽ انهن مان امامت جو وڌيڪ حقدار اهو آهي جيڪو قرآن جو قاري ۽ حافظ هجي (مسلم) ۽ مالڪ بن حويرث جي حديث باب فضل الاذان کان بعد واري باب ۾ بيان ڪئي وئي.**

[1] يعني جيڪو زياده قرآن پڙهيل هجي اهو امامت جو وڌڪ حقدار آهي اگرچہ عمر ۾ ننڍو ڇو نہ هجي ڇاڪاڻ تہ صحابہ ڪرام عمرو بن سلمه کي امام بڻايو هو حالانڪ ان جي عمر صرف ڇهہ ورهيہ هئي.

## ٻيو فصل

(1119) عن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ليؤذن لكم خياركم وليؤمكم قراؤكم " . رواه أبو داود

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: توهان مان زياده ڀلا ماڻهو اذان ڏين[1] ۽ توهان مان زياده قرآن جا حافظ ۽ قاري امامت ڪرائين (ابودائود )**

**فائدو: سند ۾ حسين بن عيسيٰ حنفي راويءَ کي جمهور محدثن ضعيف قرار ڏنو آهي (مشڪوٰة_الباني ص 30 ج 1 )**

(1120) وعن أبي عطية العقيلي قال : كان مالك بن الحويرث يأتينا إلى مصلانا يتحدث فحضرت الصلاة يوما قال أبو عطية : فقلنا له : تقدم فصله . قال لنا قدموا رجلا منكم يصلي بكم وسأحدثكم لم لا أصلي بكم ؟ سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " من زار قوما فلا يؤمهم وليؤمهم رجل منهم " . رواه أبو داود والترمذي والنسائي إلا أنه اقتصر على لفظ النبي صلى الله عليه وسلم

**ابو عطيہ عقيلي جو بيان آهي تہ اسان وٽ مالڪ بن حويرثﷺ اسان جي مسجد ۾ ايندو هو ۽ حديث ٻڌائيندو هو هڪ ڏينهن نماز جو وقت ٿي ويو، اسان ان کي چيو تہ اوهين اچو ۽ نماز جي امامت ڪرايو. چيائين تہ پاڻ مان ڪنهن کي اڳتي وڌايو اهو توهان کي امامت ڪرائي ۽ آئون توهان کي ٻڌايان ٿو تہ آئون ڇاجي ڪري امامت نٿو ڪرايان؟ مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو آه ي تہ پاڻ فرمايو اٿن تہ جيڪو شخص ڪنهن قبيلي ۾ وڃي اهو انهن جي امامت نہ ڪرائي انهن منجهان ئي ڪو ماڻهو امامت ڪرائي (ابوداؤد، ترمذي، نسائي) البتہ نسائي صرف حديث جيڪو شخص ڪنهن قبيلي ۾ وڃي الخ تائين بيان ڪئي آهي يعني حديث جي شروع وارو حصو بيان نہ ڪيو اٿس.**

(1121) وعن أنس قال : استخلف رسول الله صلى الله عليه وسلم ابن أم مكتوم يؤم الناس وهو أعمى . رواه أبو داود

**انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ام مڪتومہ ﷺ کي ماڻهن جو امام مقرر فرمايو جڏهن تہ اهو نابين[2] هو. (ابوداؤد)**

---

[1]_"اذان اهو ڏي جيڪو توهان مان بهتر هجي" اهو شرط ان لاءِ وڌايو ويو جو مؤذن مٿانهين تي چڙهي اذان ڏيندو آهي ۽ ماڻهن جي گهرن تي سندس نظر پوڻ جو امڪان هوندو آهي تنهن ڪري جيڪڏهن ديندار هوندو تہ نماز ۽ روزي جي چڱيءَ طرح پابندي ڪندو ۽ پنهنجي نگاهہ جي حفاظت پڻ ڪندو.

[2]_شيخ عبدالحق دهلوي لکي ٿو هن حديث ۾ دليل آهي تہ نابين جي امامت بلا ڪراهت جائز آهن.

فائده:_ سند جي لحاظ سان حديث صحيح آهي ان مان معلوم ٿيو ته نابين کي امام بنائي سگهجي ٿو.

(1122) وعن أبي أمامة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ثلاثة لا تجاوز صلاتهم آذانهم : العبد الآبق حتى يرجع وامرأة باتت وزوجها عليها ساخط وإمام قوم وهم له كارهون " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

**ابو امامہ رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو: ٽي شخص اهڙا آهن جن جي نماز انهن جي ڪنن کان هيٺ نٿي لهي، غلام ڀڳل، جيستائين واپس نه اچي 2_اها عورت جيڪا ان حالت ۾ رات گذاري جو ان جو مڙس ان تي ناراض هجي. 3_ڪنهن قوم جو امام([1]) جنهن کي اهي (سندس فسق ۽ بدعت جي ڪري) ناپسند ڪن (ترمذي) فرمائي ٿو ته اها حديث غريب آهي.**

(1123) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ثلاثة لا تقبل منهم صلاتهم : من تقدم قوما وهم له كارهون ورجل أتى الصلاة دبارا والدبار : أن يأتيها بعد أن تفوته ورجل اعتبد محررة " . رواه أبو داود وابن ماجه

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته ٽي ماڻھو اهڙا آهن جن جي نماز نٿي قبول ڪئي وڃي. 1_ جيڪو نماز لاءِ آخر ۾ اچي ([2]) مقصد هيءُ آهي ته باجماعت نماز ٿيڻ کان پوءِ نماز ادا ڪرڻ لاءِ اچي، 3_اهو شخص جنهن ڪنهن آزاد انسان کي غلام بنايو هجي (ابو داؤد_ ابن ماجہ)**

**فائده:_ سند ۾ عبدالرحمٰن بن زياد افريقي راوي ضعيف آهي البته حديث جو پهريون جملو صحيح آهي (مشڪواة_ الباني ص351ج1)**

(1124) وعن سلامة بنت الحر قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن من أشراط الساعة أن يتدافع أهل المسجد لا يجدون إماما يصلي بهم " . رواه أحمد وأبو داود وابن ماجه

---

[1]_ چاڪاڻ ته اهو بي دين بدعتي آهي پر جيڪڏهن امام ديندار ۽ قرآن حديث جو تابعدار هجي بدعت ۽ بدعتين کان بيزار هجي ۽ پوءِ ماڻهو ان کان ناراض رهن ته انهن جي نماز قبول نه پوندي ۽ امام جي نماز الله قبول فرمائيندو.

[2]_ يعني آخري زماني ۾ جهالت ۽ نفاق ايتري قدر وڌي ويندو جو نااهل ۽ جاهل ماڻهو گهڻا ٿيندا ۽ امامت لاءِ ڪو لائق ماڻهو نظر نه ايندو تڏهن هڪ ٻئي کي چوندا ته تون نماز پڙهاءِ آئون امامت جي قابل نه آهيان.

سلامة بنت الحر ﷜ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: قيامت جي علامتن مان هي آهي تہ مسجد ۾ حاضرين امامت ڪرائڻ لاءِ هڪ ٻئي کي اڳتي ڪندا ۽ اهڙو امام نہ لهندا جيڪو انهن کي نماز پڙهائي (احمد، ابوداؤد ۽ ابن ماجہ)

فائده:_ سند ۾ طلحہ ام غراب مجهول آهي (مرعاة ص 109 ج2_3)

(1125) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الجهاد واجب عليكم مع كل أمير برا كان أو فاجرا وإن عمل الكبائر . والصلاة واجبة عليكم خلف كل مسلم برا كان أو فاجرا وإن عمل الكبائر . والصلاة واجبة على كل مسلم برا كان أو فاجرا وإن عمل الكبائر " . رواه أبو داود

ابو هريره﷜ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: جهاد توهان تي هر امير سان واجب آهي نيڪ هجي يا بد ۽ جيتوڻيڪ ڪبيره گناه جو ارتڪاب ڪندو هجي ۽ نماز اوهان تي هر مسلمان جي پٺيان واجب آهي نيڪ هجي يا بد ۽ جيتوڻيڪ ڪبيره گناه ڪندو هجي ۽ جنازه جي نماز هر مسلمان تي پڙهڻ واجب آهي نيڪ هجي يا بد ۽ جيتوڻيڪ ڪبيره گناه ڪندو هجي.(ابوداؤد)

فائده:_ سند ۾ مڪحول جو ابو هريره ﷜ کان سماع ثابت نہ آهي _ (مشڪواة_ الباني ص 351ج1)

## فصل ٽيون

(1126) عن عمرو بن سلمة قال : كنا بماء ممر الناس وكان يمر بنا الركبان نسألهم ما للناس ما للناس ؟ ما هذا الرجل فيقولون يزعم أن الله أرسله أوحى إليه أو أوحى الله كذا . فكنت أحفظ ذلك الكلام فكأنما يغرى في صدري وكانت العرب تلوم بإسلامهم الفتح فيقولون اتركوه وقومه فإنه إن ظهر عليهم فهو نبي صادق فلما كانت وقعة الفتح بادر كل قوم بإسلامهم وبدر أبي قومي بإسلامهم فلما قدم قال جئتكم والله من عند النبي حقا فقال : " صلوا صلاة كذا في حين كذا وصلوا صلاة كذا في حين كذا فإذا حضرت الصلاة فليؤذن أحدكم وليؤمكم أكثركم قرآنا " فنظروا فلم يكن أحد أكثر قرآنا مني لما كنت أتلقى من الركبان فقدموني بين أيديهم وأنا ابن ست أو سبع سنين وكانت علي بردة كنت إذا سجدت تقلصت عني فقالت امرأة من الحي ألا تغطون عنا است قارئكم فاشتروا فقطعوا لي قميصا فما فرحت بشيء فرحي بذلك القميص . رواه البخاري

عمرو بن سلمہ بيان ڪري ٿو تہ اسين هڪ تلاءَ وٽ رهندا هئاسون جتي ماڻهن جي اچ وڃ هئي، اسان وٽ قافلا ايندا ويندا هئا. پڇا ڳاڇا ڪندا رهندا هئاسون تہ ماڻهن سان ڪهڙو واقعو رونما ٿيو آهي. ماڻهن سان ڪهڙو واقعو رونما ٿيو آهي؟ هيءُ شخص ڪير آهي؟ چوندا هئا تہ

اهو شخص دعويٰ ڪري ٿو ته الله تعاليٰ ان کي رسول بنائي موڪليو آهي ۽ ان ڏانهن فلان فلان ڳالهه جي وحي ڪئي اٿس. آئون وحيءَ کي محفوظ ڪندو رهيس ڄڻ ته اها منهنجي سيني ۾ جاڳزين ٿي ويئي آهي. جڏهن ته عربن جي گهڻائي مڪي جي فتح جي انتظار ۾ هئي اهي چوندا هئا ته هن رسول ۽ ان جي قوم کي ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن هيءُ غالب ٿي ويو ته پوءِ اهو سچو نبي آهي. جڏهن مڪي جي فتح جو واقعو ٿيو ته هر قوم اسلام آڻڻ ۾ جلدي ڪئي منهنجو پيءُ تمام تڪڙ ۾ پنهنجي قبيلي کان اڳ اسلام ۾ داخل ٿيو. جڏهن منهنجو پيءُ نبيﷺ جن وٽان واپس موٽيو، انهيءَ بيان ڪيو ته الله جو قسم! آءٌ توهان وٽ سچي نبيءَ وٽان موٽيو آهيان پاڻ فرمايو اٿن ته فلاڻي نماز فلاڻي وقت ۾ ادا ڪيو ۽ فلاڻي نماز فلاڻي وقت ۾ جڏهن نماز جو وقت ٿئي ته توهان مان هڪ شخص اذان چوي ۽ جنهن کي قرآن زياده ياد هجي اهو امامت ڪرائي جائزو ورتائون ته مون کان وڌيڪ ڪنهن کي قرآن ياد نه آهي ڇاڪاڻ ته آئون قافلي وارن کان سکندو رهندو ( ۽ انهن کان قرآن ياد ڪندو هيس) قبيلي وارن مونکي پنهنجو امام مقرر ڪيو جڏهن ته آئون ڇهن ست سالن جو هيس.(1) منهنجي جسم تي هڪ پتا پٽي چادر هئي، جڏهن آئون سجدو ڪندو هيس ته چادر ڪجهه هٽي ويندي هئي تانجو قبيلي جي هڪ عورت چئي ڏنو توهان پنهنجي قاري صاحب جي اگهڙ اسان کان نٽا ڍڪيو ان ڪري انهن منهنجي لاءِ قميص جو ڪپڙو خريد ڪيائون. جيتري قدر مون کي قميص جي ڪري خوشي ٿي اوتري خوشي ڪنهن ٻيءِ شيءِ سان نه ٿي. (بخاري)

(1127) وعن ابن عمر قال : لما قدم المهاجرون الأولون المدينة كان يؤمهم سالم مولى أبي حذيفة وفيهم عمر وأبو سلمة بن عبد الأسد . رواه البخاري

ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته جڏهن مديني ۾ مهاجرين اولين آيا ته ڪين ابو حذيفه جو آزاد ڪيل غلام سالم نماز پڙهائيندو هو (2) ۽ مقتدين) ۾ عمر ۽ ابو سلمه بن عبدالاسد رضي الله عنه به هوندا هئا. (بخاري)

(1128) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ثلاثة لا ترفع لهم صلاتهم فوق رؤوسهم شبرا : رجل أم قوما وهم له كارهون وامرأة باتت وزوجها عليها ساخط وأخوان متصارمان " . رواه ابن ماجه

ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته، رسول اللهﷺ فرمايو: ٽي ماڻهو اهڙا آهن جن جي نماز انهن جي مٿي کان هڪ گرانٺ به مٿي نٿي چڙهي: 1_ جيڪو ماڻهن جي امامت ڪرائي حالانڪ اهي ان کي ناپسند ڪندا هجن، 2_ جيڪا عورت ان حالت ۾ رات گذاري جو انجو مڙس

[1] _هن مان ثابت آهي ته نابالغ جي امامت جائز آهي.

[2] هن حديث مان معلوم ٿيو ته ٻانهي جي امامت جائز آهي چو ته امام بخاري روايت ڪيوآهي ته ابوبڪر ۽ عمر نبي پاڪﷺ جن زيد بن حارث کي لشڪر جو سردار ڪري موڪليو هو فقه جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته ٻانهي جي امامت مڪروهه آهي. هي حديث انهن تي دليل آهي.

انکان ناراض هجي، 3_ اهي بہ پائر جيکي اٹبٹت سببان (تن ڏينهن کان وڏيک) هک بئي کان ناراض ([1]) هجن. ابن ماجة

# مقتدين تي امام جا کھڙا حق آهن

## فصل پهريون

(1129) عن أنس قال : ما صليت وراء إمام قط أخف صلاة ولا أتم صلاة من النبي صلى الله عليه وسلم وإن كان ليسمع بكاء الصبي فيخفف مخافة أن تفتن أمه

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ مون نبي ﷺ جي نمازجھڙي تمام هلکيءَتمام مکمل نماز ڪڏهن بہ ڪنهن امام جي پنيان نہ پڙهي ۽ پاڻ سڳورا جيڪڏهن ٻار جو روئڻ ٻڌندا هئا تہ نماز هلڪي ڪندا هئا ([2]) جيئن ان جي ماءُ فتني ۾ واقع نہ ٿئي (بخاري مسلم)**

(1130) وعن أبي قتادة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إني لأدخل في الصلاة وأنا أريد إطالتها فأسمع بكاء الصبي فأتجوز في صلاتي مما أعلم من شدة وجد أمه من بكائه " . رواه البخاري

**ابو قتاده ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: آئون نماز شروع ڪندو آهيان ۽ انکي ڊگهي ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهيان پوءِ ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌندو آهيان تہ نماز کي هلڪو ڪندو آهيان چاڪاڻ تہ آئون محسوس ڪندو آهيان تہ ٻار جي روئڻ جي ڪري ان جي ماءُ کي سخت تڪليف ۽ رنج پهچندو آهي ([3]) (بخاري)**

(1131) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صلى أحدكم الناس فليخفف فإن فيهم السقيم والضعيف والكبير . وإذا صلى أحدكم لنفسه فليطول ما شاء "

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو ماڻهن کي نماز پڙهائي تہ هلڪي ڪري چاڪاڻ تہ انهن ۾ بيمار، ضعيف ۽ وڏي ڄمار جا ماڻهو هوندا آهن ۽ جڏهن توهان مان ڪو پنهنجي لاءِ نماز پڙهي تہ جيتري وڻيس ڊگهي ڪري (بخاري مسلم)**

[1]_ يعني اهي هک ٻئي تي رنجيدگي رکي پائيپي چڏي ڏين. يا پائپي عام آهي يعني ديني هجي خواه نسبي.

[2]_ هن حديث جو مطلب آهي تہ نماز ۾ پاڻ سڳوراﷺ وڏيون سورتون نہ پڙهندا هئا. ۽ نہ رڪوع ۽ سجدا تمام ڊگها ڪندا هئا. بلڪ وچٽري نماز پڙهائيندا هئا ان ڪري سندن نماز مختصر معلوم ٿيندي هئي.

[3]_هن حديث مان معلوم ٿيو تہ امام کي مقتدين جي رعايت ۽ لحاظ ڪرڻ گهرجي.

(1132) وعن قيس بن أبي حازم قال : أخبرني أبو مسعود أن رجلا قال : والله يا رسول الله إني لأتأخر عن صلاة الغداة من أجل فلان مما يطيل بنا فما رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم في موعظة أشد غضبا منه يومئذ ثم قال : " إن منكم منفرين فأيكم ما صلى بالناس فليتجوز : فإن فيهم الضعيف والكبير وذا الحاجة "

**قيس بن ابي حازم جو بيان آهي تہ مون کي ابو مسعود ﷜ ٻڌايو تہ هڪ شخص چيو تہ اي الله جا رسول ﷺ! آئون صبح جي نماز ۾ پوئتي رهندو آهيان ڇاڪاڻ ۾ تہ فلاڻو ماڻهو اسان کي ڊگهي قرائت ڪرائيندو آهي. پوءِ مون رسول الله ﷺ جن کي وعظ ۾ ان ڏينهن کان وڌيڪ ڪڏهن ايتري ڪاوڙ ڪندي نہ ڏٺو[1] ارشاد فرمايائون: توهان مان ڪي ماڻهو (ٻين کي) متنفر ڪرڻ وارا آهن. اوهان تي لازم آهي تہ جيڪو توهان مان ماڻهن کي نماز پڙهائي اهو ان کي مختصر ڪري ڇاڪاڻ تہ منجهن ضعيف، وڏي ڄمار وارا ۽ حاجتمند (هر قسم جا ماڻهو) هوندا آهن. (بخاري)**

(1133) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يصلون لكم فإن أصابوا فلكم وإن أخطئوا فلكم وعليهم " . رواه البخاري

وهذا الباب خال عن الفصل الثاني

**ابو هريره ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: تہ توهان کي (ڪي ماڻهو) نماز پڙهائيندا جيڪڏهن صحيح نماز پڙهيائون تہ توهان جي نماز ٿيندي ۽ جيڪڏهن غلط پڙهيائون تہ توهان جي ٿيندي ۽ انهن جي نہ ٿيندي (سندن ڏوهہ انهن تي آهي) (بخاري)**

**ٻيو فصل هن باب جو حديث کان خالي آهي.**

## ٽيون فصل

(1134) عن عثمان بن أبي العاص قال : آخر ما عهد إلي رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أممت قوما فأخف بهم الصلاة " . رواه مسلم

وفي رواية له : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال له : " أم قومك " . قال : قلت يا رسول الله إني أجد في نفسي شيئا . قال : " ادنه " . فأجلسني بين يديه ثم وضع كفه في صدري بين ثديي ثم قال : " تحول " . فوضعها في ظهري بين كتفي ثم قال : " أم قومك فمن أم قوما فليخفف فإن فيهم الكبير وإن فيهم المريض وإن فيهم الضعيف وإن فهيم ذاالحاجة فإذا صلى أحدكم وحده فليصل كيف شاء "

---

[1] _هن حديث ۾ حضور ﷺ جن جي ڪمال شفقت بيان ٿيل آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو هجي ها تہ اهو عتاب ۽ عيب طور ضرور انکي چوي ها تہ تون صبح جي نماز ۾ چو شريڪ نہ ٿئين؟ ضرور تون منافق آهين، يا بي ايمان آهين، مگر حضور پاڪ ﷺ جن پوري توجہ سان ان جي ڳالهہ تي غور فرمايو ۽ امام کي تنبيهہ ڪيائين تہ ايڏي ڊگهي قرائت ڪري مقتدين کي نفرت نہ ڏيار.

عثمان بن ابي العاص ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن آخري نصيحت جيڪا مون کي ڪئي ان ۾ فرمايائون تہ جڏهن ماڻهن کي تون نماز پڙهائين تہ اها هلڪي ڪري پڙهاءِ (مسلم) ۽ ان جي ٻي روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن ان کي فرمايو: پنهنجي قوم جي امامت ڪراءِ. بيان ڪري ٿو تہ مون عرض ڪيو تہ اي الله جا رسولﷺ! آئون پنهنجي نفس ۾ ڪجھ (وسوسو) پايان ٿو. پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ منهنجي ويجهو ٿيءُ پوءِ مون کي پنهنجي سامهون ويهاريائون پوءِ پنهنجو هٿ منهنجي سيني يعني ڇاتيءُ تي رکيائون پوءِ فرمايائون (پني) ڦيراءِ_پاڻ پنهنجو هٿ منهنجي پٺ تي ٻنهي ڪلهن جي درميان رکيائون. پوءِ فرمايائون تہ پنهنجي قبلي وارن کي نماز پڙهاءِ ۽ جيڪو شخص امام ٿئي اهو هلڪي نماز پڙهائي ڇا ڪاڻ تہ مقتدين ۾ ضعيف بہ هوندا آهن ۽ انهن ۾ حاجتمند بہ هوندا آهن پوءِ جڏهن توهان مان ڪو اڪيلي سر نماز پڙهي تہ جهڙيءَ طرح چاهي نماز (ڊگهي ڪري) پڙهي.

(1135) وعن ابن عمر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يأمرنا بالتخفيف ويؤمنا ب ( الصافات )

رواه النسائي

ابن عمر ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اسان کي نماز هلڪي پڙهڻ جو حڪم فرمائيندا هئا ۽ پاڻ امامت ڪندا هئا تہ سوره صافات پڙهندا هئا (نسائي)

# مقتدي امام جي اقتدا ڪيئن ڪري
# ۽ مسبوق جو ڪهڙو حڪم آهي

## فصل پهريون

(1136) عن البراء بن عازب قال : كنا نصلي خلف النبي صلى الله عليه وسلم فإذا قال : " سمع الله لمن حمده " . لم يحن أحد منا ظهره حتى يضع النبي صلى الله عليه وسلم جبهته على الأرض

براءَ بن عازب ﷺكان روايت آهي تہ اسين نبي ﷺ جن جي پنيان نماز پڙهندا هئاسون. پاڻ جڏهن ﴿سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَهٗ﴾ چوندا هئا تہ ڪو شخص پنهنجي پني نہ جهڪائيندو هو، تانجو نبي ﷺ جن پنهنجي پيشاني زمين تي نہ رکن (بخاري مسلم)([1])

(1137) وعن أنس قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم ذات يوم فلما قضى صلاته أقبل علينا بوجهه فقال : أيها الناس إني إمامكم فلا تسبقوني بالركوع ولا بالسجود ولا بالقيام ولا بالانصراف : فإني أراكم أمامي ومن خلفي " . رواه مسلم

[1]_ هن حديث جو مطلب هيءُ آهي تہ جڏهن امام رڪوع کان سجدي لاءِ وڃي تڏهن مقتدي قوم کان سجدي لاءِ جهڪن. امام سان بلڪل گڏ اهي سجدي ۾ نہ وڃن.

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اسان کي هڪ ڏينهن نماز پڙهائي. جڏهن نماز پوري فرمايائون تہ اسان ڏانهن متوجہ ٿيا. فرمايائون: اي انسانون! آءٌ توهان جو امام آهيان پوءِ مون کا ن نہ وڌو نہ رڪوع ۾، نہ سجدي ۾، نہ قيام ۾ ۽ نہ سلام ڦيرڻ ۾. ڇاڪاڻ تہ آئون توهان کي پنهنجي اڳيان ۽ پنهنجي پنيان ڏسي رهيو[1] آهيان.** (مسلم)

(1138) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تبادروا الإمام إذا كبر فكبروا وإذا قال : ولا الضالين . فقولوا : آمين وإذا ركع فاركعوا وإذا قال : سمع الله لمن حمده فقولوا : اللهم ربنا لك الحمد " إلا أن البخاري لم يذكر : " وإذا قال : ولا الضالين "

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: امام کان اڳتي نہ وڌو. جڏهن اهو تڪبير چوي تہ توهان بہ تڪبير چئو ۽ جڏهن اهو ﴿وَلَا الضَّآلِّيۡنَ﴾ چوي تہ توهين ﴿آمِيۡنَ﴾ چئو ۽ جڏهن رڪوع ڪري تہ توهان بہ رڪوع ڪريو ۽ جڏهن ﴿سَمِعَ اللهُ لِمَنۡ حَمِدَهٗ﴾ چوي تہ توهان چئو: ﴿اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا لَکَ الۡحَمۡدُ﴾** (بخاري مسلم)

**مگر بخاريءَ هي لفظ ذڪر نہ ڪيا: ۽ جڏهن چوي ﴿وَلَاالضَّآلِّيۡنَ﴾.**

(1139) وعن أنس : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم ركب فرسا فصرع عنه فجحش شقه الأيمن فصلى صلاة من الصلوات وهو قاعد فصلينا وراءه قعودا فلما انصرف قال : " إنما جعل الإمام ليؤتم به فإذا صلى قائما فصلوا قياما فإذا ركع فاركعوا وإذا رفع فارفعوا وإذا قال سمع الله لمن حمده فقولوا ربنا ولك الحمد وإذا صلى قائما فصلوا قياما وإذا صلى جالسا فصلوا جلوسا أجمعون "

قال الحميدي : قوله : " إذا صلى جالسا فصلوا جلوسا " هو في مرضه القديم ثم صلى بعد ذلك النبي صلى الله عليه وسلم جالسا والناس خلفه قيام لم يأمرهم بالقعود وإنما يؤخذ بالآخر فالآخر من فعل النبي صلى الله عليه وسلم . هذا لفظ البخاري . واتفق مسلم إلى أجمعون . وزاد في رواية : " فلا تختلفوا عليه وإذا سجد فاسجدوا "

**انس﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن گهوڙي تي سوار ٿيا ان تان ڪري پيا سندن جسم جو ساڄو پاسو ڇلڇي پيو. پاڻ هڪ نماز ويهي پڙهيائون اسان سندن اقتدا ۾ ويهي نماز ادا ڪئي جڏهن سلام ورايائون تہ فرمايائون: امام ان ڪري مقرر ڪيو ويو آهي تہ ان جي اقتدا ڪئي وڃي.[2] جڏهن بيهي نماز پڙهائي، توهان بہ بيهي نماز ادا ڪريو ۽ جڏهن رڪوع ڪري تہ**

---

[1] امام نووي فرمائي ٿو تہ الله تعالیٰ حضور ﷺ جن کي پويان ڏسڻ جي قوت بہ عنايت فرمائي هئي، جيئن اڳيان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو پاڻ سڳورن جو معجزو هو.

[2] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مقتدي کي امام جي پيروي تڪبير تحريمہ، رڪوع ۽ سجدي ۽ ٻين سيني رڪنن ۾ ڪرڻي آهي پوءِ تڪبير جيڪڏهن امام کان اڳ چوندو تہ ان جي نماز درست نہ ٿيندي. جيڪڏهن رڪوع يا سجدو امام کان اڳ يا امام سان گڏ ڪندو تہ نماز باطل نہ ٿيندي مگر گنهگار ضرور ٿيندو.

توهان بہ رڪوع ڪريو ۽ جڏهن اهو (رڪوع مان) مٿو مٿي کڻي تہ توهان بہ مٿي ڪريو ۽ جڏهن اهو ويهي نماز پڙهي تہ توهان بہ ويهي نماز ادا ڪريو[1] حميدي چوي ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان مبارڪ: جڏهن امام ويهي نماز پڙهي، توهان بہ ويهي نماز ادا ڪريو_ اهو سندن ان بيماريءَ جي سبب هو جيڪا پهريائين هين. ان ڪان پوءِ ويهي نماز پڙهايائون ۽ اصحابن سندن پويان بيهي نماز پڙهي. پاڻ سڳورن ﷺ ڪين ويهڻ جو حڪم نہ ڪيو جڏهن تہ نبي ﷺ جن جي عملن مان آخري عمل تي عمل ڪيو ويندو آهي. هي بخاري جا الفاظ آهن. مسلم جو بخاريءَ سان لفظ ﴿أَجۡمَعُونَ﴾تائين اتفاق آهي پاڻ هڪ روايت ۾ هي الفاظ زياده آهن: امام سان اختلاف نہ ڪريو ۽ جڏهن اهو سجدو ڪري تہ توهان بہ سجدو ڪيو.

(1140) وعن عائشة قالت : لما ثقل رسول الله صلى الله عليه وسلم جاء بلال يوذنه لصلاة فقال : " مروا أبا بكر أن يصلي بالناس " فصلى أبو بكر تلك الأيام ثم إن النبي صلى الله عليه وسلم وجد في نفسه خفة فقام يهادى بين رجلين ورجلاه يخطان في الأرض حتى دخل المسجد فلما سمع أبو بكر حسه ذهب أخر فأومأ إليه رسول الله صلى الله عليه وسلم أن لا يتأخر فجاء حتى يجلس عن يسار أبي بكر فكان أبو بكر يصلي قائما وكان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي قاعدا يقتدي أبو بكر بصلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم والناس مقتدون بصلاة أبي بكر

وفي رواية لهما : يسمع أبو بكر الناس التكبير

عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن زياده بيمار ٿيا تہ بلال رضي الله عنه پاڻ سڳورن ﷺ کي نماز جو اطلاع ڪرڻ آيو. فرمايائون ابوبڪر رضي الله عنه کي پيغام ڏيو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي. ان ڏينهن ابوبڪر رضي الله عنه ماڻهن کي نماز پڙهائي. ان ڪان پوءِ نبي ﷺ جن پنهنجي اندر بهتري محسوس ڪئي، پوءِ اٿي ٻن شخصن جي سهاري گهلجندا (اهڙي ريت آيا جو سندن پير زمين تي) ليڪا ناهي رهيا هئا تانجو مسجد ۾ داخل ٿيا ابوبڪر رضي الله عنه جڏهن سندن آهٽ محسوس ڪئي تہ پٺتي ٿيڻ لڳو رسول الله ﷺ ان ڏانهن اشارو ڪيو تہ پٺتي نہ اچ. پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ آيا تانجو ابوبڪر جي کاٻي طرف ويٺا ابوبڪر بيهي نماز پڙهائي رهيا هئا. ابوبڪر رضي الله عنه رسول الله ﷺ جي نماز جي پوئيواري ڪرڻ لڳو ۽ ماڻهن ابوبڪر رضي الله عنه جي نماز جي

[1]_ هن ۾ علمائن جو اختلاف آهي. امام اوزاعي ۽ امام احمد بن حنبل چون ٿا تہ هن حديث تي عمل ڪرڻ ضروري آهي، جيئن امام نماز پڙهي، تيئن پڙهڻ گهرجي. امام مالڪ چوي ٿو تہ جيڪو بيهي سگهي، تہ ان جي نماز ويٺل امام جي پنيان درست نہ ٿيندي. امام ابو حنيفه ۽ جمهور چون ٿا تہ نماز درست آهي پر مقتدي کي کپي تہ بيهي نماز پڙهي پلي امام ويٺو هجي. ان جو دليل هي آهي تہ حضور ﷺ جن مرض الموت جي آخري ڏينهن جيڪا نماز پڙهائي سا ويهي پڙهايائون ۽ سندن اقتدا ۾ ابوبڪر رضي الله عنه ۽ ٻين اصحابن بيهي نماز ادا ڪئي.

پيروي ڪئي (بخاري مسلم) ۽ شيخين جي هڪ روايت ۾ اهي ته ابو بڪرؓ ماڻهن کي الله اڪبر جا الفاظ ٻڌائي رهيو هو.[1]

(1141) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أما يخشى الذي يرفع رأسه قبل الإمام أن يحول الله رأسه رأس حمار "

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: ڇا اهو شخص جيڪو امام کان اڳ پنهنجو مٿو مٿي کڻي ٿو خوف نٿو ڪري ته الله تعاليٰ ان جو سر گڏهه [2] جي سر ۾ تبديل ڪري ڇڏي. (بخاري مسلم)**

## ٻيو فصل

(1142) عن علي ومعاذ بن جبل رضي الله عنهما قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أتى أحدكم الصلاة والإمام على حال فليصنع كما يصنع الإمام " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

**علي ۽ معاذ بن جبل ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: جڏهن ڪو ماڻهو توهان مان نماز ۾ اچي ته جنهن به حال ۾ امام هجي ان حال ۾ شامل ٿئي جيڪي امام ڪري رهيو هجي اهوئي مقتدي ڪري. (ترمذي) چوي ٿو ته هيءَ حديث غريب آهي.**

**فائده:_ حديث ضعيف آهي. حجاج بن ارطاة راوي مدلس آهي يعني عيب لڪائيندو آهي البته ان جي شاهدي صحيح حديث مان ملي ٿي. (مشڪواة_الباني ص 359ج1)**

(1143) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا جئتم إلى الصلاة ونحن سجود فاسجدوا ولا تعدوه شيئا ومن أدرك ركعة فقد أدرك الصلاة " . رواه أبو داود

**ابو هريره ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: جڏهن اوهان نماز ڏانهن اچو ۽ اسين سجدي ۾ هجون ته پوءِ سجدو ڪيو ليڪن ان کي شمار نه ڪيو ۽ جنهن شخص رڪعت کي حاصل ڪيو انهيءَ نماز[1] حاصل ڪئي. (ابوداؤد)**

---

[1] _ ان ۾ دليل آهي ته ويهي نماز پڙهندڙ جي پٺيان بيهي نماز پڙهي سگهجي ٿي ۽ هي معلوم ٿيو ته جيڪڏهن امام جو آواز جهڪو هجي ۽ انجي پويان وڏي آواز وارو مقتدي هجي ۽ اهو ماڻهن کي تڪبير ٻڌائي ته اهو جائز ۽ مسنون آهي.

[2] _ ڪن بزرگن کان نقل آهي ته دمشق ۾ هڪ شخص منهن ڍڪي هلندو هو. ان کان پڇيو ويو ته تون منهن کهڙي سبب ڪري ڍڪي هلي رهيو آهين؟ انهيءَ پنهنجو منهن کولي ڏيکاريو. ماڻهن ڇا ڏٺو جو سندس منهن گڏهه جو منهن هو. پڇيائونس ته هي تنهنجو حال ڇو ٿيو آهي؟ جواب ڏنائين تهمون نبيﷺ جي اها حديث ٻڌي جنهن ۾پاڻ فرمايو اٿن ڇا توهان مان ڪنهنکي اهو خوف نه ٿو ٿئي جوامام کان اڳي (رڪوع يا سجدي مان) پنهنجو مٿو کڻي ته الله انکي گڏهه جو مٿو ڪري ڇڏي؟_ مگر مون انحديث ۾ شڪ ڪيو ۽ جاڻي واڻي امام کان اڳ پنهنجو مٿو کنيو انهيءَ ڪري منهنجي اصل صورت گڏهه جي صورت ۾بدلجي وئي آهي. (نعوذ بالله)

**فائده:_ حديث جي سند ۾ يحييٰ بن ابي سليمان لين الحديث آهي (مشكواة_الباني ص 359ج1)**

(1144) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى لله أربعين يوما في جماعة يدرك التكبيرة الأولى كتب له براءتان : براءة من النار وبراءة من النفاق " . رواه الترمذي

**انس رضي الله عنه كان روايت اهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن شخص چاليهہ ڏينهن جماعت ۾ الله خاطر (اهڙي طرح) نماز پڙهي جو كيس تكبير اوليٰ حاصل ٿي تہ ان لاءِ بہ نجات نامہ لكيا وڃن ٿا. هڪ باهہ كان نجات ۽ ٻيو نفاق كان. (ترمذي)**

**فائده:_ حبيب بن ابي ثابت راوي مدلس آهي ۽ اهو انس رضي الله عنه كان ﴿عَن﴾ سان بيان ڪري ٿو (مشكواة_ الباني ص 359ج1)**

(1145) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من توضأ فأحسن وضوءه ثم راح فوجد الناس قد صلوا أعطاه الله مثل أجر من صلاها وحضرها لا ينقص ذلك م أجورهم شيئا " . رواه أبو داود والنسائي

**ابو هريره رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن شخص وضو ڪيو پوءِ سهڻي نموني وضو ڪيائين پوءِ (مسجد ڏانهن هليو) پوءِ ماڻهن كي ڏٺائين تہ نماز پڙهي چڪا آهن تڏهن بہ الله ان كي ان شخص جي برابر ثواب عطا ڪندو جنهن باجماعت نماز ادا ڪئي ۽ انهن جي اجر ۽ ثواب مان ڪا شيءِ نہ گهٽائيندو. (ابو دائود ۽ نسائي)**

(1146) وعن أبي سعيد الخدري قال : جاء رجل وقد صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " ألا رجل يتصدق على هذا فيصلي معه ؟ " فقام رجل فيصلى معه " . رواه الترمذي وأبو داود

**ابو سعيد خدري رضي الله عنه كان روايت آهي تہ هڪ شخص آيو ۽ رسول الله ﷺ نمازپڙهي چڪا هئا فرمايائون ڪو شخص هن تي صدقہ نٿو ڪري جو ان سان گڏ نماز ادا ڪري ان ڪري هڪ شخص اٿي بيٺو ۽ ان سان گڏ نماز پڙهيائين[2] (ابو دائود ۽ ترمذي)**

---

[1]_ امام شوڪاڻي لکي ٿو تہ هن حديث ۾ رڪعت جي لفظ مانرڪوع مراد آهي پوءِ جيڪڏهن مقتدي تڪبير تحريمه چوي ۽ فاتحه پڙهي تہ ان جي رڪعت ٿي ويندي.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ جيڏهن ڪوشخص اڪيلو نماز پڙهي تہ ان سان گڏجي نماز پڙهڻ درست آهي. جيتوڻيڪ اڳ ۾ انهيءَ جماعت سان نماز پڙهي بہ هجي.

## فصل ٽيون

(1147) عن عبيدالله بن عبدالله بن عتبة قال : دخلت على عائشة فقلت ألا تحدثيني عن مرض رسول الله صلى الله عليه وسلم قالت بلى ثقل النبي صلى الله عليه وسلم فقال : " أصلى الناس ؟ " قلنا لا يا رسول الله وهم ينتظرونك فقال : " ضعوا لي ماء في المخضب " قالت ففعلنا فاغتسل فذهب لينوء فأغمي عليه ثم أفاق فقال صلى الله عليه وسلم : " أصلى الناس ؟ " قلنا لا هم ينتظرونك يا رسول الله قال : " ضعوا لي ماء في المخضب " قالت فقعد فاغتسل ثم ذهب لينوء فأغمي عليه ثم أفاق فقال : " أصلى الناس ؟ " قلنا لا هم ينتظرونك يا رسول الله فقال : " ضعوا لي ماء في المخضب " فقعد فاغتسل ثم ذهب لينوء فأغمي عليه ثم أفاق فقال : " أصلى الناس " . قلنا لا هم ينتظرونك يا رسول الله والناس عكوف في المسجد ينتظرون النبي صلى الله عليه وسلم لصلاة العشاء الآخرة . فأرسل النبي صلى الله عليه وسلم إلى أبي بكر بأن يصلي بالناس فأتاه الرسول فقال إن رسول الله صلى الله عليه وسلم يأمرك أن تصلي بالناس فقال أبو بكر وكان رجلا رقيقا يا عمر صل بالناس فقال له عمر أنت أحق بذلك فصلى أبو بكر تلك الأيام ثم إن النبي صلى الله عليه وسلم وجد من نفسه خفة وخرج بين رجلين أحدهما العباس لصلاة الظهر وأبو بكر يصلي بالناس فلما رآه أبو بكر ذهب ليتأخر فأومأ إليه النبي صلى الله عليه وسلم بأن لا يتأخر قال : " أجلساني إلى جنبه " فأجلساه إلى جنب أبي بكر والنبي صلى الله عليه وسلم قاعد . قال عبيدالله : فدخلت على عبدالله بن عباس فقلت له ألا أعرض عليك ما حدثتني به عائشة عن مرض رسول الله صلى الله عليه وسلم ؟ قال هات فعرضت عليه حديثها فما أنكر منه شيئا غير أنه قال أسمت لك الرجل الذي كان مع العباس قلت لا قال هو علي رضي الله عنه

**عبيدالله بن عبدالله ﷛ کان روايت آهي تہ آئون، عائشہ﷛ وٽ آيس چيو مانس تہ ڇا تون مون کي رسول الله ﷺ جي مرض الموت جو حال ٻڌائيندين يا نہ؟ چيائين تہ هائو، نبي ﷺ سخت بيمار ٿيا. فرمايائون ڇا ماڻهن نماز پڙهي آهي؟ اسان چيوس تہ نہ اي ﷲ جا رسول ﷺ! ۽ اهي توهان جو انتظار ڪري رهيا آهن. فرمايائون تہ منهنجي لاءِ ٽب ۾ پاڻي رکو. فرمائي ٿي تہ اسان ائين ڪيو پاڻ غسل ڪيائون پوءِ اٿڻ لڳا ليڪن بيهوش ٿي ويا، ان کان پوءِ هوش ۾ آيا پڇيائون تہ ڇا ماڻهن نماز پڙهي آهي؟ چيوسون تہ نہ اهي توهان جو انتظار ڪري رهيا آهن. اي ﷲ جا رسول! فرمايائون: ٽب ۾ پاڻي رکو فرمائي ٿي تہ پاڻ ويهي غسل ڪيائون ۽ پوءِ اٿڻ لڳا پر بيهوش ٿي پيا، ان کان پوءِ هوش ۾ آيا فرمايائون: ڇا ماڻهن نماز پڙهي آهي؟ عرض ڪيوسين تہ نہ اهي اوهان جو انتظار ڪري رهيا آهن. اي ﷲ جا رسول ﷺ !فرمايائون تہ ٽب ۾ منهنجي لاءِ پاڻي رکو پاڻ ويهي غسل فرمايائون پوءِ اٿڻ لڳا مگر بيهوش ٿي ويا ان کان پوءِ هوش ۾ آيا پڇيائون تہ ڇا ماڻهن نماز پڙهي آهي؟ چيوسين تہ نہ اهي توهان جو انتظار ڪري رهيا آهن. اي**

الله جا رسول ﷺ! ۽ ماڻهو مسجد ۾ نبي ﷺ سان عشاءَ جي نماز پڙهڻ جي انتظار ۾ ويٺا هئا.([1]) پوءِ نبي ﷺ جن ابوبڪر رضي الله عنه ڏانهن ماڻهو موڪليو ته ماڻهن کي نماز پڙهائي ان وٽ قاصد آيو چيائينس ته رسول الله ﷺ اوهان کي حڪم ڪن ٿا ته ماڻهن کي نماز پڙهايو. ابوبڪر رضي الله عنه چيو۔ ۽ پاڻ نرم دل ماڻهو هو۔ اي عمر رضي الله عنه ماڻهن کي نماز پڙهاءِ عمر رضي الله عنه ان کي چيو ته ان لاءِ اوهين زياده حقدار آهيو، پوءِ اهي ڏينهن ابوبڪر صديق رضي الله عنه نماز پڙهائي ان ڪان پوءِ نبي ﷺ جن پنهنجي اندر هلڪائي محسوس فرمائي ۽ ظهر نماز لاءِ ٻن ماڻهن جي سهاري جن مان هڪ عباس رضي الله عنه هو نڪتا ۽ ابوبڪر رضي الله عنه ماڻهن کي نماز پڙهائي رهيو هو. جڏهن ابوبڪر رضي الله عنه کين (ايندي) ڏٺو ته پوئتي هٽڻ لڳو، نبي ﷺ ان ڏانهن اشارو ڪيو ته پنتي نه هٽ فرمايائون مونکي سندس پاسي ۾ويهاريو پوءِ انکي ابوبڪر رضي الله عنه جي پاسي ۾ ويهاريائون، نبي ﷺ جن ويٺا هئا ۽ عبيدالله چوي ٿو ته پوءِ آئون عبدالله بن عباس رضي الله عنه وٽ داخل ٿيس انکي چيو ته رسول الله ﷺ جن جي مرض الموت جو جيڪو حال عائشه صديقه رضي الله عنها مون کي ٻڌايو آهي ڇا اوهان کي نه ٻڌايان؟ چيائين ته بيان ڪر پوءِ ان کي سندس حديث ٻڌائي ان انهيءَ مان ڪنهن شيءِ جو انڪار نه ڪيو سواءِ ان جي جو چيائين ته ڇا ان شخص جو نالو بيان ڪيائين جيڪو عباس رضي الله عنه سان گڏ هو؟ مون چيو ته نه، چيائين ته اهو علي رضي الله عنه هو. (بخاري)

(1148) وعن أبي هريرة أنه كان يقول : " من أدرك الركعة فقد أدرك السجدة ومن فاتته قراءة أم القرآن فقد فاته خير كثير " . رواه مالك

ابوهريره رضي الله عنه جو بيان آهي ته جنهن شخص رڪوع پاتو([2]) انهيءَ رڪعت پاتي ۽ جنهن شخص کان سورة فاتحه فوت ٿي اهو خير ۽ برڪت کان محروم رهيو. (مالڪ)

فائده:۔ اها حديث امام مالڪ جي بلاغات مان آهي يعني اها حديث امام مالڪ کي ابوهريره رضي الله عنه کان پهتي آهي ۽حديث موقوف آهي.

(1149) وعنه قال : الذي يرفع رأسه ويخفضه قبل الإمام فإنما ناصيته بيد الشيطان " . رواه مالك

ابوهريره رضي الله عنه بيان ڪري ٿو ته جيڪو امام کان پهريائين مٿو ڪٽي ٿو ۽ هيٺ ڪري ٿو ان جي پيشاني شيطان جي هٿ ۾ آهي. (مالڪ)

[1] ۔ هن مان معلوم ٿيو ته جيڪڏهن امام جي اچڻ جو امڪان هجي ته مقتدي کي ان جو انتظار ڪرڻ گهرجي ۽ انتظار ايتري قدر ڪجي جو نماز جو مستحب وقت باقي هجي. پڻ هي به معلوم ٿيو ته بيهوشيءَ کان پوءِ غسل ڪرڻ مستحب آهي.

[2] ۔ جمهور فقهاء چون ٿا ته جيڪڏهن ڪو امام کي رڪوع ۾ پهتو، پوءِ پاڻ تڪبير چئي رڪوع ۾ شامل ٿيو ته ان جي رڪعت ٿي ويندي. اهو مذهب امام شافعي، امام ابو حنيفه،امام مالڪ ۽ اصحابن جو آهي. ليڪن صحيح حديث مطابق سوت فاتحه کان سواءِ ڪابه رڪعت نه ٿيندي.

# ان شخص جو بيان جنهن فرض نماز ٻه ڀيرا ادا ڪئي

## پهريون فصل

(1150) عن جابر قال : كان معاذ بن جبل يصلي مع النبي صلى الله عليه وسلم ثم يأتي قومه فيصلي بهم

**جابر رضي الله عنه بيان ڪري ٿو ته معاذ بن جبل رضي الله عنه نبي صلي الله عليه وسلم جن سان نماز پڙهندو هو پوءِ پنهنجي قوم وٽ ايندو هو ۽ انهن کي نماز پڙهائيندو هو. (بخاري مسلم)**

(1151) وعنه قال : كان معاذ يصلي مع النبي صلى الله عليه وسلم العشاء ثم يرجع إلى قومه فيصلي بهم العشاء وهي له نافلة . أخرجه الشافعي في مسنده والطحاوي والدارقطني والبيهقي

**جابر رضي الله عنه بين ڪري ٿو ته معاذ رضي الله عنه جن سان گڏ عشاء نماز ادا ڪندو هو پوءِ پنهنجي قوم وٽ ايندو هو ۽ انهن کي عشاء پڙهائيندو هو ۽ اها ان جي نفل هوندي هئي.([1])**

**فائده:_ هي حديث ڪهڙي ڪتاب مان ورتي وئي آهي؟ ان جو بيان نه آهي. اها حديث امام شافعي پنهنجي مسند ص31 طحاويءَ (ص237ج1)_ دارقطنيءَ (ص102 بيهقيءَ (ص82ج1) ۾ صحيح سند سان بيان ڪئي آهي. (مشڪواة_ البانيج 362ج1)**

## ٻيو فصل

(1152) عن يزيد بن الأسود قال : شهدت مع النبي صلى الله عليه وسلم حجته فصليت معه صلاة الصبح في مسجد الخيف فلما قضى صلاته وانحرف فإذا هو برجلين في آخر القوم لم يصليا معه قال : " علي بهما " فجيء بهما ترعد فرائصهما فقال : " ما منعكما أن تصليا معنا ؟ " . فقالا : يا رسول الله إنا كنا قد صلينا في رحالنا .

---

[1] _هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته نفل پڙهندڙ جي پويان فرض نماز پڙهڻ ۽ جماعت سان نماز پڙهڻ جائز آهي. ڇاڪاڻ ته معاذ بن جبل حضور صلي الله عليه وسلم جن جي پويان فرض نماز ادا ڪندو هو ان ڪان بعد وڃي پنهنجي قوم کي جماعت ڪرائيندو هو ۽ ان جي اها ٻي نماز ان لاءِ نفل هوندي هئي. امام شافعي جو به اهو قول آهي. امام مالڪ، امام ابو حنيفه ۽ ڪوفه وارا ان کي ناجائز چون ٿا ۽ اهي معاذ واري حديث جي تاويل ڪري چون ٿا ته اها منسوخ آهي ۽ سندس عمل جي حضور صلي الله عليه وسلم جن کي خبر ڪانه هئي. پر اها تاويل باطل آهي. ٻين حديثن مان معلوم ٿئي ٿو ته نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کي معاذ جي هر فعل جو علم هو چنانچه جڏهن هڪ شخص نبي صلي الله عليه وسلم جن وٽ اچي شڪايت ڪئي ته معاذ رضي الله عنه اسان کي نماز ۾ تمام ڊگهي قرائت ڪرائي ٿو ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم متس ڏاڍا غضبناڪ ٿيا ۽ فرمايائون ته افتان يا معاذ ..........(ترجمه) اي معاذ! ڇا تون ماڻهن کي ڊگهي قرائت ڪري فتني ۾وجهڻ گهرين ٿو؟ الخ. حاصل ڪلام ته حنفين جون اهي تاويلون باطل ۽ فضول آهن ۽ نفلي نماز پڙهڻ واري جي پويان فرض ۽ جماعت سان نماز پڙهي سگهجي ٿي جيئن هن حديث جي ظاهر مان ثابت ٿئي ٿو.

قال : " فلا تفعلا إذا صليتما في رحالكما ثم أتيتما مسجد جماعة فصليا معهم فإنها لكما نافلة " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي

**يزيد بن اسود بيان ڪري ٿو تہ آئون نبيﷺ سان حجة الوداع ۾ شريڪ ٿيس مون پاڻ سڳورنﷺ سان (مسجد الخيف) ۾ صبح نماز ادا ڪئي جڏھن پاڻ نماز پوري ڪري منھن ڦيريائون تہ پاڻ ٻن شخصن ڪي ڏٺائون جيڪي سڀ کان آخر ۾ھئا انھن پاڻ سڳورنﷺ جي اقتدا ۾ نماز نہ پڙھي ھئي. فرمايائون تہ انھن کي مون وٽ وٺي اچو انھن کي آندو ويو تہ سندن ڪلھي جو گوشت ٿرڪي رھيو ھو دريافت فرمايائون تہ توھان اسان سان نماز ڇو نہ پڙھي؟ عرض ڪيائون تہ ايﷲ جا رسولﷺ! اسان پنھنجي پڙاءَ (يعني گھرم ) نماز ادا ڪئي آھي فرمايائون (امام سان گڏ جماعت) نماز پڙھڻ نہ ڇڏيو جڏھن توھان پنھنجي پڙاءَ ۾ ديري تي نماز پڙھي ھجي پوءِ مسجد ۾اچو جتي جماعت ٿي رھي ھجي تہ انھن سان گڏ نماز پڙھو اھا توھان جي لاءِ نفل نماز ٿي([1]) ويندي. (ترمذي، ابوداؤد، نسائي)**

## ٽيون فصل

(1153) وعن بسر بن محجن عن أبيه أنه كان في مجلس مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فأذن بالصلاة فقام رسول الله صلى الله عليه وسلم فصلى ورجع ومحجن في مجلسه فقال له رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما منعك أن تصلي مع الناس ؟ ألست برجل مسلم ؟ " فقال : بلى يا رسول الله ولكني كنت قد صليت في أهلي فقال له رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا جئت المسجد وكنت قد صليت فأقيمت الصلاة فصل مع الناس وإن كنت قد صليت " . رواه مالك والنسائي

**بسر بن محجن پنھنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ اھو رسول اللهﷺ جن سان ھڪ مجلس ۾ ھو پوءِ نماز لاءِ اذان ٿي رسول اللهﷺ جن نماز ادا فرمائي ۽ موٽيا ۽ محجن سندن مجلس ۾ ھو رسول اللهﷺ جن ان کي فرمايو توکي ڪنھن ڳالھہ منع ڪئي آھي تہ تون ماڻھن سان گڏ نماز نہ پڙھين ڇا تون مسلمان ماڻھو نہ آھين؟ چيائين تہ ھائو اي ﷲ جا رسولﷺ! ليڪن آئون پنھنجي گھر ۾ نماز پڙھي چڪو آھيان رسول اللهﷺ جن ان کي فرمايو جڏھن تون مسجد ۾ اچين ۽ نماز پڙھي چڪو ھجين پوءِ نماز ٿي رھي ھجي تہ ماڻھن سان گڏ نماز پڙھہ جيتوڻيڪ تون نماز پڙھي ھجي. (مالڪ ۽ نسائي)**

---

[1] _ ھن ۾ چٽائي ۽ پڌرائي آھي تہ معاذ جي اھا ٻي نماز نفل ھوندي ھئي پھري نماز جماعت سان پڙھي ھجيس يا جماعت کان سواءِ اڪيلي پڙھي وئي ھجي اھا فرض شمار ٿيندي ۽ بعد واري نفل ڪري عالم چون ٿا تہ فجر ۽ وچين نماز ٻئي دفعي نہ پڙھندا ھئا جو فجر ۽ عصر کان پوءِ نفل پڙھڻ جي منع آيل آھي مگر ھي حديث انھن جي مٿان حجت آھي.

(1154) وعن رجل من أسد بن خزيمة أنه سأل أبا أيوب الأنصاري قال : يصلي أحدنا في منزله الصلاة ثم يأتي المسجد وتقام الصلاة فأصلي معهم فأجد في نفسي شيئا من ذلك فقال أبو أيوب : سألنا عن ذلك النبي صلى الله عليه وسلم قال : " فذلك له سهم جمع " . رواه مالك وأبو داود

**اسد بن خزيمه (قبيلہ) جي هڪ شخص بيان ڪيو، ابوايوب انصاريؓ کان مسئلو معلوم ڪيو تہ اسان مان هڪ شخص پنهنجي گھر ۾ فرض نماز ادا ڪري ٿو ان کان پوءِ اهو مسجد ۾ وڃي ٿو (اتي باجماعت) نماز ٿي رهي هجي آئون انهن سان شامل ٿي نماز ادا ڪريان ٿو ليڪن پنهنجي اندر ۾ وهم محسوس ڪيان ٿو ابو ايوبؓ فرمايو اسان ان بابت نبيﷺ کان معلوم ڪيو هو، پاڻ فرمايائون: ان کي جماعت جو ثواب ملندو.( مالڪ ابوداؤد )**

**فائده:_ سند ۾ ضعف آهي ان جو هڪ راوي مجهول آهي. (مشڪواة_الباني ص 363ج1)**

(1155) وعن يزيد بن عامر قال : جئت رسول الله صلى الله عليه وسلم وهو في الصلاة فجلست ولم أدخل معهم في الصلاة فلما انصرف رسول الله صلى الله عليه وسلم رآني جالسا فقال : " ألم تسلم يا زيد ؟ " قلت : بلى يا رسول الله قد أسلمت . قال : " وما منعك أن تدخل مع الناس في صلاتهم ؟ " قال : إني كنت قد صليت في منزلي أحسب أن قد صليتم . فقال : " إذا جئت الصلاة فوجدت الناس فصل معهم وإن كنت قد صليت تكن لك نافلة وهذه مكتوبة " . رواه أبو داود

**يزيد بن عامرؓ بيان ڪري ٿو تہ آئون رسول اللهﷺ جن وٽ آيس پاڻ نماز ۾ هئا آئون ويهي رهيس ۽ ساڻن گڏ نماز ۾ شامل نہ ٿيس جڏهن رسول اللهﷺ جن منهن ڦيريو مون کي ويٺل ڏٺائون فرمايائون اي يزيد! ڇا تون مسلمان نہ آهين؟ عرض ڪيائين ها اي اللهﷻ جا رسولﷺ! تحقيق مون اسلام آندو آهي. فرمايائون توکي ڪهڙيءَ شيءَ منع ڪيو جو تون ماڻهن سان انهن جي نماز ۾ شريڪ نہ ٿئين. چيائون تہ تحقيق آئون پنهنجي گھر ۾ نماز پڙهي چڪو آهيان. آئون ڀانئي رهيو هوس تہ توهان نماز پڙهي ڇڏي آهي. ارشاد فرمايائون جڏهن تون نماز لاءِ اچين ۽ ماڻهن کي نماز پڙهندو ڏسين تہ ساڻن گڏ نماز پڙھہ جيتوڻيڪ تون پڙهي چڪو هجين اها نماز تنهنجي لاءِ نفل ۽ هوءَ نماز تنهنجي لاءِ فرض ٿيندي. (ابوداؤد)**

(1156) وعن ابن عمر رضي الله عنهما : أن رجلا سأله فقال : إني أصلي في بيتي ثم أدرك الصلاة في المسجد مع الإمام أفأصلي معه ؟ قال له : نعم قال الرجل : أيتهما أجعل صلاتي ؟ قال عمر : وذلك إليك ؟ إنما ذلك إلى الله عز وجل يجعل أيتهما شاء . رواه مالك

**ابن عمر ؓ کان روايت آهي تہ هڪ شخص ان کان مسئلو پڇيو پوءِ چيائين تہ بيشڪ آئون پنهنجي گھر ۾ نماز پڙهندو آهيان پوءِ مسجد ۾ امام سان گڏ (باجماعت) نماز لهان ٿو تہ پوءِ ڇا انهن سان گڏ نماز پڙهان؟ هن کي جواب ڏنائين تہ هائو هن شخص چيو تہ پنهنجو فرض ڪنهن**

ڪي بنايان؟ ابن عمر ﷛ فرمايو ته اهو به ڪو تنهنجي اختيار ۾آهي؟ اهو ته اللہ عزوجل جي اختيار ۾ آهي جنهن ڪي چاهي (فرض) ليڪي.

(1157) وعن سليمان مولى ميمونة قال : أتينا ابن عمر على البلاط وهم يصلون . فقلت : ألا تصلي معهم ؟ فقال : قد صليت وإني سمعت رسول الله يقول : " لا تصلوا صلاة في يوم مرتين " . رواه أحمد وأبو داود والنسائي

ميمونه جي آزاد ڪيل غلام سليمان جو بيان آهي، چوي ٿو ته اسين بلاط (نالي هنڌ) ابن عمر﷛ وٽ آياسون اتي ماڻهو نماز پڙهي رهيا هئا مون ابن عمر ﷛ کي چيو اوهان ماڻهن سان گڏ نماز ڇو نٿا پڙهو؟ چيائين ته آئون نماز پڙهي چڪو آهيان ۽ مون رسول اللهﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته هڪ ڏينهن  ڪا نماز ٻه دفعا نه پڙهو.[1] (احمد، ابوداؤد، نسائي)

(1158) وعن نافع قال : إن عبد الله بن عمر كان يقول : من صلى المغرب أو الصبح ثم أدركهما مع الإمام فلا يعد لهما . رواه مالك

نافع کان روايت آهي ته عبدالله بن عمر ﷛ چوندو هو جيڪو شخص مغرب يا صبح جي نماز پڙهي [2] ان کان پوءِ امام سان گڏ اهي ان کي ملن ته انهن کي نه موٽائي. (مالڪ)

فائده:_ اهو ابن عمر ﷛ جو پنهنجو قول آهي اها حديث نه آهي جڏهن ته مرفوع حديثن ۾عام حڪم موجود آهي ته نمازون واپس پڙهي سگهجن ٿيون ان ۾ صبح ۽ مغرب جو استثناءَ نه آهي.

# سنتن ۽ انهن جي فضيلتن جو بيان

## پهريون فصل

[1]_ هي حديث مٿي بيان ٿيل حديثن جي خلاف آهي مگر تطبيق هي آهي ته هي حديث انهن جي باري ۾ آهي جيڪي جماعت کان اڳ ۾ نماز پڙهي چڪا هجن. پهريون حديثون انهن جي باري ۾ آيون آهن جن پهرين نماز اڪيلي پرهي هجي ۽جماعت سان شامل ٿيا هجن.

[2]_ هي اصحابي جو قول آهي. مرفوع حديثن ۾ آيل آهي ته امام سان فجر نماز دوباره پڙهي تنهن ڪري انهن تي عمل ڪبو.

(1159) عن أم حبيبة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى في يوم وليلة اثنتي عشرة ركعة بني له بيت في الجنة : أربعا قبل الظهر وركعتين بعدها وركعتين بعد المغرب وركعتين بعد العشاء وركعتين قبل صلاة الفجر " . رواه الترمذي

وفي رواية لمسلم أنها قالت : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " ما من عبد مسلم يصلي لله كل يوم ثنتي عشرة ركعة تطوعا غير فريضة إلا بنى الله له بيتا في لاجنة أو إلا بني له بيت في الجنة "

**ام حبيبہ رضي الله عنها کان روايت اهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪو شخص ڏينهن ۽ رات ۾ ٻارنهن رڪعتون([1]) نفل پڙهندو الله تعالى ان لاءِ جنت ۾ هڪ گهر ناهيندو چار ظهر جي فرض کان اڳ، ٻہ رڪعتون ان کانپوءِ ۽ ٻہ رڪعتون مغرب جي فرض کان پوءِ ۽ ٻہ رڪعتون عشاء جي فرض کان پوءِ ۽ ٻہ رڪعتون صبح جي فرض کان پهريائين (ترمذي)**

**۽ مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي تہ پاڻ فرمائي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي ڪوبہ مسلمان ٻانهو الله تعالى لاءِ هر روز ٻارنهن رڪعتون نفل بغير فرض جي پڙهندو تہ الله تعالى ان لاءِ جنت ۾ هڪ گهر ناهيندو_ يا (فرمايائون) ان لاءِ جنت ۾ هڪ گهر ناهيو ويندو.**

(1160) وعن ابن عمر قال : صليت مع رسول الله صلى الله عليه وسلم ركعتين قبل الظهر وركعتين بعدها وركعتين بعد المغرب في بيته وركعتين بعد العشاء في بيته قال : وحدثتني حفصة : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يصلي ركعتين خفيفتين حين يطلع الفجر "

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ فرمائي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ سان گڏ ٻہ رڪعتون ظهر جي فرض کان پهريائين (سنت) پڙهيون ([2]) ۽ ٻہ رڪعتون ان کان بعد ۽ ٻہ رڪعتون مغرب کان بعد سندن گهر ۾ ۽ ٻہ رڪعتون عشاء کان بعد سندن گهر ۾_ فرمائي ٿو تہ مون کي (ام المؤمنين) حفصہ رضي الله عنها ٻڌايو تہ رسول الله ﷺ جن ٻہ هلڪيون رڪعتون فجر ٿيڻ کان پوءِ ادا فرمائيندا هئا. (بخاري مسلم)**

(1161) وعن ابن عمر قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم لا يصلي بعد الجمعة حتى ينصرف فيصلي ركعتين في بيته

---

[1]_سنتون ٻن قسمن جون آهن هڪڙيون مؤڪد، ٻيون غير مؤڪد_ مؤڪد انهن کي چئبو آ‌ي جيڪي حضور ﷺ جن هميشہ پڙهيون هجن ۽ غير مؤڪد اهي آهن جيڪي حضور ﷺ جن ڪڏهن پڙهيون هجن ۽ ڪڏهن ڇڏيون هجن جهروڪ وچين نماز کان اڳ واريون سنتون وغيره.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ اڳين نماز کان اڳ _ رڪعتون بہ آيل آهن نمازي کي اختيار آهي تہ 2_ پڙهي يا چار پڙهي جيڪڏهن چار پڙهي تہ ٻن سلامن سان پڙهي. امام احمد ۽ ترمذي علي رضي الله عنه کان انهيءَ طرح روايت ڪئي آهي. هڪ سلام سان پڙهيائين تہ بہ جائز آهي.

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جمعي جي (فرض) کان بعد (سنت_ نفل) نماز نہ پڙهندا هئا تانجو (گهر) موٽن. پوءِ پنهنجي گهر ۾ ٻہ رڪعتون پرهندا هئا[1] (بخاري مسلم)**

(1162) وعن عبد الله بن شقيق قال : سألت عائشة عن صلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم عن تطوعه فقالت : كان يصلي في بيتي قبل الظهر أربعا ثم يخرج فيصلي بالناس ثم يدخل فيصلي ركعتين وكان يصلي بالناس المغرب ثم يدخل فيصلي ركعتين ويصلي بالناس العشاء ويدخل بيتي فيصلي ركعتين وكان يصلي من الليل تسع ركعات فيهن الوتر وكان يصلي ليلا طويلا قائما وليلا طويلا قاعدا وكان إذا قرأ وهو قائم ركع وسجد وهو قائم وإذا قرأ قاعدا ركع وسجد وهو قاعد وكان إذا طلع الفجر صلى ركعتين . رواه مسلم . وزاد أبو داود : ثم يخرج فيصلي بالناس صلاة الفجر

**عبدالله بن شقيق چوي ٿو تہ مون عائشہ ﷺ کان رسول اللهﷺ جي نفلي نماز بابت پڇيو. چيائين تہ ظهر (فرض) کان اڳ چار رڪعتون پڙهندا هئا. ان کان پوءِ (مسجد ڏانهن) نڪرندا ۽ ماڻهن کي نماز پڙهائيندا هئا. پوءِ (گهر) ايندا هئا تہ ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا ۽ ماڻهن کي مغرب پڙهائيندا پوءِ (گهر ۾) داخل ٿيندا هئا تہ ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا ان کان بعد ماڻهن کي عشاء نماز پڙهائيندا هئا ۽ منهنجي گهر ۾ داخل ٿيندا هئا تہ ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا ۽ رات جو نو رڪعتون پڙهندا هئا. ان ۾ وتر بہ هوندو هو[2] ۽ رات جو گهڻي دير تائين بيهي نماز پڙهندا هئا ۽ گهر دير تائين ويهي نماز پڙهندا هئا ۽ گهڻي دير تائين ويهي نماز پڙهندا هئا. ۽ جڏهن بيهي قرائت ڪندا تہ رڪوع ۽ سجده بيٺل حالت ۾ ڪندا هئا ۽ جڏهن ويهي قرائت فرمائيندا هئا تہ ويهي رڪوع ۽ سجده ڪندا هئا ۽ جڏهن صبح صادق ٿيندي هئي تہ ٻہ رڪعتون (فجر جون سنتون) ادا ڪندا هئا (مسلم) ۽ ابو دائود ۾ هي الفاظ زياده آهن: پوءِ پاڻ سڳوراﷺ ٻاهر نڪرندا هئا ۽ ماڻهن کي نماز پڙهائيندا هئا.**

(1163) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : لم يكن النبي صلى الله عليه وسلم على شيء من النوافل أشد تعاهدا منه على ركعتي الفجر

**عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ فرمائي ٿي تہ نبي ﷺ جن نفلن مان صبح جي ٻن رڪعتن کان وڌيڪ ڪنهن تي بہ ايترو زياده اهتمام نہ ڪندا هئا [3] (بخاري_مسلم)**

[1]_ جمعہ نماز کان اڳ ٻہ رڪعتون پڙهڻ گهرجن پوءِ جيڪڏهن مسجد ۾ سي پڙهي تہ چار رڪعتون پڙهي ۽ جيڪڏهن گهر ۾ پڙهي تہ 2_ رڪعتون پڙهي.

[2]_ رات جي نماز بابت کان مختلف روايتون آيل آهن ڪن ۾ 7_ڪن ۾، 9_ڪن ۾، 11_ڪن ۾، 13_ رڪعتون بہ آيل هن سيني ۾ وتر شامل هو.

[3]_ يعني ايتري قدر جو اها نماز نڪي سفر ۾ ڇڏيائون ۽ نڪي حضر ۾ ڇڏيائون.

(1164) وعنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ركعتا الفجر خير من الدنيا وما فيها " .

رواه مسلم

**عائشہ ﵂ کان روايت آهي رسول الله ﷺ فرمايو:صبح جون ٻہ رڪعتون دنيا ۽ جيڪو ان ۾ آهي ان کان بهتر آهن [1] (مسلم)**

(1165) وعن عبد الله بن مغفل قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلوا قبل صلاة المغرب ركعتين صلوا قبل صلاة المغرب ركعتين " . قال في الثالثة : " لمن شاء " . كراهية أن يتخذها الناس سنة

**عبدالله بن مغفل ﵁ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن فرمايو مغرب (فرض) کان اڳ ٻہ رڪعتون (نفل) پڙهو، مغرب (فرض) کان اڳ ٻہ رڪعتون (نفل) پڙهو. ٽئين دفعي فرمايائون: جنهن کي وڻي. (ان ڳالھ کي) ناپسند ڪندي تہ متان ماڻهو ان کي سنت بڻائين [2] (بخاري مسلم)**

(1166) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من كان منكم مصليا بعد الجمعة فليصل أربعا " . رواه مسلم

وفي أخرى له قال : " إذا صلى أحدكم الجمعة فليصل بعدها أربعا "

**ابو هريره﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪو شخص توهان مان جمعي کان بعد (نفل نماز) پڙهي ان کي گهرجي تہ چار رڪعتون پڙهي (مسلم) ۽ ان جي ٻي روايت ۾ آهي پاڻ فرمايائون: جڏهن توهان مان ڪو جمعي کان پوءِ (سنت يا نفل) پڙهي تہ ان کان پوءِ چار رڪعتون پڙهي.**

## ٻيو فصل

(1167) عن أم حبيبة قالت : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " من حافظ على أربع ركعات قبل الظهر وأربع بعدها حرمه الله على النار " . رواه أحمد والترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه

---

[1] _ يعني دنيا جون سڀ شيون خيرات ڪرڻ سان ايترو ثواب ملندو جيترو فجر نماز ۾ سنت پڙهڻ ۾ ثواب ملي ٿو.

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ سانجهي نماز جي بانگ ۽ فرض جي وچ ۾ 2_ رڪعتون پڙهڻ مستحب آهي صحابہ ڪرام گهڻي انداز ۾ انهن رڪعتن کي پڙهندا هوا جيئن غير ماڻهو جيڪي پوءِ ايندا هوا سي سمجهندا هئا تہ شايد فرضي نماز پڙهجي چڪي آهي ۽ ماڻهو پويون سنتون پيا پڙهن.

**ام حبيبہ ﷞ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو جيڪو شخص پابنديءَ سان ظهر (فرض) کان اڳ چار ۽ ان کان بعد چار رڪعتون پڙهندو ﷻ تعاليٰ ان تي باهہ کي حرام ڪندو[1] (احمد، ترمذي، ابودائود، نسائي، ابن ماجه)**

(1168) وعن أبي أيوب الأنصاري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أربع قبل الظهر ليس فيهن تسليم تفتح لهن أبواب السماء " . رواه أبو داود وابن ماجه

**ابو ايوب انصاري ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ظهر کان اڳ چار رڪعتون جن جي وچ ۾ سلام ڦيرڻ نہ هجي انهن سان آسمان جا دروازا کوليا وڃن ٿا (ابوداؤد، ابن ماجه)**

**فائده:_ حديث ۾ رواي عبيد ضعيف آهي (مشڪواة_الباني ص 367ج1)**

(1169) وعن عبد الله بن السائب قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي أربعا بعد أن تزول الشمس قبل الظهر وقال : " إنها ساعة تفتح فيها أبواب السماء فأحب أن يصعد لي فيها عمل صالح " . رواه الترمذي

**عبدالله بن سائب ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ظهر (فرض) کان اڳ، سج لڙڻ کان پهريائين[2] چار رڪعتون پڙهندا هئا. ۽ فرمايائون تہ اها گهڙي اهڙي آهي جنهن ۾ آسمان جا دروازه کوليا وڃن ٿا ان ڪري آئون پسند ڪريان ٿو تہ ان گهڙيءَ ۾ منهنجو ڪو نيڪ عمل مٿي چڙهي. (ترمذي)**

(1170) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " رحم الله امرءا صلى قبل العصر أربعا " . رواه أحمد والترمذي

**ابن عمر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ﷲ تعاليٰ ان ماڻهوءَ تي رحم ڪري جيڪو عصر جي (فرض کان اڳ) چار رڪعتون[3] (نفل) پڙهي. (احمد، ترمذي)**

(1171) وعن علي رضي الله عنه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي قبل العصر أربع ركعات يفصل بينهن بالتسليم على الملائكة المقربين ومن تبعهم من المسلمين والمؤمنين " . رواه الترمذي

---

[1]_ يعني اهو ماڻهو هميشه باهہ ۾ نہ رهندو.

[2]_ هن کي زوال نماز چيو ويندو آهي.

[3]_ هي چار رڪعتون بالاتفاق مستحب سنت آهن وچ ۾ سلام ورائبو جيئن هيٺين روايتن ۾ آيل آهي.

علي ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن عصر (فرض کان اڳ) چار رڪعتون پڙهندا هئا وچ ۾ سلام ڦيريندا (يعني) مقرب فرشتن ۽ انهن جي پيروڪار مسلمانن ۽ مؤمنن تي سلام ڪندا هئا. (ترمذي)

(1172) وعن علي رضي الله عنه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي قبل العصر ركعتين . رواه أبو داود

علي ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن عصر کان اڳ بہ رڪعتون ([1]) (نفل) ادا ڪندا هئا. (ابو داؤد)

(1173) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى بعد المغرب ست ركعات لم يتكلم فيما بينهن بسوء عدلن له بعبادة ثنتي عشرة سنة " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب لا نعرفه إلا من حديث عمر بن أبي خثعم وسمعت محمد بن إسماعيل يقول : هو منكر الحديث وضعفه جدا

ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن مغرب کان پوءِ ڇهہ رڪعتون پڙهيون (اهڙيءَ طرح جو) انهن جي وچ ۾ ڪا خراب ڳالهہ نہ ڪيائين تہ اهي ان جي لاءِ ٻارهن سالن جي عبادت جي برابر ٿينديون (ترمذي) چيائين تہ اها حديث تمام غريب آهي ۽ ان ۾ راوي عمر بن ابي خثعم منڪر الحديث ۽ سخت ضعيف آهي.

(1174) وعن عائشة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى بعد المغرب عشرين ركعة بنى الله له بيتا في الجنة " . رواه الترمذي

عائشہﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جنهن مغرب کان بعد ويهہ رڪعتون پڙهيون الله تعاليٰ ان لاءِ جنت ۾ گهر ٺاهيندو (ترمذي)

فائده:_ حديث جي سند ۾ يعقوب بن وليد مدني راوي ڪوڙو آهي (مشڪواة_الباني ص368ج1)

(1175) وعنها قالت : ما صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم العشاء قط فدخل علي إلا صلى أربع ركعات أو ست ركعات . رواه أبو داود

عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن جڏهن بہ عشاء پڙهي، مون وٽ آيا، ان کان پوءِ چار يا ڇهہ رڪعتون (ضرور نفل) پڙهيائون. (ابوداؤد)

[1] _ وچين نماز کان اڳ 2_ رڪعتون سنت ۾ آيل آهن مگر چار پڙهڻ بهتر آهي.

فائده:_ حديث جي سند ۾مقاتل بن بشير عجلي راوي غير معروف آهي (مشڪواة_ الباني ص368ج1)

(1176) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إدبار النجوم الركعتان قبل الفجر وأدبار السجود الركعتان بعد المغرب " . رواه الترمذي

**ابن عباس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ادبارالنجوم مان (مراد) صبح کان پهرين ٻہ رکعتون ۽ ادبارالسجود مان مراد مغرب کان بعد ٻہ رکعتون آهن (ترمذي)**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ رشيد بن ڪريب راوي ضعيف آهي (مشڪواة_ الباني ص369ج1)**

## ٽيون فصل

(1177) عن عمر رضي الله عنه قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " أربع ركعات قبل الظهر بعد الزوال تحسب بمثلهن في صلاة السحر . وما من شيء إلا وهو يسبح الله تلك الساعة ثم قرأ : ( يتفيأ ظلاله عن اليمين والشمائل سجدا له وهم داخرون )

رواه الترمذي والبيهقي في شعب الإيمان

**عمر ﷛ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو: ظهر کان اڳ زوال يعني سج لڙڻ کان بعد چار رکعتون ، تهجد جي چئن رکعتن برابر شمار ڪيون وينديون آهن. انهيءَ وقت هر شيءِ الله تعاليٰ جي ساراهہ ڪندي آهي ان کان بعد پاڻ هيءَ آيت تلاوت ڪيائون ترجمو: انهن جا پاڇا ساڄي کان (کاٻي) ۽ کاٻي کان (ساڄي) موٽندا رهن ٿا يعني الله تعاليٰ جي آڏو عاجز ٿي سجدي ۾ ڪري پون ٿا (ترمذي، بيهقي شعب الايمان)**

(1178) وعن عائشة قالت : ما ترك رسول الله صلى الله عليه وسلم ركعتين بعد العصر عندي قط

وفي رواية للبخاري قالت : والذي ذهب به ما تركهما حتى لقي الله

**عائشہ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ڪڏهن بہ عصر کان پوءِ مون وٽ ٻہ رکعتون نہ ڇڏيو([1]) (بخاري مسلم) ۽ بخاري جي هڪ روايت ۾ آهي. فرمائي ٿي پاڻ اهي ٻہ رکعتون نہ ڇڏيائون تانجو الله سان وڃي مليا.**

---

[1]_ اهي 2_ رکعتون اڳين نماز کان پوءِ وارين ٻن رکعتن جي عيوض ۾ آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪين اسلامي احڪام ۾ صدقہ جي ورهائڻ جي ڪري ٻاهرين وفدن سان گفتگو ڪرڻ سبب فرصت ڪانہ هوندي هئي. هن ۾ انهن ماڻهن

(1179) وعن المختار بن فلفل قال : سألت أنس بن مالك عن التطوع بعد العصر فقال : كان عمر يضرب الأيدي على صلاة بعد العصر وكنا نصلي على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم ركعتين بعد غروب الشمس قبل صلاة المغرب فقلت له : أكان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصليهما ؟ قال : كان يرانا نصليهما فلم يأمرنا ولم ينهنا . رواه مسلم

**مختار بن فلفل جو بيان آهي تہ مون انس ﷛ کان عصر کان پوءِ نفل نماز بابت پڇيو. چيائين تہ عمر ﷛ کان بعد نماز پڙهڻ تي هٿن تي ماريندو هو ۽ اسين رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ سج لهڻ کان بعد يعني مغرب کان اڳ ٻہ رڪعتون پڙهندا هئاسون. مون عرض ڪيو ڇا رسول الله ﷺ جن اهي ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا؟ چيائين پڙهندي ڏسندا هئا پوءِ ان جو نہ اسان ڪي حڪم ڪندا هئا ۽ نہ ان کان[1] روڪيندا هئا. (مسلم)**

(1180) وعن أنس قال : كنا بالمدينة فإذا أذن المؤذن لصلاة المغرب ابتدروا السواري فركعوا ركعتين حتى إن الرجل الغريب ليدخل المسجد فيحسب أن الصلاة قد صليت من كثرة من يصليهما . رواه مسلم

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ اسين مديني ۾ هوندا هئاسون پوءِ جڏهن مغرب نماز لاءِ مؤذن اذان ڏيندو هو (ماڻهو) مسجد جي ٿنڀن ڏانهن جلدي ڪندا هئا، پوءِ ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا تانجو ڪو اجنبي ماڻهو مسجد ۾ داخل ٿيندو هو تہ ڀائيندو هو تہ نماز پڙهي وئي آهي جو اهي ٻہ رڪعتون اڪثر ماڻهو پڙهندي (نظر ايندا) هئا. (مسلم)[2]**

(1181) وعن مرثد بن عبد الله قال : أتيت عقبة الجهني فقلت : ألا أعجبك من أبي تميم يركع ركعتين قبل صلاة المغرب ؟ فقال عقبة : إنا كنا نفعله على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم . قلت : فما يمنعك الآن ؟ قال : الشغل . رواه البخاري

**مرثد بن عبدالله جو بيان آهي تہ آئون عقبہ جهنيءَ وٽ آيس. مون چيو تہ ڇا اوهان کي ابوتميم جي عجب واري ڳالهہ ٻڌايان؟ جيڪو مغرب کان اڳ ٻہ رڪعتون پڙهندو آهي! عقبہ ﷛ چيو تہ اسين ائين رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ ڪندا هئاسون. مون چيو تہ هاڻي ڪهڙي ڳالهہ اوهان کي ان کان منع ڪري ٿي؟ چيائين تہ مشغوليت (بخاري)**

---

جو رد آحي جيڪي چوندا آهن تہ سنت قضا نہ ڪجي ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ مڪروه وقت ۾ سنت قضا ڪرڻ جائز آهي جيڪي چون ٿا تہ اها سنت حضور ﷺ جن جو خاصہ هئي سا ڳالهہ غلط آهي.

[1] _ هن حديث مان ﷺ جي تقرير ثابت ٿي ۽ سانجهي کان اڳ، 2_رڪعتن پڙهڻ جو استحباب بہ ثابت ٿيو.

[2] _ هن حديث مان سانجهي نماز کان اڳ ٻن رڪعتن جو پڙهڻ مستحب معلوم ٿئي ٿو.

(1182) وعن كعب بن عجرة قال : إن النبي صلى الله عليه وسلم أتى مسجد بني عبد الأشهل فصلى فيه المغرب فلما قضوا صلاتهم رآهم يسبحون بعدها فقال : " هذه صلاة البيوت " . رواه أبو داود وفي رواية الترمذي والنسائي قام ناس يتنفلون فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " عليكم بهذه الصلاة في البيوت "

**كعب بن عجره ﷛ كان روايت آهي تہ نبيﷺ جن مسجد بني عبد اشهل ۾ آيا. پوءِ ان ۾ مغرب پڙهايائون جڏهن پنهنجي نماز پوري ڪيائون تہ ڪين ڏٺائون تہ ان ڪان بعد نفل پڙهي رهيا آهن.[1] پاڻ فرمايائون اها گهرن جي نماز آهي. (ابوداؤد) ۽ ترمذي ۽ نسائي جي هڪ روايت ۾ آهي ماڻهو اٿي بيهي نفل پڙهڻ لڳا پاڻ ارشاد فرمايائون اها نماز گهر ۾ پڙهندا ڪريو.**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ راوي اسحاق بن ڪعب بن عجره مجهول حال آهي. (مشڪواة_الباني ص370ج1)**

(1183) وعن ابن عباس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يطيل القراءة في الركعتين بعد المغرب حتى يتفرق أهل المسجد . رواه أبو داود

**ابن عباس ﷛ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن مغرب[2] ڪان بعد جي پهرين بن رڪعتن ۾ قرائت ڊگهي[3] ڪندا هئا، تانجو مسجد جا ماڻهو هيڏي هوڏي هليا ويندا هئا (ابو داؤد )**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ جعفر بن ابي المغيره قوي نہ آهي. (مشڪواة_الباني ص 371 ج1)**

(1184) وعن مكحول يبلغ به أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " من صلى بعد المغرب قبل أن يتكلم ركعتين وفي رواية أربع ركعات رفعت صلاته في عليين " . مرسلا

**مڪحول (تابعي حديث ڪي) رسول اللهﷺ تائين پهچائي بيان ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايو اٿن: جيڪو مغرب ڪان بعد ڪلام ڪرڻ ڪان اڳ بہ رڪعتون ادا ڪري_ ۽ هڪ روايت ۾ آهي چار رڪعتون ادا ڪري ان جي نماز عليين[4] ۾ بلند ڪئي وڃي ٿي(حديث مرسل آهي)**

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ سنتون گهر پڙهڻ افضل آهي. امام مالڪؒ ۽ ثوريؒ چون ٿا تہ نفل ڏينهن جو مسجد ۾ ۽ رات جو گهر ۾ پڙهڻ افضل آهي. مگر هڪ جماعت سلف جي چوي ٿي تہ گهر ۾ هر صورت ۾ نفل نماز پڙهڻ افضل آهي ۽ حديث ۾ آيل آهي تہ فرض نماز ڪان سواءِ ٻي سڀ نماز گهر ۾ پڙهڻ افضل آهي ۽ حضورﷺ جن جو ارشاد عام آهي انهيءَ ڪري هميشه سڀ سنتون مسجد ۾ پڙهڻ بدعت ڪان خالي نہ آهن.

[2] _ ۽ هيئن بہ ثابت آهي تہ حضورﷺ جن ﴿قُلْ يَآ اَيُّهَاالْكَافِرُوْنَ ۽ قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ﴾ بہ انهن ٻن رڪعتن ۾ پڙهندا هئا.

[3] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضورﷺجن مسجد ۾ بہ سانجهي جي سنت پڙهندا هئا ائين يا تہ ڪنهن عذر جي ڪري ڪيو اٿن يا ائين بہ جائز نهرايو اٿن.

[4] _ عليين ستين آسمان تي هڪ مڪان آهي جنهن ۾ مؤمنن جا روح رهن ٿا ۽ سنن اعمال بہ اتي لکيا وڃن ٿا.

(1185) وعن حذيفة نحوه وزاد فكان يقول : " عجلوا الركعتين بعد المغرب فإنهما ترفعان مع المكتوبة " رواهما رزين وروى البيهقي الزيادة عنه نحوها في شعب الإيمان

**حذيفه ﷺ كان ساڳي حديث آهي، ان ۾ هي زياده آهي تہ پاڻ فرمائيندا هئا. مغرب كان پوءِ بہ ركعتون ادا كرڻ ۾ جلدي كريو[1] ڇاكاڻ تہ اهي فرض نماز سان گڏ مٿي موكليون وڃن ٿيون. (رزين) پڻ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حذيفه كان اهڙي طرح الفاظ زياده كيا آهن.**

**فائده:_ محمد بن نضر مروزي هن حديث كي قيام الليل ۾ ذكر كيو آهي. سند ۾راوي ابو صالح كاتب الليث ضعيف آهي. (مشكواة _الباني ص 371 ج1)**

(1186) وعن عمرو بن عطاء قال : إن نافع بن جبير أرسله إلى السائب يسأله عن شيء رآه منه معاوية في الصلاة فقال : نعم صليت معه الجمعة في المقصورة فلما سلم الإمام قمت في مقامي فصليت فلما دخل أرسل إلي فقال : لا تعد لما فعلت إذا صليت الجمعة فلا تصلها بصلاة حتى تكلم أوتخرج فإن رسول الله صلى الله عليه وسلم أمرنا بذلك أن لا نوصل بصلاة حتى نتكلم أو نخرج . رواه مسلم

**عمرو بن عطاءَ جو بيان آهي، ان كي نافع بن جبير عطاءَ بن سائب ﷺ ڏانهن موكليو تہ جيئن ان كان ان ڳالهہ بابت سوال كري جيكا نماز ۾ كندي ان كي معاويہ ﷺ ڏٺو هو. چيائين تہ هائو! مون ان سان گڏ جمعي جي نماز مقصوره (حاكم جي مخصوص جڳهہ) ۾ ادا كئي. جڏهن امام سلام ڦيرايو تہ آئون پنهنجي جڳهہ تي اٿي بيهي ۽ سنتون ادا كيون. معاويہ ﷺ پنهنجي گهر ويو ۽ مون ڏانهن پيغام موكليائين تہ ٻيهر ائين نہ كجانءِ. جڏهن جمعي جي نماز ادا كرين تہ ان سان نفل نہ ملاءِ جيستائين كا ڳالهہ نہ كرين يا مسجد كان ٻاهر نہ نكرين ڇاكاڻ تہ رسول الله ﷺ جن اسان كي اهو حكم ڏنو آهي تہ اسين جمعي جي نماز سان نفل نہ ملايون [2] تانجو (وچ ۾) ڳالهايون يا (مسجدكان) ٻاهر نكرون. (مسلم)**

(1187) وعن عطاء قال : كان ابن عمر إذا صلى الجمعة بمكة تقدم فصلى ركعتين ثم يتقدم فيصلي أربعا وإذا كان بالمدينة صلى الجمعة ثم رجع إلى بيته فصلى ركعتين ولم يصل في المسجد فقيل له . فقال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يفعله )

---

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڏسيل وظيفا ۽ دعائون پڙهڻ كان سنت جلدي پڙهڻ گهرجي ۽ هيئن نہ سمجهڻ گهرجي تہ نكي گهر وڃجي نكي اهي دعائون پڙهجن ۽ يكدم سنت كي فرض سان ملائي پڙهجي ڇاكاڻ تہ ائين كرڻ حضور ﷺ ۽ اصحابن كرام جي عمل جي خلاف آهي.

[2]_هي مثال طور آهي ڇاكاڻ تہ جمعي كان سواءِ ٻين نمازن جو بہ ساڳيو حكم آهي يعني سنتن ۽ فرضن ۾ فرق ضرور كرڻو آهي.

رواه أبو داود وفي رواية الترمذي قال : ( رأيت ابن عمر صلى بعد الجمعة ركعتين ثم صلى بعد ذلك أربعا )

**عطاءَ بيان ڪري ٿو تہ جڏهن ابن عمر ﷛ مڪه شريف ۾جمعي جي نماز پڙهندو هو تہ اڳتي ٿي ٻہ رڪعتون ادا ڪندو هو، ان ڪان پوءِ اڳتي ٿي چار رڪعتون[1]ادا ڪندو هو ۽ جڏهن مدينه ۾ جمعي جي نماز ادا ڪندو هو تہ واپس اچي ٻہ رڪعتون پڙهندو هو. ان ڪان پوءِ ان جو سبب پڇيو ويو. جواب ڏنائين تہ رسول الله ﷺ جن اهڙيءَ طرح فرمائيندا هئا (ابوداؤد) ۽ ترمذي جي روايت ۾ آهي، چوي ٿو تہ مون ابن عمر ﷛ کي جمعي (جي فرض) ڪان بعد ٻہ رڪعتون پڙهندي ڏٺو ان ڪان بعد چار رڪعتون پڙهيائين.**

# تهجد جو بيان

## پهريون فصل

(1188) عن عائشة رضي الله عنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يصلي فيما بين أن يفرغ من صلاة العشاء إلى الفجر إحدى عشرة ركعة يسلم من كل ركعتين ويوتر بواحدة فيسجد السجدة من ذلك قدر ما يقرأ أحدكم خمسين آية قبل أن يرفع رأسه فإذا سكت المؤذن من صلاة الفجر وتبين له الفجر قام فركع ركعتين خفيفتين ثم اضطجع على شقه الأيمن حتى يأتيه المؤذن للإقامة فيخرج

**عائشه ﷝ ڪان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن عشاء جي نماز ڪان واندو ٿيڻ ڪان بعد صبح نماز تائين يارنهن رڪعتون پڙهندا هئا هر ٻن رڪعتن ڪان بعد سلام[2] ڦيرائيندا هئا ۽ هڪ رڪعت وتر پڙهندا هئا[3] ان ۾ سجدي ڪڻ ڪان اڳ ايتري قدر (قرائت ڪندا هئا) جيتري قدر توهان مان ڪو پنجاهہ آيتون پڙهي ۽ جڏهن مؤذن فجر جي نماز لاءِ اذان ڏئي خاموش ٿيندو هو ۽ صبح صادق روشن ٿيندي هئي تہ پاڻ ٻہ ننڍيون رڪعتون پڙهندا هئا. ان ڪان بعد ساڄي طرف ليٽي پوندا هئا[4] تانجو مؤذن تڪبير (چوڻ جي اجازت وٺڻ) لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ايندو هو. پاڻ (مسجد ڏانهن) نڪرندا هئا. (بخاري مسلم)**

---

[1] _ مڪي ۽ مدينه ۾ فرق ڪرڻ جو هي سبب هو تہ عبدالله بن عمر ﷛ جو گهر مدينه ۾مسجد کي ويجهو هو انهيءَ ڪري سنتون وڃي گهر پڙهندو هو ۽ مڪي ۾ مسافر هوندو هو ۽ رهڻ جو مڪان حرم شريف ڪان پري هو انهيءَ ڪري ڪجهه اڳتي وڃي پوءِ سنت شروع ڪندو هو.

[2] _ٻن رڪعتن ڪان پوءِ سلام ورائڻ افضل آهي ۽ ٽن امامن جو اهو مذهب آهي امام ابو حنيفه فرمائي ٿو تہ چئن رڪعتن ڪان پوءِ سلام ورائڻ افضل آهي.

[3] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ وتر گهٽ ۾ گهٽ هڪ رڪعت آهي ڪي حنفي هڪ رڪعت جي منع " هڪ حديث نقل ڪن ٿا مگر اها حديث صحيح نہ آهي ۽ هن صحيح حديث جو مقابلو نہ ٿي ڪري سگهي.

[4] _ سنت پڙهڻ ڪان پوءِ سڄي پاسي پر ليٽڻ مسنون ۽ مستحب آهي. امام شافعي جو بہ اهوئي مذهب آهي. ڪي چون ٿا تہ واجب آهي. مگر وجوب جو ڪوبہ دليل ڪونہ آهي. ۽ ڪي چون ٿا تہ ائين ڪرڻ بدعت آهي يا مڪروه آهي مگر اهو قول بلڪ غلط آهي.

(1189) وعنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا صلى ركعتي الفجر فإن كنت مستيقظة حدثني وإلا اضطجع . رواه مسلم

**عائشہ ﵂ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جڏهن فجر جون بہ رڪعتون پڙهندا هئا تہ جيڪڏهن آئون جاڳندي هئس تہ مون سان ڳالهائيندا هئا. ([1]) ۽ نہ تہ ليٽي پوندا هئا (مسلم)**

(1190) وعنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا صلى ركعتي الفجر اضطجع على شقه الأيمن "

**عائشہ ﵂ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جڏهن صبح جون بہ رڪعتون (سنت) پڙهندا هئا تہ پنهنجي ساڄي پاسي ليٽي پوندا هئا. (بخاري مسلم)**

(1191) وعنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم يصلي من الليل ثلاث عشرة ركعة منها الوتر وركعتا الفجر . رواه مسلم

**عائشہ ﵂ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن رات جي نماز تيرنهن رڪعتون ([2]) پڙهندا هئا جنهن ۾ وتر ۽ فجر جون بہ رڪعتون (سنت) هوندي هئي. (مسلم)**

(1192) وعن مسروق قال : سألت عائشة عن صلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم بالليل . فقالت : سبع وتسع وإحدى عشر ركعة سوى ركعتي الفجر . رواه البخاري

**مسروق چوي ٿو، مون عائشہ ﵂ کان رسول الله ﷺ جن جي رات جي نماز (تهجد) بابت پڇيو: چيائين تہ اهي ست ۽ نو ۽ يارنهن رڪعتون صبح جي ٻن رڪعتن سنتن کان سواءِ هونديون هيون (بخاري)**

(1193) وعن عائشة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا قام من الليل ليصلي افتتح صلاته بركعتين خفيفتين . رواه مسلم

**عائشہ ﵂ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جڏهن رات جو نماز لاءِ اٿندا هئا تہ شروعات ٻن هلڪين رڪعتن سان ڪندا هئا. (مسلم)**

(1194) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قام أحدكم من الليل فليفتح الصلاة بركعتين خفيفتين . رواه مسلم

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو تہ سنت کانپوءِ ڳالهيون ڪرڻ جائز آهن ۽ اهو جمهور جو مذهب آهي.
[2] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ رات جي نماز ۾ 31_رڪعتون جن روايت ۾ بيان ٿيل آهن انهن ۾ فجر واريون بہ رڪعتون سنت گڏيل آهن.

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو رات جو (تهجد لاءِ) اٿي تہ ٻن هلڪين رڪعتن سان شروعات ڪري. (مسلم)**

(1195) وعن ابن عباس قال : بت عند خالتي ميمونة ليلة والنبي صلى الله عليه وسلم عندها فتحدث رسول الله صلى الله عليه وسلم مع أهله ساعة ثم رقد فلما كان ثلث الليل الآخر أو بعضه قعد فنظر إلى السماء فقرأ : ( إن في خلق السماوات والأرض واختلاف الليل والنهار لآيات لأولي الألباب " حتى ختم السورة ثم قام إلى القربة فأطلق شناقها ثم صب في الجفنة ثم توضأ وضوءا حسنا بين الوضوءين لم يكثر وقد أبلغ فقام فصلى فقمت وتوضأت فقمت عن يساره فأخذ بأذني فأدارني عن يمينه فتتامت صلاته ثلاث عشرة ركعة ثم اضطجع فنام حتى نفخ وكان إذا نام نفخ فآذنه بلال بالصلاة فصلى ولم يتوضأ وكان في دعائه : " اللهم اجعل في قلبي نورا وفي بصري نورا وفي سمعي نورا وعن يميني نورا وعن يساري نورا وفوقي نورا وتحتي نورا وأمامي نورا وخلفي نورا واجعل لي نورا " وزاد بعضهم : " وفي لساني نورا " وذكر : " وعصبي ولحمي ودمي وشعري وبشري )

وفي رواية لهما : " واجعل في نفسي نورا وأعظم لي نورا " وفي أخرى لمسلم : " اللهم أعطني نورا "

**ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون پنهنجي ماسي ميمونہ وٽ رات گذاري. نبي ﷺ جن ان وٽ هئا ڪجهہ گهڙي رسول الله ﷺ جن پنهنجي گهر وارن سان ڳالهائيندا رهيا پوءِ سمهي پيا. ([1]) پوءِ جڏهن رات جو آخري ٽيون حصو يا رات جو ڪجهہ حصو گذريو تہ (اٿي) ويٺا. پوءِ آسمان ڏانهن نهاريائون ۽ هيءَ آيت پڙهيائون. (ترجمہ) تحقيق آسمان ۽ زمين جي خلقت ۽ رات ۽ ڏينهن جي اچ وڃ ۾ عقلمندن لاءِ يقيناً نشانيون آهن تانجو سورت ختم ڪيائون. ([2]) پوءِ پاڻ هڪ مشڪ ڏانهن اٿيا (ان جي منهن جو) ڌاڳو کوليائون ۽ ٽب ۾ پاڻي وڌائون ۽ وچولو وضو ڪيائون يعني زياده پاڻي استعمال نہ ڪيائون ۽ وضو بہ چڱي طرح ڪيائون پوءِ نماز لاءِ قيام ڪيائون. آئون بہ وضو ڪري سندن کابي طرف اٿي بيٺس. پاڻ منهنجو ڪن پڪڙي، گهمائي ساڄي طرف آندائون سندن نفل جون تيرهن رڪعتون پوريون ٿيون تہ سمهي پيا ۽ ننڊ ڪيائون تانجو گوگهرا هڻڻ لڳا. جڏهن سمهندا هئا تہ گوگهرا هڻندا هئا. ان کان بعد بلال رضي الله عنه کين (فجر) نماز جو اطلاع ڏنو. پاڻ نماز جي امامت فرمايائون، (پر) وضو نہ ڪيائون ۽ هيءَ دعا گهريائون (ترجمہ) اي الله! منهنجي دل ۾ نور پيدا فرماءِ منهنجي اکين ۾ نور پيدا فرماءِ منهنجي ڪنن ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي ساڄي، کابي ۽ منهنجي مٿان ۽ منهنجي هيٺان ۽ مون کي نور عطا فرماءِ_ هن هي الفاظ زياده ڪيا آهن: منهنجي زبان کي نور عطا ڪر ۽ ڪن بيان ڪيو آهي تہ (فرمايائون) منهنجا اعصاب، منهنجو رت، منهنجا وار، منهنجو بدن منور فرماءِ (بخاري_مسلم) ۽**

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ عشاء نماز کان پوءِ پنهنجي گهر وارن سان حسن معاشرت جون ڳالهيون ڪرڻ جائز آهن.

[2] _ جاڳڻ وقت سورة آل عمران جو پويون رڪوع پڙهڻ مسنون آهي.

**شيخين جي هڪ روايت ۾ آهي: ۽ منهنجي نفس ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي نور کي عظيم فرماءِ ۽ مسلم جي ٻي روايت ۾ آهي ته اي الله! مون کي نور عطا فرماءِ.**

(1196) وعنه : أنه رقد عند رسول الله صلى الله عليه وسلم فاستيقظ فتسوك وتوضأ وهو يقول : ( إن في خلق السماوات والأرض . . . )

حتى ختم السورة ثم قام فصلى ركعتين أطال فيهما القيام والركوع والسجود ثم انصرف فنام حتى نفخ ثم فعل ذلك ثلاث مرات ست ركعات كل ذلك يستاك ويتوضأ ويقرأ هؤلاء الآيات ثم أوتر بثلاث . رواه مسلم

**ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته هو رسول الله ﷺ جن وٽ ستو هو پاڻ سڳورا اٿيا ۽ مسواڪ ڪيائون ۽ وضو ڪيائون. پوءِ فرمائڻ لڳا (ترجمه) تحقيق آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ ۾ (۽ رات ڏينهن جي اچ وڃ ۾) وڏيون نشانيون آهن. تانجو سورت شريف ختم ڪيائون. پوءِ بيهي ٻه رڪعتون پڙهيائون جنهن ۾ قيام، رڪوع سجده، ڊگها ڪيائون پوءِ سلام ڦيريائون پوءِ سمهي پيا تانجو گوگهرا هڻڻ لڳا. ان طرح ٽي مرتبا ڇهه رڪعتون پڙهيائون هر اٿڻ مهل ڏندڻ وضو ۽ اهي آيتون تلاوت ڪندا رهيا. ان ڪانپوءِ ٽي رڪعتون وتر پڙهيائون[1] (مسلم)**

(1197) وعن زيد بن خالد الجهني أنه قال : لأرمقن صلاة رسول الله صلى الله عليه وسلم الليلة فصلى ركعتين خفيفتين ثم صلى ركعتين طويلتين طويلتين طويلتين ثم صلى ركعتين وهما دون اللتين قبلهما ثم صلى ركعتين وهما دون اللتين قبلهما ثم صلى ركعتين وهما دون اللتين قبلهما [ ثم صلى ركعتين وهما دون اللتين قبلهما ] ثم أوتر فذلك ثلاث عشرة ركعة . رواه مسلم

قوله : ثم صلى ركعتين وهما دون اللتين قبلهما أربع مرات هكذا في صحيح مسلم وأفراده من كتاب الحميدي وموطأ مالك وسنن أبي داود وجامع الأصول

**زيد بن خالد جهني رضي الله عنه جو بيان آهي ته (ته مون دل ۾ چيو) اڄ آئون ضرور رسول الله ﷺ جن جي نماز جو نظارو ڪندس. پاڻ ٻه رڪعتون هلڪيون پڙهيائون. پوءِ ٻه رڪعتون ڊگهيون، ڊگهيون، تمام ڊگهيون ادا ڪيائون. ان ڪان پوءِ ٻه رڪعتون ادا ڪيائون جيڪي پهرين ٻن رڪعتن ڪان (ڊگهائيءَ ۾) گهٽ هيون. ان ڪان پوءِ ٻه رڪعتون ادا ڪيائون جيڪي پهرين ٻن رڪعتن ڪان (ڊگهائيءَ ۾) گهٽ هيون. انڪان پوءِ ٻه رڪعتون ادا ڪيائون جيڪي پهرين ٻن رڪعتن ڪان (ڊگهائيءَ ۾) گهٽ هيون. انڪان پوءِ ٻه رڪعتون ادا ڪائيائون جيڪي پهرين ٻن رڪعن ڪان ڊگهائيءَ ۾) گهٽ هيون. انڪان پوءِ وتر پڙهيائون ته اهي تيرنهن رڪعتون ٿيون (مسلم)**

---

[1]_ هن مان 13_ رڪعتون ثابت ٿيون. جن ۾ هڪ رڪعت وتر آهي.

سندس اهو قول تہ ان کان پوءِ ہہ رڪعتون ادا ڪيائون، جيڪي پهرين ٻن رڪعت کان (ڊگهائيءَ ۾) گهٽ هيون، چار دفعا آهي. اهڙيءَ طرح صحيح مسلم، حميدي ([1]) جي ڪتاب افراد مسلم، موطا مالڪ، سنن ابي دائود ۽ جامع الاصول ۾ آهي.

(1198) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : لما بدن رسول الله صلى الله عليه وسلم وثقل كان أكثر صلاته جالسا

عائشہؓ کان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن جو بدن مبارڪ ڳورو ٿيو تہ پاڻ اڪثر نفلي نماز ويهي پڙهندا هئا.([2]) (بخاري_مسلم)

(1199) وعن عبد الله بن مسعود قال : لقد عرفت النظائر التي كان النبي صلى الله عليه وسلم يقرن بينهن فذكر عشرين سورة من أول المفصل على تأليف ابن مسعود سورتين في ركعة آخرهن ( حم الدخان ) و ( عم يتساءلون )

عبدالله بن مسعودؓ جو بيان آهي تہ آئون انهن برابر آيتن وارين سورتن کي سڃاڻان ٿو جيڪي نبي ﷺ جن ملائي پڙهندا هئا. پوءِ مفصل سورتن مان ويهہ سورتون بيان ڪيائين جيڪي ابن مسعود ؓ جي تاليف جي اعتبار سان آهن انهن مان آخري سورتون حٰمٓ، الدخان ۽ عَمّ، يتساءَ لون آهن. ( بخاري ، مسلم )

## ٻيو فصل

(1200) عن حذيفة : أنه رأى النبي صلى الله عليه وسلم يصلي من الليل وكان يقول : " الله أكبر " ثلاثا " ذو الملكوت والجبروت والكبرياء والعظمة " ثم استفتح فقرأ البقرة ثم ركع فكان ركوعه نحوا من قيامه فكان يقول في ركوعه : " سبحان ربي العظيم " ثم رفع رأسه من الركوع فكان قيامه نحوا من ركوعه يقول : " لربي الحمد " ثم سجد فكان سجوده نحوا من قيامه فكان يقول في سجوده : " سبحان ربي الأعلى " ثم رفع رأسه من السجود وكان يقعد فيما بين السجدتين نحوا من سجوده وكان يقول : " رب اغفر لي رب اغفر لي " فصلى أربع ركعات قرأ فيهن ( البقرة وآل عمران والنساء والمائدة أو الأنعام )

شك شعبة )

---

[1] _ افراد مسلم مان ٿيون فصل حميدي جو مراد آهي جنهن ۾ فقط مسلم جون حديثون بيان ٿيون آهن.

ڪي حميدي ۾ صحيحين جون حديثون آنديون اٿس. ان ۾ 3_ فصل رکيا اٿس. پهرين فصل ۾ انهن حديثن جو بيان ٿيل آهي جن تي شيخين جو اتفاق آهي. ٻي فصل ۾ فقط بخاري شريف جون حديثون بيان ڪيو اٿس. ٽئين فصل ۾ فقط مسلم جون حديثون آنديون اٿس.

[2] _هن حديث مان معلوم ٿيو تہ سنتون ويهي پڙهڻ بہ جائز آهن.

رواه أبو داود

حذيفہ ﷛ جو بيان آهي تہ انهيءَ نبيﷺ جن کي رات جو نماز پڙهندي ڏٺو. پاڻ فرمايائون : ﷲ اکبرـ ٽي دفعا، ﷲ باشادهي واري، غلبي واري، وڏائي ۽ عظمت واري (جي تعريف آهي) پوءِ نماز شروع ڪندا هئا تہ سوره بقره شريف پڙهندا هئا پوءِ رڪوع ڪندا هئا سندن رڪوع بہ سندن قيام جهڙو هوندو هو پنهنجي رڪوع ۾ ﴿ سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡعَظِيمِ ﴾ چوندا هئا ان کان بعد رڪوع کان متو مٿي ڪڻندا هئا. سندن قيام (يعني قومہ) رڪوع جهڙو ئي هوندو هو. ان ۾ چوندا هئا ﴿لِرَبِّيَ الۡحَمۡدُ﴾. ان کان بعد سجدو ڪندا هئا. سندس سجدو سندن قيام جهڙو هوندو هو پوءِ پنهنجي سجدي ۾ چوندا هئا ﴿سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡأَعۡلَىٰ﴾ پوءِ سجدي کان متو مٿي ڪڻندا هئا ۽ ٻن سجدن جي وچ ۾ سجده جيترو ويهندا (جلسہ ڪندا) هئا ۽ چوندا هئا، ﴿رَبِّ اغۡفِرۡلِيۡ، رَبِّ اغۡفِرۡلِيۡـ پوءِ چار رڪعتون پڙهيائون انهن ۾ سوره بقره، آل عمران، نساء، مائده يا انعام پڙهيائون راوي : شعبہ کي شڪ آهي. (ابو دائود)

(1201) وعن عبد الله بن عمرو بن العاص قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من قام بعشر آيات لم يكتب من الغافلين ومن قام بمائة آية كتب من القانتين ومن قام بألف آية كتب من المقنطرين " . رواه أبو داود

عبدالله بن عمرو بن العاص ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جنهن شخص ڏهن آيتن سان گڏ قيام ڪيو ان جو شمار انهن ماڻهن سان ٿيندو آهي، جيڪي رات جو قيام ڪرڻ وارا آهن. ۽ جنهن شخص هڪ هزار آيتن سان گڏ قيام ڪيو ان جو شمار انهن ماڻهن سان ٿيندو آهي، جيڪي خيرو برڪت جي خزانن کي سميٽڻ وارا آهن. (ابوداؤد)

(1202) وعن أبي هريرة قال : كان قراءة النبي صلى الله عليه وسلم بالليل يرفع طورا ويخفض طورا . رواه أبو داود

ابو هريره﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن رات جو قرائت ڪڏهن بلند آواز سان ۽ ڪڏهن هلڪي آواز سان ڪندا هئا. (ابودائود)

(1203) وعن ابن عباس قال : كانت قراءة النبي صلى الله عليه وسلم على قدر ما يسمعه من في الحجرة وهو في البيت . رواه أبو داود

ابن عباس﷛ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن جي قرائت جو آواز ايتري قدر هوندو هو جو ورانڊي ۾ موجود ماڻهو ٻڌي سگهن جڏهن تہ پاڻ گهر ۾ هوندا هئا. (ابوداؤد)

(1204) وعن أبي قتادة قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم خرج ليلة فإذا هو بأبي بكر يصلي يخفض من صوته ومر بعمر وهو يصلي رافعا صوته قال : فلما اجتمعا عند النبي صلى الله عليه وسلم قال : " يا أبا بكر مررت بك وأنت تصلي تخفض صوتك " قال : قد أسمعت من ناجيت يا رسول الله وقال لعمر : " مررت بك وأنت تصلي رافعا صوتك " فقال : يا رسول الله أوقظ الوسنان وأطرد الشيطان فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " يا أبا بكر ارفع من صوتك شيئا " وقال لعمر : " اخفض من صوتك شيئا " . رواه أبو داود وروى الترمذي نحوه

**ابو قتادهﷺ کان روایت آهي تہ رسول اللهﷺ جن هک رات نکتا پاڻ ڏٺائون تہ ابوبکرﷺهلکي آواز سان نماز پڙهي رهيو آهي ۽ عمر ﷺ تي سندن گذر ٿيو اهو بلند آواز سان نماز پڙهي رهيو هو. چيائين: جڏهن نبي ﷺ جن وٽ ٻئي گڏ ٿيا تہ فرمايائون تہ اي ابوبکر! (رات جو منهنجو) توتي گذر ٿيو ۽ تون نماز هلکي آواز سان پڙهي رهيو هئين عرض کيائين تہ اي اللهﷻ جا رسولﷺ! آئون ان کي ٻڌائي رهيو هوس جنهن سان راز جي ڳالهيون کندو آهيان. ۽ (اهڙي طرح) عمرﷺ کي چيائون ( تہ منهنجو رات) توتي گذر ٿيو ۽ تون بلند آواز سا نماز پڙهي رهيوهئين. عرض کيائين تي ايﷲ جارسولﷺ! آئون سمهندڙن کي جاڳائڻ ۽ شيطان کي ڀڄائڻ گهرندو آهيان. نبيﷺ جن فرمايو تہ اي ابوبکرﷺ! پنهنجو آواز کجھ بلند کندو کر ۽ عمرﷺ کي فرمايائون پنهنجو آواز کجھ جهکو کندو کر (ابودائود) ان طرح ترمذيءَ بہ روايت بيان کئي.**

(1205) وعن أبي ذر قال : قام رسول الله صلى الله عليه وسلم حتى أصبح بآية والآية : ( إن تعذبهم فإنهم عبادك وإن تغفر لهم فإنك أنت العزيز الحكيم )

رواه النسائي وابن ماجه

**ابوذرﷺ کان روایت آهي تہ رسول اللهﷺجن نماز (تهجد) لاءِ قيام کيو تانجو صبح کيائون هن آيت تي ﴿اِنۡ تُعَذِّبۡهُمۡ فَاِنَّهُمۡ عِبَادُکَ.........﴾ (ترجمو) جيکڏهن تون انهن کي عذاب کندين تہ تنهنجائي ٻانها آهن ۽ جيکڏهن تون انهن کي معاف فرمائين تہ پوءِ تحقيق تون غالب حکمت وارو آهين. (نسائي، ابن ماجه)**

(1206) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صلى أحدكم ركعتي الفجر فليضطجع على يمينه " . رواه الترمذي وأبو داود

**ابو هريرهﷺ کان روایت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان مان کو فجر جون ٻہ رکعتون (سنت ) ادا کري تہ (ان کان پوءِ) پنهنجي ساڄي پاسي (جهٹ کن) ليٽي پوي (ترمذي، ابو داؤد).**

## ٽيون فصل

(1207) عن مسروق قال : سألت عائشة : أي العمل كان أحب إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم ؟

قالت : الدائم قلت : فأي حين كان يقوم من الليل ؟ قالت : كان يقوم إذا سمع الصارخ

**مسروق کان روايت آهي تہ مون عائشہ ﵂ کان پڇيو تہ رسول اللهﷺ جن وٽ ڪهڙو عمل سڀ کان زياده محبوب هوندو هو؟ جواب ڏنائين : جنهن کي هميشہ ڪيو وڃي. مون چيو تہ رات جو ڪهڙي وقت قيام فرمائيندا هئا؟ جواب ڏنائين جڏهن ڪڪڙ جي ٻانگ ٻڌندا هئا تہ اٿندا هئا[1](بخاري_مسلم)**

(1208) وعن أنس قال : ما كنا نشاء أن نرى رسول الله صلى الله عليه وسلم في الليل مصليا إلا رأيناه ولا نشاء أن نراه نائما إلا رأيناه . رواه النسائي

**انس ﷛ بيان ڪري ٿو تہ اسين رات جي جنهن حصي ۾ بہ رسول اللهﷺ جن کي (نفل) پڙهندي ڏسڻ گهرندا هئاسون تہ ڪين ڏسندا هئاسون ۽ رات جي جنهن حصي ۾ ڪين ننڊ ڪندي ڏسڻ گهرندا هئاسون تہ ڪين ننڊ ۾ ڏسندا هئاسون.[2](نسائي)**

(1209) وعن حميد بن عبد الرحمن بن عوف قال : إن رجلا من أصحاب النبي صلى الله عليه وسلم قال : قلت وأنا في سفر مع رسول الله صلى الله عليه وسلم : والله لأرقبن رسول الله صلى الله عليه وسلم للصلاة حتى أرى فعله فلما صلى صلاة العشاء وهي العتمة اضطجع هويا من الليل ثم استيقظ فنظر في الأفق فقال : ( ربنا ما خلقت هذا باطلا )

حتى بلغ إلى ( إنك لا تخلف الميعاد )

ثم أهوى رسول الله صلى الله عليه وسلم إلى فراشه فاستل منه سواكا ثم أفرغ في قدح من إداوة عنده ماء فاستن ثم قام فصلى حتى قلت : قد صلى قدر ما نام ثم اضطجع حتى قلت قد نام قدر ما صلى ثم استيقظ ففعل كما فعل أول مرة وقال مثل ما قال ففعل رسول الله صلى الله عليه وسلم ثلاث مرات قبل الفجر . رواه النسائي

**حميد بن عبدالرحمٰن بن عوف ﷬ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جي هڪ اصحابيءَ چيو تہ الله جو قسم! آئون رسول الله ﷺ جن جي نماز جو ضرور (احوال) معلوم ڪندس. جڏهن پاڻ عشاء جي نماز ادا ڪيائون تہ رات جي ٿوري دير جي لاءِ سمهيا، ان کان پوءِ جاڳيا. پوءِ اپ ڏانهن نهاريائون تہ هيءَ آيت پڙهيائون: ﴿رَبَّنَا مَخَلَقْتَ هٰذَابَطِلاً تانجو_ اِنَّکَ لَا تُخْلِفُ المِعَادَ﴾ تي پهتا**

---

[1] _ ڪڪڙ اڪثر آڌي رات کان پوءِ ٻانگون ڏيڻ شروع ڪندا آهن.

[2] _ يعني ڪڏهن بہ سڄي رات نماز پڙهندو هو نہ سڄي رات ننڊ ڪندو هو.

يعني اسان جا پالڻهار! تو (هيءَ ڪائنات) باطل ۽ بيڪار نہ خلقي آهي_ بيشڪ تون پنهنجي وعدي جي خلاف نہ ڪندو آهين. ([1]) پوءِ رسول الله ﷺ جن پنهنجي بستري ڏانهن جهڪيا اتان ڏندڻ ڪنيائون ان ڪان پوءِ ٿانوَ مان پيالي ۾ پاڻي وڌائون ۽ مسواڪ ڪيائون پوءِ نماز لاءِ قيام ڪيائون تانجو مون سمجهيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ ننڊ جي مقدار جيترو قيام ڪيو آهي. ان ڪان بعد پاڻ سمهي پيا تانجو مون محسوس ڪيو تہ پاڻ قيام (عبادت) جي برابر ننڊ ڪئي اٿن. پوءِ پاڻ سجاڳ ٿي ۽ اهڙيءَ طرح ڪيائون جهڙيءَ طرح پهريائين ڪيو هئائون ۽ اها ڳالهہ چيائون جيڪا پهريائين چئي هئائون. فجر جي نماز کان اڳ ٽي دفعا ائين ڪيائون. (نسائي)

(1210) وعن يعلى بن مملك أنه سأل أم سلمة زوج النبي صلى الله عليه وسلم عن قراءة النبي صلى الله عليه وسلم وصلاته ؟ فقالت : وما لكم وصلاته ؟ كان يصلي ثم ينام قدر ما صلى ثم يصلي قدر ما نام ثم ينام قدر ما صلى حتى يصبح ثم نعتت قراءته فإذا هي تنعت قراءة مفسرة حرفا حرفا )

رواه أبو داود والترمذي والنسائي

يعليٰ بن مملڪ جو بيان آهي، انهيءَ نبي ﷺ جي گهر واري ام المؤمنين ام سلمہ رضي الله عنها کان نبي ﷺ جي قرائت ۽ نماز بابت پڇيو. چيائين توکي پاڻ سڳورن جي نماز سان ڪهڙي نسبت؟ پاڻ سڳورا نماز پڙهندا هئا پوءِ ايتري دير ۾ نماز پڙهندا هئا اوتري دير سمهندا هئا. پوءِ ايتري دير نماز پڙهندا هئا جيتري دير ننڊ ڪندا هئا، پوءِ جيتري دير نماز پڙهندا هئا اوتري دير ننڊ ڪندا هئا؛ تانجو صبح ٿئي. انکان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي قرائت بيان ڪيائين ۽ سندن قرائت کي حرف بحرف واضح ڪري بيان ڪندي رهي. (ابوداؤد، ترمذي، نسائي)

# رات جي قيام وقت ڇا چئجي؟

## پهريون فصل

(1211) عن ابن عباس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا قام من الليل يتهجد قال : " اللهم لك الحمد أنت قيم السماوات والأرض ومن فيهن ولك الحمد أنت نور السماوات والأرض ومن فيهن ولك الحمد أنت ملك السماوات والأرض ومن فيهن ولك الحمد أنت الحق ووعدك الحق ولقاؤك حق وقولك حق والجنة حق والنار حق والنبيون حق ومحمد حق والساعة حق اللهم لك أسلمت وبك آمنت وعليك توكلت وإليك أنبت وبك خاصمت وإليك حاكمت فاغفر لي ما قدمت وما أخرت وما أسررت وما أعلنت وما أنت أعلم به مني أنت المقدم وأنت المؤخر لا إله إلا أنت ولا إله غيرك "

[1]_ ننڊ مان جاڳڻ وقت اها آيت پڙهڻ گهرجي جيڪڏهن سجو رڪوع پڙهجي تہ چڱو آهي.

ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن جڏهن رات جو (تهجد لاءِ) قيام ڪندا هئا تہ فرمائيندا هئا (ترجمہ) اي اللهﷻ! تنهنجي لاءِ حمد ۽ ساراه آهي ۽ تون آسمان، زمين ۽ جيڪو ان ۾ آهي ان ڪي قائم رکڻ وارو آهين ۽ تنهنجي لاءِ حمد ۽ ساراه آهي تون آسمان، زمين ۽ جيڪو ان ۾ آهي ان ڪي روشن ڪرڻ وارو آهين ۽ تنهنجي لاءِ حمد ۽ ساراه آهي تون آسمان، زمين ۽ جيڪو ان ۾ آهي ان جو بادشاهہ آهين ۽ تنهنجي لاءِ ئي حمد ۽ ساراه آهي تون حق آهين ۽ تنهنجو وعدو حق آهي ۽ تنهنجي ملاقات حق آهي ۽ تنهنجيون ڳالهيون حق آهن ۽ جنت ۽ دوزخ حق آهن ۽انبياء عليهم الصلواة والسلام حق آهن ۽ محمدﷺ حق آهي ۽ قيامت حق آهي. اي اللهﷻ! آئون تنهنجو فرمانبردار ٿيس ۽ توتي ايمان آندو ۽ توتي ڀروسو ڪيو ۽ تو ڏانهن رجوع ڪيو ۽ تو وٽ پنهنجو جهڳڙو پيش ڪيو ۽ تو وٽ پنهنجو فيصلو آندو. منهنجا پهريان، پويان، لڪيل، ظاهري ۽ جن گناهن ڪي تون مون کان وڌيڪ ڄاڻين تو معاف فرماءِ. تون ئي آول آهين، تون ئي آخر آهين، توکان سواءِ ڪوبہ معبود برحق نہ آهي ۽ تنهنجو غير برحق معبود ٿي نٿو سگهي. (بخاري_مسلم)

(1212) وعن عائشة قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا قام من الليل افتتح صلاته فقال : " اللهم رب جبريل وميكائيل وإسرافيل فاطر السماوات والأرض عالم الغيب والشهادة أنت تحكم بين عبادك فيما كانوا فيه يختلفون اهدني لما اختلف فيه من الحق بإذنك إنك تهدي من تشاء إلى صراط مستقيم " . رواه مسلم

عائشہؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن جڏهن رات جو قيام فرمائيندا هئا تہ پنهنجي نماز هن دعا سان شروع ڪندا هئا (ترجمو) اي اللهﷻ! جبرئيلؑ، ميڪائيلؑ ۽ اسرافيلؑ جا رب، آسمان ۽ زمين جا خلقيندڙ، ڳجهہ ۽ حاضر ڪي ڄاڻندڙ، تنهنجا ٻانها جنهن ڳالهہ ۾ اختلاف ڪن ٿا تون ان ڳالهہ جو فيصلو ڪندين پوءِ جنهن ڳالهہ ۾ اختلاف ڪيو ويو آهي پنهنجي حڪم سان ان ۾ مون ڪي حق جو رستو ڏيکار. تون جنهن ڪي گهرين سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪرين. (مسلم)

(1213) وعن عبادة بن الصامت قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من تعار من الليل فقال : لا إله إلا الله وحده لا شريك له له الملك وله الحمد وهو على كل شيء قدير وسبحان الله والحمد لله ولا إله إلا الله والله أكبر ولا حول ولا قوة إلا بالله ثم قال : رب اغفر لي أو قال : ثم دعا استيجيب له فإن توضأ وصلى قبلت صلاته " رواه البخاري

عباده بن صامت ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿئي پوءِچوي ﴿اللّٰهُ وَحَدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ﴾ (ترجمہ) کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، ان جو ملڪ آهي ۽ ان لاءِ ساراه اهو هر شيءِ تي قادر آهي ۽ اللهﷻ لاءِ تعريف آهي ۽ ساراه سموري اللهﷻ ڪي جڳائي ۽ اللهﷻ کان سواءِ ڪو معبود (برحق) نہ آهي ۽ اللهﷻ تمام وڏو آهي ۽ نيڪيءَ جي طاقت ۽ برائي کان باز رهڻ جي قوت اللهﷻ کان سواءِ ڪنهن وٽ نہ آهي ان کان پوءِ چوي تہ اي منهنجا رب!

منهنجي بخشش فرماءِ يا فرمايائون پوءِ دعا گهري تہ ان جي قبول پوندي. پوءِ جيڪڏهن وضو ڪري نماز پڙهيائين تہ ان جي نماز قبول ڪئي ويندي. (بخاري)

## ٻيو فصل

(1214) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا استيقظ من الليل قال : " لا إله إلا أنت سبحانك اللهم وبحمدك استغفرك لذنبي وأسألك رحمتك اللهم زدني علما ولا تزغ قلبي بعد إذ هديتني وهب لي من لدنك رحمة إنك أنت الوهاب " . رواه أبو داود

عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن رات جو اٿندا هئا تہ هيءَ دعا گهرندا هئا. (ترجمو) ڪو معبود نہ آهي مگر تون اي الله تنهنجي لاءِ ئي تعريف ۽ ساراهہ آهي توکان پنهنجي گناهن جي بخشش گهران ٿو ۽ تنهنجي رحمت جو سوال ڪريان ٿو. اي الله! منهنجو علم وڌاءِ ۽ جڏهن تہ تو مون کي هدايت ڪئي آهي تہ منهنجي دل کي (باطل ڏانهن) نہ موڙ ۽ مون کي پنهنجي طرفان رحمت عطا ڪر بيشڪ تون نوازڻ وارو آهين. (ابوداؤد)

فائده:_ حديث جي سند ضعيف آهي. عبدالله بن وليد راوي لين الحديث آهي. (مشڪواة_الباني ص 372ج1)

(1215) وعن معاذ بن جبل قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من مسلم يبيت على ذكر طاهرا فيتعار من الليل فيسأل الله خيرا إلا أعطاه الله إياه " . رواه أحمد وأبو داود

معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪو مسلمان وضو ڪري الله جو ذڪر ڪندي سمهي. پوءِ رات جو اٿي نماز پڙهي ۽ الله تعاليٰ کان خير ۽ برڪت گهري تہ الله تعاليٰ اها شيءِ ان کي عطا ڪندو (احمد)

(1216) وعن شريق الهوزني قال : دخلت على عائشة فسألتها : بم كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يفتتح إذا هب من الليل فقالت : سألتني عن شيء ما سألني عنه أحد قبلك كان إذا هب من الليل كبر عشرا وحمد الله عشرا وقال : " سبحان الله وبحمده عشرا " وقال : " سبحان الملك القدوس " عشرا واستغفر عشرا وهلل عشرا ثم قال : " اللهم إني أعوذ بك من ضيق الدنيا وضيق يوم القيامة " عشرا ثم يفتتح الصلاة . رواه أبو داود

شريق هوزني جو بيان آهي، آئون عائشہ رضي الله عنها وٽ داخل ٿيس. ان کان پڇيو تہ رات جو رسول الله ﷺ جن سجاڳ ٿيندا هئا تہ سڀ کان اول شروعات ڇا سان ڪندا هئا؟ چيائين تہ تو اهڙي شيءِ بابت پڇيو آهي جيڪا توکان اڳ ڪنهن نہ پڇي هئي. پاڻ جڏهن رات جو اٿندا هئا تہ ڏهہ ڀيرا، الله اڪبر، ڏهہ ڀيرا الحمدلله، ڏهہ ڀيرا سبحان الله وبحمده، ڏهہ ڀيرا سبحان الملڪ القدس، ڏهہ ڀيرا استغفرالله، ڏهہ ڀيرا لااله الاالله چوندا هئا. انکان پوءِ چوندا هئا: اي الله آئون

توکان دنيا ۽ قيامت جي ڏينهن ۾ تنگيءَ ۽ سختيءَ کان پناه گهران ٿوان کان پوءِ نماز شروع ڪندا هئا. (ابوداؤد)

## ٽيون فصل

(1217) عن أبي سعيد قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا قام من الليل كبر ثم يقول : " سبحانك اللهم وبحمدك وتبارك اسمك وتعالى جدك ولا إله غيرك " ثم يقول : " الله أكبر كبيرا " ثم يقول : " أعوذ بالله السميع العليم من الشيطان الرجيم من همزه ونفخه ونفثه " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي وزاد أبو داود بعد قوله : " غيرك " ثم يقول : " لا إله إلا الله " ثلاثا وفي آخر الحديث : ثم يقرأ

**ابو سعيد خدريﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جڏهن رات جو اٿندا هئا تہ اللهُ اڪبر چوندا هئا. پوءِ دعا گهرندا هئا (ترجمو) اي اللهُ تون پاڪ آهين. آئون تنهنجي تعريف ڪريان ٿو تنهنجو نالو بابرڪت آهي تنهنجي عظمت تمام بلند آهي تو ڪان سواءِ ڪو معبود برحق نہ آهي پوءِ اللهُ اڪبر ڪبيرا چوندا هئا. ان ڪان پوءِ ﴿اعوذبالله السميع العيلم من الشيطان الرجيم﴾ چوندا ۽ شيطان جي گمراه ڪرڻ ۽ ان جي تڪبر ۽ ان جي جادوءَ ڪان پناهہ طلب ڪندا هئا (ترمذي، ابوداؤد، نسائي) ۽ ابو دائود ۾ آهي تہ ان ڪان پوءِ ٽي دفعا فرمائيندا هئا ﴿ لا اله الاالله ﴾ ۽ حديث جي آخر ۾ آهي تہ پوءِ (سوره فاتحه جي) قرائت ڪندا هئا.**

(1218) وعن ربيعة بن كعب الأسلمي قال : كنت أبيت عند حجرة النبي صلى الله عليه وسلم فكنت أسمعه إذا قام من الليل يقول : " سبحان رب العالمين " الهوي ثم يقول : " سبحان الله وبحمده " الهوي . رواه النسائي وللترمذي نحوه وقال : هذا حديث حسن صحيح

**ربيعه بن ڪعب اسلميﷺ جو بيان آهي تہ آئون نبيﷺ جي حجري وٽ سمهندو هيس جڏهن رات جي نماز لاءِ قيام ڪندا هئا تہ آئون ڪين چوندي ٻڌندو هئس (ترجمہ) تعريف آهي جهان جي پالڻهار لاءِ ڪافي دير تائين چوندا رهيا. پوءِ ڪافي دير تائن هن طرح چيائون: سموري تعريف ۽ ساراه اللهُ لاءِ آهي. (نسائي) ۽ ترمذيءَ ان طرح روايت ڪئي ۽ چيائين تہ هيءَ حديث حسن صحيح آهي.**

# رات جي قيام (تهجد) جي ترغيب جو بيان

## پهريون فصل

(1219) عن أبي هريرة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " يعقد الشيطان على قافية رأس أحدكم إذا هو نام ثلاث عقد يضرب على كل عقدة : عليك ليل طويل فارقد . فإن استيقظ فذكر الله انحلت عقدة فإن توضأ انحلت عقدة فإن صلى انحلت عقدة فأصبح نشيطا طيب النفس وإلا أصبح خبيث النفس كسلانا "

**ابو هريرهﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو ئي سمهندو آهي تہ شيطان ان جي ڪياڙيءَ تي ٽي ڳنڍيون ڏيندو آهي. هر ڳنڍ تي ڦوڪ هڻندو آهي، اجا سمهي رهہ. جيڪڏهن سجاڳ ٿي ﷲ ڪي ياد ڪندو آهي تہ هڪ ڳنڍ کلي ويندي آهي، پوءِ جيڪڏهن وضو ڪندو آهي تہ هڪ (ٻي) ڳنڍ کلي ويندي آهي پوءِ جيڪڏهن نماز پڙهندو آهي تہ (ٽين) ڳنڍ کلي ويندي آهي. ان ڪري صبح جو چست ۽ پاڪيزه حالت ۾ اٿندو آهي ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو آهي تہ ان جو نفس غمناڪ ۽ سست ٿيندو آهي (بخاري_ مسلم)**

(1220) وعن المغيرة قال : قام النبي صلى الله عليه وسلم حتى تورمت قدماه فقيل له : لم تصنع هذا وقد غفر لك ما تقدم من ذنبك وما تأخر ؟ قال : " أفلا أكون عبدا شكورا "

**مغيره بن شعبہﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن رات جو ايتري قدر بيهي نماز پڙهندا هئا جو سندن پير مبارڪ سڄي پوندا هئا. عرض ڪيو ويو، جڏهن تہ اوهان جا اڳيان ۽ پويان گناه معاف ڪيا ويا آهن پوءِ هي ڇا لاءِ ٿا ڪريو؟ فرمايائون تہ ڇا آئون شڪر گذار ٻانهو نہ ٿيا؟ (بخاري_ مسلم)**

(1221) وعن ابن مسعود قال : ذكر عند النبي صلى الله عليه وسلم رجل فقيل له مازال نائما حتى أصبح ما قام إلى الصلاة قال : " ذلك رجل بال الشيطان في أذنه " أو قال : " في أذنيه "

**ابن مسعود ﷺ كان روايت آهي تہ نبيﷺ جن وٽ هڪ شخص جو ذڪر ڪيو ويو تہ هميشہ سمهيو پيو هوندو آهي تان صبح ٿئي ۽ نماز لاءِ نہ اٿندو آهي. فرمايائون اهو شخص اهو آهي جنهن جي ڪن ۾ شيطان پيشاب ڪندو آهي يا فرمايائون تہ ان جي ٻنهي ڪنن ۾ (شيطان مٽندو آهي) (بخاري_ مسلم)**

(1222) وعن أم سلمة قالت : استيقظ رسول الله صلى الله عليه وسلم ليلة فزعا يقول : " سبحان الله ماذا أنزل الليلة من الخزائن ؟ وماذا أنزل من الفتن ؟ من يوقظ صواحب الحجرات " يريد أزواجه " لكي يصلين ؟ رب كاسية في الدنيا عارية في الآخرة " أخرجه البخاري

**ام المؤمنين ام سلمہ ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن هڪ رات گهبراهٽ جي حالت ۾ اٿيا. فرمايائون: ﷲ پاڪ آهي اڄ رات ڪيتري قدر خزانا لٿا ۽ ڪيتري قدر فتنا آندا ويا. ڪير آهي جيڪو گهرن ۾ ستل عورتون کي اٿاري سندن مراد ازواج مطهر تہ جيئن اهي**

**نماز پڙهن. گهڻيون اهڙيون عورتون آهن جيڪي دنيا ۾لباس پائيندڙ آهن مگر آخرت ۾ اگهاڙيون هونديون (بخاري)**

(1223) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ينزل ربنا تبارك وتعالى كل ليلة إلى السماء الدنيا حين يبقى ثلث الليل الآخر يقول : من يدعوني فأستجيب له ؟ من يسألني فأعطيه ؟ من يستغفرني فأغفر له ؟ "

وفي رواية لمسلم : ثم يبسط يديه ويقول : " من يقرض غير عدوم ولا ظلوم ؟ حتى ينفجر الفجر "

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: اسان جو رب تبارڪ و تعاليٰ هر رات دنيا جي آسمان ڏانهن لهندو آهي([1]) تانجو رات جو آخري ٽيون حصو باقي بچي.فرمائيندو آهي ڪير آهي جيڪو مون کي پڪاري ته آئون ان جي دعا قبول ڪريان؟ ڪير آهي جيڪو مون کان سوال ڪري ته آئون انکي عطا ڪريان؟ڪير آهي جيڪومون کان بخشش گهري ته آئون ان جي بخشش ڪريان؟ (بخاري_مسلم)**

**مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي ته ان کان پوءِ پنهنجو هٿ ڦهلائيندو آهي ۽ چوندو آهي ته ڪير آهي جيڪو (رب تعاليٰ کي) قرض ڏي جيڪو نه فقير آهي ۽ نه ظالم. اهڙي طرح صبح ٿيڻ تائين چوندو آهي.**

(1224) وعن جابر قال : سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقول : " إن في الليل لساعة لا يوافقها رجل مسلم يسأل الله فيها خيرا من أمر الدنيا والآخرة إلا أعطاه إياه وذلك كل ليلة " رواه مسلم

**جابر ﷺ کان روايت آهي ته مون نبيﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو تحقيق رات ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جو ڪو مسلمان جڏهن اها حاصل ڪندو آهي ۽ ان کي اللہ تعاليٰ کان دنيا ۽ آخرت جي خير، برڪت ۽ ڀلائي گهرندو آهي ته اها ڪيس عطا ڪندو آهي([2]) ۽ اهو هر رات ۾ آهي (مسلم)**

---

[1] _ هن حديث مان اللہ پاڪ جو هر ڪنهن رات ۾ نازل ٿيڻ جو ثبوت ملي ٿو. اها خدا اللہ پاڪ جي هڪ صفت آهي. ان جي ظاهري معنىٰ تي بلا ڪيفيت جي ايمان آڻڻ آهي ۽ اهڙي تاويل ڪرڻ ته ان مان مراد اللہ پاڪ جي رحمت جو نزول آهي يا ان جا ملائڪ لهن ٿا اهڙي قسم جون تاويلون باطل آهن. هيءَ تمام اهم حديث آهي. امام بن تيميه ان جي شرح تي هڪ مستقل ڪتاب لکيو آهي.

[2] _ ماڻهو پنهنجي پنهنجي مطلب ۽ مراد لاءِ ڇا ڇا ڪندا آهن؟ ڪي چاليها ڪيندا آهن ته ڪي ٻيا وظيفا ۽ چلا ڪيندا آهن مگر عمدو طريقو اهو آهي جيئن حضورﷺ جن فرمايو آهي ته پوئين رات ۾ اٿي تهجد پڙهجي ۽ پنهنجي مالڪ جي اڳيان دعا گهرندي آهه وزاريءَ سان مطلب بيان ڪجي ۽ هن حديث جو حوالو هن طرح ڏجي ته اي منهنجا پالڻهار تنهنجي رسول پاڪﷺ هن طرح فرمايو آهي ته اللہ تعاليٰ رات جي پوئين حصي ۾ دعا قبول فرمائيندو آهي انهيءَ ڪري منهنجي دعا کي قبوليت عطا فرماءِ.

(1225) وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أحب الصلاة إلى الله صلاة داود وأحب الصيام إلى الله صيام داود كان ينام نصف الليل ويقوم ثلثه وينام سدسه ويصوم يوما ويفطر يوما "

**عبدالله بن عمرو ﷺ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: الله وٽ بهترين نماز داؤد؈ جي آهي. ۽ الله وٽ بهترين روزو داؤد؈ جو روزو آهي. پاڻ اڌ رات تائين سمهندو هو ۽ ان جو ٽيون حصو قيام ڪري نماز پڙهندو هو ۽ (ڪڏهن) رات جو ڇهون حصو ننڊ ڪندو هو ۽ هڪ ڏينهن روزو رکندو هو ۽ هڪ ڏينهن نه رکندو هو (1) (بخاري مسلم)**

(1226) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان تعني رسول الله صلى الله عليه وسلم ينام أول الليل ويحيي آخره ثم إن كانت له حاجة إلى أهله قضى حاجته ثم ينام فإن كان عند النداء الأول جنبا وثب فأفاض عليه الماس وإن لم يكن جنبا توضا للصلاة ثم صلى ركعتين "

**عائشه ﷺ كان روايت آهي ته پاڻ يعني رسول الله ﷺ جن رات جو اول حصو سمهندا ۽ آخري حصي ۾ جاڳندا هئا. پوءِ جيڪڏهن پنهنجي گهر وارين ڏانهن ڪا حاجت هوندي هين ته پنهنجي ضرورت پوري ڪندا هئا ان ڪان پوءِ سمهندا هئا. جيڪڏهن اذان جي وقت تڙ سان هوندا هئا ته جلدي اٿندا ۽ پاڻ تي پاڻي وهائيندا هئا ۽ جيڪڏهن تڙ جي حالت ۾ نه هوندا هئا ته نماز لاءِ وضو ڪندا هئا پوءِ ٻه رڪعتون (سنت)ادا ڪندا هئا (بخاري مسلم)**

## ٻيو فصل

(1227) عن أبي أمامة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " عليكم بقيام الليل فإنه دأب الصالحين قبلكم وهو قربة لكم إلى ربكم ومكفرة للسيئات ومنهاة عن الإثم " . رواه الترمذي

**ابو امامه ﷺ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: رات جو تهجد پڙهڻ پاڻ تي لازم ڪريو(2) ڇاڪاڻ ته اهو توهان ڪان اڳ نيڪن جو طريقو، توهان لاءِ توهان جي پالڻهار وٽ قربت جو ذريعو، برائين جي خاتمي جو سبب ۽ گناه ڪان بچڻ جو ڪارڻ آهي (ترمذي)**

---

1_ هڪ ڏينهن روزو رکڻ ۽ ٻئي ڏينهن ڇڏڻ ۾ زياده تڪليف آهي ان ڪري ثواب زياده آهي.

2_ هن حديث ۽ ٻين ڪيترين حديثن مان معلوم ٿيو ته پاڻ سڳورﷺ تهجد پڙهڻ لاءِ حڪم فرمايو آهي. سندن حڪم گهٽ وجوب لاءِ هوندو آهي. تهجد نماز جو بيان قرآن شريف ۾ به ڪيترين جاين تي آيو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ نماز رسول ڪريمﷺ جن تي مستقل طور ۽ عام مسلمانن تي شروع ۾ فرض هئي. جن آيتن ۾ تهجد جو بيان آهي اهي هي آهن: 1_﴿ مِنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ اُمَّةٌ قَآئِمَةٌ يَّتۡلُوۡنَ اٰيٰتِ اللّٰهِ اٰنَآءَ الَّيۡلِ وَهُمۡ يَسۡجُدُوۡنَ (آل عمران) (ترجمه) اهل ڪتاب مان ڪي اهڙا آهن جيڪي نماز ۾ بيهي الله جون آيتون رات ڏينهن جي (مختلف) وقتن ۾ پڙهندا آهن ۽ اهي سجدا ڪندا آهن 2_﴿ ومن اليل فتهجد به نافلت لک ﴾ (بني اسرائيل) (ترجمه) ۽ رات جو تهجد پڙهندو ڪر اهو تو تي اضافي فرض آهي 3_﴿ تتجافي جنوبهم عن المضاجع يدعون ربهم خوفا وطمعا ﴾ (ترجمه) يعني بسترن تان پنهنجا پاسا مٿي ڪٽي پنهنجي رب کي طمع ۽ خوف سان پڪاريندا

(1228) وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ثلاثة يضحك الله إليهم الرجل إذا قام بالليل يصلي والقوم إذا صفوا في الصلاة والقوم إذا صفوا في قتال العدو . رواه في شرح السنة

**ابو سعيد خدري ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ٽي شخص اهڙا آهن جن ڏانهن (ڏسي) ﷻ تعالیٰ کلندو آهي:1_ جيکو ماڻهو رات جو اٿي تهجد نماز پڙهي 2_جيکي ماڻهو صف ٻڌي (جماعت سان) نماز پڙهن3_ جيکي ماڻهو دشمن سان جنگ وقت صفون ٻڌن (شرح السنه)**

فائدو:**حديث جي سند ۾ مجالد بن سعيد راوي لين الحديث آهي (مشکواة_ الباني ص 387 ج 1)**

(1229) وعن عمرو بن عبسة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أقرب ما يكون الرب من العبد في جوف الليل الآخر فإن استطعت أن تكون ممن يذكر الله في تلك الساعة فكن " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث حسن صحيح غريب إسنادا

**عمرو بن عبسہ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ٻانهو پنهنجي رب وٽ سڀ کان وڌيڪ ويجهو[1] رات جي آخري حصي ۾ هوندو آهي پوءِ جيکڏهن توکان ٿي**

---

آهن 4_ ﴿وَالَّذِينَ يَبِيتُونَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَقِيَامًا (64) ﴾(الفرقان)(ترجمه) اهي پنهنجي رب لاءِ رات جو سجدن ۽ قيام ۾ بيهندا آهن 5_﴿ وقليلا منَ اليل ما يهجعون ﴾(ترجمه) رات جو ٿورو وقت سمهندا آهن 6_ ﴿يَا أَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ (1) قُمِ اللَّيْلَ إِلَّا قَلِيلًا (2) نِصْفَهُ أَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيلًا (3) ﴾(المزمل) (ترجمه) اي چادر ويڙهڻ وارا رات جو اٿي جاڳ ۽ نماز قائم ڪر مگر ٿوري رات يعني رات جو اڌ حصو يا ان کان بہ ٿورو.7_ ﴿إِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ أَنَّكَ تَقُومُ أَدْنَى مِنْ ثُلُثَيِ اللَّيْلِ وَنِصْفَهُ وَثُلُثَهُ﴾(المزمل) (ترجمه) تحقيق تنهنجو رب ڄاڻي ٿو تہ تون رات جو بہ ٿهايون ۽ ان جو هڪ ٽهائي تهجد جي نماز پڙهندو آهين8_ ﴿ ومن اليل فسجودو له وسباه اليلن طويلا ﴾(الدهر) (ترجمه) رات جو ان کي سجدو ڪر ۽ رات جو ڊگهي عرصي تائين ان جي تسبيح بيان ڪر، تهجد نماز جو جيتري قدر قرآن شريف ۾ بيان آهي اوتري قدر ٻي ڪنهن جو بيان نہ آهي، ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اها عظيم نيڪي اسان سيني کي حاصل ٿئي.

[1]_ قرب ٻن قسمن جو آهي هڪ قرب عام ٻيو خاص _ قرب عام اهو آهي جيئن تہ خدا تعالیٰ فرمائي ٿو تہ ﴿نحن اقرب اليه من حبل الوريد﴾(ترجمه) ۽ اسين ان کي سندس نڙگهٽ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون 2﴿ ونحن اقرب اليه من كم ولكن لا تبصرون ﴾يعني اسين ان کي اوهان کان وڌيڪ ويجها آهيون پر اهي نٿا ڏسن. عام قرب خدا

**سگهي تہ تو انهن مان ٿئين جيڪي انهيءَ گهڙيءَ ۾ ﷲ تعاليٰ ڪي ياد ڪندا آهن تہ ٿيءُ (ترمذي) ۽ چيائين تہ هيءَ حديث حسن صحيح (پر) سند جي اعتبار سان غريب آهي.**

(1230) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " رحم الله رجلا قام من الليل فصلى وأيقظ امرأته فصلت فإن أبت نضح في وجهها الماء . رحم الله امرأة قامت من الليل فصلت وأيقظت زوجها فصلى فإن أبى نضحت في وجهه الماء " . رواه أبو داود والنسائي

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: تہ ﷲ ان شخص تي رحم ڪري جيڪو رات جو اٿي نماز پڙهي ۽ پنهنجي زال ڪي اٿاري تہ اها نماز پڙهي پوءِ جيڪڏهن انڪار ڪري تہ ان جي منهن ۾ پاڻي هڻي. ﷲ هن عورت تي رحم ڪري جيڪا رات جو اٿي نماز پڙهي ۽ پنهنجي مڙس ڪي اٿاري تہ نماز پڙهي پوءِ جيڪڏهن هو انڪار ڪري تہ ان جي منهن ۾ پاڻي هڻي ([1]) (ابو داؤد، نسائي)**

(1231) وعن أبي أمامة قال : قيل : يا رسول الله أي الدعاء أسمع ؟ قال : " جوف الليل الآخر ودبر الصلوات المكتوبات " . رواه الترمذي

**ابو امامہ ﷺ کان روايت آهي، عرض ڪيو ويو تہ اي ﷲ جا رسول! دعا ڪڏهن سڀ کان زياده قبوليت اختيار ڪندي آهي؟ فرمايائون تہ رات جي آخري حصي ۾ ۽ فرض نمازن کان بعد.([2]) (ترمذي)**

(1232) وعن أبي مالك الأشعري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن في الجنة غرفا يرى ظاهرها من باطنها وباطنها من ظاهرها أعدها الله لمن آلان الكلام وأطعم الطعام وتابع الصيام وصلى بالليل والناس نيام " . رواه البيهقي في شعب الإيمان

**ابو مالڪ اشعري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: تحقيق جنت ۾ محلات آهن، جن جو ٻاهريون حصو اندر کان ۽ اندريون حصو ٻاهر کان نظر ايندو آهي. اهي ﷲ تعاليٰ انهن لاءِ پيدا فرمايا آهن جيڪي نرميءَ سان ڳالهائيندا آهن ۽ کاڌو کارائيندا آهن ۽ مسلسل روزا رکندا آهن ۽ جڏهن ماڻهو رات جو ننڊ ۾ هوندا آهن تہ تهجد پڙهندا آهن. (بيهقي شعب الايمان)**

---

تعاليٰ جي مخلوقات، ڪافر خواه مسلمان، جاندار خواه غير جاندارسان هڪ جهڙو آهي. خاص قرب ان ڪي چئبو آهي جنهن سان محبت ۽ پيار بہ شامل هجي.

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ اها نماز لڪائي نہ پڙهجي بلڪ زال مڙس هڪ ٻئي ڪي ۽ پڻ اولاد وغيره ڪي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

[2]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ فرض نمازن کان پوءِ دعا جي قبوليت جو خاص وقت آهي.

(1233) وروى الترمذي عن علي نحوه وفي روايته : " لمن أطاب الكلام "

**ابو مالڪ اشعريﷺ کان ئي ترمذيءَ انهيءَ طريقي سان حديث بيان ڪئي ۽ ان جي روايت ۾ آهي: جيڪو عمدو ڪلام ڪري (ان لاءِ اهي محلات آهن)**

## ٽيون فصل

(1234) عن عبد الله بن عمرو بن العاص قال : قال لي رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يا عبد الله لا تكن مثل فلان كان يقوم من الليل فترك قيام الليل "

**عبدالله بن عمرو بن العاص ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن مون کي فرمايو: اي عبدالله! فلاڻي وانگر نه ٿيءَ جيڪو رات جوتهجد پڙهندو هو پوءِ تهجد ڇڏي ڏنائين ([1]) (بخاري مسلم)**

(1235) وعن عثمان بن أبي العاص قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " كان لداود عليه السلام من الليل ساعة يوقظ فيها أهله يقول : يا آل داود قوموا فصلوا فإن هذه ساعة يستجيب الله عز وجل فيها الدعاء إلا لساحر أو عشار " . رواه أحمد

**عثمان بن ابو العاص ﷺ کان روايت آهي ته مون رسول اللهﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو ته داؤدﷺ رات جي هڪ اهڙي گهڙي مقرر ڪئي هئي جنهن ۾ پنهنجي گهر جي ڀاتين کي اٿاريندو هو. فرمائيندو هو اي داؤد جي آل ۽ اهل وارؤ! اٿو پوءِ نماز پڙهو ڇاڪاڻ هي اهڙي گهڙي آهي جنهن ۾ اللهﷻ عزوجل سواءِ جادوگر ۽ (ظلم سان) ٽيڪس حاصل ڪرڻ واري جي ([2]) هر شخص جي دعا قبول ڪئي ويندي آهي.**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ راوي علي بن زيد بن جدعان ضعيف آهي ۽ حسن بصري ۽ ابن ابو العاص ﷺ ۾ انقطاع پڻ آهي (مشڪواة_الباني ص 389ج1)**

(1236) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " أفضل الصلاة بعد المفروضة صلاة في جوف الليل " . رواه أحمد

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته تهجد نماز تاڪيد واري آهي ان جي ڇڏڻ کان منع فرمائي اٿن.

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته جادوگر ۽ ٽيڪس وٺڻ واري جي ٻين وقتن ۾ ته بجاءِ خود پر قبوليت جي وقت ۾ به دعا قبول ڪا نه آهي.

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو، فرض نماز کان پوءِ سڀ کان افضل نماز اڌ رات جي وقت واري نماز آهي([1]) (احمد)**

**فائدو: هي حديث مسلم (ص169 ج 3) ۾ آهي جڏهن تہ مشڪواة جي مؤلف ان جو حوالہ مسند احمد جو ڏنو آهي (مشڪواة _ الباني ص389 ج 1)**

(1237) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : جاء رجل إلى النبي صلى فقال : إن فلانا يصلي بالليل فإذا أصبح سرق فقال : إنه سينهاه ما تقول . رواه أحمد والبيهقي في شعب الإيمان

**ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ هڪ شخص نبي ﷺ جن وٽ آيو عرض ڪيائين تہ (اي اللهﷻ جا رسول!)فلاڻو ماڻهو تهجد جي نماز پڙهندو آهي جڏهن صبح ٿيندي آهي تہ چوري ڪندو آهي. ارشاد فرمايائون تہ جيڪو تون چوين ٿو ان ڪان ان جي نماز سگهوئي ان کي روڪيندي (احمد _ بيهقي شعب الايمان)**

(1238) وعن أبي سعيد وأبي هريرة قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أيقظ الرجل أهله من الليل فصليا أو صلى ركعتين جميعا كتبا في الذاكرين والذاكرات " . رواه أبو داود وابن ماجه

**ابو سعيد ۽ ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن ماڻهو رات جو پنهنجي گهر وارن کي اٿاري پوءِ ٻئي يا سڀ گڏ جي ٻہ رڪعتون پڙهن تہ اهي (اللهﷻ وٽ) ڪيس ياد ڪندڙن ۾ لکيا ويندا (ابو داؤد ۽ ابن ماجہ)**

(1239) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أشراف أمتي حملة القرآن وأصحاب الليل " . رواه البيهقي في شعب الإيمان

**عبدالله ابن عباس ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: منهنجي امت جا سڀ کان معزز ماڻهو قرآن پاڪ جا حافظ ۽ رات جو تهجد پڙهندڙ آهن (بيهقي شعب الايمان)**

**فائده:_ هن حديث جي سند سخت ضعيف آهي (الباني)**

(1240) وعن ابن عمر أن أباه عمر بن الخطاب رضي الله عنه كان يصلي من الليل ما شاء الله حتى إذا كان من آخر الليل أيقظ أهله للصلاة يقول لهم : الصلاة ثم يتلو هذه الآية : ( وأمر أهلك بالصلاة واصطبر عليها لا نسألك رزقا نحن نرزقك والعاقبة للتقوى )

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ تهجد نماز ڪا معمولي نماز نہ آهي فرض ڪان پوءِ ٻي نمبر ۾ ان جي فضيلت شمار آهي. ڪي چون ٿا تہ مؤڪد سنتون پليون آهن مگر مولانا محمد اسحاق فرمائي ٿو تہ منهنجي تحقيقات هي آهي تہ تهجد پلي آهي چاڪاڻ تہ هن ۾ تڪليف زياده ڪرڻي پوي ٿي.

رواه مالك

**عبدالله ابن عمر ﷜ کان روايت آهي تہ ان جو پيءُ عمر بن خطاب ﷜ جيتري الله گهرندو هو رات جو نماز پڑهندو هو تانجو جڏهن رات جو آخري حصو ٿيندو هو تہ پنهنجي گهر وارن کي نماز لاءِ اٿاريندو هو ۽ انهن کي چوندو هوتہ نماز پڑهو. پوءِ هيءَ آيت تلاوت کندو هو ............. (ترجمہ) ۽ پنهنجي اهل عيال کي نماز جو حکم کر ۽ ان تي هميشہ قائم رهہ اسين توکان رزق جو سوال نٿا کريون بلک اسين توکي ڏيون ٿا ۽ عاقبت ۽ انجام تقويٰ ۽ پرهيز گاري وارن لاءِ ڀلو آهي (مالک)**

# عملن ۾ اعتدال رکڻ جو بيان

## پهريون فصل

(1241) عن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يفطر من الشهر حتى يظن أن لا يصوم منه ويصوم حتى يظن أن لا يفطر منه شيئا وكان لا تشاء أن تراه من الليل مصليا إلا رأيته ولا نائما إلا رأيته . رواه البخاري

**انس ﷜ کا ن روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن سڄو مهينو روزا نہ رکندا هئا تان جو گمان کيو ويندو هو تہ هن مهيني بلکل روزو نہ رکندا ۽ (کڏهن هميشہ) روزا رکندا هئا تانجو گمان کيو ويندو هو تہ هن مهيني جو کوبہ روزو نہ ڇڏيندا ۽ رات جو جنهن حصي ۾ کين نفل ادا کندي ڏسڻ گهرو تہ ڏسي ٿي سگهيا ۽ رات جو جنهن حصي ۾ سمهندي ڏسڻ گهرو تہ ڏسي ٿي سگهيا. (بخاري)**

(1242) وعن عائشة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أحب الأعمال إلى الله أدومها وإن قل "

**عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو : الله تعاليٰ وٽ سڀ کان محبوب عمل اهي آهن جيکي هميشہ کيا وڃن ([1])جيتوڻيک ٿورا هجن. (بخاري مسلم)**

(1243) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خذوا من الأعمال ما تطيقون فإن الله لا يمل حتى تملوا "

---

[1] _ هن حديث جو مطلب آهي تہ نيک عمل يا عبادت ٿوري انداز ۾ پر هميشه لاءِ کرڻ ڀلي آهي انهيءَ عمل ۽ عبادت کان جيکا گهڻي هجي پر کڏهن کڏهن کئي وڃي.

عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو تہ طاقت ۽ سگهہ مطابق نيڪ عمل ڪريو ڇاڪاڻ تہ ﷲ تعاليٰ اجر ڏيڻ ۾ نہ ٿڪبو آهي تانجو توهان ٿڪجي پئو. (بخاري مسلم)

(1244) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ليصل أحدكم نشاطه وإذا فتر فليقعد )

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: توهان چستيءَ جي حالت ۾ نماز پڙهو ۽ جڏهن توهان کي سستي ٿئي تہ ويهي رهو.(بخاري مسلم)**

(1245) وعن عائشة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا نعس أحدكم وهو يصلي فليرقد حتى يذهب عنه النوم فإن أحدكم إذا صلى وهو ناعس لا يدري لعله يستغفر فيسب نفسه

**عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن نماز پڙهندي توهان مان ڪنهن کي جهوٽا اچن تہ ان کي گهرجي تہ سمهي پئي تانجو انجي ننڊ ختم ٿئي ڇاڪاڻ تہ توهان مان جڏهن ڪو نماز پڙهي ان حالت ۾ جو ان کي جهوٽا اچن ۽ پوءِ ان کي معلوم نہ ٿئي تہ شايد بخشش گهرندو هجي پر پاڻ کي گاريون ڏيندو هجي. ([1]) (بخاري مسلم)**

(1246) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الدين يسر ولن يشاد الدين أحد إلا غلبه فسددوا وقاربوا وأبشروا واستعينوا بالغدوة والروحة وشيء من الدلجة " . رواه البخاري

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: دين آسان آهي ڪوئي شخص اسلام تي غالب نٿو ٿي سگهي بلڪ دين ئي ان تي غالب ايندو. پوءِ توهان سڌي راهہ تي هلو، وچٿرو رستو اختيار ڪريو ۽ ثواب جي خوشخبري قبول ڪريو ۽ صبح ، شام ۽ رات جي آخري حصي ۾ (عبادت تي هميشگي ڪندي) مدد طلب ڪريو. (بخاري)**

(1247) وعن عمر رضي الله ع نه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من نام عن حزبه أو عن شيء منه فقرأه فيما بين صلاة الفجر وصلاة الظهر كتب له كأنما قرأه من الليل " . رواه مسلم

[1]_ ننڊ اچڻ جي صورت ۾ بهتر طريقو اهو آهي تہ پهريائين ننڊ لاهي ائين نہ ٿئي تہ بخشش گهرڻ جي بجاءِ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ پاڻ کي بددعا ۽ گاريون ڏي يا ڪا ٻي غلط ڳالهہ ان جي زبان مان نڪري وڃي.

**عمر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جنهن شخص کان پنهنجو وظيفو يا ان جو ڪجھ حصو وسري ويو پوءِ فجر ۽ ظهر نماز جي وچ ۾ پڑهيائين ([1]) تہ ان جي لاءِ اهڙيءَ طرح لکيو ويندو ڄڻ اهو رات جو پڑهيائين. (مسلم)**

(1248) وعن عمران بن حصين قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلى الله عليه وسلم قائما فإن لم تستطع فقاعدا فإن لم تستطع فعلى جنب " . رواه البخاري

**عمران بن حصين کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ بيهي نماز پڑهہ، جيڪڏهن ان جي سگھہ نہ هجي تہ ويهي پڑهہ پوءِ جيڪڏهن ائين بہ نہ ڪري سگهين تہ پنهنجي پاسي تي پڑهہ.(بخاري)**

(1249) وعن عمران بن حصين : أنه سأل النبي صلى الله عليه وسلم عن صلاة الرجل قاعدا . قال : " إن صلى قائما فهو أفضل ومن صلى قاعدا فله نصف أجر القائم ومن صلى نائما فله نصف أجل القاعد " . رواه البخاري

**عمران بن حصين ﷛ کان روايت آهي تہ نبيﷺ کان ان شخص جي باري ۾ پڇيائين جيڪو ويهي (نفل) نماز پڑهي. فرمايائون بيهي پڑهي تہ افضل آهي ۽ جيڪو شخص ويهي پڑهندو تہ ان کي بيهي پڑهندڙ جي اڌ جيترو اجر ملندو ۽ جيڪو سمهي پڑهندو ان کي ويهي پڑهندڙ جي اڌ جيترو اجر ملندو. (بخاري)**

## ٻيو فصل

(1250) عن أبي أمامة قال : سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقول : " من أوى إلى فراشه طاهرا وذكر الله حتى يدركه النعاس لم يتقلب ساعة من الليل يسأل الله فيها خيرا من خير الدنيا والآخرة إلا أعطاه إياه " . ذكره النووي في كتاب الأذكار برواية ابن السني

**ابو امامہ ﷛ کان روايت آهي تہ مون نبيﷺ کي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو شخص پنهنجي هنڌ تي وضو جي حالت ۾ سمهيو ۽ ﷲ جو ذڪر ڪندو رهيو تانجو ان کي ننڊ اچي ويئي، پوءِ سڄي رات جنهن بہ گھڙيءَ ۾ پاسو مٽائيندو يعني ﷲ کان دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جو سوال ڪندو تہ ﷲ ان کي اها ضرور عطا فرمائيندو ([2]) (ڪتاب الاذڪار للنووي_ ابن سني)**

---

[1]_ يعني ڪنهن کان تهجد نماز يا وتر جيڪو هميشه اڌ رات جو اٿي پڑهندڙ هجي، جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪنهن سبب ڪري رهجي وڃي يا قضا ٿي وڃي تہ فجر نماز کان وٺي اڳين نماز تائين ان کي قضا ڪري پڑهي ان جو ثواب ملندس هن مان تهجد جي قضا ڪرڻ جي ثابتي ملي ٿي.

[2]_ هن حديث مان باوضو سمهڻ ۽ ذڪر ڪرڻ جي فضيلت معلوم ٿئي ٿي.

**فائده:_ سند ۾ شهر بن حوشب راوي ضعيف آهي. مشكواة_الباني ص 392ج1)**

(1251) وعن عبد الله بن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " عجب ربنا من رجلين رجل ثار عن وطائه ولحافه من بين حبه وأهله إلى صلاته فيقول الله لملائكته : انظروا إلى عبدي ثار عن فراشه ووطائه من بين حبه وأهله إلى صلاته رغبة فيما عندي وشفقا مما عندي ورجل غزا في سبيل الله فانهزم مع أصحابه فعلم ما عليه في الانهزام وما له في الرجوع فرجع حتى هريق دمه فيقول الله لملائكته : انظروا إلى عبدي رجع رغبة فيما عندي وشفقا مما عندي حتى هريق دمه " . رواه في شرح السنة

**عبدالله ابن مسعودﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: اسان جو پروردگار ٻن ماڻهن تي تعجب ڪري ٿو[1] (هڪ) اهو ماڻهو جيڪو پنهنجي هنڌ، سوڙ ۽ پنهنجي ٻارن، ٻچن جي درميان مان تيزيءَ سان اٿي الله تعاليٰ فرشتن کي چوندو آهي تہ منهنجي هن ٻانهي ڏانهن ڏسو پنهنجي زال ۽ ٻار ٻچن جي درميان مان تهجد ادا ڪرڻ لاءِ منهنجي نعمتن ڏانهن رغبت ڪندي ۽ منهنجي عذاب کان ڊڄندي تيزيءَ سان اٿيو آهي ۽ ٻيو اهو انسان جنهن الله جي رستي ۾ جهاد ڪيو ۽ پنهنجي ساٿين سان گڏ شڪست کاڌائين. پوءِ انهيءَ محسوس ڪيو تہ (بغير عذر جي شڪست کائڻ ۾ ڪيتري قدر گناه آهي ۽ واپس) جهاد (جي ميدان ۾) وڃڻ ۾ ڪيترو ثواب آهي. پوءِ اهو موٽيو ۽ ان جو رت ڪرايو ويو پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي فرشتن کي چوندو آهي تہ منهنجي هن ٻانهي ڏانهن تہ ڏسو جو مون کان ثواب اجر حاصل ڪرڻ خاطر رغبت ڪندي ۽ منهنجي عذاب کان ڊڄندي واپس آيو آهي تانجو هن جو رت ڪرايو يو (شرح السنه)**

## فصل ٽيون

(1252) عن عبد الله بن عمرو قال : حدثت أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " صلاة الرجل قاعدا نصف الصلاة " قال : فأتيته فوجدته يصلي جالسا فوضعت يدي على رأسه فقال : " مالك يا عبد الله بن عمرو ؟ " قلت : حدثت يا رسول الله أنك قلت : " صلاة الرجل قاعدا على نصف الصلاة " وأنت تصلي قاعدا قال : " أجل ولكني لست كأحد منكم " . رواه مسلم

**عبدالله بن عمروﷺ کان روايت آهي تہ مون کي ٻڌايو ويو تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: ماڻهوءَ جي ويهي نماز پڙهڻ اڌ نماز آهي. چوي ٿو پوءِ آئون پاڻ سڳورنﷺ جي خدمت**

[1] _ الله تعالىٰ عجب ڪري ٿو ان تي ايمان آڻبو ۽ اهو عجب ڪيئن ڪري ٿو؟ ان جي ڪيفيت بابت سوال جواب نہ ڪبو.

۾ حاضر ٿيس. مون کين ويهي نماز پڙهندي ڏٺو، پوءِ پنهنجو هٿ سندن مٿي مبارڪ تي رکيو.([1]) فرمايائون اي عبدالله بن عمرو! ڪهڙي ڳالهه آهي؟ مون عرض ڪيو ته مون کي ٻڌايو ويو آهي. اي الله جا رسول ﷺ! اوهان فرمايو آهي ته ماڻهوءَ جي ويهي نماز پڙهڻ اڌ نماز آهي حالانڪ توهان ويهي نماز پڙهي رهيا آهيو فرمايائون هائو ليڪن آئون توهان مان ڪنهن وانگر نه آهيان. (مسلم)

(1253) وعن سالم بن أبي الجعد قال : قال رجل من خزاعة : ليتني صليت فاسترحت فكأنهم عابوا ذلك عليه فقال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " أقم الصلاة يا بلال أرحنا بها " . رواه أبو داود

**سالم بن ابي جعد رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته خزاعه قبيلي جي هڪ شخص چيو ته ڪاش آءٌ نماز ادا ڪيان ۽ راحت حاصل ڪيان ته ڪن ماڻهن ان جي ان ڳالهه کي عيب دار سمجهيو. انهيءَ چيو مون رسول الله ﷺ ڪان فرمائيندو ٻڌو آهي اي بلال! نماز لاءِ تڪبير چؤ ۽ مون کي ان سان راحت پهچاءِ (بو داؤد)**

# وتر جو بيان

## فصل پهريون

(1254) عن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة الليل مثنى مثنى فإذا خشي أحدكم الصبح صلى ركعة واحدة توتر له ما قد صلى "

**عبدالله ابن عمر رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: تهجد جي نماز ٻه ٻه رڪعتون آهي. پوءِ جڏهن توهان مان ڪو صبح ٿيڻ جو خوف رکي ته هڪ رڪعت پڙهي اها هڪ رڪعت جيڪي نماز پڙهي اٿس ان کي وتر بنائي ڇڏيندي ([2]) (بخاري مسلم)**

(1255) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الوتر ركعة من آخر الليل " . رواه مسلم

**ابن عمر رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: وتر نماز رات جي آخري حصي ۾ هڪ رڪعت آهي (مسلم)**

---

[1]_ عبدالله جو حضور ﷺ جن جي مٿي مبارڪ تي هٿ رکڻ هن سب ڪري هو جو عرب جو اهو دستور هو جو جيڪڏهن ڪا عجب جهڙي ڳالهه ڏسندا هئا ته انهيءَ ڳالهه واري ماڻهوءَ جي مٿي تي هٿ رکندا هئا ۽ اهو ادب جي خلاف نه هو بلڪ هڪ قسم جو رواج آهي.

[2]_ هن حديث ۾ صراحت آهي ته وتر هڪ رڪعت آهي سبحان الله هيءَ مهرباني خاص اهل حديث سان ئي شامل آهي جو هو نبي ڪريم ﷺ جن جي سيني سنتن تي عمل ڪن ٿا انهن وٽ وتر هڪ رڪعت ڪان وٺي تيرهن رڪعتن تائين آهي حنفي ٽي رڪعتون وتر هڪ سلام سان پڙهڻ جو حڪم ڏين ٿا ۽ اهڙيءَ طرح باقي سيني حديثن جي برخلاف عمل ڪري رهيا آهن.

(1256) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي من الليل ثلاث عشرة ركعة يوتر من ذلك بخمس لا يجلس في شيء إلا في آخرها "

**عائشہ رضي الله عنها كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن رات جي نماز تيرنهن ركعتون پڙهندا هئا. ان ۾ پنج ركعتون وتر جون هونديون هيون ۽ انهن مان كنهن ركعت ۾ نہ ويهندا هئا. مگر ان جي آخر ۾.([1])(بخاري مسلم)**

(1257) وعن سعد بن هشام قال انطلقت إلى عائشة فقلت يا أم المؤمنين انبئيني عن خلق رسول الله صلى الله عليه وسلم قالت : ألست تقرأ القرآن ؟ قلت : بلى . قالت : فإن خلق نبي الله صلى الله عليه وسلم كان القرآن . قلت : يا أم المؤمنين أنبئيني عن وتر رسول الله صلى الله عليه وسلم فقالت : كنا نعد له سواكه وطهوره فيبعثه الله ما شاء أن يبعثه من الليل فيتسوك ويتوضأ ويصلي تسع ركعات لا يجلس فيها إلا في الثامنة فيذكر الله ويحمده ويدعوه ثم ينهض ولا يسلم فيصلي التاسعة ثم يقعد فيذكر الله ويحمده ويدعوه ثم يسلم تسليما يسمعنا ثم يصلي ركعتين بعدما يسلم وهو قاعد فتلك إحدى عشرة ركعة يابني فلما أسن صلى الله عليه وسلم وأخذ اللحم أوتر بسبع وصنع في الركعتين مثل صنيعه في الأولى فتلك تسع يا بني وكان نبي الله صلى الله عليه وسلم إذا صلى صلاة أحب أن يداوم عليها وكان إذا غلبه نوم أو وجع عن قيام الليل صلى من النهار ثنتي عشرة ركعة ولا أعلم نبي الله صلى الله عليه وسلم قرأ القرآن كله في ليلة ولا صلى ليلة إلى الصبح ولا صام شهرا كاملا غير رمضان . رواه مسلم

**سعد بن هشام چوي ٿو تہ آئون عائشہ رضي الله عنها جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پوءِ مون عرض كيو تہ ام المؤمنين مون كي رسول اللهﷺ جي اخلاق جي باري ٻڌايو. چيائين تہ ڇا تون قرآن نہ پڙهندو آهين؟ مون چيو تہ هائو چيائين تہ پوءِ الله جي نبيﷺ جو اخلاق قرآن هو.([2]) مون چيو تہ اي ام المؤمنين رضي الله عنها، رسول اللهﷺ جي وتر بابت مون كي ٻڌايو. چيائين تہ اسين پاڻ سڳورنﷺ لاءِ ڏندڻ ۽ پاڻي تيار ركنديون هيون سين. پوءِ الله تعاليٰ رات جو جڏهن گهرندو هو كين اٿاريندو هو پوءِ پاڻ ڏندڻ كري، وضو كندا ۽ نو ركعتون نماز پڙهندا هئا. فقط ان جي اٺين ركعت ۾ ويهندا هئا. پوءِ الله جي ساراه بيان كندا هئا ۽ ان كان دعا گهرندا هئا. نائين ركعت ادا كرڻ لاءِ پاڻ بيهندا هئا ۽ سلام نہ ڦيرائيندا هئا. پوءِ آخر ۾ ويهندا هئا. الله جو ذكر ۽ ان جي حمد ساراه بيان كندا هئا ۽ ان كان بعد سلام ڦيرائيندا هئا (سلام جو آواز) اسان كي ٻڌائيندا هئا. پوءِ سلام ڦيرڻ كان بعد ويهي ٻہ ركعتون نفل ادا كندا هئا اي منهنجا پٽڙا!هي يارنهن ركعتون ٿيون. ليكن رسول اللهﷺ جن جڏهن كراڙا ٿيا ۽ بدن مبارك ٿلهو ٿي ويو تہ**

---

[1] _ هن حديث مان پنج ركعتون وتر هك سلام سان پڙهڻ جي ثابتي ملي ٿي.

[2] _ يعني حضورﷺ جا اخلاق يعني صفتون قرآن شريف جي عمل كرڻ سان كيس حاصل هيون نووي ؒ لكي ٿو تہ هن ۾ ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها جو زياده علم ۽ سمجهہ معلوم ٿئي ٿو جو سائل كي فقط هك جملہ مان هك عام سمجهاڻي ڏنائين.

**ست رڪعتون وتر پڙهڻ لڳا ۽ ٻه رڪعتون ويهي اهڙي طرح ادا ڪندا هئا جهڙي طرح پهرين ادا ڪندا هئا. اي منهنجا پٽڙا! هي نو رڪعتون ٿيون ۽ نبيﷺ جن جڏهن ٻه ڪا نماز پڙهندا هئا ته پسند فرمائيندا هئا ته ان کي هميشه ادا ڪن ۽ جڏهن ڪين ننڊ يا ڪا تڪليف رات جي اٿڻ کان باز رکندي هئي ته ڏينهن جو ٻارنهن رڪعتون نفل ادا ڪندا هئا ۽ منهنجي علم ۾ نه آهي ته پاڻ سڳورنﷺ ڪڏهن هڪ رات ۾ سڄو قرآن مجيد پڙهيو هجي [1] ۽ نه پوري رات صبح تائين نفل پڙهيا اٿن ۽ نه ئي رمضان کانسواءِ ڪنهن مهيني جا پورا روزا رکيا اٿن. (مسلم)**

(1258) وعن ابن عمر عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " اجعلوا آخر صلاتكم بالليل وترا " . رواه مسلم

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبيﷺ جن فرمايو پنهنجي رات جي آخري نماز وتر کي بڻايو [2] (مسلم)**

(1259) وعن ابن عمر عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " بادروا الصبح بالوتر " . وراه مسلم

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبيﷺ جن فرمايو وتر صبح ٿيڻ کا اڳ ئي ادا ڪريو[3] (مسلم)**

(1260) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من خاف أن لا يقوم من آخر الليل فليوتر أوله ومن طمع أن يقوم آخره فليوتر آخر الليل فإن صلاة آخر الليل مشهودة وذلك أفضل " . رواه مسلم

**جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو شخص ان ڳالهه جو خوف ڪري ته رات جي آخري حصي ۾ اٿي نه سگهندو ته ان کي رات جي اول حصي ۾ وتر پڙهڻ گهرجي ۽ جيڪو شخص اميد رکندو هجي ته رات جي آخري حصي ۾ اٿي سگهندو ته ان کي رات ۾ نماز پڙهڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته رات جي آخري حصي جي نماز ۾ فرشتا حاضر ٿيندا آهن ۽ اها افضل آهي. (مسلم)**

(1261) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : من كل الليل أوتر رسول الله صلى الله عليه وسلم من أول الليل وأوسطه وآخره وانتهى وتره إلى السحر

**عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن هر رات جي اول، درميان ۽ آخري حصي ۾ وتر پڙهندا هئا ۽ پنهنجي وتر کي اسر (پرهه ڦٽيءَ) وقت ختم ڪندا هئا. (بخاري_مسلم)**

---

[1]_هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته هڪ ڏينهن ۾ سڄو قرآن شريف پورو ڪرڻ سنت جي خلاف آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ رات ۾ پڙهندڙ پوري طرح قرآن شريف نه سمجهندو.

[2]_ هي حڪم استحباب لاءِ آهي ڇاڪاڻ ته مٿي حديث گذري آهي ته حضورﷺ جن وتر کان پوءِ ٻه رڪعتون ويهي پڙهيون آهن.

[3]_هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته وتر جو وقت صبح تائين قائم آهي.

(1262) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : أوصاني خليلي بثلاث : صيام ثلاثة أيام من كل شهر وركعتي الضحى وأن أوتر قبل أن أنام

**ابو هريرهﷺ ڪان روايت آهي تہ مون کي منهنجي خليل (رسول اللهﷺ ) ٽن ڳالهين جي وصيت ڪئي: 1_ هر مهيني جا ٽي ڏينهن روزا رکڻ جي، 2_ نيرن وقت ٻہ رڪعتون پڙهڻ جي، 3_ سمهڻ کان اڳ آئون وتر پڙهان. (1) (بخاري_مسلم)**

## ٻيو فصل

(1263) عن غضيف بن الحارث قال : قلت لعائشة : أرأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يغتسل من الجنابة في أول الليل أم في آخره ؟ قالت : ربما اغتسل في أول الليل وربما اغتسل في آخره قلت : الله أكبر الحمد لله الذي جعل في الأمر سعة قلت : كان يوتر أول الليل أم في آخره ؟ قالت : ربما أوتر في أول الليل وربما أوتر في آخره قلت : الله أكبر الحمد لله الذي جعل في الأمر سعة قلت : كان يجهر بالقراءة أم يخفت ؟ قالت : ربما جهر به وربما خفت قلت : الله أكبر الحمد لله الذي جعل في الأمر سعة . رواه أبو داود وروى ابن ماجه الفصل الأخير

**غضيف بن حارث جو بيان آهي تہ مون عائشہؓ کي چيو تہ ڇا رسول اللهﷺ جن جنابت کان غسل اول رات ۾ ڪندا هئا يا آخري رات ۾؟ چيائين تہ ڪڏهن اول رات ۾ ۽ڪڏهن رات جي آخري حصي ۾ ڪندا هئا_ مون چيو تہ اللهاڪبر! سڀ ساراهہ ان الله لاءِ آهي جنهن (شريعت جي) معاملي ۾ وسعت فرمائي. عرض ڪيم تہ وتر رات جي اول حصي ۾ پڙهندا هئا يا آخر ۾؟ چيائين تہ ڪڏهن رات جي اول حصي ۾ وتر پڙهندا هئا ۽ ڪڏهن آخري حصي ۾ وتر پڙهندا هئا. مون چيو تہ الله اڪبر! سڀ ساراہ ان الله لاءِ آهي جنهن (شريعت جي) معاملي ۾ وسعت فرمائي. مون چيو تہ قرائت جهري ڪندا هئا. يا سري (آهستي) ڪندا هئا؟ فرمايائين تہ ڪڏهن قرائت جهري ڪندا هئا ۽ ڪڏهن سري ڪندا هئا(2) مون چيو تہ الله اڪبر! سڀ ساراہ ان الله لاءِ آهي جنهن (شريعت جي) معاملي ۾ وسعت فرمائي (ابودائود) ۽ ابن ماجہ آخري جملو ذڪر ڪيو آهي.**

---

1_ ابو هريره کي سمهڻ کان اڳ وتر پڙهڻ جو حڪم هن سبب ڪري مليو جو ان کي حديثن ياد ڪرڻ ڪري گهڻو وقت رات جو حديثن جو دور ڪرڻو پوندو هو. وري آخري رات ۾ اٿڻ لاءِ مشڪل هو انهيءَ ڪري ﷺ جن ان کي اجازت ڏني تہ وتر پڙهي سمهہ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪو علم ۽ مطالب ڪرڻ ۾ مشغول هجي اهو جيڪڏهن سمهڻ کان اڳ وتر پڙهي تہ کيس اجازت آهي.

2_تهجد نماز ۾ اختيار هي تہ ان ۾ قرائت وڏي آواز ڪري يا آهستي پڙهي ؟ اختلاف هن تي آهي تہ انهن ٻنهي نمونن مان ڪهڙو افضل آهي؟ برحق هي آهي تہ ٻئي نمونا افضل آهن.

(1264) وعن عبد الله بن أبي قيس قال : سألت عائشة : بكم كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يوتر ؟ قالت : كان يوتر بأربع وثلاث وست وثلاث وثمان وثلاث وعشر وثلاث ولم يكن يوتر بأنقص من سبع ولا بأكثر من ثلاث عشرة . رواه أبو داود

**عبدالله بن ابي قيس جو بيان آهي تہ مون عائشہ ﵂ کان پڇيو تہ رسول الله ﷺ جن وتر ڪيترين رڪعتون پڙهندا هئا؟ چيائين تہ چئن ۽ ٽن رڪعتن سان ڇهن ۽ ٽن رڪعتن سان اٺن ۽ ٽن رڪعتن سان ڏهن ۽ ٽن رڪعتن سان وتر پڙهندا هئا ۽ ست رڪعتن کان گهٽ ۽ تيرنهن رڪعتن کان زياده وتر نہ پڙهندا هئا.(ابوداؤد)**

(1265) وعن أبي أيوب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الوتر حق على كل مسلم فمن أحب أن يوتر بخمس فليفعل ومن أحب أن يوتر بثلاث فليفعل ومن أحب أن يوتر بواحدة فليفعل " . رواه أبو داود والنسائي وابن ماجه

**ابو ايوب ﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: وتر هر مسلمان تي حق آهي پوءِ جيڪو پسند ڪري تہ وتر پنج رڪعتون پڙهي، ان کي ائين ڪرڻ گهرجي، جيڪو پسند ڪري تہ وتر ٽي رڪعتون پڙهي، ان کي ائين ڪرڻ گهرجي، جيڪو پسند ڪري تہ وتر هڪ رڪعت پڙهي، ان کي ائين ڪرڻ گهرجي.(ابو داؤد، نسائي، ابن ماجہ)**

(1266) وعن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الله وتر يحب الوتر فأوتروا يا أهل القرآن " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي

**علي﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: الله تعالىٰ وتر (اڪيلو) آهي پوءِ قرآن وارؤ! وتر نماز ۾ پڙهندا ڪريو. (ترمذي، ابوداؤد، نسائي)**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ ابو اسحاق سبيعي کي اختلاط ٿي ويو هو يعني صحيح ۽ غير صحيح حديثن ۾ فرق نہ ڪري سگهندو هو. (مشڪواة_الباني ص 397ج1)**

(1267) وعن خارجة بن حذافة قال : خرج علينا رسول الله صلى الله عليه وسلم وقال : " إن الله أمدكم بصلاة هي خير لكم من حمر النعم : الوتر جعله الله لكم فيما بين صلاة العشاء إلى أن يطلع الفجر " . رواه الترمذي وأبو داود

**خارجہ بن حذافہ﵁ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اسان ڏانهن نڪتا ۽ فرمايائون الله تعالىٰ توهان لاءِ هڪ نماز جو واڌارو ڪيو آهي جيڪا توهان لاءِ ڳاڙهن اٺن کان**

**زياده بهتر آهي، اها وتر (نماز) آهي[1] الله تعاليٰ ان جو وقت توهان لاءِ عشاء نماز کان بعد صبح صادق ٿيڻ تائين رکيو آهي. (ترمذي، ابوداؤد)**

**فائده:_ هن حديث جي علت عبدالله بن راشد زوفي معروف نہ آهي. (مشکواة_الباني ص 397ج1)**

(1268) وعن زيد بن أسلم قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من نام عن وتره فليصل إذا أصبح " . رواه الترمذي مرسلا

**زيد بن اسلم رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ننڊ جي ڪري جنهن جو وتر رهجي وڃي اهو صبح جو ادا ڪري (ترمذي ان کي مرسل بيان ڪيو)**

(1269) وعن عبد العزيز بن جريج قال : سألنا عائشة رضي الله عنها بأي شيء كان يوتر رسول الله صلى الله عليه وسلم ؟ قالت : كان يقرأ في الأولى ب ( سبح اسم ربك الأعلى )

وفي الثانية ب ( قل يا أيها الكافرون )

وفي الثالثة ب ( قل هو الله أحد )

والمعوذتين ورواه الترمذي وأبو داود

**عبدالعزيز بن جريج چوي ٿو تہ اسان عائشہ رضي الله عنها کان سوال ڪيو: رسول الله ﷺ جن وتر ۾ ڪهڙي شيءِ (سورت) جي قرائت ڪندا هئا؟ فرمايائين تہ پهرين رکعت ۾ ﴿سَبِّحِ اسْمَ رَبِّکَ الْاَعْلٰي ۽ ٻيءِ ۾ قُلْ يٰاَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ ۽ ٽينءَ ۾ قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ، قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ پڙهندا هئا﴾[2] (ترمذي، ابو داؤد)**

(1270) ورواه النسائي عن عبد الرحمن بن أبزى

**اها حديث نسائيءَ عبد الرحمٰن بن ابزیٰ کان بيان ڪئي.**

(1271 ) ورواه ألأحمد عن أبي بن كعب

**اها حديث احمد ابي بن ڪعب کان بيان ڪئي**

(1272 ) والدارمي عن ابن عباس ولم يذكروا والمعوذتين

---

[1]_هن مان وتر جي فضيلت معلوم ٿئي ٿي.

[2]_ هن حدييث مان معلومتئي ٿو تہ حضور ﷺ جن 3_ رکعتون وتر بہ پڙهندا هوا ۽ 5 ۽ 7 رکعتن جي متين حديثن ۾ ثابتي آيل آهي.

**اها حديث دارميءَ ابن عباس ﷺ کان بيان ڪئي ـ پر انهن مُعَوِذَتَينِ جو ذڪر نہ ڪيو آهي .**

(1273) وعن الحسن بن علي رضي الله عنهما قال : علمني رسول الله صلى الله عليه وسلم كلمات أقولهن في قنوت الوتر : " اللهم اهدني فيمن هديت وعافني فيمن عافيت وتولني فيمن توليت وبارك لي فيما أعطيت وقني شر ما قضيت فإنك تقضي ولا يقضى عليك إنه لا يذل من واليت تباركت ربنا وتعاليت " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه والدارمي

**حسن بن علي ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مون کي هنن لفظن (واري دعا) سيکا ري ([1]) تہ وتر جي دعا قنوت ۾ پڙهان (ترجمہ) اي الله ! جنهن کي تون هدايت ڏئين مون کي انهن ۾هدايت عطا ڪر، جنهن کي تون عافيت عطا ڪرين مون کي انهن ۾ عافيت عطا ڪر، جنهن کي تون پنهنجي ولايت، حفاظت ۽ نگراني عطا ڪرين مون کي بہ پنهنجي ولايت، سرپرستي ۽ نگراني عطا ڪر، جيڪا شيءِ عطا فرمائي اٿئي ان ۾ مون کي برڪت ڏي،۽مون کي ان برائيءَ کان بچاءِ جنهن جو تو فيصلو فرمايوآهي ڇاڪاڻ تہ تون فيصلو ڪندو آهين ۽ تنهنجي خلاف ڪو فيصلو نٿو ڪيو وڃي. تحقيق جنهن کي تون پنهنجي ولايت ۽ سرپرستي عطا ڪرين ان کي ڪو ذليل ڪرڻ وارو نہ آهي. برڪت وارو آهين تون اسان جا پالڻهار!۽ تمام عظمت وارو آهين!ابوداﺋود، نسائي، ابن ماجه، دارمي)**

(1274) وعن أبي بن كعب قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا سلم في الوتر قال : " سبحانك الملك القدوس " رواه أبو داود والنسائي وزاد : ثلاث مرات يطيل في آخرهن

**ابي بن ڪعب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن وتر ۾ سلام ڦيرڻ کان پوءِ چوندا هئا: تعريف آهي بادشاه ۽ پاڪ هستي جي (ابو داؤد ، نسائي) ۽ وڌيڪ چيائين تہ ٽي دفعا فرمائيندا هئا. پڻ آخر ۾ ان کي ڊگهو ڪندا هئا.**

(1275 ) وفي رواية للنسائي عن عبد الرحمن بن أبزى عن أبيه قال : كان يقول إذا سلم : " سبحان الملك القدوس " ثلاثا ويرفع صوته بالثالثة

---

[1] ـ ترمذي لکي ٿو تہ سيني قولن ۾ هي قول زياده صحيح ۽ افضل آهي بيهيقي جي روايت ۾ ﴿ واليت﴾ کان پوءِ ﴿ولايعز من عاديت ﴾ بہ آيل آهي ۽ نسائي جي روايت ۾ ﴿وصلي الله علي النبي ﴾ بہ آيل آهي ۽ ﴿اللهم انا نستعينک.........الخ﴾ واري دعاء قنوت عمر ﷺ تي موقوف آهي ان ۾ ائين بہ اهي تہ عمر ﷺ ان کي رکوع کان پوءِ پڙهندڙ هو پوءِ جيڪي رکوع کان اڳ پرهن ٿا سي انهيءَ حديث جي خلاف ڪن ٿا.

نسائيءَ ۾ عبدالرحمٰن بن ابزيٰ پنهنجي پيءُ کان بيان ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ جن سلام ڦيرڻ کان بعد چوندا هئا تعريف آهي بادشاهہ ۽ پاڪ هستي جي([1])_ ٽي دفعا_ ۽ ٽئين دفعي پنهنجو آواز بلند ڪندا هئا.

(1276 ) وعن علي رضي الله عنه قال : إن النبي صلى الله عليه وسلم كان يقول في آخر وتره : " اللهم إني أعوذ برضاك من سخطك وبمعافاتك من عقوبتك وأعوذ بك منك لا أحصي ثناء عليك أنت كما أثنيت على نفسك " . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وابن ماجه

علي ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن پنهنجي وتر جي آخر ۾ چوندا هئا: اي الله! تحقيق آئون پناهہ ٿو وٺان تنهنجي ڏمر کان تنهنجي رضا سان ۽ تنهنجي سزا کان تنهنجي بخشش سان ۽ تنهنجي مقابلي ۾ تنهنجي پناه ٿو وٺان ۽ تنهنجي ساراهہ (ڪما حقه) نٿو ڪري سگهان تون اهڙي طرح آهين جهڙي طرح تو پاڻ پنهنجي تعريف بيان ڪئي هي (ابوداؤد، ترمذي، نسائي، ابن ماجه)

## ٽيون فصل

(1277) عن ابن عباس قيل له : هل لك في أمير المؤمنين معاوية فإنه ما أوتر إلا بواحدة ؟ قال : أصاب إنه فقيه

وفي رواية : قال ابن أبي مليكة : أوتر معاوية بعد العشاء بركعة وعنده مولى لابن عباس فأتى ابن عباس فأخبره فقال : دعه فإنه قد صحب النبي صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري

ابن عباس ﷛ کان روايت آهي تہ، ان کي چيو ويو تہ امير المؤمنين معاويہ ﷛ وتر جي هڪ رڪعت پڙهندو آهي ڇا توهان کي انجو علم آهي؟ فرمايائين صحيح ٿو ڪرين، تحقيق اهو بہ فقيه آهي.

۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ابن ابي مليکه چيو تہ معاويہ عشاء کان بعد هڪ رڪعت پڙهي ۽ ابن عباس جو آزاد ڪيل ٻانهو ان وٽ موجود هو. پوءِ اهو ابن عباس وٽ آيو ۽ اها ڳالهہ ان کي ٻڌايائين چيائين تہ ان کي ڇڏي ڏي ڇاڪاڻ تہ اهو نبيﷺ جن جو اصحابي آهي([2]) (بخاري)

(1278) وعن بريدة قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " الوتر حق فمن لم يوتر فليس منا الوتر حق فمن لم يوتر فليس منا الوتر حق فمن لم يوتر فليس منا " . رواه أبو داود

---

[1]_ دارقطني جي روايت ۾ آهي تہ ﴿ سبحان الملک القدوس﴾ کان پوءِ ﴿ رب الملائکة والروح﴾ چوندا هوا.

[2]_ هن حديث مان صراحت سان وتر جي هڪ رڪعت جي ثابتي ملي ٿي. اڄوڪن ماڻهن جي عقل تي عجب آهي جيڪي هڪ رڪعت وتر جي پڙهڻ کان روڪ ڪن ٿا ابن عباس ﷛ جهڙو جليل القدر اصحابي وتر جي هڪ رڪعت کي سنت قرار ڏئي ٿو ۽ امير معاويه ﷛ کي منع نٿو ڪري تہ پوءِ اڄ ڪهڙي ماڻهو کي حق آهي جو ڪنهن ماڻهو کي پيغمبر جي سنت کان روڪي ۽ ان کي برو ڀڄڙو چوي.

**بريده ﷜ کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو ته وتر حق آهي، پوءِ جيڪو وتر نه پڙهي اهو اسان مان نه آهي، وتر حق آهي، پوءِ جيڪو وتر نه پڙهي اهو اسان مان نه آهي. ([1]) (ابوداؤد)**

**فائده:_ حديث جي سند ۾ عبيدالله بن عبدالله العتڪي ضعيف آهي. (مشڪواة_الباني ص399ج1)**

(1279) وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من نام عن الوتر أو نسيه فليصل إذا ذكر أو إذا استيقظ " . رواه الترمذي

أبو داود وابن ماجه

**ابو سعيد﷜ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: ننڊ يا ويسر جي ڪري جنهن کان وتر رهجي ته جڏهن به ياد اچي يا جاڳي ته پڙهي([2]) (ترمذي، ابوداۇد، ابن ماجه)**

(1280) وعن مالك بلغه أن رجلا سأل ابن عمر عن الوتر : أواجب هو ؟ فقال عبد الله : قد أوتر رسول الله صلى الله عليه وسلم وأوتر المسلمون . فجعل الرجل يردد عليه وعبد الله يقول : أوتر رسول الله صلى الله عليه وسلم وأوتر المسلمون . رواه في الموطأ

**امام مالڪ کي خبر پهتي ته ابن عمر کان وتر بابت هڪ شخص پڇيو ته ڇا وتر واجب آهي؟ عبدالله﷜ فرمايو ته رسول الله ﷺ جن ۽ مسلمانن وتر پڙهيو. اهو ماڻهو ان کان بار بار اهو سوال ڪرڻ لڳو. عبدالله فرمائيندو رهيو ته رسول الله ﷺ جن ۽ مسلمانن وتر پڙهيو.([3]) (موطا)**

**فائده:_ سند ۾ انقطاع آهي ان ڪري حديث ضعيف آهي. (مشڪواة_ الباني ص 400ج1)**

(1281) وعن علي رضي الله عنه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يوتر بثلاث يقرأ فيهن بتسع سور من المفصل يقرأ في كل ركعة بثلاث سور آخرهن : ( قل هوا لله أحد )

رواه الترمذي

---

[1] هن حديث مان وتر پڙهڻ بابت بردست تاڪيد معلوم ٿئي ٿو. هن

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته وتر جي قضا آهي جيئن تهجد ۽ فجر ۽ اڳين نماز جي اوائلي سنت جي قضا آيل آهي.

[3] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته عبدالله﷜ وتر جي واجب هجڻ يا سنت هجڻ جي ڇنڊڇاڻ ڪانه ڪئي. جيڪو جيئن سمجهي تيئن پڙهي جمهور علماءَ وٽ وتر سنت آهي ۽ امام ابو حنيفه وٽ واجب آهي.

**عليؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ٽي رڪعتون وتر پڙهندا هئا. ان مفصل سورت مان نو رڪعتون پڙهندا هئا. هر رڪعت ۾ ٽي ٽي سورتون پڙهندا هئا ان جي آخر ۾ ﴿قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ﴾ پڙهندا هئا.** (ترمذي)

**فائده:_ سند ۾ حارث اعور ضعيف آهي.** (مشكواة_ الباني ص400ج1)

(1282) وعن نافع قال : كنت مع ابن عمر بمكة والسماء مغيمة فخشي الصبح فأوتر بواحدة ثم انكشف فرأى أن عليه ليلا فشفع بواحدة ثم صلى ركعتين ركعتين فلما خشي الصبح أوتر بواحدة . رواه مالك

**نافع جو بيان آهي تہ آئون ابن عمرؓ وٽ مکي ۾ هيس ۽ آسمان ۾ ڪڪر هئا پوءِ ان کي صبح ٿيڻ جو خوف ٿيو. تڏهن هڪ رڪعت وتر پڙهيائين ان کان پوءِ ڪڪر هٽجي ويا. ڏٺائين تہ اجا رات آهي تہ ان هڪ رڪعت ملائي وتر کي ٻڌي ڪيو پوءِ ٻہ ٻہ رڪعتون پڙهيائين. تڏهن صبح جو خوف ٿيس تہ هڪ رڪعت وتر پڙهيائين. (مالڪ)**

(1283) وعن عائشة : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يصلي جالسا فيقرا وهو جالس فإذا بقي من قراءته قدر ما يكون ثلاثين أو أربعين آية قام وقرأ وهو قائم ثم ركع ثم سجد ثم يفعل في الركعة الثانية مثل ذلك . رواه مسلم

**عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ويهي نماز پرهندا هئا پوءِ ويهي قرائت ڪندا هئا جڏهن سندن قرائت مان ٽيهہ يا چاليهہ آيتون باقي بچنديون هيون تہ اٿي بيهي قرائت ڪندا هئا[1] پوءِ رڪوع ڪندا پوءِ سجدو ڪندا هئا. ان کان پوءِ ٻي رڪعت ۾ بہ اهڙي طرح ڪندا هئا. (مسلم)**

(1284) وعن أم سلمة رضي الله عنها أن النبي صلى الله عليه وسلم : " كان يصلي بعد الوتر ركعتين " رواه الترمذي وزاد ابن ماجه : خفيفتين وهو جالس

**ام سلمه ؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن وتر کان بعد ٻہ رڪعتون پڙهندا هئا (ترذي) ابن ماجه وڌيڪ چوي ٿو تہ ٻہ هلڪيون رڪعتون ويهي پڙهندا هئا.**

(1285) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يوتر بواحدة ثم يركع ركعتين يقرأ فيهما وهو جالس فإذا أراد أن يركع قام فركع . رواه ابن ماجه

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿو ٿئي تہ ساڳئي رڪعت ۾ ويهي قرائت ڪري پوءِ وري ويهي قرائت ڪرڻ جائز آهي. اهو امام شافعيؒ ۽ امام ابو حنيفهؒ جو مذهب آهي.

**عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ هڪ رڪعت وتر پڙهندا هئا ان کان پوءِ بہ رڪعتون ادا ڪندا هئا ([1]) ۽ ان ۾ ويهي قرائت ڪندا هئا ۽ جڏهن رڪوع ڪرڻ جو ارادو ڪندا هئا تہ بيهي رڪوع ڪندا هئا. (ابن ماجه)**

(1286) وعن ثوبان عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " إن هذا السهر جهد وثقل فإذا أوتر أحدكم فليركع ركعتين فإن قام من الليل وإلا كانتا له " . رواه الدارمي

**ثوبان﷛ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن فرمايو: تہ هيءُ جاڳڻ مشقت ۽ تڪليف جو (ڪم) آهي. جڏهن توهان مان ڪو وتر پڙهي تہ ان کي بہ رڪعتون نفل پڙهي ( ننڊ ڪرڻ گهرجي) پوءِ جيڪڏهن رات جو اٿيو ( تہ صحيح آهي) پر جيڪڏهن نہ اٿيو تہ اهي بہ رڪعتون ان لاءِ ڪافي ٿينديون. _(دارمي)**

(1287) وعن أبي أمامة : أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يصليهما بعد الوتر وهو جالس يقرأ فيهما ( إذا زلزلت ) و ( قل يا أيها الكافرون )

رواه أحمد

**ابو امام ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن وتر کان پوءِ (نفل) بہ رڪعتون ادا ڪندا هئا ۽ ان ۾ ﴿ اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ ۽ قُلْ يٰۤاَيُّهَاالْكٰفِرُوْنَ ﴾ پڙهندا هئا. (احمد)**

# قنوت نازلہ ([2]) جو بيان

## پهريون فصل

(1288) عن أبي هريرة : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان إذا أراد أن يدعو على أحد أو يدعو لأحد قنت بعد الركوع فربما قال إذا قال : " سمع الله لمن حمده ربنا لك الحمد : اللهم أنج الوليد بن الوليد وسلمة ابن هشام وعياش بن ربيعة اللهم اشدد وطأتك على مضر واجعلها سنين كسني يوسف " يجهر بذلك وكان يقول في بعض صلاته : " اللهم العن فلانا وفلانا لأحياء من العرب حتى أنزل الله : ( ليس لك من الأمر شيء ) الآية )

---

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ وتر کان پوءِ بہ رڪعتون ويهي پڙهڻ مستحب آهن امام احمد چوي ٿو تہ وتر کانپوءِ بن رڪعتن پڙهڻ کان نڪي آئون منع ڪريان ٿو نڪي آئون پڙهان ٿو. امام مالڪؒ وتر کان پوءِ بن رڪعتن پڙهڻ جو انڪار ڪيو آهي. نووي لکي ٿو تہ حضور جن بہ رڪعتون جواز لاءِ ويهي پڙهيون آهن. اهو سندن فعل ڪڏهن ڪڏهن هو هميشہ لاءِ نہ هو ۽ ڪڏهن ائين بہ هو جو نفل ويهي قرات ڪرڻ سان پڙهڻ کان پوءِ وري جڏهن رڪوع ڪندو هو تڏهن بيهي پوءِ رڪوع ڪندا هئا.

[2] _قنوت جون معنائون گهڻيون ٿي آهن مگر هتي دعا مراد آهي.

ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جڏهن ڪنهن تي بد دعا يا ڪنهن جي لاءِ دعا ڪرڻ جو ارادو ڪندا هئا تہ رڪوع کان پوءِ ڪندا هئا گهڻو ڪري جڏهن پاڻ ﴿ سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَهٗ رَبَّنَا لَکَ الۡحَمۡدُ﴾ چوندا هئا([1]) فرمائيندا هئا: اي الله وليد بن وليد ۽سلمہ بن هشام ۽ عياش بن ابي ربيعه کي نجات عطا ڪر. اي الله! (قبيلي) مضر تي پنهنجي گرفت سخت فرماءِ ۽ انهن تي يوسفؑ ( جي دور جهڙو) ڏڪار مسلط ڪر: ان دعا کي بلند آواز سان چوندا هئا ۽ ڪنهن نماز ۾ چوندا هئا تہ فلان فلان قبيلي تي لعنت ڪر تانجو الله تعاليٰ هي آيت نازل فرمائي (ترجمہ) ان معاملي ۾ توکي ڪو اختيار نہ آهي الأية (بخاري مسلم)

(1289) وعن عاصم الأحول قال : سألت أنس بن مالك عن القنوت في الصلاة كان قبل الركوع أو بعده ؟ قال : قبله إنما قنت رسول الله صلى الله عليه وسلم بعد الركوع شهرا إنه كان بعث أناسا يقال لهم القراء سبعون رجلا فأصيبوا فقنت رسول الله صلى الله عليه وسلم بعد الركوع شهرا يدعو عليهم

عاصم احول جو بيان آهي چوي ٿو تہ مون انس بن مالڪؓ کان نماز ۾ قنوت بابت پڇيو تہ رڪوع کان پهرين آهي يا بعد ۾ ؟ جواب ڏنائين ان کان پهريائين. حقيقت آهي تہ رسول اللهﷺ جن رڪوع کان بعد هڪ مهينو قنوت پڙهيو([2]) چاڪاڻ تہ پاڻ سڳورنﷺ ڪن ماڻهن کي جن کي قاري چيو ويندو هو، جيڪي تعداد ۾ ستر هئا (تبليغ ۽ تعليم لاءِ) موڪليو هو پوءِ انهن کي شهيد ڪيو ويو تہ رسول اللهﷺ جن هڪ مهيني تائين قنوت نازلہ پڙهيو. پاڻ قاتلن کي ([3]) بد دعا ڏيندا رهيا. (بخاري مسلم)

## ٻيو فصل

(1290) عن ابن عباس قال : قنت رسول الله صلى الله عليه وسلم شهرا متتابعا في الظهر والعصر والمغرب والعشاء وصلاة الصبح إذا قال : " سمع الله لمن حمده " من الركعة الآخرة يدعو على أحياء من بني سليم : على رعل وذكوان وعصية ويؤمن من خلفه . رواه أبو داود

[1] _ صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ حضورﷺ جن فجر نماز ۾ رڪوع کان پوءِ دعا قنوت پڙهي آهي ۽ چڱڻ بہ ثابت آهي پاڻ دعا قنوت ڪڏهن ڪڏهن پڙهندا هئا ۽ صحيح حديثن مان اهو بہ ثابت آهي تہ پاڻ سڳورنﷺ وتر کان پوءِ دعا قنوت پڙهي آهي. ۽ اهو اوليٰ آهي ۽ رڪوع کان اڳ قنوت پڙهڻ بہ جائز آهي.

[2] _ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ پاڻ سڳورنﷺ رڪوع کان بعد قنوت پڙهيو آهي مخاطلب تہ رڪوع کان اڳ پڙهجي يا بعد ۾ ٻنهي طرح سنت آهي.

[3] _ ﷺ جن هجري سنہ 40 ۾ 80 ماڻهو صفہ وارن اصحابن مان نجد وارن جي استدعا تي ڪين اسلامي احڪامن سيکارڻ لاءِ موڪليا جڏهن بئر معونہ وٽ پهتا تڏهن ڪين نماز ۾ دغا سان شهيد ڪيو ويو جنهن جو حضور ﷺ جن کي تمام گهڻو ڏک ٿيو ۽ سندن قاتلن تي فرضي نماز ۾ بددعا ڪيائون جڏهن هڪ مهينو اها بددعا ڪري چڪا تڏهن قرآن شريف جي آيت نازل ٿي تہ توکي بددعا ڪرڻ جو اختيار ڪونہ آهي تڏهن ڇڏي ڏنائون ٻيو هي بہ معلوم ٿئي ٿو تہ قنوت وڏي آواز پڙهجي.

( جلد پهريون )

ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مسلسل هڪ مهينو ظهر، عصر، مغرب ۽ صبح جي نماز ۾ قنوت نازلہ پڙهي. جڏهن ٻي رڪعت کان پوءِ ﴿سَمِعَ اللهُ لِمَنْ حَمِدَهُ﴾ چوندا هئا تہ بنو سليم جي قبيلن رعل، ذڪوان ۽ عصيہ کي بد دعا ڏيندا هئا ۽ مقتدي سندن پويان آمين چوندا هئا. ([1]) (ابوداؤد)

(1291) وعن أنس : أن النبي صلى الله عليه وسلم قنت شهرا ثم تركه . رواه أبو داود والنسائي

انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن هڪ مهينو قنوت نازلہ پڙهيو ان کان پوءِ ڇڏي ڏنائون([2]) (ابوداؤد ۽ نسائي)

(1292) وعن أبي مالك الأشجعي قال : قلت لأبي : يا أبت إنك قد صليت خلف رسول الله صلى الله عليه وسلم وأبي بكر وعمر وعثمان وعلي ههنا بالكوفة نحوا من خمس سنين أكانوا يقنتون ؟ قال : أي بني محدث " . رواه الترمذي والنسائي وابن ماجه

ابو مالڪ اشجعي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ چوي ٿو تہ مون پنهنجي پيءُ کي چيو تہ اي منهنجا پيءُ! تو رسول الله صلي الله عليه وسلم، ابوبڪر رضي الله عنه، عمر رضي الله عنه، عثمان رضي الله عنه ۽ پنج سال هتي ڪوفي ۾ علي رضي الله عنه جي پويان نماز پڙهي آهي ڇا اهي قنوت پڙهندا هئا؟ چيائين تہ اي منهنجا پٽ! اها بدعت آهي([3]) (ترمذي، نسائي ابن ماجه)

## ٽيون فصل

(1293) عن الحسن : أن عمر بن الخطاب جمع الناس على أبي بن كعب فكان يصلي بهم عشرين ليلة ولا يقنت بهم إلا في النصف الباقي فإذا كانت العشر الأواخر تخلف فصلى في بيته فكانوا يقولون : أبق أبي . رواه أبو داود

حسن بصري بيان ڪري ٿو تہ عمر بن خطاب رضي الله عنه ماڻهن کي ابي بن ڪعب تي جمع ڪيو. پوءِ اهو انهن کي ويهہ رمضان تائين تراويح جي نماز پڙهائيندو رهيو ۽ انهيءَ وتر نماز ۾

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قنوت ۾ مقتدي فقط ٻڌندا هئا ۽ آمين چوندا آهن.

[2] _ يعني بلڪل ڇڏي ڏنائون يا هي مطلب آهي تہ فرضي نماز ۾ ڇڏي ڏنائون ۽ وتر ۾ پڙهندا هئا.

[3] _ يعني هميشه نماز ۾ قنوت پڙهڻ بدعت آهي يعني حضور صلي الله عليه وسلم جن هڪ مهينو پڙهي پوءِ ڇڏي ڏني. حافظ ابن قيم لکي ٿو تہ انصاف هي آهي تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن قنوت پڙهي هئي ۽ ڇڏي بہ هئي ۽ سندن ڇڏڻ پڙهڻ کان زياده هو ڇاڪاڻ تہ سندن پڙهڻ حادثہ ۽ مصيبت جي وقت هوندو هو. جڏهن اهو عارضو ويندو رهيو تڏهن قنوت نہ پڙهندا هئا انهيءَ ڪري قنوت حادثہ جي وقت ۾ فرضي نماز ۾ پڙهجي ۽ جڏهن اهو حادثو دفع ٿي وڃي تڏهن ڇڏي ڏجي هميشه فرض ۾قنوت پڙهڻ بدعت آهي.

آخري نصف راتين ۾ دعا قنوت پڙهيو ([1]) ۽ جڏهن آخري ڏهہ ڏينهن باقي بچندا هئا تہ ابي ﷛ مسجد ۾ اچڻ کان پنتي رهندو هو ۽ گهر ۾ تراويح نماز ادا ڪندو هو. ماڻهو چوندا هئا تہ ابي﷛ ڀڄي ويو. (ابو داؤد)

فائده:_ سند ۾ انقطاع آهي، ان ڪري حديث ضعيف آهي. (مشكواة_الباني ص 404ج1)

(1294) وسئل أن بن مالك عن القنوت . فقال : قنت رسول الله صلى الله عليه وسلم بعد الركوع وفي رواية : قبل الركوع وبعده . رواه ابن ماجه

انس بن مالڪ ﷛ کان قنوت بابت سوال ڪيو ويو چيائين تہ رسول الله ﷺ جن رڪوع کان بعد قنوت نازلہ پڙهندا هئا ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ رڪوع کان پهريائين ۽ ان کان بعد. (ابن ماجه)

# رمضان ۾ قيام ڪرڻ جو بيان

## پهريون فصل

(1295) عن زيد بن ثابت : أن النبي صلى الله عليه وسلم اتخذ حجرة في المسجد من حصير فصلى فيها ليالي حتى اجتمع عليه ناس ثم فقدوا صوته ليلة وظنوا أنه قد نام فجعل بعضهم يتنحنح ليخرج إليهم . فقال : ما زال بكم الذي رأيت من صنيعكم حتى خشيت أن يكتب عليكم ولو كتب عليكم ما قمتم به . فصلوا أيها الناس في بيوتكم فإن أفضل صلاة المرء في بيته إلا الصلاة المكتوبة )

زيد بن ثابت﷛ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن مسجد ۾ تڏي جو هڪڙو ڪمرو ٺهرايو پاڻ ﷺ ان ۾ ڪي راتيون (رمضان ۾) قيام ڪيائون تانجو گهڻائي سان اصحاب سڳورا﷡ سندن اقتدا ۾ شريڪ ٿيا.([2]) ان کان پوءِ هڪ رات پاڻ سڳورن ﷺ جو آواز نہ ٻڌائون. پايائون تہ ننڊ ۾ آهن. ڪن اصحابن ڪنگهڻ شروع ڪيو تہ جيئن ٻاهر نڪرن (تراويح پڙهيائين) پاڻ فرمايائون توهان جو اهو ڪارنامو آئون برابر ڏسندو رهيس تانجو مون کي خوف ٿيو تہ توهان تي اها نماز فرض نہ ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن فرض ٿي وڃي ها تہ ان تي قائم نہ رهي سگهو ها پوءِ اي انسانو! پنهنجن گهرن ۾ پڙهو چاڪاڻ تہ ماڻهو جي فرض نماز کان سواءِ بهتري نماز اها آهي جيڪا گهر ۾ پڙهي وڃي. (بخاري_مسلم)

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ وتر واري قنوت واجب نہ آهي ڪڏهن پڙهجي ڪڏهن ڇڏي ڏجي رڪوع کان پوءِ رڪوع کان اڳ ٻنهي طرح سان قنوت آيل آهي.

[2] _ امام نووي لکي ٿو حضور ﷺ جن تراويح نماز جماعت سان پڙهائي آهي ۽ هي معلوم ٿئي ٿو تہ سنتن ۾ جماعت ڪرائڻ جائز آهي پڻ هي ٻہ معلوم ٿيو تہ جڏهن ڪنهن چڱي ڪم ۾ فساد ۽ نقصان هجي تہ انکي ڇڏي ڏجي. تراويح گهر ۾ پڙهڻ افضل آهي امام شافعي ۽ امام ابو حنيفه فرمائي ٿو تراويح مسجد ۾ پڙهڻ افضل آهي ۽ ٻيا چون ٿا گهر ۾ پڙهڻ افضل آهي.

(1296) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : ( كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يرغب في قيام رمضان من غير أن يأمرهم فيه بعزيمة فيقول : " من قام رمضان إيمانا واحتسابا غفر له ما تقدم من ذنبه . فتوفي رسول الله صلى الله عليه وسلم والمر على ذلك ثم كان الأمر على ذلك في خلافة أبي بكر وصدرا من خلافة عمر على ذلك " . رواه مسلم

**ابو هريرهﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ رمضان شريف عبادت ڪرڻ لاءِ اصحابن کي ترغيب ڏيندا هئا. بغير ان جي جو قطعيب سان ڪو حڪم ڪن. فرمائيندا هئا. جنهن ايمان ۽ اجر حاصل ڪرڻ جي نيت سان رمضان ۾ قيام يعني عبادت ڪئي ان جا گذريل سمورا گناه معاف ڪيا ويندا. رسول اللهﷺ جن جي وفات تائين اهو معاملو ائين هلندو رهيو. خلافت ابوبڪرصديقﷺ جي دور ۾ بہ معاملوائين رهيو ۽ عمر ﷺ جي خلافت جو شروع وارو دور بہ ان معاملي تي رهيو. (مسلم)**

(1297) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قضى أحدكم الصلاة في مسجده فليجعل لبيته نصيبا من صلاته فإن الله جاعل في بيته من صلاته خيرا " . رواه مسلم

**جابر ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جڏهن توهان مان ڪو شخص پنهنجي مسجد ۾ نماز پڙهي تہ نماز جو ڪجھ حصو گهر ۾ ادا ڪري ڇاڪاڻ تہ ﷲ تعاليٰ گهر ۾ (نفل) پڙهڻ سان خير ۽ برڪت عطا فرمائيندو[1] آهي. (مسلم)**

## فصل ٻيو

(1298) عن أبي ذر قال : صمنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم رمضان فلم يقم بنا شيئا من الشهر حتى بقي سبع فقام بنا حتى ذهب ثلث الليل فلما كانت السادسة لم يقم بنا فلما كانت الخامسة قام بنا حتى ذهب شطر الليل فقلت : يارسول الله لو نفلتنا قيام هذه الليلة . قال فقال : " إن الرجل إذا صلى مع الإمام حتى ينصرف حسب له قيام الليلة " . قال : فلما كانت الرابعة لم يقم فلما كانت الثالثة جمع أهله ونساءه والناس فقام بنا حتى خشينا أن يفوتنا الفلاح . قال قلت : وما الفلاح ؟ قال : السحور . ثم لم يقم بنا بقية الشهر . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وروى ابن ماجه نحوه إلا أن الترمذي لم يذكر : ثم لم يقم بنا بقية الشهر

**ابو ذر ﷺ كان روايت آهي تہ اسان رسول اللهﷺ جن سان روزوركيو. پاڻ اسان سان رمضان ۾قيام نہ فرمايائون تانجو ست راتيون باقي بچيون پوءِ اسان سان قيام فرمايائون تانجو رات جو ٽيون حصو ختم ٿيو. جڏهن ڇهين رات ٿي تہ اسان سان قيام نہ فرمايائون. جڏهن پنجين رات ٿي تہ اسان سان قيام فرمايائون تانجو اڌ رات گذري وئي. مون عرض ڪيو تہ اي ﷲ جا رسولﷺ!**

---

[1]_ هن حديث ۾ اشارو آهي تہ رمضان شريف ۾ڪجھ نماز گهر ۾ بہ پڙهجي.

كاش اوهين اسان سان باقي رات بہ قيام فرمايو ها! ارشاد فرمايائون: بيشڪ جڏهن ماڻهو امام سان نماز پڙهي، تانجو سلام ڦيري تہ ان جي اعمالنامي ۾ رات جي قيام (عبادت) جو اجر لکيو ويندو آهي. جڏهن چوٿين رات ٿي تہ پاڻ ﷺ اسان سان قيام نہ ڪيائون؛ تانجو رات جو ٽيون حصو باقي وڃي بچيو. جڏهن ٽين رات ٿي تہ پاڻ ﷺ اهل و عيال ۽ ماڻهن کي گڏ ڪيائون، اسان سان قيام ڪيائون تانجو اسان کي خطرو ٿيو تہ اسان کان فلاح فوت ٿي ويندي.([1]) مون چيو تہ فلاح ڇا آهي؟ چيائين تہ سحري کائڻ. ان کان پوءِ مهيني جو باقي حصو اسان سان قيام نہ ڪيائون(ابو داؤد، ترمذي، نسائي) ابن ماجه بن ان طرح بيان ڪيو، مگر ترمذيءَ هي الفاظ بيان نہ ڪيا: ﴿ثم لم يقم بنا بقية الشهر﴾.

(1299) وعن عائشة قالت : فقدت رسول الله صلى الله عليه وسلم ليلة فإذا هو بالبقيع فقال " أكنت تخافين أن يحيف الله عليك ورسوله ؟ قلت : يا رسول الله إني ظننت أنك أتيت بعض نسائك فقال : إن الله تعالى ينزل ليلة النصف من شعبان إلى السماء الدنيا فيغفر لأكثر من عدد شعر غنم كلب " رواه الترمذي وابن ماجه وزاد رزين : " ممن استحق النار " وقال الترمذي : سمعت محمدا يعني البخاري يضعف هذا الحديث

عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي هڪ رات مون هنڌ تان غائب پاتو، (تلاش ڪرڻ تي) ڪين بقيع (قبرستان ) ۾ لڌو. فرمايائون: ڇا توکي خطرو هو تہ الله ۽ ان جو رسول ﷺ توتي ظلم ڪندو؟ چيائين تہ اي الله جا رسول ﷺ! مون گمان ڪيو تہ اوهين پنهنجي ڪنهن گهر واريءَ وٽ آيا هوندؤ. ارشاد فرمايائون تہ الله تعاليٰ پندرهن شعبان([2]) جي رات پهرين آسمان ڏانهن لهندو آهي پوءِ قبيلي بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن کان بہ زياده ماڻهن کي بخشيندو آهي.(ترمذي، ابن ماجه) رزين هي الفاظ زياده ڪيا آهن تہ انهن (کي معاف ڪندو آهي) جيڪي دوزخ جا حقدار آهن. ترمذي چوي ٿو مون محمد (امام بخاري) کان ٻڌو، انهيءَ هن حديث کي ضعيف چيو.

فائده:_ سند ۾ يحيٰ بن ابي ڪثير راويءَ جو عروه کان سماع ثابت نہ آهي ۽ حجاج بن ارطاة يحيٰ بن ابي ڪثير کان نہ ٻڌو آهي. (مشڪواة_الباني ص 406ج1)

[1] _ هن حديث مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضور ﷺ جن فقط ٽي راتيون يعني 23-25 ۽ 27 تاريخ جماعت سان تراويحون پڙهيائون ڪين گمان هو تہ انهن تاريخن ۾ ليلة القدر آي انهيءَ ڪري گهڻا ماڻهو گڏ ڪيائون.

[2] _ اڄ ڪلهہ جاهل مسلمان جي حالت تي نهايت افسوسناڪ آهي جو شب برائت ۾ عبادت جي بجاءِ تماشو ۽ آتشبازي ڪندا رهن ٿا حالانڪ اهي ڪم حرام آهن هن حديث کي رمضان جي باب ۾آڻڻ جو مقصد هي آهي تہ جهڙي طرح رمضان شريف ۾ وڌ ۾وڌ عبادت ڪرڻ جو حڪم آهي ساڳئي ريت انهيءَ رات ۾ پڻ الله تعاليٰ جي وڏ ۾ وڌ عبادت ڪئي وڃي.

(1300) وعن زيد بن ثابت قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " صلاة المرء في بيته أفضل من صلاته في مسجدي هذا إلا المكتوبة " . رواه أبو داود والترمذي

**زيد بن ثابت کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: ماڻهوءَ جي پنهنجي گهر ۾ نماز منهنجي هن مسجد ۾ نماز پڙهڻ کان زياده فضيلت واري آهي، مگر فرضي نماز (مسجد ۾ افضل آهي) (ابو دائود_ ترمذي)**

## ٽيون فصل

(1301) عن عبد الرحمن بن عبد القاري قال : خرجت مع عمر بن الخطاب ليلة في رمضان إلى المسجد فإذا الناس أوزاع متفرقون يصلي الرجل لنفسه ويصلي الرجل فيصلي بصلاته الرهط فقال عمر : إني أرى لو جمعت هؤلاء على قارئ واحد لكان أمثل ثم عزم فجمعهم على أبي بن كعب ثم خرجت معه ليلة أخرى والناس يصلون بصلاة قارئهم . قال عمر رضي الله عنه : نعم البدعة هذه والتي تنامون عنها أفضل من التي تقومون . يريد آخر الليل وكان الناس يقومون أوله . رواه البخاري

**عبدالرحمٰن بن عبدالقاري چوي ٿو آئون عمر بن خطاب رضي الله عنه سان هڪ رات مسجد ڏانهن نڪتس. ڇا ٿو ڏسان تہ ماڻهو مختلف ٽولن ۾ آهن ڪو ماڻهو اڪيلي سر نفل ادا ڪري رهيو هو ۽ ڪو نماز پڙهي رهيو هو تہ ان جي امامت ۾ ڪي جماعتي نماز پڙهي رهيا هئا. عمر رضي الله عنه فرمايو جيڪڏهن آئون انهن سڀني کي هڪ قاريءَ جي پٺيان جمع ڪريان تہ يقيناً زياده مناسب ٿيندو. پوءِ اهوعزم ڪري انهن کي ابي بن ڪعب جي امامت ۾ جمع ڪيائين. (عبدالرحمٰن) چوي ٿو تہ ان کان پوءِ ان سان گڏ ٻي رات ۾ نڪتس تہ ماڻهو هڪ قاريءَ جي امامت ۾ نفل ادا ڪري رهيا هئا. عمر رضي الله عنه چيو تہ هيءَ ڏاڍي سهڻي بدعت آهي.[1] ۽ جيڪي ان کان سمهي پيا آهن. اهي بهتر آهي. سندس مطلب آخري رات ۾ نماز تهجد پڙهڻ وارا هئا_ ۽ ماڻهو رات جي اول وقت ۾ تراويح پڙهندا هئا. (بخاري)**

(1302) وعن السائب بن يزيد قال : أمر عمر أبي بن كعب وتميما الداري أن يقوما للناس في رمضان بإحدى عشرة ركعة فكان القارئ يقرأ بالمئين حتى كنا نعتمد على العصا من طول القيام فما كنا ننصرف إلا في فروع الفجر . رواه مالك

[1]_ لغت ۾ هونئين ڪم کي بدعت چئجي ٿو دين ۾ هر اهو ڪم بدعت آهي جيڪو رسول اللهﷺ جن کان ثابت نہ هجي ۽ پاڻ سڳورنﷺ کان بعد انکي دين ۾ شامل ڪيو وڃي. تراويح بابت صحيح ڳالهہ اها آهي تہ حضورﷺ جن ٽي راتيون جماعت سان اها نماز پڙهائي آهي ۽ انفرادي طور تي رمضان ۾ اها نماز پڙهي ويندي هئي عمر رضي الله عنه جو تراويحن جو التزام ڪرائڻ ۽ انکي بدعت حسنه چوڻ لغوي اعتبار سان آهي.

سائب بن يزيد چوي ٿو تہ عمر ابي بن ڪعب ۽ تميم داريؓ ([1]) کي حڪم ڏنو تہ رمضان ۾ ماڻهن کي يارنهن رڪعتون نماز پڙهائين.([2]) پوءِ قاري هڪ رڪعت ۾ ٽن (سورتن) مان ڪنهن سورت جي تلاوت ڪندو هو تانجو اسين ڊگهي قيام جي ڪري لٺين جو سهارو وٺندا هئاسون ۽ صبح صادق جي شروع ۾ گهر موٽندا هئاسون.(مالڪ)

فائده:_ مِئِيَنَ اهي سورتون آهن جن جون آيات سؤ کان زياده آهن. والله اعلم.

(1303) وعن الأعرج قال : ما أدركنا الناس إلا وهم يلعنون الكفرة في رمضان قال : وكان القارئ يقرأ سورة البقرة في ثمان ركعات وإذا قام بها في ثنتي عشرة ركعة رأى الناس أنه قد خفف . رواه مالك

اعرج چوي ٿو تہ رمضان ۾ مون ماڻهن کي ڪافرن تي لعنت ڪندي ڏٺو (مالڪ) راوي اعرج چوي ٿو تہ قاري سورت بقره اٺن رڪعتن ۾ پوري پڙهندو هو ۽ جڏهن اها ٻارهن رڪعتن ۾ پڙهندو هو تہ ماڻهو سمجهندا هئا تہ آهن اڄ هلڪائي ڪئي آهي. هن کي مالڪ روايت ڪيو آهي.

(1304) بن أبي بكر قال : سمعت أبي يقول : كنا ننصرف في رمضان من القيام فنستعجل الخدم بالطعام مخافة فوت السحور . وفي آخرى مخافة الفجر . رواه مالك

عبدالله بن ابي بڪرؓ کان روايت اهي، مون پنهنجي پيءُ کي فرمائيندي ٻڌو تہ اسين رمضان جي قيام مان واپس موٽندا هئاسين تہ خادمن کي جلدي کاڌو آڻڻ لاءِ چوندا هئاسون متان سحري کائڻ جو وقت فوت نہ ٿئي ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ صبح صادق ٿيڻ جي خوف کان (مالڪ)

(1305) وعن عائشة عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " هل تدرين ما هذه الليل ؟ " يعني ليلة النصف من شعبان قالت : ما فيها يا رسول الله فقال : " فيها أن يكتب كل مولود من بني آدم في هذه السنة وفيها أن يكتب كل هالك من بني آدم في هذه السنة وفيها ترفع أعمالهم وفيها تنزل أرزاقهم " . فقالت : يا رسول الله ما من أحد يدخل الجنة إلا برحمة الله تعالى ؟ فقال : " ما من أحد يدخل الجنة إلا برحمة الله تعالى " . ثلاثا . قلت : ولا أنت يا رسول الله ؟ فوضع يده على هامته فقال : " ولا أنا إلا أن يتغمدني الله برحمته " . يقولها ثلاث مرات . رواه البيهقي في الدعوات الكبير

---

[1] _ ابي بن ڪعب مردن جو امام هو ۽ تميم داري عورتن جو.

[2] _ 11_رڪعتون يعني 8_رڪعتون تراوح ۽ 3_رڪعتون وتر حضورﷺ جن کان ثابت آهي. جيئن بخاري ۽ مسلم ۾ ام المؤمنين عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن رمضان ۽ غير رمضان ۾ 11_رڪعتن کان وڌيڪ تهجد نہ پڙهيو آهي ۽ دراصل تراويح ۽ تهجد هڪ ئي شيءِ آهي.

عائشه رضي الله عنها نبي ﷺ کان بيان ڪري ٿي، فرمايائون توکي خبر آهي ته هيءَ رات يعني شعبان جي پندرهين رات ڇا آهي. عرض ڪيائين ته اي الله جا رسول ﷺ! ان ۾ ڇا آهي؟ فرمايائون: ان ۾ هن سال پيدا ٿيندڙ هر ٻار لکيو ويندو آهي ۽ ان ۾ هن سال هر فوت ٿيندڙ انسان لکيو ويندو آهي ۽ ان ۾ انهن جا اعمال لکيا ويندا آهن ۽ ان ۾ انهن جو رزق نازل ٿيندو آهي. عرض ڪيائين ته اي الله جا رسول ﷺ! هر شخص جنت ۾ الله تعاليٰ جي رحمت سان ئي داخل ٿيندو؟ ([1]) فرمايائون: هر شخص فقط الله تعاليٰ جي رحمت سان ئي جنت ۾ داخل ٿيندو. مون چيو ته ۽ اوهان به اي الله جا رسول ﷺ ؟ پاڻ پنهنجو هٿ پنهنجي مٿي تي رکيائون ۽ فرمايائون ته آئون به نه! مگر هي ته الله پنهنجي رحمت ۾ مون کي ڍڪي ٿو ٽي دفعا فرمايائون: (بيهقي دعوات الڪبير)

فائده:_ علامه الباني چوي ٿو ته مون کي اهو ڪتاب معلوم ٿي نه سگهيو. نه حديث جي سند جو علم ٿي سگهيو ته اها خبر اٿم ته ڪنهن محدث انهيءَ سند تي جرح ۽ تنقيد ڪئي آهي. منهنجو غالب گمان آهي ته حديث ضعيف آهي البت حديث جو هي جملو ته هر شخص جنت ۾ الله تعاليٰ جي رحمت سان ويندو (آخر تائين) ثابت آهي. (مشڪواة _الباني ص 409ج1)

(1306) وعن أبي موسى الأشعري عن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إن الله تعالى ليطلع في ليلة النصف من شعبان فيغفر لجميع خلقه إلا لمشرك أو مشاحن " . رواه ابن ماجه

ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: الله تعاليٰ پندرهين شعبان جي رات رحمت جي نظر فرمائيندو آهي، پوءِ پنهنجي تمام مخلوق کي معاف فرمائيندو آهي سواءِ مشرڪ ۽ (بلاوجه) دشمني ۽ بغض رکڻ واري کي (ابن ماجه)

(1307) ورواه أحمد عن عبد الله بن عمرو بن العاص وفي روايته : " إلا اثنين مشاحن وقاتل نفس "

احمد اها حديث عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنه کان بيان ڪئي، ان جي حديث ۾ هي الفاظ آهن ته مگر ٻه ڄڻا (بلاوجه) دشمني ڪرڻ وارو ۽ ڪنهن ساهه واري کي قتل ڪرڻ وارو (معاف نٿا ڪيا وڃن)

---

[1]_ هيءَ حديث انهيءَ آيت شريف جي معارض نه ڇئبي. جنهن ۾ آهي: ﴿ وَتِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيٓ أُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴾(ترجمه) يعني توهان جنهن جنت جا وارث ٿيا آهيو، اها اوهان جي عملن جي جزا آهي. ڇاڪاڻ ته نيڪ عمل به الله پاڪ جي توفيق سان ئي ممڪن آحي. جيڪڏهن الله تعاليٰ ان جي توفيق عطا نه فرمائي ته انسان کان ڪوبه نيڪ عمل ٿي نٿو سگهي. انهيءَ سبهي جو ٻيو جواب هيءُ آهي ته انسان جو عمل ظاهري سبب آهي، پر حقيقي سبب الله جل جلاله جي رحمت آهي، جنهن سبب انسان جي نيڪ عملن کي قبوليت جو درجوملي ٿو ۽ جنت جي صورت ۾ ان جي جزا ملي ٿي.

(1308) وعن علي رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا كانت ليلة النصف من شعبان فقوموا ليلها وصوموا يومها فإن الله تعالى ينزل فيها لغروب الشمس إلى السماء الدنيا فيقول : ألا من مستغفر فأغفر له ؟ ألا مسترزق فأرزقه ؟ ألا مبتلى فأعافيه ؟ ألا كذا ألا كذا حتى يطلع الفجر " . رواه ابن ماجه

**عليؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جڏهن شعبان جي اڌ رات ٿئي تہ ان جي رات ۾ قيام (عبادت) ڪيو ۽ ڏينهن جو روزا رکو ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ سج لهڻ کان وٺي ان رات ۾ دنيا جي آسمان ڏانهن لهندو آهي، پوءِ فرمائيندو آهي: آهي ڪو بخشش طلب ڪرڻ وارو تہ آئون ان کي معاف ڪريان؟ آهي ڪو رزق طلب ڪرڻ وارو تہ ان کي رزق عطا ڪريان؟ آهي ڪو مصيبت جو ماريل تہ آئون ان کي تندرستي عطا ڪريان؟ خبردار! فلاڻو فلاڻو ڪير آهي تانجو فجر ٿيندي آهي.(ابن ماجه)**

**فائده:_ حديث تمام ضعيف آهي. ان جي سند ۾ راوي ابوبڪر بن عبدالله بن محمد بن ابي سبرة ڪوڙيون حديثون ناهيندو هو (مشڪواة_الباني ص 401 ج1)**

**ضحيٰ([1]) (ڪچڙي منجهند) واري نماز**

# پهريون فصل

(1309) عن أم هانئ قالت : إن النبي صلى الله عليه وسلم دخل بيتها يوم فتح مكة فاغتسل وصلى ثماني ركعات فلم أر صلاة قط أخف منها غير أنه يتم الركوع والسجود . وقالت في رواية أخرى : وذلك ضحى

**ام هانيؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن فتح مڪي جي ڏينهن سندن گهر ۾ داخل ٿيا. پوءِ غسل ڪيائون ۽ اٺ رڪعتون (چاشت جون) پڙهيائون([2]) مون ان کان زياده هلڪي نماز ڪڏهن نہ ڏٺي سواءِ ان جو رڪوع ۽ سجده پورا ڪيائون . ٻي روايت ۾ چوي ٿي تہ اها نماز چاشت جي هئي (متفق عليه)**

(1310) وعن معاذة قالت : سألت عائشة : كم كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي صلاة الضحى ؟ قالت : أربع ركعات ويزيد ما شاء الله . رواه مسلم

---

[1]_ ضحيٰ (چاشت) يعني ٻن پهرين کان ڪجهہ وقت اڳي پڙهجڻ واري نماز.

[2]_ گهڻين حديثن مان ثابت آهي تہ حضورﷺ جن چاشت جي نماز پڙهي آهي ۽ انجي فضيلت بہ بيان فرمائي اٿن. مگر اها نماز گهڻو ڪري ۽ هميشہ نہ پڙهي اٿن. انهيءَ ڪري ڪيترن اصحابين سڳورنؓ اها نماز پڙهندي حضورپاڪﷺ جن کي نہ ڏٺو. ان جو هڪ سبب هيءُ بہ آهي تہ اها نماز پاڻ سڳورنﷺ گهر ۾ پڙهي آهي، انهيءَ ڪري اصحابين مان گهڻن کي معلوم ٿي نہ سگهي.

**معاذه جو بيان آهي، مون عائشهؓ کان پڇيو ته رسول اللهﷺ جن ضحيٰ ڪيتريون رڪعتون پڙهندا هئا؟ چيائين ته چار رڪعتون ۽ جيڪي الله گهرندو هو اوتري وڌائي پڙهندا هئا. (مسلم)**

(1311) وعن أبي ذر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يصبح على كل سلامي من أحدكم صدقة فكل تسبيحة صدقة وكل تحميدة صدقة وكل تهليلة صدقة وكل تكبيرة صدقة وأمر بالمعروف صدقة ونهي عن المنكر صدقة ويجزئ من ذلك ركعتان يركعهما من الضحى " . رواه مسلم

**ابوذرؓ کا روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: توهان جي هر جوڙ تي ([1]) صدقه (واجب) آهي. پوءِ هر تسبيح (سبحان الله چوڻ) صدقه آهي، هر تحميد (الحمدالله چوڻ) صدقه آهي، هر تهليل (لااله الاالله چوڻ) صدقه آهي، هر تڪبير(الله اڪبر چوڻ) صدقه آهي، چڱائيءَ جو حڪم برائيءَ کان روڪڻ صدقه آهي ۽ انهن سڀني جي عوض چاشت جون ٻه رڪعتون پڙهڻ ڪافي آهن. (مسلم)**

(1312) وعن زيد بن أرقم أنه رأى قوما يصلون من الضحى فقال : لقد علموا أن الصلاة في غير هذه الساعة أفضل إن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " صلاة الأوابين حين ترمض الفصال " . رواه مسلم

**زيد بن ارقم ؓ کان روايت آهي ته ماڻهن کي ڏٺائين جيڪي چاشت نماز پڙهي رهيا هئا چيائين ته هي ماڻهو پڪ سان ڄاڻن ٿا ته نماز سواءِ هن گهڙيءَ جي افضل آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو: اوابين جي نماز ان وقت هوندي آهي جڏهن اٺن جي ڦرن جا پير سڙن (مسلم)**

## ٻيو فصل

(1313) وعن أبي الدرداء وأبي ذر رضي الله عنهما قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " عن الله تبارك وتعالى أنه قال : يا ابن آدم اركع لي أربع ركعات من أول النهار : أكفك آخره " . رواه الترمذي

**ابو درداء ۽ ابو ذر ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو الله تعاليٰ فرمائي ٿو اي آدم جا پٽ! ڏينهن جي شروع ۾ منهنجي لاءِ چار رڪعتون ادا ڪر، آئون ڏينهن جي آخر ۾ تنهنجي لاءِ ڪافي ٿيندس. (ترمذي)**

---

[1] _ يعني جڏهن ننڊ مان سلامتيءَ سان اٿي ٿو ۽ ڪيس نئين زندگي حاصل ٿئي ٿي ۽ رات جي آفتن کان محفوظ رهي ٿو ۽ ڏينهن جي ڪاروبار هلائڻ جي لائق ٿئي ٿو، تڏهن مٿس شڪراني طور جسم جي هر عضوي تي خيرات لازم ٿئي ٿي. پوءِ اهي ڪلمان يعني ﴿سبحان الله، الحمدالله، الله اڪبر﴾ ۽ ﴿لااله الاالله﴾ چوڻ ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪوڻ ۽ برن کان روڪڻ سان اها خيرات ادا ٿي وڃي ٿي، پر جيڪڏهن ضحيٰ جون ٻه رڪعتون ادا ڪري ته سڀني جو حق ادا ٿي وڃي ٿو. ڇا ڪاڻ ته نماز بدن جي سمورن عضون سان ادا ڪبي آهي ۽ هر عضوي جو شڪرانو نماز سان ادا ٿي ويندو آهي.

(1314) ورواه أبو داود والدارمي عن نعيم بن همار الغطفاني وأحمد عنهم

**اها حديث ابو داؤد، دارمي، نعيم بن همار غطفاني کان ۽ احمد انهن کان بيان ڪئي.**

(1315) وعن بريدة قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " في الإنسان ثلاثمائة وستون مفصلا فعليه أن يتصدق عن كل مفصل منه بصدقة " قالوا : ومن يطيق ذلك يا نبي الله ؟ قال : " النخاعة في المسجد تدفنها والشيء تنحيه عن الطريق فإن لم تجد فركعتا الضحى تجزئك " . رواه أبو داود

**بريده ؓ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کان فرمائيندي ٻڌو تہ انسان ۾ ٽي سو سٺ عضوا آهن. ان تي فرض آهي تہ هر جوڙ جي طرفان صدقو ڪري. عرض ڪيائون تہ اي ﷲ جا نبي ﷺ !ان جي ڪير طاقت رکندو؟ فرمايائون مسجد ۾ (پيل) کهنگارو دفن ڪرڻ ۽ ايذاءُ ڏيندڙ شيء کي رستي تان هٽائڻ صدقو آهي جيڪڏهن اهو نہ ڪري سگهين تہ پوءِ چاشت جون ٻہ رکعتون تنهنجي لاءِ ڪافي ٿينديون(ابو داؤد)**

(1316) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى الضحى ثنتي عشرة ركعة بنى الله له قصرا من ذهب في الجنة " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب لا نعرفه إلا من هذا الوجه

**انس ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص ٻارنهن رڪعتون چاشت جون پڙهيون، ﷲ تعالىٰ ان لاءِ جنت ۾ سونو محل تاهيندو (ترمذي) ۽ چوي ٿو تہ اها حديث غريب آهي، اسين انهيءَ طريقي سان ئي ان کي سڃاڻون ٿا.**

**فائده : حديث جي سند ضعيف آهي (مرعاة شرح مشڪواة ص 344 ج3)**

(1317) وعن معاذ بن أنس الجهني قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من قعد في مصلاه حين ينصرف من صلاة الصبح حتى يسبح ركعتي الضحى لا يقول إلا خيرا غفر له خطاياه وإن كانت أكثر من زبد البحر " . رواه أبو داود

**معاذ بن انس جهني ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:جيڪو شخص صبح جي نماز پڙهي نماز جي جاءِ تي ويهي تانجوچاشت جون ٻہ رڪعتون پڙهي، ڳالهہ ڪري تہ چڱي ڪري، ان جا گناه جيتو ٽيڪ سمنڊ جي جهاڳ جيترا هجن، معاف ڪيا ويندا (ابوداؤد)**

**فائده: سهل بن معاذ ۽ ذبان بن فائده ٻہ راوي ضعيف آهن (مرعاة شرح مشڪواة ص 244 ج 3)**

**ٽيون فصل**

(1318) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من حافظ على شفعة الضحى غفرت له ذنوبه وإن كانت مثلا زبد البحر " . رواه أحمد والترمذي وابن ماجه

**ابوهريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جنهن چاشت جي ٻن رڪعتن جي حفاظت ڪئي، ان جا سمورا گناهہ جيتو ٽيڪ اهي سمنڊ جي جهاڳ جيترا هجن معاف ڪيا وڃن ٿا (احمد، ترمذي، ابن ماجه)**

**فائده: نهاس بن فهم راوي ضعيف آهي (مشڪواة _علامہ الباني ص 413ج1)**

(1319) وعن عائشة أنها كانت تصلي الضحى ثماني ركعات ثم تقول : " لو نشر لي أبواي ما تركتها " . رواه مالك

**عائشہ ﷛ بابت بيان آهي تہ پاڻ ضحيٰ اٺ رڪعتون پڙهندي هئي ۽ فرمائيندي هئي تہ جيڪڏهن منهنجا ماءُ پيءُ زنده ڪيا وڃن تڏهن بہ آئون هنن رڪعتن کي نہ ڇڏيندس (مالڪ)**

(1320) وعن أبي سعيد قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي الضحى حتى نقول : لا يدعها ويدعها حتى نقول : لا يصليها . رواه الترمذي

**ابو سعيد خدري ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن چاشت جي نماز ايتري قدر پابنديءَ سان پڙهندا هئا جو اسين سمجهندا هئا سون تہ هاڻي ڪڏهن نہ ڇڏيندا ۽ ڪڏهن (ائين) ڇڏيندا هئا ([1]) تانجو چوندا هئا سون تہ هاڻي ڪڏهن اها نماز نہ پڙهندا (ترمذي)**

**فائده: عطيہ عوفي راوي ضعيف آهي (مشڪواة _معلامہ الباني ص 414ج1)**

(1321) وعن مورق العجلي قال : قلت لابن عمر : تصلي الضحى ؟ قال : لا . قلت : فعمر ؟ قال : لا . قلت : فأبو بكر ؟ قال : لا . قلت : فالنبي صلى الله عليه وسلم ؟ قال : لا إخاله . رواه البخاري

**مرق عجلي چوي ٿو مون ابن عمر ﷛ کي چيو تہ ڇا اوهين ضحيٰ جي نماز پڙهندا آهيو؟ چيائين نہ. مون چيو تہ پلا عمر ﷛ پڙهندو هو؟ چيائين نہ. مون چيو تہ پلا ابو بڪر ﷛؟ چيا ئين نہ. مون چيو تہ پوءِ نبي ﷺ جن ( پڙهندا هئا؟)چيائين تہ آئون نٿو سمجهان (تہ پڙهنداهئا) ([2]) (بخاري)**

# نفلي نماز جو بيان

[1]_ ضحيٰ نماز انهيءَ ڪري پاڻ سڳوراﷺ ڇڏي ڏيندا هئا تہ متان مٿي فرض نہ ٿي وڃي.

[2]_ هن نماز جو اطلاع ام هانيءَ ﷛ جي حديث ۾ ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ اصحابي سڳورا ان کان واقف نہ هئا.

## پهريون فصل

(1322) وعن أبي هريرة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم لبلال عند صلاة الفجر : " يا بلال حدثني بأرجى عمل عملته في الإسلام فإني سمعت دق نعليك بين يدي الجنة " . قال : ما عملت عملا أرجى عندي أني لم أتطهر طهورا من ساعة من ليل ولا نهار إلا صليت بذلك الطهور ما كتب لي أن أصلي

**ابو هريره ﷛ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن بلال ﷛ كي فجر جي نماز وقت فرمايو اي بلال!اسلام ۾ پنهنجو سڀ كان زياده اميد جوڳو فعل ٻڌاءِ؟جنهن تي تون كار بند آهين ڇاكاڻ ته مون جنت ۾ پنهنجي اڳيان تنهنجي جتيءَ جو آواز ٻڌو آهي. بلال جواب ڏنو ته مون اهڙو كم نه كيو آهي جنهن جي مون كي زياده اميد ۽ آسرو هجي (مگر) رات ۽ ڏينهن جي جنهن گهڙيءَ ۾ به وضو كندو آهيان ته جيتري قدر مهنجي مقدر ۾ لكيل هوندي آهي ان وضوءَ سان (نفل) نماز پڙهندو آهيان ([1]) (متفق عليه)**

(1323) عن جابر بن عبد الله قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يعلمنا الاستخارة في الأمور كما يعلمنا السورة من القرآن يقول : " إذا هم أحدكم بالأمر فليركع ركعتين من غير الفريضة ثم ليقل : اللهم إني أستخيرك بعلمك وأستقدرك بقدرتك وأسألك من فضلك العظيم فإنك تقدر ولا أقدر وتعلم ولا أعلم وأنت علام الغيوب اللهم إن كنت تعلم أن هذا الأمر خير لي في ديني ومعاشي وعاقبة أمري - أوقال في عاجل أمري وآجله - فاقدره لي ويسره لي ثم بارك لي فيه وإن كنت تعلم أن هذا الأمر شر لي في ديني ومعاشي وعاقبة أمري - أو قال في عاجل أمري وآجله - فاصرفه عني واصرفني عنه واقدر لي الخير حيث كان ثم أرضني به " . قال : " ويسمي حاجته " . رواه البخاري

**جابر ﷛ كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن جهڙيءَ طرح اسان كي قرآن مجيد جي سورت سيكاريندا هئا، اهڙيءَ طرح هر معاملي ۾ استخاره كرڻ سيكاريندا هئا. فرمائيند هئا ته جڏهن توهان مان كنهن كي كنهن مسئلي ۾ رنج ۽ غم پهچي ته ان كي گهرجي فرض كان سواءِ ٻه ركعتون پڙهي . پوءِ هي دعا كرڻ گهرجي (ترجمه) اي الله !آئون تنهنجي علم جي بناءَ تي چڱائي طلب كريان ٿو ۽ تنهنجي قدرت جي بناءَ تي تو كان طاقت گهران ٿو ۽ تو كان تنهنجي تمام وڏي فضل جو سوال كيان ٿو ڇا كاڻ ته تون قدرت ركي ٿو ۽ آئون قدرت نٿو ركان ۽ تون ڄاڻين ٿو ۽ آئون نٿو ڄاڻان ۽ تون گجهن جو ڄاڻيندڙآهين. اي الله جيكڏهن تو ڄاڻين ٿو ته هي معاملو منهنجي لاءِ منهنجي دين، منهنجي معاش ۽ منهنجي عاقبت جي اعتبار سان چڱو آهي_ يا فرمايائون منهنجي (هن كم ۾) تكڙ ۽ تاخير ۾ منهنجي لاءِ پلائي آهي_ ته ان جي مون كي طاقت عطا كر ۽ ان كي منهنجي لاءِ آسان كر ۽ جيكڏهن تنهنجي علم ۾ آهي ته هي كم**

[1]_ حضور جن كي كشف طور عالم غيب ۾ يا معراج رات بلال ﷛ جي جتيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو. ليكن مسلم جي روايت ۾ اها چٽائي آهي ته پاڻ سڳورن اهو خواب ڏٺو هو. بهرحال ان مان تحية الوضوءَ جي تمام گهڻي فضيلت معلوم ٿئي ٿي.

منهنجي لاءِ منهنجي دين، منهنجي زندگي، منهنجي عاقبت_ يا فرمايائون منهنجي (ڪم ۾) تڪڙ يا تاخير_ منهنجي لاءِ خراب آهي ته ان کي مون کان دور ۽مون کي ان کان دور ڪر ۽ منهنجي لاءِ برڪت ۽ خير کي مقدر فرماءِ جتي به هجي پوءِ مون کي ان تي خوش ۽ راضي ڪر. راوي چوي ٿو ته ۽ پنهنجي ضرورت جو نالو وٺي (بخاري)

## ٻيو فصل

(1324) وعن علي رضي الله عنه قال : حدثني أبو بكر وصدق أبو بكر . قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " ما من رجل يذنب ذنبا ثم يقوم فيتطهر ثم يصلي ثم يستغفر الله إلا غفر الله له ثم قرأ هذه الاية : ( والذين إذا فعلوا فاحشة أو ظلموا أنفسهم ذكروا الله فاستغفروا لذنوبهم )

رواه الترمذي وابن ماجه إلا أن ابن ماجه لم يذكر الآية

علي ﷺ کان روايت آهي ته مون کي ابو بڪر صديق ﷺ ٻڌايو_ ۽ ابو بڪر سچ ([1]) چوندوآهي_ ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جنهن شخص ڪو گناهه ڪيو ۽ پوءِ اٿي وضو ڪري نماز پڙهيائين ۽ الله کان بخشش گهريائين ته الله ان کي معاف فرمائيندو پوءِ هيءَ آيت پڙهيائين (ترجمه) ۽ اهي جڏهن بحيائي وارو ڪم ڪن ٿا يا پنهنجن نفسن تي ظلم ڪن ٿا ته الله کي ياد ڪندا آهن پوءِ پنهنجي گناهن جي بخشش گهرندا آهن (ترمذي، ابن ماجه) مگر ابن ماجہ آيت جو ذڪر نه ڪيو.

(1325) وعن حذيفة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا حزبه أمر صلى . رواه أبو داود

حضرحذيفه ﷺ کان روايت آهي ته نبي ﷺ جن کي جڏهن ڪنهن ڳالهه تي غم ٿيندو هو ته نماز پڙهندا هئا. (ابوداؤد)

(1326) وعن بريدة قال : أصبح رسول الله صلى الله عليه وسلم فدعا بلالا فقال : " بم سبقتني إلى الجنة ما دخلت الجنة قط إلا سمعت خشخشتك أمامي " . قال : يا رسول الله ما أذنت قط إلا صليت ركعتين وما

[1]_ ابن ماجه جي روايت ۾آيل آهي ته علي ﷺ جڏهن ڪنهن کان حديث ٻڌندو هو تڏهن ان کي پڪائي لاءِ قسم ڏيندو هو مگر ابوبڪر ﷺ کي قسم نه ڏيندو هو، از خود خود چوندو هو تهابوبڪر سچو آهي انهيءَ ڪري ابوبڪر ﷺ کي حضور ﷺ جن صديق سڏيو هو. صديق جي معنيٰ آهي نهايت سچار هن حديث ۾ انهن ماڻهن کي خيال ڪرڻ گهرجي جيڪي ابوبڪر ﷺ کي اهل بيت جو خلاف سمجهه مٿس طعن ۽ تبرا ڪندا آهن.

أصابني حدث قط إلا توضأت عنده ورأيت أن لله علي ركعتين . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " بهما " . رواه الترمذي

**بريده ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن صبح جي وقت بلال ﷛ کي سڏيو. فرمايائون تہ اي بلال ﷛ ڪهڙي سبب ڪري مون کان جنت ۾ اڳرائي ڪئي اٿئي؟ جڏهن بہ آئون جنت ۾ داخل ٿي ٿيس تہ ، پنهنجي اڳيان تنهنجي جتيءَ جو آواز ٻڌندو هئس؟ عرض ڪيائين تہ اي ﷲ جا رسول! جڏهن بہ آئون اذان ڏيندو آهيان (نفل) نماز پڙهندو آهيان ۽ جڏهن بہ منهنجو وضو ڀڄي پوندو آهي ([1])، وضو ڪندو آهيان ۽ يقين ڪندو آهيان تہ ﷲ لاءِ مون تي بہ رڪعتون پڙهڻ (لازمي) آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو: (بس) انهن ٻنهي ( رڪعتن پڙهڻ جي ڪري تو کي اهو مقام نصيب ٿيو آهي) (ترمذي)**

(1327) وعن عبد الله بن أبي أوفى قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من كانت له حاجة إلى الله أو إلى أحد من بني آدم فليتوضأ فليحسن الوضوء ثم ليصل ركعتين ثم ليثن على الله تعالى وليصل على النبي صلى الله عليه وسلم ثم ليقل : لا إله إلا الله الحليم الكريم سبحان الله رب العرش العظيم والحمد لله رب العالمين أسألك موجبات رحمتك وعزائم مغفرتك والغنيمة من كل بر والسلامة من كل إثم لا تدع لي ذنبا إلا غفرته ولا هما إلا فرجته ولا حاجة هي لك رضى إلا قضيتها يا أرحم الراحمين " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب

**عبدالله بن ابي اوفىٰ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو جنهن شخص کي ﷲ تعالىٰ ۾ يا ڪنهن انسان ۾ ڪا حاجت هجي، ان کي گهرجي تہ پهريائين وضو ڪري، پوءِ چڱيءَ طرح وضو ڪري. ان کان پوءِ بہ رڪعتون پڙهي. ان کان بعد ﷲ تعاليٰ جي ساراهہ ڪري ۽ نبي ﷺ جن تہ درود پڙهي. ان کان پوءِ چوي (ترجمہ) ﷲ کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي (جيڪو) بردبار ۽ سڳورو آهي. ﷲ پاڪ آهي جيڪو عرش عظيم جو رب آهي. سموري ساراهہ جهانن جي پالڻهار ﷲ لاءِ آهي. توکان تنهنجي رحمت جا اسباب گهران ٿو ۽ تنهنجي مغفرت جا ڪارڻ ۽ هر نيڪيءَ منجهان غنيمت ۽ هر گناه کان سلامتي چاهيان ٿو. منهنجو ڪو گناهہ اهڙو نہ ڇڏ جنهن کي تو معاف نہ ڪيو هجي ۽ ڪوغم اهڙو نہ ڇڏ جنهن کي تو دور نہ فرمايوهجي ۽ ڪا اهڙي هاجت جيڪا تنهنجي رضا مندي مطابق هجي مگر اها پوري فرماءِ اي ارحم الراحمين (ترمذي، ابن ماجہ) امام ترمذي چوي ٿو تہ هيءَ حدث غريب آهي.**

**فائده:_ سند ۾ فائد بن عبدالرحمٰن تمام ضعيف آهي. (مشڪواة_الباني ص417ج1)**

# نماز تسبيح جو بيان

[1] _ هن حديث مان بہ تحية الوضوءَ جي فضيلت معلوم ٿئي ٿي.

(1328) عن ابن عباس أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : للعباس بن عبد المطلب : " يا عباس يا عماه ألا أعطيك ؟ ألا أمنحك ؟ ألا أحبوك ؟ ألا أفعل بك عشر خصال إذا أنت فعلت ذلك غفر الله لك ذنبك أوله وآخره قديمه وحديثه خطأه وعمده صغيره وكبيره سره وعلانيته : أن تصلي أربع ركعات تقرأ في كل ركعة فاتحة الكتاب وسورة . فإذا فرغت من القراءة في أول ركعة وأنت قائم قلت سبحان الله والحمد لله ولا إله إلا الله والله أكبر خمس عشرة مرة ثم تركع فتقولها وأنت راكع عشرا ثم ترفع رأسك من الركوع فتقولها عشرا ثم تهوي ساجدا فتقولها وأنت ساجد عشرا ثم ترفع رأسك من السجود فتقولها عشرا ثم تسجد فتقولها عشرا ثم ترفع رأسك فتقولها عشرا فذلك خمس وسبعون في كل ركعة تفعل ذلك في أربع ركعات إن استطعت أن تصليها في كل يوم فافعل فإن لم تفعل ففي كل جمعة مرة فإن لم تفعل ففي كل شهر مرة فإن لم تفعل ففي كل سنة مرة فإن لم تفعل ففي عمرك مرة " . رواه أبو داود وابن ماجه والبيهقي في الدعوات الكبير

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن عباس بن عبدالمطلب ؓ کي فرمايو: اي عباس! اي منهنجا چاچا!ڇا توکي عطيہ نہ ڏيان اها عمده شيءِ نہ ڏسيان ڇا توکي نہ ٻڌايان؟ ڇا توکي اهي ڏهہ خصلتون نہ ٻڌايان جن تي تون عمل ڪرين تہ اللهُ تنهنجا اڳيان ۽ پويان، پراڻان ۽ نوان، ڄاڻي واڻي ڪيل يا خطا سان ڪيل، ننڍا هجن يا وڏا سڀ گناهہ معاف فرمائي؟ اها (شيءِ) هيءَ آهي تہ تون چار رڪعتون نماز (نفل) پڙهين هر رڪعت ۾ فاتحه ۽ ڪا سورت پڙهين. پوءِ جڏهن رڪعت جي اول ۾ قرائت کان واندو ٿئين ۽ (اجا) قيام ۾ هجين تہ ﴿سُبۡحَانَ اللهِ وَالۡحَمۡدُ لِلهِ وَلاَ اِلٰهَ اِلَّااللهُ وَاللهُ اَكۡبَرُ﴾ 15_ مرتبا پڙهہ پوءِ رڪوع ڪر پوءِ رڪوع ۾ ڏهہ مرتبا مٿين دعا گهر. پوءِ رڪوع کان پنهنجو مٿو مٿي ڪر پوءِ ڏهہ دفعا ائين چؤ پوءِ سجدي ۾ وڃ ۽ سجدي جي حالت ۾ ئي ڏهہ دفعا ائين چؤ سجدي پوءِ سجدي کان پنهنجو مٿو مٿي کڻ ۽ ڏهہ دفعا ائين چؤ پوءِ سجدو ڪر پوءِ ڏهہ دفعا ائين چؤ، سجدي کان پنهنجو مٿو مٿي کڻي پوءِ ڏهہ دفعا ائين چؤ_اهي هر رڪعت ۾ پنجهتر دفعا ٿيا چئن رڪعتن ۾ ان طرح ڪر جيڪڏهن تون ڪري سگهين تہ هر روز هڪ مرتبو اها نماز پڙهين تہ ائين ڪر. جيڪڏهن ائين نہ ڪرين تہ هر هفتي ۾ هڪ دفعو. جيڪڏهن ائين نہ ڪرين تہ هر مهيني ۾ هڪ دفعو جيڪڏهن ائين بہ نہ ڪرين تہ هر سال ۾ هڪ دفعو جيڪڏهن ائين نہ ڪرين تہ پنهنجي عمر ۾ هڪ دفعو (ائين ڪر) (ابو داؤد، ابن ماجه، بيهقي_ الدعوات الكبير)**

**فائده:_ نماز تسبيح جي حديث مذڪوره سند جي لحاظ سان اگرچہ ضعيف آهي ليڪن ان جون گهڻيون شاهد حديثون موجود آهن، تحقيق بحث علامه الحي لكنوي جي تاليف الآثار المرفوعة في الاخبار الموضوعة ص 353_374 ڏسو_ (مشكواة _علام الباني 419ج1)**

(1329) وروى الترمذي عن أبي رافع نحوه

**ترمذي ابو رافع کان ان طرح روايت بيان ڪئي.**

(1330) وعن أبي هريرة قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إن أول ما يحاسب به العبد يوم القيامة من عمله صلاته فإن صلحت فقد أفلح وأنجح وإن فسدت فقد خاب وخسر فإن انتقص من فريضته شيء قال الرب تبارك وتعالى : نظروا هل لعبدي من تطوع ؟ فيكمل بها ما انتقص من الفريضة ثم يكون سائر عمله على ذلك " . وفي رواية : " ثم الزكاة مثل ذلك ثم تؤخذ الأعمال حسب ذلك " . رواه أبو داود

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌم: قيامت جي ڏينهن سڀ کان اول ٻانهي جي عملن مان جنهن شيءِ بابت حساب ڪيو ويندو اها سندس نماز آهي. جيڪڏهن ان جي نماز صحيح هوندي تہ ڪامياب ٿيو ۽ نجات پاتائين ۽ جيڪڏهن نماز خراب هوندس تہ ناڪام ۽ نامراد ٿيو. جيڪڏهن ان جي فرض نماز مان ڪجھ گھٽ ٿيندس تہ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمائيندو: ڏسو تہ ڇا منهنجي ٻانهي وٽ ڪا نفلي عبادت آهي؟ پوءِ ان وسيلي سندس نفل مان جيڪي گھٽتائي هوندي اها پوري ڪئي ويندي. پوءِ سندس سمورا عمل انهيءَ طريقي مطابق هوندا. هڪ روايت ۾ آهي تہ پوءِ زڪواة انهيءَ ريت هوندي ۽ پوءِ ٻيا سمورا اعمال انهيءَ طريقي سان پورا ڪيا ويندا (ابوداؤد)**

(1331) ورواه أحمد عن رجل

**امام احمد اها حديث هڪ ماڻهوءَ کان انهيءَ طرح بيان ڪئي آهي.**

(1332) وعن أبي أمامة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما أذن الله لعبد في شيء أفضل من الركعتين يصليهما وإن البر ليذر على رأس العبد ما دام في صلاته وما تقرب العباد إلى الله بمثل ما خرج منه " يعني القرآن . رواه أحمد والترمذي

**ابو امامه ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ ڪنهن ٻانهي جي ڪنهن ڪم تي ٻن رڪعتن نفلن کان وڌيڪ ڪنهن تي توجھ نہ ڪندو آهي ۽ خير ۽ برڪت ٻانهي جي مٿي تي پکڙجي ويندي آهي جيستائين اهو نماز ۾ مشغول هوندو آهي ۽ ٻانهو الله جو قرب جيترو قدر ان جي قرآن ذريعي حاصل ڪندو آهي اوترو قدر ڪنهن ٻئي شيءِ سان حاصل ڪري نہ سگھندو آهي (احمد، ترمذي)**

**فائده:_ سند ۾ بڪر بن خنيس راويءَ بابت جرح ٿيل آهي ۽ ليث بن ابي سليم راوي ضعيف آهي. (مشڪواة_ الباني ص420ج1)**

# مسافر جي نماز جو بيان

## پهريون فصل

(1333) عن أنس : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم صلى الظهر بالمدينة أربعا وصلى العصر بذي الحليفة ركعتين

**انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ظهر مديني ۾ چار رڪعتون پرهيون ۽ ذوالحليفہ ۾ عصر ٻہ رڪعتون پڙهيائون([1]) (متفق عليہ)**

(1334) وعن حارثة بن وهب الخزاعي قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم ونحن أكثر ما كنا قط وآمنه بمنا ركعتين

**حارثہ بن وهب خزاعي ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن اسان کي منيٰ ۾ نماز ٻہ رڪعتون پڙهائي جڏهن تہ اسين گهڻي تعداد ۾ ۽ امن جي حالت ۾ هئاسين.(متفق عليہ)**

(1335) وعن يعلى بن أمية قال : قلت لعمر بن الخطاب : إنما قال الله تعالى ( أن تقصروا من الصلاة إن خفتم أن يفتنكم الذين كفروا )

فقد أمن الناس . قال عمر : عجبت مما عجبت منه فسألت رسول الله صلى الله عليه وسلم . فقال : " صدقة تصدق الله بها عليكم فاقبلوا صدقته " رواه مسلم

**يعليٰ بن اميہ کان روايت آهي تہ مون عمر بن خطاب ﷺ کي چيو تہ ﷲ تعاليٰ فرمائي ٿو (ترجمہ) جيڪڏهن توهان کي خطرو هجي تہ ڪافر اوهان کي فتني ۽ آزمائش ۾ وجهندا تہ پوءِ ڪو حرج نہ آهي جو اوهين نماز ۾ قصر ڪريو. پوءِ هاڻي تہ ماڻهن کي امن نصيب آهي (يعني قصر نہ ڪرڻ گهرجي) عمرﷺ چيو تہ مون کي بہ ائين تعجب ٿيو جيئن توکي تعجب ٿئي ٿو پوءِ مون رسول اللهﷺ کان پڇيو. پاڻﷺ فرمايائون اهو ﷲ تعاليٰ طرفان توهان تي صدقو آهي، پوءِ ان جو صدقو قبول ڪريو.([2]) (مسلم)**

(1336) وعن أنس قال : خرجنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم من المدينة إلى مكة فكان يصلي ركعتين ركعتين حتى رجعنا إلى المدينة قيل له : أقمتم بمكة شيئا قال : " أقمنا بها عشرا "

---

[1]_جمهور جو مذهب آهي تہ جيستائين 2_ منزلن جيترو پنڌ نہ ڪيوويو اهي تيسيائين سفر لازم نہ ٿيندو. مگر محققين اهل حديث جو مذهب هي آهي تہ جنهن کي عرف عام ۾ سفر چئجي تو انهيءَ ۾ 2_ رڪعتون سفر پڙهڻ گهرجي ۽ جنهن کي عرف عام ۾ سفر نٿو چئجي انهيءَ ۾ سفر نماز پڙهڻ نہ گهرجي چاڪاڻ تہ حضورﷺ جن کان ڪا مدت خاص هن باري ۾ نقل ٿيل ڪونهي.

[2]_ هن حديث ۾ اهلحديث جي مذهب جي تائيد آهي جيڪي سفر ۾ قصر واجب سمجهن ٿا.

انس رضي الله عنه كان روايت آهي ته اسين رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان مديني كان مڪي ڏانهن نڪتاسون پوءِ پاڻ (چئن رڪعتن واري نماز) ٻه ٻه رڪعتون پڙهيائون ، تانجو اسين مديني موٽي آياسون، ڪيس چيو ويو ته ڇا توهان مڪي ۾ ڪجهه قيام به ڪيو؟ فرمايائين: اسين ڏهه ڏينهن رهياسون. (متفق عليه)

(1337) وعن ابن عباس قال : سافر النبي صلى الله عليه وسلم سفرا فأقام تسعة عشر يوما يصلي ركعتين ركعتين قال ابن عباس : فنحن نصلي فيما بيننا وبين مكة تسعة عشر ركعتين ركعتين فإذا أقمنا أكثر من ذلك صلينا أربعا . رواه البخاري

ابن عباس رضي الله عنه كان روايت آهي ته نبي صلي الله عليه وسلم جن سفر ڪيو، پوءِ پاڻ 19_ڏينهن ترسيا ۽ ٻه ٻه رڪعتون نماز ادا ڪيائون. ابن عباس رضي الله عنه فرمائي ٿو ته پوءِ اسين مڪي ۽ مديني جي درميان سفر ۾ 19_ ڏينهن جي لاءِ ٻه ٻه رڪعتون پڙهندا هئاسون پوءِ جڏهن ان مدت كان وڌيڪ قيام ڪندا هئاسون ته چار رڪعتون پڙهندا هئاسون.([1]) (بخاري)

(1338) وعن حفص بن عاصم قال : صحبت ابن عمر في طريق مكة فصلى لنا الظهر ركعتين ثم جاء رحله وجلس فرأى ناسا قياما فقال : ما يصنع هؤلاء ؟ قلت : يسبحون . قال : لو كنت مسبحا أتممت صلاتي . صحبت رسول الله صلى الله عليه وسلم فكان لا يزيد في السفر على ركعتين وأبا بكر وعمر وعثمان كذلك

حفص بن عاصم جو بيان آهي ته آئون ابن عمر رضي الله عنه سان مڪي وڃڻ وقت سفر ۾ ساڻ هيس، پاڻ رضي الله عنه اسان کي ظهر ٻه رڪعتون پوءِ پنهنجي قيام گاهه تي آيا ۽ وينا ته ماڻهن کي ڏٺائين، نماز پڙهي رهيا هئا. پڇيائين ته هي ڇا ٿا ڪن؟ مون چيو ته سنتون پڙهي رهيا آهن. فرمايائن جيڪڏهن آئون به سنتون پڙهڻ گهران ها ته يقيناً پنهنجي نماز پوري ڪريان ها. مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان گڏ گذاريو آهي، پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم سفر ۾ ٻن كان زياده رڪعتون نه پڙهندا هئا([2]) ۽ ابوبڪر رضي الله عنه، عمر رضي الله عنه، عثمان رضي الله عنه به ائين ڪندا هئا.(متفق عليه)

(1339) وعن ابن عباس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يجمع بين الظهر والعصر إذا كان على ظهر سير ويجمع بين المغرب والعشاء . رواه البخاري

---

[1]_ علمائن جو هن مسئلي ۾ اختلاف آهي مگر اهلحديث هن حديث تي عمل ڪرڻ اختيار ڪيو آهي. مسافر 19_ ڏينهن تائين قصر ڪندو رهندو اختلاف كان وڌيڪ ڏينهن رهڻ جو ارادو ڪندو ته پوري نماز پڙهندو.

[2]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو ته سفر ۾ سنتون پڙهڻ مسنون نه آهن. امام شافعي ۽ جمهور چون ٿا ته سفر ۾ سنت نفل جي حڪم ۾ آهي جنهن کي مرضي پوي سو پڙهي، جيڪو نه چاهي سو نه پڙهي. ڪن حديثن ۾ سفر ۾ نفل پڙهڻ جي ثابتي آيل آهي. سڀ سلف سفر ۾ سنت پڙهڻ جي جواز جا قائل آهن.

**ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن سفر ۾ هوندا هئا تہ ظهر ۽ عصر_ مغرب، ۽ عشاء گڏ ڪري پڙهندا هئا. ([1]) (بخاري)**

(1340) وعن ابن عمر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي في السفر على راحلته حيث توجهت به يومئ إيماء صلاة الليل إلا الفرائض ويوتر على راحلته

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ سفر ۾ پنهنجي سواريءَ تي جيڏانهن بہ ان جو منهن هجي نماز پڙهندا هئا، رات جي نماز (تهجد) لاءِ اشارا ڪندا هئا سواءِ فرض جي؛ وتر بہ پنهنجي سواري تي پڙهندا هئا.([2]) (متفق عليه)**

## ٻيو فصل

(1341) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان ذلك قد فعل رسول الله صلى الله عليه وسلم قصر الصلاة وأتم . رواه في شرح السنة

**عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اهو سڀ ڪجهہ ڪيو آهي. يعني سفر ۾ قصر ڪيو اٿن ۽ پوري نماز بہ پڙهي اٿن.([3]) (شرح السنه)**

**فائده:_ حديث جي سند ضعيف آهي. طلحہ بن عمرو راوي ضعيف آهي. (مشكواة_الباني ص 423ج1)**

(1342) وعن عمران بن حصين قال : غزوت مع النبي صلى الله عليه وسلم وشهدت معه الفتح فأقام بمكة ثماني عشرة ليلة لا يصلي إلا ركعتين يقول : " يا أهل البلد صلوا أربعا فإنا سفر " . رواه أبو داود

**عمران بن حصين کان روايت آهي تہ مون نبي ﷺ سان جهاد ڪيو آهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سان مڪي جي فتح وقت گڏ هيس پاڻ ﷺ مڪي ۾ ارڙنهن راتيون ترسيا ان ۾ ٻہ رڪعتون ادا فرمائيندا هئا ۽ فرمايائون تہ اي شهر وارو! توهان چار رڪعتون پڙهو ڇاڪاڻ تہ اسين سفر ۾ آهيون(ابوداؤد)**

**فائده:_ سند ۾ راوي علي بن زيد بن جدعان ضعيف آهي. (مشكواة_ علامہ الباني ص 423 ج1)**

---

[1] _امام شافعي ۽ اڪثر علمائن جو قول آهي تہ سفر ۾ اڳين ۽ وچين ٻنهي وقتن جي نماز مان ڪنهن بہ وقت گڏجي پڙهڻ جائز آهي ۽ سانهي ۽ سومهڻي نماز بہ اهڙي طرح گڏجي پڙهڻ جائز آهي.

[2] _ هن مان حديث مان ثابت آهي تہ سواري تي سفر ۾ نفلي نماز پڙهڻ جائز آهي. هن تي سيني مسلمانن جو اجماع آهي پر جيڪڏهن ڪو عذر آهي تہ فرض بہ جائز آهي.

[3] _ شيخ الاسلام ابن تيميه فرمائي ٿو تہ هي حديث ثابت نہ آهي.

(1343) وعن ابن عمر قال : صليت مع النبي صلى الله عليه وسلم الظهر في السفر ركعتين وبعدها ركعتين وفي رواية قال : صليت مع النبي صلى الله عليه وسلم في الحضر والسفر فصليت معه في الحضر الظهر أربعا وبعدها ركعتين وصليت معه في السفر الظهر ركعتين وبعدها ركعتين والعصر ركعتين ولم يصل بعدها شيئا والمغرب في الحضر والسفر سواء ثلاث ركعات ولا ينقص في حضر ولا سفر وهي وتر النهار وبعدها ركعتين . رواه الترمذي

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون نبي ﷺ سان گڏ سفر ۾ ظهر ٻہ رڪعتون پڙهيون ۽ ان (فرض) کان بعد ٻہ رڪعتون (سنت)([1]) ۽ هڪ روايت ۾ آهي چوي ٿو تہ مون نبي ﷺ سان حضر ۾ ظهر چار رڪعتون پڙهيون ۽ ان کان پوءِ ٻہ رڪعتون (سنت) ۽ سفر ۾ ساڻن گڏ ظهر ٻہ رڪعتون( فرض) ۽ ان کان بعد ٻہ رڪعتون (سنت) ۽ عصر ٻہ رڪعتون (فرض) ۽ ان کان پوءِ پاڻ ڪا نماز نہ پڙهيائون ۽ مغرب حضر ۽ سفر ۾ ٽي رڪعتون (پڙهيون) ۽ حضر ۽ سفر ۾ ان نماز ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪندا هئا مغرب نماز ڏينهن جو وتر آهي ۽ ان کان پوءِ ٻہ رڪعتون (سنت) آهن (ترمذي)**

(1344) وعن معاذ بن جبل قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم في غزوة تبوك : إذا زاغت الشمس قبل أن يرتحل جمع بين الظهر والعصر وإن ارتحل قبل أن تزيغ الشمس أخر الظهر حتى ينزل للعصر وفي المغرب مثل ذلك إذا غابت الشمس قبل أن يرتحل جمع بين المغرب والعشاء وإن ارتحل قبل أن تغيب الشمس آخر المغرب حتى ينزل للعشاء ثم يجمع بينهما . رواه أبو داود والترمذي

**معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ تبوڪ جي جنگ ۾ هئا. سفر ڪرڻ کان پهريائين جڏهن سج لڙندو هو تہ ظهر ۽ عصر گڏ پڙهندا هئا ([2]) ۽ جيڪڏهن سج لڙڻ کان پهريائين سفر شروع ڪندا هئا تہ ظهر تاخير سان ادا ڪندا يعني عصر لاءِ انتظار ڪندا هئا (ظهر، عصر) گڏ ادا ڪندا هئا ۽ مغرب نماز ٻہ اهڙيءَ طرح ادا ڪندا هئا جڏهن سفر ڪرڻ کان اڳ سج لهي ويندو هو تہ مغرب ۽ عشاء کي جمع ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن سج لهڻ کان اڳ سفر شروع ڪندا هئا تہ مغرب کي مؤخر ڪندا هئا تانجو عشاء لاءِ پڙاءُ ڪندا هئا. ان کان بعد ٻئي نمازون جمع فرمائيندا هئا. (ابوداؤد_ ترمذي)**

[1]_ هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضور ﷺ جن سفر ۾ ڪڏهن ڪڏهن نفل پڙهندا هئا ۽ ابن عمر رضي الله عنه اهو پاڻ سفر ۾ نفل نہ پڙهندو هو. اهو اڪثر اوقات تي محمول ٿيندو.

[2]_ هن حديث ۾ اڳينءَ جي وقت ۾ اڳين ۽ وچين نماز گڏ پرهڻ ۽ سانجهي جي وقت ۾ سانجهي ۽ سمهڻي گڏ نماز پڙهڻ بابت بيان آيل آهي انهيءَ کي جمع تقديم چون ٿا ۽ وچين جي وقت اڳين ۽ وچين جي وقت اڳين ۽ وچين ۽ سمهڻي جي وقت سانجهي ۽ سمهڻي نماز گڏجي پرهڻ کي جمع تاخير چون ٿا اهي ٻئي نمونا مسافر کي ڪرڻ جائز آهن اهو مذهب امام شافعي ۽ احمد ۽ اهل حديث ۽ جمهور علماء جو آهي.

(1345) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا سافر وأراد أن يتطوع استقبل القبلة بناقته فكبر ثم صلى حيث وجهه ركابه . رواه أبو داود

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جڏهن سفر اختيار ڪندا هئا ۽ ارادو ڪندا هئا نفل نماز ادا ڪن تہ پنهنجي ڏاچيءَ جو منهن قبلي جي طرف ڪندا ([1]) ۽ تڪبير تحريمہ چوندا هئا ان ڪان بعد سندس سواريءَ جو رخ جيڏانهن بہ هوندو هو نماز پڙهندا هئا. (ابوداؤد)**

(1346) **جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مون کي ڪنهن ڪم سان موڪليو پوءِ آئون (اهو ڪم لاهي آيس) ان وٽ آيس جو پاڻ اوپر ڏانهن رخ ڪندي پنهنجي سواريءَ تي نماز پڙهي رهيا هئا. سندن سجدو رڪوع کان ڪجهہ هيٺ هو. (ابوداد)**

## ٽيون فصل

(1347) وعن جابر قال : بعثني رسول الله صلى الله عليه وسلم في حاجة فجئت وهو يصلي على راحلته نحو المشرق ويجعل السجود أخفض من الركوع . رواه أبو داود

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم منيٰ ۾ بہ رڪعتون ادا فرمايون ان کان بعد ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ ابوبڪر رضي الله عنه کان بعد عمر رضي الله عنه ۽ عثمان رضي الله عنه پنهنجي خلافت جي شروعاتي دور ۾ (بہ رڪعتون سفر پڙهيون) ان کان پوءِ عثمان رضي الله عنه چار رڪعتون پڙهڻ شروع ڪيون پوءِ ابن عمر رضي الله عنه امام سان گڏ نماز پڙهندو تہ چار ۽ جڏهن اڪيلي سر پڙهندو هو تہ بہ رڪعتون پڙهندو هو (متفق عليه)**

(1348) عن ابن عمر قال : صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم بمنى ركعتين وأبو بكر بعده وعمر بعد أبي بكر وعثمان صدرا من خلافته ثم إن عثمان صلى بعد أربعا فكان ابن عمر إذا صلى مع الإمام صلى أربعا وإذا صلاها وحده صلى ركعتين

**عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ (شروع ۾) نماز بہ رڪعتون فرض ڪئي ويئي هئي. پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هجرت فرمائي پوءِ چار رڪعتون فرض ڪئي وئي ۽ سفر جي نماز پهرين طرح برقرار رکي ويئي. زهري چوي ٿو تہ مون عروه کي چيو ڪهڙو سبب آهي جو عائشہ رضي الله عنها پوري نماز پڙهندي هئي؟ چيائين تہ جهڙيءَ طرح عثمان رضي الله عنه تاويل ڪندو هو اهڙيءَ طرح پاڻ رضي الله عنها بہ تاويل ڪندي هئي. ([2]) (متفق عليه)**

---

[1] _سواري تي نفلي نماز پڙهڻ وقت سواري جو منهن نماز شروع ڪرڻ وقت قبلہ ڏانهن ڦيرائڻ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ منهن ڦيرائڻ ضروري شرط آهي پوءِ سواري ڀلي پنهنجو رستو قبلہ کان ٻئي طرف ڦيرائي هلي تڏهن بہ نماز جائز آهي.

[2] _ يعني جيئن عثمان رضي الله عنه قرآن شريف جي آيت سان سفر ۾ 4_ رڪعتون پڙهڻ وڏيڪ سمهندو هو تيئن بي بي صاحبہ پڻ ڪيو.

(1349) وعن عائشة قالت : فرضت الصلاة ركعتين ثم هاجر رسول الله صلى الله عليه وسلم ففرضت أربعا وتركت صلاة السفر على الفريضة الأولى . قال الزهري : قلت لعروة : ما بال عائشة تتم ؟ قال : تأولت كما تأول عثمان

**ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اللہ تعاليٰ توهان جي نبي ﷺ تي حضر ۾ چار رڪعتون فرض ڪيون ۽ سفر ۾ ٻہ رڪعتون ۽ خوف جي نماز هڪ رڪعت. ([1]) (مسلم)**

(1350) وعن ابن عباس قال : فرض الله الصلاة على لسان نبيكم صلى الله عليه وسلم في الحضر أربعا وفي السفر ركعتين وفي الخوف ركعة . رواه مسلم

**ابن عباس ۽ ابن عمررضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ سفر جي نماز ٻہ رڪعتون مسنون قرار ڏني ۽ سفر ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهڻ پوري نماز آهي قصر نماز ناهي ۽ سفر ۾ وتر پڙهڻ([2]) سنت آهي (ابن ماجه)**

**فائده:_ سند ۾ راوي جابر بن يزيد جعفي تي ڪوڙ جي تهمت آهي. (مشڪواة_ علامہ الباني ص425ج1)**

(1351) وعن مالك بلغه أن ابن عباس كان يقصر في الصلاة في مثل ما يكون بين مكة والطائف وفي مثل ما يكون بين مكة وعسفان وفي مثل ما بين مكة وجدة قال مالك : وذلك أربعة برد . رواه في الموطأ

**امام مالڪ کي خبر پهتي تہ ابن عباس رضي الله عنه مڪہ ۽ طائف، مڪي ۽ عسفان، مڪي ۽ جد جيتري مفاصلي تي سفر ۾ قصر ڪندو هو ۽ اهو چار بريد (ٻارنهن ميلن جو مفاصلو آهي) ([3]) (موطا)**

**فائده:_ سند بيان ٿيل نہ آهي، ان ڪري ابن عباسرضي الله عنه کان صحيح نہ آهي(مشڪواة_علامہ الباني ص 436ج1)**

---

[1]_هن ۾ هي دليل آهي تہ سفر نماز پرهڻ واجبن آهي ۽ ائين آيو اهي تہ خوف ۾ هڪ رڪعت فرض آهي ڪن سلف وارن هن عمل ڪيو اهي مگر جمهور جو مذهب آهي تہ هڪ رڪعت جائز ڪونہ آهي انهن حديثن جي هي تاويل ڪئي آهي تہ امام سان هڪ رڪعت پڙهڻ مراد آهي.

[2]_هي حديث ٻہ سفر نماز پرهڻ جي تائيد ڪري ٿي ۽ ڏيکاري ٿي تہ سفر ۾ ٻہ وتر پڙهڻ سنت آهي.

[3]_يعني جملہ 48 ميل يعني 24 ڪوهہ سفر آهي.

(1352) وعن البراء قال : صحبت رسول الله صلى الله عليه وسلم ثمانية عشر سفرا فما رأيته ترك ركعتين إذا زاغت الشمس قبل الظهر . رواه أبو داود والترمذي وقال : هذا حديث غريب

**براءَ ﷜ کان روايت آهي تہ آئون رسول الله ﷺ جن سان ارڙهن سفرن ۾ گڏ رهيس. مون کي ڪڏهن نہ ڏٺو جو پاڻ سج لڙڻ کان پوءِ ظهر کان پهريائين ٻہ رڪعتون پڙهڻ ڇڏيون هجن.[1] (ابوداؤد، ترمذي) ۽ چيائين تہ هيءَ حديث غريب آهي.**

**فائده:_ سند ۾ ابو بسره نغاري راوي معروف نہ آهي. (مشكواة_علامہ الباني ص 426ج1)**

(1353) وعن نافع قال : إن عبد الله بن عمر كان يرى ابنه عبيد الله يتنفل في السفر فلا ينكر عليه . رواه مالك

**نافع جو بيان آهي: عبدالله بن عمر ﷜ پنهنجي پٽ عبيدالله کي سفر ۾ نفل پڙهندي ڏسندو هو پر ان تي ڪو انڪار نہ ڪندو هو.(مالڪ)**

# جمعي جو بيان

## پهرين فصل

(1354) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " نحن الآخرون السابقون يوم القيامة بيد أنهم أوتوا الكتاب من قبلنا وأوتيناه من بعدهم ثم هذا يومهم الذي فرض عليهم يعني يوم الجمعة فاختلفوا فيه فهدانا الله له والناس لنا فيه تبع اليهود غدا والنصارى بعد غد "

وفي رواية لمسلم قال : " نحن الآخرون الأولون يوم القيامة ونحن أول من يدخل الجنة بيد أنهم " . وذكر نحوه إلى آخره

**ابو هريره﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو (دنيا ۾) اسين آخر ۾ آهيون ۽ قيامت جي ڏينهن اسين سڀ کان اول هونداسون صرف ايتري ڳالهہ آهي تہ ڪتاب وارن کي اسان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو. ۽ اسان کي ڪتاب انهن کان بعد ڏنو ويو. پوءِ هي ڏينهن جيڪو انهن جي مٿان فرض ڪيو ويو هو. يعني جمعي جو ڏينهن _سو انهن ان ۾ اختلاف ڪيائون ﷲ اسان کي ان جي هدايت ڪئي ۽ ماڻهو اسان کان ان ۾ پويان آهن. يهودي ڇنڇرجي ڏينهن ۽ عيسائي آچر جي ڏينهن جي تعظيم ڪن ٿا (بخاري مسلم )**

**مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ اسين (دنيا ۾) آخري (ليڪن) قيامت جي ڏينهن اول ۾ آهيون ۽ اسين پهريائين جنت ۾ داخل ٿينداسون سواءِ ان جي جو ....پوءِ اها مٿين حديث بيان ڪيائين .**

---

[1] _هن حديث ۾ سفر ۾ سنت پڙهڻ جوثبوت ملي ٿو.

(1355) وفي رواية لمسلم عن أبي هريرة وعن حذيفة قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم في آخر الحديث : " نحن الآخرون من أهل الدنيا والأولون يوم القيامة المقضي لهم قبل الخلائق "

**۽ مسلم ۾ ابوهريره ۽ حذيفہ رضي الله عنه ٻي روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن حديث جي آخر ۾ فرمايو اسين دنيا وارن مان آخر ۾آهيون ۽ قيامت جي ڏينهن مخلوق ۾ اول هونداسون جن جو فيصلو ڪيو ويندو.**

(1356) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خير يوم طلعت عليه الشمس يوم الجمعة فيه خلق آدم وفيه أدخل الجنة وفيه أخرج منها ولا تقوم الساعة لا في يوم الجمعة " . رواه مسلم

**ابو هريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو بهترين ڏينهن جنهن تي سج ايري جمعي جو ڏينهن آهي([1]) انهيءَ ۾ آدم عليه السلام کي پيدا ڪيو ويو، ۽ ان ۾ اهو جنت ۾ داخل ڪيو ويو ۽ ان ۾ ان مان ڪڍيو ويو ۽ قيامت جمعي جي ڏينهن قائم ٿيندي. (مسلم)**

(1357) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن في الجمعة لساعة لا يوافقها عبد مسلم يسأل الله فيها خيرا إلا أعطاه إياه . وزاد مسلم : " وهي ساعة خفيفة " . وفي رواية لهما قال : " إن في الجمعة لساعة لا يوافقها مسلم قائم يصلي يسأل لاله يخرا إلا أعطاه إياه "

**ابو هريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جمعي جي هڪ اهري گهڙي آهي جيڪو بہ مسلمان ٻانهو ان کي حاصل ڪندو ۽ الله تعالىٰ ڪان ڀلائي گهرندو تہ اها ڪيس (ضرور) ڏيندو. (بخاري مسلم) مسلم ۾ هي الفاظ زياده آهن فرمايائون اها گهڙي تمام مختصر آهي([2]) بخاري ۽ مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي، فرمايائون: تحقيق جمعي ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جيڪو بہ مسلمان ان گهڙيءَ نماز ادا ڪندي الله ڪان ڀلائي گهرندو تہ الله اها ڪيس ضرور عطا فرمائيندو.**

(1357) وعن أبي بردة بن أبي موسى قال : سمعت أبي يقول : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول في شأن ساعة الجمعة : " هي ما بين أن يجلس الإمام إلى أن تقضى الصلاة " . رواه مسلم

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ جمعه جي ڏينهن وڏا وڏا ڪم ٿيا آهن اهو هن سبب ڪري تہ ماڻهو هن ڏينهن نيڪي ڪرڻ لاءِ تيز ٿيڻ ۽ الله جي رحمت ۾ اميد رکن.

[2] _ انهيءَ ساعت جي باري ۾ 42_قول آهن عبدالله بن سلام جو قول سڀ ڪان مشهور آهي ۽ ابو موسيٰ جي روايت سيني ڪان صحيح آهي. باقي ٻيا قول ضعيف يا موقوف آهن.

**ابو برده بن ابي موسيٰ ﷛ کان روايت آهي تہ مون پنهنجي پيءُ کي چوندي ٻڌو، اهو چوي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان جمعي جي ڏينهن (مبارڪ) گهڙيءَ جي شان ۾ فرمائيندي ٻڌو تہ اها گهڙي امام جي منبر تي ويهڻ کان نماز پوري ٿيڻ تائين آهي. (مسلم)**

## ٻيو فصل

(1359) عن أبي هريرة قال : خرجت إلى الطور فلقيت كعب الأحبار فجلست معه فحدثني عن التوراة وحدثته عن رسول الله صلى الله عليه وسلم فكان فيما حدثته أن قلت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " خير يوم طلعت عليه الشمس يوم الجمعة فيه خلق آدم وفيه أهبط وفيه تيب عليه وفيه مات وفيه تقوم الساعة وما من دابة إلا وهي مسيخة يوم الجمعة من حين تصبح حتى تطلع الشمس شفقا من الساعة إلا الجن والإنس وفيها ساعة لا يصادفها عبد مسلم وهو يصلي يسأل الله شيئا إلا أعطاه إياها . قال كعب : ذلك في كل سنة يوم . فقلت : بل في كل جمعة قال فقرأ كعب التوراة . فقال : صدق رسول الله صلى الله عليه وسلم . قال أبو هريرة : لقيت عبدالله بن سلام فحدثته بمجلسي مع كعب وما حدثته في يوم الجمعة فقلت له : قال كعب : ذلك كل سنة يوم ؟ قال عبد الله بن سلام : كذب كعب . فقلت له ثم قرأ كعب التوراة . فقال : بل هي في كل جمعة . فقال عبد الله بن سلام : صدق كعب ثم قال عبدالله بن سلام : قد علمت أية ساعة هي . قال أبو هريرة فقلت له : فأخبرني بها . فقال عبدالله بن سلام : هي آخر ساعة في يوم الجمعة . قال أبو هريرة : فقلت : وكيف تكون آخر ساعة في يوم الجمعة وقد قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يصادفها عبد مسلم وهو يصلي وتلك الساعة لا يصلى فيها ؟ " فقال عبدالله بن سلام : ألم يقل رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من جلس مجلسا ينتظر الصلاة فهو في صلاة حتى يصلي ؟ " قال أبو هريرة : فقلت : بلى . قال : فهو ذاك . رواه مالك وأبو داود والترمذي والنسائي وروى أحمد إلى قوله : صدق كعب

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ آئون طور (جبل) ڏانهن نڪتس. مون کي ڪعب احبار مليو، آئون ان سان وينس اهو مون کي توريت جو خبرون ٻڌائي رهيو هو ۽ آئون ان کي رسول الله ﷺ جون حديثون ٻڌائي رهيو هوس پوءِ جيڪا ڳالهہ مون ان کي ٻڌائي اها هيءَ هئي تہ مون چيو رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي بهترين ڏينهن جنهن تي سج ايري جمعي جو ڏينهن آهي، ان ۾ آدم ؑ خلقيو ويو ۽ ان ۾ ئي (زمين تي) لاٿو ويو ۽ ان ۾ ئي سندس توبهہ قبول ڪئي ويئي ۽ ان ۾ ئي مري ويو ۽ ان ڏينهن ئي قيامت قائم ٿيندي (روءِ زمين جو) هر ساهہ وارو؛ انسانن ۽ جنن کان سواءِ جمعي جي ڏينهن صبح کان سج لهڻ تائين قيامت جي انتظار ۾ هوندو آهي ۽ اهو قيامت کان خوفزده هوندو آهي ۽ ان ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي، ڪوبہ ملسمان ٻانهو ان کي حاصل ڪندو ۽ اهو نماز پڙهندي الله کان ڪنهن شيءِ جو سوال ڪندو، الله اهو پورو ڪندس. ڪعب چيو تہ اها گهڙي سال ۾ هڪ ڏينهن ۾ آهي؟ مون چيو تہ بلڪ هر جمعي جي ڏينهن ۾ آهي؟ پوءِ ڪعب توريت پڙهيو ۽ چيائين تہ رسول الله ﷺ جن سچ فرمايو. ابو هريره ﷛ چوي ٿو آئون**

عبدالله بن سلام ﷺ سان مليس، ڪيس ڪعب احبار سان پنهنجي ملاقات ۽ جمعي بابت جيڪا اسان جي گفتگو ٿي ان جو ذڪر ڪيو. مون ڪيس ٻڌايو تہ ڪعب چوي ٿو اها (مبارڪ گهڙي) سال جي هڪ ڏينهن ۾ آهي. عبدالله بن سلام ﷺ چيو تہ ڪعب غلط ٿو چوي. ٻڌايومانس تہ پوءِ ڪعب توريت جو مطالعو ڪيو ۽ چيائين تہ اها گهڙي هر جمعي جي ڏينهن ۾ آهي. پوءِ عبد الله بن سلام چيو تہ آئون ڄاڻان ٿو تہ اها گهڙي ڪهڙي آهي؟ فرمائي ٿو تہ مون چيو تہ مون کي ٻڌايو ۽ بخل نہ ڪريو عبدالله بن سلام چيو تہ اها جمعي جي ڏينهن جي آخري گهڙي آهي. ابو هريرهﷺ چيو تہ مون چيو تہ جمعي جي ڏينهن آخري گهڙي ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ حالانڪ رسول اللهﷺ جن فرمايو آهي تہ جيڪو مسلمان ٻانهو اها گهڙي حاصل ڪندو ۽ ان ۾ نماز پڙهندو؟ عبدالله بن سلام ﷺ چيو تہ ڇا رسول اللهﷺ جن نہ فرمايو آهي تہ جيڪو ڪنهن مجلس ۾ وينو نماز جو انتظار ڪري تہ اهو نماز ۾ هوندو آهي، تانجو نماز پڙهي. ابو هريرهﷺ فرمائي ٿو تہ مون چيو تہ بيشڪ_ چيائين تہ اها گهڙي اهائي آهي. مالڪ، ابوداؤد، ترمذي، نسائي) احمد اها حديث_ صدق ڪعب_تائين بيان ڪئي.

(1360) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " التمسوا الساعة التي ترجى في ويوم الجمعة بعد العصر إلى غيبوبة الشمس " . رواه الترمذي

انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو (قبوليت واري) گهڙي جو جمعي جي ڏينهن عصر کان بعد سج غروب ٿيڻ تائين انتظار ڪريو[1] (ترمذي)

(1361 وعن أوس بن أوس رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن من أفضل أيامكم يوم الجمعة فيه خلق آدم وفيه قبض وفيه النفخة فأكثروا علي من الصلاة فيه فإن صلاتكم معروضة علي " فقالوا : يا رسول الله وكيف تعرض صلاتنا عليك وقد أرمت ؟ قال : يقولون : بليت قال : " إن الله حرم على الأرض أجساد الأنبياء " . رواه أبو داود والنسائي وابن ماجه والدارمي والبيهقي في الدعوات الكبير)

اوس بن اوس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: تحقيق توهان جي ڏينهن ۾ وڏيڪ چڱو جمعي جو ڏينهن آهي. ان ۾ آدمؑ خلقيو ويو. ان ۾ ان جو روح قبض ڪيو ويو ۽ ان ۾ ئي صور ڦوڪيو ويندو ۽ ان ۾ ئي صعقہ يعني بيهوشي آهي. پوءِ ان ڏينهن مون تي اڪثر درود موڪليو ڇاڪاڻ تہ توهان جو درود مون تي پيش ڪيو ويندو آهي. عرض ڪيائون تہ اي الله جا رسولﷺ ! ۽ توهان تي اسان جو درود ڪهڙي نموني پيش ڪيو ويندو؟ جڏهن تہ اوهان هڏا ٿي چڪا هوندو؟ چيائين تہ چون ٿا تہ اوهين ڳري سڙي فنا ٿي ويندؤ. ارشاد فرمايائون تحقيق الله تعاليٰ زمين تي نبين سڳورن جا جسم حرام قرار ڏنا آهن. (ابوداؤد، نسائي، ابن ماجہ، دارمي، بيهقي_ الدعوات الڪبير)

[1]_ وچين نماز کان پوءِ نماز پڙهڻ ۾ ڪراهت آهي مگر سانجهي ننماز جي انتظار لاءِ وجي تہ وچ وارو وقت سمورو نماز ۾ داخل ٿيندو اهو قول مشهور آهي.

(1362) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اليوم الموعود يوم القيامة واليوم المشهود يوم عرفة والشاهد يوم الجمعة وما طلعت الشمس ولا غربت على يوم أفضل منه فيه ساعة لا يوافقها عبد مؤمن يدعو الله بخير إلا استجاب الله له ولا يستعيذ من شيء إلا أعاذه منه " . رواه أحمد والترمذي وقال : هذا حديث غريب لا يعرف إلا من حديث موسى بن عبيدة وهو يضعف

**ابو هريره ﷛ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو اليوم الموعود( وعدي جو ڏينهن) قيامت جو ڏينهن آهي ۽ جمع جو ڏينهن عرفہ جو ڏينهن آهي ۽ گواهي ڏيندڙ ڏينهن جمعي جو ڏينهن آهي ۽ جمعي كان وڌيڪ ڏينهن تي نہ ڪڏهن سج اڀريو ۽ نہ سج لٿو ان ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جنهن ڪي ڪو مؤمن ٻانهي حاصل ڪري، ﷲ كان ان ۾ ڪا ڀلائي گهرندو تہ (يقيناً) ﷲ ان جي دعا قبول فرمائيندو ۽ جنهن شيءِ جي پناهہ گهرندو، تہ ڪيس ان كان پناه ڏيندو (احمد ترمذي) ترمذي چوي ٿو تہ هيءَ حديث غريب آهي، اسان کي موسيٰ بن عبيده جي ذريعي معلوم ٿي آهي ۽ اهو ضعيف آهي.**

## ٽيون فصل

(1363) عن أبي لبابة بن عبد المنذر قال : قال النبي صلى الله عليه وسلم : " إن يوم الجمعة سيد الأيام وأعظمها عند الله وهو أعظم عند الله من يوم الأضحى ويوم الفطر فيه خمس خلال : خلق الله فيه آدم وأهبط الله فيه آدم إلى الأرض وفيه توفي الله آدم وفيه ساعة لا يسال العبد فيها شيئا إلا أعطاه ما لم يسال حراما وفيه تقوم الساعة ما من ملك مقرب ولا سماء ولا أرض ولا رياح ولا جبال ولا بحر إلا هو مشفق من يوم الجمعة " . رواه ابن ماجه

**ابو لبابہ بن عبدالمنذر ﷛ كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن فرمايو: بيشڪ جمعي جو ڏينهن ڏينهن جو سردار ۽ ﷲوٽ انهن سڀني ۾ تمام عظمت وارو آهي ۽ اهو ﷲ وٽ عيد اضحيٰ جي ڏينهن ۽ عيد الفطر جي ڏينهن كان بہ عظيم آهي ان ۾ پنج خاصيتون آهن: 1_ ﷲ تعاليٰ ان ڏينهن ۾ آدم ؑ کي خلقيو، 2_ ﷲ تعاليٰ ان ۾ آدم ؑ کي زمين تي لاٿو، 3_ ﷲ تعاليٰ ان ڏينهن آدم ؑ کي وفات ڏني، 4_ان ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جنهن ۾ ٻانهو ڪا شيءِ گهري تہ اها (ضرور) ﷲ کيس عطا ڪندو، جيستائين حرام شيءِ جو سوال نہ ڪري. 5_ ان ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، مقرب فرشتا، آسمان زمين،جبل ۽ سمنڊ سڀ جمعي جي ڏينهن قيامت جي اچڻ كان خوفزده هوندا آهن (ابن ماجہ )**

(1364) وروى أحمد عن سعد بن عبادة : أن رجلا من الأنصار أتى النبي صلى الله عليه وسلم فقال : أخبرنا عن يوم الجمعة ماذا فيه من الخير ؟ قال : " فيه خمس خلال " وساق الحديث

**احمد سعد بن عباده ﷛ کان روایت بیان ڪئي تہ انصارن مان هڪ شخص نبي ﷺ جن وٽ آيو عرض ڪيائين تہ اسان کي ٻڌايو تہ جمعي جي ڏينهن ۾ ڪهڙي خيرءِ برڪت آهي" فرمايائون: ان ۾ پنج خاصيتون آهن ۽ (متي بيان ڪيل) حديث آخر تائين بيان ڪيائين.**

(1365) وعن أبي هريرة قال : قيل للنبي صلى الله عليه وسلم : لأي شيء سمي يوم الجمعة ؟ قال : " لأن فيها طبعت طينة أبيك آدم وفيها الصعقة والبعثة وفيها البطشة وفي آخر ثلاث ساعات منها ساعة من دعا الله فيها استجيب له " . رواه أحمد

**ابو هريره﷛ کان روایت آهي تہ نبي ﷺ جن کي عرض ڪيو ويو تہ ڪهڙي سبب جي ڪري جمعي تي اهو نالو پيو؟ فرمايائون: ڇاڪاڻ تہ ان ڏينهن تنهنجي پيءُ جي مٽي تيار ڪئي ويئي ۽ اڳهو ڏينهن بي هوشي ۽ بعثت (ٻيهر جيارڻ) جو گهوندو ۽ ان ڏينهن پڪڙ ۽ حساب ڪتاب ٿيندو ۽ ان ڏينهن جي آخري ٽن گهڙين ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جو جيڪو ماڻهو ان گهڙيءَ ۾ الله کان دعا گهرندو اها قبول ڪئي ويندي. (احمد)**

**فائده:_ سند ۾ فرج بن فضالہ راوي ضعيف آهي" (مشڪواة_ 431ج1)**

(1366) وعن أبي الدرداء قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أكثروا الصلاة علي يوم الجمعة فإنه مشهود تشهده الملائكة وإن احدا لن يصلي علي إلا عرضت علي صلاته حتى يفرغ منها " قال : قلت : وبعد الموت ؟ قال : " إن الله حرم على الأرض أن تأكل أجساد الأنبياء فنبي الله حي يرزق " . رواه ابن ماجه

**ابو درداءَ ﷛ کان روایت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جمعي جي ڏينهن مون تي گهڻائيءَ سان درود پڙهندا ڪريو ڇاڪاڻ جو جمعي جي ڏينهن فرشتا حاضر ٿيندا آهن ۽ جيڪو شخص مون تي درود موڪليندو آهي ان جو درود مون تي پيش ڪيو ويندو آهي، تانجو ان مان واندو ٿئي. راويءَ بيان ڪيو تہ مون چيو تہ اوهان جي وفات کان پوءِ بہ؟ ارشاد فرمايائون: بيشڪ الله تعاليٰ زمين تي حرام ڪيو آهي جو اها نبين سڳورن جا جسم ڪائي، سو الله جو نبي زنده آهي ان کي رزق ڏنو وڃي ٿو[1] (ابن ماجه)**

(1367) وعن ابن عباس أنه قرأ : ( اليوم أكملت لكم دينكم )

---

[1]_ محققين جي جماعت جو مزهب آي تہ حصور جن پنهنجي برزخي حياتي ۾ زنده آهن سندن برزخي زندگي روحاني زندگي آهي ۽ پيغمبرن جي جسم کي زين ڳاري ۽ ڪائي نہ ٿي باقي هي دنيا واري حياتي جنهن تي موت اچي ٿو انهيءَ حياتيءَ سان سندن زندگي قرآن شريف جي ڪيترين آيتن ۽ حديثن سان ثابت نہ آهي جيئن شهيدن جي بہ حياتي روحاني آهي ۽ جسماني نہ آهي انهن کي رزق روهاني ملي ٿو اهڙي طرح سان پيغمبرن کي بہ روحاني زندگي حاصل آهي.

الآية وعنده يهودي فقال : لو نزلت هذه الآية علينا لاتخذناها عيدا فقال ابن عباس : فإنها نزلت في يوم عيدين في ويوم جمعة ويوم عرفة . رواه الترمذي وقال هذا حديث حسن غريب

**عبدالله بن عمرو ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو، جيڪو مسلمان جمعي جي ڏينهن يا جمعي جي رات مرندو اللهَ ان کي قبر جي فتني ۽ آزمائش کان بچائيندو ([1] (احمد ۽ ترمذي) چوي ٿو تہ هيءَ حديث غريب آهي ۽ ان جي اسناد متصل نہ آهي.**

(1368) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا دخل رجب قال : " اللهم بارك لنا في رجب وشعبان وبلغنا رمضان " قال : وكان يقول : " ليلة الجمعة ليلة أغر ويوم الجمعة يوم أزهر " . رواه البيهقي في الدعوات الكبير

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ پاڻ ﴿ اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ_ الاٰية ﴾_ پڙهيائين. وٽس هڪ يهودي موجود هو چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن اها آيت اسان جي مٿان نازل ٿئي ها تہ اسان ان کي عيد (جو ڏينهن) بنايون ها. ابن عباسﷺ فرمايو (توکي معلوم هجڻ گهرجي) تہ اها ٻن عيدن واري ڏينهن ۾ نازل ٿي آهي. ان مان مراد جمعہ ۽ عرفہ جو ڏينهن آهي. (ترمذي) چوي ٿو تہ هيءَ حديث حسن غريب آهي.**

(1369) عن ابن عمر وأبي هريرة أنهما قالا : سمعنا رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول على أعواد منبره : " لينتهين أقوام عن ودعهم الجمعات أو ليختمن الله على قلوبهم ثم ليكونن من الغافلين " . رواه مسلم

**انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جڏهن رجب شروع ٿيندو هو تہ هيءَ دعا گهرندا هئا: اي اللهَ اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪت فرماءِ ۽ اسان کي رمضان نصيب فرماءِ، بيان ڪري ٿو تہ پاڻ فرمائيندا هئا جمعي جي رات روشن رات آهي ۽ جمعي جو ڏينهن روشن ڏينهن آهي. (بيهقي_ الدعوت الڪبير)**

# جمعي جي فرضيت جو بيان

## پهريون فصل

(1370) **ابن عمر ۽ ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ڪي منبر جي ڏاڪڻ تي فرمائيندي ٻڌوسون: ماڻهن کي گهرجي تہ جمعہ (جي نماز) ڇڏڻ کان باز اچن([2]) نہ تہ**

---

[1]_ هن حديث مان جمعه جي ڏينهن خواهہ جمعه جي رات جي بہ فضيلت معلوم ٿئي ٿي.

[2]_ هن مان مراد آهي تهجيڪو جمعه کي ڇڏيندو سو منافق ٿي ويندو، جيئن فصل_2 جي پهرين حديث ۾ آهي ۽ فصل_3 جي ٻي حديث ۾ آيل آهي تہ جيڪو شخص 3_جمعه سستي ڪري ڇڏيندو ان جي دل تي اللهَ تعالىٰ مهر ڪندو. انهن حديثن مر،ان ثابت ٿئي ٿو تہ جمعه جي فرض کي ڇڏيندڙ منافقن ۾ شمار ٿيل آهي.

(ٻڌي ڇڏين) ته الله تعاليٰ ضرور انهن جي دلين تي مهر هڻندو پوءِ اهي ضرور غفلت ۾ ([1]) مست رهڻ وارن مان ٿيندا. (مسلم)

## ٻيو فصل

(1371) عن أبي الجعد الضميري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من ترك ثلاث جمع تهاونا بها طبع الله على قلبه " . رواه أبو داود والترمذي والنسائي وابن ماجه والدارمي

**ابو جعد ضمري کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص سستي ۽ ڪاهليءَ جي ڪري ٽي جمعا ڇڏيا الله ان جي دل تي مهر هڻندو (ابوداؤد، ترمذي، نسائي، ابن ماجھ، دارمي)**

(1372) ورواه مالك عن صفوان بن سليم

**اهائي روايت امام مالڪ صفوان بن سليم کان بيان ڪئي.**

(1373) ورواه أحمد عن أبي قتادة

**۽ احمد ابو قتاده کان.**

(1374) وعن سمرة بن جندب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من ترك الجمعة من غير عذر فليتصدق بدينار فإن لم يجد فبنصف دينار " . رواه أحمد وأبو داود وابن ماجه

**۽ سمره بن جندب ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو جنهن بغير عذر جي جمعو ڇڏيو ان کي گهر جي ته هڪ دينار صدقو (خيرات) ڪري، نه هجيس ته اڌ دينار ([2]) (احمد، ابو داؤد، ابن ماجہ)**

**فائده: قدامہ بن وبره راوي مجهول آهي (مشڪوة_ علامہ الباني ص 434جا)**

( 1375) وعن عبد الله بن عمرو عن النبي صلى الله عليه وسلم : " الجمعة على من سمع النداء " . رواه أبو داود

---

[1] _ ان جي دل کان خدا تعاليٰ جو فيض ۽ برڪت رڪجي وڃي ٿو، جهالت ۽ نفاق سان ان جي دل کي پريو وڃي ٿو ۽ انجي دل ما ايمان جو نور هليو وڃي ٿو. روايت اهي ته هڪ شخص ابن عباس کان هڪ مهينو روز مره پڇندو هو ته توهان اهڙي ماڻهو کي ڇا ٿا چئو جو ڏينهن جو روزي ۾ رهي ٿو ۽ رات سڄي عبادت ۾ گذاري ٿو مگر جمعه جي جماعت ۾ نٿو اچي ابن عباس جواب ڇيو ته اهو جهنمي آهي.

[2] _ حافظ لکي ٿو ته ڪفارو ڏيڻ ڪري جمعه ڇڏڻ جو گناهه لهي نه ويندو مگر اميد آهي ته گناهه ۾ ڪجهه هلڪائي ٿيندي، هڪ دينار جو وزن ساڍا چار ماسا سون آهي.

عبدالله بن عمره ﷛ كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن فرمايو: جمعو هر ان تي فرض آهي جيكو اذان ٻڌي ([1]) (ابو داؤد)
فائده: سنلم نبيه راوي نيز ان جو استاد عبدالله بن هارون ٻئي مجهول آهن (مشكوة_ علامہ الباني ص 434ج1)

(1376) وعن أبي هريرة عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " الجمعة على من آواه الليل إلى أهله " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث إسناده ضعيف

ابو هريره ﷛ كان روايت آهي تہ نبي كريم ﷺ جن فرمايو: جمعو ان شخص تي واجب آهي جيكو رات گهر ۾ گذاري (ترمذي) چوي ٿو تہ حديث جي سند ضعيف آهي.
فائده: حديث جي سند ۾ عبدالله بن سعيد مقبري راوي كوڙو آهي (مشكوٰة_الباني ص 434 ج 1)

(1377 ) وعن طارق بن شهاب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الجمعة حق واجب على كل مسلم في جماعة إلا على أربعة : عبد مملوك أو امرأة أو صبي أو مريض " . رواه أبو داود وفي شرح السنة بلفظ المصابيح عن رجل من بني وائل

طارق بن شهاب ﷛ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو جمعو حق ۽ واجب آهي هر مسلمان تي جماعت سان([2]) مگر چئن ڄڻن (كي رخصت آهي) 1_غلام 2_عورت 3_ ٻار 4_ بيمار (ابو داؤد) ۽ شرح السنة ۾ اها حديث مصابيح جي الفاظ سان بنو وائل جي هڪ شخص كان بيان ٿيل آهي.

---

[1]_ امام شافعي ۽ مالڪ كان روايت آهي تہ سهر وار تي جمعو واجب آهي اگرچہ بانگ نہ بہ ٻڌن, مگر اختلاف هن ۾ آهي تہ كو شخص شهر كان ٻاهر جو رهندڙ آهي, هاڻي ان تي جمعو واجب آهي يا نہ؟ عبدالله بن عمر, ابو هريره, انس﷛ حسنبصري, عطاء نافع, عكرمہ اوزاعي, يحيٰ چون ٿا, جيكو ماڻهو جمعو پڙهي پوءِ رات جو پنهنجي گهر پهچي سگهي ان تي جمعو واجب آهي. اهي هن حديث مان دليل وٺن ٿا مگر هيءَ حديث ضعيف آهي. ترمذي چوي ٿو تہ هيءَ حديث صحيح ۽ دليل وٺڻ جي لائق نہ آهي. امام مالڪ جو مذهب آهي تہ ان ماڻهوءَ تي جمعو واجب آهي جيكو بانگ جو آواز ٻڌي. شوكانيءَ امام مالڪ جي مذهب كي ترجيح ڏني آهي.
[2]_ جمعہ جي فرضيت لاءِ جماعت شرط آهي جماعت كان سواءِ جمعہ نہ ٿيندو. جماعت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ماڻهن جو هجڻ ضروري آهي, هكڙو خطبو پڙهي ۽ امام ٿئي, ٻيو مقتدي ٿئي. باقي شهر يا حاكم يا عدد مخصوص يا مسجد جامع جو هجڻ اهڙو كو شرط نہ آهي, ڇاكاڻ تہ انهن شرطن لاءِ كو دليل نہ آهي. انس بن مالڪ پنهنجي گهر ۾ جمعو پڙهندو هو. هن كي بخاري تعليق طور روايت كيو آهي. حنفين بہ گهر ۾ جمعو پرهڻ درست كيو آهي.

# ٽيون فصل

(1378) عن ابن مسعود أن النبي صلى الله عليه وسلم قال لقوم يتخلفون عن الجمعة : " لقد هممت أن آمر رجلا يصلي بالناس ثم أحرق على رجال يتخلفون عن الجمعة بيوتهم " . رواه مسلم

**ابن مسعود ﷛ كان روايت آهي ته نبي ﷺ جن ماڻهن کي جيڪي جمع کان پٺتي رهندا هئا فرمايو: بيشڪ مون ارادو ڪيو ته ڪنهن شخص کي حڪم ڪريان اهو ماڻهن کي نماز پڙهائي پوءِ انهن جي گهرن کي ساڙيان جيڪي جمعي کان پوئتي رهن ٿا ([1]) (مسلم)**

(1379) وعن ابن عباس أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " من ترك الجمعة من غير ضرورة كتب منافقا في كتاب لا يمحى ولا يبدل " . وفي بعض الروايات ثلاثا . رواه الشافعي

**ابن عباس ﷠ كان روايت آهي ته نبيﷺ جن فرمايو: جنهن جمعي کي ضرورت کان سواءِ (ظالم جي خوف يا برسات يا برف يا گپ وغيره جي خوف کان سواءِ) ڇڏي ڏني ته ان کي ڪتاب (اعمالنامہ) ۾ منافق لکيو وڃي ٿو. ان کي مٽايو يا بدلايو نه ويندو([2]) ۽ ڪنهن روايت ۾ آهي ته جو ماڻهو 3_جمعا ڇڏي ته (اُن لاءِ مٿيون حڪم آهي) هن کي شافعي روايت ڪيو آهي.**

**فائده:_ هن روايت جي سند ۾ ابراهيم بن محمد الاسلمي راوي ضعيف آهي.(الباني ص 435ج1)**

(1380) وعن جابر أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " من كان يؤمن بالله واليوم الآخر فعليه الجمعة يوم الجمعة إلا مريض أو مسافر أو صبي أو مملوك فمن استغنى بلهو أو تجارة استغنى الله عنه والله غني حميد " . رواه الدراقطني

**جابر ﷛ كان روايت آهي ته تحقيق رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جيڪو شخص ﷲ تعاليٰ ۽ ڏيهن قيامت تي ايمان رکي ٿو ته ان تي جمعي جي ڏينهن جمع نماز فرض آهي. مگر بيمار يا مسافر يا عورت يا ٻار يا ٻانهي تي فرض نه آهي. پوءِ جيڪو راند ڪرڻ يا واپار ڪرڻ سببان جمعي کان بي پرواهي ڪندو ته ﷲ تعاليٰ ان کان بي پرواهي ڪندو. ﷲ تعاليٰ بي پرواهہ ساراهيل آهي. هن کي دارقطنيءَ روايت ڪيو آهي.**

**فائده :_ هن جي سند ۾ ابن لهيعه ۽ معاذ بن محمد الانصاري ضعيف راوي آهن ۽ ابو الزبير مدلس ۽ معنعن آهي.**

---

[1] _ هن حديث جيڪي ماڻهو جمعو ڇڏين ٿا تن لاءِ وعيد ۽ تنبيهہ آهي.

[2] _ هن حديث ۾ جيڪي ماڻهو جمعو ڇڏين ٿا، تن لاءِ وعيد آهي. (مسكواة_الباني ص 435ج1)

# باب جمعہ لاءِ پاڪائي ڪرڻ ۽ سويل وڃڻ جي بيان ۾

## فصل پھريون

(1381) عن سلمان قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يغتسل رجل يوم الجمعة ويتطهر ما استطاع من طهر ويدهن من دهنه أو يمس من طيب بيته ثم يخرج فلا يفرق بين اثنين ثم يصلي ما كتب له ثم ينصت إذا تكلم الإمام إلا غفر له ما بينه وبين الجمعة الأخرى " . رواه البخاري

**سلمان ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن غسل ڪري ٿو ۽ جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر پاڪائي حاصل ڪري ٿو ۽ پنهنجي گهر جو پاڻ ڪي تيل لڳائي ٿو ۽ پنهنجي گهر جي خوشبوءِ پاڻ ڪي ملي ٿو ۽ مسجد ڏانهن نڪري ٿو ۽ ٻن شخصن جي وچ ۾ فرق نٿو ڪري (ماڻهن جا ڪلها لتاڙي اڳتي نٿو وڌي) ۽ جيڪا نماز ان لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي سا پڙهي ٿو ۽ خطبہ پڙهڻ وقت ماٺ ڪري ويهي ٿو تہ ان لاءِ اهي گناهہ جي انهيءَ جمعي ۽ ٻي جمعي تائين ٿيا آهين سي بخشيا وڃن ٿا. هن ڪي بخاري روايت ڪيو آهي.**

(1382) وعن أبي هريرة رضي الله عنه . عن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " من اغتسل ثم أتى الجمعة فصلى ما قدر له ثم أنصت حتى يفرغ من خطبته ثم يصلي معه غفر له ما بينه وبين الجمعة الأخرى وفضل ثلاثة أيام " . رواه مسلم

**ابو هريره ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن شخص غسل ڪيو، پوءِ جمعي (جي جماعت) ۾ آيو ۽ ايتري قدر نماز پڙهيائين، جا ان لاءِ لکيل هئي، پوءِ جيستائين خطيب پنهنجي خطبي پڙهڻ کان واندو ٿيو، تيستائين ماٺ ۾ رهيو، پوءِ امام سان گڏ نماز پڙهيائين تہ ان جا اهي گناهہ جيڪي ان جمعي ۽ ٻئي (گذريل) جمعي جي وچ ۾ ٿيا آهن ۽ بلڪ ٻيا بہ وڌيڪ ٽن ڏينهن جا گناهہ بخشيا وڃن ٿا.[1] مسلم.**

(1383) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من توضأ فأحسن الوضوء ثم أتى الجمعة فاستمع وأنصت غفر له ما بينه وبين الجمعة وزيادة ثلاثة أيام ومن مس الحصى فقد لغا " . رواه مسلم

[1] _ يعني هڪ نيڪي ڪرڻ جي ڪري ثواب ڏهوڻو ٿئي ٿو تہ هڪ جمعي پڙهڻ ڪري ڏهن ڏينهن جا گناهہ بخشيا وڃن ٿا. انهيءَ ڪري هڪ جمعي ڪان ٻئي جمعي تائين ست ڏينهن ۽ ٻين وڌيڪ ٽن ڏينهن جملي ڏهن ڏينهن جا گناهہ معاف ٿين ٿا.

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسل اللهﷺ جن فرمايو تہ جنهن شخص وضو ڪيو ۽ سهڻو وضو ڪيائين، پوءِ جمعي نماز ۾ آيو، پوءِ خطبو ٻڌائين ۽ ماٺ ۾ رهيو تہ ان لاءِ اهي گناه جي ان جمعي ۽ ٻئي گذريل جمعي جي وچ ۾ ٿيا آهن، سي بلڪ زياده ٽن ڏينهنجا بہ بخشيا وڃن ٿا ۽ جيڪو پٿرين کي پاسي ڪرڻ ۾ مشغول ٿيو انهيءَ بيهودو ڪم ڪيو.([1]) هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.**

(1384) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا كان يوم الجمعة وقفت الملائكة على باب المسجد يكتبون الأول فالأول ومثل المهجر كمثل الذي يهدي بدنة ثم كالذي يهدي بقرة ثم كبشا ثم دجاجة ثم بيضة فإذا خرج الإمام طووا صحفهم ويستمعون الذكر "

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جڏهن جمعي جو ڏينهن ٿئي ٿو، تڏهن ملائڪ مسجد جي دروازي تي بيهن ٿا. پوءِ (نماز لاءِ) پهرين ايندڙ ماڻهوءَ کي لکن ٿا، ان کان پوءِ جيڪو اچي ٿو ان کي لکن ٿا. (اهڙي طرح نمبر وار لکن ٿا) پوءِ جيڪو شخص پهرين آيو. ان جي ثواب جو مثال انهيءَ شخص جي ثواب جيترو آهي جو اٺ جي قرباني ڪري. ان کان بعد اچڻواري جو مثال ان جهڙو آهي جيڪو ڳئون جي قرباني ڪري. ان کان پوءِ ايندڙ جو مثال ان وانگر آهي جيڪو ڳئون جي قرباني ڪري . ان کان پوءِ ايندڙ جو مثال ان وانگر آهي جيو گهيٽو قربان ڪري، ان کان پوءِ ايندڙ جومثال ڪڪڙ ۽ ان کان پوءِ آنو خيرات ۾ ڏيڻ واري وانگر آهي. جڏهن امام خطبو ڏيڻ لاءِ ايندو آهي تہ فرشتا پنهنجا دفتر ويڙهي ڇڏيندا آهن ۽ وعظ نضيحت ٻڌڻ ۾ لڳي ويندا آهن. (بخار ي مسلم)**

(1385) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا قلت لصاحبك يوم الجمعة أنصت والإمام يخطب فقد لغوت )

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن جمعہ جي ڏينهن امام خطبو ڏئي ۽ تو ساٿ ويهندڙ کي چيو تہ خاموش رهہ تہ تنهنجو اهو ڪم لغو يعني فضول آهي([2]) (بخاري مسلم)**

(1386) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يقيمن أحدكم أخاه يوم الجمعة ثم يخالف إلى مقعده فيقعد فيه ولكن يقول : افسحوا " . رواه مسلم

---

[1]_ بيهودي ڪم لاءِ قرآن شريف ۾منع ٿيل آهي: ﴿وقال الذين كفروا لا تسمعوا لهذا القرآن........ الآية﴾ يعني ڪافرن چيو تہ توهين قرآن نہ ٻڌو ۽ گوڙ ڪريو تہ من اوهين غالب ٿيو.

[2]_چاڪاڻ تہ خطبي پرهڻ وقت ماٺ ۾ رهڻ ۽ خطبه ٻڌڻ ضروري آهي جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو ڪا ڳالهہ ڪري ٿو تہ ان کي اشاري سان منع ڪرڻ گهرجي پر جيڪڏهن ڪنهن زبان سان چيو تہ ماٺ ڪر، تڏهن چئبو تہ اهو ڳالهائي رهيو آهي، انهيءَ کي بہ لغو حرڪت ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

جابرؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: توهان مان ڪو جمعه جي ڏينهن پنهنجي ساٿيءَ کي هر گز پنهنجي جاءِ تان نه اٿاري، جيئن ان جي جاءِ تي قبضوڪري ۽ ان تي ويهي. ليڪن چوي ته مجلس ۾ ڪشادگي پيدا ڪريو.([1]) (مسلم)

## ٻيو فصل

(1387) عن أبي سعيد وأبي هريرة قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من اغتسل يوم الجمعة ولبس من أحسن ثيابه ومس من طيب إن كان عنده ثم أتى الجمعة فلم يتخط أعناق الناس ثم صلى ما كتب الله له ثم أنصت إذا خرج إمام حتى يفرغ من صلاته كانت كفارة لما بينها وبين جمعته التي قبلها " . رواه أبو داود

ابو سعيد ۽ ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: جنهن جمعه جي ڏينهن غسل ڪيو ۽ پنهنجا سنا ڪپڙا پاتائين ۽ خوشبو جيڪڏهن ان وٽ هجي ته اها هنيائين پوءِ جمعي لاءِ آيو ۽ ماڻهن جي ڪنڌن مٿان وڪون نه اورانگهيائين([2]) پوءِ جيڪا ان جي ( قسمت ۾ ) لکيل هئي، سا نماز پڙهيائين پوءِ جڏهن امام (گهر کان) نڪري اچي ته خاموش رهي، تانجو پنهنجي نماز کان واندو ٿئي ته ان جي لاءِ گذريل جمعي تائين اهو جمعو ڪفارو ٿيندو (ابو داؤد)

(1388) وعن أوس بن أوس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من غسل يوم الجمعة واغتسل وبكر وابتكر ومشى ولم يركب ودنا من الإمام واستمع ولم يلغ كان له بكل خطوة عمل سنة : أجر صيامها وقيامها " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه

اوس بن اوس ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن جمعي جي ڏينهن پاڻ غسل ڪيو ۽ (پنهنجي زال کي) غسل ڪرائين([3]) ۽ جلدي ڪيائين ۽ خطبه جي اول وقت پهتو، پنڌ هلي آيو ۽ سواريءَ نه چڙهيو ۽ امام جي ويجهو اچي وينو ۽ ڪا لغو حرڪت نه ڪيائين ته ان جي هر قدم جي بدلي هڪ سال جو عمل، سال جي روزن ۽ قيام (رات جي عبادت ۽ تهجد) جي برابر لکيو ويندو (ترمذي، ابو داؤد، نسائي ۽ ابن ماجه)

(1389) وعن عبد الله بن سلام قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما على أحدكم إن وجد أن يتخذ ثوبين ليوم الجمعة سوى ثوبي مهنته " . رواه ابن ماجه

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي ان جي جاءِ تان اٿاري سندس جاءِ تي ويهڻ حرام آهي.

[2] _ ابن قيم هن کي ڪبيرن گناهن ۾ شمار ڪيو آهي مگر افسوس آهي ته هن زماني جا ماڻهو انهيءَ ڪم کي هڪ معمولي ڪم سمجهي رهيا آهن ۽ گهڻين مسجدن ۾ ماڻهن جا ڪنڌ لتاڙيا وڃن ٿا شل الله پاڪ مسلمانن تي رحم ڪري ۽ ڪين سئين واٽ سونهائي.

[3] _ يعني پنهنجي زال سان صحبت ڪري انهيءَ ڪري ٻئي غسل ڪن يا ڪنهن ٻئي کي غسل لاءِ تيل صابڻ ۽ پاڻي ڏي ۽ ان کي وهنجارڻ ۾ مدد ڪري ته اهو شخص ثواب جو حقدار آهي.

**عبدالله بن سلام ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: اوهان مان ڪنهن لاءِ ڪو حرج نہ آهي جو اهو جمعي جي ڏنهن لاءِ ڪم ڪار جي ڪپڙن کان سواءِ ڪپڙن جو جوڙو خاص ڪري رکي ([1]) جيڪڏهن ان جي لاءِ ممڪن هجي (ابن ماجہ)**

(1390) ورواه مالك عن يحيى بن سعيد

**اها حديث امام مالڪ يحيٰ بن سعيد کان بيان ڪئي.**

(1391) وعن سمرة بن جندب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " احضروا الذكر وادنوا من الإمام فإن الرجل لا يزال يتباعد حتى يؤخر في الجنة وإن دخلها " . رواه أبو داود

**سمره بن جندب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن فرمايو: جمعي جي خطبي ۾ حاضر ٿيو ۽ امام جي ويجهو ٿي ويهو ڇاڪاڻ تہ ماڻهو مسلسل پري رهندو آهي تانجو جنت ۾ جيتوڻيڪ داخل نہ ٿئي تڏهن بہ آخر ۾ ويندو (ابوداؤد)**

(1392) وعن سهل بن معاذ بن أنس الجهني عن أبيه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من تخطى رقاب الناس يوم الجمعة اتخذ جسرا إلى جهنم " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

**سهل بن معاذ بن انس جهني، پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو جمعي جي ڏينهن ماڻهن جي ڪنڌن مٿان وڪون اورانگهيندو انهيءَ جهنم ڏانهن پل تيار ڪئي (ترمذي) ۽ چوي ٿو تہ اها حديث غريب آهي.**

**فائده:_ سند ۾ رشدين بن سعد ۽ زياد بن فائد ٻئي راوي ضعيف آهن. (مشڪواة_ علامہ الباني ص 438ج1**

(1393) وعن معاذ بن أنس : أن النبي صلى الله عليه وسلم نهى عن الحبوة يوم الجمعة والإمام يخطب . رواه الترمذي وأبو داود

**معاذ بن انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جمعي جي ڏينهن جڏهن امام خطبو ڏي ڪانب ڪدي ويهڻ کان منع فرمايو. ([2]) (ترمذي، ابوداؤد)**

---

[1]_ انهيءَ جو مطلب هيءُ آهي تہ جمعہ جي عزت ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي طاقت آهر عمدا، صاف ۽ سنا ڪپڙا پائي جيئن ڪنهن حاڪم جي دربار ۾ وڃڻ وقت سنا ڪپڙا پائي وڃبو آهي. مطلب تہ جمعہ لاءِ خاص هڪ جوڙو نهرائي رکجي ۽ جمعہ جي ڏينهن پائي نماز پڙهجي.

[2]_ ڇاڪا تہ هن ۾ تڪبير جو نمونو آهي ۽ وضو ڀڄڻ جو انديشہ آهي.

(1394) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا نعس أحدكم يوم الجمعة فليتحول من مجلسه ذلك " . رواه الترمذي

**ابن عمرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪو جمعي جي ڏينهن جهوٽا، ڪائي ان ڪي گهرجي تہ پنهنجي جاءِ تبديل ڪري. (ترمذي)**

## ٽيون فصل

(1395) عن نافع قال : سمعت ابن عمر يقول : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يقيم الرجل الرجل من مقعده ويجلس فيه . قيل لنافع : في الجمعة قال : في الجمعة وغيرها

**نافع جو بيان آهي تہ مون ابن عمرؓ کان ٻڌو تہ رسول اللهﷺ جن ان ڳالهہ کان منع فرمائي جو هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي ان جي جاءِ تان اٿاري ۽ پاڻ اتي ويهي. نافع کي چيو يو تہ ڇا جمعي جي ڏينهن؟ چيائين تہ جمعو ۽ جمعي کا علاوه (ڪڏهن بہ ٻئي کي اٿاري" پاڻ ويهڻ جائز نہ آهي) (بخاري مسلم)**

(1396) وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يحضر الجمعة ثلاثة نفر : فرجل حضرها بلغو فذلك حظه منها . ورجل حضرها بدعاء فهو رجل دعا الله إن شاء أعطاه وإن شاء منعه . ورجل حضره بإنصات وسكوت ولم يتخط رقبة مسلم ولم يؤذ أحدا فهي كفارة إلى الجمعة التي تليها وزيادة ثلاثة أيام وذلك بأن الله يقول : ( من جاء بالحسنة فله عشر أمثالها . . )

رواه أبو داود

**عبدالله بن عمروؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جمعي ٽي ڄڻا هاضر ٿيندا آهن: 1_ اهو جيڪولغو ڪم ڪندو آهي ان ۾ ان جو اهو ئي حصو هوندو آهي. 2_ جيڪو دعا لاءِ حاضر ٿيندو آهي تہ اهو ماڻهو اللهﷻ کان دعا ڪندو آهي. جيڪڏهن اللهﷻ گهري تہ ان کي عطا ڪري ۽ گهري تہ منع ڪري. 3_۽ هڪ شخص جمعي ۾ نهايت خاموشيءَ سان ايندو آهي، ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي مٿان وڪون ڪٽي نہ گذرندو آهي ۽ نہ ڪنهن کي تڪليف ڏيندو آهي تہ اهو جمعو، ٻئي جمعي تائين ۽ وڌيڪ ٽن ڏينهن تائين ڪفاره هوندو آهي اهو ان ڪري جو اللهﷻ تعاليٰ فرمائي ٿو جيڪو شخص نيڪ ڪم ڪندو آهي ان کي ڏهوڻو ثواب ملندو آهي. (ابوداؤد)**

(1397) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من تكلم يوم الجمعة والإمام يخطب فهو كمثل الحمار يحمل أسفارا والذي يقول له أنصت ليس له جمعة " . رواه أحمد

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جمعي جي ڏينهن امام خطبو ڏي ۽ ان حالت ۾ ڪو ڳالهائي تہ اهو گڏهہ وانگر آهي جنهن جي مٿان ڪتاب هجن ۽ جيڪو ان کي چوي تہ خاموش رهہ تہ ان جو جمعو نہ آهي. (احمد)**

**فائده:_ سند ۾ مجالد بن سعيد راوي ضعيف آهي. (مشڪواة _علامہ الباني ص 440ج1)**

(1398) وعن عبيد بن السباق مرسلا قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم في جمعة من الجمع : " يا معشر المسلمين إن هذا يوم جعله الله عيدا فاغتسلوا ومن كان عنده طيب فلا يضره أن يمس منه وعليكم بالسواك " . رواه مالك ورواه ابن ماجه عنه

**عبيد بن سباق کان مرسل روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن هڪ ڏينهن جمعي جي خطبي ۾ فرمايو: مسلمانو! هي اهڙو ڏينهن آهي جنهن کي ﷲ تعاليٰ عيد بنايو آهي (هن ڏينهن) غسل ڪريو.[1] ۽ جنهن وٽ خوشبو هجي ۽ خوشبو هڻڻ ۾ ڪا تڪليف نہ ٿئيس تہ خوشبو لڳائي ۽ پاڻ تي مسواڪ ڪرڻ لازمي قرار ڏيو. (مالڪ) ۽ ابن ماجہ ان کان اها حديث بيان ڪئي.**

(1399) وهو عن ابن عباس متصلا

**اها حديث ابن عباسؓ کان موسول بيان ٿيل آهي.**

**فائده:_ سند ۾ صالح بن ابي الخضر راوي ضعيف آهي. (مرعاة شرح مشڪواة ص 304 ج3)**

(1400) وعن البراء قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " حقا على المسلمين أن يغتسلوا يوم الجمعة وليمس أحدهم من طيب أهله فإن لم يجد فالماء له طيب " . رواه أحمد والترمذي وقال : هذا حديث حسن

**براءَ بن عازب ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: مسلمانن تي واجب آهي تہ جمعي جي ڏينهن غسل ڪن ۽ ڪنهن وٽ خوشبو هجي تہ اها هڻي پر جيڪڏهن ڪنهن وٽ خوشبو نہ هجي تہ پاڻي ان جي لاءِ خوشبو (جي عيوض) آهي (احمد، ترمذي) ۽ چوي ٿو تہ اها حديث حسن آهي.**

**فائده:_ سند ۾ يزيدبن ابي زياد هاشمي راوي ضعيف آهي. (مرعاة شرح مشڪواة ص 305ج3)**

# جمعي جي خطبي ۽ نماز جو بيان

## پهريون فصل

(1401) عن أنس : أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يصلي الجمعة حين تميل الشمس . رواه البخاري

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جمعہ جو ڏينهن هفتي جي عيد آهي انهيءَ ۾ غسل ڪري اڇڻ گهرجي اهو غسل سنت آهي يا واجب؟ انهيءَ ۾ اختلاف آهي.

انس ﷜ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن جمعي جي نماز ان وقت پڙهندا هئا جڏهن سج لڙي ويندو هو. (بخاري)

(1402) وعن سهل بن سعد قال : ما كنا نقيل ولا نتغدى إلا بعد الجمعة

سهل بن سعد﷜ کان روايت آهي تہ جمعي جي ڏينهن اسين جمعہ نماز کان پوءِ ئي کاڌو کائيندا هئاسون[1] ۽ قيلولہ کندا هئاسون (بخاري مسلم)

(1403) انس ﷜ کان روايت آهي تہ جڏهن سردي تيز هوندي هئي تہ نبيﷺ جن اول وقت ۾ نماز پڙهائيندا هئا ۽ جڏهن گرمي تيز هوندي هئي تہ (ڏينهن) ٿڌو کري نماز پڙهائيندا هئا. _يعني جمعي جي نماز (بخاري)

(1404) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا اشتد البرد بكر بالصلاة وإذا اشتد الحر أبرد بالصلاة . يعني الجمعة . رواه البخاري

سائب بن يزيد﷜ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جي عهد ۾ ۽ ابوبکر ﷜ ۽ عمر﷜ جي خلافت جي دور ۾ پهرين اذان ان وقت ٿيندي هئي جڏهن امام منبر تي ويهندو هو. پوءِ جڏهن عثمان ﷜ جو وقت آيو ۽ ماڻهو تمام گهڻا ٿي ويا تہ انهي زوراءَ جي هنڌ ٽين آذان ڏيڻ جو اضافو کيو.[2] (بخاري)

(1405) وعن جابر بن سمرة قال : كانت للنبي صلى الله عليه وسلم خطبتان يجلس بينهما يقرأ القرآن ويذكر الناس فكانت صلاته قصدا وخطبته قصدا . رواه مسلم

جابر بن سمره ﷜ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن (جمعہ ۾) ٻہ خطبا ڏيندا هئا. ٻنهي جي درميان ويهي قرآن پڙهندا هئا ۽ ماڻهن کي نضيحت کندا هئا. سندن جمعي جي نماز بہ معتدل (وچٿري) هوندي هئي ۽ جمعي جو خطبو بہ وچٿرو. (مسلم)

(1406) وعن عمار قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إن طول صلاة الرجل وقصر خطبته مئنة من فقهه فأطيلوا الصلاة واقصروا الخطبة وإن من البيان سحرا " . رواه مسلم

عمار ﷜ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: خطيب جو جمعہ نماز کي ڊگهو کرڻ ۽ خطبو مختصر کرڻ ان جي سمجهدار هجڻ جي علامت آهي. ان کري جمعي جي

[1]_ يعني ٻن پهر وارن واري ماني جمعہ کان پوءِ کائڻ گهرجي ائين کرڻ مسنون طريقو آهي.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ ﷺ جن ابوبکر﷜ ۽ عمر﷜ جي وقت امام جي منبر تي چڙهڻ وقت بانگ ڏيڻ ۾ ايندي هئي ان کان اڳ بہ بانگ کا نہ ڏبي هئي هن وقت جيکا اڳ ۾ بانگ ڏيڻ ۾ اچي ٿي سا عثمان جي خلافت واري وقت کان شروع ٿي آهي.

نماز ڊگهي ۽ خطبو مختصر ڪندا ڪريو، ([1]) بيشڪ بعض بيان اثرائتا هجڻ ۾ جادو هوندا آهن.(مسلم)

1407) وعن جابر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا خطب احمرت عيناه وعلا صوته واشتد غضبه حتى كأنه منذر جيش يقولك : " صبحكم ومساكم " ويقول : " بعثت أنا والساعة كهاتين " . ويقرن بين أصبعيه السبابة والوسطى . رواه مسلم

**جابر رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن جڏهن خطبو بيان ڪندا هئا ته سندن اکيون مبارڪ ڳاڙهيون ٿي وينديون هيون، آواز بلند ٿي ويندو هو ([2]) ۽ سندن ڪاوڙ سخت ٿيندي هئي، تانجو ڄڻ ته پاڻ ڪنهن لشڪر کان ڊيڄارڻ وارا آهن ۽ اعلان ڪري رهيا آهن ته لشڪر توهان تي صبح جي وقت حملو ڪرڻ وارو آهي يا شام جي وقت ۽ فرمائيندا هئا ته آئون ۽ قيامت هنن ٻن آڱرين وانگر (ويجها) آهيون ۽ پاڻ پنهنجي ڏسٽي ۽ وچين آڱر کي پاڻ ۾ ملائي (سمجهائيندا) هئا. (مسلم)**

(1408) وعن يعلى بن أمية قال : سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقرأ على المنبر : ( ونادوا يا مالك ليقض علينا ربك )

**يعليٰ بن اميه ر ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو پاڻ منبر تي هيءَ آيت پڙهيائون([3]) (ترجمو) ۽ دوزخي پڪاريندا ته اي دوزخ جا دربان! تنهنجو رب اسان تي موت جو فيصلو ڪري. (بخاري مسلم)**

(1409) وعن أم هشام بنت حارثة بن النعمان قالت : ما أخذت ( ق . والقرآن المجيد )

إلا عن لسان رسول الله صلى الله عليه وسلم يقرؤها كل جمعة على المنبر إذا خطب الناس . رواه مسلم

**ام هشام بنت حارثه بن نعمان رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته مون سوره قٓ والقرآن المجيد رسول الله ﷺ جن جي زباني سکي جيڪا پاڻ منبر تي جڏهن ماڻهن کي خطبو ڏيندا هئا هر جمعي تي پڙهندا هئا.([4]) (مسلم)**

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته خطبو مختصر پڙهجي ۽ نماز ڊگهي پڙهجي پر هن وقت انهيءَ حديث جي برخلاف عمل هلندڙ آهي.

[2]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو ته خطبه پڙهندڙ پنهنجو آواز بلند ڪري ۽ قيامت جي قريب بابت ماڻهن کي خبردار ڪري.

[3]_ هن حديث مان معلوم ٿيو ته خطبه ۾ قرآن شريف پڙهيو وڃي ۽ ماڻهن کي قرآن سان نصيحت ڏني وڃي. موجوده زماني ۾ ماڻهو خطبه ۾ شعر پڙهندا آهن ۽ قرآن نه پڙهندا آهن، انهن شعرن کي خطبو چوندا آهن اهو ﷺ جن جي سنت جي سراسر خلاف آهي. حضور ﷺ جن جو خطبو ۽ نماز وچولا هوندا هئا.

[4]_ هن حديث مان خطبه ۾ قرآن شريف جو ثبوت ملي ٿو. امام شافعي چوي ٿو ته خطبه ۾ قرآن پڙهڻ واجب آهي.

(1410) وعن عمرو بن حريث : أن النبي صلى الله عليه وسلم خطب وعليه عمامة سوداء قد أرخى طرفيها بين كتفيه يوم الجمعة . رواه مسلم

**عمرو بن حريث ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن خطبو ڏيندي ارشاد فرمائي رهيا هئا جڏهن اوهان مان ڪو شخص جمعي لاءِ ان وقت اچي جو امام خطبو ڏيندو هجي تہ ان کي گهرجي تہ ٻہ مختصر رڪعتون پڙهي. ([1]) (مسلم)**

(1411) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم وهو يخطب : " إذا جاء أحدكم يوم الجمعة والإمام يخطب فليركع ركعتين وليتجوز فيهما " . رواه مسلم

**جابر﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو جڏهن اوهان مان ڪو شخص جمعي لاءِ ان وقت اچي جو امام خطبو ڏيندو هجي تہ ان کي گهرجي تہ ٻہ مختصر رڪعتون پڙهي.([2]) (مسلم)**

(1412) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من أدرك ركعة من الصلاة مع الإمام فقد أدرك الصلاة كلها "

**ابوهريره﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص امام سان هڪ رڪعت حاصل ڪئي تہ تحقيق ان پوري نماز حاصل ڪئي. (بخاري مسلم)**

## ٻيو فصل

(1413) عن ابن عمر قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يخطب خطبتين كان يجلس إذا صعد المنبر حتى يفرغ أراه المؤذن ثم يقوم فيخطب ثم يجلس ولا يتكلم ثم يقوم فيخطب . رواه أبو داود

**ابن عمر ﷛ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن ٻہ خطبا ارشاد فرمائيندا هئا جڏهن منبر تي چڙهندا هئا تہ ويهندا هئا تانجو مؤذن آذان کان فارغ ٿئي ان کان بعد خطبي ڏيڻ لاءِ بيهندا هئا، پوءِ ويهندا هئا ۽ نہ ڳالهائيندا هئا پوءِ بيهي خطبو ڏيندا هئا. (ابوداؤد)**

(1414) وعن عبد الله بن مسعود قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا استوى على المنبر استقبلناه بوجوهنا . رواه الترمذي وقال : هذا حديث لا نعرفه إلا من حديث محمد بن الفضل وهو ضعيف ذاهب الحديث

---

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪارو پٽڪو ٻڌڻ ۽ ٻيو ڪارو ڪپڙو پائڻ سنت جي برخلاف نہ آهي.

[2] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ خطبي جي حالت ۾ ٻہ ٻہ رڪعتون سنت پڙهڻ جي منع نہ آهي بلڪ پڙهڻ لاءِ تاڪيد آهي مگر انهن ۾ قرائت ۽ رڪوع ۽ سجدا هلڪي نموني ادا ڪري، پوءِ ويهي خطبو ٻڌي. هي مذهب امام شافعي، امام احمد ۽ اسحاق جو آهي. امام ابو حنيفہ چوي ٿو تہ سنت نہ پڙهجي ماٺ ڪري ويهي، مگر انهيءَ قول کي هيءَ حديث رد ڪري رهي آهي.

ابن مسعودؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن جڏهن منبر تي سڌا ٿي ويهندا هئا تہ اسان ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا. (ترمذي) ۽ چوي ٿو تہ اها اسان کي محمد بن فضل جي حديث کان سواءِ معلوم نہ آهي. ۽ اهو ضعيف ۽ حافظ جي اعتبار سان ردي آهي

## ٽيون فصل

(1415) عن جابر بن سمرة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يخطب قائما ثم يجلس ثم يقوم فيخطب قائما فمن نبأك أنه كان يخطب جالسا فقد كذب فقد والله صليت معه أكثر من ألفي صلاة . رواه مسلم

جابر بن سمرة ؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن بيهي خطبو ارشاد فرمائيندا، پوءِ ويهندا، پوءِ اٿي بيهي خطبو ڏيندا هئا. ([1]) پوءِ جيڪو شخص توکي خبر ڏي تہ پاڻ سڳوراﷺ ويهي خطبو ارشاد ڪندا هئا تہ تحقيق ان ڪوڙ ڳالهايو. الله جو قسم! مون پاڻ سڳورنﷺجي پنيان ٻن هزارن کان زياده نمازون ادا ڪيون آهن. (مسلم)

(1416) وعن كعب بن عجرة : أنه دخل المسجد وعبد الرحمن بن أم الحكم يخطب قاعدا فقال : انظروا إلى هذا الخبيث يخطب قاعدا وقد قال الله تعالى : ( وإذا رأوا تجارة أو لهوا انفضوا إليها وتركوك قائما )

رواه مسلم

ڪعب بن عجرة ؓ کان روايت آهي تہ مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ عبدالرحمان پٽ ام الحکم ويهي خطبو ڏيئي رهيو هو. فرمايائين هن خبيس کي ڏسو، ويهي خطبو ڏئي رهيو آهي. حالانڪ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو (ترجمہ) ۽ جڏهن اهي تجارت ۽ راند روند ڏسن ٿا تہ ان ڏانهن ڊوڙن ٿا ۽ اوهان کي بيٺل حالت ۾ ڇڏي ڏين ٿا. (الأية....سوره الجمعہ) يعني انهيءَ آيت مان ثابت ٿيو تہ نبيﷺ جن بيهي خطبو ارشاد فرمائيندا هئا. (مسلم)

(1417) وعن عمارة بن رويبة : أنه رأى بشر بن مروان على المنبر رافعا يديه فقال : قبح الله هاتين اليدين لقد رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم ما يزيد على أن يقول بيده هكذا وأشار بأصبعه المسبحة . رواه مسلم

عماره بن رويبه ؓ کان روايت آهي، انهيءَ بشر بن مروان کي ڏٺو جيڪو منبر تي پنهنجا هٿ مٿي ڪڻي اشارا ڪري رهيو هو. انهيءَ چيو تہ الله هن جا ٻئي هٿ برباد ڪري! مون

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئين ٿو تہ خطبو بيهي پڙهڻ مسنون آهي ۽ وچ ۾ ويهڻ بہ مسنون آهي اهو امام شافعي جو مذهب آهي. امام شافعي چوي ٿو تہ خطبو ويهي پڙهڻ درست نہ آهي ۽ جابر بن سمرة جي حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ جمعہ ۾ ٻہ خطبا پڙهڻ ضروري آهن. حسن بصري ۽ اهل ظاهر جو مذهب آهي تہ خطبہ کان سواءِ بہ جمعو صحيح آهي. امام ابو حنيفہ چوي ٿو تہ خطبو ويهي پڙهڻ جائز آهي، پر بعد ۾ اچڻ واري حديث ۽ پڻ قرآن جي هيءَ نص﴿وَتَرَكُوكَ قَائِمًا_الأية﴾ ان مسلڪ جي خلاف آهي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اهو بيان آهي تہ نبيﷺ جن بيهي خطبو ارشاد فرمائيندا هئا.

رسول اللهﷺ کي ڏنو آهي تہ پاڻ سڳوراﷺ (خطبي دوران) صرف پنهنجي هٿ سان هن طرح اشارو ڪندا هئا. انهيءَ پنهنجي ڏسٽي آڱر سان اشارو ڪري ڏيکاريو.([1])(مسلم)

(1418) وعن جابر قال : لما استوى رسول الله صلى الله عليه وسلم يوم الجمعة على المنبر قال : " اجلسوا " فسمع ذلك ابن مسعود فجلس على باب المسجد فرآه رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " تعال يا عبد الله بن مسعود " رواه أبو داود

**جابر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جمعي جي ڏينهن منبر تي سڌا ٿي وينا تہ ارشاد فرمايائون ويهي رهو. اها ڳالهہ ابن مسعور ﷛ ٻڌي (جيڪو مسجد کان ٻاهر هو) پوءِ اهو مسجد جي در تي ويهي رهيو. پاڻ سڳورن ان کي ڏنو تہ ارشاد فرمايائون اي ابن مسعود! (اندر) اچ.([2]) (ابوداؤد)**

(1419) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من أدرك من الجمعة ركعة فليصل إليها أخرى ومن فاتته الركعتان فليصل أربعا " أو قال : " الظهر " . رواه الدارقطني

**ابو هريره﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جيڪو جمعي جي نماز جي هڪ رڪعت کي پهچي، ان کي گهرجي تہ ٻي رڪعت ان سان گڏ پڙهي. جنهن جون ٻئي رڪعتون فوت ٿين ان کي گهرجي تہ چار رڪعتون پڙهي يا فرمايائين تہ اڳين نماز پڙهي. ([3]) (دارقطني)**

**فائده:_ ياسين بن معاذ راوي متروڪ آهي (مرعاة شرح مشڪواة ص 317 ج2_3)**

# خوف واري نماز جو بيان

## فصل پهريون

[1] _ هن مان معلوم ٿيو تہ هٿ مٿي ڪري چئبن ۽ انهن سان اشارا ڪرڻ جي خطبي ۾ منع آهي، جيڪو سنت جي خلاف ڪري ان تي غصہ ڪرڻو آهي. ﷺ جن کي جيڪڏهن خطبي ۾ ڪنهن ڳالهہ بنسبت اشارو ڪرڻ جي ضرورت هوندي هئي تہ ڏسٽي آڱر سان اشارو ڪندا هئا.

[2] _ هن مان صحابہ ڪرام جي فرمانبرداري جو وڏي فضيلت معلوم ٿي، حديث کان نفرت ڪندڙ کي هن مان سبق وٺڻ گهرجي.

[3] _ جيڪو شخص ٻي رڪعت کي نہ پهتو پوءِ جيڪڏهن سجدن يا قعدي ۾ امام کي پهتو هوندو تہ ان کي اڳين نماز سمجهي چار رڪعتون نئين سر نماز پڙهي. هي حديث ڪيترن صحابن کان روايت ٿيل آهي ابو هريرهﷺ کان 13_ اسناد سان روايت ٿيل آهي. هن جو درجو حسن حديث کان گهٽ نہ آهي ڪن هن ۾ گفتگو ڪئي آهي مگر حاڪم هن کي مسلم ۽ بخاري جي شرطن تي چيو آهي.

(1420) عن سالم بن عبد الله بن عمر عن أبيه قال : غزوت مع رسول الله صلى الله عليه وسلم قبل نجد فوازينا العدو فصاففنا لهم فقام رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي لنا فقامت طائفة معه وأقبلت طائفة على العدو وركع رسول الله صلى الله عليه وسلم بمن معه وسجد سجدتين ثم انصرفوا مكان الطائفة التي لم تصل فجاؤوا فركع رسول الله صلى الله عليه وسلم بهم ركعة وسجد سجدتين وروى نافع نحوه وزاد : فإن كان خوف هو أشد من ذلك صلوا رجالا قياما على أقدامهم أو ركبانا مستقبلي القبلة أو غير مستقبليها قال نافع : لا أرى ابن عمر ذكر ذلك إلا عن رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري

**سالم بن عبدالله بن عمر رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ مون رسول الله ﷺ جن سان گڏ نجد جي طرف جهاد ڪيو. اسان دشمنن سان مقابلي آياسون، انهن جي آڏو صفون ٻڌي بيناسون، رسول الله ﷺ جن اسان کي نماز (هن طرح پڙهائي جو هڪ جماعت سان گڏ نماز پڙهڻ لاءِ بيني ۽ ٻي دشمنن جي سامهون بيني. جيڪا جماعت رسول الله ﷺ جن سان گڏ بيني، پاڻ ان کي هڪ رڪعت پڙهايائون ۽ ٻہ سجدا ڪيائون. پوءِ اها جماعت ڦري انهن جي جاءِ تي وڃي بيني جن نماز نہ پڙهي هئي اهي آيا. انهن سان گڏ رسول الله ﷺ جن هڪ رڪعت پڙهي ۽ ٻہ سجدا ڪيا، پوءِ سلام ورايائين. پوءِ انهن مان هر هڪ اٿيو ۽ پنهنجي رهيل پهرين رڪعت پڙهيائون ۽ ٻہ سجدا ڪيائون([1]) نافع ابن عمر رضي الله عنه کان ان طرح روايت بيان ڪئي ۽ وڌيڪ چيائين تہ جيڪڏهن خوف زياده سخت هوندو هو تہ پنهنجي پيرن تي بيني بيني يا سواريءَ تي؛ قبلي رخ تي يا بغير قبلي جي رخ جي بہ پڙهندا هئا. نافع چوي ٿو تہ آئون سمجهان ٿو، ابن عمر رضي الله عنه هي رسول الله ﷺ کان بيان ڪيو آهي. (بخاري)**

(1421) وعن يزيد بن رومان عن صالح بن خوات عمن صلى مع رسول الله صلى الله عليه وسلم يوم ذات الرقاع صلاة الخوف : أن طائفة صفت معه وطائفة وجاه العدو فصلى بالتي معه ركعة ثم ثبت قائما وأتموا لأنفسهم ثم انصرفوا فصفوا وجاه العدو وجاءت الطائفة الأخرى فصلى بهم الركعة التي بقيت من صلاته ثم ثبت جالسا وأتموا لأنفسهم ثم سلم بهم

وأخرج البخاري بطريق آخر عن القاسم عن صالح بن خوات عن سهل بن أبي حثمة عن النبي صلى الله عليه وسلم

**يزيد بن رومان کان روايت آهي، اهو صالح بن خوات کان، اهو ان (اصحابيءَ) کان روايت ڪري ٿو جنهن رسول الله ﷺ سان (جنگ) ذات الرقاع جي ڏينهن خوف واري نماز پڙهي تہ (پهريائين) هڪڙي جماعت حضور جن سان گڏ صف ٻڌي ۽ ٻي دشمن جي آڏو بيني. حضور ﷺ جن هڪ رڪعت انهن کي پڙهائي جا ساڻس گڏ هئي. پوءِ پاڻ ٻي رڪعت لاءِ بيٺا رهيا. انهن**

[1] _ نماز خوف جي باري ۾ گهڻيون روايتون آيل آهن ۽ سڀئي صورتون جائز آهن افضليتءَ اوليت ۽ هر هڪ جماعت هڪ هڪ صورت صحت پسند ڪئي آهي جيئن تہ هن صورت کي اوزاعي ۽ اشهب اختيار ڪيو آهي.

**ماڻھن ٻي رڪعت اڪيلي سر مڪمل ڪئي. پوءِ ڦري دشمن جي سامهون صف ٻڌي بيٺا ۽ ٻي جماعت آئي. پاڻ انهن کي باقي رهيل نماز پڙهايائون. پوءِ حضور جن (التحيات لاءِ) ويٺا. انهن پنهنجي (نماز) مڪمل ڪئي. پوءِ پاڻ ساڻن سلام ڦيريائون (متفق عليه) امام بخاريءَ ٻئي طريقي سان قاسم کان، ان صالح بن خوات کان، ان سهل بن ابو خثمہ کان، ان نبيﷺ جن کان حديث بيان ڪئي.**

(1422) وعن جابر قال : أقبلنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم حتى إذ كنا بذات الرقاع قال : كنا إذا أتينا على شجرة ظليلة تركناها لرسول الله صلى الله عليه وسلم قال : فجاء رجل من المشركين وسيف رسول الله صلى الله عليه وسلم معلق بشجرة فأخذ سيف نبي الله صلى الله عليه وسلم فاخترطه فقال لرسول الله صلى الله عليه وسلم : أتخافني ؟ قال : " لا " . قال : فمن يمنعك مني ؟ قال : " الله يمنعني منك " . قال : فتهدده أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم فغمد السيف وعلقه قال : فنودي بالصلاة فصلى بطائفة ركعتين ثم تأخروا وصلى بالطائفة الأخرى ركعتين قال : فكانت لرسول الله صلى الله عليه وسلم أربع ركعات وللقوم ركعتان

**جابرؓ کان روايت آهي تہ اسين رسول اللهﷺ جن سان گڏ هلياسون تانجو (ذات الرقاع نالي هنڌ) پهتاسون. چوي ٿو تہ جيڪو وڻ گهاٽي ڇانو وارو ڏسندا هئاسون، سو رسول اللهﷺ جن لاءِ ڇڏي ڏيندا هئاسون. چوي ٿو تہ مشرڪن مان هڪ شخص آيو ۽ رسول اللهﷺ جن جي تلوار وڻ ۾ لٽڪيل هئي. پوءِ ان رسول اللهﷺ جي تلوار ڪنئي مياڻ مان ڇڪي ڪڍيائين ۽ رسول اللهﷺ جن کي چيائين ڇا تون مون کان ڊڄين ٿو؟ ﷺ جن چيو تہ نہ! ان چيو تہ توکي مون کان ڪير بچائيندو؟ ﷺ جن چيو تہ الله مون کي توکان بچائيندو. چوي ٿو تہ پوءِ ان کي رسول اللهﷺ جي اصحابن ڊيڄاريو. ان مياڻ ۾ تلوار وجهي لٽڪائي ڇڏي. چوي ٿو تہ پوءِ نماز لاءِ بانگ ڏني ويئي. پوءِ حضورﷺ جن هڪڙي جماعت سان ([1]) گڏ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي. ان کان بعد اهي پنتي هٽيا تہ ٻي جماعت سان گڏ ٻہ رڪعتون پڙهيون. چوي ٿو تہ پوءِ رسول اللهﷺ جن جون چار رڪعتون ٿيون.([2]) ۽ ماڻهن جون ٻہ ٻہ رڪعتون (بخاري ۽ مسلم)**

(1423) وعن جابر قال : صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم صلاة الخوف فصففنا خلفه صفين والعدو بيننا وبين القبلة فكبر النبي صلى الله عليه وسلم وكبرنا جميعا ثم ركع وركعنا جميعا ثم رفع رأسه من الركوع ورفعنا جميعا ثم انحدر بالسجود والصف الذي يليه وقام الصف المؤخر في نحر العدو فلما قضى النبي صلى الله عليه وسلم

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ذات القاع ۾ حضورﷺ جن ٻن نمونن سان نماز پڙهي هڪ نمونگو سهل جي روايت ۾آيل آهي ۽ ٻيو نمونوجابر جي روايت ۾آيل آهي.

[2]_ هن مان معلوم ٿيو تہ فرض واري جي پنيان اقتدا درست آهي ڇاڪاڻ تہ حضور جن جون پويون ٻہ رڪعتون نفل هيون، جو حضورﷺ جن مسافري ۾ هئا انهيءَ ڪري سندن آخري ٻہ رڪعتون نفل هيون. هي مذهب شافعي جو آهي طحاوي نقل ڪيو آهي تہ هي حديث منسوخ آهي مگر ان جو ڪو دليل ڪونهي.

السجود وقام الصف الذي يليه انحدر الصف المؤخر بالسجود ثم قاموا ثم تقدم الصف المؤخر وتأخر المقدم ثم ركع النبي صلى الله عليه وسلم وركعنا جميعا ثم رفع رأسه من الركوع ورفعنا جميعا ثم انحدر بالسجود والصف الذي يليه الذي كان مؤخرا في الركعة الأولى وقام الصف المؤخر في نحر العدو فلما قضى النبي صلى الله عليه وسلم السجود والصف الذي يليه انحدر الصف المؤخر بالسجود فسجدوا ثم سلم النبي صلى الله عليه وسلم وسلمنا جميعا . رواه مسلم

**جابر رضي الله عنه كان روايت آهي تہ اسان کي رسول الله ﷺ جن خوف جي نماز پڙهائي. اسان حضور جن جي پنيان ٻہ صفون ٻڌيون ۽ دشمن اسان جي ۽ قبلي جي وچ ۾ هو. نبي ﷺ جن تڪبير تحريمہ (الله اڪبر) چيو ۽ اسان سڀني گڏ تڪبير چئي. ان کان پوءِ رڪوع ڪيائون ۽ اسان سڀني بہ ساڻن گڏ رڪوع ڪيو. ان کان پوءِ رڪوع کان مٿو مٿي ڪنيائون اسان سڀني بہ ساڻن گڏ مٿو مٿي ڪنيو. پوءِ پاڻ ۽ اها صف جيڪا ساڻن ويجهي هئي سجدي لاءِ جهڪيا ۽ پوئين صف وارا دشمن جي آڏو بيٺا رهيا. جڏهن نبي ﷺ سجدو ڪري چڪا ۽ ساڻن گڏ جيڪا صف هئي سا اٿي بيني تہ تڏهن پوئين صف سجدن لاءِ جهڪي. ان کان پوءِ اٿي بيٺا، پوءِ پوئين صف اڳتي وڌي ۽ پهرين صف پنتي هٽي. پوءِ نبي ﷺ جن رڪوع ڪيو ۽ اسان سڀني گڏجي رڪوع ڪيو. جڏهن حضور ﷺ جن رڪوع کان مٿو مٿي ڪنيو تڏهن اسان سڀني بہ مٿو مٿي ڪنيو پوءِ حضور ﷺ جن ۽ اهي ماڻهو جيڪي پهرين رڪعت ۾ پوئين صف ۾ هئا سجدن لاءِ جهڪيا ۽ پوئين صف دشمن جي آڏو بيني. پوءِ جڏهن نبي ﷺ ۽ جيڪي ماڻهو ساڻن ويجها هئا، انهن سجدا پورا ڪيا تہ پوئين صف وارا سجدن لاءِ جهڪيا ۽ سجدا ڪيائون تہ نبي ﷺ ۽ اسان سڀني گڏ سلام ورايو. (مسلم)**

## فصل ٻيو

(1424) عن جابر : أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يصلي بالناس صلاة الظهر في الخوف ببطن نخل فصلى بطائفة ركعتين ثم سلم ثم جاء طائفة أخرى فصلى بهم ركعتين ثم سلم . رواه في " شرح السنة "

**جابر رضي الله عنه كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن ماڻهن کي خوف جي حالت ۾ ظهر نماز بطن نخل وادي ۾پڙهائيندا هئا. پوءِ هڪ جماعت کي ٻہ رڪعتون پڙهايائين. ان کان بعد سلام ورايائين. ان کان بعد ٻي جماعت آئي، انهن کي ٻہ رڪعتون پڙهايائين ۽ پوءِ سلام ورايائين. (شرح السنه)**

## فصل ٽيون

(1425) عن جابر : أن النبي صلى الله عليه وسلم كان يصلي بالناس صلاة الظهر في الخوف ببطن نخل فصلى بطائفة ركعتين ثم سلم ثم جاء طائفة أخرى فصلى بهم ركعتين ثم سلم . رواه في " شرح السنة "

ابو هريره ﷛ كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن ضجنان ۽ عسفان جي وچ ۾ منزل كئي تنهن تي مشركن چيو تہ هن مسلمانن لاءِ هڪ نماز آهي جا انهن كي انهن جي ابن ۽ پٽن كان وڌيڪ پياري آهي اها نماز وچين آهي تنهن كري تياري كري انهن تي هڪدم حملو كريو. نبي ﷺ جن وٽ جبرئيل ؈ آيو ۽ كين حكم ڏنائين تہ پنهنجي رفيقن كي ٻن جماعتن ۾ ورهايو (پهريائين) هڪ جماعت كي نماز پڙهايائين ۽ ٻي جماعت انهن جي پنيان سامان هٿيار تيار كري بيهي. اهڙيءَ طرح جماعتين لاءِ هڪ هڪ([1]) ركعت ۽ رسول الله ﷺ جون ٻہ ركعتون ٿيون (ترمذي ۽ نسائي)

# عيدن جي نماز جو بيان([2])

### فصل پهريون

(1426) عن أبي سعيد الخدري قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يخرج يوم الفطر والأضحى إلى المصلى فأول شيء يبدأ به الصلاة ثم ينصرف فيقوم مقابل الناس والناس جلوس على صفوفهم فيعظهم ويوصيهم ويأمرهم وإن كان يريد أن يقطع بعثا قطعه أو يأمر بشيء أمر به ثم ينصرف

ابو سعيد خدري ﷛ كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ جي ڏينهن عيدگاه ڏانهن ويندا هئا. اتي پهريائين جيكي كم كندا هئا، سا نماز هوندي هئي. نماز كان واندا ٿيندا هئا تہ ماڻهن جي سامهون اٿي بيهندا هئا ۽ ماڻهو پنهنجين صفن ۾ وينا هوندا هئا. پاڻ كين وعظ، نصيحت، ([3]) (نيكين جي) وصيت ۽ (چڱاين جو) امر كندا هئا. جيكڏهن لشكر موكلڻ جو ارادو هوندو هو تہ ان جو حكم كندا هئا يا ٻئي كنهن امر جو ارادو هوندو هو تہ ان جو حكم ڏيندا هئا. پوءِ گهر ڏانهن موٽندا هئا. (متفق عليه)

(1427) وعن جابر بن سمرة قال : صليت مع رسول الله صلى الله عليه وسلم العيدين غير مرة ولا مرتين بغير أذان ولا إقامة . رواه مسلم

جابر بن سمره ﷛ كان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن سان عيد جي نماز گهڻا ڀيرا بانگ ۽ تكبير كان سواءِ پڙهي. (مسلم)

---

[1] _ هن حديث مان خوف جي نماز جماعت كي هڪ هڪ ركعت پڙهڻ جي ثابتي ملي ٿي.

[2] _ عيدن جي نماز امام شافعي ۽ جمهور علماءَ وٽ سنت مؤكد آهي ۽ ابو سعيد اصطخروي شافعي وٽ فرض كفايہ آهي ۽ امام ابو حنيفہ وٽ واجب آهي. 12نووي.

[3] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عيد نماز پڙهڻ كان پوءِ خطبو پڙهبو حضور ﷺ جن ۽ خلفاءِ راشدين جو اهو دستور هو، مگر مروان بدعت ايجاد كئي ۽ خطبو نماز كان اڳ پڙهڻ شروع كيائين جنهن كي صحابہ كرام بلكل بڇڙو سمجهيو.

(1428) وعن ابن عمر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم وأبو بكر وعمر يصلون العيدين قبل الخطبة

**ابن عمرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ۽ ابوبکر ۽ عمرؓ ٻنهي عيدن جون نمازون خطبہ کان اڳ پڙهندا هئا. (بخاري مسلم)**

(1429) وسئل ابن عباس : أشهدت مع رسول الله صلى الله عليه وسلم العيد ؟ قال : نعم خرج رسول الله صلى الله عليه وسلم فصلى ثم خطب ولم يذكر أذانا ولا إقامة ثم أتى النساء فوعظهن وذكرهن وأمرهن بالصدقة فرأيتهن يهوين إلى آذانهن وحلوقهن يدفعن إلى بلال ثم ارتفع هو وبلال إلى بيته

**ابن عباس ؓ کان پڇيو ويو تہ ڇا اوهان رسول اللهﷺ جن سان عيد نماز ۾ حاضر ٿيا آهيو؟ چيائين هائو! رسول اللهﷺ (عيد لاءِ) نڪتا (پهريائين) نماز پڙهيائين پوءِ خطبو ڏنائين ۽ ابن عباسؓ بانگ ۽ تڪبير جو ذڪر نہ ڪيو. پوءِ حضورﷺ جن عورتن وٽ آيا، انهن کي نصيحت ڪيائين ([1]) ۽ (آخرت جي ثواب ۽ عذاب جي) انهن کي يادگيري ڏنائين ڪين خيرات ڏيڻ جو حڪم ڏنائين، مون انهن کي ڏٺو تہ پنهنجي هٿ ڪنن ۽ ڪنڌن ڏانهن ڊگها ڪيائون ۽ بلال ؓ کي زيور لاهي ڏنائون ٿي پوءِ پاڻ ﷺ ۽ بلالؓ گهر ڏانهن ويا. (متفق عليه)**

(1430) وعن ابن عباس : أن النبي صلى الله عليه وسلم صلى يوم الفطر ركعتين لم يصل قبلهما ولا بعدهما

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن عيدالفطر جي ڏينهن ٻہ رڪعتون نماز پڙهي ان کان اڳ خواه ان کان پوءِ ڪابہ نماز([2]) نہ پڙهيائين (متفق عليه)**

(1431) وعن أم عطية رضي الله عنها قالت : أمرنا أن نخرج الحيض يوم العيدين وذوات الخدور فيشهدن جماعة المسلمين ودعوتهم وتعتزل الحيض عن مصلاهن قالت امرأة : يا رسول الله إحدانا ليس لها جلباب ؟ قال : " لتلبسها صاحبتها من جلبابها "

**ام عطيہ ؓ کان روايت آهي تہ اسان کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ اسين حيض وارين پردي دار عورتن کي عيدين جي ڏينهن عيد گاهہ ڏانهن روانو ڪريون، جيئن مسلمانن جي جماعت ۽ انهن جي دعا ۾ ([3])حاضر ٿين. حيض واريون عيد گاهہ کان ٻاهر ويهن. هڪ عورت سوال**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو تہ عورتن کي خطبہ کان پوءِ ٻيهر بہ نصيحت ڪجي ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ عورتن جو عيد گاهہ ۾ اچڻ مسنون ۽ جائز آهي ۽ مردن کان پري رهڻ مستحب آهي ۽ پنهنجي ملڪيت مان مڙسن جي موڪل کان سواءِ ڪين خيرات ڏيڻ درست آهي.

[2] _ عيد جي ڏينهن نفل پڙهڻ ثابت نہ آهي.

[3] _ هن مان عورتن جو عيد گاهہ ۾ اچڻ بابت تاڪيد معلوم ٿيو. ابن ماجہ ان عباس کان روايت ڪئي آهي تہ حضورﷺ جن پنهنجون صاحبزاديون ۽ ٻيبيون عيد نماز پرهڻ لاءِ عيدگاهہ ۾ آڻيندا هئا جڏهن حضور ﷺ جن

كيو ته اي الله جا رسول! اسان مان ڪنهن وٽ چادر نه هجي ته اها ڇا ڪري؟حضور ﷺ جن فرمايو ته ان کي جيڪا ان سان گڏ هجي پنهنجي چادر ڏيکرائي (بخاري مسلم)

(1432) وعن عائشة قالت : إن أبا بكر دخل عليها وعندها جاريتان في أيام منى تدففان وتضربان وفي رواية : تغنيان بما تقاولت الأنصار يوم بعاث والنبي صلى الله عليه وسلم متغش بثوبه فانتهرهما أبو بكر فكشف النبي صلى الله عليه وسلم عن وجهه فقال : " دعهما يا أبا بكر فإنها أيام عيد وفي رواية : يا أبا بكر إن لكل قوم عيدا وهذا عيدنا "

عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي، وٽس ابو بڪر صديق رضي الله عنه آيو. ان وٽ منیٰ جي ڏينهن ۾ ٻه ننڍيون ڇوڪريون دف ۽ تاڙيون وڄائي رهيون هيون ۽ ٻي روايت ۾ آهي ته اهي بيت ڳائي رهيون هيون جيڪي انصارن بعاث جي ڏينهن (جنگ) ۾ ڳايا هئا ۽ نبي ﷺ جن منهن تي ڪپڙو وجهي ستا پيا هئا. حصرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه انهن ڇوڪرين کي ڇڙٻ ڏني. نبي ﷺ جن پنهنجو منهن کوليو ۽ فرمايائين ته اي ابو بڪر رضي الله عنه!ڇڏين جو اهي عيد جا ڏينهن آهن ([1]) ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته فرمايائون:اي ابو بڪر!هر قوم لاءِ عيد هوندي آهي ۽ هي اسان جي عيد آهي (بخاري مسلم)

(1433) وعن أنس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم لا يغدو يوم الفطر حتى يأكل تمرات ويأكلهن وترا . رواه البخاري

انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن عيد الفطر جي ڏينهن اکي ڪجور کائي عيد گاه جي طرف ويندا هئا ([2]) (بخاري)

(1434) وعن جابر قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا كان يوم عيد خالف الطريق . رواه البخاري

جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن عيد جو ڏينهن هوندو هو ته واٽ بدلائي موٽندا هئا (بخاري)

---

جون صاحبزاديون ۽ بيبيون به عيد گاه ۾ ايندیون هيون تڏهن انهن کان ٻي ڪنهن امير يا شريف جي وڏيڪ ڪهڙي حقيقت آهي؟ ٻي سڄي دنيا جا نواب ۽ امير حضور ﷺ جن ٻانهي ۽ ٻانهيءَ جي درجي کان به گهٽ آهن.

[1]_ هن حديث مان هي نڪري ٿو ته ننڍين ڇوڪرين جوعيد جي ڏينهن ڳائڻ ۽ وڄائڻ ۾ ڪابه برائي ڪانهي مگر جوان عورت جو ڳائڻ يا زنا يا ڪفر جا مضمون ڇوڙ هر ڪنهن وقت حرام آهي.

[2]_ عيد الفطر جي ڏينهن ڪارڪون کائڻ مسنون آهي ۽ عيد نماز کان اڳ کائڻ مستحب آهي مگر عيد الضحيٰ ۾ ائين نه ڪبو بلڪ نماز کانپوءِ کائڻ مستحب آهي.

(1435) وعن البراء قال : خطبنا النبي صلى الله عليه وسلم يوم النحر فقال : " إن أول ما نبدأ به في يومنا هذا أن نصلي ثم نرجع فننحر فمن فعل ذلك فقد أصاب سنتنا ومن ذبح قبل أن نصلي فإنما هو شاة لحم عجله لأهله ليس من النسك في شيء "

**براءُ ﷺ كان رايت آهي تہ اسان کي نبي ﷺ جن عيدالاضحيٰ جي ڏينهن خطبو ڏنو. فرمايائين تہ انهيءَ ڏينهن بہ اسين جيڪو ڪم پهرين شروع ڪريون سو هي آهي تہ نماز پڙهون ان کان پوءِ موٽي قرباني ڪريون. پوءِ جنهن ان طرح ڪيو تنهن اسان جي سنت تي عمل ڪيو ۽ جنهن نماز کان اڳ ڪنو سو فقط ٻڪري جو گوشت آهي، جو پنهنجي گهر وارن لاءِ جلد ڪنو اٿس. قرباني سان ان جو ڪو واسطو نہ آهي (متفق عليه)**

(1436) وعن جندب بن عبد الله البجلي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من ذبح قبل الصلاة فليذبح مكانها أخرى ومن لم يذبح حتى صلينا فليذبح على اسم الله "

**جندب بن عبدالله بجلي ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪو شخص عيد نماز کان اڳ ڪو جانور ڪهي ان کي گهر جي تہ ان جي بدران قرباني لاءِ ٻيو جانور ڪهي،[1]مگر جنهن ماڻهو ذبح نہ ڪيو تانجو اسين نماز پڙهون تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ الله جي نالي تي قرباني ڪري (متفق عليه)**

(1437) وعن البراء قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من ذبح قبل الصلاة فإنما يذبح لنفسه ومن ذبح بعد الصلاة فقد تم نسكه وأصاب سنة المسلمين "

**براءُ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺجن فرمايو تہ جيڪو شخص نماز کان اڳ جانور ڪهي سو پنهنجي ذات لاءِ ڪهي ٿو ۽ جنهن نماز کان پوءِ جانور ڪنو تنهن کي قرباني پوري ٿي ۽ مسلمانن جي سنت تي عمل ڪيائين (متفق عليه)**

(1438) وعن ابن عمر قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يذبح وينحر بالمصلى . رواه البخاري

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جانور يا اٺ عيد گاه ۾ ڪهندا هئا (بخاري)** [2]

---

[1] _ هنمان معلوم ٿئي ٿو تہ نماز کان اڳ اضحيٰ جو جانور نہ ڪهبو جيڪڏن ڪنو ويو تہ ان جي بدران ٻيو جانور ڪهبو جو اهڙي اضحيٰ رواۃ چئبي.

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ قرباني عيد ۾ مسنون آهن اٺن جي ڪهڻ کي نحر چئبو آهي ۽ ٻين جانورن جي ڪهڻ کي ذبح چئبو آهي.

# فصل ٻيو

(1439) عن أنس قال : قدم النبي صلى الله عليه وسلم المدينة ولهم يومان يلعبون فيهما فقال : " ما هذان اليومان ؟ " قالوا : كنا نلعب فيهما في الجاهلية فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " قد أبدلكم الله بهما خيرا منهما : يوم الأضحى ويوم الفطر " . رواه أبو داود

**انس ؓ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جڏهن مدينہ ۾ آيا ان وقت انهن لاءِ ٻہ وڏا ڏينهن هئا جن ۾ راند روند ڪندا هئا. حضور ﷺ جن فرمايو تہ هي ٻہ ڏينهن ڪهڙا آهن؟ عرض ڪيائون جاهليت جي زماني ۾ اسين انهن ٻن ڏينهن ۾ راند روند ڪندا هئاسون. رسول الله ﷺجن فرمايو تہ تحقيق ﷲ تعالىٰ انهن ٻنهي ڏينهن جي عيوض انهن کان ڀلا ٻہ ڏينهن عيد قرباني جي ۽ عيد الفطر اوهان لاءِ مقرر ڪيا آهن.** (ابو داؤد)

(1440) وعن بريدة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم لا يخرج يوم الفطر حتى يطعم ولا يطعم يوم الأضحى حتى يصلي . رواه الترمذي وابن ماجه والدارمي

**بريده ؓ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن عيدالفطر جي ڏينهن نہ کائيندا هئا تيسين نماز لاءِ نہ نڪرندا هئا ۽ عيد قرباني جي ڏينهن جيستائين نماز نہ پڙهندا هئا تيستائين نہ کائيندا هئا (ترمذي ، ابن ماجہ ۽ دارمي)**

(1441) وعن كثير بن عبد الله عن أبيه عن جده أن النبي صلى الله عليه وسلم كبر في العيدين في الأولى سبعا قبل القراءة وفي الآخرة خمسا قبل القراءة . رواه الترمذي وابن ماجه والدارمي

**ڪثير بن عبدالله پنهنجي پيءُ کان، اهو ان جي ڏاڏي کان روايت ڪري ٿو، نبي ﷺ ٻنهي عيدن جي نمازن ۾ تڪبير چيون پهرين رڪعت ۾ قراءت کان اڳ ست ۽ ٻي رڪعت ۾ قراءت کان بعد** 5 **تڪبيرون** ([1]) **(ترمذي، ابن ماجہ ۽ دارمي)**

**فائدو: حديث جي راوي ڪثير جي ڪري هيءَحديث جيتو ٽيڪ ضعيف آهي، مگر ان جون ٻيون شاهد حديثون موجود آهن، ان ڪري حديث قوي آهي (مشڪواة_علامہ الباني ص453ج1)**

(1442) وعن جعفر بن محمد مرسلا أن النبي صلى الله عليه وسلم وأبا بكر وعمر كبروا في العيدين والاستسقاء سبعا وخمسا وصلوا قبل الخطبة وجهروا بالقراءة . رواه الشافعي

---

[1] **_ڪل تڪبيرون 12_ ٿيون هي مذهب اهل حديث جو آهي تہ پهرين رڪعت ۾ قرائت کان اڳ ست تڪبيرون چئبيون ۽ ٻي رڪعت ۾ قرائت کانپوءِ پنج تڪبيرون چئبيون، هي ٻئي نمونا سنت آهن. مگر حرمين جي عمل جي ترجيح آهي.**

**جعفر بن محمد کان مرسل روایت آهي تہ نبي ﷺ ۽ ابو بکر ﷛ ۽ عمر ﷛ عیدین ۽ نماز استسقاءَ ۾ ست ۽ پنج تکبیرون چوندا هئا ۽ نماز خطبہ کان اڳ پڙهندا هئا ۽ وڏي آواز سان قراءَت پڙهندا هئا ([1]) (شافعي)**

**فائدو: مرسل هجڻ سان گڏو گڏ سند جي لحاظ سان تمام ضعیف آهي (مشکواۃ _ علامہ الباني ص453 ج1)**

(1443) وعن سعيد بن العاص قال : سألت أبا موسى وحذيفة : كيف كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يكبر في الأضحى والفطر ؟ فقال أبو موسى : كان يكبر أربعا تكبيره على الجنازه . فقال حذيفة : صدق . رواه أبو داود

**سعید بن عاص کان روایت آهي تہ مون ابو موسیٰ ﷛ ۽ حذیفہ ﷛ کان پڇیو تہ رسول الله ﷺ جن عید قربان ۽ عیدالفطر جي نماز ۾ تکبیرون کیئن چوندا هئا؟ابو موسیٰ چیو تہ جنازي وانگر چار تکبیرون ([2]) چوندا هئا. حذیفہ چیو تہ ابو موسیٰ سچ چیو آهي (ابو داؤد)**

**فائده:اها حدیث سعید کان نہ بلک ابو عائشہ کان مروي آهي، پر سند ضعیف آهي ۽ ابو عائشہ راوي معروف نہ آهي (مشکواۃ ص453ج1)**

(1444) وعن البراء أن النبي صلى الله عليه وسلم نوول يوم العيد قوسا فخطب عليه . رواه أبو داود

**براءَ بن عازب ﷛ کان روایت آهي تہ عید جي ڏینهن نبيﷺ کي کمان ڏني وئي پاڻ اها هٿ ۾ کنیائون ۽ خطبه ڏنائون ([3]) (ابو داؤد)**

**فائدو: سند ۾ ابو جناب یحیي بن ابي حیہ راوي ضعیف آهي (مشکواۃ_ علامہ الباني ص453ج1)**

(1445) وعن عطاء مرسلا أن النبي صلى الله عليه وسلم كان إذا خطب يعتمد على عنزته اعتمادا . رواه الشافعي

---

[1]_ هي امام جعفر صادق جي روایت آهي اگرچہ هي روایت مرسل آهي مگر اهل بیت کان روایت آهي انهيءَ کري هن حدیث جي تابعداري اولیٰ آهي.

[2]_ هي حدیث اهل کوفہ جو دلیل آهي مگر ان جي سند ۾ عبدالرحمٰن بن ثوبان هڪ راوي آهي جو ضعیف ۽ مجهول آهي.

[3]_هن حدیث مان معلوم ٿئي ٿو تہ خطیب کي ٽیک لڳائي خطبو پڙهڻ گهرجي. لٺ، تلوار، کمان، برڇي، یا ماڻهوءَ تي ٽیک ڏیڻ گهرجي.

**عطاءَ کان مرسل روايت آهي تہ نبي ﷺ جڏھن خطبو پڙھندا ھئا تڏھن پنھجي بڙڇي تي ٽيڪ ڏيئي خطبو پڙھندا ھئا (شافعي)**

**فائده: مرسل ھجڻ سان گڏو گڏ حديث تمام ضعيف آهي، ابراهيم بن محمد راوي ضعيف آهي (مشڪواة _علامہ الباني ص 453 ج1)**

(1446) وعن جابر قال : شهدت الصلاة مع النبي صلى الله عليه وسلم في يوم عيد فبدأ بالصلاة قبل الخطبة بغير أذان ولا إقامة فلما قضى الصلاة قام متكئا على بلال فحمد الله وأثنى عليه ووعظ الناس وذكرهم وحثهم على طاعته ثم قال : ومضى إلى النساء ومعه بلال فأمرهن بتقوى الله ووعظهن وذكرهن . رواه النسائي

**جابر ﷜ کان روايت آهي تہ آئون عيد جي ڏينهن نبي ﷺ جن سان گڏ نماز ۾ حاضر هوس پوءِ خطبہ کان اڳ بانگ ۽ تڪبير کان سواءِ نماز شروع ڪيائين. جڏھن نماز پڙھيائون تڏھن خطبي لاءِ بلال﷜ تي ٽيڪ ڏيئي بيٺا. پوءِ ﷲ جي ساراھہ ۽ حمد بيان ڪيائون ۽ عذاب کان ڊيجاريائون، دوزخ ۽ جنت جي ياد گيري ڏنائين ۽ ﷲ تعالیٰ جي عبادت ڪرڻ بابت انهن کي رغبت ڏنائين ان کان بعد عورتن ڏانهن آيا ۽ بلال ﷜ ساڻس گڏ هو، پوءِ انهن کي ﷲ تعالیٰ کان ڊپ ڪرڻ جو حڪم ڪيائين ۽ نصيحت ڪيائين ۽ انهن کي ثواب ۽ عذاب آخرت جي ياد گيري ڏنائين (نسائي)**

(1447) وعن أبي هريرة قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا خرج يوم العيد في طريق رجع في غيره . رواه الترمذي والدارمي

**ابو هريره ﷜ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ عيد جي ڏينهن هڪ واٽ سان عيد گاھہ ڏانهن ويندا ھئا ۽ ٻي واٽ تان موٽندا ھئا. (ترمذي دارمي)**

(1448) وعن أبي هريرة أنه أصابهم مطر في يوم عيد فصلى بهم النبي صلى الله عليه وسلم صلاة العيد في المسجد . رواه أبو داود وابن ماجه

**ابو هريره﷜ کان روايت آهي تہ انهن کي عيد جي ڏينهن مينهن پھتو، تنهنڪري نبيﷺ جن انهن کي عيد جي نماز مسجد ۾ پڙھائي.([1]) (ابوداؤد ابن ماجہ)**

[1] هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضورﷺ جن عذر کان سواءِ عيد نماز مسجد ۾ ڪانہ پڙھي آهي. عيد نماز شهر کان ٻاهر نڪري کليل ميدان ۾پڙھندا ھئا. هنوقت ڪيترا ماڻھو سواءِ عذر جي عيدگاھ ڏانهن نٿا وڃن. پنهنجي پنهنجي محلن ۾جدا جدا مسجدن ۾ عيد نماز پڙھندا آهن، اهو سراسر سنت جي خلاف آهي عجب نہ آهي تہ انهن ماڻھن تي قيامت ۾ڪو مؤاخذو ٿئي ڇاڪاڻ تہ عيد نماز جو مطلب ھي آهي تہ مسلمان هڪ جاءِ تي کليل ميدان ۾ نماز پڙھن.

**فائده:_ سند ۾ عيسيٰ بن عبدالاعليٰ راوي مجهول آهي. (مرعاة ص 345ج2_3)**

(1449) وعن أبي الحويرث أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كتب إلى عمرو بن حزم وهو بنجران عجل الأضحى وأخر الفطر وذكر الناس . رواه الشافعي

**حصرت ابو حويرث ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ عمر بن حز ڏانهن_ جيڪو نجران ۾ (حاڪم) هو_ لکيو تہ عيد قرباني جي نماز جلدي([1]) ۽ عيدالفطر جي نماز دير سان پڙهندو ڪر ۽ ماڻهن کي نصيحت ڪندو ڪر. (شافعي)**

**فائده:_ سند ۾ ابراهيم بن محمد راوي تمام ضعيف آهي.(مشڪواة_علامہ الباني ص 455ج1)**

(1450) وعن أبي عمير بن أنس عن عمومة له من أصحاب النبي صلى الله عليه وسلم : أن ركبا جاءوا إلى النبي صلى الله عليه وسلم يشهدون أنهم رأوا الهلال بالأمس ن فأمرهم أن يفطروا وإذا أصبحوا أن يغدو إلى مصلاهم . رواه أبو داود والنسائي

**عميربن انس، پنهنجي چاچن کان جيڪي نبيﷺ جا اصحابي هئا. روايت ڪري ٿو تہ ڪي ماڻهو([2]) نبيﷺ جي خدمت ۾ آيا ۽ شاهدي ڏنائون تہ انهن عيد جو چنڊ ڪالهہ ڏٺو هو تنهن تي حضورﷺ جن حڪم ڪيو تہ روزو کولين ۽ جڏهن صبح ڪن تڏهن پنهنجي عيد گاه ڏانهن وڃي (عيد پڙهن) (ابوداؤد ۽ نسائي)**

## فصل ٽيون

(1451) عن ابن جريج قال : أخبرني عطاء عن ابن عباس وجابر ابن عبد الله قالا : لم يكن يؤذن يوم الفطر ولا يوم الأضحى ثم سألته يعني عطاء بعد حين عن ذلك فأخبرني قال : أخبرني جابر بن عبد الله أن لا أذان

---

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ عيد قرباني جي ڏينهن جلد نماز پڙهجي. ان جو مطلب هي آهي تہ ان ڏينهن قرباني جوڪم ڪرڻو آهي، تنهن ڪري جلد واندو ٿيڻ جي ضرورت آهي ۽ عيد فطر جي نماز دير سان پڙهڻ جو حڪم آهي اهو هن ڪري جو ان ڏينهن ڪاڏو ڪائڻ بعد نماز پڙهڻي آهي ۽ فطرا ادا ڪرڻا آهن. جن ۾ ڪجهہ وقت لڳندو. افسوس اڄ اسان جي زماني جي ماڻهن سنت جو خيال بلڪل ڇڏي ڏنو آهي. هڪ تہ عيد نماز عيد گاه ۾ سڀ گڏجي نٿا پڙهن. ٻيو نماز دير سان ڏهين يارهين بجي ڏاري پڙهن ٿا مگر سنت جو رستو هي آهي تہ 7_8 بجي نماز پڙهڻ گهرجي جيئن قرباني جو گوشت ڪائي سگهي ۽ ماڻهو اجائي خرچ کان بچن.

[2]_ اهي قافلہ وارا ماڻهو زوال جي وقت ڪانپوءِ آيا هئا عيد نماز پڙهڻ جووقت گذري چڪو هو انهيءَ ڪري ٻئي ڏينهن بعد پڙهڻ جو حضورﷺ جن حڪم فرمايو ۽ روزو بروقت کولايو ويو ڇاڪاڻ تہ عيد جي ڏينهن روزو رکڻجائز نہ آهي.

للصلاة يوم الفطر حين يخرج الإمام ولا بعد ما يخرج ولا إقامة ولا نداء ولا شيء لا نداء يومئذ ولا إقامة . رواه مسلم

**ابن جريج کان روايت آهي تہ مونکي عطاءَ ، ابن عباس ۽ جابر بن عبدالله جي روايت ٻڌائي تہ عيد الفطر جي ڏينهن ۽ عيد قرباني جي ڏينهن بانگ نہ ڏني ويجي. ڪجهہ مدت کان پوءِ مون عطاءَ کان ان مسئلہ بابت پڇيو چوڻ لڳو تہ مون کي جابر بن عبدالله ٻڌايو تہ عيد الفطر جي ڏينهن جڏهن امام نڪري، نہ ان وقت ڪا ٻانگ[1] آهي ۽ نہ ان جي نڪري اچڻ کان بعد (آذان آهي) نہ تڪبير آهي نہ ڪو اعلان، نہ ڪا ٻي شيءِ. ان ڏينهن نماز لاءِ ڪوبہ اعلان نہ ڪبو ۽ نہ ڪا تڪبير چئبي. (مسلم)**

(1452) وعن أبي سعيد الخدري أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يخرج يوم الأضحى ويم الفطر فيبدأ بالصلاة فإذا صلى صلاته قام فأقبل عل الناس وهم جلوس في مصلاهم فإن كانت له حاجة ببعث ذكره للناس أو كانت له حاجة بغير ذلك أمرهم بها وكان يقول : " تصدقوا تصدقوا تصدقوا " . وكان أكثر من يتصدق النساء ثم ينصرف فلم يزل كذلك حتى كان مروان ابن الحكم فخرجت مخاصرا مروان حتى أتينا المصلى فإذا كثير بن الصلت قد بنى منبرا من طين ولبن فإذا مروان ينازعني يده كأنه يجرني نحو المنبر وأنا أجره نحو الصلاة فلما رأيت ذلك منه قلت : أين الابتداء بالصلاة ؟ فقال : لا يا أبا سعيد قد ترك ما تعلم قلت : كلا والذي نفسي بيده لا تأتون بخير مما أعلم ثلاث مرات ثم انصرف . رواه مسلم

**ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ عيد قرباني ۽ عيدالفطر جي ڏينهن نڪرندا هئا تہ پهريائين نماز شروع ڪندا هئا. پوءِ جڏهن نماز پڙهي وٺندا هئا تڏهن (خطبي لاءِ) اٿندا هئا ۽ ماڻهن جي سامهون ٿي بيهندا هئا جڏهن تہ ماڻهن پنهنجي نماز جي جاءِ تي ويٺا هوندا هئا. پوءِ جيڪڏهن دشمن ڏانهن لشڪر موڪلڻ جي ضرورت هوند هئي تہ ماڻهن ۾ ان جو ذڪر ڪندا هئا يا ان کان سواءِ ڪين ٻي ڪا حاجت هوندي هئي تہ ان بابت حڪم ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ خير خيرات ڪريو، خير خيرات ڪريو. گهڻو ڪري عورتون زياده خيرات ڪندڙ هونديون هيون. پوءِ حضورﷺ جن پنهنجي گهرن ڏانهن موٽندا هئا. ان کان بعد هميشہ اهو معمول رهيو تانجو مروان بن حڪم(معاوده جي طرفان مدينہ جو حاڪم) ٿيو. پوءِ عيد جي ڏينهن آئون مروان جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي نڪتس تانجو عيدگاهہ ۾ آياسون. ڇا ڏٺوسان تہ ڪثير بن صلت سرن ۽ مٽيءَ جو منبر ٺاهيو هو. مروان پنهنجي هٿ سان مون کي ڇڪي رهيو هو جڻ منبر تي خطبي پڙهڻ لاءِ وٺي وڃي رهيو هو ۽ آئون ان کي نماز پڙهڻ لاءِ ڇڪي رهيو هوس. جڏهن مون اهو اصرار ڏٺو تڏهن ان کي چيم تہ عيد جي شروعات نماز سان ڇو نٿي ٿئي؟ مروان چيو تہ اي ابو سعيد! جيڪي ڄاڻين ٿو سوهينئر ڇڏجي چڪو آهي. مون چيو تہ انهيءَ ذات جو قسم جنهن جي**

---

[1] هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪي نادان ماڻهو الصلوات ۽ ٻيا ڪي آواز ڪندا آهن. اهي بدعت آهن ڇاڪاڻ تہ جڏهن ٻانگ يا تڪبير جي منع آهي تڏهن ڪنهن بہ قسم جو آواز يا تڪبير سان ڄاڻ ڪرڻ بہ منع آهي.

هٿ ۾ منهنجي جان آهي. آئون ڄاڻان ٿو: توهان کان ڪا خير جي اميد نہ آهي ٽي دفعا چئي پوءِ ابو سعيد موٽيو. (مسلم)

# قرباني جو بيان ([1])

## فصل پهريون

(1453) عن أنس قال : ضحى رسول الله صلى الله عليه وسلم بكبشين أملحين أقرنين ذبحهما بيده وسمى وكبر قال : رأيته وضاعا قدمه على صفاحهما ويقول : " بسم الله والله أكبر "

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ٻن ڳهٽن جي قرباني ڪئي جيڪي خاڪي رنگ جا ۽ سڱن وارا هئا. اهي پنهنجي هٿن سان ذبح ڪيائون ۽ ذبح ڪندي بسم الله ۽ الله اڪبر چيائون. (انس ﷛)چوي ٿو تہ مون ڏٺو پاڻ ﷺ پنهنجو پير انهن جي ڳچيءَ جي ڪنارن تي رکيو هئائون ۽ فرمائي رهيا هئا: بسم الله ۽ الله اڪبر (متفق عليه)**

(1454) وعن عائشة : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم أمر بكبش أقرن يطأ في سواد ويبرك في سواد وينظر في سواد فأتي به ليضحي به قال : " يا عائشة هلمي المدية " ثم قال : " اشحذيها بحجر " ففعلت ثم أخذها وأخذ الكبش فأضجعه ثم ذبحه ثم قال : " بسم الله اللهم تقبل من محمد وآل محمد ومن أمة محمد " . ثم ضحى به . رواه مسلم

**عائشہ ﵂ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن امر فرمايو تہ اهڙو ڳهٽو آندو وڃي، جيڪو ٻن سنڱن وارو هجي، جنهن جون ڄنگهون ڪاريون ۽ پيٽ ڪارو ۽ اکيون بہ ڪاريون هجن. پوءِ اهڙو ڳهٽو آندو ويو، جيئن قرباني ڪن. فرمايائون عائشہ ﵂ ڇري کڻي اچ. وري فرمايائون ڇري پٿر تي تيز ڪر([2]). ان (تيز) ڪئي. پاڻ ﷺ ڇري ۽ دنبو ورتائون. پوءِ ان کي ليٽائي، ذبح ڪيائون. پوءِ فرمايائون: بسم الله! اي الله ! قبول فرماءِ محمد ﷺ، آل محمد ﷺ ۽ امت محمد ﷺ جي طرفان.([3]) (مسلم)**

---

[1]- جمهور علماء چون ٿا تہ اضحيٰ جي قرباني سنت آهي مگر امام ابو حنيفہ ۽ اهل حديث وٽ اضحيٰ واجب آهي. اهلِ حديث چون ٿا تہ سڄي گهر لاءِ فقط هڪ جانور ڪافي آهي هر ڪنهن گهر جي ڀاتي کي جدا جدا قرباني ڪرڻ جو ضرور ڪونہ آهي. جيئن ترمذيءَ جي حديث شريف ۾ آيو آهي.

[2]- ﷺ جن فرمائيندا هئا تہ الله تعاليٰ سڀ ڪنهن شيءِ سان رحم ۽ انصاف ڪرڻ فرض ڪيو آهي انهيءَ ڪري جڏهن توهان جانور ذبح ڪريو تڏهن ڪاتي تکي ڪري جانور کي آرام سان قرباني ڪريو، مڏي ڪاتيءَ سان ان کي تڪليف نہ ڏيو. (حاشيو (3) ص 560تي ڏسو)

[3]_ هن مان معلوم ٿيو تہ هڪ جانور هڪ ماڻهو ۽ سندس گهر وارن لاءِ ڪافي آهي ان جو سيني گهر وارن کي ثواب ملندو جيئن ﷺ جن جي دعا مان معلوم ٿئي ٿو.

(1455) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تذبحوا إلا مسنة إلا أن يعسر عليكم فتذبحوا جذعة من الضأن " . رواه مسلم

**جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو قرباني نہ ڪريو مگر ٻہ ڏندي جانور جي. جيڪڏهن اهڙو نہ لڀي تہ پوءِ رڍ جو هڪ سال وارو ٻچڙو ذبح ڪريو. (مسلم)**

(1456) وعن عقبة بن عامر : أن النبي صلى الله عليه وسلم أعطاه غنما يقسمها على صحابته ضحايا فبقي عتود فذكره لرسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " ضح به أنت " وفي رواية قلت : يا رسول الله صلى الله عليه وسلم أصابني جذع قال : " ضح به "

**عقبہ بن عامر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن ڪيس ڪجھ ٻڪريون ڏنيون تہ جيئن انهن کي پنهنجي ساٿين ۾ قرباني طور تقسيم ڪري. پوءِ هڪ سال جو ٻڪري جو ڇيلو باقي بچيو. انهيءَ ان جو ذڪر رسول الله ﷺ سان ڪيو. فرمايائون: اهو پنهنجي لاءِ قرباني ڪر. ٻي روايت ۾ آهي تہ مون چيو تہ اي الله جا رسول ﷺ مون کي هڪ رڍ جو ٻچڙو ورهاست ۾ مليو آهي. فرمايائون: ان جي بہ قرباني ڪر.**

(1457) وعن ابن عمر قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم يذبح وينحر بالمصلى . رواه البخاري

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن ٻڪري، رڍ يا اٺ وغيره عيد گاه ۾ قربان ڪندا هئا. (بخاري)**

(1458) وعن جابر أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " البقرة عن سبعة والجزور عن سبعة " . رواه مسلم وأبو داود واللفظ له

**جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ فرمايو تہ ڳئون ستن ماڻهن لاءِ ڪافي آهي ۽ اٺ بہ ستن ماڻهن لاءِ ڪافي آهي ([1]) (مسلم ۽ ابو داؤد) لفظ ابو داؤد جا آهن.**

(1459) وعن أم سلمة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا دخل العشر وأراد بعضكم أن يضحي فلا يمس من شعره وبشره شيئا " وفي رواية " فلا يأخذن شعرا ولا يقلمن ظفرا " وفي رواية " من رأى هلال ذي الحجة وأراد أن يضحي فلا يأخذ من شعره ولا من أظفاره " . رواه مسلم

---

[1] _ جمهور علماءَ جو مذهب آهي تہ اٺ جي قربانيءَ ۾ ستن کان وڌيڪ ماڻهو شريڪ ٿي نٿا سگهن، مگر اسحاق بن راهويہ جو قول آهي تہ اٺ ۾ ڏھ ماڻهو شريڪ ٿي سگهن ٿا. ان جو دليل ابن عباس رضي الله عنه جي حديث آهي تہ حضور ﷺ جن اٺ جي قرباني ۾ 10_ ۽ ڳئون جي قرباني ۾ 7_ ماڻهو شريڪ ڪيا. جمهور چون ٿا تہ اها حديث منسوخ آهي مگر جيستائين تاريخ معلوم ٿي نٿي سگهي تيستائين منسوخ هجڻ جو ڪو دليل ڪونہ آهي.

**ام سلمہؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن مهيني ذوالحج جو پهريون ڏهو اچي ۽ اوهان مان ڪو قرباني ڪرڻ جو ارادو ڪري تہ پوءِ اهو پنهنجي وارن ۽ پنهنجي جسم مان ڪجهہ بہ نہ پڪڙي. ٻي روايت ۾آهي تہ پوءِ وار هر گز نہ وٺي ۽ ننهن هر گز نہ ڪترائي. هڪ روايت ۾ آهي تہ جيڪو مهينہ ذالحج جو چنڊ ڏسي ۽قرباني ڪرڻ جو ارادو ڪري تہ پوءِ پنهنجا وار ۽ پنهنجا ننهن نہ وٺي.([1]) (مسلم )**

(1460) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من أيام العمل الصالح فيهن أحب إلى الله من هذه الأيام العشرة " قالوا : يا رسول الله ولا الجهاد في سبيل الله ؟ قال : " ولا الجهاد في سبيل الله إلا رجل خرج بنفسه وماله فلم يرجع من ذلك بشيء " . رواه البخاري

**ابن عباس ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ هنن ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ ٻيا ڏينهن الله وٽ محبوب نہ آهن، جن۾ نيڪ عمل ان کي پسند هجن.چيائيون اي الله جا رسولﷺ !الله جي واٽ ۾ جهاد بہ نہ آهي؟ فرمايائون نہ ئي الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ. مگر جيڪو شخص جهاد لاءِ پنهنجي سر ۽ پنهنجي مال سان نڪتو،پوءِ انهن مان ڪا بہ شيءِ واپس نہ آندائين (بخاري )**

## فصل ٻيو

(1461 ) عن جابر قال : ذبح النبي صلى الله عليه وسلم يوم الذبح كبشين أقرنين أملحين موجئين فلما وجههما قال : " إني وجهت وجهي للذي فطر السموات والأرض على ملة إبراهيم حنيفا وما أنا من المشركين إن صلاتي ونسكي ومحياي ومماتي لله رب العالمين لا شريك له وبذلك أمرت وأنا من المسلمين اللهم منك ولك عن محمد وأمته بسم الله والله أكبر ثم ذبح " . رواه أحمد وأبو داود وابن ماجه والدارمي وفي رواية لأحمد وأبي داود والترمذي : ذبح بيده وقال : " بسم الله والله أكبر اللهم هذا عني وعمن لم يضح من أمتي "

**جابر ؓ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن قرباني ڪرڻ واري ڏينهن ٻن سڱن وارا گهيٽا،خاڪي رنگ جا (۽) خصي هئا.جڏهن انهن کي قبلہ رخ ڪيائين تہ دعاگهريائون (ترجمہ ) تحقيق مون پنهنجو منهن انهيءَ ذات ڏانهن متوجهہ ڪيو جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو انهيءَحال ۾ تہ آئون دين ابراهيم ؑ تي آهيان جو يڪسو (مڪمل موحد ) هو مشرڪن مان نہ آهيان. تحقيق منهنجي نماز ۽ منهنجي قرباني ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ خالص الله تعالىٰ لاءِ آهي جو سڄي جهان جو پروردگار آهي ان جو ڪو شريڪ نہ آهي ان لاءِ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ۽ آئون مسلمانن مان آهيان. اي منهنجا الله !هي قرباني تنهنجي توفيق سان ۽ تنهنجي ئي رضا لاءِ محمد ﷺ ۽ ان جي امت جي طرفان آهي بسم الله والله اڪبر چئي پوءِ ڪنائين (احمد،**

[1] _ امام شافعي ۽ سندس اصحاب چون ٿا تہ هي حڪم مستحب آهي. سعيد بن مسيب، ربيعه، احمد، داؤد ۽ اهلِ حديث چون ٿا تہ پهرين تاريخ کان وٺي ڏهين تاريخ قرباني ڪرڻ تائين نهن ۽ وار لهرائڻ ناجائز آهن.

ابو داؤد، ابن ماجہ ۽ دارمي) احمد ۽ ابو داؤد جي ٻي روايت ۾ آهي تہ حضورﷺ جن پنهنجي هٿ سان ذبح ڪيائون ۽ چيائون بسم الله والله اڪبر!اي اللهﷻ! هي منهنجي طرفان ۽ منهنجي امت مان جنهن قرباني نہ ڪئي آهي ان جي طرفان آهي.

فائدو: سند ۾ ابو عياش راويءَ ڪي ڪنهن محديث اعتماد جوڳو قرار نہ ڏنو آهي. (مشڪواة_ علامہ الباني ص 460 ج1)

(1462) حنش رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ مون عليؓ کي ٻہ گهيٽا قرباني ڪندي ڏٺا. مون ان کي چيو هي (ٻہ گهٽا ڇو تہ قربان ڪريو، جڏهن تہ هڪ بہ ڪافي آهي؟) چيائين تہ رسول اللهﷺ مون کي وصيت ڪئي[1] هئي تہ منهنجي طرفان قرباني ڪجانءِ تنهن ڪري آئون ان جي طرفان قرباني ٿو ڪريان. (ابو داؤد)

فائدو: سند ۾ شريڪ راوي حافظ جو تمام خراب آهي ان جو شيخ ابو الحسناءَ راوي مجهول آهي (مشڪواة _ علامہ الباني ص 460ج1)

(1463) وعن حنش قال : رأيت عليا رضي الله عنه يضحي بكبشين فقلت له : ما هذا ؟ فقال : ( إن رسول الله صلى الله عليه وسلم أوصاني أن أضحي عنه فأنا أضحي عنه . رواه أبو داود وروى الترمذي نحوه

عليؓ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن اسان کي امر فرمايو تہ (قربانيءَ جي جانور جون) اکيون ۽ ڪن غور سان ڏسون ۽ اهڙي جانور جي قرباني نہ ڪريون جنهن جي ڪن جو اڳيون حصو ڪٽيل هجي يا جنهن جو ڪن پوئين پاسي کان ڪٽيل هجي ۽ نہ اهو جانور جنهن جا ڪن چيريل هجن ۽ نہ اهو جانور جنهن جي ڪنن ۾ سوراخ هجي (ترمذي، ابو داؤد، نسائي، دارمي) دارميءَ جي روايت ﴿والاذن﴾ تائين آهي.

فائده: سند ۾ ابو اسحاق راوي ڪي حافظ ۾ گڙبڙ هئي ان جي شاگرد ان حديث کي ان گڙ ٻڙ کان پهريائين ذڪر نہ ڪيو. (مشڪوة _ علامہ الباني ص460ج ا)

(1464) وعن علي قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن نضحي بأعضب القرن والأذن . رواه ابن ماجه

عليؓ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن منع ڪئي آهي تہ اهڙو جانور ذبح ڪيون جنهن جو سنگ ٽٽل[2] ۽ ڪن ڪٽيل هجن (ابن ماجہ)

---

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميت جي پاران جيڪڏهن وصيت ٿيل هجي تہ اضحيٰ ڪري سگهجي ٿي.

[2] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنگ ٽٽل جانور جي اضحيٰ درست ڪونهي مگر حنفي فقه ۾ آهي تہ سنگ ٽٽل جي اضحيٰ درست آهي ۽ اڌ ڪان گهٽ ڪن ونيل جي بہ اضحيٰ درست آهي مگر حديث جي تابعداري ڪرڻ بهتر آهي.

**فائده: سند ۾ جري بن ڪليب راوي قابل حجت نہ آهي. (مشکوة _ علامہ الباني ص 460ج 1)**

(1465) وعن البراء بن عازب أن رسول الله صلى الله عليه وسلم سئل : ماذا يتقى من الضحايا ؟ فأشار بيده فقال : " أربعا العرجاء والبين ظلعها والعرواء البين عورها والمريضة البين مرضها والعجفاء التي لا تنقي " . رواه مالك وأحمد والترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه والدارمي

**براءَ بن عازبؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن کان پڇيو ويو تہ قرباني لاءِ ڪنهن جانور کان پرهيز ڪيو وڃي؟ پاڻﷺ هٿ سان چئن جانورن لاءِ اشارو ڪيائون: 1_ جيڪو منڊو هجي ۽ ان جو منڊ ڪائڻ ظاهر هجي 2_ اک کان ڪاڻو جنهن جي ڪاڻائپ ظاهر هجي. 3_ جيڪو بيمار هجي ان جو بيمار هجڻ ظاهر هجي. 4_ جيڪو ڏٻرو هجي، جنهن ۾ چربي نہ هجي. (مالڪ، احمد، ترمذي، ابوداؤد، نسائي، ابن ماجہ، دارمي)**

(1466) وعن أبي سعيد قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يضحي بكبش أقرن فحيل ينظر في سواد ويأكل في سواد ويمشي في سواد . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه

**ابو سعيد خدريؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن اهڙي دنبي جي قرباني ڪئي جيڪو سنگن وارو نر هو، ان جون اکيون ڪاريون هيون، ان جو منهن ڪارو هو، ان جون ٽنگون ڪاريون هيون (ترمذي، ابوداؤد، نسائي، ابن ماجه)**

(1467) وعن مجاشع من بني سليم أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يقول : " إن الجذع يوفي مما يوفي منه الثني " . رواه أبو داود والنسائي وابن ماجه

**مجاشع ؓ جيڪو بنو سليم مان هو، کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ رڍ جو هڪ سال جو ٻچو (قربانيءَ لاءِ ) ان طرح ڪافي آهي جهڙي طرح ٻن ڏندن وارو جانور ڪافي آهي. (ابوداؤد، نسائي، ابن ماجه)**

(1468) وعن أبي هريرة قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " نعمت الأضحية الجذع من الضأن " . رواه الترمذي

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو ويو پاڻ ﷺ فرمايون تہ رڍ جي هڪ سال جو ٻچو چڱي قرباني آهي. (ترمذي)**

**فائده:_ سند ۾ ابو ڪباش راوي مجهول آهي. (مرعاة ص 326ج2_3)**

(1469) وعن ابن عباس قال : كنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم في سفر فحضر الأضحى فاشتركنا في البقرة سبعة وفي البعير عشرة . رواه الترمذي والنسائي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث حسن غريب

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ اسان هڪ سفر ۾ رسول اللهﷺ جن سان گڏ هئاسون. عيد اضحيٰ جو ڏينهن آيو. اسين ڳئون جي قربانيءَ ۾ ست ۽ اٺ جي قربانيءَ ۾ ڏهہ ڄڻا شريڪ ٿياسون (ترمذي، نسائي، ابن ماجه) ترمذي چوي ٿو تہ هيءُ حديث حسن غريب آهي.**

(1470) وعن عائشة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما عمل ابن آدم من عمل يوم النحر أحب إلى الله من إهراق الدم وإنه ليؤتى يوم القيامة بقرونها وأشعارها وأظلافها وإن الدم ليقع من الله بمكان قبل أن يقع بالأرض فيطيبوا بها نفسا " . رواه الترمذي وابن ماجه

**عائشہؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو قربانيءِ جي ڏينهن آدم جي پٽ جي عملن مان رت وهائڻ کان وڌيڪ محبوب عمل اللهؐ وٽ ٻيو کو نہ آهي ۽ تحقيق (قربانيءِ جو جانور) قيامت ڏينهن سنڱن، وارن ننهن سميت آندو ويندو، تحقيق (قربانيءِ جي جانور جو) رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ئي اللهؐ وٽ مقبوليت جو درجو حاصل ڪندو آهي. ان ڪري خوشيءِ سان قرباني ڪندا ڪريو. (ترمذي، ابن ماجہ)**

**فائده:سند ۾ابو المثنيٰ سليمان بن يزيد راوي گھڻو ضعيف آهي (مشڪواة _علامہ الباني ص462 ج 1)**

(1471) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من أيام أحب إلى الله أن يتعبد له فيها من عشر ذي الحجة يعدل صيام كل يوم منها بصيام سنة وقيام كل ليلة منها بقيام ليلة القدر " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي إسناده ضعيف

**ابوهريره ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ذوالحج جي ڏهن ڏينهن ۾اللهؐ تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ٻين ڏينهن ۾ عبادت کان زياده محبوب هوندي آهي. انهن ۾ هر ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزي جي برابر لکيو ويندو آهي ۽ هر رات جي قيام جو ثواب ليلة القدر جيترو ملندو آهي. (ترمذي، ابن ماجہ) ترمذي چوي ٿو تہ ان جي سند ضعيف آهي.**

## ٽيون فصل

(1472) عن جندب بن عبد الله قال : شهدت الأضحى يوم النحر مع رسول الله صلى الله عليه وسلم فلم يعد أن صلى وفرغ من صلاته وسلم فإذا هو يرى لحم أضاحي قد ذبحت قبل أن يفرغ من صلاته فقال : " من كان ذبح

قبل أن يصلي أو نصلي فليذبح مكانها أخرى " . وفي رواية : قال صلى النبي صلى الله عليه وسلم يوم النحر ثم خطب ثم ذبح وقال : " من كان ذبح قبل أن يصلي فليذبح أخرى مكانها ومن لم يذبح فليذبح باسم الله "

**جندب بن عبدالله رضي الله عنه جو بيان آهي تہ آئون رسول الله ﷺ سان ذوالحج جي ڏهين تاريخ عيد الاضحيٰ ۾ حاضر هيس. اجا پاڻ ﷺ عيد نماز لاءِ مس واندا ٿيا هئا جو قربانيءَ جو گوشت ڏٺائون، جيڪا سندن نماز کان فارغ ٿيڻ کان اڳ ذبح ڪئي وئي هئي، تنهن تي فرمايائون: جيڪو عيد نماز ادا ڪرڻ يا اسان جي نماز ادا ڪرڻ کان اڳ قرباني ڪري، ان کي گهرجي تہ ٻي جاءِ تي قرباني ڪري، هڪ روايت ۾ آهي: نبي ﷺ جن قربانيءَ جي ڏينهن نماز پڙهي. پوءِ خطبو ڏنائون، پوءِ قرباني ڪيائون ۽ ارشاد فرمايائون تہ جيڪو نماز کان اڳ ذبح ڪري اهو ان جي بدران قرباني ڪري. جنهن اجا جانور ذبح نہ ڪيو آهي اهو بسم الله پڙهي ذبح ڪري. (بخاري مسلم)**

(1473 ) وعن نافع أن ابن عمر قال : الأضحى يومان بعد يوم الأضحى . رواه مالك

**نافع چوي ٿو تہ ابن عمر چيو قرباني عيد جي ڏينهن کان بعد ٻن ڏينهن تائين آهي.([1])(مالڪ)**

(1474) وقال : وبلغني عن علي بن أبي طالب مثله

**امام مالڪ چوي ٿو مون کي علي بن ابي طالب کان بہ اهڙي حديث پهتي آهي.**
**فائدو: سند ۾ انقطاع آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص 463 ج 1 )**

(1475) وعن ابن عمر قال : أقام رسول الله صلى الله عليه وسلم بالمدينة عشر سنين يضحي . رواه الترمذي

**ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مديني ۾ ڏهہ سال رهيا جنهن ۾ قرباني ڪندا رهيا. ([2])(ترمذي)**
**فائدو: تمام راوي اعتبار جوڳا آهن البتہ ابن ارطاة راوي مدلس آهي ان لفظ عن سان روايت ڪئي آهي (مشڪواة _ علامہ الباني ص463ج1)**

(1476) وعن زيد بن أرقم قال : قال أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم : يا رسول الله ما هذه الأضاحي ؟ قال : " سنة أبيكم إبراهيم عليه السلام " قالوا : فما لنا فيها يا رسول الله ؟ قال : " بكل شعرة حسنة " . قالوا : فالصوف يا رسول الله ؟ قال : " بكل شعرة من الصوف حسنة " رواه أحمد وابن ماجه

**زيد بن ارقم رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي اصحابن عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ﷺ !هي قرباني ڇا آهي؟ فرمايائون: توهان جي پيءُ ابراهيم عليه السلام جي سنت آهي.عرض ڪيائون تہ پوءِ اي الله جا رسول ﷺ ! اسان جي لاءِ ان ۾ ڇا آهي؟ فرمايائون هر وار جي بدلي**

[1]_ هي جمهور علماءَ جو مذهب آهي چون ٿا تہ تاريخ 12_ جو سڄو ڏينهن بہ قرباني ڪرڻ لاءِ آهي. امام شافعي تاريخ 13_ تائين بہ قرباني ڪرڻ جائز سمجهي ٿو.
[2]_ هن ۾ بہ دليل آهي تہ قرباني حضور ﷺ جن بہ هميشہ سال بسال ڪئي هئي تنهن ڪري واجب آهي جيئن ربيع ۽ ابو حنيفہ، ليث ۽ بعض مالڪيہ جو قول آهي ۽ جمهور چون ٿا تہ سنت آهي واجب نہ آهي.

هڪ نيڪي. عرض ڪيائون أنَ جو ڪهڙو حڪم آهي؟ اي اللهﷻ جا رسول ﷺ! فرمايائون ان جي هر وار جا عيوض هڪ نيڪي آهي. (احمد ابن ماجہ)

فائدو: سند نهايت ضعيف آهي. راوي عائذ منڪر الحديث ۽ ابو داؤد حديثون گهڙيندڙ آهي (مشڪواة _ علامہ الباني ص 464 ج 1)

# رجب ۾ اللهﷻ جي نالي ذبح ڪرڻ جو بيان

## پهريون فصل

(1477) عن أبي هريرة عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " لا فرع ولا عتيرة " . قال : والفرع : أول نتاج كان ينتج لهم كانوا يذبحونه لطواغيتهم . والعتيرة : في رجب

**ابو هريره رضي الله عنه روايت ڪري ٿو تہ پاڻ ﷺ فرمايائون: فرع ۽ عتيره جي ڪا حقيقت نہ آهي (راوي سعيد بن مسيب) چوي ٿو: جانور جي پهرئين ڦر ڪي بتن جي نالي ذبح ڪندا هئا، ان ڪي فرع چوندا هئا ۽ عتيره اهو جانور جيڪو رجب ۾ ذبح ڪندا هئا. (بخاري مسلم)**

## ٻيو فصل

(1478) عن مخنف بن سليم قال : كنا وقوفا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم بعرفة فسمعته يقول : " يا أيها الناس إن على كل أهل بيت في كل عام أضحية وعتيرة هل تدرون ما العتيرة ؟ هي التي تسمونها الرجبية " . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب ضعيف الإسناد وقال أبو داود : والعتيرة منسوخة

**مخنف بن سليم رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسين رسول الله ﷺ سان عرفہ ۾ بيٺا هئا سون. پوءِ ڪين فرمائيندي ٻڌو تہ اي انسانو! هر گهر وارن تي هر سال قرباني ۽ عتيره آهي. ڄاڻو ٿا عتيره ڇا آهي؟ اها اهائي (قرباني) آهي جنهن ڪي توهان رجبيہ چئو ٿا. (ترمذي، ابوداؤد، نسائي، ابن ماجہ) ترمذي چئي ٿو هي حديث غريب ۽ ان جي سند ضعيف آهي. ابو دائود چوي ٿو تہ ٿوعتيره (رجب جي قرباني) منسوخ آهي.**

## ٽيون فصل

(1479) عن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أمرت بيوم الأضحى عيدا جعله الله لهذه الأمة " . قال له رجل : يا رسول الله أرأيت إن لم أجد إلا منيحة أنثى أفأضحي بها ؟ قال : " لا ولكن خذ من شعرك وأظفارك وتقص من شاربك وتحلق عانتك فذلك تمام أضحيتك عند الله " . رواه أبو داود والنسائي

عبدالله بن عمرو ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ قربانيءَ جو ڏينهن امت محمديہ لاءِ عيد جو ڏينهن آهي. هڪ شخص پاڻ سڳورنﷺ کان مسئلو معلوم ڪيو تہ ٻڌايو تہ جيڪڏهن مون وٽ صرف ڪير وارو جانور هجي تہ ڇا ان جي بہ قرباني ڪريان؟ فرمايائون: نہ! ([1]) البت تون پنهنجا وار وٺ، پنهنجا ننهن لاهہ ۽ پنهنجيون مڇون ڪتراءِ ۽ هينيان وار ڪوڙاءِ تہ ﷲ وٽ تنهنجي اها مڪمل قرباني آهي. (ابوداؤد_نسائي)

فائده:_ سند ۾ عيسيٰ بن هلال صدفي مجهول راوي آهي.(مشڪواة _ علامہ الباني ص 466ج1)

# سج ۽ چنڊ گرهڻ([2]) ٿيڻ تي نماز جو بيان

## پهريون فصل

(1480) عن عائشة رضي الله عنها قالت : إن الشمس خسفت على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم فبعث مناديا : الصلاة جامعة فتقدم فصلى أربع ركعات وفي ركعتين وأربع سجدات . قالت عائشة : ما ركعت ركوعا قط ولا سجدت سجودا قط كان أطول منه

عائشہؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن جي عهد ۾ سج گرهڻ ٿي. پاڻﷺ اعلان ڪندڙ کي موڪليائون (تہ وڃي اعلان ڪر تہ) نماز لاءِ گڏ ٿيو. پاڻﷺ اڳتي وڌيا ۽ ٻہ رڪعتون پڙهيائون جن ۾ چار رڪوع ۽ چار سجدا هئا. ([3]) عائشہؓ چوي ٿي تہ ان کان وڌيڪ ڊگهو سجدو مون ڪڏهن بہ نہ ڪيو (بخاري مسلم)

(1481) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : جهر النبي صلى الله عليه وسلم في صلاة الخسوف بقراءته

عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن سج گرهڻ جي نماز ۾ قراءت جهري ڪئي ( بخاري مسلم )

---

[1]_ هن مان معلو ٿيو تہ جنهن کي قرباني جي طاقت نہ آهي تنهن کي تڪليف وٺي قربان ڪرڻ جي ضرورنہ آهي.

[2]_ هي نماز اهلِ حديث وٽ سنت آهي. لفظ ﴿فصلوا وادعوا فافزعوا الي المساجد﴾ وجوب تي دلالت ڪن ٿا. چڱو هيئن آهي تہ انهن نمازن ۾ وڏي آواز قرائت ڪئي وڃي جيئن بخاريءَ ۾ آهي اهو قول اهلِ حديث تابعين، احمد ۽ اسحاق جو آهي ۽ ڪي چون ٿا تہ قرائت آهستي ڪري اهو ابو حنيفہ ۽ شافعي جو آهي.

[3]_هن حديث مان معلوم ٿيو تہ گرهہ جي نماز بہ رڪعتون جماعت سان پڙهبي ۽ سڀ ڪنهن رڪعت ۾ بہ رڪوع ڪبا ۽ هي روايت سيني روايتن کان زياد صحيح آهي ۽ ڪن روايتن ۾ آهي تہ ﷺ جن هر ڪنهن رڪعت ۾ ٽي رڪوع ڪيا ۽ ڪن روايت ۾ آهي تہ هڪ رڪعت ۾ چار رڪوع ڪيا ۽ ڪن روايتن ۾ آهي تہ هر رڪعت ۾ پنج رڪوع ڪيائون. امام شافعي ۽ امام احمد جو قول آهي تہ سڀ ڪنهن رڪعت ۾ بہ رڪوع ڪرڻ بهتر آهن ۽ اهل حديث وٽ 3، 4 ۽ 5 رڪوع بہ جائز آهن ۽ دستور وانگر هڪ رڪوع بہ جائز آهي مگر بهتر آهي تہ جماعت سان پڙهجي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ الصلواة جامعه جا لفظ چئبا.

(1482) عن عبد الله بن عباس قال : انخسفت الشمس على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم فصلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فقام قياما طويلا نحوا من قراءة سورة البقرة ثم ركع ركوعا طويلا ثم رفع فقام قياما طويلا وهو دون القيام الأول ثم ركع ركوعا طويلا وهو دون الركوع الأول ثم رفع ثم سجد ثم قام قياما طويلا وهو دون القيام الأول ثم ركع ركوعا طويلا وهو دون الركوع الأول ثم رفع فقام قياما طويلا وهو دون القيام الأول ثم ركع ركوعا طويلا وهو دون الركوع الأول ثم رفع ثم سجد ثم انصرف وقد تجلت الشمس فقال صلى الله عليه وسلم : " إن الشمس والقمر آيتان من آيات الله لا يخسفان لموت أحد ولا لحياته فإذا رأيتم ذلك فاذكروا الله " . قالوا : يا رسول الله رأيناك تناولت شيئا في مقامك ثم رأيناك تكعكعت ؟ قال صلى الله عليه وسلم : " إني أريت الجنة فتناولت عنقودا ولو أخذته لأكلتم منه ما بقيت الدنيا وأريت النار فلم أر منظرا كاليوم قط أفظع ورأيت أكثر أهلها النساء " . قالوا : بم يا رسول الله ؟ قال : " بكفرهن " . قيل : يكفرن بالله ؟ . قال : " يكفرن العشير ويكفرن الإحسان لو أحسنت إلى أحداهن الدهر كله ثم رأت منك شيئا قالت : ما رأيت منك خيرا قط "

**عبدالله بن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ سج گرهڻ ٿي. رسول الله ﷺ جن ماڻهن کي سج گرهڻ جي نماز پڙهائي. سورة بقرة جي قراءت جيترو ڊگهو قيام ڪيائون، پوءِ ڊگهو رڪوع ڪيائون، پوءِ رڪوع کان مٿو مٿي ڪري گهڻي دير تائين (قومہ ۾) بيٺا اهيا ۽ اهو (بيهڻ) پهرين قيام کان ننڍو هو. ان کان بعد (وري بيهو) ڊگهو رڪوع ڪيائون اهو رڪوع پهرئين رڪوع کان ننڍو هو. پوءِ رڪوع کان مٿو مٿي ڪيائون. پوءِ سجدو ڪيائون، پوءِ ڊگهو قيام ڪيائون. جيڪو پهرئين قيام کان ننڍو هو، پوءِ ڊگهو رڪوع ڪيائون جيڪو پهرئين رڪوع کان ننڍوهو. پوءِ رڪوع کان مٿو مٿي ڪيائون ۽ ڊگهو قيام (يعني قومہ) ڪيائون جيڪو پهرئين قيام (قومہ) کان گهٽ هو. پوءِ ڊگهو رڪوع ڪيائون جيڪو پهرئين رڪوع کان گهٽ هو. پوءِ رڪوع کان مٿو مٿي ڪنيائون، ان کان بعد سجدو ڪيائون. ان کان بعد سلام ڦيرياٰئون تہ سج صاف (۽ روشن) ٿي چڪو هو. ارشاد فرمايون: تحقيق سج ۽ چنڊ الله جي آيتن مان ٻہ آيتون آهن. نہ ڪنهن جي موت تي انهن کي گرهڻ لڳي ٿي نہ ڪنهن جي حياتيءَ تي. جڏهن (گرهڻ) ڏسو تہ الله کي ڪريو. عرض ڪيائون: اي الله جا رسول ﷺ! ڏٺو سون تہ پنهنجي جاءِ تان اوهان ڪاشيءِ پڪڙي رهيا آهيو پوءِ توهان کي ڏٺوسون تہ پوئتي هٽيو؟ فرمايائون: مون جنت ڏٺي، ان مان هڪ سنگ (ياشاخ) ونڻ جو ارادو ڪيو. جيڪڏهن ونان ها تہ دنيا باقي رهڻ تائين ان مان ڪائيندا رهو ها ۽ مون دوزخ کيڏٺو اڄ جهڙو خو فناڪ ڏيک مون ڪڏهن نہ ڏٺو ( دوزخن ۾) اڪثر اهڻ واريون عورتون ڏٺيون. عرض ڪيائون تہ اي الله جا رسول ﷺ! ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ فرمايائون تہ سندن ڪفر جي ڪري. چيو ويو ڇا الله جو ڪفر ڪنديون آهن؟ فرمايائون مڙس جي نا شڪري ڪنديون آهن ۽ احسان ڪرڻ وارن جي ناشڪري ڪنديون آهن. جيڪڏهن تون ان سان سڄي ڄمار احسان ڪرين پوءِ توکان ڪا (نامنا سب ) ڳالهہ ڏسندي تہ چوندي تہ توکان مون ڪو خير پلائي ڪڏهن نہ ڏٺي آهي.**

(1483)وعن عائشة نحو حديث ابن عباس وقالت : ثم سجد فأطال السجود ثم انصرف وقد انجلت الشمس فخطب الناس فحمد الله وأثنى عليه ثم قال : " إن الشمس والقمر آيتان من آيات الله لا يخسفان لموت أحد ولا لحياته فإذا رأيتم ذلك فادعوا الله وكبروا وصلوا وتصدقوا " ثم قال : " يا أمة محمد والله ما من أحد أغير من الله أن يزني عبده أو تزني أمته يا أمة محمد والله لو تعلمون ما أعلم لضحكتم قليلا ولبكيتم كثيرا "

**عائشہ ﷞ کان بہ ابن عباس ﷛ وانگر روايت آهي (وڌيڪ) فرمائي ٿي: پوءِ پاڻ سجدو ڪيائون ۽ تمام ڊگهو سجدو ڪيائون پوءِ سلام ورايائون ان حالت ۾ جو سج صاف ٿي چڪو هو ۽ ماڻهن کي خطبو ڏنائون ۽ الله جي حمد ۽ ساراهہ بيان ڪيائون. ان کان بعد فرمايائون: سج ۽ چنڊ الله جي نشانين مان بہ نشانيون آهن نہ ڪنهن جي موت تي انهن کي گرهڻ لڳندي آهي ۽ نہ ڪنهن حياتيءَ جي ڪري. جڏهن توهان ان (گرهڻ) کي ڏسو تہ الله کان (بخشش) گهرو، الله اڪبر چئو، نماز پڙهو ۽ خير خيرات ڪريو. پوءِ فرمايائون اي محمد! جي امت وارو! الله جو قسم! الله کان وڌيڪ ڪو غيرت وارو نہ آهي جو ان جو ٻانهو يا ان جي ٻانهي زنا ڪري. اي محمدﷺ جي امت وارؤ! الله جو قسم! جيڪ آئون ڄاڻان ٿو اهو اوهان بہ ڄاڻو تہ ڪلندو گهٽ ۽ گهڻو روئيندو. (بخاري_مسلم )**

(1484) وعن أبي موسى قال : خسفت الشمس فقام النبي صلى الله عليه وسلم فزعا يخشى أن تكون الساعة فأتى المسجد فصلى بأطول قيام وركوع وسجود ما رأيته قط يفعله وقال : " هذه الآيات التي يرسل الله لا تكون لموت أحد ولا لحياته ولكن يخوف الله بها عباده فإذا رأيتم شيئا من ذلك فافزعوا إلى ذكره ودعائه واستغفاره "

**ابو موسيٰ ﷛ کان روايت اهي تہ (هڪ ڏينهن) سج گرهڻ تي. نبيﷺ جن خوف وچان اٿي کڙا ٿيا تہ متان قيامت نہ اچي پوءِ نماز (گرهڻ واري) ادا ڪيائون. تمام ڊگهي قيام، رڪوع ۽ سجدن واري نماز پڙهيائون، ڪين مون ڪڏهن نہ ڏٺو جو ائين ڪندا هجن. فرمايائون هي الله جون نشانيون آهن جيڪي الله موڪليندو آهي. اهي ڪنهن جي موت ۽ حياتيءَ سبب (ظاهر) نہ ٿينديون آهن ليڪن انهن وسيلي الله پنهنجي ٻانهن کي ڊيڄاريندو آهي. جڏهن انهن ما ڪا شيءِ ڏسو تہ خوف وچان الله جي ذڪر ۽ ان کان دعا ۽ استغفار طلب ڪريو. (بخاري_مسلم)**

(1485) وعن جابر قال : انكسفت الشمس في عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم يوم مات إبراهيم ابن رسول الله صلى الله عليه وسلم فصلى بالناس ست ركعات بأربع سجدات . رواه مسلم

**جابر﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جي زمان ۾ جنهن ڏينهن رسول اللهﷺ جو پٽ ابراهيم ([1]) وفات ڪئي، سج گرهڻ تي. تڏهن پاڻ سڳورن ماڻهن کي بہ رڪعتون ڇهن سجدن ۽ چئن رڪوعن سان پڙهايون. (مسلم)**

---

[1] _ ابراهيم﷛ حضورﷺ جن جو فرزند هو جو ماريہ قبطيہ مان هجري سنہ 8 هہ ۾ تولد ٿيو ۽ سندس ڄمار 18_مهينا هئي ماڻهن گمان ڪيو تہ سج گرهڻ ابراهيم﷛ جي وفات ڪري ٿيو آهي. تنهن ڪري جن فرمايو تہ

(1486) وعن ابن عباس قال : صلى الله عليه وسلم حين كسفت الشمس ثمان ركعات في أربع سجدات

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جنهن وقت سج گرهڻ ٿي ٻہ رڪعتون اٺن رڪوعن ۽ چئن سجدن سان پڙهايون.**

(1487) وعن علي مثل ذلك . رواه مسلم

**عليؓ کان بہ ان طرح روايت آهي. (مسلم)**

(1488) وعن عبد الرحمن بن سمرة قال : كنت أرتمي بأسهم لي بالمدين في حياة رسول الله صلى الله عليه وسلم إذ كسفت الشمس فنبذتها . فقلت : والله لأنظرن إلى ما حدث لرسول الله صلى الله عليه وسلم في كسوف الشمس . قال : فأتيته وهو قائم في الصلاة رافع يديه فجعل يسبح ويهلل ويكبر ويحمد ويدعو حتى حسر عنها فلما حسر عنها قرأ سورتين وصلى ركعتين . رواه مسلم في صحيحه عن عبد الرحمن بن سمرة وكذا في شرح السنة عنه وفي نسخ المصابيح عن جابر بن سمرة

**حضرت عبدالرحمٰن بن سمرهؓ جو بيان آهي، آئون رسول اللهﷺ جي حياتيءَ ۾ مديني ۾ تير اندازي ڪري رهيو هوس اچانڪ سج گرهڻ ٿي. تڏهن مون تير رکيا (دل ۾) چيم اللہ جو قسم! اڄ ضرور ڏسندس تہ سج گرهڻ وقت رسول اللهﷺ جن ڪهڙو نئون عمل ٿا ڪن. چوي ٿو تہ آئون آيس. پاڻ نماز ۾ هٿ مٿي کڻي بيٺا هئا، پاڻ سبحٰن الله، لااله الاالله، الله اڪبر، الحمدالله پڙهي رهيا هئا. ۽ دعا گهري رهيا هئا، تانجو سج گرهڻ ختم ٿي. جڏهن گرهڻ ختم ٿي تہ پاڻ ٻہ رڪعتون ادا ڪيائون. جن ۾ ٻہ سورتون پڙهيائون (مسلم) ان طرح شرح السنة ۾ عبدالرحمٰن بن سمرو کان آهي. مصابيح جي هڪ نسخي ۾ جابر بن سمره کان (حديث بيان ٿيل) آهي.**

(1489) وعن أسماء بنت أبي بكر رضي الله عنهما قالت : لقد أمر النبي صلى الله عليه وسلم بالعتاقة في كسوف الشمس . رواه البخاري

**اسماء بنت ابي بڪر صديق ؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن سج گرهڻ ۾ ٻانها آزاد ڪرڻ جو حڪم فرمايو (بخاري)**

## ٻيو فصل

---

اهڙو عقيدو رکڻ غلط آهي.سج ڪنهن جي مرڻ يا پيدا ٿيڻ تي گرهڻ نہ ٿيندو آهي، اهي قدرت جا نظارا آهن. هي خدا تعاليٰ پنهنجي ٻي خبر ٻانهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ ڏيکاريندو آهي تہ سج ۽ چنڊ کي اوهان جي نفعي ۽ نقصان جو اختيار ڪو نہ آهي. جڏهن هو پاڻ تان گرهہ نٿا لاهي سگهن تڏهن اوهان کي ڪهڙو فائدو پهچائيندا.

(1490) عن سمرة بن جندب قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم في كسوف لا نسمع له صوتا . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه

**سمرو جندب ﷺ كان روايت آهي تہ گرهڻ ۾ اسان کي رسول الله ﷺ جن نماز پڙهائي. اسان کي سندن قراءَت جو آواز ٻڌڻ نہ پئي آيو.[1] (ترمذي، ابودائود، نسائي، ابن ماجہ)**

**فائده: ان جي سند ۾ ثعلبہ بن عباده راوي مجهول آهي (مشكواة _علامہ الباني ص 4470ج1)**

(1491) وعن عكرمة قال : قيل لابن عباس : ماتت فلانة بعض أزواج ا لنبي صلى الله عليه وسلم فخر ساجدا فقيل له تسجد في هذه ا لساعة ؟ فقال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا رأيتم آية فاسجدوا " وأي آية أعظم من ذهاب أزواج النبي صلى الله عليه وسلم ؟ رواه أبو داود والترمذي

**عكرمہ جو بيان آهي ابن عباس ﷺ کي چيو ويو تہ نبيﷺ جن جي ازواج مطهرات مان فلاڻي مري وئي آهي. پاڻ سجدي ۾ ڪري پيو. ڪيس چيو ويو ڇا اوهين هن وقت سجدو ڪري اهيا آهيو؟ چيائين: رسول الله ﷺ جن فرمايو جڏهن اوهان ڪا نشاني ڏسو تہ سجدو ڪندا ڪريو ۽ بنيﷺ جي ازواج مطهرات جي وفات کان وڌي ٻي نشاني ڪهڙي ٿي سگهندي (ابودائود، ترمذي)**

## ٽيون فصل

(1492) عن أبي بن كعب قال : انكسفت الشمس على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم فصلى بهم فقرأ بسورة م الطول وركع خمس ركعات وسجد سجدتين ثم قام الثانية فقرأ بسورة من الطول ثم ركع خمس ركعات وسجد سجدتين ثم جلس كما هو مستقبل القبلة يدعو حتى انجلى كسوفها . رواه أبو داود

**حصرت ابي بن ڪعب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي3 زماني سج گرهڻ ٿي. پاڻ ماڻهن کي نماز پڙهايائون، ڊگهين سورتن مان هڪ سورت جي قراءَت ڪيائون ۽ پنج رڪوع ۽ ٻہ سجدا ڪيئون. پوءِ ٻي رڪعت ۾ اٿيا (ان ۾ بہ) ڊگهين سورتن مان هڪ سورت جي قراءَت ڪيائون ۽ پنج رڪوع ۽ ٻہ سجدا ڪيائون پوءِ جهڙيءَ طرح هئا ان طرح قبلي رخ ويهي دعا ڪندا رهيا تانجو گرهڻ ختم ٿي (ابو دائود)**

**فائده: سند ۾ ابو جعفر رازي راوي ضعيف آهي (مشڪات ڏ علامہ الباني ص471ج1)**

---

[1] _هن حديث مان امام ابو حنيفہ دليل ورتو آهي تہ سج گرهڻ واري نماز ۾ قرائت آهستي پڙهجي پر ان کان صحيح روايت ۾ آهي تہ قرائت جهري ڪجي جنهن جو بيان اڳ اچي چڪو آهي ممڪن آهي تہ سمره پري بيٺل هجي، انهيءَ ڪري ﷺ جن قرائت نہ ٻڌي هجي.

(1493) وعن النعمان بن بشير قال : كسفت الشمس على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم فجعل يصلي ركعتين ركعتين ويسأل عنها حتى انجلت الشمس . رواه أبو داود . وفي رواية النسائي : أن النبي صلى الله عليه وسلم صلى حين انكسفت الشمس مثل صلاتنا يركع ويسجد

وله في أ خرى : أن النبي صلى الله عليه وسلم خرج يوما مستعجلا إلى المسجد وقد انكسفت الشمس فصلى حتى انجلت ثم قال : " إن أهل الجاهلية كانوا يقولون : إن الشمس والقمر لا ينخسفان إلا لموت عظيم من عظماء أهل الأرض وإن الشمس والقمر لا ينخسفان لموت أحد ولا لحياته ولكنهما خليقتان من خلقه يحدث الله في خلقه ما شاء فأيهما انخسف فصلوا حتى ينجلي أو يحدث الله أمرا "

**نعمان بن بشير ﵁ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جي عهد ۾ سج گرهڻ ٿي. پاڻ ٻہ ٻہ رڪعتون پڙهڻ لڳا ۽ گرهڻ بابت پڇندا رهيا تانجو سج صاف ٿيو (ابودائود) نسائيءَ جي هڪ روايت ۾ آهي تہ بنيﷺ جن جڏهن گرهڻ ٿي تہ اسان جي معمول مطابق نماز پڙهيائون جنهن ۾ رڪوع ۽ سجدا ڪيائون.**

**نسائي جي ٻي روايت ۾ آهي تہ نبيﷺ جن هڪ ڏينهن _ نهايت تيزيءَ سان، جڏهن تہ سج گرهڻ ٿي هئي مسجد ۾ ويا، پوءِ سج گرهڻ ختم ٿيڻ تائين گرهڻ نماز پڙهيائون. پوءِ فرمايائون تہ جاهليت جي زماني جي ۾ چوندا هئا تہ سج ۽ چنڊ ۾ ان وقت گرهڻ ٿيندي آهي جڏهن دنيا جي وڏن مان ڪو مرندو آهي حالانڪ سج ۽ چنڊ ۾ ڪنهن جي موت ۽ حياتيءَ تي گرهڻ نہ لڳندي آهي البت اهي ﷲ جي مخلوق مان آهن. ﷲ پنهنجي مخلوق مان جنهن کي گهرندو آهي ان ۾ نئين صورت پيدا ڪندو آهي پوءِ ٻنهي مان جنهن کي گرهڻ ختم ٿئي يا ﷲ کو نئون ڪم ظاگهر فرمائي.**

**فائده: سند ۾ انقطاع ۽ اضطراب آهي (مشڪاة _ علامہ الباني ص 471ج1)**

# سجده شڪر جو بيان

## هن ۾ اول ۽ ٽيون فصل خالي آهي

## ٻيو باب

(1494) عن أبي بكرة قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا جاءه أمر سرورا أو يسر به خر ساجدا شاكرا لله تعالى . رواه أبو داود والترمذي وقال : هذا حديث حسن غريب

ابو بڪره ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن وٽ جڏهن ڪا خوشخبري ايندي هئي يا جنهن سان ڪين خوشي ٿيندي هئي ته اللہ جو شڪر ادا ڪندي پاڻ سجدي ۾ پوندا هئا ([1]) (ابودائود، ترمذي) چوي ٿو ته هيءَ حديث حسن غريب آهي.

(1495) وعن أبي جعفر : أن النبي صلى الله عليه وسلم رأى رجلا من النغاشين فخر ساجدا . رواه الدارقطني مرسلا وفي شرح السنة لفظ المصابيح

ابو جعفر ﷺ کان روايت آهي ته بنيﷺ جن هڪ ننڍي قد وارو چامڙو ماڻهو ڏٺو ته پاڻ سجدي ۾ ڪري پيا (دارقطني مرسل بيان ڪيو) ۽ شرح السنه ۾ مصابيح جا الفاظ آهن.

فائده: سند ۾ بابر جعفي راوي تي جرح ٿيل آهي. (مشڪواة _ علامه الباني ص472ج1)

(1496) وعن سعد بن أبي وقاص قال : خرجنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم نم مكة نريد المدينة فلما كنا قريبا من عزوزاء نزل ثم رفع يديه فدعا الله ساعة ثم خر ساجدا فمكث طويلا ثم قام فرفع يديه ساعة ثم خر ساجدا فمكث طويلا ثم قام فرفع يديه ساعة ثم خر ساجدا قال : " إني سألت ربي وشفعت لأمتي فأعطاني ثلث أمتي فخررت ساجدا لربي شكرا ثم رفعت رأسي فسألت ربي لأمتي فأعطاني ثلث أمتي فخررت ساجدا لربي شكرا ثم رفعت رأسي فسألت ربي لأمتي فأعطاني الثلث الآخر فخررت ساجدا لربي شكرا " . رواه أحمد وأبو داود

سعد بن ابي وقاص ﷺ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن سان گڏ مڪي کان مديني جي ارادي سان نڪتاسون جڏهن عزوزاءِ (نالي جاءِ) جي ويجهو پهتاسين پاڻ سڳوراﷺ لٿا پوءِ پنهنجا هٿ کڻي ڪا گهڙي اللہ کان دعا ڪندا رهيا. پوءِ سجدي ۾ ڪري پيا ڊگهو عرصو سجدي ۾ رهيا پوءِ اٿيا ته ڪجهه وقت تائين هٿ مٿي ڪري (دعا ڪيائون) پوءِ سجدي ۾ ڪري پيا ۽ ڪافي عرصي تائين سجدي ۾ رهيا وري اٿيا ته ڪجهه عرصي تائين پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪري (دعا ڪيائون) پوءِ سجدي ۾ ڪري پيا. فرمايائون مون پنهنجي پرويدگار کان سوال ڪيو ۽ پنهنجي امت جي لاءِ شفاعت ڪئي اللہ منهنجي امت جي ٽئين حصي کي معاف ڪيائين. آئون اللہ جو شڪر ادا ڪندي سجدي ۾ ڪري پيس. پوءِ مون پنهنجو مٿو (سجدي کان) مٿي ڪنيو پنهنجي رب کان پنهنجي امت جي لاءِ سوال ڪيو ته اللہ منهنجي امت جي ٽئين حصي کي معاف ڪيو. چناڇه آئون پنهنجي رب جو شڪر ادا ڪندي سجدي ۾ ڪري پيس. پوءِ پنهنجو مٿو کڻي رب تعاليٰ کان امت جي لاءِ سوال ڪيو ته آخري ٽئين حصي کي به معاف ڪيائين. جنهن تي رب جو شڪر ادا ڪندي سجدي ۾ ڪري پيس ([2]) (احمد ابودائود)

---

[1] _ شڪرانه جو سجدو ڪرڻ امام شافعي، امام احمدؒ محمدؒ وٽ سنت آهي. امام مالڪ ۽ امام ابو حنيفهؒ مڪروهه چون ٿا مگر امام شافعي ۽ امام احمد ۽ امام محمد جو قول حق آهي ڪيترين حديثن مان شڪر جو سجدو ثابت آهي.

[2] _ هن مان شڪر جو سجدو ڪرڻ مسنون ثابت ٿئي ٿو.

فائده: سند ۾ يحييٰ بن حسن بن عثمان راوي ضعيف آهي (مشڪواة _ علامہ الباني ص 473ج1)

# استسقاءَ (مينهن جي) ([1])نماز جو بيان

## پهريون فصل

(1497) عن عبد الله بن زيد قال : خرج رسول الله صلى الله عليه وسلم بالناس إلى المصلى يستسقي فصلى بهم ركعتين جهر فيهما بالقراءة واستقبل القبلة يدعو ورفع يديه وحول رداءه حين استقبل القبلة

**عبد الله بن زيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن عيد گاهہ جي طرف استسقاءَ (مينهن جي) نماز ادا ڪرڻ لاءِ ماڻهن سان نڪتا. انهن کي ٻہ رڪعتون پڙهيائون. انهن ۾ جهري قراءَت ڪيائين ۽ قبلي رخ ٿي بيٺي هٿ کڻي دعا ڪيائون ۽ جڏهن قبلي طرف منهن ڪيائون تہ پنهنجي چادر جي مٿا سٿا ڪيائين (بخاري مسلم)**

(1498) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم لا يرفع يديه في شيء من دعائه إلا في الاستسقاء فإنه يرفع حتى يرى بياض إبطيه

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ ڪنهن دعا ۾ ايتري قدر هٿ مٿي نہ کڻندا هئا جيتري قدر نماز استسقاءَ ۾ کڻندا هئا. پنهنجا هٿ ايتري قدر بلند ڪندا هئا جو سندن ٻنهي بغلن جي اڇاڻ نظر ايندي هئي (بخاري مسلم)**

(1499) وعن أنس : أن النبي صلى الله عليه وسلم استسقى فأشار بظهر كفيه إلى السماء . رواه مسلم

**انس رضي الله عنه کان روايت اهي تہ رسول الله ﷺ نماز استسقاءَ ۾ هٿن جي ترين جي پوئين حصي کي آسمان ڏانهن ڪري اشارو ڪيو(مسلم)**

(1500) وعن عائشة قالت : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان إذا رأى المطر قال : " اللهم صيبا نافعا " . رواه البخاري

**عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن مينهن (وسندو) ڏسندا هئا تہ دعا ([1])ڪندا هئا اي الله! فائديمند مينهن (نازل)فرماءِ (بخاري)**

[1] _ حجة الله البالغہ ۾ لکيل آهي تہ حضورﷺ جن مينهن نماز مختلف طريقن سان پڙهي آهي پر جيڪو طريقو سنت آهي سو هي آهي تہ امام ماڻهن سميت تمام گهڻي عاجزي سان عيد گاهہ ڏانهن وڃي اتي ٻہ رڪعتون وڏي قرائت سان پڙهي ۽ پوءِ خطبو پڙهي ۽ قبلہ ڏانهن منهن ڪري دعا گهري. دعا ۾ هٿ تمام مٿي کڻي ۽ چادر ڦيرائي.

(1501) وعن أنس قال : أصابنا ونحن مع رسول الله صلى الله عليه وسلم مطر قال : فحسر رسول الله صلى الله عليه وسلم ثوبه حتى أصابه من المطر فقلنا : يا رسول الله لم صنعت هذا ؟ قال : " لأنه حديث عهد بربه " . رواه مسلم

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ اسان رسول الله ﷺ جن سان گڏ هئا سون تہ مينهن وسڻ لڳو رسول اللهﷺ جن پنهنجي جسم کان ڪپڙي جو ڪجهہ حصو پري ڪيو تانجو مينهن جا ڪجهہ ڦڙا ان تي پيا. عرض ڪيوسون تہ اي ﷲ جا رسولﷺ! اوهان ان طرح ڇو ڪيو؟ فرمايائون: ڇاڪاڻ جو اهو مينهن پنهنجي پروردگار وٽان نئون آيون آهي.[2] ڀلي ان سا ٻت ڀڃي. (مسلم)**

## ٻيو فصل

(1502) عن عبد الله بن زيد قال : خرج رسول الله صلى الله عليه وسلم إلى المصلى فاستسقى وحول رداءه حين استقبل القبلة فجعل عطافه الأيمن على عاتقه الأيسر وجعل عطافه الأيسر على عاتقه الأيمن ثم دعا الله . رواه أبو داود

**عبدالله بن زيد﷛ کان روايت هي تہ رسول اللهﷺ جن عيدگاه ڏانهن نڪتا، پاڻ ﷺ اتي قبلہ رخ ٿي چادر تبديل ڪندي نماز استسقاءِ پڙهيائون. چادر جي سڄي ڪناري کي پنهنجي کٻي ڪلهي ۽ کٻي
ڪناري کي سڄي ڪلهي تي ڪيائون. ان کان بعد ﷲ کان دعا ڪيائون.(ابوداؤد)**

**فائده:_ سند ۾ عمرو بن حارث جي عدالت معروف نہ آهي.(مشڪواة_ علامہ الباني ص 475ج1)**

(1503) وعن عبد الله بن زيد أنه قال : استسقى رسول الله صلى الله عليه وسلم وعليه خميصة له سوداء فأراد أن يأخذ أسفلها فيجعله أعلاها فلما ثقلت قلبها على عاتقيه . رواه أحمد وأبو داود

**عبدالله بن زيد ﷛ کان روايت آهي تہ: رسول اللهﷺ جن نماز استسقاءَ پرهي سندن (جسم مبارڪ) تي ڪارن رنگ جي چادر هئي. ارادو ڪيائون تہ چادر جي هيٺئين ڪناري کي (تبديل ري) مٿي ڪن پرائين ڏکيو ٿيو تہ ان کي پنهنجي ڪلهي تي ئي تبديل ڪيائون (يعني سڄني ڪناري کي کٻي طرف ۽ مٿئين حصي کي هيٺائين جي طرف ڪيائون) ([3]) (احمد، ابوداؤد)**

---

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مينهن ڏسڻ وقت اها دعا گهرڻ گهرجي.

[2]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ خدا تعاليٰ جي ذات پاڪ ۽سندس شان مٿانهون آهي ۽ مينهن بہ ڪڪر مان مٿان هيٺ اچي ٿو انهيءَ ڪري مينهن کي يار جي پار جو شرف آهي.

[3]_ برسات جي نماز وقت حديث ۾ ڏيکاريل طريقي مطابق چادر ڇورڻ مسنون آهي اهو نيڪ فال آهي تہ قحط ڦري وڃي.

(1504) وعن عمير مولى آبي اللحم أنه رأى النبي صلى الله عليه وسلم يستسقي عند أحجار الزيت قريبا من الزوراء قائما يدعو يستسقي رافعا يديه قبل وجهه لا يجاوز بهما رأسه . رواه أبو داود وروى الترمذي والنسائي نحوه

**آبي لهم ﷺ جو آزاد ڪيل غلام عمير روايت ڪري ٿو تہ انهيءَ ڏنو نبيﷺ احجار الزيت([1]) (نالي هنڌ) جيو زوراءَ جي ويجهو آهي وٽ بيٺي هٿ کڻي قبلہ کي سامهون ٿي استسقاءَ جي دعا گهري رهيا آهن. سندن بيٺي هٿ پنهنجي مٿي کان مٿي نہ هئا (ابوداؤد) ترمذي ۽ نسائي ان حديث کي اهڙيءَ طرح بيان ڪيو.**

(1505) وعن ابن عباس قال : خرج رسول الله صلى الله عليه وسلم يعني في الاستسقاء متبذلا متواضعا متخشعا متضرعا . رواه الترمذي وأبو داود والنسائي وابن ماجه

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن نماز استسقاءَ جي لاءِ نڪتا تہ نهايت معمولي لباس پاتل هُين. نهايت تواضع سان، خشوع خضوع ۽ توبي زاري ڪندي دعا ڪري رهيا هئا. (ترمذي، ابوداؤد، نسائي، ابن ماجہ)**

(1506) وعن عمرو بن شعيب عن أبيه عن جده قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا استسقى قال : " اللهم اسق عبادك وبهيمتك وانشر رحمتك وأحي بلدك الميت " . رواه مالك وأبو داود

**عمروبن شعيب پنهنجي والد کان اهو ان جي ڏاڏي کان روايت ڪري ٿو تہ نبيﷺ دعا استسقاءَ ڪندي فرمائيندا هئا ايالله پنهنجي ٻانهن ۽ پنهنجي جانورن تي مينهن وساءِ ۽ پنهنجي رحمت کي عام فرماءِ ۽ پنهنجي غير آباد زمين کي آباد ڪر ۽ تازي عطا فرماءِ (مالڪ، ابوداؤد)**

(1507) وعن جابر قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم يواكئ فقال : " اللهم اسقنا غيثا مغيثا مريئا مريعا نافعا غير ضار عاجلا غير آجل " . قال : فأطبقت عليهم السماء . رواه أبو داود

**جابر ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن کي ڏٺو، پاڻ پنهنجي هٿن کي تمام گهٽو مٿي ڪيائون ۽ بارش لاءِ دعا ڪرڻ لڳا اي الله اسان تي اهڙو مينهن نازل فرماءِ جڪو قحط کي ختم ڪري ۽ جنهن جو انجام مفيد ٿئي، آبادي ٿئي، فائدو ٿئي، جلدي وسي ۽ تاخير نہ ٿئي. (جابرؓ) فرمائي ٿو پوءِ هڪدم آسمان تي ڪڪر ڇائنجي ويا ([2]) (ابوداؤد)**

---

[1]_ احجار الزيت مدينہ ۾ هڪ جاءِ جو نالو آهي اهو نالو هن ڪري پيس جو انهيءَ جاءِ تي پٿرن جو رنگ ڪارو زيتون جي تيل جهڙو آهي.

[2]_ هن حديث مان امام ابو حنيفہ رح دليل ورتو آهي تہ مينهن لاءِ نماز نہ پڙهجي فقط دعا ۽ استغفار ڪافي آهن. نووي شرح مسلم ۾ لکي ٿو تہ علمائن جو اجماع آهي تہ اِستِسقاءُ سنت آهي اختلاف فقط هن ۾ آهي تہ اِستِسقاءُ ۾ نماز مسنون آهي يا نہ؟ امام ابو حنيفہؒ جو قول آهي تہ نماز مسنون نہ آهي فقط فقط دعا گهربي مگر هي مذهب تمام سلف ۽ خلف، صحابہ ۽ تابعين متقدمين ۽ ماخرين سيني جي خلاف آهي انهن سيني جي مقابلہ ۾

## ٽيون فصل

(1508) عن عائشة قالت : شكا الناس إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم قحوط المطر فأمر بمنبر فوضع له في المصلى ووعد الناس يوما يخرجون فيه . قالت عائشة : فخرج رسول الله صلى الله عليه وسلم حين بدا حاجب الشمس فقعد على المنبر فكبر وحمد الله عزوجل ثم قال : " إنكم شكوتم جدب دياركم واستئخار المطر عن إبان زمانه عنكم وقد أمركم الله عزوجل أن تدعوه ووعدكم أن يستجيب لكم " . ثم قال : " الحمد لله رب العالمين الرحمن الرحيم ملك يوم الدين لا إله إلا الله يفعل ما يريد اللهم أنت الله لا إله إلا أنت الغني ونحن الفقراء . أنزل علينا الغيث واجعل ما أنزلت لنا قوة وبلاغا إلى حين " ثم رفع يديه فلم يترك الرفع حتى بدا بياض إبطيه ثم حول إلى الناس ظهره وقلب أو حول رداءه وهو رافع يديه ثم أقبل على الناس ونزل فصلى ركعتين فأنشأ الله سحابة فرعدت وبرقت ثم أمطرت بإذن الله فلم يأت مسجده حتى سالت السيول فلما رأى سرعتهم إلى الكن ضحك صلى الله عليه وسلم حتى بدت نواجذه فقال : " أشهد أن الله على كل شيء قدير وأني عبد الله ورسوله " . رواه أبو داود

**عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ ماڻهن رسول اللهﷺ وٽ بارش نہ ٿيڻ سبب قحط جي شڪايت ڪئي. سندن حڪم مطابق منبر عيدگاه ۾ رکيو ويو ۽ ماڻهن لاءِ ڏينهن مقرر ڪيائون تہ ان ۾ مينهن لاءِ نماز پڙهنداسون. عائشہ ؓ چوي ٿي پوءِ رسول اللهﷺ جن ان وقت ٻاهر نڪتا جڏهن سج جو ڪنارو نظر اچي رهيو هو پاڻ منبر تي ويٺا. الله اڪبر ۽ الحمدلله چيائون. ان کان بعد چيائون توهان پنهنجي علائقي ۾ بارش نہ ٿي ۽ قحط ۽ ڏڪار جي شڪايت ڪئي تہ مينهن موسم کان مؤخر ٿيو آهي. حالانڪ الله توهان کي امر ڪيو آهي تہ ان کي پڪاريو ۽ توهان سان وعدو ڪيو اٿس تہ توهان جي دعا قبول ڪندو. پوءِ فرمايائون: سڀ ساراهہ جهان جي پالڻهار لاءِ جيڪو رحمٰن رحيم ۽ قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي. الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي جيڪو گهري ڪري، اهو جيڪو چاهيندو آهي. ڪندو آهي. اي الله توکان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، تون بي پرواهہ آهين ۽ اسان محتاج آهيون اسان تي مينهن نازل ڪر ۽ نازل ڪيل مينهن کي اسان لاءِ گذران جو ڪارڻ ۽ ڪجهہ وقت جي لاءِ (ضرورتن کي پوروڪرڻ جو) سامان بناءِ[1] ان کان بعد پنهنجا هٿ ايترو مٿي ڪنيائون تانو سندن بغلن جي سفيد نظر اچڻ لڳي پوءِ پنهنجي پٺي حاضرين ڏانهن ڪيائون ۽ پنهنجي چادر کي تبديل ڪيائون پوءِ منهن ماڻهن ڏانهن ڪيائون ۽ منبر تان لهي ٻہ رڪعتون نماز استسقاءِ ادا ڪيائون. پوءِ الله ڪڪر ظاهر فرمايو، گوڙ ٿي ۽ ڪنوڻ ڪلي پوءِ الله جي حڪم سان مينهن وسيو. اجان مسجد وٽ نہ پهتا هئا تہ ماٿريون وهڻ لڳيون جڏهن**

---

هڪڙي جو قول ڪيئن قبولي سگهجي ٿو؟ جڏهن تہ ڪو دليل بہ ان جو نہ آهي. انهيءَ نماز جي ثابتي ٻين حديثن ۾ بہ آيل آهي. جمعہ جي خطبي وقت برسات جي لاءِ نماز پڙهي وئي جا نماز جي قائم مقام ٿي وئي.

[1] امام مقتدين کي گهرجي تہ الله پاڪ جي دربار ۾ تمام نهٺائيءَ سان ۽ روئي دعا گهرن ۽ سچي دل سان پنهنجي گناهن کان توبہ ڪن ڇاڪاڻ تہ مينهن گناهن جي ڪري بند ٿئي ٿو.

ڏنائون تہ ماڻھو نهايت تيزيءَ سان بچاءِ وارين جاين ڏانھن وڃي رهيا آهن تہ مسڪرايائون، تانجو سند ڏاڻون بہ نظر اچڻ لڳيون. فرمايائون آئون گواهي ٿو ڏيان تہ اَللّٰہ هر شيءِ تي قادر آهي ۽ آئون اَللّٰہ جو بندو ۽ ان جو رسول آهيان. (ابوداؤد)

(1509) وعن أنس أن عمر بن الخطاب كان إذ قحطوا استسقى بالعباس بن عبد المطلب فقال : اللهم إنا كنا نتوسل إليك بنبينا فتسقينا وإنا نتوسل إليك بعم نبينا فاسقنا . قال : فيسقون . رواه البخاري

**انسؓ کان روايت آهي تہ قحط جي زماني ۾ عمر بن خطابؓ، عباس بن عبدالمطلبؓ کي استسقاءَ جي دعا لاءِ وٺي ويندو هو ۽ چوندو هو تہ اي اَللّٰہ اسان تو وٽ پنھنجي پيغمبرﷺ جو وسيلو آڻيندا هئاسون تہ تون مينھن نازل ڪندو هئين ۽ هاڻي اسا تو وٽ پنھنجي پيغمبر جي چاچي جو وسيلو پيش ڪريون ٿا تہ اسان تي بارش نازل فرماءِ[1] انس بيان ڪر ٿو تہ ان تي بارش نازل ٿي ويندي هئي. (بخاري)**

(1510) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " خرج نبي من الأنبياء بالناس يستسقي فإذا هو بنملة رافعة بعض قوائمها إلى السماء فقال : ارجعوا فقد استجيب لكم من أجل هذه النملة " . رواه الدارقطني

**ابو هريرهؓ کانروايت آهي تہ رسول اللهﷺ کان فرمائيندي ٻڌو تہ هڪ پيغمبرﷺ ماڻھن کي پاڻ سان گڏ وٺي مينھن جي دعا جي لاءِ نڪتو. ڏٺائين تہ ماڪوڙي پنھنجا هٿڙا آسمان ڏانھن**

[1] _ هن حديث مان جيئرن جي دعا گھرڻ ۽ لفظ توسل سان دعا گھرڻ ثابت آهي حضور ﷺ جن جا صحابہ سندن زندگي ۾ ڪانئن دعا گھرندا هئا ۽ حضور ﷺ جن جي وفات کان پوءِ ماڻھو سندن اهل بيت ۽ ٻين فضيلت وارن مان جيڪي حيات هوندا هئا تن کان دعا جي طلبڪندا هئا جيئن عمرؓ، عباسؓ کان دعا گھرائي ۽ معاويہؓ، يزيد بن اسود کي اڳ ۾ دعا گھرڻ لاءِ بيهاري هيئن چيو تہ اي ڏٽي! اسين يزيدبن اسود وسيلي توکان مينھن ٿا گھرون ۽ يزيد بن اسودکي چيائين تہ تون هاڻي پنھنجا هٿ مٿي ڪڻ ۽ الله تعالي کان
دعا گھر تنھن تي پنھنجا هٿ مٿي ڪٽي دعا گھريائين ۽ ٻين ماڻھن بہ هٿ مٿي ڪٽن دعا گھري ايتري ۾ برسات وسڻ بہ شروع ٿي.

باقي قبرن تي دعا گھرڻ لاءِ گڏ ٿيڻ ۽ مئلن وسيلي دعا گھرڻ سنت رسولﷺ، صحابہ ڪرام ۽ اسلام جي پيشوائن کان بلڪل ثابت ناهي جيڪڏھن قبر وارن کان دعا گھرڻ ۽ قبرستان ۾ گڏ ٿيڻ چڱو هجي ها تہ جيڪر صحابہ ڪرام پنھنجي مشڪلن ۽ حاجتن جي وقت ﷺ جن جي قبر مبارڪ تي اچي دعا گھرن ها. ۽ مينھن نماز لاءِ عباسؓ جو هوند وسيلو نہ وٺن ها. ٻين مصيبتن جي وقت بہ هوند قبر تي دعائون گھرن ها. خصوصاً اهل بيتن تي جيڪي تڪليفون ۽ سخت واقعا آيا سي هر ڪنھن کي چڱيءَ طرح سان معلوم آهن. حالانڪ ڪنھن بہ مشڪل جي آسان ٿيڻ لاءِ حضورﷺ جن جي قبر مبارڪ تي وڃي دعا گھرڻ کي هوند ڪڏھن بہ نہ ڇڏين ها. شيخ الاسلام ابن تيميہ لکي ٿو تہ قبر واري جي وسيلي مينھن جي دعا ڪنھن بہ صحابي، ڪنھن بہ نبي يا غير نبي جي قبر تي وڃي ڪانہ گھري آهي. سلف صالحين ڪنھن بہ نبي يا غير نبي جي قبر تي ڪنھن بہ قسم جي دعا لاءِ نہ ايندا هئا. نڪي ﷺ جن جا اصحاب حضورﷺ جن جي قبرمبارڪ يا ٻئي ڪنھن نبي جي قبر مبارڪ تي وڃڻ جو قصد ڪندا هئا انھن جو هي دستور هو تہ حضورﷺ جن جي زيارت وقت درود ۽ سلام چوندا هئا.

كنيو بيني آهي. پيغمبرﷺ ماڻهن کي چيو واپس هلوءِهن ماڪوڙي جي سبب توهان جي دعا قبول ٿي وئي آهي (دار قطني)

فائدو: سند ۾ محمد بن عون ۽ ان جو پيءُ ٻئي راوي معروف نہ آهن (مشڪوٰة _ علامہ الباني ص 471 ج 1 )

# طوفانن ۽ هوائين جو بيان

## فصل پهريون

(1511) عن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " نصرت بالصبا وأهلكت عاد بالدبور "

**ابن عباس ﷺکان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو مون کي اوڀرطرفان هلندڙ هو اسان مدد ڏني وئي آهي ۽ قوم عاد کي اولهہ طرفان هلندڙ هو اسان تباهہ ۽ برباد ڪيو ويو. (بخاري مسلم )**

(1512) وعن عائشة قالت : ما رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم ضاحكا حتى أرى منه لهواته إنما كان يتبسم فكان إذا رأى غيما أو ريحا عرف في وجهه

**عائشہ ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي کُلي ڪري کلندي ڪڏهن نہ ڏٺو ([1]) بس پاڻ مسڪرائيندا هئا. جڏهن ڪڪر يا آنڌي ڏسندا هئا تہ ان جو اثر سندن چهري تي نمايان هوندو هو (بخاري مسلم)**

(1513) عن عائشة رضي الله عنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا عصفت الريح قال : " اللهم إني أسألك خيرها وخير ما فيها وخير ما أرسلت به وأعوذ بك من شرها وشر ما فيها وشر ما أرسلت به " وإذا تخيلت السماء تغير لونه وحرج ودخل وأقبل وأدبر فإذا مطرت سري عنه فعرفت ذلك عائشة فسألته فقال : " لعله يا عائشة كما قال قوم عاد : ( فلما رأوه عارضا مستقبل أوديتهم قالوا : هذا عارض ممطرنا )

وفي رواية : ويقول إذا رأى المطر " رحمة "

**عائشه ؓ کان روايت آهي تہ جڏهن تيز طوفاني هوا ايندي هئي تہ پاڻﷺ هن طرح دعا فرمائيندا هئا: اي اللہ آئون تو کان ان هوا جي ڀلائي ۽ جيڪا ڀلائي ان ۾ آهي ان جو ۽ جنهن ڀلائي سان گڏ ان کي گهلايو ويو آهي ان جو سوال ڪريان ٿو ۽ آئون توکان ان هوا جي نقصان ۽ جيڪو نقصان ان ۾ آهي ۽ جنهن نقصان سان ان کي گهلايو ويو آهي ان جي پناهہ طلب ڪريان**

[1] _ حضورﷺ جن جي کل اهڙي نموني نہ هئي جنهن ڪري ڏاڻون ڏسي گهرجن مگر مرڪندا هئا.

**تو ([1]) جڏهن آسمان تي بادل ايندا هئا تہ سندن رنگ متغير ٿي ويندي هو ڪڏهن گهر جي اندر ويندا تہ ڪڏهن ٻاهر نڪريندا هئا ۽ سندن اچڻ وڃڻ شروع ٿيندو هو. پوءِ جڏهن مينهن وسڻ شروع ٿيندو هو تہ ڪائن اهو اثر ختم ٿي ويندو هو. ([2]) عائشہ ﷞ پاڻ سڳورن ﷺ کان معلوم ڪيو. فرمايائون اي عائشہ! شايد ڪٿي ائين نہ ٿئي جيئن عاد جي قوم چيو (ترجمہ) جڏهن انهن ان علائقي جي ويجهو ڪڪر ايندي ڏٺو،تہ چيائون هي ڪڪر اسان تي بارش وسائيندا ۽ هڪ روايت ۾آهي تہ جڏهن پاڻ ﷺ مينهن ڏسندا هئا تہ فرمائيندا هئا تہ مينهن کي رحمت جو سبب ڪر.**

(1514) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم " مفاتيح الغيب خمس ثم قرأ : ( إن الله عنده علم الساعة وينزل الغيث ) الآية . رواه البخاري

**ابن عمر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو غيب جون ڪنجيون پنج آهن،([3]) پوءِ آيت تلاوتڪيائون (ترجمہ) الله وٽ قيامت جو علم آهي، اهو مينهن وسائي ٿو (سورت لقمان) (بخاري)**

(1515) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ليست السنة بأن لا تمطروا ولكن السنة أن تمطروا وتمطروا ولا تنبت الأرض شيئا " . رواه مسلم

**ابوهريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: قحط اهو نہ آهي تہ توهان تي مينهن نہ وسي، بلڪ قحط هيءُ آهي تہ اوهان تي مينهن پوندو رهي، پوندو رهي ليڪن زمين ڪا شيءِ پيدا نہ ڪري( مسلم)**

## ٻيو فصل

(1516) عن أبي هريرة قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " الريح من روح الله تأتي بالرحمة وبالعذاب فلا تسبوها وسلوا الله من خيرها وعوذوا به من شرها " . رواه الشافعي وأبو داود وابن ماجه والبيهقي في الدعوات الكبير

---

[1] _ جڏهن شهنشاهہ بلند، بارگاهہ قهار جبار کان سندس مقدس ٻانهان ايتري قدر ڊڄندا هئا تڏهن اسان گنهگارن کي تمام گهڻي قدر ڊڄڻ گهرجي مگر افسوس جو اسان کان اوتري قدر ڪانئس ڊڄڻ جو حق ادا ٿي نٿو سگهي.

[2] _ هن حديث مان هي بہ معلوم ٿو ٿئي تہ ڪنهن ٻانهي جو ڪيترو وڏو درجو هجي مگر تڏهن بہ خدا تعالىٰ جو خوف هن کي وڏي درجي آهر وڏو هوندو آهي. ٻانهي جيتري قدر شهنشاهہ عالي جاهہ، بي پرواهہ جو قرب حاصل ڪندو، اوتري قدر رب تعالىٰ کان ڊڄندو. ٻانهي تي لازم آهي تہ هر وقت خدا پاڪ جي ڪامل صفتن جو مطالعون ڪندو رهي ۽ سندس عذاب ۽ عقاب ۽احتساب کان پناهہ گهرندو رهي.

[3] _غيب جي خزانن جون ڪنجيون هي آهن: 1_ قيامت جو علم، 2_ مينهن پوڻ جو وقت، 3_ سپاٽي چا ٿيندو، 4_ عورت جي پيٽ ۾ پٽ آهي يا ڌي ان بابت خبر، 5_ هر هڪ نفس ڪهڙي هنڌ مرندو.

ابوهريره ﷛ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ کان فرمائيندي ٻڌو هوا ﷲ جي رحمت آهي_[1] رحمت بہ آڻيندي آهي ۽ عذاب بہ پوءِ ان کي گهٽ وڌ نہ ڳالهائيندا ڪريو ۽ ﷲ کان ان جي ڀلائي گهرو ۽ ان جي برائي کان پناهہ طلب ڪريو.[2] (آفعي، ابودائود، ابن ماجہ، بيهقي_ دعوات الڪبير)

(1517) وعن ابن عباس أن رجلا لعن الريح عند النبي صلى الله عليه وسلم فقال : " لا تلعنوا الريح فإنها مأمورة وإنه من لعن شيئا ليس له بأهل رجعت اللعنة عليه " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

ابن عباس ﷛ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ وٽ هڪ شخص هوا تي لعنت ڪئي. ارشاد فرمايائون: هوا تي لعنت نہ ڪريو. ڇاڪاڻ تہ اها ﷲ جي حڪم جي پابند آهي ۽ جيڪو ان تي لعنت ڪندو جنهن جو اهو حقدار نہ آهي تہ لعنت ان تي واپس اچي پوندي (ترمذي) چوي ٿو حديث غريب آهي.

(1518) وعن أبي بن كعب قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تسبوا الريح فإذا رأيتم ما تكرهون فقولوا : اللهم إنا نسألك من خير هذه الريح وخير ما فيها وخير ما أمرت به ونعوذ بك من شر هذه الريح وشر ما فيها وشر ما أمرت به " . رواه الترمذي

ابي بن ڪعب ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:هوا کي گاريون نہ ڏيو. پوءِ جيڪڏهن ڪا اهڙي شيءِ ڏسو جيڪا اوهان کي ناپسند لڳي تہ دعا گهرندا ڪريو: اي ﷲ !اسان تو کان هن هوا جي ڀلائي جو سوال ڪريون ٿا ۽ ان ڀلائي جو جيڪا ان منجهہ آهي ۽ ان ڀلائيءَ جو جنهن جو ان کي حڪم ڪيو ويو آهي توکان ان هوا جي برائي جي پناهہ ٿا پنون ۽ ان برائي کان پناهہ ٿا طلبيون جيڪا ان ۾ آهي ۽ جنهن برائي جو ان کي حڪم ڪيو ويو آهي. (ترمذي)

(1519) وعن ابن عباس قال : ما هبت ريح قط إلا جثا النبي صلى الله عليه وسلم على ركبتيه وقال : " اللهم اجعلها رحمة ولا تجعلها عذابا اللهم اجعلها رياحا ولا تجعلها ريحا " . قال ابن عباس في كتاب الله تعالى : ( إنا أرسلنا عليهم ريحا صرصرا ) و ( أرسلنا عليهم الريح العقيم ) ( وأرسلنا الرياح لواقح ) و ( أن يرسل الرياح مبشرات ) رواه الشافعي والبيهقي في الدعوات الكبير

---

[1]_ ڇاڪاڻ تہ انساني ۽ حيواني زندگيءَ جو دارو مدار هوا تي ئي آهي. هوا کان سواءِ هڪ پل بہ حيات رهي نہ ٿو سگهجي مگر اها هوا بہ جڏهن اعتدال جي حد کان زياده ٿي وڃي تڏهن عذاب ٿيو پوي جيئن پاڻي بہ هڪ رحمت آهي مگر اهو بہ جڏهن زياده ٿيو پوي تڏهن عذاب جي صورت وٺي ٿو.

[2]_ هوا پاڻي مٽي باهہ چنڊ ۽ سج ۽ ڪڪر ۽ گجگوڙ ۽ ڪنوڻ اهي سڀ ﷲ پاڪ جي حڪم هيٺ آهن تنهن ڪري ڪنهن بہ انسان کي انهن کي برو چوڻ نہ گهرجي ڪيترائي بيوقوف ماڻهو اڻ وٽندڙ شيءِ جيئن طوفان، سخت هوا ۽ زياده بارش ڏسي بڪ بڪ ڪندا آهن، اها تمام وڏي جهالت جي ڳالهہ آهي، ان کان پاڻ بہ بچجي ۽ ماڻهن کي بہ منع ڪجي.

ابن عباس رضي الله عنه كان روايت آهي تہ جڏهن بہ هلندي هئي نبيﷺ جن گوڏن پر ويهندا هئا ۽ دعا كندا هئا تہ اي الله !هن كي رحمت بناءِ ۽ هن عذاب نہ بناءِ اي الله!ان كي رحمت جي هوا بناءِ ۽ ان كي عذاب واري هوا نہ بناءِ. ابن عباس رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ (عذاب ۽رحمت جي هوا جو بيان)كتاب الله ۾ اهي (فرمائي ٿو) اسان انهنن تي تيز هوا موكلي (الحجر) ۽ اسان انهن تي عذاب واري هوا موكلي ۽ اسين اهڙي هوا موكليون ٿا جيكا ككرن كي آڻيندي آهي([1]) ۽ اهو خوشخبري ڏيندڙ هوائون موكليندو آهي(روم)

فائده: سند انتهائي درجہ جي ضعيف آهي ان ۾ علاءِ بن راشد راوي حد درجہ ضعيف آهي(مشكواة_ علامہ الباني ص481ج1)

(1520) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا أبصرنا شيئا من السماء تعني السحاب ترك عمله واستقبله وقال : " اللهم إني أعوذ بك من شر ما فيه " فإن كشفه حمد الله وإن مطرت قال : " اللهم سقيا نافعا " . رواه أبو داود والنسائي وابن ماجه والشافعي واللفظ له

عائشہ رضي الله عنها كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جڏهن آسمان ۾ كا شيءِ ڏسندا هئا_يعني ككر_ تہ پنهنجا كم كار ڇڏي قبلہ رخ ٿي دعا ۾ لڳي ويندا هئا _ ۽ چوندا هئا:اي الله! جيكا خرابي ان ۾ آهي ان كان تنهنجي پناهہ ٿو وٺان جيكڏهن ككر هٽي ويندا هئا تہ الله جي ساراهہ كندا هئا ۽ جيكڏهن مينهن وسندو هو تہ دعا كندا هئا اي الله !نفع ڏيندڙ مينهن وساءِ (ابو داؤد، نسائي، ابن ماجہ، شافعي) ۽ الفاظ ان جا آهن.

(1521) وعن ابن عمر أن النبي صلى الله عليه وسلم : كان إذا سمع صوت الرعد والصواعق قال : " اللهم لا تقتلنا بغضبك ولا تهلكنا بعذابك وعافنا قبل ذلك " . رواه أحمد والترمذي وقال : هذا حديث غريب

ابن عمر رضي الله عنه كان روايت آهي تہ نبيﷺ جن جڏهن كنوڻ ۽ گوڙ جو آواز ٻڌندا هئا تہ دعا كندا هئا تہ اي الله! اسان كي پنهنجي ڏمر سان قتل نہ كر ۽ پنهنجي عذاب سان هلاك نہ كر ۽ ان كان اڳ اسان كي عافيت عطا كر(احمد_ ترمذي) چوي ٿو تہ هيءَ حديث غريب آهي .

فائده: سند ۾ راوي ابو مطهر مجهول آهي (مشكواة _ علامہ الباني ص 482ج1)

## ٽيون فصل

[1]_ معلوم هجي تہ "ريح" عذاب جي هوا كي ۽ رياح رحمت جي هوا يعني مينهن كان اڳ ۾ ايندڙ واچوڙي كي چئبو آهي.

(1522) عن عامر بن عبد الله بن الزبير أنه كان إذا سمع الرعد ترك الحديث وقال : سبحان الذي يسبح الرعد بحمده والملائكة من خيفته . رواه مالك

**(عامربن)عبدالله بن زبير ؓ کان روايت آهي تہ پاڻﷺ جڏهن گوڙ جو آواز ٻڌندا هئا تہ ڳالهہ ٻولهہ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ ﷲ جي ساراهہ گجگوڙ (رعد) ۽ فرشتا بہ ﷲ جي خوف وچان تعريف بيان ڪر تا.**

# نماز جنازه جو بيان

# بيمار پرسي ۽ بيماريءَ جو بيان

## فصل پهريون

(1523) عن أبي موسى قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أطعموا الجائع وعودوا المريض وفكوا العاني " . رواه البخاري

**ابو موسیٰ ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو: بکئي کي کارايو ۽ بيمار جي طبع پرسي ڪريو ۽ قيدي ڇڏرايو[1] (بخاري)**

(1524) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " حق المسلم على المسلم خمس : رد السلام وعيادة المريض واتباع الجنائز وإجابة الدعوة وتشميت العاطس "

**ابو هريرهؓکان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: مسلمان جا مسلمان تي هي حق آهين:1_ سلام جو جواب ڏيڻ 2_ بيمار جي طبع پرسي ڪرڻ3_ جنازي سان گڏ هلڻ4_ دعوت قبول ڪرڻ5_ ڇڪ اچي تہ ان جو جواب ڏيڻ (بخاري مسلم)**

(1525) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " حق المسلم على المسلم ست " . قيل : ما هن يا رسول الله ؟ قال : " إذا لقيته فسلم عليه وإذا دعاك فأجبه وإذا استنصحك فانصح له وإذا عطس فحمد الله فشمته وإذا مرض فعده وإذا مات فاتبعه " . رواه مسلم

**ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ مسلمان جا مسلمان تي 6_ حق آهن. چيو ويو تہ اهي ڪهڙا آهن؟ اي ﷲ جا رسول!فرمايائون: جڏهن ان سان ملين تہ ان تي سلام ڪر2_ جڏهن دعوت ڏي تہ**

---

[1]_علي قاري لکي ٿو تہ اهي ٽئي ڪم فرض ڪفايہ آهن يعني جيڪڏهن هڪڙي شخص بجا آندا تہ سيني تان فرض ادا ٿي ويندو پر جيڪڏهن ڪوبہ نہ ڪندو تہ سڀ گنهگار ٿيندا فرض ڪفايہ جي اها معنيٰ آهي.

**قبول ڪر ([1]) 3_خير خواهي گهري تہ ساڻس خير خواهي ڪر 4_ ڇڪ اڇيس ۽ هو الحمدالله چوي تہ يرحمڪ الله چؤ ([2]) 5_ بيمار ٿئي تہ ان جي طبع پرسي ڪر 6_ مري وڃي تہ ان جي جنازي ۾ وڃ (مسلم)**

(1526) وعن البراء بن عازب قال : أمرنا النبي صلى الله عليه وسلم بسبع ونهانا عن سبع أمرنا : بعيادة المريض واتباع الجنائز وتشميت العاطس ورد السلام وإجابة الداعي وإبرار المقسم ونصر المظلوم ونهانا عن خاتم الذهب وعن الحرير والإستبرق والديباج والميثرة الحمراء والقسي وآنية الفضة وفي رواية وعن الشرب في الفضة فإنه من شرب فيها في الدنيا لم يشرب فيها في الآخرة

**براءَ بن عازب ﷛ ڪان روايت اهي تہ نبي ﷺ جن اسان ڪي ستن ڳالهين جو حڪم ڏنو (جيڪي هي آهن)، 1_ مريض جي طبع پرسي ڪرڻ، 2_ جنازن ۾ وڃڻ، 3_ ڇڪ واري جو جواب ڏيڻ، 4_سلام جو جواب ڏئڻ. 5_ دعوت ڏيندڙ جي دعوت قبول ڪرڻ، 6_ قسم ڪڻڻ واري ڪي سچو مڃڻ، 7_ مظلوم جي مدد ڪرڻ ۽ (ستن ڳالهين ڪان) اسان ڪي منع ڪيائين: 1_ (مردن لاءِ) سوني منڊي پائڻ، 2_ ريشم، 3_ استبرق، 4_ ديباج، 5_ ڳاڙهن گاديلن، 6_قس بستيءَ جي ڪپڙن، 7_ چانديءَ جي ٿانون ۾ ڪائڻ، _ هڪ روايت ۾ آهي تہ چانديءَ (جي ٿانون) ۾ پيئڻ ڪان (۽ فرمايائون) تہ جنهن دنيا ۾ انهن ۾ پيتو ان ڪي آخرت ۾ ان ۾ پيئڻ نصيب نہ ٿيندو.**

(1527) وعن ثوبان قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن المسلم إذا عاد أخاه المسلم لم يزل في خرفة الجنة حتى يرجع " . رواه مسلم

**ثوبان ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جڏهن مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي طبع پرسي ڪندو آهي تہ اهو هميشہ جنت جي باغن ۾ ڦل ڪائيندو رهندو تانجو موٽي اچي(مسلم)**

(1528) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الله عز وجل يقول يوم القيامة : يا ابن آدم مرضت فلم تعدني قال : يا رب كيف أعودك وأنت رب العالمين ؟ قال : أما علمت أن عبدي فلانا مرض فلم تعده ؟ أما علمت أنك لو عدته لوجدتني عنده ؟ يا ابن آدم استطعمتك فلم تطعمني قال : يا رب كيف أطعمك وأنت رب العالمين ؟ قال : أما علمت أنه استطعمك عبدي فلان فلم تطعمه ؟ أما علمت أنك لو

---

[1]_ مگر جيڪڏهن خلاف شرع جهڙوڪ دهل، شرنائيون، راڳ تماشا هوندا تہ ان جي دعوت قبول ڪرڻ فرض ڪونهي.

[2]_ يعني جيڪڏهن ڇڪ ڏي تہ ﴿ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ﴾ چوي جيئن ٻڌندڙ ڪيس جواب ۾ ﴿يَرْحَمُكَ اللّٰهُ﴾ چوي.

أطعمته لوجدت ذلك عندي ؟ يا ابن آدم استسقيتك فلم تسقني قال : يا رب كيف أسقيك وأنت رب العالمين ؟ قال : استسقاك عبدي فلان فلم تسقه أما إنك لو سقيته لوجدت ذلك عندي " . رواه مسلم

**ابو هريره ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو:الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن فرمائندو:اي آدمؑ جا اولاد! آئون بيمار ٿيس پر تو منهنجي طبع پرسي نہ ڪئي؟ عرض ڪندو اي پالڻهار!تون تہ جهانن جو پالڻهار آهين، تنهنجي طبع پرسي ڪئين ڪيان ها؟ الله فرمائيندو: توکي معلوم نہ هو تہ منهنجو فلاڻو ٻانهو بيمار آهي پر تو ان جي تيمار داري نہ ڪئي !([1]) ڇاتوکي معلوم نہ هو تہ جيڪڏهن تون ان جي طبع پرسي ڪرڻ اچين ها تہ تون مون کي ان وٽ موجود لهين ها. اي آدمؑ جا اولاد! مون تو کان کاڌو گهريو پر تو مون کي نہ کارايو. عرض ڪندو اي پالڻهار! تون تہ جهانن جو پالڻهار آهين، تو کي ڪئين کاڌو کاريان ها؟ فرمائيندو ڇا توکي معلوم نہ هو تہ منهنجي فلاڻي ٻانهي توکان کاڌو گهريو پر تو ان کي نہ کارايو. توکي خبر نہ هئي جيڪڏهن ان کي کارائين ها تہ ان (جو اجر) مون وٽ لهين ها.اي آدمؑ جا اولاد!مون تو کان پاڻي طلبيو، پر تو مون کي نہ پياريو! عرض ڪندو تہ اي پالڻهار! آئون تو کي ڪيئن پاڻي پياريان ها تون تہ رب العالمين آهين؟ فرمائيندو تہ تو کان منهنجي ٻانهي پاڻي گهريو پر تو ان کي نہ پياريو . ڇا تو کي معلوم نہ هو تہ جيڪڏهن تون ان کي پاڻي پيارين ها تہ مون وٽ (اڄ) ان جو اجر لهين ها. (مسلم)**

(1529) وعن ابن عباس : أن النبي صلى الله عليه وسلم دخل على أعرابي يعوده وكان إذا دخل على مريض يعوده قال : " لا بأس طهور إن شاء الله " فقال له : " لا بأس طهور إن شاء الله " . قال : كلا بل حمى تفور على شيخ كبير تزيره القبور . فقال : " فنعم إذن " . رواه البخاري

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن هڪ ڳوٺاڻي جي طبع پرسيءَ لاءِ ويا ۽ جڏهن بہ ڪنهن جي تيمارداري ڪرڻ ويندا هئا تہ فرمائندا هئا: ڪا ڳالهہ نہ آهي انشاءَ الله (توکي اها بيماري گناهن کان) پاڪ ڪندي _ ان کي چيائون تہ ڪا ڳالهہ نہ آهي انشاءَ الله (توکي بيماري گناهن کان) پاڪ ڪندي. ڳوٺاڻو چوڻ لڳو تہ هرگز نہ! بلڪ هڪ پوڙهو انسان تيز بخار ۾ آهي جيڪو ان کي قبرستان ئي پهچائيندو. نبيﷺ جن فرمايو چڱو ائين ئي ٿئي. (بخاري)**

(1530) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا اشتكى منا إنسان مسحه بيمينه ثم قال : " أذهب الباس رب الناس واشف أنت الشافي لا شفاء إلا شفاؤك شفاء لا يغادر سقما "

---

[1]_ بيمار کان پڇڻ لاءِ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن ان کي پڇين ها تہ هوند مون کي ان جي ويجهو ڏسين ها ۽ کارائڻ پيارڻ بابت فرمايو اٿس تہ جيڪڏهن بکايل اڃايل کي کارائين پيارين ها تہ هوند ان جو ثواب مون وٽ لهين ها انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ الله تعاليٰ بيمار جو ساٿي آهي تنهن ڪري بيمار کي پڇڻ جو ثواب کارائڻ پيارڻ کان بہ وڌيڪ آهي.

عائشہ ﷞ کان روايت آهير تہ جڏهن اسان مان ڪو انسان تڪليف محسوس ڪندو هو تہ رسول الله ﷺ جن ان تي پنهنجو هٿ گهمائيندا هئا. پوءِ دعا ڪندا هئا اي انسانن جا پالڻهار! هيءَ مصيبت دور فرماءِ ۽ شفا عطا ڪر_ تون ئي شفا ڏيندڙ آهين شفا نہ آهي مگر تنهنجي طرفان اهڙي شفا نصيب فرماءِ جيڪا بيماري ڪي بلڪل ختم ڪري (بخاري مسلم)

(1531) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان إذا اشتكى الإنسان الشيء منه أو كانت به قرحة أو جرح قال النبي صلى الله عليه وسلم بأصبعه : " بسم الله تربة أرضنا بريقة بعضنا ليشفى سقيمنا بإذن ربنا "

عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ جڏهن ڪوانسان ڪا تڪليف ڏسندو هو يا ان کي ڦٽ ڦرڙي ۽ ڪو زخم رسندو هو تہ نبيﷺ جن پنهنجي آڱر سان اشارو ڪندي (هن طرح) دعا ڪندا هئا (برڪت حاصل ڪريان ٿو) اسان جي ٿڪ اسان جي مٽي ۾ مليل آهي تہ جيئن اسان جي پروردگار جي حڪم سان اسان جي بيمار کي سفا نصيب ٿئي (بخاري مسلم)

(1532) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان النبي صلى الله عليه وسلم إذا اشتكى نفث على نفسه بالمعوذات ومسح عنه بيده فلما اشتكى وجعه الذي توفي فيه كنت أنفث عليه بالمعوذات التي كان ينفث وأمسح بيد النبي صلى الله عليه وسلم وفي رواية لمسلم قالت : كان إذا مرض أحد من أهل بيته نفث عليه بالمعوذات

عائشہ ﷞ کان روايت آهي تہ جڏهن نبيﷺ جن کي ڪا تڪليف پهچندي هئي تہ پنهنجي بدن تي ﴿قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِ النَّاسِ﴾ پڙهي دم ڪندا هئا ۽ پنهنجا هٿ ان تي گهمائيندا هئا جڏهن مرض الموت ۾ مبتلا ٿيا تہ مون مٿن معوذات پڙهي دم ڪيو جن سان پاڻ بہ دم ڪندا هئا (تبرڪ طور) نبي ﷺ جو هٿ جسم تي ڦيريندي رهيس _ مسلم جي روايت ۾ آهي تہ جڏهن سندن گهر وارن مان ڪو بيمار ٿيندو هو تہ ﴿قل اعوذ برب الفلق﴾ ۽ ﴿قل اعوذ برب الناس﴾ پڙهي ان تي دم ڪندا هئا.

(1533 وعن عثمان بن أبي العاص أنه شكا إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم وجعا يجده في جسده فقال له رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ضع يدك على الذي يألم من جسدك وقل : بسم الله ثلاثا وقل سبع مرات : أعوذ بعزة الله وقدرته من شر ما أجد وأحاذر " . قال : ففعلت فأذهب الله ما كان بي . رواه مسلم

عثمان بن ابو العاص ﷛ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن وٽ ان درد جي شڪايت ڪيائين جيڪو جسم ۾ محسوس پئي ڪيائين. پاڻ ان کي فرمايائون جنهن جاءِ تي توکي بدن ۾

**تڪليف آهي اتي هٿ رک![1] ۽ ٽي دفعا بسم الله چؤ ۽ ست دفعا چؤ: ﷲ جي عزت ۽ قدرت سان ان برائي کان پناهہ ٿو وٺان جيڪا آئون محسوس ڪريان ٿو ۽ جنهن جو خطرو لهان ٿو. چوي ٿو مون ان طرح ڪيو تہ ﷲ تعاليٰ اها تڪليف دور فرمائي جيڪا مون کي هئي (مسلم)**

(1534) وعن أبي سعيد الخدري أن جبريل أتى النبي صلى الله عليه وسلم فقال : يا محمد اشتكيت ؟ فقال : " نعم " . قال : بسم الله أرقيك من كل شيء يؤذيك من شرك كل نفس أو عين حاسد الله يشفيك بسم الله أرقيك . رواه مسلم

**ابو سعيد خدريؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن وٽ جبرائيلؑ آيو فرمايائين: اي محمدﷺ! اوهين تڪليف ۾ آهيو؟ فرمايائون هائو! انهيءَ چيو: ﷲ جي نالي سان اوهان کي هراذيت ڏيندڙ شيءِ ۽ هر ساهواري جي برائي ۽ هر حسد ڪندڙ کان پناهہ ۾ وٺان ٿو. ﷲ اوهان کي شفا نصيب ڪري. آئون ﷲ جي نالي سان اوهان تي دم ڪريان ٿو.[2] (مسلم)**

(1535) وعن ابن عباس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يعوذ الحسن والحسن : " أعيذكما بكلمات الله التامة من كل شيطان وهامة ومن كل عين لامة " ويقول : " إن أباكما كان يعوذ بها إسماعيل وإسحاق " . رواه البخاري وفي أكثر نسخ المصابيح : " بهما " على لفظ التثنية

**ابن عباس ؓ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن امام حسن ۽ حسين ؓ کي هن طرح دعا ڪندا هئا تہ توهان کي ﷲ جي مڪمل ڪلمات سان هر شيطان ۽ زهريلن جيتن ۽ جانورن ۽ بدنظر کان پناهہ ۾ ٿو ڏيان ۽ فرمائيندا هئا توهان جو والد (ابراهيمؑ) انهن الفاظن سان اسحاق ؑ ۽ اسماعيلؑ کي دعا ڏندو هو (بخاري) مصابيح جي اڪثر نسخن ۾ تثنيہ جو صيغو آهي يغني بِها جي بجاءِ بهما آهي مگر اها ڪاتب جي غلطي آهي جيئن طيبي چوي ٿو.**

(1536) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من يرد الله به خيرا يصب منه " . رواه البخاري

**ابو هريره ؓ کان روايت آهي تہ ﷲ جنهن سان ڀلائي گهرندو آهي ان کي مصيبتن ۾ مبتلا ڪندو آهي (بخاري)**

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ بدن ۾ جتي سور هجي اتي بيمار پنهنجو هٿ رکي3_ دفعا بسم الله ۽ ٻي دعا ست دفعا پڙهي پر جيڪڏهن گهڻن هنڌن ۾ درد آهي تہ هر هڪ جاءِ تي هٿ رکي اهي ذڪاريل لفظ پڙهي.

[2]_ نووي لکي ٿو تہ جبرئيلؑ حضورﷺ جن کي بيماري ان ڦيٽي سان دم ڪندا هئا. ٻي حديث ۾ آهي تہ بهشت ۾ بي حساب اهي ماڻهو ايندا جيڪي ڦيٽا نٽا ڪن. معلوم هئڻ گهرجي تہ انهن ٻنهي حديثن ۾ ڪابہ مخالفت ڪانهي ڇاڪاڻ تہ بيحساب بهشت ۾ اهي ويندا جيڪي ڪافرن وانگر انهن لفظن سان جن جي معنيٰ معلوم نہ هجي_ ڦيٽا نہ وجهائين متان انهن ۾ ڪفر ۽ شرڪ جو مضمون هجي مگر قرآن پاڪ جون آيتون ۽ حديث ۾ آيل دعائون پڙهي ڦيٽون وجهڻ کان ڪابہ منع ڪانہ آهي بلڪ ڦيٽو وجهڻ پيغمبري سنت آهي.

(1537) وعن أبي هريرة وأبي سعيد عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " ما يصيب المسلم من نصب ولا وصب ولا هم ولا حزن ولا أذى ولا غم حتى الشوكة يشاكها إلا كفر الله بها من خطاياه "

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن فرمايو ڪنهن مسلمان کي جيڪا ٿڪاوٽ، درد، فڪر، غم، تڪليف ۽ پريشاني ٿئي تانجو ان کي ڪنڊو لڳي تہ ان جي ذريعي ﷲ ان جا گناهہ دور فرمائيندو آهي. (بخاري مسلم)**

(1538) وعن عبد الله بن مسعود قال : دخلت على النبي صلى الله عليه وسلم وهو يوعك فمسسته بيدي فقلت : يا رسول الله إنك لتوعك وعكا شديدا . فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " أجل إني أوعك كما يوعك رجلان منكم " . قال : فقلت : ذلك لأن لك أجرين ؟ فقال : " أجل " . ثم قال : " ما من مسلم يصيبه أذى من مرض فما سواه إلا حط الله تعالى به سيئاته كما تحط الشجرة ورقها "

**عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آهي تہ آئون بنيﷺ جن وٽ آيس ڪين بخار هو. سندن جسم تي هٿ لڳايم تہ عرض ڪيم "اي ﷲ جا رسول! اوهان کي سخت بخار آهي. " نبيﷺ فرمايوت تہ هائو! مون کي توهان مان ٻن ڄڻن جيترو بخار هوندو آهي. عبدالله چوي ٿو، مون عرض ڪيو تہ ان جو سبب هيءُ آهي تہ اوهان کي ٻيڻو ثواب ملندو؟ فرمايائون هائو! ان کان پوءِ فرمائون جنهن مسلمان کي بيماري ٿئي تہ ان سان ﷲ ان جا گناهہ ائين ڇاڻندو آهي[1] جيئن وڻن جا پن (بخاري)**

(1539) **عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ کان وڌيڪ ڪنهن کي زياده سخت درد ۾ مبتلا نہ ڏٺو (بخاري_ مسلم)**

(1540) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : مات النبي صلى الله عليه وسلم بين حاقنتي وذاقنتي فلا أكره شدة الموت لأحد أبدا بعد النبي صلى الله عليه وسلم . رواه البخاري

**عائشہ ﷺ کان رويت آهي تہ نبي ﷺ جن مهنجي ڪڇ ۾ فوت ٿيا. نبيﷺ جن جي موت جي سڪرات کي ڏسڻ کان بعد آئون ڪنهن جي لاءِ موت جي سختيءَ کي ناپسند نہ ڪنديس (بخاري_مسلم)**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مسلمان کي ڪنهن بہ حالت ۾ صبر هٿان ڇڏڻ نہ گهرجي ڇاڪاڻ تہ تڪليف جي وقت صبر ڪرڻ سببان ڪيترا گناهہ ﷲ تعاليٰ معاف ڪري ڇڏي ٿو. ۽ آخرت ۾ اميد آهي تہ انهن لاءِ پڇا نہ ٿيندي.

(1541) وعن كعب بن مالك قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " مثل المؤمن كمثل الخامة من الزرع تفيئها الرياح تصرعها مرة وتعدلها أخرى حتى يأتيه أجله ومثل المنافق كمثل الأرزة المجذية التي لا يصيبها شيء حتى يكون انجعافها مرة واحدة "

**ڪعب بن مالڪ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو مسلمان جو مثال نرم ۽ نازڪ پوڪ جهڙو آهي جنهن کي هوائون لوڏينديون رهنديون آهن ([1]) ڪڏهن ان کي هيٺ نوائينديون تہ ڪڏهن اپو ڪنديون آهن. تانجو ان کي موت اچي ويندو آهي ۽ منافق جو مثال صنوبر وڻ جهڙو آهي، جيڪو زمين ۾ مضبوطيءَ سان قائم هوند آهي ان کي ڪو حادثو پيش نہ ايندو آهي تانجو هڪ دفعي سان ئي ان کي پاڙئون پٽي ڦٽي ڪيو ويندو آهي. (بخاري_مسلم)**

(1542) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " مثل المؤمن كمثل الزرع لا تزال لاريح تميله ولا يزال المؤمن يصيبه البلاء ومثل المنافق كمثل شجرة الأرزة لا تهتز حتى تستحصد "

**ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مؤمن جو مثال پوڪ وانگر آهي جنهن کي هوائون (هيڏي هوڏي) جهڪائنديون رهنديون آحن ۽ مؤمن کي هميشہ مصيبتون پهچنديون رهنديون آهن([2]) منافق جو مثال صنوبر جي وڻ وانگر آهي جو جيستائين ان کي وڍيو نہ وجي، ان کي ڪا حرڪت جنبش نہ ايندي آهي. (بخاري_مسلم)**

(1543) وعن جابر قال : دخل رسول الله صلى الله عليه وسلم على أم السائب فقال : " مالك تزفزفين ؟ " . قالت : الحمى لا بارك الله فيها فقال : " لا تسبي الحمى فإنها تذهب خطايا بني آدم كما يذهب الكير خبث الحديد " . رواه مسلم

**جابر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ام سائب ﷛ وٽ ويا فرمايائون: ڪهڙو سبب آهي جو ڏڪي رهي آهين. عرض ڪيائين تہ بخار اتم ﷻ ان ۾ برڪت نہ وجهي. فرمايائون: ائين نہ چئہ! ڇاڪاڻ تہ بخار ماڻهو جا گناه دور ڪندو آهي، جهڙي طرح بني لوهہ جي مر ۽ ڪٽ کي ساڙي ڇڏيندي آهي. (مسلم)**

(1544) وعن أبي موسى قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا مرض العبد أو سافر كتب له بمثل ما كان يعمل مقيما صحيحا " رواه البخاري

---

[1]_ سمجهڻ گهرجي تہ سختي موت جي فقط برن ماڻهن تي نہ ٿيندي آهي بلڪ نيڪ بختن تي بہ ٿيندي آهي مگر انهيءَ سختي جي عيوض ﷻ تعاليٰ ان جا گناه معاف ڪري ٿو ۽ انهن جي درجا بندي ڪري ٿو.

[2]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ بيماريون ۽ تڪليفون مسلمانن جو ڏاج آهن. انهي وسيلي گناهن کان پاڪ ٿيڻ اها سڀ کان وڏي سعادت ۽ سڀ کان وڏي خوشي آهي.

**ابو موسيٰ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن ٻانهو بيمار ٿيندو آهي يا سفر ڪندو آهي تہ ان لاءِ اهي عمل لکيا ويندا آهن، جيڪي گهر ۾ تندرستيءَ جي حالت ۾ ڪندو آهي. (بخاري)**

(1545) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الطاعون شهادة لكل مسلم "

**انس﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: طاعون هر مسلمان لاءِ شهادت (جو ڪارڻ) آهي (بخاري_ مسلم)**

(1546) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الشهداء خمسة المطعون والمبطون والغريق وصاحب الهدم والشهيد في سبيل الله "

**ابو هريره﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: شهيد پنج آحن (اهي هي آهن): 1_طاعون ۾ مري، 2_پيٽ جي بيماريءَ ۾ مري، 3_ٻڏي مري، 4_ڀت ڪرڻ سان مري، 5_ اللهﷻ جي واٽ ۾ قتل ٿئي. (بخاري_ مسلم)**

(1547) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : سألت رسول الله صلى الله عليه وسلم عن الطاعون فأخبرني : " أنه عذاب يبعثه الله على من يشاء وأن الله جعله رحمة للمؤمنين ليس من أحد يقع الطاعون فيمكث في بلده صابرا محتسبا يعلم أنه لا يصيبه إلا ما كتب الله له إلا كان له مثل أجر شهيد " . رواه البخاري

**عائشہ﷞ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ کان طاعون بابت پڇيو فرمايائون اهو هڪ عذاب آهي جيڪو اللهﷻ جنهن تي وڻيس موڪلي ۽ اللهﷻ ان کي مؤمنن لاءِ رحمت بڻايو آهي. ڪنهن شهر ۾ طاعون ڦهلجي تہ جيڪو اتي صبر ۽ اجر جي نيت سان ترسيو ۽ سندس يقين هجي تہ کيس اهوئي پهچندو جيڪو اللهﷻ ان لاءِ لکيو آهي تہ ان لاءِ شهيد جو اجر آهي.**

(1548) وعن أسامة بن زيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الطاعون رجز أرسل على طائفة من بني إسرائيل أو على من كان قبلكم فإذا سمعتم به بأرض فلا تقدموا عليه وإذا وقع بأرض وأنتم بها فلا تخرجوا فرارا منه "

**اسامہ بن زيد ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ طاعون (وبا) هڪ عذاب آهي جنهن ۾ بني اسرائيل جي هڪ گروهہ يا توهان کان اڳي ماڻهن کي مبتلا ڪيو ويو هو. جڏهن**

كنهن علائقي بابت ٻڌو ته اتي طاعون آهي ته نه وڃو ۽ جڏهن ان علائقي ۾ طاعون آهي ته نه وڃو ۽ جڏهن ان علائقي ۾ طاعون اچي جتي اوهان رهو ٿا ته اتان نه ڀڄو[1] (بخاري مسلم)

(1549) وعن أنس قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " قال الله سبحانه وتعالى : إذا ابتليت عبدي بحبيبتيه ثم صبر عوضته منهما الجنة " يريد عينيه . رواه البخاري

**انس ﷺ كان رويت آهي ته مون نبيﷺ كان فرمائيندي ٻڌو ته الله تعاليٰ فرمائيندو آهي ته جڏهن آئون پنهنجي كنهن ٻانهي كي ان جي ٻن محبوب شين ۾ آزمائيندو آهيان ۽ اهو ان تي صبر كري ته ان جي بدلي ان كي جنت عطا كندس. اهي ٻه شيون اكيون آهن. (بخاري)**

## ٻيو فصل

(1550) عن علي رضي الله عنه قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : ما من مسلم يعود مسلما غدوة إلا صلى عليه سبعون ألف ملك حتى يصبح وكان له خريف في الجنة " . رواه الترمذي وأبو داود

**علي ﷺ كان روايت آهي ته مون رسول اللهﷺ جن كان فرمائيندي ٻڌو ته جيكو مسلمان كنهن بيمار مسلمان جي صبح جو عيادت كندو ته ان لاءِ شام تائين ستر هزار فرشتا بخشش جي دعا گهرندا ۽ جيكڏهن شام جو ان جي تيمار داري كندو ته صبح تائين ان لاءِ ستر هزار فرشتا بخشش جي دعا گهرندا رهندا آهن ۽ جنت ۾ ان لاءِ باغ تيار ٿيندو آهي.(ترمذي_ ابوداؤد)**

(1551) وعن زيد بن أرقم قال : عادني النبي صلى الله عليه وسلم من وجع كان يصيبني . رواه أحمد وأبو داود

**زيد بن ارقم چوي ٿو ته منهنجي اكين ۾ سور هو، جنهن كري پاڻ سڳورنﷺ منهنجي عيادت كئي.[2] (احمد_ ابوداؤد)**

(1552) وعن أنس : قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من توضأ فأحسن الوضوء وعاد أخاه المسلم محتسبا بوعد من جهنم مسيرة ستين خريفا " . رواه أبو داود

**انس ﷺ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو ته جنهن سهڻي نموني وضو كيو[1] ۽ اجر جي نيت سان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت كيائين اهو دوزخ كان سٺ ورهين جي مفاصلي جيترو پري كيو ويندو آهي. (ابوداؤد)**

[1]_ نووي لكي ٿو ته كي ماڻهو چون ٿا ته جنهن ملك ۾ پليگ پوي اتان ڀڄڻ ۽ جتي اها بيماري هجي اتي وڃڻ به جائز آهي مگر صحيح مذهب هي آهي ته جنهن جاءِ طاعون هجي اتي وڃڻ ۽ اتان ڀڄڻ ٻنهي قسمن جي منع آهي مگر جيكڏهن كنهن كي تمام سخت ضرورت هجي ته وڃڻ ۽ اچڻ جائز آهي.

[2]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو ته اكين ۾ سور جهڙي معمولي بيماريءَ ۾ به بيمار پرسي كرڻ ضروري آهي.

**فائده:_ سند ضعيف آهي فضل بن دهم واسطي راوي لين الحديث آهي. (مشڪواة_ علامہ الباني 489ج1)**

(1553) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من مسلم يعود مسلما فيقول سبع مرات : أسأل الله العظيم رب العرش العظيم أن يشفيك إلا شفي إلا أن يكون قد حضر أجله " . رواه أبو داود والترمذي

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جيڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جي عيادت ڪري ۽ ست دفعا (هن طرح) چوي آئون عظيم خدا تعاليٰ، عرش عظيم جي مالڪ کان سوال ڪريان ٿو تہ توکي شفا عطا ڪري تہ ان کي شفا نصيب ٿيندي آهي مگر هي تہ ان جي موت جو وقت اچي وڃي. (ابوداؤد ، ترمذي)**

(1554) وعن ابن عباس أن النبي صلى الله عليه وسلم : كان يعلمهم من الحمى وم الأوجاع كلها أن يقولوا : " بسم الله الكبير أعوذ بالله العظيم من شر كل عرق نعار ومن شر حر النار " . رواه الترمذي وقال هذا حديث غريب لا يعرف إلا من حديث إبراهيم بن إسماعيل وهو يضعف في الحديث

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن ان کي بخار ۾ سيني بيمارين کان (هن طرح دم ڪرڻ) سيکاريندا هئا تہ چون: اللہ تمام وڏي ڪبريائين جي صاحب جي نالي، اللہ جي عظيم هستي کان هر اهڙي جوش هڻندڙ رڳ جي شر ۽ دوزخ جي گرميءَ جي شر کان پناهہ وٺان ٿو (ترمذي) چوي ٿو تہ هيءَ حديث غريب آهي جيڪا صرف ابراهيم بن اسماعيل ئي بيان ڪري ٿو ۽ اهو حديث ۾ ضعيف آهي.**

(1555) وعن أبي الدرداء قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " من أشتكى منكم شيئا أو اشتكاه أخ له فليقل : ربنا الله الذي في السماء تقدس اسمك أمرك في السماء والأرض كما أن رحمتك في السماء فاجعل رحمتك في الأرض اغفر لنا حوبنا وخطايانا أنت رب الطيبين أنزل رحمة من رحمتك وشفاء من شفائك على هذا الوجع . فيبرأ " . رواه أبو داود

**ابو درداءؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ کي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو توهان مان بيمار ٿئي يا ان جو (مسلمان) ڀاءُ بيمار ٿئي تہ (دم ڪندي) چوي اسان جو پالڻهار اللہ تعاليٰ آهي جيڪو آسمانن ۾ آهي تنهنجو نالو پاڪ آهي تنهنجو حڪم آسمان ۽ زمين ۾ آهي جهڙيءَ طرح تنهنجي رحمت آسمانن ۾ آهي اهڙيءَ طرح زمين بہ رحمت فرماءِ، اسان جا گناهہ ۽ اسان جون غلطيون**

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بيمار پرسي وقت وضو هجي سنت آهي. انهيءَ ۾ فائدو آهي تہ بيمار کي جيڪا دعا ڪندو يا ڦيٽو وجهندو ان جي برڪت سان بيمار کي انشاء اللہ تعاليٰ شفا ملندي پاڪائي ۾ وڌيڪ ثواب ۽ فائدو آهي.

معاف فرماءِ تون پاڪ آهين، ماڻهن جو پروردگار آهين، تون پنهنجي رحمت مان رحمت ۽ پنهنجي شفا مان شفا هن سور مٿان نازل ڪر ته انهيءَ دم سان تندرستي حاصل ٿي ويندي. (ابوداؤد)

فائده:_ سند ۾ زياده بن محمد راوي ڪي امام بخاري تمام ضعيف قرار ڏيندي منڪر الحديث چيو آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص490ج1)

(1556) وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا جاء الرجل يعود مريضا فليقل ك اللهم اشف عبدك ينكأ لك عدوا أو يمشي لك إلى جنازة " رواه أبو داود

عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو جڏهن ماڻهو بيمار جي طبع پرسي لاءِ وڃي ته (هن طرح) چوي: اي الله! پنهنجي ٻانهي کي شفا نصيب ڪر! تنهنجي دشمن کي زخمي ڪندو يا تنهن رضا لاءِ جنازه سان ويندو (ابوداؤد)

(1557) عن علي بن زيد عن أمية أنها سألت عائشة عن قول الله تبارك وتعالى : ( إن تبدوا ما في أنفسكم أو تخفوه يحاسبكم به الله ) وعن قوله : ( من يعمل سوءا يجز به ) فقالت : ما سألني عنها أحد منذ سألت رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " هذه معاتبة الله العبد فيما يصيبه من الحمى والنكبة حتى البضاعة يضعها في يد قميصه فيفقدها فيفزع لها حتى إن العبد ليخرج من ذنوبه كما يخرج التبر الأحمر من الكير " . رواه الترمذي

عل بن زيد، اميہ کان روايت ڪري ٿو ته انهيءَ عائشہ رضي الله عنها کان الله تعاليٰ جي هن قول (ترجمہ) اوهان جي اندر ۾ جيڪي آهي اهو ظاهر ڪريو يا لڪايو ان بابت توهان کان حساب وٺندو. هن فرمان(ترجمہ) جيڪو برائي ڪندو ان جي سزا پوڳيندو بابت دريافت ڪيو. چيائين جڏهن کان مون رسول الله صلي الله عليه وسلم کان اهو پڇيو آهي ته اڄ تائين (توکان سواءِ) ڪنهن به نه پڇيو آهي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم فرمايو اهو (الله جي پاران) ٻانهي جي پڪڙ ڪرڻ آهي. ان کي جيڪو به بخار اچي يا ڏک لڳي، تانجو کيسي ۾ مال وجهي ۽ پوءِ گم ٿي وڃيس ته (ان ڪري ان کي جيڪا تڪليف ۽ پريشاني ٿيندي آهي، ان سان) اهڙيءَ طرح گناهہ کان پاڪ ٿيندو آهي جهڙيءَ طرح سون جو ٻاڙهو ڳنڍيو ڀٺيءَ مان صاف شفاف ٿي نڪرندو آهي. (ترمذي)

(1558) وعن أبي موسى أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " لا يصيب عبدا نكبة فما فوقها أو دونها إلا بذنب وما يعفو الله عنه أكثر وقرأ : ( وما أصابكم من مصيبة فبما كسبت أيديكم ويعفو عن كثير ) رواه الترمذي

ابو موسيٰ رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته ڪنهن شخص کي ڪا ننڍي يا وڏي مصيبت پهچندي آهي ته ان جي گناهن جي وجہ سان پهچندي آهي البتہ جيترا گناهہ الله معاف ڪندو آهي اهي تمام گهڻا آهن پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم آيت تلاوت ڪئي. توهان کي جيڪا مصيبت پهچندي آهي اهو سبب توهان جي گناهن جي ڪري آهي جڏهن ته گهڻن گناهن کي اهو معاف ڪري ڇڏيندو آهي. (ترمذي)

**فائده:_ هن روايت جي سند ۾ عبيدالله بن وازع ۽ ان جو استاد شيخ من بني مرﷺ ٻئي مجهول آهن (مشڪواة_علامہ الباني ص 491ج1)**

(1559) وعن عبد الله بن عمرو قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن العبد إذا كان على طريقة حسنة من العبادة ثم مرض قيل للملك الموكل به : اكتب له مثل عمله إذا كان طليقا حتى أطلقه أو أكفته إلي "

**عبدالله بن عمرو ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو: جڏهن ڪو ماڻهو سهڻي نموني عبادت ڪندو آهي. پوءِ بيمار ٿي پوندو آهي تہ ان فرشتي کي حڪم ڏنو ويندو آهي، جيڪو ان سان گڏ مقرر هوندو آهي تہ ان جو عمل اهڙيءَ طرح لکندو رهہ جيئن تندرستيءَ ۾ ڪندو هو تانجو ان کي بيماريءَ کان نجات ڏيان يا موت ڏيان.**

(1560) وعن أنس أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إذا ابتلي المسلم ببلاء في جسده قيل للملك : اكتب له صالح عمله الذي كان يعمل فإن شفاه غسله وطهره وإن قبضه غفر له ورحمه " . رواهما في شرح السنة

**انسﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن ڪو مسلمان ڀانهو پنهنجي بدني بيماري يا تڪليف سان آزمايو ويندو آهي تہ فرشتي کي چيو ويندو آهي تہ ان لاءِ اهو نيڪ عمل لکندو رهہ، جيڪو (تندرستيءَ ۾) ڪندو هو جيڪڏهن ان کي بيماريءَ کان شفا ملندي آهي. تہ بيماري ان کي گناهن کان ڌوئي پاڪ صاف ڪندي آهي ۽ جيڪڏهن ان جو روح قبض ٿيو تہ ان تي مغفرت ۽ رحمت ڪندو آهي. (شرح السنه)**

(1561) وعن جابر بن عتيك قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الشهادة سبع سوى القتل في سبيل الله : المطعون شهيد والغريق شهيد وصاحب ذات الجنب شهيد والمبطون شهيد وصاحب الحريق شهيد والذي يموت تحت الهدم شهيد والمرأة تموت بجمع شهيد " . رواه مالك وأبو داود والنسائي

**جابر بن عتيڪ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ﷲ جي واٽ ۾ قتل ٿيڻ کان سواءِ ست ڄڻا شهيد آهن: 1_ طاعون (وبا) ۾ مري اهو شهيد آهي. 2_ ٻڏي مري اهو شهيد آهي، 3_ پاسي جي سور سبباں مري اهو شهيد آهي، 4_ پيٽ جي بيماري وگهي مري اهو شهيد آهي. 5_ سڙي مري اهو شهيد آهي. 6_ جاءِ هيٺيان دٻجي مري اهو شهيد آهي. 7_ عورت جيڪا پيٽ (حمل) جي حالت ۾ مري اها شهيد آهي. (مالڪ، ابوداؤد، نسائي)**

(1562) وعن سعد قال : سئل النبي صلى الله عليه وسلم : أي الناس أشد بلاء ؟ قال : " الأنبياء ثم المثل فالأمثل يبتلى الرجل على حسب دينه فإن كان صلبا في دينه اشتد بلاؤه وإن كان في دينه رقة هون عليه فما زال كذلك حتى يمشي على الأرض مال ذنب " . رواه الترمذي وابن ماجه والدارمي وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح

سعد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کان پڇيو ويو تہ ماڻهن ۾ سڀني کان سخت مصيبت ۾ مبتلا ڪير هوندا آهن؟ فرمايائون تہ نبي سڳورا عليهم السلام هوندا آهن. ان کان بعد اهي جيڪي وڌيڪ فضيلت وارا هوندا آهن، ان کان بعد اهي جيڪي فضيلت وارا هوندا آهن، هر شخص کي ان جي ديناري موجب آزمايو ويندو آهي.([1]) جيڪڏهن ان جي دين ۾ سختي ۽ استقامت هوندي آهي تہ ان کي شديد مصيبتن ۾ آزمايو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ان جي ديناريءَ ۾ ڪمزوري هوندي آهي تہ ان جي آزمائش هلڪي هوندي آهي. اهڙيءَ طرح مصيبتن ۾ مبتلا ٿيندو رهندو آهي تانجو گناهن کان پاڪ صاف ٿي زمين ۾ گهمندو ڦرندو رهندو آهي. (ترمذي، ابن ماجہ، دارمي) ترمذي چوي ٿو تہ هي حديث حسن صحيح آهي.

(1563) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : ما أغبط أحدا بهون موت بعد الذي رأيت من شدة موت رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه الترمذي والنسائي

عائشہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ جڏهن کان مون نبي ﷺ جي موت جي سختيءَ جو مشاهدو ڪيو آهي، ڪنهن شخص جي آرام سان مرڻ تي مون کي ريس نہ ٿيندي([2]) (ترمذي، نسائي)

(1564) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : رأيت النبي صلى الله عليه وسلم وهو بالموت وعنده قدح فيه ماء وهو يدخل يده في القدح ثم يمسح وجهه ثم يقول : " اللهم أعني على منكرات الموت أو سكرات الموت " . رواه الترمذي وابن ماجه

عائشہ رضي الله عنها روايت آهي تہ مون نبي ﷺ جي موت (جوڏيک) ڏٺو. وٽن ٿانو ۾ پاڻي هو، پاڻ ٿانو ۾ هٿ وجهي منهن تي هٿ گهمائي رهيا هئا ۽ هيءَ دعا گهري رهيا هئا: اي الله! موت جي تڪليفن يا موت جي سختين([3]) ۾ منهنجي مدد فرماءِ ([4]) (ترمذي)، ابن ماجہ)

فائده:_ سند ۾ ابو موسيٰ بن سرجس راوي کي ڪنهن امام اعتماد جوڳو قرار نہ ڏنو آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص 493ج1)

---

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ خدا تعاليٰ جا نيڪ ٻانها گهڻو ڪري مصيبت، سختي ۽ تڪليف ۾ آزمايا ويندا آهن انهن لاءِ اها مصيبت، سختي، ڏک ۽ بيماري خدا تعاليٰ جو غضب نہ سمجهڻ گهرجي بلڪ اهو گناهن ۽ خطائن لاءِ هڪ قسم جو ڪفارو آهي.

[2] _ بلڪ منهنجو هي اعتقاد آهي تہ موت جي سختي ۾ ڀلائي آهي جا ڀلائي موت جي آساني ۾ نہ آهي.

[3] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سڪرات جي سختي ڪابري شيءِ نہ آهي بلڪ انهيءَسان نيڪ ماڻهو جا درجا وڌن ٿا.

[4] _ يعني سختي سهڻ لاءِ مون کي صبر تي توفيق ڏي.

(1565) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا أراد الله تعالى بعبده الخير عجل له العقوبة في الدنيا وإذا أراد الله بعبده الشر أمسك عنه بذنبه حتى يوافيه به يوم القيامة " . رواه الترمذي

**حصرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي سان ڀلائيءَ جو ارادو ڪندو آهي تہ ان کي (گناهن جي) سزا نيا ۾ جلدي ڏيندو آهي ۽ جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن ٻانهي سان برائيءَ جو ارادو ڪندو آهي تہ ان لاءِ (گناهن جي) سزا روڪي رکندو آهي تانجو ان کي قيامت جي ڏينهن پوري پوري سزا ڏيندو آهي. (ترمذي)**

(1566) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن عظم الجزاء مع عظم البلاء وإن الله عز وجل إذا أحب قوما ابتلاهم فمن رضي فله الرضا ومن سخط فله السخط " . رواه الترمذي وابن ماجه

**انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ثواب ۽ اجر وڏيڪ هجڻ مصيبت جي سختيءَ تي مدار رکي ٿو. تحقيق الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن جماعت کي محبوب رکندو آهي تہ انهن کي مصيبت ۾ وجهي آزمائيندو آهي. پوءِ جيڪو ان جي آزمائش تي راضي رهيو تہ ان کي الله جي رضا حاصل ٿيندي ([1]) ۽ جيڪو ان تي ناراض ٿيو تہ ان کي الله جو ڏمر حاصل ٿيندو (ترمذي۔ ابن ماجہ)**

(1567) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يزال البلاء بالمؤمن أو المؤمنة في نفسه وماله وولده حتى يلقى الله تعالى وما عليه من خطيئة " . رواه الترمذي وروى مالك نحوه وقال الترمذي : هذا حديث حسن صحيح

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مومن مرد ۽ عورت تي ان جي جسم، مال ۽ اولاد ۾ مسلسل مصيبتون نازل ٿينديون رهنديون آهن، تانجو جڏهن ان جي الله تعاليٰ سان ملاقات ٿيندي آهي تہ اهو گناهن کان پاڪ ۽ صاف هوندو آهي. (ترمذي) امام مالڪ بہ ان طرح بيان ڪيو. ترمذي چوي ٿو تہ هيءَ حديث حسن صحيح آهي.**

(1568) وعن محمد بن خالد السلمي عن أبيه عن جده قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن العبد إذا سبقت له من الله منزلة لم يبلغها بعمله ابتلاه الله في جسده أ في ماله أو في ولده ثم صبره على ذلك يبلغه المنزلة التي سبقت له من الله " . رواه أحمد وأبو داود

**محمد بن خالد سلمي پنهنجي پيءُ کان اهو ان جي ڏاڏي کان روايت ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ڪنهن شخص لاءِ جڏهن الله تعاليٰ وٽ بلند مقام ان جي علم ۾ هوندو آهي ۽ ان کي**

---

[1]_ هن حديث جو مطلب هي آهي تہ ٻانهي جو تڪليف وقت راضي ٿيڻ هڪ قسم جي نشاني آهي جيڪو تڪليف ۾ صبر ڪري راضي رهي تہ ان کي سمجهڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ مون کان راضي آهي، جيڪ ماڻهو ناراض ٿئي ان کي سمجهڻ گهرجي تہ مون تي الله تعاليٰ جوغصہ آهي.

پنهنجي عمل سان حاصل ڪري نہ سگهندو آهي تہ ﷲ ان کي جسماني يا مالي يا اولاد جي پريشانين ۽ مصيبتن ۾ مبتلا ڪندو آهي پوءِ ان کي صبر جي (توفيق) عطا ڪندو آهي. تڏهن ان کي اهو درجو حاصل ٿيندو آهي جيڪو ﷲ تعاليٰ جي علم ۾ ان لاءِ هوندو آهي (احمد، ابو داؤد)
فائده: حديث ۾ محمد بن خالد راوي مجهول آهي (مشڪوة _علامہ الباني ص 494 ج1)

(1569) وعن عبد الله بن شخير قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " مثل ابن آدم وإلى جنبه تسع وتسعون منية إن أخطأته المنايا وقع في الهرم حتى يموت " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

عبدالله بن شخير ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: آدم جي اولاد جي حالت هيءَ آهي تہ ان جي پاسي ۾ موت جا نوانوي سبب هوندا آهن انهن ۾ موت جي سبب کان نڪري بہ وڃي تہ ڪداڙاپ ۾ وڃي ڪرندو آهي[1] تانجو فوت ٿئي (ترمذي) چوي ٿو تہ هي حديث غريب آهي.

(1570) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يود أهل العافية يوم القيامة حين يعطى أهل البلاء الثواب لو أن جلودهم كانت قرضت في الدنيا بالمقاريض " . رواه الترمذي

جابر ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: قيامت جي ڏينهن مصيبت جي ماريل ماڻهن کي ثواب ۽ اجر ملندو تہ تندرست ماڻهو خواهش ڪندا تہ ڪاش دنيا ۾ انهن جي کل قينچيءَ سان ڪٽي وڃي ها (ترمذي) چوي ٿو تہ حديث غريب آهي.

(1571) وعن عامر الرام قال : ذكر رسول الله صلى الله عليه وسلم الأسقام فقال : " إن المؤمن إذا أصابه السقم ثم أعفاه الله منه كان كفارة لما مضى من ذنوبه وموعظة له فيما يستقبل . وإن المنافق إذا مرض ثم أعفي كان كالبعير عقله أهله ثم أرسلوه فلم يدر لم عقلوه ولم يدر لم أرسلوه " . فقال رجل يا رسول الله وما الأسقام ؟ والله ما مرضت قط فقال : " قم عنا فلست منا " . رواه أبو داود

عامر رامي ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن بيمارين جو بيان فرمايائون مؤمن جڏهن بيمار ٿيندو آهي پوءِ ﷲ تعاليٰ ان کي تندرستي عطا ڪندو آهي تہ بيماري ان جي گذريل گناهن جو ڪفارو ٿيندي ۽ آئنده انکي تنبيہ ٿيندي آهي ليڪن منافق[2] جڏهن بيمار ٿيڻ کان بعد تندرست ٿيندو آهي تہ اهو ان اٺ وانگر هوندو آهي جنهن کي گهر وارن ٻڌي پوءِ ڇوڙيو هجي. معلوم نہ هوندو اٿس تہ ان کي ڇاجي ڪري ٻڌو ۽ ڇاجي ڪري ڇڏيو اٿن. هڪ شخص چيو تہ اي ﷲ جا

[1] _ يعني انسان کي دنيا ۾ بي انداز مصيبتن ۾ گرفتار ٿيڻو آهي جن مان گهٽو ڪري ان جو بچڻ محال آهي پر جيڪڏهن انهن سيني مصيبتن مان بچيو تہ آخري پيري ۾مصيبت جو شڪار ٿيندو جا لا علاج آهي جنهن ۾ نيٺ مرڻ کان سواءِ ٻيو چاڙهو ڪونهي.

[2] _ يعني منافق بيماري سان نڪا نصيحت وٺندو نڪي بيماري سببان توبہ ڪندو انهيءَ ڪري ان کي بيماري فائديمند نہ ٿيندي نہ گناهن جو ڪفارو ٿيندو نہ آئيندي ۾ ان کي عبرت حاصل ٿيندي.

رسول ﷺ! بيماري ڇا هوندي آهي؟ الله جو قسم! آئون ڪڏهن بيمار نہ ٿيو آهيان فرمايائون تہ اٿي اسان ڪان پري ٿيءُ تون اسان جي طريقي تي نہ آهين.(ابوداؤد)

فائده:_ سند ۾ ابو منظور شامي راوي مجهول آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص 494ج1)

(1572) وعن أبي سعيد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا دخلتم على المريض فنفسوا له في أجله فإن ذلك لا يرد شيئا ويطيب بنفسه " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب

ابو سعيد خدري ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن بيمار جي طبع پرسيءَ لاءِ وڃو تہ ان کي ڊگهي عمر[1] جي دلجاءِ ڏيو ان سان تقدير تہ رد نہ ٿي سگهندي پر مريض کي ان سان راحت رسندي (ترمذي_ ابن ماجہ) ترمذي چوي ٿو تہ اها حديث غريب آهي.

فائده:_ سند ۾ موسيٰ بن محمد بن ابراهيم تيمي راوي منڪر الحديث آهي. (مشڪواة_ علامہ الباني ص495ج1)

(1573) وعن سليمان بن صرد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من قتله بطنه لم يعذب في قبره " رواه أحمد والترمذي وقال : هذا حديث غريب

سليمان بن صرد ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايوَ: جنهن کي پيٽ جي بيماري ماري، ان کي قبر جو عذاب نہ ٿيندو. (احمد_ ترمذي) ترمذي چوي ٿو هي حديث غريب آهي.

## ٽيون فصل

(1574) عن أنس قال : كان غلام يهودي يخدم النبي صلى الله عليه وسلم فمرض فأتاه النبي صلى الله عليه وسلم يعوده فقعد عند رأسه فقال له : " أسلم " . فنظر إلى أبيه وهو عنده فقال : أطع أبا القاسم . فأسلم . فخرج النبي صلى الله عليه وسلم وهو يقول : " الحمد لله الذي أنقذه من النار " . رواه البخاري

انس ﷛ جو بيان آهي تہ هڪ يهودي غلام، نبي ﷺ جي خدمت ڪندو هو، بيمار ٿيو نبي ﷺ ان جي عيادت لاءِ ان وٽ آيا ۽ ان جي مٿانهينءَ کان وينا. ان کي چيائون تہ اسلام آڻ. هو پنهنجي پيءُ ڏانهن نهارڻ لڳو جيڪو وٽس وينو هو. چيائينس تہ ابوالقاسم ( محمد ﷺ) جو چيومڃ. تڏهن اسلام آندائين. پوءِ نبي ﷺ جن هي فرمائيندا نڪتا: ان الله جي ساراه جنهن ان کي باهہ کان بچايو.(بخاري)

[1]_ يعني هيئن چؤ تہ تنهنجي ڇماروڏي آهي ۽ هيءَ بيماري هڪ معمولي آهي تون انشاءَ الله تعالي ترت چڱو ڀلو ٿي ويندين ۽ توکي الله تعاليٰ وڏي عمر ڏيندو.

(1575) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من عاد مريضا نادى مناد في السماء : طبت وطاب ممشاك وتبوأت من الجنة منزلا " . رواه ابن ماجه

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو بيمار جي طبع پرسي ڪندو آهي تہ آسمان کان اعلان ڪرڻ وارو پڪاريندو آهي تہ تنهنجو حال عمده ٿيو، تنهنجو هلڻ مبارڪ آهي ۽ تو جنت ۾ عظيم منزل حاصل ڪئي آهي. (ابن ماجہ)**

(1576) وعن ابن عباس قال : إن عليا خرج من عند النبي صلى الله عليه وسلم في وجعه الذي توفي فيه فقال الناس : يا أبا الحسن كيف أصبح رسول الله صلى الله عليه وسلم ؟ قال : أصبح بحمد الله بارئا . رواه البخاري

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ عليﷺ نبيﷺ جن وٽان ان بيماريءَ دوران نڪتو، جنهن ۾ وفات پاتائون ماڻهن پڇيو تہ اي حسن جا پيءُ رسول اللهﷺ جو حال ڪيئن آهي؟ جواب ڏنائين تہ الله جي فضل سان سندن حال سنو آهي[1](بخاري)**

(1577) وعن عطاء بن أبي رباح قال : قال لي ابن عباس رضي الله عنه : ألا أريك امرأة من أهل الجنة ؟ فقلت : بلى . قال : هذه المرأة السوداء أتت النبي صلى الله عليه وسلم فقالت : إني أصرع وإني أتكشف فادع الله تعالى لي . قال : " إن شئت صبرت ولك الجنة وإن شئت دعوت الله تعالى أن يعافيك " فقالت : أصبر فقالت : إني أتكشف فادع الله أن لا أتكشف فدعا لها

**عطا بن ابي رباح جو بيان آهي تہ مون کي ابن عباسﷺ چيو تہ چا توکي اها عورت ڏيکاريان جيڪا جنتي آهي؟ مون چيو تہ هائو! فرمايائين هيءَ ڪاري رنگ جي عورت_ نبيﷺ جن وٽ آئي ۽ عرض ڪيائين تہ اي الله جا رسولﷺ! مون کي مرگهي ٿيندي آهي ۽ (ان دوري ۾) اگهاڙي ٿي پوندي آهيان، منهنجي حق ۾ الله کان دعا گهرو. فرمايائين جيڪڏهن گهرين تہ صبر ڪرين ۽ تو لاءِ جنت هوندي ۽ جيڪڏهن گهرين تہ تو لاءِ الله کان دعا گهران تہ توکي تندرستي عطا ڪري؟ عرض ڪيائين: آئون صبر ڪنديس وڏيڪ چيائين پر آئون اگهاڙي ٿي پوندي آهيان پوءِ پلا الله کان دعا گهرو تہ اگهاڙي نہ ٿيان. پاڻ ان لاءِ دعا ڪيائون[2] (بخاري مسلم)**

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ نيڪ فال طور جواب ۾ چئجي تہ خدا پاڪ جو شڪر آهي بيمارنيڪ آهي.

[2] _ يعني بي اختيار مرگهيءَ جي دوري ۾ ستر کلي ويندو هو جو حضورﷺ جن جي دعا سان وري نہ کليو. هن حديث ۾ مرگهيءَ وارو جيڪڏهن صبر ڪري تہ ان جي فضيلت معلوم ٿي ۽ اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ دوا کي ترڪ ڪرڻ بہ جائز آهي مگر دوا ڪرڻ بہ مسنون آهي. جيڪڏهن ڪا اهڙي بيماري هجي جنهن ۾ دوا ڪرڻ کان سواءِ موت جو خوف آهي تہ ان ۾ دوا ڪرڻ ضروري آهي.

(1578) وعن يحيى بن سعيد قال : إن رجلا جاءه الموت في زمن رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال رجل : هيئا له مات ولم يبتل بمرض فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ويحك وما يدريك لو أن الله ابتلاه بمرض فكفر عنه من سيئاته " . رواه مالك مرسلا

**يحىٰ بن سعيد بيان ڪري ٿو تہ هڪ شخص کي نبي ﷺ جي زماني ۾ موت آيو. هڪ شخص چيو هيءُ خوش نصيب آهي بيمار ٿيڻ کان بعير فوت ٿيو. رسول الله ﷺ جن فرمايو توتي افسوس آهي توکي معلوم نہ آهي تہ جيڪڏهن ﷻ ان کي بيماريءَ ۾ مبتلا ڪري ها تہ ان جا گناھ ختم ٿين ها. (مالڪ مرسل بيان ڪئي)**

(1579) وعن شداد بن أوس والصنابحي أنهما دخلا على رجل مريض يعودانه فقالا له : كيف أصبحت قال أصبحت بنعمة . فقال له شداد : أبشر بكفارات السيئات وحط الخطايا فإني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إن الله عز وجل يقول إذا أنا ابتليت عبدا من عبادي مؤمنا فحمدني على ما ابتليته فإنه يقوم من مضجعه ذلك كيوم ولدته أمه من الخطايا . ويقول الرب تبارك وتعالى : أنا قيدت عبدي وابتليته فأجروا له ما كنتم تجرون له وهو صحيح " . رواه احمد

**شداد بن اوس ۽ صنابحي کان روايت آهي تہ ٻئي ڪنهن بيمار جي طبع پرسي ڪرڻ لاءِ ويا. پڇيائونس تہ ڇا حال اٿئي؟ جواب ڏنائين مون تي ﷻجو احسان آهي. شداد ﷛ چيس تہ خوش ٿيءُ جو تنهنجا گناھ معاف ٿي ويا ۽ غلطيون ميٽجي ويون. مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو آهي ﷻ فرمائيندو آهي جڏهن آئون ڪنهن مؤمن ٻانهي کي آزمائيندو آهيان ۽ انهيءَ آزمائڻ تي منهنجي تعريف ڪندو آهي تہ جڏهن بيماريءَ مان اٿندو آهي ان وقت ان جي حالت اهڙي هوندي جنهن وقت ان جي ماءُ ان کي گناهن کان پاڪ ڄڻيو هو ۽ ﷻ تعاليٰ (فرشتن) کي فرمائيندو آهي تہ مون پنهنجي ٻانهي کي بيماريءَ ۾ قيد ڪيو ۽ ان کي آزمايو. توهان ان لاءِ اهي عمل لکندا رهو جيڪي تندرستيءَ جي حالت ۾ ان لاءِ لکندا هئا. (احمد)**

(1580) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا كثرت ذنوب العبد ولم يكن له ما يكفرها من العمل ابتلاه الله بالحزن ليكفرها عنه " . رواه أحمد

**عائشہ ﵂ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ج فرمايو تہ جڏهن ٻانهن جا گناھ ٿيندا آهن تہ ﷻ ان کي غم ۾ مبتلا ڪندو آهي. جيئن (اهو غم) ان لاءِ ڪفاره ٿئي. (احمد)**

**فائده:_ سند ۾ ليث بن ابي سليم راوي ضعيف آهي (مشڪواة_ علامہ الباني 497ج1)**

(1581) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من عاد مريضا لم يزل يخوض الرحمة حتى يجلس فإذا جلس اغتمس فيها " . رواه مالك وأحمد

**جابر ﵁ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جيڪو بيمار جي طبع پرسي ڪندو آهي تہ اهو ﷲ جي رحمت ۾ گهريل رهندو آهي تانجو ويهي. جڏهن ويهندو آهي تہ (ﷲ جي) رحمت ۾ ٻڏي ويندو آهي. (مالڪ _احمد)**

(1582) وعن ثوبان أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إذا أصاب أحدكم الحمى فإن الحمى قطعة من النار فليطفها عنه بالماء فليستنقع في نهر جار وليستقبل جريته فيقول : بسم الله اللهم اشف عبدك وصدق رسولك بعد صلاة الصبح وقبل طلوع الشمس ولينغمس فيه ثلاث غمسات ثلاثة أيام فإن لم يبرأ في ثلاث فخمس فإن لم يبرأ في خمس فسبع فإن لم يبرأ في سبع فتسع فإنها لا تكاد تجاوز تسعا بإذن الله عز وجل " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

**ثوبان ﵁ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جڏهن توهان مان ڪنهن کي بخار اچي، پوءِ بيشڪ بخار دوزخ جو ٽڪرو آهي، ان ڪري ان کي پاڻيءَ سان وسائي. ([1]) فجر نماز کان بعد، سج اڀرڻ کان اڳ هلندڙ پاڻيءَ جو غوطو هڻي. ٽن ڏينهن تائين ٽي ٽي غوطا هڻي، جنهن طرف کان پاڻي اچي ان طرف رخ ڪري ۽ (هن طرح) دعا ڪري ﷲ جي نالي سان_ اي ﷲ پنهنجي ٻانهي کي شفا عطا ڪر ۽ پنهنجي رسول ﷺجو قول سچو فرماءِ. ٽن ڏينهن ۾ تندرستي نصيب نہ ٿئي تہ پنجن ڏينهن تائين اهو عمل ڪري. پنجن ۾ تندرستي نہ ٿئي تہ ستن ڏينهن ڪري، ستن ۾ بہ صحتياب نہ ٿئي تہ نون ڏينهن تائين ان طرح ڪري. ﷲ جي حڪم سان نون ڏينهن کان وڌيڪ بخار نہ رهندو (ترمذي) چوي ٿو تہ حديث غريب آهي.**

---

[1]_ ڄاڻن گهرجي تہ بخار ۾ غسل ڪرڻ سيني ڏاهن وٽ مفيد آهي مگر ڪن بخارن ۾ ٿڌي پاڻي سان غسل ڪرڻ گهرجي، ڪن بخارن ۾ گرم پاڻيءَ سان. بهرحال غسل فائدو وارو آهي تنهن ۾ڪو شڪ ڪونهي ۽ حديث ۾ ٿڌي گرم پاڻيءَ جي چٽائي ڪانهي، باقي طبي ڪتابن ۾ڪيترن ئي بخارن ۾ سرد پاڻي سان غسل ڪرڻ فائدي وارو لکيو ويو آهي صفراوي تپ جي جوش وقت ۽ تپ جي گهٽو وڌڻ وقت سڀ حڪيم ۽ ڊاڪٽر بيمار جي مٿي تي برف رکائيندا آهن بيمار کي برف جا ٽڪر ڪارائيندا آهن. عربستان هڪ گرم ملڪ آهي اتي صفراوي بخار گهڻا ٿيندا آهن ان ۾ ٿڌي پاڻي ۾ غسل ڪرڻ نهايت مفيد آهي. هن مان معلوم ٿيو تہ غسل تي اعتراض ڪرڻ جاهلن جي هڪ پڌري جهالت آهي. حافظ ابن قيم لکي ٿو تہ هنن حديثن تي ناواقف طبيبن اعتراض اٿاريو اهي ۽ وهنجڻ کي بخار جي دوا جي خلاف قرار ڏنو اٿن مگر سمهجڻ گهرجي تہ حضور ﷺ جن جا احڪام ٻن قسمن جا هوندا آهن هڪ سڀني جهان وارن لاءِ ٻيا خاص احڪام_ حڪم خاص جيئن بخاريءَ جي حديث ۾ بخار واري لاءِ وهنجڻ تجويز فرمايائون. اهو خاص اهل حجاز ۽ انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي انهن جي متصل ۽ قريب آهن. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ملڪ ۾ بخار سخت گرمي ڪري ٿين ٿا. اهڙي بخارن ۾ پاڻي هر طرح فائديمند آهن. جيئن منهنجي روبرو ۽ هڪ شاگرد نالي محمد عيسيٰ کي مليريا فيور يعني موسمي تپ ٿيو. هو ان ۾ بيهوش ٿي ويو. ان کي _ڪورن جي تمام ٿڌي پاني سان ڏيپلي جي ڊاڪٽر مسٽر رام چند وهنجاريو جنهن ڪري بيمار هوش ۾ آيو ۽ بخار ڇڏي ويس. (العبد محمد عمر عفي عنه)

(1583) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : ذكرت الحمى عند رسول الله صلى الله عليه وسلم فسبها رجل فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " لا تسبها فإنها تنفي الذنوب كما تنفي النار خبث الحديد " . رواه ابن ماجه

**ابو هريره ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن وٽ بخار جو ذڪر نڪتو. هڪ شخص ان کي گار ڏني. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ان کي گار نہ ڏي ڇاڪاڻ تہ اهو گناهن کي اهڙي طرح ختم ڪندو آهي**
**جهڙي ريت باھ لوھ جي ڪٽ ۽ گندگيءَ کي [1] (ابن ماجہ)**

(1584) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم عاد مريضا فقال : " أبشر فإن الله تعالى يقول : هي ناري أسلطها على عبدي المؤمن في الدنيا لتكون حظه من النار يوم القيامة " . رواه أحمد وابن ماجه والبيهقي في شعب الإيمان

**ابوهريره ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪ مريض جي عيادت ڪئي فرمايائون خوش ٿيءُ ڇاڪاڻ تہ ﷲ جو فرمان آهي تہ بخار باھ آهي دنيا ۾ مؤمن ٻانهي کي ان ۾ مبتلا ڪندو آهيان تہ جيئن قيامت جي ڏينهن ان لاءِ جهنم جو بدلو ٿئي. احمد_ ابن ماجہ_ بيهقي شعب الايمان)**

(1585) وعن أنس أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إن الرب سبحانه وتعالى يقول : وعزتي وجلالي لا أخرج أحدا من الدنيا أريد أغفر له حتى أستوفي كل خطيئة في عنقه بسقم في بدنه وإقتار في رزقه " . رواه رزين

**انس ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو رب تعاليٰ سبحانه فرمائي ٿو تہ مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! آئون ڪنهن کي دنيا مان ان وقت تائين نٿو ڪيان جنهن جي بخشش جو منهنجو ارادو هجي جيستائين سندس غلطين ۽ گناهن جو پورو پورو بدلو وٺندي ان کي جسماني بياري ۽ رزق جي تنگيءَ ۾ مبتلا نہ ڪريان[2] (رزين)**

(1586) وعن شقيق قال : مرض عبد الله بن مسعود فعدناه فجعل يبكي فعوتب فقال : إني لا أبكي لأجل المرض لأني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " المرض كفارة " وإنما أبكي أنه أصابني على حال فترة ولم

---

[1] _ تپ ۾ ردي غذائن كان پرهيز ڪجي ۽ فائديمند غذائن ۽ دوائن جو استعمال ڪجي جنهن ۾ بدن جو تنقيہ يعني پليتيون، فضلات ۽ ردي مادن جو اخراج ٿئي. بدن ۾ بخار اهو ڪندو آهي جو باھ لوھ ۾ ڪندو آهي. اهو طبيبن کي معلوم آهي. باقي رهي هي ڳالھ تہ دل جي مير ۽ پليتي کي گناھ وڃائي ٿو يا نہ ؟ انهيءَ حقيقت کي فقط دل جو طبيب ئي ڄاڻي ٿو ۽ دل جو حڪيم يعني ﷲ جو رسول ﷺ فرمائي ٿو تہ بخار دل جي ميل کي بہ وڃائي ٿو پوءِ جڏهن تپ اهڙو مفيد آهي تڏهن ان کي گاريون ڏيڻ ۽ برو ڀڄڙو چوڻ نهايت بي نصيبي ۽ بي اتفاقي آهي.
[2] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مسڪيني، بيماري ۽ ٻيون سڀ مصيبتون گناهن كان انسان کي آجو ڪنديون آهن.

يصبني في حال اجتهاد لأنه يكتب للعبد من الجر إذا مرض ما كان يكتب له قبل أن يمرض فمنعه منه المرض .

رواه رزين

**شقيق جو بيان آهي ابن مسعود رضي الله عنه بيمار ٿيو انجي طبع پرسي لاءِ وياسون. پاڻ روئي ڏنائين ۽ متس اعتراض ڪيو ويو، فرمايائين بيماري جي ڪري نٿو روئان. بيشڪ رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو اٿم تہ بيماري ڪفاره آهي. بلڪ آئون تہ فقط ان ڪري روئان ٿو جو مون تي هيڻائپ جي حالت ۾ بيماري آئي آهي ۽ جڏهن مون ۾ سگهہ ۽ قوت هئي ان وقت نہ آئي. ڇاڪاڻ تہ مريض لاءِ اهو عمل لکيو ويندو آهي جيڪو تندرستيءَ ۾ ڪندو آهي مگر بيماريءَ سبب اهو ڪري نہ سگهندو آهي. (رزين)**

(1587) وعن أنس قال : كان النبي صلى الله عليه وسلم لا يعود مريضا إلا بعد ثلاث . رواه ابن ماجه والبيهقي في شعب الإيمان

**انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن بيمار جي طبع پرسي ٽن ڏينهن کان بعد ڪندا هئا[1] (ابن ماجہ_ بيهقي_ شعب الايمان)**

**فائده:_ سند تمام ضعيف آهي. مسلم بن علي راوي تي تهمت لڳل آهي، ابو حاتم بيان ڪري ٿو تہ هيءَ حديث مجهول آهي (مشڪواة_ علامہ الباني ص 499ج1)**

(1588) وعن عمر بن الخطاب رضي الله عنه قال ك قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا دخلت على مريض فمره يدعو لك فإن دعاءه كدعاء الملائكة " . رواه ابن ماجه

**عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ جڏهن تون ڪنهن مريض وٽ داخل ٿئين تہ ان کي حڪم ڏي تہ تو لاءِ دعا ڪري. ڇاڪاڻ تہ انجي دعا فرشتن جي دعا وانگر (مقبول) هوندي آهي. [2] (ابن ماجہ)**

**فائده:_ سند ۾ انقطاع آهي ميمون بن مهران عمر رضي الله عنه سان نہ مليو آهي (مرعاة ص 434 ج1)**

(1589) وعن ابن عباس قال : من السنة تخفيف الجلوس وقلة الصخب في العيادة عند المريض قال : وقال رسول الله صلى الله عليه وسلم لما كثر لغطهم واختلافهم : " قوموا عني " رواه رزين

---

[1] _ هي حديث ضعيف آهي، ذهني لکي ٿو تہ هي حديث موضوع آهي. ابو حاتم لکي ٿو تہ هي حديث باطل آهي. هن جي اسناد ۾مسلمه بن علي متروڪ آهي صحيح هيئن آهي تہ بيماري جي شروعات ۾ ئي بيمار کي پڇڻ گهرجي.

[2] _ ملائڪ گناهن کان پاڪ آهن انهيءَ ڪري سندن دعا مستجاب آهي بيمار بہ بيماري جي ڪري گناهن کان پاڪ ٿئي ٿو انهيءَ ڪري بيمار جي دعا مستجاب آهي.

**ابن عباس ﷛ کان روايت آهي تہ مريض جي تيمارداريءَ ۾ سنت هيءَ آهي تہ ان وٽ ٿورو ويهجي گوڙ شور نہ ڪجي. فرمائي ٿو تہ جڏهن مرض الموت وقت رسول الله ﷺ جن وٽ شور ۽ اختلاف زياده ٿيو[1] تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو مون وٽان اٿي وڃو. (رزين)**

(1590) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " العيادة فواق ناقة "

**حضرت انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ طبع پرسي وقت مريض وٽ ايترو ترسجي جيترو ڏاچيءَ کان گوهو ڪڍڻ ۾ وقت لڳي. (بيهقي شعب الايمان )**

**فائده:_ سند ۾ ڪيترا راوي مجهول آهن. (مشكواة_ علامہ الباني ص 499ج1)**

(1591) وفي رواية سعيد بن المسيب مرسلا : " أفضل العيادة سرعة القيام " . رواه البيهقي في شعب الإيمان

**سعيد بن مسيب جي هڪ مرسل روايت ۾ آهي افضل عيادت جلدي اٿڻ آهي. (بيهقي شعب الايمان)**

**فائده:_ حديث جي سند معلوم نہ آهي( مرعاة شرح مشكواة 425 ج3،2) علامہ الباني بيان ڪري ٿو تہ ان جي سند ۾ هڪ راوي جو نالو معلوم نہ آهي. (مشكواة_علامہ الباني ص499ج1)**

(1592) وعن ابن عباس : أن النبي صلى الله عليه وسلم عاد رجلا فقال له : " ما تستهي ؟ " قال : أشتهي خبز بر . قال النبي صلى الله عليه وسلم : " من كان عنده خبز بر فليبعث إلى أخيه " . ثم قال النبي صلى الله عليه وسلم : " إذا اشتهى مريض أحدكم شيئا فليطعمه " . رواه ابن ماجه

**ابن عباس ﷛ کان روايت آهي تہ نبِ ص جن هڪ شخص جي طبع پرسي لاءِ ويا ان کان پڇيائون ڇا جي خواهش ٿو رکين؟ چيائين ڪڻڪ جي مانيءَ جي آرزو اٿم. نبي ﷺ جن فرمايو**

---

[1]_ هي هڪ وڏي حديث جو ٽڪرو آهي جنهن کي شيعن عمر فاروق ﷛ تي طعنہ طور ڪم آندو آهي تہ ﷺ کي ڪاغذ لکڻ لاءِ نہ ڏنو ۽ حضور ﷺ جي حڪم جي بي فرماني ڪيائين ۽ چيائين تہ اسان کي فقط قرآن ئي ڪافي آهي ان جو جواب هي آهي تہ شيعہ صاحبو! اهو توهان جو وهم آهي. عمر فاروق ﷛ تي توهان جي طعنہ جي ڪابہ گنجائش ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ وقت ڪاغذ اگر عمر ﷛ نہ آندو تہ علي ﷛ ۽ ٻين اصحابن جوهٽ ڪنهن جهليو هو؟ انهن ڇو نہ ٿي آندو ﷺ جن وٽ قرآن شريف کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ لکڻ جو دستور نہ هو قرآن سڄو پورو ٿي چڪو هو. انهيءَ ڪري اصحابن کي خاطري هئي تہ دين قرآن جي ذريعي ڪامل ٿي چڪو آهي ۽ ﷺ جن کان انهيءَ گفتگو ڪانپوءِ ڪاغذ بابت پڇيو ويو تہ انهيءَ بابت ڪجهہ بہ ڪونہ فرمايائون ۽ انهيءَ قرطاس جي واقعي کان پوءِ حضور ﷺ جن ڪيترو وقت يعني 5_ ڏينهن زنده رهيا. جيڪڏهن لکڻ واجب هجي ها تہ جيڪر ضرور لکائي وڃن ها. يا خدا تعاليٰ جو نبي عمر ﷛ جي ڳالهہ کي نعوذ بالله دهمڪي سمجهي ماٺ ڪري؟ اها ڳالهہ پيغمبر جي شان ۾ هڪ وڏو عيب لڳائي ٿي ائن نہ هو. خدا تعاليٰ جو نبي حق لڪائڻ وارو نہ آهي؟ زبردست ڪافرن ۽ مخالفن جي خوف کان حق نہ لڪايائون پوءِ سڀني يارن مدد گارن جي موجود هوندي عمر ﷛ کان خوف ڪري ماٺ ڪن ها؟

جنهن وٽ ڪٽڪ جي ماني هجي اهو پنهنجي پاءُ وٽ موڪلي. ان کان بعد فرمايائين توهان مان ڪو بيمار جنهن شيءِ جي خواهش رکي تہ اها شيءِ ان کي کارائي.([1]) (ابن ماجہ)

فائده:_ سند ۾ صفوان بن هبيره راوي لين الحديث آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص 500ج1)

(1593) وعن عبد الله بن عمرو قال ك توفي رجل بالمدينة ممن ولد بها فصلى عليه النبي صلى الله عليه وسلم فقال : " يا ليته مات بغير مولده " . قالوا ولم ذاك يا رسول الله ؟ قال : " إن الرجل إذا مات بغير مولده قيس له من مولده إلى منقطع أثره في الجنة " . رواه النسائي وابن ماجه

عبدالله بن عمروﷺ کان روايت آهي تہ هڪ شخص مديني ۾ ڄائو ۽ اتي وفات ڪيائين رسول الله ﷺ جن ان جي جنازه نماز پڙهي، ان کان بعد فرمايائون ڪاش پنهنجي پيدا ٿيڻ جي جاءِ کان سواءِ ٻي جاءِ تي فوت ٿئي ها! عرض ڪيائون ائين ڇا جي ڪري اي الله جا رسولﷺ؟ فرمايائون جڏهن ڪو پيدائش جي جاءِ کان علاوه ٻي جاءِ تي مرندو آهي تہ ان کي پيدا ٿيڻ جي جاءِ کان موت جي جاءِ تائين جنت ۾ جڳهہ ڏني ويندي آهي([2]) (نسائي، ابن ماجہ)

(1594) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " موت غربة شهادة " . رواه ابن ماجه

ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو غربت (مسافري ۽ بي وطنيءَ) جو موت شهادت آهي. ([3])

فائده:_ سند ضعيف آهي، هذيل بن حڪم ابو منذر راوي منڪر الحديث آهي. (مشڪواة_ علامہ الباني) ص 500ج1)

---

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ بيمار جيڪا شيءِ گهري ان کي ڏجي مگر شرط هي آهي تہ اها شيءِ ان جي طبيعت پٽاندر هجي. هن حديث مان بہ معلوم ٿيو تہ مريض کي سخت پرهيز ڪرائڻ ۽ ان کي خواهش موافق غذا ڏيڻ ۽ اڻ وڻندڙ کاڌو کارائڻ تي زور پرڻ ظاهر ظهور جهالت آهي جيئن ڪي نيم حڪيم خطره جان ڪرائيندا آهن. محقق حڪيم ۽ حاذق ڊاڪٽر بہ هن حديث تي عمل ڪن ٿا ڇاڪاڻ تہ هي نبيﷺ جو قول آهي جو ڪڏهن بہ غلط ٿي نہ ٿو سگهي.

[2]_ هتي هڪ هي شبہ ٿئي ٿو تہ بهشت ۾ ادنيٰ ۾ ادنيٰ بهشتي کي بہ هن دنيا جيتري جاءِ ملندي جيئن ٻي حديث ۾ آيل آهي اهڙي حالت ۾ هن حديث جو مطلب ڇا ٿيندو تنهن تي محققن لکيو آهي تہ هتي جنت مان مراد قبر آهي يعني ان جي قبر ايتري ڪشادي ڪبي يا مطلب هي آهي تہ ان کي ثواب ايترو ملندس جو وطن کان وٺي موت جي جاءِ تائين سڄي ايراضي والاري.

[3]_ ڇاڪاڻ تہ پرديس ۾ جڏهن ماڻهو جو موت ٿئي ٿو تڏهن ان کي تڪليفون زياده ٿين ٿيون. عزيزن. قريبن جي جدائي تمام سخت ٿئي ٿي انهيءَ ڪري خدا پاڪ انهن تڪليفن جي بدلي ڪيس شهادت جو ثواب عنايت فرمائي ٿو.

(1595) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من مات مريضا مات شهيدا أو وقي فتنة القبر وغدي وريح عليه برزقه من الجنة " . رواه ابن ماجه والبيهقي في شعب الإيمان

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو ته جيڪو بيماري ۾ فوت ٿيو اهو شهيد جي موت مئو ۽ قبر جي فتنه کان بچايو ويو ۽ صبح شام ان کي جنت مان رزق ڏنو ويندو آهي.[1] (ابن ماجه، بيهقي شعب الايمان)**

**فائده_ سند نهايت ضعيف آهي ابراهيم بن محمد بن ابي عطاءُ راويءَ تي تهمت لڳل آهي. (مشڪواة_ علامه الباني ص 501ج1)**

(1596) عن العرباض بن سارية أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " يختصم الشهداء والمتوفون على فرشهم إلى ربنا في الذين يتوفون من الطاعون فيقول الشهداء : إخواننا قتلوا كما قتلنا ويقول : المتوفون على فرشهم إخواننا ماتوا على فرشهم كما متنا فيقول ربنا : انظروا إلى جراحهم فإن أشبهت جراحهم جراح المقتولين فإنهم منهم ومعهم فإذا جراحهم قد أشبهت جراحهم " . رواه أحمد والنسائي

**عرياض بن ساره ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺفرمايو شهيد ۽ بسترن تي مري ويندڙ پنهنجي رب وٽ انهن ماڻهن جي باري ۾ تڪرار ڪندا جيڪي طاعون ۾ مئا آهن. شهيد چوندا اهي اسان جا يائر آهن جيئن اسي قتل ڪيا وياسون تيئن اهي به قتل ڪيا ويا (طبعي موت) مرڻ وارا چوندا (بلڪ) اسان جا يائر آهن، جيئن اسين مئاسون اهي به پنهنجن بستر تي مئا. پوءِ اسان جو پالڻهار فيصلو فرمائيندو ته انهن جا زخم ڏسو جيڪڏهن زخم شيهدن جي زخم جهڙا اٿن ته اهي انهن منهجهان آهن ۽ انهن سان رهندا. ڏنائون ته انهن جا زخم شهيدن جي زخمن جهڙا آهن. (احمد_ نسائي)**

(1597) وعن جابر أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " الفار من الطاعون كالفار من الزحف والصابر فيه له أجر شهيد " . رواه أحمد

**جابر ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته طاعون جي جاءِ تان ڀڄندڙ ائين آهي جهڙي ريت جهاد جي ميدان مان ڀڄندڙ ۽ جيڪو ان جاءِ تي صبر سان رهيو ان کي هڪ شهيد جو ثواب ملندو.(احمد)**

**فائده_ سند ۾ عمرو بن حضرمي راوي ضعيف آهي البته ان جي شاهد حديث جي سند صحيح آهي مگر صاحب مشڪواة ان جو ذڪر ڪري ها ته بهتر ٿئي ها (مشڪواة_ علامه الباني ص501ج1)**

---

[1] هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته مؤمن کي برزخ ۾ کاڌو پيتو ملي ٿو. _

# موت جي تمنا ۽ ان کي ياد رکڻ جو بيان

## فصل پهريون

(1598) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يتمنى أحدكم الموت إما محسنا فلعله أن يزداد خيرا وإما مسيئا فلعله أن يستعتب " . رواه البخاري

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو توهان مان کو موت جي تمنا نہ کري. نيک ماڻهو هوندو تہ آيد نيکيءَ پلائي ۾ اجا وڌي، خراب انسان هوندو تہ آيد توبہ جي توفيق نصيب ٿئس (بخاري)**

(1599) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يتمنى أحدكم الموت ولا يدع به من قبل أن يأتيه إنه إذا مات انقطع أمله وإنه لا يزيد المؤمن عمره إلا خيرا " . رواه مسلم

**ابو هريره ر کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: توهانمان کو موت جي تمنا نہ کري ۽ نہ ان لاءِ اچڻ کان اڳ دعا کري. ڇا ڪاڻ تہ جڏهن (ٻانهو) مرندو آهي تہ ان جي اميد ختم ٿي ويندي آهي ۽ مؤمن جي ڄمار وڌڻ ۾ ڀلائيءَ کان سواءِ کجھ نہ آهي (مسلم)**

(1600) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يتمنين أحدكم الموت من ضر أصابه فإن كان لابد فاعلا فليقل : اللهم أحيني ما كانت الحياة خيرا لي وتوفني إذا كانت الوفاة خيرا لي "

**انسﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: توهان مان کوئي کنهن تکليف پهچڻ سبب موت جي آرزو نہ کري. ([1]) جيکڏهن لازماً کجھ چوڻ کان نٿو مڙي تہ دعا کري اي اللهﷻ! جيستائين مون لاءِ حياتي چڱي هجي تہ مون کي جيئرو رک ۽ جڏهن موت مون لاءِ چڱو هجي تہ مون کي موت عطا فرماءِ.( بخاري_ مسلم)**

(1601) وعن عبادة بن الصامت قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من أحب لقاء الله أحب الله لقاءه ومن كره لقاء الله كره الله لقاءه " فقالت عائشة أو بعض أزواجه : إنا لنكره الموت قال : " ليس ذلك ولكن المؤمن إذا حضره الموت بشر برضوان الله وكرامته فليس شيء أحب إليه مما أمامه فأحب لقاء الله وأحب الله لقاءه وإن الكافر إذا حضر بشر بعذاب الله وعقوبته فليس شيء أكره إليه مما أمامه فكره لقاء الله وكره الله لقاءه "

**عباده بن صامتﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: جيکو شخص اللهﷻ جي ملاقات کرڻ کي محبوب رکندو. اللهﷻ ساڻس ملاقات کي محبوب رکندو ۽ جيکوان جي ملاقات کي ناپسند کندو اللهﷻ ان سان ملڻ کي ناپسند کندو. عائشہ رضي الله عنها يا کنهن ٻي زوجہ مطهره عرض**

[1] _ موت جي آرزو کرڻ کان ﷺ جن هن سبب کري منع فرمائي آهي جوان ۾ بي صبري ۽ نااميدي آهي.

ڪيو ته اسين موت کي ناپسند ڪريون ٿا. فرمايائون: معاملو ان ريت نه آهي. ڳالهه هيءَ آهي ته[1] جڏهن مؤمن کي موت ايندو آهي ته ان کي الله جي رضا ۽ عزت افزائي جي خوشخبري ٻڌائي ويندي آهي. پوءِ جيڪا شيءِ ان جي سامهون هوندي آهي، ان کان زياده محبوب شيءِ ان وٽ نه هوندي آهي. تنهن ڪري الله جي ملاقات پسند ڪندو آهي ۽ الله ان سان ملاقات پسند ڪندو آهي ۽ جڏهن ڪافر تي موت ايندو آهي ته ان کي الله جي ڏمر ۽ (دوزخ جي) عذاب جي ڌمڪي ڏني ويندي آهي. تنهن ڪري اڳتي ايندڙ شيءِ کان زياده بڇڙي شيءِ ان وٽ ڪانه هوندي آهي. تنهن ڪري الله جي ملاقات کي ناپسند ڪندو آهي تڏهن الله به ان جي ملاقات کي ناپسند ڪندو آهي. ( بخاري_ مسلم)

(1602) وفي رواية عائشة : " والموت قبل لقاء الله "

عائشه رضي الله عنها جي هڪ روايت ۾ آهي ته الله جي ملاقات کان اڳ موت ايندو آهي.

(1603) وعن أبي قتادة أنه كان يحدث أن رسول الله صلى الله عليه وسلم مر عليه بجنازة فقال : " مستريح أو مستراح منه " فقالوا : يا رسول الله ما المستريح والمستراح منه ؟ فقال : " العبد المؤمن يستريح من نصب الدنيا وأذاها إلى رحمة الله والعبد الفاجر يستريح منه العباد والبلاد والشجر والدواب "

ابوقتاده رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن وٽان هڪ جنازو گذريو. فرمايائون: آرام پائيندڙ آهي يا ان کان آرام (نجات) حاصل ڪئي ويئي. عرض ڪيائون: الله جا رسول! آرام پائيندڙ ۽ ان کان آرام حاصل ڪندڙ ڪير آهي؟ فرمايائون: ايماندار دنيا جي ٿڪاوٽن ۽ تڪليفن کان نجات حاصل ڪري الله جي رحمت (جي ڇانو) ۾ آرام وٺندو آهي ۽ برائي ڪرڻ وواري کان ماڻهو، انساني آباديون، وڻ ۽ هيوان آرام حاصل ڪندا آهن (بخاري مسلم)

(1604) وعن عبد الله بن عمر قال : أخذ رسول الله صلى الله عليه وسلم بمنكبي فقال : " كن في الدنيا كأنك غريب أو عابر سبيل " . وكان ابن عمر يقول : إذا أمسيت فلا تنتظر الصباح وإذا أصبحت فلا تنتظر المساء وخذ من صحتك لمرضك ومن حياتك لموتك . رواه البخاري

عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن منهنجي ڪلهي کي پڪڙيندي فرمايو: ته دنيا ۾ اهڙيءَ طرح زندگي گذار جڻ ته تون اجنبي آهين يا سفر ۾ آهين ۽ ابن عمر رضي الله عنه چوندو هو ته جڏهن تون شام ڪرين ته صبح جو انتظار نه ڪر ۽ جڏهن صبح ڪرين ته شام جو انتظار نه ڪر ۽ تندرستيءَ ۾ بيماريءَ لاءِ ۽ حياتيءَ ۾ موت کان بعد لاءِ عمل جي ڪوشش ڪر (بخاري)

[1]_ هن حديث جو مطلب هي آهي ته زندگي ۾ جيڪڏهن موت بلڪل ناپسند لڳي ته ان جو ڪجهه ويچار نه آهي مگر موت جي وقت اعتبار آهي انهيءَ وقت ايمان وارو خدا تعاليٰ جي ديدار جو مشتاق ٿئي ٿو ۽ ڪافر گهبرائي ٿو.

(1605) وعن جابر قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم قبل موته بثلاثة أيام يقول : " لا يموتن أحدكم إلا وهو يحسن الظن بالله " . رواه مسلم

**جابرؓ کان روايت آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن کي سندن وفات کان ٽي ڏينهن اڳ فرمائيندو ٻڌو: توهان مان جنهن تي بہ موت اچي تہ اللہ تعاليٰ سان سهڻو گمان رکي (مسلم)**

## فصل ٻيو

(1606) عن معاذ بن جبل رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن شئتم أنبأتكم ما أول ما يقول الله للمؤمنين يوم القيامة ؟ وما أول ما يقولون له ؟ " قلنا : نعم يا رسول الله قال : " إن الله يقول للمؤمنين هل أحببتم لقائي ؟ فيقولون نعم يا ربنا فيقول : لم ؟ فيقولون : رجونا عفوك ومغفرتك . فيقول : قد وجبت لكم مغفرتي " . رواه في شرح السنة وأبو نعيم في الحلية

**معاذ بن جبل ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪڏهن توهان گهرو تہ آئون توهان کي ٻڌايان تہ قيامت جي ڏينهن اللہ تعاليٰ مؤمنن سان سڀ کان پهريائين ڪهڙي ڳالھ ڪندو؟ ۽ مؤمنن اللہ تعاليٰ وٽ سڀ لان پهريائين ڪهڙو عرض ڪندو. عرض ڪيو سون تہ اي اللہ جا رسولﷺ! هائو (ضرور ٻڌايو) فرمايائون: اللہ تعالي ايماندارن کان معلوم ڪندو تہ توهان منهنجي ملاقات پسند ڪريوٽا؟ چوندا تہ هائو اي اسان جا رب! فرمائيندو، ڇاجي ڪري؟ عرض ڪندا تہ اسين تنهنجي عفو ۽ تنهنجي بخشش جا اميدوار آهيون. اللہ تعاليٰ فرمائيندو تہ منهنجي بخشش توهان لاءِ واجب ٿي (شرح السنہ_ ابو نعيم الحليہ)**

**فائده: سند ۾ عبيدالله بن زحر راوي ضعيف آهي (مشڪواة _ علامہ الباني ص 504ج1)**

(1607) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أكثروا ذكر هاذم اللذات الموت " . رواه الترمذي والنسائي وابن ماجه

**ابوهريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: لذتن کي فنا ڪرڻ واري موت کي زياده ياد ڪندا ڪريو[1] (ترمذي، نسائي، ابن ماجہ)**

[1]_موت جي يادگيري سبب دنيا جو فاني هجڻ انسان جي ذهن ۾ ڄمي وڃي ٿو ۽ آخرت جو خيال پيدا ٿئي ٿو ۽ قبرن جي زيارت ڪرڻ مان بہ اهوئي فائده آهي موت کي لذتن جو وڃائيندڙ هن سبب ڪري چيو ويو آهي جو جسماني لذتون وڃائي ٿو. مثلاً مال جي لذت، عهدي ۽ حڪومت جي لذت، اولاد جي لذت وغيره وڃائي ٿو ۽ هيئن نہ سمجهڻ نہ گهرجي موت روحاني لذتون بہ وڃائي ٿو ڇاڪاڻ تہ خدا تعاليٰ ۽ موت جي ياد کان پوءِ جيڪي لذتون ملن ٿيون انهن جي مقابلي ۾ هي دنيا ڪا حقيقت نہ ٿي رکي جيئن حديث ۾ آيو آهي. تہ مؤمنن جا روح بهشت ۾ ميوا کائن ٿا شهيد بہ بهشتي ميوا کائن ٿا. ياد رکڻ گهرجي تہ موت فقط جسماني لذتن کي وڃائي ٿو ۽ روحاني لذتون برابر ملن ٿيون.

(1608) وعن ابن مسعود أن نبي الله صلى الله عليه وسلم قال ذات يوم لأصحابه : " استحيوا من الله حق الحياء " قالوا : إنا نستحيي من الله يا نبي الله والحمد لله قال : " ليس ذلك ولكن من استحيى من الله حق الحياء فليحفظ الرأس وما وعى وليحفظ البطن وما حوى وليذكر الموت والبلى ومن أراد الآخرة ترك زينة الدنيا فمن فعل ذلك فقد استحيى من الله حق الحياء " . رواه أحمد والترمذي وقال : هذا حديث غريب

**ابن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن هڪ ڏينهن پنهنجي اصحابن کي فرمايو: جيتري قدر ﷲ تعالي! کان حياءُ ڪرڻ حق آهي ايتري قدر حياءُ ڪريو. چيائون تہ اي ﷲ جا نبيﷺ ! الحمدالله اسان ﷲ تعاليٰ کان حياءُ ڪندا آهيون فرمايون: تہ اهو مطلب نہ آهي مطلب هيءُ آهي تہ جنهن ﷲ کان صحيح معنيٰ ۾ حياءُ ڪيو ان کي پنهنجي مٿي ۽ انهن عضون جي حفاظت ڪرڻ گهرجي جن کي اهو شامل آهي پڻ ان کي پيٽ ۽ انهن عضون جي حفاظت ڪرڻ گهرجي جن سان اهو نهيل آهي ([1]) ۽ مرڻ ۽ مٽي ٿيڻ کي ياد رکي. جنهن شخص جو مقصد آخرت هجي اهو دنيا جي زينت ۽ ٺاٽ کي ڇڏي ڏي پوءِ جنهن شخص اهو ڪم انجام ڏنو انهيءَ صحيح معنيٰ ۾ ﷲ تعاليٰ کان حياءُ ڪيو (احمد_ ترمذي) چوي ٿو تہ هيءَ حديث غريب آهي.**

**فائده: سند ۾ ضباح بن محمد راوي ضعيف آهي (مشڪواة _ علامہ الباني ص 505ج1)**

(1609) وعن عبد الله بن عمرو قال ك قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " تحفة المؤمن الموت " . رواه البيهقي في شعب الإيمان

**عبد الله بن عمروﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: موت مؤمن جو تحفہ آهي ([2]) (بيهقي _ شعبالايمان)**

(1610) وعن بريدة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " المؤمن يموت بعرق الجبين " . رواه الترمذي والنسائي وابن ماجه

**بريده ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: مؤمن مرندو آهي تہ ان جي پيشاني تي پگهر نڪرندو آهي ([3]) (ترمذي، نسائي، ابن ماجہ)**

[1]_ يعني اکين سان نامحرم ڏانهن نظر نہ ڪري ۽ ڪنن سان گلا ۽ بيهود ڳالهيون نہ ٻڌي ۽ زبان سان گلا ۽ ڪوڙ نہ ڪري.

[2]_ چاڪاڻ تہ مؤمن کي موت جي سببان عملن جو ثواب ملي ٿو ۽ آخرت ۾ سندس درجا بلند ٿين ٿا.

[3]_ هن جو مطلب هي آهي تہ مؤمن تي موت جي سختي ٿيندي جنهن ڪري سندس پيشاني تي پگهر ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

(1611) وعن عبيد الله بن خالد قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " موت الفجاءة أخذة الأسف " . رواه أبو داود وزاد البيهقي في شعب الإيمان ورزين في كتابه : " أخذة الأسف للكافر ورحمة للمؤمن "

**عبيدالله بن خالدؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: اوچتو موت (الله تعاليٰ جي) ڏمر جي ڪپڙ آهي (ابوداؤد) بيهقي ۽ رزين هي الفاظ زياده ڪيا آهن تہ ڪافر لاءِ ناراضگي جي پڪڙ آهي ۽ مؤمن لاءِ رحمت جو ڪارڻ.**

(1612) وعن أنس قال : دخل النبي على شاب وهو في الموت فقال : " كيف تجدك ؟ " قال : أرجوالله يا رسول الله وإني أخاف ذنوبي فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يجتمعان في قلب عبد في مثل هذا الموطن إلا أعطاه الله ما يرجو وآمنه مما يخاف " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي هذا حديث غريب

**انس ؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن هڪ جوان وٽ ويا جڏن اهو مري رهيو هو فرمايائون: تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ جواب ڏنائين تہ اي الله جا رسولﷺ! آئون الله تعاليٰ کان پر اميد آهيان، گڏوگڏ پنهنجي گناهن کان بہ خوف رکان ٿو. رسولﷺ جن فرمايو: اهڙي موقعي تي اهي بہ خصوصيتون ڪنهن انسان جي دل ۾ موجود هونديون تہ الله جي اميد پوري ڪندو[1] (ترمذي ۽ ابن ماجہ) ترمذي چوي ٿو تہ هيءَ حديث غريب آهي.**

## فصل ٽيون

(1613) عن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تمنوا الموت فإن هول المطلع شديد وإن من السعادة أن يطول عمر العبد ويرزقه الله عز وجل الإنابة " . رواه أحمد

**جابرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺجن فرمايو: موت جي تمنا نہ ڪريو ڇاڪاڻ تہ موت جون سختيون ۽ سور تمام دردناڪ آهن بيشڪ ڪنهن شخص جي عمر جو ڊگهو هجڻ ۽ الله تعاليٰ طرفان ان کي انابت ۽ رجوع جي توفيق ڏيڻ ان جي سعادت آهي (احمد)**

**فائده:_ سند ۾ حارث بن يزيد راوي کي ابن حبان کان سواءِ ڪنهن ثقہ نہ چيو آهي (مشڪواة_ علامہ الباني ص 506ج1)**

(1614) وعن أبي أمامة قال : جلسنا إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فذكرنا ورققنا فبكى سعد بن أبي وقاص فأكثر البكاء فقال : يا ليتني مت . فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " يا سعد أعندي تتمنى الموت ؟ " فردد ذلك ثلاث مرات ثم قال : " يا سعد إن كنت خلقت للجنة فما طال عمرك وحسن من عملك فهو خير لك " . رواه أحمد

---

[1]_ مطلب هي آهي تہ خاتمہ جي وقت الله تعاليٰ جي رحمت کان نااميد نہ ٿجي ۽ گناهن جو بہ خوف رکجي.

ابو امامہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسين رسول اللهﷺ جن وٽ ويناسون پاڻ اسان کي وعظ، نصيحت فرمايائون ۽ اسان تي رقت طاري ٿي. سعد بن ابي وقاص تمام گهڻو روئڻ لڳو. چوڻ لڳو تہ اي ڪاش! آئون مري وڃان ها. نبيﷺ جن فرمايو اي سعد! ڇا تون مون وٽ موت جي تمنا ڪري رهيو آهي؟ اها ڳالهہ ٽي دفعا تڪرار سان فرمايائون: ان کان بعد فرمايائون تہ اي سعد! جيڪڏهن تون جنت لاءِ پيدا ڪيو ويو آهين تہ تنهنجي عمر جيتري قدر ڊگهي ۽ تنهنجا عمل جيتري قدر نيڪ ٿين اهي تنهنجي لاءِ بهتر آهن. (احمد)

فائده:_ سند ۾ علي بن يزيد الهاني راوي ضعيف آهي. (مشڪواة_ علامہ الباني ص 506ج1)

(1615) عن حارثة بن مضرب قال : دخلت على خباب وقد اكتوى سبعا فقال : لولا أني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " لا يتمن أحدكم الموت " لتمنيته . ولقد رأيتني مع رسول الله صلى الله عليه وسلم ما أملك درهما وإن في جانب بيتي الآن لأربعين ألف درهم قال ثم أتى بكفنه فلما رآه بكى وقال لكن حمزة لم يوجد له كفن إلا بردة ملحاء إذا جعلت على رأسه قلصت عن قدميه وإذا جعلت على قدميه قلصت عن رأسه حتى مدت على رأسه وجعل على قدميه الأذخر . رواه أحمد والترمذي إلا أنه لم يذكر : ثم أتي بكفنه إلى آخره

حارث بن مضربؒ بيان ڪري ٿو تہ آئون خباب رضي الله عنه وٽ ويس ان جي جسم تي ڏنڀ جا ست نشان هئا. [1] چيائين تہ جيڪڏهن مون رسول اللهﷺ جن کان نہ ٻڌو هجي ها جو فرمايو اٿن تہ توهان مان ڪو شخص موت جي آرزو نہ ڪري تہ هوند ضرور آئون موت جي آرزو نہ ڪريان ها. آئون رسول اللهﷺ جن وٽ هيس مون وٽ هڪ درهم بہ نہ هو (ليڪن) هينئر منهنجي گهر ۾ چاليهہ هزار درهم آهن. راوي چوي ٿو تہ پوءِ ان وٽ انجو ڪفن آندو ويو. جڏهن پنهنجو ڪفن ڏٺائين تہ روئڻ شروع ڪيائين ۽ بيان ڪيائن تہ حمزه رضي الله عنه کي ڪفن نصيب نہ ٿيو صرف هڪ پٽا پٽي چادر هئي جڏهن ان سان ان جو مٿو ڇپايو پئي ويو تہ سندس ٻئي قدم ظاهر پئي ٿيا ۽ جڏهن ان جي پيرن کي ڇپايو پئي ويو تہ ان جو مٿو ظاهر پئي ٿيو پوءِ اها چادر انجي مٿي تي وڌي وئي ۽ سندس ٻنهي مٽي تي وڌي وئي ۽ سندس ٻنهي قدمن تي اذخر (گاهہ) رکيو ويو. (احمد_ ترمذي) البتہ ترمذي ۾ ڪفن وارو ٽڪرو نہ آهي.

## جڏهن ڪو موت جي ويجهو هجي تہ ان کي ڇا چوڻ گهرجي؟

پهريون فصل

[1] _ ڏنڀ ڏيارڻ کان ﷺ جن منع بہ فرمائي آهي ۽ سعد بن معاذ کي پاڻ ﷺجن ڏنڀ ڏياريا آهن. جيڪڏهن ڏنڀ ڏيڻ حرام هجي ها تہ هوند ان کي ڏنڀ نہ ڏين ها انهيءَ ڪري ٻنهي حديثن ۾ تطبيق هن طرح آهي تہ جيڪڏهن بيو علاج ڪارگر هجي تہ پوءِ ڏنڀ نہ ڏيارجن پر جيڪڏهن ڏنڀن کان سواءِ ٻيو ڪو علاج فائديمند تہ هجي نہ پوءِ نيٺ ڏنڀ ڏيارڻ بہ درست آهن جيئن حديث ۾ آيو آهي تہ پوءِ علاج ڏنڀن ڏيار سان ڪرڻ گهرجي.

(1616) عن أبي سعيد وأبي هريرة قالا : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لقنوا موتاكم لا إله إلا الله " . رواه مسلم

**ابو سعيد ۽ ابو هريره رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: پنهنجي فوتين کي ﴿لاَ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ﴾ جي تلقين ڪندا ڪريو[1] (مسلم)**

(1617) وعن أم سلمة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا حضرتم المريض أو الميت فقولوا خيرا فإن الملائكة يؤمنون على ما تقولون " . رواه مسلم

**ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن بيمار يا فوتيءَ وٽ وڃو تہ سهڻي ڳالهہ چئو[2] ڇاڪا تہ توهان جي ڳالهين تي فرشتا آمين چوندا آهن. (مسلم)**

(1618) وعن أم سلمة قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من مسلم تصيبه مصيبة فيقول ما أمره الله به : ( إنا لله وإنا إليه راجعون ) اللهم آجرني في مصيبتي واخلف لي خيرا منها إلا أخلف الله له خيرا منها " . فلما مات أبو سلمة قالت : أي المسلمين خير من أبي سلمة ؟ أول بيت هاجر إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم ثم إني قلتها فأخلف الله لي رسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه مسلم

**ام سلمہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن مسلمان تي ڪا مصيبت اچي، ۽ ان وقت اهي الفاظ ادا ڪري جن جو ان کي الله امر فرمايوآهي يعني اسين الله جا بندا آهيون ۽ ان ڏانهن موٽڻ وارا آهيون[3] اي الله منهنجي مصيبت ۾ اجر ۽ ثواب عطا ڪر ۽ مون کي ان کان سٺو عيوض عطا ڪر. تہ الله تعاليٰ ان کي بدلي ۾ بهترين شيءِ عطا ڪندو آهي. جڏهن ابو سلمہ فوت ٿيو تہ مون سوچيو، ابو سلمہ رضي الله عنه کان ڇڱو مسلمان ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ اهو پهريون گهر آهي جنهن رسول الله ﷺ ڏانهن هجرت ڪئي. ان کان پوءِ مون ( مٿين دعا) گهري. مون کي ان جي عيوض ۾ الله تعاليٰ رسول الله ﷺ عطا فرمايو.(مسلم)**

(1619) وعن أم سلمة قالت : دخل رسول الله صلى الله عليه وسلم على أبي سلمة قد شق بصره فأغمضه ثم قال : " إن الروح إذا قبض تبعه البصر " فضج ناس من أهله فقال : " لا تدعوا على أنفسكم إلا بخير فإن الملائكة

---

[1] يعني ﴿لااله الا الله﴾ بيمار وٽ وڏي آواز چوڻ گهرجي جيئن بيمار کي اهي لفظ ٻڌڻ ۾ اچن ۽ هو پاڻ بہ ٻڌي ڪلمو پڙهي.

[2] هن مان معلوم ٿيو تہ مئل ماڻهوءَ سان نيڪي ڪرڻ گهرجي ۽ هن لاءِ دعا ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي برن ڪمن جي پچار نہ ڪرڻ گهرجي.

[3] هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سڀ ڪنهن مصيبتوقت مسلمانن تي ﴿انالله وانااليه راجعون﴾ چون گهرجي.

يؤمنون على ماتقولون " ثم قال : " اللهم اغفر لأبي سلمة وارفع درجته في المهديين واخلفه في عقبه في الغابرين واغفر لنا وله يا رب العالمين وافسح له في قبره ونور له فيه " . رواه مسلم

**(ام المؤمنين) ام سلمہ ﷞ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ابو سلمہ وٽ آيا. سندس اکيون کليل هيون، پاڻ انهن کي بند ڪيائون ([1]) پوءِ فرمايائون. تحقيق جڏهن روح (جسم مان) نڪرندو آهي. تہ نظر ان جي پنيان لڳندي آهي. ان تي ابو سلمہ جا گهر وارا بلند آواز سان روئڻ لڳا. فرمايائون تہ توهان پنهنجي لاءِ خير برڪت جي دعا ڪيو. ڇاڪاڻ تہ فرستا توهان جي دعا تي آمين چوندا آهن. پوءِ دعا ڪيائون: اي الله! ابو سلمہ کي بخش ۽ هدايت حاصل ڪندڙن ۾ ان جو درجو بلند ڪر ۽ ان کان بعد رهندڙن جي نگراني فرماءِ ۽ اي جهانن جا پالڻهار! اسانکي ۽ ان کي معاف فرماءِ ۽ ان جي قبر ڪشادي فرماءِ. ان جي قبر ان لاءِ روشن فرماءِ (مسلم)**

(1620) وعن عائشة قالت : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم حين توفي سجي ببرد حبرة

**عائشہ﷞کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فوت ٿيا تہ سندن لاش مبارڪ پٽا پٽي چادر سان ڍڪيو ويو. (بخاري مسلم)**

## فصل ٻيو

(1621) عن معاذ بن جبل قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من كان آخر كلامه لا إله إلا الله دخل الجنة " رواه أبو داود

**معاذ بن جبل ﷜ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جنهن جو ڪلام لااله الاالله هجي، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.(ابو داؤد)**

(1622) وعن معقل بن يسار قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اقرؤوا سورة ( يس ) على موتاكم " . رواه أحمد وأبو داود وابن ماجه

**معقل بن يسار﷜ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ پنهنجي فوتين تي يٰسٓ پڙهندا ڪريو([2]) (احمد_ ابوداؤد)**

**فائده:_ حديث جي سند ضعيف آهي، ابو عثمان ۽ ان جو استاد ٻئي راوي مجهول آهي.(مشڪواة_ علامہ الباني ص509ج1)**

---

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميت جون اکيون بند ڪرڻ گهرجن روچ راڙو نہ ڪجي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ نہ ميت کي فائدو پهچندو، نڪي روئيندڙن کي بلڪ ميت جي حق ۾ دعا ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ طرفين جو فائدو آهي.

[2]_ ڇاڪاڻ تہ سوره يٰسٓ قرآن شريف جي دل آهي ان جي پڙهن سببان مؤمنن کي مصيبت ۾ تسلي حاصل ٿئي ٿي.

(1623) وعن عائشة قالت : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم قبل عثمان بن مظعون وهو ميت وهو يبكي حتى سال دموع النبي صلى الله عليه وسلم على وجه عثمان . رواه الترمذي و أبو داود وابن ماجه

**عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن عثمان بن مظعون رضي الله عنه ([1]) کي چمي ڏني([2]) جڏهن اهو فوت ٿي ويو هو. پاڻ روئي رهيا هئا ۽ سندن ڳوڙها سندس چهري تي ڪري رهيا هئا. (ترمذي، ابوداؤد، ابن ماجہ)**

**فائده:_ سند ۾ عاصم بن عبدالله راوي ضعيف آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص509ج1)**

(1624) وعن عائشة قالت : إن أبا بكر قبل النبي صلى الله عليه وسلم وهو ميت . رواه الترمذي وابن ماجه

**عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ ابوبڪر رضي الله عنه رسول الله ﷺ کي چمي ڏني جڏهن پاڻ وفات ڪري چڪا هئا. (ترمذي_ ابن ماجہ)**

(1625) وعن حصين بن وحوح أن طلحة بن البراء مرض فأتاه النبي صلى الله عليه وسلم يعوده فقال : " إني لا أرى طلحة إلا قد حدث به الموت فآذنوني به وعجلوا فإنه لا ينبغي لجيفة مسلم أن تحبس بين ظهراني أهله " . رواه أبو داود

**حصين بن وحوح کان روايت آهي تہ طلحہ بن براءَ رضي الله عنه بيمار ٿيو. نبي ﷺ جن ان جي عيادت لاءِ آيا. فرمايائون: آئون محسوس ڪريان ٿو تہ طلحہ تي موت جا آثار ظاهر آهن جڏهن (مري وڃي تہ) مون کي اطلاع ڪجو ۽ (ڪفن دفن ۾) جلدي ڪجو. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن مسلمان جي لاءِ جائز نہ آهي تہ سندس گهر وارن ۾ روڪيو وڃي.([3]) (ابوداؤد)**

**فائده:_ سند ۾ راوي عزره بن سعيد مجهول آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص510ج1)**

## ٽيون فصل

(1626) وعن عبد الله بن جعفر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لقنوا موتاكم لا إله إلا الله الحليم الكريم سبحان الله رب العرش العظيم الحمد لله رب العالمين " قالوا : يا رسول الله كيف للأحياء ؟ قال : " أجود وأجود " . رواه ابن ماجه

---

[1]_ عثمان بن مظعون حضور ﷺ جن جو ڪير پياڪ ڀاءُ هو ۽ حضور ﷺ جن سان هجرت ۾ شريڪ هو ۽ بدر جي لڙائي ۾ بہ ساڻس گڏ هو ۽ مهاجرن ۾ ان سيني کان پهريائين مديني ۾ وفات ڪئي.

[2]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ فوت ٿيل ماڻهوءَ کي چمي ڏيڻ مسنون آهي.

[3]_هن حديث ۾ تاڪيد آهي تہ ميت کي دفن ڪرڻ ۾ دير نہ ڪجي.

**عبدالله بن جعفر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: پنهنجي فوتين کي تلقين ڪندا ڪريو تہ (چون) الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي اهو بردبار ۽ ڪريم آهي. عرض عظيم جو سارا هيل پالڻهار آهي. سڀ ساراه جهانن جي پالڻهار الله واسطي آهي. عرض ڪيائون . اي الله جا رسول ﷺ ! جيئرن لاءِ اها دعا گهڻي ڪيئن آهي؟ فرمايائون تمام ڀلو ۽ تمام ڀلو ([1]) (ابن ماجہ)**

**فائده:_ سند ۾ اسحاق بن جعفر راوي مجهول الحال آهي. (مشڪواة_ علامہ الباني ص 510ج1)**

(1627) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : الميت تحضره الملائكة فإذا كان الرجل صالحا قالوا : اخرجي أيتها النفس الطيبة كانت في الجسد الطيب اخرجي حميدة وأبشري بروح وريحان ورب غير غضبان فلا تزال يقال لها ذلك حتى تخرج ثم يعرج بها إلى السماء فيفتح لها فيقال : من هذا ؟ فيقولون : فلان فيقال : مرحبا بالنفس الطيبة كانت في الجسد الطيب ادخلي حميدة وأبشري بروح وريحان ورب غير غضبان فلا تزال يقال لها ذلك حتى تنتهي إلى السماء التي فيها الله فإذا كان الرجل السوء قال : اخرجي أيتها النفس الخبيثة كانت في الجسد الخبيث اخرجي ذميمة وأبشري بحميم وغساق وآخر من شكله أزواج فما تزال يقال لها ذلك حتى تخرج ثم يعرج بها إلى السماء فيفتح لها فيقال : من هذا ؟ فيقال : فلان فيقال : لا مرحبا بالنفس الخبيثة كانت في الجسد الخبيث ارجعي ذميمة فإنها لا تفتح له أبواب السماء فترسل من السماء ثم تصير إلى القبر " . رواه ابن ماجه

**ابو هريره﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن ڪنهن جو موت ويجهو هوندو آهي تہ فرشتا ان جي قريب ايندا آهن. (فوتي) نيڪ هوندو آهي تہ فرشتا چوندا آهن: اي پاڪ جسم ۾ رهندڙ پاڪ روح! ٻاهر اچ تون تعريف جوڳو آهين الله جي رحمت، ان جي رزق ۽ نہ ڏمر ڪندڙ پالڻهار کان خوش ٿيءُ. مسلسل ان کي اهڙا الفاظ چوندا رهندا آهن، تانجو روح جسم کان ٻاهر نڪرندو آهي. ان کان بعد ان کي آسمان ڏانهن وٺي ايندا آهن تہ ان جا دروازا ان لاءِ کولرايا ويندا آهن. چيو ويندو آهي تہ هيءُ ڪير آهي؟ (فرشتا) چوندا آهن تہ فلاڻو آهي. ان کي چيو ويندو آهي تہ پاڪ جسم جي پاڪ روح کي خوش آمديد هجي الله جي رحمت، ان جي رزق ۽ نہ ڏمر ڪندڙ پالڻهار کان خوش ٿيءُ. برابر ان کي ان طرح چيو ويندو آهي تانجو انهيءَ آسمان تي وڃي پهچندو آهي جنهن تي الله آهي. ليڪن جيڪڏهن بدڪار انسان هوندو آهي تہ فرشتو چوندو اٿس. اي خبيث جسم جا خبيث روح تون تمام بڇڙو آهين ٻاهر نڪر، توکي ٽهڪندڙ پاڻي، پون ۽ اهڙن بين عذابن جي ڏمڪي آهي. برابر ان کي اهي الفاظ چيا ويندا آهن تانجو روح ٻاهر نڪرندو آهي. ان کي ڪٽي (فرشتو) آسان ڏانهن چڙهندو آهي ۽ ان لاءِ دروازو کولڻ لاءِ چوندو آهي چيو ويندو اٿس تہ هيءُ ڪير آهي؟ جواب ڏيندو تہ فلاڻو ماڻهو آهي، تڏهن ان کي چيو ويندو آهي تہ خبيث جسم جي خبيث روح کي خوش آمديد نہ هجي بڇرو ٿي واپس موٽ! تولاءِ دروازو نہ کوليو ويندو ان ڪري آسمان کان قبر ڏانهن واپس موڪليو ويندو آهي. (ابن ماجہ)**

---

[1] _يعني اهي ڪلمان بيمار کان علاوه چڱا ڀلا چون تڏهن بہ ثواب آهي.

(1628) وعن أبي هريرة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إذا خرجت روح المؤمن تلقاها ملكان يصعدانها " . قال حماد : فذكر من طيب ريحها وذكر المسك قال : " ويقول أهل السماء : روح طيبة جاءت من قبل الأرض صلى الله عليك وعلى جسد كنت تعمرينه فينطلق به إلى ربه ثم يقول : انطلقوا به إلى آخر الأجل " . قال : " وإن الكافر إذا خرجت روحه " قال حماد : وذكر من نتنها وذكر لعنها . " ويقول أهل السماء : روح خبيثة جاءت من قبل الأرض فيقال : انطلقوا به إلى آخر الأجل " قال أبو هريرة : فرد رسول الله صلى الله عليه وسلم ريطة كانت عليه على أنفه هكذا . رواه مسلم

**ابو هريره رضي الله عنه كان روايت آهي تہ جڏهن مؤمن جو روح نڪرندو آهي تہ ان کي ٻہ فرشتا ملندا آهن جيڪي ان کي (آسمان ڏانهن) وٺي چڙهندا آهن. (راوي) حماد چوي ٿو تہ پاڻ روح جي عمده خوشبوءِ جو بيان ڪيائون ۽ ان بابت مشڪ جو ذڪر ڪيائين (راوي) چوي ٿو تہ پاڻ فرمايائون. آسمان وارا چوندا تہ پاڪيزه روح زمين تان آيو آهي. الله توتي ۽ تنهنجي جسم تي رحمت ڪري، جنهن کي تو آباد ڪري رکيو هو. پوءِ ان کي سندس رب وٽ وٺي ويندا آهن. ان کان بعد الله فرمائيندو آهي هن کي آخري مدر (برزخ_قبر) ڏانهن وٺي وڃو. چوي ٿو تہ جڏهن ڪافر جو روح نڪرندو آهي تہ حماد چوي ٿو تہ نبي ﷺ ان جي بدبوءِ ۽ مٿس لعنت جو ذڪر ڪيو. فرشتا چوندا آهن تہ ناپاڪ روح زمين تان آيو آهي. ان کي ڇيو ويندو آهي تہ ان کي آخري اجل (برزخ) ڏانهن وٺي وڃو. ابو هريره رضي الله عنه چوي ٿو تہ رسول الله ﷺ جن جي جسم تي چادر هئي اها نڪ تي هن طرح ڏنائون. (ابو هريره رضي الله عنه نڪ بند ڪري) ڏيکاريو. (مسلم)**

(1629) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا حضر المؤمن أتت ملائكة الرحمة بحريرة بيضاء فيقولون : اخرجي راضية مرضيا عنك إلى روح الله وريحان ورب غير غضبان فتخرج كأطيب ريح المسك حتى إنه ليناوله بعضهم بعضا حتى يأتوا به أبواب السماء فيقولون : ما أطيب هذه الريح التي جاءتكم من الأرض فيأتون به أرواح المؤمنين فلهم أشد فرحا به من أحدكم بغائبه يقدم عليه فيسألونه : ماذا فعل فلان ماذا فعل فلان ؟ فيقولون : دعوه فإنه كان في غم الدنيا . فيقول : قد مات أما أتاكم ؟ فيقولون : قد ذهب به إلى أمه الهاوية . وإن الكافر إذا احتضر أتته ملائكة العذاب بمسح فيقولون : اخرجي ساخطة مسخوطا عليك إلى عذاب الله عز وجل . فتخرج كأنتن ريح جيفة حتى يأتون به باب الأرض فيقولون : ما أنتن هذه الريح حتى يأتون به أرواح الكفار " . رواه أحمد والنسائي

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن مؤمن تي موت ايندو آهي تہ رحمت جا فرشتا اڇي رنگ جو ريشمي لباس آڻيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اي روح! تون (ٻاهر) نڪري اچ تون الله کان خوش ۽ اهو توکان خوش آهي. الله جي رحمت، ان جي رزق ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن اچ جيڪو توتي ناراض نہ آهي. چنانچہ روح (جسم مان) نهايت عمده مشڪ جهڙي**

خوشبوءِ وانگر ٻاهر نڪرندي آهي تانجو ان کي[1] آسمان جا فرشتا چوندا آهن: ڪيتري قدر عمده خوشبوءِ وارو آهي هي روح جيڪو اوهان وٽ زمين تان آيو آهي. پوءِ ان کي ايماندار روحن ( جي رهڻ واري جاءِ) تي آڻيندا آهن ايمان وارا ان روح سان ملاقات ڪرڻ سبب ان کان زياده خوش ٿيندا آهن. جيتري قدر توهان مان ڪو شخص سفر تي ويندڙ ساٿيءَ جي واپسيءَ تي خوش ٿيندو آهي پوءِ اهي ان کان دريافت ڪندا آهن ته فلاڻي شخص جو حال ڪيئن آهي؟ پوءِ چوندا ته هاڻي ان کي ڇڏي ڏيو ڇاڪاڻ ته اهو دنيا جي غمن ۾ مبتلا هو ۽ مرڻ وارو(انهن کي چوندو) ته اهو مري ويو آهي ڇا توهان وٽ نه آيو آهي؟ (ان تي) اهي کيس چوندا ته ان کي هاويہ (دوزخ) (2) ڏانهن وٺي ويا آهن ۽ ڪافر جي فوت جو وقت جڏهن قريب ايندو آهي ته عذاب جا فرشتا ان وٽ ڪٿو آڻيندا آهن ۽ چوندا آهن ته اي روح تون الله جي عذاب ڏانهن اچ.(3) تنهنجي لاءِ ڏمر آهي ۽ توتي تنهنجو پالڻهار ناراض آهي پوءِ سخت بدبودار لاش وانگر اهو روح نڪرندو تانجو ان کي زمين جي دروازن تائين آڻيندا ۽ (فرشتا چوندا) ته هي ڪيتري قدر سخت بدبودار آهي تانجو ان کي ڪافرن جي روحن جي (رهڻ واري جاءِ) تي پهچائيندا آهن. (احمد_ نسائي)

(1630) وعن البراء بن عازب قال : خرجنا مع النبي صلى الله عليه وسلم في جنازة رجل من الأنصار فانتهينا إلى القبر ولما يلحد فجلس رسول الله صلى الله عليه وسلم وجلسنا حوله كأن على رؤوسنا الطير وفي يده عود ينكت به في الأرض فرفع رأسه فقال : " استعيذوا بالله من عذاب القبر " مرتين أو ثلاثا ثم قال : " إن العبد المؤمن إذا كان في انقطاع من الدنيا وإقبال من الآخرة نزل إليه من السماء ملائكة بيض الوجوه كأن وجوههم الشمس معهم كفن من أكفان الجنة وحنوط من حنوط الجنة حتى يجلسوا منه مد البصر ثم يجيء ملك الموت حتى يجلس عند رأسه فيقول : أيتها النفس الطيبة اخرجي إلى مغفرة من الله ورضوان " قال : " فتخرج تسيل كما تسيل القطرة من في السقاء فيأخذها فإذا أخذها لم يدعوها في يده طرفة عين حتى يأخذوها فيجعلوها في ذلك الكفن وفي ذلك الحنوط ويخرج منها كأطيب نفحة مسك وجدت على وجه الأرض " قال : " فيصعدون بها فلا يمرون - يعني بها - على ملأ من الملائكة إلا قالوا : ما هذه الروح الطيب فيقولون : فلان بن فلان بأحسن أسمائه التي كانوا يسمونه بها في الدنيا حتى ينتهوا بها إلى سماء الدنيا فيستفتحون له فيفتح له فيشيعه من كل سماء مقربوها إلى السماء التي تليها حتى ينتهى بها إلى السماء السابعة - فيقول الله عز وجل : اكتبوا كتاب عبدي في عليين وأعيدوه إلى الأرض فإني منها

[1]_ هڪ ٻئي جي حوالي ڪندا آهن تانجو ان کي آسمانن جي دروازن جي ويجهو آڻيندا آهن.-

[2]_ هن مان معلوم ٿيو ته دنيا جي خبر مئلن کي فوت ٿيل روح جي ذريعي ملي ٿي ۽ روحن کي غيب جو علم ڪونهي. اهي دنيا وارن جي حالت کان ۽ انهن جي گفتگو ٻڌڻ کان بي خبر آهن.

[3]_ هن حديث مان قبر جو عذاب ثابت ٿئي ٿو قبر جي عذاب جي ثبوت جا دليل قرآن ۽ حديث ۾ گهڻا آهن ۽ عقل جي لحاظ سان بہ قبر جو عذاب ناممڪن نہ آهي ڇاڪاڻ ته خدا پاڪ هر طرح سان قادر آهي ته انسانن جي بدن کي هر قسم جي حياتي ڏي، جنهن ڪري هن کي عذاب ٿي سگهي، مسلم، بخاري ۽ اصحاب سنن جون ان باري ۾ گهڻيون حديثون آيل آهن ۽ اهل سنت جو بہ اهو اعتقاد آهي.

خلقتهم وفيها أعيدهم ومنها أخرجهم تارة أخرى قال : " فتعاد روحه فيأتيه ملكان فيجلسانه فيقولون له : من ربك ؟ فيقول : ربي الله فيقولون له : ما دينك ؟ فيقول : ديني الإسلام فيقولان له : ما هذا الرجل الذي بعث فيكم ؟ فيقول : هو رسول الله صلى الله عليه وسلم فيقولان له : وما علمك ؟ فيقول : قرأت كتاب الله فآمنت به وصدقت فينادي مناد من السماء أن قد صدق فأفرشوه من الجنة وألبسوه من الجنة وافتحوا له بابا إلى الجنة " قال : " فيأتيه من روحها وطيبها ويفسح له في قبره مد بصره " قال : " ويأتيه رجل حسن الوجه حسن الثياب طيب الريح فيقول : أبشر بالذي يسرك هذا يومك الذي كنت توعد فيقول له : من أنت ؟ فوجهك الوجه يجيء بالخير فيقول : أنا عملك الصالح فيقول : رب أقم الساعة رب أقم الساعة حتى أرجع إلى أهلي ومالي " . قال : " وإن العبد الكافر إذا كان في انقطاع من الدنيا وإقبال من الآخرة نزل إليه من السماء ملائكة سود الوجوه معهم المسوح فيجلسون منه مد البصر ثم يجيء ملك الموت حتى يجلس عند رأسه فيقول : أيتها النفس الخبيثة اخرجي إلى سخط من الله " قال : " فتفرق في جسده فينتزعها كما ينتزع السفود من الصوف المبلول فيأخذها فإذا أخذها لم يدعوها في يده طرفة عين حتى يجعلوها في تلك المسوح ويخرج منها كأنتن ريح جيفة وجدت على وجه الأرض فيصعدون بها فلا يمرون بها على ملأ من الملائكة إلا قالوا : ما هذا الروح الخبيث ؟ فيقولون : فلان بن فلان - بأقبح أسمائه التي كان يسمى بها في الدنيا - حتى ينتهي بها إلى السماء الدنيا فيستفتح له فلا يفتح له " ثم قرأ رسول الله صلى الله عليه وسلم ( لا تفتح لهم أبواب السماء ولا يدخلون الجنة حتى يلج الجمل في سم الخياط ) فيقول الله عز وجل : اكتبوا كتابه في سجين في الأرض السفلى فتطرح روحه طرحا ثم قرأ : ( ومن يشرك بالله فكأنما خر من السماء فتخطفه الطير أو تهوي به الريح في مكان سحيق ) فتعاد روحه في جسده ويأتيه ملكان فيجلسانه فيقولان له : من ربك : فيقول : هاه هاه لا أدرى فيقولان له : ما دينك ؟ فيقول : هاه هاه لا أدري فيقولان له : ما هذا الرجل الذي بعث فيكم ؟ فيقول : هاه هاه لا أدري فينادي مناد من السماء أن كذب عبدي فأفرشوا له من النار وافتحوا له بابا إلى النار فيأتيه حرها وسمومها ويضيق عليه قبره حتى تختلف فيه أضلاعه ويأتيه رجل قبيح الوجه قبيح الثياب منتن الريح فيقول أبشر بالذي يسوؤك هذا يومك الذي كنت توعد فيقول : من أنت ؟ فوجهك الوجه يجيء بالشر فيقول : أنا عملك الخبيث فيقول : رب لا تقم الساعة

وفي رواية نحوه وزاد فيه : إذا خرج روحه صلى عليه كل ملك بين السماء والأرض وكل ملك في السماء وفتحت له أبواب السماء ليس من أهل باب إلا وهم يدعون الله أن يعرج بروحه من قبلهم . وتنزع نفسه يعني الكافر مع العروق فيلعنه كل ملك بين السماء والأرض وكل ملك في السماء وتغلق أبواب السماء ليس من أهل باب إلا وهم يدعون الله أن لا يعرج روحه من قبلهم " . رواه أحمد

براءُ بن عاذب ﷛ کان روايت آهي ته اسين نبيﷺ جن سان گڏ هڪ انصاري جي جنازي ۾ وياسون. قبرستان پهتاسون ته اجا قبر تيار نه هئي. رسول اللهﷺ جن آيا اسان سندن چوڌاري ويهي رهياسون چڻ ته اسان جي سرن تي پکي ويٺل آهن پاڻ سڳورنﷺ جي هٿن ۾ هڪ ڪاٺي هئي جنهن سان زمين کي کوٽي رهيا هئا پنهنجو مٿو مبارڪ مٿي ڪنيائون ۽ ٻه يا ٽي ڀيرا فرمايائون: ﷲ کان قبر جي عذاب جي پناهه گهرو ان کان بعد فرمايائون: ته جڏهن مؤمن جي دنيا کان آخرت جي داخل ٿيڻ جو وقت ايندو آهي ته ان ڏانهن آسمان کان اڇي رنگ وارا فرشتا نازل ٿيندا آهن. انهن جا منهن سج وانگر (روشن) هوندا آهن، وٽن جنت جو ڪفن ۽ جنت جي خوشبوءِ هوندي آهي. اهي انهيءَ شخص کان نظر جي مفاصلي تائين پري ويهندا آهن پوءِملڪ الموتؑ ايندو آهي اهو ان جي مٿاهين کان ويهندو آهي ۽ چوندوآهي ته اي پاڪ روح ﷲ جي مغفرت ۽ ان جي رضا ڏانهن اچ. راوي بيان ڪري ٿو روح ايتري قدر (آرام سان) نڪرندي آهي جيئن مشڪ مان پاڻيءَ جا قطرا وهي نڪرندا آهن. (1) پوءِ ملڪ الموتؑ روح کي وٺندو آهي جڏهن اهو انکي ڪيندو آهي ته (ٻيا) فرشتا اک ڇنڀ جيترو عرصو به ان جي هٿ ۾ رهڻ نه ڏيندا آهن تانجو ان کي وٺندا آهن پوءِ ان کي جنت جو ڪفن ۽ جنت جي خوشبوءِ ۾ ويڙهي وٺندا آهن جنهن سان زمين ۾ موجود مشڪ جهڙي نهايت عمده خوشبوءِ ڦهلجندي آهي (راوي) بيان ڪري ٿو فرشتا ان کي کڻي (آسمان) ڏانهن چڙهندا آهن پوءِ فرشتن جي جنهن جماعت وٽان گذرندا آهن ته اهي چوندا آهن هي ڪهڙو پاڪيزه روح آهي جواب ڏيندا آهن ته هيءُ فلاڻي جو پٽ فلاڻو آهي ان جو سهڻو نالو ٻڌائيندا آهن جنهن سان دنيا ۾ ان کي سڏيو ويندو هو تان جو ان کي کڻي پهرين آسمان تي پهچندا آهن فرشتا ان لاءِ آسمان جي دروازي کي کولڻ جي گهر ڪندا آهن. پوءِ ان لاءِ دروازا کوليا ويندا آهن ان کان بعد هر آسمان جا مقرب فرشتا ٻئي آسمان تائين ان اسان گڏ هلندا آهن تانجو کيس ستين آسمان تائين پهچائيندا آهن. (ان بابت) ﷲ عزوجل فرمائي ٿو. منهنجي ٻانهي جي اعمال نامي کي عليين ۾ رکو ۽ ان کي ٻيهر زمين تي وٺي وڃو ڇاڪاڻ ته مون کيس مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ ان ۾ ٻيهر ان کي موٽائيندس ۽ ان مان ئي ان کي اٿاريندس. راوي چوي ٿو پوءِ ان جو روح سندس جسم ۾ موٽايو ويندو آهي ان وٽ ٻه فرشتا ايندا آهن اهي ان کي اٿاري ويهاريندا آهن ۽ ان کان پڇندا آهن: تنهنجو رب ڪير آهي؟ جواب ڏيندو آهي، منهنجو رب ﷲ آهي اهي ان کان پڇندا آهن تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ جواب ڏيندو آهي منهنجو دين اسلام آهي. اهي ان کان پڇندا آهن هي شخص ڪير هو جيڪو توهان ۾ موڪليوويو؟ جواب ڏيندو پاڻ ﷲ جا رسول آهن اهي انکان پڇندا آهن توکي اهو ڪيئن معلوم ٿيو جواب ڏيندو آهي مون ﷲ جو ڪتاب پڙهيو، ان تي ايمان آندو ۽ ان جي تصديق ڪئي. پوءِ آسمان مان اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو. منهنجي ٻانهي سچ چيو ان جي لاءِ جنت جو هنڌ وڇايو، کيس جنت جو لباس پهرايو سندس لاءِ جنت جو دروازو کولي ڇڏيو. راوي بيان ڪري ٿو پوءِ ان وٽ جنت جي خوشبو ۽ خوشبودار هوا پهچندي آهي ۽ ان جي خبر نظر جي حد تائين ڪشادي ڪئي ويندي آهي. (راوي بيان ڪري

---

1_ هن مان معلوم ٿئي ٿو ته مؤمن جي جان سولائيءَ سان نڪري ٿي ۽ اهڙيون حديثون به گذريون آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو ته مؤمن تي سختي ٿئي ٿي ان جو مطلب هي آهي ته مؤمن کي روح نڪرڻ کان اڳ سختي ٿئي ٿي پر روح نڪرڻ وقت مٿس آساني سان نڪري ٿو.

ٿو) وٽس خوبصورت شخص ايندو جنهن جا ڪپڙا ڏاڍا سهڻا هوندا جنهن مان عمده خوشبوءِ محسوس ٿيندي هوندي اهو ان کي چوندو تہ خوش ٿي انهن خوشخبرين کان جيڪي تنهنجي لاءِ خوشيءَ جو پيغام آهن اهوئي اهو ڏينهن آهي جنهن جو توسان وعدو ڪيو ويو هو اهو ان کان دريافت ڪندو تون ڪير آهين؟ تنهنجو منهن تہ ڏاڍو بابرڪت ۽ ڀلائي وارو آهي جواب ڏيندس تہ آئون تنهنجو نيڪ عمل آهيان اهو شخص عرض ڪندو تہ اي منهنجا پالڻهار! قيامت کي جلدي قائم فرماءِ تہ اي منهنجا پالڻهار! قيامت کي جلدي قائم فرماءِ. جيئن آئون پنهنجي ٻارن ٻچن ۽ پنهنجي مال ڏانهن وڃان([1]) (راوي بيان ڪري ٿو) ڪافر لاءِ جڏهن دنيا مان الڳ ٿيڻ ۽ آخرت ڏانهن داخل ٿيڻ جو وقت ايندو آهي تہ ان ڏانهن آسمان کان ڪاري منهن وارا فرشتا نازل ٿيندا آهن جن وٽ ڳوڻ جي ٻوري هوندي آهي اهي ان کان نظر جي حد جي مفاصلي تي ويهي رهندا آهن. ان کان بعد ملڪ الموت ايندو آهي اهو ان جي مٿانهين کان ويهي رهندو آهي ۽ چوندو آهي تہ اي خبيث روح! تون الله جي ڏمر ڏانهن ٻاهر اچ (راوي بيان ڪري ٿو) روح ان جي بدن ۾ ڊوڙڻ لڳندو آهي ۽ فرشتو ان کي اهڙي طرح ڇڪي ڪڍندو آهي جهڙي طرح لوهي شيخ کي پسيل ڪپهہ مان ڪڍيو وڃي اهو روح کي پڪڙيندو آهي ۽ جڏهن ان کي حاصل ڪندو آهي تہ فرشتا اک ڇنڀ ۾ ان کي ان جي هٿن ۾ رهڻ نہ ڏيندا آهن. ۽ ان کي ٻورين ويڙهي سيڙهي ڇڏيندا آهن. دنيا ۾ موجود بدبوءِ روح مان محسوس ٿيندي آهي. فرشتا ان کي کڻي (آسمان ڏانهن) چڙهندا آهن. پوءِ فرشتن جي جنهن جماعت وٽان گذرندا آهن اهي چوندا آهن تہ هي ڪهڙو ناپاڪ روح آهي جواب ڏيندا آهن تہ هي فلاڻو پٽ فلاڻي جو آهي ان جو اهڙ ٻيڙو نالوونندا آن جنهن سان دنيا ۾ مشهور هو تانجو پهرين آسمان ڏانهن وٺي ويندا آهن ان لاءِ دروازو کولڻ جي گهر ڪندا آهن پر دروازو نہ کلندو آهي جنهن تي رسول الله ﷺ جن آيت تلاوت فرمائي (ترجمہ) انهن لاءِ آسمانن جا دروازه نہ تا کلن ۽ ايستائين جنت ۾ داخل نہ ٿيندا تانجو اٺ سئيءَ جي پاکي مان لنگهي نہ وڃي. (الأية) پوءِ الله تعاليٰ فرمائيندو آهي ان جو اعمال نامو سجين (قيدخانو) ۾ رکو جيڪو زمين جي هيٺين حصي ۾ آهي پوءِ ان جو روح اتي اڇلايو ويندو آهي. (ان جي تصديق لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ) هيءَ آيت تلاوت فرمائي ۽ جنهن شخص الله سان شرڪ ڪيو جڻ تہ اهو آسمان کان هيٺ ڪريو ۽ پکين ان کي امالڪ جهپي ورتو يا تيز هوا ان کي ڏوراهين جڳهہ تي اڇلائي ڇڏيو (ان کان پوءِ) ان جو روح ان جي جسم ۾ موٽايو ويندو آهي وٽس ٻہ فرشتا ايندا آهن ۽ ان کي اٿاري ويهاريندا آهن. ۽ ان کان پڇندا آهن تہ تنهنجو پالڻهار ڪير آهي؟ جواب ڏيندو آهي هاءِ هاءِ ! مون کي ڪجهہ معلوم نہ آهي پوءِ ان کان پڇندا آهن تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ جواب ڏيندو آهي تہ هاءِ هاءِ مون کي ڪجهہ معلوم نہ آهي، پوءِ ان کان پڇندا آهن هي شخص جيڪو توهان ڏانهن موڪليو ويو ڪير هو؟ جوان ڏيندو تہ هاءِ هاءِ! مونکي ڪا خبر نہ آهي. آسمان مان اعلان ڪرڻ وارو چوندو آهي تہ ان ڪوڙ ڳالهايو ان لاءِ باهہ جو هنڌ وڇايو ۽ دوزخ ڏانهن دروازو کوليو پوءِ ان جي گرمي ۽ تيز بدبو ان وٽ ايندي آهي، وٽس قبر تنگ ڪئي ويندي آهي تانجو ان جو پاسيريون هڪ ٻيءَ ۾ ملي وينديون آهن. ۽ ان وٽ هڪ شخص ايندو آهي جنهنجومنهن ڏاڍو بدشڪلو ۽ ٻڇڙو هوندو آهي لباس تمام هولناڪ هوندو اٽس ۽ ان مان بدبوءِ ايندي آهي. چوندس

[1]_ اهل مان مراد بهشت جون حورون ۽ مال مان مراد جنت جا محل آهن.

تہ توکي اهڙي شيءِ جي ڏمکي ۾ التيميتم هجي جيکا توکي غمگين کري اهوئي اهو ڏينهن آهي جنهنجو توسان وعدو کيو ويو اهو ان کان پڇندو تہ تون کير آهين؟ تنهنجي شکل تمام بڇڙي آهي، جنهن مان شر ظاهر ٿي رهيو آهي جواب ڏيندس تہ آئون تنهنجو خبيث عمل آهيان. اهو چوندو تہ اي پالڻهار! قيامت قائم نہ فرماءِ (هڪ ٻي روايت ۾ ان کان زياده هن طرح آهي) جڏهن روح ان جي جسم مان نکرندو آهي تہ آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ سڀ فرشتا ۽ اهي سڀ فرشتا جيکي آسمانن ۾ هوندا آهن ان لاءِ بخشش گهرندا آهن ۽ ان لاءِ آسمانن جا دروازا کلي ويندا آهن. کنهن بہ دروازي تي مقرر فرشتا هوندا آهن اهي ﷲ کان دعا کندا آهن تہ اي ﷲ اهو روح ان ڏانهن چڙهايو وڃي ۽ کافر جو روح ان جي رڳن مان (سختيءَ سان) انجي جسم مان کڍيو ويندو آهي آسمان، زمين جي وچ ۾ آسمان جا سمورا فرشتا ان تي لعنت کندا آهن ۽ آسمان جا دروازه ان لاءِ بند کيا ويندا آهن. هر دروازي جا فرشتا ﷲ کان دعا کندا آهن. تہ ان وٺان هن روح کي مٿي نہ چڙهايو وڃي (احمد)

فائده:_ پهرين روايت صحيح آهي ٻي روايت ۾ يونس بن خباب راوي ضعيف آهي. (مشکواة_علامہ الباني ص515ج1)

(1631) وعن عبد الرحمن بن كعب عن أبيه قال : لما حضرت كعبا الوفاة أتته أم بشر بنت البراء بن معرور فقالت : يا أبا عبد الرحمن إن لقيت فلانا فاقرأ عليه مني السلام . فقال : غفر الله لك يا أم بشر نحن أشغل من ذلك فقالت : يا أبا عبد الرحمن أما سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " إن أرواح المؤمنين في طير خضر تعلق بشجر الجنة ؟ " قال : بلى . قالت : فهو ذاك . رواه ابن ماجه والبيهقي في كتاب البعث والنشور

عبدالرحمٰن بن کعب پنهنجي پيءُ کان روايت کري ٿو تہ جڏهن کعب ﷛ جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ براءُ بن معرور جي ڌيءُ! ان وٽ آئي ۽ چيائينس تہ اي عبدالرحمٰن جا پيءُ! جيکڏهن تنهنجي فلاڻي سان ملاقات ٿئي تہ ان کي منهنجا سلام ڏجانءِ چيائينس تہ اي بشر جي ماءُ! ﷲ توکي بخشي اسان تہ ان کان وڌيک مشغول هونداسون ( جو سلام پهچايون) چيائينس تہ اي عبدالرحمٰن جا پيءُ چا تو رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي نہ ٻڌو آهي تہ مؤمنن جا روح ساون پکين ۾ هوندا جيکي جنت جي وڻن مان کائيندا؟ ([1]) جواب ڏنائين تہ ها! (ٻڌو آهي) چيائينس تہ پوءِ اهوئي تہ آهي (ابن ماجہ_ بيهقي_ کتاب البعث والنشور)

فائده:_ سند ضعيف آهي سند ۾ محمد اسحاق مدلس راوي لفظ عن سان گڏ روايت کندو آهي. (مشکواة_علامہ الباني ص 515ج1)

[1]_ کن عالمن هن حديث مان شهيد مراد ورتي آهي مگر هتي عام مؤمن مراد آهن.

(1632) وعن عبد الرحمن بن كعب عن أبيه قال : أنه كان يحدث أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إنا نسمة المؤمن طير طير تعلق في شجر الجنة حتى يرجعه الله في جسده يوم يبعثه " . رواه مالك والنسائي والبيهقي في كتاب البعث والنشور

**عبدالرحمٰن بن ڪعب پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: بيشڪ مؤمنن جو روح پکين (جي شڪل) اختيار ڪري جنت جو وڻن مان ڪائيندو تانجو الله ان کي قيامت جي ڏينهن جسم ۾ موٽائيندو (مالڪ، نسائي، بيهقي_ ڪتاب البعث والنشور)**

(1633) وعن محمد بن المنكدر قال : دخلت على جابر بن عبد الله وهو يموت فقلت : اقرأ على رسول الله صلى الله عليه وسلم السلام . رواه ابن ماجه

**محمد بن منڪدر کان روايت آهي ته آئون جابر بن عبدالله رضي الله عنه وٽ مرض الموت ۾ ويس ان کي چيم ته رسول اللهﷺ کي منهنجو سلام چئجانءِ (ابن ماجه)**

**فائده:_ احمد بن ازهر راوي پوڙهو ٿي ويو هو تلقين ڪئي ويندي هئي. ابن حبان الثقات ۾ بيان ڪيو اهو خطائون ڪندو هو (مشڪواة_علامه الباني ص 516ج1)**

# ميت کي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ جو[1] بيان

## پهريون فصل

(1634) عن أم عطية قالت : دخل علينا رسول الله صلى الله عليه وسلم ونحن نغسل ابنته فقال : اغسلنها ثلاثا أو خمسا أو أكثر من ذلك إن رأيتن ذلك بماء وسدر واجعلن في الاخرة كافورا أو شيئا من كافور فإذا فرغتن فآذنني فلما فرغنا آذناه فألقى إلينا حقوه وقال : " أشعرنها إياه " وفي رواية : " اغسلنها وترا : ثلاثا أو خمسا أو سبعا وابدأن بميامنها ومواضع الوضوء منها " . وقالت فضفرنا شعرها ثلاثة قرون فألقيناها خلفها

**ام عطيه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن اسان وٽ آيا جڏهن اسين سندس نياڻي[2] کي غسل ڏيئي رهيو هيونسين فرمايائون: ان کي پاڻيءَ ۾ ٻير جا پن وجهي، ٽي يا پنج يا جيترا ڀيرا زياده اوهين مناسب سمجهو غسل ڏيو ۽ آخر ۾ ان ۾ ڪجهه ڪافور ملايو. جڏهن غسل مان وانديون ٿيو ته مون کي اطلاع ڪريو. اسين فارغ ٿيوسين ته پاڻ سڳورنﷺ کي اطلاع ڪيوسين. پاڻ پنهنجي چادر موڪليائون ۽ فرمايائون ته ان کي ڪفن جي اندران وجهي ڇڏيو ۽**

---

[1]_ ميت جو غسل جيئرن تي بالاجماع واجب آهي بهتر هيئن آهي ته ميت کي سندس قريبي رشته دار غسل ڏين.

[2]_ حضورﷺ جن جي اها نياڻي زينب رضي الله عنها هئي ۽ هي به معلوم ٿيو ته فقط 3_ دفعا لازمي نه آهي، بلڪ جيتري قدر صفائي لاءِ ضروري هجي اوتري قدر ميت کي غسل ڏجي پچاڙي ۾ڪافور لڳائجي ۽ ٻير جا پن پاڻي گرم ڪرڻ وقت وجهڻ گهرجن.

هڪ روايت ۾ آهي (فرمايائون) ان کي اکي يعني ٽي يا پنج يا ست دفعا غسل ڏيو ۽ ان جي شروعات ميت جي ساڄي پاسي کان ۽ سندس وضوءَ جي عضون کان ڪريو. چوي ٿي تہ اسان ان جي وارن کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏو ۽ انهن کي پوئين پاسي لڙڪائي ڇڏيو (بخاري مسلم)

(1635) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم كفن في ثلاثة أثواب يمانية بيض سحولية من كرسف ليس فيها قميص ولا عمامة

عائشہ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ کي ٽن يمني سفيد رنگ جي نرم ڪپهہ جي ٽن چادرن ۾ ([1]) ڪفن ڏنو ويو انهن ۾ قميص ۽ عمامہ نہ هو. (بخاري مسلم)

(1636) وعن جابر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا كفن أحدكم أخاه فليحسن كفنه " . رواه مسلم

جابر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪو پنهنجي ڀاءُ کي ڪفن ڏي تہ سهڻو ڪفن ڏي. ([2]) (مسلم)

(1637) وعن عبد الله بن عباس قال : إن رجلا كان مع النبي صلى الله عليه وسلم فوقصته ناقته وهو محرم فمات ن فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اغسلوه بماء وسدر وكفنوه في ثوبيه ولا تمسوه بطيب ولا تخمروا رأسه فإنه يبعث يوم القيامة ملبيا " وسنذكر حديث خباب : قتل مصعب بن عمير في باب جامع المناقب إن شاء الله

عبدالله بن عباس ﷛ کان روايت آهي تہ هڪ شخص رسول الله ﷺ سان احرام جي حالت ۾ هو. ڏاچيءَ ان کي ڪرائي ڪنڌ ڀڃي وڌو، اهو مري ويو. رسول الله ﷺ فرمايو: پاڻيءَ ۾ ٻير جا پن وجهي ان کي غسل ڏيو. ۽ سندس ٻنهي چادرن ۾ ان کي ڪفن ڏيو ان کي خوشبوءَ نہ لڳايو نہ ان جو سر ڍڪيو. اهو قيامت جي ڏينهن لبيڪ چوندي اٿاريو ويندو. (بخاري مسلم)
خباب جي حديث مصعب بن عمير جي قتل بابت باب جامع المناقب ۾ ان شاءالله تعاليٰ ڏبي.

## فصل ٻيو

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ حضور ﷺ جن جي ڪفن جا 3_ڪپڙا هئا ۽ سنت بہ ائين آهي. امام مالڪ، امام شافعي ۽ احمد جو بہ اهوئي مذهب آهي. ۽حنفي بہ چون ٿا ڪفن ٽن ڪپڙن ۾ ڏيو مگر ٽيون ڪپڙو قميص ڪبي. بهرحال ٽن کان وڌائڻ سنت جي خلاف ۽ اسراف ۾ داخل آهي. ڪي ماڻهو پٽڪو ٻڌائڻ مستحب سمجهن ٿا مگر اها سندن غلطي ۽ بدعت آهي جنهن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.
[2]_ مطلب هي آهي تہ نکي تمام گهڻ درجي جو ڪفن هجي نہ کي تمام قيمتي هجي بلڪ حلال مال مان اڇي ۽ صاف ڪپڙي جو ڪفن ڏجي.

(1638) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " البسوا من ثيابكم البياض فإنها من خير ثيابكم وكفنوا فيها موتاكم ومن خير أكحالكم الإثمد فإنه ينبت الشعر ويجلوا البصر " . رواه أبو داود والترمذي

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: اڇا ڪپڙا پائيندا ڪريو ڇاڪاڻ تہ اهو تمام پلو لباس آهي ۽ پنهنجي فوتين کي اڇو ڪفن ڏيندا ڪريون([1]) ۽ توهان جو سهڻو سرمو اصفهاني آهي، اهو وار ڦٽائيندو ۽ نظر کي روشن ڪندو آهي (ابوداؤد، ترمذي) ابن ماجہ لفظ "موتاکم" تائين بيان ڪيو.**

(1639) وعن علي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تغالوا في الكفن فإنه يسلب سلبا سريعا " . رواه أبو داود

**علي ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ڪفن قيمتي نہ ڏيو جو اهو تمام جلد پراڻو ٿي ويندو آهي. (ابوداؤد)**

**فائده:_ سند ۾ عمرو بن هاشم راوي لين الحديث آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص 518ج1)**

(1640) وعن أبي سعيد الخدري أنه لما حضره الموت . دعا بثياب جدد فلبسها ثم قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " الميت يبعث في ثيابه التي يموت فيها " . رواه أبو داود

**ابو سعيد خدري ﷺ بابت بيان آهي تہ جڏهن ان کي موت جو وقت آيو تہ نئون لباس طلب ڪيائين۽ پاتائين پوءِ چيائين تہ مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو آهي تہ فوتي ان لباس ۾ اٿاريو ويندو جنهن ۾ فوت ٿيندو.([2]) (ابوداؤد)**

(1641) وعن عبادة بن الصامت عن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " خير الكفن الحلة وخير الأضحية الكبش الأقرن " . رواه أبو داود

**عباده بن صامت ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: سڀ کان چڱو ڪفن هڪ جهڙيون ٻہ چادريون آهن ۽ سڀ کان چڱي قرباني سنڱن وارو گهيٽو آهي. (ابوداؤد)**

(1642) ورواه الترمذي وابن ماجه عن أبي أمامة

**ترمذي ۽ ابن ماجہ ابو امامہ ﷺ کان اهو حديث بيان ڪئي.**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿيو تہ اڇي ڪپڙي جو ڪفن بهتر آهي.

[2] _ هتي ڪپڙن مان عملن جو لباس مراد آهي ڇاڪاڻ تہ جڏهن قبر مان اٿبو تڏهن سڀ ميت بغير ڪپڙن جي اٿندا. سڀ کان پهريائين لباس ابراهيمﷺ کي ملندو جنهن کي آڙاهہ ۾ ڪافرن بغير لباس جي اڇليو هو، پوءِ درجہ بدرجہ لباس هر هڪ مؤمن کي ڍڪايو ويندو. ابو سعيد ﷺمجازي لباس کي حقيقي لباس سان تعبير ڪيو.

(1643) وعن ابن عباس قال : أمر رسول الله صلى الله عليه وسلم بقتلى أحد أن ينزع عنهم الحديد والجلود وأن يدفنوا بدمائهم وثيابهم . رواه أبو داود وابن ماجه

**ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن احد جي شهيدن جي باري ۾ حڪم ڏنو تہ انهن تان اسلح، زرهہ ۽ (جانورن جي) کلن جا پهريل ڪپڙا لاٿا وڃن ۽ ڪين انهن جي رت ۽ انهن جي ڪپڙن ۾ دفن ڪيو وڃي. (ابوداؤد، ابنن ماجہ)**

**فائده:_ سند ۾ علي بن عاصم ۽ عطاءِ بن صائب ٻئي راوي ضعيف آهن (مشڪواة_ علامہ الباني ص 519ج1)**

## ٽيون فصل

(1644) عن سعد بن إبراهيم عن أبيه أن عبد الرحمن بن عوف أتى بطعام وكان صائما فقال : قتل مصعب بن عمير وهو خير مني كفن في بردة إن غطي رأسه بدت رجلاه وإن غطي رجلاه بدا رأسه وأراه قال : وقتل حمزة وهو خير مني ثم بسط لنا من الدنيا ما بسط أو قال : أعطينا من الدنيا ما أعطينا ولقد خشينا أن تكون حسناتنا عجلت لنا ثم جعل يبكي حتى ترك الطعام . رواه البخاري

**سعد بن ابراهيم پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ عبدالرحمان بن عوف وٽ کاڌو آندو ويو جڏهن تہ پاڻ روزيدار هو چيائين تہ مصعب بن عمير شهيد ٿيو، اهو مون کان ڀلارو هو ان کي هڪ چادر ۾ ڪفن ڏنو ويو. جيڪڏهن ان جو مٿو ڍڪيو پئي ويو تہ سندس پير اگهاڙا ٿي رهيا هئا ۽ جيڪڏهن پير ڍڪيا پئي ويا تہ ان جو مٿو کلي پئي پيو ۽ منهنجو خيال آهي تہ چيائين تہ "۽ حمزه ﷺ شهيد ٿيو ۽ اهو مون کان بهتر هو ان کان پوءِ اسان جي لاءِ دنيا ڪشادي ڪئي وئي يا چيائين تہ اسان کي ڏني وئي جيتري قدر ڏني وئي ۽ تحقيق اسان کي خوف ٿيو تہ ڪٿي اسان جي نيڪين جو بدلو جلدي تہ نہ ڏنو ويو آهي پوءِ روئڻ شروع ڪيائين تانجو کاڌو ڇڏي ڏنائين. (بخاري)**

(1645) وعن جابر قال : أتى رسول الله صلى الله عليه وسلم عبد الله بن أبي بعدما أدخل حفرته فأمر به فأخرج فوضعه على ركبتيه ن فنفث فيه من ريقه وألبسه قميصه قال : وكان كسا عباسا قميصا المشي بالجنازة والصلاة عليها – الفصل الأول

**جابر ﷺ کان روايت آهي تہ (منافقن جو سردار) عبدالله بن ابي جڏهن کڏ (قبر) ۾ داخل ڪيو ويو تہ رسول اللهﷺ جن آيا پاڻ ان جي باري ۾ حڪم ڏنائون، ان کي کڏ مان ڪڍيو ويو. ڪيس پنهنجي گوڏن تي رکيائون پاڻ ان جي (جسم) ۾ ڦوڪ ڏنائون ان کي پنهنجي قميص پارايائون**

(راوي) چوي ٿو عبدالله بن ابي (رسول الله ﷺ جي چاچي) عباس رضي الله عنه کي قميص پارائي هئي[1] (بخاري مسلم)

# جنازي سان هلڻ ۽ جنازي نماز پڙهڻ جو بيان

## پهريون فصل

(1646) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أسرعوا بالجنازة فإن تك صالحة فخير تقدمونها إليه وإن تك سوى ذلك فشر تضعونه عن رقابك "

**ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنازو جلدي کڻي هلندا ڪريو[2] جيڪڏهن فوتي ڀلارو آهي ته ان کي ڀلائيءَ ڏانهن کڻي وڃي رهيا آهيو ۽ جيڪڏهن فوتي ڀلارو نه آهي ته پنهنجن ڪنڌن تان برائي لاهي ڇڏيو. (بخاري مسلم)**

(1647) وعن أبي سعيد الخدري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا وضعت الجنازة فاحتملها الرجال على أعناقهم فإن كانت صالحة قالت : قدموني وإن كانت غير صالحة قالت لأهلها : يا ويلها أين يذهبون بها ؟ يسمع صوتها كل شيء إلا الإنسان ولو سمع الإنسان لصعق " . رواه البخاري

**ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن ميت کي (کٽولي تي) رکيو ويندو آهي ۽ ماڻهو ان کي پنهنجي ڪلهن تي کڻندا آهن ته جيڪڏهن ميت نيڪ هوندو آهي ته چوندو آهي ته مون کي اڳتي کڻي هلو ۽ جيڪڏهن نيڪ نه هوندو آهي ته پنهنجي گهر وارن کي چوندو آهي ته ان لاءِ تباهي ۽ بربادي آهي ان کي ڪاڏي تا کڻي وڃو؟ انسانن کانسواءِ هر مخلوق ان جو آواز ٻڌندي آهي جيڪڏهن انسان ٻڌي وٺن ته يقيناً بيهوش ٿي وڃن. (بخاري)**

(1648) وعنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا رأيتم الجنازة فقوموا فمن تبعها فلا يقعد حتى توضع "

---

[1] _ عبدالله بن ابي منافقن جو رئيس هو. منافقي ظاهر ظهور رکندو هو جڏهن حضور ﷺ جن جو چاچو عباس رضي الله عنه بدر جي ڏينهن مسلمان ڪري آيا. تڏهن ڪلهن اگهاڙو هو ۽ ان کي ڪنهن جو به پهران پورو نه ٿيو چاڪاڻ ته هو به قد جو ڊگهو هو. عبدالله بن ابي به قد جو ڊگهو هو ان جي قميص عباس رضي الله عنه کي پوري ٿي ۽ ان عباس رضي الله عنه کي ڏني. انهيءَ ڪري حضور ﷺ جن پنهنجي قميص انهيءَ منافق جي مرڻ وقت ان کي پهرائي هن لاءِ ته انهيءَ جو احسان رهجي نه وڃي.

[2] _هن مان معلوم ٿئي ٿو ته جنازي جي دفن ڪرڻ ۾ به جلدي ڪجي.

**ابو سعيدﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جڏهن توهان جنازو ڏسو تہ اٿي بيهندا ڪريو ۽ جيڪو شخص جنازي سان هلي تہ ان وقت تائين نہ ويهي جيستائين جنازو رکيو نہ وڃي.([1]) (بخاري مسلم)**

(1649) وعن جابر قال : مرت جنازة فقام لها رسول الله صلى الله عليه وسلم وقمنا معه فقلنا : يا رسول الله إنها يهودية فقال : " إن الموت فزع فإذا رأيتم الجنازة فقوموا "

**جابرﷺ ڪان روايت آهي تہ هڪ جنازو گذريو رسول اللهﷺ جن ان لاءِ اٿي بيٺا ۽ اسين بہ بيناسون. فرمايائون اي اللهﷻ جا رسولﷺ! اهو هڪ يهودي عورت (جو جنازو) آهي فرمايائون: تحقيق موت هڪ دهشتناڪ شيءِ آهي سو جڏهن جنازو ڏسو تہ بيهي رهندا ڪريو. (بخاري مسلم)**

(1650) وعن علي رضي الله عنه قال : رأينا رسول الله صلى الله عليه وسلم قام فقمنا وقعد فقعدنا يعني في الجنازة . رواه مسلم وفي رواية مالك وأبي داود : قام في الجنازة ثم قعد بعد

**عليﷺ ڪان روايت آهي تہ اسان رسول اللهﷺ کي ڏٺو تہ پاڻ جنازي لاءِ اٿي بيٺا تہ اسين بہ اٿي بيناسون (مسلم) مالڪ ۽ ابوداؤد جي روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورا جنازي لاءِ اٿي بيٺا ان ڪان پوءِ ويهي رهيا.**

(1651) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من اتبع جنازة مسلم إيمانا واحتسابا وكان معه حتى يصلي عليها ويفرغ من دفنها فإنه يرجع من الأجر بقيراطين كل قيراط مثل أحد ومن صلى عليها ثم رجع قبل أن تدفن فإنه يرجع بقيراط "

**ابو هريرهﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيڪو شخص ايمان ۽ ثواب جي نيت سان جنازي سان هليو ۽ ان سان گڏ رهيو تانجو ان تي نماز پڙهي ۽ ان جي دفن ڪان فارغ ٿئي تہ ان کي ٻہ قيراط اجر حاصل ٿيندو هر قيراط احد جبل جيڏو آهي ۽ جنهن ان تي نماز پڙهي پوءِ دفن ٿيڻ ڪان اڳ موٽي آيو. ان کي هڪ قيراط اجر ملندو. (بخاري مسلم)**

(1652) وعن أبي هريرة : أن النبي صلى الله عليه وسلم نعى للناس النجاشي اليوم الذي مات فيه وخرج بهم إلى المصلى فصف بهم وكبر أربع تكبيرات

**ابو هريرهﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن ماڻهن کي نجاشي جي وفات جي خبر ٻڌائي([1]) جنهن ڏينهن اهو فوت ٿيو ۽ انهن کي عيدگاه ونئي ويا ۽ انهن کي صفون ٻڌرايون ۽ (نماز ۾) چار تڪبيرون چيائون. (بخاري مسلم)**

---

[1] _ هن حديث جو حڪم هيٺ ڏيڪاريل حديث سان منسوخ آهي اٿڻ ڪو مسنون طريقو ڪونہ آهي.

(1653) وعن عبد الرحمن بن أبي ليلى قال : كان زيد بن أرقم يكبر على جنائزنا أربعا وإنه كبر على جنازة خمسا فسألناه فقال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يكبرها . رواه مسلم

**عبدالرحمٰن بن ابي ليليٰ جو بيان آهي ته زيد بن ارقم اسان جي جنازه (تي نماز) پڙهائڻ وقت چار تڪبيرون چوندو هو. هڪ جنازي تي پنج تڪبيرون [2] چيائين: پوءِ اسان ان کان پڇيو چيائين ته رسول الله ﷺ جن ڪڏهن پنج تڪبيرون به چوندا هئا. مسلم)**

(1654) وعن طلحة بن عبد الله بن عوف قال : صليت خلف ابن عباس على جنازة فقرأ فاتحة الكتاب فقال : لتعلموا أنها سنة . رواه البخاري

**طلحه بن عبدالله بن عوف رضي الله عنه جو بيان آهي ته مون ابن عباس رضي الله عنه جي پويان جنازه نماز پڙهي ان ۾ الحمد پڙهيائين پوءِ چيائين ته ان ڪري فاتحه پڙهيم ته جيئن ڄاڻي وٺو ته اها سنت آهي. (بخاري)**

(1655) وعن عوف بن مالك قال : صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم على جنازة فحفظت من دعائه وهو يقول : " اللهم اغفر له وارحمه وعافه واعف عنه وأكرم نزله ووسع مدخله واغسله بالماء والثلج والبرد ونقه من الخطايا كما نقيت الثوب الأبيض من الدنس وأبدله دارا خيرا من داره وأهلا خيرا من أهله وزوجا خيرا من زوجه وأدخله الجنة وأعذه من عذاب القبر ومن عذاب النار " . وفي رواية : " وقه فتنة القبر وعذاب النار " قال حتى تمنيت أن أكون أنا ذلك الميت . رواه مسلم

**عوف بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آي ته رسول الله ﷺ جن هڪ جنازه تي جنازه نماز پڙهائي ته مون ڪائن هيءَ دعا گهرندي ياد ڪئي (ترجمه) اي الله ان جي بخشش فرماءِ ان تي رحم ڪر، ان**

---

[1] _ نووي لکي ٿو ته هن حديث مان معلوم ٿيو ته ميت تي غائبانه نماز جنازه پڙهي سگهجي ٿي. امام شافعي ۽ اهلحديث جو اهوئي قول آهي. مگر حنفي ان کي نٿا مڃين ۽ چون ٿا ته نجاشيءَ جو جنازو فرشتن حضور ﷺ جن جي آڏو آڻي رکيو هو. اسين چئون ٿا ته ان جو ڪوبه دليل نه آهي. عجب هيءُ آهي ته حنفي حضرات قبر تي جنازه نماز پڙهڻ کي جائز ٿا رکن حالانڪ قبر ۾ جنازو پيل هجي ته نظر نه ايندو ۽ موت کان پوءِ ٿوري ۽ گهڻي فاصلي جو ڪو شرط ۽ اعتبار نه آهي، حنفي حضرات هي نٿا سوچين ته جنازي جي نماز دراصل دعا آهي ۽ دعا هر مؤمن لاءِ جائز ۽ سهٽو ڪم آهي خواه اهو حاضر هجي يا غائب. قريب هجي يا دور_ بلڪ جيئن حديثن مان ثابت آهي ته مؤمن لاءِ ان جي پرپٺ دعا زياده قبول جوڳي هوندي آهي.

[2] _ هن حديث مان ثابت ٿئي ٿو ته جنازي نماز ۾ پنج تڪبيرون به ثابت آهن. ابن قيم لکي ٿو ته حضور ﷺ جن کان پنج تڪبيرون ثابت آهن ۽ اصحابي سڳورا 4_5_۽ 6_ تڪبيرون به جنازي ۾ چوندا هئا. علي بن ابي طالب رضي الله عنه سهل بن حنيف جي جنازي تي 6_تڪبيرون هنيون پر جيڪي بدري بزرگ اصحابي هئا، علي رضي الله عنه انهن تي 6_تڪبيرون چوندو هو ۽ ٻين اصحابين تي 5_۽ عام ماڻهن تي 4_ تڪبيرون چوندو هو. انهيءَ ڪري 4_ تڪبيرن کان زياده منع لاءِ ڪو دليل ڪونهي.

كي خير ۽ عافيت عطا كر ۽ ان جي سٺي مهمان نوازي كر ۽ ان جي قبر كشادي كر، ان كي برف ۽ ڳڙن سان ڌؤ ۽ ان كي گناهن كان پاڪ ۽ صاف فرماءِ جيئن تو كپڙن كي مير ۽ مٽيءَ مان صاف كيو آهي ۽ ان كي سندس گهر جي بجاءِ بهتر گهر ۽ ان جي اهل و عيال جي عيوض بهتر اهل و عيال عطا فرماءِ ۽ انجي زال جي بجاءِ سٺي زال عطا كر ۽ ان كي جنت داخل كر ۽ ان كي قبر ۽ دوزخ جي عذاب كان بچاءِ ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ان كي قبر جي فتني ۽ دوزخ جي عذاب كان بچاءِ (راوي) چوي ٿو تہ كاش! اهو فوتي آئون هجان ها!. (مسلم)

(1656) وعن أبي سلمة بن عبد الرحمن أن عائشة لما توفي سعد بن أبي وقاص قالت : أدخلوا به المسجد حتى أصلي عليه فأنكر ذلك عليها فقالت : والله لقد صلى رسول الله صلى الله عليه وسلم على ابني بيضاء في المسجد : سهيل وأخيه . رواه مسلم

ابو سلمہ بن عبدالرحمٰن رضي الله عنه جو بيان آهي جڏهن سعد بن ابي وقاص فوت ٿيو تہ ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها چيو تہ ان كي مسجد ۾ آڻيو تہ جيئن آئون ان جي جنازه نماز پڙهان. (جڏهن) ان ڳالھ كي ناپسند كيو ويو تہ چيائين تہ الله جو قسم رسول الله ﷺ جن بيضاءُ (نالي عورت) جي ٻنهي پٽن سهيل ۽ ان جي ڀاءُ جي جنازي نماز مسجد ۾ ادا فرمائي. (مسلم)

(1657) وعن سمرة بن جندب قال : صليت وراء رسول الله صلى الله عليه وسلم على امرأة ماتت في نفاسها فقام وسطها

سمره بن جندب رضي الله عنه جو بيان آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن جي امامت ۾ هڪ عورت جي جنازه نماز پڙهي جيكا ڄم (تكليف) دوران مري وئي هئي پاڻ نماز پڙهائڻ لاءِ انجي وچ تي بيٺا. (بخاري مسلم)

(1658) وعن ابن عباس أن رسول الله صلى الله عليه وسلم مر بقبر دفن ليلا فقال : " متى دفن هذا ؟ " قالوا : البارحة . قال : " أفلا آذنتموني ؟ " قالوا : دفناه في ظلمة الليل فكرهنا أن نوقظك فقام فصففنا خلفه فصلى عليه

ابن عباس رضي الله عنهما كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ هڪ قبر وٽان گذريا جنهن كي رات جي وقت دفنايو ويو هو. پڇيائون هن كي كڏهن دفنايو ويو هو؟ چيائون تہ گذريل رات فرمايائون پوءِ مون كي چو نہ ٻڌايو؟ چيائون تہ اسان انكي اونداهي رات ۾ دفنايو ۽ ان ڳالھ كي پسند نہ كيوسون تہ اوهان كي جاڳايون. پاڻ (نماز) لاءِ بيٺا، اسان بہ ان جي پويان صف ٻڌي سون پوءِ ان تي (قبر ۾) نماز پڙهيائون.(بخاري مسلم)

(1659) وعن أبي هريرة أن امرأة سوداء كانت تقم المسجد أو شاب ففقدها رسول الله صلى الله عليه وسلم فسأل عنها أو عنه فقالوا : مات . قال : " أفلا كنتم آذنتموني ؟ " قال : فكأنهم صغروا أمرها أو أمره . فقال : " دلوني

على قبره " فدلوه فصلى عليها . قال : " إن هذه القبور مملوءة ظلمة على أهلها وإن الله ينورها لهم بصلاتي عليهم " . ولفظه لمسلم

**ابو هريرهﷺ کان روايت آهي ته هڪ ڪاري رنگ جي عورت مسجد ۾ ٻهاري ڏيندي هئي. (راويءَ کي شڪ آهي) يا هڪ نوجوان هو. رسول اللهﷺ جن ان کي نه لڌو. ان بابت پڇا ڪيائون. چيائون ته مري ويو آهي فرمايائون ڇا پوءِ مون کي اطلاع نه ڏنائون؟ راوي سمجهي ٿو اصحابن ان واقعي کي معمولي سمجهي ان کي دفن ڪيو فرمايائون ان جي قبر جو مون کي ڏس پتو ڏيو انهن انجو ڪين پتو ٻڌايو پاڻ ان جي جنازه نماز ادا ڪيائون. ان کان بعد ٻڌايائون ته قبرن ۾ قبر وارن تي اونداهي هوندي آهي ۽ الله منهنجي نماز جي سبب ان کي روشن ڪندو آهي. ([1]) (بخاري مسلم) الفاظ مسلم جا آهن.**

(1660) وعن كريب مولى ابن عباس عن عبد الله بن عباس أنه مات له ابن بقديد أو بعسفان فقال : يا كريب انظر ما اجتمع له من الناس . قال : فخرجت فإذا ناس قد اجتمعوا له فأخبرته فقال : تقول : هم أربعون ؟ قال : نعم . قال : أخرجوه فإني سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " ما من رجل مسلم يموت فيقوم على جنازته أربعون رجلا لا يشركون بالله شيئا إلا شفعهم الله فيه " . رواه مسلم

**ابن عباس رضي الله عنهما جو آزاد ڪيل غلام ڪريب عبدالله بن عباسﷺ کان بيان ڪري ٿو ته ان جو پٽ قديد يا عسفان ۾ فوت ٿيو. پاڻ ان کي چيائون ته اي ڪريب ڏسي ٻڌاءِ ته گهڻا ماڻهو گڏ ٿيا آهن؟ چيائين ته آئون ويس ته ڪجهه ماڻهو جمع ٿيا هئا. ابن عباسﷺ کي ٻڌايو انهيءَ معلوم ڪيو ته ڇا تنهنجي خيال ۾ چاليهه ڄڻا هوندا؟ مون چيو ته ها! چيائين ته پوءِ جنازو ڪڍو. مون رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو آهي ته فرمايو اٿن ته جيڪو مسلمان فوت ٿئي ۽ ان جي جنازه ۾ چاليهه ([2]) اهڙا ماڻهو شريڪ ٿين جيڪي الله سان شرڪ نه ڪندا هجن ته الله ان جي باري ۾ سفارش قبول ڪندو آهي.(مسلم)**

(1661) وعن عائشة رضي الله عنها عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " ما من ميت تصلي عليه أمة من المسلمين يبلغون مائة كلهم يشفعون له : إلا شفعوا فيه " . رواه مسلم

**عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي ته نبيﷺ جن فرمايو جنهن به فوتيءَ تي سؤ ماڻهن جي جماعت نماز جنازه پڙهي اهي سڀ ان لاءِ سفارش ڪن ته انهن جي سفارش قبول پوندي آهي. (مسلم)**

---

[1]_ هن حديث مان حضورﷺ جن جو حسن اخلاق، تواضع ۽ سندس يارن جي خبر گيري ۽ سندن حقن جو خيال رکڻ انهن جي دنيا ۽ آخرت جي مصلحتن جو فڪر رکڻ ثابت ٿئي ٿو ۽ هي به معلوم ٿئي ٿو ته ميت جي موت جي خبر سندس سيني ساٿين کي پهچائڻ گهرجي جيئن اهي نماز ۽ ڪفن جي وقت ۾ شريڪ ٿي سگهن.

[2]_ جنازي نماز ۾ چاليهن جو عدد ان جي بخشش لاءِ ڪافي آهي ان کان وڌيڪ اچن ته نور عليٰ نور آهي.

(1662) وعن أنس قال : مروا بجنازة فأثنوا عليها خيرا . فقال النبي صلى الله عليه وسلم : " وجبت " ثم مروا بأخرى فأثنوا عليها شرا . فقال : " وجبت " فقال عمر : ما وجبت ؟ فقال : " هذا أثنيتم عليه خيرا فوجبت له الجنة وهذا أثنيتم عليه شرا فوجبت له النار أنتم شهداء الله في الأرض " . وفي رواية : " المؤمنون شهداء الله في الأرض "

**انس ﷺ كان روايت آهي تہ ماڻهو هڪ جنازو کڻي گذريا ۽ ان جي تعريف ڪيائون. نبيﷺ جن فرمايو ان لاءِ واجب ٿي. ان کان بعد ٻيو جنازه کڻي نڪتا ان جي برائي بيان ڪيائون. پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: واجب ٿيو عمرﷺ عرض ڪيو تہ اي ﷲ جا رسولﷺ ڇا واجب ٿيو؟ فرمايائون هيءُ جنهن جي توهان تعريف ڪئي ان لاءِ جنت واجب ٿي ۽ هي جنهن جي توهان برائي بيان ڪئي ان لاءِ دوزخ واجب ٿي. توهان زمين ۾ ﷲ جا شاهد آهيو (بخاري مسلم) ۽ هڪ روايت ۾هي تہ مؤمن زمين ۾ ﷲ جا شاهد آهن.**

(1663) وعن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أيما مسلم شهد له أربعة بخير أدخله الله الجنة " قلنا : وثلاثة ؟ قال : " وثلاثة " . قلنا واثنان ؟ قال : " واثنان " ثم لم نسأله عن الواحد . رواه البخاري

**عمر ﷺ جو بيان آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جنهن مسلمان بابت چار[1] ڄڻا ان جي نيڪ هجڻ جي گواهي ڏين ﷲ انکي جنت ۾ داخل ڪندو. اسان چيو تہ ٽي ڏين تہ؟ فرمايائون ٽي بہ. عرض ڪيوسون تہ ٻہ ڏين تہ؟ فرمايائون ٻہ بہ. پوءِ اسان هڪ بابت سوال نہ ڪيوسين.(بخاري)**

(1664) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تسبوا الأموات فإنهم قد أفضوا إلى ما قدموا " رواه البخاري

**عائشہ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: فوتين کي گاريون نہ ڏيو[2] ڇاڪاڻ تہ انهن جيڪي اعمال اڳتي موڪليا آهن انجي جزا سزا کي اهي پهچي ويا. (بخاري)**

(1665) وعن جابر أن رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يجمع بين الرجلين في قتلى أحد في ثوب واحد ثم يقول : " أيهم أكثر أخذا للقرآن ؟ " فإذا أشير له إلى أحدهما قدمه في اللحد وقال : " أنا شهيد على هؤلاء يوم القيامة " . وأمر بدفنهم بدمائهم ولم يصل عليهم ولم يغسلوا . رواه البخاري

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ اصحابي سڳورا بلڪ هر وقت جا دينذار خدائي شاهد آهن اهي ڪنهن جي تعريف ڪن يا ڪنهن کي بڇڙو چون تہ انجي نيڪ هجڻ يا بڇڙي هجڻ ۾ سندن راءِ جو وڏو دخل آهي ۽ باقي دنيادار ۽ فاسق ڪنهن جي تعريف ڪن يا ڪنهن کي بڇڙو چون تہ ان کي ڪوبہ اعتبار ڪونهي.

[2] _ڇاڪاڻ تہ ميت جيڪي چڱا يا بڇڙا ڪيا انهن جو بدلو ڪين قبر ۾ ملي چڪو پوءِ ڪين بڇڙو چوڻ بي فائدو آهي ۽ ناحق سندن اولاد کي ذبح ڪرڻو آهي.

**جابرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ احد جي شهيدن مان هڪ ڪپڙي ۾ ٻن ماڻهن کي گڏ ڪفن ڏئي (دفن ڪندا هئا) پوءِ پڇندا هئا تہ انهن مان ڪنهن کي قرآن زياده ياد آهي؟ جڏهن انهن مان ڪنهن لاءِ اشارو ڪيو پئي ويو تہ ان کي قبر ۾ پهرئين لاٿائون ۽ فرمايائون تہ انهن تي آئون قيامت جي ڏينهن شاهدي ڏيندس ۽ انهن کي رت سميت دفن ڪرڻ جو امر ڪيائون ۽ انهن جي جنازہ نماز نہ پڙهيائون ۽ نہ انهن کي غسل ڏنووييو([1])**

(1666) وعن جابر بن سمرة قال : أتي النبي صلى الله عليه وسلم بفرس معرور فركبه حين انصرف من جنازة ابن الدحداح ونحن نمشي حوله . رواه مسلم

**جابر بن سمرهؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن وٽ هڪ گهوڙو آندو ويو جنهن تي سنج نہ هئا. جڏهن ابن دحداح جي جنازہ کان واندا ٿيا تہ ان تي سوار([2]) ٿيا ۽ اسين سندن چوڌاري پيادل هلياسون. (مسلم)**

## فصل ٻيو

(1667) وعن المغيرة بن شعبة أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " الراكب يسير خلف الجنازة والماشي يمشي خلفها وأمامها وعن يمينها وعن يسارها قريبا منها والسقط يصلى عليه ويدعى لوالديه بالمغفرة والرحمة " . رواه أبو داود وفي رواية أحمد والترمذي والنسائي وابن ماجه قال : " الراكب خلف الجنازة والماشي حيث شاء منها والطفل يصلى عليه " وفي المصابيح عن المغيرة بن زياد

**مغيره بن شعبہؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ فرمايو تہ سواريءَ وارا جنازہ جي پويان ([3]) ۽ پيادل ان جي پويان، ان جي اڳيان انجي ساڄي طرف، انجي کاٻي طرف کان، ان جي ويجهو هلن ۽ اڌوري ٻار جي جنازہ نماز ادا ڪئي وڃي ۽ ان جي والدين لاءِ مغفرت ۽ رحمت جي دعا ڪئي وڃي (ابوداؤد) احمد، ترمذي، نسائي، ابن ماجہ جي روايت ۾ آهي تہ فرمايائون: سواريءَ وارو**

---

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ خدا جي واٽ جهاد ۾ شهيد ٿيڻ کي نڪي غسل ڏبو نڪي انهن تي جنازي نماز پڙهبي مگر حضورﷺ جن ٻارهن مهينن کان پوءِ احد جي شهيدن تي نماز پڙهي آهي.

[2]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنازي کي دفن ڪرڻ بعد جڏهن موٽجي تہ سوار ٿي اچڻ ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي.

[3]_ هن حديث مان هي ثابت نٿو ٿئي تہ جنازي سان گڏ سوار ٿي هلڻ جائز آهي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ معنىٰ وٺڻ سان هيءَ حديث ثوبان جي حديث جي خلاف ٿيندي جنهن ۾ آهي تہ حضور ﷺ جن ماڻهن کي جانور تي سوار ٿيندي ڏٺو. تنهن تي پاڻﷺ فرمايائون تہ توهان کي شرم نٿو اچي جو اللّٰه تعالىٰ جا فرشتا پيادل هلي رهيا آهن ۽ اوهين وهٽن تي سوار ٿي هلو ٿا. پر هن حديث جو مطلب هي آهي جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن بيماري وغيره جي سببان جنهن وهٽ تي سوار ٿي هلي تہ انهيءَ صورت ۾ ان جنازي جي پٺيان هلڻ گهرجي. هن مسئلہ ۾ علمائن جو اختلاف آهي. ابو حنيفہ ۽ اوزاعي چون ٿا تہ جنازي جي پويان هلڻ افضل آهي ۽ اهلِ حديث چون ٿا تہ ٻئي ڪم درست ۽ هڪ جهڙا افضل آهن. امام شافعي ۽ امام احمدؒ چون ٿا تہ جنازي جي اڳيان هلڻ افضل آهي جيئن هن حديث مان ثابت ٿئي ٿو.

**جنازه جي پويان ۽ پيادل جتي چاهي، هلي ۽ ٻار جي جنازه نماز پڙهي وڃي ۽ مصابيح ۾ مغيره بن زياد كان روايت آهي.**

(1668) وعن الزهري عن سالم عن أبيه قال : رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم وأبا بكر وعمر يمشون أمام الجنازة . رواه أحمد وأبو داود والترمذي والنسائي وابن ماجه وقال الترمذي وأهل الحديث كأنهم يرونه مرسلا

**زهري سالم كان اهو پنهنجي پيءُ كان بيان كري ٿو ته مون رسول اللهﷺ ابوبكر ۽ عمر ﷠ كي ڏٺو، اهي جنازه جي اڳيان هلندا هئا. (احمد، ابوداؤد، ترمذي، نسائي، ابن ماجه) ترمذي چوي ٿو محدثين ان كي حديث مرسل سمجهن ٿا.**

**فائده:_ هن حديث جي سند تمام درجي جي صحيح آهي محدثين جو هن حديث كي مرسل قرار ڏيڻ درست نه آهي زهري سان هڪ جماعت هن كي موصول بيان كيو آهي.( مشكواة_ علامه الباني ص 526ج1)**

(1669) وعن عبد الله بن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " الجنازة متبوعة ولا تتبع ليس معها من تقدمها " . رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه وقال الترمذي وأبو ماجد الراوي رجل مجهول

**عبدالله بن مسعود ﷛ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جنازه جي پويان هلجي جنازه جي اڳيان نه هلجي ۽ جيكو جنازه كان اڳيان هلندو، اهو جنازه سان گڏ نه آهي[1] (ترمذي،_ ابوداؤد، ابن ماجه) ترمذي چوي ٿو ته ان ۾ راوي ابو ماجد مجهول آهي.**

(1670) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من تبع جنازة وحلمها ثلاث مرات : فقد قضى ما عليه من حقها " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

**ابو هريره﷛ كان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو: جيكو شخص سان گڏ هليو ۽ ٽي دفعا ان كي كلهو ڏنائين ته ان جنازه جو حق ادا كيو [2] جيكو ان جي ذمه هو. (ترمذي) چوي ٿو ته حديث غريب آهي.**

**فائده:_ ابو المهزم يزيد بن سفيان راوي ضعيف آهي. (مشكواة_ علامه الباني ص 526ج1)**

---

[1]_ هي حديث ظاهري لحاظ سان حنفي مذهب جي تائيد كري ٿي پر ضعيف آهي، هن كي امام كي بخاري ضعيف چيو آهي ۽ يحيىٰ چوي ٿو ته ابو ماجد راوي هڪ پكي آهي جو اڏامي ويو بخاري چوي ٿو ته ابو ماجد منكر الحديث ۽ تمام ضعيف آهي.

[2]_ مسلمان جي جنازي سان وڃڻ مسلمان تي حق آهي ۽ ان كي 3_ دفعه كلهو ڏيئي كڻڻ سان ان تان حق ادا ٿي ويندو.

(1671) وقد روى في " شرح السنة " : أن النبي صلى الله عليه وسلم حمل جنازة سعد ابن معاذ بين العمودين

**شرح السنه ۾ روايت آهي بيان ڪئي وئي آهي تہ نبيﷺ جن سعد بن معاذ ؓ جي جنازه کي ٻن پاون جي وچ کان کنيو.**

**فائده:_ سند ۾ واقدي راوي ڪذاب آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص 526ج1)**

(1672) وعن ثوبان قال : خرجنا مع النبي صلى الله عليه وسلم في جنازة فرأى ناسا ركبانا فقال : " ألا تستحيون ؟ إن ملائكة الله على أقدامهم وأنتم على ظهور الدواب " . رواه الترمذي وابن ماجه وروى أبو داود نحوه وقال الترمذي : وقد روي عن ثوبان موقوفا

**ثوبانؓ کان روايت آهي تہ اسين نبيﷺ سان گڏ هڪ جنازي ۾ نڪتاسون.([1]) ڪن ماڻهن کي ڏٺائون تہ سواري تي آهن. فرمايائون تہ توهان کي شرم نٿو اچي تہ، اللهَ جا فرشتا پيادل ۽ اوهين سواريءَ تي آهيو. (ترمذي_ ابنماجہ) ۽ ابوداؤد بہ اهڙي طرح حديث بيان ڪئي ترمذي چوي ٿو تہ ثوبان کان حديث موقوف آهي.**

**فائده:_ سند ۾ ابوبڪر بن ابي مريم راوي ضعيف آهي (مشڪواة_علامہ الباني ص526ج1) البتہ ابوداؤد جي روايت صحيح آهي جن ۾ مذڪور هي تہ پاڻ ﷺ جن جي لاءِ سواري آندي وئي پاڻ سوار نہ ٿيا. پاڻ ﷺ جن فرمايو: فرشتا پيادل آهن مون کي سواريءَ تي سوار ٿيندي شرم اچي ٿي. البتہ موٽي اچڻ تي جڏهن فرشتا هليا ويا تہ سواريءَ تي واپس موٽيا. معلوم ٿيو صالحين اهل علم جي جنازن ۾ فرشتا بہ شريڪ ٿيندا آهن. (مرعاة صفحہ 490 جلد 2_3)**

(1673) وعن ابن عباس : أن النبي صلى الله عليه وسلم قرأ على الجنازة بفاتحة الكتاب . رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه

**ابن عباسؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن جنازي (نماز) ۾ الحمدلله پڙهيو. (ترمذي_ ابوداؤد_ ابن ماجہ)**

**فائده:_ مرفوع حديث ثابت نہ آهي البتہ موقوف ثابت آهي. 0مرعاة ص 490ج 2_3)**

(1674) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا صليتم على الميت فأخلصوا له الدعاء " . رواه أبو داود وابن ماجه

---

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنازي سان گڏ پيادو هلڻ افضل آهي.

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن ميت جي جنازه نماز پڙهو تہ ان لاءِ خلوص سان دعا گهرو (ابوداؤد_ ابن ماجہ)**

(1675) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا صلى على الجنازة قال : " اللهم اغفر لحينا وميتنا وشاهدنا وغائبنا وصغيرنا وكبيرنا وذكرنا وأنثانا . اللهم من أحييته منا فأحيه على الإسلام ومن توفيته منا فتوفه على الإيمان . اللهم لا تحرمنا أجره ولا تفتنا بعده " . رواه أحمد وأبو داود والترمذي وابن ماجه

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن جنازه نماز پڙهندا هئا تہ دعا گهرندا هئا: اي الله! اسان جي جيئرن، مئلن، حاضر ۽ غائب ماڻهن، ننين ۽ وڏن مردن ۽ عورتن جي بخشش ڪر. اي الله! اسان مان جنهن کي جيارين، ان کي اسلام تي جيار ۽ اسان ۾ جنهن کي مارين ان کي ايمان تي وفات ڏي. اي الله! اسان کي ان جي اجر کان محروم نہ ڪر ۽ ان کان بعد اسان کي فتني ۾ نہ وجهہ (احمد، ابو داؤد، ترمذي، ابن ماجہ)**

(1676) ورواه النسائي عن إبراهيم الأشهلي عن أبيه وانتهت روايته عند قوله : و " أنثانا " . وفي رواية أبي داود : " فأحيه على الإيمان وتوفه على الإسلام " . وفي آخره : " ولا تضلنا بعده "

**نسائيءَ ۾ اها حديث ابراهيم اشهلي کان، ان پنهنجي پيءُ کان بيان ڪئي آهي. ان جي روايت جا الفاظ وَاُنْثَانَا تائين آهن ۽ ابو داؤد جي روايت ۾ آهي تہ ان کي ايمان تي زندگي عطا ڪر ۽ ان جي وفات اسلام تي ڪر ۽ ان جي آخر ۾ آهي تہ اسان کي ان کان بعد گمراهہ نہ ڪر.**

**فائده: ابو ابراهيم راوي مجهول آهي (مشکوة علامہ الباني ص 528ج1)**

(1677) وعن واثلة بن الأسقع قال : صلى بنا رسول الله صلى الله عليه وسلم على رجل من المسلمين فسمعته يقول : " اللهم إن فلان بن فلان في ذمتك وحبل جوارك فقه من فتنة القبر وعذاب النار وأنت أهل الوفاء والحق اللهم اغفر له وارحمه إنك أنت الغفور الرحيم " . رواه أبو داود وابن ماجه

**وائلہ بن اسقع رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان کي رسول الله ﷺ جن هڪ مسلمان آدميءَ تي جنازه نماز پڙهائي. مون کين چوندي ٻڌو : اي الله فلاڻو پٽ فلاڻي جو تنهنجي ذميواري ۽ تنهنجي پناهہ ۾آهي. ان کي قبر جي فتني ۽ دوزخ جي عذاب کان محفوظ فرماءِ. ڇاڪاڻ تہ تون وعدو وفا ڪندڙ ۽ حق کي قائم ڪندڙ آهين. ان کي معاف ڪر ۽ ان تي رحم ڪر. بيشڪ تون معاف ڪندڙ ۽ مهربان آهين[1] (ابوداؤد_ابن ماجہ)**

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنازي نماز ۾ امام دعا اهڙي آواز سان پڙهي جو پويان مقتدي ٻڌن.

(1678) وعن ابن عمر قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اذكروا محاسن موتاكم وكفوا عن مساويهم " . رواه أبو داود والترمذي

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: پنهنجي فوتين جون چڱايون بيان ڪريو ۽ انهن جون برايون بيان ڪرڻ کان زبان روڪيو. (ابوداؤد، ترمذي)**

(1679) وعن نافع أبي غالب قال : صليت مع أنس بن مالك على جنازة رجل فقام حيال رأسه ثم جاؤوا بجنازة امرأة من قريش فقالوا : يا أبا حمزة صل عليها فقام حيال وسط السرير فقال له العلاء بن زياد : هكذا رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم قام على الجنازة مقامك منها ؟ ومن الرجل مقامك منه ؟ قال : نعم . رواه الترمذي وابن ماجه وفي رواية أبي داود نحوه مع زيادة وفيه : فقام عند عجيزة المرأة

**نافع ابو غالب بيان ڪري ٿو تہ مون انس بن مالڪ جي پويان هڪ شخص جي جنازه نماز پڙهي. پاڻ جي مٿانهينءَ کان بيٺو ان کان بعد هڪ قريشي عورت جو جنازو آيو ماڻهن چيو تہ اي حمزه جا پيءُ! هن جي بہ جنازه نماز پڙهاءِ تہ پاڻ کٽولي جي وچ وٽان بيٺو. علاءُ بن زياده ان کان معلوم ڪيو تہ ڇا رسول اللهﷺ جن ڪي اوهان ان طرح ڏٺو آهي؟ تہ پاڻ عورت جي جنازه ۾ اتي بيٺا جيئن اوهان بيٺو؟ چيائين هائو! (ترمذي_ ابن ماجہ) ابو داؤد جي روايت ۾ ان طرح آهي. ان ۾ وڌيڪ آهي تہ پاڻ عورت جي چيلهہ وٽ بيٺو.**

## فصل ٽيون

(1680) عن عبد الرحمن بن أبي ليلى قال : كان ابن حنيف وقيس ابن سعد قاعدين بالقادسية فمر عليهما بجنازة فقاما فقيل لهما : إنها من أهل الأرض أي من أهل الذمة فقالا : إن رسول الله صلى الله عليه وسلم مرت به جنازة فقام فقيل له : إنها جنازة يهودي . فقال : " أليست نفسا ؟ "

**عبدالرحمٰن بن ابي ليليٰؒ بيان ڪري ٿو تہ سهل بن حنيف ۽ قيس بن سعد قادسيہ (شهر) ۾ هئا. انهن وٽان هڪ جنازو گذريو. اهي ٻئي بيهي رهيا. چيو ويو تہ جنازو تہ ذمين جو هو؟ چيائين تہ رسول اللهﷺ جن وٽان هڪ جنازو گذريو تہ پاڻ اٿي بيٺا. عرض ڪيو ويو تہ هي تہ (يهوديءَ) جو جنازو آهي فرمايائون ڇا ان ۾ ساهہ نہ هو؟ (بخاري مسلم)**

(1681) وعن عبادة بن الصامت قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا تبع جنازة لم يقعد حتى توضع في اللحد فعرض له حبر من اليهود فقال له : إنا هكذا نضع يا محمد قال : فجلس رسول الله صلى الله عليه وسلم وقال : " خالفوهم " . رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب وبشر بن رافع الراوي ليس بالقوي

**عباده بن صامت رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جڏهن جنازه نماز ۾ هلندا هئا تہ جيستائين جنازه قبر ۾ نہ لاٿو ويندو هو، نہ ويهندا هئا. هڪ يهودي عالم سندن آڏو آيو. چيائين تہ اي محمد ﷺ! اسين ائين ڪندا آهيون. (راوي) چوي ٿو تڏهن رسول الله ﷺ جن ويهي رهيا ۽ فرمايائون تہ انهن جي مخالفت ڪريو. (ترمذي_ ابو داؤد، ابن ماجہ) ترمذي چوي ٿو تہ هيءَ حديث غريب آهي ۽ راوي بشر بن رافع قوي نہ آهي.)**

(1682) وعن علي قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم أمرنا بالقيام في الجنازة ثم جلس بعد ذلك وأمرنا بالجلوس . رواه أحمد

**علي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اسان کي جنازه (ڏسڻ وقت) بيهڻ جو حڪم ڪيائون. ان کان بعد ويهي رهيا ۽ اسان کي ويهڻ جو حڪم ڪيائون.(احمد)**

(1683) وعن محمد بن سيرين قال : إن جنازة مرت بالحسن بن علي وابن عباس فقام الحسن ولم يقم ابن عباس فقال الحسن : أليس قد قام رسول الله صلى الله عليه وسلم لجنازة يهودي ؟ قال : نعم ثم جلس . رواه النسائي

**محمد بن سيرين رحمه الله جو بيان آهي تہ هڪ جنازه حسن بن علي رضي الله عنه ۽ ابن عباس رضي الله عنه وٽان گذريو. (ڏسي) حسن رضي الله عنه اٿي بيٺو ۽ ابن عباس رضي الله عنه نہ بيٺو. حسن رضي الله عنه چيو ڇا يهوديءَ جو جنازو ڏسي رسول الله ﷺ اٿي نہ بيٺا هئا؟ چيائين هائو! پوءِ ويهي رهيا. [1](نسائي)**

(1684) وعن جعفر بن محمد عن أبيه أن الحسن بن علي كان جالسا فمر عليه بجنازة فقام الناس حتى جاوزت الجنازة فقال الحسن : إنما مر بجنازة يهودي وكان رسول الله صلى الله عليه وسلم على طريقها جالسا وكره أن تعلوا رأسه جنازة يهودي فقام . رواه النسائي

**جعفر بن محمد پنهنجي پيءُ کان بيان ڪري ٿو تہ حسن بن علي رضي الله عنهما ويٺو هو ان وٽان جنازو گذريو ماڻهو اٿي بيٺا تانجو اهو گذري ويو. حسن رضي الله عنه چيو تہ هڪ يهودي جو جنازو گذريو ۽ رسول الله ﷺ جن ان جي رستي ۾ ويٺا هئا ۽ پاڻ پسند نہ ڪيائون تہ يهوديءَ جو جناز سندن سر کان مٿي هجي (نسائي)**

(1685) وعن أبي موسى أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إذا مرت بك جنازة يهودي أو نصراني أو مسلم فقوموا لها فلستم لها تقومون إنما تقومون لمن معها من الملائكة " . رواه أحمد

**ابو موسىٰ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن توهان وٽان ڪنهن يهودي، عيسائي يا نصراني جو جنازو گذريو تہ ان لاءِ اٿي بيهو توهان ان لا نٿا بيهو بلڪ جيڪي فرشتا ان سان هوندا آهن انهن لاءِ بيهندا آهيو. (احمد)**

[1]_ هي حديث بہ جمهور علماءَ جي مذهب جي تائيد ڪري ٿي جيڪي چون ٿا اٿي بيهڻ منسوخ آهي.

فائده:_ سند ۾ ليث بن ابي سليم راوي ضعيف آهي. (مشكواة_علامہ الباني ص 530ج1)

(1686) وعن أنس أن جنازة مرت برسول الله فقام فقيل : إنها جنازة يهودي فقال : " إنما قمت للملائكة " . رواه النسائي

**انس رضي الله عنه كان روايت آهي تہ هڪ جنازو رسول الله ﷺ جن وٽان گذريو پاڻ اٿي بيٺا. عرض ڪيو ويو تہ اهو يهودي جو جنازو آهي فرمايائون آئون فرشتن جي ڪري اٿي بيٺو آهيان. (نسائي)**

**فائده:_ سند جا تمام راوي ثقہ آهن البتہ محمد بن اسحاق راوي مدلس آهي ۽ ان لفظ عن سان حديث بيان ڪئي اٿس (مشكواة _علامہ الباني ص 530ج1)**

(1687) وعن مالك بن هبيرة قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " ما من مسلم يموت فيصلي عليه ثلاثة صفوف من المسلمين إلا أوجب " . فكان مالك إذا استقل أهل الجنازة جزأهم ثلاثة صفوف لهذا الحديث . رواه أبو داود وفي رواية الترمذي : قال كان مالك بن هبيرة إذا صلى الجنازة فتقال الناس عليها جزأهم ثلاثة أجزاء ثم قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من صلى عليه ثلاثة صفوف أوجب " . وروى ابن ماجه نحوه

**مالڪ بن هبيره رضي الله عنه كان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو جيڪو مسلمان فوت ٿئي پوءِ ان تي مسلمانن جون ٽي[1] صفون جنازي جي نماز پڙهن تہ ان لاءِ جنت واجب ٿيندي آهي ان ڪري مالڪ رضي الله عنه جڏهن جنازي ۾ شريڪ ماڻهن کي گهٽ سمجهندوهو تہ هن حديث سبب انهن کي ٽن صفن ۾ تقسيم ڪندو هو (ابوداؤد) ترمذي جي روايت ۾ آهي تہ مالڪ بن هبيره جڏهن ڪنهن جي جنازه نماز ادا ڪندو هو ۽ ماڻهو گهٽ تعداد ۾ هوندا هئا. انهن کي ٽن صفن ۾ تقسيم ڪندو هو ان کان بعد چوندو هو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص جي جنازه نماز ۾ ٽي صفون ٿين الله ان لاءِ جنت کي واجب ڪندو ۽ ابن ماجہ بہ ان طرح حديث بيان ڪئي.**

**فائده:_ سند ۾ محمد بن اسحاق مدلس راوي آهي ۽ ان يزيد کان لفظ عن سان حديث بيان ڪئي آهي. (مرعاة ص 494ج1)**

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مستحب آهي تہ 3_ صفون ڪري جنازي نماز پڙهڻ گهرجي.

(1688) وعن أبي هريرة عن النبي صلى الله عليه وسلم في الصلاة على الجنازة : " اللهم أنت ربها وأنت خلقتها وأنت هديتها إلى الإسلام وأنت قبضت روحها وأنت أعلم بسرها وعلانيتها جئنا شفعاء فاغفر له . رواه أبو داود

**ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جنازي جي نماز ۾ هيءَ دعا گھرندا هئا) اي الله! تون ان جو مالڪ آهين، تو ئي ان کي خلقيو ۽ توئي اسلام ڏانهن ان جي رهنمائي ڪئي ۽ تو ان جو روح قبض ڪيو ۽ تون ئي ان جي ڳجهہ ۽ ظاهر کي وڌيڪ ڄاڻين ٿو اسين ان لاءِ سفارشي بڻجي آيا آهيون پوءِ انجي بخشش فرماءِ (ابو داؤد)**

(1689) وعن سعيد بن المسيب قال : صليت وراء أبي هريرة على صبي لم يعمل خطيئة قط فسمعته يقول : اللهم أعذه من عذاب القبر . رواه مالك

**سعيد بن مسيب چوي ٿو تہ مون هڪ ڇوڪري جي ابو هريره رضي الله عنه جي پويان جنازي نماز پڙهي جنهن ڪڏهن ڪو گناه نہ ڪيو هو پوءِ مون ان کي چوندي ٻڌو تہ اي الله! هن کي قبر جي عذاب کان پناهہ ۾ رک. ([1]) (مالڪ)**

(1690) وعن البخاري تعليقا قال : يقرأ الحسن على الطفل فاتحة الكتاب ويقول : اللهم اجعله لنا سلفا وفرطا وذخرا وأجرا

**امام بخاريءَ کان تعليق طور منقول آهي تہ حسن بصريؒ ٻار جي جنازي نماز ۾ الحمد شريف([2]) پڙهندو هو ۽ چوندو هو تہ اي الله! هن ٻار کي جنت ۾ اسان جي لاءِ اڳواٽي ڪندڙ ۽ (ثواب جو ذخيره) ۽ اجر جو ڪارڻ بناءِ.**

(1691) وعن جابر أن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " الطفل لا يصلى عليه ولا يرث ولا يورث حتى يستهل " . رواه الترمذي وابن ماجه إلا أنه لم يذكر : " ولا يورث "

**جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن فرمايو تہ ٻار جي جنازه نماز ادا نہ ڪئي وڃي نہ ٻار وارث ٿيندو ۽ نہ ڪوئي ٻار جو وارث ٿيندو (اهو ان وقت آهي) جڏهن ٻار رڙ نہ ڪري (ترمذي، ابن ماجہ) مگر ان اهي الفاظ بيان نہ ڪيا تہ اهو وارث نہ ٿيندو.**

(1692) وعن أبي مسعود الأنصاري قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يقوم الإمام فوق شيء والناس خلفه يعني أسفل منه . رواه الدراقطني وأبو داود

---

[1]_ هتي قبر عذاب مان مراد اڪيلائي آهي ۽ اهو عذاب مراد نہ آهي جو وڏن کي ٿئي ٿو.
[2]_ اهو حڪم سيني نمازن لاءِ آهي ۽ نہ خاص جنازي جي نماز لاءِ. هن حديث جو لفظ مخصوص آهي.

ابو مسعود انصاري رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن منع فرمايو تہ امام كنهن شيءِ جي مٿان بيهي ۽ ماڻهو ان جي اقتدا ۾ هيٺائين جاءِ تي بيهن. (دارقطني)

# ميت كي دفن كرڻ جو بيان

## فصل پهريون

(1693) عن عامر بن سعد بن أبي وقاص أن سعد بن أبي وقاص قال في مرضه الذي هلك فيه : ألحدوا لي لحدا وانصبوا علي اللبن نصبا كما صنع برسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه مسلم

**عامر بن سعد بن ابي وقاص كان روايت اهي تہ سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه ان بيماري دوران فرمايو، جنهن ۾ ان جو انتقال ٿيو تہ منهنجي لاءِ لحد ناهجو ۽ لحد جي مٿان كچيون سرون ركجو جهڙيءَ طرح رسول الله ﷺ جن لاءِ كيو ويو. (مسلم)**

(1694) وعن ابن عباس قال : جعل في قبر رسول الله صلى الله عليه وسلم قطيفة حمراء . رواه مسلم

**ابن عباس رضي الله عنهما كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي قبر ۾ ڳاڙهي رنگن جي گلن جي چادر وڇائي ويئي. (مسلم)**

(1695) وعن سفيان التمار : أنه رأى قبر النبي صلى الله عليه وسلم مسنما . رواه البخاري

**سفيان تمار بيان كري ٿو تہ انهيءَ نبي ﷺ جن جي قبر مبارك ڏٺي جيكا اٺ جي كوهان وانگر هئي. ([1]) (بخاري)**

(1696) وعن أبي الهياج الأسدي قال : قال لي علي : ألا أبعثك على ما بعثني عليه رسول الله صلى الله عليه وسلم : أن لا تدع تمثالا إلا طمسته ولا قبرا مشرفا إلا سويته . رواه مسلم

**ابو هياج اسديؒ چوي ٿو تہ مون كي علي رضي الله عنه چيو تہ ڇا توكي اهڙي كم سان نہ موكليان جنهن سان مون كي رسول الله ﷺ جن موكليو هو؟ وڃي هر ساهہ واري شيءِ جي تصوير كي مٽاءِ ۽ هر بلند قبر([2]) برابر كري ڇڏ. (مسلم)**

---

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ لحد بنائڻ مستحب آهي ۽ رسول الله ﷺ لاءِ تمام صحابہ جو اتفاق آهي تہ سندن لاءِ اهڙي قبر تيار كئي وئي آهي.

[2] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ اٺ جي ٿوهي وانگر قبر ناهڻ مستحب آهي.

(1697) وعن جابر قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن يجصص القبر وأن يبنى عليه وأن يقعد عليه . رواه مسلم

**جابرؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن هن ڳالهہ کان منع ڪئي تہ قبر کي چوني[1] (۽ سيمنٽ) سان بنائجي ۽ ان مٿان ويهجي. [2] (مسلم)**

(1698) وعن أبي مرثد الغنوي قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا تجلسوا على القبور ولا تصلوا إليها " . رواه مسلم

**ابو مرثد غنويؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ قبر جي مٿان نہ ويهو ۽ نہ ان ڏانهن (منهن ڪري نماز پڙهو) (مسلم)**

(1699) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لأن يجلس أحدكم على جمرة فتحرق ثيابه فتخلص إلى جلده خير له من أن يجلس على قبر " . رواه مسلم

**ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اوهان مان ڪو باهہ جي ٽانڊي تي ويهي، پنهنجي ڪپڙا ساڙي ۽ انجو اثر ان جي جسم تائين پهچي، اها ڳالهہ ان لاءِ بهتر آهي هن کان جو قبر تي ويهي.(مسلم)**

## فصل ٻيو

(1700) عن عروة بن الزبير قال : كان بالمدينة رجلان أحدهما يلحد والآخر لا يلحد . فقالوا : أيهما جاء أولا عمل عمله . فجاء الذي يلحد فلحد لرسول الله صلى الله عليه وسلم . رواه في شرح السنة

**عروه بن زبيرؒ جو بيان آهي تہ مديني منوره ۾ ٻہ ماڻهو هئا. منجهائن هڪ[3] لحد ناهيندو هو ۽ ٻيو [4]لحد نہ ناهيندو هو. (اصحابن سڳورن) چيو تہ انهن مان جيڪو اول ايو ن کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو پوءِ لحد ناهڻ وارو اول آيو هن ڪري انهيءَ رسول اللهﷺ جي لحد تيار ڪئي. (شرح السنة)**

(**فائده:_ حديث مرسل آهي، ان ڪري ضعيف آهي. (مرعاة ص500ج2_3**)

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنت هي آهي تہ قبر بلند نہ ناهي وڃي هڪ گرانٽ جيتري هجي.
[2] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ قبر کي چونو يا گچ لڳائڻ ۽ قبر مٿان قبو يا گنبد ناهڻ نا جائز آهي.
[3] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ قبر مٿان ويهڻ نا جائز آهي ڇو تہ هن ۾ ميت جي بيعزتي آهي.
[4] _

(1701) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " اللحد لنا والشق لغيرنا " رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه

**ابن عباس﷠ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اسان لاءِ لحد[1] ۽ ٻين (ڪافرن) لاءِ شق[2] آهي. (ترمذي، ابوداؤد، نسائي، ابن ماجہ)**

(1702) ورواه أحمد عن جرير بن عبد الله

**اها حديث احمد جرير بن عبدالله کان روايت آهي.**

**فائده:_ سندہ ضعف آهي (مشڪواة _ علامہ الباني ص 534ج1)**

(1703) وعن هشام بن عامر أن النبي صلى الله عليه وسلم قال يوم أحد : " احفروا وأوسعوا وأعمقوا وأحسنوا وادفنوا الاثنين والثلاثة في قبر واحد وقدموا أكثرهم قرآنا " . رواه أ مد والترمذي وأبو داود والنسائي وروى ابن ماجه إلى قوله وأحسنوا

**هشام بن عامر ﷛ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن احد جي ڏينهن فرمايو تہ قبرون ڪشاده، اونهيون ۽ سهڻي نموني ٺاهيو. ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن کي هڪ قبر ۾ دفنايو. [3] منجهائن جنهن کي قرآن زياده ياد هجي ان کي پهريائين دفنايو (احمد، ترمذي، ابو داؤد، نسائي) ۽ ابن ماجہ سندن ان قول تائين حديث بيان ڪئي تہ (قبرون) سهڻي نموني ٺاهيو.**

(1704) وعن جابر قال : لما كان يوم أحد جاءت عمتي بأبي لتدفنه في مقابرنا فنادى منادي رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ردوا القتلى إلى مضاجعهم " . رواه أحمد والترمذي وأبو داود والنسائي والدارمي ولفظه للترمذي

**جابر﷛ کان روايت آهي تہ جڏهن احد جي ڏينهن منهنجي پڦي منهنجي والد کي اسان جي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ لاءِ کڻي آئي تہ رسول اللهﷺ جن جي پاران اعلان ڪندڙ اعلان ڪيو تہ شهيدن کي اتي ئي دفنايو جتي شهيد ٿيا آهن. [4] (احمد، ترمذي، ابو داؤد، نسائي، دارمي) الفاظ ترمذيءَ جا آهن.**

(1705) وعن ابن عباس قال : سل رسول الله صلى الله عليه وسلم من قبل رأسه . رواه الشافعي

---

[1]_ هڪ يعني ابو صالح انصاري ﷛

[2]_ ٻيو يعني ابو عبيده﷛.

[3]_ يعني قبر کي کوٽي سندس پاسي ۾ کوٽي ناهي ميت کي رکيو وڃي.

[4]_ يعني صندوق وانگر قبر ناهي وڃي. هن حديث مان معلوم ٿيو تہ لحد وانگر بنائڻ سنت آهي.

ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي قبر ۾ مٽي جي طرفان ڇڪيو ويو هيو. (شافعي)

فائده:_ سند ۾ ابن وراز راوي ضعيف آهي (مشكواة_علامہ الباني ص 534ج1)

(1706) وعن ابن عباس : أن النبي صلى الله عليه وسلم دخل قبرا ليلا فأسرج له بسراج فأخذ من قبل القبلة وقال : " رحمك الله إن كنت لأواها تلاء للقرآن " . رواه الترمذي وقال في شرح السنة : إسناده ضعيف

۽ سندس ئي روايت آهي تہ نبي ﷺ جن کي قبر ۾ هڪ رات جو داخل ٿيا، پوءِ ان لاءِ هڪ ڏيو روشن ڪيو ويو. پوءِ پاڻ ﷺ جن ميت کي قبلي جي طرفان ورتو ۽ فرمايائون تہ خدا توتي رحم ڪري بيشڪ تون هئين خدا جي خوف ۾ گهڻو روئيندڙ ۽ قرآن مجيد جي گهڻي تلاوت ڪندڙ. ان کي ترمذيءَ روايت ڪيو شرح السنۃ۾ آهي تہ ان حديث جي سند ضعيف آهي.

(1707) وعن ابن عمر أن النبي صلى الله عليه وسلم كان إذا أدخل الميت القبر قال : " بسم الله وبالله وعلى ملة رسول الله " . وفي رواية : " وعلى سنة رسول الله . رواه أحمد والترمذي وابن ماجه وروى أبو داود الثانية

ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن جڏهن ميت کي قبر ۾ لاهيندا هئا تہ بسم الله وبالله و عليٰ ملت رسول الله چوندا هئا ۽ هڪ حديث ۾ سنۃرسول الله آهي (احمد، ترمذي، ابن ماجہ) ٻي روايت ابو داؤد جي آهي.

(1708) وعن جعفر بن محمد عن أبيه مرسلا أن النبي صلى الله عليه وسلم حثا على الميت ثلاث حثيات بيديه جميعا وأنه رش على قبر ابنه إبراهيم ووضع عليه حصباء . رواه في شرح السنة وروى الشافعي من قوله : " رش "

جعفر بن محمد پنهنجي پيءُ کان مرسل حديث بيان ڪري ٿو تہ نبي ﷺ جن فوتيءَ جي ميت تي مٽي کان ٻنهي هٿن سان مٽيءَ جون ٽي منيون وڌيون. پاڻ پنهنجي پٽ ابراهيم رضي الله عنه جي قبر تي پاڻ ڇرڪاءُ ڪيائون ۽ پٿريون وڇايائون. (شرح السنه) ۽ شافعيءَ_پاڻي ڇڙڪاءُ ڪيائون تائين حديث بيان ڪئي.

(1709) وعن جابر قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن تجصص القبور وأن يكتب لعيها وأن توطأ . رواه الترمذي

جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن منع فرمايو جو قبرون چوني (۽ سيمنٽ) سان بنائجن ۽ انهن تي لکيو وڃي[1] ۽ انهن کي لتاڙيو وڃي. (ترمذي)

(1710) وعن جابر قال : رش قبر النبي صلى الله عليه وسلم وكان الذي رش الماء على قبره بلال بن رباح بقربة بدأ من قبل رأسه حتى انتهى إلى رجليه . رواه البيهقي . في دلائل النبوة

[1]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ ضرورت جي وقت ٻن ٽن کي هڪ قبر ۾ دفن ڪرڻ جائز آهي.

جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبيﷺ جن جي قبر تي پاڻي ڇڙڪاءُ ڪيو ويو ۽ پاڻ سڳورنﷺ جي قبر تي ڇرڪاءُ ڪندڙ بلال بن رباح رضي الله عنه هو جيڪو مشڪ سان سندن سر مبارڪ کان پيرن تائين پاڻي ڇڙڪاءُ ڪندو هو (بيهقي، دلائل النبوت)

(1711) وعن المطلب بن أبي وداعة قال : لما مات عثمان ابن مظعون أخرج بجنازته فدفن أمر النبي صلى الله عليه وسلم رجلا أن يأتيه بحجر فلم يستطع حملها فقام إليه رسول الله صلى الله عليه وسلم وحسر عن ذراعيه . قال المطلب : قال الذي يخبرني عن رسول الله صلى الله عليه وسلم : كأني أنظر إلى بياض ذراعي رسول الله صلى الله عليه وسلم حين حسر عنهما ثم حملها فوضعها عند رأسه وقال : " اعلم بها قبر أخي وأدفن إليه من مات من أهلي " . رواه أبو داود

مطلب بن ابي وداعت بيان ڪري ٿو ته جڏهن عثمان بن مظعون فوت ٿيو ته ان جو جنازو آندو ويو ۽ کين دفن ڪيو ويو. نبيﷺ هڪ شخص کي حڪم ڏنو ته پاڻ سڳورنﷺ وٽ پهڻ کڻي اچي اهو شخص پٿر کڻي نه سگهيو. پوءِ پاڻﷺ اٿيا، پاڻﷺ ٻانهن تائين ڪپڙا مٿي ڪيائون. مطلب چوي ٿو ته رسول اللهﷺ جن جي باري ۾ ٻڌائيندڙ چوي ٿو ته آئون پاڻ سڳورن جي ٻانهن جي سفيديءَ کي ڏسي رهيو هيس جڏهن انهن کان ڪپڙو پري ڪيائون. پٿرکڻي عثمان رضي الله عنه جي قبر وٽ رکيائون ۽ فرمايائون ته مون هي پٿر پنهنجي ڀاءُ جي قبر تي علامر طور رکيو آهي ۽ ان جي ويجهو انهن کي دفن ڪندس جيڪي منهنجي گهراڻي جا فوت ٿين .(ابو داؤد)

(1712) وعن القاسم بن محمد قال : دخلت على عائشة فقلت : يا أماه اكشفي لي عن قبر النبي صلى الله عليه وسلم وصاحبيه فكشفت لي عن ثلاثة قبور لا مشرفة ولا لا طئة مبطوحة ببطحاء العرصة الحمراء . رواه أبو داود

قاسم بن محمد رحمه الله بيان ڪري ٿو ته آئون عائشه رضي الله عنها جي ويجهو ويس. عرض ڪيم ته امان! مون کي نبيﷺ ۽ سندن ٻنهي ساٿين جي قبر ڏيکار عائشه رضي الله عنها پردو کنيو ته ٽي قبرون هيون، نه بلند هيون نه زمين سان مليل هيون انهن تي ننڍيون ننڍيون ڳاڙهيون پٿريون هيون. (ابوداؤد)

(1713) وعن البراء بن عازب قال : خرجنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم في جنازة رجل من الأنصار فانتهينا إلى القبر ولما يلحد بعد فجلس النبي صلى الله عليه وسلم مستقبل القبلة وجلسنا معه . رواه أبو داود والنسائي وابن ماجه وزاد في آخره : كن على رؤوسنا الطير

براءَ ابن عازب رضي الله عنه کان روايت ته اسان رسول اللهﷺ جن سان هڪ انصاري جي جنازي ۾ وياسون. قبر جي ويجهو پهتاسون ته اڃان لحد تيار نه هئي. نبيﷺ منهن مبارڪ قبلي ڏانهن ڪري ويٺا ۽ اسين به ساڻن ويناسون. (ابو داؤد، نسائي، ابن ماجه) ۽ سندس روايت جي آخر ۾ وڌيڪ آهي، ڄڻ ته اسان جي مٿن تي پکي[1] آهن.

[1]_ هن مان معلوم ٿئي ٿو ته آدمي جنهن جاءِ تي فوت ٿئي اتي ڪيس دفن ڪجي.

(1714) وعن عائشة : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " كسر عظم الميت ككسره حيا " . رواه مالك وأبو داود وابن ماجه

**عائشہ ﷞ کان روایت آھي تہ رسول اللهﷺ جن فرمایو تہ میت جي هڏي کي ڀڃڻ ایتروئي گناھ آھي. جیترو جیئري هڏيءَ کي ڀڃڻ گناھ آھي. (مالکؒ ابو داؤدؒ ابن ماجہ)**

## فصل ٽيون

(1715) عن أنس قال : شهدنا بنت رسول الله صلى الله عليه وسلم تدفن ورسول الله صلى الله عليه وسلم جالس على القبر فرأيت عينيه تدمعان فقال : " هل فيكم من أحد لم يقارف الليلة ؟ . فقال أبو طلحة : أنا . قال : فانزل في قبرها فنزل في قبرها " . رواه البخاري

**انس﷛ کان روایت آھي تہ (جڏھن) رسول اللهﷺ جن جي ڌيءُ کي دفن پئي کیو ویو تہ اسین حاضر ھئاسون ۽ پاڻ قبر تي ویٺا ھئا. مون ڏٺو تہ سندن اکین مان ڳوڙھا وھي رھیا ھئا. فرمایائون توھان ۾کیر شخص آھي جیکو گذریل رات پنھنجي عورت سان نہ ملیو ھجي؟ ابو طلحہ ﷛ چیو تہ آئون آھیان. فرمایائون پوءِ تون ان کي قبر ۾ لاھہ. (بخاري)**

(1716) وعن عمرو بن العاص قال لأبنه وهو في سياق الموت : إذا أنا مت فلا تصحبني نائحة ولا نار فإذا دفنتموني فشنوا علي التراب شنا ثم أقيموا حول قبري قدر ما ينحر جزور ويقسم لحمها حتى أستأنس بكم وأعلم ماذا أراجع به رسل ربي . رواه مسلم

**عمرو بن عاص ﷞ جڏھن موت جي ڪنڌيءَ تي ھو تہ پنھنجي پٽ کي چیائین تہ جڏھن آئون فوت ٿي وڃان تہ مون سان روڄ راڙو ڪندڙ عورت ۽ باھہ ساڻ نہ ھلي جڏھن توھان مون کي دفن ڪري چڪو تہ منھنجي قبر تي مٽي وجھو ان کان پوءِ منھنجي قبر تي ایترو وقت بیھجو جیتري عرصي ۾ اٺ ذبح ڪري انجو گوشت ورھایو وڃي، جیئن آئون توھان سان مانوس رھان ۽ معلوم ڪري سگھان تہ پنھنجي پروردگار جي فرشتن کي ڪھڙو جواب ٿو ڏیان. (مسلم)**

(1717) وعن عبد الله بن عمر قال : سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقول : " إذا مات أحدكم فلا تحبسوه وأسرعوا به إلى قبره وليقرأ عند رأسه فاتحة البقرة وعند رجليه بخاتمة البقرة " . رواه البيهقي في شعب الإيمان . وقال : والصحيح أنه موقوف عليه

**عبدالله بن عمر﷞کان روایت ھي تہ مون نبي ڪریم ﷺ جن کي فرمائیندي ٻڌو جڏھن اوھان مان ڪو مري وڃي تہ میت کي روڪي نہ رکو (بلڪ) جلدي ان کي قبر ۾ پھچایو ۽ ان مٿاھینءَ کان سوره بقره جون شروعاتي آیتون ۽ ان جي پیرن جي پاسي کان بقره جون آخري آیتون تلاوت**

ڪجن (بيهقي شعب الايمان) امام بيهقي چوي ٿو تہ صحيح ڳالھ ھيءَ آھي تہ حديث عبدالله بن عمر رضي الله عنه تي موقوف آھي.

فائده:_ حديث جي سند تمام ضعيف آھي يحيٰ بن عبدالله بن ضماڪ راوي ضعيف آھي ۽ ان جو استاد ايوب بن نهيڪ بہ ضعيف آھي بلڪ موقوف بہ سند جي لحاظ سان صحيح نہ آھي ان جي سند ۾ عبدالرحمان بن علاءُ بن لجلاج راويءَ جو حال معلوم نہ آھي (مشڪواة_ علام الباني 1/538)

(1718) وعن ابن أبي مليكة قال : لما توفي عبد الرحمن بن أبي بكر بالحبشي ( موضع قريب من مكة ) وهو موضع فحمل إلى مكة فدفن بها فلما قدمت عائشة أتت قبر عبد الرحمن بن أبي بكر فقالت : وكنا كندماني جذيمة حقبة من الدهر حتى قيل لن يتصدعا فلما تفرقنا كأني ومالكا لطول اجتماع لم نبت ليلة معا ثم قالت : والله لو حضرتك ما دفنت إلا حيث مت ولو شهدتك ما زرتك رواه الترمذي

ابن ابي ملڪ بيان ڪري ٿو تہ عبدالرحمان بن ابوبڪر رضي الله عنهما حبشي (نالي) هنڌ فوت ٿيو. ان کي مڪي آندو ويو ۽ اتي دفن ڪيو ويو. جڏهن عائشہ رضي الله عنها مڪي مڪرم آئي تہ عبدالرحمان بن ابوبڪر رضي الله عنهما جي قبر تي پهتي ۽ هي شعر چيائين (ترجمو) اسين ٻئي ڊگهيءَ مدت تائين جذيمه جي ٻن دوست وانگر رهياسون تانجو چيو ويو تہ آھي ٻئي ڪڏهن بہ جدا نہ ٿيندا. ليڪن جڏهن جدا ٿياسون تہ ائين محسوس ٿيو تہ آئون ۽ مالڪ ڊگهي عرصي تائين هڪ رات بہ گڏ نہ رهيا آهيون ان کان پوءِ عائشہ رضي الله عنها چيو تہ الله جو قسم! جيڪڏهن آئون (تنهنجي فوت ٿيڻ وقت) موجود هجان ها تہ توکي اتي دفن ڪيو وڃي ها جتي وفات پاتي اٿئي ۽ جيڪڏهن آئون (ان وقت ) تو وٽ حاضر هجان ها تہ تنهنجي زيارت لاءِ (هاڻي) نہ اچان ها (ترمذي)

(1719) وعن أبي رافع قال : سل رسول الله صلى الله عليه وسلم سعدا ورش على قبره ماء . رواه ابن ماجه

ابو رافع رضي الله عنه کان روايت آھي تہ رسول الله ﷺ جن سعد بن معاذ کي (متي کان) ڇڪي قبر ۾ لاٿو ۽ ان جي قبر تي پاڻي ڇڙڪاءُ ڪيائون.(ابن ماجه)

فائده:_ سند تمام ضعيف آھي مندل بن علي راوي ضعيف آھي. (مشڪواة_ علام الباني ص 539ج1)

(1720) وعن أبي هريرة : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم صلى على جنازة ثم أتى القبر فحثا عليه من قبل رأسه ثلاثا . رواه ابن ماجه

ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آھي تہ رسول الله ﷺ هڪ ميت جي نماز جنازه ادا ڪئي ان کان پوءِ قبر تي آيا ان جي مٿانهين پاسي کان انجي قبر ۾ مٽيءَ جون ٽي منيون وڌائون. (ابن ماجہ)

(1721) وعن عمرو بن حزم قال : رآني النبي صلى الله عليه وسلم متكئا على قبر فقال : لا تؤذ صاحب هذا القبر أولا تؤذه . رواه أحمد

**عمرو بن حزم ﷛ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن مون کي قبر تي ٽيڪ جي حالت ۾ ڏٺو فرمايائين تہ قبر واري کي تڪليف ۾ نہ وجهہ يا ان کي تڪليف نہ ڏي (احمد)**

**فائده:_ سندہ ابن لهيعہ راوي ضعيف آهي. (مشڪواة_علامہ الباني 1/539)**

# ميت تي روئڻ جو بيان

## پهريون فصل

(1722) عن أنس قال : دخلنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم على أبي سيف القين وكان ظئرا لإبراهيم فأخذ رسول الله صلى الله عليه وسلم إبراهيم فقبله وشمه ثم دخلنا عليه بعد ذلك وإبراهيم يجود بنفسه فجعلت عينا رسول الله صلى الله عليه وسلم تذرفان . فقال له عبد الرحمن بن عوف : وأنت يا رسول الله ؟ فقال : " يا ابن عوف إنها رحمة ثم أتبعها بأخرى فقال : إن العين تدمع والقلب يحزن ولا نقول إلا ما يرضي ربنا وإنا بفراقك يا إبراهيم لمحزونون "

**انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ سان گڏ اسين ابو سيف لوهار وٽ وياسون اهو ابراهيم﷛ کي کيرپاريندڙ عورت جو مڙس هو. رسول اللهﷺ جن ابراهيم﷛ کي هٿ ۾ کنيو ان کي چمي ڏنائين ۽ ان کي پيار ڪيائين ان کان پوءِ اسان وياسون تہ ابراهيم سڪرات جي حالت ۾ هو. رسول اللهﷺ جن جون اکيون ڳوڙها وهائڻ لڳيون. تڏهن عبدالرحمان بن عوف ﷠ عرض ڪيو تہ اي ﷲ جا رسول! اوهين بہ (روئي رهيا آهيون؟) فرمايائون اي عوف جا پٽ! ڳوڙها وهائڻ رحمت آهي پوءِ پاڻ سڳوراﷺ روئڻ لڳا ۽ فرمايائون اکيون روئي رهيون آهن، دل غمگين آهي ليڪن اسين اهوئي چونداسون جنهن سان اسان جو رب راضي رهندو آهي ۽ تحقيق اي ابراهيم﷛ اسين تنهنجي جدائي سبب يقيناً غمگين آهيون. (بخاري مسلم)**

(1723) وعن أسامة بن زيد قال : أرسلت ابنة النبي صلى الله عليه وسلم إليه : أن ابنا لي قبض فأتنا . فأرسل يقرئ السلام ويقول : " إن لله ما أخذ وله ما أعطى وكل عنده بأجل مسمى فلتصبر ولتحتسب " . فأرسلت إليه تقسم عليه ليأتينها فقام ومعه سعد بن عبادة ومعاذ بن جبل وأبي بن كعب وزيد ابن ثابت ورجال فرفع إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم الصبي ونفسه تتقعقع ففاضت عيناه . فقال سعد : يا رسول الله ما هذا ؟ فقال : " هذه رحمة جعلها الله في قلوب عباده . فإنما يرحم الله من عباده الرحماء "

اسامہ بن زيد ﷠ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جي نياڻي (زينت ﷠) پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن پيغام موڪليو تہ منهنجو پٽ فوت ٿي ويو آهي. اوهين اچو. پاڻ سڳورن ﷺ سلام سان پيغام موڪليو ۽ فرمايائون تہ بيشڪ الله جي ئي آهي اها (جان) جيڪا قبض ڪيائين ۽ ان لاءِ ئي آهي اها جيڪا عطا ڪيائين. سمورا معاملا ان وٽ مقرر وقت ۾ آهن تون صبر ڪر ۽ ثواب جي اميد رک. ڌيءَ (وري) پاڻ سڳورن ڏانهن پيغام موڪليو (جنهن ۾) قسم ڏيئي گهر ڪري رهي هئي تہ اوهين ضرور اچو. ان ڪري پاڻ اٿيا. ساڻن گڏ سعد بن عباده، معاذ بن جبل، ابي بن ڪعب، زيد بن ثابت ﷡ ۽ ٻيا اصحابي سڳورا هئا. جڏهن رسول الله ﷺ جن وٽ ٻار پيش ڪيو ويو تہ ان جو ساهہ ان جي جسم مان نڪري رهيو هو. سندس اکيون ڳوڙهن سان پرجي ويون. سعد ﷛ عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ﷺ! هي ڇا آهي؟ (جو اوهين بہ روئي رهيا آهيو!) فرمايائون اها رحمت آهي، الله پنهنجي ٻانهن جي دلين ۾ اها پيري ڇڏي آهي. الله پنهنجي ٻانهن مان ان تي رحم ڪندو آهي جيڪو (ٻين تي) رحم ڪري. (بخاري مسلم)

(1724) وعن عبد الله بن عمر قال : اشتكى سعد بن عبادة شكوى له فأتاه النبي صلى الله عليه وسلم يعوده مع عبد الرحمن بن عوف وسعد بن أبي وقاص وعبد الله بن مسعود فلما دخل عليه وجده في غاشية فقال : ( قد قضى ؟ قالوا : لا يا رسول الله فبكى النبي صلى الله عليه وسلم فلما رأى القوم بكاء النبي صلى الله عليه وسلم بكوا فقال : ألا تسمعون ؟ إن الله لا يعذب بدمع العين ولا بحزن القلب ولكن يعذب بهذا وأشار إلى لسانه أو يرحم وإن الميت لعيذب ببكاء أهله

عبدالله بن عمر ﷠ کان روايت هي تہ سعد بن عباده ﷛ ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيو نبي ﷺ جن عبدالرحمان بن عوف، سعد بن ابي وقاص ۽ عبدالله بن مسعود ﷡ سان گڏ ا جي تيمارداري لاءِ آيا جڏهن سندن ويجهو پهتا تہ ان کي بيهوشي جي حالت ۾ لڌائون فرمايائون (ڇا) هي مري چڪو آهي؟ عرض ڪيائون تہ اي الله جا رسول! تڏهن نبي ﷺ جن رنا. ماڻهن جڏهن نبي ﷺ جن جو روئڻ ڏٺو تہ اهو بہ رنا. فرمايائون ڇا توهين ٻڌو نٿا بيشڪ الله اکن جا ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ دل جي غم سبب عذاب نہ ڪندو آهي؟ ليڪن هن جي ڪري عذاب ڪندو آهي ۽ پنهنجي زبان ڏانهن اشارو ڪيائون يا (ان جي سبب) رحم ڪندو آهي ۽ ميت کي سندن گهر وارن جي روئڻ جي ڪري عذاب ڪيو ويندو آهي. (بخاري مسلم)

(1725) وعن عبد الله بن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ليس منا من ضرب الخدود وشق الجيوب ودعا بدعوى الجاهلية "

عبدالله بن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو اهو اسان مان نہ آهي جيڪو ڳل ڪٽي، گريبان ڦاڙي ۽ جاهليت واريون ڳالهيون ڪري. (بخاري مسلم)

(1726) وعن أبي بردة قال : أغمي على أبي موسى فأقبلت امرأته أم عبد الله تصيح برنة ثم أفاق فقال : ألم تعلمي ؟ وكان يحدثها أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " أنا بريء ممن حلق وصلق وخرق " . ولفظه لمسلم

ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ ابو موسیٰ رضي الله عنه بيهوش ٿيو. ان جي عورت ام عبدالله آئي ۽ پار ڪڍي روئڻ لڳي. ٿوري دير کان پوءِ هوش ۾ آيو. چيائينس تہ ڇا توکي خبير نہ آهي ۽ ان کي حديث بيان ڪري ٻڌايائين تہ رسول الله صلی الله علیه وسلم جن فرمايو آهي آئون ان شخص کان بيزار آهيان جيڪو مصيبت ۾ مٿو ڪوڙائي، رڙيون ڪري ۽ ڪپڙا ڦاڙي (بخاري مسلم) الفاظ مسلم جا آهن.

(1727) وعن أبي مالك الأشعري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أربع في أمتي من أمر الجاهلية لا يتركونهن : الفخر في الأحساب والطعن في الأنساب والاستسقاء بالنجوم والنياحة " . وقال : " النائحة إذا لم تتب قبل موتها تقام يوم القيامة وعليها سربال من قطران ودرع من جرب " . رواه مسلم

ابو مالڪ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلی الله علیه وسلم جن فرمايو منهنجي امت ۾ چار ڳالهيون جاهليت جي ڪمن مان آهن جن کي اها نہ ڇڏيندي: 1_خانداني فخر، 2_ نسب تي طعن ڪرڻ، 3_ ستارن کي بارش جو وسيلو سمجهڻ، 4_ ۽ ميت تي روڄ راڙو ڪرڻ. فرمايائين تہ روڄ راڙو ڪندڙ عورت وفات کان اڳ توبه تائب نہ ٿي تہ قيامت جي ڏينهن ان کي اٿاريو ويندو ۽ ان جي بدن تي خارش جي ڪري گندرف جو لباس پارايو ويندو. (مسلم)

(1728) وعن أنس قال : مر النبي صلى الله عليه وسلم بامرأة تبكي عند قبر فقال : " اتقي الله واصبري " قالت : إليك عني فأنك لم تصب بمصيبتي ولم تعرفه فقيل لها : إنه النبي صلى الله عليه وسلم . فأتت باب النبي صلى الله عليه وسلم فلم تجد عنده بوابين فقالت : لم أعرفك . فقال : " إنما الصبر عند الصدمة الأولى "

انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي صلی الله علیه وسلم جن جو هڪ عورت وٽان گذر ٿيو جيڪا قبر وٽ روئي رهي هئي. پاڻ صلی الله علیه وسلم ان کي فرمايائون تہ الله جو خوف ڪر ۽ صبر ڪر. چوڻ لڳي تہ مون کان پري ٿيءُ! مون جهڙي مصيبت توکي نہ پهتي آهي. پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم کي نہ سڃاتو هئائين. ان کي ٻڌايو ويو تہ پاڻ نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن هئا. اها عورت نبي صلی الله علیه وسلم جن جي دروازي تي پهتي. دروازي تي ڪنهن دربان کي لڌائين(۽ اچي) عرض ڪيائين تہ مون اوهان کي نہ سڃاتو هو (هاڻي صبر ڪريان ٿي) پاڻ صلی الله علیه وسلم فرمايائون تہ صبر اهو آهي جيڪو صدمي جي شروع ۾ ڪيو وڃي. (بخاري مسلم)

(1729) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " لا يموت لمسلم ثلاث من الولد فيلج النار إلا تحلة القسم "

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ڪنهن مسلمان جا ٽي ٻار فوت ٿين (پوءِ صبر ڪري ته دوزخ ۾ نه ويندو، پر جيڪڏهن ويو به ته) قسم پورو ڪرڻ لاءِ دوزخ ۾ داخل ٿيندو([1]) (بخاري مسلم)**

(1730) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم لنسوة من الأنصار : " لا يموت لإحداكن ثلاثة من الولد فتحتسبه إلا دخلت الجنة . فقال امرأة منهن : أو اثنان يا رسول الله ؟ قال : أو اثنان " . رواه مسلم وفي رواية لهما : " ثلاثة لم يبلغوا الحنث "

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن انصاري عورتن کي فرمايو ته توهان مان جنهن جا ٽي ٻار فوت ٿيا ۽ ان صبر کان ڪم ورتو ته جنت ۾ داخل ٿيندي. منجهانئن هڪ عورت دريافت ڪيو ته اي الله جا رسول ۽ ٻه! (مري وڃن ته ان جو ڇا حڪم آهي؟) فرمايائون ته ٻن جو به ( اهوئي هڪ حڪم آهي) فرمايائون ته ٻن جو به (اهوئي هڪ حڪم آهي) (مسلم) ۽بخاري مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي ته اهڙا ٽي ٻار جيڪي بالغ ٿيڻ کان اڳ فوت ٿين.**

(1731) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " يقول الله : ما لعبدي المؤمن عندي جزاء إذا قبضت صفيه من أهل الدنيا ثم احتسبه إلا الجنة " . رواه البخاري

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته: جڏهن پنهنجي مؤمن ٻانهي جي دنيا جي محبوب اهل عيال مان ڪنهن جو روح قبض ڪيان پوءِ اهو صبر ڪري ته ان جي جزا جنت کان سواءِ ڪجهه نه آهي. (بخاري)**

## ٻيو فصل

(1732) عن أبي سعيد الخدري قال : لعن رسول الله صلى الله عليه وسلم النائحة والمستمعة . رواه أبو داود

**ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن روج راڙو ڪندڙ ۽ روج راڙو ٻڌندڙ عورتن تي لعنت ڪئي آهي. (ابوداؤد)**

**فائده:_ سند ۾ محمد،ان جو پيءُ حسن، ان جو پيءُ عقبه آهي ٽيئي راوي ضعيف آهن. (مشڪواة_علامه الباني ص543 ج1)**

(1733) وعن سعد بن أبي وقاص رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " عجب للمؤمن : إن أصابه خير حمد الله وشكر وإن أصابته مصيبة حمد الله وصبر فالمؤمن يؤجر في كل أمره حتى في اللقمة يرفعها إلى في امرأته . رواه البيهقي في شعب الإيمان

[1] _ هن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميت جي قبر تي بلڪل لڪڻ ناجائز آهي نالو هجي يا قرآني آيتون وغيره هجن.

سعد بن ابي وقاص ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مؤمن جي حالت بہ عجيب آهي جو جيڪڏهن ان کي طلائي پهچي (پوءِ) الله جي ساراهہ ۽ شڪر ڪري ۽ جيڪڏهن ان کي ڪا مصيبت پهچي تہ الله جي ساراهہ ۽ صبر ڪري (ٻنهي حالتن ۾ ان لاءِ اجر آهي) پوءِ مؤمن کي هر ڪم ۾ تانجو پنهنجي گهر واريءَ جي منهن ۾ جيڪو گرهہ وجهي ان تي بہ اجر ([1]) ملندو آهي. (بيهقي شعب الايمان)

(1734) وعن أنس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من مؤمن إلا وله بابان : باب يصعد منه علمه وباب ينزل منه رزقه . فإذا مات بكيا عليه فذلك قوله تعالى : ( فما بكت عليهم السماء والأرض )

رواه الترمذي

انس ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ (آسمان ۾) هر مؤمن لاءِ بہ دروازا هوندا آهن (هڪ) دروازو جنهن مان ان جو عمر متي چڙهندو آهي ۽ (ٻيو) دروازو جنهن مان ان جو رزق هيٺ لهندو آهي پوءِ جڏهن مري ويندو آهي تہ ٻئي دروازا ان تي روئيندا آهن. اهائي ڳالهہ الله تعاليٰ جي هن فرمان ۾ آهي (ترجمہ) پوءِ انهن تي آسمان ۽ زمين نہ رني. (ترمذي)

(1735) وعن ابن عباس قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : من كان له فرطان من متي أدخله الله بهما الجنة " . فقالت عائشة : فمن كان له فرط من أمتك ؟ قال : " ومن كان له فرط يا موفقة " . فقالت : فمن لم يكن له فرط من أمتك ؟ قال : " فأنا فرط أمتي لن يصابوا بمثلي " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

ابن عباس ﷠ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ منهنجي امت مان جنهن شخص جا بہ ننڍا ٻار فوت ٿيا الله ان کي ٻنهي جي ڪري جنت ۾ داخل ڪندو عائشہ ﷝ دريافت ڪيو تہ اوهان جي امت مان جنهن جو هڪ ٻار فوت ٿئي؟ جواب ڏنائون: اي عائشہ ﷝ اي خيروبرڪت جي توفيق ڏنل عورت! اهو بہ جنهنجو هڪ ٻار فوت ٿئي. پوءِ عائشہ ﷝ دريافت ڪيو تہ اوهان جي امت مان جنهن جو ڪوبہ ٻار فوت نہ ٿئي تہ؟ فرمايائون: آئون پنهنجي امت مان جنهنجو ڪو ٻار فوت نہ ٿيو آهي تہ انهن جو (پيش رو) رهبر ۽ اڳواڻ آهيان (ترمذي) ۽ چوي ٿو آهيءَ حديث غريب آهي.

فائده:_ سند ۾ راوي عبدالله بن بارق هنفي کي نسائي ضعيف قرار ڏنو آهي. (مشڪواة_علامہ الباني ص544ج1)

(1736) وعن أبي موسى اشعري قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا مات ولد العبد قال الله تعالى لملائكته : قبضتم ولد عبدي ؟ فيقولون : نعم . فيقول : قبضتم ثمرة فؤاده ؟ فيقولون : نعم . فيقول : ماذا قال

[1]_ يعني خاموش وينا هئاسون، صحابہ اهڙي طرح هميشہ حضور ﷺ جن جي سامهون ويهندا هئا.

عبدي ؟ فيقولون : حمدك واسترجع . فيقول الله : ابنوا لعبدي بيتا في الجنة وسموه بيت الحمد " . رواه أحمد والترمذي

**ابو موسىٰ اشعريؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جڏهن ٻانهي جو نينگر مرندو آهي ته الله تعالىٰ فرشتن کي چوندو آهي ته توهان منهنجي ٻانهي جي پٽ جو روح قبض ڪيو؟ عرض ڪندا آهن ته هائو! فرمائيندوآهي ته توهان انجي دل جو ٽڪر کي ماري ڇڏيو! عرض ڪندا آهن: هائو! فرمائيندو: منهنجي ٻانهي ڇا چيو؟ عرض ڪندا آهن ته تنهنجي ساراه بيان ڪيائين ۽ ﴿اناالله وانااليه راجعون﴾ پڙهيائين الله فرمائيندو آهيل منهنجي ٻانهي لاءِ جنت ۾ هڪ گهر ٺاهيو ۽ ان جو نالو بيت الحمد[1] رکو.(احمد_ ترمذي)**

**فائده:_ سند ضعيف آهي. ابو سنان راوي لين الحديث آهي. (الباني مشڪواة ص 544ج1)**

(1737) وعن عبد الله بن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من عزى مصابا فله مثل أجره " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب لا نعرفه مرفوعا إلا من حديث علي بن عاصم الراوي وقال : ورواه بعضهم عن محمد بن سوقة بهذا الإسناد موقوفا

**عبدالله بن مسعود ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو جنهن شخص مصيبت جي ماريل کي صبر ڏياريو ته صبر ڏيارينڌڙ کي مصيبت زده جيترو ثواب ملندو (ترمذي، ابن ماجه) ترمذي چوي ٿو اها حديث غريب آهي. هن کي مرفوع فقط علي بن عاصم راويءَ کان ڄاڻون ٿا ۽ چوي ٿو ته ڪن راوين ان حديث کي محمد بن سوقه کان ساڳئي سند سان موقوف بيان ڪيو آهي.**

**فائده:_ علي بن عاصم راوي ضعيف آهي. (مشڪواة_ علامه الباني ص544ج1)**

(1738) وعن أبي برزة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من عزى ثكلى كسي بردا في الجنة " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب

**ابو برزه ؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ جن فرمايو ته جنهن شخص ان عورت سان تعزيت ڪئي جنهن جو ٻار فوت ٿئي ته ان کي جنت ۾ عزت وارو لباس پارايو ويندو. (ترمذي) ۽ چوي ٿو ته هيءَ حديث غريب آهي.**

---

[1]_ يعني الله تبارڪ وتعالىٰ فرمائي ٿو ........................ يعني توهان سڀ پل صراط تان لنگهندا انهيءَ ڪري فقط اتان لنگهندا باقي ٻيو ڪو عذاب نه ٿيندو.

(739) وعن عبد الله بن جعفر قال : لما جاء نعي جعفر قال النبي صلى الله عليه وسلم : صانعوا لآل جعفر طعاما فقد أتاهم ما يشغلهم )

رواه الترمذي وأبو داود وابن ماجه

**عبدالله بن جعفر ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن جعفر جي موت جي خبر پهتي تره نبيﷺ جن فرمايو آل جعفر لاءِ ماني تيار ڪريو جو اهڙو معاملو پيش آيو اٿن جنهن ڪري ان ڪان مشغول رهيا آهن. ([1]) (ترمذي،ابوداؤد، ابن ماجه)**

## فصل ٽيون

(1740) عن المغيرة بن شعبة قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " من نيح عليه فإنه يعذب بما نيح عليه يوم القيامة "

**مغيره بن شعبہ ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌم تہ جنهن تي پار ڪڍي روڄ راڙو ڪيوويو، قيامت جي ڏينهن ان تي ان روئڻ سبب عذاب ڪيو ويندو([2]) (بخاري مسلم)**

(1741) وعن عمرة بنت عبد الرحمن أنها قالت : سمعت عائشة وذكر لها أن عبد الله بن عمر يقول : إن الميت ليعذب ببكاء الحي عليه تقول : يغفر الله لأبي عبد الرحمن أما إنه لم يكذب ولكنه نسي أو أخطأ إنما مر رسول الله صلى الله عليه وسلم على يهودية يبكي عليها فقال : " إنهم ليبكون عليها وإنها لتعذب في قبرها "

**عمره بنت عبدالرحمان چوي ٿي تہ مون عائشہ ﷺکان ٻڌو ڪين ٻڌايو ويو تہ عبدالله بن عمرﷺ چوي ٿو تہ فوتيءَ کي جيئرن جي روئڻ سبب عذاب ٿيندو آهي. چوڻ لڳي ﷲ عبدالرحمان جي پيءُ تي رحم ڪري. ڪوڙ نہ ڳالهايو اٿس ليڪن ڀل ٿي اٿس يا خطا ڪئي اٿس. حقيقت اها آهي تہ رسول اللهﷺجن هڪ يهودي عورت جي جنازه وٽان گذريا جنهن تي روڄ راڙو ٿي رهيو هو پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ ان تي اهي روئن ٿا ۽ ان کي قبر ۾ عذاب ڪيو پيو وڃي. (بخاري_ مسلم)**

(1742) وعن عبد الله بن أبي مليكة قال : توفيت بنت لعثمان بن عفان بمكة فجئنا لنشهدها وحضرها ابن عمر وابن عباس فإني لجالس بينهما فقال عبد الله بن عمر لعمرو بن عثمان وهو مواجهه : ألا تنهى عن البكاء ؟ فإن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " إن الميت ليعذب ببكاء أهله عليه " . فقال ابن عباس : قد كان عمر يقول

---

[1]_ جو ڪٺي ٿو يعني زال جي وات ۾ لقمو ڏئي ٿو هن نيت سان تہ زال جو حق ادا ڪريان ٿو.

[2]_ بيت الحمد نالو انهيءَ گهر جو هن سبب ڪري رکيو ويو آهي جو ٻانهي مصيبت جي وقت بہ ﷲ تعاليٰ جي واکاڻ ڪئي هئي تنهن ڪري اهونالو پيو آهي.

بعض ذلك . ثم حدث فقال : صدرت مع عمر من مكة حتى إذا كنا بالبيداء فإذا هو بركب تحت ظل سمرة فقال : اذهب فانظر من هؤلاء الركب ؟ فنظرت فإذا هو صهيب . قال : فأخبرته فقال : ادعه فرجعت إلى صهيب فقلت : ارتحل فالحق أمير المؤمنين فلما أن أصيب عمر دخل صهيب يبكي يقول : وا أخاه واصاحباه . فقال عمر : يا صهيب أتبكي علي وقد قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن الميت ليعذب ببعض بكاء أهله عليه ؟ " فقال ابن عباس : فلما مات عمر ذكرت ذلك لعائشة فقالت : يرحم الله عمر لا والله ما حدث رسول الله صلى الله عليه وسلم أن الميت ليعذب ببكاء أهله عليه ولكن : إن الله يزيد الكافر عذابا ببكاء أهله عليه . وقالت عائشة : حسبكم القرآن : ( ولا تزر وازرة وزر أخرى ) قال ابن عباس عند ذلك : والله أضح وأبكي . قال ابن أبي مليكة : فما قال ابن عمر شيئا

**عبدالله بن ابي مليڪؒ جو بيان آهي تہ عثمان بن عفان ﷛جي ڌيءُ مڪي معظمہ ۾ گذاري وئي. اسين ان جي (جنازه) لاءِ آياسون ۽ ابن عمر ۽ عبدالله بن عباس ﷠ بہ ان جي نماز جنازه پڙهڻ آيا. آئون ٻنهي جي وچ ۾ ويٺل هئس. ابن عمر ﷛ عمرو بنعثما ﷛ کي چيو جيڪو سندس آڏو ويٺل هو تہ اوهين عورتن کي نوحہ ڪرڻ کان روڪيو چو نٿا؟ جڏهن تہ رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ ميت کي ان جي اهل و عيال جي روئڻ جي ڪري عذاب ٿيندو آهي؟ ابن عباس ﷛ چيو تہ عمر ﷛ بہ اهائي ڳالهہ چوند هو. ان کان بعد ابن عباس ﷛ بيان ڪيو تہ آئون مڪہ مڪرمہ کان عمر ﷛ سان گڏ (مديني) واپس اچي رهيو هوس. جڏهن بيداء (نال هنڌ) پهتاسون تہ عمر ﷛ قافلہ وارن کي ڏٺو جيڪي ٻبر جي وڻ هيٺيان ترسيل هئا. عمر ﷛ چيو تہ وڃ ڏسي اچ تہ قافلي وارا ڪير آهن؟ مون معلوم ڪيو تہ اتي صهيب ﷛ هو. ابن عباس ﷛ چوي ٿو تہ مون عمر ﷛ کي اچي ٻڌايو تہ چيائين تہ صهيب کي سڏي اچ. مون صهيب ﷛ کي چيو تہ هلي امير المؤمنين سان ملو. پوءِ جڏهن عمر ﷛ (قاتلانہ حملي ۾) زخمي ٿيو تہ صهيب روئي چوڻ لڳو تہ هائي منهنجا ڀاءُ! هائي منهنجا ساٿي! عمر ﷛ سندس اهڙا ٻول ٻڌا، چيائينس تہ ڇا تون اي صهيب! منهنجي مٿان روئي رهيو آهين؟ حالانڪ رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ ميت کي سندس ڪن اهل و عيال جي روئڻ سبب عذاب ڪيو ويندو آهي! ابن عباس ﷛ چوي ٿو تہ جڏهن عمر ﷛ جو انتقال ٿيو تہ مون اها ڳالهہ عائشہ ﷞ کي ٻڌائي. چيائين: ﷲ عمر ﷛ تي رحم[1] ڪري ﷲ جو قسم! رسول الله ﷺ جن ان طرح ڪڏهن بہ بيان نہ ڪيو آهي تہ ميت کي ان جي گهر وارن جي روئڻ جي ڪري عذاب ڏنو ويندو آهي. ليڪن (فرمايو اٿن) تہ ڪافر تي سندس گهروارن جي روج راڙي سبب عذاب سخت ڪيو ويندو آهي. عائشہ ﷞ فرمائي ٿي: اوهان لاءِ قرآن جي هيءَ آيت ڪافي آهي(ترجمہ) ڪو بار ڪڻندڙ ٻئي جو بار نہ ڪڻندو (النجم) ان وقت**

---

[1] ابن ماجہ ۾ آهي تہ عبدالله چيو تہ پوءِ اهو دستور انهيءَ نمونہ سنت رهيو. پوءِ ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ ماڻهن ۾ وڏيڪ هڪ قسم جو نئو فڪر پيدا ٿيو انهيءَ ڪري اسان پوءِ ڪاڏي ڪارائڻ جو رواج ڇڏي ڏنو.

**ابن عباس ﷺ فرمايو ته (ترجمه) الله ئي كلائي ۽ روئاري ٿو[1] (النجم) ابن ابي مليڪ چوي ٿو ته ان کان بعد ابن عمرﷺ ڪجھ به نه چيو (بخاري مسلم)**

(1743) وعن عائشة قالت : لما جاء النبي صلى الله عليه وسلم قتل ابن حارثة وجعفر وابن رواحة جلس يعرف فيه الحزن وأنا أنظر من صائر الباب تعني شق الباب فأتاه رجل فقال : إن نساء جعفر وذكر بكاءهن فأمره أن ينهاهن فذهب ثم أتاه الثانية لم يطعنه فقال : انههن فأتاه الثالثة قال : والله غلبننا يا رسول الله فزعمت أنه قال : " فاحث في أفواههن التراب " . فقلت : أرغم الله أنفك لم تفعل ما أمرك رسول الله صلى الله عليه وسلم ولم تترك رسول الله صلى الله عليه وسلم من العناء

**عائشہ ﷺ کان روايت آهي ته نبيﷺ جنکي جڏهن زيد بن حارثہ جعفر بن ابي طالب ۽ عبدالله بن رواحہ جي (جنگ مؤتہ) ۾ شهيد ٿيڻ جي خبر پهتي ته سندن چهري مبارڪ تي غم جا آثار ظاهر ٿيا. آئون دروازي جي سوراخ مان ڏسي رهيو هيس سندن خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو پاڻ سڳورنﷺ کي ٻڌايائين ته جعفر ﷺ جي (زال ۽ ڀيون) عورتون بلند آواز سان ان تي روئي رهيون آهن. پاڻ ان کي منع ڪيائون ته وڃي انهن کي ان کان باز رک[2] اهو وڃي ويو. واپس اچي وري کين عرض ڪيائين ته سندس چوڻ نٿيون وڃن. پاڻ امر ڪيائونس ته کين وڃي منع ڪر. اهو ٽيهر موٽي پاڻ سڳورنﷺ وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين ته اي الله جا رسول! الله جو قسم! اهي اسان تي غالب آهن. پاڻ سڳورنﷺ کيس حڪم ڪيو ته انهن جي منهن ۾ وڃي مٽي وجهه (عائشہ ﷺ بيان ڪري ٿي) مون چيو ته الله تنهنجو نڪ مٽيءَ سان پري! جنهن ڪم جو الله جي رسول توکي حڪم ڪيو اهو ته تون ڪري نه سگهين ۽ نه تون رسول اللهﷺ کي تنگ ڪرڻ کان باز آئين. (بخاري مسلم)**

---

[1] _ عرب جي ڪافرن ۾ عادت هئي ته مرڻ وقت وصيعت ڪندا هئا ته منهنجي مرڻ کان پوءِ خوب روئجو ۽ پنهنجيون نيڪيون بيان ڪجو تنهن ڪري جن فرمايو ته ميت جي وصيت ڪرڻ سبب روئڻ ڪري ميت کي عذاب ٿيندو يا مطلب هن حديث جو هي آهي ته جنهن خاندان ۾ روئڻ جي عادت هجي ميت کي خبر آهي ته منهنجي مرڻ کان پوءِ ضرور روج راڙو ڪندا ۽ هو انهن کي اهڙي طرح نه روئڻ جي وصيعت ڪرڻ کان اڳ مري وڃي ته چئبو ته ميت جي انهيءَ باري ۾ خاموشي نيم رضامندي آهي انهيءَ ڪري ڪيس پوين جي روئڻ سبب عذاب ٿيندو پر جيڪڏهن هن روئڻ کان حياتي ۾ منع ڪري ڇڏي هوندي ۽ پوءِ به ماڻهن ان تي روئڻ شروع ڪيو ته ان ۾ ميت جو ڪو به قصور نه آهي ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ عادل آهي هڪڙي جو گناهه ٻئي جي مٿي تي ڪيئن وجهندو.

[2] _ هن حديث مان عائشہ ﷺ جي تهذيب ۽ اخلاق معلوم ٿئي ٿو ته مسئلہ مختلف فيہ ۾ ڪهڙن نه خوبي ۽ حسن سان عبدالله بن عمر ﷺ جو ذڪر ڪيو اٿس. هتي فرمائي ٿي ته الله تعاليٰ شل ابو عبدالرحمان کي بخشي ۽ ٻي هنڌ فرمائي ٿي ته شل الله ان تي رحم ڪري وري فرمائي ٿي ته ويچارو ڀلجي ويو آهي. مگر هن زماني جا مناظر باز جڏهن هڪ ٻئي ۾ مختلف فيه مسئلہ جو بيان ڪندا آهن تڏهن ڪيتري قدر نه تهذيب جي خلاف قلم ۽ زبان کان ڪم وٺندا آهن.

(1744) وعن أم سلمة قالت : لما مات أبو سلمة قلت غريب وفي أرض غربة لأبكينه بكاء يتحدث عنه فكنت قد تهيأت للبكاء عليه إذ أقبلت امرأة تريد أن تسعدني فاستقبلها رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال : " أتريدين أن تدخلي الشيطان بيتا أخرجه الله منه ؟ " مرتين وكففت عن البكاء فلم أبك . رواه مسلم

**ام المؤمنين ام سلمہ رضي الله عنها بيان ڪري ٿي تہ جڏهن (منهنجو پهريون مڙس) ابو سلمہ رضي الله عنه وفات ڪري ويو. مون چيو تہ اجنبي انسان هو ۽ غير وطن ۾ فوت ٿيو. آئون ان تي ايترو گهڻو روڄ راڙو ڪنديس جو منهنجي روئڻ جو چرچو ٿيندو. ان ڪري مون پاڻ کي روئڻ لاءِ تيار ڪيو. ان دوران هڪ عورت آئي اها روڄ راڙي ۾ منهنجو ساٿ ڏيڻ جو ارادو ڪري آئي هئي. رسول الله ﷺ ان کي مخاطب ٿي چيو تہ ڇا گهرين ٿي تہ گهر ۾ شيطان کي[1] داخل ڪرين جڏهن تہ الله ان کي ٽڙي ڪڍيو آهي؟ ان طرح بہ دفعا فرمايائون (اهو ٻڌي) آئون بہ روئڻ کان رڪجي ويس (مسلم)**

(1745) وعن النعمان بن بشير قال : أغمي على عبد الله بن رواحة فجعلت أخته عمرة تبكي : واجبلاه واكذا واكذا تعدد عليه فقال حين أفاق : ما قلت شيئا إلا قيل لي : أنت كذلك ؟ زاد في رواية فلما مات لم تبك عليه . رواه البخاري

**نعمان بن بشير رضي الله عنه کان روايت اهي تہ عبدالله بن رواحہ تي بيهوشي طاري ٿي. سندس ڀيڻ عمره رضي الله عنها روئيندي چيو تہ هاءِ اي عبدالله! تون جبل هئين! سردار هئين!! سهارو هئين!!! ان جون چڱايون ياد ڪري روئي رهي هئي. جڏهن هوش ۾ آيو تہ چيائين: تو جيڪي ڪجهہ چيو ان بابت مون کان پڇڻو ٿيو تہ ڇا تون واقعي ان طرح هئين؟ هڪ ٻي روايت ۾ وڌيڪ چيائين تہ (پوءِ) جڏهن عبدالله رضي الله عنه جو انتقال ٿيو تہ ان تي روئڻ کان پاڻ کي روڪيائين.**

(1746) وعن أبي موسى قال : سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول : " ما من ميت يموت فيقوم باكيهم فيقولك : واجبلاه واسيداه ونحو ذلك إلا وكل الله به ملكين يلهزانه ويقولان : أهكذا كنت ؟ " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث غريب حسن

**ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو شخص فوت ٿيندو آهي ۽ ان جي مٿان روئيندي ڪو چوندو آهي تہ هاءِ اوءِ تون تہ جبل هئين! تون تہ سردار هئين! اهڙين وصفن سان ان تي روڄ راڙو ڪندو آهي تہ ان (ميت) تي الله بہ فرشتا مسلط ڪندو آهي جيڪي ان کي ماريندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ڇا تون اهڙو هئين؟ (ترمذي) چوي ٿو تہ اها حديث غريب حسن آهن.**

---

[1] _ يعني ابن عباس عائشہ رضي الله عنها جي مذهب جي تائيد ۾ ٻئي آيت پڙهي ٻڌائي.

(1747) وعن أبي هريرة قال : مات ميت من آل رسول الله صلى الله عليه وسلم فاجتمع النساء يبكين عليه فقام عمر ينهاهن ويطردهن . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " دعهن فإن العين دامعة والقلب مصاب والعهد قريب " . رواه أحمد والنسائي

**ابو هريرهﷺ كان روايت هي تہ آل رسولﷺ مان هڪ شخص فوت ٿي ويو. ان تي روج راڙو ڪرڻ لاءِ ڪي عورتون آيون. ان تي عمر روئڻ كان منع كندي اٿي بيٺو. رسول اللهﷺ جن عمر كي حكم ڏنو اي عمر! ڇڏين ان كري جو اكيون آب وهائينديون ۽ دليون مصيبت جون ماريل هونديون آهن ۽ (فوتيءَ جو) وقت ويجهو هوندو آهي. (احمد_نسائي)**

**فائده:_ سند ۾ سلمه بن ازرق راوي غير معروف آهي. (مشكواة_علامہ الباني ص 548ج1)**

(1748) وعن ابن عباس قال : ماتت زينب بنت رسول الله صلى الله عليه وسلم فبكت النساء فجعل عمر يضربهن بسوطه فأخره رسول الله صلى الله عليه وسلم بيده وقال : " مهلا يا عمر " ثم قال : " إياكن ونعيق الشيطان " ثم قال : " إنه مهما كان من العين ومن القلب فمن الله عز وجل ومن الرحمة وما كان من اليد ومن اللسان فمن الشيطان " . رواه أحمد

**عبدالله بن عباس‌ؓ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن جي نياڻي زينب جو انتقال ٿيو عورتن روئڻ شروع كيو. عمر انهن كي پنهنجي ڦتكي سان مارڻ شروع كيو. رسول اللهﷺ ان كي پنهنجي هٿ سان باز ركيو ۽ فرمايائون تہ اي عمر ركجي وڃ! ان كان پوءِ عورتن كي چيائون تہ توهين پاڻ كي شيطاني آواز كان باز ركو! پڻ فرمايائون تہ اكين ۽ دل جي (غم) سبب جيكو روئڻ ٿيندو آهي. اهو اللہ جي طرفان رحمت جو سبب آهي ۽ جيكو كم هٿ سان ۽ زبان سان ٿئي ٿو، اهو شيطان جي طرفان آهي.([1]) (احمد)**

**فائده:_ سند م علي بن زيد بن جدعان ضعيف آهي (مشكواة علامہ الباني ص548ج1)**

(1749) وعن البخاري تعليقا قال : لما مات الحسن بن الحسن بن علي ضربت امرأته القبة على قبره سنة ثم رفعت فسمعت صائحا يقول : ألا هل وجدوا ما فقدوا ؟ فأجابه آخر : بل يئسوا فانقلبوا

**امام بخاري بغير سند جي روايت بيان كري ٿو تہ حسن بن حسن بن عليؓ فوت ٿيو تہ ان جي گهر واري سندس قبر تي سجو سال خيمو كوڙي ركيو آخر خيمو پٽيائين تہ هڪ اعلان كندڙ كي چوندي ٻڌائين تہ ڇا انهن اها شيءِ حاصل كري ورتي جيكا گم ٿي وئي هين؟ ان كي ٻئي جواب ڏو (نہ!) بلك نا اميد ٿي واپس موٽيا.**

[1]_ هن حديث مان وڏي آواز روئڻ ۽ اوسارڻ جي تمام سختيءَ سان حرمت ثابت ٿئي ٿي ۽ حضور جن جي بلند همت معلوم ٿئي ٿي جوهن سخت تكليف جي واقعہ ۾ بہ امر بالمعروف ترڪ نہ كيائون.

(1750) وعن عمران بن حصين وأبي برزة قالا : خرجنا مع رسول الله صلى الله عليه وسلم في جنازة فرأى قوما قد طرحوا أرديتهم يمشون في قمص فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أبفعل الجاهلية تأخذون ؟ أو بصنيع الجاهلية تشبهون ؟ لقد هممت أن أدعو عليكم دعوة ترجعون في غير صوركم " قال : فأخذوا أرديتهم ولم يعودوا لذلك . رواه ابن ماجه

**عمر ابن حصين ۽ ابي برزه ﷺ کان روايت آهي تہ اسين رسول اللهﷺ جن سان جنازي ۾ نڪتاسون پاڻ سڳورنﷺ ڪن ماڻهن کي ڏٺو تہ (ڏک سبب) پنهنجيون چادرون ( جسم تان) لاهي ڇڏيون اٿن ۽ فقط قميص پائي هلي رهيا آهن ([1]) تنهن تي رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ ڇا جاهليت جي ڪم تي عمل ڪريو ٿا؟ يا جاهليت جي ڪم سان بشابهت ڪريو ٿا؟ تحقيق مون ارادو ڪيو آهي تہ اوهان لاءِ اهڙي بددعا (پٽ) ڪريان جو اوهين پنهنجي گهرن ڏانهن بدليل صورت ۾ موٽو. راوي چيو تہ پوءِ انهن ماڻهن پنهنجون چادرون ڪٽي ورتيون ۽ وري ڀي دفعي اهڙو ڪم نہ ڪيائون. هن کي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي.**

(1751) وعن ابن عمر قال : نهى رسول الله صلى الله عليه وسلم أن تتبع جنازة معها رانة . رواه أحمد وابن ماجه

**ابن عمر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن منع فرمائي تہ جنازي سان گڏ نوحہ (روڄ راڙو) ڪندڙ ڪا عورت هلي(احمد_ ابن ماجہ)**

(1752) وعن أبي هريرة أن رجلا قال له : مات ابن لي فوجدت عليه هل سمعت من خليلك صلوات الله عليه شيئا يطيب بأنفسنا عن موتانا ؟ قال : نعم سمعته صلى الله عليه وسلم قال : " صغارهم دعاميص الجنة يلقى أحدهم أباه فيأخذ بناحية ثوبه فلا يفارقه حتى يدخله الجنة " . رواه مسلم وأحمد واللفظ له

**ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ شخص ان کي ٻڌايو تہ منهنجو پٽ مري ويو ان ڪري مون کي ڏک رسيو آهي. ڇا اوهان پنهنجي خليل ( رسول اللهﷺ ) کان ان بابت ڪجهہ ٻڌو آهي جنهن سان اسان پنهنجي فوتين بابت سڪون ۽ سک جو ساهہ کڻون؟ چيائين تہ هائو! نبي ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو اٿم تہ ننڍا ٻار جنت ۾ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي گهمندا ڦرندا رهندا اهي پنهنجي پيءُ سان ملندا. سندس ڪپڙي کان پڪڙندا ان کان جدا نہ ٿيندا، جيستائين ان کي جنت ۾ داخل نہ ڪرائيندا (مسلم_احمد) الفاظ احمد جا آهن.**

(1753) وعن أبي سعيد قال : جاءت امرأة إلى رسول الله صلى الله عليه وسلم فقالت : يا رسول الله ذهب الرجال بحديثك فاجعل لنا من نفسك يوما نأتيك فيه تعلمنا مما علمك الله . فقال : " اجتمعن في يوم كذا وكذا في مكان

---

**[1]_ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ مصيبت جي وقت روئڻ جون مجلسون ڪرڻ ۽ اوسارڻ اهي شيطاني مجلسون آهن.**

كذا وكذا " فاجتمعن فأتاهن رسول الله صلى الله عليه وسلم فعلمهن مما علمه الله ثم قال : " ما منكن امرأة تقدم بين يديها من ولدها ثلاثة إلا كان لها حجابا ن النار " فقالت امرأة منهن : يا رسول الله أو اثنين ؟ فأعادتها مرتين . ثم قال : " واثنين واثنين واثنين " . رواه البخاري

**ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي تہ هک عورت رسول اللهﷺ جن وٽ آئي عرض ڪيائين تہ اي اللہ جا رسولﷺ! مرد اوهان جون ڳالهيون ٻڌندا رهندا آهن. پوءِ اسان لاءِ بہ هک ڏينهن مقرر ڪيو جيئن اسين اوهان وٽ اچون ۽ جيڪو علم اوهان کي اللہ عطا ڪيو آهي، اهو اسان کي بہ سيکاريو. پاڻ ﷺ ارشاد فرمايائون تہ هن ۽ هن ڏينهن_ هن ۽ هن جاءِ تي گڏ ٿيو سو اهي ڪٺيون ٿيون. انهن وٽ رسول اللهﷺ جن آيا ۽ جيڪو علم اللہ تعاليٰ پاڻ سڳورنﷺ کي عطا ڪيو هو، انهن کي ان مان ڪجهہ سيکاريائون. پوءِ فرمايائون تہ توهان مان جيڪا بہ عورت پنهنجا ٽي ٻار ([1]) اڳتي موڪلي (يعني فوت ٿين تہ صبر ڪري تہ) اهي ان لاءِ دوزخ کان رڪاوٽ ۽ اوٽ ٿيندا. انهن مان هک عورت عرض ڪيو تہ اي اللہ جا رسولﷺ! ٻلا ٻہ؟ ان سوال کي ٻہ دفعا چيائين. پاڻﷺ فرمايائون تہ ۽ ٻہ ٻہ ۽ ٻہ ٻہ (ان حڪم ۾ آهن) (بخاري)**

(1754) وعن معاذ بن جبل قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " ما من مسلمين يتوفى لهما ثلاثة إلا أدخلهما الله الجنة بفضل رحمته إياهما " . فقالوا : يا رسول الله أو اثنان ؟ قال : " أواثنان " . قالوا : أو واحد ؟ قال : " أو واحد " . ثم قال : " والذي نفسي بيده إن السقط ليجر أمه بسرره إلى الجنة إذا احتسبته " . رواه أحمد وروى ابن ماجه من قوله : " والذي نفسي بيده "

**معاذ بن جبل ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ جنهن مسلمان مرد ۽ عورت جا ٽي ٻار فوت ٿين تہ اللہ تعاليٰ انهن تي پنهنجي بي انتها رحمت سبب انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو. عرض ڪيائون تہ ايالله جا رسولﷺ! ٻلا ٻہ؟ فرمايائون: ٻہ ٻہ ( ان حڪم ۾ آهن) عرض ڪيائون تہ ٻلا هڪ؟ فرمايائون: هک بہ. ان کان بعد فرمايائون تہ ان هستيءَ جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي ڪريل ٻار بہ پنهنجي ماءُ کي دن سان جنت م پهچائيندو بشرطيک ان اجر جي نيت سان صبر ڪيو هجي. (احمد) ابن ماجہ والذي نفسي بيده تائين اها حديث بيان ڪئي آهي.**

(1755) وعن عبد الله بن مسعود قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " من قدم ثلاثة من الولد لم يبلغوا الحنث : كانوا له حصنا حصينا من النار " فقال أبو ذر : قدمت اثنين . قال : " واثنين " . قال أبي بن كعب أبو المنذر سيد القراء : قدمت واحد . قال : " وواحد " . رواه الترمذي وابن ماجه وقال الترمذي : هذا حديث غريب

---

[1] _ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڪين مان پاڻي وهائڻ ۽ ارمان ڪرڻ جي اجازت آهي ليڪن آواز سان روئڻ جي منع آهي.

عبدالله بن مسعود ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن ٽي نابالغ ٻار اڳتي موڪليا اهي ان لاءِ دوزخ کان بچاءُ جو مضبوط قلعو ثابت ٿيندا. ابو ذر ﷜ عرض ڪيو تہ مون بہ موڪليا آهن پاڻ ﷺ فرمايائون تہ بہ (ٻہ) ابي بن ڪعب ابو المنذر قارين جي سردار چيو تہ آئون هڪ اڳتي موڪلي چڪو آهيان. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ۽ هڪ بہ (ترمذي، ابن ماجہ) ترمذي چوي ٿو تہ حديث غريب آهي.

(1756) وعن قرة المزني : أن رجلا كان يأتي النبي صلى الله عليه وسلم ومعه ابن له . فقال له النبي صلى الله عليه وسلم : " أتحبه ؟ " فقال : يا رسول الله صلى الله عليه وسلم أحبك الله كما أحبه . ففقده النبي صلى الله عليه وسلم فقال : " ما فعل ابن فلان ؟ " قالوا : يا رسول الله مات . فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " أما تحب ألا تأتي بابا من أبواب الجنة إلا وجدته ينتظرك ؟ " فقال رجل : يا رسول الله له خاصة أم لكلنا ؟ قال : " بل لكلكم " . رواه أحمد

قرة مزني چوي ٿو تہ هڪ شخص رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ساڻس گڏ ان جو پٽ هو. نبي ﷺ ان کان پڇيو ڇا تون ان سا محبت رکين ٿو؟ چيائين تہ اي الله جا رسول ﷺ! الله تعاليٰ توهان سان اهڙي طرح محبت ڪري، جهڙي طرح آئون ان سان محبت رکان ٿو. پوءِ نبي ﷺ ان ڪي نہ ڏٺو. ارشاد دفرمايائون فلاڻي ماڻهوءَ جي پٽ جو ڇا حال آهي؟ عرض ڪيائون تہ فوت ٿي چڪو آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ڇاتوکي اها ڳالهہ پسند نہ آهي تون جنت جي جنهن دروازي مان گهرين، انکي پنهنجي انتظار ۾ لهين؟ پوءِ هڪ شخص عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول! اها ڳالهہ هن لاءِ خاص آهي يا اسان مان هر هڪ لاءِ آهي؟ فرمايائون تہ توهان سيني لاءِ آهي. (احمد)

(1757) وعن علي رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إن السقط ليراغم ربه إذا أدخل أبويه النار فيقال : أيها السقط المراغم ربه أدخل أبويك الجنة فيجرهما بسرره حتى يدخلهما الجنة " . رواه ابن ماجه

علي ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ بيشڪ اڌورو ٻار پنهنجي پالڻهار وٽ جهڳڙو ڪندو، جڏهن سندس والدين کي دوزخ ۾ داخل ڪيو ويندو. پوءِ چيو ويندو تہ اي اڌورا ٻار! جيڪو پنهنجي پالڻهار سان جهڳڙو ڪري رهيو آهي پنهنجي پيءُ ماءُ کي جنت ۾ وٺي وڃ پوءِ انهن ٻنهي کي پنهنجي دن سان ڇڪيندو تانجو انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو (ابن ماجہ)

فائده:_ هن حديث جي سند ۾ سندل بن علي ضعيف راوي آهي. (الباني)

(1758) وعن أبي أمامة عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " يقول الله تبارك وتعالى : ابن آدم إن صبرت واحتسبت عند الصدمة الأولى لم أرض لك ثوابا دون الجنة " . رواه ابن ماجه

ابو امامه ﷺ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن فرمايو ﷲ تبارڪ و تعاليٰ فرمائيندو آهي اي آدم جا اولاد! جيڪڏهن صبر ڪندين[1] ۽ اول صدمي جي وقت اجر جي اميد رکندين، توکي ان جو اجر جنت جي صورت ۾ ملندو. (ابن ماجہ)

(1759) وعن الحسين بن علي عن النبي صلى الله عليه وسلم قال : " ما من مسلم ولا مسلمة يصاب بمصيبة فيذكرها وإن طال عهدها فيحدث لذلك استرجاعا إلا جدد الله تبارك وتعالى له عند ذلك فأعطاه مثل أجرها يوم أصيب بها " . رواه احمد والبيهقي في شعب الإيمان

حسين بن عليؓ کان روايت آهي تہ نبيﷺ جن فرمايو جنهن مسلمان مرد يا عورت کي ڪا مصيبت رسي پوءِ ڪڏهن بہ ان کي ياد اچي خواه ڪيترو بہ ڊگهو زمانو گذري ﴿ انا لله وانا اليه راجعون﴾ پڙهي تہ ان کي ﷲ نئين سر اهڙيءَ طرح اجر ڏيندو جهڙيءَ ريت ان کي اول وقت ثواب ۽ اجر ڏنو هئائين. (احمد_ بيهقي)

فائده:_ هن روايت جي سند ضعيف آهي جو ان ۾ هشام بن ابي هشام مجهول راوي آهي(الباني)

(1760) وعن أبي هريرة رضي الله عنه قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " إذا انقطع شسع أحدكم فليسترجع فإنه من المصائب " . رواه البيهقي في شعب الإيمان

ابو هريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو جڏهن توهان مان ڪنهن جي جتيءَ جي کهي ڇڄي پوي تہ ﴿انا لله وانا اليه راجعون﴾ (جا ڪلما) پڙهي، ڇو تہ جتيءَ جي کهي جو ٽٽڻ بہ مصيبتن مان آهي. (بيهقي شعيب الايمان)

(1761) وعن أم الدرداء قالت : سمعت أبا الدرداء يقول : سمعت أبا القاسم صلى الله عليه وسلم يقول : " إن الله تبارك وتعالى قال : يا عيسى إني باعث من بعدك أمة إذا أصابهم ما يحبون حمدوا الله وإن أصابهم ما يكرهون احتسبوا وصبروا ولا حلم ولا عقل . فقال : يا رب كيف يكون هذا لهم ولا حلم ولا عقل ؟ قال : أعطيهم من حلمي وعلمي " . رواهما البيهقي في شعب الإيمان

ام الدرداءؓ کان روايت آهي تہ مون ابودرداءؓ کان ٻڌو ان چيو تہ مون ابوالقاسمﷺ کان ٻڌو. پاڻﷺ فرمايائون تہ ﷲ تبارڪ و تعاليٰ فرمايو: اي عيسيٰؑ آئون توکان پوءِ هڪ امت کي پيدا ڪرڻ وارو آهيان، جڏهن انهن کي پنهنجي محبوب شيءِ حاصل ٿيندي تہ اهي ﷲ جي

[1] _ يعني انهن سوڳ جي سببان ڪپڙا ڦاڙيا هئا جن جي حضور ﷺ جن منع فرمائي ۽ سوڳ ڪندڙن لاءِ پٽ (بد دعا) ڪرڻ جو ارادو ڪيائون.

ثناءَ ڪندا ۽ جيڪڏهن انهن کي نا پسند شيءِ پهچندي تہ اهي ثواب([1]) جا طلبگار هوندا ۽ صبر ڪندا ([2]) جڏهن تہ انهن ۾ بردباري ۽ عقل ناهي، ([3])عيسيٰ عليه السلام عرض ڪيو تہ اي منهنجا پالڻهار! انهن جي اها ڪيفيت ڪيئن هوندي، جڏهن تہ ان ۾ همت ۽ عقل نہ آهي. الله تعاليٰ فرمايو: آئون انهن کي (پنهنجي طرفان) همت ۽ عقل عطا ڪندس (بيهقي شعب الايمان )

# قبرن جي زيارت ڪرڻ

## فصل پهريون

(1762) عن بريدة قال : قال رسول الله صلى الله عليه وسلم : " نهيتكم عن زيارة القبور فزوروها ونهيتكم عن لحوم الأضاحي فوق ثلاث فأمسكوا ما بدا لكم ونهيتكم عن النبيذ إلا في سقاء فاشربوا في الأسقية كلها ولا تشربوا مسكرا " . رواه مسلم

بريده رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ توهان کي قبرن جي([1][4] زيارت کان منع ڪيو ويو هو (هاڻي) توهان قبرن جي زيارت ڪندا ڪريو ۽ مون توهان کي قربانيءَ([5]) جو گوشت ٽن راتين کان وڌيڪ گڏ ڪرڻ کان منع فرمايو هو (هاڻي)توهان جيتري مدت مناسب سمجهو گڏ ڪريو ۽ مون اوهان کي مشڪ کان سواءِ ٻين ٿانون ۾ نبيذ ناهڻ کان منع ڪيو هو (هاڻي) توهان هر ٿانو ۾ نبيذ ناهي سگهو ٿا البتہ نشہ آور مشروب استعمال نہ ڪريو(مسلم)

(1763) وعن أبي هريرة قال : زار النبي صلى الله عليه وسلم قبر أمه فبكى وأبكى من حوله فقال : " استأذنت ربي في ان أستغفر لها فلم يؤذن لي ن واستأذنته في أن أزور قبرها فأذن لي فزوروا القبور فإنها تذكر الموت " . رواه مسلم

---

[1]_ هن مان معلوم ٿيو تہ 2_ ٻارن جي مرڻ بابت بہ ساڳيو 3_ ٻارن جهڙو حڪم آهي بلڪ هڪ جو بہ اهو ساڳيو حڪم آهي جيئن ٻين روايت ۾ آيو آهي، مگر شرط آهي تہ شرڪ نہ ڪري چا ڪاڻ تہ مشرڪ تي بهشت حرام آهي.

[2]_ پهرين صدمي وقت ﴿اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَا جِعُوۡنَ﴾ چوي، نہ روئجي نہ پٽڪو ڪٽڪو ڪجي ۽ نہ پار ڪيجن انهيءَ جو نالو صبر آهي روئي منهن مٿو پٽي جڏهن ماٺهو ٿڪجي پوندو تڏهن انهيءَ جو نالو نہ صبر آهي ۽ نہ ان صبر جو ڪو ثواب ملندس.

[3]_ حضور صلي الله عليه وسلم جن جا امتي جن جي وفات ياد ڪري ﴿اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَا جِعُوۡنَ﴾ چون تہ ڪين اهو ساڳيو ثواب ملندو جيڪو صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کي جن جي وفات وقت مليو هو هن حديث مان معلوم هي ٿيو تہ گذريل مصيبت کي ياد ڪرڻ درست آهي ۽ جڏهن ياد پوي تڏهن ﴿اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَا جِعُوۡنَ﴾چوڻ گهرجي.

[4]_ يعني ادنيٰ ۾ ادنيٰ تڪليف وقت ﴿اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَا جِعُوۡنَ﴾ چوڻ گهرجي.

[5]_ هن مان سڄي امت مراد نہ آهي بلڪ هن امت جا نيڪ بخت ماڻهو مراد آهن جيڪي تڪليف وقت صبر ڪن انهن کي عقل جي بربادي نہ هوندي.انهيءَ جي معنيٰ هي آهي تہ سخت تڪليف ڪري عقل ۽ بربادي ڇڏي ويندين مگر خدا پاڪ پنهنجي رحم سان وري بردباري ۽ عقل ڪين عطا ڪندو جنهن جي ذريعي صبر ۾ رهڻ اختيار ڪندا.

ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي والده جي قبر جي زيارت ڪئي، پاڻ بہ روئڻ لڳا ۽ پاڻ ﷺ جي چوڌاري جيڪي بہ ماڻهو هئا انهن بہ روئڻ شروع ڪيو، پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ مون پنهنجي پالڻهار کان اجازت طلب ڪئي آهي تہ آئون پنهنجي والده جي لاءِ استغفار ڪريان پر مون کي اجاز نہ ڏني وئي ۽ مون اجازت طلب ڪئي تہ والده جي قبر جي زيارت ڪريان تہ مون کي اجازت ڏني وئي، بس توهان قبرن جي زيارت ڪريو، ان لاءِ تہ قبرن جي زيارت موت جي ياد تازه ڪندي آهي.(مسلم)

(1764) وعن بريدة قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يعلمهم إذا خرجوا إلى المقابر : " السلام عليكم أهل الديار من المؤمنين والمسلمين وإنا إن شاء ا لله بكم للاحقون نسأل الله لنا ولكم العافية " . رواه مسلم

بريده کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن مسلمانن کي سيکاريندا هئا تہ جڏهن اوهين قبرن ڏانهن وڃو، تڏهن چئو تہ اي مومنن مان ۽ مسلمان مان گهر وارو! اوهان تي سلام هجي ۽ تحقيق اسين جيڪڏهن الله تعاليٰ گهريو تہ البت اوهان ۽ اسان لاءِ سگهائي ۽ چڱائي گهرون ٿا. هن کي مسلم روايت ڪيو آهي.

## فصل ٻيو

(1765) عن ابن عباس قال : مر النبي صلى الله عليه وسلم بقبور بالمدينة فأقبل عليهم بوجهه فقال : " السلام عليكم يا أهل القبور يغفر الله لنا ولكم أنتم سلفنا ونحن بالأثر " . رواه الترمذي وقال : هذا حديث حسن غريب

ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن مدينه منوره جي قبرستان جي ويجهو کان گذريا پاڻ انهن جي طرف متوجه ٿيا ۽ پاڻ ﷺ هي ڪلما پڙهيا، قبرن ۾ (دفن) انسانو! توهان تي سلام هجي الله توهان کي ۽ اسان کي معاف فرمائي، توهان اسان کان پهريون (هليا ويا) ۽ اسان توهان جي پنيان پنيان اچڻ وارا آهيون، ترمذيءَ چيو آهي تہ هيءَ حديث غريب آهي.

فائده:_ هيءَ روايت راوي قابوس بن ابي ظبيان جي ڪري ضعيف آهي. (الباني)

## فصل ٽيون

(1761) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم كلما كان ليلتها من رسول الله صلى الله عليه وسلم يخرج من آخر الليل إلى البقيع فيقول : " السلام عليكم دار قوم مؤمنين وأتاكم ما توعدون غدا مؤجلون وإنا إن شاء الله بكم لاحقون اللهم اغفر لأهل بقيع الغرقد " . رواه مسلم

عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ جنهن ڏينهن رسول ﷺ جن جي رات عائشہ رضي الله عنها وٽ هوندي هئي تہ پاڻ رات جي آخري حصي ۾ بقيع(قبرستان) تشريف وٺي ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، اي ايمان وارؤ! السلام عليڪم، توهان کي اهو ملي ويو جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويو هو۽ مڪمل اجر جي لاءِ توهان کي سڀاڻي يعني آخرت جو وقت ڏنو ويو آهي ۽ يقيناً اسان الله جي

**مشيت جي مطابق توهان سان ملڻ وارا آهيون. اي الله بقيع [1] الغرقد(قبرستان وارن) جي مغفرت فرماءِ (مسلم)**

(1767) وعن عائشة رضي الله عنها قالت : كيف أقول يا رسول الله ؟ تعني في زيارة القبور قال : " قولي : السلام على أهل الديار من المؤمنين والمسلمين ويرحم الله المستقدمين منا والمستأخرين وإنا إن شاء الله بكم للاحقون " . رواه مسلم

**عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته ان عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ! قبرن جي زيارت ڪرڻ وقت ڪهڙا ڪلما پڙهان؟ پاڻ ﷺ فرمايائون ته چؤ مؤمنن مسلمانن تي سلام هجي ۽ الله اسان مان پهرين ۽ پنين تي رحم فرمائي ۽ جڏهن الله گهريو اسان به توهان سان گڏ ملڻ وارا آهيون. [2] (مسلم)**

(1768) وعن محمد بن النعمان يرفع الحديث إلى النبي صلى الله عليه وسلم قال : " من زار قبر أبويه أو أحدهما في كل جمعة غفر له وكتب برا " . رواه البيهقي في شعب الإيمان مرسلا

**ممد بن نعمان رحمه الله حديث کي نبي ﷺ جي طرف منسوب ڪندي فرمائي ٿو ته جيڪو شخص به پنهنجي والدين يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قبرجي هر جمعي زيارت ڪندو آهي، ان کي معاف ڪيو ويندو آهي. ۽ ان کي نيڪو ڪار لکيو ويندو آهي (بيهقيءَ شعب الايمان ۾ مرسل بيان ڪيو آهي)**

**فائده:_ هيءَ حديث بناوٽي ۽ موضوع آهي، جيئن مون الاحاديث الضعيفة**

---

[1]_ ابتدا اسلام ۾ ماڻهن بت پرستي ۾ قبر پرستي تازو ڪري ڇڏي هئي، انهيءَ ڪري حضور ﷺ جن قبر جي زيارت ڪرڻ کان به منع ڪئي هئي مبادا وري به شرڪ ۾ گرفتار ٿي پون پوءِ جڏهن ماڻهن جي دلين ۾ اسلام ۽ توحيد جو عقيدو مضبوط ٿي ويو تڏهن قبر جي زيارت جي اجازت ڏيڻ فرمايائون.

[2]_ بلڪ قرآن ۾ هيئن فرمايل آهي ته ماكان للنبي والذين آمنوا ان يستغفروا للمشركين ولو كانوا اولي قربي. (ترجمون) پيغمبر ڪريم ﷺ کي ۽ مسلمانن کي هي لائق نه آهي ته مشرڪن لاءِ بخشش گهرن اگرچه اهي سندن ويجهي قرابت وارا هجن ۽ هن ڳالهه تي سيني مسلمانن جو اتفاق آهي ته حضور جن جا والدين ۽ سندن چاچوابو طالب ڪفر تي گذاري ويا ۽ صحيح حديث ۾ آيل آهي ته ابو طالب کي هلڪي ۾ هلڪو عذاب ٿيندو جيئڻ ته هڪ ٽاڻي جي جتي ڪيس پهرائي ويندي جنهن جي گرمي کان سندس دماغ جوش ۾ اچي ويندو ۽ هڪ اعرابي حضور ﷺ جن کان پڇيو ته منهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟ يعني بهشت ۾ آهي يا دوزخ ۾ آهي. انهيءَ تي جن فرمايو ته تنهنجي پيءُ ۽ منهنجي پيءُ ٻئي دوزخي آهن. معاذ الله ڪفر ۽ شرڪ اهڙي خراب شيءِ آهي جو نبي ڪريم ﷺ جن جي قرابت به ڪجهه ڪم ڪونه ٿي اچي. الله جل جلاله جو قاعدو شرڪ جي نه ڪرڻ جو اهڙو ته زبردست قاعدو آهي جنهن قاعده اندر ننڍا وڏا سڀ برابر آهن. شرڪي گناهه جي ڪنهن کي به معافي ڪانه ملندي.

(1769) وعن ابن مسعود أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال : " كنت نهيتكم عن زيارة القبور فزوروها فإنها تزهد في الدنيا وتذكر الآخرة " . رواه ابن ماجه

**ابن مسعود ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو تہ مون اوهان کي قبرن جي زيارت ڪرڻ کان شرڪ ۾ پوڻ جي خوف سان منع ڪئي هئي. تحقيق قبرن جي زيارت ڪرڻ سان دنيا جو شوق گهٽ ٿئي ٿو ۽ آخرت جي يادگيري اچي ٿي (تنهن ڪري هاڻي پلي زيارت ڪريو) ابن ماجہ)**

(1770) وعن أبي هريرة : أن رسول الله صلى الله عليه وسلم لعن زوارات القبور . رواه أحمد والترمذي وابن ماجه وقال الترمذي هذا حديث حسن صحيح وقال : قد رأى بعض أهل العلم أن هذا كان قبل أن يرخص النبي في زيارة القبور فلما رخص دخل في رخصته الرجال والنساء . وقال بعضهم : إنما كره زيارة القبور للنساء لقلة صبرهن وكثرة جزعهن . تم كلامه

**ابو هريره ﷺ كان روايت آهي تہ جيڪي زالون قبرن جي گهڻي زيارت ڪندڙ آهن، تن تي رسول اللهﷺ جن لعنت ڪئي آهي. هن کي احمد ۽ ترمذي ۽ ابن ماجہ روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي چيو آهي تہ هيءَ حديث صحيح آهي. ڪن اهل علم وارن جي هن باري ۾ هي راءِ آهي تہ نبي ڪريمﷺ جن قبرن جي زيارت ڪرڻجو حڪم ڏنو هو تنهن کان اڳ هي لعنت وارو حڪم هو، پوءِ جڏهن نبي ڪريمﷺ جن قبرن جي زيارت ڪرڻ جي موڪل ڏني تڏهن انهيءَ موڪل واري حڪم ۾ مرد ۽ عورت ٻئي داخل ٿيا ۽ ڪن عالمن چيو آهي تہ حضورﷺ جن عورتن جي قبرن جي زيارت ڪرڻ کي ناپسند ڪيو آهي. ڇو تہ اهي گهٽ صبر ڪندڙ آهن ۽ بي صبري ۽ هاءِ گهوڙا ڪندڙ آهن. ترمذي جو ڪلام پورو ٿيو.**

(1771) وعن عائشة قالت : كنت أدخل بيتي الذي فيه رسول الله صلى الله عليه وسلم وإني واضع ثوبي وأقول : إنما هو زوجي وأبي فلما دفن عمر رضي الله عنه معهم فوالله ما دخلته إلا وأنا مشدودة علي ثيابي حياء من عمر . رواه أحمد

**بي بي عائشہؓ كان روايت آهي تہ تحقيق آئون پنهنجي گهر ۾ پردي وارن ڪپڙن کان سواءِ (زيارت لاءِ) داخل ٿيندي هيس ( دل ۾ ) ڄاڻندي هيس[1] تہ انهيءَ ۾ رسول اللهﷺ منهنجو خاوند ۽ منهنجو پيءُ ابوبڪر دفن ڪيل آهن. (تنهن ڪري پردي جي ضرورت ڪونهي،پوءِ جڏهن عمر انهن سان گڏ دفن ڪيو ويو تڏهن خدا تعاليٰ جو قسم آهي تہ ان جي اجنبي( ڌاريو ۽ نامحرم ) هجڻ سبب ان جي حياءَ کان پاڻ تي پردي وارو ڪپڙو ڍڪڻ کان سواءِ داخل نہ ٿيندي هيس. (احمد)**

**ڇهريون جلد پورو ٿيو، الحمدلله ثم الحمدلله**

[1] _ بقيع غرقد مدينہ جو قبرستان جو نالو آهي هي حضورﷺ جن جي دعا انهن لاءِ آهي جيڪي مدينہ ۾ مرن ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿين.

خادم العلم_ امام الدين جوڻيجو.

( جلد پهريون )